# فلسفي جون راحتون

ليکڪ:
وِل ڊيورانٽ

سنڌيڪار:
آغا سليم



سنڌي ادبي بورڊ

# فلسفي جون راحتون

ليکڪ:
**ول ڊيورانٽ**

سنڌيڪار:
**آغا سليم**

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

**سنڌي ادبي بورڊ**

**ڄام شورو، سنڌ**

**2016ع**

ڪتاب جا سمورا حق واسطا سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو وٽ محفوظ آهن

ڇاپو پهريون | جون 2016ع | تعداد هڪ هزار

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

هيءُ ڪتاب بورڊ طرفان تيار ڪيل اشاعتي رٿا موجب سنڌ حڪومت جي ساليانې ترقياتي پروگرام تحت خصوصي طور شايع ڪيو پيو وڃي. ڪتاب جي اشاعت لاءِ مالي وسيلا سنڌ حڪومت طرفان مالي سال 2015-2016ع جي بجيٽ مان فراهم ڪيا ويا.

قيمت: پنج سؤ رپيا

(Price, Rs: 500-00)

ISBN 978-969-406-050-7

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب الهڏنو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، پيڪاڪ پرنٽرز ڪراچيءَ مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

هيءُ ڪتاب ”فلسفي جون راحتون“ يورپ جي معروف ليکڪ وِل ڊيورانٽ (Will Durant) جي جڳ مشهور ڪتاب (Pleasures of Philosophy) جو سنڌي ترجمو آهي، جنهن جو سنڌيڪار آغا سليم آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي هِن عظيم سنڌيڪار پرڏيهي ادب جي معياري لکڻي کي انتهائي سهڻي انداز ۾ سنڌي لفظن جو ويس پهرائي سنڌي ادب ۾ ترجمي جي اهميت ۾ اضافو ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌي ادب ۾ فلسفي جي اهميت کي پڻ اجاگر ڪيو آهي. ترجمو ڪرڻ وارا تخليقڪار پنهنجي مشاهدي مان چون ٿا، تہ ترجمي ڪرڻ جو عمل ٻيهر تخليق ڪرڻ برابر آهي، تنهنڪري مترجم کي ٻي ٻولي جي فطرت، مزاج ۽ اُن جي ادبي سياءَ جي واقفيت هئڻ گهرجي. اِهي سڀ خوبيون هن ڪتاب ۾ موجود آهن.

سنڌي ادبي بورڊ شروع کان ئي ادب، تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت تي اعليٰ درجي جا معياري ڪتاب شايع ڪندو رهيو آهي ۽ ان کان علاوه پرڏيهي ادب جي ڪيترن ئي معياري ڪتابن جا سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجما ڪرائي ۽ انهن اهم ۽ معلوماتي ڪتابن کي شايع ڪري بورڊ پاڻ ملهايو آهي.

بورڊ طرفان عالمي سطح جي هن اهم ڪتاب ڪي آئون پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڪري سُرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ آئون جناب مخدوم جميل الزمان صاحب چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جو تهدل سان شڪر گذار آهيان، جنهن پنهنجي مفيد مشورن سان منهنجي رهنمائي ڪري اشاعتي مرحلي ڪي آسان ڪيو.

اميد آهي ته، اسان جي هن ڪاوش ڪي ادب جي ساڃاهه وندن وٽ ساراهيو ويندو.

۱۷- رمضان المبارڪ ۱۴۳۷هه
23- جون 2016ع

**الهڏتو وگهيو**
سيڪريٽري

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| باب پهريون | فلاسفيءَ جو سحر | 9 |
| باب ٻيو | منطق ۽ علمن جي فلاسافي | 31 |
| باب ٽيون | مادو، زندگي ۽ ذهن | 60 |
| باب چوٿون | ڇا انسان مشين آهي؟ | 90 |
| باب پنجون | اسان جا بدلجندڙ اخلاقي معيار | 116 |
| باب ڇهون | اخلاق ۽ بداخلاقي | 139 |
| باب ستون | اسان عشق ڇو ٿا ڪيون | 157 |
| باب اٺون | مرد ۽ عورت | 176 |
| باب نائون | اڄوڪي دور جي عورت | 200 |
| باب ڏهون | شاديءَ جو ٽُنٽڙ | 219 |
| باب يارهون | ٻارن بابت هڪ اعتراف | 243 |
| باب ٻارهون | شخصيتن جي نئين سر تعمير | 266 |
| باب تيرهون | حسن ڇا آهي | 295 |
| باب چوڏهون | تاريخ جي فلاسافي | 319 |
| باب پندرهون | ڇا ترقي سراب آهي | 372 |

| | | |
|---|---|---|
| باب سورهون | تهذيب جي تقدير................................ | 399 |
| باب سترهون | سياست جو فلسفو................................ | 424 |
| باب ارڙهون | ڇا جمهوريت ناڪام ٿي آهي............ | 443 |
| باب اڻويهون | رئيسيت................................................ | 464 |
| باب ويهون | اسان ڌرتيءَ تي جنت ڪيئن ٺاهي.... | 486 |
| باب ايڪويهون | مذهب جو وجود ۾ اچڻ..................... | 507 |

# فلسفي جون راحتون

## باب پهريون

# فلاسفيءَ جو سحر

**شروعات:**

اڄ جي دور ۾ اسان کي فلاسفيءَ سان پيار ڪونهي، ان جا سبب ڪهڙا آهن؟ سائنسون فلاسفيءَ جو اولاد آهن، ان اولاد کيس ورثي، سندس جي جائداد کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري پاڻ ۾ ورهائي، اصل مالڪياڻيءَ کي گهر نيڪالي ڏيئي ڇڏي آهي. اها ليئر واري احسان فراموشي ۽ بيرحمي آهي. ڪو زمانو هو جو عظيم شخصيتون هن لاءِ جان ڏيڻ لاءِ تيار هونديون هيون. سقراط دشمنن کان بچي وڃڻ جي بدران هن لاءِ جان ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويو. افلاطون هن جي رياست قائم ڪرڻ لاءِ ٻه دفعا پنهنجي جان جوکي ۾ وڌي. مارڪس آرليئس تخت ۽ تاج کان وڌيڪ هن سان پيار ڪيو. بريونو هن سان وفاداريءَ جي ڏوهه ۾ باهه ۾ ساڙيو ويو. ڪنهن زماني ۾ گرجا ۽ حڪومتون هن کان ڊڄنديون هيون ۽ هن جي پوئلڳن کي جيلن ۾ وجهنديون هيون. جو ڪين ڊپ هوندو هو ته هُنن جي ڪري سندن حڪومتون ختم نه ٿي وڃن. ايٿنز جي حڪومت پروٽاگورس کي نيڪالي ڏني ۽ اسڪندريا هائيپاٽيئا کان ڪنبندو هو. روم جي هڪ وڏي پادريءَ وڏي نيازمنديءَ سان ايراسمس ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايو هو. بادشاهن والٽيئر کي پنهنجن ملڪن کان نيڪالي ڏني ۽ جڏهن مهذب دنيا هن جي قلم جي طاقت آڏو ڪنڌ نوايو تڏهن هو ساڙ ۾ سڙي ويا. ڊائيونيسيئس ۽ سندس پٽ، افلاطون کي سائيرا ڪيوز جي حڪومت جي آڇ ڪئي هئي ۽ سڪندر جي مدد سان ارسطو دنيا جو ڏاهو تسليم ٿيو هو. انگلستان جي هڪ عالم بادشاهه، فرانسس بيڪن کي، ذري گهٽ انگلستان جي قيادت عطا ڪئي ۽ هن کي سندس دشمنن کان بچايو. فريڊرڪ جا جڏهن سارا وڏا جرنيل سمهي پوندا هئا

تڏهن هو فلاسفرن ۽ شاعرن سان علم ۽ ادب جون محفلون ڪندو ۽ هنن جي لامحدود ۽ غيرفاني دنيائن سان ريس ڪندو هو.

اهي فلاسافيءَ جا شاندار ڏينهن هئا جو اُن وڏي دليريءَ سان سيني علمن کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪيو هو ۽ ذهن جي ترقيءَ جي هر مرحلي تي پاڻ کي اڳيان آندو هو. ماڻهو سندس عزت ڪندا هئا. ان زماني ۾ سچ سان محبت ڪن وڏيڪ ڪا بہ شيءِ احترام لائق نہ سمجهي ويندي هئي. سڪندر ڊائيوجينس کي پاڻ کان ٻئي نمبر تي وڏو ماڻهو تسليم ڪيو هو. هو جڏهن سندس سامهون اچي بيٺو تہ ڊائيوجينس کيس هڪ پاسي تي بيهڻ لاءِ چيو جو سڪندر سج جي آڏو بيٺو هو ۽ هن ڏانهن اُس ڪانہ ٿي آئي. وڏا وڏا سياستدان، مفڪر ۽ فنڪار خوشيءَ مان اسپيسئا جو ڪلام ٻڌندا هئا ۽ ڏهہ هزار شاگرد پري پري کان ڪهي پئيرس ايبي لارڊ جا شاگرد ٿيندا هئا، فلاسافي تڏهن اهڙي بزدل ڪنواري پوڙهيءَ جهڙي نہ هئي. جيڪا دنيا جي ڏاڍائين کان ڊڄي پاڻ کي اونداهي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏي. هن جون روشن اکيون ڏينهن جي روشنيءَ کان نٿي ڊنيون. هوءَ خطرن ۾ زندهہ هئي ۽ اڻ ڏٺل سمنڊن جا ڏورانهان سفر ڪندي هئي. هن جي بادشاهن جي درٻارن تائين پهچ هئي ۽ هن پنهنجو پاڻ کي انهن حدن ۾ قيد نہ ڪيو هو جن ۾ هوءَ اڄ قيد آهي. ان وقت هو هڪ رنگين روشني هئي جيڪا سڀ کان وڌيڪ حساس روحن کي حرارت ۽ نور سان پري ڇڏيندي هئي پر اڄ هوءَ تدريسي علمن تائين محدود ٿي وئي آهي. ڪڏهن هوءَ عقل جي دنيا جي مغرور ملڪہ هئي ۽ اعليٰ انسان، دل و جان سان هن جي خدمت ڪندا هئا پر اڄ هوءَ پنهنجي حسن ۽ طاقت کان محروم ناداريءَ جي حالت ۾ وچ دڳ تي بيٺي آهي ۽ نادار مان نادار ماڻهو بہ کيس عزت لائق نٿو سمجهي.

هن دور ۾ فلاسافيءَ سان انڪري محبت نٿي ڪئي وڃي جو هن ۾ هاڻي بي ڊپائي ۽ جرائت ڪانہ رهي آهي، سائنس اوچتو حملو ڪري هن کان سڀ ملڪ کسي ورتا آهن. ڪائنات جو علم هاڻي رڳو سيارن ۽ ڌرتيءَ جو علم ٿي پيو آهي فطرت جي

فلاسافي هاڻي حياتيات ۽ طبعيات جي علم تائين محدود آهي. ذهن جي فلاسافي هاڻي نفيسات آهي. سڀ اهم علم هن جي دائري مان نڪري ويا آهن. اها هاڻي مادي جي نوعيت، قوت ۽ ان جي اوسر جي اسرارن تي غور نٿي ڪري. ارادي جي آزاديءَ لاءِ هن دليلن جون سوين جنگيون ڪيون. هاڻي اها جديد دور جي مشينن هيٺان چيپاتجي وئي آهي. سياست، جنهن جا مسئلا ڪڏهن فلاسافي جا مسئلا هئا، هاڻي ڪم ظرف روحن جي شڪارگاهه آهي ۽ هاڻي هن ڪي فلاسافيءَ جي رهنمائيءَ جي ضرورت ڪانهي. هن جي سلطنت ۾ هاڻي رڳو ويران علائقا آهن. ما بعدالطبعيات جا بيجان مسئلا، فلاسافيءَ جون ٻاراڻيون ڳجهارتون ۽ اخلاقيات جا اجايا بحث، جن جو روزاني انساني زندگيءَ تي ذري جيترو اثر به ڪونهي. اهي ويران علائقا به هن کان کسجي ويندا. نيون سائنسون ايجادون ايندیون ۽ پنهنجن تور تڪ جي نون اوزارن سان انهن علائقن ۾ داخل ٿينديون ۽ پوءِ شايد ته دنيا کان وسري ويندو ته فلاسافيءَ جو به ڪو وجود هو، جنهن دلين ۾ جوش جاڳايو هو ۽ سڌي راهه ڏيکاري هئي.

## علم ۽ فلاسافيءَ جا ماهر:

گذريل ٻن سؤ سالن ۾ جنهن نموني سان فلاسفرن، فلاسافي لکي آهي ان لاءِ فلاسفيءَ جي بي حرمتي ۽ گمنامي سياويڪ هئي، بيڪن ۽ اسپينوزا جي مرڻ کان پوءِ فلاسفيءَ جي ڪهڙي حيثيت رهي آهي. اها گهٽي ياڳي علم جي مذهب تي بدل آهي. ان جي حيثيت ٻاهرين دنيا جي وجود جي باري ۾ هڪ صوفياڻي ۽ سمجهه کان متاهين واري دليل بازيءَ ڪانسواءِ ڪجهه به نه آهي اها ذهانت جنهن جي ڪري فلاسافر بادشاهه تي سگهندا هئا، دليل بازيءَ ۾ منجهي پئي آهي ته چا سمورا سمنڊ ۽ ٻيا انسان ان وقت به موجود آهن جنهن وقت اهي ڏسڻ ۾ نٿا اچن. دليل بازيءَ جي اها راند گذريل اڍائي سو سالن کان هلندي تي اچي جنهن سال نه فلاسافيءَ کي ۽ نه زندگيءَ کي فائدو ٿيو آهي، البت

پبلشرن کي فائدو ٿيو آهي. اهڙي صورتحال جي گهڻي ياڳي ذميوار ڊي ڪارٽ جي هيءَ سادي ۽ معصوم ڳالهہ آهي: تہ مان سوچيان ٿو، انڪري مان موجود آهيان. ڊي ڪارٽ جي مرضي هئي تہ هو پنهنجي فلاسافيءَ جي شروعات گهٽ کان گهٽ مفروضن سان ڪري. هن باقاعدي شڪ جي طريقي سان سيني تصورن، ايستائين جو ظاهري حقيقتن تي بہ، شڪ جي نظر وڌي ۽ رڳو ان هڪ ڳالهہ جي بنياد تي هڪ لاڳاپيل فلاسافيءَ جو نظام قائم ڪيو. ان نموني سوچ تي وجود جو بنياد رکڻ نهايت خطرناڪ قدم هو. سياڻ ماڻهو پڪ اهو نتيجو ڪيندا تہ ان بنياد تي قائم ڪيل وجود تي رڳو ڪن تورن ماڻهن جو حق آهي ۽ هر شيءِ تي شڪ ڪرڻ وارا ماڻهو ان بنياد تي هڪ پوري صنف يعني عورت کي (جنهن کي وينگر روح کان محروم ڪيو هو)، وجود جي حقيقت کان بہ محروم ڪري ڇڏيندا.

ان سان فلاسافيءَ کي تمام گهڻو نقصان رسيو. چاڪاڻ تہ هڪ ماڻهوءَ جي سوچي سگهڻ جي صلاحيت تي دنيا جي حقيقت جو بنياد رکڻ سان ايترا تہ مونجهارا پيدا ٿيا جو فلاسفرن جا ڏهہ نسل انهن مونجهارن کان پاڻ آجو ڪري نہ سگهيا. ڊي ڪارٽ جي انا يا خودي هڪ روحاني حقيقت يا غير مادي روح سمجهي ٿي وئي، جڏهن تہ هڪ مادِي وجود ٻئي مادِي وجود سان تعلق جي ڪري چرپر ڪري سگهي ٿو. پر هڪ غير مادي روح دماغ جي مادي جزن تي ڪيئن اثر ڪري سگهي ٿو. ان هڪ مسئلي جي ڪري ماديت، تصور پرستي: نفسياتي متوازيت جا فلسفا پيدا ٿيا. متوازيت وارن چيو ٿي، تہ جيڪڏهن ذهن ۽ دماغ هڪ ٻئي کان ايتريقدر مختلف آهن جو انهن مان ڪو هڪ ٻئي تي اثر ڪري نٿو سگهي تہ پوءِ اهي ٻئي هڪ ٻئي تي اثر ڪرڻ کان سواءِ معجزاتي طور هڪ ٻئي جا متوازي آهن. ماده پرستن جو چوڻ هو تہ جيئن تہ ذهن، جسم تي اثر ڪري ٿو ان ڪري اهو جسم مان ئي جڙيل هوندو. تصور پرستن ٿي چيو، تہ چاڪاڻ تہ اصل حقيقت جيڪا ظاهري آهي ۽ جنهن جي هجڻ جي اسان کي پڪ هوندي آهي اها

حقيقت ڏي ڪارٽ جي سوچ واري حقيقت آهي. ان ڪانسواءِ ٻيون سڀ شيون تڏهن حقيقت ٿيون ٿين، جڏهن اسان انهن ڪي حواسن جي معرفت محسوس تا ڪيون ۽ اسان جا ذهن انهن ڪي سندن شڪل تا ڏين. انڪري مادو رڳو خيالن ۽ مشاهدن جو مجموعو آهي. اهڙيءَ طرح مزي واري جنگ شروع ٿي وئي، هاڻي اها جنگ تہ موجود آهي پر ان مان مزو ختم ٿي ويو آهي. ڪٿي ڪٿي فلاسافي جي علم جو اهڙو ماهر بہ نظر اچي ٿو جنهن جي منهن تي مُرڪ آهي، جيئن بريڊلي ۽ وليئم جيمس. ڪڏهن ڪڏهن ڊيوڊ هيوم جهڙو ڪو مفڪر بہ پيدا ٿيندو آهي جنهن کي خبر هوندي آهي تہ هن جي فلاسافي رڳو راند آهي، جنهن کي هو شاطراڻي انداز سان کيڏي ٿو. پر هن ڪانسواءِ ٻيا سڀ سنجيدگيءَ ۾ ورتل هوندا آهن. جان لاڪ کان وٺي روڊولف آؤڪن تائين سيني جا منهن سنجيدا آهن ۽ هر نئين نسل سان سندن سنجيدگي وڌندي ٿي وڃي ۽ اداسيءَ ۾ اضافو ٿيندو ٿو وڃي تہ جيئن هو پنهنجي اداس فلاسافيءَ جو ڀرم رکي سگهن، پادري برڪلي اعلان ڪيو تہ ڪنهن بہ اهڙيءَ شيءِ جو وجود ڪونهي جيڪا انسان يا خدا جي مشاهدي ۾ نٿي اچي. اسان کي خبر آهي تہ پادري برڪلي جي منهن تي ڪڏهن بہ مرڪ نہ آئي، جڏهن تہ آئرلينڊ جي اهڙي ذهين فرزند کان اهڙي سنجيدگيءَ جي اميد ڪري نٿي سگهجي.

هاڻي اها ڳالهہ ثابت ٿي چڪي آهي تہ ڪنهن بہ ذهن لاءِ رڳو اهي شيون حقيقت آهن، جن جو هو مشاهدو ٿو ڪري، انهن ڪانسواءِ ٻين شين جي ڪا حقيقت ڪانهي. ان بيان ۾ زمين آسمان جو فرق آهي تہ جيڪا شيءِ مشاهدي ۾ نٿي اچي ان جو ڪو وجود ڪونهي. برڪلي معاملي کي منجهائي ڇڏيو هو. اهڙو مونجهارو انهن فلاسفرن لاءِ ضروري هو جيڪي موليسچاٽ ۽ بيچنر جي کهري ۽ بي حس ماديت کان هيسيل هئا. برڪلي جي ڪوشش شاندار هئي جو هن چالاڪيءَ واري هڪ ئي ڌڪ سان ثابت ڪيو، تہ ماديِ جو ڪو وجود ڪونهي ۽ اهڙيءَ طرح ماديت کان نجات حاصل ڪيائين. اها منطق جي وڏي فتح هئي. ان ۾ فلاسافيءَ جي

شاگردن لاءِ اهو سبق آهي تہ هو ڪنهن بہ فلاسافيءَ تي ٻئي اکيون کولي نظر وجهن جو اها ڪوشش ڏوکي واري هئي ۽ هڪ پادريءَ کي اهڙي چڱائي واري ڏوکي کان پاسو ڪرڻ گهريو هو. اناطول فرانس چيو آهي تہ انسان ۽ حيوان ۾ ڪوڙ ۽ ادب، فرق پيدا ڪندو آهي. هاڻي سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ تصور پرستيءَ جي اهڙي فلاسافي ڪهڙيءَ حد تائين ادب جي دائري ۾ اچي سگهي ٿي؟

ان جي معنيٰ اها نہ آهي تہ فلاسفيءَ جي علم جا مسئلا ڪونهن. فلاسافيءَ جي علم جا سچ پچ تہ گهڻا مسئلا آهن جن جي اسان کي خبر پوندي، پر اهي ڳجهارتون تہ شهد ۽ مشهود جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي. اهو طريقو جنهن سان ڄاڻڻ و رو ڄاڻ ۾ اچڻ واري شيءِ جي ڄاڻ حاصل ڪري ٿو. ڄاڻ جا موضوعي ۽ معروضي جزا ڪهڙا آهن. زمان ۽ مڪان جي معروضيت ۽ جيڪي خاصيتون يا وصفون اسان ڪنهن شيءِ ڏانهن منسوب ڪيون ٿا اهي ڪيتري حد تائين ان شيءِ ۾ يا ان شيءِ جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ واري جي ذهن جون آهن. اهي پنهنجي تفصيل ۾ نفسيات جا مسئلا آهن. وَر وَر مشاهدي ۽ تجربي جون ڳالهيون آهن. هي مسئلا ٻڪل ڳائي گوشت جي ڪيميائي تجزيي وانگر، فلاسفيءَ جا مسئلا نہ آهن. جي اهي فلاسافيءَ جا مسئلا آهن تہ پوءِ دنيا جا سڀ مسئلا فلاسافيءَ جا آهن. اهو هڪ افسوسناڪ حادثو آهي تہ جديد سوچ ۽ فڪر جي عظيم ڊرامي ۾ هڪ ايڪٽر زوري سيئي پارٽ ڪسي پاڻ تو ادا ڪري ۽ سيئي ڊائلاگ پاڻ تو ڳالهائي.

## دين جا عالم:

فلاسافيءَ جي باري ۾ ائين سوچڻ بہ غلط آهي تہ فلاسافيءَ جو ڪم سائنس جي طريقن تي تنقيد ڪرڻ آهي. اهڙي سوچ جو سبب عقل کان وڌيڪ خواهش آهي. پروفيسر جڏهن مادي جي وجود کي دليلن سان رد ڪري نہ سگهيا تڏهن هنن ارادو ڪيو تہ هو سائنس لاءِ بہ ثابت ڪن تہ ان تي اعتبار ڪري نٿو سگهجي. ماخ پيئرسن ۽ پوائن ڪاري اها ڳالهہ مڃي هئي تہ سائنسي نتيجا

قدرت جي طريقن جو مختصر بيان آهن ۽ قدرت جو پوريءَ طرح مشاهدو ڪڏهن بہ تي نتو سگهي. هنن تہ پنهنجي پر ۾ سائنس جي باري ۾ انڪساري ڏيکاري هئي پر هنن جي ان انڪساريءَ ڪي مذهبي عالمن ڪنيو ۽ ان مان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ عقل تي اعتبار ڪري نتو سگهجي. سائنسي نتيجا آخري نہ آهن پر امڪانن تي ٻڌل آهن. انڪري ضروري آهي تہ اسان جي ٻالپڻ وارن عقيدن کي ميوزم مان ڪڍي انهن کي نئون لباس پارائي، منجهائيندڙ اکرن ۽ جملن سان سينگاري، نئين نسل تي وڪٽجن ۽ وڪٽڻ مهل ڪين سمجهائجي تہ گهڻو وقت گذرڻ ڪري اڏوهيءَ انهن کي تورو نقصان رسايو آهي. پوءِ تہ چئني طرفن کان بزرگ اُتي ڪڙا تيا. حساب جي اصولن، زمان ۽ مڪان جي تصورن، انگن ۽ ماپن، گهٽائيءَ يا چڱائيءَ جو جائزو ورتو ۽ وڏي عالماڻي جاه و جلال سان اعلان ڪيو تہ انساني ذهن ۾ غير منطقي عقيدن لاءِ وڏي جاءِ آهي.

اهڙي بدديانتي واري چالاڪيءَ ڪانپوءِ جيڪڏهن ڪو ديانتدار ماڻهو فلاسافيءَ کان بدگمان تي وڃي تہ ان ۾ تعجب تيڻ نہ گهرجي. اهڙي منطق مان ڪهڙو فائدو جنهن جي ساري نعري بازي انسان جي بدنيتيءَ جو سهڻو اظهار هجي. بريڊلي چيو آهي تہ مابعد الطبعيات اهڙو علم آهي جنهن ۾ اسان پنهنجن جبلتي عقيدن لاءِ ڪمزور دليل ڳولهيندا آهيون ۽ اهڙا دليل ڳولهڻ بہ اسان جي جبلت آهي. ڪڏهن ڪڏهن اسان اهڙا دليل انڪري ڳولهيندا آهيون تہ جيئن انهن دليلن سان اسان ٻين کي بہ اهو مڃائي سگهون جيڪو اسين پاڻ مڃون تا. والٽيئر سچو هو جو چيو هئائين تہ منهنجي خواهش آهي تہ منهنجو نوڪر ۽ نوڪرياڻي پنهنجي زماني ۾ پنهنجي علائقي وارن پراڻن عقيدن تي قائم رهن تہ جيئن ان ڳالهہ جو امڪان گهٽ تي وڃي تہ هو منهنجي گهران زيور چورائيندا يا مون کي زهر ڏيندا. ديانتدار نتشي لکيو هو تہ گهڻو ڪري فلاسفر اهو ظاهر ڪندا آهن تہ هنن جا خيال بنان تعصب واري منطق تي ٻڌل آهن، جڏهن تہ سندن خيال سندن

خواهشن جو عڪس هوندا آهن جن کي فلاسافيءَ جو رنگ ڏيندا آهن ۽ انهن جو بچاءُ ڪندا آهن.

اهڙين اوٽائين فلاسافيءَ کي ڇيهو رسايو آهي، سچ جي ڳولها سچ جو مان گهٽايو آهي. ائين فلاسافي وقتي ۽ تميدن جي معذرت تي ويندي آهي ۽ هن ۾ دانشمنديءَ وارو ضمير سچائيءَ لاءِ تحمل واري عزت ۽ احترام، ناڪاري ڳالهين ڏانهن ڌيان نه ڏيڻ. وارين خصلتن همبولٽ يا ڊارون جهڙن سائنسدانن ۽ ليونارڊ يا گوئٽي جهڙن ادبي فلاسفرن کي مٿاهون رتبو ڏنو آهي. عالم جن کي غلطيءَ سان فلاسفر سمجهيو ته وڃي، بنياديءَ طرح دينيات جا عالم هئا جن سچ جي ڳولها کي عقيدي جي تبليغ جي تابع ڪيو. هنن جا ڪتاب اصل ۾ ان جهاد جو حصو هئا جيڪا روم جي وڏي پادريءَ شرڪ جي خلاف شروع ڪئي هئي. هو چوندو هو ته فلاسافي دينيات جي تابع آهي ۽ جيتوڻيڪ جديد فلاسافي جي بانين، جهڙوڪ بيڪن، ڊي ڪارٽ ۽ اسپونيزا فلاسافيءَ جي تذليل تي احتجاج ڪيو هو، پر اڄ سندن پوئن ۽ ذهنن ان پراڻي روايت اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا آهن. مذهبيت جي ان عيب مان فلاسفيءَ ۾ موروثي مرض جهڙيون خرابيون ڦُٽيون آهن. فلاسافيءَ جي مقبول نه ٿيڻ جو سبب ان جي پنهنجي بدديانتي ڪانسواءِ ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ ان جي مقبول نه ٿيڻ جو هڪ سبب اهو به آهي ته اها سچ کان پري ٿي وئي آهي ۽ هن جا ڪائناتي تصور سمجهه کان مٿاهان ٿي ويا آهن. پر هي ڪي اهڙا سبب نه آهن جيڪي ماڻهوءَ کي فلاسافيءَ کان ٻڙ ڪري ڇڏن. شيلي جا خيال سمجهڻ سولا نه آهن پر پوءِ به ماڻهو، ٻيو نه ته به زباني ڪلامي هن جو قدر ڪن ٿا. عورت ڳجهارت آهي پر جنهن به مرد جي رڳن ۾ خون ٿو ڊوڙي اهو عورت کي سمجهڻ جي ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي. جديد فلاسافي ٻئي نوع جي ڳجهارت آهي. ماڻهو جڏهن سچ ڳالهائيندو آهي تڏهن هن لاءِ سچ کي سمجهڻ سولو هوندو آهي پر جڏهن افسانو بيان ڪندو آهي تڏهن ڏکيو هوندو آهي، جو هن جو تصور حقيقت کي ڪيترن پڙدن ۾ لڪائيندو آهي ۽ ڪو ماهر

ماڻهو ئي پنهنجي تصور جي افساني طرازيءَ کان حقيقت کي بچائي سگهندو آهي. اهڙا تصور وارا ماڻهو ڪڏهن به فلاسفر ٿي نه سگهندا آهن. سياست کي هن جي ضرورت وڏيڪ هوندي آهي ۽ مذهبي فلاسافي گهٽ درجي جي ناول نويسن جي حصي ۾ ايندي آهي ۽ هنن جا افسانا حقيقي دنيا جي ڇهاءَ سان پڄي پُري پوندا آهن. اصل ۾ ديانت نه هجڻ جي ڪري جديد فلاسافي اندران خالي ٿي وئي آهي. جنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي ضمير تي ويساهه نه هوندو آهي اهو زندگيءَ جي مسئلن کان لنوائيندو آهي. چاڪاڻ جو زندگيءَ جي وسيع تجربيگاهه، ڪنهن به مهل هن جي ننڍڙي ڪوڙ کي اگهاڙو ڪري ڪيس حقيقت جي سامهون بيهاري پنهنجي ئي ڪوڙ لاءِ ڪنبائي سگهي ٿي. انڪري هو پنهنجي لاءِ ڏکين ڪتابن ۽ ڏاهپ جي پستڪن ۾ پناه گاهون ناهيندو آهي. هو رڳو پنهنجن تِڏ ڪاڏل ڪتابن ۾ پنهنجي پلائي سمجهندو آهي ۽ پنهنجي گهريلو زندگيءَ جي حقيقتن ۾ به ڪيس سڪون نه ملندو آهي. هو زمان ۽ مڪان جي انهن مسئلن کان پڄندو آهي جن ۾ هن جي نسل جا ماڻهو قاتل هوندا آهن. هو فلاسافيءَ جي اصل مسئلن کان ڊڄندو آهي. هو معاملن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ کان ڪيٻائيندو آهي ۽ پنهنجي زماني جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ بدنظميءَ ۾ نظم پيدا ڪرڻ کان جان بچائيندو آهي. هو ڊڄي هڪ ڪُنڊ ۾ لڪي ويهندو آهي. ۽ زندگيءَ سان لاڳاپو نه رکڻ لاءِ اکرن ۽ ورقن جي تهن جي هيٺان لڪندو آهي. هو پاڻ فلاسفر ٿي نه سگهندو آهي. البت فلاسافيءَ جي مهم جو ماهر ٿيندو آهي.

يونان ۾ ائين نه هو. اُتي فلاسفر ڳالهيون گهٽ ۽ ڪم وڌيڪ ڪندا هئا. پارميڊس علم جي اوسر تي سوچيندو هو. سقراط کان اڳ وارن فلاسافرن جون نظرون ڌرتيءَ تي ڄميل هيون. هو دليل بازيءَ سان نه پر مشاهدي ۽ تجربي سان حقيقت جا راز ڳولهي لهندا هئا. هنن ۾ نواڻ جو شوق گهٽ هو. ٿورو ٿهڪ ڏيڻ واري فلاسفر ڊيموڪريٽس جو تصور ڪيو، هو پڪ انهن فلاسفرن جو خطرناڪ ساٿي ثابت ٿيندو هوندو، جيڪي ننڍن ننڍن مسئلن؛

جيئن سُئيءَ جي ڇهنب تي گهٽا فرشتا ويهي سگهن ٿا، تي وڙهندا هئا. ٿوروٿيلس لاءِ سوچيو، جنهن اهو الزام ثابت ڪرڻ لاءِ ته فلاسفرن ۾ عقل گهٽ هوندو آهي، هڪ مارڪيٽ تي قبضو ڄمايو ۽ سال اندر چڱي دولت ميڙي ورتائين. اناڪسگورس جيڪو يونان جو ڏارون هو تنهن پيريڪلس کي هڪ بهاني باز سياستدان مان هڪ مفڪر ۽ مدبر بڻائي ڇڏيو، سقراط جو تصور ڪيو جيڪو ستارن ۽ سيارن جي گردش کان بي نياز يونان جي نوجوانن جو وڏي زنده دليءَ سان اخلاق خراب ڪندو هو ۽ حڪومتن جون پاڙون لوڏي ڇڏيندو هو. هو هجي ها ته اڄڪلهه جي بي جان ۽ بي همت فلاسفرن کي الائجي ڇا ڪري ڇڏي ها جيڪي ڪنهن زماني ۾ علمن جي راڻيءَ جي درگهه ۾، گوڏا کوڙي وينا آهن. افلاطون ۽ هنن کان اڳ وارن فلاسفرن لاءِ، جيڪي وڏا بي ڏپا هئا، ڄاڻ جي فلاسفي، محبت جي شروعاتي مرحلن وانگر، فلاسافيءَ جو ڏاڪو هئي، اهو ٿوري وقت لاءِ ڏاڍو وڻندڙ هوندو هو ان تخليقي ڪمال کان خالي هو جيڪو عاشقن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو آهي، ڪٿي ڪٿي افلاطون ننڍن ننڍن جملن سان مشاهدي ۽ علم سان ڪنهن عاشق وانگر ڪيڏندو ٿو نظر اچي پر سنجيده گهڙين ۾ هن جي نظر وسيع ميدانن کي پنهنجي دائري ۾ آڻيندي محسوس ٿئي ٿي. هو پنهنجي لاءِ مثالي رياستون تعمير ٿو ڪري ۽ انسان جي فطرت ۽ تقدير تي غور ٿو ڪري. ارسطوءَ جي فلاسافيءَ جي وسعت جي به وڏي عزت ڪئي وڃي ٿي. هن فلاسافيءَ جي سيني محلاتن جو سير ڪيو، انهن کي نهايت سٺي نموني سينگاريو. هن وٽ هر مسئلي جو پنهنجو مقام آهي ۽ هر سائنس عقل جو ڏن تي پري. هنن کي خبر هئي ته فلاسافيءَ جو ڪم اهو نه آهي ته اها علم جي تجزيي ڪرڻ ۾ پوري هجي پر اُن جو ڪم آهي ته هوءَ هر علم جي سلطنت ۾ بنان ڪنهن ڊپ جي داخل ٿئي ۽ جدا جدا علمن جي نتيجن کي انساني شخصيت ۽ انساني زندگيءَ کي روشن ڪرڻ لاءِ گڏ ڪري. هنن کي خبر هئي ته فلاسافيءَ جو ڪم اهو نه آهي ته هو ڪي غير اهم آسماني ڳجهارتون پيجي، جن جو انساني معاملن

سان ڪو واسطو ڪونهي، پر فلاسفيءَ لاءِ وڏي ۾ وڏو مسئلو اهو آهي تہ هوءَ هن لامحدود ۽ وسيع ڪائنات ۾ انسان جي مقام ۽ سندس ارتقا جي امڪانن جو پتو لڳائي.

## سائنسدان:

هي ڳالهيون فلاسفي نہ آهن ۽ فلاسافي هئڻ بہ نہ گهرجن. هاڻي ڏسڻو آهي تہ فلاسافي ڇا هئڻ گهرجي؟ ڇا اسان علم جي هن راڻيءَ کي هن جو پراڻو مقام ڏياري سگهون ٿا؟ ڇا اسان ان کي هڪ ڳنڍيل علم سمجهي سگهون ٿا جيڪو زندگيءَ کي بہ ڳنڍيي تو؟ ڇا اسان فلاسافيءَ جو اهڙو نقشو چٽي سگهون ٿا جنهن سان محسوس ٿئي تہ فلاسافي پنهنجن عاشقن کي پهريان پنهنجو پاڻ تي، پوءِ ملڪ تي حڪومت ڪرڻ جي لائق بڻائي سگهي ٿي يعني فلاسافر بادشاهہ پيدا ڪري سگهي ٿي.

اسان جيئن اڳ فلاسافيءَ جي تشريح ڪئي هئي تہ اها مڪمل تجربي جو مطالعو يا مڪمل تجربي جي حوالي سان ان جي ڪنهن هڪ حصي جو مطالعو آهي. ان مان ظاهر ٿو ٿئي تہ ڪوبہ مسئلو، جنهن جو ان جي پوري پسمنظر ۾ يا انساني تجربي ۽ خواهشن جي روشنيءَ ۾ مطالعو ڪري سگهجي، اهو فلاسافيءَ جو مواد ٿي سگهي ٿو. فلاسافي ذهن جي رڳو اها خاصيت نہ آهي تہ اها جلد مسئلن کي سمجهي سگهي پر ان ۾ وسعت ۽ ان جي سوچ ۾ وحدت هجي. اسان اسپنوزا جي دوامي نقطہ نظر جي بدران ڪل جو نظريو اختيار ڪنداسين. ٻئي نقطہ نظر هڪ ئي نتيجي تي مرڪوز آهن. جيئن بہ اڪيون هڪ ئي شيءِ تي مرڪوز هونديون آهن، جڏهن تہ انسان پنهنجي تجربي کي هڪ وحدت ۾ ڳنڍي سگهي ٿو. شين کي دوامي نقطہ نظر سان ڏسڻ، ديوتائن جو ڪم آهي جن جو شايد تہ ڪو وجود ڪونهي.

سائنس ۽ فلاسافيءَ ۾ جيڪو لاڳاپو آهي ان جي وڏيڪ وضاحت ضروري آهي. سائنس اهڙي دري آهي جنهن مان فلاسافي دنيا کي ڏسندي آهي. سائنس حواس آهي ۽ فلاسافي روح آهي

جنهن ڪانسواءِ سائنس جو علم، ڪنهن چريي ماڻهوءَ جي احساسن وانگر وڪريل آهي. اسپينسر سچ چيو هو ته 'فلاسافي عام علم آهي' پر هن جي اها ڳالهه صحيح نه هئي ته فلاسافي رڳو علم آهي. فلاسافيءَ لاءِ مشڪل پسندي ۽ وڏي نظر جي ضرورت آهي جنهن سان علم اعليٰ تي ويندو آهي. ۽ خواهشن ۾ ترتيب ۽ وحدت پيدا ڪندو آهي. هن ۾ اها اعليٰ خاصيت آهي جنهن ڪي دانائي چيو ويندو آهي.

سائنس ڪانسواءِ فلاسافي بي جان آهي ڇاڪاڻ ته دانائي محنت سان حاصل ڪيل علم، بي غرضي ۽ تعصب کان خالي ذهنن جي ڪيل مشاهدي ۽ تحقيق ڪانسواءِ وڏي نٿي سگهي. سائنس ڪانسواءِ فلاسافيءَ تي زوال اچڻ شروع ٿيندو آهي ۽ ان ۾ ديانتداري ڪانه رهندي آهي انساني ترقيءَ کان ڪنجي ويندي آهي ۽ اهڙو علم تي ويندي آهي جنهن مان ڪجهه به هٿ حاصل نه ٿئي. سائنس بيان جو علم آهي. سائنس جيڪي به ڏسندي آهي ان کي جيئن جو تيئن بيان ڪندي آهي. هن جو ڪم آهي ته هوءَ حقيقت جو غور سان مشاهدو ڪري ۽ انساني مقصدن کان بي نياز ٿي ان کي بيان ڪري ڇڏي. مثال: هي نائٽرو گلوسرين ۽ ڪلورين گيس آهن. سائنس جو ڪم آهي ته هوءَ انهن جو تجربو ڪري ٻڌائي ته انهن ۾ ڪهڙا ڪهڙا جزا آهن ۽ انهن جون ڪهڙيون خاصيتون آهن ۽ اهي گيس ڇا ڇا ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهن اهي ڪنهن پري تري شهر کي تباهه ڪري سگهن ٿا، انساني هنر جي بهترين مندرن کي برباد ڪري سگهن ٿا ۽ تهذيب جي سموري سونهن ۽ دانائيءَ کي مٽائي سگهن ٿا ته سائنس اسان کي ٻڌائيندي ته شهر واسين (جيڪڏهن ڪو زنده* رهيو ته) تي بار وجهڻ کان سواءِ اهو ڪم ڪيتري سولائي ۽ جلدائيءَ سان ڪري سگهجي ٿو. ڇا اسان تهذيبن کي مٽائڻ ٿا گهرون؟ ان سوال جو جواب ڪهڙي سائنس ڏيئي سگهي ٿي. ڇا زندگي، مال ملڪيت حاصل ڪرڻ سان يا تخليق ۽ تعمير سان سني ۽ وٽندڙ ٿي سگهي ٿي. ڇا علم حاصل ڪرڻ ۽ خود فريبن کان جان ڇڏائڻ، حسن جي مشاهدي جي وقتي

سرشاري کان بهتر آهي. ڇا اسان کي پنهنجن اخلاقي زندگيءَ لاءِ سيني آسماني احڪامن کي ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي. ڇا اسان جي ذهن کي مادي ۽ مادي کي ذهن جي نقطہ نگاهہ سان جاچڻ گهرجي. انهن سوالن جا سائنس وٽ ڪهڙا جواب آهن. انهن سوالن جا جواب ۽ کي نتيجا اسان کي اسان جي سموري تجربي مان، ان دانائيءَ مان جنهن جو علم رڳو ڪچو مواد آهي ۽ سائنس جي خزاني مان جنهن سان اسان ۾ ترتيب پيدا ٿئي ٿي ۽ جيڪا اسان جي رهنمائي ڪري ٿي، حاصل ٿي سگهن ٿا.

سائنس جُزا بيان ڪندي آهي جڏهن تہ فلاسافي ڪُل يا جُز جي ڪُل جي حوالي سان تشريح ڪندي آهي. سائنس ذريعن ۽ وسيلن لاءِ ڪاميٽي آهي ۽ فلاسافي مقصدن ۽ پروگرامن لاءِ ڪاميٽي آهي. حقيقتن ۽ قانونن جي اهميت ۽ قدر انساني خواهشن جي حوالي سان ٿئي آهي. خواهشون ڪنهن مرڪز سان ڳنڍيل هجن، شخصيت جو منظم جُزُ هجن ۽ زندگيءَ جو اڻ ٽٽندڙ حصو هجن. ائين ڪرڻ پڻ فلاسفيءَ جو ڪم آهي.

فلاسافي سائنس کان وڌيڪ مفروضن تي ٻڌل هوندي آهي. سائنس شروعاتي نقطي طور بيشڪ مفروضا استعمال ڪري. پر جيڪڏهن سائنس کي سائنس رهڻو آهي تہ پوءِ اُن کي ثابت ڪري سگهڻ وارن مشاهدن تي قائم رهڻو پوندو. ان جي ابتڙ فلاسافيءَ جي شروعات سائنس ۽ مشاهدي تي ٻڌل علم سان ٿيندي آهي. (جيڪڏهن ائين نہ آهي تہ هاڻي ائين هئڻ گهرجي.) فلاسافي وٽ انهن مسئلن جي حل لاءِ ڪوبہ مواد ميسر نہ هوندو آهي پر پوءِ بہ هوءَ اڳتي ايندي آهي ۽ وڏي پيماني تي مفروضا قائم ڪندي آهي. اها ماڻهوءَ جي سمجهہ جي خطري واري تصوراتي تڪميل آهي. هي اسان جي دنيا جي باري ۾ سائنٽيفڪ علم جي خالن کي انهن مفروضن سان پريندي آهي جن جا ثبوت تجربي جي ذريعي حاصل ٿي نہ سگهندا آهن. ان لحاظ کان هر شخص فلاسافر آهي. هڪ محتاط شڪ ڪرڻ وارو يا اگناسٽڪ (جيڪو چئي تہ خدا ۽ آئيندي لاءِ ڪابہ ڄاڻ حاصل ٿي نٿي سگهي) يا وري عمل پسند (جيڪو

ماڻهوءَ جي عمل مان سندس نفسياتي ڪيفيتن جو اندازو لڳائي ويندو آهي) جيڪو ان وقت بہ فلاسافي ڳالهائيندو آهي جڏهن ساري دنيا جي اڳيان احتجاج ڪندي اعلان ڪندو آهي تہ فلاسافي بي معني آهي. جيڪڏهن هڪ اگناسٽڪ پوريءَ طرح غيرجانبدار تي زندگي گذاري سگهي، هو خدا جي وجود کان نہ انڪار ڪري ۽ نہ اقرار، جيڪڏهن هو پنهنجن خيالن ۽ اعمالن کي غيرجانبداراڻي طريقي سان هاڪار ۽ ناڪار ۾ ورهائي سگهي تہ پوءِ شايد هو فلاسافيءَ تي هڪ بي جان ۽ غير متحرڪ اخلاقي نظام، هڪ فڪري بي حسي، هڪ ڪائناتي بي هوشي طاري ڪري ڇڏي. پر اهڙي حالت ڪنهن بہ ماڻهوءَ لاءِ ڏکي ۽ ناممڪن آهي. ڏنو وڃي تہ اسان هڪ وات کي ٻي وات تي ترجيح ڏيندا آهيون. اسان ائين عمل ڪندا آهيون جڏهن اسان انهن مونجهارن ۽ مسئلن مان جن جو مجموعو فلاسافي آهي، ڪا هڪ وات اختيار ڪري ورتي آهي اسان نيوٽن وانگر مفروضا پيش ڪندا آهيون. سچ جي ڪشش اسان کي فلاسافيءَ ڏانهن ڇڪيندي آهي.

ڇا اسان مڃون تہ فلاسافيءَ جي تاريخ، هڪ فڪر کي ٻي فڪر سان رد ڪرڻ آهي؟ ۽ فلاسفر هڪ ٻئي کي مارڻ جي جنون ۾ ورتل آهن ۽ جيستائين هو سچ جي سلطنت ۾ پنهنجي هڪ هڪ حريف کي ختم نتا ڪن، ڪين ننڊ نٿي اچي. پلا جيڪو اهڙن مسئلن ۾ قاتل هوندو ان وٽ ايترو وقت ڪٿي هوندو جو اهو عالماڻن تضادن جو نبيرو ڪري سگهي يا ان جهيڙي کي ختم ڪري سگهي. ڇا اهي فلاسافيون هڪ ٻئي کي پوريءَ طرح ختم نہ ٿيون ڪن؟ ان لاءِ عمر خيام جي تجربي تي نظر ٿا وجهون:

مان جڏهن ننڍو هيس تہ وڏي شوق سان عالمن ۽
درويشن وٽ ويندو هيس، ۽ هِنَ ۽ هُنَ جي باري ۾
سندن دليل ٻڌندو هيس پر پوءِ مان ان ساڳئي در
مان موٽي آيس جنهن مان اندر ويو هيس.

شايد عمر خيام مذاق تي ڪيو. شايد هو ان ساڳئي دروازي مان ٻهر نہ نڪتو جنهن مان هو داخل ٿيو هو ۽ شايد هو

مسجد جي دروازي وٽ پنهنجن جوتن سان گڏ پنهنجو عقل به ڇڏي آيو هو. ڪوبه ماڻهو عظيم فڪرن جي محفل مان اٿندو ته هزارين اهم مسئلن بابت هن جي سوچ ۾ وڏي وسعت اچي چڪي هوندي. اها آخر ڪهڙي شيءِ هئي جنهن عمرخيام جي نندپڻ واري مذهب کي حسن ۽ انگور جي مذهب ۾ بدلائي ڇڏيو هو. هن شاعريءَ کي جيڪڏهن فلاسافيءَ نه ته پوءِ بيو ڪنهن عظمت بخشي هئي.

ماڻهو سائنس جي تاريخ پڙهندو ته کيس خبر پوندي ته اهي تضاد جيڪي فلاسافيءَ کي غير يقيني ٿا بڻائن اهي هڪ بنيادي هم آهنگيءَ ۾ بدلجي ٿا وڃن. نيبولر جو مفروضو آخر ڪهڙي ڏورانهين ستاري ڏانهن اڏامي ويو؟ ڇا سيارن جو هاٽوڪو علم ان مفروضي کي مڃي ٿو. اڄ ڪٿي آهن نيوٽن جا قانون؟ جڏهن ته آئن اسٽائن ۽ منڪوسڪي عالمن پنهنجي سمجهه ۾ نه اچڻ واري اضافيت سان سموري ڪائنات کي اٿلائي پٿلائي ڇڏيو آهي. ماده جو نوس پڻو ۽ توانائيءَ جي بقا، جديد طبعيات ۾ ڪيڏانهن هليا ويا. ويچارو اقليدس جيڪو درسي ڪتابن جو تمام وڏو ليکڪ هو اڄ ڪٿي آهي. حسابدانن نون نون ايجادن سان نوان نوان رُخ پيدا ڪيا آهن. جيڪي هڪ بئي جو حصو ٿي سگهن ٿا ۽ هو اهو به پيا ثابت ڪن ته سياست وانگر طبعيات ۾ به سڌي ليڪ ٻن نقطن جي وچ ۾ سڀ کان ڊگهو فاصلو آهي. اڄڪلهه ورثي جو علم ڪٿي آهي. هاڻي ورثي جي جاءِ نندپڻ جي پرورش ورتي آهي. اڄ جارج مينڊل ڪٿي آهي جو هاڻي علم نسل جا ماهر، ڪن خاص ڪردارن جي خاص خاصيتن کي نٿا مڃن. هو شريف سياءُ وارو تخريبڪار ڊارون ڪٿي آهي جو هاڻي ارتقا جي تبديلين جو سبب نيون خاصيتون مڃيون ٿيون وڃن. ڇا اها نيون خاصيتون ٻن جدا جدا نسلن جي ميلاپ جون پيداوار آهن ۽ ڇا اسان کي انهن جي وضاحت لاءِ ان نظريي ڏانهن موٽڻو پوندو ته هڪ نسل پنهنجي پرورش سان حاصل ڪيل خاصيتون بئي نسل کي وراثت ۾ ڏيندو آهي. ڇا اسان وري هڪ صدي پٺتي موٽون ۽ ليمار جي جانور زراف جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي ڇڏيون. اسان پروفيسر ونڊٽ

جي اعليٰ تجربيگاهه ۽ ستينلي هال جي سوالن جي فهرست کي ڇا
کيون جو هاڻي ماڻهوءَ جي عمل سان سندس اندر جي نفسياتي
ڪيفيت جو تعين ڪرڻ واري نظريي جي پوئلڳن مان ڪوبه پاڻ
کان اڳ وارن عالمن جي خيالن کي فضا ۾ وکيرڻ کانسواءِ جديد
نفسيات جو هڪ صفحو به لکي نٿو سگهي. تاريخ جي ”نئين“
سائنس ڪٿي آهي جو هاڻي مصري نسلن جي شجرن جي ماهرن،
شجرن جي جدا جدا ڏاڪڻ ناهي آهي جيڪا هڪ ٻئي کان سالن جي
فاصلي تي آهي اڄ ”علم انسان“ جا سنا ماهر، ٽائيلر، ويسٽر
مارڪ ۽ اسپينسر جو مذاق ٿا اڏائن ۽ فريئر لاءِ ڇيو ٿو وڃي ته
پراڻن مذهبن بابت هو ڪجهه به نه ڄاڻندو هو. اسان جي سائنس
اسان کي ڪيڏانهن وٺي ٿي وڃي. ڇا سائنس پنهنجا ازلي سچ
وڃائي ويٺي آهي. ڇا اهو ٿي سگهي ٿو ته قدرت جا قانون انسانن
جي مشروط بيانن جهڙا هجن. ڇا هاڻي سائنس ۾ ڪو استحڪام ۽
يقين نه رهيو آهي.

شايد اسان جڏهن روح ۽ ذهن جي امن جو استحڪام
ڳولهيون ته پوءِ اهو اسان کي سائنس جي بدران فلاسافيءَ ۾
ڳولهڻو پوندو. فلاسفرن جا پاڻ ۾ اختلاف، خيالن کان وڌيڪ هنن
جي پنهنجي پنهنجي دور جي ڳالهه ڪرڻ جي انداز جا هوندا آهن ۽
ان ڪري انهن ۾ اختلاف نظر ايندا آهن. اصل ۾ فلاسفرن جا
گهڻي ڀاڱي اختلاف سائنس جي ڦرندڙ گهرندڙ خصلت جي ڪري
هوندا آهن. سائنس ڪجهه وقت هڪ مفروضي تي قائم هوندي آهي
پر پوءِ ان تان ڦري ويندي آهي ۽ ڪو ٻيو مفروضو قائم ڪندي
آهي. فلاسفرن جي ڳالهه ڪرڻ جي جدا جدا انداز کي سندن خيالن
سان ملايو وڃي ته انساني زندگيءَ جي باري ۾ سندن خيالن ۾
تمام گهڻي هڪ جهڙائي نظر ايندي. سنتيانا ايتري نهٺائي ڏيکاري
جو چيائين ته مون کي ارسطوءَ جي فلاسافيءَ ۾ ڪوبه واڌارو
ڪرڻو نه آهي. مون کي رڳو هن جي فلاسافيءَ کي هاڻوڪن حالتن
مطابق بيهارڻو آهي. هن جي پيٽ ۾ جدليات، طبعيات يا حسابن جو
ڪو ماهر، يونان جي ڪنهن پراڻي سائنسدان لاءِ اهين چئي نٿو

سگهي. اڄ جي سائنس هر وک تي ارسطوءَ جي سائنس کي رد تي ڪري پر هن جي فلاسافي ان وقت به وڏي گهرائي ۽ وسعت واري هوندي جڏهن اينڊڙ زمانو هن جي سائنس کي گهٽ نظر سان ڏسندو.

## سائنس جي راڻي:

اسان شايد هاڻي به محسوس ڪيون ته فلاسافي علمن جي راڻي آهي ۽ جيڪڏهن فلاسافي پنهنجو پراڻو شاهاڻو لباس پائي، سائنس کي پنهنجي خدمتگار بڻائي ۽ سيني علمن کي پاڻ سان گڏ وٺي هلي ته اڄ به ماڻهو ڪيس علمن جي راڻي مڃڻ لاءِ تيار تي ويندا، هي سارو جهان ۽ ساري ڪائنات هن جا موضوع آهن ۽ جهڙيءَ طرح ڪا داناءُ راڻي پنهنجي سلطنت جا جدا جدا علائقا عقلمند گورنرن جي حوالي ڪندي آهي. اهي گورنر پنهنجن زبردست ڪارندن جي وسيلي سلطنت جي معاملن جو تفصيل گڏ ڪندا آهن ۽ پوءِ حاڪم اعليٰ سان گڏجي ان تفصيل کي ترتيب ڏيندا ۽ نوان منصوبا جوڙيندا آهن. ائين فلاسافي به پنهنجي سلطنت کي گهڻن صوبن ۾ ورهائيندي آهي ۽ هن جي فڪر جي جنت ۾ هزارين محل آهن.

ان سلطنت جو پهريون صوبو جنهن کي فلاسافيءَ جو دروازو چئجي. منطق جهڙي خشڪ نالي سان سڏيو ويندو آهي. ائين تو لڳي ته فلاسافي پنهنجي حسن کي اوپرن ماڻهن جي نگاهن کان لڪائڻ لاءِ پنهنجي سيني عاشقن کي ان آزمائش مان لنگهڻ جو حڪم ڪندي آهي ته جيئن هو سندس مزا ماڻڻ جهڙا تي سگهن. چاڪاڻ جو فلاسافيءَ جا مزا انتها درجي جي اعليٰ محبت جي مزن جهڙا هوندا آهن جيڪي معمولي روح ماڻي نه سگهندا آهن. اسان جيستائين انهن آزمائشن ۽ امتحانن مان نه لنگهنداسين تيستائين اسين ان کي ڪيئن سڃاڻي سگهنداسين؟ پائليٽ[1] جي

---

[1] رومي وائسراءِ پائليٽ

سڪائيندڙ سوال جو جواب ڪيئن ڏيئي سگهنداسين. هن جي جواب لاءِ ڇا اسان کي پنهنجي بي ڊپي پر هيٺي عقل، پنهنجي گهري پر اونداهي وجدان، ۽ ڪنن، اکين ۽ هٿن جي فيصلن تي ياڙٺو پوندو. اسان پنهنجن حواسن ۽ خيالن کي مسخ ڪندڙ پنهنجن تعصبن ۽ اسان جي ذهنن ۾ رکيل بتن کان ڪيئن آجو ڪنداسين تہ جيئن سچ اسان جي اندر داخل ٿي پنهنجو مقام ماڻي سگهي. اسن ڪيئن پنهنجي تربيت ڪريون جو اسان سچ کي ڳولهي لهون.

پوءِ سلطنت جي مرڪز کان گهٽو پري آزمائش جو هڪ بيو هنڌ آهي جتي فلاسافيءَ جي علم جو اجگر رهندو آهي جيڪڏهن اسان جا ٿڪل قدم منطق جي اٿانگن رستن تي ٿڙيا تہ پوءِ اسان جون اکيون اونده ۾ بيڪار ٿي ويندبون ۽ اسين وڏي دبڻ ۾ ڦاسي ويندا سين. ٿي سگهي ٿو تہ اسان اجگر جي وات جي ويجهو پهچي وڃون، هن جي عاليشان ڪلام جي جادوءَ ۾ جڪڙجي وڃون ۽ هميشہ لاءِ هن جي خلائن ۾ قيد ٿي فلاسافر ٿي وڃون. پر اسان کي ان آزمئش مان هر حال ۾ لنگهٽو آهي ۽ علم ۽ مشاهدي جي دنيا جي حقيقت جي ڳجهارت کي جائز طريقي سان سمجهٽو آهي. اهڙيءَ طرح شايد اسان ان راڻيءَ جي دربار تائين پڄي سگهون.

ما بعدالطبعيات هڪ تمام وڏو پر اونداهو صوبو آهي جيڪو اسان جي پنهنجي روشنيءَ سان جرڪي ٿو ۽ جنهن ۾ اسان جي روحن لاءِ وڏا خزانا لڪل آهن. هن ۾ سموري ڪائنات جا جوهر پوشيده آهن ۽ هي اسان کي پنهنجن اشارن سان پريشان ڪري ٿو. هتي فلاسافي پنهنجو اهو اعليٰ گيت ڳائيندي آهي جيڪو هن پيٿاگورس کي ٻڌايو هو. هن جي معرفت فطرت شعور حاصل ڪندي آهي ۽ پنهنجن مقصدن تي تنقيد ڪري پنهنجو پاڻ کي معنيٰ ڏيندي آهي. هتي اسان مادي زندگي، دماغ ۽ ذهن،ماديت ۽ روحانيت، ميڪانڪيت ۽ مقصديت، جبر ۽ خودداري جهڙن مسئلن تي غور ڪندا آهيون. انسان ڇا آهي؟ ڇا تارن، پرزن ۽ ڦيٿن جي

نهيل ڪا شيءِ آهي جنهن آسمان ۽ زمين جي قوتن کي حرڪت ۾ آندو آهي. يا هو پنهنجي ڪين جهڙي ۽ ڪِل جهڙي حيثيت ۾ هڪ تخليقي ديوتا آهي؟

هو ٻيو صوبو آهي جنهن کي تاريخ چيو ٿو وڃي جتي لکين ڪروڙين عام ماڻهو ۽ ڪي اعليٰ هستيون ڏورانهن ملڪن ۽ پُراڻن زمانن مان پنهنجا ڪي داستان ڪٽي ايندا آهن ته جيئن انهن کي ڳنڍي انهن مان اسان ڪو سبق حاصل ڪيون، ماضيءَ جو مطلب ڇا آهي. ڇا ترقي ۽ زوال جا به ڪي قانون آهن جن جي مدد سان اسان، تهذيبن، نسلن، قومن ۽ فردن جي لاهين چاڙهين کي سمجهي سگهون؟ هتي اسان موتسڪو ۽ بڪل کي انسان جي ترقيءَ تي جاگرافيائي حالتن جي اثرن جي باري ۾ تقريرون ڪندو ٻڌنداسين. هتي اسان ڪوندور کي، جيڪو هاڻي پوئين پساهن ۾ آهي موت جي ايذاءُ کي ترقي ۽ انساني ڪمال جي لامحدود امڪانن جي تصور سان وندرائيندو ڏسنداسين. هتي هيگل پنهنجي جدليات جي چوپڙ تو وڃائي ۽ ڪارلائل دنيا جي عظيم الشان شخصيتن جو ذڪر ڪندو نظر تو اچي. هتي نسل پرست پنهنجي نسل جي نج ۽ اعليٰ هجڻ جا گيت ڳائيندا ۽ وحشين جي پيدا ٿيڻ تي روئندا نظر ايندا. هتي مارڪس پنهنجي تاريخ جي اقتصادي نظريي کي ثابت ڪرڻ لاءِ انگن اکرن جا پهاڙ ڪٺا ڪري ڇڏيندو. هتي اسان کي به چار اهڙا چرياڻ به ملندا جيڪي انهن ڏاهن کي چئي ڏيندا ته هنن حقيقتن جي رڳو ڪن پاسن جون تشريحون ڪيون آهن، سڀيون ساريون حقيقتون بيان ناهن ڪيون، فطرت ۽ تاريخ ۾ اجا الائجي ڪيترا اسرار آهن جن جو هو پنهنجي فلاسافيءَ ۾ تصور به ڪري نه سگهيا آهن. پريان ڪنڊ ۾ اداس تنشي وينو آهي جيڪو ازلي تخريب ۽ تعمير جا گيت ڳائيندو نظر تو اچي ۽ اسپنگلر مغربي دنيا جي زوال جون اڳڪتيون تو ڪري.

اسان جيڪڏهن ٻئي صوبي ڏانهن رُخ ڪنداسين ته اسان کي سياست جي باري ۾ گفتگو ٻڌڻ ۾ ايندي ۽ اسين پريشان ٿي ويندا سين ته ڪٿي اسان آمريڪا ته ڳولهي نه لڌو آهي. پر اهو تي

نتو سگهي، چاڪاڻ جو هي ماڻهو بنان عزت واري جمهوريت ۽ بنان ڏپ ڏاءَ واري انارڪزم جي باري ۾ بحث ٿا ڪن. اشتراڪيت جي خامين جي ڄاڻ هوندي بہ ان سان پيار ٿا ڪن، رئيسن جي، معمولي ماڻهن سان اختيار ڪيل رويي کان ڪين بچان ٿي اچي پر پوءِ بہ هو رئيست جي وڏي عزت ٿا ڪن. ڪڏهن ڪڏهن هو نوجوانن سان "ڌرتيءَ جي جنت" جو وڏي احترام سان ذڪر ٿا ڪن جتي ڏاها ماڻهو حڪومت ڪندا آهن، شهر ڏاڍو سهڻو ۽ خوشحال آهي.

اهي پويان اڪر اسان جي روحن ۾ موسيقيءَ وارو تاثر ٿا پيدا ڪن ۽ اسان ان ملڪ جي وچ ۾ پڄي ٿا وڃون، اسان اصل فلاسافيءَ سان آمهون سامهون ٿا ٿيون. هتي فلاسافي ڪيڏي نہ سني، سهڻي ۽ غير فاني آهي. فلاسافي اندر خاني فن سان ساڙ ڪندي آهي ۽ فن ۾ حسن لاءِ جيڪو تخليقي جوش آهي ان سان ڪيس حسد ٿيندو آهي. هن جي حريف سائنس نہ پر فن آهي جو گهڻي ڀاڱي اعليٰ انسان فن سان ئي لاڳاپيل آهن. شايد ڏاهپ دل سان اهو مڃي تہ حسن جي عبادت سچ جي ڳولها کان وڌيڪ بهتر آهي ڇاڪاڻ تہ سچ کي حاصل ڪرڻ ايڏو تہ ڏکيو آهي جو اسان ان جي پَلوَ کي بہ ڇُهي نہ سگهون، جڏهن تہ حسن فاني آهي انڪري اُن جي عبادت ڪجي تہ هو خوش ٿيندو آهي ۽ اسان کي ان جو صلو ڏيندو آهي. فلاسافي نهنائيءَ سان حسن جو مطالعو ڪندي آهي جڏهن تہ فن حسن جو احترام ڪندو ۽ ان کي نئين سر تخليق ڪندو آهي. فن تمام گهڻي ويجهڙائي وارين گهڙين ۾ حسن کي محسوس ڪندو آهي. هن کي عمارت سازيءَ جي عبادتگاهن، سنگ تراشي جي شاندار نمونن، رنگن جي گرمي، لفظن جي موسيقي ۽ آوازن جي هم آهنگيءَ جي ميناج ۾ محسوس ڪندو آهي پر افسوس تہ فلاسافي رڳو حسن جي مسئلن سان واسطو رکندي آهي. حسن ڪٿان آيو ۽ حسن ڇا آهي ڇا حسن واقعي شين ۾ هوندو آهي يا حسن سان جي اندر جي طلب جو نالو آهي؟ هي

جماليات جو صوبو آهي جنهن کي صدين کان عالمن بي چسو رکيو آهي پر پوءِ بہ ان ۾ حيرتون ۽ مسرتون آهن.

سلطنت جي وچ ۾ اخلاقيات جو صوبو آهي، هي صوبو درسي نوع وارن تصورن جي ڪري تمام گهڻو غيرآباد آهي پر ڪيترن رخن کان فلاسافيءَ جو نهايت آباد علائقو بہ آهي، چاڪاڻ جو زندگيءَ جو فن، فن جي زندگيءَ کان اعليٰ آهي، ۽ اخلاقيات زندگيءَ جي فن جو داستان آهي. هتي فلاسافي پنهنجن جدا جدا قسمن جي علمن کي زندگيءَ جي دانائيءَ وارو اعليٰ رتبو بخشيندي آهي ۽ پنهنجن سيني قلعن مان انسانيت جي هدايت لاءِ علم گڏ ڪندي آهي، سني زندگي ڇا آهي، نيڪيءَ جو ڪهڙو فائدو آهي، طاقت ڪڏهن چنگيزي تي ويندي آهي، ڇا اخلاق جو ڪمال سقراط جي دانائي، تنشي جي بي ڊپائي ۽ مسيح جي سباجهائي ۾ آهي، ڇا اسان زينو ۽ اسپينزا وانگر بيراڳي يا ايپي ڪيورس ۽ رينان وانگر لذت پرست تي وڃون. ڇا زندگيءَ جو مقصد مسرت ماڻڻ آهي. ڇا محبت رڳو قانون جي حدن ۾ جائز آهي. عدل ڇا آهي ۽ اهو اسان جي صنعتي تهذيب جي باري ۾ ڇا ٿو چئي. اهي وڏا اهم سوال آهن جن سان تهذيب جي تقدير لاڳاپيل آهي جيڪي هر رياست ۽ فرد لاءِ اهم آهن جن آڏو سائنس پنهنجي حساب ڪتاب، پنهنجن سخت شين ۽ گئسن سميت بيڪار تي لڳي ۽ لڳي ٿو تہ ان جو زندگيءَ سان تعلق ڪونهي، هوءَ زندگيءَ جي دوست پر بنان ارادي ۽ نيت جي موت جي ساٿياري آهي.

پر موت پاڻ فلاسافيءَ سان لاڳاپيل آهي ۽ جڏهن سڀ بحث ختم ٿي ويندا آهن تڏهن ماڻهوءَ جي سوچ هن عظيم دشمن ڏانهن ويندي آهي ۽ فلاسافي مذهب جي بادشاهت ۾ داخل ٿيندي آهي. فطرت کان متاهين هستين ۽ انهن جي ماڻهوءَ سان تعلق جو علم دينيات آهي. فلاسافي انهن هستين بابت ڪجهہ نہ چوندي آهي. ان جو واسطو زندگي ۽ شين جي اصليت سان هوندو آهي ۽ اها انهن جي شروعات ۽ انهن جي انجام جون ڳالهيون ڪندي آهي. جيئن ان جو واسطو بين مسئلن سان آهي ائين انسان جي بقا سان بہ

آهي، شايد اسان کي فلاسافيءَ جي تشريح ائين ڪرڻ گهرجي تہ فلاسافيءَ جو ستوسنئون واسطو موت ۽ خدا سان آهي. دينيات واري ان خدا سان نہ جيڪو ڪائنات کان باهر آهي پر فلاسفرن واري خدا سان جيڪو دنيا جو قانون، دنيا جي جوڙجڪ، قوت ۽ عزم آهي. جيڪڏهن ڪو ذهن هن ڪائنات جي رهنمائي ڪري رهيو آهي تہ فلاسافي ان ذهن کي وڏي احترام سان سمجهڻ ۽ ان سان گڏ ڪم ڪرڻ تي گهري. پر جيڪڏهن ڪو اهڙو ذهن ڪونهي تہ فلاسافيءَ کي بنان ڪنهن ڊپ ڏاءُ جي ان جو بہ اعتراف ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ستارا، (بي معنيٰ) وڪريل ميڙ آهن. جيڪڏهن زندگي رڳو هڪڙو حادثو ۽ اجتماعي طور تي سدا رهڻ واري پر انفرادي طور فاني آهي. جيڪڏهن انسان رڳو هڪ طبعياتي مرڪب آهي جنهن جو مقدر ۽ انت، انتشار ۽ فنا آهي. جيڪڏهن فن جي تخليقي سرمستي، عالم جي ٻاجهاري حڪمت، صوفين جي بي لوث سخاوت، جذبات جي دنيا جا ڪي روشن واقعا آهن ۽ هر مسئلي جو جواب ۽ موت هر روح جو انجام آهي تہ فلاسافي ان کي بہ منهن ڏيندي ۽ ان سوڙهي دائري ۾ بہ انسان جي عظمت ۽ اهميت لاءِ جاءِ پيدا ڪندي.

هاڻي اسان پنهنجي سفر جي شروعات ٿا ڪيون.

باب ٻيو

# منطق ۽ علمن جي فلاسافي

## حقيقت ڇا آهي؟

صاف دل ۽ سباجهي سياءَ واري ٽنشي ڪاوڙ مان چيو هو، ”اسان جي نئين عهدنامي ۾ رڳو هڪڙو احترام لائق شخص نظر اچي ٿو ۽ اهو آهي رومي وائسراءِ پائليٽ، روم جو اعليٰ فرزند، جنهن رومين تي ٺٺولي ٿي ڪئي جو هنن سچ کي غلط نموني ۾ استعمال ٿي ڪيو. هن پنهنجي هڪڙي چوٽيءَ سان نئين عهدنامي کي مالامال ڪري ڇڏيو ۽ ساري نئين عهدنامي ۾ رڳو هن جي چوٽي ئي اهميت واري آهي ۽ اها چوٽي هن جو اهو سوال هو ته سچ ڇا آهي؟ ”اناطول فرانس هن جي ان سوال کي دنيا جو سڀ کان اهم سوال مڃيو جنهن تي ٻيا سڀ سوال مدار رکن ٿا.

فلاسافيءَ جي دعوت ۾ منطق هڪ نهايت معمولي شروعاتي طعام آهي پر ان سان سموري اشتها پوري ٿي ويندي آهي. منطق تي اسين شڪ ڪندا آهيون جو اسان کي خبر هوندي آهي ته اسان جا دليل گهڻي ڀاڱي اسان جون اهي خواهشون هونديون آهن جن کي اسين عقل جو لباس پارائيندا آهيون. اسان پنهنجي پر ۾ غيرجانبدار خيالن جون عمارتون تعمير ڪندا آهيون، پر اصل ۾ اسان انهن واقعن ۽ اصولن جي چونڊ ڪري رهيا هوندا آهيون جيڪي اسان جي ذاتي يا قومي خواهشن سان مطابقت رکنديون آهن. اسان منطق تي شڪ ڪندا آهيون جو اسان پڪيءَ عمر مان سبق سکي چڪا هوندا آهيون ته زندگي دليلن کان وسيع، پريور ۽ اونهي آهي. منطق هڪ هنڌ ڄمي ويٺل حقيقتن جو مرڪب آهي جڏهن ته زندگي متحرڪ ۽ تبديل ٿيندڙ ۽ سيني قانونن کي حيرت ۾ وجهندڙ آهي. ڪيتريون شيون آهن جن کي عقل اڳ مڃڻ کان انڪار ڪيو هو پر پوءِ انهن کي مڃڻ لاءِ مجبور ٿيو هو. شايد اسان جوانيءَ ۾ ئي دليلن جا سڀ اصول ياد ڪري ڇڏيندا

آهيون پر پوءِ خبر پوندي آهي تہ حقيقت جي سڃاڻ ۽ زندگيءَ جي حڪمت، دليلن جي نهيل ان ماپي سان ماپي نٿي سگهجي. اسان لاءِ خوشي ان ۾ آهي تہ زندگيءَ جي حقيقتن جو جائزو وٺڻ لاءِ اسان منطق کي في الحال پاسيرو رکون چاڪاڻ جو منطق سان فلاسافي بي جان ۽ بي چسي ٿي پوندي آهي ۽ انهن مسئلن تي ڌيان ڏيون جيڪي جيتوڻيڪ گهٽ بنيادي آهن پر اسان جي زندگيءَ لاءِ نهايت اهم آهن. پر اسين ائين ڪري نٿا سگهون چاڪاڻ تہ اسان کي سچ جي ڳولها آهي ۽ اسان ڪهڙي واٽ سان سچ کي ڳولهي سگهون ٿا بي ڳالهہ تہ اسين جيڪڏهن سچ تائين پهچي بہ وڃون تہ اسان سچ کي ڪيئن سڃاڻي سگهنداسين ۽ اسان کي ڪيئن خبر پوندي تہ هيءُ اها ئي شيءِ آهي جنهن جي اسان کي ڳولها هئي. ڳولها جو بيو ڪوبہ طريقو پڪ غير منطقي ٿيندو.

شروعات ۾ ئي اسان ڏسون ٿا تہ منطق جي بنيادي مسئلن کي يونان جي قديم زماني جي گمنام ۽ سني سوچ وارن مفڪرن، جن کي سافسٽ چيو ٿو وڃي، چڱيءَ طرح سمجهيو ۽ انهن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هنن چيو تہ علم رڳو حواسن جي وسيلي حاصل ٿو ٿئي (چيو ٿو وڃي تہ ٻن هزار سالن کانپوءِ جان لاڪ اها حقيقت ڳولهي لڌي) اهڙي طرح سچ جو ماپو يا رومي پائليٽ جي سوال جو جواب حو سن جي محسوسات آهي. حقيقت اها آهي جنهن کي اسين چکي، ڇهي، ٻڌي ۽ ڏسي سگهون ٿا. پائليٽ جي سوال جو ان کان وڌيڪ سولو جواب ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو. پر افلاطون هن جي ان جواب کان مطمئن نہ هو. هن چيو تہ جي اها حقيقت آهي تہ پوءِ حقيقت جو وجود ئي ڪونهي. هرهڪ ماڻهوءَ جا حواس جداجدا طريقي سان ڪم ٿا ڪن ۽ اهڙيءَ طرح باندر ۽ فلاسفر بنهي جو حقيقت جو ماپو هڪ آهي. ان جو فيصلو ڪير ڪندو تہ ڪنهن جو ماپو سچو آهي. افلاطون چيو تہ عقل ئي حقيقت جو ماپو آهي. عقل جو حواسن سان اهڙو ئي تعلق آهي جهڙو سياستدانن جو عوام سان ۽ ايڪي ۽ مرڪزيت جو چڙواڳ ميڙ سان، ارسطو هن سان اتفاق ڪيو. ارسطوءَ پهريون

دفعو دليلن جا قانون ناهيا ۽ منطق جي علم جو پايو وڌو. انهن قانونن مطابق ڪوبہ خيال رڳو انهن قانونن جي پيرويءَ سان سچو ثابت تي سگهي ٿو. مثال انسان هڪ باشعور حيوان آهي (اهو مثال اڄا تائين منطق جي ڪتابن ۾ موجود آهي). سقراط هڪ انسان آهي انڪري باشعور حيوان آهي. پائرهو چيو تہ ائين بلڪل نہ آهي. هر قياس جو انحصار نتيجي تي هوندو آهي. يعني اسان جنهن ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ گهرندا آهيون ان کي اسان پهريان ئي فرض ڪري ڇڏيندا آهيون. اسان جي ڳالهہ تيستائين صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ اهو فرض ڪرڻ هرگز صحيح نہ آهي تہ ماڻهو (جيڪو سقراط بہ آهي) باشعور حيوان آهي پر شايد ماڻهو رڳو حيلي باز جانور آهي. عقل غيريقيني هوندو آهي. ايپي ڪيورس چيو تہ اها ڳالهہ واقعي صحيح آهي. اسان کي وري سافسٽن ڏانهن موٽڻ گهرجي. رڳو پنهنجن حواسن تي اعتماد ڪرڻ گهرجي، پر وري سافسٽ پڇن ٿا تہ اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو. اسان جي حواسن کي سج گوگڙونءَ جيترو ٿو لڳي ۽ ستارا آسمان جي جسم تي ڦٽن وانگر ٿا لڳن. اهڙي صورت ۾ ڇا اسان پنهنجن حواسن تي اعتبار ڪري سگهون ٿا. پائرهو چيو ڪابہ ڳالهہ يقيني نہ آهي. هو جڏهن مئو تہ هن سان عقيدت رکندڙ سندس شاگردن هن جي موت تي افسوس نہ ڪيو جو هنن کي يقين نہ هو تہ هُو مري ويو آهي.

اهڙيءَ طرح فلاسافي جي ميدان ۾ عقل ۽ حواسن جي راند ٿيندي رهي، آهستي آهستي يونان ۽ روم منظر تان غائب ٿيندا ويا ۽ پورو يورپ گرجا جي قبضي ۾ اچي ويو. ماڻهن جي عقيدن ڪين آسماني حڪم مڃڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ حواسن کان ماورا حاصل ٿيندڙ ڄاڻ مقدس تصور ٿيڻ لڳي ۽ ماڻهن سافسٽن ۽ ايپي ڪيورس کي وساري ڇڏيو. عالمن سچ جي تشريح ائين ڪئي تہ اهو خيال صحيح هوندو آهي جنهن جي شين سان مطابقت هجي ۽ عقل کي اعليٰ مڃڻ لاءِ هنن افلاطون ۽ ارسطوءَ جي پيروي ڪئي پر سڀ کان بهترين دليلن جو طريقو مشاهدن سان نتيجا ڪڍي انهن جي آڌار تي دليل قائم ڪرڻ جو طريقو هو جنهن سان

ماڻهو هڪ مقرر ڪيل سوچ جي انداز ڪي يقيني مڃي دنيا جو هڪ منظم تصور قائم ڪري سگهي ٿو. خيال مشاهدي کان وڏي حقيقت آهي ڇاڪاڻ تہ اها مشاهدي مان حاصل ڪيل معلومات جي شروعات ۽ انت آهي، پر خيال يا جماعتي تصور غيرفاني آهن جيڪي مشاهدن کان اڳ ۽ پوءِ موجود آهن ۽ انهن جي ڪري ئي مشاهدا هڪ خص صورت اختيار ڪندا آهن. جيئرن انسانن کان انسانيت جي حقيقت وڌيڪ آهي ۽ گلاب جي گل جو حسن گلاب جي گل کان وڌيڪ حقيقي آهي. ايستائين جو ڊيڪارٽ جنهن دنيا کي تصورن کان آزاد ڪرايو هو. پاڻ اجا انهن تصورن ۾ قائل هو تنهن هر فلاسفر کان مطالبو ٿي ڪيو تہ حواسن جي شهادت کي رد ڪري ڇڏيو ۽ واضح خيالن کانسواءِ ڪنهن شيءِ کي حقيقي نہ سمجهو.

نئين دور ۾ حواسن کي وري اهميت ملي، سائنس ۾ گيليلئو ۽ فلاسافيءَ ۾ بيڪن حواسن کي وري پراڻو مقام ڏياريو. سيارن جي عالمن مشاهدي جي اوزارن سان حواسن جي مدد ڪئي. فلاسافر عقل ۽ مشاهدي جو ميلاپ پيدا ڪيو ۽ وڏن وڏن مقدس نتيجن کي مشاهدن مان نتيجا ڪڍڻ واري اصول سان پرکي ڏٺو جيڪڏهن ڪنهن کي منطق پڙهڻو آهي تہ هو بيڪن جو Novum Orgenum پڙهي. هن جو منطق تلواربازيءَ جي مقابلي جهڙو دلچسپ آهي دليل جڻ فتح جي جنگ ۽ جاسوسي ڪهاڻي جنهن ۾ مجرم حقيقت آهي جنهن کي ڳولهيو پيو وڃي. هن ڪتاب ۾ ڪيتريون جوشيلي ڳالهيون ۽ دانائي آهي، ڪتاب جي شروعات هيئن ٿي ٿئي. انسان جيڪو قدرت جو نمائندو ۽ ان جي تفسير ڪرڻ وارو آهي رڳو ايترو ڪري ۽ ڄاڻي ٿو جيترو هن جو قدرت جو مشاهدو ڪيس اجازت ٿو ڏي، ان کان وڌيڪ نہ هو ڪجهہ ڄاڻندو آهي ۽ نہ ڄاڻي سگهي ٿو. ڇا ان کان اڳ ڪنهن اسراريت، جهالت ۽ وڏن علمي دعوائن جي خلاف ايڏي وڏي جنگ جو اعلان ڪيو هو، هي اهو آواز هو جنهن هر خيال ماڻهن کي گڏ ڪيو ۽ علم جي تجديد لاءِ پير ٽي ڏونڪو هنيون.

پوءِ انگليند ۽ يورپ جي ملڪن ۾ بحث شروع ٿي ويو لائيبمز، ڪانٽ ۽ هيگل، حواسن سان حاصل ٿيندڙ ڄاڻ تي شڪ ڪري مونجهارا پيدا ڪري ڇڏيا ۽ چيائون تہ حواسن سان جيڪا ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي ان کي عقل ئي پرکي سگهي ٿو. ها بس، لاڪ ۽ مل هنن جي ان ڳالهہ تي ڪليا تہ عقل، ڏسڻ، چکڻ، سنگهڻ ۽ ٻڌڻ کان مٿاهان سچ سمجهي سگهي ٿو. ڪانٽ چيو تہ حساب حواسن جا محتاج نہ آهن، حواس بيشڪ ڪٽي ڪجهہ بہ ڏسن پر پنج ضربيان پنج هميشہ پنجوڻ ٿيندا، مل ان جو جواب ڏنو تہ اسان بہ ضربيان بہ کي چار انڪري ٿا مڃون جو اسان جي پنهنجي تجربي ۽ اسان کي ورثي ۾ مليل نتيجي مطابق چار هميشہ بہ ضربيان بہ جو نتيجو هوندو آهي. لاڪ چيو تہ علم حواسن سان حاصل ٿيندو آهي ۽ حساب جا اعليٰ ۾ اعليٰ نتيجا تيستائين غيريقيني آهن جيستائين حواس انهن جي پڪ نہ ڪن.

ان بحث جو ڏاڍو عجيب انجام ٿيو. ڄاڻ کي تجربي کان مٿاهون سمجهڻ وارو فلسفو يورپ جي ٻين ملڪن ۾ ختم ٿيو پر انگلستان ۾ وڌيو. حواسن کي ڄاڻ جو وسيلو سمجهڻ وارو فلسفو پوءِ انگلستان مان ختم ٿي آمريڪا ۾ مقبول ٿيو. انگلستان جو ڪيترين صدين کان عمل ڏانهن لاڙو هو ۽ حقيقتن تي ٻڌل نتيجا ڪيڻ واري منطق اتي جي زندگيءَ تي وچولي طبقي جي اثر جي عڪاسي تي ڪئي ۽ وچولي طبقي اتي جي مٿاهين طبقي تي پنهنجو اثر وڌايو تہ اوچتو اتان جي فلاسفرن جون ڳالهيون سمجهہ کان مٿاهيون ٿي ويون، هنن ڪانٽ ۽ هيگل کي جرمني مان آندو ۽ حواسن کي بي معنيٰ ٻڌائي ڇڏيو ۽ دليلن مان سوچ جا اهڙا قانون ڳاهيا جيڪي نہ رڳو منطق لاءِ پر ساري ڪائنات لاءِ هئا. بريڊلي تجربي کي مطلق سڏيو ۽ ان جو تجزيو ڪري ان کي فضا ۾ وکيري ڇڏيو. بوسينڪي منطق کي نتيجن جي نفسيات ٻڌائي نتيجي جي هن ريت تشريح ڪئي. ”ڪنهن مڃيل خيال جي اندرين اختلافن جي حقيقت ڏانهن سڌو حوالو آهي يعني ان خيال کي انهن اختلافن جي حقيقت جي سڌي سنئين حوالي سان پيش

ڪرڻ“ برٽريندرسل منطق ڪي دليلن جي سائنس مڃڻ بدران نتيجن جي مڪمل سائنس بڻايو. پروفيسر وائيٽ هيڊ سان ملي هن انهن نتيجن جي حساب جي عمارت بيهاري جن جو تجربن سان ڪو تعلق نه هو ۽ پوءِ ان ۾ هن سچ جي پنهنجي تشريح جو واڌارو ڪيو جيڪا هن ريت هئي:

”لفظن جو اهو مجموعو صحيح آهي جنهن جو ڪنهن هڪ حقيقت سان تعلق هوندو آهي، اها حقيقت ڪهڙي آهي ۽ ان سان لفظن جي ان مجموعي جو ڪهڙو تعلق آهي، منهنجي خيال ۾ بنيادي تعلق هي هوندو آهي ته لفظن جو اهو مجموعو تڏهن صحيح آهي جڏهن اهو شخص اها زبان سمجهي ٿو ۽ اهي لفظ ان وقت استعمال ڪري ٿو جڏهن هو پاڻ ڪي ان ماحول ۾ ڏسي ٿو جنهن ۾ اهي سڀ شيون موجود هونديون آهن جيڪي انهن لفظن جون معنائون آهن ۽ اهي شيون هن ۾ اهڙو ردِعمل پيدا ڪنديون آهن جو هو انهن لاءِ اهي لفظ استعمال ڪندو آهي ۽ انهن لفظن جو مطلب اهي شيون هونديون آهن.“ افسوس! ڇا انگريز جرمنيءَ ۾ تا انگريزي سگن؟ ۽ ڇا اسين علم جي هڪ نئين دور ۾ آهيون جنهن ۾ اهڙن خيالن جي پيروي ڪيون جن جو تجربي سان ڪو تعلق نه هجي ۽ نه ڪو فائدو هجي. جديد فلسفو گهٽي ياڳي ان ڪوشش ۾ آهي ته جيڪي سڀ ماڻهو ڄاڻن ٿا ن ڪي اهڙي علم ۾ بدلايو وڃي جنهن ڪي ڪوبه سمجهي نه سگهي.

وليم جيمس آمريڪا جي عمليت پسند فضا جي اثر جي ڪري خالي تصورن کان بيزار هو. هن سمجهيو ٿي ته فلسفي لاءِ ضروري نه آهي ته اهو ڏکيو ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ هجي. حقيقت ڪي اهڙي صاف انداز سان بيان ڪري سگهجي ٿو جو ان ڪي هڪ واپاري به سمجهي سگهي. حقيقت افاديت آهي، ڪنهن خيال جي صحيح هجڻ جو اندازو ان جي اصليت ڪي ڳولهڻ ۽ نتيجا ڪڍڻ واري اصول تي پرکڻ جي بدران جيمس ان جي صحيح هجڻ جو معيار عمل ڪي بنايو ۽ هر خيال جا عملي نتيجا ڏسڻ جي دعوت ڏني ۽ اهڙيءَ طرح خيال جو رخ وري شين ڏانهن ٿي ويو جان

ڊيوئي جي خيال ۾ خيال به پيٽ ۾ ٽنگن وانگر ڪم جو وسيلو آهي ۽ ان جي صحيح هجڻ جو معيار اهو آهي ته اهو پنهنجو ڪم صحيح نموني ۾ ڪري ٿو يا نه. خيال جو ڪم زندگيءَ ڪي سمجهڻ ۾ ان ڪي ضابطي ۾ آڻڻ آهي. اها هئي انگلستان جي ڪنهن هڪ حقيقت جي تجزيي سان ان جا عام اصول ڳولهي لهڻ واري روايت جنهن کي وري بيهر جواني ملي. افاديت سوچ جي هڪ پراڻي انداز جو نئون نالو آهي. اها بيڪن جي نظريي جي تفصيل آهي جنهن چيو هو ته اهو اصول جيڪو عمل ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪارائتو هجي اهو ئي خيال جي نقطهٔ نظر کان سڀ کان وڌيڪ صحيح آهي. بينٿم جو به اهوئي نظريو هو ته افاديت صحيح هجڻ جو ماپو آهي.

افاديت ۾ به ڪيترين ئي خاميون آهن، افاديت واري نظريي جو باني نرم دل هو، هن ماڻهن کي اجازت ڏيئي ڇڏي هئي ته جيڪڏهن هنن جا عقيدا کين دنيا جي جابراڻي لاپرواهيءَ کان فراريت ۾ سندن مدد ڪن ته پوءِ هو پنهنجن بي بنياد عقيدن کي صحيح سمجهن. پر ڪنهن به عقيدي کي ذاتي ۽ وقتي فائدو صحيح نٿو بڻائي. رڳو مستقل ۽ عالمگير فائدي جي ڪري ڪوبه عقيدو صحيح هوندو آهي. پر جيئن ته ڪوبه عقيدو صحيح هجڻ واري ان معيار تي پورو نٿو لهي انڪري ان جي صحيح هجڻ جو رڳو امڪان هوندو آهي. جيڪڏهن افاديت کي مڃڻ وارا فلاسافر ڪنهن خيال جي باري ۾ چون ته ڪنهن زماني ۾ ان جي افاديت هئي انڪري اهو صحيح هو ته هنن جي ڳالهه عاقلاڻي بي معنيٰ ۽ ان جي حيثيت ”مفيد غلطي“ واري هوندي. اسان ڪڏهن به اها ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار نه ٿينداسين ته اسان جا محبوب عقيدا ڪتي تنشي جي ڳالهه وانگر غلطيءَ جو مفيد ترين قسم نه هجن. هيءَ دنيا عقل لاءِ ناهي نهي.

اهڙي صورتحال ۾ اسان کي وري سافسٽن ڏانهن موٽڻو ۽ سندن نتيجن سان متفق ٿيڻو ٿو پوي ته حواس ئي ڪنهن به خيال جي صحيح هجڻ جو ماپو آهن. رڳو ڪو هڪ حواس نه پر

سڀ حواس، هڪ حواس شايد سان کي دوکو ڏئي. جيئن روشني اسان کي رنگن جو دوکو ڏيندي آهي. يا مفاصلو اسان کي ڪنهن به شيءِ جي ڊيگهه ۽ ويڪر جي باري ۾ دوکو ڏيندو آهي. اهڙي حالت ۾ اسان جو ڪو ٻيو حواس، اسان جي حواس جي ان غلطيءَ کي صحيح ڪري سگهندو آهي. حقيقت مستقل احساس آهي. احساس ۾ اسان کي اهي سڀ اوزار شامل ڪرڻا پوندا جن سان اسان پنهنجن حواسن کي تيز ۽ وسيع ڪري سگهندا آهيون، جيئن دوربين، خوردبين، حساس پليٽ، ايڪس ري، اسان جي اکين کي وڌيڪ طاقتور بنائڻ وارا اوزار، ٽيلي فون، اسٽتسڪوپ ۽ ريڊيو، اسان جي ٻڌڻ واري دنيا کي وڌيڪ وسيع بنائن ٿا. آخر ۾ اسان جي اندرين حس کي به شامل سمجهڻ گهرجي. اسان جي زندگيءَ ۽ ذهن جي اندر جو احساس ٻين حواسن وانگر قابل اعتماد آهي، اسان جيتوڻيڪ خود فريبيءَ ۾ ماهر آهيون پر اسان پنهنجو پاڻ کان وڌيڪ ٻي ڪنهن به شيءِ جي پاڻ جيڏي ڄاڻ نٿا رکون.

اها ڳالهه صحيح آهي ته حواسن تي يقين ڪري نٿو سگهجي، جيئن زندگيءَ تي يقين ڪري نٿو سگهجي. هيوم سچ چيو هو ته حواس اسان کي ڪنهن به اسرار کان آگاهه نٿا ڪن. اهي اسان کي رڳو واقعن جي سلسليوار ترتيب کان آگاهه ٿا ڪن ۽ اسان ڪڏهن به يقين سان چئي نٿ سگهون ته فلاڻو واقعو پڪ سان فلاڻي واقعي کان پوءِ پيش ايندو. حواس ايندڙ وقت جي هڪ گهڙيءَ لاءِ به يقيني ڄاڻ ڏيئي نٿا سگهن. اسن رڳو اندازو لڳائي سگهون ٿا ته جنهن سلسلي سان ڳ واقعا پيش آيا هئا ان ساڳئي سلسلي سان آئيندي به پيش ايندا. اسان کي ضرورت به ايتري ڄاڻ جي آهي ان کان وڌيڪ ڄاڻ جي ضرورت منطقيءَ کي هوندي آهي. دنيا ۾ ايتريون حيرتناڪ ۽ تڪڙيون تبديليون ٿينديون ٿيون رهن جو اسان جا سچ هميشه هڪ طرفا ۽ غير يقيني ٿا ثابت ٿين. حقيقت مطلق نه آهي رڳو اضافي حقيقتون آهن ۽ اسان کي انهن تي ئي ياڙڻ گهرجي.

اسان کان سواءِ دنيا ۾ بيا ماڻهو بہ آهن، انهن جي حواسن جا سچ ضروري نہ آهي تہ اسان جي حواسن جي سچن جهڙا هجن. پراندیلو جي ڊرامي ۾ جڏهن سينوراسيني چوي ٿي تہ ”هوءَ تڏهن يقين ڪندي جڏهن هوءَ پنهنجي اکين سان ڏسندي ۽ آگرين سان ڇهندي تہ ليندبزي کيس چوي ٿو تہ ”توکي ٻين جي ڇهي ۽ ڏسي محسوس ڪرڻ جو بہ احترام ڪرڻ گهرجي. ۽ پوءِ ڪٽي اهو احساس ان جي بلڪل ابتڙ هجي جيڪو تون ڏسي ۽ ڇهي محسوس ٿي ڪرين.“ ها جتي هڪ شخص جو نہ پر هڪ کان وڌيڪ شخصن جو معاملو هجي اتي سچ مستقل طرح گڏيل احساس هئڻ گهرجي ۽ جتي هڪ کان وڌيڪ گهڙين جي ڳالهہ هجي اتي سچ مستقل مربوط احساس هئڻ گهرجي. حقيقت رنگارنگي شيشن جو نهيل گنبذ آهي ۽ هرڪو ماڻهو پنهنجي ننڍڙي ڪنڊ کان رنگن جو امتزاج ڏسندو آهي، شايد حقيقت اسان جي خودفريبين جو گڏيل سرمايو هجي ۽ يقين اها غلطي هجي جنهن کي سڀ صحيح سمجهندا آهيون. اسان کي ان تشريح تي ئي راضي ٿيڻ گهرجي.

پر آخر هن کل جهڙي ڪاروباري منطق ۾ جيڪو عام ماڻهوءَ جي پنهنجي بابت خلاف راءِ جي تصديق تہ ڪري، عقل جو ڪهڙو مقام هجي، عقل جو ڪم اهو هئڻ گهرجي تہ عقل احساسن کي خيالن سان، خيالن کي علم، علم کي ڏاهپ، مقصدن کي شخصيت، فردن کي سماج ۽ سماج کي امن سان ڳنڍي، علم جي ڄاڻ ۾ عمل جو ڪم بيشڪ تہ ٻئي درجي تي آهي پر ڏاڍو اهم آهي. عقل جو ڪم آهي تہ اهو وکريل ۽ متضاد احساسن ۾ ربط پيدا ڪري ۽ انهن کي هڪ جهڙن نتيجن ۾ ڳنڍي جن جي تصديق ۽ ترديد آئينده احساس ڪندا. عقل جي شاهدي حواسن واري شاهدي کان گهٽ يقين واري آهي ڇاڪاڻ تہ حواسن سان حاصل ٿيل شاهدي کان اڳتي وڃڻ لاءِ اسان کي مشاهدي مان نتيجا ڪڍڻ واري اصول کان ڪم وٺڻو پوندو ۽ اسان جو هر اهڙو قدم اسان کي حواسن سان حاصل ڪيل معلومات يا شاهديءَ کان پري ڪندو

۽ حقيقت جي امڪان کي گهٽائيندو. پر زندگيءَ ۾ اها جوئا بہ کيڏڻي پوندي آهي. اسان کي حواسن جي متضاد احساسن ۽ جانبدار نظرين کي هم آهنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان کي اها ڳالهہ قبول آهي تہ پوءِ اسان پنهنجي فهم ۽ فراست ۽ فطرت کي سمجهڻ جي صلاحيت کي وڌايون ۽ جهڙيءَ طرح ڪوهلر جا ٻاندر صورتحال جو پوريءَ طرح جائزو وٺڻ کانپوءِ ردِعمل ڏيکاريندا هئا ائين اسان کي بہ مدلل حقيقت، فلسفو ۽ حڪمت، اخلاق ۽ حسن جو پورو جائزو وٺڻ گهرجي تہ ان جو هر حصو ڪل سان پوري مطابقت ٿو رکي. حواسن سان اسان جا قدم زمين تي ڄميل آهن عقل ۽ دليلن سان اسان حواسن کان پري نظر وجهندا آهيون ۽ نئين حقيقتن جو تصور ڪندا آهيون جن جي ڪنهن ڏينهن سان جا حواس تصديق ڪندا. حواس سچ جو ماپو آهن پر عقل، حواسن سان معلوم ٿيندڙ سچ کان اڳتي جو ڳولهائو آهي.

## ڇاڻ جا اُسرڻ:

اسين هاٿي هتي بيٺا آهيون، پر اسان هرطرف جي خطرن ۾ آهيون، هڪ طرف خيال پرست محسوسات جي سچائيءَ کان منڪر آهي ۽ ٻئي طرف صوفي حواسن جي شاهديءَ تي اعتراض ٿو ڪري، سوال آهي تہ اسين هنن کي ڪهڙو جواب ڏيون.

يونان جي فلاسفر ڊيموڪريٽس ٽيويهہ سؤ سال اڳ چيو هو تہ ”استعمال سان خراب ۽ سني، ڪڙي ۽ مني جي خبر پوي ٿي پر حقيقت ۾ (ڪجهہ بہ نہ آهي) رڳو ايٽم آهن ۽ خال آهي“ ان ڪلندڙ فلاسافرماديت پرستيءَ واري فلاسافيءَ جو بنياد وڌو هو. هن جي ذهن ۾ محسوسات جو داخلي تصور هو. رنگ، گرمي، وزن، شڪل، آواز، ذائقو، سنگهڻ، سور، اهي صفتون شين ۾ نہ آهن پر محسوس ڪرڻ واري جي حواسن ۾ آهن. يوناني فلاسافر کان صديون پوءِ هابس چيو تہ جن صفتن کي اسين محسوسات ٿا چئون اهي مادي جون مختلف حرڪتون آهن. جيڪي مختلف طريقن سان

حواسن تي اثر تيون ڪن. ” آواز هوا جي حرڪت آهي، روشني ايٿر جي حرڪت آهي يا وري اکين تي شين جي حرڪت جي بمباري آهي ۽ رنگ روشني جي سراسري لهرن جي شدت سان اکين جي تارن تي اثرانداز ٿيندي آهي، ”خارجي حقيقت“ نه گرم آهي نه سرد، نه بدصورت نه خوبصورت، نه اونداهي، نه بي رنگ ۽ نه خاموش آهي. جيڪڏهن دنيا ۾ اکيون ۽ حساس جسم نه هجي ها ته روشني ڪيئن هجي ها، ڪن نه هجن ها ته آواز ڪيئن هجن ها، وڻندڙ اندلٺ آسمان ۾ نه پر اسان جي اکين ۾ آهي.

هاڻي ڏسون ته اُهي خيال پرست فلاسفر چون ٿا ته خيالن ڪانسواءِ اسان ڪي بي ڪا ڄاڻ تي نٿي سگهي. هيءَ خارجي دنيا جنهن کي اسين پنهنجو پاڻ کان جدا وجود رکندڙ ٿا سمجهون اها سڀ کان پهرين ته رنگن جي دنيا آهي، پر رنگ داخلي آهن، اهي اوهان ۾ آهن، انهن شين ۾ نه آهن جيڪي اوهان کي نظر ٿيون اچن، ڪي ماڻهو رنگ ڏسي نه سگهندا آهن. مثال هن ڪائنات ۾ هنن کي ڳاڙهو رنگ نظر نه ايندو آهي. جيڪڏهن اسين سڀ انهن وانگر هجون ها ته ڇا پوءِ به گلاب ڳاڙهو هجي ها؟ رنگ، صبح کان منجهند، منجهند کان شام ۽ شام کان هترادو روشنيءَ تائين بدلجندا رهن ٿا. انهن مان ڪهڙو رنگ اصلي آهي، ڇا ڪپڙي جو اهو رنگ اصلي هوندو آهي جيڪو اسان دڪان ۾ ڏسندا آهيون يا اهو جيڪو اسان روشنيءَ ۾ پائي گهمندا آهيون. ٻين حيوانن جون اکيون اسان جي اکين کان ٻئي نموني جون هونديون آهن ۽ شايد هنن جون اکيون ٻئي طرح جي شاهدي ڏينديون آهن. ڪهڙي شڪل يا رنگ حقيقي آهي. اسان جون اکيون اندلٺ جي وڏي حصي کي ڏسي نه ٿيون سگهن. سنين اکين وارا حيوان اسان کان وڌيڪ سٺي نموني ۾ دنيا جا رنگ ۽ شڪليون ڏسي سگهن ٿا، اسان مان ڪير حقيقي دنيا کي ڏسي ٿو، اسان يا حيوان، هيءَ ميز جيڪا اسان کي گول ٿي ڏسڻ ۾ اچي شايد بيدي جهڙي هجي، ڇا سڀ شڪليون ۽ رنگ ڏسڻ واري جي شاهديءَ تي مدار رکن ٿيون.

سنگهڻ ۽ ذائقي تي غور ڪيو، هڪ ماڻهوءَ کي گوشت وڻندو آهي ٻئي لاءِ اهو زهر هوندو آهي، هزارين ماڻهو مڇيءَ جو آچار پسند ڪندا آهن ۽ هزارين ان کي پسند ڪرڻ جي رڳو دعويٰ ڪندا آهن. غريب چيني ڳريل مڇي جي ذائقي کي پسند ڪندا آهن ۽ امير انگريز وري خراب ٿيل پنير جي ذائقي کي سٺو سمجهندا آهن. ائين سرد ۽ گرم جي فرق کي ونو. اوهان هڪ هٿ ٿڌي ۽ ٻيو گرم پاڻيءَ ۾ وجهو ۽ پوءِ ٻئي هٿ ڪڍي گهٽ گرم پاڻيءَ ۾ وجهو تہ گهٽ گرم پاڻي هڪ هٿ کي ٿڌو ۽ ٻئي کي گرم لڳندو. حقيقت ڇا آهي؟ اهڙيءَ طرح ذائقي ۽ غم تي غور ڪيو. جيڪڏهن زبان کان دماغ تائين واريون نسون ڪٽي ڇڏجن، يا زڪام هجي تہ کاڌي جو مزو ختم ٿي ويندو. ڇا ذائقو کاڌي ۾ آهي يا دماغ ۾، اسان جي ڏند ۾ سور آهي اسان ڏند کي دماغ سان ڳنڍڻ واري رڳ کي بي حس ڪري ڇڏيون تہ سور ختم ٿي ويندو. ڇا اهو سور ڏند ۾ هو يا دماغ ۾؟ اهوئي حال حسن ۽ بدصورتيءَ جو آهي، هيءَ عورت سهڻي آهي پر ڇا هوءَ پنهنجي پاڙ ۽ رقيب لاءِ اهڙي سهڻي آهي جهڙي تولاءِ، ڇا هن جو حسن هن ۾ آهي يا اوهان جي جذبي ۾، خارجي دنيا مان اهي صفتون ڪڍي ڇڏيو، جيڪي اوهان پنهنجي موجودگي ۽ پنهنجي تصورن سان ان ۾ داخل ڪيو تہ پوءِ باقي ڇا رهندو. رڳو ذرا، خال، مادو، مڪان ۽ زمان.

پر مادو انهن محسوسات کانسواءِ جيڪي خيالن جي صورت ۾ ذهن ۾ گڏ ٿي وينديون آهن ٻيو ڇا آهي؟ مڪان، پنيان، اڳيان، ساڄ، مٿي، هيٺ، هُتي، ويجهو، پري، ننڍو، وڏو. انهن کانسواءِ ٻيو ڇا آهي. اهي سڀ تعلق ڏسڻ واري جي رويي کانسواءِ ٻيو ڇا آهن. ڇا شيون هتي هُتي آهن، اڳتي پٺتي آهن، ننڍيون ۽ وڏيون آهن، اهي سڀ اسان جي حوالي سان ائين آهن، هڪ شيءِ عام اک سان، خوردبين سان ۽ دوربين سان جدا جدا نظر ايندي. موسيو رابرٽ جي ڪتي چيو تہ منهنجو مالڪ جڏهن منهنجي ويجهو ايندو آهي، تڏهن وڏو ٿي ويندو آهي. ۽ جڏهن پري هوندو آهي تہ ننڍو ٿي ويندو آهي. مان ٿي رڳو اهڙو آهيان جو جتي

ويهندو آهيان ساڳيو هوندو آهيان. نارنگي جي اصلي سائيز ڪهڙي آهي. ڇا اها مک جيڪا ان جي چوڏاري تي ڦري ان کي نارنگيءَ جي جيڪا سائيز محسوس ٿي ٿئي اها صحيح آهي يا مان ان کي هٿ ۾ کڻي محسوس ٿو ڪيان ته اها صحيح آهي يا وري جيڪو ان کي ڏسي ٿو اها صحيح آهي. پيمانو جيڪو مون کي نارنگيءَ جي سائيز ٻڌائي ٿو اهو پاڻ نارنگيءَ جي سائيز جهڙو آهي جيڪو مک کي ننڍو ۽ مون کي وڏو ٿو نظر اچي ۽ مريخ جي ڪنهن رهڻ واري کي تمام ننڍو نظر ايندو. حقيقت اهو ماڻهو ئي آهي جيڪو سيني شين جو ماپو آهي ۽ هن جي شاهدين جي دنيا گهٽي ياڳي هن جي پنهنجي تخليق ڪيل آهي.

آئن اسٽائن چيو ته اضافيت جي نظريي جو لازمي نتيجو هي نڪتو آهي ته زمان ۽ مڪان ڪان مادي معروضيت جو آخري نشان به ڪسجي ويو. اسان لاءِ زمان ”اڳ“ ۽ ”پوءِ“ جي احساس ڪان سواءِ بيو ڇا آهي يعني ته اسان جي ذهنن ۾ اڳ ۽ پوءِ جو فرق آهي ۽ جيڪڏهن ذهن نه هجن ته ڇا پوءِ به اڳ ۽ پوءِ جو احساس رهندو؟ شايد وقت جو احساس پرواني جي ذهن ۾ جنهن کي اسين ڇيپاٽي ڇا ڇڏيون، اسان جي پيٽ ۾ وڏيڪ شديد هجي، ڇاڪاڻ جو اسان جي زندگي وڏيڪ سست آهي. سوال آهي ته ڪهڙو وقت حقيقت آهي؟ والٽيئر جي هڪ افساني ۾ زحل جو هڪڙو رهاڪو شڪايت ٿو ڪري ته زحل تي زندگيءَ جي ڊيگهه رڳو پندرنهن هزار سال آهي، ايتري ننڍي عمر ۾ ڪو ڇا ٿو ڪري سگهي؟... جنهن سال ۾ اسان نوان تجربا ڪندا آهيون اهو سال اسان کي ان سال ڪان وڏيڪ ڊگهو لڳندو آهي جنهن ۾ اسان لاءِ ڪو يادگار واقعو نه ٿيل هوندو آهي. ڏند ڪڍڻ واري جي ڪرسيءَ تي وقت سدائين ڊگهو ٿي ويندو آهي. فليميريئن اهڙي ماڻهوءَ جي ڳالهه ٿو ڪري جيڪو روشنيءَ جي رفتار سان زمين ڪان پري ٿيندو ٿي ويو ۽ هن فرانس جي انقلاب وارا واقعا وري ٿيندا ڏٺا، مڪان زمان کي بدلائي ڇڏيندو آهي. جيئن ساموندي سفر ۾ ٿيندو آهي، يا جيئن اسان ايم.پاسي پارتو جي ”اسي ڏينهن ۾ دنيا جو سفر“ ۾ ڏٺو ته مڪان

زمان کي بدلائي ڇڏيو. اتر آسمان ۾ نظر ايندڙ سيارو هاڻي اُتي ڪونهي. اهو روشني ڏيڻ کان ترت پوءِ پنهنجيءَ جاءِ تان لڏي ويو. زمان ۽ مڪان جو سلسلو مقام ۽ فاصلي جو هڪ ڳتيل سلسلو آهي، اهو مشاهدي جو هڪ انداز آهي ۽ ڪا خارجي شيءِ ناهي انساني ذهن هڪ بندي خانو آهي. اهو ڪڏهن به سمجهي نٿو سگهي ته اسان جي مشاهدي جو ڪيترو حصو ان شيءِ ۾ آهي جنهن جو اسان مشاهدو ڪيون ٿا ۽ ڪيترو مشاهدو ڪرڻ واري ۾ آهي. اهي آهن اسان جي حواسن جا احساس جن لاءِ اسان جي دعوي آهي ته اهي اسان کي حقيقت جي ڄاڻ ڏين ٿا.

نه، حواس اسان کي حقيقت جي ڄاڻ ڏيئي نٿا سگهن. اسان کي رڳو پنهنجن خيالن جي ڄاڻ هوندي آهي ۽ اسان انهن جي صحيح هجڻ جو اندازو هن خارجي دنيا ذريعي لڳائي نٿا سگهون، جيڪا حواسن جي تاثرات سان جُڙيل آهي. اسان ڪيئن ٿا چئي سگهون ته ڪابه شيءِ حقيقت ۾ ڇا آهي ڇاڪاڻ ته حقيقت حواسن جي تاثرات جو روپ اختيار ڪري اسان تائين پهچي ٿي ۽ اسين دنيا جو اهو روپ ئي ڄاڻون ٿا. هي شيون جن کي اسين پنهنجن خيالن جي صحيح هجڻ جو ضامن ٿا سمجهون اهي سڀ خيال جي تخليق آهن، اسان جا خيال ڇڙوڇڙ تاثرات ۾ ربط پيدا ڪري شين کي شڪليون ڏيندا آهن. اسان ڏسڻ، ٻڌڻ، چکڻ ۽ ڇهڻ جي تاثرات کي هڪ ٻئي سان ڳنڍي ڪا شيءِ ناهيندا آهيون، اسان مشاهدي سان شيءِ تخليق ڪندا آهيون، حقيقي وجود اسان جي ذهن ۽ خيالن جي دنيا جو آهي باقي سڀ ڪجهه فرضي آهي.

ڇا اهو سچ آهي؟ شايد فلسفو انهن شين سان جن لاءِ يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اهي موجود آهن، واسطو نه رکندو آهي ۽ فن وانگر فلسفي لاءِ به ايترو چئي سگهجي ٿو ته ذوق جي معاملي ۾ بحث جي جاءِ نه هوندي آهي. اهڙو ماڻهو جيڪو خيالن جي وضاحت چاهيندو هجي ان کي خارجي دنيا جي تصور پرستيءَ واري اهڙي ترديد قائل ڪري نٿي سگهي، هن لاءِ اهڙا دليل منطقي دليل بازي، اوائلي دور جي وحشين جي جادو ۽ وچولي دور جي

اسرارن جو يادگار آهن، حواسن جي تاثرن جو تجربو سڀ ڪجهہ نہ آهي ڇاڪاڻ تہ جنهن مان تاثرات جو تجربو حاصل ٿو ٿئي ان ڪي مادو چيو ٿو وڃي.

تصور پرست فلاسافيءَ جو راز اهو آهي تہ اها معنيٰ ڪي شين جي وجود سان منجهائي ڇڏيندي آهي. اهي شيون جن جو حواسن سان تجربو نٿو ڪري سگهجي. انهن جي ڪا معنيٰ ڪانهي، پر تي سگهي ٿو تہ انهن جو وجود هجي. بريڊلي چيو هو تہ ڪنهن شيءِ جي حقيقي هجڻ لاءِ ضروري آهي تہ ان جو مشاهدو ڪري سگهجي پر ڇا ڏورانها سيارا دوربين جي ايجاد کان اڳ موجود هئا ۽ ڇا اسان چئي سگهون ٿا تہ ڪو اهڙو سيارو موجود نہ آهي جيڪو اسان ڪي موجوده اوزارن سان نظر نٿو اچي. بيشڪ تہ اُهي ائين نہ هئا ۽ تہ ائين آهن جيئن هو اسان ڪي نظر ٿا اچن. روشني جو هي نقطو جنهن ڪي اسان Sirius ٿا چئون تي سگهي ٿو تہ اونداهي مادي جو هڪ ٽڪرو هجي جنهن مان ايڏي تيزيءَ سان ذرا نڪرندا هجن جو اهي رستي ۾ روشني بنجي ويندا هجن. دوربين انهن ڪي تخليق نٿي ڪري پر انهن جو پنهنجو وجود آهي. هڪڙي حسابدان حساب لڳائي اڳڪٿي ڪئي تہ جيڪڏهن تجربيگاهہ جون دوربينيون ڪنهن خاص مهل تي ڪنهن خاص رخ تي آسمان ڏانهن موڙي ڇڏجن تہ اتي هڪ نئون سيارو نظر ايندو. دوربين ڏنو ۽ هڪ نئون سيارو ڳولهي لڌو، ڇا نيپچون بہ ائين تخليق ٿيو هو.

اسان ڪي ميٺو پوندو تہ سيارن جو وجود جيستائين مشاهدي ۾ نٿو اچي تيستائين اندازي سان ڪڍيل نتيجي تي ٻڌل آهي ۽ ڪوبہ اندازو يقيني نہ هوندو آهي، پر اهڙي اندازي وارو نتيجو جنهن جي هزارين سالن کان روزانو رات جو تصديق ٿيندي هجي، اهو عقل تي ٻڌل اندازو آهي ۽ اهو اهڙي فلاسافي لاءِ ڪافي آهي، جيڪا زندگي کان پاسيري ٿيڻ جي بدران زندگيءَ تي اثرانداز ٿيڻ گهرندي هجي. اسان جڏهن پنهنجي ڪمري مان نڪرون ٿا ۽ پنيان ڪمري ۾ زندگيءَ جا ڪي بہ آثار ڪونہ ٿا هجن

تہ جي اهڙي حالت ۾ ڪمري جو وجود ختم ٿي ٿو وڃي. پر شايد ختم نہ ٿيندو آهي ڇاڪاڻ جو اسان جڏهن موٽي ايندا آهيون تہ ڪمرو پنهنجيءَ جاءِ تي موجود هوندو آهي. اسان کي اهو ڄاڻي آتت ملندي آهي تہ مس ميءَ سِنڪليئر جيڪا ناول ۽ فلاسافيءَ وارا رسالا لکي پاڻ وندرائيندي آهي، اها ڳالهہ مڃيندي آهي تہ هوءَ جڏهن پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيندي آهي تڏهن هوءَ ڪمري کي تخليق نہ ڪندي آهي پر ڪمرو اڳ ۾ ئي موجود هوندو آهي. مذهبي فلاسافي عورتن کي دوکو ڏيندي آهي پر مرد بہ علم جي فلسفي کان دوکو کائي سگهندو آهي.

اعتباري ۽ معروضي، انهن لفظن جي معنيٰ ڇا آهي، پر شايد انهن لفظن جي وضاحت نہ ڪرڻ سان ئي تصور پرست فلاسفيءَ جي راند ڪامياب ٿي سگهي ٿي. تصور پرستن جي ڳالهہ مڃي 'اسان تصور جي دنيا (جنهن کي هو حقيقي ٿا سمجهن) ۽ هن دنيا ۾ فرق ڪيون جيڪا اسان لاءِ تہ حقيقي آهي پر هنن لاءِ حقيقي نہ آهي. اعتباري دنيا سراسر خيالن ۽ تصورن تي ٻڌل هوندي ۽ باقي ٻيو سڀ ڪجهہ معروضي هوندو. پر هتي اسان کي هڪ ڏکيائي پيش ايندي تہ ان معروضي دنيا ۾ ڏسڻ واري جو جسم، هن جون اکيون، زبان، نڪ، ڪَن، آڱريون ۽ مٿو شامل هوندا، هن جا حواس بہ هن جي جنگهن جيان معروضي دنيا جو حصو آهن جيئن اها زمين حصو آهي جنهن تي هو بيٺل آهي. اسين جيڪڏهن هڪ وار اهو مڃون تہ پوءِ ڳالهہ واضح ٿي ويندي تہ احساس، معروضي حالتن مان پيدا ٿيندا آهن، ان جي اسان هن ريت وضاحت ڪنداسين:

اسان ۾ رنگن جو احساس ڪيئن ٿو پيدا ٿئي؟ ان جا ٽي سبب آهن: هڪ اسان جي احساس جي خارجي سبب جي مادي ۽ ڪيميائي جوڙجڪ (اسان ان خارجي سبب جي وجود لاءِ پهرين دليل ڏيئي آيا آهيون) ٻيو روشنيءَ جو مقدار ۽ قسم، جنهن مان اها روشني پيدا ٿي ان جي جوڙجڪ، روشني جي لهرن جي رفتار ۽ ارتعاش بہ شامل آهن. ٽيون ڏسڻ واري جون اکيون، هن جي نظر

جون تنتون ۽ دماغ جا نظر جا مرڪز. انهن مان ڪابہ شيءِ خارجي نہ آهي ۽ شايد تہ اسين انهن اوزارن جي وسيلي جيڪي ٻين سائنسن جي اوزارن کان وڌيڪ نازڪ نہ هجن. پنهنجي اکين جي ريٽينا، نظر جون تنتون، نظر جا دماغي مرڪز ڏسي سگهنداسين. اهي سڀ حالتون خارجي دنيا جو حصو آهن، شعور ۽ خيال جو حصو نہ آهن.

روشنيءَ جي انهن ٽن سببن سان معروضي حالتون ٿهن ٿيون جن ۾ سبب، وسيلو ۽ احساس شامل آهن. انهن مان ڪنهن بہ سبب جي بدلجڻ سان رنگ جو احساس بدلجي ويندو. اسان ڪيميائي جوڙجڪ سان ڪنهن شيءِ جو رنگ ڳاڙهو ڪري سگهون ٿا. مصنوعي روشني سان نيري ڪپڙي جو رنگ ڪارو ٿي سگهي ٿو ۽ اسان اک کي زور ڏيئي ننڍا ننڍا ستارا پيدا ڪري سگهون ٿا. جدا جدا رنگ جدا جدا معروضي حالتن جو نتيجو آهن. اهي ڪنهن شيءِ جي هميشہ رهڻ واري صفت نہ آهن ۽ نہ وري ڏسڻ واري جي ذهن جي پيداوار آهن. تصور پرست سچ چوندو آهي تہ جيستائين ڏسڻ وارو نہ هوندو آهي تيستائين وڻ سائو نہ هوندو آهي پر هو اهو غلط چوندو آهي تہ ڏسڻ واري سان وڻ جي ساواڻ پيدا ٿيندي آهي. جيڪڏهن ڏسڻ واري سان سائو رنگ پيدا ٿئي ها تہ ڏسڻ واري کي وڻ، بادل، گلاب، سنهري وار سڀ ساوا نظر اچي سگهن ها. تضادن جو اهو اصول آهي تہ انهن جي ميلاپ سان حقيقت ظاهر ٿيندي آهي ۽ اهو اصول هن بحث سان بہ لاڳو آهي، ان اصول جي حوالي سان اسان شڪل ۽ آواز جو بہ جائزو وٺي سگهون ٿا. آواز بہ معروضي حالتن مان پيدا ٿيندو آهي. جيئن خارجي سبب، هوا، لهرون ۽ ٻڌڻ جو حواس، ساڳئي حالت سوسڙي پاڻيءَ جي آهي. اهو هڪ هٿ کي گرم ۽ ٻئي کي ٿڌو لڳندو آهي. حرارت احساس ۽ مادي حالتن مان جڙندي آهي ۽ ڇاڪاڻ تہ هڪ هٿ ٻئي هٿ کان وڌيڪ گرم آهي انڪري ٻنهي جو احساس هڪ ٻئي کان الڳ هوندو. پر پاڻيءَ جي ڪيفيت ۽ هٿ ٻئي معروضي آهن ۽ پاڻيءَ جي ڪيفيت جو تجربو ڪرڻ وارو ان کي پيدا نٿو

ڪري. اصل رنگ، اصل شڪل، اصل حرارت ۽ اصل آواز ڇا آهي ان لاءِ ڪوبہ يقين سان چئي نٿو سگهي. هر انسان جا حواس حالتن کي بنائڻ ۾ حصو وٺندا آهن ۽ هر ماڻهوءَ جا حواس جدا جدا شاهدي ڏيندا آهن. عملي زندگيءَ لاءِ ايترو ڪافي آهي تہ اسين انهن شاهدن کي حقيقي سمجهون جيڪي جدا جدا ماڻهن جون هڪ جهڙيون هجن، اسين چئي ٿا سگهون تہ اهي شيون جن بابت جدا جدا ماڻهو ساڳئي شاهدي ڏين معروضي شيون آهن ۽ انهن کي جدا جدا ماڻهو تخليق نٿا ڪن. حقيقت اجتماعي طرح ڳنڍيل احساس آهي.

اسان في الحال زمان ۽ مڪان جي مسئلن کي ڇڏي ڏنو آهي جو انهن مسئلن جي باري ۾ وڏو مونجهارو آهي. اسٽين ميز ۽ آئن اسٽائن جهڙا سائنسدان ڪانٽ جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪري چڪا آهن. مڪان فاصلي جي پيمائش طور ڪنهن حد تائين اضافي حيثيت رکي ٿو چاڪاڻ جو مڪان ۽ فاصلي جو تعلق اسان سان آهي. پر مڪان جيئن تہ حرڪت جي سيني ممڪن رخن جو مجموعو آهي انڪري اسان جي وجود کان بي نياز آهي. هتي اسين چئي سگهون ٿا تہ وليم جيمس ان وقت تصور پرستيءَ جي نهايت ڪامياب ترديد ڪئي جڏهن بي نيازيءَ سان چيائين تہ اسان تعلقات جو بہ ائين سڌوسنئون مشاهدو ڪندا آهيون جيئن ڪنهن بي شيءِ جو ڪندا آهيون، پر جيڪڏهن اها ترديد ڪافي نہ هجي ها تہ پوءِ ڪوهلر، چمپينزي باندرن تي جيڪي تجربا ڪيا هئا اهي ڪافي هجن ها. اسان غير برابر شين جي بناوت، حرڪت ۽ سڪون جو مشاهدو ڪندا آهيون ۽ اسان جڏهن هڪ هنڌ بيٺل پسمنظر ۾ ڪنهن جيت کي ڇُرندو ڏسندا آهيون تڏهن اسان سڌوسنئون زمان ۽ مڪان جو مشاهدو ڪري رهيا هوندا آهيون.

وقت حرڪت جو اولاد آهي، حرڪت نہ هجي تہ ڪائنات ۾ ڪا تبديلي نہ ٿئي ۽ تبديلي نہ هجي تہ وقت نہ هجي. وقت جيڪو اڳ ۽ پوءِ ۽ وهڪري جو احساس آهي ۽ اضافي حيثيت ٿو رکي ان جو احساس رڳو ذهن ئي دنيا کي ڏياري سگهي ٿو ۽ اهو تبديلي يا

انقلاب جي معنيٰ ۾ معروضي حيثيت تو رکي ۽ جيڪڏهن سڀ ذهن ختم ٿي وڃن تڏهن به وقت جاري رهندو. وڻ تڏهن به ٻور جهليندا، ميوو ڏيندا ۽ سُڪندا جڏهن ڪين ڏسڻ وارو ڪوبہ نہ هوندو. ڪوبہ ڏسڻ وارو نہ هوندو تہ بہ سمنڊ لهرون هڻندو ۽ زمين جي وڏي ايراضيءَ کي ڪائيندو رهندو. سمنڊ، بائرن جي شاعريءَ کان اڳ بہ ڇوليون هڻندو هو ۽ هن جي آخري شعر کان پوءِ بہ ڇوليون ٿو هڻي. زمان ۽ مڪان جي اها دنيا هڪ ئي حقيقت آهي جيڪا ڪنهن داناءَ لاءِ ايتري صحيح آهي جيترو ڪو الهامي نظريو. ذهن هن دنيا کي وجود نٿو ڏي پر ان کي معنيٰ ۽ اهميت ٿو ڏي. دنيا جي شين جو پنهنجي ليکي ڪو مفهوم ڪونهي جيستائين اسان انهن ۾ مفهوم پيدا نہ ڪيون. شايد انڪري ئي هيءَ دنيا فهم کان ٻاهر ٿي وئي آهي.

اسان اميد ٿا ڪيون تہ فلاسافيءَ جي تحريڪ ۾ 'علم جي فلاسافيءَ' وارو خيال ختم ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي وري موت ۽ زندگيءَ جي مسئلن واريون ڳالهيون ٻڌڻ ۾ ايندون. تصور پرستيءَ جيتوڻيڪ مشاهدي جي دنيا ۾ حواسن جي اهميت کي مڃي علم جي خدمت ڪئي پر تنهن هوندي بہ اها فلاسافيءَ ۾ هڪ خاص نوع جي معصوميت هئي. جيڪڏهن اهي فلاسافر پنهنجون زندگيون پنهنجن نظرين مطابق گهارن ها ۽ ان مفروضي تي عمل ڪن ها تہ خارجي دنيا حقيقي نہ آهي تہ اسين هنن جو ائين 'حترام ڪيون ها جيئن اسين اهڙن درويشن جو ڪندا آهيون جيڪي پنهنجون زندگيون درويشيءَ جي خودفريبيءَ مطابق گها، يندا آهن. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ دنيا جي وجود کان انڪار ڪرڻ وارا دنياداريءَ ۾ هڪ حقيقت پسند دنيادار وانگر زندگي ٿا گذارين. جيئن ميڊم دي اسٽيل چيو هو تہ فتشي انڪساريءَ واري حالت ۾ پنهنجي ان ڳالهہ تي پڪ شڪ ڪيو هوندو تہ هن پنهنجي زال جو مشاهدو ڪري ڪيس تخليق ڪيو هو.

جرمني، جيڪا پرين جي ڪهاڻين جي سرزمين آهي اتان سڀ کان پهرين ان ڪهاڻيءَ جي شروعات ٿي تہ ذهن دنيا کي

تخليق ڪيو آهي ۽ روماني تحريڪ ان افساني جو بنياد وڌو. روماني تحريڪ والنيئر جي دور جي ماديت، حقيقت پرستي ۽ شڪ جي خلاف جذباتي ردِعمل هئي. هڪ نوع جو احتجاج هئي انسان جي ان تحقير جي خلاف جيڪا ڪوپرنيڪن جي انڪشافن سان ٿي هئي، جيڪ ڊارون جي نظريي آڏو گهٽبي وئي ۽ شايد جلدئي ختم ٿي ويندي. فرانس جي فلاسافيءَ ۾ تصور پرستي گهٽ آهي ڇاڪاڻ جو اتان جا ماڻهو بنان منافقت جي بي ڊپائيءَ سان پنهنجون خواهشون پوريون ڪري سگهندا آهن. هو اهو نٿا سوچن ته غيرفاني بڻجڻ لاءِ دنيا جو وجود ئي ختم ڪري ڇڏجي ڇاڪاڻ ته دنيا اسان جي وجود کان اڳ ۾ قائم هئي ۽ اسان کانپوءِ به قائم رهندي. فطرت اسان جي ان ڳالهه لاءِ اسان تي کلندي آهي ته ماڻهوئي هر شيءِ جو پيمانو آهي. فطرت سمجهي ٿي ته انسان سندس افساني جي رڳو هڪ سِٽ آهي. فلاسافي جُز کي ڪُل جي روشني ۾ ڏسڻ جي ڪوشش آهي، اسان کي انڪساري ڏيکارڻ گهرجي.

## عقل ۽ جبلت:

هاڻي تائين اسان رڳو تصور پرستن جي حواسن تي ڪيل حملي جو بچاءُ ٿي ڪيو ۽ هاڻي اسان منطق جي حوالي سان زندگيءَ جي مسئلن بابت ڳالهائينداسين. پر ان کان اڳ اسان کي عقل تي اسراريت جي حملي جي ڳالهه ڪرڻي آهي. هيوم چيو آهي ته عقل انسان جو مخالف ٿيندو ته انسان به عقل جي خلاف ٿي ويندو. عقل خواهشن جي پورائيءَ لاءِ ڪو جواز پيدا نه ڪندو ته خواهشون عقل جي خلاف ٿي پونديون. خواهشن تي بدل زندگي جنهن جو عقل سان واسطو ڪونهي ان لاءِ چئي سگهجي ٿو ته اها عقل کان متانهون منطق ايجاد ڪندي جيڪو اسان جي خواهشن ۽ خوابن جو جواز هوندو.

ان مقصد لاءِ ڊيموڪريٽس تصور پرستيءَ جو بنياد وڌو. ايليا جي شڪ پرست فلاسافر زينو اسراريت Mysticism جي بنياد

ڪدي. سقراط کان هڪ صدي اڳ هن پنهنجن مونجهارن سان عقل تي اهڙيون چٽرون ڪيون جو عقل بي عقلي نظر اچڻ لڳو. ايڪيلينز ڪُميءَ جي ڪڍ ٿو وڃي پر جيئن تہ ڪُمي هن کان اڳ پنهنجيءَ جاءِ تان هلي هئي انڪري هو ڪُميءَ کي پڄي نٿو سگهي. هو جڏهن پنهنجيءَ جاءِ تان ڪُميءَ واري هنڌ تائين پڄي ٿو تہ ڪُمي اڳتي وڌي تي وڃي. هو وري جڏهن ڪُمي واري هنڌ پڄيٰ ٿو تہ ڪُمي وري اڳتي وڌي تي وڃي ۽ اهو سلسلو ختم نٿو ٿئي. اسين جيستائين اهو محسوس نہ ڪيون تہ عقل سڀ ڪجهہ ثابت ڪري سگهي ٿو، معنيٰ تہ عقل ڪجهہ بہ ثابت نٿو ڪري سگهي. ساڳئي طرح چٽل تير هڪ هنڌ بيٺل مڃيو ٿو وڃي. چٽل تير هڪ پل ۾ هڪ هنڌ آهي انڪري اهو ان پل ۾ ساڪن آهي ۽ اهڙيءَ ريت هو پنهنجي رفتار ۾ هرهڪ پل ۾ ساڪن آهي. اناطول فرانس ان مان اهو نتيجو ٿو ڪڍي تہ دليلن سان هر شيءِ ثابت ٿي سگهي ٿي. ايليا جي زينو ثابت ڪري ڏيکاريو هو تہ اڏامندڙ تير هڪ هنڌ بيٺل آهي. دليلن سان اسان ان جي ابتڙ ڳالهہ بہ ثابت ڪري سگهون ٿا پر حقيقت هي آهي تہ ابتڙ ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ ڏکيو آهي.

يوناني ۽ رومي پنهنجي شڪ پرستي ۽ لذت پرستيءَ وقت بہ مشڪوڪ هوندا هئا. هنن ڏٺو تہ عقل ۽ خواهش ۾ تضاد آهي تہ هنن کُليءَ دل سان انهن تضادن کي قبول ڪيو. هو عقل جي پيروي تہ ڪندا هئا، پر عقل جي وڏن وڏن دعوائن تي مرڪندا هئا. پر اوير جون اهڙيون طاقتون جن انساني اميد مان زندگي حاصل ڪئي آهي، اهي يونان ۾ پکڙجي ويون ۽ عقل جيڪو اُتي نپنو هو پر اجا طاقتور نہ ٿيو هو، ان تي حاوي ٿي ويون. الهام ۽ وحيءَ جي تصور مظلومن کي آٿت ڏنو ۽ جڏهن يونان تباهہ ۽ هر يوناني مفلس ٿيو تڏهن عقل مري ويو ۽ عقيدي (جيڪو ڪڏهن بہ مرندو نہ آهي) يونان جي سنهري دور کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ اها ڳالهہ اهم نہ رهي تہ منطق ڇا ٿو ثابت ڪري سگهي. ديوتائن ڏاڍيون حيران ڪندڙ ڳالهيون ٿي ڪيون ۽ جيتريون اهي ڳالهيون ناممڪن ٿي لڳيون اوتروئي انهن تي وڌيڪ ايمان آڻڻ تعريف جي

ڳالهہ تي سمجهي وئي. ناممڪن ڳالهين تي يقين ڪرڻ لڪين غلامن جو نظريو تي ويو. پندرنهين صدي تائين حقيقت جي تشريح عقل ۽ حواسن سان نہ پر الهامي ڪتابن جي مطالعي ۽ مذهبي اڳواڻن جي ڪيل تفسيرن سان ٿيندي رهي.

ڪليسا ڪان وڏي غلطي تي جو اُن دانشورن کي اجازت ڏني تہ هو الهام ۽ وحيءَ کي عقل سان ثابت ڪن. ڪليسا وارن سمجهيو تي تہ سندن اهو ڪيل ائين آزاديءَ ساز جاري رهندو ۽ ڪنهن بہ طرح ائين نہ ٿيندو جو اهي دماغ عقل پرستيءَ ڏانهن مائل ٿيندا. پر ائين ٿيو. ڊي ڪارٽ کي عقل سان محبت تي وئي، اسپينوزا عقل لاءِ بکون ڪاٽيون، برونو کي جيئري باهہ ۾ ساڙيو ويو ۽ ماڻهو پنهنجي ان اذيت پرست محبوبہ جي ظلمن جي ڪري سندس وڌيڪ احترام ڪرڻ لڳا ۽ عقل جي پرتش پاڻ هڪ مذهب ۽ عقيدو تي وئي. روشني جي دور عقل تي اهو ايمان قائم ڪيو تہ انسان ۾ ترقي ڪرڻ جا وڏا امڪان آهن. ۽ فرانس جي انقلاب عقل جي حسين ديويءَ جا ڪيترا بت خانا تعمير ڪيا. دنيا ۾ ڪا اهڙي چڱائي ڪانہ هئي جيڪا عقل انسانيت کي ڏيئي نتي سگهيو. روسيو اهڙي صاف ماحول مان گهٽو خوش نہ هو. هن وڏا ڏک ڏنا هئا ۽ هن کي ايمان جي ضرورت هئي. عقل جڏهن هن تي ڪليو تہ هن عقل کي مرض سمجهيو ۽ چيائين تہ مان هي علان ڪرڻ جي جرائت تو ڪيان تہ غور ڪرڻ غير فطري آهي ۽ غور ڪرڻ وارو هيناهين درجي جو حيوان آهي. يونان ۽ اوير جي تعلقات جي راند وري شروع تي. زندگيءَ ۾ تڪل ۽ انقلاب، دهشت ۽ شان شوڪت ڪان هيسيل انسان ايمان ڏانهن موٽيا ۽ موٽڻ لاءِ هنن جبلت ۽ جذبات جي مدد ورتي. ڊي موسي چيو تہ اسان کي ”هاٿي بي عقل تي وجڻ گهرجي“ ۽ شڪي هيوم ڪارٽن ۽ نتيجن، استقرا ۽ سائنس کي اندازن ۽ امڪانن جي حوالي ڪري دشمن کي بي خياليءَ ۾ مدد پهچائي. ڪانٽ جيڪو انهن سيني ۾ تيز ذهن جو ماڻهو هو تنهن زينو جي فلاسافيءَ کي ورجايو ۽ يورپ وارن کي چيو تہ هو خدا، آزاد ارادي، عزم ۽ بقا لاءِ جيڪو وڻين سو مجين

چاڪاڻ تہ عقل ناقص آهي ۽ اهو ان لائق ڪونهي جو ان جي بارگاهہ ۾ فطرت ڪان متاهن دنيائن ۽ ارضي جنت کي قربان ڪري ڇڏجي. شوپنهار اها حقيقت ظاهر ڪئي تہ عقل عزم جو غلام آهي ۽ فرائيڊ هزارين مثال ڏيئي عقل جي سطحيت ثابت ڪئي ۽ ڏيڪاريو تہ عقل رڳو جسماني خواهشن جو لباس آهي. نتشي جبلت جي تشريح ڪئي تہ اها سيني ذهنن ڪان وڌيڪ ذهين آهي. برگسان عقل جي ائين مذمت ڪئي جو چيائين تہ عقل فطريءَ طرح ماده پرست آهي ۽ ان سئنيما وانگر آهي جيڪا پنهنجن جامد ٽڪرن ۾ وجائجي زندگيءَ جي تسلسل ۽ روح جي واردات ڪان بيخبر هوندي آهي. ”ايملي“ ڪان وٺي ”تخليقي ارتقا“ تائين روسيو، ڪانٽ، شوپنهار، نتشي، برگسان ۽ وليم جيمس... اهو سارو زمانو عقليت جي دور جي خلاف روماني بغاوت جو زمانو هو. اڄ لاؤتزي جي خلاف ڪنفيوشس، زينو جي خلاف سقراط ۽ روسيو جي خلاف والٽيئر جي جنگ اسان کي نئين سر وڙهڻ گهرجي اسان کي عقل جي طريقن کي هڪ دفعو وري جبلت، وجدان، اسراريت ۽ غيرعقلي عقيدي ڪان متاهون ثابت ڪرڻو آهي.

جبلت ڇا آهي؟ جيڪڏهن نفسيات جي تازن لاڙن جي پيروي ڪيون تہ جبلت کي اسين هڪ بي معنيٰ تصور سمجهي نڪرائي ڇڏينداسين. پر جڏهن اسين ڏسون ٿا تہ نفسيات جا اُهي ماهر جيڪي جبلت کي درمان باهر ڏڪي وري ان کي پڙهيلن جو ردِعمل چئي دريءَ مان گهلي اندر ٿا آڻين ۽ سيني سان ٿا لڳائن تہ پوءِ چو نہ اسان پراڻي شراب کي پراڻي بوتل ۾ ئي پريل رکون ۽ هلڻ، ڊوڙڻ، ڪائڻ، ڪيڏڻ، وڙهڻ ۽ پيجي وجڻ، مخالف جنس سان عشق ۽ ٻارن سان محبت ڪرڻ جي موروثي لاڙن کي ئي جبلت سڏيون.

اهي لاڙا اسان جي عمل جو فائدي وارو اختصار آهن جن کي انسان پنهنجي ترت ضرورتن جي پورائي لاءِ دير ڪرڻ ڪانسواءِ اختيار ڪري ٿو، پر اهي لاڙا انسان ۾ پراڻن ۽ هڪجهڙين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ پيدا ٿيندا هئا ۽ انهن جو پسمنظر انسان جي

حيواني ۽ چراگاهي دور وارو آهي. اهي لاڙا ۽ عمل ان وقت ڪم ايندا آهن جڏهن ماڻهوءَ وٽ سوچڻ جو وقت نہ هوندو آهي. اهي اسان جي اڄ ڪان وڏيڪ، ڪالهہ جي حالتن سان مطابقت پيدا ڪرڻ وارا آهن، ٻار نانگ کي ڏسي ڀڄندو آهي پر ڀريل بندوق سان کيڏندو آهي. ڪو وڏو مفڪر ڪنهن بي مغز گڏيءَ کي پنهنجي گهر واري بڻائي سگهي ٿو. سقراط زينٿپ Xanthippe ۽ گوئيٽي ڪرسٽينا سان شادي ڪئي. اسان جبلي طور مليريا يا پيلي بخار جي جراثيمن ڪان ڪونہ ڊڄندا آهيون پر وڄ ۽ بادلن جي گجڻ ۽ اوندهہ ڪان ڊڄندا آهيون. اسان کي انهن ماڻهن تي ترس نہ ايندو آهي جن ۾ وڏي قابليت هوندي آهي ۽ ڪين پنهنجي قابليت ظاهر ڪرڻ جو موقعو نہ ملندو آهي پر ڪنهن زخميءَ جي زخم کي ڏسي اسان کي مٿس ترس اچي ويندو آهي. ڪنهن تمام وڏي ناانصافيءَ ڪان ايترو متاثر نہ ٿيندا آهيون جيترو ٿورڙي رت ڪان متاثر ٿيندا آهيون. اسان ان ويٽر جي حقارت واري رويي کي وڏيڪ محسوس ڪندا آهيون جنهن کي ٽِپ نہ ملي هجي پر اسان کي پنهنجي سستي، جهالت ۽ بيوقوفيءَ جو احساس گهٽ ٿيندو آهي. جبلت شايد تہ چراگاهي زندگيءَ لاءِ ڪافي هئي پر زرعي زندگيءَ لاءِ ڪافي نہ آهي ۽ اسين جڏهن فطرت ڏانهن موٽڻ جي ڳالهہ ڪندا آهيون تڏهن اسان جي خواهش اها هوندي آهي تہ چراگاهي زندگيءَ ڏانهن موٽي وڃون. جڏهن ڪئن تهذيب جي شروعات ٿي آهي تڏهن ڪان جبلت زندگيءَ جا تقاضا پورا ڪرڻ ڪان قاصر آهي. انڪري زندگيءَ کي عقل جي ضرورت آهي.

عقل جي شروعات ڪيئن ٿي؟ شايد قطب ۾ برف پگهري، چپون ڪريون ۽ هوا جمي وئي. زراعت تباهہ ٿي ۽ حيوانن جا لاتعداد قسم ختم ٿي ويا. ڪجهہ جانورن ڀڄي خط استوا جي علائقن ۾ ان اميد تي پناهہ ورتي تہ اُتر مانَ نازل ٿيل اها مصيبت ختم ٿي ويندي. شايد ان اونداهي زماني ۾ جڏهن تڏ جي طوفان زندگي جي پراڻي ۽ نهيل نڪيل انداز کي ختم ڪيو ۽ جڏهن ماڻهن جي موروثي ڪردار جو انداز نئين ماحول سان مطابقت

پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو ته اهي حيوان جن جي جبلي نظام ۾ لچڪ نه هئي ختم ٿي ويا، چاڪاڻ ته هو بدليل ماحول مطابق پاڻ ۾ تبديلي آڻي نٿي سگهيا ۽ جن انسانن جي جوڙجڪ ۾ لچڪ هئي انهن باهه ٻارڻ، ڪاڏو رڌڻ ۽ ڪپڙا پائڻ جو ڏانءُ سکي ورتو ۽ اهڙيءَ ريت ان طوفان جو مقابلو ڪيو ۽ جهنگ ۽ ميدان جي سيني جانورن تي حاوي ٿي ويا.

شايد ته موت ۽ حياتيءَ واري اهڙي صورتحال هئي جڏهن انساني عقل پيدا ٿيو. اها ساڳئي اڻ پورائي ۽ حالتن سان مطابقت پيدا ڪرڻ وارا مقامي ردعمل، جيڪي اسان اڄ ٻارن ۾ ڏسون ٿا اهي خاصيتون جيتوڻيڪ نئين ڄاول جانور ۾ گهٽ هونديون آهن پر هن ۾ اها ڪمي ائين پوري ٿيندي آهي جو هن ۾ سکڻ جو لاڙو پيدا ٿيندو آهي. اُن ساڳئي لچڪ انسان ۽ جانور کي بچائي ورتو. جڏهن ته وڏا وڏا جانور جيڪي سيني جانورن تي حاوي هئا اهي برفاني تبديلين جو ڏک سهي نه سگهيا ۽ جاندارن جي علم جي ماهرن جي تجسس جو موضوع بڻجي ويا، پر هي جيتامڙو انسان قائم رهيو. سوچ ۽ ڪوجنا جو عمل شروع ٿيو، انسان جي ڏنل جبلت، اندازن کان ڪم ورتڻ لڳي. نوان نوان اندازا لڳايا ويا. عمل ۽ سوچ جا انداز مقرر ٿيا. شين ۽ نتيجن جون هڪجهڙايون مشاهدي ۾ آيون. زندگيءَ جي انهن حالتن سان مطابقت پيدا ڪرڻ جي ڄاڻ سان جيڪي بنهه نيون هيون، جبلت جو زور ۽ ترت رِدعمل گهٽيو. سوچ ۽ ذهانت جا سانچا جڙيا، اڳ شڪار لاءِ انتظار واري عمل ڏيان جي صورت اختيار ڪئي، ڊپ، فرار، ويچار سوچ ۽ سمجهه ٿيا، جهيڙو ۽ اڳرائي. تجسس ۽ تجزيو ٿي ويا. شين کي انهن جي اصلي حالت مان ٻي حالت ۾ آڻڻ واري عمل نئين تجربي جي صورت اختيار ڪئي. اِهو جانور سڌو ٿي بيٺو ۽ ماڻهو ٿي ويو. هو اڃا به هزارين حالتن جو غلام ۽ بيشمار خطرن آڏو ڏنل پر بهادريءَ سان بيٺل هو. هاڻي ڌرتيءَ جي بادشاهي هن جو مقدر هئي.

اهڙن شروعاتي حالتن مان عقل پيدا ٿيو جيڪو بقول گراهم والٽس Graham Waltes اڃا به ڪنهن حد تائين جبلت واري حيثيت ٿو رکي. هڪ نئين ماحول ۾ اسين جبلي طور وڏيڪ محتاط ٿي ويندا آهيون. نئين حالتن ۾ هر عنصر اسان جي هڪ الڳ لاڙي کي تحرڪ ڏيندو آهي ۽ ائين اسان جو عمل مڪمل ٿيندو آهي. جيڪو حالتن جي ڪي قدر مڪمل جائزي جو نتيجو هوندو آهي. اوچتو ۽ بنان سوچڻ وارو ردعمل مقامي صورتحال ۾ مقامي تحرڪ جي ڪري پيدا ٿيندو آهي. جيئن زخم جي ڇهڻ جو ردِعمل سور هوندو آهي. جبلت اسان جو هڪ عمومي عمل آهي جيڪو حالتن جي ڪنهن خاص عنصر جي تحرڪ سان پيدا ٿيندو آهي. مثال اسان جڏهن ڪنهن سهڻي صورت کي حاصل ڪرڻ گهرندا آهيون ته عقل، حالتن جو پورو جائزو وٺي ردِعمل ڏيکاريندو آهي ۽ ان محبت کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته اسان جي نسل کي ئي ختم ڪري ڇڏي. جيئن احساس خواهشن مطابق خيالن جي صورت اختيار ڪندا آهن. ائين جبلت ۽ عادت هزارين آزمائشن ۽ غلطين کانپوءِ معقوليت جو رنگ اختيار ڪندي آهي. جبلت ۽ عقل ۾ ”قسم“ جو نه پر مقدار جو فرق آهي. ٻئي هڪ ٻئي جي مدد ڪندا آهن تدبر جدا جدا محرڪات جي گڏيل ڪشمڪش سان پيدا ٿيندو آهي تميز ۽ فهم حالتن جي عنصرن جو تجزيو ڪندا آهن ته جيئن اسان جو عمل مڪمل ٿئي، عقل محرڪ جو تجزيو ۽ رِدعمل جو ميلاپ آهي.

عقل جي ڪمزوري اها دير آهي جنهن جي عقل پيداوار آهي، ڪيترا فلاسافر رڳو هڪ مسئلي جو تجزيو ڪندي ختم ٿي ويا. گرفيويلز Griffvehles چيو ته جيڪڏهن اسان رڳو ڪنهن هڪ مسئلي تي غور ڪيون ته اسان ڪجهه به ڪري نه سگهنداسين. انڪري فرانس جا اشتراڪي، برگسان جي وجدان واري فلسفي کي پسند ڪندا هئا. برگسان پاڻ تي پابنديون وجهندي چيو ته عمل ۽ نتيجن کان پوءِ واندڪائيءَ ۾ عقل هلائجي. عقل جڏهن احساس کان الڳ ٿيندو آهي ته پوءِ اهو شاهدي ۽ ثابتيءَ کان وڌيڪ بي

ساختگيءَ کي اهميت ڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح عقل هڪ ڪليل تاريخ تي ويندي آهي جيڪا وري هڪ طاقتور خواهش جي وڪيل تي پوندي آهي، اچ هڪ ڀار بہ اها ڳالھہ ٿو ڪري تہ عقل اسان جي خواهشن جو جواز ڳولهڻ جو وسيلو آهي. گهڻو ڪري اسان ڪوبہ ڪم ان لاءِ نہ ڪندا آهيون تہ اسان وٽ ان ڪم جي خلاف دليل هوندا آهن پر اسان ان لاءِ دليل ڳولهيندا آهيون جو اسان اهو ڪم ڪرڻ نہ گهرندا آهيون. پنهنجن خواهشن تي فلسفو تعمير ڪرڻ سڀ ڪان سولو آهي. اسان ڪي خيال ڪرڻ گهرجي تہ اسان ڪي رڳو انڪري اشتراڪي نہ ٿيڻ کپي جو اسين مفلس آهيون ۽ رجعت پسند ٿيڻ نہ گهرجي جو اسين پنهنجي نظام ۾ ڪامياب آهيون. جيڪو فلسفو اسان کي خوشي ڏي، ان جي صحيح هجڻ تي اسان کي سڀ ڪان وڌيڪ شڪ ڪرڻ گهرجي. جيئن برٽريندرسل چيو آهي تہ اسان کي يقين لاءِ ارادي جي ضرورت نہ آهي پر ڳولهي لهڻ جي خواهش جي ضرورت آهي. جيڪا ان جي بلڪل ابتڙ آهي.

عقل اسان کي شڪ، سطحيت ۽ بي مقصد زندگي ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿو. هر دليل پنهنجو تضاد پاڻ پيدا ڪندو آهي جيڪو اينٽروئي مضبوط هوندو آهي. جيترو حرڪت جو قانون، اناطول فرانس بروسن Brousson کي چيو هو تہ "اها ڳالھہ صحيح آهي پر ان جي ابتڙ ڳالھہ بہ ايتري صحيح آهي" ۽ هو صوفي بارز Barres جو قول ٿو ورجائي تہ دليل ۽ لفظن جي بازيگري ۾ اهو فرق آهي تہ لفظن جي بازيگريءَ جو ترجمو ٿي نہ سگهندو آهي بيشڪ تہ عقل هڪ اڻپورو وسيلو آهي، طب جي علم يا انساني اک وانگر، پر انهن جي فطري ڪوتاهين ڪانپوءِ بہ اسان انهن مان وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪندا آهيون. اها بہ حقيقت آهي تہ ڪي ڪم جبلت سان وڌيڪ چڱا ٿي سگهندا آهن. شايد ڏاهپ ان ۾ هجي تہ سيزر وانگر سوچڻ جي بدران انٽوني وانگر ڪلوپيٽرا جي اڳيان اُچ جو اظهار ڪجي، محبت ڪرڻ ۽ ان ۾ ناڪام ٿيڻ شايد عقل هلائڻ ڪان وڌيڪ بهتر آهي. سوال آهي تہ ڇو بهتر آهي. ڇا انڪري تہ جبلت تي اعتماد ڪري سگهجي ٿو يا ڪنهن صوفياڻي وجدان

اسان کي اها ڏاهپ سيکاري آهي. نہ ائين نہ آهي، تجربي ۽ اڳتي هلي احساس اسان تي واضح ڪيو آهي تہ سرمستيءَ جو هڪ پل دليلن جي هڪ سال کان وڌيڪ آهي.

اسان دليل ان ڪري نہ ڏيندا آهيون جو دليل ڏيڻ گهرندا آهيون پر اسان کي دليل ڏيڻا پوندا آهن. اسان جو زمانو ايترو متحرڪ آهي جو ان ۾ جبلتن وارن خواهشن سان جيئڻ محال آهي. هن زماني ۾ بہ شايد پراڻن ڪمن ۽ رستن لاءِ جبلت ڪم ايندي هجي. مثال مامتا، زراعت ۽ گهريلو زندگي، پر اتي بہ عقل کي دخل آهي چاڪاڻ تہ وڌيڪ ٻار نہ پيدا ڪرڻ مامتا تي پابندي وجهڻ آهي. انڪانسواءِ عورت کي گهر مان نڪري صنعتي دنيا ۾ حصو ونڻو تو پوي. ٻني بہ هاڻي دلالن، ڏورانهن مارڪيٽن ۽ چالاڪ سرمائيدارن جي ور چڙهيل آهي.، اسان شهرين لاءِ جبلت وارا اعمال ڏينهون ڏينهن خطرناڪ ٿيندا ٿا وڃن، چاڪاڻ تہ هر جبلت جي پنهنجي انانيت آهي جيڪا هر حالت ۾ پاڻ کي مطمئن ڪرڻ گهرندي آهي. پوءِ ان سان شخصيت کي ڪٽي ڪيترو بہ نقصان رسي. هر جبلت اسان جو حصو آهي ۽ هر حصو تخت جو دعويدار آهي. انهن حصن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ سان ئي اسان نظر جي صفائي، مرڪزيت، عقل ۽ دماغ جي تازگي حاصل ڪري سگهون ٿا.

تورو جنسي خواهش تي غور ڪيو، اها اسان کي جنسي تعلق ۽ شايد ڪيترن ئي جنسي تعلقات تي مائل ڪندي آهي. اسان جبلت جي زور تي شادي ڪندا آهيون ۽ عقل جي زور تي طلاق ڏيندا آهيون، جبنت ڪنهن ڇوڪريءَ کي ان سپاهيءَ جي هنج ۾ اُڇلائيندي آهي جنهن سان هن جو پهرين ملاقات ۾ تعلق ٿي ويندو آهي. اها مڙس کي زاني ۽ زال کي فقط ماءُ بنائي ڇڏيندي آهي جيڪا هڪ ٻار کان پوءِ وري ماءُ ٿيندي نظر ايندي ۽ دنيا کي آباديءَ سان ائين ڀري ڇڏيندي جيئن عقل ۽ ايجاد سان شيون وڌي وينديون آهن. ۽ مرد جي آخري حالت سندس پهرين حالت کان وڌيڪ زبون هوندي. جبلت جي زور تي بکيو ماڻهو گهڻو کائيندو ۽ مري ويندو آهي. جبلت جي زور تي گهمڻ سکڻ وارو ٻار ڏاڪڻ

جي آخري ڏاڪي ۽ چت جي آخري چيڙي تي پڄي ويندو آهي، جبلت جي ڪري اسان چڙيا گهر ۾ شينهن جي گجگوڙ ٻڌي هروپرو ٻه ڏڄي ويندا آهيون، جبلت جي زور تي هڪ بزدل سپاهي جنگ ۾ ڪنهن خوفناڪ حيوان وانگر پنهنجا هٿ رت سان رڱيندو آهي. نفرت ۽ مايوسيءَ کان انڌو ٿي پنهنجو موت پاڻ آڻيندو آهي ۽ هڪ تربيت حاصل ڪيل جرنيل، فوج جي پٺيان حفاظت سان بيٺل هوندو آهي، پنهنجي فتح جو داستان لکندو آهي ۽ جنگ تان موٽي ڌرتيءَ جو مالڪ ٿي ويهندو آهي.

انڪري اسان راهبن کي سندن وجدان ۽ تسليءَ واري ايمان ۽ جهنگ ۾ رهڻ وارن کي سندن تيز جبلتن جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهيون. ڪنفيوشس چيو هو ته انسان ۽ حيوان ۾ تمام ٿورو فرق آهي ۽ گهڻا ماڻهو ان ٿوري فرق کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن. جيسٽائين اسان جو تعلق آهي اسان احساس ۽ عقل جا حامي آهيون ۽ ان سوچ کي زندگيءَ جو امتحان بنائڻ ۽ زندگيءَ ۾ سوچ جو اضافو ڪرڻ تي مطمئن آهيون. اسان شايد گهڻيون غلطيون ڪيون ۽ ان ڳالهه جي ڪا ضمانت ڪانهي ته آخر ۾ اسان کي اندر جو اطمينان نصيب ٿيندو. سوچ ۽ فڪر جو مزو اهڙو مزو آهي جيڪو عاشق جي سرمستي ۽ سرور وانگر سورن سان ڀريل آهي. اسان فڪر جي ترقي سان ڪيترن ويساهن ۽ خودفريبن کي ختم ڪري ڇڏينداسين. عقل ڪانسواءِ زندگي بيڪار آهي. سقراط ٿي قيد ۾ رهڻ ڪيليبان ٿي تخت تي ويهڻ کان بهتر آهي، اچو ته اسان گڏجي سوچون.

## باب ٽيون

# مابعدالطبعيات

## مادو، زندگي ۽ ذهن

دنيا جي فطرت ڪهڙي آهي؟ هن جا عناصر ۽ جوڙجڪ، هن جو اصل مواد ۽ قانون؟ مادو پنهنجي اصلي خاصيت ۽ پنهنجي وجود جي ڳجهي جوهر ۾ ڇا آهي؟ ذهن ڇا آهي؟ ڇا اهو مادي کان بنهه مختلف ۽ ان تي حاوي آهي يا مادي مان نڪتل ۽ ان جو غلام آهي؟ ڇا هيءَ خارجي دنيا جنهن جو اسان مشاهدو ڪيون ٿا ۽ اسان جي داخلي دنيا جنهن کي اسان شعور ۾ محسوس ڪيون ٿا ميڪانڪي ۽ جبريت جي قانونن جي ماتحت آهن يعني ته:

تخليق جي پهرين صبح جو جيڪو لکيو ويو اهو
حساب واري صبح تي پڙهيو ويندو.

يا ڇا مادي يا ذهن ۾ يا ٻنهي ۾ حادثي، بي ساختگي ۽ آزاديءَ جو به ڪو عنصر موجود آهي؟ هي سوال ڪي ٿورا ماڻهو پڇندا آهن ۽ انهن جا جواب سڀ ماڻهو ڏيندا آهن. پر اهي سوال اسان جي فلاسفرن جا آخري وسيلا آهن جن تي خلا جي هڪ مربوط سلسلي ۾ ٺي هرهڪ شيءِ جو مدار آهي ۽ اسان انهن سوالن جي ڄاڻ کي دنيا جي سڀني شين کان وڌيڪ سمجهنداسين.

اسان کي شروع ۾ ناڪامي ٿيندي جنهن تي اسان کي قانع ٿيڻ گهرجي، ائين نه آهي ته فلاسافيءَ جي هن دنيا کي فتح ڪرڻ لاءِ حساب، علم الافلاڪ، علم الطبعيات، علم الڪيميا، ميڪانڪيات، حياتيات ۽ نفسيات سان مڪمل واقفيت ضروري آهي پر اها ڳالهه ممڪن نٿي لڳي ته 'جز' ڪل کي سمجهي. اهڙي مڪمل زاويه نظر لاءِ جيڪو اسان فلاسفرن ۾ ڳولهيندا آهيون. اسان کي سوچ جي سڀني مونجهارن ۽ واسطو نه رکندڙ واٽن کان پاڻ بچائڻو آهي. ٿوري ديانت ۽ نهنائي اسان کي ان ڳالهه جو يقين ڏيارڻ لاءِ ڪافي آهي ته

زندگي ۽ ڪائنات جون وسعتون اسان جي محدود ذهنن جي احاطي کان ٻاهر آهن. تي سگهي ٿو تہ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ ديوتا اسان جي محبوب نظرين تي کلن ۽ اهو بہ ممڪن آهي تہ اسان کي پنهنجو پاڻ ۾ فخر جي رکو هڪڙي ڳالهہ نظر اچي ۽ اها هيءَ تہ اسان پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ جو انت ڳولهي لڌو آهي. جيترو وڌيڪ اسين سکون ٿا اوترو وڌيڪ اسان کي پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ جو احساس ٿو ٿئي. ترقيءَ جو هر قدم اسان کي نون مسئلن ۽ نون شڪن ۾ منجهائي ٿو. Molecule مان ذرو، ذري مان بجلي، بجليءَ مان Quantum پيدا ٿين ٿا ۽ اهي اسان جي سوچ ۽ اسان جي قانونن جي پهچ کان ٻاهر آهن. تعليم مقرر ڪيل قانونن جي شڪست ۽ شڪ جي فن ۾ ترقيءَ جو نالو آهي. اسان ڏسون ٿا تہ اسان جا اوزار مادي سان لاڳاپيل آهن ۽ اسان جا حواس اسان جي ذهنن سان، ان ڪوهيڙي ۾ اسان جيڪي درياهہ جي متاڇري تي ڪک پن وانگر آهيون. سمنڊ جي اونهائين جو علم حاصل ڪنداسين.

تنهنڪري انهن مسئلن تي اسان ان پادريءَ وانگر غور ڪيون جيڪو پهريون دفعو عبادت جو خطبو ڏيڻ لاءِ منبر تي چڙهندو آهي. اسان انهن مسئلن کي حل ڪرڻ جي بدران وڏ ۾ وڏ اهو ڪري سگهنداسين تہ هڪ ٻئي تي پنهنجون لڪل خواهشون ظاهر ڪيون. جيڪڏهن مذهب حد کان وڌيڪ عقيدي تي زور ڏيئي اسان کي چيڙائي ڇڏيو تہ اسان جرائتمندماديت جي تبليغ ڪنداسين، جهڙيءَ طرح شيلي، جيڪو خدا ۽ روح جي بقا کي مڃيندو هو پر رجعت پرست ڪليسا کي چئلينج ڪرڻ لاءِ پاڻ کي دهريو چوندو هو. اسين جيڪڏهن نرم دل آهيون تہ ايمان کي نہ ڇڏينداسين ۽ هڪ ميڪانڪي ۽ خدا کانسواءِ ڪائنات کي برداشت نہ ڪنداسين. شايد عمر جي ڪري اسين وڌيڪ سنجيده ٿيندا ٿا وڃون، ۽ جوانيءَ جون بغاوتون اسان کي هاڻي غيرضروري ۽ انتها پسندي واريون ٿيون لڳن. اُنهن پراڻن خيالن مان حقيقت جي روشني اسان تائين پهچي رهي آهي، جيڪي ڪڏهن اسان کي غداريءَ وارا ۽ بي بنياد لڳندا هئا ۽ اسان سائنس ۽ تاريخ مان هر

اهڙي خبر جو آدرياءُ تا ڪيون جيڪا اسان جي پراڻي عقيدي جي روشنيءَ کي بحال ڪري. اسان جي طبعيات ۽ ڪيميا، اسان جي فلڪيات ۽ حياتيات، اهي سڀ اهڙا ميدان آهن جن ۾ اسان پنهنجن مفروضن جي تصديق ۽ اميدن جي پورائي تلاش ڪنداسين.

## ماديت:

ماديت اهڙي فلاسافي آهي جنهن کي انهن ذهنن قبول ڪيو، جن فطرت کان مٿاهن اعتقادن کي رد ڪري ڇڏيو. انڪري هي دنيا جي باري ۾ پهريون تصور آهي جيڪو ڪنهن اهڙي قوم ۾ اُڀري ٿو، جنهن ۾ سرڪاري مذهبي عقيدا ختم ٿيڻ وارا هوندا آهن. سقراط کان اڳ وارن مفڪرن کي، بيڪن ۽ فنٽشي انهن فلاسافرن کان وڌيڪ سمجهندا هئا جن جو مقام هنن ڪانپوءِ اچڻ وارن فلاسافرن کان مٿاهون هو ۽ جيڪي ماده پرست هئا. ٿيلس، اناڪسي ميندر Anaximander ۽ اناڪسي مينس Anaximenes ڪائنات جي تشريح ڪئي ته اها پاڻي، باهه ۽ هوا مان پيدا ٿي آهي. ليوسي پس Leucippus ۽ ڊيموڪريٽس Democritus ماديت کي ايٽمن جي شڪل ڏني جنهن جي ڪري قدامت پرست تيستائين مطمئن رهيا جيستائين جديد طبعيات ۾ ڪيميا، ائٽم کي پيچي ذرن ۾ نه ورهايو. انهن سادين فلاسفين کي ڪيترن سالن تائين زينو جي شڪ پسندي ۽ اناڪسي گورس Anaxagoras جي دوئي وارن نظرين سان گڏ پنهنجو پاڻ کي قائم رکيو. تنهن کان پوءِ سقراط خارجي دنيا کان منهن ڦيريو ۽ خوديءَ کي ڳولهي ڪڍيو جيڪا مادي کان ايتري ته مختلف هئي جو سقراط ان کي موت کان مٿاهون سمجهيو، افلاطون مادي کي ڪجهه نه چيو ۽ بين سيني ذهن کي احترام لائق شين کان وڌيڪ احترام سان ڏٺو. هن خارجي دنيا کي ذهن جا تصور ۽ ان جي جوڙجڪ ۽ عمل کي Idea جي اثر هيٺ سمجهيو ۽ ڪائنات هن کي ڪنهن تخليقي روح جي سوچيل ڪائنات جو نقل لڳي. حياتيات جي ماهر ارسطو کي دنيا بدلجندڙ ۽ پتوڙيندڙ لڳي، جنهن کي هو ائٽمن ۽ خال ۾ بدلائي نه سگهيو.

هن لاءِ دنيا جي اصليت روح آهي. هر مادي ۾ فعاليت آهي جيڪا تيستائين مطمئن نٿي ٿئي جيستائين ان جي تڪميل نٿي ٿئي. هر هيئت اعليٰ درجي جو مادو آهي ۽ هر حقيقت ۾ ترقيءَ جو جوهر موجود آهي. جنهن کي ماديت پوريءَ طرح بيان ڪري نٿي سگهي. سو سالن ۾ ماڻهن ڊيموڪريٽس کي وساري ڇڏيو. ايپي ڪيورس هن جو اوتار ۽ انتقام هو. هڪ لحاظ کان هو پلانڪ، بوهر ۽ ڪيوريز جو پيشرو هو. هن ائٽم ۾ آزادي ۽ غير يقينيت کي ڏنو ۽ ان کي تخريب ۽ فنا جي علامت سمجهيائين. سڀ شيون آزاد هيون ۽ سيني کي ختم ٿيڻو هو. ليوڪريٽس Lucretius جيڪو زندگيءَ کان بيزار هوندو هو. ان جو ٻڌو ته هر شيءِ مرندي ته هن کي ڏاڍي خوشي ٿي. هن کي اها ڳالهه سني پر ڏکوئيندڙ لڳي ته شاعر به ائٽم جا نهيل آهن ۽ هر شيءِ ۽ هر ائٽم ختم ٿي ويندو ۽ سيني کي زندگيءَ جي ڏکن کان نجات ملندي.

پوءِ مسيحيت آئي ۽ پندرنهن سو سالن تائين فلاسافيءَ ۾ مادي جي اهميت ختم ٿي وئي. شروع وارن ڪن مسيحي مدرسن لاءِ روح هڪ اعليٰ قسم جو گيس هو، پر گهٽي ياڳي مادو زوال ماڻيندڙ فرشتو هو. فلاسافيءَ جو شيطان هو ۽ روح جي آزمائش جو قيدخانو هو. عجيب ڳالهه آهي ته اڪئناس Aquinas جي فلاسافي ۾ مادي کي اعليٰ رتبو مليو. مادي کي قوت جي لحاظ کان وقت جيترو قديم سمجهيو ويو ۽ اهو ”انفراديت جو اصول“ بڻجي ويو. پنهنجي محدوديت ۽ هيئت جي وسيلي وحدت ڪثرت ۾ بدلجي وئي ۽ روح جي سمنڊ کي ننڍن ننڍن نالن ۾ ورهائي انهن کي غيرفاني روح سڏيو ويو.

بهرحال ڊي ڪارٽ جي زماني ۾ مادي جي حقيقت کي مڃيو ويو. پر اها حقيقت آهي ته فرانس جي ان مفڪر مادي کي واحد حقيقت نه مڃيو ۽ پنهنجي فلاسافيءَ ۾ خودي ۽ فڪر جي شروعات ڪري هن تصور پرستيءَ جا دروازا کولي ڇڏيا. اهي ٻئي اڳتي هلي مادي جا زبردست دشمن ثابت ٿيا. هن خارجي دنيا کي ميڪانڪي مڃيو ۽ هن لاءِ اعليٰ ترين جانور به مشين هو. ماڻهوءَ

جي روح ڪانسواءِ هر شيءِ طبعيات جي اصولن جي پابند هئي. ايسٽائين جو هاضمو، ساهه ڪٽڻ، جسم جي پاٽيان ۽ پار جو ڄمڻ سيني ميڪانڪيت جي عظمت جو اعلان ٿي ڪيو. ڊي ڪارٽ جي سخت فلاسافيءَ جي ڪري ماديت کي هڪ نئين جواني ملي.

جديد فلاسافي ٻن وڏين تحريڪن جو مجموعو آهي ۽ هيگل جي لفظن ۾ "ٻن متضاد تصورن جو مرڪب آهي"، پهرين فلاسافي خارجي دنيا کان شروع ٿي ٿئي. جنهن ۾ مادو، طبعيات، مڪينڪس ۽ حساب شامل آهن. هيءَ فلاسافي ڪائنات جي فطرت کان متاهين تشريح جي خلاف احتجاج جي نمائندگي ٿي ڪري، ان شخص جي اندر جي احتجاج جهڙي، جيڪو خودفريبين کان آجو ٿي ويو هجي. اها ڪائنات جي مشاهدي مان حقيقت جا اصول ناهيندي آهي ۽ پوءِ انهن قانونن مطابق ذهن جي تشريح ڪندي آهي. ان جا لازمي نتيجا ماديت، ميڪانڪيت، جبريت ۽ عمليت هوندا آهن. اها فلاسفي ان ڳالهه تي فخر ڪندي آهي ته اها مادي کان شعور تائين پهچي نٿي سگهي، هن جا سورما گليلو، ڊي ڪارٽ، هابس، نيوٽن، ڊيڊرا، هال باخ، لاميٽري، هائيڪل، اسپينسر، رسل ۽ ويسٽن آهن. ان جي برابر ۽ ان جي مخالف تحريڪ شعور کان شروع ٿئي ٿي پر شعور کان مادي تائين نٿي پهچي، ان جي شروعات داخلي دنيا ۾ يقين سان ٿي ٿئي. هن جو واسطو ذهن، نفسيات، علم جي فلسفي ۽ اخلاق جي فلسفي سان آهي. هيءَ فلاسافي مادي نظريہ حيات جي خلاف احتجاج جي نمائندگي ڪري ٿي ۽ سڀ شيءِ کي احساس ۽ خيال سمجهندي آهي ۽ مادي کي ذهن جي ڪيفيت کان وڌ نہ سمجهندي آهي، هن جا لازمي نتيجا آهن. روحانيت، تصور پرستي، قوت ۽ ارادي جي آزادي ان جا سورما آهن. ڊي ڪارٽ، برڪلي، فتشي، هيگل، شوپنهار، نتشي، برگسان ۽ وليم جيمس، اهي متضاد فلاسافيون پاڻ ۾ نر ۽ ماديءَ وارو اختلاف رکن ٿيون. اهي ٻئي ٿڌهن فائديمند ٿينديون جڏهن انهن جا اختلاف ختم ٿيندا.

پهرين تحريڪ سترهين ۽ ارڙهين صديءَ جي فلاسافيءَ واري فڪر تي حاوي رهي. اسپينوزا ان تحريڪ کان پاسيرو رهيو ۽ ڪنڊ ۾ ويهي ان مسئلي کي منهن ڏيندو رهيو. هن دنيا کي وحدة الوجود جو حل ڏنو، هن جي خيال ۾ مادو ۽ ذهن حقيقت جا داخلي ۽ خارجي رُخَ آهن، هرهڪ شيءِ ۾ ڪنهن نه ڪنهن نموني زندگي موجزن آهي. يورپ ان تي اعتبار نه ڪيو، ان جي ابتڙ هابس حقيقت کي مادي ۾ بدلائي ڇڏيو ۽ هر ان لفظ ۽ محاوري کي بي معنيٰ چيو جنهن سان مادي حالت جو اظهار نٿي ٿيو. گيسينڊي وڏي نيازمنديءَ سان ڊي ڪارٽ جي ورثي واري ان تصور تي ته مادو ۽ ذهن هڪ ٻئي کان مختلف آهن، اعتراض ڪيا ۽ اعلان ڪيو ته فلاسافي ڊيموڪريٽس کان اڳتي نه وڌي آهي. نيوٽن وڏي خلوص سان پنهنجي دينداريءَ جو اعلان ڪيو ۽ خروج جون عجيب ۽ غريب تفسيرون ڪيون ساڳئي وقت هن خارجي دنيا جو حرڪت جي قانون جي روشنيءَ ۾ اهڙو صاف ۽ ترتيب وارو تجزيو ڪيو جو سندس تجزيو جڏهن فرانس پهتو ته اتان جي منطق پسندن کي ان نتيجي تي پهچڻو پيو ته اهي قانون صوف جي ڪرڻ کان وٺي ڪنهن چوڪريءَ جي عبادت ڪرڻ جي عمل تي حاوي آهن. لاميٽري La Mattrie وڏي بي باڪيءَ سان "ماڻهو مشين آهي" ڪتاب لکيو ۽ ٻڌايو ته ڪيئن مختلف جسماني حالتون جيئن جوش يا بيماري، ماڻهوءَ جي ذهن تي اثر ڪن ٿيون ۽ ان جي جسماني ساخت جو پتو ڏين ٿيون. هولباغ ماڻهوءَ ۽ مادي کي منطق جي سخت نظام ۾ آندو. هيليٽيس اخلاق ۾ نيڪيءَ کي مادي قانون ۾ آندو. ڊدرو کي پڪ نه هئي ته فلسفي جو علم شعور جي تشريح ڪري سگهي ٿو. هو اسپينوزا جي پيروي ۾ چوڻ تي مجبور ٿيو ته مادو ۽ ذهن هڪ آهن پر هن ان وقت تائين پاڻ کي ماده پرست چوڻ جو قسم کنيو جيستائين دنيا جي هر بادشاهه ۽ هر پادريءَ کي ڦاهي نه ٿي ڏني وڃي.

ماديت ۽ اشتراڪيت ٻئي يائر آهن، هڪ باغي ۽ ٿڙيل نوجوانن جو جبر ۽ رجعت پسند جي منهن ۾ لهرائيندڙ جهنڊو آهي

۽ ٻيو پڪي وهيءَ جي انهن ماڻهن جو جهندو آهي جيڪي وڏي سڪون سان ان کي لهرائن ٿا ۽ پوءِ اهو سوچي ان کي ويڙهي ٿا ڇڏن تہ هيءَ سندن ذهني بلوغت جي عمر آهي جنهن ۾ نوڙت ۽ نرمي پيدا ٿيندي آهي ۽ هو هن دنيا جي غير دانشمنديءَ وارن مسئلن کي محسوس ڪندا آهن.

**عينيت:**

تصور پرست تحريڪ جو پيغمبر پادري برڪلي هو. هن چيو تہ مادي کي اوهان احساس ۽ مشاهدي جي ذريعي سڃاڻو ٿا ان جي حقيقت حواسن جي شاهديءَ ۾ آهي، جيڪڏهن ڪو ذهن ان جو مشاهدو نہ ڪري تہ ان جو وجود (جيتريقدر اسان چئي سگهون ٿا) ئي نہ هجي. نہ رڳو ايترو پرڪانٽ ان ۾ وڌيڪ واڌارو ٿو ڪري ۽ چئي ٿو تہ اهي احساس پنهنجي ليکي بي معنيٰ مجموعو آهن، اها مشاهدي جي قوت آهي جيڪا انهن وکريل احساسن کي ترتيب ڏيئي ڪا بامعنيٰ صورت تي ڏي. يعني احساسن ۾ ترتيب ذهن آڻي ٿو ۽ انهن کي هڪُ بہ ذهن ٿو ڪري ۽ اهڙيءَ طرح ڪنهن بہ شيءِ جي رڳو اڌ کي مشاهدو ڪندڙ ذهن تخليق ٿو ڪري. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اهو ذهن جيڪو شين کي جوڙي ٿو يا تخليق ٿو ڪري پاڻ ڪيئن مادي جي پيداوار ٿي سگهي ٿو.

"اوهان نيڪ ٿا چئو" انهن مان سڀ کان صف ذهن رکڻ واري شوپنهار چيو: "جنهن حقيقت کي اسين پوريءَ طرح سمجهي سگهون ٿا اها اسان جو پاڻ آهي، اها ڪل جهڙي ڳالهہ آهي تہ اسان پنهنجي ان "پاڻ" کي اهڙي مادي ۾ بدلائي ڇڏيون جنهن کي اسان خيال جي صورت ۾ پنهنجن اڻ پورن حواسن سان حاصل ٿيل شاهدين سان سڃاڻون ٿا. جيڪڏهن اسان مادي کي اندران ۽ ٻاهران اهڙيءَ طرح ڄاڻي سگهون ها جهڙيءَ طرح اسان پنهنجي پاڻ کي ٿا ڄاڻيون تہ اسان مادي جي اصليت ۽ ارادي جي اها قوت ڏسون ها جيڪا اسان جي جسمن کان وڌيڪ اسان جي ذهنن جي ويجهو آهي.

اهڙين حالتن ۾ منطق جي نقطهٔ نگاهه کان ماديت لاءِ جاءِ ڪانهي، بخرموشوف ۽ مائرباغ ساده فلاسافر آهن:

> اها ڪچي ڦڪي ماديت جيڪا اڻويهين صديءَ
> جي وچ ۾ ان خودفريبيءَ سان پيش ڪئي وئي
> ته هيءَ هڪ نئين فلاسافي آهي، اها احمقاڻي
> انداز سان حياتيءَ جي ارادي کان انڪار تي
> ڪري ۽ سڀ کان پهرين زندگيءَ جي حقيقتن
> جي طبعياتي ۽ ميڪانڪي قوتن سان تشريح
> ڪرڻ جي ڪوشش تي ڪري ۽ پوءِ انهن کي
> مادي جا ميڪانڪي اثر تي چوي. روشني،
> حدت ۽ بجليءَ جون خاصيتون پري جي ڳالهه
> آهن مان اهو به نتو مڃي سگهان ته عام
> ڪيميائي مرڪبن جي به ميڪانڪي تشريح
> تي سگهي تي. انهن جي تشريح قوت سان ئي
> ڪري سگهجي تي.

نتشي کي ماده جو اهو نظريو ۽ ارادي جي قوت جو تصور ورثي ۾ مليو هو جيڪو هن شوپنهار جي ارادي واري نظريي کان ورتو هو. ڪو ديندار به ماديت جي ايترو خلاف نه هوندو جيترو راهبن ۽ دينيات جو مذاق اڏائيندڙ هي فلاسافر هو. هن جو پروگرام هو ته "ميڪانڪيت ۽ مادي کان بلڪل پرهيز." چاڪاڻ ته اهي بئي هيٺين درجي لاءِ اظهار جا طريقا آهن ۽ اها نهايت گهٽيا شڪل آهي جيڪا ارادي جي قوت اختيار ڪندي آهي." هڪ سني جرمن وانگر تصور پرستيءَ جي فلاسافيءَ کي هو پوريءَ طرح هضم ڪري ويو. هن جو چوڻ آهي ته مادو فريب آهي، اهڙو وهم آهي جيڪو اسان حواسن مان حاصل ٿيندڙ شاهدين جي تشريح لاءِ گهڙيو آهي. جيستائين مادي ائٽمن جو تعلق آهي هي هڪ اهڙي فلاسافي آهي جنهن جي پوريءَ طرح ترديد تي چڪي آهي ۽ يورپ جي علمي دنيا ۾ ڪو به اهڙو شخص ڪونهي جيڪو ان کي اهميت ڏي. هو شوپنهار وانگر ان نتيجي تي پهتو ته اهو مفروضو

پيش ڪري سگهجي ٿو تہ ساري ميڪانڪي عمل ۾ جيڪا بہ قوت ڪم ڪري ٿي اها ارادي جي طاقت يا ارادي جو اثر آهي. هڪ ائٽم ارادي جي قوت جو هڪ معمولي مقدار آهي.

تصور پرستيءَ انهن باغين تي حيرتناڪ اثر ڪيو جيڪي ماديت ڏانهن مائل هئا تہ اها مذهبي عقيدن جي خلاف استعمال ٿي سگهي ٿي، هربرٽ اسپينر چيو تہ مون کي جيڪڏهن چيو وڃي تہ بن مان هڪ جي چونڊ ڪر، هڪُ ذهني واقعن کي مادي واقعن جي وسيلي سمجهڻ، ۽ بيو مدي واقعُن کي ذهني و قعن جي وسيلي سمجهڻ تہ مان پهرين جي چونڊ ڪندس، ۽ مايوسيءَ جو دلچسپ پيغمبر برٽرينڊبرسل لکي ٿو:

> اهو عقيدو تہ رڳو مادوئي حقيقت آهي انهن شڪ وارن دليلن جي آڏو بيهي نہ سگهندو جيڪي حواسن جي طبعي احساسن جي ميڪانڪيت مان ايرن ٿا، تاريخي لحاظ کان اسان ماديت کي عقيدن جو اهڙو نظام ٿا سمجهون جيڪو روايتي عقيدن جي ترديد لاءِ قائم ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح اسين ڏسون ٿا تہ جيئن جيئن پراڻا عقيدا وڪرندا ٿا وڃن ماديت ميڪانڪيت ۾ بدلبي ٿي وڃي، اڄڪلهہ ماديت جي تشهير جا وڏا اڳواڻ آمريڪا جا ڪي سائنسدان ۽ روس جہ ڪي سياستدان آهن ڇاڪاڻ تہ انهن بن ملڪن ۾ مذهب جي روايتي فلاسافي اڄ بہ اقتدار ۾ آهي."

## مادو ڇا آهي؟

پوئين صفحن ۾ فلاسافيءَ جي باري ۾ شڪ شُبهن تي غور ڪرڻ کانپوءِ اسان سمجهي ويا آهيون تہ خارجي دنيا پنهنجي باري ۾ ثابتي ڏيندي ٿي رهي تہ اها معروضي طور حقيقي آهي.

هاڻي اڳتي هلون ۽ ان جي جوڙجڪ تي غور ڪيون، غور ڪندي اسان تي جيڪا پهرين ڳالهه ظاهر تي ٿئي سا هيءَ آهي تہ اٺهوين صديءَ وارو پراڻو ۽ جامد مادو ختم ٿي چڪو آهي. ٽينڊل ۽ هڪسلي وارو مادو جيڪو تباهہ ٿي نٿي سگهيو هاڻي پڪ وڪ پيپرز جي ٿلهي چوڪري وانگر ٿي ويو آهي، جنهن کي هڪ هنڌ رکيو هو تہ اتي ئي آرام سان سمهي رهندو هو، يا وري چرپر کان لنوائي پنهنجي جاءِ نہ مٽائيندو هو. برگسان وڏي سولائيءَ سان ثابت ڪيو تہ زندگي ۽ ذهن جي تخليق تہ پري جي ڳالهہ آهي بي جان مادو تہ پنهنجي چرپر جي وضاحت بہ ڪري نٿو سگهي، برگسان جڏهن مادي جي باري ۾ پنهنجو اهو تصور پيش ٿي ڪيو تڏهن طبعيات جا ماهر مادي جي جامد هجڻ وارو تصور ترڪ ڪري ان ۾ هڪ قوت ڳولهي رهيا هئا. مثال بجلي هئي جنهن جي وضاحت مادي ۽ ذرن جي وسيلي ٿي ٿي سگهي. ان ۾ اها ڪهڙي پراسرار قوت هئي جنهن ماده ۾ ان جو وزن ۽ رخن ۾ ڪابہ تبديلي آڻڻ ڪانسواءِ ان جي قوت وڌائي ٿي ڇڏي، بجليءَ جي لهر ڪيئن ٿي تارن يا هوا مان لنگهي. ڇا اها ڪا اهڙي شيءِ هئي جيڪا تار جي ايٽمن مان ٿي لنگهي؟ ۽ ڇا اتي ائٽمن کان بہ ننڍا ائٽم هئا؟ بجليءَ جي انهن لهرن ۾ جيڪي روشنيءَ جهڙيون هلڪيون هيون، اها ڪهڙي شيءِ هئي جنهن ان ۾ حرڪت ٿي پيدا ڪئي. اهو ائٽم هو، ايٽم هو يا ڪجهہ بہ نہ هو؟ ۽ جڏهن ايڪس ري ۾ بجليءَ جو شعلو خال مان لنگهندي ٽيوب جي ديوارن ۾ داخل ٿي ٿيو تہ اُن ڪيميائي طرح حساس پليٽ کي بدلائي ٿي ڇڏيو، اهو ڇا هو جيڪو خلا يا ديوارن مان لنگهيو. مادو جڏهن ريڊيئم وانگر پوري طرح تحرڪ ۾ اچڻ جهڙو نظر آيو ۽ ائٽم (جن کي ڪٽي نٿو سگهجي) حد کان وڌيڪ ورهائجي سگهڻ جهڙا نظر آيا تہ هر ائٽم بجليءَ جي لهرن جو هڪ نظام بڻجي ويو جيڪو بجليءَ جي لهر جي چوڌاري ٿي گهميو. مادي ڪيئن پنهنجون حجم، وزن، ڊيگهہ، ويڪر ۽ نوس پڻي، جنهن مان ڪا شيءِ لنگهي نٿي سگهي، واريون خاصيتون وڃايون ۽ اهي

خاصيتون بہ ختم ڪري ڇڏيون جن جي هر حقيقت پسند ذهن احترام تي ڪيو. ڇا مادي جو جمود وهم هو؟ ڇا اهو تي سگهي ٿو تہ مادو زندھ هجي.

مادي ۾ ان "قوت" جا آثار اڳ ئي موجود هئا جن جاءِ ڳنڍڻ، هڪ ٽيڻ ۽ ڌڪڻ وارين خاصيتن مان اشارا ٿي مليا. هاڻي ان جا امڪان نظر آيا تہ اهي ۽ انهن سان گڏ بجلي ۽ مقناطيس ائٽم جي طاقت جون صورتون هيون جن جو سبب هڪ ائٽم ۾ اليڪٽران جي لهرن جي بي تابي هو. اليڪٽران ڇا آهي؟ ڇا اهو مدي جو هڪ حصو آهي جيڪو قوت ۾ اظهار ڪندو آهي يا هي قوت جو ماپو آهي جيڪو مادي شيءِ کان بلڪل لاتعلق آهي؟ پوئين ڳالهہ سمجهہ کان ٻاهر آهي. لي بون Le Bone ٿو چئي تہ بيشڪ اهو تہ اعليٰ ذهنن لاءِ ممڪن آهي تہ اهي مادي کانسواءِ قوت جو تصور ڪري سگهن. پر اهڙو تصور اسان ڪري نٿا سگهون. اسان شين کي تڏهن سمجهي سگهون ٿا جڏهن انهن کي پنهنجي روزاني جي خيالن مطابق بڻايون. اسان جيئن تہ قوت جي اصليت کان واقف نہ آهيون انڪري مجبور آهيون تہ ان کي مادي شڪل ڏيون ۽ اهڙيءَ طرح ان جي باري ۾ غور ڪري سگهون. برگسان چيو تہ اسان جي جوڙجڪماديت پرست واري، اسان جو واهپو مادي ۽ ميڪانڪيت سان رهيو آهي ۽ جيستائين اسان انهن کان پاسيرا ٿي پنهنجي اندر ۾ نہ نهارينداسين تيستائين اسان هر شيءِ کي مادي مشين سمجهنداسين. تنهن هوندي بہ آسولڊ Oswald مادي کي رڳو قوت جي هڪ صورت ٿو سمجهي. رٿرفورڊ Rutherford ائٽم کي بجليءَ جا نگيٽيو ۽ پازيٽو يونٽ ٿو سمجهي. لاج Lodge ٿو سمجهي تہ اليڪٽرانس جي لهرن کانسواءِ ڪوبہ مادي مرڪز نہ آهي ۽ لي بون رڳو ايترو ٿو چئي تہ مادو قوت جو هڪ قسم آهي، جي بي ايس هولڊن جو خيال آهي تہ هاڻوڪي زماني ۾ ڪي ٿورا قابل شخص مادي کي اليڪٽرانس جي حرڪت جو هڪ خاص قسم ٿا سمجهن. ايڊنگٽن Eddington جو چوڻ آهي تہ مادو بجليءَ جي نيگيٽو ۽ پازيٽو لهرن جو جڙيل آهي. ڪوبہ تختو اصل ۾ خالي جاءِ آهي

جنهن ۾ بجليءَ جون ڪجهه وکريل لهرون آهن. وائيٽ هيڊ White Head جو خيال آهي تہ ڪنهن بہ نوس مادي جي تصور کي هڪ مستقل حيثيت حاصل هئي اها هاڻي ڪانهي. نوس مادو هاڻي قوت جي مقدار جو نالو آهي جنهن کي اسين ان جي ڪن طاقتور اثرن جي حوالي سان ڏسون ٿا، ڏسو تہ هيڏو طاقتور مادو ڪيڏي هينئين مقام تي اچي ويو آهي. اسان وري باسڪووچ ڏانهن موٽون ٿا ۽ ان ڳالهہ ڏانهن تا اچون تہ مادو جيڪو جاءِ والاري ٿو اهو نوس حقيقت آهي، پر اصل ۾ ائين ناهي، تنشي چيو تہ باسڪووچ ڪارپنيڪس هاڻي تائين اکين ڏٺل شاهديءَ جا وڏا ڪامياب مخالف هئا. ڊيوئي ٿو چئي تہ اها حيرت جي ڳالهہ ڪانهي تہ سائنس ۾ ڪتب ايندڙ مادي جو ماديت پرستن جي مادي سان ڪو تعلق ڪونهي. چا طبعيات جي ماهرن جي ان ڳالهہ کان وڌيڪ ڪابہ ڳالهہ سمجهہ کان ٻاهر ٿي سگهي ٿي تہ مادو جاءِ والارڻ واري مواد جي حيثيت ۾ مري چڪو آهي ۽ اسان کي ٻڌايو ٿو وڃي تہ اليڪٽرانڪس ۾ مادي جي ڪا خاصيت ڪانهي، اهي نہ سخت آهن، نہ انهن ۾ پاڻيات آهي ۽ نہ گيس جا نهيل آهن، ۽ نہ انهن جي ڪا هيئت آهي. ريڊيائي بجليءَ سان تعلق نہ هجڻ جي ڪري جديد سائنس جي ان ڳالهہ تي شڪ ڪيو ويندو تہ مادو ڪڏهن بہ تباهہ نہ ٿيندو آهي. اچو تہ ماهر طبعيات جي ڳالهہ ٻڌون:

> "ائٽمن جا عناصر جيڪي الڳ ڪيا ويندا آهن تباهہ ٿي ويندا آهن، انهن ۾ مادي جي ڪا خاصيت ڪانہ رهندي آهي جن خاصيتن مان بنيادي خاصيت وزن آهي، ماپو ان جو اندازو ڪري نٿو سگهي. ڪابہ شيءِ انهن کي مادي واري حالت ۾ آڻي نٿي سگهي. اهي ايٿر جي وسعتن ۾ گم ٿي ويا آهن حدت، بجلي، روشني وغيره مادي جا اهي آخري مرحلا آهن جن ڪانپوءِ هو ايٿر ۾ گم ٿي ويندو آهي. اهو وراهجي ويندو آهي. جدا جدا مرحلن مان لنگهڻ

> ڪانپوءِ آهستي آهستي پنهنجي مادي واري صفت وڃائي ويهندو آهي، ايستائين جو هو ادراڪ ۾ نہ اچڻ واري ان ايٿر ۾ گم ٿي ويندو آهي جنهن مان هو پيدا ٿيو هو.“

ايٿر! پر اهو آهي ڇا؟ ان جي ڪنهن کي خبر ڪانهي، ان لاءِ لارڊ سالسبري چيو تہ ايٿر رڳو لهرن جي هيٺ متي ٿيڻ جو بيان آهي، اهڙو افسانو آهي جنهن ۾ سائنس پنهنجي جهالت لڪائيندي آهي، هي جن يوت ۽ روح جهڙي سمجهہ کان ٻاهر ڪا شيءِ آهي، آئن اسٽائن ڪشش واري قوت جي نئين تعبير ڪئي ۽ ايٿر کي معطل ڪري ڇڏيو. پر پوءِ هن ان کي محدود طاقت سان بحال ڪيو. جڏهن بہ طبعيات جو ماهر ڪنهن مونجهاري ۾ ڦاسندو آهي تڏهن ايٿر ۾ پناهہ وٺندو آهي. پروفيسر ايڊنگٽن چيو تہ ايٿر مادي جو قسم نہ آهي ۽ غير مادو آهي يعني اها غير مادي شيءِ آهي جيڪا ڪن حيرت انگيز تبديلين سان پاڻ کي مادي ۾ بدلائي ٿي. اها شيءِ وزن ۽ رُخ کان سواءِ آهي ۽ ڪن جزن جي ملڻ سان جاءِ والارڻ واري مادي جي صورت اختيار ڪندي آهي. ڇا هيءَ فلاسافي مذهب جي بحالي آهي يا نئين مسيحي سائنس آهي يا روحاني تحقيق جي هڪ شڪل آهي- نفسيات جڏهن هر تدبير هلائي شعور کان نجات حاصل ٿي ڪري تڏهن طبعيات افسوس سان ٿي اسان کي ٻڌائي تہ مادي جو وجود ڪونهي. نيوٽن چيو هو تہ ”اي طبعيات! مون کي مابعدالطبعيات کان بچاءِ.“ پر افسوس تہ هاڻي اهو ممڪن نہ آهي.

برٽرينڊرسل ٺو چئي تہ طبعيات ان منزل تي پئي رسي جتي اها مڪمل ٿي ويندي. پر شاهديون ان جي ابتڙ آهن. هينري پين ڪيري Henry Pain Care جو چوڻ آهي تہ جديد طبعيات مونجهاري واري حالت ۾ آهي ۽ پنهنجا بنياد نئين سر پئي ٺاهي پر ان کي خبر نہ آهي تہ اها ڪٿي بيٺي آهي. گذريل ويهن سالن ۾ طبعيات جا مادي ۽ حرڪت جا بنياد بدلجي ويا آهن. ڪيوري، رٿرفورڊ ۽ سوڊي Seddy، آئن اسٽائن ۽ منڪووسڪي Minkowisky

جي تحقيقات نيوٽن جي طبعيات جي ڪلاسيڪي تصور کي بلڪل ختم ڪري ڇڏيو آهي، ليپليڪ Laplac کي نيوٽن سان ريس هئي تہ هن دنيا جو هڪ نئون نظريو ڳولهي لڌو. ڪيس ان ڳالهہ تي افسوس هو تہ هاڻي ٻيا ڪي بہ اهڙا نظام نہ آهن جيڪي ڳولهي لهجن. پر نيوٽن واري دنيا ۾ هاڻي ڪشش ڪانہ هئي، اضافت جي نظريي حرڪت جي قانون کي هر هنڌ لوڏي ڇڏيو هو. ڪو وقت هو جو فلاسافيءَ جو ”پاڇولن“ ۽ ”خيالن“ سان تعلق هو. ۽ سائنس جي دلچسپي حقيقت ۽ واقعيت سان هئي، هاڻي طبعيات نظرين جو بنياد تي وئي آهي ۽ دنيا ۾ مادي جو تصور ختم تي چڪو آهي. فلاسافيءَ کي پاسيرو رکٹو هو (ڪي ماڻهو اڳڪتي تا ڪن تہ پنجاهہ سالن ۾ فلاسافي ختم تي ويندي). سائنس کي انساني مسئلا حل ڪرڻا هئا، هاڻي جڏهن عام ماڻهوءَ جو سائنس تي انجيل ۽ گرجا جهڙو ويساهہ آهي تڏهن اسان کي وڏي انڪساريءَ سان ٻڌايو تہ وجي تہ سائنس اسان کي شين جي اصليت جو علم ڏيئي نتي سگهي. ان جي بدران اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ هڪ گهڙي اوتري رفتار سان تيز تي هلي جيتري رفتار سان مڪان ۾. ان کي ڪٹي هلجي تہ ۽ ٻيو هي تہ جڏهن ڪو ماپو زمين جي حرڪت جي رُخ تي رائيٽ اينگل ناهي تہ اهو ڊگهو تي ويندو. اسان کي انهن سمجهہ ۾ نہ اچڻ وارن فارمولن آڏو آڻ مڃٹي پوندي جن طبعيات جي پراڻي صفائي ۽ چٽائيءَ جي جاءِ ورتي آهي، پر ڪهڙي خبر تہ اهي فارمولا صحيح هجن. بهرحال ماڻهو سائنس جي صحيح هجڻ تي شڪ تہ ڪري جيڪا ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ڏکي تيندي تي وجي ۽ هر ڏينهن ڪالهہ جي ترديد تہ ڪري، سائنس پهريان اسان جي آڏو ائٽم تي پيش ڪري، پوءِ اليڪٽرانس ۽ پوءِ ڪانٽا Quanta ۽ آخر ۾ مادي دنيا جي تصوير جيڪا بجليءَ جي لهرن سان معجزاتي طور نهي آهي ۽ جنهن ۾ مادي وارو مرڪز ڪونهي، رڳو اسپينگلر هي ڳالهہ چوڻ جي جرائت ڪئي تہ ائٽمن جو هر تصور افسانو آهي جنهن جو تجربو نہ ڪيو ويو آهي.

اسان کي جتي بہ دينيات نظر اچي ان کان پاسو ڪرڻ گهرجي پوءِ اها دينيات سائنس جي ڇو نہ هجي. شايد اسان جي ڄاڻ جي مهارت (جيڪا بدلجندي تي رهي) ڪانپوءِ بہ مادي جو وجود هجي ۽ ڊاڪٽر جانسن جي ڪڙيءَ ۾ جيڪو پٿر ڇپيو هو اهو ايترو ئي حقيقي هو جيترو سندس ڪڙيءَ جو سور حقيقي هو. اهو سچ آهي تہ ڊاڪٽر لاءِ پٿر تصورن جو مجموعو هو جنهن جي هيوم پوءِ اهڙي ئي تشريح ڪئي هئي، پر اهڙي قسم جو مجموعو، اسان جي عضلات ۽ اسان جي حواسن جي اها مزاحمت ئي اصل ۾ اها شيءِ آهي جنهن کي اسين مادو ٿا سڏيون. اسان ڪٺي سائنس جي نئين دينيات لاءِ شوق ڏيکاريون پر روزاني زندگيءَ ۾ اسين قوت کي مادي سان لاڳاپيل ٿا ڏسون جيڪو جاءِ والاري ٿو ۽ جيڪو غور ڪرڻ جي قابل آهي، اهڙي شيءِ آهي جيڪا اسان ۾ حواسن جي معرفت احساس پيدا ڪري ٿي.

اهو مادو ڇا آهي؟ اسان کي ٻنان هيڪ جي مڃڻ گهرجي تہ اسان کي اڃا تائين خبر پئجي نہ سگهي آهي. پر هڪ ڳالهہ پڪ سان چئي سگهجي ٿي تہ نئون مادو اڻويهين صديءَ وارو سائنسي مادو نہ آهي. نئون مادو بي انتها قوتن جي هڪ شڪل آهي، مادو تعلق، ڏڪڻ، اثرانداز ٿيندڙ عملن، بجلي، گرمي، اليڪٽرانس جي بي تاب ناچ سان قائم آهي. حرڪت، قوت ۽ طاقت هرهنڌ آهي. اسان هاڻي ڪنهن بہ شيءِ کي بي جان چئي نٿا سگهون. لوهہ جو ٽڪرو جيڪو ظاهريءَ طرح جامد آهي اصل ۾ اندرين ۽ ٻاهرين قوتن (جيئن دٻاءَ جي گرمي وغيره) جو توازن آهي. اسان ڪنهن ڌاتوءَ جي ٽڪر تي هٿ رکندا آهيون تہ ان جي ماليڪيوئل جي حرڪت ۾ تبديلي اچي ويندي آهي. ليوڪريٽس جي پراڻي تشبيهہ هاڻي وڌيڪ معنيٰ خيز ٿي لڳي:

"جڏهن وڏيون فوجون جنگ جي راند کيڏڻ لاءِ
ميدان ۾ لهنديون آهن تہ انهن جي چمڪ
آسمان تائين پڄندي آهي ۽ ساري ڌرتي ٽامي
وانگر نظر ايندي آهي ۽ زمين مان انساني

انبوهن جو آواز اپرندو آهي ۽ جبل ان آواز
كان ٻچي ان جي پڙاڏي كي ستارن تائين
پچائيندا آهن، انهن اوچن پهاڙن تي كانہ كا
جاءِ اهڙي آهي جتان اهي گهمندڙ ڦرندڙ انسان
ساڪن ۽ ميدان ۾ روشنيءَ جي ٽبڪي وانگر
نظر ايندا آهن.

اسان مادي جو جيترو مطالعو ڪيون اسان جي نظرن ۾ ان جي حيثيت گهٽ بنيادي تي معلوم ٿئي ۽ اسان ان کي قوت جي خارجي شڪل ٿا سمجهون، اسان جا جسم زندگي ۽ ذهن جي خارجي شڪل آهن. ايڊنگٽن ته چئي ته جيستائين حرڪت جو تعلق آهي طبعيات ان جي اهميت سڃاتي آهي ۽ ان ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ حرڪت ئي بنيادي شيءِ آهي.

هڪ هندو ماهر طبعيات سر جگديش چندر بوس ڌاتن ۾ تڪ جي ڪيفيت ثابت ڪري ڏيکاري تہ ڌاتن ۾ ڪجهہ عرصي کان پوءِ ڪجهہ شين جو ردِعمل عام حالت کان بدليل هوندو آهي پر پوءِ آرام ڪرڻ سان سندن تڪ لهندو آهي ۽ سندن ردِعمل ساڳيا تي ويندا آهن. هن ثابت ڪيو تہ ڌاتن تي جوش ڏيارڻ، سست ڪرڻ واريون شيون ۽ زهر اثر ڪندا آهن. اهي تجربا ساڳئي نتيجن سان ٽن وڏن ڪندن ۾ ورجايا ويا آهن. ”مادي جي زندگي“ ويهہ ورهيہ اڳ اهي اکر بي معنيٰ هئا پر اڄ اهي عام آهن. هاڻي اسان طبعيات جي ماهرن ۽ ڪيميا کي حياتياتي تصورن سان دوچار ٿيندو ڏسون ٿا. حياتياتي تصورن جو ساري ڪائنات تي تسلط تي وڃي تہ اها ڪا ناممڪن ڳالهہ ڪانهي. هاڻي اسان مادي جي ارتقا جو بہ ٻڌون پيا. لڳي ٿو تہ مادو پيدا ٿيندو آهي، وڌندو آهي، پنهنجي طاقت وڃائيندو ۽ مري ويندو آهي. قوت جي جديد طبعيات جي پيش نظر اسان کي ماديت ۽ روحانيت جو نئين سر جائزو وٺڻو پوندو. ڏسڻو آهي تہ خارجي دنيا جو ڪهڙو پاسو بنيادي آهي. مڪاني (يعني جاءِ والاريندڙ) جنهن کي ڪنهن وقت طبعيات مادي جو نالو ڏنو هو يا حرڪت ۽ چرپر وارو پاسو جنهن کي اسان قوت ٿا چئون؟ ان سوال

جو جواب قوت ئي تي سگهي ٿو، اها قوت ئي ”ادراڪ ڪان متاهين“ ”پنهنجو پاڻ ۾ پوري“ ۽ ”مطلق“ آهي. ڇا اها قوت مڪاني (جاءِ والاريندڙ) مادي شيءِ آهي؟ قوت لاءِ اسان اهڙو تصور ڪري نٿا سگهون جيئن خيالن لاءِ اهڙو تصور ڪري نٿو سگهجي. مادي جي اندر ۾ ڪا شيءِ غير مادي آهي جنهن ۾ زندگي ۽ بي ساختگي واريون وصفون آهن ۽ هي اوچتي، بي اختيار ۽ لڪل، پر هرهنڌ جلوه ڏيڪاريندڙ قوت، هر ان شيءِ جو جوهر آهي جيڪا اسان کي نظر اچي ٿي.

هتي ”اندر“ وغيره جا اکر رڳو استعارا آهن، انهن اکرن کي جيڪڏهن استعارا نہ سمجهبو تہ فڪري مونجهارن ۾ ڦاسي پونداسين. اسان کي مادي جو اهڙو تصور ڪرڻ نہ گهرجي تہ اهو قوت کان الڳ ڪا شيءِ آهي. قوت مادي جي اندر ۾ ائين رهندي آهي جيئن پارو ڊيڊالس Daedalus جي قسمن ۾ رهندو آهي ۽ انهن کي ظاهري زندگي ۽ استحڪام ڏيندو آهي. هي حياتياتي عنصر، هي فعال قوت، ڪا الڳ شيءِ نہ آهي جنهن کي مادي کان ڌار سمجهجي. هن جو وجود مادي جي وجود سان ائين ڳنڍيل آهي جيئن جسم جو وجود ذهن سان. قوت ۽ مادو هڪ نہ تحليل ٿي سگهڻ واري حقيقت جا داخلي ۽ خارجي مظهر آهن. ماده پرست صحيح هو. هن مادي کي اعليٰ رتبو ڏيئي پنهنجي ان عقيدي جو اظهار ڪيو تہ ارتقا جو سلسلو ڪٿي بہ نٿو ٽٽي ۽ هي تہ فلاسافر باندرن مان، باندر شروع وارن حيوانن مان ۽ شروع وارا حيوان بي جان مادي مان ۽ بي جان مادو عام ائٽمن مان پيدا ٿيو آهي. اسان ان ڳالهہ کي تڏهن مڃي سگهون جڏهن مڃون تہ بي جان مادي جي اندر زندگي جو هڪ اصول ڪم پيو ڪري، هڪ اهڙي طاقت جيڪا ان کي ارتقا لاءِ مجبور پئي ڪري. مادي ۽ ذهن جي وچ ۾ جيڪا وڇوٽي آهي ان کي اسان ذهن جي حيثيت کي ختم ڪري نہ پر مادي کي اعليٰ رتبو ڏيئي ختم ڪري سگهون ٿا. هن دنيا جي حقيقت اهائي آهي جيڪا ماده پرست ٻڌائي ٿو، ان جو هر ذرو مادي جو نهيل آهي ۽ مادي جي هر ذري ۾ هڪ خودمختيار

اهڙي شڪ واري صورت جي باوجد اسان چئي ٿا سگهون ته اهي شڪي ماڻهو ڪنهن حد تائين لاشعوري طور بي جان مادي جو جاندار سان موازنو ٿا ڪن، اها ڏکيائي ڪنهن حد تائين گهٽجي وڃي جيڪڏهن اسان ان کي هڪ عام سادي جاندار ۽ نهايت ڳتيل مادي جي وچواري وچوٽي تائين ئي محدود رکون. ترڪيبي ڪيميا ڪوئلي جي اصل مان 1300000 مرڪب پيدا ڪري سگهي ٿي. ڪو هوڏي ماڻهو جنهن اجا غير ممڪن کي ممڪن ٿيندو نه ڏٺو آهي. يقين سان چئي سگهي ٿو ته ڪيميا ڪڏهن به زندگي پيدا ڪري نٿي سگهي؟ پر جيڪو فطرت ڪري ٿي اهو ممڪن آهي ۽ شايد ڪنهن ڏينهن ماڻهو فطرت جا ڪم ڪرڻ سکي وٺي. پر جڏهن ڪو ٻوٽو سج جي روشني ۽ زمين جي ڪيميائي مرڪبن کي پنهنجيءَ رس ۾ بدلائيندو آهي ته اهو بي جان موجودات کي جاندار ۾ بدلائڻ جو مثال آهي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته انهن ۾ هڪ ساهه واري جو هجڻ لازمي آهي پر اها تبديلي پوءِ به حقيقي آهي ۽ اُن سمجهه ۾ نه ايندڙ حقيقت جو ضد آهي. بي جان يا جاندار ارتقا ۽ انحطاط جي عمل جا ٻه پاسا آهن. ٿي سگهي ٿو ته مادو ڪنهن جاندار جي انحطاط پذير شڪل هجي ۽ بي جان ۽ ميڪانڪي موجودات ڪنهن ختم ٿيل زندگيءَ جا آثار هجن.

شايد ڪنهن زماني ۾ ڌرتيءَ جي حالت اهڙي نه هئي جو ان تي جاندار رهي سگهن ۽ شايد ڌرتيءَ تي زندگيءَ تڏهن جنم ورتو جڏهن مناسب حالتون پيدا ٿيون. اسان جو ارهنلس Arrhnalls جي ان ڳالهه کي مڃڻ ۾ ڪو فائدو ڪونهي ته ڏورانهان ستارا زندگيءَ جا سرچشما آهن. ڪنهن مسئلي کي ٽاري ڇڏڻ ان مسئلي جو حل نه آهي. اڄو ته تصور ڪيون ته ڪا آفت سيني جاندارن کي مٽائي ٿي ڇڏي. پر گهٽي وقت کان پوءِ وري اهڙي آب و هوا ٿي پيدا ٿئي جهڙي اڄڪلهه آهي ۽ اڄڪلهه واريون سڀ طبعياتي ۽ ڪيميائي حالتون به موجود ٿيو ٿي پون ته پوءِ ڇا ائين ٿي نٿو سگهي ته اهڙي حالتن ۾ ڌرتي وري جراثيمن، نباتات ۽ زندگيءَ جون لکين صورتون پيدا ڪري؟ هڪ دفعو ارتقا جي اصول کي

مججي تہ پوءِ ان جي حد مقرر ڪري نٿي سگھجي. ارتقا جي قطار ۾ شيڪسپيئر کان وٺي هڪ اوائلي حيوان تائين ڪابہ اهڙي جاءِ ڪانهي جتي اسان بيهي رهون ۽ ڪنهن معجزي کي مڃون. جيئن هڪسلي چيو هو تہ ماڻهو ۽ چمپينزي باندر ۾ ڪو ايڏو گهٽو فرق ڪونهي جيڪو اعليٰ ۽ ادنيٰ باندرن ۾ آهي. اسان چئي ٿا سگھون تہ پروٽين جي ترڪيب ۽ هڪ سيل واري Amoeba ۾ ايترو فرق ڪونهي جيترو ارتقا جي ان تنندڙ تسلسل ۽ ايموبا ۽ ڪنهن مذهبي ماڻهوءَ ۾ آهي.

مادي جو اهو نئون تصور تہ اهو زنده آهي بي جان ۽ جاندار ۾ فرق کي گھٽائي ٿو ۽ لڳاتار ارتقا جي تصور کي ڪنهن حد تائين ممڪن بڻائي ٿو. زندگي حقيقت جي ان خارجي پاسي جي تخليق نہ آهي جنهن پاسي ۾ نوس پٽي ۽ جاءِ والارڻ وارا وصف آهن پر ان داخلي پاسي جي تخليق آهي جنهن ۾ ائٽم جي قوت، ايٿر جي بجليءَ جي بي تاب ۽ بي چين توانائي آهي. اڻويهين صديءَ جي طبعيات ۾ ڪيميا جي تصورن بي جان ۽ جاندار شين جي تفاوت کي پڪو ڪري ڇڏيو هو ۽ اسپينسر جيتوڻيڪ ارتقا کي مڪمل ڪرڻ تي گھريو. پر ساڳئي وقت ان کي ٽارڻ بہ ٿي گھريو. هن لکيو تہ اسان اهو مڃڻ لاءِ مجبور آهيون تہ زندگيءَ جي جوهر جو طبعياتي ۽ ڪيميائي تصور ڪري نٿو سگھجي.“ جڏهن طبعيات ۽ ڪيميا زندگيءَ جي تصور ۽ مادي کي هڪ سمجھڻ سکن ٿا تڏهن حقيقت ۽ ترقي جي ٻن حصن جو فرق ختم ٿو ٿئي ۽ مادو جنهن جي حقيقت قوت آهي اهو زندگي سان ملي ٿو جنهن جي شڪل مادو آهي انهن ٻنهي جو ڳانڍاپو دنيا کي مڪمل اتحاد ۽ هم آهنگي ٿو ڏي جنهن ڪانسواءِ نہ سائنس کي ۽ نہ فلاسافي کي آرام اچي سگھي ٿو.

## ماده پرست ڳالهائي ٿو:

جيڪڏهن بي جان مادي مان زندگيءَ جي اُسرڻ جي ڳالهہ مڃڻ ڏکي آهي تہ پوءِ ذهن جي فطري ارتقا جي تصور کي مڃڻ

ڪيترو نہ ڏکيو آهي. تنشي چيو تہ مادي جو غور ۽ فڪر ڪرڻ واري شيءِ ۾ بدلجڻ ناممڪن آهي. هتي اسان کي بي جان مادي جي تصور سان ارتقا جي تسلسل جي تصور کي قربان ڪرڻو پوندو.ماديت ۽ رومانيت جا مضبوط دليل انهن اڌ حقيقتن جي وچ ۾ حيرانيءَ واري حالت ۾ آڻي ٿا بيهارن جيڪي ڪڏهن بہ پوريون حقيقتون ٿي نہ ٿيون سگهن. اچو تہ انهن اڌ حقيقتن جو تجزيو ڪيون.

ماده پرست ارتقا جي تسلسل کي مجرائڻ سان ٿو ڳالهہ شروع ڪري. بوس جا تجربا ثابت ٿا ڪن تہ ٻوٽن ۾ هڪ قسم جي حساسيت آهي. شعاع جي حرارت کي ماپڻ واري پلاٽينم جي سيخ 1/100000000 درجي جي حرارت جو اثر وٺي ٿي ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ اها حساسيت جاندارن جي حساسيت جهڙي نہ آهي ۽ اها ماحول سان مطابقت پيدا ڪرڻ وارو اهو ردِعمل پيدا نٿي ڪري جو ماحول قابو ۾ اچي. هي رڳو اهو طريقو ٿي ٻڌائي جنهن سان فطرت مادي ۽ ذهن جي وچوٽيءَ کي ڳنڍي ٿي.

ذهن جي ارتقا جي اڳئين منزل ٻوٽن جي جاءِ، تعلق، حرارت، نمي ۽ روشني لاءِ حسست واري ردِعمل واري آهي. يارڪيز Yarkes جو خيال آهي تہ ذهن جي وڏي طاقت ۽ خاصيت سکڻ ۽ تجربي جي روشني ۾ مختلف نوع جي ردِعمل واري صلاحيت آهي جيڪا هڪ هيناهين درجي جي جاندار ۾ بہ آهي. بوسڻ برطانوي مجلس ترقي سائنس کي اهو ثابت ڪري متاثر ڪيو تہ انسان ۽ ٻوٽن جي رت جي دوري ۾ تمام گهڻي هڪ جهڙائي آهي، هن اهو بہ ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ٻوٽن جي اندر جي رس تي جوش ڏياريندڙ، اداس ڪندڙ شيون ۽ زهر اثر ڪن ٿا. ايڊورڊ ٽينگل Edward Tengl ٻوٽن جي جيوگهرڙي ۾ زندگيءَ جي مادي جا سنهان ڌاڳا ڳولهي ڪڍيا جن کي نباتات جا ڪي ماهر، جاندارن ۾ اعصابي تنتن جهڙو ٿا سمجهن. ڪي ٻوٽا روشنيءَ کان ايترو متاثر ٿيندا آهن جو اهي باغ جون گهڙيون سمجهيا ويندا آهن. جيڪي ٻوٽا کينئان ٿا کائن انهن جا پنج سو قسم آهن جن مان

ڪن ڪي (جيئن ڊارون اسان کي ٻڌائي ٿو) ڏاڍا حساس ننڍا ڳوڙها هوندا آهن جيڪي معمولي دٻاءُ جو بہ اندازو لڳائيندا آهن. ائين فائدي وارن مقصدن لاءِ مطابقت پيدا ڪرڻ وارن اوائلي ردِعملن مان ذهن جي شروعات جو اندازو ٿئي ٿو.

چرپر سان حساسيت وڌندي وئي. ٻوٽن ۾ بي جان مواد کي خوراڪ بنائڻ جي صلاحيت تہ آهي پر هو چرپر ڪري نٿا سگهن. رڳو ايترو ڪري ٿا سگهن تہ پنهنجن پاڙن کي زمين ۾ هيٺ تائين لاهن يا پنهنجن تارين کي آسمان ڏانهن وڌائن، پر هنن ان سادي زندگيءَ لاءِ پنهنجون ڪيتريون بامقصد صلاحيتون قربان ڪيون. انهن مان جن چرپر ڪئي سي حيوان ٿي ويا ۽ انهن ان عظيم الشان ۽ دردناڪ تنتي سرشتي جو بنياد وڌو جيڪو اڄ مهم پسندي ۽ ضبط جو هٿيار بڻجي ويو آهي. ادنيٰ جانورن ۾ اعصابي نظام نہ هوندو آهي هنن ۾ عام حساسيت هوندي آهي جيڪا سندن بت جي هر رڳ مان ظاهر ٿيندي آهي. پر انهن حيوانن جي دنيا ۾ بہ مهارت ضروري ٿي ويندي آهي، ڪن اوائلي حيوانن ۾ خارجي جيوگهرڙا هڪ خاص حساسيت رکن ٿا پر انهن جا اندروني يا هڪجهڙا جيوگهرڙا ماحول کان بي نياز هوندا آهن. هڪ ٻي منزل تي اچو، هتي حساسيت خاص ڪم لاءِ هوندي آهي. جيلي مڇيءَ ۾ تنتي خليا ٻاهرين حصي ۾ پکڙيل هوندا آهن، اهي ڪن عملي جيوگهرڙن سان لاڳاپيل هوندا آهن. هتي ڪم جي مهارت تنتي خلين کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. هتي اسان کي تنتي سرشتي جي پهرين شاهدي ملي ٿي جيڪو ذهن جو هٿيار آهي.

ان سوال جو ڪنهن بہ جواب نہ ڏنو آهي تہ جيڪڏهن ذهن ۽ جسم هڪ ٻئي کان مختلف آهن، ذهن مادي کان عاري ۽ مادو ذهن کانسواءِ آهي، تہ پوءِ اهي هڪ ٻئي تي ڪيئن اثر ڪن ٿا؟ ليوڪريٽس چيو تہ چاڪاڻ تہ جڏهن روح عضون ۾ چرپر پيدا ڪندو آهي يا جسم کي ننڊ مان اٿاريندو آهي يا چهرو بدلائي ڇڏيندو آهي يا رهنمائي ڪندو آهي يا ماڻهوءَ کي ئي اٿلائي پٿلائي ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن اسان ڏسندا آهيون تہ انهن مان ڪوبہ اثر ڇهاءُ

ڪانسواءِ ۽ ڇهاءَ جسم ڪانسواءِ ممڪن ناهي تہ ڇا اسان کي مڃڻو پوندو تہ ذهن ۽ روح جي اهڙي ئي حقيقت آهي جهڙي جسم جي آهي؟ يا وري بہ هزار سال اڳتي ٿا هلون ۽ ڏسون ٿا تہ مارڪ ٽوئن ڪيئن ٿو فلاسافر واري ڳالهہ ڪري.

پوڙهو (طنز سان) روحاني حقيقت هجڻ جي ڪري ذهن جسماني اثر قبول نہ ڪندو آهي؟

نوجوان: نہ،

پوڙهو:- ڇا ذهن عام حالت ۾ هوندو آهي جڏهن جسم نشي ۾ ٻڏل هجي.

دماغ ۾ ڌڪ لڳڻ سان ڇريائپ ٿي سگهي ٿي، ٽڪ سان ننڊ اچي سگهي ٿي، دوائن ۽ بيمارين، آڪسيجن ۽ رت جي گهٽتائيءَ سان بيهوشي ٿي سگهي ٿي. شعور جو بنياد حواس آهن. اسٽمپيل جو ٻار جنهن جي رڳو ڏسڻ جي حواس ڪم ٿي ڪيو جڏهن بہ اکيون بند ڪندو هو تہ سمهي رهندو هو. سجاڳيءَ جي خيال کان جبلتن جي ڪشمڪش سان شعور جاڳندو آهي. جڏهن ڪشمڪش کانہ هوندي آهي تہ عمل بي خياليءَ ۾ ٿيندو آهي. شايد شعور وقتي تڪليف آهي، ڪو حيوان جنهن جون جبلتون ۽ حواس ان جي ضرورتن مطابق آهن ان ۾ شعور نہ هوندو. ٻَنشي جو چوڻ هو تہ جڏهن ماڻهو ماحول سان پيدا ڪيل عادتن کي پنهنجي ٻي فطرت بنائي ڇڏيندو تہ شعور ختم ٿي ويندو.

جيستائين اسان جي پاڻ جو يا اسان جي روح جو تعلق آهي اهي ورثي ۾ مليل ۽ ڪي حاصل ڪيل صفتن جي مجموعي جو نالو آهن. جڏهن تجربو بدلبو تہ اسان جو پاڻ بدلجي ويندو. ماڻهو پنهنجي ماضيءَ تي اوپري نظر وجهندو آهي. ڪي وڳوڙ ٿين تہ اسان ٻن شخصيتن ۾ ورهائجي ويندا آهيون، تجربي جو ڪو مرڪز، دماغ جي تنتن جو ڪو حصو ٻين حصن کان ڌار ٿي پنهنجي جدا بادشاهي قائم ڪندو آهي. ظاهر آهي تہ ماڻهوءَ جو پاڻ ورثي، يادگيري ۽ مقصد جي هڪ نازڪ اڪيءَ جو نالو آهي. جيڪو لافاني هجڻ کان وڌيڪ ڪمزور آهي.

خيال، عمل جو امڪان آهي. ڏيان، انتظار آهي. نفرت، نتائڻ آهي. اشتها، ڳولها آهي. جذبو، چرپر آهي. خيال عمل جي پهرين منزل، اسان ان کي خيال انڪري ٿا چئون جو عمل جي ڪنهن بئي لاڙي ان کي پوري ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو هو. تدبر ۾ جسم ممڪن عمل، جذبن ۽ خواهشن جي مخالف حالت جي قبضي ۾ اچي ويندو آهي. جذبا، جيئن ڪينن Cannan ڏيکاريو، رت جي حالت آهن جيڪي غدودن جي پاڻياٺ مان پيدا ٿيندا آهن. ۽ بڪين جي غدودن ڪانسواءِ ڪاوڙ اچي نٿي سگهي. ٿائراڊ ڪانسواءِ اسان احمق ٿي ويندا سين. ماڻهوءَ جي ساري سوچ ۽ عمل خواهشن جا محتاج آهن جيڪي جسم جي هڪ حالت آهن. بک ڪن جيوگهرڙن جي خالي ٿي وڃڻ جو نالو آهي ۽ محبت ڪن جيوگهرڙن جي پرجڻ جو. جنسي خيال جسماني بلوغت سان پيدا ٿيندا آهن ۽ دنيا جي اڌ شاعري خلين جي ڪري وجود ۾ آئي آهي. ذهن پنهنجي سموري عمل ۾ جسم جو حصو آهي. جسم جي وڌڻ سان وڌي ۽ ان جي انحطاط سان ختم ٿو ٿئي، هاضمو، ساهه، پاڻياٺ جونڪاس جسم جي دنيا سان ٿي لاڳاپيل آهن. هي ماس هڪ عظيم عمل آهي.

## تصور پرست جو جواب:

تصور پرست ٿو چئي ته اهي دليل شرم جهڙا آهن. اهڙي بيوقوفيءَ واري ماديت کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ڪِل جهڙي ڳالهه ٿي سگهي ٿي؟ ڇا اها ڳالهه سوچي سگهجي ٿي ته مادو پنهنجن تبديلين جي معرفت پنهنجو پاڻ ڏانهن رخ ڪري، پنهنجو مشاهدو ۽ پنهنجي ڄاڻ حاصل ڪري، پنهنجو پاڻ تي قابض ٿي سگهي؟ ذهن جون معمولي حالتون به مادي جي اصطلاحن ۾ سمجهه کان ٻاهر آهن. مثال: مادو سور جو احساس ڪيئن ٿو ڪري سگهي. ماڻهو مادي جو اهڙو تصور ڪري سگهي ٿو ته مادي کي يادگيري ٿئي؟ مادي جي دوراندیشي ۽ سڄاڻي سگهڻ واري خصلت جو تصور ڪري نٿو سگهجي. جيڪڏهن ذهن دماغ آهي ته پوءِ

يادگيريءَ جي هر ڪوتاهيءَ جو سبب دماغ جو ڪو نقص هئڻ گهرجي. پر ائين نہ آهي، ذهن ۽ دماغ جي ڪمن ۾ توازن قائم رکڻ جون سڀ ڪوششون ناڪام ٿيون آهن سواءِ ان جي تہ ذهن حاوي ۽ آقا آهي ۽ دماغ اوزار ۽ مشين. ڇا اسان جي دور جي ڪا بہ علمي شڪست طبعياتي نفسيات جي شڪست ڪا وڏي ٿي سگهي ٿي؟

پر هي معمولي ڳالهيون آهن ٿورو پنهنجن خيالن تي غور ڪريو. ڇا اهو سچ آهي تہ وليم جيمس پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڇيو تہ مون کي ان ڳالهہ ڪانسواءِ تہ مان ساهہ ٿو کڻان ٻيو ڪنهن بہ ڳالهہ جو شعور نہ ٿيو؟ هتي ساهہ کڻڻ اهم نہ آهي، "مان" اهم آهي، اسان کي پنهنجي اندر ۾ نهارڻ سان ڪجهہ نظر نٿو اچي ڇاڪاڻ تہ اسان جون اکيون مڪاني (جاءِ والاريندڙ) شيءَ کي ڳولهينديون آهن. اسين جيڪي ڏسون ٿا اهو بيان ڪرڻ ڏکيو آهي ڇاڪاڻ تہ اسان مادي عڪسن کي ڳولهيندا آهيون ۽ ڏسڻ خود هڪ مادي عمل آهي. پر خارجي دنيا جي لاڳاپن جن سان خارجي دنيا جڙي آهي ۽ ذهني دنيا جي لامڪني عمل جي وچ ۾ جيڪو فاصلو آهي اسان اڄ تائين ان کي عبور ڪرڻ لاءِ ڪو بہ پهريون قدم نہ کنيو آهي، اسان ڊگهن فاصلن کي بہ ائين تصور ۾ آڻي ٿا سگهون جيئن ننڍن فاصلن کي. هڪ ميل ۽ هڪ انچ جي فاصلي جو تصور هڪ جيتري دير ۾ ڪري سگهجي ٿو. ان لاءِ اسان کي ڪا وڏيڪ ڪوشش ڪرڻي نٿي پوي. اسان وقت جي ڊگهي عرصي لاءِ بہ ائين سوچي سگهندا آهيون، جيئن هڪ پل جي ياد جي باري ۾ سوچي سگهندا آهيون. اسان پنهنجي مرضيءَ مطابق عڪسن کي وڏائي، گهٽائي ۽ جوڙي سگهندا آهيون پوءِ انهن جو تجربو پَل اسان کي کهڙيءَ بہ طرح ٿيو هجي. عڪس خيال نہ آهن، ڪيترا ماڻهو پنهنجي سوچ ۾ عڪس نہ ڏسندا آهن. اسان جا عڪس بنيادي نہ هوندا آهن، انهن جي حيثيت مددگار واري هوندي آهي. ٽڪنڊي ٽوپلي ۽ نڪتل پيٽ تي رکيل هٿ، هر پاسي کان نيپولئن جي نمائندگي ٿا ڪن. جنهن شيءَ جي باري ۾ گهڻو سوچيندا آهيون ان لاءِ اسان کي عڪس ناهڻ جي گهٽ ضرورت پوندي آهي. عڪس

عمل جي تياريءَ لاءِ اهم آهي، جتي عمل نه هجي اتي خيال گهٽ عڪس ناهيندا آهن، ان وقت اهو عمل مادي عڪس يا استعاري جي حد کان ٻاهر هليو ويندو آهي.

ماده پرست لاءِ شعور جو مسئلو حل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، هو ديانت گهٽ ۽ جرائت وڌيڪ استعمال ڪندو آهي ۽ ائين چئي ته شعور جو ڪو وجود ڪونهي. سمجهندو آهي ته هن اهو مسئلو حل ڪري ورتو. اخلاقي ۽ ذهنيءَ طرح هن جو درجو ان تصور پرست وارو هوندو آهي جيڪو خارجي دنيا جي وجود کان انڪار ڪندو آهي. فلاسفر سچ ڪي سڀ کان پوءِ ڳولهي لهندو آهي ۽ جڏهن حقيقت پسندن دهل وڄائي اعلان ڪيو ته خارجي دنيا جو وجود ڪنهن حد تائين يقيني آهي تڏهن فلاسافيءَ جا ايوان حيرت ۽ شڪ سان ڀرجي ويا ته شايد خارجي دنيا موجود هجي. تي سگهي ٿو ته ٿن سؤ سالن کان پوءِ عمل پرست ۽ ماده پرست داخلي دنيا ۽ شعور جي حقيقت ۽ فعاليت ڳولهي لهن ان وقت هو عام ماڻهوءَ جي ڄاڻ جي سطح تي پڄندا.

هڪسلي وڏي ايمانداريءَ سان اعتراف ڪيو ته ماديت شعور جي تشهير ڪري نٿي سگهي. اها پنهنجي منطق ۽ مفروضن کان مجبور ٿي چوندي آهي، ته شعور نتيجو آهي ۽ سبب ٿي نٿو سگهي. اهو دماغ ۽ اعصابن ۾ هڪ اجايو واڌارو آهي جيئن ڏيئي ۾ گرمي ۽ ٻاهه ۾ روشني.

اهو صحيح آهي ته ارتقا ۾ ڪيترا عضوا پيدا ٿيا انڪري جو اهي يا ته نقصانڪار نه هئا يا وري ڪنهن زماني ۾ ڪارائتا هئا، ماده پرست ڪي اها ڳالهه مڃڻ جي اجازت نه آهي ته شعور به ڪڏهن نقصانڪار يا فائديمند هو. اهو به گهٽي قدر ممڪن آهي ته ڪو شرميلو مفڪر اها ڳالهه مڃي ته خود- مرڪزيت مصيت آهي. اسان مان ڪير آهي جيڪو پنهنجي ڄنگهن جي باري ۾ سوچيندو ۽ ساڳئي وقت چڱيءَ طرح هلي سگهندو. ماده پرست ان شهادت کي ڪيئن رد ڪري سگهندو ته شعور زندگيءَ جي طاقت ۽ لچڪ

سان گڏ اُسريو آهي ۽ اهي جاندار جن کي اعليٰ شعور آهي اهي تخليق تي حاوي آهن.

## ترڪيب:

هاڻي وقت آهي تہ اسان انهن اڌ حقيقتن جي ڏاڳن کي ايڪائيءَ ۾ ڳنڍيون. ليبنٽي وڏي سادگيءَ سان پهرين مقرر ٿيل هم آهنگيءَ جي مطابق ايڪائي پيدا ڪرڻ جي صلاح ڏني. هن لاءِ ذهن ۽ جسم هڪ ٻئي سان هڪ ئي فاصلي تي برابر ۽ هڪ ٻئي کان آزاد آهن. ٻئي گڏ هلن ٿا پر هڪ ٻئي کي نہ ٿا ڇهن ۽ نہ هڪ ٻئي تي اثر ٿا وجهن. هنن ۾ هر پل جي هم آهنگي خدائي رحمت جي هڪ ٻي نشاني آهي. ان نظريي جو رڳو ايترو فائدو آهي تہ هي ٻين ڪيترن نظرين کان وڌيڪ احمقاڻو نہ آهي. فلاسافيءَ جي سڀ کان نئين فيشن "اڻ ڏريو مواد" مان چونڊ ڪرڻ جي ڪا گهٽي گنجائش ڪانهي. اسان جي اڻ ڏرين ايڪائي پرستن لاءِ جن مان برٽريندرسل جي فلاسافي سڀ کان وڌيڪ قابل قبول آهي. طبعيات مادي کي ۽ نفسيات ذهن کي لاڳاپن ۽ واقعن جو نظام بنائي ڇڏيو آهي ۽ تصور ان ٻن دنيائن جو وقتي ٽڪراءُ آهي. انهن ٻن پراڻن مخالفن جو ميلاپ خدا ئي ڪيو هوندو. ان اڻ ڏرئي مواد جي سمنڊ ۾ ڳانڍاپن ۽ واقعن جي انهن سنهي تنتن مان مادو ۽ روح پيدا ٿين ٿا. روح ۽ جسم سنهي حقيقت تي ويا آهن.

اسان کي يقين آهي تہ خارجي دنيا جا واقعا هڪ مادي حقيقت جو پتو ڏين ٿا جنهن کي اسان بيشڪ مادو چئي ٿا سگهون ۽ جيڪو ڏکوئيندڙ حد تائين اسان جي خواهشن ۽ احساسن کان بي نياز آهي. چاڪاڻ تہ مادو بي جان نہ پر جاندار آهي انڪري ذهن ۽ مادي جو مسئلو غلط مفروضن جي ڪري پيدا ٿيندو آهي. بيشڪ تہ ماده پرستن جي بي جان مادي مان ذهن جو اسرڻ مشڪل آهي پر جن جديد طبعيات جي مهم جوئن ان جو مطالعو ڪيو آهي انهن

ڪي خبر آهي تہ اڄڪلھ جي سائنس وارو مادو ذهن وانگر زندھ ۽ غير مادي آهي. اهڙي مادي مان ذهن جو اُسرڻ ڪو معجزو ڪونهي. سوال مادي ۽ ذهن جو هڪٻئي مان پيدا ٿيڻ جو نہ آهي. اهو سوال اسين هن طرح ڪري سگھون ٿا تہ ڇا ذهن- مادي جون ادنيٰ صورتون ترقي ڪري اعليٰ صورتون اختيار ڪري سگھن ٿيون؟

جيئن تہ ذهن مادو نہ آهي ۽ مادو ذهن نہ آهي پر ذهن- مادي واري حقيقت موجود آهي، مادي ۾ ذهن ڪا الڳ شيءِ نہ آهي، زندگي جسم ۾ ائين موجود نہ هوندي آهي جيئن ڪو ماڻهو پنهنجي گھر ۾ رهندو آهي، ذهن هڪ اهم مجرد آهي، اجتماعي نالو آهي، جيڪو نالو اسان زندھ حقيقت جي اعمالن ڪي تڏهن ڏيندا آهيون جڏهن اها سوچيندي آهي، جيئن نظر حقيقت جي عملن جو نالو آهي يعني نظر جو ڏسڻ، يا محبت حقيقت جي عملن جو نالو آهي جڏهن اها حاصل ڪرڻ يا پاڻ ارپڻ چاهيندي آهي. ذهن ۽ مادو هڪٻئي تي اثر ڪندا آهن پر اهڙي نموني سان نہ جهڙي نموني سان ٻہ الڳ شيون هڪٻئي تي اثر ڪنديون آهن پر ائين جيئن جسم جو هڪ عضوو ۽ جسم جو عمل (اعصاب- خيال) ٻين عضون ۽ انهن جي عمل تي اثرانداز ٿيندو ۽ اثر وٺندو آهي. (ڦڦڙ، ساهہ، پيٽ، عضوا، چرپر، جنس، پيدائش جو عضوو، غدود، پاٽياٽ)، زندھ مادي جا ترقي ڪيل حصا تنتن جي پاڻ ۾ جڙيل اعمالن سان ٻين حصن ڪي هڪ ڪندا ۽ انهن جي اعمالن جي رهنمائي ڪندا آهن. ذهن جي اعليٰ صورت جي ادنيٰ صورتن ۽ ائتم جي قوت سان فطري هڪ جهڙائي آهي ايستائين جو شعور جنهن جي اسان شڪلين ۽ خاڪن ۾ وضاحت نٿا ڪري سگھون، ارتقا جي ان اصول هيٺ تو اڇي چاڪاڻ جو ان ڪي اسان بي جان مادي مان نہ پر ان بي پناھ قوت مان حاصل ٿا ڪيون جيڪا مادي جي جان آهي.

هيءَ قوت آهي ۽ اڪيلي قوت آهي، هيءَ زندگيءَ ڪي بنيادي حقيقت سمجهي قبول تي ڪري جنهن ۾ مادو ان جو ظاهري لباس آهي، اها برگسان جي ان ڳالهه ڪي نتي مجي تہ مادو ۽ زندگي ڪڏهن بہ ڌار تي سگهن ٿا. اهي هرهنڌ هڪ آهن. ان ڳالهہ جي ڪري ڪوبہ اسان تي تصوف جو الزام نہ هڻي. ذهن ۽ مادي جو هرهنڌ حاضر هجڻ ڪنهن طرح بہ تصوف نہ آهي ۽ نہ ئي ان ڪي ايترو سمجهڻ ڏکيو آهي جيترو ان ڳالهہ سمجهڻ ڏکيو آهي تہ هڪ ئي ماڻهوءَ ۾ مقصديت وارو غور ۽ فڪر ۽ بي تاب بدن هڪ هوندا آهن. زندگيءَ ڪي بنيادي حيثيت ڏيڻ تصوف ڪيئن ٿيو؟ جڏهن تہ اسان زندگيءَ ڪي ٻي ڪنهن بہ شيءِ کان وڌيڪ ويجهڙائيءَ ڪان ۽ ٻين شين ڪي زندگيءَ وسيلي ٿا ڄاڻون.

مادي ميڪانڪيت، مذهب تي حملو هئي ۽ داخلي تصور پرستي، لامذهبيت تي حملو هئي. جيڪڏهن اسان پنهنجي سوچ ۽ زماني کان ڊنل نہ آهيون تہ اسان ٻنهي ڪي رد ڪري سگهون ٿا. ذهن ۽ بت جي وحدت ۾، ماديت، روحانيت ۽ تصور پرستي ڪي رد ناهي ڪيو ويو، پر اهي سڀ هڪ رشتي ۾ ڳنڍجي ويا آهن. ماديت، جيستائين اها ڪائنات ڪي ارتقا ۽ ترقيءَ جي وحدت ۾ بدل ڏسڻ گهري ٿي، ۽ تصور پرستي، جيستائين اها معلوم ٿيل حقيقت ڪي تجربي تائين محدود رکي ٿي. روحانيت، ڇاڪاڻ تہ اها حقيقت ڪي مڪان، نوس پٿي ۽ وزن ۾ نتي ڳولهي پر هڪ فعال قوت ۾ ڳولهي ٿي جيڪا ائٽم جي زندگي بہ آهي تہ جينيئس جي طاقت ۽ راز بہ. هي اهو تحرڪ ۽ اهو روح آهي جيڪو غور ڪرڻ واري سوچ جي سيني موضوعن ۽ دنيا جي سيني شين ۾ جاري آهي. سائنس هن شاعريءَ جي تصديق ڪئي آهي.

اسان هڪ اهڙي فلاسافي تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيڪا جامع هجي ۽ دنيا جي قسمين قسمين پيچيدگين تي حاوي هجي. اسان پڪ ئي پڪ ان ڪوشش ۾ ناڪام ٿيا آهيون ۽

پنهنجي مشاهدي ۾ احساس کي وڏيڪ منجهائي ڇڏيو آهي. سمنڊ جو هڪ ٽيپو سمنڊ کي ڪئين سمجهي سگهي ٿو.

منطق ۾ درس ڪڏهن به قائل نہ ڪندا آهن،
رات جي گهِمر منهنجي روح جي گهرائين ۾
لهندي ٿي وڃي.
هاڻي مان فلاسفن ۾ مذهبن جو وري تجزيو
ڪيان ٿو.
اهي ليڪچر واري ڪمري ۾ سنا ٿا لڳن پر
وسعت تي پکڙيل بادلن، نظارن ۾ وهندڙ
چشمن آڏو ويچارا ٿا لڳن.

## باب چوٿون

# ڇا انسان مشين آهي؟

**پسمنظر:**

هاڻي اسان ٻاهرين دنيا کان اندر جي دنيا ڏانهن ٿا هلون. ذهن جي حقيقت جي باري ۾ نہ پر ذهن جي عملي پاسن تي غور ٿا ڪيون. اسان ٻاهرين ۽ اندرين دنيا کي هڪٻئي کان ڌار نہ ڪنداسين ڇاڪاڻ جو اسان ڏسي آيا آهيون تہ ٻئي دنيائون رڳو اسان جي خيالن ۾ جدا جدا آهن، جڏهن تہ مڪان ۽ زمان ۾ هڪ آهن. هرهڪ ائٽم جو هڪ زندهہ مرڪز آهي ۽ هرهڪ ذهن جي هڪ مادي صورت آهي. اعليٰ ترين ذهن ارتقا جي سلسلي ۾ ادنيٰ ائٽم سان لاڳاپيل آهي ۽ هڪ جا قانون ٻئي جا قانون آهن. جيڪڏهن ائٽم هڪ ڪُل آهي تہ انسان مشين آهي.

جبريت سپ کان پراڻي فلاسافي آهي. جيئن ڪائنات جي مظاهر ۾ روح کي ڏسڻ سپ کان پراڻو مذهب آهي. اهو سادو مذهب هرهڪ شيءِ ۾ ڦرندڙ گهرندڙ ارادي کي ڏسي ٿو، اوائلي سوچ ان واضح عقيدي جي خلاف ائين ردِعمل ڏيکاريو جو فرد کي ڪائنات جي همہ گير قانونن اڳيان بي وس بنائي ڇڏيو. انهن شروعاتي مرحلن مان لنگهي فلاسافي ۽ مذهب شايد هڪ ئي منزل تي پهچي وڃن. عالمي ارادي جي ڦرڻ گهرڻ واري خصلت شايد ڪنهن وقت ختم ٿئي ۽ اهو دنيا جي اڻ ٽر قانون وانگر ٿي وڃي. اوير ۾ جتي انساني زرخيزي زمين جي صبرناڪ پيداوار کان وڌي وئي ۽ روح مصيبتن هيٺان چيپاتجي ويو ۽ فرد اجتماع ۾ گم ٿي ويو، اُتي ارادي ۾ اوائلي ايمان مذهب ۽ فلاسافيءَ ختم ڪري ڇڏيو. تڏهن خواهش کي ختم ڪرڻ ۽ قدرت آڏو پنهنجو پاڻ کي ارپڻ سان خوشيءَ جي حاصل ٿي سگهڻ جو تصور اپريو. مشرق جي مفڪرن ۽ مذهبي اڳواڻن جو تقدير ۾ هڪ اداس ايمان

آهي. انسانن جي سمنڊ ۾ فرد جي ڪا حيثيت ۽ اهميت ڪانهي. هڪ بي انتها ۽ المناڪ ماضيءَ جي پسمنظر ۾ فرد پاڻ کي هڪ بيڪار ذرو ٿو سمجهي جيڪو عدم مان وجود ۾ آيو ۽ ٿوري وقت لاءِ هڻ هٽان ڪري آخرڪار اونداهيءَ ڏانهن ائين ڇڪبو ٿو وڃي جڻ ڪو جابر دشمن ڪيس ائين ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندو هجي. عمر خيام به فرد جي حالت جو اهوئي اندازو لڳايو هو جنهن کي هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ائين بيان ڪيو جو هر باغي نوجوان سندس شاعريءَ کي ياد ڪري ڇڏيو.

پر متحرڪ ۽ ترقي ڪندڙ تهذيب ۾ جتي تقدير جي آڏو تدبير جو ڏيئو روشن آهي حالتون ڪنهن حد تائين قبضي ۾ آهن ۽ ديوتائن لاءِ سهڻيون عبادتگاهون ۽ فلاسافيءَ لاءِ عاليشان عمارتون نهيون آهن. فرد کي پنهنجي تخليقي صلاحيت تي ايمان آهي. هو پنهنجي اندر ۾ خود اختياريءَ جي شعلي کي محسوس ٿو ڪري ۽ اولمپس جي ديوتائن کي پنهنجي تصور سان ٿو گهڙي. يونانين ڪائنات ۾ ارتقا جي اصول کي عمل ڪندي محسوس ڪيو انڪري هر هنڌ ديوتا هئا ۽ متضاد حقيقتن ۾ مطابقت پيدا ٿيندي تي وئي. افلاطون ۽ ارسطوءَ ڪائنات کي تڪميل جي منزل ڏانهن ائين ويندي محسوس ڪيو جيئن عاشق جي نظر جي ڪشش محبوب کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي. پر اها زنده دل تهذيب جيڪا فتح ۽ دولت جي پيدا ڪيل هئي ٿورن ڏينهن جي مهمان هئي، جڏهن سپارٽا پريڪليس جي اٿينز کي تباهه ڪيو ۽ سڪندر ٿيبس کي مسمار ڪيو ته پوءِ انسان لافاني نه رهيو ۽ فلاسافي زينو جي سوچ ۾ ان نتيجي تي پهتي جيڪو سيفوڪلس ڪيترا نسل اڳ بيان ڪري چڪو هو ته خدائن ۽ انسانن جي زندگي هڪ اونداهي قسمت جي هٿ ۾ آهي.

تڪل تهذيبون پوڙهن وانگر قسمت تي ياڙينديون آهن، زوال جي قوتن آڏو بي وس تي پنهنجي ٿڪاوٽ کي قسمت ۽ پنهنجي شڪست کي تقدير جو سهڻو نالو ڏيئي سڪون ماڻينديون آهن، ڏک ۽ مايوسيءَ جي ان مٽيءَ مان عيسائيت جو ٻوٽو اسريو

جيڪو وڪريل دنيا ۾ اميد جو آخري ڪرڻو هو. ان نئين مذهب جي اندر ۾، جيڪو اجا اونداهن خيالن، رسمن ۽ عياشين سان ٽڪراءَ ۾ نہ آيو هو، اها رياست هئي جنهن ۾ اهو مذهب ڦٽو هو. جنت ۾ ايمان جو هڪ رُخ زندگيءَ کان ڊپ ۽ مستقبل تي بي اعتمادي هو. اها اداس بي اعتمادي ڪيلون جي فلاسافيءَ ۾ ڪمال تي پهتي. خدا کي مستقبل جي ڄاڻ ۽ هر انسان جي انت جي خبر هئي. هر روح جي نجات يا عاقبت ان جي پيدائش کان اڳ ئي مقرر ٿي چڪي هئي ۽ مستقبل خدا جي علم کي رد ڪرڻ جي جرائت ڪري نٿو سگهي مسيحيت جنهن مظلومن جي روحن کي سڪون ڏيڻ جو عزم ڪيو هو، اها ڪيترن، فرقن ۾ ورائجي وئي جن مان ڪي زمين جي تقدير ڪن بہ وڏيڪ ظالم ۽ جابر هئا.

جديد ذهن سائنس جي نئين ڪمال وسيلي ان بي درد مذهب جي پشت پناهي ڪئي. گيليلو جنهن کي ستارن جي گردش سان عشق ٿي ويو هو، تنهن سائنس جو اهو مقصد مقرر ڪيو تہ پنهنجي علم کي حساب ۽ مقدار جي قانونن تائين محدود رکڻ گهرجي. نيوٽن جي شهرت ۽ ميڪانڪيت ۽ هن جي ڪمال هر شاگرد تي جادو ڪري ڇڏيو. بدن ۽ نفسيات جي علم جا ماهر جيوگهرڙي جي اوسر ۽ خواهش جي بي تابيءَ جا ميڪانڪي سبب ۽ رياضي جا اصول ڳولهڻ لڳا. فلاسافي رياضيءَ جي نشي ۾ مدهوش ٿي وئي. ڊي ڪارٽ محتاط ابهام کان ڪم وٺندي ٻڌايو تہ ساري دنيا هڪ متحرڪ مشين ۽ تحرڪ ۾ آيل جاميٽري آهي. اسپنوزا ڪائنات جي ترتيب جي نموني تي پنهنجي خيال جي ترتيب ڪئي. نئين روشنيءَ جي باغين کي، جن پنهنجي دور ۾ هٿن ۽ ارادن جي جوءِ ونڻ شروع ڪئي هئي اها ڳالهہ وٺي تہ انسان خدا جي صورت جهڙو نہ پر ان مشين جي نموني تي ٺهيل آهي جنهن انساني هٿن جي جاءِ تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو.

صنعتي انقلاب آزاديءَ جي پراڻي فلاسافيءَ کي تباهہ ڪري ڇڏيو. سڀ کان پهرين اُن ذهن کي مشين سان واقف ڪيو ۽ اها ڳالهہ مڃڻ لاءِ مجبور ڪيو تہ هو سببن کي ميڪانڪي

سمجهي، مزور ڪارخاني جي چار ديواري سان هريل هو پوءِ هن ڏنو تہ هن جي چوڌاري ڏڙڪندڙ زندگي ڳلن تي پئي ترڪي ۽ ڦيٽن تي ٿي گهمي، تہ هن زرعي زندگيءَ کي وساري ڇڏيو جتي ٻج معجزاتي طور ٻنيءَ مان ڦٽي پوندو هو. پوک وڍائڻ جي هر طريقي جو نتيجو ملندو هو ۽ زرخيزي وڌندي هئي. اها دنيا جيڪا اسرندڙ ٻوٽن، ضدي ٻارن. شفيق مائرن ۽ اعليٰ ارادن وارن پيئرن جي دنيا هئي جديد ذهن لاءِ، ڳلن جي دنيا ٿي پئي. انهن سيارن ڪان وٺي جن ميڪانڪي طور سج جي چوڌاري گردش ٿي ڪئي، خوردبينيءَ واري زندگي تائين جيڪا روشنيءَ جي ڪرٽي جي چوڌاري انبوهن ۾ چڪجي ٿي آئي، هر شيءِ مشين هئي، سائنس کي فخر هو تہ ان کي نيٺ ڪائناتي ڊرامي جي پڙدي جي پٺيان جا راز معلوم ٿي سگهيا هئا ۽ حيران هئي تہ ان مشين نظر جا هزارين فريب پيدا ڪيا هئا ۽ هزارين منظر بدلايا هئا. هن نيازمنديءَ سان اهو نتيجو ڪڍيو تہ جائيداد جو مالڪ ٿي ان ڊرامي جو مصنف هو ۽ هن جي هٿ جون تارون ٿي ڊرامو هيون، پر صنعتي تهذيب شهر ناهيا، شهرن ماڻهن جا ميڙ پيدا ڪيا ۽ ماڻهن جي ميڙن فرد جي انفراديت کي ختم ڪري ڇڏيو شهرن ۾ اهي حالتون پيدا ٿيون جن اوپر ۾ فرد جي شخصي ۽ انفرادي اهميت کي ختم ڪيو هو. اهڙيءَ طرح وري مايوسي ۽ تقدير پرستيءَ واري فلاسافيءَ جو بنياد پيو. آباديءَ جي انبوهہ ۾ فرد رڳو هڪ عدد يا وسيلو ۽ ماپڻ ۽ ڳڻڻ جو اوزار هو. ماڻهو ان مشين جو حصو ٿي ويو. جنهن کي هن هٿن سان ٿي ناهيو. جمهوريت جنهن انسان کي آزاد ڪرڻ ٿي گهريو پاڻ هڪ ڪل ٿي وئي ۽ جيڪا ٻنان دماغ وارن کي ووٽ وجهڻ واري دٻي ڏانهن گهلي ٿي وئي. ماڻهن ڳلن ۽ اوزارن جي خلاف فرد جو احتجاج ايترو بي فائدي هو جيترو اوپر ۾ اجتماع خلاف فرد جو آواز، پوءِ ائين ٿيو جو اڳواڻ بہ ڳلن جا بي جان ۽ بي روح جُزا ٿي ويا ۽ پنهنجن فريب ۾ آيل پوئلڳن وانگر جن کي چوندن ۾ ڳٽيو ويندو هو، بي حس ٿي ويا.

غلامن جڏهن ان مشين جي خلاف بغاوت ڪئي تہ ان فلاسافيءَ جي رهنمائيءَ ۾ تي ڪئي جنهن ڳلن جي اهميت کي مڃيو ٿي. اشتراڪيت بہ بنان هبڪ جي جبريت ۽ ميڪانڪي سائنس جي حمايت ڪئي. هنن پنهنجن پوئلڳن کي بچنر، هئيڪل، اسپينر ۽ مارڪس جا ڪتاب پڙهايا. ان فلاسافيءَ لاءِ نہ رڳو دنيا پر تاريخ بہ مشين هئي جنهن ۾ هر انقلاب جو سبب مانيءَ جي قيمت هو ۽ سنو ماهر اقتصاديات جنهن کي حال ۽ ماضيءَ جي واقفيت هئي اهو مستقبل جي هر ور وڪڙ لاءِ اڳڪٿي ڪري ٿي سگهيو. انسان ورثي ۾ ماحول جو غلام هو. هن جو هر عمل موروثي ۽ مادي سببن جو نتيجو هو ۽ سندس اختيار کان ٻاهر هو، هو هڪ حيران ڪندڙ جاندار هو ۽ هن کان جڏهن ڪو ڏوهہ ٿي ٿيو تہ ان لاءِ هُو پاڻ نہ، پر سماج قصور وار هو. جيڪڏهن هُو بيوقوف هو تہ ان جو سبب بہ مشين هئي جنهن هن کي ٺاهيندي ڪو هڪ پرزو چڱيءَ طرح نہ جوڙيو هو انڪري هن کي ووٽ ڏيڻ ۽ صدر ٿيڻ جي حق کان محروم ڪرڻ نہ گهرجي. دنيا کي هڪ وڏي ۽ سٺي مشين جي ضرورت هئي، هڪ قومي مشين جي جيڪا ڪروڙين مشينن کي صدارتي ٻنڻ دٻائي هلائي سگهي.

ڪنهن رئيست واري دور ۾ اڳواڻ شايد عوام کي اهڙي نشو ڏيندڙ فلاسافيءَ کي قبول ڪرڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏن ها پر هڪ جمهوري صديءَ ۾ عظيم مفڪر وطن پرستيءَ جي احساس کان مجبور ٿي عوام جي فلاسافيءَ ۾ شريڪ ٿيا. هڪ طاقتور ۽ هرهنڌ حاضر مشين تي شڪ ڪرڻ رواج ۽ مصلحت جي بنهہ خلاف هو. وڏن وڏن اديبن بہ اعلان ڪيو تہ اسين مشين آهيون ۽ اسان جا خيال لکين صديون اڳ اسان ۾ داخل ڪيا ويا هئا تہ وقت تي انهن جو اظهار ڪيو وڃي. ٿيني ان ديوتا کي مڃيو ۽ ان جي اعزاز لاءِ تنقيد جي هڪ فلاسافي تيار ڪئي. زولا اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ انسان کي پنهنجن وڏن جي ميراث جي قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي. الميہ ڊراما لکيا، ٿامس هارڊي حالتن جي مقابلي ڪرڻ لاءِ انسان جي بي وسي ڏيکاري. اناطول فرانس شاندار نموني زندگيءَ جي

اجائي هجڻ لاءِ ڳوڙها ڳاڙيا ۽ ڊائزيو هرهنڌ موت کي مرڪندو ۽ فاتح جي صورت ۾ ڏٺو.

شايد شخصيت جي بي قدري ان خاموش غم جو هڪ سبب آهي جيڪو جديد ذهن جي حاضر جوابي ۽ هوشياريءَ پنيان لڪل آهي. جنهن "انسان ڇا آهي" پڙهيو آهي ان کي مارڪ ٽون جي اداسي عجيب نہ لڳندي ڇاڪاڻ تہ هي اداس مزاح نگار پڪو جبريت پرست هو. هو سمجهندو هو تہ پنهنجي مَشڪري ۽ طنز کي، شروعاتي ستارن جي گيسن جي مرڪب اڳ ۾ ئي مقرر ڪري ڇڏيو هو. (ان ويچاري گيس کي الائجي ڪيترن گناهن جو ذميوار ڪيو ويو آهي) هو Tom Seenyer جي بي چين توانائيءَ کي ڪاربان مرڪب جي اوبر سان منسوب ڪندو هو. فلاسفيءَ جو اٿپورو علم خطرناڪ ٿيندو آهي ۽ مايوسي پيدا ڪندو آهي. ڇيو وجي ٿو تہ ان خوش طبع مشين، جنهن Huckleberry Finn(انگريزي ناول) لکيو ان جا پنهنجي زال سان اختلاف هوندا هئا. ڪهڙي عورت هوندي جيڪا پنهنجي بستري ۽ پنهنجي ڪاڌ خوراڪ ۾ ڪنهن اهڙي مشين کي خوشيءَ سان شريڪ ڪندي جيڪا ڪيس مشين جو هڪ اوزار سمجهندي هجي جنهن کي شروعاتي زماني ۾ ناهيو ويو هو ۽ جيڪا هاڻي اجائي شور سان ڪم پئي ڪري ۽ جنهن جو انت خاموشي ۽ بي وسي آهي.

اسان جي نندپڻ جي ايمان جي موت اسان کي اداس ڪري ڇڏيو آهي. هرهڪ بالغ روح کي اهو ٻنو صدمو سهڻو پوندو آهي تہ هن کان نندپڻ وارا خدائي مقصد ۽ پوءِ وارا جوانيءَ جا مقصد کسجي ويندا آهن ۽ جوان دل هن سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ڪائنات جي بار کان ڳري ٿي ويندي آهي. اسان جي متاڇري واري زندهہ دليءَ جي ٿهَہ ۾ ڏک واري جيڪا لئي موجود آهي اها اسان جي خيالن جي ميڪانڪيت جو نتيجو آهي. اسان لاءِ لازمي نہ هو تہ اسان مذهب جي ان فلاسفيءَ کان تہ پاسو ڪيون جيڪا وجود جي فطري بنيادن جي توهين ٿي ڪري ۽ هڪ اهڙي فلاسفيءَ ڏانهن وجون جيڪا زندگيءَ جي تخليقي قوتن ۽ ذهن جي خوداختياريءَ کي

نظرانداز ڪري، اسان لاءِ لازم نہ هو تہ اسان جتي ان ٻاراڻي خيال کي ترڪ ڪيون تہ اسان ساري دنيا جو مرڪز ۽ ڪمال آهيون اُتي اسان پاڻ کي پنهنجن ڪارخانن جي مشين آڏو ذليل ڪيون ۽ انهن کي افلاطوني "آئڊيا" سمجهي قبول ڪيون جنهن جي اعليٰ نموني تي بي ربط ارتقا اسان جي روحن جي تربيت ڪئي آهي. اهو ضروري نہ هو تہ اسان دنيا جي قوت، زندگيءَ جي بي قرار وسعتن، يا سوچ جي مستقل تخليق ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار ڪريون. پر اسان جنگ جي هڪ ئي محاذ تي شڪست کائي هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا ۽ پيڇي وياسين.

ڇا ضروري هو تہ اسان ائين پوريءَ طرح هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيون، ڇا انساني عمل جي اهائي حيثيت آهي جيڪا پهاڙن جي ڀُرڻ ۽ هوا جي طوفانن ۽ سمنڊ جي اٿل پٿل جي آهي؟ ڇا ماءُ جي مامتا، جوانن جي جنسي خواهشن، محبت جي مانيٽي دردمندي رڳو ڪيميائي عنصرن ۽ طبعياتي طاقت جي ميڪانڪي ورڇ آهي. ڇا زندگيءَ جا اڻ ڪٽ وسيلا رڳو نظر جو دوکو آهن. ڇا ڪماليت جي خواهش هڪ انڌي ڳولها آهي ۽ ارادي جي حيثيت هڪ خواب کان وڌيڪ نہ آهي؟ ڇا انسان واقعي مشين آهي؟

## ميڪانڪيت:

اچو تہ اسان هڪ سادي مشين جي حرڪت تي غور ڪيون. مثال هڪ ڪار وارو رانديڪو جيڪو تيستائين هلندو رهندو آهي جيستائين ان جي چابي پريل هوندي آهي، ان جي مٿان اسان رٻڙ جو هڪ چوسرو ٽڪرو ٿا لڳايون. اسان ان رانديڪي کي ديوار کان پريرو سنئين زمين تي ٿا ڇڏيون. اسان سمجهندا آهيون تہ پٽ، زمين ۽ رانديڪو رياضي ۽ ميڪانڪيت جي اصولن مطابق هڪ ٻئي جي پوري سِڌ ۾ آهن. اهڙي حالت ۾ ڪار پٽ کان ان ئي لائين تي مڙندي جنهن تان وئي هئي. ان فارمولي تي عمل ڪندي اهو رانديڪو ائين ئي ڪندو ۽ پٽ جي مخالف سڌي لائين تي هلندو تان جو ان جي چابي ختم ٿي ويندي. هي ميڪانڪي عمل جو هڪ مثال آهي.

هاڻي هڪ ٻيو مثال ٿا وٺون، شيشي جي هڪ مستطيل ٽانوَ ۾ پاڻي ٿا ڀريون، ان جي وچ ۾ شيشي جي هڪ پٽ ٿا بيهاريون ۽ ان جي وچ ۾ تنگ ٿا ڪيون جنهن مان پاڻي ٻنهي پاسي اچي وڃي سگهي. پوءِ هڪ حصي ۾ ڪاڏي جي ڪا شيءِ ۽ ٻئي حصي ۾ ڪو معمولي جاندار جيئن Paramecium ڪي ٿا وجهون ۽ پوءِ ان کي خوردبينيءَ سان ٿا جاچيون. جاندار يڪدم ڪاڏي ڏانهن ڊوڙندو، گلاس جي ديوار سان ٽڪرائجي سڌي لائين ۾ موٽندو. ظاهريءَ طرح اهو مشين وارو عمل آهي. پر جلدئي هو سڌي لائين کي ڇڏي ٻي ڪنڊ ناهي اڳتي وڌندو. وري پٽ سان ٽڪرائبو ۽ موٽي ايندو، ائين ڪندو رهندو. پر پوءِ لائين مٽائي ان تنگ مان نڪري ڪاڏي تائين پڄي ويندو. ڪنهن مشين جي بناوٽ يا مڪينڪس جي اصولن ۾ ڪا ڳالهه اهڙي ڪانهي جيڪا ان معمولي جاندار جي ان عقل واري ڳولها ۽ مقصديت جي تشريح ڪري.

هڪ ٻئي ساهه واري Stantor raselii جي عمل تي غور ڪيون، پاڻيءَ جو هڪ سادو جاندار جنهن جي شڪل توتاڙي جهڙي هوندي آهي ۽ دٻڻ ۾ ٻوٽن سان چهٽيل هوندو آهي، هن جي منهن تي پاڻي وجهو ته پنهنجو پاڻ ۾ سُسي ويندو، منٽ ڪان پوءِ اصلي حالت ۾ ايندو، وري ٻيهر پاڻي وجهوس ته پرواهه نه ڪندو، وري جنهن ٻوٽي سان چهٽيل هوندو ان کي ٿورو لوڏيندو ته وري پنهنجو ۾اڻ ۾ سُسي ويندو، ٿوري دير ڪان پوءِ وري لوڏيندؤ ته ڪو ردِعمل نہ ڏيکاريندو. ائين نئين صورتحال سان يڪدم مطابقت پيدا ڪَرڻ جو سبب ڇا آهي؟ ان جو سبب اهو آهي ته نقصان ڏيڻ وارين مشين جي موجودگي ۾ هو زور سان سُسندو آهي پر جن مان نقصان جو انديشو نہ هوندو آهي تہ انهن جي موجودگيءَ ۾ هي حيوان خاموشي ۽ بي پرواهيءَ سان پنهنجو پاڻ ۾ ۽ انهن نئين حالتن ۾ مطابقت پيدا ڪندو آهي. هاڻي ڪو ميڪانڪيت پرست حيواني دنيا جي ان ادنيٰ مخلوق جي خاص ۽ حياتياتي عمل تي غور ڪري ۽ ان جو سبب جاڻي ڏسي، پر هو اسان کي ڪنهن

مذهبي ماڻهوءَ وانگر يقين ڏياريندو تہ ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن اسان انهن حيوانن جي ميڪانڪي سبب ڳولهي لهنداسين. اناطون فرانس چا تہ ڳالهہ ڪئي آهي تہ سائنسدانن شڪ ڪرڻ جي عادت وساري ڇڏي آهي.

هاضمي جي عمل تي غور ڪيو، ڪي حساس پوٽا خوراڪ جي انهن ذرن کي جيڪي هنن جي سطح تي هوندا آهن، جهلي هضم ڪري ڇڏيندا آهن ۽ جيڪي شيون سندن خوراڪ تيڻ جهڙيون نہ هونديون آهن. انهن کي نہ کائيندا آهن، Deleptus anser گهٽو ڪري انهن شين کي نڪرائي ڇڏيندو آهي جيڪي هن جي خوراڪ نہ هوندا آهن. هڪ بدڪ جهڙو جاندار رڳو مناسب شڪار ڏسي پنهنجي قوڪيل ڳچيءَ سان حملو ڪندو آهي. اسان جا آندا پنهنجي عمل لاءِ چونڊ ڪندا آهن، جيوگهرڙن جو مجموعو، ڪِن کائڻ جهڙين شين کي ڏسي، پنهنجو ڪم شروع ڪندو آهي. انساني جسم جو هر جيوگهرڙو، رت مان اهو ڪي حاصل ڪندو آهي جنهن جي ان کي ضرورت هوندي آهي ۽ ٻين کي هو نظرانداز ڪندو آهي ۽ رت ۾ بچيل خوراڪ اُجلائي ڇڏيندو آهي. هو خوراڪ جي چونڊ ڪري ان کي جزن ۾ پيجندو آهي ۽ پوءِ وري انهن کي پنهنجي سهوليت آهر ڳنڍيندو آهي. هو ساهہ کڻندو آهي، کائيندو آهي، رس خارج ڪندو آهي، وڌندو آهي، ٻچا ڏيندو آهي ۽ مري ويندو آهي. جڻ ان کي انفراديت ڏني وئي هجي. اهي جيوگهرڙا اسان جي زندگي جي هر گهڙي جيڪو ڪم ڪن ٿا انهن جو راز ترقي ڪيل سائنس بہ ڄاڻي نٿي سگهي. جيڪڏهن ڪو عالم پنهنجي ذهانت سان انهن مسئلن کي حل ڪري جيڪي مسئلا سي کان ادنيٰ مخلوق جا جيوگهرڙا ٿا ڪن تہ اهو جيڪر ديوتا مڃيو وڃي.

هاڻي ٿورو زندگيءَ جي اوسر ۽ واڌاري تي سوچيو. ڪنهن بہ مشين جي ڪيئن اوسر ٿي سگهي ٿي؟ مشين اسرڻ چو گهرندي؟ اوهان ڪڏهن ڪا اهڙي مشين ڏٺي آهي جنهن ۾ زندگيءَ جهڙيون وسعتون هجن؟ ٿورو باغ ۾ سوسن جي گلن تي غور

ڪيو، اها ڪهڙي جادوءَ واري قوت آهي جيڪا انهن کي زمين جي قيد مان ڪڏي آهستي آهستي سج ڏانهن اياري تي؟ هوا ۾ ابابيلن تي غور ڪيو. هنن کي ڪا ڪل، ڪو پرزو ۽ ڪو ڦيٿو لڳل ڪونهي.

اسان جيڪڏهن ننولي ڪري سگهون،
نفرت ۽ غرور ڪري سگهون ۽ ڊڄي سگهون.
جيڪڏهن اسان اهڙيون شيون تي جنم ونون
ها.
جيڪي لڙڪ هارڻ لاءِ جنم نہ ونديون آهن.
تہ مان چئي نٿو سگهان تہ پوءِ خوشيءَ جي
ويجهو اسان ڪيئن اچي سگهون ها.

نندي بار جو مثال ونو، خوراڪ لاءِ ايڏو بڪيو ۽ اُجيو چو آهي، چو هو پنهنجن نرم آڱرين سان ساري دنيا تي قبضو ڪرڻ تو گهري. هن کي خوراڪ جي ضرورت آهي. جيڪا هن جي ڳلن کي پري، وارن کي وڌائي ۽ اکين کي مرڪٽو ڪري، هن کي پهريون دفعو ڊڄندي پر بهادريءَ سان زمين تي سڌو ۽ وڏي وقار سان بيٺل ڏسو، هو آخر زمين تي بيهڻ ۽ هلڻ لاءِ ايترو آتو چو آهي. هو هڪ ڪڏهن ختم نہ ٿيندڙ ڳولها ۽ ڪڏهن بہ پوريون تي نہ سگهندڙ خطرناڪ خواهشن جي شدت ڪان چو تو ڏڪي. هو ڇهي تو، چکي تو، ڏسي تو، ٻڌي تو، شين کي هٿ تو ڪري، تجربو تو ڪري، مشاهدو تو ڪري، سوچي تو، وڌندو تو وڃي تان جو زمين کي تورڻ ۽ سيارن کي ڇهڻ تو شروع ڪري. جواني وري بار ۾ انقلاب آڻي. هن ۾ توازن ۽ وسعت پيدا ڪري ڪيس مرد ٿي بنائي ۽ ڇوڪريءَ کي حسن جو اهڙو نمونو جنهن جو مثال فن جي دنيا ۾ نٿو ملي.

اوهان جاندارن جي ٻيهر اُسرڻ واري حقيقت تي غور ڪيو، ڪنهن سامونڊي مڇيءَ جو ڪو پلئہ وڍي ڇڏيو. اهو ٻيهر پيدا ٿي ويندو، سيئي پَلوَ وڍي ڇڏيو، وري پيدا ٿي ويندا. وچ واري حصي کي وڍيو، پلوَ ٻيهر وچ وارو حصو پيدا ڪندا. ان جي پيٽ

۾ ڪا مشين خراب ٿي پئي ته پنهنجي مرمت ڪري نه سگهندي. پر ڪنهن جيئري هٿ جو انتظار ڪندي جيڪو ان ڪي نيڪ ڪري، ان سلسلي ۾ برگسان جيڪي واقعا بيان ڪيا آهن اهي ايترا اهم نه آهن. ڏسو ته معمولي زخم جو پنهنجو پاڻ ڇٽي وڃڻ ڪيڏو نه حيران ڪندڙ آهي. ڪيڏي هنرمنديءَ سان نوان نوان جيوگهرڙا زخمي بت تي پکڙجي ويندا آهن ڇڻ ڪا ذهانت انهن ڪي ان ڇگي ڪم جي واٽ ڏيکاريندي آهي. اسان قدرت جي ان عمل ۾ ميڪانڪي ۽ ڪيميائي مدد ڪندا آهيون ۽ اسان ڪي خبر هوندي آهي ته اسان جي اها مدد، قدرت جي ڦٽ ڇٽائڻ واري عمل ۾ مددگار ثابت ٿيندي. اسان جي مدد جي حيثيت اهڙي ئي هوندي آهي جهڙي بت تراش لاءِ مٽي ۽ پٿر جي هوندي آهي. اسان ڪي اها به خبر هوندي آهي ته ڪنهن نه ڪنهن نموني، جنهن جي ميڪانڪت تشريح ڪري نه سگهندي آهي، زندگيءَ جي قوت ۽ اُتساهه هزارين جراحتن ۽ جنگين ۾ ٽيستائين اسان جي مدد ڪندا آهن جيستائين اها لچڪ واري ٽوٽ ختم ٿي پنهنجي لاءِ ڪا ٻي شڪل ڳولهي.

ٿورو شعور تي سوچيون، اسان ۾ اها ڪهڙي بيان نه ڪري سگهڻ واري خاصيت آهي جيڪا اسان ڪي ان ڳالهه جي ڄاڻ تي ڏي ته اسان ڇا ٿا ڪيون، ڇا ڪرڻ ٿا گهرون ۽ اسان ڇا ڪيو آهي يا اسان پنهجن خيالن ۽ خواهشن جي ڇڪتاڻ ڪي ٿا ڏسون ۽ هڪ جي ذريعي ٻئي تي تنقيد ٿا ڪيون يا انهن امڪاني عملن ۽ امڪاني نتيجن جي يادگيريءَ جي ذريعي تصور ٿا ڪيون ۽ آخر ۾ خيالن ۽ خواهشن جي سموري طاقت سان تجزيو ڪيل صورتحال کي تخليقي عمل جي صورت ٿا ڏيون. ڪوهلر جا تجربا سڪڻ لاءِ ميڪانڪي عمل ڪان وڌيڪ، بصيرت جي ضرورت هوندي آهي، ۽ اهڙيءَ طرح هن جا تجربا ذهني عمل لاءِ ميڪانڪي سبب ڪي رد ٿا ڪن، اسان ٻي خياليءَ ۾ ايترا ته بدديانت ٿي ويا آهيون جو اڄ جيڪڏهن اسان زماني سان هلڻ گهرون ته پوءِ اسان ڪي هڪ ميڪانڪي فلاسافيءَ ڪي بچائڻ لاءِ شعور جي وجود ڪي رد ڪرڻو پوندو.

اسان شروعات انهن شين سان ڪندا آهيون جن کي اسان خارجي ۽ سطحي طرح ڄاڻندا آهيون (جيئن جديد طبعيات ۾ مادي سان شروعات ڪندا آهن جيڪا قوت جي متاڇري جي شڪل آهي) قدرتي طور اسان ان متاڇري جي ميڪانڪيت کان ان داخلي شعور تائين پهچڻ لاءِ پريشان ٿي ويندا آهيون جو متاڇري جي ميڪانڪيت تي اسان جي ڄاڻ جو انحصار هوندو آهي. پر عمليت پرست، حقيقت کي مشڪوڪ نظريي تي قربان ڪرڻ ۾ بلڪل نہ هٻڪندو آهي ۽ وڏي جرائت سان اعلان ڪندو آهي تہ شعور جنهن جو ميڪانڪيت وٽ ڪو جواز ڪونهي، هڪ واڌو شيءِ آهي ۽ ان جي ڪا حيثيت ڪانهي. هڪ سنو فلاسافر، ڪنهن مذهبي مفڪر وانگر، پنهنجا بنيادي اصول طبعيات مان وٺندو آهي ۽ ان ڳالهہ جو خيال رکندو آهي تہ ڪي بہ اهڙا واقعا نہ مڃجن، جيڪي انهن مڃيل اصولن جي خلاف هجن. عمليت پرست هڪ سنو ماهر نفسيات تہ هوندو آهي پر فلاسافر هُو پورو پنو هوندو آهي. هو قدرت کان عطا ٿيل پنهنجي سادگيءَ ۾ مڃيندو آهي تہ فلاسافي اجائي آهي ۽ اها هڪ نسل تائين ختم ٿي ويندي. جديد سوچ جي سطحيت مان ظاهر ٿو ٿئي تہ هيءَ اُبتي دينيات ائين پئي ماڻهن ۾ مقبول ٿئي جيئن مسيحي سائنس مقبول ٿي آهي. اسان هڪ اهڙي مقام تي بيٺا آهيون جتي اسان مان اڌ ماڻهو مادي جي حقيقت کان انڪار ٿا ڪن ۽ اڌ شعور جي حقيقت کان منڪر آهن ۽ اسان ان اداس مرڪ جو تصور ڪري سگهون ٿا جيڪا گوئٽي ۽ والٽيئر جي چپن تي، اسان جي دور جي انتشار کي ڏسي آئي آهي.

آخر ۾ اچو تہ پيدائش جي مسئلي تي غور ڪيون، عورت جو مخصوص حصو جنهن کي ڏسي بہ نٿا سگهون ۽ پيدائش جو هڪ بيتاب قطرو جيڪو انهن دنيائن ۾ گردش ٿو ڪري جن کي اسان اڃا پنهنجي وس ۾ ڪري نہ سگهيا آهيون. ان جو هڪ هڪ جيوگهرڙي ۾ بي انتها موروثي خاصيتون آهن ۽ هزارين نسلن جي يادگيري آهي. انهن مان هرهڪ جيوگهرڙي ۾ جسم ۽ ذهن جا بي مثال وصف: جيئن جبلتون، ٻُڪ، لاڙا، شدت ۽ محبت موجود

هوندا آهن، جنس جو جذبو ۽ صبر بہ هوندو آهي. اهو ٿيپو ۽ بيضو پاڻ ۾ ملندا تہ امڪانُ يڪدم حقيقت ٿي ويندا ۽ هڪ نئين زندگيءَ جو معجزو شروع ٿي ويندو. پنهنجي ڪنهن اندرئين ضرورت جي ڪري زرخيز جيوگهرڙو، جنهن کي رت مليل هوندو آهي، پاڻ کي ٻن، چئن، انن ۽ ڪروڙن جيوگهرڙن ۾ ورهائي ٿو ۽ جيئن جيئن ان جو انگ وڌي ٿو اهو هڪ ٿيندو ٿو وڃي. هڪ دل ٿي ٿو ڌڙڪي، ٻيو دماغ ٿي ٿو محسوس ڪري، هٿ ۽ پير ماءُ جي پيٽ ۾ ئي چرڻ پرڻ ٿا لڳن، ۽ پوءِ هي نئون معجزو دنيا ۾ نمودار ٿو ٿئي، هوا، خشڪي، آواز ۽ روشني هن تي اثر ٿا ڪن، هن جون اکيون، چپ ۽ ڪن ٿا ڪلن ۽ هن جون سڀ تنتون احساس سان ڪيئن ٿيون ڪنبن، زندگي هڪ وار وري موت کي شڪست ڏيئي نئين شڪل ۾ ظاهر ٿي ٿئي، هڪ وار وري خوشي، طاقت ۽ جوانيءَ سان ٽمٽار!

ڇا اهو ميڪانڪي عمل آهي، زاڪ لويب تجربا ڪري ڏنو تہ مڇيءَ جي بيضي کي پاڻيءَ ۾ مليل لوڻ ۽ سوئي چيوئڻ سان ٻچو ڏيڻ جهڙو ڪري سگهجي ٿو. هن يڪدم چيو تہ هن پيدائش جو ميڪانڪي هجڻ ثابت ڪيو آهي. اصل ۾ هن اهو ثابت ڪيو تہ ڪيترين حالتن ۾ مادي نر ڪانسواءِ بہ ٻچا ڏيئي سگهي ٿي. هن ڇم جو اهو اصول ڳولهيو جنهن کان حياتيات جا ماهر گهڻي وقت کان آگاهہ هئا. هاڻي ان ۾ تورو بہ شڪ نہ آهي تہ مادي نہ سوئي وانگر ميڪانڪي آهي ۽ نہ لوڻ وانگر نر ڪانسواءِ واري پيدائش. مادي ۽ نر جي ميلاپ واري پيدائش کان وڌيڪ حيرتناڪ آهي. ان ۾ اهو خطرو بہ آهي تہ مادي جيڪا ڪمزور صنف سمجهي ويندي هتي ان جي خود اختياري خوفناڪ حد تائين پڄي سگهي ٿي.

لويب جي انهن تجربن کان وڌيڪ حيرتناڪ ڪوجناؤن هانس ڊريش جون آهن، ڊريش جي تربيت جينا ۾ ارنسٽ هيڪل جي تجربيگاهہ ۾ ٿي هئي. هن لاءِ ميڪانڪيت پرست هجڻ جا سڀ امڪان موجود هئا. پر هن اهڙيون ڪوجناؤن ڪيون جن جو هن جا استاد سوچي بہ نٿي سگهيا. هن هڪ زرخيز بيضي کي بہ اڌ ڪيو

پر پوءِ بہ ان جي واڌ سني نموني ۾ ٿي. هن ٻيو دفعو ٻيضي کي بہ اڌ ڪري جيوگهرڙن جي نظام کي هيٺ مٿي ڪيو پر پوءِ بہ ان جي واڌ نيڪ نموني ۾ ٿي. هن ٽيون دفعو بہ ائين ڪيو ۽ جيوگهرڙن کي ڇڙوڇڙ ڪيو پر پوءِ بہ ان جي واڌ نيڪ نموني ٿي. هاڻي ٿورو تصور ڪيو تہ بہ مشينون ٽين مشين جي پيدائش لاءِ ميلاپ ٿيون ڪن، اهو بہ تصور ڪيو تہ مشين جي هرهڪ ڱل ۾ عضوي واري طاقت آهي ۽ اها پيدائش ڪري سگهي ٿي ۽ اها پاڻ کي لڳاتار انداز سان ورهائي ٿي ۽ وڌي ٿي. وري اهو بہ تصور ڪيو تہ ماءُ پيءُ جا ڪي حصا ڪا اهڙي مشين ٺا ناهن جنهن ۾ پجرو پنهنجو پاڻ ٻن ٻن، چئن چئن ۽ انن انن حصن ۾ ورهائجي هڪ مڪمل مشين پيدا ٿو ڪري. جيترو هوءَ ورهائجي ٿي اوترو هڪ ٿي ٿئي. تصور ڪيو تہ ڪوڊريش ان مشين کي ٻن حصن ۾ ٿو ورهائي يا ان جي حصن کي ڇڙوڇڙ ٿو ڪري. اهو تصور بہ ڪيو تہ پوءِ بہ اها مشين ڪاميابيءَ سان ائين ڪم ڪري جڻ ان کي ڪجھ ٿيو ئي نہ آهي. ڇا سائنس يا فلاسافيءَ ۾ ان کان وڌيڪ ڪل جهڙي ڳالھ تصور ڪري سگهجي ٿي؟ ڇا ڪنهن قديم يا جديد مذهب جو معجزو ان عظيم ڏند ڪٿا جو مقابلو ڪري سگهي ٿو؟

## جبريت:

پر ميڪانڪيت پرست چوندو تہ اسين ساڻس ناانصافي ٿا ڪيون. اسان هن جي ڳالھ کي غلط سمجهيو آهي ۽ هن جي اهڙي نظريي تي حملو ڪيو آهي جنهن جي هن ڪڏهن بہ حمايت نہ ڪئي آهي، هن جو جيڪو جواب هوندو ان جو اسان تصور ڪري سگهون ٿا، هو چوندو:

”اسان جو مقصد انسان جي عمل کي مشين بنائڻ نہ آهي پر انسان جي جسماني ۽ ذهني دنيا ۾ ڪارڻ ۽ نتيجي جي ڪڏهن نہ ٽٽندڙ سلسلي جي تائيد ڪرڻ آهي. انسان قدرت جو حصو آهي ۽ قدرت جا قانون هن تي بہ عائد ٿين ٿا. ڪارڻ ۽ نتيجي جو سلسلو ڪٽي ٽٽي سگهي ٿو ان جو تصور ڪري نٿو سگهجي. جيڪڏهن

اهو سلسلو ٽٽي ته ان جو مطلب ته قوت تباهه يا تخليق ٿيندي پر قوت جو تسلسل ۽ ان جو تحفظ هڪ حقيقت آهي. ڪنهن انسان کي خوراڪ ڏيڻ بند ڪبو ته هن مان عمل جي قوت ختم ٿي ويندي. ڪيس سني خوراڪ ڏيو ته هو نيڪ ۽ وطن پرست ٿيندو پر هن کي غلط خوراڪ ڏيو ته اوهان ڪيس بيمار، ڏوهاري، مايوس، احمق ۽ ارادي جي آزاديءَ جو علمبردار بنائي ڇڏيندا. ڪنهن ماڻهوءَ جا پيدائش کان موت تائين جا اعمال جاچيو. اهي سڀ ان خوراڪ جو نتيجو هوندا جيڪا وقت به وقت هو کائيندو رهيو آهي. انسان جي ذهني طاقت خوراڪ مان حاصل ٿيندي آهي پر اها طاقت ٻوٽا نباتاتي عمل سان زمين ۽ هوا جي بي جان مادن مان حاصل ڪندا آهن، غير جانبدار دنيا ۾ ڪارڻ ۽ نتيجي جي تسلسل کي مڃڻ، ان کي انساني زندگيءَ جي نازڪ ترين رخن جي عمل جهڙو مڃڻ آهي.

ائين ٿو لڳي ته جيترو اسان انساني عمل کي ڄاڻنداسين ايتري ئي پڪ سان اسان هن جي باري ۾ اڳڪٿي ڪري سگهنداسين. جيڪڏهن اسان انهن حالتن کان پوريءَ طرح واقف هجون جيڪي دوستن جي اعمالن تي اثرانداز ٿينديون آهن ته پوءِ اسان هنن جي ڪردار جي باري ۾ ائين صحيح اڳڪٿي ڪري سگهنداسين جيئن اسين چنڊ گرهڻ جي باري ۾ ڪري سگهندا آهيون. جيڪڏهن جبريت غلط هجي ها، جيڪڏهن انسان جا عمل قانونن جا تابع نه هجن ها ته علم جي واڌاري سان انساني ڪردار لاءِ اڳڪٿي ڪرڻ ناممڪن هجي ها.

وڏي ڳالهه ته انسان جو عمل هن جي ڪردار ۽ ان ماحول جو نتيجو هوندو آهي جيڪو ماحول هن کي عمل لاءِ ميسر هوندو آهي. هن جو ڪردار هن جي ماضيءَ جي حالتن (نطفي کان وٺي) ۽ وڏن جي وراثت جي پيداوار هوندو آهي. اسان وراثت جي زنجير جو آخري ڇيڙو آهيون. اسان ڪجهه به شروع نٿا ڪيون، ڪنهن ڳالهه جو فيصلو نٿا ڪيون، اسان انهن خارجي طاقتن جي زور سان ئي ڇُرون پُرون ۽ گهمون ٿا، جيڪي اسان جي وس ۾ نه آهن.

مرضي هلائڻ نظر جو دوکو آهي. اهي رڳو جبر جون گڏيل قوتون آهن. ماڻهو پاڻ کي آزاد سمجهندا آهن ڇاڪاڻ جو هنن کي پنهنجن ارادن ۽ خواهشن جي ڄاڻ هوندي آهي. پر هنن کي انهن سببن جي ڄاڻ نہ هوندي آهي جن ۾ان سندن خواهشون ۽ ارادا جنم وٺندا آهن. اصل ۾ اسان جي ڪردار جو اهي طاقتون تعين ڪنديون آهن جيڪي اسان کي وجود ۾ آڻينديون آهن ۽ جن جي اسان وس ۾ هوندا آهيون ائين جيئن هڪ پٿر زمان ۽ مڪان ۾، پنهنجي وزن، رفتار ۽ رُخ مطابق ڪرندو آهي. ان معنيٰ ۾ انسان هڪ مشين آهي.

جبر پرست کي پنهنجي فلاسافيءَ جي نتيجن تي ٿورو غور ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن هر عمل تي اصل ۾ مادي حالتن جو اثر آهي تہ پوءِ اسان کي اهو نتيجو ڪڍڻ گهرجي تہ جبريت ۽ ميڪانڪيت هڪ ئي شيءِ آهن ۽ مائيڪل اينجلو جي شرافت، شيڪسپيئر جو تخليقي جذبو، سقراط جو نڪ ۽ قلوپيٽرا جي مرڪ، ستارن جي شروعاتي ڌنڌ جي ميڪانڪي ۽ ڪيميائي جوڙجڪ جي اثر جو نتيجو آهن. هي هڪ قابل اعتراض مفروضو آهي. حيرت آهي تہ ٽين، رنبان ۽ اناطول فرانس جهڙا شڪ پرست جبريت کي هضم ڪري ويا. ايمان جي ان نئين دور ۾ شڪ ڪرڻ وارا بہ وڏا ايمان وارا آهن. هو وڏي فخر سان حياتيءَ جي هڪ نظريي کي سائنسي بنيادن تي رد ٿا ڪن ۽ ان ڪان ترت پوءِ ڪنهن بئي عقيدي تي انڌو ايمان ٿا آڻين. ميڪانڪيت پرست ڪڏهن اهو نٿا سوچن تہ هنن جي باقاعدي شڪ جي بنياد ۾ ڪيترا بي بنياد نظريا آهن.

تاريخ دان ان کي معجزو سمجهندا تہ ستارن جي عظيم ڌنڌ ڪڏهن بہ يقين کي ختم نہ ڪيو آهي. اهو ڪهڙو جادو هو جنهن اسان کي هڪ نسل تائين طبعيات جي وقتي تصورن کي پنهنجي زندگيءَ جا قانون ۽ علامتون قبولڻ لاءِ هرڪايو هو. اسان مان ڪيترن دل سان ٿي مڃيو تہ اسين مشين آهيون ۽ ان ڪل جهڙي تصور تي وڏي ايمانداريءَ سان عمل ٿي ڪيو. ڇا اسان پنهنجي

ليڪي سمجهندا هئاسين تہ حواس ۽ ذهن فعال بہ آهن تہ مفعول بہ، ۽ اسان قوتن جي وهڪري ۾ خودؔاختياريءَ جا ننڍا مرڪز آهيون. اسان زندگيءَ جي اڻ ڳڻين رُخن ۽ زرخيزي، بي انتها تجربن ۽ شڪلين، ڪڏهن نہ ختم ٿيندڙ مادي ۽ ڌرتيءَ کي بدلائڻ ۽ فتح ڪرڻ جي ارادي جو ڪيئن ميڪانڪيت ۽ جبريت جي حوالي سان تصور ڪري سگهون ٿا.

ارادي جي اهڙي پڪائي اسان ۾ جان لاڪ جي هن تصور سان پيدا ٿي تہ ذهن هڪ صاف سليٽ آهي جنهن تي احساس نشان ڇڏيندا آهن. اهو ميڻ وانگر آهي جنهن کي ٻاهر جون شيون شڪليون ڏينديون آهن. پر اڄ اسان کي ٻئي نوع جي نفسيات جي تعليم ڏني ٿي وڃي. اسان پنهنجي روح جي تہ ۾ خواهشن کي ٿا ڏسون جيڪي انسان جو اصل آهن. اسان پنهجن خواهشن کي احساسن، مشاهدن، يادگيرين جي چونڊ ڪندي ۽ انهن جي ترتيب ڪندي ڏسندا آهيون. زندگيءَ پنهنجي عظيم اشتها کي جبلتن ۽ صلاحيتن ۾ ورهايو آهي جيڪي اسان جي اعمالن، روين ۽ مشاهدن جي انداز جو تعين ڪنديون آهن. اسان خارجي محرڪن کان بيخبر هوندا آهيون جيڪي اسان ۾ تحرڪ پيدا ڪرڻ جي اجائي ڪوشش ڪندا آهن. اسان اهي آواز ٻڌندا آهيون جيڪي اسان جي خواهشن مطابق هوندا آهن ۽ اهي آواز نہ ٻڌندا آهيون جن ۾ اسان جي دلچسپي نہ هوندي آهي ۽ ٻين هزارين آوازن کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيندا آهيون. اسان جا مقصد ئي اسان جي احساسن، مشاهدن ۽ خيالن کي صورتون ڏيندا آهن، اسان کي چيو ويندو آهي تہ ڪن انگن کي گڏ ڪيو، اسان جو ذهن يڪدم هڪ خاص رويو اختيار ڪندو آهي ۽ اسان سوال ٻڌڻ سان جواب ڏيئي ڇڏيندا آهيون، ست واڌو ست ٻڌي اسان يڪدم چوڏهن چوندا آهيون پر جيڪڏهن ضرب ڪرڻ لاءِ چيو وڃي تہ 49 چوندا آهيون، شين جو صاف ۽ شديد هجڻ يا ورجاءُ اسان جي انهن کي ٻڌڻ جو سبب نٿو ٿئي پر رڳو مقصد ئي انهن جي ٻڌڻ جو سبب ٿو بڻجي. اسان خارجي محرڪن جا بي وس شڪار نہ آهيون اهي بيشڪ تہ اسان

تي اثر ڪن ٿا، پر اسان چونڊ ڪندا آهيون، اهائي ايجاد ڪرڻ واري جي قوت آهي ۽ ان قوت جي ڪري ئي ڪارخانن جو ڳلون تيار ٿينديون آهن جيڪا ان خيال جي ترديد آهي تہ ذهن دماغ جي مفعولي حالت آهي.

ان تخليقي ارتقا ۾ اسان جو ذهن اهي نادر ڪم ڪندو آهي جن ڪي ميڪانڪي چوڻ سولو نہ آهي، اسان ڪُلَ ڪي جزن جي حالت ۾ آڻيندا آهيون ۽ انهن ڪي وري جوڙيندا آهيون، اسان تصور ۾ شين ڪي حصن ۾ ورهائيندا آهيون ۽ دليلن وقت انهن ڪي ڳنڍيندا آهيون. اسان مقصدن تي غور ڪندا آهيون، قدرن جي ماپ ڪندا آهيون، نتيجن جو تصور ڪندا آهيون ۽ پنهنجن خواهشن ڪي پورو ڪرڻ لاءِ طريقا ڳولهيندا آهيون، اسان گذريل مسئلن ۽ انهن لاءِ پنهنجي ردِعمل ڪي ياد ڪندا آهيون، انهن حالتن ۽ هاٺوڪي صورتحال ۾ هڪجهڙايون ڳولهيندا آهيون ۽ پنهنجي مقصدن جي روشني ۾ فيصلو ڪندا آهيون. ڄاڻ اسان جي عملن جي طريقن جي يادگيري آهي. جيتري وڌيڪ اسان جي ڄاڻ هوندي اوترا وڌيڪ اسان دورانديش هونداسين ۽ جيتري وڌيڪ اسان جي دورانديشي هوندي اوترا وڌيڪ اسين آزاد هونداسين. شعور اعمالن جي ريهرسل لاءِ هڪ اسٽيج آهي. اسان يادگيري، تخيل ۽ عقل جي ذريعي غير دانشمنديءَ وارن اعمالن ڪي ختم ڪندا آهيون ۽ پنهنجي آخري مقصد جو ڪنهن حد تائين اظهار ڪندا آهيون. آزادي عقل وانگر هڪ دير وارو ردِعمل آهي جيڪا هڪ مڪمل عمل لاءِ رهنمائي ڪندي آهي. جيئن دير ڪرڻ سان اسان منجهيل صورتحال سان واسطو رکندڙ محرڪات ڪي اڀاريندا آهيون ۽ پوءِ اسان تخيل جي ذريعي انهن نامڪمل محرڪات ڪي هڪ مڪمل ردِعمل ۾ جوڙيندا آهيون جيڪو اسان جي مڪمل ۽ بالغ شخصيت جو مظهر هوندو آهي.

ميڪانڪيت جي حيثيت ٻئي درجي جي آهي، جنهن ڪي اسان ترت، بنيادي ۽ روزاني زندگيءَ جي حقيقي فلاسافي ٿا سمجهون. اها هيءَ آهي تہ هر جاندار پنهنجي جوڙجڪ جي لچڪ

مطابق رهبري ڪندڙ ۽ ڪنهن حد تائين خود اختياري ۽ پنهنجو پاڻ شروعات ڪندڙ قوت جو مرڪز آهي. زندگي انڪري تخليقي نہ آهي تہ اها عدم مان هڪ نئين قوت تي پيدا ڪري پر ان ڪري تہ اها پنهنجي اثرانداز ٿيندڙ قوت کي خارجي قوتن ۾ شامل ٿي ڪري. ارادو رڳو ان حد تائين آزاد آهي. اهو ان زندگيءَ سان جنهن جي پاڻ هو هڪ شڪل آهي، دنيا کي نئون روپ ڏئي ٿو. دنيا کي نئون روپ ڏيڻ لاءِ زندگي ايجادن کان ڪم ٿي وٺي ۽ رياضي ۽ ميڪانڪيت کي ٿي ناهي تہ جيئن هو خارجي دنيا کي منهن ڏيئي سگهي. زندگي ان وقت پنهنجي ذهن جي انهن تخليقن تي ڪلندي ۽ انهن کي نظرانداز ڪندي آهي جڏهن اهي ان جي بوليءَ ۾ ٿي ان جي تشريح ڪنديون آهن.

ڇا آزاديءَ جو هي تصور جبريت وارن جا حملا سهي سگهندو؟ جبريت وارا عقل کان ڪم وٺندي چئي سگهندا تہ ارادو مجرر اسم آهي ۽ هو ڄاڻي واڻي اهو وساري ڇڏيندو تہ قوت پڻ مجرد اسم آهي. ان لاءِ اسان کي جواب ڏيڻ گهرجي تہ ارادي سان اسان جو مطلب ڪا مجرد شيءِ نہ آهي پر زندگيءَ جي اُيرڻ ۽ پکڙجڻ وارو عمل آهي. زندگي ڇا آهي؟ اهو اسين بين صفحن تي ٻڌائي آيا آهيون. اسان کي حقيقت کي افسانو بنائڻ نہ گهرجي.

يا وري جبريت وارا قوت جي حفاظت جي ڳالهہ ڪندا، جاندار رڳو ايتري قوت ڏيئي سگهي ٿو جيتري هو حاصل ڪري ٿو. اها ڳالهہ ڪرڻ کان اڳ هو وساري ڇڏين تہ زندگي پاڻ هڪ قوت آهي جيڪا سندس مقابلي وارين طاقتن کي، سوچ ۽ سمجهہ سان بدلائي ڇڏيندي آهي تہ جيئن ماحول تي حاوي ٿي سگهي ۽ ڪڏهن ڪيس ڪاميابي بہ ٿيندي آهي. عمل سان جيتري قوت پيدا ٿي ٿئي ان جي مقدار جو پورو احساس نٿو ٿئي پر ان جي خاصيت ڪيڏي نہ مختلف آهي. زندگيءَ جي هيءَ بدلائڻ واري قوت جنهن جو اسان کي سڌوسنئون علم آهي، اسان جي نماڻي آزادي جو سرچشمو ۽ واعدو آهي.

جبريت وارا سمجهن ٿا تہ آزادي نظر جو فريب آهي ڇاڪاڻ تہ طاقتور محرڪ سدائين ڪامياب ٿيندو آهي پر اها بي معنيٰ ڳالهہ آهي. جيڪو طاقتور محرڪ ڪامياب ٿو ٿئي اهو انهن محرڪن کان طاقتور ٿو هجي جيڪي ناڪام ٿيندا آهن. اهو محرڪ انڪري ڪامياب ٿو ٿئي جو اُن جي خواهش، ارادي ۽ روح جي اصليت سان مطابقت هوندي آهي. چوٽي آهي تہ ڪوبہ عمل بنان سبب جي ٿي نٿو سگهي. اها چوٽي صحيح آهي، پر ارادو سبب جو حصو هوندو آهي ۽ عمل جي سببن ۾ زندگيءَ جي اڳتي وڌڻ واري قوت بہ شامل هوندي آهي. ذهن جي هرڪا ڪيفيت قدرتيءَ طرح گذريل سموري حقيقت جو نتيجو هوندي آهي. پر اُن ڪيفيت ۾ هن ڪيفيت ۾ ارادي جي تبديلي آڻڻ واري قوت بہ موجود آهي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ هڪ سبب جو هميشہ هڪجهڙو نتيجو نڪرندو آهي. پر سبب ڪڏهن بہ هڪجهڙا نہ هوندا آهن ڇاڪاڻ تہ شخصيت هميشہ بدلجندي رهي ٿي ۽ حالتون ڪڏهن بہ هڪجهڙيون نہ ٿيون رهن. جيڪڏهن مان تنهنجي سموري حال ۽ ماضيءَ مان واقف آهيان تہ مان بنان غلطيءَ جي تنهنجي ردِعمل بابت اڳڪتي ڪري سگهان ٿو.“ تون بہ شايد منهنجي باري ۾ اڳڪتي ڪري سگهين جيڪڏهن تون منهنجي اندر جي زندگيءَ واري قوت مان واقف هجين پر اهو تڏهن جڏهن تون ميڪانڪيت جي اصولن کي ڇڏي پنهنجي رهبريءَ لاءِ پنهنجو پاڻ کان پڇين تہ انهن قسمين قسمين حالتن ۾ تون يعني زندگي ڇا ڪندي؟ پر شايد پوءِ بہ تون ڪاميابيءَ سان اڳڪتي ڪري نہ سگهين. شايد زندگيءَ ۾ خوداختياري جو عنصر آهي جيڪو اسان جي تصورن ۽ قانونن جي مطابق نہ آهي جيڪو ارتقا ۽ انساني عملن کي هڪ خاص قسم جو اتساهہ ۽ ڪردار بخشيندو آهي. اڇو تہ دعا ڪيون تہ اسان کي هڪ اهڙي دنيا ۾ نہ رهڻو پوي جنهن جي باري ۾ پوريءَ طرح اڳڪتي ڪري سگهجي. ڇا اهڙي دنيا جو

نقشو زندگيءَ جي تقاضائن جي ڪِل جي حد تائين ابتڙ نٿو لڳي. جيئن برگسان چيو هو تہ زندگيءَ ۾ ميڪانڪيت هڪ وقتي مشڪري آهي.

اهو بہ چيو ٿو وڃي تہ هر عمل وراثت ۽ ماحول جو نتيجو آهي. اها ڳالهہ بلڪل صحيح نہ آهي. جبريت پرست انڪساريءَ جي ڪري ان محاسبي ۾ پنهنجي وجود جو محاسبو نٿو ڪري. هو وري بہ سمجهندو آهي تہ زندگي خارجي طاقتن جو مفعولي نتيجو آهي هو زندگيءَ جي قوت ۽ زندهہ دليءَ کي وساري ڇڏيندو آهي. اسان رڳو پنهنجا ابا ڏاڏا ۽ پنهنجون حالتون نہ آهيون، اسان تبديلي جي قوت جا سرچشما آهيون. اسان بامقصد قوت، تخليقي انتخاب ۽ سوچ جي ڌارا جو حصو آهيون جنهن جو اسان جا ابا ڏاڏا بہ حصو هئا. اسان جا ابا ڏاڏا اصل ۾ اسان ۾ زندهہ آهن پر اهو عزم ۽ زندگي جيڪا ڪنهن وقت هنن ۾ هئي اها هاڻي اسان مان هرهڪ ۾ آهي، جيڪا منهنجي ”خودمختيار خودي“ کي تخليق ڪندي آهي، آزادي. آزاديءَ جي پراڻي تصور کان وسيع بہ آهي تہ محدود بہ آهي. اها بيشڪ تہ موروثي ۽ ماحولياتي حالتن ۾ محدود آهي پر تنهن هوندي بہ زندگيءَ وانگر اونهي ۽ شعور وانگر وسيع آهي. اها جدا جدا نمونن جي تجربن، نقطئہ نظر جي وسعت ۽ فڪر جي صفائيءَ سان گڏ طاقت ۽ پڪيڙ ۾ بہ وڌي ٿي. ارادو ان حد تائين آزاد آهي جيستائين زندگي تخليق ڪري سگهي ٿي. ارادو ان حد تائين آزاد آهي جنهن حد تائين هو چونڊ ۽ عمل جو سبب بڻجي ويندو آهي. ان آزاديءَ ۾ قدرت جي قانون جي ڪا ڀڃڪڙي نٿي ٿئي ڇاڪاڻ تہ زندگي پاڻ هڪ قدرتي عنصر ۽ عمل آهي. ڪائنات کان ٻاهرين ڪا طاقت ڪانهي. قدرت پاڻ، جيئن ان جي نالي مان معنيٰ نڪري ٿي اها زندهہ قوت آهي جنهن مان سڀ شيون وجود ۾ اچن ٿيون. شايد هن ساري دنيا ۾ اها خوداختياري ۽ وجود ۾ اچڻ وارو جذبو موجود آهي جنهن لاءِ اسان دعويٰ ڪندا آهيون تہ اهو زندگي ۾ موجود آهي نہ تہ زندگي اهي خصلتون ڪٿان حاصل ڪيون.

اها ڳالهه صحيح آهي تہ اسان جون شخصيتون اسان جي سموري عمل جو تعين ڪنديون آهن، پر اسين پاڻ ئي پنهنجون شخصيتون آهيون، هڪسلي جا همنوا تي ائين چوڻ بہ صحيح آهي تہ اسان پنهنجن خواهشن تي عمل ڪرڻ ۾ تہ آزاد آهيون پر خواهشن جي چونڊ ڪرڻ ۾ آزاد نہ آهيون. اسان پاڻ ئي پنهنجون خواهشون نہ آهيون ۽ خواهش زندگي آهي. پنهنجي خواهشن جي تڪميل سان اسان پنهنجي تڪميل ڪندا آهيون ۽ اهو چوڻ صحيح نہ آهي تہ خارجي ۽ موروثي قوتون اسان تي حاوي هونديون آهن. حقيقت جو هڪ پاسو هي بہ آهي تہ زندگي خود قوت آهي جنهن جو پنهنجو طريقو آهي. جيڪو محدود ۽ مجبور تہ آهي پر حيرت انگيز حد تائين ادنيٰ جاندارن کان دانائن جي اڪيلين بلندين تائين اُسرندي آهي ۽ دنيا تي پنهنجن روين ۽ فتحن سان ڇانئجي ويندي آهي. زندگي جيڪڏهن متحرڪ قوت نہ هجي ها تہ ارتقا نہ ٿئي ها.

اسان جو پنهنجي ان رهبري ڪرڻ واري قوت جو شعور اسان کي اسان جن ذميواري ۽ شخصيت جي ڄاڻ ڏيندو آهي ۽ اسان جي سوچ کي زندگيءَ سان ڳنڍيندو آهي ڇاڪاڻ تہ جڏهن اسان جبريت جي ڳالهه تي ڪئي تڏهن اسان کي خبر هئي تہ اها فلاسافي غلط آهي. اسان ڪڏهن بہ پاڻ کي ۽ پنهنجن ٻارن کي مشين ناهي سمجهيو. آزاديءَ جون فلاسافيون وري وري پيدا ٿينديون آهن ڇاڪاڻ تہ مشاهدي کي، فارمولن ۽ احساس لاءِ دليلن سان رد ڪري نٿو سگهجي. حقيقت ۾ ميڪانڪيت هڪ بزدليءَ واري فلاسافي آهي ڇاڪاڻ تہ اها انسان جي گناهہ کي وراثت ۽ سماج جي ڪاتي تي ڇاڙهي ڇڏيندي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اڄ جي شخصيتن جي ڪمزوري جو سبب اهو هجي تہ فلاسافي ۽ زندگي تي مشين حاوي ٿي وئي آهي مشين قدرت کي فتح ڪندي ٿي وڃي، پراڻن ۽ متضاد مقصدن جي پورائي لاءِ اسان جي قوت تمام گهٽي وڃندي ٿي وڃي. اسان بادلن جي مٿان ۽ سمنڊ جي تري ۾ پهچي ويا آهيون. اسان ڪروڙين شيون ناهيون تا جيڪي فن ۽ قيمت جي لحاظ کان تمام گهٽيون سستيون آهن. آهستي آهستي

هنر مشين جي آڏو، خوبي مقدار جي آڏو، فن ڪارخاني جي آڏو ۽ ڪردار دولت جي آڏو ختم ٿيندا ٿا وڃن. تمام جلد ماڻهو بہ غائب ٿي ويندو ۽ رڳو مشينون ۽ انهن جا بٽڻ باقي بچندا. ڇا اها ڪا حيرت جي ڳالهہ آهي تہ اسان جو نسل سئنيما ڪي ڊرامي تي، فليٽ ڪي گهر تي، بجليءَ جي ٽنين ڪي وڻن تي، سياستدانن ڪي سياسي مدبرن تي، ترجيح ٿو ڏي. اسان شخصيت ۽ خود اراديت ڪي وڃائي وينا آهيون ۽ مشين جو نالو حاصل ڪبو آهي.

ميڪانڪيت وڏندڙ شهرن ۽ بي رحم جمهوري رياست جي فرد تي تسلط جو بہ اظهار آهي. اجتماع يا چوندن ۾ شخصيت يا خوداختياريءَ ڪي قائم رکڻ ڏکيو آهي. وڏي ڳالهہ تہ جبريت ان نشي جو نالو آهي جيڪو طبعيات ڪي پنهنجي ظاهري شان شوڪت سان حاصل ٿيو آهي. ان نشي ۾ هن سوچيو تہ پنهنجن خطرناڪ ۽ جانبدار فارمولن ذريعي هوءَ ذهن، فن ۽ محبت جي سلطنت جو گهيرو ڪري وٺي. آهستي آهستي اسان جڏهن مشين جي دور کان تخليقي ثقافت جي دور تائين پهچنداسين تہ پوءِ اسان ڌرتيءَ جي سطحي مشينري جي پنيان زندگيءَ ڪي ڏڙڪندو ڏسي سگهنداسين. گهڻن شڪن ۽ گهڻن غلطين کان پوءِ اسان سمجهي ويندا‌سين تہ اسان پنهنجي معمولي حيثيت مطابق دنيا جي عمل ۾ شريڪ آهيون ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون تہ پنهنجي تخيل ۽ علم سان، ان سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ڊرامي جون بہ چار سٽون اسان بہ لکي ڇڏيون.

## حياتيات جو دور:

آخر ۾ اسان کي ڏسڻو آهي تہ فلاسافي، حياتيات، نفسيات، معدنيات، ايستائين جو طبعيات ۾ بہ ميڪانڪي طريقو ختم ٿيندو ٿو وڃي. لوسئن پون ڪيري چوي ٿو تہ اڄ ان خيال کي رد ڪيو ٿو وڃي تہ سيني واقعن جي ميڪانڪي تشريح ٿي سگهي ٿي. ڪيسرر چئي ٿو تہ جديد طبعيات ۾ دنيا جي ميڪانڪي تصور جي جاءِ، هاڻي فعال بجلي (Electro- dynamic) جو تصور ٿو وٺي.

لَيَ بان ٿو چئي تہ هزارين محققين جي ڪوشش جي باوجود بدن جو علم اسان کي انهن طاقتن سان روشناس نہ آهي ڪرائي سگهيو جيڪي زندگيءَ جو سبب بڻيون آهن، اِنهن طاقتن جو اُنهن طاقتن سان ڪو تعلق نہ آهي جن جو طبعيات مطالعو ڪندي آهي جيئن ڪيميا جي علم کي مقدار جي علم سان گڏ خاصيتن جي تصور جي ضرورت آهي ۽ جتي طبعيات مقدار جي تصور تي قائم آهي، علم بدن کي صفت ۽ مقدار جي تصور سان گڏ ساهدار ۽ ڪُل جي تصور جي بہ ضرورت آهي. طبعيات ۽ ڪيميا انهن جزن جو مطالعو آهي جيڪي ڪُل جي عمل جو تعين ڪندا آهن. علم بدن ان ڪُل جو مطالعو آهي جيڪو پنهنجن جُزن جي عمل جو تعين ڪندو آهي ڪنهن ڏينهن سائنس کي بہ سڪڙو پوندو تہ اها شين کي ڪُل جي صورت ۾ ڏسي.

حياتيات ۾ ميڪانڪيت جي روز ترديد ٿيندي آهي، ڊربشن پيولوو ۽ هيلڊن اهي اهڙا نالا آهن جيڪي ڪنهن ميڪانڪيت پرست لاءِ بہ فڪر انگيز آهن. نفسيات ۾ گيشٽالٽ جي تحريڪ ميڪانڪي نقطئہ نظر جي خلاف احتجاج ۽ حياتياتي نقطئہ نظر جي تائيد آهي.

جي.ايس.هالڊين چئي ٿو تہ ميڪانڪي تصور ڪامياب نہ ٿيو آهي. شيوان جو سادو ميڪانڪي تصور گهڻو وقت اڳ رد ٿي چڪو هو. اسان کي هاڻي خبر پئي آهي تہ جيوگهرڙي جي ورها جڻ سان نوان جيوگهرڙا پيدا ٿيندا آهن ۽ جيوگهرڙن جي نيپا ، اوسر ۽ خوراڪ جو مسئلو اهڙو نہ آهي جو ان جي توجهہ ميڪانڪي نظريي جي مطابق ڪري سگهجي پاڻيات جي خارج ۽ جذب ٿيڻ جا مسئلا ڪي ايترا مختلف نہ آهن، ساهہ ڪڻڻ ۽ بين حياتياتي عملن جي باري ۾ ميڪانڪي نظريا مڃجي چڪا آهن. هيءَ ڳالهہ هاڻي واضح ٿي چڪي آهي تہ بدني چرپر جي باري ۾ طبعياتي ۽ ڪيميائي تصور ڪافي نہ آهن. علم بدن جي ترقيءَ سان اسان ڪنهن ميڪانڪي حل جي امڪان کان وڌيڪ پري ٿيندا ٿا وڃون. شرنگٽن ۽ بين سائنسدانن جا ڪم ان ڳالهہ کي واضح ٿا

ڪن تہ اسان کي تنتي سرشتي ۾ پنهنجو پاڻ تيندڙ حرڪتن جي تصور ترڪ ڪرڻو پوندو. مان هڪ نفسيات جي ڄاڻوءَ جي حيثيت ۾ ان مفروضي کي بيڪار ٿو سمجهان تہ زندگي هڪ ميڪانڪي عمل آهي. هي مفروضو منهنجي ڪم ۾ ڪا مدد نٿو ڪري. هاڻي تہ مان سمجهان ٿو تہ هي مفروضو علم بدن جي ترقيءَ جي راهہ ۾ رنڊڪ آهي، هاڻي ميڪانڪي علم بدن ڏانهن موٽڻ پنهنجي Saxon ابن ڏاڏن جي ڏنڊڪتائن ڏانهن موٽڻ برابر آهي.

هيءَ ڳالهہ اهم آهي تہ شوپنهار ۽ نتشي روايتي دينيات جا مخالف هوندي بہ ميڪانڪيت کي رد ٿا ڪن. نتشي ميڪانڪيت جي ماهر کي مخاطب ٿي چئي ٿو:

تون سمجهين ٿو تہ دنيا جي تو جيڪا تفسير ڪئي آهي ان جي ذريعي تحقيق ۽ ڳولها جو ڪم جاري رهي سگهي ٿو. اها تفسير جيڪا عدد، ماپ، وزن، ڏسڻ جي عمل کي ئي علم جو ذريعو سمجهي ٿي ۽ ٻئي ڪنهن بہ عمل کي نٿي سمجهي. هي نظريو جيڪڏهن جنون ۽ چريائپ نہ آهي تہ بيوقوفي ۽ غلط سوچ ضرور آهي. مان پنهنجي ميڪانڪيت پرست دوستن کان (جيڪي فلاسفرن جي قطار ۾ بيهن ٿا ۽ سمجهن ٿا تہ ميڪانڪيت جو علم اهي بنيادي قانون ناهيندو آهي جيڪي سموري حقيقت تي حاوي آهن). وڏي رازداريءَ سان پڇان ٿو تہ ڇا توهان جي نظريي کان هي نظريو وڌيڪ سمجهہ ۾ اچڻ جهڙو نہ آهي تہ ڪنهن بہ شيءِ جون مٿاڇري واريون ۽ ٻاهريون خاصيتون پهريان ڏسڻ ۾ ايندڙ آهن.

حياتيات اڄ هڪ هنڌ ڄمي بيهي رهي آهي ڇاڪاڻ جو اها هاڻي تائين حياتيءَ جو نہ پر موت جو مطالعو ڪندي رهي آهي. الڪوهل ۾ رکيل نمونا، مئل پوپٽ، لاش، خوردبين جي مدد سان تيار ڪيل نشو، اها آهي ان جي ساري ڪائنات. گوئٽي سؤ سال اڳ ان جو تصور ڪري ورتو هو ۽ هن جو شيطان وارو ذهين ڪردار چئي ٿو:

> هو جيڪو ساهدار جو مطالعو ڪري ان جي
> تصوير ٿو پيش ڪري. ضروري ٿو سمجهي تہ

هو ان ساهدارن مان روح کي ڪڍڻ جو ڪو
طريقو ڳولهي.
ائين ڪرڻ کان پوءِ هو ان ساهدار جي ٽڪرن
جي وضاحت ڪرڻ ۽ نالا ڏيڻ لاءِ اُنهن کي
ترڪيءَ تي ٿو جهلي.
پر افسوس جو انهن ٽڪرن کي ڳنڍڻ وارو
روح اُڏامي چڪو هوندو آهي.
ان عمل کي ڪيميائي سائنس Natura Enchceiresis
جو نالو تي ڏئي.
ائين ڪندي هوءَ پنهنجو پاڻ تي کِل تي
ڪرائي پر سمجهي نٿي تہ ان تي کل پئي ٿئي.

شايد حياتيات بہ طبعيات جي سوچ ۽ تصورن جي مدد سان ميڪانڪيت جي تصورن جي خلاف بغاوت ڪندي ان کي خبر پوندي تہ زندگي جنهن جي مطالعي جو ان کي فخر حاصل آهي اها طبعيات ۽ ڪيميا جي مادي کان وڌيڪ حقيقت جي ويجهو آهي ۽ طبعيات جڏهن آخرڪار ميڪانڪي بي جان سوچ کان آجي ٿي ويندي تہ اها تجربيگاهن مان نڪري ڪليل دنيا جو رخ ڪندي ۽ جيئن طبعيات دنيا جي شڪل مٽائي ڇڏي آهي ائين هيءَ انساني مقصدن کي بدلائڻ شروع ڪندي ۽ انسانيت تي مشين جي بي رحم جبر کي ختم ڪندي ۽ جيڪي فلاسافر ٻن هزار سالن کان رياضي ۽ طبعيات جا غلام رهيا آهن انهن کي زندگيءَ جي بامقصد وحدت، تخليقي سرچشمن ۽ عظيم الشان خوداختياريءَ جي خبر پوندي.

## باب پنجون

# اسان جا بدلجندڙ اخلاقي معيار

### 1۔ اخلاق جي اضافيت:

اخلاق گهڻو ڪري دير سان بدلبا آهن پر اڄڪلهه تيز هوائن سان ڳِهلجندڙ بادلن وانگر تا بدلجن. انسان جي يادگيريءَ کان به پراڻيون رسمون رواج ۽ ادارا اسان جي اڳ کن وقتي اختيار ڪيل ۽ پوءِ ڇڏي ڏنل عادتن وانگر ختم ٿيندا تا رهن. عورتن جي حفاظت ڪرڻ واري جوانمردي تنشي جي هن قول مطابق هئي ته 'عورتن سان هروپرو گهڻو نرميءَ وارو ورتا نه ڪرڻ گهرجي'. بهادريءَ جو جسم سان گڏ ذهن جي تهذيب سان به تعلق هوندو هو. عورتن جي آزاديءَ کان پوءِ جوانمردي ۽ بهادريءَ جا اهي معيار ختم ٿي ويا آهن، عاشقن کي وڏن وڏن ڪارنامن لاءِ اُتساهيندڙ ۽ ارادي کي مضبوط ڪندڙ عورتن جي حياءَ ۽ عزت واري وصف جي ڪا وقعت ڪانه رهي آهي. جوانڻ جماڻ ڇوڪريون نوجوانن تي پنهنجي حسن جو جادو ايترو ته ڪليءَ طرح ٿيون هلائن جو شاديءَ ۾ هاڻي اها ڪشش ڪانه رهي آهي. شهري زندگيءَ ڪروڙين مردن کي ان ڳالهه لاءِ هڪ ڪري ڇڏيو آهي ته هو هنن جذبات کي ڪتڪتوئي ڪرڻ وارين جا سولائيءَ سان شڪار ٿين. اڄ جو ڊرامو ڇڙواڳيءَ ۾ جڻ ته انگلينڊ ۾ "بادشاهت جي وري قائم ٿيڻ واري دور" جي ڊرامي جو رقيب آهي ۽ جديد ادب پراڻي زماني جي زرخيزيءَ واري مت وانگر جنسيءَ طرح اگهاڙو ٿيو آهي. اڳ شادي ئي جنسي خواهشن جي اظهار جو وسيلو هئي ۽ نوجواني ۾ انساني زندگي ۽ ڪردار کي مضبوط ڪندي هئي هاڻي غير مقبول ٿيندي ٿي وڃي. اڄڪلهه ماڻهو سوچن ٿا ته شاديءَ جي مصيبتن ڪانسواءِ به شاديءَ وارا مزا حاصل

ڪري سگهجن ٿا. اڄڪلهه شاديءَ جي شروعات دير سان ۽ ان جو انت جلدي ٿو ٿئي. پهريان ته اسان شاديءَ کي غير فطري حد تائين ملتوي ڪندا ٿا رهون ۽ پوءِ اها طلاق جي وڳوڙ ۾ ختم ٿي وڃي ٿي. ڪڏهن خاندان اخلاق جي سکيا گهر ۽ سماجي نظام جو بنياد هو، هاڻي اهو شهري صنعت جي انفراديت ۾ وڃائجي ويو آهي ۽ هر نسل کان پوءِ ٽڪرا ٽڪرا ٿيندو ٿو وڃي ۽ وڏي جفاڪشيءَ سان اولاد جي پلائي لاءِ نهرايل گهر ويران آهن. اولاد پريشان مقصدن سان وفاداريءَ ۾ قاتل آهي ۽ ماءُ پيءُ پنهنجي اُداس ۽ ويران گهرن ۾ اڪيلا آهن، ڪرسيون خالي آهن ۽ گهرن جا خالي ڪمرا سندن پيارن جي آوازن جي غيرموجودگيءَ سان پڙاڏجن ٿا.

هاڻي ڏسون ته اسان جي اخلاقي روين ۾ اها تبديلي ڪيئن آئي.

اڄڪلهه اهو نفسيات جو وڏو مسئلو آهي ته اسان جا نوجوان گناهن کان وڌيڪ گناهن جي نمائش مان مزو ٿا وٺن يا اسان جا بزرگ انهن گناهن کي ننڍڻ مان وڌيڪ مزو ٿا ماڻن؟ اخلاقي لحاظ کان زندگيءَ کي ٻن زمانن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهرين زماني ۾ اسان لذت تا حاصل ڪيون. ٻئي ۾ اسان نيڪيءَ جو درس ٿا ڏيون. احتياط جذبات جي آڏو بي وس ٿي ويو آهي. خواهش جو تيز ڏارو ڳالهين جي تيز هوائن ۾ بدلجي ٿو وڃي. زندگيءَ جي رفتار سست ٿيندي ٿي وڃي. موڊ بدلبو آهي ۽ پيريءَ لاءِ اهو ڏکيو ٿي پوندو آهي ته اها جوانيءَ کي سولائيءَ سان معاف ڪري. انهن معاملن ۾ سچ، عمر جو وظيفو آهي ۽ بداخلاق، ٻين ماڻهن جو ڪردار آهي.

اسان مان جيڪي پڪي وهيءَ جا ٿي ويا آهن اهي ڪي قدر ڪاميابيءَ سان پنهنجي اولاد کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري سگهن ٿا. ان سلسلي ۾ مناسب سوچ جو انداز تاريخي آهي. اسان کي نيڪيءَ جي تصور جي وسعت ۽ اخلاق جي اضافي حيثيت تي غور ڪرڻ گهرجي. اسان کي ڏسڻ گهرجي ته اخلاق جو سرچشمو

دنياوي ۽ اڻ پورو آهي. اخلاقي تصور انساني زندگيءَ جي بدلجندڙ بنيادن سان گڏ بدلبا رهندا آهن.

تاريخي ۽ لساني لحاظ کان اخلاق رسمن مان پيدا ٿيو آهي. شروع ۾ اخلاق انهن رسمن سان مطابقت جو نالو هو جيڪي قبيلي جي صحت ۽ بقاءَ لاءِ ضروري هيون. ڪجهه رسمون رڳو رواج آهن جيئن ميز تي ويهي ڇري ڪانٽي سان ماني کائڻ، انهن جو ڪو اخلاقي پاسو ڪونهي. سلاد کي ڇريءَ سان ڪٽڻ ڪو گناهه ڪونهي، پر ان جي وڏي سزا آهي، ڪي رسمون جيئن هڪ شادي، هڪ کان وڌيڪ شاديون. گهراڻي ۽ گهراڻي کان ٻاهر شادي، قبيلي ۾ ڪنهن کي قتل ڪرڻ ڏوهه ۽ قبيلي کان ٻاهر مباح آهي، اهي رسمون اجتماعي فائدي لاءِ سٺيون سمجهيون وينديون آهن. اهي ئي رسمون اخلاقي اصول ٿي وينديون آهن. جن کي نصيحت، پابندين ۽ جلاوطنيءَ سان محفوظ ڪيو ويندو آهي. رواج اهي رسمون آهن جن جو درس گهٽ ڏنو ويندو آهي ۽ انهن تي عمل وڌيڪ ڪيو ويندو آهي ۽ اخلاق اُهي فرض آهن جن کي پوري ڪرڻ جي اميد اسان ٻين مان ڪندا آهيون.

هيءَ ڳالهه حيرت جهڙي آهي ته اخلاقي نظام بدلجندو رهندو آهي سينٽ آگسٽ کي (حضرت) ابراهيم جي گهڻن شادين واري ڳالهه ڏکي لڳندي هئي پر هن جي گهڻين شادين جي ان رخ کي ساراهيندو هو ته پراڻي دور جي يهودين لاءِ گهڻين زالن جو خرچ برداشت ڪرڻ ڪو گناهه نه هو ڇاڪاڻ ته اهو ان زماني جو رواج هو ۽ قبيلي لاءِ نقصانڪار نه هو. جنگ جي زماني ۾ گهڻيون شاديون يقيناً رحمت هيون جو انهن سان اولاد وڌندو هو سماجي نظام کان اڳ قبائلي نظام ۾ مردن جو انگ عورتن جي انگ کان تمام گهٽ هو ۽ گهڻيون شاديون انهن حالتن جو منطقي نتيجو هيون، هڪ عورت مرد کانسواءِ رهڻ جي بدران مرد جي ڪجهه حصي تي ئي قناعت ڪندي هئي هڪ شادي قبائلي امن جو نتيجو آهي.

اچو تہ اخلاقي اضافيت جي ڪن مثالن جو تصور ڪيون. اوپر جو ماڻهو مٿو ڍڪي ۽ اولهہ جا ماڻهو مٿو اگهاڙو ڪري ڪنهن جو احترام ڪندا آهن. جپاني عورت (تي سگهي ٿو تہ اڄڪلهہ ائين نہ هجي) ڪنهن مزور جي اوگهڙ ڏانهن ڌيان نہ ڏيندي آهي پر ساڻس گڏ ڪپڙا ڌوئڻ ۾ ڪنهن بہ شرم ۽ حيا واري ڳالهہ نہ محسوس ڪندي آهي. عرب عورت لاءِ مُنهن تان پردو هٽائڻ ۽ چيني عورت لاءِ پير اگهاڙا ڪرڻ فحاشيءَ جي برابر آهي. انهن ٻنهي حالتن ۾ پردو تخيل ۽ خواهش کي اُڀاريندو هو ۽ انساني نسل لاءِ فائدي وارو هو. ملائيشيا جا ماڻهو پنهنجن بيمارن ۽ پوڙهن کي جيئري پوري ڇڏيندا هئا ۽ انهن کي ختم ڪرڻ ئي رحمدليءَ جو اظهار هو. لبوڪ جو چوڻ آهي تہ چين ۾ ڪنهن پوڙهي لاءِ ڪفن جو تحفو ئي مناسب تحفو سمجهيو ويندو هو. اڄ بہ سمجهيو وڃي ٿو خاص ڪري جڏهن هو بيمار هجي. سمر ٿو چئي تہ نيويرٽين جي پيٽ ۾ انساني گوشت ائين وڪامندو آهي جيئن اسان وٽ ڪاسائن جي دڪان تي جانورن جو گوشت، سلمان ٻيٽن مان گهٽ ۾ گهٽ ٻن چئن ٻيٽن ۾ ماڻهوءَ کي (خاص ڪري عورتن کي) دعوتن لاءِ سوئرن وانگر پاليندا آهن، اهڙا سوين مثال وڏي سولائيءَ سان گڏ ڪري سگهجن ٿا جن ۾ اهي ڳالهيون جيڪي اسان وٽ بداخلاقي سمجهيون وڃن ٿيون اهي ڪنهن زماني ۾ ڪنهن دور يا ڪنهن سرزمين تي سراسر اخلاق آهن، پراڻي زماني جي هڪ يوناني فلاسافر چيو هو تہ اوهان ڪنهن هنڌ جون مقدس ۽ اخلاقي رسمون گڏ ڪيو ۽ انهن مان اهي رسمون ڪڍي ڇڏيو جيڪي ڪنهن ٻئي سماج ۾ غيرمقدس آهن تہ پوءِ باقي ڪجهہ بہ نہ بچندو.

## 2۔ زراعتي اخلاقي نظام:

اخلاقي نظام بدلبا رهن ٿا سوال آهي تہ اها ڪهڙي طاقت آهي جيڪا انهن کي بدلائي ٿي؟ ڪهڙو سبب آهي تہ ڪن جڳهن تي سٺا سمجهڻ وارا عمل ٻئي دور يا ٻئي هنڌ خراب سمجهيا ويندا آهن. شايد زندگيءَ جي اقتصادي بنيادن ۾ تبديليءَ سان اخلاقي

تصورن ۾ بہ تبديلي ايندي آهي. تاريخ ۾ اهڙي قسم جا بہ انقلاب آيا آهن. هڪ شڪاري زندگيءَ مان زرعي زندگيءَ وارو انقلاب ۽ ٻيو زرعي زندگيءَ مان صنعتي زندگيءَ وارو انقلاب. انساني ارتقا ۾ هي بہ اهڙا انقلاب آهن جن تي ٻين واقعن جو دارومدار آهي. انهن ٻنهي انقلابن ڪانپوءِ وارن دورن ۾ اهو اخلاقي نظام جيڪو زندگيءَ جي پراڻي انداز ۽ اجتماعي ڀلائيءَ جو امين هو، بيڪار سمجهيو ويو ۽ نئين دور ۾ آهستي پر وڏي اٿل پٿل سان بدلبو رهيو.

گهڻو ڪري سيني نسلن جا مرد وحشي جانورن جو شڪار ڪري زنده رهندا هئا. جانور جو شڪار ڪري اُتي جو اُتي ان کي کُهندا هئا ۽ گهڻو ڪري ان جو ڪچو گوشت پيٽ ڀري کائيندا هئا. اقتصادي خوشحالي ۽ تحفظ واري تهذيب اجا وجود ۾ نہ آئي هئي ڊپ انسان جي بقا لاءِ لازمي هو ۽ وحشي انسان اڄ جي ڪتن وانگر کائيندو هو چاڪاڻ جو هن کي خطرو هوندو هو تہ ڪاڏو وري الائجي ڪڏهن ملي. خطرو ڊپ جي ماءُ آهي، جيئن ظلم ڊپ جو اولاد آهي. اسان جو ظلم، اسان جو حرص، اسان جو تشدد ۽ جنگ جو شوق انساني زندگيءَ جي شڪاري دور جون نشانيون آهن. هوٽل ۾ هن ماڻهوءَ کي ڏسو جيڪو بيري کي ٿو چئي تہ منهنجي لاءِ ڪو خاص ڪاڏو ڪٽي آءُ، اهو شڪاري دور جو ماڻهو آهي.

هر گناه ڪڏهن نيڪي هو ۽ شايد وري احترام جهڙو تي پوي جيئن نفرت جنگ ۾ احترام جهڙي تي پوندي آهي. ڪڏهن بقا لاءِ ظلم ۽ حرص لازمي هو، اڄ هرڪو اهڙي تصور تي ٺٺولي ٿو ڪري. ماڻهوءَ جو گناه هن جي زوال جي نہ پر ترقيءَ جي نشاني آهن، پيءُ، ماءُ، پاڙيسري ۽ نصيحتون ڪرڻ وارا اسان کي ننديندا ۽ اسان جي انڪري تعريف ڪندا آهن تہ جيئن اسان زماني سان هلي سگهون اهي اسان کي سڌاريندا آهن، جيئن اسان ڪُتي کي ڪير پياري ۽ ڏک هٽي سڌاريندا آهيون. اسان جي شخصيت جي انهن خصلتن کي ساراهيو ويندو آهي. جيڪي قدرت اسان کي فراخدليءَ سان عطا نہ ڪيون آهن ۽ سماج سان مطابقت پيدا نہ

ڪندڙ لاڙن ۽ خصلتن کي ختم ڪرڻ جو سلسلو اسڪول جي مار کان ڦاهيءَ تائين هلندو آهي. ڪنهن به انساني لاڙي جي تعريف يا مذمت ڪري ان کي فرد ۾ وڌايو يا گهٽايو ٿو وڃي. آمريڪا کي جيستائين ملڪي وسيلن جي ڪوجنا جي ضرورت هئي هن کي ٻاهرين حملي جو ڊپ نه هو. تيستائين اهو ملڪيت کي وڌائڻ جي رجحانن جي همت افزائي ۽ فوجي رجحانن جي مذمت ڪندو رهيو. هاڻي آمريڪا کي ملڪيت وڌائڻ جي ضرورت گهٽ آهي (چون ٿا ته) ٻاهرين طاقتن کان بچاءَ جي ضرورت وڌي آهي ۽ اُتي اڄ ڪنهن ڪروڙپتيءَ جي اڳ جهڙي عزت نٿي ڪئي وڃي ۽ نيويءَ جا اعليٰ عملدار وڏي شان سان ٿا گهمن. مال وانگر اخلاق به گهرج ۽ پورت جو معاملو آهي ۽ جيڪڏهن گهرج هڪ ميدان ۾ ٻئي ميدان .کان وڌيڪ سستيءَ سان پورت جو مواد پيدا ٿي ڪري ته اها انڪري جو انسان جو روح زمين کان وڌيڪ تيز ۽ سولائيءَ سان قبضي ۾ اچڻ جهڙو نه آهي. پر ان ۾ به قسمين قسمين ٻج پوکبا رهندا جن مان منو ۽ ڪڙو ميوو پيدا ٿيدو رهندو.

اسان کي خبر ڪانهي ته ڪڏهن ۽ ڪيئن زندگي ارتقا جون منزلون لتاڙي شڪاري دور کان زرعي دور تائين پهتي. پر اسان يقين سان چئي ٿا سگهون ته ان عظيم انقلاب نئين اخلاق جي ضرورت پيدا ڪئي ۽ ڪيترين پراڻيون چڱايون پرامن زراعتي زندگيءَ ۾ خرابيون ٿي پيون. محنت بهادريءَ کان وڌيڪ اهم، ڪفايت تشدد کان وڌيڪ ضروري ۽ امن جنگ کان وڌيڪ ڪارائتو ٿي پيو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته عورت جي سماجي حيثيت به بدلجي وئي. هوءَ شڪار کان وڌيڪ ٻنيءَ جي ڪم ڪار لاءِ ڪارائتي ٿي. هاڻي هوءَ گهر جا ڪيترا ڪم ڪري روزي ڪمائڻ واري عمل ۾ شريڪ ٿي سگهي ٿي. انهن ڪمن لاءِ نوڪرياڻي مهانگي ٿي پئي. شادي سستي هئي ۽ هرهڪ ٻارَ، جلد وڏو ٿي، پنهنجي کاڌ خوراڪ ۽ ڪپڙي لٽي جي خرچ کان وڌيڪ ٿي ڪمايو. ٻار وڏو ٿيڻ کان اڳ ماءُ پيءُ سان گڏ ٻنيءَ تي ڪم ٿي ڪيو. هن جي پڙهائي تي ڪجهه به خرچ نه ٿي ٿيو. ڇوڪرا ته خير.

چوڪريون بہ گهٽي پاڳي ڪارائتيون هيون. انڪري مامتا مقدس هئي. جم تي ضابطو غيراخلاقي هو ۽ وڏا خاندان خدا کي پسند هئا.

اهو زراعتي نظام هو جنهن ۾ اسان جي موروثي اخلاقي نظام جي اوسر ٿي. ٻنيءَ تي مرد جلدئي ذهني ۽ مالي لحاظ کان بالغ ٿي ويو ٿي ۽ ويهن ورهين جي عمر ۾ ئي زندگيءَ جي معاملن کي ائين سمجهڻ شروع ٿي ڪيو جيئن اڄڪلهہ چاليهن سالن جو ماڻهو، هن کي رڳو هڪ هر، هڪ مددگار ۽ موسمن جي تبديليءَ جو اندازو لڳائڻ واري ساڃهہ جي ضرورت هئي. هن کي جيئن ئي فطرت اشارو ڪندي هئي هو شادي ڪري ڇڏيندو هو ۽ جنسي لاڳاپن تي لڳايل پابندين کان بيزار نہ ٿيندو هو ۽ تيستائين ان نظام کي صحيح سمجهندو هو جيستائين ان جي پاڻ پيچڪڙي نہ ڪندو هو. عورت لاءِ پاڪائي ضروري هئي جو پاڪائي نہ هجڻ ڪري مامتا جي غيرمحفوظ هجڻ جو خطرو هو ۽ جڏهن مسيحت هڪ کان وڌيڪ شادي ڪرڻ ۽ طلاق تي پابندي وڌي، تڏهن ماڻهن ان کي انڪري صحيح سمجهيو جو هاريءَ جي زال جيڪي ٻار ٿي ڄڻيا انهن لاءِ ضروري هو تہ اُهي جوان ٿيڻ تائين ماءُ پيءُ سان گڏ رهن ۽ جيستائين آخري ٻار جوان ٿيندو هو تيستائين جسم ڍلو ٿي ويندو هو ۽ زال مڙس جو روح جو رشتو بہ قائم ٿي ويندو هو ۽ نواڻ جي خواهش بہ گهٽجي ويندي هئي.“ زراعت جي گهرجن تي ٻڌل عيسائيت جو اهو سخت اخلاقي نظام صحيح هو ۽ عمل ڪرڻ جهڙو هو ۽ وڏو فائدي وارو ثابت ٿيو، جنهن هڪ مضبوط نسل پيدا ڪيو ۽ هڪ صديءَ ۾ پوري ڪنڌ کي فتح ڪري ورتو. اخلاق هميشہ توقعات کان وڌيڪ گهُرَ ڪندو آهي تہ جيئن سندس ضرورت جي شيءِ ڪيس ملي وڃي.

پاڪائي، ننڍي عمر جي شادي، هڪ شادي کان وڌيڪ شادي نہ ڪرڻ ۽ طلاق کان منع ۽ گهڻو اولاد واري زرعي اخلاقي نظام ٽيرنهن سؤ سالن تائين يورپ ۾ ان جي بينڪن ۾ قائم رهيو. اهو نظام انڪري بہ سولائيءَ سان قائم رهي ٿي سگهيو جو ٻنيءَ تي

خاندان پيداوار جي ايڪائي هو. خاندان جا ماڻهو گڏجي ٻنيءَ تي ڪم ڪندا هئا ۽ ان جي پيداوار ڪائيندا هئا ايستائين جو جڏهن صنعت پيدا ٿي تہ اها گهرو صنعت هئي جنهن گهر کي هڪ نئون شعور، نيون مصروفيتون، نوان ڪم ۽ نئين اهميت ڏني. ڏينهن وارو ڪم ڪار ختم ٿيندو هو تہ هي خودمختيار جٿو شام جو ميز جي چوڌاري دائرو ٺائي ويهندو هو، رانديون ڪندو ۽ ڏورانهن ڏينهن بابت ڪتاب پڙهندو هو. هر وک تي هر واقعو ڀاءُ، پيءُ، ماءُ، ٻار، زال، مڙس جي وچ ۾ لاڳاپا قائم رکڻ جي مقدس سازش ۾ شريڪ هو. اهي چڱايون هيون مسيحي تهذيب جون!

## 3. صنعتي اخلاقي اصول:

اوچتو ڪارخانا ظاهر ٿيا ۽ مردن، عورتن ۽ ٻارن، گهر، خانداني ايڪي ۽ روايتن کي ڇڏي، پنهنجي ليکي، شخصيءَ طرح انهن عمارتن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو جيڪي رهڻ لاءِ نہ پر مشين جي حفاظت لاءِ ناهيون ويون هيون. شهر وڌڻ لڳا ۽ هر ڦار جو ڪم ڪرڻ وارا ڪارخانن ۾ چناپيٽيءَ واري ڪم ۾ لڳي ويا. نئين نئين ايجادن جي رفتار مزورن جي طبقي وانگر وڌڻ لڳي هر سال نيون مشينون تي ايجاد ٿيون ۽ زندگي وڏيڪ ڳتيل ۽ منجهيل ٿيندي تي وئي. ماڻهن جي ذهني اوسر زراعتي نظام جي پيٽ ۾ دير سان ٿيڻ لڳي. ان ڳتيل ۽ بدلجندڙ دنيا ۾ ويهن ورهين جي نوجوان جي ذهني حالت پراڻي دور جي چوڪري واري هئي، مردن، عورتن ۽ قومن جي باري ۾ هن جي غلط تصور کي ختم ٿيڻ ۾ اجا گهڻو عرصو گهربو هو. شايد چاليهن ورهين جي ڄمار ۾ هن کي ذهني پختگي تي حاصل ٿِي. جوانيءَ جو ڏؤر ڏکهو تي ويو، تعليم لاءِ ڏگهو عرصو گهربو هو تہ جيئن ذهن زندگيءَ جي نئين گهرجن مطابق ٿي سگهي.

زراعت کان صنعت ڏانهن تبديلي ماڻهن جي اخلاقي ڪردار تي اثر ڪرڻ شروع ڪيو. ماليءَ طرح پاڻ پرو ٿيڻ بہ گهڻو ڪري ذهني بلوغت سان گڏ تي حاصل ٿيو. رڳو هٿ جو پورهيو

ڪرڻ وارا ايڪويهن ورهين ۾ پنهنجي پيرن تي بيهي شادي ڪري تي سگهيا. انهن ڪان متاهين طبقي لاءِ مالي لحاظ ڪان پاڻ پرو تيڻ ڏکيو هو جو آرام ۽ فيشن جو معيار وڌندو تي ويو. اهو مسئلو خاص ڪري متاهن عهدن وارن لاءِ هو. تجارت ۽ صنعت ۾ اهڙا عنصر پيدا تيا جيڪي فردن جي پهچ ڪان باهر هئا ۽ جيڪي ماڻهن جي ڪمن تي اثرانداز تي تيا ۽ ڪنهن به وقت ڪانئن ڪم ڇڏائي سگهيا تي.

ماڻهو جنهن جو پهريان ڪڏهن به زندگيءَ جي گهرجن ۽ تڪليفن سان واسطو نہ پيو هو انهن سان هاڻي پهريون دفعو هن جو واسطو پيو. ڪارخانن جي وڌڻ سان هن پهريون دفعو عورت جي زندگيءَ جو پراڻو انداز بدلائيندي ڏٺو. جيڪڏهن هن شادي تي ڪئي تہ زرعي اخلاقي روايتن موجب ڪيس پنهنجي زال کي گهر جي چوديواريءَ ۾ قيد رکڻو هو پر هاڻي گهر جي اها اهميت ڪانہ رهي هئي. گهريلو عورت هڪ حسين ۽ بيڪار بوجهہ هئي. گهر جي سينگار جو هڪ ساهہ وارو تيڙ هئي. ان ڪان وڌيڪ هوءَ ڪجهہ نہ هئي، اهي سڀ ڪم جيڪي اڳ گهرن ۾ تيندا هئا هاڻي ڪارخاني ۾ تي رهيا هئا ۽ انهن جو معاوضو مرد جي ڪمائيءَ مان تي ادا تيو. جيڪڏهن بيڪاريءَ ڪان بچڻ لاءِ عورت ماءُ تي تِي تہ تڪليفون وڌي تي ويون. ڇاڪاڻ جو هاڻي ويم لاءِ ڊاڪٽرن، نرسن، اسپتالن ۽ اوزارن جي ضرورت هئي جيڪو مهانگو ڪم هو ۽ نئين دور جي عورت پنهنجن نانن ۽ ڏاڏن وانگر سولائيءَ سان ٻار ڄڻي نتي سگهي. جيڪڏهن هن وڌيڪ ٻار تي ڄڻيا تہ ڪيس وڌيڪ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو تي پيو ۽ هر ٻار مصيبت تي ثابت تيو. ٻارن کي وڏيءَ عمر تائين تعليم ڏيڻي تي پئي، گهر جي مسواڙ ۽ سفر خرچ تي وڌيو، تيئٽرن ۽ ناچ گهرن ۾ ٻارن سندن مزو ڦتائي تي ڇڏيو. هنن لاءِ نون ڪپڙن جي ضرورت تي پئي تہ جيئن ٻين ٻارن ڪان گهٽ نظر نہ اچن. ۽ وري جڏهن هو ڪمائڻ جهڙا تي تيا تہ غيرذميواريءَ واري زندگي گذارڻ لاءِ ڪين ڇڏي تي ويا، يا وري نوڪريءَ جي سانگي يا ڪارخانن ۽ واپار جي مرڪزن جي منجهڻ

جي ڪري سندن گهر سان تعلق ٽٽي ٿي ويو ائين جيئن ڪنهن بم جي ڦاٽڻ سان ان جا پرزا جدا ٿي ويندا آهن. انڪري شهر ۾ ماءُ تيڻ هڪ قسم جو غلام تيڻ جي برابر سمجهيو ٿي ويو. نسل لاءِ اهڙي قرباني ڏيڻ ڪي يا تہ ڪا سياڻي عورت ٿاريندي رهندي هئي يا وري ان جو موقعو اچڻ ئي ڪونہ ڏيندي هئي. جلدئي جم- روڪ عزت واري شيءِ ٿي پئي ۽ جم روڪ واريون شيون فلاسافيءَ جي مسئلن مان هڪ مسئلو ٿي پيون.

جم روڪ جي دوائن ۽ اوزارن جي عام ٿيڻ اسان جي اخلاق جي جلد بدلجڻ جو وڏو سبب آهي. پراڻي اخلاقي نظام مطابق جنسي تعلقات رڳو شاديءَ سان جائز هئا ڇاڪاڻ جو جنسي تعلقات سان ولديت ڳنڍيل هئي ۽ ولديت جي ذميواري رڳو شاديءَ سان ئي عائد ٿي ٿئي. پر هاڻي جنس ڪان ولديت جي جدا ٿيڻ سان اهڙيون حالتون ٿي ويون آهن جن جو اسان جا وڏا سوچي بہ نہ ٿي سگهيا. مرد ۽ عورت جا لاڳاپا رڳو ان هڪ سبب جي ڪري ئي بدلجي رهيا آهن. مستقبل جي اخلاقي نظام کي انهن سهولتن جو جائزو وٺڻو پوندو جيڪي پراڻي خواهشن جي پورائي لاءِ نئين ايجادن پيدا ڪيون آهن.

انهن سيني حالتن جي ڪري اسان جي اخلاق جي بدلجڻ ۾ دير سان شادي ڪرڻ جو وڏو سبب پيدا ٿيو. 1912ع ۾ پئرس ۾ شاديءَ جي سراسر عمر ٽيهہ ورهيہ هئي ۽ انگلستان ۾ چويهہ ورهيہ ۽ شايد تہ گذريل سترهن سالن ۾ شاديءَ جي سراسري عمر وڌي آهي ۽ ٻيا صنعتي ملڪ بہ ان واٽ تي ٿا هلن ڇاڪاڻ تہ فيشنن وانگر اسان جو اخلاق بہ پئرس مان ايندو آهي. دير سان شادي ڪرڻ جو رواج شهري سوسائٽيءَ جي انهن اعليٰ طبقن ۾ وڌيڪ ٿونظر اچي جيڪي سڀ ڪان وڌيڪ ٻارن کي سٺي ۽ اعليٰ ذهني ۽ جسماني تربيت ڏيئي سگهن ٿا. ڪيترا ماڻهو تہ ماڳهين شادي ئي ڪونہ ڪن، 1911ع ۾ انگلستان ۽ ويلز جي آبادي ٽي ڪروڙ سٺ لک هئي. انهن مان هڪ ڪروڙ بالغ هئا باقي ٻن ڪروڙن مان ستر لک اهڙا هئا جيڪي شاديءَ جي قيد ڪان آزاد

هئا. جيئن جيئن ڳوٺ گهٽجن ۽ شهر وڌن ٿا تيئن تيئن وڏيءَ عمر ۾ شاديءَ جو رواج وڌي ٿو. طوائف جيڪا ماڻهن کي محبت کان پري رکڻ جي سکيا ٿي ڏي ان جو پنهنجن شاگردن کي سکيا ڏيڻ وارو عرصو وڌندو ٿو وڃي.

وچولي طبقي جو مرد شاديءَ کي مصيبت سمجهڻ لڳو آهي، هن جي جنسي اُڃ اُجهائڻ لاءِ هزارين عورتون سندس واٽ نهاريندڙيون آهن، شادي ان کان وڌيڪ ٻيو ڏئي به ڇا ٿي سگهي، جڏهن کان گهر فليٽن ۾ بدليا آهن تڏهن کان ٻارن کي مصيبت سمجهيو ٿو وڃي. ڇڙا مرد پنهنجن دوستن کي ايڏي محنت ڪندو ڏسندا آهن جيڪا هو زالن جي آرام ۽ سندن هاجيڪار بيڪاري کي قائم رکڻ لاءِ ڪندا آهن ڇاڪاڻ ته سندن زالن جي اها آرام ۽ بيڪاريءَ واري زندگي سندن رتبي جي ضرورت هوندي آهي. کين حيرت ٿيندي آهي ته سندن دوستن کي ان بي مثال غلاميءَ ۾ آخر ڪهڙي مجبوريءَ ڦاسايو آهي. هو اهو به ڏسندا آهن ته وچولي طبقي جا ماءُ پيءُ پنهنجن ڌيئرن کي زندگي ۽ شرافت جي اعليٰ معيارن جي تعليم ڏيندا آهن ته جيئن انهن جي شادي ڪنهن امير گهراڻي ۾ ٿي سگهي ۽ هو حيران ٿيندا آهن ته محدود آمدنيءَ وارا اهي ماءُ پيءُ خانداني اميرن سان ڪيئن برابري ڪري سگهندا. هو پنهنجي ڪيسي تي نظر وجهندا آهن ۽ ڪجهه وقت لاءِ شاديءَ جو فيصلو ملتوي ڪري ڇڏيندا آهن.

شهر ۾ شاديءَ ۾ دير جو سبب جنس جي ترغيب ۽ ان جي پورائيءَ لاءِ هر سهولت جو موجود هجڻ آهي. جنسي بلوغت پهرين جيان هاڻي به جلدي ٿي اچي پر مالي خوشحالي دير سان ٿي ٿئي. خواهشن تي پابنديون زرعي اخلاقي نظام ۾ مناسب ٿي لڳيون پر صنعتي نظام ۾ غيرفطري ۽ ڏکيون ٿيون لڳن ڇاڪاڻ ته اڄڪلهه مرد ٽيهن سالن تائين شادي ڪري نٿو سگهي ۽ لازمي آهي ته جسم بغاوت ڪندو ۽ ماڻهوءَ جو پاڻ تي پراڻو وس نه هلندو، عصمت جيڪا زماني ۾ اخلاقي چڱائي سمجهي ويندي هئي هينئر ڪل جهڙي ٿي پئي آهي. حياءُ جيڪو حسن کي وڌيڪ حسين

ٻٽائيندو هو ختم ٿي ويو آهي. مرد پنهنجن گناهن جي نون نون نمونن تي ناز ٿو ڪري ۽ عورت پنهنجو پاڻ ۽ مرد لاءِ هڪ جهڙي معيار جي گهُر ٿي ڪري جنهن مطابق ٻنهي کي لامحدود جنسي آزادي ملڻ گهرجي. شاديءَ کان اڳ جنسي تجربو عام ڳالهه آهي. پيشي واري جنسي تحرڪ پيدا ڪندڙ عورتبازي، گهٽين مان ڏڪجي وئي آهي جنهن جو سبب پوليس جي سختي نه پر پيشه ور عورتن جو مقابلي ۾ اچڻ آهي. پراڻو زرعي نظام ذريون ذريون ٿي ويو آهي ۽ شهر جي واسين ماڻهن جي اعمالن کي ان معيار تي پرکڻ ڇڏي ڏنو آهي. ليبنٽز چيو هو ته ان مسئلي کي ته مرد کي شادي ڪرڻ گهرجي يا نه، حل ڪرڻ لاءِ پوري زندگي گهرجي ۽ ظاهر آهي ته اسان جا نوجوان هن سان متفق آهن. انهن مان ڪي گهڻي وقت تائين سوچيندا تا رهن ۽ ڇڙن واري بيزار ڪندڙ زندگي تا گذارن. هو پارڪن ۾، ٻئي درجي جي اخبارن مان حاصل ڪيل اطلاعن جي ذريعي، ٻئي درجي جي زندگي ڳولهيندا تا رهن ۽ ناچ گهر ۾ ڏٺل ٻي جان ۽ تڪل جنگهن واريون سڀ رقاصائون ڪين هڪ جهڙيون ٿيون لڳن ۽ نيٺ گناهن کان به بيزار ٿي تا پون. هڪ ڇڙي جي اهڙي زندگي جي ڀيٽ ۾ شاديءَ جون مصيبتون ٻڙيءَ برابر ٿيون محسوس ٿين. ڇڙي ماڻهوءَ جي اٽپوري هجڻ جو احساس ۽ ڪو قر ڏيڻ ڪانسواءِ ڳرندڙ سنڌ عضوي کان اهي ذميواريون ۽ مسئلا هزارين درجا سنا آهن.

ڇئي نتو سگهجي ته آخر ڪيسائين سماجي خرابين کي دير سان شاديءَ واري مسئلي سان ڳنڍيو ويندو. انهن خرابين مان ڪي اسان جي نواڻ ماڻڻ جي حرص جي پيداوار آهن، ڇاڪاڻ ته فطرت اسان کي هڪ زال لاءِ پيدا نه ڪيو آهي. انهن خرابين مان ڪن جي ذميواري انهن پرڻيل مردن تي به آهي جيڪي فتح ٿيل قلعي جي لڳاتار محاصري تي جنسي نواڻ کي ترجيح ڏيندا آهن. پر شايد انهن مان ڪيتريون خرابيون وڏي عرصي تائين شاديءَ ۾ دير ڪرڻ جي ڪري پيدا ٿينديون آهن ۽ شاديءَ کان پوءِ واري جنسي بي راهه روي شاديءَ کان اڳ وارن ڪارنامن جي ڪري به پيدا

ٿيندي آهي. اسان کي گهرجي ته اسين ان وڏنڊڙ صنعت کي حياتياتي ۽ اجتماعي سببن جي حوالي سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ ان کي انسانن جي دنيا ۾ نظرانداز نه ڪري سگهجڻ واري حقيقت سمجهي قبول ڪيون. هي ترقي ڪيل ذهنن جو فيشني رويو آهي. پر ان ڳالهه کي سڪون سان قبول ڪرڻ به شرم جهڙي ڳالهه آهي ته اڄ اٽڪل پنج لک ڇوڪريون جنسي بي راهه رويءَ جو شڪار آهن ۽ اسان جو ٿيٽر ۽ اسان جو ادب صنعتي ڏڦير ۾ قاتل شاديءَ جي صحتمند زندگيءَ کان اڻ واقف نوجوانن جي جنسي ناآسودگيءَ کي دولت ڪمائڻ جو وسيلو بنائي رهيو آهي.

تصوير جو ٻيو رُخ به ذري گهٽ اهڙوئي خراب آهي. هڪ باعصمت عورت هر ان مرد جي منتظر آهي جيڪو شاديءَ ۾ دير جي سبب بازاري عورتن جي سرپرستي ڪندو آهي. مرد دير سان شادي ڪرڻ واري دور ۾ هڪ سائنسي انتظام ۽ نئين ايجادن واري عالمي اداري جون خدمتون حاصل ڪندو آهي. ائين تو لڳي ته دنيا هن جي جذبن ۽ خواهشن جي پورائيءَ لاءِ هرممڪن طريقو ايجاد ڪيو آهي، پر ان ڇوڪريءَ کي جنهن کي ڏهن ورهين کان پوءِ هن سان شادي ڪرڻي پوندي آهي باعصمت رهڻو هوندو آهي ۽ پوءِ ئي هوءَ هن جي تجربيڪار ٻانهن جي پاڪر ۾ اچڻ لائق ٿيندي آهي (بالزڪ چيو هو ته هڪ عام گهوٽ ان باندر وانگر آهي جيڪو وائلن وڄائڻ جي ڪوشش ڪندو هجي). معاشري جو اهڙو بندوبست يقيناً انصاف تي ٻڌل نه آهي. ان جو سبب پڪ اهو آهي ته پراڻي زماني ۾ جڏهن عورتون نيلام ٿينديون هيون ته باعصمت ڇوڪريءَ جي قيمت وڌيڪ ملندي هئي. ان جو واسطو ان غير منصفاڻي اخلاقي معيار سان به آهي جيڪو عورت کان مڪمل وفاداريءَ جي گهر ٿو ڪري ته جيئن ملڪيت صالح وارثن جي هٿ اچي. پر عقل ان کي بلڪل ناانصافي ٿو سمجهي. اهو نظام هاڻي پڪ ٿورو وقت هلندو.

ان کان انڪار ڪري نٿو سگهجي ته بالغ ٿيڻ کان پوءِ جنسي لاڳاپن کان پاسو ڪرڻ غير فطري آهي. ۽ ان سان ڪيتريون

ذهني خرابيون ۽ جنسي بيماريون پيدا ٿينديون آهن، ان عمر ۾ جڏهن جسم ۽ ذهن هڪ حالت مان ٻي حالت ۾ ايندا آهن ۽ ٻنهي کي مڪمل صحت جي ضرورت هوندي آهي. هنن تي غير ضروري وزن پوندو آهي. جيڪڏهن ڪو اخلاق جو مبلغ شاديءَ کان اڳ جنسي لاڳاپن کي ننڌي ٿو تہ اها ڪا چڱي ڳالهہ ڪانهي. هن کي تيستائين ننڌڻ نہ گهرجي جيستائين هو انهن طاقتن جو مقابلو نہ ڪري جيڪي شاديءَ لاءِ دير جو سبب بڻجڻ ٿيون. اسان تيستائين اهڙا مطالبا ڪري نٿا سگهون جيستائين اسان اهڙيون حالتون نٿا پيدا ڪيون جن ۾ ڪنهن زماني ۾ اهڙا مطالبا صحيح هئا. هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ اسان ان مسئلي کي منهن ڏيون، يا تہ اسان شاديءَ کان اڳ جنسي تعلقات جي مڪمل آزادي ڏيئي ڇڏيون يا وري اسان شاديءَ جي جيڪا فطري عمر آهي ان ڏانهن موٽي اچون.

## 4۔ اسان جا بداخلاق بزرگ:

اها ڳالهہ عام آهي تہ نوجوان جنسي نواڻ ڳولهيندا آهن پر اهو لاڙو هر عمر جي ان مرد ۾ هوندو جنهن ۾ ٿورو بہ جنسي جذبو هجي. شاديءَ کي ملتوي ڪندو رهڻ وارن مردن ۽ عورتن سان شهر ڀرجي ويا آهن جيڪي جنسي نواڻ جي خارجي ترغيبن کي اولاد ۽ گهر جي ذميوارين جي جاءِ تا ڏين. اهي ماڻهو اڪيلا هوندا آهن، نائيٽ ڪلبن ۾ ويندا آهن ۽ نشي ۾ مدهوش ٿيندا آهن ۽ سهڻن حيوانن کان پاڻ لٽائي، محبت کي ڳولهيندا آهن. هنن جون اهي عادتون ڪيترن ماڻهن ۾ داخل ٿينديون ٿيون وڃن. هتي جنس ۾ نواڻ فيشن تي وئي آهي ۽ ڪوبہ مرد چئي نٿو سگهي تہ هو زال سان وفادار آهي يا شعور کي مدهوشيءَ تي ترجيح ٿو ڏي. جنس ۾ نواڻ طلبيندڙ اهي ماڻهو نوجوان نہ پر پڪي وهيءَ جا هوندا آهن. ۽ اهي پڪي وهيءَ وارا ئي هن زماني جي مزاج جا ذميوار آهن.

اخلاقي اٿل پٿل جو سبب، جيئن اسان ڏٺو، نئين دور جي طبقن ۾ شاديءَ ۾ دير ڪرڻ وارو رجحان آهي ۽ جيستائين ڪي

شخصي سبب نہ هجن شاديءَ ۾ دير ڪرڻ جي ذميواري نوجوان نسل تي نہ پر سندن پيءُ ماءُ جي ڪلهن تي وجهڻ گهرجي. نوجوانن جون خواهشون صحتمند آهن ۽ اهي جلدئي ڪين ڪاميابي ۽ بلوغت ڏانهن وني وجي سگهن ٿيون. پر محتاط پيءُ ۽ ساڙيل ماءُ، ڪاوڙ مان پٽ کان پڇندا آهن تہ تون ڪمائين ڇا ٿو جو محبت جي چريائپ ۾ ٿو ڦاسين؟ دولت ڪمائڻ جي سياڻپ وچولي طبقي جي ماءُ پيءُ جي بنيادي فلاسافي آهي. هو پنهنجون پراڻيون من مستيون وساري ڇڏيندا آهن ۽ ڪڏهن ناهن سوچيندا تہ جوان دلين ۾ بہ ڪي خواهشون ڌڙڪنديون هونديون جن کي پوڙهو دماغ سمجهي نٿو سگهي. ڏنو وڃي تہ اهو پوڙهو نسل آهي جيڪو بنيادي طرح بداخلاق آهي. ان نسل جا ماڻهو قوم يا نسل جي مفادن کان بي پرواهہ ٿي فطرت جي فطري تقاضن کي پورو ٿيڻ نہ ڏيندا آهن ۽ حقيقت ۾ سالن تائين جنسي بي ترتيبيءَ جي صلاح ڏيندا آهن جو ان کي ڪمياب شادي ۽ تندرست اولاد لاءِ تياريءَ واري منزل سمجهندا آهن. جن ماءُ پيءُ جو تجربو گهٽو هوندو آهي انهن کي خبر هوندي آهي تہ اجتماعي راحت ۽ صحت جي ڀيٽ ۾ مال ۽ دولت جي ڪا حيثيت ڪانهي ۽ هو فطرت جو ساٿ ڏيندي پنهنجي اولاد جي نوجوانيءَ ۾ ئي شادي ڪرائڻ جي قرباني ڏيندا آهن. جيستائين ائين ٿئي نٿو اسين چئي ٿا سگهون تہ نوجوانن جي بداخلاقيءَ جو سبب يڪي وهيءَ جي ماڻهن جي ڪاروباري ذهنيت آهي.

ڪير ٿو چئي سگهي تہ جوانن جي جنسي بي راهہ روي پڪيءَ وهيءَ وارن جي غير مضبوط شادين کان وڌيڪ خراب آهي. طلاق آهستي آهستي شاديءَ تي حاوي ٿيندي ٿي وڃي. 1921ع ۾ ڊينيور ۾ جدا ٿيڻ وارن جوڙن جو انگ شاديءَ وارن جوڙن جي برابر هو. ٽئن سالن ۾ طلاق ۽ شاديءَ ۾ سراسري فرق 25 سيڪڙو کان 50 سيڪڙو تي ويو. 1923ع ۾ شڪاگو ۾ 39000 شاديون ٿيون ۽ 13000 طلاق تي ختم ٿيون. 1924ع ۾ نيويارڪ

رياست ۾ شاديون 1922ع ۾ 446 سيڪڙو گهٽ تي ويون ۽ طلاق 842 سيڪڙو وڌي.

عدالتن شاديءَ جي ان قتلام جا جيڪي سبب ٻڌايا آهن اهي نهايت سطحي آهن. جيئن ظلم، بي پرواهي، مدهوشي وغيره. ائين ٿو لڳي ته طلاق جي عام ٿيڻ کان اڳ ماڻهن ۾ اهي عيب ڪونه هئا انهن سطحي سببن جي تهه ۾ ٻار ڄڻڻ کان نفرت آهي ۽ جنس ۾ نواڻ جو شوق جيڪو (حضرت) آدم وانگر پراڻو آهي. جديد زندگيءَ جي انفراديت، جنسي ترغيب جو عام ٿيڻ ۽ جنسي جذبي جي پورائي جو ڪاروبار جي حيثيت اختيار ڪرڻ، اصل سبب اهي آهن.

زندگيءَ جي ساٿيءَ جي حيثيت ۾ عورت جي ڪشش هن جو حسن آهي. مرد حسن جي چونڊ ڪندو آهي ۽ ڪنهن زماني ۾ حسن صحتمند اولاد جو ضامن هو، پر شادي هڪ مستقل تعلق آهي جڏهن ته حسن فاني آهي. ”حسن سدائين جي خوشي آهي“ واري ڳالهه ان ماڻهوءَ لاءِ صحيح نه آهي جيڪو هن سان شادي ٿو ڪري. جڏهن ته زندگيءَ جي ساٿي واري حيثيت ۾ مرد جي ڪشش هن جي شخصيت ۽ قوت ۾ آهي، پر هڪ وڏي ذهين شخصيت ۽ تمام گهڻي قوت جو اثر به زوريءَ واري ساٿ ۽ وفاداريءَ جي ٿورن ئي سالن ۾ گهٽجي ويندو آهي. مرد غير حاضر رهي پنهنجو پاڻ کي ان صورتحال کان بچائي وٺندو آهي ۽ عورت ٻار ڄڻڻ ۾ دير ڪرڻ ۽ دير سان شادي ڪرڻ ۽ پنهنجي ڳل جي حفاظت لاءِ اُهي ڪيميائي ليپ استعمال ڪري پنهنجي حسن جي حفاظت ڪرڻ سان پاڻ بچائيندي آهي. جن سان سائنسي زراعت وارا نخسا به پڄي نه سگهن. پر حقيقت هيءَ آهي ته شاديءَ جي قائم رهڻ لاءِ عورت لاءِ جنسي ڪشش کان وڌيڪ ٻار ڄڻڻ جي اهليت ضروري آهي. جنهن سان هن ۾ اهي خاصيتون پيدا ٿينديون آهن جن جو مرد سوچي به نٿو سگهي. هوءَ بدلبي آهي، وڌندي آهي ۽ هڪ نئون انڪشاف ٿي پوندي آهي ۽ پوءِ اهو پراڻو معجزو يعني ٻار هن کي هڪ نئون حسن ۽ نئين ڪشش ڏيندو آهي. ٻار نه هجي ته گهرَ رڳو

هڪ چوديواريون آهن جيڪي محبت جي لاش جي چوڌاري بيٺل هونديون آهن ۽ جلد ئي جتي هڪ خاندان هئڻ گهرجي اتي ٽڙيل پکڙيل افراد هوندا آهن.

## 5- خاندان:

خاندان سماجي ادارن مان سڀ کان وڏيڪ فطري ادارو آهي جيڪو نه رڳو جنسي ميلاپ پر ٻار پيدا ڪرڻ جي قدرتي لاڙن تي ٻڌل آهي. هي ادارو ايتري نه بنيادي حيثيت ٿو رکي جو ان کي اخلاقي فرض سمجهڻ ضروري نه آهي. ٻار پيدا ڪرڻ جي جبلت، لاڙن، ترغيبن ۽ خواهشن جو هڪ منجهيل معاملو آهي. شايد جنسي خواهش کي ان خواهش کان الڳ سمجهڻ گهرجي جنهن جو واسطو ٻار پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي نيپاج سان آهي. ڪي مرد ۽ ڪي ٿوريون عورتون پاڻ کي ٻار پيدا ڪرڻ کان آجو سمجهندا آهن. تمام گهڻ اهڙا مرد ۽ عورتون آهن جيڪي هڪ تڪليف ڏيندڙ ٻار کي به نعمت سمجهندا ۽ ساڻس محبت ڪندا آهن. هڪ تڏي جذبات وارو مفڪر به ٻارن سان پيار ڪندو آهي. ٻار جڏهن بيمار ٿيندو آهي ته هن جي پرگهور لهڻ جي ڪري هن سان پيار اجا وڌندو آهي جيئن ڪنهن مصور جي پنهنجي ان تصوير سان تيئن تيئن محبت وڌندي آهي جيئن جيئن اها سندس هٿن ۾ مڪمل ٿيندي ويندي آهي. ٻار بدصورت هوندو آهي ته رحمدل فطرت ماءُ پيءُ کي انڌو ڪري انهن جي تصور کي سندن حواسن تي حاوي ڪري ڇڏيندي آهي ۽ هنن کي پنهنجي ٻار ۾ بدصورتي نظر نه ايندي آهي، چوٽي آهي ته ”خدا مرض سان گڏ علاج به موڪليندو آهي.“ اها فطرت جي وڏي رحمت آهي جو اسان پاڻ کي ٻين جي اکين سان نه ڏسندا آهيون.

اولاد ماءُ پيءُ لاءِ نه، پر ماءُ پيءُ اولاد لاءِ زنده رهندا آهن ۽ ٻار جي بي وسي خاندان جو بنياد ۽ ان جي اهميت جو سبب هوندي آهي. خاندان انهن رسمن، هنرن، روايتن ۽ اخلاقن کي محفوظ ڪرڻ وارو ادارو آهي، جيڪو انساني ورثي جي جان ۽ اجتماعي

تنظيم جو نفسياتي بنياد آهي. ٻار هڪ قانون کي نہ مڃڻ واري مخلوق آهي، هو ڪنهن بہ رسم يا قانون جي پرواهہ نہ ڪندو آهي. هو فطريءَ طرح پابندي يا جهَل جي مخالفت ڪندو آهي پر خاندان، ٻين ٻارن ۽ پيءُ ماءُ وسيلي، ان ننڍڙي انفراديت پسند کي لالچ ۽ مار سان، تولن ۽ حڪمن سان هڪ اجتماعي فرد بڻائيندو آهي جيڪو سهڪار لاءِ راضي ٿي ويندو آهي ۽ ٿوري وقت لاءِ هڪ اشتراڪيءَ وانگر ورهاست ڪرڻ لاءِ بہ تيار ٿيندو آهي. خاندان پهريون سماجي ادارو آهي جنهن ۾ ٻار تعلقداري سکندو آهي ۽ هن جي اخلاقي اوسر جو راز ان ۾ لڪل آهي تہ هو ان تعلقداريءَ کي وسيع ڪري ايستائين جو هن کي پنهنجي وطن جون حدون بہ سوڙهيون محسوس ٿين. پر جڏهن ان مضبوط ۽ محفوظ چوديواريءَ کي ڇڏي هو ڇناپيتيءَ جي طوفان ۾ داخل ٿيندو آهي تہ ٿوري وقت کان پوءِ هن مان سهڪار جو جذبو ختم ٿي ويندو آهي. ڪي وچولي عمر جا ماڻهو جيڪي خوشحال آهن پر ناخوش ٿا رهن اهي اندر جو آرام ماڻڻ لاءِ پراڻي گهر جو رُخ ڪندا آهن جيڪي هِن هَڻ وَٺ جي سمنڊ ۾ سهڪاري ٻيٽ جي حيثيت رکندو آهي.

خاندن ئي اصل ۾ اخلاق ۽ پاڻ ڳنڍڻ وارو مرڪز آهي جيڪو پوءِ انسانيت جي مرڪز جي صورت تہ اختيار ڪري، ساري دنيا کي خبر آهي تہ خاندان جي اها مرڪزي حيثيت ختم ٿي وئي آهي ۽ اسان جون صنعتي آباديون هن غير مستحڪم دور مان لنگهي رهيون آهن ۽ اهي خاندان کي اخلاقي بنيادن کان ڌار ٿيون ڪن، ڇاڪاڻ تہ خاندان پنهنجي سياسي ۽ اقتصادي حيثيت وڃائي وينو آهي. صنعت گهر ۽ ٻنيءَ مان نڪري ڪارخاني ۽ چوواٽي تي اچي بيٺي آهي، فرد کي وِک وِک تي رولاڻڻ وارو پيشو ۽ سرمائي جي وهڪري يا قدرتي زخيرن جي ظاهر ٿيڻ جي ڪري مزوريءَ واري جاءِ بدلبي ٿي رهي، انهن سببن جي ڪري پيءُ ۽ پٽ وارا اهي تعلقات ٽٽي ويا آهن جيڪي گهر جي ايڪي ۾ اُسريا هئا. وڏي پيماني تي صنعت ۽ ان جي نتيجي ۾ رياست جي سخت مرڪزيت سان گهر جا بنياد ختم ٿي ويا آهن جن جو الزام نظرين تي مڙهيو

ٿو وڃي. خانداني وفاداري ۽ محبت جا چشما سُڪندا تا وڃن ۽ اهو جذباتي سرمايو وطن پرستيءَ ۾ لڳايو ٿو وڃي جيئن ماءُ پيءُ جا اختيار رياست جي وسيع ۽ اعليٰ طاقت جي آڏو ختم ٿيندا ٿا وڃن. هرهنڌ فطري انساني سهڪار جا رشتا ٽٽن ٿا ۽ انهن جي جاءِ امن ۽ قانون، نظرياتي تبليغ ۽ جبر جا خارجي ۽ مصنوعي بندڻ ٿا وٺندا وڃن ۽ اها اقتصادي ۽ سياسي فرديت نيٺ اخلاقي نفسانفسي ۾ ٿي ظاهر ٿئي جنهن جو نفعي جي جنگ ۾ ڪو مقابلو ڪونهي ۽ جيڪا انهن زمانن ۾ رونما ٿيندي آهي جڏهن وڏيون وڏيون تهذيبون فنا ٿي وينديون آهن.

**سبب:**

هاڻي اچو ته سببن جو مختصر جائزو وٺون، انهن تبديلين جو بنيادي سبب صنعتي انقلاب آهي جيڪو چڱائي يا خرابيءَ کان هٽي ڪري هرهڪ سماجي اٿل پٿل جو سبب هو. ڪارخانن جي نظام، شاديءَ ۾ دير ڪرائي فرد کي محفوظ ڪري ڇڏيو ۽ شاديءَ ۾ دير هڪ عجيب بي ترتيبي پيدا ڪئي ۽ هزارين ماڻهن کي شهري زندگيءَ ۾ جنسي طرح تحرڪ پيدا ڪندڙ ويجهڙائي ۾ آڻي ڇڏيو. هن عورت کي آزادي ڏياري ۽ شاديءَ کان اڳ حادثاتي طور تي ڪانئس جنسي تجربو ڪرايو. هن خاندان جي اخلاقي اثر کي ختم ڪيو ۽ محبت جي سخت اخلاق جي جاءِ تي لذت پرستي ۽ جنسي بي راهه رويءَ کي روشناس ڪرايو ۽ ڇم جي اوزارن جي ترقيءَ اهڙن واقعن کي هٽي ڏني.

جهڙي طرح نشاة الثانيه جي دولت ان آزادي، بي راهه روي ۽ فن جي ترقيءَ جو سبب ٿي اهڙيءَ طرح هيءَ اسان جي دور جي دولت آهي جنهن (ڪنهن ادبي بغاوت کان وڌيڪ) محبت جي سخت اخلاقي نظام جي جاءِ تي هڪ آزاد روح جي آزاد لذتن کي آزادي ڏيئي ڇڏي آهي. موڪل جو ڏينهن جيڪو هاڻي آرام، سڪون ۽ عبادت جو ڏينهن نه رهيو آهي پر رلڻ ۽ لامحدود لذتن جو ڏينهن ٿي ويو آهي. اسان جي بدلجندڙ اخلاق، اسان جي آزاد خيال

زندگيءَ جي هڪ ڪليل ثابتي آهي. مفلسيءَ ۾ نيڪ ٿيڻ سولو آهي ۽ جيڪڏهن خبر هجي تہ جيڪي ڪَرڻ تي دل ٿي هرڪي، اهو مهانگو آهي تہ ماڻهو اهو ڪم نہ ڪندو پر جي ڪيسا ڀريل هجن تہ ماڻهن جي گوڙ ۾ پاڻ لڪائي اسين هر حسين چهري ۾ خود فراموش ڪي ڳولهينداسين ۽ خود اعتماديءَ کان محروم پنهنجن دلين کي پنهنجي مردانگيءَ جي ثابتي ڏينداسين. اسان جي اڄ جي ناهہ نوهہ ۽ مزاج جي جديد عيش جي مقابلي ۾ اسان جي اخلاق جي تبليغ ڪرڻ وارن جي تبليغ اجائي آهي ڇاڪاڻ تہ اها اسان جي جذبات ۾ ازلي ۽ ابدي محرڪات تي بڌل آهي ۽ هاڻي ان کي تسڪين جا غيرمعمولي موقعا ملي ويا آهن. جيستائين اقتصادي حالتون صورتحال کي نہ ٿيون بدلائن، تيستائين نتيجو اهو ئي نڪرندو. جيستائين مشينون واندڪائيءَ جون گهڙيون ميسر ڪنديون رهنديون ۽ جسماني ڪم جي ذهني ڪم جاءِ وٺندو رهندو تيستائين اها قوت جيڪا جسماني محنت سان ختم ٿيندي هئي. رت کي گرمائيندي ۽ جنسي ترغيبون ائين ئي غيرمعمولي طريقي سان خواهشن کي اُڀاريندي رهنديون.

لذت جي ان نشاة الثانيہ مذهبي عقيدي تي حملي ۾ اسان جي توقع کان وڌيڪ ڊارون سان سهڪار ڪيو، نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ۾، جن وٽ دولت وڌي ۽ دولت جرائت پيدا ڪئي. انهن ڏٺو تہ مذهب هنن جي لذت ماڻڻ کي نندي ٿو تہ هنن سائنس ۾ مذهب کي ننڊڻ وارا هزارين سبب ڳولهي لڌا. شرافت جنس کي پڙدي ۾ رکيو ۽ ان کي نديو پر نفسيات ۽ ادب جنس کي ساري زندگيءَ تي پکيڙي ڇڏيو. مذهب جا پراڻا مفڪر ان ڳالهہ تي بحث ڪندا هئا تہ ڪنهن ڇوڪريءَ جو هٿ هٿ ۾ وٺڻ گناهہ آهي يا نہ ۽ اڄ اسان ٿا چئون تہ لذت جي اهڙي موقعي مان پورو پورو فائدو نہ وٺڻ گناهہ آهي. ماڻهو ايمان وڃائي وينا آهن. ۽ پراڻي زماني واري احتياط کان بي خوف تجربي کي ترجيح ٿا ڏين. اها سزا ان ڏوهہ جي آهي تہ اسان جي اخلاق کي فطرت کان مٿاهن عقيدن سان ڳنڍيو ويو هو. پراڻو اخلاقي نظام ڏپ تي بيٺل هو. هڪ هِتان جي

سزا جو ڊپ ۽ ٻيو جهنم جي سزا جو ڊپ. پر علم خوف لاءِ خطرناڪ آهي ۽ علم وڌندو ئو رهي. تعليم جي واڌاري سان پراڻو اخلاقي نظام هلي نه سگهيو. اسان جون غير متوازن زندگيون نئون اخلاقي نظام ٺيون گهرن، اهڙو نظام جنهن جو بنياد اسان جي فطرت ۽ هن دنيا جي قدرن تي ٻيٺل هجي نه جيئن اها تهذيب، جيڪا ديوتائين جي غائب ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي ليکي هيڏانهن هوڏانهن وکري وئي آهي؛ ان کي ڇوٽڪاري جي ڪا واٽ ملي.

زراعت ۽ مذهب سان گڏ اينگلو سيڪسن نسل جو به زوال ٿيو. مذهب جو تنزل انسان جي فطري خواهشن تي پابنديون وجهڻ سان نه ٿيو پر ان نسلي گروهن جي تنزل سان به ٿيو جن ان اخلاقي نظام کي اختيار ڪيو هو ۽ جيڪي هينئر اسان جي شهرن ۾ معمولي اقليت بنجي چڪا آهن. هڪ هجرت ۽ ٻيو نسل جي واڌاري ۾ فرق جي ڪري ادنيٰ اعليٰ تي ويا ۽ وڏن ماڻهن کان وڏائي کسجي وئي. آئرلينڊ، روس ۽ ڏکڻ يورپ جي غير نارڊ نسل جا ماڻهو، جيڪي اسان جي وڏن وڏن شهرن جي سياست تي حاوي آهن، ادب ۽ زندگيءَ ۾ پنهنجي بنان پابندين واري اخلاقي نظام جو روح ڦوڪي رهيا آهن. زندهه دل آئرش، گرم جوش اطالوي ۽ آرام طلب سليوَ کي اينگلو سيڪسن نسل جون گهريلو چڱايون پسند نه آيون. اسان جي ادب ۾ جيئن نيوانگلينڊ دور ختم ٿي ويو آهي ۽ پوءِ وارا مهاجر پنهنجي حقيقت پسند ۽ ياسيت واري فلاسافيءَ لاءِ نئين هيئت ۽ اسلوب وضع ڪرڻ جا تجربا ٿا ڪن ائين اسان جو اخلاق انتشار جي حالت ۾ آهي ۽ اسان جون اقليتون اسان جي ادب، ٿيٽر ۽ رياست تي قابض آهن. آمريڪا جي اخلاق پنهنجا نسلي ۽ اقتصادي بنياد مٽائي ڇڏيا آهن.

ان تبديليءَ جو آخري سبب پهرين عالمي جنگ هئي. ان جنگ سهڪار ۽ امن جي انهن روايتن کي ختم ڪري ڇڏيو جيڪي صنعت ۽ واپار سان وجود ۾ آيون هيون. هن جنگ ماڻهن ۾ وحشت ۽ وڳوڙ جي عادت وڌي. هزارين سپاهي جڏهن وطن وريا ته اخلاقي مرضن ۾ مبتلا ٿي چڪا هئا. ان جنگ ۾ ماڻهن

جي قتلام سان ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو قدر گهٽجي ويو، نفسياتي ڏوهارين جا جٿا پيدا ٿيا. ماڻهن جو مهربان تقدير ۾ ايمان هو پر جنگ ماڻهن جي ان ايمان کي ختم ڪيو ۽ ماڻهن جي ضمير کي مذهبي عقيدن جي جيڪا ٽيڪ مليل هئي اها ختم ڪري ڇڏي ۽ هڪ پورو نسل مايوسيت، انفراديت ۽ ڇڙواڳ بداخلاقيءَ ۾ مبتلا ٿي ويو. ملڪ هڪ ٻئي جا دشمن ٿي پيا. طبقاتي جنگ وري شروع ٿي. صنعت اجتماعي فائدي کي ذاتي فائدي تي قربان ڪرڻ شروع ڪيو. مرد شاديءَ جي ذميواريءَ کان پاسو ڪرڻ لڳا. عورتن کي هڪ اخلاق ڪش غلاميءَ ۾ ڌڪيو ويو ۽ نوجوان نئين آزادين وارين سائنسي ايجادن جي مدد سان جنسي لاڳاپن جي نتيجن کان محفوظ ٿي، آرٽ ۽ زندگيءَ جي لکين ترغيبن ۾ جڪڙجي ويا.

اهي آهن اسان جي اخلاقي تبديلين جا ڪي سبب. گهرن ۽ زمينن کان ڪارخانن ۽ شهرن ڏانهن جيڪا لڏپلاڻ ٿي ان کي ذهن ۾ رکي پوءِ اسان ان پُرجوش نسل کي سمجهي ٿا سگهون جيڪو اسان جي جاءِ وٺي رهيو آهي. هنن جي زندگي ۽ ان جا مسئلا نوان ۽ الڳ آهن. صنعتي انقلاب ان نسل کي شڪنجي ۾ پڪوڙيو آهي ۽ هنن جي رواجن، لباس، مذهب ۽ اخلاق کي بدلائي رهيو آهي. ان نسل کي پراڻي اخلاقي نظام جي زاويي کان جاچڻ ۽ پرکڻ اهڙي غير تاريخي ۽ غير منصفاڻي ڳالهه آهي جهڙي ان نسل جي نوجوانن کي پراڻي زماني جو لباس پارائڻ. اخلاق ۽ اخلاقي لفظن جا مطلب بدلجي رهيا آهن، انهن جا پراڻا مرڪز مٽجي ويا آهن ۽ نوان مرڪز اڃا تعمير نه ٿيا آهن. ڪنهن کي خبر ڪانهي ته انهن جو مطلب ڇا هئڻ گهرجي يا انهن کي ڪيئن نوان مطلب ڏنا وڃن ته جيئن صنعتي ۽ شهري دور ۾ انساني ڪردار کي سمجهي سگهجي.

اسان ٻن زمانن جي وچ ۾ بيٺا آهيون، هڪ مري چڪو آهي ۽ ٻيو اڃا پيدا نه ٿيو آهي. اسان جي تقدير هڪ نسل جو وڳوڙ آهي، اسان کي سقراط ۽ ڪنفيوشس وانگر ان ڳالهه جو شعور آهي ته ضبط ۽ خوف تي بيٺل اخلاق جي گرفت هاڻي ختم ٿي چڪي

آهي ۽ هاڻي اسان کي هڪ فطري اخلاقي نظام پيدا ڪرڻ گهرجي جنهن جو بنياد خوف نه پر ذهانت هجي ۽ جنهن جي ذريعي اسان پڙهيل طبقي کي قائل ڪري سگهون. اسان مان جن کي بار آهن انهن لاءِ اخلاق ۽ نفسيات جا هزارين سوال آهن جن جي جوابن لاءِ ڪوبه پراڻو نسخو ڪم نه ايندو. اسان مجبور آهيون ته سوچيون، پنهنجن عادتن ۽ مفروضن تي نڪته چيني ڪيون ۽ پنهنجي لاءِ زندگي ۽ سوچ جو هڪ اهڙو نظام تعمير ڪيون جيڪو اسان جي زماني جي گهرجن مطابق هجي. اسان پنهنجي ستارن جي آڌو ذري گهٽ اگهاڙا بيٺا آهيون، اسان کان فطرت کان متاهن عقيدن ۽ موروثي اخلاقي نظام جو لباس کسجي ويو آهي. هاڻي هرهڪ شيءِ جي نئين سر تعمير ٿيڻ گهرجي، اهڙيءَ طرح جڻ اسان اجا اوائلي دور ۾ آهيون ۽ اسان مجبور آهيون ته تهذيب جي نئين سر تعمير ڪيون.

اسان اهڙو اخلاقي نظام ڪٿان آڻيون جيڪو اسان جي زندگيءَ جي نئين حالتن مطابق هجي ۽ اسان کي وري زندگيءَ جي اعليٰ قدرن واري بلندين تي پهچائي جيئن پراڻي اخلاقي نظام ماڻهن کي شرافت، نجابت، حياءَ نيڪي، عزت، دلاوري ۽ محبت جهڙن اعليٰ قدرن تائين پهچايو هو اسان نيڪيءَ جي ڪهڙي نئين تشريح ڪيون ۽ اعليٰ سماجي اخلاق جا بنياد وجهون.

باب ڇهون

# اخلاق ۽ بداخلاقي

هاڻي اچو تہ پهرين ٿوري دير لاءِ ڏسون تہ اخلاق جي باري ۾ فلاسافر ڇا ٿا چون. پهرين تہ هنن جون چوٽيون اسان جي سوچ کي لوڏي ڇڏينديون پر پوءِ حالتن جي سيني رخن تي غور ڪرڻ سان اسان منجهيل حالتن مان نڪري ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهنداسين. شروعات ۾ ئي يورپي اخلاق جا باني فلاسافر يعني يونان جا سوفسطائي اسان کي ڪندن واري مرڪز ۾ ڦاسائي ٿا ڇڏين ڇاڪاڻ جو هنن جي فڪر جي آڏو نتشي جي فلاسافي بي جان ۽ ان جي حيثيت ٻئي درجي واري تي بيهي. هنن جي اڏ فلاسافي ٻہ هزار ورهيہ اڳ هن يورن وارن واري شريف حيوان جي جرمني فلاسافي تان چورايل آهي. افلاطون جي گورجيئز Gorges ۾ ڪيليڪلس Calicles ٿو چئي تہ ڪمزور ماڻهو طاقتور کي روڪڻ لاءِ هڪ رستو ڳولهيو آهي ۽ ان رستي جو نالو اخلاق آهي. ان اخلاق جو مقصد اهو آهي تہ هڪ غير معمولي ماڻهو کي عام انسان وارين پابندين ۾ جڪڙيل رکجي. هڪ داناءُ ماڻهو نيڪي ۽ بدي جي باري ۾ غير جانبداري ڏيکاريندو. هن جا مقصد اعليٰ هوندا جن کي ماڻڻ لاءِ هو طاقت، جرئت ۽ ڏانءُ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ اهي ئي هن جون اعليٰ خاصيتون هونديون. ٿريسيمڪس Thrasymchus ”رياست“ ۾ ساري دنيا کي ٻڌائڻ لاءِ اعلان ٿو ڪري تہ، طاقت نيڪي آهي ۽ انصاف رڳو طاقتورن جو مفاد آهي، جيڪو غير منصف آهي اهو انصاف پسندن جو آقا آهي ۽ انصاف پسند هميشہ نقصان ۾ رهندو آهي. اها ناانصافي شايد تہ ناڪام ٿيندي آهي جيڪا اعليٰ پيماني تي نہ ڪئي وڃي. هاڻي ڏسڻو آهي تہ نيڪيءَ تي اها تنقيد ڪيتري پراڻي آهي. ڇا اهو ٿي نٿو سگهي تہ نتشي واري فلاسافي فڪر جي پختگي واري زماني

جي نہ پر شباب جي زماني جي پيداوار هجي. سوفسطائيت آزادي جي ان سرمستي جي نمائنده آهي جيڪا يونان جي فلاسافي کي ان وقت نصيب ٿي جڏهن اُن ڪيترن ديوتائن کان نجات حاصل ڪئي ۽ روايتن جي زنجيرن کي ٽوڙيو. يونان جو پراڻو اخلاقي نظام ڪي قدر غير محفوظ حالت ۾ مذهب جي بنيادن تي بيٺل هو، ان انسان وانگر جنهن جون ڄنگهون هوا ۾ هجن. ان انڪشاف تہ اخلاق جا بنياد ڪمزور آهن اخلاق کي وڏو ڌڪ رسايو. ان عدم اخلاق جي حيثيت دهريت، ماديت ۽ جبريت وانگر جواني جي وقتي بغاوت واري هئي. اسان جو بہ ساڳيو حال آهي. اسان جڏهن ڏٺو تہ اسان جي ننڍپڻ وارو ظالم ديوتا حقيقي نہ پر سوچ جي پيداوار هو تہ جيئن اسان کي شيون چورائڻ ۽ پنهنجن استادن کي ڦاهو ڏيڻ کان روڪيو وڃي تہ اسان وقتي طور ان نتيجي تي پهتاسين ڇاڪاڻ تہ اهو ظالم ديوتا آهي ئي ڪونہ انڪري هن جنهن ڳالهہ کان بہ جهليو آهي اها ڪرڻ جائز آهي، چوري، قتل ۽ اغوا اعليٰ خوبيون آهن رڳو اهي صحيح طريقي ۽ پوليس جي راءِ جو احترام ڪندي ڪيون وڃن. جيئن دوستووسڪي جي ڪردار اِوَن چيو هو تہ جيڪڏهن خدا (معنيٰ تہ اهو پوائتو ديوتا) نہ آهي تہ پوءِ هر ڳالهہ جائز آهي رڳو احتياط ڪرڻ لازمي آهي. اخلاقيات جو مسئلو (يعني اخلاق جو عقلي مطالعو) هي آهي تہ نيڪ هجڻ ۽ محتاط رهڻ چڱو آهي جيڪڏهن ها تہ پوءِ ماڻهن کي کهڙيءَ طرح ان نيڪي ۽ احتياط ڏانهن مائل ڪري سگهجي ٿو؟

اخلاق جي فلاسافيءَ جي اوسر ۾ سقراط جو جيڪو اعليٰ رتبو آهي ان کي اسان ان سوفسطاني تنشيت جو پسمنظر سمجهي سگهون ٿا ڇا ڪاڻ جو سقراط ايٿنز کي ٻن خطرن ۾ ڦاٿل ڏٺو، هڪ جمهوري اڪثريت جي پراڻن عقيدن ڏانهن موٽ ۽ ٻيو اها بيباڪ انفراديت، جيڪا پراڻي مذهب کان مايوسيءَ جي بنيادن تي قائم هئي ۽ جنهن انتشار جو شڪار ٿيل ايٿنز کي اسپارٽا جي منظم رئيسيت آڏو بي وس بڻائي ڇڏيو هو. سقراط چيو تہ فلاسافي جو اهم ترين مسئلو هي آهي تہ فطرت کان متاهين اخلاق

جي جاءِ تي (جنهن کي فلاسافيءَ ختم ڪيو هو) فطري اخلاق کي ڪيئن آڻجي. اهڙو اخلاقي نظام مرتب ڪجي جيڪو مذهبي عقيدن کان آجو هجي. ڇاڪاڻ تہ مذهبي عقيدا ايندا ويندا رهن ٿا پر اهي اخلاقي رشتا نہ ٽٽن جيڪي جدا جدا ماڻهن کي امن واري دنيا جا شهري ٿا بڻائن. مثال جيڪڏهن نيڪيءَ جو مقصد ذهانت ۽ دانش هجي ۽ جيڪڏهن ماڻهن کي صحيح مفاد کان واقف ڪيو وڃي ۽ کين پنهنجن عملن جي ڏگهن نتيجن کي تصور ڪرڻ ۽ پنهنجن وڪريل خواهشن کي هڪ ڳنڍيل نظام ۾ آڻڻ جي تعليم ڏني وڃي تہ پوءِ شايد هڪ مهذب انسان کي اهو اخلاقي نظام حاصل ٿي وڃي جيڪو جاهلن لاءِ رڳو فطرت کان مٿاهين پابندين ۽ حڪومتي حڪمن جو نظام آهي. شايد گناهہ جهالت آهي ۽ نظر جي خامي آهي. ڇا تربيت ورتل ذهانت نيڪي نہ آهي جيڪا سماجي نظام کي قائم رکڻ لاءِ ڪافي آهي.

هن نظريي ۾ هڪ چالاڪ انفراديت لڪل آهي، جيڪا رئيسيت واري فلاسافيءَ جو لازمي جز آهي. سقراط جو خيال هو تہ هڪ نسل جي تربيت سان هڪ باوقار اعليٰ طبقو پيدا ڪري سگهجي ٿو. هن ڪڏهن بہ ان مسئلي جو حل نہ ٻڌايو تہ هڪ خراب فطرت واري انسان کي ذهانت وڌيڪ چالاڪي واري بدفطرتي سيکاري سگهي ٿي. انڪري پراڻو مسئلو ائين ئي قائم رهيو تہ ذهانت کي سماج تي حاوي ڪيو وڃي يا اخلاق کي ذهانت ۽ عقل کانسواءِ ڪنهن ٻئي بنياد تي بيهاريو وڃي. افلاطون ذهانت واري حل کي پسند ڪيو. هن چيو تہ ذهانت رڳو علم تي ئي حاوي نہ آهي پر انساني فطرت جي جدا جدا عنصرن جي فنڪاراڻي ترتيب ۽ نظام جو نالو آهي. اها ترتيب فرد ۾ هجي يا رياست ۾ اها هڪ مضبوط بنياد هئي. جنهن تي وڌيڪ اخلاقي تجسس جي عمارت تعمير ٿي سگهي ٿي. پر فلاسافي ان کي نظرانداز ڪري ڇڏيو ۽ يونان، پنهنجن اخلاقي معلمن هوندي بہ، وڪري ويو ۽ جڏهن عيسايت جو دور شروع ٿيو تہ دنيا هڪ اهڙي اخلاقي نظام لاءِ تيار هئي جنهن ۾ حياتي ۽ موت کان پوءِ جي ڊپ ۽ اميد جي ڪري

راست بازي رائج تي سگهي ۽ اهڙي طرح هڪ اهڙي اخلاقي نظام جي قائم ڪرڻ جو مسئلو جيڪو فطرت ڪان متاهين عقيدن ڪان بي نياز هجي، جيئن جو تيئن رهيو.

## فطري اخلاق:

فرانسس بيڪن جيئن ٻين ڪيترن مسئلن جي حل لاءِ اشارا ڏيندو رهيو آهي ايئن هن مسئلي لاءِ به اشارو ڏنو آهي. سندس ڪتاب ”علم جي ترقي“ غير مذهبي اخلاق جو خاڪو آهي. سندس چوڻ آهي تہ شين ۾ ٻن قسمن جا لاڙا موجود آهن. هڪ هي تہ شيءِ پنهنجو پاڻ ۾ ڪُل آهي (ان لاڙي کي اسين انفرادي جبلت تا چئون) ۽ ٻيو هي تہ شيءِ ڪُل جو جُزُ آهي (ان لاڙي کي اسين اجتماعي جبلت تا چئون) پهرين لاڙي کان وڌيڪ ٻيو لاڙو قابلِ احترام ۽ طاقتور آهي ڇاڪاڻ جو ان جو مقصد هڪ زياده وسيع ڪُل کي قائم رکڻ آهي، ان مان خبر پئي ٿي تہ بد اخلاقيءَ وانگر اخلاق بہ انساني فطرت جو جُزُ آهي. اسان ۾ پنهنجو پاڻ کي ۽ اجتماع کي قائم رکڻ جون جبلتون آهن. بيڪن چئي ٿو تہ اجتماع کي قائم رکڻ واري جبلت پنهنجو پاڻ کي قائم رکڻ واري جبلت کان وڌيڪ طاقتور آهي. جيڪڏهن اها ڳالهہ صحيح آهي تہ پوءِ اها واقعي اعليٰ آهي ۽ اسان کي فطري اخلاق جا بنياد ڳولهڻ لاءِ اها واٽ ونڻي پوندي.

ڊارون جي زماني ۾ بيڪن جي ٻـايل واٽ کي سائنسي جواز ملي ويو. پهريان لڳو ٿي تہ ڊارون جي نظريي جي اخلاقي معنيٰ نتشي جي فلاسفيءَ جي حمايت هئي. جيڪڏهن ارتقا، ”بقا لاءِ جدوجهد“ ۽ ”اعليٰ انسان جي بقا“ جو نالو آهي تہ پوءِ زندگيءَ جي هر ميدان ۾ اخلاق جو معيار اهوئي هوندو ۽ ڪامياب انسان ئي نيڪ انسان سمجهيو ويندو ۽ اهڙيءَ طرح هڪ دفعو وري طاقت ئي نيڪي ٿئي ٿي. هڪسلي ارتقا جي انهن نتيجن کان ڊڄي ويو. هن ٽينيسن جي ان ڳالهہ سان اتفاق ڪيو تہ فطرت (معنيٰ تہ فطرت جي چونڊ جو عمل) خونخوار ۽ سيني اخلاقي

قدرن جي دشمن آهي. ظاهريءَ طرح ارتقا جو اهوئي مطلب هو تہ طاقتور ڪمزور کي ختم ڪري ڇڏين (ڪارل پيئرسن جهڙن ارتقا پرستن اڳ ۾ ئي خيرات جي خطرناڪ اثرن خلاف احتجاج تي ڪيو) پر اخلاق جو مطلب تہ اهو آهي تہ طاقتور ڪمزور جي مدد ڪن. ارتقا جو مقصد هو تہ جيئڻ بہ تئي هر ممڪن طريقي سان ڪامياب ٿيڻ گهرجي، پر اخلاق تي چيو تہ ڪامياب ضرور ٿيڻ گهرجي ۽ انسانيت ۽ شرافت جي حدن ۾ رهي ڪاميابي ماڻڻ گهرجي. اخلاق جو مطلب امن ۽ ارتقا جو مطلب جنگ هو. هڪسلي ان نتيجي تي پهتو تہ سماج جي اخلاقي ترقيءَ جو مدار قدرت جي قانونن جي پيروي ڪرڻ ۾ نہ پر انهن جي خلاف جنگ ڪرڻ ۾ آهي.

هي هڪ خوفناڪ نظريو هو. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اخلاق فطرت جي خلاف آهي تہ ان جو انجام تباهي آهي. هڪسلي جي پنهنجي نظر ايتري صاف هئي جو هن پنهنجي نظريي جي ان نقطي کي ڏسي ورتو، هن چيو تہ فطرت جيڪا وڏي حد تائين اسان جي بقا لاءِ ضروري آهي ۽ اسان سان گڏ وجود ۾ آئي آهي. لکين سالن جي سخت تربيت جو نتيجو آهي ۽ اهو سوچڻ وڏي بيوقوفي ٿيندي تہ اسان ٻن صدين ۾ هن جي شدت ۽ انانيت کي اخلاقي مقصدن جي تابع ڪري سگهون، جيڪڏهن اخلاق ۽ فطرت بہ متضاد حقيقتون آهن تہ پوءِ اخلاقي مسئلي جو اهو حل طاقت ۽ مذهبي عقيدن کانسواءِ ماڻهن ۾ اخلاق پيدا ڪري سگهجي، ناممڪن آهي.

اهو نهنو ڊارون هو، جنهن ان مسئلي جي حل لاءِ واٽ ڏيکاري. فلاسفر هن جي ان واٽ کي ڏسي نہ سگهيا پر ڪروپاٽڪن Kropotkin ڏسي ورتو ۽ هن فلاسفرن کي ٻڌايو تہ تباه ڪار ڊارون جي "آدم جي ارتقا" ۾ هڪ اخلاقي نظام جو بنياد نظر اچي ٿو جيڪو مذهبي نہ پر سائنسي آهي. ارسطو ۽ بيڪن سچ چيو آهي تہ انسان ۾ فطري طور سماجي شعور آهي ڇاڪاڻ جو سماج اسان کان اڳ موجود هو ۽ اجتماعي شعور انسانيت ورثي ۾

حاصل ڪيو آهي ۽ سماجيت هن جي رت ۾ شامل آهي جيئن مقابلو ۽ قتل سندس رت ۾ شامل آهن. حيواني زندگي جي هيناهين سطح تي به اجتماعي تنظيم نظر اچي ٿي جيئن ڪيولين ۽ ماڪيءَ جي مکين ۾ اهڙو سهڪار آهي جيڪو ماڻهن ۾ به نہ آهي. اجتماعيت جي ارتقا ۾ باهرين خطري جي ڊپ انفرادي مقابلي تي پابنديون وڌيون. قدرت جي چونڊ وارو قانون فرد جي بدران اجتماعي زندگيءَ جو قانون ٿيندو ويو. هيٺا فرد پنهنجن همعصر ماڻهن جي اجتماعي لاڙن جيڪري محفوظ ٿي سگهيا ٿي، پر اسپين جهڙيون ڪمزور قومون، تزمانيئن Tasmanian جهڙا نسل ۽ مينهن جهڙا ڪمزور نسل جا جانور جنگن يا قبيلن جي جهيڙن ۾ ختم ٿي ويندا آهن. ارتقا هاڻي مادي نہ هئي پر اجتماعي ٿي وئي. بقا لاءِ انفرادي طاقت جي نہ پر اجتماعي اتحاد ۽ لياقت جي ضرورت هئي. اجتماعي تنظيم جي ڪري هاڻي جسماني طاقت جو نظام ضروري نہ هو جيڪو غير اجتماعي حيوانن کي حاصل هو چاڪاڻ جو هنن کي رڳو پنهنجي انفرادي طاقت ۽ چالاڪي تي ڀاڙڻو پوندو هو. ماڪيءَ جي مکين ۽ ڪيولين، جن ۾ اجتماعي تنظيم اعليٰ درجي تي پهتل هئي، انهن مان انفرادي هٿيار جيئن ڏند، چنبا ۽ تلهي کل وغيره ختم ٿي ويا، باهرين خطري ۽ مقابلي جي وڌڻ سان هڪ اجتماع جي فردن ۾، همدردي، دوستي ۽ سهڪار جهڙيون خاصيتون پيدا ٿيون. اهي ساديون خاصيتون، جن کي سهڪار جو دشمن تنشي زنانيون خاصيتون ٿو چئي. اصل ۾ اهي اجتماعي بقا لاءِ لازمي هيون. عجيب ڳالهہ اها ٿي تہ گروهن جي وچ ۾ مقابلو ۽ جهيڙو هرهڪ گروه جي اندروني ٻڌي ۽ سهڪار جو سبب بڻبو ۽ اهڙيءَ جنگ يا جنگ جي امڪان اخلاق جو بنياد وڌو.

حياتياتي طور ڏٺو وڃي تہ اخلاق جو فطري بنياد اهو آهي تہ جُز ڪُل سان سهڪار ڪري. هي اهڙو مڪمل نظريو آهي جنهن مطابق هر خواهش خواهشن جي نظام سان، هر فرد خاندان سان، هر خاندان رياست سان، هر رياست انسانيت سان ۽ انسانيت زندگيءَ

جي ارتقا سان سهڪار ڪري. جوانيءَ ڪي اسان اخلاق جي باغي نوجوان جي بغاوت سان تشريح ڪندا آهيون. اسان ذهانت ڪي ديوتا بڻائيندا آهيون ۽ اهو وساري ڇڏيندا آهيون تہ عقل خواهشن جو ٻانهو بہ ٿي سگهي ٿو جيڪو هر خراب عمل لاءِ وڪيل ڳولهڻ جو ڪم ڪندو آهي. اسان خوداعتمادي، بغاوت ۽ جرئت کي سُنو سمجهندا آهيون. اسان اڪيلائيءَ ۾ رهڻ واري ماڻهوءَ جا ڳڻ ڳائيندا آهيون ۽ ابسن وانگر سادي ۽ الڳ رهڻ واري ماڻهو لاءِ چوندا آهيون تہ اهڙو ماڻهو ڏاڍو مظبوط هوندو آهي. هي رويو خاندان جي گڏيل سماجيت جي خلاف هڪ صحتمند بغاوت آهي ۽ هڪ جوان ٿيندڙ ڇوڪريءَ جو پنهنجي بالغ هجڻ جو اعلان آهي ۽ پوءِ اسان ڏسندا آهيون تہ اجتماع جنهن کي اسان فرد جي اُبتڙ چوندا آهيون، فردن جو ئي مجموعو آهي جنهن ۾ هر فرد اسان وانگر ئي اهم آهي ۽ نيٺ اسان کي ميڄٹو پوندو آهي تہ اسان اخلاق کي فرد جي سانچي ۾ آڻي نٿا سگهون ۽ اسان کي اخلاق جو آخري معيار ڪل جي ڀلائيءَ کي ميڄٹو پوندو، جنهن سان اسان جُز جي ڪردار کي پرکي سگهنداسين.

جهڙيءَ طرح سٺي حڪومت اُها سمجهي ويندي آهي جيڪا گهٽ ۾ گهٽ حڪومت ڪري، اهڙيءَ طرح بهترين اخلاق اهو آهي جيڪو گهٽ ۾ گهٽ جهلي. آزادي زندگيءَ جي اعليٰ ترين نعمت آهي ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجن پاڙيسرين تي اخلاق ٿو مڙهي اهو انسانيت جو دشمن آهي. اسان ڏسي آيا آهيون تہ هر اخلاقي حڪم ڪيئن خطرناڪ هوندو آهي. ڪهڙيءَ طرح هڪ "بداخلاقي" اصل ۾ هڪ اخلاقي نظام مان ٻئي اخلاقي نظام ۾ بدلجڻ جي هڪ منزل ٿي سگهي ٿي. اسانکي انهن ماڻهن جي باري ۾ اخلاقي فيصلو ٻڌائڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي جن ۾ ذهني ۽ فني خاصيتون بين کان وڌ هونديون آهن. قدرت هنن کي بين کان جدا ڪري ڇڏيندي آهي تہ جيئن هو پنهنجي عمل، احساس ۽ فڪر لاءِ نوان رستا ڳولهن. هنن تي عوامي اخلاق مڙهڻ انهن جي پيدائش جي مقصد کي ختم ڪرڻ آهي. اسان کي ساڻن سخت اخلاقي رويو

اختيار ڪرڻ نہ گهرجي. پوپ پال ٽئين کي جڏهن چيو ويو تہ هو سيليني Cellini کي سندس قاتلانہ ارادن جي سزا ڏئي تہ هن جواب ڏنو تہ اوهان کي خبر هئڻ گهرجي تہ بينيوينوٽو Benvenuto جهڙا انسان جيڪي پنهنجي فن ۾ پڪا هوندا آهن قانون کان مٿاهان هوندا آهن. اسان کي گهرجي تہ اهي مراعتون جيڪي اسان ڪروڙپتين کي ڏيون ٿا پنهنجن فنڪارن کي بہ ڏيڻ گهرجن.

اسان هڪ ڏِنگي رستي کان پراڻي مانائتي رستي تي پهتا آهيون تہ اخلاق جو معيار اجتماعي پلائي آهي. پر اسان کي حياتياتي تصور مان اهو نتيجو نہ ڪڍڻ گهرجي تہ اسان جون جبلتون اسان جي عقل مطابق آهن. قدرت ماڪي جي ماناري، خاندان ۽ شڪاري دستن کانسواءِ، ڪنهن بہ اجتماع کي نہ مجيندي آهي. بيڪن، ڊارون ۽ ڪروپا ٽڪن وڏي اميد پرستي ڏيکاري هئي جو چيو هئائون تہ انسان ۾ پنهنجي حفاظت جي جبلت کان بہ وڌيڪ طاقتور اجتماعي تحفظ جي جبلت آهي. اها ڳالهہ خاندان جي حد تائين تہ شايد صحيح هجي جوان ۾ محبت ۽ تعريف کانسواءِ ٻئي ڪنهن باهرين محرڪ جي ضرورت ڪانہ هوندي آهي. ماڻهو جڏهن خاندان جي دائري کان ٻاهر ٿو اچي تڏهن اهي جبلتون ڪم ڪرڻ شروع ڪن ٿيون.

چڻا پيٽيءَ ۾ حصور ونڻ جي تعريف ٿيندي آهي انڪري اجتمائي جبلت کي اپارڻ جا محرڪ مذهب، اخبار ۽ بازارن ۽ چودڳن تي ڳُتل بت هوندا آهن. اسان سڀ کان وڌيڪ ڳڏ رهڻ واري مخلوق نہ آهيون. اسان جاندارن جي جهنگ واري انفراديت ۽ کيولين واري اجتماعيت جي وچ ۾ بيٺا آهيون. رڳو ايترو چئي ٿا سگهون تہ اجتماعي حالتون بقا جي سهڪار وڏڻ سان آهستي آهستي طاقتور ٿينديون وڃن ٿيون ۽ شايد ائين بہ ٿئي جو ڪجهہ وقت کانپوءِ اهي ماڻهو جيڪي ذاتي ملڪيت ۽ طاقت جا بُکيا آهن انهن ماڻهن جي ڪري ختم ٿي وڃن جن اجتماعيت ۾ ديانت سان ڪم ڪرڻ سکيو آهي. تڏهن اسان ڪنهن ٻئي هنڌ هونداسين.

رجعت پرست جيڪڏهن اخلاقي اصولن سان خوش آهن تہ پوءِ هنن کي انهن جي ڪن نقطن تي غور ڪرڻ گهرجي. ڪوبہ عمل تيستائين غير اخلاقي نہ آهي جيستائين اهو ٻين لاءِ تڪليف جو سبب نہ بڻجي. انڪري ڪن حالتن ۾ خودڪشي بہ گناهہ نہ آهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهن کي يقين هجي تہ موت هن لاءِ نعمت آهي، هن پنهنجي نسل جا فرض پورا ڪري ڇڏيا آهن، هن ڪنهن ساهہ واري کي محتاج ۽ مظلوم نہ بڻايو آهي تہ اهڙي حالت ۾ هن جي زندگي هن جي پنهنجي آهي ۽ هن کي حق آهي تہ ان سان هن کي جيڪو وڻي سو ڪري. ان حالت ۾ جيڪڏهن جبلت يا خوشي اسان کي سڏ ڪري تہ اهو سڏ اسان کي وراڻڻ گهرجي. ائين اسان هرگز گنهگار نہ ٿينداسين. ان لاءِ رڳو هڪ شرط آهي تہ اسانجي ائين ڪرڻ سان ڪنهن کي ڪو رنج نہ رسي ۽ اسان کي بہ ڪو ذهني يا جسماني نقصان نہ ٿئي جنهن جي ڪري اسانجي نسل کي صدمو رسي. گناهہ جو تصور نسل جي فائدي جي حوالي کان سواءِ بي معنيٰ آهي.

آخر ۾ اسان کي اهو سمجهي ڇڏڻ گهرجي، تہ سهڪار جيڪو اخلاق جي جان آهي اهو روحاني بلنديءَ سان ايترو پيدا نٿو ٿئي جيترو اقتصادي ضرورتن سان ٿو پيدا ٿئي. اهو گل زمين مان ئي ڦٽي ٿو. جيئن جيئن اقتصادي ۽ سماجي لاڳاپا وڌن ٿا تيئن تيئن اخلاق بہ وڌي ٿو. جُزَ کي پنهنجي بقا لاءِ ڪُل سان سهڪار ڪرڻو آهي جو دنيا ريلوي، پاڻيءَ جي جهازن ۽ هوائي جهازن سان ٻڌبي پئي وڃي. ڪنهن زماني ۾ گڏيل مفادن جدا جدا قبيلن کي ٻڌي قومن جي شڪل ڏني ۽ پوءِ قبائلي اخلاق بدمعاشن جو آخري مورچو ٿي ويو. آهستي آهستي واپار ۽ گڏيل مفاد جدا جدا قومن کي هڪ وڏي قوم جي مفادن ۾ ٻڌيو آهي ۽ بين الاقوامي اخلاق جو بنياد وڌو آهي. ساري دنيا ان ڳالهہ تي يڪراءِ ٿيندي ٿي وڃي تہ قوم پرستي ڪافي نہ آهي.

## اخلاق جو معيار:

هي آهي اسان جي اخلاق جو معيار جيڪو سيني هنڌن تي جتي ڪيتريون بہ بوليون چو نہ ڳالهائيبيون هجن اُتي هر وقت لاءِ صحيح آهي، پر مسئلي جو حل پاڻ مسئلو هوندو آهي. هتي بہ اسان جيئن ئي اخلاق جي ان تشريح تي پچون ٿا تہ اخلاق جُزَ جو ڪُل سان سهڪار آهي تہ سوين نوان سوال اڀيان ڪَرُ ٿا ڪٿن جن مان هڪ سوال اهو آهي تہ نيٺ ڪنهن سان سهڪار ڪيون؟ خاندان سان، رياست سان، انسانيت سان يا خود زندگيءَ سان ۽ جيڪڏهن اسانجون وفاداريون پاڻ ۾ ٽڪرائن تہ پوءِ اسانکي ڇا ڪرڻ گهرجي. ماڻهو جڏهن چاليهن ورهين جو ٿئي ٿو تڏهن هن لاءِ اخلاق خاندان سان محبت هوندو آهي. ائين نہ آهي تہ ان تي هو عمل ڪندو آهي جيڪڏهن ائين ڪندو هجي تہ پوءِ ڪنفيوشس جي چواڻي تہ ڪيس ڪنهن ٻئي اخلاق جي ضرورت ئي ڪانہ پوي. رياست جا اختيار وڌڻ سان خاندان جا اختيار گهٽيا آهن ۽ صنعتي دور جي انفراديت جي پيءُ ماءُ جي اختيارن ۽ خاندان جي قديم ڪردار کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. ان زماني ۾ هر خاندان پنهنجي پيرن تي بيٺو هو، پنهنجي خوراڪ پاڻ پيدا ڪندو هو. پنهنجا ڪپڙا پاڻ سبندو هو ۽ پاڻ ئي ريڍ اندين کي گوليون هڻندو هو ۽ ورلي ڪنهن ٻئي خاندان سان سندس واهپو ٿيندو هو. تڏهن خاندان جو اهو تصور ڪافي هو. مرد شفيق پيءُ ۽ عورت سني ماءُ هئي. اولاد فرمانبردار هو ۽ پيءُ جي اختيارن کي مڃيو ٿي. خاندان سماج جو ڪارائتو حصو هو ۽ پنهنجو پاڻ تي ٽي پاڙيو، جنهن جو مثال چين جو خانداني نظام آهي. تڏهن خاندان رياست جي وجود کي نظرانداز ڪري ٿي سگهيو پر اڄ جڏهن خاندان وکري ويو آهي تڏهن هر فرد رياست جي ٻين فردن سان اقتصادي ۽ اخلاقي ڳانڍاپڻ ۾ ٻڌجي ويو آهي. اهڙي حالت ۾ پراڻو اخلاق ڪئين ٿو قائم رهي سگهي. ڪو ماڻهو پنهنجن ٻارن تي مهربان آهي پر انهن ملازمن سان بيرحم ٿي سگهي ٿو جن کي هن ڏنو بہ نہ آهي. هڪ

ماڻهو ملڪ کي ٽڪن تي وڪڻي ٿو ڇڏي پر پنهنجي گهر واري ۽ ٻارن سان ڏاڍو سنو آهي. ڪو ماڻهو زال کي خوش ڪرڻ لاءِ گهوٻيون ٿو هڻي پر گرجا وڃي ٿو ته هن جي عزت ٿي ٿئي. انهن حالتن ۾ خانداني اخلاق ڪافي نه آهي.

انهن حالتن ۾ ڇا اسان رياست جي چنبي ۾ ايندا ٿا وڃون؟ اسان جو اعليٰ اخلاق اهو آهي ته اسان سياستدانن ۽ حڪومت جي اعليٰ عملدارن جي اطاعت ڪيون. پر اها ڪا ايڏي غلط ڳالهه به نه آهي. ڇاڪاڻ ته جيستائين ڪو بين الاقوامي نظام قائم نٿو ٿئي ۽ هر فرد انسانيت جي ڪُل جو جزو نٿو بڻجي تيستائين جيڪو نظام موجود آهي ان جي حفاظت ڪرڻ گهرجي. هن سياري تي جتي آبادي پکڙيي پئي وڃي اُتي هر طرف کان اعليٰ معيار جي اُجوري لاءِ ماڻهو ڪاهيندا ٿا اچن ۽ ناداريءَ کي ختم ڪرڻ جون سموريون ڪوششون ناڪام ٿيون ٿين. اها سني ڳالهه آهي ته هڪ گهٽ منظم اجتماع جي پيٽ ۾ هڪ وڏيڪ منظم اجتماع پنهنجي حفاظت ڪري جيئن ماڻهو حيوان کان پاڻ کي محفوظ ڪندو آهي ڇاڪاڻ ته ارتقا لاءِ ضروري آهي ته دنيا ۾ ڪٿي ته اهڙي زندگي گذارڻ جو اعليٰ انداز هجي جو ٻيا ان جي اهل ڪن. جيستائين صنعت ڪو بين الاقوامي ادارو قائم نٿي ڪري تيستائين رياست جي اطاعت فرد جو اخلاقي فرض آهي.

پر ان ننڍي اجتماع جو ضمير به اڃا پختو نه آهي. اسان وٽ صنعت ۽ سياست جو هڪ ته محبت ۽ شاديءَ جو ٻيو اخلاق آهي ۽ جيڪي ماڻهو جنسي ٻي راهه رويءَ کي ننڍن ٿا، تي سگهي ٿو ته اهي نفعي خور ۽ غدار هجن. اسان هڪ بداخلاق ڇوڪريءَ کي ڏسي ڏکي ويندا آهيون پر جيڪي اسانجو اخلاق خراب ٿا ڪن انهن کي جيل اماڻڻ جو اسين ڪونه سوچيندا آهيون. اسان ڪتابن کي سينسر ڪندا آهيون پر هٿيار ناهڻ وارن کي ڪجهه ڪونه چوندا آهيون جيڪي جنگيون ڪرائيندا آهن. اسان جا جيڪي غير جنسي مسئلا آهن، انهن مان جيڪو مسئلو سڀ کان وڏيڪ اسان جي ذهن تي حاوي آهي اهو هي آهي ته شراب ڪيئن حاصل ڪجي.

پر خراب قانون مان جيڪا لاقانونيت پيدا ٿي ٿئي ۽ جيڪا سوسائٽيءَ جي بنيادن کي لوڏي ٿي ڇڏي ان کي اسين مسئلو نٿا سمجهون. اها اسان جي ذهن جي نا پختگي آهي جو اسانجي دماغ ۾ شراب جون ڳالهيون آهن ۽ اسانجا وڏا مسئلا ڌيان نہ ڏيڻ جي ڪري رهجي ٿا وڃن.

اسانجو نظام تاريخ ۾ پهريون عظيم صنعتي نظام آهي. پر ڇا ان جي تنظيم، ان جي صنعتي تجارتي ۽ مالي رٿابندي ملڪ، قوم ۽ انسانيت جي مفادن مطابق آهي. اسان جڏهن چوندا آهيون تہ ڪاروبار ڪاروبار آهي تڏهن شايد اسانجو مطلب هوندو آهي تہ ڪاروبار ۾ اخلاق جي ڪا جاءِ ڪانهي، اسين اهو بہ چوڻ چاهيندا آهيون تہ اسانجو صنعتي عمل جيڪو وڏي پيماني تي مال تو پيدا ڪري، جنهن جو مالڪ غير حاضر ٿو رهي. جنهن ۾ ساه ٻوساٽڻ وارو ضابطو آهي ۽ جيڪو ذاتي مفاد لاءِ غير انساني ٿي پيو آهي. هڪ مشين آهي جيڪا سستو مال خريد ڪري مهانگو وڪڻندي آهي. جيڪا اسڪولن کي رنگروٽ ۽ سپاهي پيدا ڪرڻ واريون مشينون بڻائي ڇڏيندي آهي. جيڪا ملازمت لاءِ عورتن کي مردن ۽ ٻارن کي عورتن تي ترجيح ڏيندي آهي ۽ جيڪا قوم جي جسماني ۽ اخلاقي صحت خراب ڪندي آهي ۽ نفعو ڪمائيندي آهي. اقتصادي زندگيءَ جو اهو تصور مزورن ۾ بہ آهي تہ سرمائيدارن ۾ بہ آهي. مزور بہ پنهنجو ۽ پنهنجي طبقي جو فائدو سوچيندو آهي، ساري قوم جو فائدو ناهي سوچيندو. هر طبقي جو پنهنجو آدرش آهي جيڪو سياست ۽ تجارت ۾ دٻيل خواهشن جو عقل وارو لباس هوندو آهي.

ناسو وليم سينيئر Nassau william Senior چيو تہ اقتصاديات دولت جو علم آهي، ماڻهن جي ڀلائي جو علم نہ آهي جنهن جي معنيٰ تہ صنعت جو ڪم وڌ ۾ وڌ مال پيدا ڪرڻ آهي پوءِ کڻي ان جو سرمائيدار يا خريدار لاءِ نتيجو ڪهڙو بہ نڪري. پراڻو علم جيتوڻيڪ ڪارلائل کي نہ وڻندو هو پر سنو هو. ان کي هو سياسي اقتصاديات چوندو هو جنهن جي معنيٰ تہ ان زماني ۾ اها حقيقت

مجي ويندي هئي تہ اقتصاديات سياست سان لاڳاپيل آهي. تڏهن اسان کي اجازت هئي تہ اسان انساني حقن جي ڳالھہ ڪيون جيتوڻيڪ اهو لفظ اڄڪلهہ بدنام ٿي چڪو آهي. جنهن مان ظاهر ٿي ٿيو تہ فرد اجتماع کان ڪي مطالبا ڪري ٿي سگهيو جيڪي جيڪڏهن پورا ٿي وڃن تہ ساري قوم کي فائدو رسي. مثال جيڪڏهن ڪنهن ملڪ لاءِ زراعت ضروري آهي تہ اُتي هارين کي حق پهچي ٿو تہ هو حڪومت کان امداد گهرن. انگلستان ۾ اهو شعور پيدا ٿي رهيو آهي تہ جيڪڏهن صنعت مزورن لاءِ نقصان ڪار آهي تہ مزورن کي حق آهي تہ هو حڪومت کان پنهنجي حفاظت جي سامان جي گهر ڪن. جيڪڏهن ڪي عورتون پيشي جي نوعيت جي ڪري ٻار ڄڻڻ جي لائق نہ رهن تہ اهو عين اخلاق آهي تہ حڪومت سندن حفاظت ڪري. جيڪڏهن آمريڪا ۾ سرمائيدار اهڙا طريقا اختيار ڪن جن سان ٻيا ملڪ آمريڪا جا دشمن ٿي پون تہ پوءِ اسان کي اهو حق آهي تہ اسين انهن تي پابندي وجهون. اقتصادي حالتون هر قدم تي قوم جي تقدير ۽ اخلاق تي اثرانداز ٿيون ٿين.

افسوس ان ڳالھہ جو آهي تہ سماجي ڀلائي لاءِ صنعتن تي پابنديون وجهڻ جو اسان وٽ رڳو هڪ وسيلو آهي ۽ اهو آهي حڪومت. پر حڪومت ڪو ڀلائي جو ادارو نہ آهي اهو تہ عام نمائندن جو ميڙ آهي جيڪو هميشہ بدلجندو ٿو رهي. ڀلائيءَ جا ڪم ڪرڻ وارو چاهيندو آهي تہ حڪومت طاقتور هجي پر هو وساري ڇڏيندو آهي تہ طاقتور حڪومت معنيٰ طاقتور سياستدان. چڱو آهي تہ ماڻهو حڪومت جي مدد کانسواءِ پاڻ ۾ سهڪار جون خاصيتون پيدا ڪن. سرمائيدار ۽ مزور جي وچ ۾ فاصلي کي ختم ڪرڻ جون جيڪي ڪوششون پيون ٿين انهن ۾ شايد ضابطي ۽ سهڪار جي ڪا اميد لڪل هجي. ٿي سگهي تہ ماڻهو انفراديت کي وساري گڏجي ڪم ڪرڻ شروع ڪن ۽ ڪارندن ۽ منظمن جي مقرري جي ذميواري کڻن، ۽ نفعي ۽ نقصان ۾ هڪ جيترا شريڪ ٿين. اها تصوير اهڙي يقين نہ ڪرڻ جهڙي ٿي لڳي جهڙي موجوده

اُجاره داريءَ جي تصوير ان وقت لڳندي هئي جڏهن صنعتي دور جي شروعات ٿي هئي.

اسان جون هلتون خودغرضيءَ واريون آهن پر اسانجا ارادا، اسانجون اجتماعي ضرورتون، اسان کي سهڪار ڪرڻ تي مائل ڪنديون آهن. اڄڪلهہ جي صنعت پراڻي دور جي صنعتي نظام کان وڌيڪ همدرديءَ واري آهي. ڀلائيءَ جا ڪم اڄڪلهہ جي صنعت جو حصو ٿي ويا آهن ۽ صنعتون پنهنجي نفعي جو چڱو حصو اسپتالن، ڪاليجن، لئبريرن ۽ سائنسي تحقيق تي خرچ ٿيون ڪن. نيڪ ماڻهو اڄ بہ اسان ۾ پيدا ٿا ٿين. رحمدل ماڻهو هر قدم تي ملي ٿا وڃن. حيادار ڇوڪرين جي ڳولها ڪجي تہ ملي ٿيون وڃن. هزارين گهرن ۾ مائرون وڏي صبر سان وينيون آهن ۽ اخبارن ۾ ڏوهن جي خبرن سان گڏ نيڪي ۽ بهادريءَ جون خبرون بہ نظر مان گذرن ٿيون. ٻوڏ ٿي اچي تہ هزارين ماڻهو ٻوڏ جي ستايلن جي مدد لاءِ پُڄي ٿا وڃن ۽ سندن مالي امداد ٿا ڪن. هڪ ڏڪار جي ماريل قوم کي سندس دشمن بہ خوراڪ ٿا ڏين. سياح گم ٿا ٿين تہ ٻيا سياح کين ڳولهڻ ۾ پنهنجون جانيون ٿا ڏيئي ڇڏن، ماڻهوءَ ۾ نيڪيءَ جا جيڪي امڪان آهن انهن جو اڃا تائين اسان پوري طرح اندازو لڳائي نہ سگهيا آهيون. اسانجي انتشار ۽ اسانجي ڏوهن جي تهہ ۾ انساني روح جون فطري چڱايون موجود آهن. جڏهن اهو انتشار ختم ٿيندو ۽ هڪ نئون نظام جنم وٺندو تڏهن اسانجي فطرت جون چڱايون ظاهر ٿينديون.

## وسيع اخلاق:

هاڻي جڏهن اسان زندگيءَ کان پاسيرا ٿي ڳالهيون ٿا ڪيون تڏهن هڪ بين الاقوامي نظام، اسانجي ڏسي نہ سگهندڙ اکين جي اڳيان، اُيري رهيو آهي. نئون سرمايو ۽ نئون مالي نظام ان کي ناهي پيو. چاڪاڻ جو هاڻي هو چاهي ٿو تہ خريدار شاهوڪار ۽ خوشحال هجن. هاڻي مزور نہ پر سرمائيدار جنگ جي خلاف آهي. حڪومت جڏهن جنگ جو اعلان ڪري تڏهن ماڻهن جا جوشيلا

نعرا بڌو پر مال جي لسٽ ڏانهن بہ ڏسو. ڏسو تہ ڪيئن جنگ جي خبر بڌڻ سان مال جي چرپر بند تي وجي تي. اڳ ائين نہ ٿيندو هو پر اج ائين ٿئي پيو.

دنيا ان ڏينهن جي منتظر هئي. تجارتي مٽا سٽا ۽ هڪ ٻئي تي ڀاڙڻ رياستن کي هڪ ڪيو. هاڻي بين الاقواميت قائم ٿي ٿئي. جيئن اسانجا اعليٰ جذبا سگهاري جسم جي بنياد تي مضبوط هوندا آهن ائين اخلاقي ۽ سياسي ادارا بہ مضبوط سياسي ۽ اقتصادي بنيادن تي بيهاري سگهجن ٿا. جڏهن اسان هڪ بين الاقوامي اقتصادي نظام قائم ڪري وينداسين تہ پوءِ اسان بين الاقوامي سياسي نظام بہ قائم ڪري سگهنداسين ۽ اهڙيءَ طرح اسان کي بين الاقوامي اخلاق حاصل ٿي سگهندو. ضمير حڪومت جي پيروي ڪندو آهي، ضبط ۽ نظم ۾ ايرندو آهي ۽ ان جو عادي ٿي ويندو آهي. اج هڪ بين الاقوامي نظام پيو وجود ۾ اچي انڪري اج جيڪڏهن قومي مفاد انساني مفاد سان ٽڪرائجي تہ اسان کي ان حالت ۾ انسانيت جو ساٿ ڏيڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ اهوئي نيڪ زندگيءَ جو راز آهي، ڏاهپ جي اڳواٽي ۽ حقيقت جو سرچشمو آهي.

ان وسيع نظام کي حاصل ڪرڻ واري هر تجربي جي پنيرائي ٿيڻ گهرجي. سائنس کي ملڪ جي حدن مان ٻاهر نڪري پکڙجڻ گهرجي. روس جي ڪمزوري بزدلي ۽ غير مسلسل علحدگي، سندس بين الاقوامي لحاظ کان ناممڪن آئين جي باوجود، هن کي ليگ آف نيشنز ۾ داخل ٿيڻ ڏيون، ان کي پنهنجي سهڪار سان مضبوط بنايون ۽ پنهنجي علائقيت، پنهنجي نسلي برتري، اختيارن جي دوڙ ۽ ڪن بدمعاشن جي دنيا تي حڪومت ڪرڻ جي لڪل خواب کي ختم ڪيون. ميرابو ڪيڏي نہ سني ڳالهہ ڪئي آهي تہ ادنيٰ اخلاق، اعليٰ اخلاق جو دشمن هوندو آهي. جيستائين جنگ جو خطرو موجود آهي اسان پنهنجي ٻارن کي اخلاق جي تعليم ڏيئي نٿا سگهون، پر اسان جيڪي آزاد خيال

آهيون انهن کي کهڙي ڳالهہ تي جهلي تہ اسان وسيع اخلاق کي قبول ڪيون ۽ زندگيءَ سان وفاداري جو قول ڪيون.

آزاد خيال ماڻهن جي ذهنيت هنن کي هڪ ٽيڻ نٽي ڏي. آمريڪا جو بهترين وڪيل ڪليرنس ڊيرو Clarence Darrow کي ڊپ آهي تہ اهو آفاقي نظام آمريت ۾ بدلجي ويندو. هن جو چوڻ آهي تہ ملڪن جو هڪ ٻئي کان ڌار هجڻ ۽ ڪڏهن ڪڏهن ملڪن جي جنگ ماڻهن جي خيالن ۽ اعصابن تي حاوي ٿيڻ واري آمريت کان هزار دفعا بهتر آهي. اهو انديشو صحيح آهي پر جهڙيءَ طرح اسان بيئڪن کي متحد ڪرڻ ۾ اهو خطرو ڪنيو اهڙيءَ طرح اسان کي قومن کي متحد ڪرڻ ۾ بہ اهو خطرو ڪڻڻو پوندو، چاڪاڻ تہ هڪ ڏينهن جي جنگ ۾ نئي سائنس فوجن، شهرن ۽ زندگين کي تباه ڪري ڇڏيندي ۽ نظام، آزادي ۽ فڪر کي بربريت جي سطح تي آڻي بيهاريندي. آزاديءَ جو خطرو طاقتور ملڪن کي نہ، پر ڪمزور ملڪن کي هوندو آهي، ڪمزور ملڪ خطري ۾ هوندو آهي ۽ جلد ئي ان جي آزادي ختم ٿي ويندي آهي.

## جنس ۽ اخلاق:

اخلاق جي اها تشريح تہ اخلاق جُزَ جو ڪُل سان ڳانڊاپي جو نالو آهي انفراديت پرست کي نہ وڻندي. هو احتجاج طور چوندو تہ اخلاق ذهانت آهي. اناطول فرانس جي چوڻيءَ مطابق تہ رڳو صحت جي حفاظت اخلاق آهي. پر هڪ مجرم صحت جي سيني اصولن تي عمل ڪندي، منشيات وڪڻي دولت ٿو ڪمائي، هڪ صحت مند بدمعاش شادي جي بدران عياشي ٿو ڪري، ٻارن جي جاءِ تي ڪتا ٿو پالي ۽ قوم کي طاقتور بنائڻ جي بدران ان کي ڪمزور ٿو ڪري. ذهانت ان صورت ۾ ڪامياب ٿي ٿئي جڏهن اها ترقي ڪري مڪمل ٿئي ۽ ڏاهپ بڻجي. پر ذهانت جي اهڙيءَ ريت مڪمل ٿيڻ جو ڪيترو انتظار ڪبو. ماڻهو ڏاها ٿيڻ کان اڳ چوري يا خون ڪري مري ٿا وڃن.....نہ..... اسان کي نوجوانن کان شروعات ڪرڻ

گهرجي، صبر سان کين سهڪار جي سگهيا ڏجي. اسان کي نوجوانن جي احساسن ۽ عادتن ۾ سهڪار کي داخل ڪرڻو پوندو، تڏهن ان جو نتيجو ذهانت نڪرندو. سندن سوچ سموري سماج کي پنهنجي دائري ۾ آڻيندي ۽ صورتحال جو ادراڪ هنن ۾ وفاداري پيدا ڪندو. اسانجي نوجوانن کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويندي ته اجتماع جي حياتيءَ جو دارومدار صحيح نسل ۽ ٻارن جي صحيح پرورش تي آهي، انڪري اسانجي جنسي خواهشن کي اخلاق جون پابنديون سهڻيون پونديون. اسان پنهنجي بداخلاقيءَ کي برداشت ڪري تا سگهون. اسان هم جنس پرستي ۽ حيواني جنسي لاڳاپن کي ڏسي مرڪ سان انهن کي نئين اخلاقي منزل ڏانهن بنا رهبريءَ واري سفر جي منزل سمجهي نظرانداز ڪري تا سگهون، پر جيڪو اخلاق اجتماع کان بيپرواهي ڏيکاري، ان کي ڪڏهن به چڱو چئي نتا سگهون. اسان ڪنهن به اجتماع دشمن عمل کانپوءِ هڪ صاف ۽ مضبوط اخلاقي نظام جي ضرورت کي محسوس ڪندا آهيون. اسان اها زندگي چاهيون تا جنهن ۾ جسماني لذتن کانسواءِ ساٿ ۽ سهڪار جي خاموش خوشي به هجي، اسان تندرست نوجوان تيڻ گهرون تا پر ساڳئي وقت اسان سنا شهري به تيڻ گهرون تا. ڪو اهڙو طريقو هجي جنهن سان اسان اخلاقي انتشار ۽ ڇڙواڳيءَ کي تنظيم ۽ ضابطي جي شڪل ڏيئي سگهون. اسان کي تقريرن ۽ بحثن جي اثر جي باري ۾ وڌاءَ کان ڪم وٺڻ نه گهرجي. جنسي روين ۾ اسانجي سوچ سان تبديلي نه ايندي ۽ نه ڪي غلط رويا اسانجي دليلن سان ختم ٿيندا. اسانجو واسطو اقتصادي انقلاب جي غير احساساتي عمل سان آهي جيڪو اسانجي اخلاقي زندگيءَ کي متاثر تو ڪري ۽ جيڪڏهن اسانجي سوچ انهن لاڙن مطابق نه هوندي جيڪي تاريخ جو رُخ متائيندا آهن ته اسان پنهنجي نيڪ نيتيءَ جي باوجود تبديليءَ جي سيلاب ۾ اڪيلا ۽ بي اثر رهجي ويندا سين.

شين کي سمجهڻ جي خواهش اسان کي سک سان ويهڻ نہ ڏيندي. اسان کي ان اخلاقي تبديلي کان پاسيرو ٿي ان جو تجزيو ڪرڻ گهرجي. اسان کي اميد ڪرڻ گهرجي تہ هتي بہ علم، قوت ۽ نظر جي چٽائي شين کي گرفت ۾ آڻيندي، اسان الف بي کان شروع ڪيون ۽ عشق جي اُلي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون جيڪو اخلاقي پابندي کي ٽوڙي ٿو، فرد کي ختم ڪري نسل کي بقا ٿو بخشي. اچو تہ اسان جنسن جي ڪردارن جو مطالعو ڪيون تہ عورت ۽ مرد جي محبت ۽ نفرت جا جذبا ڪيئن اخلاقي مسئلا ٿا پيدا ڪن. اچو تہ عورت جي آزاديءَ کي ڏسون تہ هن جي اوچتي آزادي اسان جي زماني جي اخلاق ۽ انساني نسل جي مستقبل کي ڪهڙيءَ طرح متاثر ڪيو آهي اهڙيءَ طرح اسين شاديءَ جي ناڪامي ۽ ان جي سببن کي سمجهڻ لاءِ تيار هونداسين ۽ ان کي انساني خوشي ۽ اجتماعي فلاح جي مطابق بڻائڻ لاءِ ڪي ڪارائتيون تجويزون ڏيئي سگهنداسين. آخر ۾ اسان اخلاق کي زمين تي آڻي ٻارن جي تربيت ۽ سندن شخصيت جي اوسر تي غور ڪنداسين تہ جيئن ڳالهہ مڪمل ٿي سگهي.

باب ستون

# اسان عشق ڇو ٿا ڪيون

عشق ڪي هر ماڻهوءَ انساني تجربن ۾ سڀ کان دلچسپ تجربو مڃيو آهي پر حيرت آهي تہ ڪن ٿورن، اُن جي اصل ۽ ارتقا جو مطالعو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي. هن مان ادب جا حيرتناڪ واهہ وهي چڙيا آهن ۽ ڪيترن اديبن ان تي لکيو آهي. رزميہ شاعري، ڊراما، افسانا ۽ نهايت اعليٰ احساساتي شاعري، پر ان موضوع جو معروضي مطالعو تمام گهٽ ڪيو ويو آهي تہ فطرت ۾ هن جو سرچشمو ڪهڙو آهي ۽ هڪ ابتدائي جيوگهرڙي واري دور کان وٺي ڏانتي جي سپردگي، پيٽراڪ جي سرمستي ۽ هيلويز جي ايبيلارڊ سان وفاداريءَ تائين سندس ابتدائي مرحلا ڪيئن ۽ ڪهڙي نموني طي ٿيا آهن.

بيشڪ تہ مرد عورت کي حاصل ڪرڻ جي خواهش رکي ٿو. محبت جيڪا سج ۽ ٻين سيارن جي گردش جو سبب آهي روح کي مرڻ کان اڳ هڪ وقتي اعليٰ سرور سان روشناس ڪرائي ٿي، پرائين ڇو آهي. جيتوڻيڪ شاعري ثابت ڪيو آهي تہ محبت هر سيني ۾ سدائين جنم وٺي ٿي پر شاعري اهو ٻڌائي نہ سگهي آهي تہ محبت جي جواني جو لڪل سرچشمو ڪٿي آهي. آخر نوجوان ڇيروين اکين تي لهرائيندڙ زلفن کان ڇو ٿو متاثر ٿئي ۽ سندس ٻانهن تي آڱرين جي ڇهاءَ سان ڇرڪي ڇو ٿو پئي. چا ان ڪري تہ عورت حسين آهي، پر ڇا اهو صحيح نہ آهي تہ سونهن کي محبت جنم ٿي ڏي، جيئن سونهن محبت کي جنم ٿي ڏي. سوال اهو بہ آهي تہ ماڻهو محبت ڇو ٿو ڪري.

انساني زندگيءَ ۾ ان کان وڌيڪ ورلي ڪا عجيب ڳالهہ هوندي تہ مرد پوڙهي ٽيڻ تائين عورت جو پيڇو ٿو ڪري ۽ عورت بہ قبر تائين پيڇو ڪرائيندي ٿي رهي. انسان جي ڪردار ۾ ان کان وڌيڪ ٻي ڪابہ مستقل خوبي ڪانهي تہ مرد جي نظر هر

وقت عورت تي جميل تي هجي. مثال ڪنهن چالاڪ مرد ڪي ڏسبو تہ ظاهريءَ طرح هو اخبار پڙهندو هوندو پر اصل ۾ سندس نگاهہ پنهنجي شڪار يعني عورت تي ڪتل هوندي. سندس ڳالهيون بہ عورت واري بنيادي محور جي چوڌاري پيون گهمنديون. ايستائين جو سندس تحصيل ۽ تصور بہ ان جادوءَ واري ڪشش جي تابع ٿو رهي.

اچو تہ جلديءَ سان انهن سوالن جا جواب ڳولهيون جيڪي محبت ڪرڻ وارا ڪڏهن بہ پڇندا نہ آهن. اچو تہ ان باري ۾ اسٽينڊال، ايلس، مول، بولش، ڊي گورمن، فرائيڊ ۽ اسٽينلي هال جهڙين ذاهن جيڪي چيو آهي اهو ٻڌون، محبت جو تصور قائم ڪيون تہ جيئن اُن جي اهميت ۽ عمل جي خبر پوي. هاڻي اچو تہ ان وات تي هلون جنهن وات تان محبت آئي هئي.

## محبت جو حياتياتي تصور:

جيئن ٻڪ ۽ محبت ٻئي هڪ ٻئي پنيان فرد جي زندگيءَ ۾ پيدا ٿينديون آهن، ائين زندگي ڪاڏ خوراڪ ۽ ولديت جي دائري ۾ ٿي گهمي. ڪاد خوراڪ وسيلو آهي ولديت جو ۽ ولديت وري وسيلو آهي ڪاڏ خوراڪ جو. اسان خوراڪ ڪائون ٿا تہ جيئن زنده رهون، وڏا ٿيون، بار پيدا ڪري زندگي جي تڪميل ڪيون يعني تہ پنهنجي فاني جسم مان هڪ نئين زندگيءَ کي وجود ۾ آڻيون جنهن ۾ ڪائڻ ۽ بار پيدا ڪرڻ ۽ وڌڻ جي قوت هوندي ۽ جيڪا ڀهرين زندگيءَ کان وڌيڪ بهتر هوندي.

بيشڪ تہ اهو وڌڻ ويجهڻ وارو جذبو آهي جيڪو هڪ معمولي جيوگهرڙي کي ٻن حصن ۾ ورهائجڻ لاءِ مجبور ٿو ڪري ۽ جيڪو وڌڻ ويجهڻ جو شروعاتي عمل آهي. جيڪو گهرڙي جو مايو ان سطح کان تيزيءَ سان وڌي ٿو جتان ڪيس ڪاڌ خوراڪ مهيا ٿئي ٿي. ان تناسب کي برقرار رکڻ لاءِ هو ٻن حصن ۾ ورهائجي وڃي ٿو ۽ اها سطح ورڇ ذريعي وڌي ٿي سا ٻيهر هڪ نئين مايي جي صورت ۾ ظاهر ٿي ٿئي. ان سلسليوار جنم بابت وضاحت هڪ

نظريو آهي پر ورهائجڻ پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ حقيقت آهي. هڪ ننڍو ۽ انتهائي معمولي ساهوارو جيو بيڪٽيريا ايترو تہ جلدي پنهنجو پاڻ کي ورهائڻ ۾ جم جي طريقي کي مڪمل تو ڪري جو ان جو اندازو لڳائڻ ئي ڏکيو آهي. اميبا جو بنيادي مايو هڪ وڏي ڳجهي ۽ ڳوڙهي عمل ڪانپوءِ هڪ جسم مان ٻن جسمن جي شڪل ۾ ظاهر تو ٿئي. ان پوري عمل سان جيتوٽيڪ نسلي واڌ عمل ۾ اچي ٿي پر تڏهن بہ انهن ۾ جنسي فرق ڪونهي ۽ سمجهجي ٿو تہ انهن ۾ محبت ڪانهي.

هڪ ساهدار ۾ هڪ مان ٻن ۾ ورهائجڻ جي خصلت اصل ۾ قدرت پاران زندگيءَ جي تسلسل کي قائم رکڻ جو طريقو آهي جيڪو ماڻهن جي بقا سان بہ لاڳو ٿئي ٿو ۽ جيتوٽيڪ قدرت اهو ڪم هزارين پيچيدگين سان ڪري ٿي پر تڏهن بہ اها ان کي ڇڏي نٿي. هڪ جيوگهرڙي تي ٻڌل ساهدار ”پروتوزوئا“ Protozoa جو نسلي واڌرو ورهائجڻ سان ٿئي ٿو. هڪ ننڍڙو سلو بہ ذري گهٽ ساڳئي طريقي سان اُسري ٿو. هڪ ننڍڙو پاڻيءَ واتڙو Baby Hydra پنهنجي ئي ڪنهن وڏي مان وجود ۾ تو اچي ۽ ان ئي وجود تي پلجي جوان تو ٿئي ۽ ان ساڳئي وجود مان ڪاڌ خوراڪ حاصل ڪرڻ لاءِ مقابلو ڪري ڪنهن نہ ڪنهن هنڌ پنهنجي جاءِ ڳولهي تو وٺي. آخرڪار ان کان الڳ تي نيون پاڙون تو هڻي. ڪڏهن ڪڏهن شروعاتي ساهوارن (جنهن وول ووڪس Volvox) جا جيوگهرڙا هڪ چيڙهالي گرپ ۾ پوريل رهن ٿا ۽ وڌندي هڪ بينڪ جو بنياد وجهن ٿا جنهن ڪانپوءِ هڪ حيران ڪندڙ جدا جدا عمل شروع تو ٿي وڃي. ٻاهريان جيوگهرڙا خوراڪ حاصل ڪرڻ ۽ اندريان جيوگهرڙا نسل جي واڌ واري عمل ۾ مصروف ٿا رهن. پوءِ اها نو آبادي هڪ گڏيل سماجي تنظيم جي شڪل ۾ ظاهر ٿي ٿئي جنهن ۾ جدا جدا حصا هڪ ٻئي سان تعاون ڪندا ٿا رهن. ان مان ثابت ٿيو تہ زندگيءَ جي شروعات ۾ (يعني جيوگهرڙن ۾) ئي زندگيءَ جي مادي ۾ علحدگيءَ جو مثال ملي تو جنهن جي بنياد تي اڳتي

هلي ويزمن بيريئر Weismann barrier انسان جي نسلي ورثي جي اهميت واري نظريي جو بنياد رکيو.

جيتوٽيڪ اها ورچ ڪائناتي آهي پر تڏهن بہ ناڪافي آهي ۽ هڪ وقت اهڙو اچي ٿو جو ڪيترن نسلن ڪانپوءِ اهو شروعاتي جيوگهرڙو پروٽوزوئا (جنهن جي ڪيترا دفعا ورچ ٿي چڪي هوندي آهي) ان مسلسل عمل جي ڪري پنهنجي طاقت، جنهن سان نسل جي واڌ ٿئي ٿي، وڃائي ڇڏيندو آهي. پر ان موقعي تي هڪ ٻيو واقعو ٿيندو آهي. اهو هي تہ هڪ ئي قسم جا بہ ڪمزور ساهوارا پروٽوزوئا هڪ خاص قسم جو مادو هڪ ٻئي ڏانهن منتقل ڪندا رهندا آهن ۽ پوءِ هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويندا آهن. ان ملاپ ڪانپوءِ ٻئي طاقتور ٿي ويندا آهن ان کان پوءِ هڪ نئين قوت سان ورچ جو سلسلو شروع ٿي ويندو آهي. جيئن اسان انسانن ۾ يا ڪن انساني گروپن ۾ ٿيندو آهي جو جڏهن هو شادي ڪندا آهن تہ سگهارا ٿي ويندا آهن ۽ جڏهن نسل ملندا آهن تہ انهن ۾ هڪ نئين نواڻ اچي ويندي آهي ائين ننڍڙي ساهوارن پروٽوزوئا ۾ بہ ٿيندو آهي.

هي سادو ميلاپ ڪٿي ڪيترو بہ اهم ڇو نہ هجي پر هي ڪنهن بہ طرح ٻن متضاد جنسن جي ميلاپ جهڙو نہ آهي جيڪو تضاد محبت جو گل آهي. ڇا اسين انهن نهايت ننڍن ساهوارن ۾ اهڙو مثال ڳولهي سگهون ٿا؟ هڪڙو ننڍڙو جيوڙو 'پينڊورينا' آهي جنهن ۾ سورنهن جيوگهرڙا هوندا آهن، ان ۾ اهڙا مثال ملن ٿا. هنن ۾ موجود هر جيوگهڙو انهن چرندڙ پرندڙ جيوگهرڙن ۾ نٿو بدلجي پر ان جي ابتڙ ڪيترن ئي باريڪ ذرڙن ۾ ورهائجي ٿو وڃي جيڪي هڪ ٻئي سان ملن ٿا تہ هڪ نئون جيوگهرڙو پيدا ٿو ٿئي. هڪ ٻيو شروعاتي ساهوارو يوڊورينا جي نالي سان سڏبو آهي ان ۾ وري هر جيوگهرڙو ٻين هڪ ٻئي سان نہ ملندڙ ذرڙن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. ڪي وڏا ۽ سست تہ ڪي وري ننڍا ۽ چست. جيستائين اهو ننڍو ذرڙو وڏي ذرڙي ۾ داخل نٿو ٿئي تيستائين سندن نسل نٿو وڌي. يوڊورينا ۾ قدرت جنس کي ڳولهي لڌو.

ڪجهه وقت لاءِ فطرت هبڪندي رهي پر پوءِ وول ووڪس ۾ اسان ڪي ولديت جي پراڻي ۽ نئين طريقي جو ميلاپ نظر اچي ٿو. هڪ جيوگهرڙا روايتي طريقي سان وڌن ٿا پر ٻئي نسل جا جيوگهرڙا يوڊورينا وانگر هڪ ٻئي سان مشابهت نہ رکندڙ حصن ۾ ورهائجن ٿا ۽ هن نسل جا هڪ ٻئي سان مشابهت نہ رکندڙ حصا ملي ٽيون نسل پيدا ڪندا آهن. نيون شيون جيستائين پراڻن سانچن ۾ نہ وڌيون وجن تيستائين اهي مستقل طور قائم نہ ٿيون ٿي سگهن. اسانجا نوجوان اهو سبق تڏهن سکندا آهن جڏهن جواني کان موڪلائي چڪا هوندا آهن. اهڙيءَ طرح قدرت ارتقا جي جدا جدا مرحلن ۾ ٻن جنسن کي الڳ ڪيو ۽ انهن جي ميلاپ لاءِ محبت جو جذبو تخليق ڪيو.

ان حياتياتي نظريي مان محبت جي ڪهڙي اهميت واضح ٿئي ٿي. افلاطون جي سمپوزيئم ۾ ارسٽوفينز مشڪريءَ ۾ چئي ٿو تہ ڪو زمانو هو جو ٻئي جنسون هڪ جنس يعني مرد هيون پر مرد جي نيت خراب هجڻ جي ڪري خدا ڪيس ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو. هڪ اهڙي صوف وانگر جنهن جو آچار ناهڻ لاءِ ان کي ٻن حصن ۾ ڪٽبو آهي يا ڪڪڙ جي اوباريل بيضي وانگر جنهن کي ڪنهن وار سان ٻن حصن ۾ ورهائجي. اسان مان هر ماڻهو ان مرد جو اڌ حصو آهي جيڪو ٻئي اڌ جي ڳولها ڪندو ٿو رهي. ان مان اهو ظاهر ٿيو تہ مڪمل ٿيڻ جي خواهش ۽ تجسس جو ٻيو نالو محبت آهي. محبت جي تہ هي هڪ اعليٰ تشريح آهي جيڪا هڪ مدبر فلاسافر ادبي تمثيل ۾ ڪئي آهي ۽ ان تشريح کي آڏو رکي اسين چئي سگهون ٿا تہ ڪو اهڙو وقت هو جو ٻئي جنسون هڪ هيون، ٻنهي جو جسم هڪ هو، پر پوءِ قدرت کين ٻن حصن ۾ جدا ڪيو. اج هر حصو پاڻ کي اڌ پورو ٿو محسوس ڪري ۽ پنهنجي تڪميل ٿو چاهي.

پر ”محبت ڇا آهي؟“ سوال جو مٿيون جواب صوفياڻي نوع جو آهي جيڪو هڪ ننڍڙي جيوگهرڙي پروٽوزوئا ۾ هڪ عالماڻي سمجهہ جي موجودگي تصور ٿو ڪري. شايد تہ ڪن ساهوارن ۾ نر

واريون خاصيتون پيدا ٿيون ته انهن مان ڪي ٿورا پنهنجي بهتر اڏ جي ڳولها ڪرڻ لڳا ۽ تحقيق بڌائي ٿي ته جيڪي ان ڳولها ۾ رڌل رهيا اهي ئي نئين نسل جا پيءُ ماءُ ٿيا. اهڙيءَ طرح هر نسل ۾ فقط اهي عاشق يعني ڳولهائو ساهوارا پنهنجي باقي اڏ ڪي ڳولهي لهڻ جي طريقه ڪار ڪي طئہ ڪندا رهيا. پر اهي ساهوارا جن پنهنجي اندر ۾ اها طلب محسوس نہ ڪئي يا ايڏي شدت سان محسوس نہ ڪئي سي نسل پيدا ڪري نہ سگهيا. انڪري اها طلب ۽ ولوڙ هر نسل سان مضبوط ٿيندي وڃي ٿي ۽ اهڙي طرح اها فنا کان وڏيڪ طاقتور جذبو ٿيندي وئي ۽ پنهنجي مسلسل وڌندڙ قوت جي جوش ۾ موت کي ڌوڪو ڏيندي هئي. شايد..... ۽ شايد اهوئي رستو آهي جنهن تان محبت اسان تائين پهتي آهي.

## محبت جو جسماني بنياد:

هيستائين اسان حياتيءَ جي تسلسل جي حوالي سان محبت جي ارتقا جي باري ۾ ڳالهيون ڪيون هاڻي اچو ته ان کي هڪ فرد ۾ اُسرندو ڏسون. ارسطو چيو ته جيڪڏهن ڪنهن شيءِ کي سمجهڻ گهرو ٿا ته ان جي شروعات ۽ اوسر جو مشاهدو ڪيو.

ڇا ٻارن ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ آهي جيڪا جوانيءَ واري محبت جي جذبي جهڙي هجي. فرائڊ ان جو وڏي اعتماد سان هاڪاري جواب ڏنو ۽ ٻار جي آڱوٺي چوسڻ ۽ ٿڃ ڌائڻ جي جنسي امڪانن تي پنهنجي نفسيات جي عمارت کڙي ڪئي. پر جڏهن حقيقتن کي نظرين کان ڌار ٿو ڪجي تہ پوءِ اهي نهايت ننڍڙا ٿا ٿي وڃن. ڊاڪٽر واٽسن ۽ سندس ساٿين سوين ٻارن کي ڪيتري وقت تائين مشاهدي ۾ رکيو پر هنن کي انهن ٻارن ۾ ڪنهن بہ قسم جي جنسي عمل جو نشان نظر نہ آيو. پر بهرحال ٿوري وقت کانپوءِ ٻار ۾ مخالف جنس جو شعور پيدا ٿئي ٿو ۽ هن ۾ ۽ مخالف ڌر ۾ جيڪي جسماني تفاوت آهي ان لاءِ هو تجسس ڏيکاري ٿو. انهن کي لڪائڻ جي ڪري سندس تجسس اجا وڌي ٿو. اهڙيءَ طرح

هرهڪ جنس ٻئي لاءِ راز تي پوي ٿي ۽ ٻنهي ۾ هڪ حجاب واري ڪشش پيدا ٿئي ٿي. پر جيڪڏهن بلوغت کان اڳ محبت پيدا ٿي پوي ته پوءِ اها والدين سان عشق يعني Oedipus Complex جي صورت اختيار ٿي ڪري جنهن ۾ ڇوڪريءَ ۾ ماءُ ۽ ڇوڪري ۾ پيءُ لاءِ ڪشش پيدا ٿئي ٿي. پر اها محبت ڪا اهڙي خطرناڪ ناهي جهڙو فرائڊ اُن کي پيش ڪيو آهي. ان کي ڪنهن به طرح ڪو نفسياتي مونجهارو سمجهي نٿو سگهجي ڇاڪاڻ ته اها ڪشش، نه ته غير شعوري آهي ۽ نه ئي ڪا بيماري آهي. پر اهڙيءَ طرح قدرت هڪ ٻار کي آئيندي جي صحتمند محبت لاءِ تيار ڪندي آهي. پر جيڪڏهن معاملو ان جي ابتڙ هجي ۽ پٽ پيءُ سان ۽ ڌيءَ ماءُ سان محبت ڪرڻ لڳي ته پوءِ نفسيات جي ماهرن کي تورو هوشيار ٿيڻ گهرجي جو اها جواني آهي جنهن ۾ محبت ڀهريون ڇڻو گيت ڳائيندي آهي. جواني: جي معنيٰ آهي جسم تي وار نڪرڻ، خاص ڪري سيني جا وار جن لاءِ هو بربريت وارو فخر ڪندو آهي. منهن ۽ ڪاڏيءَ جا وار هو سسي فس واري صبر سان ڪوڙيندو آهي. ايئن ٿو لڳي ته ٻت جي وارن جو انحصار مرد جي توليد واري طاقت تي هوندو آهي. ٻت تي وارن سان گڏ مرد ۾ ٻي تبديلي اها ايندي آهي ته هن جو آواز ڳرو ٿي ويندو آهي، انهن سيني جسماني تبديلين کي ٻئي درجي جون جنسي خاصيتون چيو ويو آهي. هن جي پيٽ ۾ وري ڇوڪريءَ جي جسم تي اهڙيون گولائيون اُڀرنديون آهن جيڪي اکين کي هرڪائيندڙيون آهن. هن جا ٻُنڊڻ به وڏندا آهن ته جيئن ويم ۾ ڪيس سهولت ٿئي ۽ سندس سيني ۾ به واڌ ايندي آهي ته جيئن ٻار کي کير ڏائڻ ۾ سولائي ٿئي.

انهن ٻئي درجي جي جنسي خاصيتن جي پيدا ٿيڻ جو سبب ڪهڙو آهي. تنهن بابت ڪو پتو ڪونه ٿي پيو، پر پوءِ پروفيسر اسٽارلنگ خيال ڏيکاريو ته جوانيءَ ۾ نه رڳو ٻوڪجڻ ۽ ڦرجڻ جي صلاحيت پيدا ٿي ٿئي پر رت اندر هارمونز به پيدا ٿا ٿين ۽ رت ۾ داخل ٿي جسماني ۽ نفسياتي تبديليون ٿا آڻين جن سان جسم کي

طاقت ملڻ سان گڏ ذهن بہ هزارين طريقن سان متاثر ٿو ٿئي. رومين رولان جو چوڻ آهي تہ زندگيءَ ۾ اهڙا مرحلا بہ اچن ٿا جن ۾ مرد جي اندر وڏيون جسماني تبديليون ٿيون اچن. ساڳيو حال عورت جو آهي. جوانيءَ جي آمد سپ کان وڏو انقلاب آهي.

انسان جي جسم ۽ روح ۾ نون احساسن جو سيلاب ايندو آهي. تجسس ماڻهوءَ کي اڳتي ڌڪيندو آهي ۽ حياءُ کيس روڪيندو آهي. نوجوان، ڇوڪرين جي محفل ۾، عجيب محسوس ڪندا آهن ۽ ڇوڪريون شرمائڻ سکي ويندڀون آهن . ٻي عمل ٻار يڪدم هوشيار ٿي سگهندا آهن. جيڪي ٻهريان ڇئي ۾ هوندا هئا اهي ٻي ڇپا ٿي پوندا آهن، پنهنجن خيالن ۾ ٻڏي وڃڻ جا دورا پوندا آهن. تصور جاڳندو آهي ۽ شاعريءَ جا ڏينهن ايندا آهن. هر نوجوان پاڻ کي ليکڪ سمجهي غير فاني شهرت جا خواب ڏسندو آهي. ذهن جي سموري قوت جاڳي پوندي آهي ۽ ماڻهو ڪائنات جي باري ۾ سوالن جا حملا شروع ڪري ڏيندو آهي. جيڪڏهن هن جي دانش ائين قائم رهي تہ هو وڏو فلاسفر يا سائنسدان ٿيندو نہ تہ دنياوي ڪمن ۾ ڪاميابيون ماڻيندو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ڪو اعليٰ رتبو بہ حاصل ڪري.

اهوئي دور هوندو آهي جو محبت جي اُتل فن ۽ سماجي رشتن جي پاڙن جي آبياري ڪندي آهي. محبت حسن جو تصور ڪندي آهي. حسن کي حاصل ڪندي آهي ۽ حسن کي تخليق بہ ڪري سگهندي آهي. محبت نيڪي جو تصور ڪندي آهي. نيڪي کي حاصل ڪندي آهي ۽ ان لاءِ محڪم ارادي سان زور لڳائيندي آهي. ان وقت مذهب جيڪڏهن پنهنجا مُدي خارج عقيدا پيش ڪري تہ نوجوان دليلن سان انهن جا ٽڪرا ڪري ڇڏي. جيڪڏهن مذهب پنهنجو پاڻ کي نيڪيءَ جي ڳولها ڪرڻ واري جي روپ ۾ پيش ڪندو تہ اهو هڪ نوجوان روح جي تصور پرستيءَ تي اثر انداز ٿيندو ۽ سندس شخصيت جو ڪڏهن نہ ٽٽندڙ حصو ٿي ويندو.

حقيقت ۾ نوجواني جو زمانو شاندار هوندو آهي. هي عقل ۽ جذبات ٻنهي جو زمانو آهي جنهن ۾ عقل ۽ دل جون نيون دولتون،

خيالن جون بوندون وسائينديون ۽ احساسن جي دولت وکيرينديون آهن. ان کان اڳ دنيا ڪڏهن بہ ايتري عجيب پر ايتري حسين، ايتري هٺ نہ اچي سگهڻ پر ساڳئي وقت فتح ڪري سگهڻ جهڙي نہ لڳندي آهي جهڙي انهن ڏينهن ۾ لڳندي آهي. ان زماني کانپوءِ هر زمانو ان سنهري دور کي ياد ڪندو آهي. هي هرطاقت جو بهار جو زمانو آهي ۽ هر اوسر جي ٻج ڄڻڻ جي مند آهي. هن عمر ۾ اعليٰ جذبن جي پرورش ٿيندي آهي. هي زندگيءَ جي نشان الثانيہ آهي.

اها ڪهڙي قوت آهي جيڪا ڇوڪري کي ڊنل انداز ۾ ڇوڪريءَ ڏانهن گهليندي آهي ۽ ڇوڪري کي طلب ۽ ڪشش کانپوءِ بہ ڇوڪريءَ کان پري رکندي آهي. اسان جي ماس جي تهن ۾ اهو ڪهڙو جادو آهي جيڪو اسان جي زندگي جي سڀ کان حسين گل کي تخليق ٿو ڪري. يعني مرد جي عورت لاءِ محبت، بدن جا توليدي جيوگهرڙا ايري تا اچن ۽ توانائيءَ سان ڦاٽڻ تا لڳن. جڻ تہ زرخيزي جي راهہ ۾ ايندڙ هر رڪاوٽ کي ختم ڪري ڇڏيندا. جيئن تہ محبت جو حياتياتي ذريعو ميلاپ واري جبلت جي واڌاري ۽ فطرت جي چونڊ جو اظهار آهي، انڪري انسان جي اندر جسماني اهميت، درحقيقت انهن اسرندڙ جيوگهرڙن جو هڪ عجيب ميلاپ آهي. هر ساهوارو رڪاوٽن کي هٽائي پنهنجي راهہ ناهيندڙ هڪ خاص نوع جي اوسر کي محسوس ٿو ڪري، هن کي زندگي جي تہ بيتاب وسعت پسندي نظر ٿي اچي پر دل هڪ وٹندڙ اداسيءَ سان ڀريل ٿي هجي جڻ تہ ڪيس اڻپوري هجڻ جو احساس آهي ۽ هو مڪمل ٿيڻ لاءِ بيتاب آهي.

ان احساساتي حالت ۾ نوجوان انهن هزار شين جي وجود کي محسوس ٿو ڪري جن ڏانهن هو ڌيان ئي نہ ڏيندو هو. ڪي آواز هن کي متاثر ٿا ڪن، گيت ۽ نغمي جو هن تي جادوئي اثر ٿو ٿئي جيڪو پهريان ڪڏهن ڪونہ ٿي ٿيو ۽ آواز ۾ (جيڪو هيناهين درجي جا ساهوارا ماديءَ کي سڏڻ لاءِ ڪيندا هئا) هڪ نئين نزاڪت پيدا ٿي ٿئي جيڪا محبت ڪرڻ واري کي وڏي خوشي ٿي بخشي.

ڪي خوشبويون، جسم جا اُسرندڙ حصا، صفائي جي هٻڪار ۽ عطر جي موهيندڙ خوشبو، اهي سڀ عاشق کي مست ڪرڻ جا سامان آهن. جسم جي ڪن حرڪتن ۾ بہ خاص ڪشش هوندي آهي جيئن ناچ جي لئي ۽ تيزي، رانديگرن جون پراعتماد حرڪتون، ڇوڪرين جون وڻندڙ ادائون، ان ڪانسواءِ ڪي خاص نظارا وڻندڙ ٿي پون ٿا، محبت جي موسم ۾ ڪي رنگ دل کي وڻن ٿا. ڳاڙهو رنگ محبوبہ کي حاصل ڪرڻ جي للڪار آهي. نوجوان ميلاپ مهل پاڻ کي چندي ڦوڪي ايندا آهن. جهنگلي ماڻهو ٻين جو ڌيان ڇڪائڻ ۽ شوق کي وڌائڻ لاءِ پنهنجي بت تي عجيب غريب ليڪا ڪڍندا آهن. ڪپڙا پائڻ جو مطلب بہ سينگار آهي جنهن جي ذريعي ڪي اشارا ڏيئي سگهبا ۽ تحرڪ پيدا ڪري سگهبي آهي. بهادري ۽ طاقت جو نماءُ نفيس ۽ نازڪ دلين کي ڦتڪائي ٿو ڇڏي ۽ جسم جو هر نازڪ ور وڪڙ اندر کي هرڪائي ٿو. اهي رنگن، خوشبوئن، آوازن، ڇهائن، نظارن، راڳن ناچن جا مختلف اظهار نوجوانن جي خيالن کي پري ٿا ڇڏين ۽ محبت جا زبردست محرڪ ٿا بڻجن.

پوءِ اوچتو اهي سڀ محرڪ هڪ ٿي وڃن ٿا، سڀ ڪيفيتون هڪ وقت ٿيون اُيرن، نسل جون ضرورتون جسم ۽ روح جي ٻڪ ۽ اڄ جي معرفت ڳالهائن ٿيون ۽ محبت خبر ٿي وڃي، دل ۾ صبح جي روشنيءَ وانگر ٿي ڦٽي ۽ پنهنجي تاءُ ۽ روشني سان سڀ کي پري ٿي ڇڏي. عظيم ليوڪريٽس ڳائي ٿو:

اي وينس! تون شين جي فطرت جي راڻي آهين.

توکان سواءِ ڪا شيءِ زندگيءَ جي الاهياتي ايوانن تائين نٿي پڄي سگهي.

توکان سواءِ ڪو جاندار سهڻو ۽ خوش ٿي نٿو سگهي.

جبلن ۽ سمنڊن، تيزيءَ سان وهندڙ درياهن، پکين جي پنن وارن آکيرن، جهڪيل سائي گاه جي ميدانن جي وسيلي، تون هر سيني ۾ محبت جاڳائين ٿي.

۽ هر جنس ۾ خواهش پيدا ڪري نسل جي وڌاري جو سبب بڻجين ٿي.

جيئن ئي بهار ڏينهن کي روشن ڪندي آهي تہ وحشي ڌڻ چراگاهن ۾ ٽپ ڏيڻ لڳندا آهن ۽ تيز وهندڙ ندين ۾ ترندا آهن.

هر هڪ تنهنجي حسن جو اسير آهي ۽ محبت سان تنهنجي پنيان ٿو هلي.

## روحاني ارتقا:

ان مضبوط ۽ فطري بنيادن مان اها محبت ٿي اُبري جيڪا شاعري جو روح آهي. زندگيءَ جي تسلسل جي ان جذبي مان جوڙن جي هڪ ٻئي سان وفاداري ٿي پيدا ٿئي. ماس جي بک مان هڪ روح جو ٻئي روح لاءِ پيار ٿو اُسري ۽ غار ۾ رهڻ واري وحشيءَ جي هوس مان آخرڪار شاعر جي سونهن لاءِ ساراه ٿي جنم وٺي. اهو مرد جو ابتدائي نغمو آهي.

اوائلي دور جي ماڻهن کي محبت جي ڪا خبر ڪانہ هئي ۽ هنن وٽ محبت لاءِ ڪو لفظ ڪونہ هو. هنن جي شادي ٿيندي هئي تہ زال سان مڙس جي تعلق جو بنياد رومانس نہ پر بار پيدا ڪرڻ ۽ وقت تي ماني ملڻ هوندو هو. علم بشر جو عالم لوباڪ ٿو چئي تہ (علم بشر جا عالم ڏورانهن هنڌن کان ڏاڍا متاثر ٿيندا آهن) يوروبا ۾ مقامي ماڻهو شاديءَ ۾ لاتعلق رهندا آهن. مرد ائين زال حاصل ڪندو آهي جڻ مڪئيءَ جو سنگ پيو لڻي، محبت جو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، تنشي جو خيال هو تہ رومانوي محبت بهراڙيءَ جي شاعرن جي ايجاد هئي، پر جتي تهذيب وڏي اُتي نسل جي پيدائش روحاني رنگ اختيار ڪيو. يوناني، رومانس مان واقف هئا پر هنن ۾ رومانس هم جنس پرستي وارو هو. الف ليليٰ ان ڳالهہ جي شاهد آهي تہ محبت وچين دور جي نغمن کان اڳ وجود ۾ اچي چڪي هئي. پر گرجا، جنسي پاڪيزگيءَ جو احترام سيکاريو ۽ عورت کي سولائيءَ سان هٿ نہ اچڻ واري هستي بڻائي هن جي ڪشش کي وڌايو، جنهن محبت جي شاعريءَ کي قوت بخشي. روشفو ٿو چئي تہ "اهڙي محبت جو عاشق سان اهڙو ئي تعلق آهي جهڙو روح

جو جسم سان جنهن ۾ هو زندگي پيدا ڪندو آهي“. ڊي فوسي جو چوڻ آهي تہ ”سڀ مرد ڪوڙا، غدار، اجايون ڳالهيون ڪرڻ وارا، منافق ۽ تڪبر ڪرڻ وارا هوندا آهن ۽ سڀ عورتون خود پسند، ڏيکاءُ واريون ۽ بي وفا هونديون آهن. پر دنيا ۾ رڳو هڪ شيءِ مقدس آهي ۽ اها آهي انهن اڻ پورين هستين جو ميلاپ“ ۽ تنشي بُتَ پيچڻ ڪانپوءِ محبت جو هيئن احترام ٿو ڪري: ”مون ان ڪان وڌيڪ مقدس ڳالهہ ڪڏهن نہ ٻڌي آهي تہ سچي محبت ۾ روح جسم ڪي پاڪر ۾ وٺندو آهي.“

اسان جسماني خواهش ڪان رومانس تائين محبت جي اوسر جي ڪيئن تشريح ڪري سگهنداسين. اهو ڪيئن ٿيو جو شهوت نرم دليءَ ۾ بدلجي وئي ۽ جسم جي بي تابي روح جي نرمي بڻجي وئي. ڇا اهو انڪري ٿيو جو تهذيب مرد ۽ عورت جي جسماني ميلاپ ۾ دير ڪرائي ۽ جسم ڪي پنهنجي طلب ڪي پورو ڪرڻ نہ ڏنو جنهن جي ڪري طلب وڌي، ان طلب تصور جي صورت اختيار ڪئي ۽ تصور محبوبہ ڪي تصوراتي رنگن ۾ رڱيو. اها هستي جنهن ڪي اسان ڳولهيندا آهيون پر ماڻي نہ سگهندا آهيون. اها اسانجي نہ ماڻڻ جي ڪري وڏي قيمتي ٿي ويندي آهي. ڪنهن شيءِ، جو حُسن اسانجي خواهش جي شدت تي مدار رکي ٿو ۽ خواهش پوري ٿيڻ سان ڪمزور ۽ پوري نہ ٿيڻ سان شديد ٿيندي آهي، انڪري ماڻهو جي جواني ۾ ۽ جتي تهذيب پختي هوندي آهي اُتي محبت وڌيڪ روحاني هوندي آهي ڇاڪاڻ جو اهڙي حالت ۾ خواهشن ڪي سڀ ڪان وڌيڪ دٻايو ويندو آهي ۽ دٻاءَ سان جسماني خواهش شاعريءَ جو روپ اختيار ڪندي آهي.

هاڻي ٿورو محبت جي نفسياتي اوسر تي بہ غور ڪريون. ان جي شروعات گهڻو ڪري ائين ٿيندي آهي جو ڇوڪريءَ جو پيءُ سان ۽ ڇوڪري جو ماءُ سان دلي تعلق هوندو آهي. تنهن ڪان پوءِ اهو دلي تعلق وڌيڪ شدت سان ڪنهن اهڙي شخص ڏانهن منتقل ٿيندو آهي جيڪو ذري گهٽ سندن عمر جو هوندو آهي. اسڪولي

ڪلاس جا شاگرد پنهنجي مخالف جنس جي استاد سان پيار ڪندا آهن. گوئٽي پنهنجي محبت جي بنياد تي هڪ اعليٰ افسانو لکيو جنهن ۾ هڪ عورت ڪيس ”منهنجا پٽ“ چئي سندس دل ٽوڙي تي ڇڏي. انهن بدلجندڙ محبتن ۾ تصور جي سجاوٽ عروج تي هوندي آهي. وڌندڙ جسم سان تخيل بي تاب ٿيندو آهي، سهڻا تصور ٺاهيندو آهي ۽ پنهنجي دلپسند شخص کي پنهنجا سهڻا ۽ نهايت وڻندڙ رنگ ڏيندو آهي. ان عمر ۾ محبت جو جسماني عنصر شعوريءَ طرح ظاهر ڪونہ ٿيندو آهي. گوئٽي جو چوڻ آهي تہ هڪ معصوم جوان ۾ محبت جي پهرين لهر جو رخ سدائين روحانيت ڏانهن هوندو آهي.“

ان ڪان ترت پوءِ جوانيءَ جي محبت جو آفاقي تجربو شروع ٿيندو آهي. هيءَ محبت گهٽو ڪري لڪل هوندي آهي ۽ ان جو اظهار نہ ڪيو ويندو آهي ايستائين جو سوڪڙيون بہ بنان نالي موڪليون وينديون آهن. محبت جي ان مرحلي ۾ ڇوڪريون وڌيڪ جرئت مند هونديون آهن ۽ جيتوڻيڪ وڌيڪ سمجهہ اچڻ سان سندن جرئت گهٽجي ويندي آهي پر تڏهن بہ ان فن ۾ هو مردن جي پيٽ ۾ آخر تائين وڌيڪ هنرمند هونديون آهن. ڇوڪرو شرميلو هوندو آهي پر ڇوڪريءَ کي پورو پورو اعتماد هوندو آهي. ڇوڪرو هروڀرو بہ ڪوشش ڪري محبوبہ کان پري رهندو آهي جنهن کي هو حاصل ڪرڻ گهرندو آهي. هو رات جي اونداهيءَ ۾ اڪيليون گهڙيون گذاريندو آهي يا منجهند جو بنان مقصد جي پيو رلندو آهي ۽ پنهنجي محبوبہ جي موجودگيءَ ۾ هن کان جيڪي غلط ڳالهيون ٿي چڪيون هونديون آهن يا ڪا گستاخي ٿي هوندي آهي تہ انهن تي پيو سوچيندو ۽ پڇتائيندو آهي. جن نوجوان کي ماءُ جي محبت وڌيڪ ملندي آهي اهي ان معاملي ۾ وڌيڪ حساس هوندا آهن ۽ اهڙي حساسيت کين جنسي طرح معذور بہ بنائي ڇڏيندي آهي. ڪن نوجوانن ۾ وري نماءَ جو شوق پيدا ٿيندو آهي تہ پنهنجي زندگيءَ کي خطري ۾ وجهندا آهن تہ جيئن پنهنجي محبوبہ جي قدمن ۾ پنهنجي ڪاميابيءَ جا گل وکيري سگهن. راند جي ميدان ۾

نوجوان جانورن وانگر رت جي راند بہ ڪندا آهن تہ جيئن هو پنهنجي محبوبہ کي ماڻي سگهن. اڳتي هلي اهائي مقابلي واري راند هو معاشي ميدان ۾ کيڏندا آهن تہ جيئن سندن محبوبہ سندن تعريف ۾ مرڪندي رهي.

جوانيءَ ۾ اهڙن مظاهرن ڪانپوءِ محبت مختلف مرحلن مان لنگهندي آهي جيڪڏهن محبت جي اظهار جا جوانيءَ وارا مظاهرا وقتي آهن تہ پوءِ نيڪ آهي پر جي مستقل آهن تہ پوءِ اهي جنسي بي راهہ روي تي پوندا آهن. بي راهہ روي پراڻي زماني جي عشق جي اظهار جو طريقو هوندو آهي جيڪو ان زماني ۾ مروج هو پر هاڻي ان جو رواج نہ رهيو آهي. هڪ صحتمند ماڻهو انهن تجربن مان لنگهندو آهي جيئن ڊانتي تمثيلي طور جهنم مان لنگهيو هو. انهن تجربن سان هو پختو ٿيندو آهي ۽ پوءِ پختي ۽ صحت مند محبت جي منزل تي پهچندو آهي.

هاڻي ڪورٽ شپ جو دور شروع ٿيندو آهي. هي انسان جي تقدير جو سڀ کان حسين دور هوندو آهي. ان جي معنيٰ اها نہ آهي تہ ڪورٽ شپ بلوغت کان اڳ موجود نہ هوندي آهي. اسانجي ننڍپڻ جون رانديون اڌ کان وڌيڪ ان نوع جون هونديون آهن ۽ ننجن ورهن جي ڇوڪري وڏي هنرمنديءَ سان محبت جو اهو کيڏ کيڏي سگهندي آهي. ڪورٽ شپ سان ڪيترا اهم مقصد پورا ٿين ٿا، هن ۾ محبت وڌي ٿي ۽ بهترين انتخاب لاءِ وقت ملي ٿو جنهن سان زندگيءَ جو معيار بلند ٿو ٿئي. ڪورٽ شپ گهٽ ڪري ائين ٿيندي آهي تہ مرد ڪاميابيءَ لاءِ اڳتي وڌندو آهي جڏهن تہ عورت وڏي محبوبيت سان پنتي هٽندي آهي. پر ڪڏهن ان اصول تي عمل نہ بہ ٿيندو آهي. نيو گني ۾ ڇوڪريون ڇوڪرن سان ڪورٽ شپ ڪنديون ۽ کين سوڪڙيون ڏينديون آهن. پر اها تعريف جهڙي روايت اسانجي ملڪ ۾ شروع ڪانہ ٿي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي جو ڇوڪري مرد کي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، گهٽ ۾ گهٽ برنارڊشا جي ڊرامن ۾ گهٽو ڪري مرد ئي محبت جو اظهار ڪندو آهي ڇاڪاڻ جو هو فطري طور جانباز هوندو آهي.

عورت هن لاءِ شڪار هوندي آهي ساري ڪورٽ شپ هڪ جنگ آهي ۽ ميلاپ جي لاءِ فتح جو مقابلو.

استينلي هال ٿو چئي تہ ڪي نر مڪڙ لڳ جي موسم ۾ پاڻ ۾ ڪڪڙن وانگر وڙهندا آهن، ڪي نر مڇيون آنن ڏيڻ جي موسم ۾ آنن وارن هنڌن تي هڪ ٻئي سان وڙهي مرندا آهن ۽ سالمن نر مڇي جا ڏند مادي مڇيءَ جي ڏندن کان وڌيڪ تکا ٿي ويندا آهن. بهار جي موسم ۾ نر سانڊو وڙهندو نظر ايندو آهي ۽ گهٽي پاڳي نر پکي وڙهڻ لاءِ آتا هوندا آهن، چهنبن ۽ چنبن سان هڪ ٻئي جي پرن ۽ ٽنگن تي نونگا هڻندا آهن. هنن لاءِ وڙهڻ جي موسم محبت جي موسم هوندي آهي. انسانن ۾ جنگ تجارتي مقابلي ۽ نمائش جي صورت اختيار ڪندي آهي. اسان ڏندن سان نہ ٻئنڪ جي چيڪ بڪ سان وڙهندا آهيون ۽ اسان پنهنجا نهن وارا چنبا ڪاروباري اخلاقيات جي پردي ۾ لڪائيندا آهيون.

عورتون جيڪڏهن عقلمند هونديون آهن تہ حيا ۽ نتائي وجڻ جي هٿيارن سان وڙهنديون آهن، حياءُ هڪ چالاڪيءَ واري پسپائي آهي جيڪا ڊپ ۽ صفائي پسنديءَ مان پيدا ٿيندي آهي ۽ تهذيب ۽ رحمدلي سان وڌندي آهي. اها خاصيت رڳو انسانن ۾ نہ آهي پر حيوان مادي بہ لڳ جي مند ڪانسواءِ لڳ ڪرڻ کان لنوائيندي آهي. Bcaumerchais چوي ٿو تہ "ماڻهو جانورن کان ان ڳالهہ ۾ الڳ آهي جو بنان اُڃ جي پيئندو ۽ سيني موسمن ۾ هم بستري ڪندو آهي." مهذب ماڻهوءَ ۾ حياءُ محبت جي هڪ تمام سٺي نفسياتي ترقي آهي. هو اهو عاليشان مقام حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن روح جي محرڪات تي حاوي ٿي وڃي ٿو. پراڻي زماني ۾ مليشيا ۾ عورتن ۾ خودڪشي ڪرڻ جي وبا پکڙي هئي تڏهن اتان جي ڪن عقلمند قانون سازن حڪم جاري ڪيو هو تہ جيڪي عورتون خودڪشي ڪنديون انهن جي لاشن کي گهٽين مان اگهاڙو گهمايو ويندو ۽ عورتن جي خودڪشي بند ٿي وئي.

وليم جيمس جو خيال آهي تہ حياءُ فطري ۽ جبلتي نہ آهي پر حاصل ڪيل جذبو آهي. عورتن ڏٺو تہ فراخدلي ڌڪار پيدا ڪندي

آهي ته هنن پنهنجو اهو مشاهدو پنهنجن ڏيئن ڏانهن منتقل ڪيو. ڊڊرو Didero اجا ڪجهه پوئتي وڃي ان دور جي ڳالهه ڪئي ته ساڙيل مردن عورتن تي پنهنجو مالڪاڻو حق قائم ڪرڻ لاءِ زوريءَ مٿن حياءُ مڙهيو. ڪيترن قبيلن ۾ رڳو پرڻيل عورتون ڪپڙا پائينديون هيون جو سندن مڙس سمجهندا هئا ته اهڙيءَ طرح زالن تي سندن مالڪاڻا حق قائم رهندا. پوءِ جڏهن عورتن کي قبضي ۾ رکڻ جي بجاءِ شادي ڪاروبار تي وئي تڏهن والدين ڏنو ته ڪنواري ڇوڪريءَ جا وڌيڪ پئسا ٿا ملن ته هنن ڇوڪرين جي حياءُ جي پرورش ڪئي. انهن مختلف وسيلن سان حياءُ اپريو ۽ عورتن جو دلفريب حسن ٿي ويو. بي حياءَ عورتون مردانيت وارن مردن لاءِ وقتي طور پرڪشش هونديون آهن. نمائش ۾ احتياط ۽ حسن ۽ خوبيءَ جي اظهار ۾ اختصار سندن شڪار جا بهترين هٿيار آهن. جڏهن بدن جي خاص عضون بابت اسان کي گهٽين ۾ سکيا ملندي ته ان سان اسانجو ڌيان ته ڇڪبو پر جذبات ۾ تحرڪ نه ايندو. جوان ماڻهو جهڪيل نگاهن ڏانهن ڇڪبو آهي جو غير شعوري طور سمجهندو آهي ته ان حياءُ ۾ عورت جو روحاني طرح پاڻ ارپڻ جو جذبو لڪل آهي جيڪو عورت جو هڪ اعليٰ ڳڻ آهي. حياءَ عورت جي پنهنجن انعامن ۾ بخيلي آهي جنهن مان مرد جي همٿ ۽ جرئت کي آزمائيندي آهي، ڪيس غير معمولي ڪم ڪرڻ لاءِ هرڪائيندي ۽ هن جي انهن لڪل صلاحيتن کي اُڀاريندي آهي جيڪي عام ماڻهن جي زندگين جي تهن ۾ لڪل هونديون آهن. ٿي سگهي ٿو ته مردن جا تعميري ڪارناما پکين جي رنگين شان وانگر جنسي حسن ۽ نمائش جي ڪري ٿي سگهيا هجن.

محبت ٻار جي صورت ۾ پنهنجو پاڻ کي مڪمل ڪندي آهي. شايد اسان ۾ ٻار پيدا ڪرڻ جي جبلت ڪانهي، رڳو جنسي لاڳاپي ۽ ٻار جي پالنا جي جبلت آهي. فطرت اڻ سنڌيءَ طرح پنهنجا مقصد پورا ڪندي آهي ۽ انسان اعليٰ ترين لذت جي پيداوار آهي. اسپتالن ۾ عورتن جون رڙيون ۽ ٻارن جو روح راڙو ٻڌو، پر

ڪيڏي نہ سولائي سان ٻار ماءُ جي سور ڪي سرور ۽ سرمستيءَ ۾ بدلائي ڇڏيندو آهي ۽ پيءُ ۾ فخر جو اهو جذبو پيدا ڪندو آهي جو هو ڪل خوشيءَ سان ٻار جي پالنا ۽ ان جي تربيت جا خرچ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي.

ٻار جڏهن پيدا ٿيندو آهي تہ پيءُ ماءُ ۾ محبت اُٿلي پوندي آهي پر هي تہ محبت ان شعلي کان الڳ آهي جيڪو اڳ دل ۾ پڙڪيو هو. هن هڻ وَٽُ جي زماني ۾ اهو شعلو ٿئين ٻار جي ڄمڻ تائين گهٽي پاڳي وسامي چڪو هوندو آهي. اها محبت جنهن وقتي طور ماءُ پيءُ کي هڪ ڪري ڇڏيو هو هاڻي ٻار جي حصي ۾ ايندي آهي ماءُ ٻار جي محبت ۾ مڙس کي نظرانداز ڪري ڇڏيندي آهي ۽ پيءُ تہ جيڪڏهن ٻار ڇوڪري آهي تہ اها ساري محبت جيڪا سندس زال لاءِ هئي هاڻي ان ٻار لاءِ هوندي آهي. پر آخرڪار اهي وقتي ڪششون گهٽجي وينديون آهن ۽ زال ۽ مڙس کي محبت وري هڪ ڪري ڇڏيندي آهي.

اهو وقت آهي جيڪو ٻن روحن جي هڪ مڪمل ميلاپ جو سبب بڻيو آهي ڇاڪاڻ جو ماءُ پيءُ ٻڇڻ واري دور ۾ ڪيتريون آزمائشون اينديون آهن، ڪيترن ئي جسماني تڪليفن ۽ روحاني اذيتن مان لنگهڻو پوندو آهي. بيماري ماڻهوءَ جي ڦرندڙ گهرندڙ تخيل ۾ گهرائي ۽ گنڀيرتا آڻيندي آهي ۽ موت جي اڻ ٽر هجڻ جو احساس محبت کي هڪ ٿين زندگي ڏيندو آهي. گڏجي جوڙيل رٿائون ۽ انهن تي عمل، ڪاميابين ۽ ناڪامين ۾ هڪ هجڻ، ٻن الڳ پر هڪ ٻئي سان مطابقت رکندڙ ذهنن کي اهڙي طرح روحاني هيڪڙائي ۾ ڳنڍيندو آهي جو ائين محسوس ٿيندو آهي ڄڻ بہ شخصيتون هڪ ٿي ويون آهن ۽ پوءِ تہ سندن شڪليون بہ هڪ جهڙيون ٿي وينديون آهن. گڏجي ٻارن جي پرورش ڪرڻ، انهن کي وڏندو ويجهندو ڏسڻ، ۽ پوءِ دل نہ چاهيندي بہ ڪين هڪ نوجوان عاشق جي حوالي ڪرڻ، اهي شخصيتن جي مڪمل اتحاد واريون صورتون آهن.

اهو گهر جيڪو ڪڏهن ٻارن جي ٿهڪن سان پڙاڏيو هو هاڻي ان ۾ انهن ڏينهن جون يادون ٿيون پڙاڏجن. تڏهن محبت ڪين آتت ڏيڻ لاءِ انهن ڪيترن سالن جي ساٿين ڪي، پنهنجي دولت سان مالامال ڪري ڇڏيندي آهي. اهو دور تيستائين پورو نہ ٿيندو آهي جيستائين محبت پوڙهاپ جي اڪيلائي ۽ موت جي ويجهڙائيءَ ۾ دلين کي نہ گرمائي. جيڪي محبت کي رڳو خواهش سمجهندا هئا، ان جي ماس ۽ ان جي پاڙ مان واقف هئا، هاڻي جڏهن جسماني عناصر رک ٿي چڪا آهن تڏهن سندن رڳو روح رهيو آهي. پوڙهين دلين جي ان نئين ميلاپ سان ئي جسماني بک مان روحاني محبت تائين ارتقا مڪمل ٿيندي آهي. اهو آهي محبت جو سچو دائرو، اچو تہ متس هڪ دفعو وري نظر وجهون، هڪ بلڪل سنهي ساهواري Protozoa جي جسماني جوڙجڪ ۾، حيوان جي تيز جذبي ۾، وحشيءَ جي شهوت ۾، نوجوانن جي سوچيندڙ ۽ پگهرندڙ نگاهن ۾، ايليزابيٿ براؤننگ جي شعرن ۾، فراسيسڪا جي داستانن ۾، ۽ پوڙها زال مڙس جنسي خوشي ۾ ڏکن پيا جو هنن جا ٻار ۽ ٻارن جا ٻار هنن جي اڌ صديءَ جي محبت جو مان ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهن. ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو معجزو هوندو تہ عناصر جي هڪ ٻئي لاءِ ڪشش وڌيڪ محبت ۽ وفا جي شاعريءَ جي صورت اختيار ڪري. اسان کي ستيانا جا لفظ ٿا ياد اچن تہ ”هر آدرش جو بنياد فطري هوندو آهي ۽ هر فطري بنياد جي آدرشي اوسر ٿيندي آهي. محبت کي پنهنجي معمولي شروعات لاءِ شرمسار نہ ٿيڻ گهرجي ۽ اها خواهش حقارت جهڙي آهي جيڪا پنهنجي روحاني سپردگيءَ ۾ ڪمال تي نٿي پڄي. محبت جي فلاسافر افلاطون چيو هو تہ 'جنهن کي محبت ناهي ڇهيو اهو اونداهيءَ ۾ ٿو پٽڪي'. ليپ ليس پنهنجن دوستن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو جيڪي هن جي ڪوجنائن ۽ ڪتابن جي تعريف ڪري ڪيس آتت ڏيڻ لڳا هئا. هن چيو زندگيءَ ۾ انهن جي ڪا اهميت ڪانهي. هنن پڇيو تہ پوءِ ڪهڙي شيءِ اهم آهي. هن سائنسدان آخري ساهہ کڻڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ”محبت“.

هر شيءِ فاني آهي رڳو محبت کي بقا حاصل آهي. محبت موت جي خال کي ولديت جي ذريعي اورانگهندي آهي. ناڪاميءَ جي ڪڙاڻ عارضي لڳندي آهي پر انسانيت جي نقطہ نظر کان ان کي ڪيڏو نہ دوام حاصل آهي. آخر ۾ محبت اسانجي هڪ حصي کي زوال کان بچائيندي آهي ۽ اسانجي زندگيءَ کي ٻار جي توانائي ۽ سندس زندگيءَ ۾ محفوظ ڪري ڇڏيندي آهي. اسان جي دولت تڪ آهي ۽ اسانجي ڏاهپ اهڙي روشني جيڪا ڏتڏي ٿي رهي هجي. پر محبت اسانجي دلين کي ٻڌائي نہ سگهڻ واري سڪون سان گرمائيندي آهي. اهو سڪون محبت حاصل ڪرڻ کان وڌيڪ محبت ڏيڻ سان وڌندو آهي.

باب اٺون

# مرد ۽ عورت

## محبت جي جنگ :

گورڪي ۽ چيخوف ڪراليميا ۾ گهمي رهيا هئا. گهمندي گهمندي هو سمنڊ ڪناري تي پهتا جتي ٽالسٽاءِ سوچ ۾ ڪنڌ جهڪايو وينو هو. هو هن جي ويجهو وينا ۽ عورتن جي باري ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ٽالسٽاءِ چڱيءَ دير تائين ماٺ ڪري هنن جون ڳالهيون ٻڌندو رهيو ۽ پوءِ چيائين: ”مان عورتن جي حقيقت تڏهن ٻڌائيندس جڏهن منهنجو هڪ پير قبر ۾ هوندو“. مان حقيقت ٻڌائي يڪدم ڪفن واري ڪاٺ جي پيٽي ۾ ٽپو ڏيئي ان جو ڍڪ بند ڪري ڇڏيندس ۽ وڏي واڪي چوندس: ”هاڻي جيڪو وڻيوَ سو ڪيو.“ جڏهن نواب ڪيسرلنگ پنهنجي ڪتاب ”شاديءَ جو ڪتاب“ جي باري ۾ برنارڊشا کي مضمون لکڻ لاءِ چيو تہ هن انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ ”ڪوبہ مرد جيستائين هن جي زال جيئري آهي سچ ڳالهائي نٿو سگهي“ بهرحال اسان ان باري ۾ گفتگو ڪنداسين پر پنهنجي گفتگو ۽ تجربي کي روايتي ۽ معمولي نوع جي مثالن تائين محدود رکنداسين.

ان موضوع تي لکيل دنيا جو ادب دلچسپ بہ آهي تہ اعتبار نہ ڪرڻ جهڙو بہ. دلچسپ انڪري آهي جو ان وقت ڪانسواءِ جڏهن هو انسانذات جون خاميون ۽ اوڻايون تو بيان ڪري ان جو سڌو سنئون واسطو اسان سان آهي ۽ هن تي انڪري اعتبار ڪري نٿو سگهجي جو هي گهڻي ڀاڱي آتم ڪهاڻين تي ٻڌل هوندو آهي ۽ آتم ڪهاڻيون اعتبار جهڙا افسانا نہ هونديون آهن، ڪنهن حد تائين بدلي جو اهڙو آواز هونديون آهن جيڪو شڪست کاڌل سپاهي بلند ڪندا آهن. جڏهن ڪو مرد عورتن جي باري ۾ ڪتاب لکندو آهي تہ اهو سندس دل جي زخمن جو آواز هوندو آهي ۽ مرد عورت جي دل وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي (جيڪڏهن شريف هوندو آهي)

تہ پنھنجي ڪاميابيءَ ڪي شاديءَ جي شڪل ڏيندو آهي. تنھن ڪانپوءِ هو سياٽپ واري ماٺ اختيار ڪندو آهي جو هڪ ئي وقت بہ ماڻھو ڳالھائي نتا سگھن ۽ جيڪڏھن عورت جي دل وٽڻ ۾ ناڪام ٿيندو آهي تہ ڪتاب لکندو آهي. مخالف جنسن جي باري ۾ شوپن هار، نتشي، وينگر ۽ بين ناڪام مردن جيڪي ڪتاب لکيا آهن انھن ڪان وڌيڪ دلچسپ عورتن جو اهو تجزيو هوندو آهي جيڪو هو مردن جو ڪنديون آهن. ان جو سبب اهو آهي تہ عورتون انساني فطرت ڪي مردن ڪان وڌيڪ سمجھنديون آهن ۽ مردن جي پيٺ ۾ وڌيڪ ذهانت ۽ آزاديءَ سان خيالن جو اظهار ڪري سگھنديون آهن. هو ايتريون هوشيار هونديون آهن جو ادب جي ذريعي پنھنجون دل جون ڳالھيون ناهن ڪولينديون ۽ ان ڳالھہ تي خوش ٿينديون آهن تہ سندن دشمن تا ڪتاب لکن.

ان موضوع جي باري ۾ هڪ عام ماڻھوءَ جو خيال هڪ طرفو هوندو، چاڪاڻ جو اندروني طرح هو ان موضوع جي رڳو اڌ حصي بابت ڄاڻندو آهي يا شايد ان اڌي حصي جي بہ ٿوري حصي مان واقف هوندو آهي. اجا بہ ائين چئجي تہ ان اڌ جي بہ تمام ٿورڙي حصي مان بہ چڱيءَ طرح واقف نہ هوندو آهي. جنگ جي ڏينھن ۾ اڻ ڊريو ٿيڻ ڏکيو آهي. انڪري ان موضوع بابت سائنس ماٺ آهي. ان باري ۾ پروفيسر ٿارن ڊڪ جا وڪريل مشاهدا ۽ ذهني آزمائش جا دفتر رڳو وقتي تحقيق جي حيثيت رکن تا جن ۾ وڌيڪ تحـ يق جا امڪان ڪونھن، انسانيت جو آخري مطالعو انسان جو مطالعہ ئي هوندو، آخري سائنس، نفسيات ۽ آخري موضوع عورت ھ ـندي.

پر اسان ڪي احتياط ڪان ڪم وٺڻ گھرجي، اسان هٽرادو طرح انساني فطرت ڪي بنيادي جبلتن ۾ ورهائينداسين ۽ هر جبلت جي باري ۾ بحث ڪري ڏسنداسين تہ عورتن جو ذهن ۽ شخصيت مردن جي ذهن ۽ شخصيت ڪان ڪھڙيءَ طرح الڳ آهن. اسان اهو فرض ڪنداسين تہ انسان ۾ ڪي بنيادي لاڙا، عمل ۽ احساس جا محرڪات پيدائشي آهن جن ڪي شوپنھار جي وقت ڪان فلاسافي ۽

نفسيات جا ماهر جبلت جو نالو ڏيندا رهيا آهن. اسان پروفيسر مارشل جي انهن لاڙن جي تيار ڪيل ورچ کي قبول ڪنداسين ۽ انهن موروثي لاڙن کي ٽن مقصدن سان جاچينداسين. ڪجهه جبلتون جيئن بک، لڙائي، پجي وڃڻ ۽ راند، ماڻهوءَ جي بقا جي مقصد کي پورو ڪن ٿيون، ڪجهه ٻيون جبلتون جيئن محفلون، سجاڻپ ۽ شهرت جي خواهش انساني سماج کي قائم رکن ٿيون، ۽ ڪجهه ٻيون جبلتون مثال ٻار ڄڻڻ ۽ ماءُ پيءُ وارو پيار انساني نسل جي بقا لاءِ ضروري آهن. اسان هتي سوال پڇنداسين ته ڇا اهي جبلتون عورت ۽ مرد ۾ نوعيت ۽ شدت جي لحاظ کان جدا هونديون آهن؟ اسان نسلي جبلتن سان شروعات ٿا ڪيون ڇاڪاڻ جو انهن جي عمل جي جدا جدا انداز سان جنسن جي وچ ۾ جسماني، ذهني ۽ شخصي اختلاف پيدا ٿيندا آهن.

## شخصيتن جو فرق:

ساهوارن جي دنيا ۾ به نَرُ، ماديءَ جي برتريءَ تي حيران آهي. ماديءَ جي برتري رڳو سائيز ۾ نه (جيئن اسان ڏسي آيا آهيون) پر حياتياتي اوّليت ۽ اهميت ۾ آهي ڇاڪاڻ جو مادي، نسل جي بقا جي سڌي سنئين ذميوار آهي. هيناهين سطح تي ساهوارن ۾ نسل جي بقا جسم جي ورچ سان ٿيندي آهي، انڪري ان سطح تي ساهوارن ۾ نر ۽ مادي وارو جنس جو فرق نه هوندو آهي. پر انساني نسل ۾ پيدائش جو حقيقي عمل ماديءَ ۾ هوندو آهي. مرد جي حقيقت هڪ غير ضروري حادثي جهڙي هوندي آهي. قدرت ثابت ڪيو آهي ۽ تجربيگاهه ۾ ان جي تائيد ٿي آهي ته نر، غير ضروري آهي. هيءَ ڳالهه ڪنهن حد تائين ڪڙي آهي پر واضح ۽ صحيح آهي ته ڪنهن به نسل ۾ ماديءَ جي حيثيت بنيادي ۽ نر جي حيثيت ٻئي درجي واري هوندي آهي. نر انهن عملن جي جسماني شڪل آهي جيڪي نر جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ پيدائش جو سبب هوندا هئا. پيدائش جي ان عظيم ناٽڪ ۾ جنهن جي چوڌاري ساري زندگي گردش ٿي ڪري، مرد هڪ نهايت غيراهم ۽ سطحي ڪردار

ادا ڪندو آهي. پيدائش جي نازڪ موقعي تي هو بي وسيءَ سان هڪ پاسي بيٺو هوندو آهي ۽ ڪيس خبر پوندي آهي تہ نسل جي بقاءَ لاءِ هو ڪيترو نہ غيراهم وسيلو آهي، ان وقت ڪيس محسوس ٿيندو آهي تہ مرد جي ڀيٽ ۾ عورت انساني نسل جي ڪيتري نہ ويجهي آهي. هن کي اها بہ خبر پوندي آهي تہ زندگيءَ جي عظيم الشان لهر عورت جي جسم ۾ بيتابي سان ڊوڙندي آهي. ۽ هن جي ماس ۽ رت سان نئين نسل جي تخليق ٿيندي آهي. ان وقت هو سمجهندو آهي تہ اوائلي دور جا ماڻهو ۽ وڏا وڏا مذهب مامتا جي پوڄا ڇو ڪندا آهن.

عورت ۾ حياءُ ان ڪري گهڻو هوندو آهي جو اُن سان پيدائش جا مقصد پورا ٿيندا آهن، حياءُ جي ڪري هوءَ اڳتي وک نہ وڌائيندي آهي جنهن سان هن کي جنس لاءِ چونڊ ڪرڻ ۾ مدد ملندي آهي ۽ اهڙيءَ طرح سوچي سمجهي پنهنجي زندگي جي ساٿيءَ جي چونڊ ڪري سگهندي آهي. ڇاڪاڻ جو زندگيءَ جو اهو ساٿي اڳتي هلي هن جي ٻارن جو پيءُ ٿيندو آهي. عورت نسل ۽ اجتماع جو آواز هوندي آهي، جڏهن تہ مرد، فرد جي مفاد جو آواز هوندو آهي، عورت جو جڏهن مقصد پورو ٿي ويندو آهي ۽ ماءُ جي صورت ۾ هوءَ پنهنجي تڪميل ڪندي آهي تڏهن سندس حياءَ گهٽجڻ شروع ٿيندو آهي، هن جي ان فخر ۾ ڪيڏي نہ وڻندڙ سادگي هوندي آهي، جنهن فخر سان ڀرائيءَ جي حيادار عورت سيني جي سامهون ٻار کي کير پياريندي آهي، هوءَ نيڪ ڪندي آهي. دنيا جي سيني فنن ۽ تصويرن ۾ هھڙو سهڻو منظر ٻيو ڪو ڪونهي.

محبت جي معاملي ۾ مرد جي ڀيٽ ۾ عورت وڌيڪ سمجهدار هوندي آهي، هن جو جذبو شديد گهٽ هوندو آهي ۽ هن جو جذبو ماڻهو کي پرکي سندس باري ۾ فيصلي تي اثرانداز نہ ٿيندو آهي. اهوئي هن جي پراڻي ڏاهپ جو راز آهي. ڊارون جو خيال هو تہ جاندارن جي ڪيترن نسلن ۾ مادي، محبت کان گهڻي ڀاڱي بي نياز هوندي آهي. لومبروزو، ڪسچ، ڪرافٽ ايبنگ ۽

بين عالمن جو وڏو جرئت منديءَ وارو خيال آهي تہ انساني نسل ۾ چاليهہ سيڪڙو عورتون جنسي لاڳاپن کان بيزار هونديون آهن. سندن چوڻ آهي تہ عورت جسماني لذت کان وڌيڪ پنهنجي تعريف چاهيندي آهي ۽ سندس مرضي هوندي آهي تہ هن ڏانهن وڌ کان وڌ ڌيان ڏنو وڃي ۽ گهٽو ڪري هوءَ ان ڳالهہ ۾ خوش ٿي ويندي آهي تہ ڪو هن کي چاهي ٿو. ٿامس هارڊي ٿو چئي تہ عورت جي اها خواهش تہ ڪو ساڻس محبت ڪري، هن جي ضمير کي بہ بيوس بڻائي ڇڏيندي آهي.

اسان جنهن کي روحاني محبت چئي آيا آهيون يعني اها محبت جنهن جو بدن سان تعلق نہ هجي اها مرد کان وڌيڪ عورت کي پسند هوندي آهي. عورت جي فطرت جو مطالعو ڪرڻ وارن مان ڪن عالمن جو خيال آهي تہ عورت جي محبت ۾ جنس کان وڌيڪ مامتا هوندي آهي. لومبروزو ٿو چئي تہ عورت جي محبت اصل ۾ هن جي مامتا جي ٻئي درجي واري صفت آهي ۽ عورت جي محبت جا اهي سڀ احساس جيڪي عورت جو مرد سان تعلق ڳنڍيندا آهن، جنسي محرڪات سان نہ، پر پاڻ ارپڻ ۽ اطاعت جي جبلتن مان پيدا ٿيندا آهن. انفرڊ ڊيوائني جو خيال هو تہ مرد جي محبت ماءُ جي سيني جي ياد ۽ خواهش آهي ۽ شايد هرهڪ عاشق پنهنجي محبوبہ لاءِ رڳو هڪ ٻار واري حيثيت رکندو آهي جنهن کي هوءَ خوشي ۽ اطمينان ڏيندي آهي.

عورت جو محبت وارو جذبو مرد جي ڀيٽ ۾ شديد گهٽ هوندو آهي، پر ان ۾ وسعت ۽ گهرائي وڌيڪ هوندي آهي. محبت جو جذبو عورت جي زندگيءَ جي هر حصي ۾ داخل ٿيل هوندو آهي. هوءَ زندهہ ئي تڏهن رهندي آهي جڏهن ساڻس محبت ڪئي وڃي. فرانس جي هڪ جج جڏهن هڪ عورت کي ڪنهن چور سان جنسي لاڳاپا رکڻ تي ننديو تہ هن جواب ڏنو تہ جڏهن مان محبت ۾ گرفتار نہ هوندي آهيان، تڏهن زندگيءَ کان محروم ٿي ويندي آهيان.

شايد تہ ويسنگر جي ذهن ۾ عورت جي ان نفسياتي ضرورت جو تصور هو جو هن چيو تہ عورت روح کان محروم آهي ۽ هن ائين بہ چيو تہ عورت جي وجود جو مرڪز مرد هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ مرد جي شخصيت جي اهل ڪندي آهي پر هن جي ان رويي جي تہ ۾ بہ فريب هوندو آهي، عورت مرد جي روين ۽ راين جو نقل ڪندي آهي. پر هوءَ پنهنجي انفراديت کي قائم رکندي آهي. هن کي خبر هوندي آهي تہ جيڪڏهن هوءَ پنهنجي شخصيت جو پوريءَ طرح اظهار ڪندي تہ مرد پنهنجي غيرمحدود انانيت جي ڪري هن سان نفرت ڪرڻ لڳندو. جيڪڏهن عورت محبت جي فن ۾ مرد کان وڌيڪ آهي تہ مرد دوستيءَ ۾ هن کان گهڻو مٿي آهي. مرد دوست ٿيندا آهن، پر عورتون رڳو ملاقاتي ٿينديون آهن. عورتون جڏهن بين عورتن جي تعريف ڪنديون آهن تہ ستارا پنهنجا رستا وڃائي ويهندا آهن، عورتن لاءِ پنهنجو پاڻ کي خوش رکڻ ڏکيو آهي، هنن کي هڪ ٻئي جي موجودگيءَ ۾ مونجهہ ٿيندي آهي، ان صورتحال کي هو مردن سان ڳالهيون ڪري برداشت ڪنديون آهن ۽ اِها ڳالهہ قدرت جي اصولن جي عين مطابق آهي. جيئن گهڻو وقت اڳ روشفوڪو چيو هو تہ گهٽيون عورتون انڪري دوستيءَ جي لائق نہ هونديون آهن جو دوستيءَ کان پوءِ محبت ۾ هو ڦڪيون ۽ بي چَسيون ٿي پونديون آهن، ڪنهن شاعر چيو آهي تہ محبت، مرد جي زندگيءَ جو رڳو هڪ حصو هوندي آهي پر عورت جو سارو وجود هوندي آهي، اسان کي پنهنجن فطرتن مطابق زندهہ رهڻو آهي.

مرد جو حسد هن جي محبت وانگر وڌيڪ شديد پر گهٽيءَ دير تائين رهڻ وارو نہ هوندو آهي، هن ۾ مالڪيءَ جو احساس گهڻو ۽ محبت ان جي اڌ جيتري هوندي آهي. هن لاءِ محبت پاڻ ارپڻ نہ پر ان جي تضاد واري حالت يعني انا جي وسعت ۽ احساسِ فتح پيدا ڪندي آهي، حسد ملڪيت جي جبلت آهي جيڪا مقابلي سان وڌندي آهي. حسد ماڻهوءَ جي هن ڳالهہ جي تہ ”منهنجا سڀ حق محفوظ آهن“ پچڪڙيءَ جي خلاف مقدمو آهي تہ مان تنهنجو خدا

آهيان، آقا آهيان تون بين خدائن کي منهنجي برابر آڻي نه بيهاريندينءَ.“ عورت لاءِ اها ڳالهه ڪا ايڏي اهم ڪانه هوندي آهي ته سندس محبوب هن کان اڳ ڪنهن بئي جو محبوب رهي چڪو آهي. پر ان معاملي ۾ مرد ان جي بلڪل ابتڙ آهي، عورت جي حسد ۾ جيتوڻيڪ وسعت ۽ گهرائي نه هوندي آهي پر ان جو دائرو وڏو هوندو آهي. هوءَ مڙس جي ماضيءَ جي محبوبائن سان ته حسد نه ڪندي آهي پر هن جي دوستن، هن جي پائيپن، هن جي اخبار ۽ ڪتابن سان حسد ڪندي آهي، آهستي آهستي هوءَ ڪيس سندس دوستن کان پري ڪري ڇڏيندي آهي ۽ جي پري ڪري نه سگهندي آهي ته پوءِ ساڻن اکيون ملائڻ شروع ڪندي آهي ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي چالبازيءَ کي گناهه واري رنگيني ڏيندي آهي. مرد جڏهن زال جي پرستارن سان حسد ڪندو آهي ته هوءَ پريشان ٿيڻ جي بدران حسد کي وڌائيندي ۽ ان مان مزو وٺندي آهي. ان سان هن کي احساس ٿيندو آهي ته هوءَ مرد کي تڏهن وڌيڪ پياري ٿي ٿئي جڏهن هن جو ملڪيت وارو حق مجروح ٿو ٿئي. هوءَ سمجهندي آهي ته مرندڙ محبت جو حسد کانسواءِ ٻيو ڪو علاج ڪونهي. اهي حسين خاميون معافيءَ جهڙيون آهن. سماج ۾ عورت کي گهٽ مقام مليل آهي ۽ ڪيس مرد جي جسماني برتريءَ جي مقابلي لاءِ انهن حيلن کان ڪم وٺڻو ٿو پوي، هن کي ڪيئن به ڪري پنهنجو پاڻ کي محفوظ رکڻو آهي ڇاڪاڻ جو نسل کي پنهنجي بقا ۽ طاقت لاءِ عورت تي ڀاڙڻو آهي. هوءَ محبت ۾ پنهنجي ٿوري حصي جي تمام گهڻي قيمت ڏيندي آهي. انڪري ڪيس سندس چالاڪيءَ لاءِ خراب چوڻ صحيح نه آهي. عورتن سان گهڻي نرمي ڪري نٿي سگهجي.

## انفرادي جبلتون:

عورت جو فرض آهي ته هو نسل جي خدمت ڪري ۽ مرد جو فرض آهي ته هو عورت ۽ ٻار جي خدمت ڪري، هنن جا ٻيا به فرض آهن پر اصل فرض اهي آهن. انهن بنيادي ۽ ڪنهن حد تائين

بنان ارادي وارن فرضن ۾ قدرت پاران اسان جي اهميت ۽ خوشي آهي.

مرد لاءِ قدرت جيڪي ڪم مقرر ڪيا آهن اهي هي آهن تہ هو حفاظت ڪري، کاڌ خوراڪ حاصل ڪري ۽ ان لاءِ جدوجهد ڪري، هن جو ڪم آهي تہ کاڌ خوراڪ جي ڳولها ۾ هو پنهنجو آکيرو ۽ گهر ڇڏي. هو زندگيءَ ۾ کاڌ خوراڪ جو نمائندو آهي ۽ عورت وري ٻار ڄڻڻ جي نمائنده آهي، کاڌ خوراڪ حاصل ڪرڻ ئي مرد جو بنيادي مقصد آهي پر جيڪڏهن هو انهن ڪانسواءِ ڪي ٻيون شيون بہ حاصل ڪرڻ تو گهري تہ اهو انڪري جو (تي سگهي تو تہ ڪيس ان جو احساس نہ هجي) اهي شيون دولت جي علامت آهن ۽ انهن سان وقت تي خوراڪ مهيا ڪري سگهجي ٿي. مسٽر ودورس چيو آهي تہ سيني ڀني شين جو تعلق پيٽ سان آهي. جيتوڻيڪ هيءَ ڳالهہ چوڻ سني نتي لڳي پر اها حقيقت آهي تہ مرد کي کاڌو گهٽو وٽندو آهي ۽ ان لاءِ هن کي اثر هيٺ بہ آڻي سگهجي ٿو. هو عورت کان وڌيڪ کاڌي پيتي جو شوقين آهي ۽ جڏهن حوا کيس صوف پيش ڪيو هو تڏهن کان عورت مرد تي سندس پيٽ جي معرفت حڪومت تي ڪري ۽ هڪ ئي وقت هن جو پيٽ ۽ اخلاق خراب تي ڪري.

خوراڪ جي ڳولها ۾ مرد ويڙهاڪ ٿيو. حيوانن ۾ هو ڏندن ۽ چنبن سان ۽ انسان ۾ سرمائي جي رقابت سان ۽ قومن ۾ بري بحري فوجن جي مدد سان وڙهي ٿو. ڪپلنگ چيو هو تہ مادي نر کان وڌيڪ ظالم هوندي آهي. شايد تہ هن کو زخم کاڌو هو، (سئزڪينال جي اوپر طرف) انڪري ان معاملي ۾ سندس نظر صاف نہ هئي. عورت فطريءَ طرح امن ۽ تحفظ جي طالب هوندي آهي، جنگ جي نہ. ڪن ساهوارن جي نسلن ۾ تہ ماديءَ ۾ وڙهڻ جي جبلت ڪانہ هوندي آهي. هوءَ جڏهن بہ وڙهندي آهي تہ پنهنجن ٻچن لاءِ وڙهندي آهي، هن ۾ جيڪڏهن تيزي آهي تہ اها هوءَ تڏهن ڪم آڻيندي آهي جڏهن نسل کي خطرو هوندو آهي، ٻي صورت ۾ هن کي جنگ نہ وڻندي آهي ۽ کو ايڪڙ ٻيڪڙ ڏوهہ بہ ڪانئس

سندس جسماني خامين جي ڪري ٿيندو آهي. هن ۾ مرد کان وڌيڪ صبر آهي ۽ مرد جيتوڻيڪ زندگيءَ جي وڏن مسئلن ۾ وڏي جرائت کان ڪم وٺندو آهي. پر عورت ۾ ننڍيون ننڍيون مشڪلاتون ۽ مصيبتون سهڻ جي تمام وڏي قوت آهي. هوءَ بيماريءَ کي ائين وڏي خاموشيءَ سان برداشت ڪندي آهي جڻ هن کي ان مان ڪا وڏي لڪل خوشي پئي ملي. (شايد انڪري جو بيماريءَ ۾ ڪيس روزاني جي ڪم ڪار کان ڇوٽڪارو ملي ويندو آهي) پر مرد جنهن کي ماٺ ويهڻ نه ايندو آهي بيماريءَ ۾ پريشان ٿي ويندو آهي ۽ ساري دنيا کي پنهنجي بيماريءَ جو پيو ٻڌائيندو آهي.

عورت هڪ ٻئي نموني سان جنگ پرست آهي، هوءَ سپاهيءَ کان متاثر ٿيندي آهي ۽ هڪ جابر مرد جي اطاعت مان مزو وٺندي آهي، هن ۾ اذيت جو عجيب لاڙو آهي جنهن جي ڪري هوءَ طاقت جي مظاهري سان مرعوب ٿيندي آهي، پوءِ ڪٽي ان طاقت جو هوءَ پاڻ ئي شڪار ڇو نه هجي، ساهوارن جي هر نسل ۾ هوءَ جهيڙاگر نر جي چونڊ ڪندي آهي جو لاشعوري طور سمجهندي آهي ته اهڙيءَ طرح سندس گهر ۽ اولاد جي حفاظت ٿيندي. ڪڏهن ڪڏهن مردانگيءَ مان حاصل ٿيندڙ اهو پراڻو اطمينان هن جي هاڻوڪي معاشي ساجهه تي حاوي ٿي ويندو آهي ۽ هوءَ ڪنهن بهادر ماڻهوءَ سان شادي ڪندي آهي، پوءِ اهو ڪٽي بيوقوف ئي ڇو نه هجي. هوءَ دل و جان سان هڪ مضبوط ارادي واري مرد جي فرمانبرداري ڪندي آهي. جيڪڏهن اسان جي زماني ۾ هوءَ ايڏي فرمانبردار ڪانهي ته ان جو سبب اهو آهي جو اڄ جي مردن ۾ اها جوانمردي ڪانهي، شايد ته صنعت جي عقل جي دشمن، پابندين ۽ ذهني زندگي جي ساهه ٻوساٽيندڙ تصنع، مردن کي غلاميءَ جو هيراڪ ۽ سندن همت ۽ جرائت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي.

عورت لڙائيءَ سان فتح ڪرڻ جي بدران ثابت قدمي ۽ پختگيءَ سان فتح ڪندي آهي. مرد جي جنگ بيشڪ ته سخت ۽ ڪليل هوندي آهي ۽ ڪاوڙ ۾ هو زال تي رڙيون ڪندو آهي،

مارڪُٽ ۾ ڪندو آهي. پر آخر ۾ فتح عورت جي ٿيندي آهي. ڪمزور نسل، عوام، جنسون ۽ فردَ، انهن ڪي صبر ۽ چالاڪيءَ جا گُر ايندا آهن. نيپوليئن جيڪو هن پوري ڪنڊ کي فتح ڪري سگهيو تي پنهنجي زال تي حاوي ٿي نہ سگهيو. هن جي طاقت جوزوفين جي هيٽائپ ۽ بزدليءَ آڏو بي وس ٿي پئي. چاڪاڻ جو جيڪي هٿيار هن استعمال تي ڪيا انهن جو بچاءُ هن وٽ ڪونہ هو. هن لکيو آهي تہ منهنجي شخصيت جي قوت جي گهٽي ياڳي ماٺهو تعريف ڪندا آهن پر پنهنجي زال ۽ ٻارن لاءِ مان سدائين ڪمزور انسان هيس ۽ پهريون طوفان ختم ٿيندو هو پر هنن جو ضد ۽ ارڏائي قائم رهندا هئا ۽ مان ايترو تہ ٿڪجي پوندو هيس جو ٽڪ جي ڪري هنن کي جيڪي وٽندو هو سو ڪندا هئا. اها هرهڪ گهر جي راڳڻي آهي، هن عيش ۽ آرام واري زماني ۾ جنهن ۾ هڪ وچولي طبقي جي مرد جي زال وڏي آرام واري زندگي تي گذاري. جو هن کي نہ ڪو گهر جو ڪم ڪار آهي. ۽ نہ وري ڪو ٻار، پر اهو زمانو مرد لاءِ سازگار نہ آهي. هو ساري ڏينهن جي محنت ڪانپوءِ گهر ايندو آهي تہ هن جي پراڻي دشمن تازي تواني تي هن جي منتظر هوندي آهي ۽ جنگ شروع ٿيڻ کان اڳ ئي مڙس کي شڪست اچي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن اتفاق سان هو ڪامياب ٿيندو آهي تہ عورت لاءِ روئڻ ئي ڪافي هوندو آهي ۽ مرد کي هٿيار ڦٽا ڪرڻا پوندا آهن، ميريئا لوئيسا چونديءَ هئي تہ ڪا شيءِ حاصل ڪرڻ لاءِ هوءَ جيڪڏهن ٻہ دفعا روئي تہ اها شيءِ ڪيس ملي ويندي هئي. سگهڙ زال کي لڙائيءَ جو هي بنيادي اصول ياد رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن تون پهرين دفعي ڪامياب نہ ٿئين تہ هڪ دفعو وري روئڻ شروع ڪر.

جيستائين عمل وارين جبلتن جو تعلق آهي جيئن رڙهڻ، هلڻ، ٽپڻ، ڊوڙڻ، ڪيڏڻ واريون جبلتون، انهن ۾ مادي نر کان گهٽ تيز لڳندي آهي. مرد جو لاڙو اجائين حرڪتن ڏانهن هوندو آهي جڏهن تہ عورت اجائي آرام ڏانهن مائل هوندي آهي. عورت مرد کان وڌيڪ سست هجڻ جي ڪري جنسي لحاظ کان وڌيڪ

خطرناڪ هوندي آهي. جو بيڪاري جنسي لاڳاپن لاءِ مائل ڪندي آهي. نيڪي، خوشي ۽ حسن حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ماڻهو ڪم ۾ رُڌل هجي.

## سماجي جبلتون:

جن جبلتن جو اسان جائزو ورتو آهي انهن مان جيڪي فرد جي تحفظ جون جبلتون آهن تن مان مرد جي فطري برتري واضح آهي، جڏهن ته اجتماع ۽ نسل جي تحفظ وارين جبلتن مان عورت جي برتري ظاهري ٿي ٿئي. عورت مردن کان وڌيڪ اجتماع پسند آهي، هوءَ محفلن ۽ ميڙن کي پسند ڪندي آهي ۽ وڏي خوشيءَ سان پنهنجو پاڻ کي ميڙ جي گمناميءَ ۾ گم ڪري ڇڏيندي آهي، هوءَ اهو ناهي پڇندي ته بهترين ڊراما، بهترين ميوزڪ ۽ بهترين جاءِ ڪهڙي آهي پر اهو ڏسندي آهي ته سڀ کان وڌيڪ ماڻهو ڪٿي ٿا گڏ ٿين. ان معاملي ۾ هن ۾ ۽ سندس مڙس ۾ تمام گهڻ فرق آهي. (گهڻ ۾ گهڻ هوءَ بهترين شيءِ کي پسند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي جڏهن ته هڪ عام مرد پنهنجي زال جي ڊپ کان ميوزڪ جي محفلن، آرٽ جي نمائشن ۽ ڊرامن ۾ ويندو آهي) هوءَ مرد کان گهڻ اڪيلائي برداشت ڪندي آهي انڪري تمام گهڻ عورتون دنيا کي تياڳيندڙيون آهن. هوءَ مرد ڪانسواءِ پنهنجو پاڻ کي اڻ پورو سمجهندي آهي جڏهن ته مرد عورت ڪانسواءِ پنهنجو پاڻ کي نامڪمل محسوس نه ڪندو آهي. عورت انڪري پاڻ کي نامڪمل سمجهندي آهي جو ڪيس مرد جي اڳواڻي ۽ حفاظت جي ضرورت هوندي آهي. عورت هڪ محفل پسند جاندار آهي. انڪري ئي هوءَ گهڻو ڳالهائيندي آهي، چيو وڃي ٿو ته هوءَ راز رکي نه سگهندي آهي، فرينڪلن چيو هو ته ٽي شخص راز رکي سگهندا، پر اهو تڏهن جڏهن انهن مان ٻه مري ويا هجن، ان ڳالهه کي مردن سان لاڳو ڪرڻ لاءِ مري ويلن جو انگ وڌائڻو پوندو. هڪ ڳالهه آهي ته عورتون مردن کان وڌيڪ عرصي تائين خاموشيءَ سان تڪليف برداشت ڪري سگهنديون آهن، هو گهڻو ڪري جذبات کان

بيوس تي وينديون آهن جنهن جي ڪري ذهني بيمارين جون وڏيڪ شڪار ٿينديون آهن، ان جو هڪڙو سبب اهو بہ آهي تہ سوسائٽي هن جي جنسي خواهشن تي سخت پابنديون وجهندي آهي، هن جو چهرو سندس گفتگو وانگر جذبات جو آئينو هوندو آهي. جيئن تہ هن جي ڪنهن تقدير پسند فلاسافر ۽ محتاط تاجر وانگر اها سڪيا ورتل نہ هوندي آهي تہ نفعي ۽ نقصان، خوشي ۽ غم ۾ چهري ڪي تاثرات ڪان ڪيئن خالي رکجي. انڪري هن ۾ ٻين جي احساسن ۽ خيالن جو اندازو لڳائڻ جي وڏي صلاحيت هوندي آهي، ۽ مرد ڪان وڌيڪ عورت ڪي ڌوڪو ڏيڻ ڏکيو هوندو آهي.

گالٽن چيو هو تہ محفل پسندي، گهٽ همت ۽ اهل ڪرڻ جي صلاحيت ۾ بدلبي آهي، هوءَ محبت جي معاملي ۾ بہ مرد ڪي چڏيندي آهي تہ هو پهريون قدم کڻي ۽ اهوئي مرد جي مٿس حاوي ٿيڻ جو راز آهي ۽ جيڪڏهن خواهش جو تازو شراب مرد ڪي مست ڪري نہ سگهندو تہ پوءِ هو سالن تائين ڪيس انتظار جون مشڪل گهڙيون گهارڻ لاءِ مجبور ڪري پاڻ دولت گڏ ڪرڻ ۽ ٻين عورتن سان تجربا ڪرڻ ۾ مصروف رهي سگهي ٿو. عورت ڪي پاڻ تي اعتماد نہ هوندو آهي. هن جي ذهن تي سندس جسماني ڪمزوري ۽ معاشي محتاجي جي احساس جو سدائين وزن رهندو آهي جنهن جي ڪري سندس جرائت جو نشتر مڏو ٿي ويندو آهي ۽ هوءَ گهڻي ياڳي بغاوت ۽ ارادي جي مضبوطيءَ کان محروم ٿي ويندي آهي، رسمن رواجن سان چنبڙيل هوندي آهي، وڏي شرافت سان ماضيءَ جو ليڪو پٽي ٽپندي آهي ۽ هٻڪندي ۽ ڊڄندي، لباس، سوچ ۽ اٿڻ ويهڻ جا نوان طريقا اختيار ڪندي آهي. پر هوءَ سوچ جي نئين انداز کي ان تي غور ڪرڻ ڪانسواءِ مرد کان اڳ قبول ڪندي آهي، نفسيات جا ماهر وڏي سولائيءَ سان هن جي ڊنل روح جي گهرائين تائين پهچي ويندا آهن. روحانيت جا ماهر هن ڪي روحن جون تصويرون ڏيکاري پنيلائيندا آهن ۽ سندس وهم پرستيءَ سان ڪيڏي دولت ڪمائيندا آهن.

عورت مرد وانگر اعتدال کان گھٽو اڳتي نہ وڌندي آهي. عورتون گھڻ بيوقوف ۽ گھڻ اعليٰ دماغ واريون هونديون آهن، هڪ مرد جي ٻئي مرد جي شخصيت سان ايتري هڪ جهڙائي نہ هوندي آهي جيتري هڪ عورت جي ٻي عورت جي شخصيت سان، مردن جو وقت بوقت بدلجندڙ ماحول ۽ قسمين قسمين ڪمن جي ڪري هنن جا هزارين قسم ٿي پيا آهن. پر گھر جي روايتي ڪم ڪار، هڪ مرد سان گڏ رهڻ ۽ ٻارن جي نيپاج وارن ڪمن، جيڪي سيني عورتن جا هڪ جهڙا آهن، سيني عورتن کي ذري گھڻ هڪ جهڙو بنائي ڇڏيو آهي. اهو بہ هڪ سبب آهي جو مرد وڏي سولائيءَ سان هڪ عورت تان ڌيان هٽائي ٻي عورت ڏانهن ڪري سگھندو آهي، ان لاءِ هن کي رڳو هڪڙو نئون نالو ياد ڪرڻو پوندو آهي ۽ ڪو نئون هنر سکڻو پوندو آهي. ايستائين جو اُن نئين تعلق ۾ پراڻا لکيل خط بہ ڪم اچي سگھندا آهن، گھڻو ڪري عورت محبت ۾ ناڪامي برداشت ڪري نہ سگھندي آهي، چاڪاڻ جو هو پنهنجو روح هڪ ماڻهوءَ جي تصور سان ڳنڍي ڇڏيندي آهي ۽ جيڏانهن بہ ويندي آهي اُتي هن جون يادون هن سان ساڻ هونديون آهن.

عورت کي محفل پسنديءَ سان گڏ سوسائٽيءَ ۾ مقبوليت حاصل ڪرڻ جو اونو بہ رهندو آهي. مڙس جي راءِ کان وڌيڪ ڪيس ٻاڙيسرين جي راءِ جو اونو هوندو آهي. هوءَ محبت ۽ مامتا جي ڪمن مان واندي ٿيندي آهي تہ سارو وقت ٻاڙيسرين سان ڪچهريءَ ۾ گذاريندي آهي. هوءَ مرد کان وڌيڪ خودپسند هوندي آهي ۽ کيس پنهنجي چڱائين ۽ حسن جو تمام گھڻو احساس هوندو آهي. هوءَ پنهنجي نڪ تي پاؤڊر هڻڻ ۾ اڌ ڪلاڪ لڳائي سگھي ٿي پر هن ۾ مرد کان گھڻ تڪبر هوندو آهي. سندس اندر جي اظهار جو شوق گلا تي پوندو آهي. ۽ ٻين جي اهل ڪرڻ واري طبيعت جي ڪري روايت پرست ٿي پوندي آهي. هوءَ مڙس کان وڌيڪ سماج ۾ اعليٰ رتبو چاهيندي آهي ۽ سندس اها خواهش هن جي مڙس جي ترقيءَ ۾ وڏي مدد ڪندي آهي. هن کان جيڪي مٿي

هوندا آهن انهن آڏو پاڻ کي گهٽ ۽ جيڪي ڪانئس گهٽ هوندا آهن انهن کان پاڻ کي گهٽو متي سمجهندي آهي، انڪري ئي خوش اخلاق هوندي آهي، ماڻهن سان گهڻو اُٺڻ ويهڻ ۽ مامتا جي ڪري هوءَ مرد کان وڌيڪ نرم دل ۽ همدرد هوندي آهي. هن جي دل کي ڏتارڻ واري خودپرستي پنهنجي جاءِ تي پر هوءَ اعليٰ درجي جي رحمدل ۽ همدرد هوندي آهي، هوءَ بيمارن ۽ ڪمزورن جي پرگهور لهڻ ۾ اڳتي هوندي آهي هن جي فطرت انهن جذبن سان پريل هوندي آهي.

ذهن ۽ دل جي انهن چڱاين هن کي وڌيڪ مذهبي بڻائي ڇڏيو آهي. پنهنجي جذباتيت جي ڪري مذهب هن جي احساسن تي وڌيڪ اثرانداز ٿيندو آهي. جنسي جذبات تي سخت سماجي دٻاءَ جي ڪري هوءَ پرستش جي لائق شين جي دل و جان سان پرستش ڪندي آهي، زندگيءَ کي اداس ڪندڙ واقعن کي تمام گهڻو دل تي ڪٽندي آهي. کيس يقين هوندو آهي تہ هوءَ پنهنجن مري ويل عزيزن سان وري ملندي انڪري هن ۾ موت کان پوءِ حياتيءَ تي پڪو اعتقاد هوندو آهي، قدرت هن لاءِ هڪ مقدس مانداڻ آهي ۽ کهڙي خبر تہ پنهنجي گهٽ سمجهہ جي ڪري هوءَ اسان جي ميڪانڪي سائنس کان وڌيڪ قدرت جي اسرارن تي ويساهہ ڪندي هجي. اها هن جي جبلت آهي تہ جن شين کي مرد شايد پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ گهري انهن جي هوءَ پرستش ڪري، بت ۾ هيٺي هجڻ جي ڪري هوءَ بي پناهہ طاقتور کي ڳوليندي آهي، دنيا جي سورن کان پريشان ٿي هوءَ آسماني هدايت لاءِ دعا گهرندي آهي. اڪيلائيءَ کان ڊپ ۽ محفل پسنديءَ، هن ۾ خدا جي حضور ۾ حاضر هجڻ جي اُڃ پيدا ڪئي آهي انڪري هوءَ فضا کي انهن روحن سان پري ڇڏيندي آهي جيڪي محتاجي ۽ اڪيلائيءَ ۾ هن جا ساٿي هوندا آهن، هوءَ نوان عقيدا اختيار ڪرڻ ۾ اڳري ۽ پراڻن کي ڇڏڻ ۾ آخري فرد هوندي آهي. مايوسيءَ جي حالت ۾ مرد خودڪشي ڪري سگهي ٿو پر عورت پوريءَ طرح مايوس ٿيڻ کان

پوءِ پنهنجو پاڻ کي آسماني طاقتن جي رحم جي حوالي ڪري ڇڏيندي آهي ۽ خدا جي رحمت مان ڪيس دلي آرام ملندو آهي.

## ذهني فرق:

هي آهن مردن ۽ عورتن جون جبلتون، پر ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ طبعيتن جا اهي بنيادي لاڙا تجربي ۽ تعليم سان متاثر ٿي بدلبا نہ آهن. مرد توڙي عورت ۾ انهن لاڙن جي بنيادن تي سندن عادتن ۽ عقل جي عمارت اسرندي آهي. هاڻي ڏسڻو آهي تہ عمارت جي اها اوسر مرد ۽ عورت ۾ ڪيئن جدا جدا ٿي ٿئي. مردن ۾ اها وڏيڪ وسيع ۽ وڏيڪ اونچي هوندي آهي جو ڪيترن نسلن کان هنن کي گهران نڪري دنيا ۾ زندگيءَ جي هڻ هٿان سان منهن ڏيڻو پيو. هنن کي اهڙن نئين حالتن تي حاوي ٿيڻو پيو جن تي حاوي ٿيڻ لاءِ هنن جي جبلتن جا ردِعمل ڪافي نہ هئا انڪري هنن ۾ نئين ۽ ڪامياب ردِعمل جي لچڪ پيدا ٿي جنهن کي جبلت جي ذهانت چيو ٿو وڃي، جنهن جي معنيٰ تہ جبلت بہ ذهين ٿي سگهندي آهي، جيڪڏهن حالتون روايتي نوع جون هجن جهڙيون هاڻي تائين ماڻهوءَ کي پيش اينديون رهيون آهن تہ پوءِ جبلت ڪم اچي سگهي ٿي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ذهانت کان وڏيڪ ڪامياب ٿئي. هاڻوڪي زماني تائين عورت جو فرض مڙس حاصل ڪرڻ ۽ ٻارن جي پرورش ڪرڻ هو، اهو فرض اڄڪلهہ جي صنعتي شهر جي عورتن ڪانسواءِ ٻين سيني عورتن سان لاڳو آهي، اهي بنيادي فرض ڏاڍا پراڻا آهن، تاريخ جي شروعات کان وٺي هرهڪ عورت کي اهي فرض پورا ڪرڻا پيا آهن. انهن مسئلن لاءِ جبلي ردِعمل پيدا ٿيا جيڪي ڪڏهن ڪڏهن تباهہ ڪندڙ پر گهڻي ڀاڱي ڪامياب ثابت ٿيا. انڪري عورت (صنعتي طبقي جي عورتن ڪانسواءِ) جون جبلتون، اتحاد، ربط ۽ اختصار ۾ مرد جي جبلتن کان وڏيڪ واضح هونديون آهن. مرد جي فطرت ۾ تنقيد، شڪ ۽ فڪرمندي هوندي آهي، لچڪ پيدا ڪرڻ لاءِ هن جون جبلتون پڃي پُري پيون آهن، ۽ انهن مان يڪدم عمل ڪرڻ جي صلاحيت ۽ اعتماد ختم ٿي ويو

آهي. عورت جي آڏو مرد وائڙو هوندو آهي، جتي به ڪنهن مرد کي قاسائڻ، ڪنهن عاشق کي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ، يا گهر نهرائڻ جو مسئلو هجي عورت وڌيڪ خوداعتماديءَ سان عمل ڪندي آهي. سٺي رٿابندي ڪري ان تي يڪدم عمل ڪندي آهي. محبت جي جنگ ۾ ٽيهن سالن جو مرد هڪ ويهن سالن جي ڇوڪريءَ جو مقابلو ڪري نٿو سگهي. ڪنهن مرد کي ڏسو (ڪٽي ڪيترو به پوڙهو ڇو نه هجي) جيڪو ڪنهن عورت جي محبت ۾ مبتلا آهي (هوءَ ڪيتري به جوان ڇو نه هجي) ته ڪير ڪنهن جي اشارن تي ٿو نچي. ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي عورت ماءُ جي پيٽ مان سکي ايندي آهي، پر مرد کي تلخ تجربي ۽ مايوسين کانپوءِ سکڻيون پونديون آهن. عورت ڏسندي وڌيڪ آهي پر هن ۾ بيان ڪرڻ جي قوت گهٽ هوندي آهي. مرد ڏسندو گهٽ آهي پر هن ۾ بيان ڪرڻ جي قوت وڌيڪ هوندي آهي. عورت سوچ کان ڪم گهٽ وٺندي آهي، ۽ بنان تدبر جي ڪوڙ ڳالهائيندي آهي. ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ هوءَ مرد کان وڌيڪ هوشيار آهي ۽ جڏهن گناهه ڪندي جهلجي پوندي آهي ته اطمينان سان پنهنجي صفائي پيش ڪندي آهي.

جيئن ته عورت زندگيءَ جي روزاني جي ڪمن لاءِ پيدائش کان تيار هوندي آهي انڪري هوءَ جلد بالغ ٿي ويندي آهي ۽ سندس جوانيءَ جو عرصو به گهٽ هوندو آهي. ان ڳالهه تي ڪن مردن کيس ادنيٰ نسل سڏيو آهي، پر اهو دليل صحيح نه آهي. دليل موجب ته جهنگلي ڳيرو خدا جي بهترين مخلوق آهي. اهڙيءَ طرح اهو نتيجو به ڪڍي سگهجي ٿو ته عورت ذهنيءَ طرح مرد کان برتر آهي ڇاڪاڻ جو هن جي جسم جي سندس ذهن سان مناسبت مرد کان گهٽو وڌيڪ هوندي آهي. هن جي جوانيءَ جي دور جي گهٽ هجڻ جو هڪ سبب اهو به آهي ته ڪنهن آڳاٽي زماني ۾ هن کي جلد ماءُ بڻجڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هو. مرد جي اڄڪلهه جيڪا عمر آهي ان جي اڌ عمر ۾ هو پيءُ ٿي سگهي ٿو، پر مالي حالتون کيس اجازت نه ٿيون ڏين، جواني، جسم ۽ ذهن بنهي جي هوندي

آهي ۽ ان جو انحصار جدا جدا حالتن تي هوندو آهي. ڪي مرد جلد بالغ ٿي ويندا آهن، ڪي دير سان ۽ ڪي بنهه بالغ نه ٿيندا آهن. ماڻهوءَ جي جوانيءَ جو عرصو ڏگهو ٿيندو ٿو وڃي. چاڪاڻ جو هيءُ ڳتيل ۽ منجهيل تهذيب، روزانو اسان جي فطري لاڙن سان ٽڪرائجي ۽ اسان کي وڌيڪ بيوس ٿي بڻائي. اسان جي زماني ۾ تمام گهڻ مرد اڌ زندگي گذارڻ کان اڳ ذهني طور بالغ ٿي سگهندا آهن. ان جي ڀيٽ ۾ عورت جنهن جي زندگيءَ جا فطري لاڙا سادا آهن ننڍيءَ عمر ۾ ئي ذهني ۽ جسماني طور بالغ ٿي ويندي آهي. هوءَ رسمي ڪم ڪار جلدي سکي وٺندي آهي ۽ اسڪول ۾ پنهنجن هم ڪلاسي ڇوڪرن کان وڌيڪ هوشيار هوندي آهي، تازو ريڊ ڪلف ڪاليج جي ڇوڪرين ذهني آزمائش ۾ هارورڊ جي ڇوڪرن تي پنهنجي برتري ثابت ڪئي، عورت پنهنجي پيدائشي حالت کان ايترو اڳتي نه وڌندي آهي جيترو ٻي چين ۽ نون تجربن جو شوقين مرد وڌندو آهي. هوءَ خانداني لاڙن سان چنبڙيل هوندي آهي ۽ مرد نئين نئين حالتن جي پٺيان ڊوڙندو آهي، عورت نسلي استحڪام جو وسيلو آهي پر مرد تبديليءَ جو علمبردار. هوءَ انساني وڻ جي پاڙ ۽ ٿڙ آهي جيڪو زمين سان ڳنڍيل هوندو آهي ۽ جڏهن وڻ جون شاخون آسمان ڏانهن وڌنديون آهن ته وڻ پنهنجي پاڙ کي وڌيڪ مضبوط ڪندو آهي.

ان مضبوطيءَ جو ٻيو پاسو هي آهي ته عورت جي قدامت پسندي ۽ سوچ نامڪمل هوندي آهي، هن جون دلچسپيون گهريلو ۽ گهٽي پاڳي سندس ماحول واريون هونديون آهن. هوءَ فطرت وانگر گهري ۽ چار ديواري وانگر تنگ نظر هوندي آهي. جبلت هن کي روايت پرست بڻائيندي آهي ۽ هوءَ روايت کي ائين پسند ڪندي آهي، جيئن ماهر پنهنجي ان شيءِ کي پسند ڪندو آهي جنهن سان هو پنهنجا جوهر ڏيکاريندو آهي. هوءَ ذهني ۽ اخلاقي شين ۾ گهٽ تجربا ڪندي آهي. هوءَ جيڪڏهن "آزاد محبت" ڪندي آهي، ان لاءِ نه ته آزاد محبت سان ڪيس آزادي ملندي آهي. پر ان لاءِ جو هوءَ هڪ ذميوار مرد سان شادي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيندي

آهي. هوءَ وڏي خوشيءَ سان ڪنهن مرد کي ويجهو اَٽيندي آهي. ته جيئن هن کي گهريتڙو ٻڻائي ۽ جيڪڏهن نوجوانيءَ ۾ سندس لاڙو سماجي ڀلائيءَ ڏانهن هوندو آهي ته هوءَ پنهنجي محبت کي سموري انسانيت تي پکيڙي ڇڏيندي آهي ۽ جيڪڏهن ڪيس ڪو ايماندار مڙس ملندو آهي ته هوءَ پنهنجن سمورين دلچسپين کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي، جلدئي هوءَ پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي مڙس کي ان سموري انسانيت تي پکڙيل ڪنهن عالمگير مقصد جي محبت کان پاسو ڪرائي ڪيس خاندان سان وفاداريءَ جي شديد جذبي سان روشناس ڪرائيندي آهي. نوجوان محبت جي مستيءَ ۾ چوندو آهي ته: "تنهنجي لاءِ مان ساري دنيا کي ترڪ ڪري سگهان ٿو"، پر پوءِ جڏهن شادي ڪندو آهي ته پنهنجو قول پورو ڪندو آهي.

ائين ٿيڻ به گهرجي. عورت کي فطري طور خبر هوندي آهي ته اصل سڌارو سدائين گهر کان شروع ٿيندو آهي. هوءَ جڏهن هڪ رولاڪ مرد کي پنهنجي ٻارن جو عاشق ٻڻائيندي آهي ته هوءَ نسل جي نمائندگي ڪندي هن جي خدمت ڪندي آهي، فطرت کي قانونن ۽ ملڪن سان ڪو واسطو نه هوندو آهي. عورت جو واسطو خاندان ۽ ٻارن سان هوندو آهي. جيڪڏهن هوءَ انهن جي حفاظت ڪري سگهندي آهي ته حڪومتن ۽ بادشاهن کان بي پرواهه ٿي ويندي آهي ۽ انهن ماڻهن تي کلندي آهي جيڪي ادارن کي بدلائڻ ۾ لڳل هوندا آهن. اڄ جيڪڏهن فطرت خاندان ۽ ٻارن جي پرگهور نٿي لهي ته ان جو سبب اهو آهي جو عورت فطرت کي وساري ڇڏيو آهي. پر فطرت گهڻي وقت تائين شڪست نه ٿي مڃي سگهي. هوءَ ڪنهن به وقت پنهنجي تڪميل لاءِ سوين ذريعا استعمال ڪري سگهي ٿي. دنيا ۾ ٻيا ماڻهو به آهن جيڪي تعداد ۾ اسان کان گهڻا آهن انهن جي ذريعي فطرت پنهنجو اٽٽر تسلسل قائم رکندي.

## عورت ۽ دانائي:

عورت پيدائشي داناءُ هوندي آهي، جڏهن ته مرد دانائي حاصل ڪندو آهي ۽ ڪن مردن تي وري دانائي مڙهي ويندي آهي. صنعتي

انقلاب ڪانپوءِ مردن لاءِ هڪ عجيب بي ترتيب حالتون پيدا ٿيون جن جي ڪري ڪين سخت ذميوارين کي منهن ڏيڻو پيو جن سان ڪيترا مرد پڄي پُري پيا ۽ ڪيترن پنهنجي تنتي سرشتي ۽ قوتن کي استعمال ڪندي پنهنجي ذهن ۾ وسعت ۽ روشني پيدا ڪئي. انقلاب کان اڳ مردن ۾ اهڙا داناءَ ۽ چريا پيدا نہ ٿيا هئا. جيئن جيئن صنعت عورتن کي پنهنجي دائري ۾ آڻيندي ٿي وجي، تيئن تيئن انهن ۾ بہ اهڙيءَ ذهني ترقي ايندي ٿي وجي، پر ان ترقيءَ ڪانپوءِ بہ ذهنيءَ طرح هو مردن کان الڳ آهن. عورتن ۾ تجريدي خيال گهٽ هوندا آهن. واقعن لاءِ عورت جي نظر ۽ يادگيري تيز هوندي آهي، پر هو اصول ناهڻ ۽ معاملن جي نئين سر تشريح ڪرڻ جي اهل نہ آهي- هوءَ مردن بابت ڳالهائيندي آهي چاڪاڻ جو مرد هن لاءِ مسئلو آهي، شخصيتن جهڙوڪ گهر وارو ۽ ٻار ۾ دلچسپي وٺڻ هن جي تقدير آهي. مرد جي مقدر آهي تہ هو صنعت ۽ تجارت ۾ قاتل هجي، سببن ۽ نتيجن جي مونجهاري ۾ ڦاسي ۽ عورتن ۽ مردن سان واهپو رکي. مرد لاءِ ڪنهن اهڙي ڪتاب ۾ دلچسپي ڳولهڻ سولو آهي جنهن ۾ ڪنهن خيال جي وضاحت ٿيل هجي ۽ عورت ڪنهن افساني جي ڪتاب ۾ دلچسپي وٺندي آهي خاص ڪري اهڙو افسانو جيڪو مرد جي باري ۾ هجي. عورت ڪائناتي، اجتماعي ۽ اقتصادي تبديلين جي غير شخصي عمل کي خدائي قوتن ۽ بهادر انسانن جي افسانن سان جوڙيندي آهي.

عورت ۽ مرد جي ذهني فرق جو مطالعو ڪرڻ وارن مردن کي اها ڳالهہ هميشہ آٿت ڏيندي رهي آهي تہ عورتن ۾ ڪابہ وڏي داناء عورت پيدا نہ ٿي آهي. حسن سان واسطو رکندڙ فن ۽ احساسن ۽ جذبن سان لاڳاپيل موسيقي ۾ بہ عورتن ڪوشش ڪانپوءِ بہ ڪو نانءُ نہ ڪڍيو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ عورتن ۾ مردن کان وڌيڪ موسيقيءَ جو شوق آهي پر عورتن کان وڌيڪ مرد سگهاري موسيقي تخليق ڪندا رهيا آهن. مرد جڏهن عورت جي تعريف ڪندي ڪيس چوندا آهن تہ هوءَ ذهني ۽ فني لحاظ کان جينيئس آهي تڏهن ڪيس مرداڻي قسم جون عورتون

چئي اڻ سڌيءَ طرح مرد جي تعريف ڪندا آهن. شوپنهار اسان کي يقين ڏياري ته جينيئس ۽ مامتا هڪ ٻئي جا مخالف آهن جيڪڏهن اسان شوپنهار جي اها ڳالهه مڃون ته پوءِ اسان ان نتيجي تي پهچنداسين ته ڪابه عورت شوپنهار وانگر خطرناڪ قسم جي ذهني طرح غير معمولي تيڻ ڪانسواءِ ذهني برتري حاصل ڪري نٿي سگهي. جارج سينڊ هڪ مرداڻي قسم جو سگار پيئندي هئي ۽ جارج ايليئٽ اسپينسر جي تڏي روح لاءِ بہ وڏي مرداڻي قسم جي عورت هئي. ميڊيم حبيرادين جو خيال هو ته جارج سينڊ جي هر ناول ۾ هن جي نئين عاشق جو انداز، ڪردار ۽ اثر نظر اچي ٿو. هن چيو آهي ته اسان جڏهن عورتن جي لکڻين تي تنقيد ڪندا آهيون تڏهن گهڻو ڪري اسان کي بوفون جو هم خيال تي چوڻو پوندو آهي ته سندن لکڻ جو انداز مرداڻو آهي.

عورتن ۾ جينيئس جي نہ هجڻ جا ڪيترائي سبب آهن، شايد تہ اسان جينيئس جي تشريح ڪرڻ وقت تعصب کان ڪم وٺندا آهيون ۽ اهو نہ سوچيندا آهيون تہ ممڪن آهي تہ سياست، ادب ۽ جنگ وانگر مامتا ۾ بہ جينيئس جي ذهني بلندي ڪم ڪندي هجي. هر جنس ۽ هر عمل جي فطري فرضن کي پورو ڪرڻ جي اعليٰ صلاحيت مان ئي جينيئس جو اندازو لڳائي سگهون ٿا. اسان جڏهن چئون ٿا تہ اڳين زماني ۾ جينيئس گهڻا هوندا هئا ۽ اڄڪلهہ گهٽ تا تين تڏهن اسان غلطي تا ڪيون، اسان دانائن جي ڳولها انهن ئي شعبن ۾ تا ڪيون جن ۾ هو ماضيءَ ۾ پيدا ٿيندا هئا. ٿي سگهي ٿو تہ اسان جي اها ذهني قوت جيڪا پهريان فن ۽ ادب تخليق ڪندي هئي، هاڻي سائنس ۽ صنعت جي وسيع شعبن ۾ سمائجي وئي هجي. اڄ اسان پنهنجي نئين علم ۽ نئين طاقت جي ذريعي مادي دنيا کي نئين سر تعمير ڪرڻ ۾ مصروف آهيون. اسان وٽ وڏيون ايجادون ڪرڻ وارا ۽ سائنسدان، بين الاقوامي ڪاروبار جو انتظام هلائڻ وارا ۽ اُهي سرمائيدار آهن جن جو اثر ساري دنيا تي آهي. هن زماني ۾ افلاطون، شيڪسپيئر، ليونارڊو ۽ بيٿوون جي اميد رکڻ غلطي آهي.

شايد تہ دانائيءَ ۾ مرد ان لاءِ عورتن کان اڳتي وڌي ويا آهن جو داناءَ ماڻهو پڙهيل ڪڙهيل اقليت ۾ هوندا آهن. جيستائين عورتن ۽ مردن ۾ تعليم پرائڻ وارن جو انگ هڪجيترو نہ هوندو تيستائين عورتن جي مردن سان ڀيٽ ڪرڻ اجائي آهي. لڪين پڙهيل مردن مان ڪي تورا داناءَ ٿيندا آهن ۽ ڪن سَوَن پڙهيل عورتن مان ڪي عورتون داناءَ ٿينديون آهن. عورتن کي جيڪڏهن موقعا ۽ تربيت ملي تہ عورتون سيفو جهڙيون عظيم شاعرائون، جارج ايليئٽ جهڙيون ناول نويس، ميڊيم ڪيوري جهڙيون عظيم طبيباڻيون، هائي پاشيا ۽ سونيا ڪائولوسڪي جهڙيون حساب جون عظيم ماهر، اسپيشيا ۽ ميڊم ڊي شٽيل جهڙيون عظيم مفڪر، راڻي ايلزبيٿ ۽ ڪيترائن ڊي ميڊيسي جهڙيون سياستدان پيدا ٿينديون آهن. تعجب جهڙي ڳالهہ آهي تہ انهن حالتن ۾ بہ ڪيتريون ئي داناءَ عورتون پيدا ٿيون آهن، شايد عورتن ۾ رڳو اها جسماني قوت گهٽ هوندي آهي، جيڪا فني تخليق لاءِ لازمي آهي ۽ شايد هنن ۾ مردن جهڙو جمالياتي ذوق بہ نہ هوندو آهي، جيڪو تخليق لاءِ هرڪائيندو آهي. ان سان گڏ اسان عورت جي جنسي طور دير سان سجاڳ ٿيڻ جي ڳالهہ بہ ڪري سگهون ٿا، جنهن جي باري ۾ نفسيات جا ماهر مرد اسان کي ٻڌائن ٿا پر جنهن جو مثال اڄوڪي اخلاقيات ۾ نٿو ملي. عورت گهڻو ڪري پنهنجي مڙس ۾ حسن نہ پر قابليت ۽ طاقت ڏسندي آهي، جنهن مان کيس تحفظ ملندو آهي، مرد پنهنجي چونڊ ۾ حسن کي وڌيڪ اهميت ڏيندو آهي، انڪري نہ، جو حسن مان کيس خوشي ملندي آهي پر انڪري جو حسن طاقت ۽ صحت جي علامت آهي، زندگيءَ جي ساٿيءَ جي چونڊ وقت عورت پنهنجي جمالياتي ذوق کي وساري ڇڏيندي آهي، ڇاڪاڻ جو هوءَ قبضو ڪرڻ نہ پر پاڻ تي قبضو ڪرائڻ چاهيندي آهي. انڪري هوءَ فن کي تخليق ڪرڻ کان وڌيڪ فن لاءِ تحرڪ پيدا ڪندي آهي. شايد هن کي مرد ۾، مغرور ۽ ڪل جهڙي مرد ۾ اهو حسن نظر نہ ايندو آهي. جيڪو کيس تخليق لاءِ تيار ڪري. هوءَ حسن جي تخليق ڇو ڪري، ڇاڪاڻ جو هوءَ پاڻ حسن

آهي. جيئرو حسن، سڀ ڪان حسين فن ۽ ذهانت ڪان وڌيڪ تعريف لائق آهي. هوءَ فن جو سرچشمو ۽ ذهانت جو مقصد آهي. جيڪڏهن زندگي حسين هجي ها تہ ان کي ذهانت جي ضرورت ئي ڪانہ پوي ها پر جيڪڏهن ذهين هجي ها تہ حسين بڻجڻ جي ڪوشش ڪري ها.

## ڇا اهي ذهني فرق فطري آهن؟

هاڻي رڳو هڪڙو سوال پڇڻو آهي؛ تہ ڇا اهي ذهني فرق فطري آهن، يا پيدا ڪيل آهن. هي اهڙو موضوع آهي جنهن بابت سائنس بہ اسان کي فلاسافيءَ وانگر گهڻ جاڻ ڏئي ٿي ۽ مفروضا وڌيڪ ٻڌائي ٿي. اسان چئي ٿا سگهون تہ ذهنن جا اهي فرقَ جيتوڻيڪ جوڙجڪ ۽ عمل جي بنيادي فرقن جي ڪري آهن پر اهي گهڻو ڪري ماڻهن ۾ اجتماعي اثرن جي ڪري پيدا ٿيندا آهن. اهي فرق دنيا جي گهڻن حصن ۾ انهن تصورن تي ٻڌل آهن جيڪي مردن پنهنجي فائدي ۽ اطمينان لاءِ عورتن جي باري ۾ قائم ڪيا آهن ۽ ماحول جي هزارين اثرن ذريعي انهن تي حاوي ڪري ڇڏيا آهن. جيئن هڪڙي ليڊي پروفيسر لکيو آهي تہ ڇوڪرن ۾ انفراديت پيدا ڪئي ويندي آهي، هنن کي سوچ ۽ ڪم ڪار ۾ آزاديءَ جي سکيا ڏني ويندي آهي. هنن کي تجربا ڪرڻ ۽ پاڻ شيون ناهڻ لاءِ هرکايو ويندو آهي. ڇوڪرين کي فرمانبرداري، ضرورتمندي ۽ انڪساريءَ جي سکيا ڏني ويندي آهي. هنن کي احساس ڏياريو ويندو آهي تہ زندگيءَ ۾ هن جي ڪاميابيءَ جو دارومدار ڪنهن نئين ڪم کي پورو ڪرڻ ۾ آهي. سوسائٽي ڇوڪرين مان اهڙي ڪا اميد نہ ٿي رکي.

ڏنو وڃي تہ اسان هڪ وسيع تجربي جي نتيجي ۾ ان سوال جو سائنسي جواب ڏيئي سگهڻ جا لائق ٿي ويا آهيون تہ ڇا مردن ۽ عورتن جو ذهني ۽ اخلاقي فرق فطري آهي، اقتصادي حالت هڪ تجربو ڪيو آهي جنهن لاءِ زندگي پاڻ هڪ تجربيگاهہ هئي. ائين ٿو لڳي تہ اهو مسئلو جيڪو اسان کي منجهائيندو رهيو آهي ان

کي قدرت پاڻ هڪ عالمي تجربي جي ذريعي حل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. مردُ پيدائشي طرح عورتن کان ذهني طور تي برتر آهن يا حالتن جي ڪري؟ ان سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ ضروري هو تہ عورتن کي وڏي انگ ۾ ان قسمين قسمين ۽ متحرڪ حالتن جي حوالي ڪيو وڃي. جيڪي مردن کي ناهين ٿيون. ۽ پوءِ ڏسڻ گهرجي تہ اهي حالتون ڪيتريقدر تيزيءَ سان عورتن کي بدلائن ٿيون. سموري انگلستان ۽ اڌ آمريڪا ۾ اهو تجربو ٿيندو رهيو تہ بنهي جنسن لاءِ ڪارخانن، آفيسن ۽ بين پيشن لاءِ دروازا کوليا ويا، اقتصادي حالتن لکن ڪروڙن عورتن کي گهران ڪڍي صنعتي تجارتي دنيا ۾ مرد سان گڏ آڻي بيهاريو. ان تجربي جو نتيجو ڪهڙو نڪتو؟

نتيجو اهو نڪتو جو آزاد عورتن ۾ اهڙو تيز انقلاب آيو جو دنيا حيران ٿي وئي. ٽن نسلن جي اندر صنعت جي انهن ڪارڪنن هر اُن ميدان ۾ قسمت آزمائي ڪئي جنهن ۾ جسماني طاقت جي ضرورت نہ هئي ۽ هر ميدان ۾ هنن پاڻ ۾ مردن واريون ذهني ۽ اخلاقي خاصيتون پيدا ڪيون. ايستائين جو عيسائيت جو اخلاقيات جو هر اُستاد عورتن ۾ مردن واريون خاصيتون پيدا ٿيڻ لاءِ افسوس ڪرڻ لڳو. قانوندان عورتون، ڊاڪٽر عورتون، گورنر عورتون، ڏاڙيل عورتون مطلب تہ عورتن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هو پنهنجن محدود موقعن ڪانپوءِ بہ هر ميدان ۾ مردن جو مقابلو ڪري سگهن ٿيون. ڪاليجن مان ڊگري ورتل ڇوڪرين سان سندن ذهني برتري جي ڪري ڪو مرد شادي ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو ڇاڪاڻ جو هن جي ذهني برتريءَ مرد جي برتري کي قبول نہ ٿي ڪيو جيڪا شاديءَ لاءِ ضروري هئي. مرد ۽ عورت ۾ ذهني ۽ اخلاقي فرق ائين ختم ٿيندو ويو جيئن دڪانن ۽ ڪارخانن، زراعت واري زمين ۽ گهرن کي ختم ڪري ڇڏيو هو.

ان انقلاب تي اسان اڳتي هلي وڌيڪ تفصيل سان ڳالهائينداسين. في الحال اهوئي نتيجو ڪڍي تا سگهون تہ جيڪڏهن عورتن مردن جي پيشن واري زندگي پوريءَ طرح گذارڻ

جو ارادو ڪيو آهي ته پوءِ هنن ڪي پاڻ ۾ مردن واريون ذهني ۽ اخلاقي خاصيتون پيدا ڪرڻيون پونديون، پر شايد عورتون سني پسند جو مظاهرو ڪنديون، هنن جو اهل ڪرڻ وارو هاٺوڪو دور گذري ويندو، هو سمجهي وينديون ته اهل ڪرڻ هڪ قسم جي خوشامد آهي ۽ مرد جي خوشامد ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. هو اها ڳالهه به سمجهي وينديون ته علم ذهانت نه آهي ۽ خوشي، حسن ۽ ڪمال وانگر، فطري لاڙن جي تڪميل ۾ آهي، آزادي پسند عورتون نامڪمل مرد نه پر مڪمل عورتون ٿيڻ گهرنديون. هو مامتا کي اهڙو هنر بڻائينديون جنهن لاءِ اهڙي ئي ذهانت جي ضرورت آهي جهڙي ڪلن ۽ پرزن کي جوڙڻ ۽ ٽوڙڻ لاءِ، شايد هو سمجهي وينديون ته اهو بهترين فن آهي.

هنن جي نئين آزادي ۾ ڪين اهڙائي منجهيل مسئلا پيش ايندا جهڙا سندن غلاميءَ جي دور ۾ آيا هئا. انهن لاءِ مرد هنن جي مدد ڪري نه سگهندا ڇاڪاڻ ته مرد جو ذهن ايڏو ته ميڪانڪي ۽ سخت آهي جو هو انهن نازڪ خطرناڪ تبديلين کي سمجهي نٿو سگهي، جيڪي عورت جي زندگيءَ ۽ ذهن ۾ انتشار پيدا ڪري رهيون آهن، رڳو هنن جو نئون علم ئي نين حالتن تي ضابطو رکي سگهي ٿو. شايد هو ڪامياب ٿين. جنهن قوت ڪين آزادي ڏياري هئي اها سندن آزاديءَ جا مسئلا به حل ڪندي. هوءَ ڪو اهڙو رستو ڪڍندي جو هن جي محبت ۽ مامتا ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ واري طبيعت جي نرمي، هن جي طاقت، سجاڳي ۽ لافاني حسن سان هڪ ٿي ويندي.

## باب نائون

# اڄوڪي دور جي عورت

### هڪ وڏي تبديلي:

هاڻي ڪان اڳ تائين اسان جيڪو تجزيو ڪري آيا آهيون ان اسان کي بحث لاءِ هڪ نئون موضوع ڏنو آهي ۽ اهو آهي اسان جي جديد صنعتي شهرن جون عورتون. انهن کي ڪنهن سان بہ ڀيٽي نٿو سگهجي جو تاريخ ۾ انهن جو مثال نٿو ملي. اسان جيڪڏهن تصور ۾ پنهنجو پاڻ کي 2000 جي سن ۾ ٻيهاريون ۽ پڇون تہ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ انساني نقطئہ نگاهہ کان ڪهڙو اهم واقعو پيش آيو تہ جوٻ هوندو تہ اهو واقعو نہ عالمي جنگ هو ۽ نہ روسي انقلاب هو، پر عورت جي حيثيت ۾ تبديلي هو ۽ تاريخ شايد ئي ايتري ٿوري عرصي ۾ ايڏو وڏو انقلاب ڏٺو هجي. خاندان جيڪو مقدس ۽ اجتماعي نظام جو بنياد هو، شادي جيڪا شهوت ۽ انسان جي قدرتي گهرٽي طبيعت لاءِ وڏو بچاءُ هئي ۽ اخلاقي نظام جنهن اسان کي بربريت مان ڪڍي اخلاق جي بلندين تي پهچايو هو، اهي سڀ تبديليءَ جي ان واچوڙي ۾ ڦاسي پيا آهن ۽ اهو واچوڙو اسان جي سيني ادارن، زندگي گذارڻ جي طريقن ۽ اسان جي اجتماعي سوچ ۾ نظر اچي ٿو. اسان انتشار جي هن دور ۾ ڪو هرويرو پريشان نہ آهيون.

عورت جي حيثيت جيڪا گهريلو ٻانهي، ذاتي ملڪيت ۽ جنسي سهولت واري هئي هاڻي ڪ ٻي ٿيندي ٿي وڃي. عورت جي اهڙي حيثيت جي باري ۾ اسان جي اڳ بہ اهڙي سوچ هئي، پر ان سوچ (يا بغاوت) کي ڪا گهٽي اهميت ڪانہ هئي پاڻ اهڙي سوچ تي ماڻهو حيران ٿيندا هئا. افلاطون چيو تہ عورت کي هر ميدان ۾ قسمت آزمائڻ جو موقعو ڏنو وڃي. سندس جنس جو خيال رکڻ ڪانسواءِ ڪيس مردن جيترا ئي موقعا ملڻ گهرجن. پر ارسطو عورت لاءِ مرداڻي تعصب جو حامي هو. هن چيو تہ عورت هڪ هنڌ

رُڪجي ويل ترقي آهي. فطرت هڪ مرد بنائڻ تي گهريو ۽ ناڪام تي ۽ فطرت جي اها ناڪامي عورت آهي. عورت جي حيثيت غلام واري آهي. انڪري سياسي ۽ سماجي معاملن ۾ شريڪ ٿيڻ جي لائق نہ آهي. يهودين جي خداوند جو بہ اهوئي خيال هو. هن پنهنجي آخري حڪم ۾، جيڪو چيو وڃي ٿو تہ هن حضرت موسيٰ کي ڏنو، مائن ۽ زالن کي چوپائي مال ۽ جاندار وارو رتبو ڏنو هو. يهودين جو خدا يهودين جي شخصيت جو عڪس هو، جيڪي ٻين جنگجو قومن وانگر عورت کي بدقسمتي ۽ هڪ ضروري بدي سمجهندا هئا، جيڪا انڪري برداشت ڪئي، ٿي، وئي، جو اها سپاهين جو اڪيلو وسيلو هئي. يهودين جي گهر ۾ ڌيءَ ڄمندي هئي تہ ڌيئا نہ ٻاريندا هئا، ڇوڪريءَ جي ماءُ کي ٻيهر پاڪ ڪيو ويندو هو ۽ يهودي ڇوڪرا دعا گهرندا هئا تہ ”اي خدا! مان تنهنجو ٿورائتو آهيان جو تو مون کي ڪافر يا عورت نہ ناهيو.“ يهودي ان معاملي ۾ ٻين قومن جهڙائي هئا پر ڪيترن معاملن ۾ هو پنهنجي زماني جي اخلاقي نظام کان گهڻو اڳتي هئا. اوير جا ماڻهو عورت کي تيستائين گهٽ نظر سان ڏسندا هئا جيستائين هو پُٽن جي ماءُ نہ بڻبي هئي ۽ جيستائين سندس پٽ ڪنهن جنگ ۾ شهيد نہ ٿيندا هئا. خود افلاطون جيڪو عورتن جو وڏو حامي هو تنهن بہ خدا جو احسان مڃيو هو تہ خدا کيس مرد بڻايو هو.

تڏهن کان هاڻي تائين عورت جي حيثيت ۾ وڏيون تبديليون آيون آهن، اسين هتي اهي سڀ تبديليون ٻڌائي نٿا سگهون. يونان ۾ پراڻي ايٿنز جي زندگيءَ کي رنگين بڻائيندڙ وئشيائن ۽ نئين دور جي بادشاهن جي دربار ۾ وڃي ناچ ڪندڙ نچڻين جنسي ڪشش جي فن کي وڏي ترقي ڏني ۽ مرد جي حاڪميت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو. ايشيا ۽ فرائن نالي وارين مشهور وئشيائن جا فلاسافرن ۽ فنڪارن سان تعلقات هئا. ڊوباري ۽ پومپادور جون محفلون دنيا جي اعليٰ تهذيب جون ذهني مرڪز ٿي ويون هيون. ڪجهہ وقت تائين فرانس ۾ انقلاب دنيا جي آزاديءَ جو علمبردار رهيو. ڪندورسي قومي اسيمبليءَ ۾ عورتن

جي ووٽ ڏيڻ جي حق جو بل پيش ڪيو ۽ ميري وول اسٽون ڪرافٽ مردن جي حقن ۾ عورتن جا حق به شامل ڪيا. پر جڏهن رت جي راند ختم ٿي ۽ فرانس جي آزاديءَ لاءِ عورتن پنهنجا پنج لک پٽ قربان ڪيا تڏهن هنن ڏنو ته آزاديءَ جي دعويٰ ڪرڻ وارا مرد آزاديءَ کي پنهنجي گهر ۾ به ڏسڻ لاءِ تيار نه هئا، آزادي رڳو مردن لاءِ هئي ۽ رڳو گرامر جي لحاظ کان مؤنث هئي.

اسان جي زماني ۾ به ماڻهن جا اهڙائي خيال آهن، اسان مان ڪيترا مرد جن جي عمر چاليهن سالن کان مٿي ٿي وئي هجي، اوٽو وينگر Otto weininger جي ان قول تي هلندا آهن ته عورت ۾ روح ڪونهي، اسان مان ڪهڙو اهڙو مرد آهي جنهن شوپنهار جي ڪتاب "عورتن بابت مضمون" ۾ هيءَ ڳالهه مزو وٺي نه پڙهي هجي ته "عورت هڪ ننڍي قد، سوڙهن پنن، ويڪرن ڪلهن ۽ ننڍين ٽنگن واري جنس آهي". تنهن جڏهن اسان کي تاڪيد ڪيو ته "اوهان جڏهن عورت وٽ وڃو ته پنهنجو چهبڪ نه وساريندا ڪيو" تڏهن اسان مردن کي فخر محسوس ٿيو. اسان اها ڳالهه وساري ڇڏيندا آهيون ته اهي اسان کي وٽندڙ ڪتاب مرد ۽ عورت جي دائمي جهيڙي جو هڪ حصو آهن، گهيري ۾ آيل سپاهين جي بچاءُ جا اُپاءَ ۽ هارايل مردن جي ڏاهپ جا آواز آهن. اسان ان ڳالهه تي ڌيان نه ڏنو ته هڪ سهڻي عورت بائرن جي حسن ۽ رتبي جي اثر ۾ اچي شوپنهار کي ٺڪرائي ڇڏيو هو. تنهن يورپ جي ڪيترن ملڪن ۾ لؤسيلومي جو پيڇو ڪندو ۽ ڪيس پنهنجي علم ۽ دانش سان متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو پر هن کي حاصل ڪري نه سگهيو. مغرور جرمن ويئنيگر هوٽل ۾ ڪم ڪندڙ هڪ عورت تي عاشق ٿيو ۽ ان جڏهن ڪيس ٺڪرائي ڇڏيو ته بيٿون جي گهر ۾ خودڪشي ڪري ڇڏي، اهڙا ڪتاب اسان خوشيءَ سان پڙهندا آهيون ڇاڪاڻ جو اهي ڪتاب اسان جي اُن مخالف جنس لاءِ دشمنيءَ جو اظهار هوندا آهن جنهن سان اسان هميشه محبت ڪندا رهنداسين.

سن 1900ع تائين عورتن کي ڪي بہ آئيني حق حاصل نہ هئا. اٺويهين صديءَ ۾ آفريقا ۾ عورتون زراعت جي مشينن وانگر وڪامنديون هيون. تاهيٽي ۽ نيويرٽن ۾ عورتون سوئرن کي ٿڃ پياريندي يون هيون. راڻي ميري واري انگلستان ۾ مڙس زال کي مار ڏيئي سگهندو هو. ۽ کيس اڌ مئو ڇڏي ويندو هو. قانون هن کي ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندو هو. هو هر رات زنا ڪري سگهندو هو ۽ سندس زال وٽ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو رستو نہ هو تہ هوءَ بہ سندس پيرن تي هلي. زال جيڪڏهن پئسا ڪمائيندي هئي تہ انهن جو مالڪ مڙس هو ۽ جيڪڏهن ڏاج ۾ ملڪيت آڻيندي هئي تہ ان جو مالڪ بہ مڙس تي ويندو هو. اها ڳالهہ تہ مرد سوچي بہ نہ ٿي سگهيا تہ عورت ڪارخاني ۾ ڪم ڪندي ۽ کيس ووٽ جو حق ملندو.

پوءِ هي عظيم انقلاب آيو جو انهن حسين ٻانهين آزادي ۽ هڪجهڙائي جا نعرا هنيا. هنن دريون ڀڃيون، پوسٽ جا دٻا ساڙيا، وڏا وڏا جلوس ڪڍيا ۽ جوشيلي تقريرون ڪيون. هنن پڪي ارادي کان ڪم ورتو ۽ پنهنجو مقصد ماڻيائون. هاڻي اسين کين مار ڏيئي نٿا سگهون. هو اسان لاءِ ڪاڙهو نہ ٿيون رڌن، شام جو اسان سان گهر ۾ نٿيون ويهن ۽ اسان جي گناهن لاءِ پريشان ٿيڻ بدران پنهنجن گناهن لاءِ پريشان آهن. هنن کي ان وقت روح مليا جڏهن مرد پنهنجا روح وڃائي چڪا هئا ۽ تڏهن ووٽ جو حق مليو جڏهن مردن ان حق کي وساري ڇڏيو هو. هاڻي عورتون سگريٽ پيئنديون آهن، گاريون ڏينديون آهن، شراب پيئنديون آهن ۽ سوچينديون آهن ۽ اهو مغرور مرد جيڪو ڪنهن زماني ۾ انهن هنرن ۾ اڪيلو ماهر هو اڄ گهر ۾ ٻارن جي پرگهور ٿو لهي.

**سبب:**

اسان پنهنجي دور جي انهن احترام لائق رسمن ۽ ادارن جي زوال جو ڪهڙو سبب ٻڌائي سگهون ٿا جيڪي مسيحي دور کان بہ گهڻو پراڻا هئا. ان تبديليءَ جو بنيادي سبب مشينن جي گهڻائي هو. عورتن جي آزادي صنعتي انقلاب جو هڪ حادثو هئي.

هن تبديلي ايڏي وڏي انگ ۾ عورتن کي صنعت ۾ آندو جنهن جو تصور بہ نتو ڪري سگهجي، هنن جو اجورو مرد مزورن کان گهٽو گهٽ هو. مزور مرد اُجورو وڌيڪ گهرندا ۽ ڳالهہ ڳالهہ تي ڦڏا ڪندا هئا. گذريل صديءَ ۾ انگلستان ۾ مردن کي مزوري ملڻ ڏکيو ٿي پيو هو پر سندن زالن ۽ ٻارن کي سولائيءَ سان ڪم ملي ويندو هو. سرمائيدار هميشہ نفعو ڪمائڻ جا طريقا ڳوليندو آهي. هن کي اخلاقي ادارن سان ڪو واسطو نہ هوندو آهي. اڻويهين صديءَ ۾ انگلستان جي وطن پرست سرمائيدارن گهرن کي تباهہ ڪرڻ جي غير شعوري سازش ڪئي هئي.

اسان جي ڏاڏين جي آزاديءَ لاءِ پهريون آئيني قدم 1882ع ۾ کنيو ويو، ان سان فرمان جاري ٿيو تہ عورتون پنهنجي مزوري جي اُجوري جي رقم پاڻ وٽ رکي سگهن ٿيون. اهو هڪ وڏو اخلاقي قانون هو ۽ مسيحت جي بنيادي اصولن جي عين مطابق هو. اها رٿ ڪارخانن جي مالڪن انگري اسيمبليءَ ۾ پيش ڪئي هئي تہ جيئن انگسلتان جون عورتون مشينن تي ڪم ڪري سگهن. ان وقت کان وني هاڻي تائين نفعي ڪمائڻ جو شوق عورتن کي گهر مان ڪڍي دڪانن جو غلام پيو بڻائي. اڄ انگلستان ۾ ٻن عورتن مان هڪ عورت ڪنهن آفيس يا ڪارخاني ۾ ڪم تي ڪري. صنعتن ۾ عورتن جو انگ مردن کان چوڻ تي وڌي رهيو آهي. مستقبل ۾ شايد تہ هرڪا عورت گهر کان ٻاهر ڪم ڪندي (ويم واري نادر موقعي ڪانسواءِ) اسان مان ڪن لاءِ اهو تصور اڻ وڻندڙ آهي پر اسان بہ ڏهن ويهن سالن ۾ ان تبديليءَ سان هري ويندا سين. هر عادت مرد کي سياڻپ واري لڳندي آهي.

عورت جي صنعت ۾ اچڻ جو مطلب گهريلو زندگيءَ جو لازمي خاتمو آهي. جيئن جيئن مشينن جي اُٿل ٿي ۽ صنعت جي نون طريقن قيمتن ۾ گهٽتائي آندي. ڪارخانن گهريلو هنر کي ختم ڪري عورتن جي گهريلو وندر کي ختم ڪري ڇڏيو. آهستي آهستي هو پنهنجي پراڻن فرضن کان آجيون ٿيون، گهر جو ماحول بي مزي ٿيو ۽ عورتون بيڪار ۽ غير مطمئن ٿيون.

عورت تعريف جي لائق آهي جو هوءَ گهر کي ڇڏي ڪارخاني ۾ وئي. هن وري ڪم هٿ ڪري ورتو جيڪو هن جي هٿان نڪري ويو هو، هن کي خبر هئي ته ڪم ڪانسواءِ هوءَ هڪ بيڪار بوجهه تي پوندي ۽ ڪنهن خوشحال گهر جو سينگار يا ڪنهن جسماني طور ختم ٿيندڙ شخص جي زال ٿي سگهندي، هن پنهنجو پگهار اهڙي خوشيءَ سان ٿي ورتو جهڙيءَ خوشي ان ڇوڪريءَ کي اسڪول کي خدا حافظ ڪندي ٿيندي آهي جنهن کي ڪنهن صنعت ۾ نوڪري ڪرڻ سان بالغ سمجهيو ويندو آهي. عورتن هيءُ نئين غلامي انڪري قبول ڪئي ته جيئن ڪين ڪنهن ڪم ڪرڻ جي خوشي حاصل ٿئي.

هاڻي جيئن ته گهر ۾ ڪو ڪم ڪار ڪونه بچيو هو جنهن سان گهر ۾ سک ملي، انڪري مردن ۽ عورتن گهرن کي ڇڏيو ۽ فليٽن ۾ رهڻ لڳا. هنن جي زندگي صبح شام گهر کان ٻاهر گهٽين جي گوڙ ۾ گذرڻ لڳي، ۽ اهڙيءَ طرح هڪ ادارو جيڪو ڏهن هزار سالن کان قائم هو هڪ ئي نسل ۾ ختم ٿي ويو. اجتماع جي نفسيات جا ماهر چوندا هئا ته ادارا، رسمون ۽ رواج آهستي آهستي بدلبا آهن پر تهذيب جي تاريخ جو هي عظيم انقلاب اک ڇنڀ ۾ اچي ويو. اسان جي مدبرن، مبلغن ۽ سياستدانن اسان کي تنبيهه ڪئي هئي ته اشتراڪي گهرن کي تباهه ڪندا پر ڏسندي ڏسندي اقتصادي انقلاب جي غير شخصي قوتن هن ڏک واري ناٽڪ جو انت آڻي ڇڏيو.

ٻار پنهنجن حرڪتن ۽ شور سان گهر کي زنده رکي ٿي سگهيا پر صنعتي انقلاب هنن کي به وهائي ڪڍي ويو. اڳ ٻار، ٻني ٻاري ۾ مدد ڪندا هئا ۽ خوشيءَ جو سبب هوندا هئا، هاڻي ٻريل شهرن ۽ ننڍن گهرن ۾ مصيبت ٿي پيا. دنيا ۾ مزور گهٽا هئا، اولاد جو پيدا ٿيڻ گهٽجي ويو ته متان ماڻهو هميشه لاءِ مفلسي ۽ جاهل نه رهجي وڃن. مشينن جي اچڻ سان ڪارخانا لڳا، ڪارخانن جي ڪري شهر ٺهيا ۽ شهرن جمهوريت، اشتراڪيت ۽ ڄمر روڪ کي جنم ڏنو. هي انقلاب ڪنهن جي به اختيار ۾ نه هو. ٻارن ڄڻڻ لاءِ

عورتن جي حقن واريون ۽ ٻيون تحريڪون هاڻي مذهبي ماڻهن ۽ پادرين جي اثر ۾ نہ رهيون ۽ سندن آواز ڪي ڪا اهميت ڪانہ هئي. انهن جي نتيجن ڪان ٻچڻ جي رڳو هڪ واٽ هئي تہ يورپ ۽ آمريڪا جي گذريل سو سالن جي تاريخ کي بدلائي ڇڏجي. پر تاريخ کي توانائيءَ وانگر ڪڏهن بہ موٽائي نہ سگهبو آهي. تاريخ ۾ تقدير لڪل هوندي آهي ۽ اُها تاريخ پنهنجي راهہ تي هلندي رهندي آهي.

شهرن ۾ ٻار پالڻ وڏي عياشي هو ڇاڪاڻ تہ پنجن سالن جو ٻار ڪوبہ ڪم ڪري نہ ٿي سگهيو ۽ خاندان ۾ هڪ نئين ٻار جي واڌاري سان مسواڙ ٿيءِ وڌي. ويم هاڻيءَ عام طريقي سان نہ ٿي ٿيو، پر آپريشن سان ٿي ٿيو. ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ سان عورت ڪمزور ٿي وئي. جديد دور جي مردن جي حسن جو معيار ڪرندو ويو ۽ هن نازڪ بدن عورت جي تعريف ٿي ڪئي جنهن جي ڪري ڳالهہ وڌيڪ خراب ٿيندي وئي. تندرست عورتن اسان جي فنڪارن ۽ ڪامياب مردن جي حسن جي معيار تي پوريون نہ ٿي لٿيون جو هنن لاءِ حسن، تندرست مامتا جي امڪانن ڪان وڌيڪ قيمتي جنسي ڪشش جو نالو هو. عورتون ٻار پيدا ڪرڻ جي قابل نہ رهيون هيون ۽ جيترو ڪانئن پڄندو هو هو ٻار ڄڻڻ ڪان ٽٽائينديون هيون ۽ مرد بہ گهٽو ڪري هنن سان اتفاق ڪندا هئا. پر هنن بيوقوفن کي خبر نہ هئي تہ ٻارن تي ناچ گاني ڪان گهٽ خرچ ٿيندو آهي.

ڄم تي ڪنٽرول ڪرڻ جي اوزارن عورت جي آزاديءَ کي هٿي ڏني، ٻارن جي پرورش جي فرض ڪان آزاد ٿي عورت آفيسن ۽ ڪارخانن ۾ داخل ٿي وئي. ڪارخانن ۾ هو مرد سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي هنن جهڙا ڪم ڪرڻ لڳي. هنن جي سوچ مردن جهڙي ٿي وئي ۽ هوءَ مردن جهڙي زبان ڳالهائڻ لڳي. عورتن کي نقاليءَ جي ذريعي آزادي حاصل ٿي. نئين دور جي عورت روايتي مرد جون چڱيون ۽ خراب سڀ عادتون اختيار ڪيون. هن سگريٽ پيئڻ، گاريون ڏيڻ، بي پرواهہ ٿيڻ، وار ڪترائڻ ۽ سوٽ پائڻ ۾ مرد جي اهل شروع ڪئي. نئين حالتن مردن ۾ زالن واريون ۽

زالن ۾ مردن واريون خاصيتون پيدا ڪيون. هڪ جهڙي پيشي ۽ هڪ جهڙين حالتن ٻنهي جنسن کي هڪ ئي سانچي ۾ وجهي ڇڏيو. هڪ نسل کان پوءِ افسوسناڪ مونجهارن کان بچڻ لاءِ ڪن هٽرادو علامتن جي ذريعي مردن ۽ عورتن جو تفاوت معلوم ڪرڻو پوندو. اڄ هنن ۾ فرق کي سمجهڻ ڏکيو آهي.

ڪو زمانو هو جو عورت جي سنڍ هجڻ جي خيال سان ئي ماڻهو ڏکي ويندا هئا پر اڄ هڪ تمام وڏي تبديلي اچي وئي آهي جو عورت لاءِ سنڍ هجڻ يا هڪ ٻار جي ماءُ هجڻ فيشن ٿي پيو آهي اسان جي زماني ۾ ٻارن جي انگ مطابق عورت جو احترام ٿيندو هو. عورت جو ڪم ماءُ يا طوائف ٿيڻ هو ۽ سمجهيو ويندو هو ته هوءَ پنهنجو ڪم پوريءَ طرح ڪندي، هر روز عيسائي توڙي غير عيسائي پنهنجن خدائن ۽ ديوتائن کان ٻارن جي دعا گهرندا هئا، وظيفا پڙهندا هئا، پاڪ جاين جي زيارت لاءِ ويندا هئا ۽ ٻيون رسمون پوريون ڪندا هئا. مايا قوم جا ٻي اولاد ماڻهو اولاد لاءِ روزا رکندا هئا. عبادتون ڪندا ۽ اولاد ڏيڻ واري ديوين کي خوش ڪرڻ لاءِ نذرانا ڏيندا هئا. ڪنهن هڪ آفريقي بادشاهه کان پڇيو. ”اوهان کي گهٽا ٻار آهن“ ته هن وڏي ڏک مان چيو تمام ٿورا رڳو ستر.“ مامتا جون تصويرون اسان کي چو ايترو وڻنديون آهن جو انهن کي ڏسڻ سان اکين ۾ لڙڪ اچي ويندا آهن، ان جو سبب اهو آهي ته وڏن شهرن جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ گهڻن ٻارن جي ضرورت پوندي هئي ۽ اسان جا احساس به ان ضرورت جو عڪس هوندا هئا. هاڻي شهرن ٻار جڻڻ ڇڏي ڏنا آهن، شهر هاڻي پنهنجن روشن ۽ پرڪشش ڏگهين راتين سان تندرست ڳوناڻن کي پاڻ ڏانهن ٿا ڇڪين. نئون ديوتا پنهنجون رنگين نور سان چمڪندڙ ٻانهون وڌائي ٿو ۽ هر سال ڳوناڻا ٻار هزارن جي انگ ۾ سندس ٻانهن ۾ ايندا ٿا وڃن. جلد ئي هو عقلمند ٿيندا ۽ پنهنجي زرخيزي وڃائيندا ٿا رهن. شهري ٻارن جي ضرورت کي نٿا مڃن. تنهنڪري هو عورتن کي طوائف ٻڻجڻ جي سڪيا ڏيندا آهن ۽ ڪين ٻارن جي پيدائش لاءِ زرخيز ٿيڻ نه ڏيندا آهن. ٻارن جو شوق، جيڪو ڪڏهن

ڪڏهن اسان جي شڪي ۽ تڏن روحن ۾ گرمي پيدا ڪندو آهي، اسان جي ان ڳوناٽي زندگيءَ جو يادگار آهي جڏهن عورتون ٻار ڄڻينديون هيون، هاڻي اهي حالتون ختم ٿي ويون آهن پر اسان جا احساس اجا جيئرا آهن. اسان مان اهي ماڻهو جيڪي اڻويهين صديءَ ۾ پيدا ٿيا ۽ ٻنين جي فضا ۾ پليا نپنا، اهي مرڻ گهڙيءَ تائين ان ڳوٺيءَ ڪي مڃيندا ته ”جن کي ٻار نه آهن اُهي خوش نصيب نتا ٿي سگهن.“ هو هي ٻه مڃيندا ته تندرست ۽ توانن پٽن ۽ نيڪ ۽ سڀاجهن نياڻين جو وجود هڪ تمام وڏي حاصلات آهي جنهن لاءِ مضبوط ڪردار جي ضرورت آهي ۽ اها حاصلات جديد آرٽ جون تصويرون ناهڻ، جديد موسيقي تخليق ڪرڻ يا نئين دور جي عورت تي مضمون لکڻ کان وڌيڪ آهي.

## اسان جون نياڻيون:

عورت جي آزادي اقتصادي تبديلين جي ڪري آهي. ان لاءِ هن پاڻ خواهش نه ڏيکاري آهي انڪري ان لاءِ هن کي نندي نتو سگهجي. اها ڳالهه اسان کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته اسين عورت جو مطالعو ڪنهن حد تائين اڻ ڏريو ٿا ڪيون.

عورت پنهنجو پاڻ ۾ وڏي لچڪ پيدا ڪري صنعتي زندگيءَ جي گهُرَ کي پورو ڪري رهي آهي. گهڻي ڀاڱي اهڙا ذهانت وارا طريقا، جن کي نئين نفسيات بنيادي طرح مرداڻا طريقا ٿي چئي، عورتون وڏي تيزيءَ سان اختيار ڀيون ڪن. آفيسن ۾ ڪم ڪرڻ وارين ڇوڪرين کي ڏسو. ٻين معاملن ۾ هنن ۾ ڪو ٿيون ڪم شروع ڪرڻ جي صلاحيت شايد گهٽ هجي. (جنسي معاملن ڪانسواءِ) پر هنن جي خاموش قابليت، سدائينءَ واري خوش اخلاقي، ۽ ڏيکاءَ ڪانسواءِ آفيس جو سارو ڪم ڪرڻ جي صلاحيت. هنن جي پيٺ ۾ مرد کي آرام ڪرسيءَ تي آهلي سگار پيئندو ۽ مربيانه انداز سان هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو ڏسي، اسان ۾ ڇوڪرين لاءِ تعريف جا جذبا جاڳندا آهن. ٻن نسلن ۾ نازڪ صنف صنعت ۾ اهو مقام حاصل ڪيو آهي ۽ جسماني ڪم ڪار وارن

پيشن ڪانسواءِ بين سيني پيشن تي ڇانئجي ويون آهن. اڄ جيڪڏهن اسٽوئرٽ مل هجي ها تہ حيران ٿي وڃي ها تہ هن عورتن کان ڪيتريون گهڻ اميدون ڪيون هيون. (اڄ اسين تصور ۾ هن کي قسطنطنيہ جي مصروف ترين ڪاروباري گهٽين ۾ پوليس عورتن کي ٽريفڪ ڪنٽرول ڪندو ڏسي حيرت ۾ بيٺل ڏسون ٿا) اسان چئي نٿا سگهون تہ صنعت ۾ عورتن جي شموليت ڪيتري وڌندي. شايد اهڙو وقت بہ اچي جو عورتن جي موقعہ شناسي ۽ معاملن کي تفصيل سان جاچڻ جي ڏات جي ڪري هنن جي طاقت مردن جي طاقت جي برابر ٿي وڃي. جڏهن بجلي صنعت مان غلاظت ۽ جسماني طاقت جا امڪان ختم ڪري ڇڏيندي تڏهن مرد کي بہ اقتصادي دنيا ۾ پنهنجي حيثيت کي قائم رکڻ لاءِ ذهانت کان ڪم وٺڻو پوندو.

اسان جون نياڻيون سياست ۾ شايد ايترو ڪامياب ٿي نہ سگهن. صنعتي دور جي عورت کي سياست جي راند ۾ ان ڪري ڦاسڻو پيو هو تہ جيئن هو مردن جي ٺاهيل قانونن کان پاڻ کي تحفظ ڏيئي سگهن. ڇا مردن هزارين قانوني حدبندين سان پنهنجن جارحاڻي حقن جي حفاظت نہ ڪئي هئي. انهن حدبندين کي ٽنڊو هو ۽ گهر ۽ مامتا جي ذميوارين کان آجي ٿيل عورت لاءِ هر واٽ کي کُلڻو هو. ڪيتري لڳاتار ڪوشش ۽ قابليت سان هو پنهنجي ووٽ ڏيڻ جي حق واريءَ جنگ ۾ شريڪ ٿيون ۽ مخالفت جي هر آواز کي دٻايو. ان زماني ۾ ئي انگلستان ۽ آمريڪا جي باغي مزو ن ناانصافيءَ خلاف سياسي احتجاج ڪيو پر ڪجهہ بہ حاصل ڪ ي نہ سگهيا. عورتن سپاهين وانگر هيءَ جنگ جوٽي ۽ حڪومت جا دروازا ڪڙڪايا، تان جو اهي دروازا کلي ويا ۽ جمهوريت هنن کي پنهنجي ٻانهن ۾ پناهہ ڏيڻ لاءِ مجبور ٿي وئي. اڄ کان پنجاهہ سال پوءِ ڪين خبر پوندي تہ هنن سان ڪيڏو نہ وٽندڙ ڪيڏ ٿيو هو.

ڪجهہ عورتون اڄ بہ اها ڳالهہ سمجهن ٿيون تہ آدم شماري آزادي نہ آهي، نہ آزادي ڪا سياسي شيءِ آهي. آزادي هڪ ذهني

حالت آهي، لڪين هوشيار ۽ خوش باش ڇوڪريون انهن ڪاليجن ۽ اسڪولن جي ڪلاسن ۾ پنهنجن رنگينين ۽ ڪشش سان نظر اچن ٿيون جتي اڳ رڳو مرد نظر ايندا هئا. هزارين تعليمي ادارن ۾ اسان جي هنن سان ملاقات ٿيندي آهي. هنن جي چهرن تي سائنس ۽ ادب مان حاصل ٿيل سنجيدگي، هنن جي اکين ۾ علم جي ڳولها جي روشني ۽ هنن جي جسم ۾ زندگيءَ جو احساس پيو ڇلڪندو آهي. هنن جو حسن اسان کي انڌو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ اسان وڏي مهربانيءَ سان هنن جي لاپرواه ۽ خوش هجڻ جو اندازو لڳائيندا آهيون. پر ڇا اوهان هنن کي ڪلاس ۾ سوال ڪندي ٻڌو آهي. ڇا اوهان هنن کي ڪنهن نظريي جا بخيا اُڌيڙيندي ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق دنيا جي نئين سر تعمير ڪندي ڏٺو آهي.

ان ساري تعليم جو نتيجو ڇا نڪرندو؟ اها تعليم نئين دور جي ان عورت سان تعاون ڪندي جنهن جي زندگيءَ کي هن جون مصروفيتون ۽ تجربا نوان رُخ پيا ڏين، ۽ ڇا هن کي اهڙي ذهانت ڏيئي سگهندي جنهن سان هوءَ بدلجندڙ دنيا کي منهن ڏيئي سگهي. ڇا هن جي ذهن جي نئين وسعت ۽ دلچسپين جي گهٽائي هن جي جبلتن جي ذهانت ۽ اتحاد کي ٽوڙي نہ ڇڏيندي جن سان هوءَ هبڪندڙ ۽ ذهين دشمن مرد سان جنگ وڙهندي رهي آهي. هن جي نئين ذهانت هن جي ٺيٺ واري گهوٽ کي ڇرڪائي ۽ ڀڄائي نہ ڇڏيندي ۽ پڙهيل عورت لاءِ گهوٽ ڳولهڻ ڏکيو ٿي نہ پوندو، ٻڌو آهي تہ پراڻي زماني ۾ روم جا شهري پڙهيل زال جو ٻڌي ڇرڪي ويندا هئا. اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ هرڪو مرد اهڙي عورت جي ساٿ ۾ خوش نہ هوندو آهي جنهن جو دماغ هن جي دماغ جي برابر هجي. هو رڳو اهڙي عورت سان محبت ڪري سگهي ٿو جيڪا ڪمزور هجي جيئن عورت رڳو اهڙي مرد سان محبت ڪري سگهي ٿي جيڪو ڪانئس وڌيڪ طاقتور هجي. انڪري اهڙي ڇوڪري جنهن جي ثقافت، علم ۽ فڪر هجي ۽ جنهن جي شخصيت جو انحصار قدرتي حسن ۽ اهڙي هنر تي هجي جنهن ۾ شعور جو گهٽ دخل هجي، ان کي سولائيءَ سان مڙس نہ ملندو

آهي. چاڪاڻ جو هو انهن ڪمن ۾ به مداخلت ڪندي آهي جيڪي صدين کان رڳو مرد ڪندو آيو آهي. عورتن جي ڪاليجن جون سٺ سيڪڙو گريجوئيٽ ڇوڪريون شادي ڪري نه سگهنديون آهن. هڪ وڏي سائنسدان سونيا ڪاونليوسڪي شڪايت ڪئي هئي ته مرد مون سان شادي ڪرڻ نٿا گهرن، مون سان ڪو ماڻهو ڇو محبت نٿو ڪري جڏهن ته مان ٻين عورتن کان وڌيڪ سٺدن زندگيءَ کي بهتر بڻائي سگهان ٿي. پر پوءِ به مرد نهايت هيٺاهين درجي جي عورتن سان محبت ڪن ٿا، مون سان نٿا ڪن. هڪ سمجهدار ڇوڪري خاص عمر تائين پنهنجي ذهني برتريءَ کي لڪائيندي آهي.

پنجاهه سالن ۾ عورتن ثابت ڪري ڏيکاريو ته مرد ۽ عورت جا ذهني فرق فطري نه پر هٽرادو آهن. ان جي معنيٰ اها نه آهي ته عورتون جلدئي انهن ذهني مشڪلاتن تي حاوي ٿي وينديون جيڪي وقت، رسم ۽ رواج هنن لاءِ پيدا ڪيون آهن. عورتن جي ثقافتي اوسر اجا هاڻي شروع ٿي آهي. هنن جي ثقافت جي پسمنظر ۾ ڪا پراڻي روايت ۽ ڪا تحريڪ ڪانهي. هنن جي آڏو ڪي اهڙا مثال ڪونهن جيڪي هنن ۾ خوداعتمادي پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجن. اهو رڳو اسان جي زماني ۾ ٿيو آهي جو عورت کي تعليم حاصل ڪرڻ جا مردن جهڙا موقعا مليا آهن. ڪيتري وقت تائين ڪاليجن ۾ مردن ۽ عورتن جي سراسري انگ ملڪ جي آدم شماريءَ جي سراسري انگ کان گهٽ رهندو؟ ٿي سگهي ٿو ته عورتن جي قوت جو ڪجهه حصو ٻارن ۾ پورو ٿي وڃي. هوءَ شايد وري مامتا کي پنهنجو سڀ کان وڏو ڪارنامو سمجهڻ شروع ڪري ۽ ادب ۽ فن جي وقتي گوڙ کي غير جنسي مردن جي سپرد ڪري مطمئن ٿي وڃي. هنن کي شايد خبر پئجي وڃي ته دنيا ۾ لکيل لفظن کان وڌيڪ سٺيون شيون به آهن ۽ شعور ۽ علم ۾ وڏو فرق آهي.

جديد عورت جي جسم جي ڪهڙي حالت آهي، ڇا گهر کان ٻاهر اچڻ ۽ ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ سان هن جي جسماني صحت

خراب ٿي وئي آهي. هوءَ ٻني ٻاري جو ڪم ڪرڻ واري پنهنجي ڏاڏيءَ وانگر تندرست ۽ توانائي نٿي نظر اچي. هن جي منهن جو اصلي رنگ جهڪو ٿي ويو آهي ۽ هوءَ بيوسي ۽ سور جو ڊگهو عرصو گذارڻ ڪانپوءِ ٻار ڄڻيندي آهي، اهڙي رڳو جديد عورت نه آهي جنهن جي تندرستي خراب ٿي آهي پر مرد به جڏهن کان ٻني ٻاري جو ڪم ڇڏيو آهي تڏهن کان ان زماني جهڙو تندرست نه رهيو آهي. نئين دور جو ذهن پهريان کان وڌيڪ تيز آهي. اهو ذهن لکين مشينن ۽ اوزارن ڪي سولائيءَ سان ڪم آڻيندو آهي. پر اڄ جو جسم اڳوڻي زندگيءَ جو وزن برداشت ڪرڻ جهڙو نه رهيو آهي. انهن سڀني مسئلن کان پوءِ اڄ جي عورت ايتري ته حسين آهي جو فلاسفر به ڪيس ڏسي مست ٿا ٿي وڃن. اسان عورت جا تورائتا آهيون جو هوءَ وڏا حيلا هلائي پنهنجي ڪشش کي ان وهيءَ تائين قائم ٿي رکي جنهن وهيءَ تائين اڳ جون عورتون پوڙهيون ٿي وينديون هيون. ڪنهن زماني ۾ عورت چاليهن ورهين ۾ پوڙهي ۽ ڪمزور نظر ايندي هئي ۽ اعتماد جي لائق سمجهي ويندي هئي. پر اڄ دنيا ۾ هن جهڙي خطرناڪ هستي ڪانهي، هن جي ميڪ اپ جي سامان کي به برداشت ڪري سگهجي ٿو. جو سندس ڳاڙها ڳل ۽ ڳاڙها چپ فن ۽ تهذيب سان لاڳاپيل آهن، جيتوڻيڪ ڳلن ۽ چپن جو فطري رنگ لپ اسٽڪ ۽ روج جي رنگت کان بهرحال سٺو آهي.

شايد جديد عورت جي حسين نزاڪت ۽ جسماني ڪمزوري هڪ وقتي ۽ سطحي حالت آهي. جڏهن دنيا جو مشيني ڪم ڪار بجليءَ جي طاقت سان هلندو تڏهن ڪارخانن ۾ به ايڏي صفائي هوندي جيڏي گهرن ۾ هوندي هئي. شهر پکڙجي ويندا ۽ ماڻهو وري تازي هوا کائڻ شروع ڪندا. گهمڻ ڦرڻ، ٽينس ۽ باسڪيٽ بال جي ڪري شايد گلاب جا گل وري تازا ٿي وڃن، جن کي شهري صنعت ڪومائي ڇڏيو هو. نئين دور جي ڇوڪريءَ جو جسم ضرورت کان وڌيڪ ڪپڙن کان آجو ٿي ويو آهي، ننڍا اسڪرٽ درزين ڪانسواءِ سموري دنيا لاءِ نعمت آهن. ننڍي اسڪرٽ جو رڳو

هڪڙو نقصان آهي ته ان سان مرد جو تخيل ختم ٿيندو ٿو وڃي ۽ جيڪڏهن مردن ۾ تخيل نه هجي ها ته شايد عورتن ۾ حسن به نه هجي ها. مطلب ته نئين عورت زندگيءَ جي رنگيني ۾ گهٽتو واڌارو ڪيو آهي. هوءَ پنهنجي نئين آزاديءَ جي ڪري ڏاڍي خوش ٿي نظر اچي. پر اسان مان ڪن لاءِ اها ڏکي ڳالهه آهي ته هو پنهنجي پاڻ کي عورت جي ڪتريل وارن ۽ سگريٽ پيئڻ جي عادت سان هيرائي سگهن. پر اچڻ وارا نسلَ ان تبديليءَ کي خراب نه سمجهندا. سهڻي عورت جيڪو به ڪم لڳاتار ڪندي رهندي مرد ان کي پسند ڪندو ويندو. رسم ۽ رواج جو احساس حسن تي وڏو اثر ڪندو آهي. اڳوڻي زماني ۾ پوڙهيون حقو پيئنديون هيون ۽ مرد ان کي خراب نه سمجهندا هئا. دنيا ائين ئي پنهنجو ڪم هلائيندي رهندي. هاڻي جڏهن پوڙهيون بدمعاش آهن ۽ جوان عورتون پنهنجن عاشقن جي اکين ۾ دونهون ٿيون هڻن تڏهن سگريٽ پيئڻ نقصانڪار به آهي ته وڻندڙ به، پر جي مرد ۽ عورتون ٿوري پر خوش زندگيءَ کي ترجيح ٿا ڏين ته اسين ڪير ٿيندا آهيون جو ڪين جهليون، اسان اها ڳالهه ڪيئن پڪ سان چئي ٿا سگهون ته خوشي ڏاهپ کان وڌيڪ ڏاهپ واري نه آهي.

آخر اسان جديد ناچ جي باري ۾ ڇا چونداسين. اهو ناچ عورتن جي ايجاد آهي يا ڪنهن چرياڻ مرد جي؟ ڇا ائين ٿيو هو ته جڏهن رئيسيت جي دور ۾ بي حيائيءَ واري ناچ والٽز جو رواج ٿيو تڏهن اسان جا وڏا به ڪاوڙيا هئا. بيو ته ڌاڙي، قتل ۽ سياست جي شريفاڻي هنر ۾ عورتن جي وڌندڙ مهارت جي باري ۾ اسان جو ڇا خيال آهي؟ 1946ع ۾ هڪ گمنام ماڻهوءَ کي اسپتال آندو ويو. چيو ٿي ويو ته ٽن ڇوڪرين هن کي زخمي ڪيو هو. هو پيدل ٿي ويو ته انهن ڇوڪرين ڪيس سندس ڪار ۾ ويهڻ لاءِ چيو، هو راضي ٿي ويو. ٿورو اڳتي هلي هنن ڪار بيهاري ساٽس ڀاڪر ۽ چميون شروع ڪيون. سندن چمين ۽ ڀاڪرن جي جواب ۾ مرد گرمي ڏيکاري ته انهن مان هڪ ڇوڪريءَ کي ڪاوڙ اچي وئي، ٻن ڇوڪرين هن کي جهليو ۽ ٽينءَ ڪيس هڪ پِن سان زخم ڏيڻ

شروع ڪيا. ۽ پوءِ هن ڪي زمين تي اُچلائي پڇي ويون. ڇا اڄا اسان عورتن جي آزادي جي باري ۾ شڪ تا ڪيون؟

شايد هڪسلي نيڪ چيو هو تہ عورتن جي نيڪي مردن جي تصور جو گهڙيل سڀ کان وڏو افسانو آهي. عورتن ۾ شروع کان وٺي جذبات رهيا آهن پر ڪنهن زماني ۾ هو انهن کي سولائيءَ سان لڪائي سگهنديون هيون ڇاڪاڻ جو سمجهنديون هيون تہ مردن کي حياءُ پسند آهي. پر هاڻي جڏهن مرد بي حيائيءَ کان وڌيڪ متاثر تا ٿين تڏهن جديد ڇوڪري جسماني ۽ ذهني بي حيائيءَ کان وڌيڪ ڪم تي وٺي. هوءَ وقتي طور حواسن کي هرڪائي ٿي پر روح کي لاپرواهہ ڇڏي ٿي ڏي. هڪ بالغ مرد عورت جي مدافعت مان مزو وٺندو آهي ۽ ساڳئي وقت عورتن جي نازڪ مدافعت کي پسند ڪندو آهي. پر جڏهن مرد ذهني طرح بالغ نہ هجي. جنسي نواڻ جو شڪار ٿي وڃي. وفا ۽ رفاقت جي مزن کان محروم هجي ۽ جسماني ڪشش ڪانسواءِ بي ڪا ڪشش محسوس نہ ڪري تہ پوءِ هن ڪي شادي لاءِ راضي ڪرڻ ۾ وڏا جتن ڪرڻا پوندا آهن. پر شاديءَ کان پوءِ جڏهن رت جي گرمي گهٽبي آهي ۽ جذبات وسامي ويندا آهن تڏهن شاديءَ جو انجام گهڻو ڪري خراب ٿيندو آهي. برناردشا جو اهو خيال غلط هو تہ شاديءَ وقت ۾ وڌ هرڪائڻ ۽ وڌ ۾ وڌ تسڪين جا موقعا ڏيڻ جو نالو آهي. پر حقيقت هيءَ آهي تہ هرڪجڻ ختم ٿي ويندو آهي رڳو موقعا رهجي ويندا آهن.

## اسان جون وڏڙيون:

هڪ پورهيت عورت جي تصوير جيڪا پنهنجي ڪم ۾ رُڌل ۽ توانائيءَ ۽ آزاديءَ جي جذبي سان سرشار آهي، هڪ وچولي درجي جي پرٽيل عورت کان وڌيڪ سهڻي آهي. وچولي طبقي جي عورت آمدنيءَ جي هڪ ذريعي سان لاڳاپيل آهي ۽ پٽي راند ڪيڏڻ، خريداري ڪرڻ ۽ اجتماعي سڏارن جي ڪم ۾ مصروف رهندي آهي.

اڇو تہ اسان پاڻ کي هڪ ٻئي ملڪ جي رهواسيءَ جي نظر سان ڏسون، ڪاؤنٽ ڪيسلنگ چئي ٿو تہ آمريڪا ۾ مڙس پراڻي زماني جي عورتن جهڙو مجبور ۽ معذور آهي ۽ ان سان گڏ هن ۾ لازمي زوال پيدا ٿي رهيو آهي. هن هي بہ چيو آهي تہ آمريڪي عورتون بنان چاتين جي ٿينديون ٿيون وجن ۽ بي نيازي، ڪڙي سياءَ ۽ بنان روح واريون هجڻ جو تاثر ڏين ٿيون ، پر سوال آهي تہ ڪاؤنٽ ڪيسلنگ آمريڪي عورت سان پهرين ملاقات ۾ ان ڪان وڏيڪ ٻي ڪهڙي رويي جي اميد ٿي رکي. اسان کي اهڙن خيالن ڏانهن ڏيان ڏيڻ نہ گهرجي جو اهي خيال بريندبن برگ جي رئيسيت ۾ وڏيا آهن. پر انهن ۾ ايتري صداقت ضرور آهي تہ اهي مرد جي مظلوميت جي اڳڪتي تا ڪن. اهو حال رهيو تہ پڪ اسان وٽ جلدئي ”غلام مڙس“ جا ادارا قائم ٿي ويندا ۽ ظالم عورتون مظلوم محنتي مزورن جون حويليون ناهي، انهن ۾ کين بند ڪري ڇڏينديون ۽ انهن جي حفاظت مخنث عورتون ڪنديون. شايد تہ مستقبل ۾ اسان کيولين ۽ ماڪيءَ جي مکين وانگر ٽن جنسن وارا هونداسين. ڪي عورتون نسل پيدا ڪرڻ جو ڪم ڪنديون ۽ ٻيون عورتون اقتصادي معاملن ۾ اهڙيون ڦاسنديون جو پهريان تہ سندن ٻار ڄڻڻ جي خواهش ختم ٿيندي ۽ پوءِ ٻار ڄڻڻ جي صلاحيت بہ ختم ٿي ويندي. ارتقا اصول جي مطابق اسان وٽ ان ڳالهہ جي اميد رکڻ جو ڪو سبب ڪونهي تہ مستقبل ماضيءَ کي ورجائيندو.

ان سموري تبديليءَ جا سبب ڪهڙا آهن؟ شايد هي تہ وقار جو تصور جسماني برتري نہ رهيو آهي، مرد جي جسماني برتريءَ جي ڪري عورت محڪوم ۽ مرد حاڪم هو انڪري هو عورت کي مار ڏيئي ٿي سگهيو. اڄ بہ هو عورت کي مار ڏيئي سگهي ٿو ۽ اهو فلاسافيءَ جو هڪ نازڪ مسئلو ٿي پيو آهي تہ مرد اها پراڻي رسم ڇو ڇڏي ڏني آهي. شايد تہ مرد جي اخلاقي شعور جي ترقيءَ هن کان اها رسم کسي ورتي آهي ۽ عورت جي آزاديءَ جي خواهش هن کي هڪ اهڙي حيثيت ڏيئي ڇڏي آهي تہ هوءَ پنهنجو

پاڻ پنهنجي طالب جي حوالي ڪري ڇڏي. پر ان ۾ ان ٻي حيثيت کان وڌيڪ هڪ بنيادي اقتصادي حقيقت لڪل آهي ته نئين حالتن ۾ جسماني طاقت کان وڌيڪ ذهني طاقت جي ضرورت آهي ۽ جسماني طاقت جي اهميت گهٽجي وئي آهي جنهن جي ڪري وچولي طبقي جي مرد کان سندس برتري کسجي وئي آهي، ان ڪانپوءِ عورت جي ذهن جي تيزي ۽ سندس محڪم ارادو مرد جي حجاب، حساسيت ۽ تڪاوٽ تي حاوي ٿي ويا آهن، پر جتي به مرد جي جسماني قوت جي اهميت قائم آهي (مثال مزدور طبقو) اُتي مرد گهر جو حاڪم آهي ۽ عورت پنهنجي خوداختياريءَ کي قائم رکڻ لاءِ پاڻ پنهنجي روزي ڪمائيندي آهي.

ٿورو مفت جي ماني ڪائڻ واري عورت تي غور ڪريو. هوءَ گهر جي ڪم ڪار کان آزاد ٿي، ڇم روڪ جي اوزارن، نرسن ۽ نوڪرياڻين جي ڪري مامتا جي پابندين کان پاڻ بچائي، بيڪاريءَ جو شڪار آهي ۽ اوپري تخم لاءِ زرخيز زمين ٿي وئي آهي. هوءَ جيترو گهٽ ڪم تي ڪري اوتري وڌيڪ سست ٿيندي ٿي وڃي. هوءَ اُن ڪم کان پوريءَ طرح تنائي ٿي جنهن ڪم ڪڏهن ڪيس هڪ حسين گڏيءَ جي بدران مرد جي مددگار بڻايو هو.

اسان گهر يا آفيس ۾ ڪم ڪرڻ واري عورت جي گهٽتائي ڪرڻ نه ٿا گهرون ڇاڪاڻ ته ڪم ڪندي هوءَ زندگيءَ جي يا وري فائديمند شين جي تخليق ڪندي آهي. اسان رڳو ان عورت جي گهٽتائي ٿا ڪيون جيڪا پنهنجي جسم جو واپار ٿي ڪري ۽ جيڪا پنهنجي محبت ۽ عشق، دولت جي بدلي ۾ ٿي ڏي. جيڪا پنهنجا ڏينهن سينگار ۾ ۽ راتيون عيش ۾ گذاريندي آهي، جديد زندگيءَ جي منظرنامي ۾ عورتن جي عيش واري آرام طلبيءَ کان وڌيڪ چڙ ڏيارڻ واري ٻي ڪا ڳالهه ڪانهي. هنن کي ٻار يا ته ٿيندا ئي نه آهن يا گهٽ ٿيندا آهن. پر هنن کي تمام گهڻن نوڪرن جي ضرورت هوندي آهي. هنن کي ڪو ڪم ڪار ڪونه هوندو آهي پر هنن جون ضرورتون تمام گهڻيون هونديون آهن، هو بيڪاري جي

فن ۾ هزارين طريقن سان مهارت حاصل ڪنديون آهن جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو آهي تہ مرد کي تمام گهٽي محنت ڪرڻي پوندي آهي ۽ هن جي حيثيت هڪ دولت ناهيندڙ مشين واري ٿي ويندي آهي.

اڄ عورتون منتظر رهنديون آهن تہ سندن لاءِ ڪا مِٽي اچي. اها صورتحال انهن مفت خور عورتن پيدا ڪئي آهي. ڇاڪاڻ جو اهڙي قسم جي عورت پنهنجي گهر واري کي جيڪي ڏيندي آهي اهو هو ٿورا پئسا خرچ ڪري سولائيءَ سان خريد ڪري سگهندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ اڻ پرٽيل مرد لاءِ شادي سندس شخصيت جي تڪميل جو وسيلو نہ پر سندس روحاني بربادي جو ذريعو بڻجي ويندي آهي. لڪين عورتون پنهنجي زندگي اڪيلائي ۾ گذاري ڇڏينديون آهن ڇاڪاڻ تہ لڪين زالون پنهنجو شڪار ڦاسائڻ ڪان پوءِ ان کي ائين ڇباڙينديون آهن جو سوين مرد شاديءَ کان پڇي ويندا آهن. اسان جي زماني جي بداخلاقيءَ جو راز ڪتريل وارن ۽ ننڍن اسڪرٽن ۾ نہ آهي پر انهن حالتن ۾ آهي.

اسان اميد ٿا ڪيون تہ هي مشڪلاتون عبوري آهن. اسان جو ذهني، اخلاقي، سياسي ۽ فني انتشار هڪ ختم ٿيندڙ منظم سرشتي ۽ هڪ نئين ايرندڙ سرشتي ۾ وقفو آهي، جيڪو اسان جي هاءِ گهوڙا ۽ دليل بازيءَ مان نہ پر صنعتي شهرن جي نئين حالتن ۽ سيڪيولر دور سان اسان جي اندر جي اُٿلن جي مطابقت پيدا ڪرڻ لاءِ اسان جي ناڪامين ۽ ڪاميابين مان جنم وٺندو. جوانيءَ جي دور جي ڊگهي ٿيڻ، جنهن جي ڪري شادي دير سان ٿيڻ لڳي آهي ۽ اخلاقي نظام بدلجي ويو آهي، شايد تہ ان اعليٰ معيار جي علامت آهي جنهن تي انسان جلدئي پهچڻ وارو آهي ڇاڪاڻ تہ انساني تاريخ ۾ جواني جي ڊگهي ٿيڻ سان تعليم ۽ سکيا جو حصول انساني نسل جي اعليٰ مقام تي پهچڻ جي ماپڻ مان هڪ ماپو آهي. شايد اسان تهذيب جو انت نہ ڏسنداسين جيئن

اخلاقيات جا علمبردار سمجهن ٿا. اسان جيڪي غير رواجي ۽ بداخلاق ماڻهو آهيون سي ٿورائي ۾ آهيون. شايد اسان ذهني مريض ۽ بيمار آهيون انهن جو مقدر آهي ته هو ڇم روڪ سان فنا ٿين. پر اسان جي چوڌاري ماڻهو شاديون ٿا ڪن ۽ ٻار ٿا ڄڻن جن کي هيءَ ڌرتي ورثي ۾ ملندي. اسان لاءِ، اها ڳالهه مڃڻ لاءِ هر دليل موجود آهي ته اُهي هن دنيا کي قائم رکندا جيستائين هڪ نئون اخلاقي نظام، سوچ ۽ عمل جا نوان محڪم ادارا انسانيت کي بلند ۽ اعليٰ سطح تي نٿا پهچائين، جنهن ڏانهن اسان جا انڌا تجربا اسان کي وٺيو ٿا هلن.

باب ڏھون

# شاديءَ جو ٽُٽڻ

هاڻي اسان شاديءَ ڏانهن ٿا اچون، شايد تہ برنارڊشا لکيو هو تہ دنيا ۾ جيترِيون اجايون ڳالهيون شاديءَ جي باري ۾ لکيون ويون آهن بيو ڪنهن بہ موضوع تي ناهن لکيون ويون. شاديءَ جي باري ۾ بنان ڪنهن سبب جي بيوقوف بنجڻ ايترو سولو آهي جيترو محبت جي باري ۾، اها ڳالهہ تہ هڪ ڪنڊائتو ٿي وينل دانشور بہ مڃيندو تہ ٻن جنسن جي تعلقات تي خيالن جو اثر تمام گهٽ هوندو آهي ۽ اهو تہ معاشي تبديليون فلاسافي ۽ اخلاق کي ٽوڙي مروڙي ڇڏينديون آهن. سوچ جو ڪم رڳو اهو آهي تہ اها انهن تبديلين جو تجزيو ڪري، انهن جي اڳتي ٿيندڙ واڌ ۽ نتيجن جو اندازو لڳائي ۽ مناسب روين جي نشاندهي ڪري، جن سان فرد ۽ نسل جو بچاءُ ٿي سگهي. هتي تبليغ ڪرڻ اجائي ۽ سمجهہ کان ڪم وٺڻ فائدي وارو آهي.

اسان پنهنجن جنگين ۽ مشقن ۾ اهو وساري ڇڏيو آهي تہ زندگيءَ جي بنيادي حقيقت سياست يا صنعت نہ پر انساني تعلقات آهن، مرد جا عورت سان ۽ ماءُ پيءُ جا اولاد سان تعلقات، اهي ٻئي محبت جون بنيادي قوتون آهن جن جي چوڌاري زندگي گردش ٿي ڪري. ان باغي ڇوڪريءَ کي ياد ڪيو جنهن جو عاشق ڊسمبر 1917ع جي ماسڪو واري بغاوت ۾ مارجي ويو هو، ماڻهو هن جي لاش کي دفن ڪرڻ لڳا تہ هوءَ پنهنجي عاشق جي ڪفن کي پاڪر پائي چوڻ لڳي تہ مون کي بہ دفن ڪيو، منهنجو جڏهن محبوب مري ويو آهي تہ مون کي انقلاب جي ڪا پرواه ڪانهي.“ پر هن کي ان وقت شايد اندازو نہ هو تہ هوءَ ان غلط فهميءَ ۾ هئي تہ هن جي مڙس جو ڪو مَٽُ نہ هو ۽ هن جي جاءِ ڪو بيو پري نٿي سگهيو. اسان ۾ ايتري تہ هڪ جهڙائي آهي جو اسان کي پڳل

دليون ۽ پڳل واعدا بي عقليءَ وارا لڳندا آهن، هوءَ ان ڏاهپ مان جيڪا عورت جي رت ۾ رچيل هوندي آهي اندازو لڳائي ٿي سگهي تہ روس جي عظيم انقلاب جي حيثيت محبت، اولاد ۽ موت جي پيٽ ۾، جيڪي انساني زندگيءَ جو مرڪزي سرچشمو آهن، معمولي حيثيت آهي. هوءَ شايد تہ ان جو اظهار ڪري نٿي سگهي پر هن سمجهيو ٿي تہ اندرونيءَ طرح، خاندان رياست کان وڏيڪ عظيم آهي، محبت ۽ مايوسي معاشي هڻ وٺ کان وڏيڪ دل جي اوناهين ۾ لهي ويندڙيون آهن. پر آخرڪار اسان ڪي خوشي ملڪيت، جائيداد ۽ طاقت مان نہ پر محبت ڏيڻ ۽ وٺڻ مان ملندي آهي.

## شاديءَ جي اوسر:

شاديءَ جو مطلب ڇا آهي؟ اسان کي جيڪڏهن شاديءَ جي شروعات جي خبر پئجي ويندي تہ اسان ان جي اهميت کي وڌيڪ چڱيءَ طرح سمجهي سگهنداسين. اوهان هڪ تازي مڇيءَ کي تصور ۾ آڻيو جيڪا پنهنجا پلَوَ پنهنجن آنن تي ٿي رکي. هيءَ هن جي فطرت جي بنيادي حيثيت يعني مامتا جي شروعاتي شڪل آهي. نباتات ۽ حيوانن جو دنيا ۾ نسل مامتا سان نہ پر گهٽي لڳ سان قائم رهندو آهي. آهستي آهستي قدرت جنس جي اهڙيءَ طرح اجائي ضايع ٿيڻ جي بجاءِ پيءُ ماءُ ۾ پڊراڻي شفقت ۽ مامتا پيدا ڪئي. جيئن جيئن خاندان جو دائرو ننڍو ٿيندو ويو تيئن تيئن پيءُ ماءُ جي شفقت وڌندي وئي. انسانن ۾ شاديءَ جو رواج انڪري ڪونہ پيو هو تہ جيئن محبت جي جوڙي کي جنسي ميلاپ جو اجازت نامو ملي، پر انڪري پيو هو تہ جيئن هنن کي مستقل رشتي ۾ ٻڌي ڇڏجي ۽ هو ٻارن جي نيپاج ۽ تربيت چڱي نموني سان ڪري سگهن ۽ زندگي وڌيڪ چڱي ٿي سگهي.

شاديءَ جو رواج رڳو ماڻهن ۾ آهي، ڪن پکين ۾ بہ هڪ نر هڪ ماديءَ جي تعلق جو رواج آهي، ڊي ڪرسپيني بورنيو جي انسانن جهڙن باندرن لاءِ لکيو آهي تہ اهي خاندانن ۾ رهندا آهن.

وڻن تي ويڪرا گهرڙا ٺاهيندا آهن ۽ جيترو مان ڏسي سگهيس تہ مون ڏٺو تہ انهن گهرن ۾ رڳو مادي ۽ انهن جا ٻچا رهندا آهن ۽ نر ير واري وڻ جي ڏار تي رات گذاريندو آهي.“ ويسٽرمارڪ گوريلي لاءِ لکي ٿو تہ ”گوريلا خاندانن ۾ رهندا آهن، نر گهرڙو ٺاهيندو آهي ۽ خاندان جي حفاظت ڪندو آهي، اهوئي حال چمپينزيءَ جو آهي.“ سيويج ٿو چئي تہ ” گهڻو ڪري ڏٺو ويو آهي تہ گوريلا خاندان جا بزرگ وڻ جي هيٺان ويهي ميوا کائيندا آهن ۽ ڪچهريون ڪندا آهن ۽ هنن جا ٻچا هنن جي پرسان نينگ ٽپا ڏيندا ۽ گوڙ ڪندا وڻن جي شاخن تي ٽپندا آهن.“

آهستي آهستي ٻارن جي حفاظت نہ ڪرڻ وارو نسل ختم ٿي ويندو آهي ۽ قدرت گهڻي پاڳي نسلن ۾ ماءُ پيءُ واري شفقت پيدا ڪندي آهي جيڪا فرد ۽ نسل لاءِ چڱائيءَ جو سبب ٿيندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن باندريون پنهنجن ٻچن جي مرڻ جي ڏک ۾ پاڻ ماري ڇڏينديون آهن. باندرن جي هڪ نسل ۾ مادي پنهنجي ٻار کي ڪيترن مهينن تائين لڳاتار پنهنجي هڪ ٻانهن تي کڻي گهمندي آهي، انسانن ۾ گهڻو ڪري اها جبلت محبت جي جذبي کان بہ وڌيڪ طاقتور هوندي آهي. هرهڪ عورت پنهنجي ٻار کي پنهنجي مڙس کان وڌيڪ پيار ڪندي آهي. پنتي پيل ماڻهن جون عورتون پنهنجي ٻار کي ٻارنهن سالن جي عمر تائين ڪڇ تي کڻي گهمائينديون آهن ۽ ڪن قبيلن ۾ (جيئن نيو هيبريڊز ۾) ڪي مائون پنهنجي ٻار جي موت تي خودڪشي ڪنديون آهن تہ جيئن هو مرڻ کانپوءِ پنهنجي ٻار جي حفاظت ڪري سگهن. انسان جي تاريخ ۾ ڪي گهٽ ڳالهيون اهڙيون حيرتناڪ آهن جهڙي اها ڳالهہ تہ عورت جي انا مڪمل طرح سان (جيتوڻيڪ عارضي طور) پنهنجي ٻار ۾ منتقل ٿي ويندي آهي.

ان جبلت جي اوسر سان گڏ خاندان وارو مرڪزي ادارو قائم ٿيو. خاندان جو بنياد ٻار جي ٻي وسي ۽ ڪيس تعليم ڏيڻ ۽ سنڌس تربيت ڪرڻ جو احساس هو. حيوانن جي ارتقا بنياديءَ طرح حياتياتي آهي ڇاڪاڻ تہ ان جو تعلق نون عضون جي تخليق

سان آهي جڏهن تہ انسانن جي ارتقا اجتماعي نوع جي آهي ۽ ان ارتقا جو تعلق هڪ نسل جي علم ۽ هنرن جي ورثي کي ٻين نسلن تائين پهچائڻ آهي. قدرت پاران خاندان انڪري شروع ٿيو تہ جيئن نر ماديءَ جي خدمت ڪندو رهي ۽ مادي ٻارن جي پرورش ڪندي رهي. فطريءَ طرح مرد عورتن جا غلام آهن ۽ عورتون فطريءَ طرح ٻارن ۽ نسل جون غلام آهن. ان فطري غلاميءَ ۾ هنن جي اونهي ۽ سدائين رهندڙ دلي سڪون جو راز لڪل آهي تنهنڪري اسان کي سمجهي چڏڻ گهرجي تہ شادي جو بنياد مرد ۽ عورت جي جنسي لاڳاپن کي قانوني حيثيت ڏيڻ نہ پر ماءُ پيءُ ۽ ٻارن جو تعلق آهي ۽ ان جو مقصد نسل کي قائم رکڻ ۽ مضبوط بنائڻ آهي. جيڪڏهن شادي رڳو ذاتي معاملو هجي ها تہ سڀ کان پهرين ان کي قانون ۽ رسمن رواجن ۾ نہ جڪڙيو وڃي ها. حڪومتون مرد ۽ عورت جي محبت کي ڪنهن نظام ۾ آڻڻ لاءِ ايڏي ڏيان سان قانون ڇو ناهن ها. شاديءَ جي رسمن رواجن جو آخر ايڏو گوڙ ڇو آهي؟ رڳو ان لاءِ تہ شادي سڀ کان اهم ۽ بنيادي ادارو آهي، جيڪو زندگيءَ جي سرچشمي جي حفاظت ٿو ڪري، زندگيءَ جي وهڪري ۾ تازو پاڻي شامل ڪري ان کي تيز ڪندو ٿو رهي. خدا شاهد آهي تہ شاديءَ جو مقصد مڙس ۽ زال جي خوشي نہ هو پر ٻار پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي پرورش هو. پراڻي زماني ۾ زندگيءَ جو عرصو ٿورو هو انڪري ڪنهن بہ ان تي ويچار نہ ڪيو. هاڻوڪي زماني ۾ زندگي ڏگهي ٿيندي ٿي وڃي ۽ ماڻهو وڏندا ٿا وڃن انڪري فرد پنهنجو پاڻ کان پڇي ٿو تہ نسل جي بقا تہ ٺي پر هن جي شخصي خوشيءَ کي اهميت ڇو نہ ڏني وڃي؟ انفراديت جي هن دور ۾ شاديءَ جي خلاف بغاوت هاڻي معراج تي آهي.

شاديءَ جي ارتقا نسلي مفاد جي صورت ۾ ٿي آهي. تاريخ جي شروعاتي دور کان وٺي زال يا مڙس جي چونڊ هميشہ اجتماعي ضرورتن هيٺ رهي آهي. پهريون ماءُ پيءُ سان ٻارن جي جنسي لاڳاپن تي پابنديون وڌيون ويون، پوءِ ڀينرن ۽ ڀائرن تي ۽ ان کانپوءِ پابندي پئي تہ ڪو مرد پنهنجي قبيلي جي عورت سان

جنسي تعلق نہ رکي. سماجي سائنسدان جيئن لوئيس مورگن انهن پابندين جو سبب ٻڌايو تہ اوائلي دور جو انسان مائٽن ۾ جنسي لاڳاپا رکڻ جي نقصانن کي غير شعوري طور محسوس تي ڪيو. ان کان پوءِ ويسٽر مارڪ ۽ ايلس ان جو سبب ٻڌائيندي چيو تہ ويجهن مائٽن جي هڪٻئي سان گهرائپ ۽ حجت هوندي آهي جنهن جي ڪري پاڻ ۾ نفرت ۽ حقارت جا امڪان وڌي ويندا آهن. پر اسان جيڪڏهن سمجهون ٿا تہ هنن ۾ ايترو سماجي شعور نہ هو تہ اسان پنهنجن قديم دور جي وڏڙن ۾ ناسمجهي جي معاملي ۾ مبالغو ٿا ڪيون. هنن ۾ حالتن جو اندازو لڳائڻ ۽ پنهنجي اجتماعي نظام کي تعمير ڪرڻ جي وڏي صلاحيت هئي ۽ شايد تہ هنن فرد تي انڪري پابنديون وڌيون جو هنن جي آڏو نسل جو مفاد هو، معاشي لاڳاپن سان شاديءَ جو ادارو بدليو آهي. خانہ بدوشيءَ جي زماني ۾ ڪو حيوان مرد هٿ ۾ ڏندو کڻي ٻئي قبيلي جي ڪنهن تنبوءَ ۾ گهڙي ڪنهن ڇوڪريءَ کي زوري کڻي ايندو هو. پر دولت جي گهڻائيءَ ۽ امن جي ڪري اخلاق بہ سڌريو ۽ هاڻي مرد گهربل عورت جي پيءُ وٽ ڏندو کڻي نٿو وڃي پر ڪا سوغات کڻي ٿو وڃي. هاڻي ڪسڻ واري شاديءَ جي جاءِ ڪاروباري شاديءَ ورتي، اڄڪلهہ شادي، ڪسڻ ۽ ڪاروبار جو، عجيب ميلاپ ٿي وئي آهي.

ان اوائلي زماني ۾ جنگيون گهڻيون ٿينديون هيون ۽ خطرا وڌيڪ هئا. مرد عورت کان گهڻو اڳ موت جو شڪار ٿيندا هئا ۽ جيڪي بچندا هئا انهن کي گهڻيون شاديون ڪرائڻ جون ڪوششون ڪيون وينديون تہ جيئن عورتن جي وڌندڙ انگ جو مسئلو حل ٿي سگهي. ان ڪانسواءِ عورتون ڪيترن سالن تائين ٻار جي پرورش ڪنديون هيون ۽ جيستائين ٻار جو کير نہ ڇڏائبو هو تيستائين هم بستري نہ ڪنديون هيون انڪري مرد وڌيڪ شاديون ڪيون ۽ جنسي لاڳاپن ۾ نواڻ سان پنهنجي جنسي خواهشن جي پورائيءَ لاءِ مرد اهو سولو رستو ڳولهيو. ان ڪانسواءِ گهڻن زالن

جي ڪري ٻار بہ گهڻا پيدا ٿيندا هئا ۽ گهڻا ٻار جنگن، حادثن ۽ بيمارين جي خوف ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ خدا جي رحمت هئا.

پر جڏهن جنگن جو دور ختم ٿيو، ماڻهن جي صحت ۽ زندگي محفوظ ٿي ۽ عورتن ۽ مردن جو انگ ذري گهٽ هڪ جيترو ٿيو تڏهن هڪ شاديءَ جو رواج پيو، اهو رواج ٻارن لاءِ فائدي وارو هو ڇاڪاڻ جو هاڻي ڪين ماءُ ۽ پيءُ جي گڏيل محبت ملي ۽ ڪٽنب ننڍو ٿيو تہ هنن کي ڪاڻ لاءِ وڏيڪ مليو. اهو رواج مرد لاءِ بہ سٺو هو جو هو پنهنجي جائداد کي متحد رکي ٿي سگهيو ۽ ساڳئي وقت آزاد بہ هو تہ هو لڪ ڇپ ۾ پنهنجون جنسي خواهشون پوريون ڪري ۽ سماج جي رواج ۽ پنهنجي طاقت وسيلي زال کي وفادار رکي ۽ سندس جائداد سندس اصلي اولاد کي ملي. هڪ شاديءَ جورواج عورت لاءِ بہ فائدي وارو هو. ان سان حسد جو مسئلو بہ ختم ٿي ويو جنهن گهڻين زالن جي ڪري گهر کي پاڳل خانو بڻائي ڇڏيو هو. هڪ شاديءَ سان عورت ۽ مرد کي جنسي برابري ملي.

شادي جي باقي تاريخ عورت ۽ جائداد، دولت ۽ محبت جي وچ ۾ ڇڪتاڻ تي ٻڌل آهي. سمجهيو تہ ائين ٿي ويو تہ دولت زال يا مڙس جي چونڊ ۾ هڪڙو بنيادي سبب ثابت ٿيندي ۽ عورت جي محڪومي هڪ هميشہ واري رسم ٿي ويندي. پر حقيقت انجي ابتڙ هئي. دولت تعليم کي جنم ڏنو، تعليم مرد جي وحشي جذبن ۾ نرمي پيدا ڪئي ۽ صدين جي ارتقا ڪانپوءِ جسم جي جسم لاءِ هوس روماني محبت ۾ بدلجي وئي. ڪن ملڪن ۾ پيءُ ماءُ پنهنجي مرضيءَ سان ڇوڪريءَ جي شادي ڪنهن دولتمند سان ڪندا هئا پر پوءِ آمريڪا، انگلستان ۽ ٻين ملڪن ۾ ڪتي ڪتي روماني شاديءَ جون ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳيون. آهستي آهستي عورت جيڪا مرد جي بربريت جي ڪري نرم طبيعت جي ٿي وئي هئي ان پنهنجي ان نرم طبيعت سان مرد جي طبيعت ۾ نرمي آندي. پنهنجي شرافت ۽ خلوص سان مرد کي سندس وحشي حالت مان مٿي ڪيو ۽ ڪيس اها سکيا ڏني تہ هو عورت ۾ کي ٻيون

صفتون ڳولهي، اهڙيءَ طرح جسم جي طلب جي بنياد تي تهذيب روماني محبت جي نازڪ پر سهڻي عمارت تعمير ڪئي.

روماني محبت وجود ۾ اچي چڪي هئي. جوانيءَ ۾ نوجوان خلوص سان تمثار شاعري تخليق ڪرڻ لڳا. مرد عورتن جي اڳيان گوڏا کوڙڻ، هنن جي هٿن کي چمڻ لاءِ جهڪڻ ۽ هنن جي نرم جسم جي نرميءَ ڪانسواءِ سندن ڪن ٻين خاصيتن جي ڪري ساڻن محبت ڪرڻ لڳا. جڏهن ڪيترين دلين ۾ خواهش عورت کي ملڪيت سمجهڻ جي بدران ارپڻ جي صورت اختيار ڪئي ۽ جڏهن مرد عورت سان مرڻ گهڙي تائين محبت ڪرڻ جو خلوص وارو وعدو ڪيو تہ شادي پنهنجي ارتقا جي آخري منزل تي پهچي وئي. شايد تہ اسان ان جو معراج ڏسي نہ سگهنداسين.

## شاديءَ جو زوال:

هي دور مشين جو آهي ۽ هن ۾ هر شيءِ جو بدلجندو رهڻ لازمي آهي. جتي اجتماعي تحفظ وڌيو آهي اتي انفرادي تحفظ گهٽيو آهي. جسماني زندگي اڳ کان وڌيڪ محفوظ آهي پر معاشي زندگيءَ ۾ وڏا مونجهارا پيدا ٿيا آهن ۽ روز نوان خطرا پيدا ٿيندا تا رهن. جوان مرد جيڪي پهرين زماني کان وڌيڪ بهادر ۽ مغرور آهن، معاشي طرح بيوس ۽ اڻ ڄاڻ ٿي ويا آهن. هو محبت ڪندا آ ـن پر مفلسيءَ جي ڪري شادي ڪري نہ سگهندا آهن، محبت ـري ايندي آهي (ڪيترا سال گذري ويا آهن) پر هيٺي هوندي اُهي، وري بہ شاديءَ لاءِ ڪيسا پريل نہ هوندا آهن. محبت هڪ دفعو وري نازل ٿيندي آهي، پر هاڻي ان ۾ تازگي ڪانہ هوندي آهي (جو ڪيترا سال گذري چڪا آهن) هاڻي ڪيسا پريل آهن ۽ شادي محبت جي موت جو جشن ملهائيندي آهي.

ايتري وقت تائين انتظار ڪرڻ سان شهري ڇوڪري ٿڪجي پوندي آهي. سندس عمر وڌي ٿي ويندي آهي. هوءَ هڪ خوفناڪ مجبوريءَ ۾ ڦاسندي آهي. جنسي نماءَ ۽ پاڻ ارپڻ سان هوءَ مردن جو ڌيان ڇڪائيندي آهي، مرد ڪيس سوکڙيون ڏيندا،

ساٿس گھمندا ڦرندا ۽ ڪيس شراب پيئاريندا آهن پر هن سان ڪڏهن بہ شادي نہ ڪندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن هن جي ڪردار جي آزاديءَ جو سبب سندس معاشي آزادي هوندو آهي. هاڻي هوءَ مرد جي محتاج نہ آهي، مرد وري گهٽو ڪري اهڙي عورت سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار تہ هوندو آهي جيڪا جنسي معاملن ۾ تجربيڪار هجي، پر هن جي معاشي خودمختياري ڪيس ساٿس شاديءَ کان روڪيندي آهي. پر اهو بہ مسئلو هوندو آهي تہ مرد جي ٿوري آمدني ٻنهي جي هاڻوڪي زندگيءَ جي معيار کي ڪيئن قائم رکي سگهي ٿي.

نيٺ ڪو مرد ساٿس شادي ڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪندو آهي، ٻئي شادي ڪندا آهن، ڪنهن بہ عبادتگاهہ ۾ نہ جو هو ٻئي آزاد هوندا آهن ۽ ٻنهي جو مذهب سان واسطو نہ هوندو آهي ۽ جنهن اخلاق جو بنياد مذهب هو ۽ جنهن جون پاڙون ننڍپڻ ۾ هنن جي دلين ۾ ڪتل هيون هاڻي ان جو اثر سندن دلين مان ختم ٿي چڪو آهي. هو ڪنهن ڪارپوريشن ۾ شادي ڪندا آهن جنهن ۾ ڪنهن بہ نوع جو مقدس واعدو ڪونہ ٿيندو آهي پر هڪڙو ڪاروباري واعدو هوندو آهي جنهن کي هو پنهنجي مرضيءَ سان ڪنهن بہ وقت ٽوڙي سگهن ٿا. هنن جي شاديءَ ۾ ڪي بہ مقدس رسمون ادا نہ ٿينديون آهن، ڪا پروقار تقرير ڪانہ ٿيندي آهي، ڪا اعليٰ موسيقي ڪانہ هوندي آهي، جذبات جي ڪا گهرائي ڪانہ هوندي آهي جيڪا هنن جي شادي ۾ هڪ ٻئي سان ڪيل وفاداريءَ وارا واعدا ياد ڏياريندي رهي. هو هڪ ٻئي کي چمي ڏيندا آهن ۽ لاپرواهيءَ واري انداز سان گھر هليا ويندا آهن.

نہ، هو گھر نہ ويندا آهن، ڪوبہ گلن سان پريل ۽ وڻن سان گهيريل گھر آڏريا ڪرڻ لاءِ سندن منتظر نہ هوندو آهي، گلن ۽ ميوي وارو ڪو باغ هنن جي واٽ نہ نهاريندو آهي. هو سوڙهن ۽ اونداهن ڪمرن ۾ پناهہ وٺندا آهن جن ۾ هو گهڻي وقت تائين ماپي نہ سگهندا آهن ۽ جن کي سينگاري هو پنهنجي شخصيت جو اظهار نہ ڪندا آهن. هنن جي گھر جو روحاني وجود نہ هوندو آهي، ان جي رڳو مادي حيثيت هوندي آهي ۽ پناهہ گاهہ وانگر لاتعلق

هوندو آهي. هو گوڙ شور، سرن ۽ فولاد جي سيخن ۾ قيد هوندو آهي، بهار جي فضا ان گهر ۾ داخل ٿي نه سگهندي آهي ۽ بهار جي سوکڙي کين نه ملندي آهي، رڳو کين مينهن نصيب ٿيندا آهن، خزان آسمان ۾ اندلٺ جا رنگ ناهي وکيريندي، پن روز نوان روپ اختيار نٿا ڪن. خزان ۾ هنن کي رڳو سستي ۽ اداس يادون نصيب ٿينديون آهن.

عورت مايوس ٿي ويندي آهي، هوءَ ان چوديواريءَ کي خوشگوار بنائڻ لاءِ ڪجهه به ڪري نه سگهندي آهي ۽ ڪنهن به طرح هوءَ ان مان ڇڄندي آهي ۽ صبح جو واپس ايندي آهي. مرد مايوس ٿيندو آهي جو ساري ڏينهن جي محنت کان پوءِ هن کي گهر ۾ گهر جهڙو آرام ۽ سڪون نه ملندو آهي. آهستي آهستي کيس محسوس ٿيندو آهي ته هي ڪمرا اهڙائي آهن جهڙا شاديءَ کان اڳ هئا. هو اهو به محسوس ڪندو آهي ته هن جا زال سان اهڙائي بي چسا لاڳاپا آهن جهڙا ڪڏهن سولائيءَ سان حاصل ٿيندڙ عورتن سان هئا. شاديءَ سان ڪا نئين ڳالهه ڪانه ٿي آهي. ٻار جو آواز رات جو ننڊ نٽو ڦٽائي. ٻارن جي راند ڏينهن کي روشن نٽي ڪري، ٻار پنهنجن نرم ٻانهن سان آڏريا ڪري ڏينهن جي محنت مزوريءَ جي ٿڪ کي ختم نٽو ڪري، ڇاڪاڻ ته ٻار پيدا ٿيندو ته اهو ڪيڏندو ڪٿي؟ هو ٻار جي ڪري هڪڙو بيو ڪمرو ڪيئن ڪرائي تي وٺي ٿا سگهن؟ ٻار جي تعليم جو خرچ ڪيئن برداشت ڪري ٿا سگهن، انڪري هو سوچيندا آهن ته احتياط چڱو آهي ۽ هو فيصلو ڪندا آهن ته تيستائين هو ٻار پيدا نه ڪندا جيستائين هو هڪ ٻئي کي طلاق نٿا ڏين.

هنن جي شادي شادي نه هوندي آهي، اهو ماءُ پيءُ ٻڻجڻ وارو تعلق نه هوندو آهي پر هڪڙو جنسي تعلق هوندو آهي، انڪري اهو وڌندو نه آهي ۽ آبياريءَ کان محروم هجڻ جي ڪري ڪومائجي ويندو آهي. اهو انڪري ختم ٿي ويندو آهي جو ان جو بنياد نسل جي زندگي تي نه هوندو آهي. زال مڙس پنهنجو پاڻ تائين محدود ٿي ويندا آهن. محبت جي فراخدلي انفراديت ۾

بدلجي ويندي آهي، مرد جي فطري نواڻ پسندي اُڀري ايندي آهي، هڪ ٻئي سان حجت هنن ۾ هڪ ٻئي لاءِ ڌڪار پيدا ڪري ڇڏيندي آهي، پنهنجي سخاوت ۽ ارپڻ ۾ عورت ڪا نئين شيءِ ڏيڻ جهڙي نہ رهندي آهي.

اولاد نہ هجڻ جي ڪري ڪين اختلاف جا هزارين موقعا ملي ويندا آهن. محبت جي شروعات وارا جملا هاڻي بہ استعمال تہ ٿيندا آهن پر انهن ۾ خلوص نہ هوندو آهي. عورت شروعات واري زماني جي محبت کي ياد ڪندي آهي. هوءَ گهر ۾ پنهنجي جسم، لباس، قول ۽ عمل جي پرواهہ نہ ڪندي آهي جن جي ڪري مرد ڏانهس ڇڪجي آيو هو. جيڪڏهن ڪو جنسي نقص پيدا ٿئي تہ اهو وڏي وڇوٽي ٻڻجي ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هنن لاءِ شادي رڳو جنسي تعلق آهي. جيڪڏهن هو غريب آهن تہ مرد پنهنجن وڏي ويل ذميوارين جي ڪري دل ۾ پيو ڪڙهندو اهي ۽ عورت راتي ٻڻجڻ جا خواب ڏسندي آهي، جيڪڏهن مالدار آهن تہ حرص ۽ ڊپ واري انفراديت، محبت ۽ شاديءَ جي ڪوڙي برابري سان ٽڪر ۾ ايندي آهي. پئسن جا جهيڙا محبت جي ختم ٿيڻ سان شروع ٿي ويندا آهن. جيڪڏهن مهذب آهن تہ برابريءَ جون ڳالهيون ڪندا آهن ۽ جيستائين هڪڙو ٻئي تي حاوي نہ ٿئي تيستائين سندن جنگ ختم نہ ٿيندي آهي. جيڪڏهن عورت ڪمائيندي آهي تہ پنهنجي غلاميءَ جي شڪايت ڪندي آهي. جيڪڏهن بيڪار آهي تہ وقت گذارڻ هن لاءِ عذاب ٿي ويندو آهي ۽ نيٺ شيطان کيس ڪانہ ڪا مصروفيت ڏيئي ڇڏيندو آهي. هو سمجهندا هئا تہ هو بار پالي نٿي سگهيا، هو بالزاڪ وانگر ان ڳالهہ جو اظهار ڪندا آهن تہ ”بدي ڪٽنب کي پالڻ کان سستي هوندي آهي.“ جيڪڏهن هنن مان هڪ جا گهڻا دوست آهن تہ ٻيو انهن سان ساڙ ڪندو آهي. جيڪڏهن ٻنهي جو ڪو دوست ڪونهي تہ ٻئي مجبوريءَ کان بي مزي واري زندگي گذاريندا آهن، ملڪيت ۽ هڪ ٻئي جي باري ۾ ڪوجنا جي ڪري محبت جي آزادي ختم ٿي ويندي آهي روح کي ڪٽي بہ امن ۽

اطمينان نصيب نہ آهي ٿيندو. محبت هڪ مستقل جنگ ۾ بدلجي ويندي آهي جنهن ۾ رڳو رات جي ميلاپ وقت صلح هوندو آهي.

مرد ۽ عورت محسوس ڪندا آهن تہ محبت جو جوش هنن جي پنهنجي خوشيءَ لاءِ نہ پر نسل جي بقا لاءِ هو. عورت ديويءَ مان بورچڻ بڻجي ويندي آهي (پر ڪڏهن ڪڏهن ڪيس اهڙو شريف طبيعت وارو مڙس ملي ويندو آهي جيڪو ڪيس بورچڻ مان ديوي بڻائي ڇڏيندو آهي) هوءَ مرد جي نواڻ پسنديءَ کي سمجهندي آهي ۽ مٿس سخت نظر رکندي آهي. هن کي خبر هوندي آهي تہ مرد تي ڀروسو ڪري نٿو سگهجي. هوءَ ڏسندي آهي تہ مرد جي محبت گهٽبي ٿي وڃي ۽ هو دل سان محبت نٿو ڪري. مڙس پنهنجي زال کي هڪ اوپري ماڻهوءَ جي نگاهہ سان ڏسڻ جو عادي نہ هوندو آهي. زال ۽ مڙس ٻنهي کي پريان جا ڍهل سنا لڳندا آهن. ۽ نئون محبوب سڀ کان سهڻو لڳندو اهي. عورت جيڪڏهن بي اولاد اهي ۽ ڪو ڪم ڪار نہ ڪندي آهي تہ پوءِ هوءَ هڪ اهڙي نئين مرد جي خواهش ڪندي آهي جيڪو هن جي خواهشن کي، دل کي ڏتاريندڙ خوشامد سان وڌائي. ٻئي زنا ڪرڻ نہ گهرندا آهن رڳو زندگيءَ کي رنگين بنائڻ گهرندا آهن پر پوءِ اوچتو حواس شعور تي حاوي ٿي ويندا آهن، وفا غائب ٿي ويندي آهي ۽ ٻئي جي باري ۾ شڪ شبها پيدا ٿي ويندا آهن ۽ ٻئي هڪ ٻئي جي بي وفائي تي هڪ ٻئي سان وڙهندا آهن، پر ساڳئي وقت ان صورتحال جو خيرمقدم بہ ڪندا آهن. سرچاءُ نہ ڪندا آهن، ڇاڪاڻ جو اهڙيءَ طرح کين ڇوٽڪاري ۽ عليحدگيءَ جي سولي واٽ ملي ويندي آهي. پوءِ هو الڳ ٿي ويندا آهن، هنن کي طلاق جي عدالت ۾ ڏسو. عدالت ۾ جڏهن ٻيا پنهنجا ڏک ڀريا داستان بيان ڪندا آهن تڏهن هو ڏڪويل ۽ اُداس حالت ۾ پنهنجي واري جو انتظار ڪندا آهن ۽ هنن جو جڏهن وارو ايندو آهي تڏهن هو هڪ ٻئي جي ظلم جو وڌي وڌاءَ سان اظهار ڪندا آهن ۽ ٻئي ماضيءَ جي محبوب کي گاريون ڏيندا آهن، هو هڪ ٻئي کان نفرت ڪندا آهن. اها ڳالهہ رڳو اهي ڪري سگهن ٿا جن کي محبت جا واعدا ياد هجن. هو جلدئي آزاد ٿي ويندا آهن، طلاق

تي ويندي آهي، هاڻي هو وري نئين سر تجربا ڪري سگهن ٿا، پر جڏهن حالتون ۽ ماڻهو ساڳيا هجن تہ پوءِ نون تجربن جو انجام ڪيئن بيو ٿي سگهندو.

گهڻو ڪري شاديءَ کان جلدئي پوءِ ٻئي جدا ٿي ويندا آهن، ۽ تمام ٿورا ماڻهو وفاداري ڪري سگهندا آهن، پر طلاق ونڻ وارن جو انگ انهن ماڻهن جي انگ کان تمام گهٽ آهي جيڪي شاديءَ ۾ خوش نہ هوندا آهن. جيڪي ماڻهو الڳ نہ ٿيندا آهن انهن ۾ الڳ ٿيڻ جي جرائت جي بدران بدناموسيءَ جو ڊپ بہ هوندو آهي. محبت جي بدران دلين ۾ بيزاري ۽ وفاداريءَ جي بدران دوکو هوندو آهي. جيڪڏهن اهڙا جوڙا بہ الڳ ٿي وڃن ها تہ چڱو ٿئي ها جو ائين شادي جو زوال وڌيڪ ظاهر ٿئي ها ۽ سوچڻ سمجهڻ واري سياستدان (جيڪو صديءَ ۾ هڪ هوندو آهي) ۽ عاشق ڪي، جيڪو محبت ڪي ايڏو جلد مرندو ڏسي نہ ٿو سگهي، سوچڻ ۽ غور ڪرڻ لاءِ مواد ملي ها.

## شاديءَ جي نئين سر تعمير:

مرض جي سڃاڻ سولي آهي پر ان جي دوا ٻڌائڻ ڏکيو آهي. ان مرض جو اهو ڪهڙو نئون علاج آهي جيڪو هزارين دفعا پهرين نہ ٻڌايو ويو آهي ۽ اهو ڪهڙو نسخو آهي جيڪو آزمائڻ ۾ ناڪام نہ ٿيو آهي. اسان ڪهڙي نصيحت ڪيون چاڪاڻ جو هر نصيحت سڌارو نٿي آڻي پر زخمن تي لوڻ ٿي ٻُرڪي.

شايد اسان کي گهرجي تہ ان مسئلي کي پاسيرو رکون ۽ پراڻن مسيحي مذهبن وانگر اهو چئون تہ پجڻ جون سڀ راهون بند ڪري ڇڏيون تہ جيئن قيدي سمجهن تہ هو قيد ۾ نہ آهن. جيڪڏهن شادي ٻارن ۽ نسل لاءِ آهي تہ پوءِ ٻارن لاءِ شاديءَ کي اهڙو مضبوط بڻايو تہ جيئن جيڪي رشتا خدا جوڙيا آهن اهي انسان ٽوڙي نہ سگهي. انسان ايترا تہ هڪجهڙا آهن جو اسان جيڪڏهن هڪ سان نباهہ ڪري نہ سگهياسين تہ پڪ ٻئي سان بہ ڪري نہ سگهنداسين ۽ ساڳيا مونجهارا پيدا ٿيندا. انسان ڏک سهڻ

لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي، هو شاديءَ جي ڏک سک کي به صبر سان برداشت ڪري.

پر ڇا اسان ڪچيءَ عمر جي نوجوانن جي جذبات ۾ اڇي ڪيل واعدن کي ڪڏهن نه ٽٽڻ وارا ڇئي سگهون ٿا. ڇا اسان ٻن روحن کي سدائين لاءِ پاڻ ۾ ملائي سگهون ٿا، خاص ڪري تڏهن جڏهن هنن جي محبت نفرت ۾ بدلجي وئي آهي. نسل جي ارتقا جو راز ان ۾ آهي ته ان لاءِ فردن کي پنهنجي شخصيتن جي قرباني تمام گهٽ ڏيڻي پوي. نسل کي فرد تي فوقيت حاصل آهي پر رڳو انڪري ته هو اعليٰ فرد پيدا ڪري. نه ته نسل رڳو هڪ اکر آهي، رڳو خيال آهي.

اسان جي انفراديت پسند زماني ۾ شاديءَ جو هڪ بلڪل بيو نظريو پيدا ٿيو آهي جنهن کي ”آزاد محبت“ جو وڏندڙ نالو ڏنو ٿو وڃي. ان نظريي مطابق جيڪڏهن واعدا ٽوڙڻ لاءِ ئي ڪرڻا آهن ته پوءِ واعدا ڪجن ئي ڇو. جيڪڏهن شاديءَ جو انجام طلاق آهي ته پوءِ اسان رڳو رسمي شادي ڇو ڪيون. جيڪڏهن شادي محبت جي ڪري آهي ته پوءِ محبت جو موت طلاق لاءِ جائز سبب آهي، عاشق ۽ محبوب کي ذاتي ديانت ۽ اعتماد جي بنياد تي هڪ ٿيڻ گهرجي. پر جڏهن محبت ختم ٿي وڃي ته پوءِ ڪين زندگي ۽ جوانيءَ خاطر نئون محبوب ڳولهڻ گهرجي.

شاديءَ جي مسئلي جو اهو حل ڏينهون ڏينهن وڌيڪ عام ٿيندو ٿو وڃي. لنڊزي جج جو چوڻ آهي ته 1922ع ۾ شاديءَ جون درخواستون 1921ع جي ڀيٽ ۾ گهٽ هيون. ان جو سبب هو آزاد محبت جي تصور جو ماڻهن ۾ مقبول ٿيڻ اهو ٻڌائي ٿو ته شاديءَ جي مسئلي جو سولو ۽ سنو حل اهو آزاد اتحاد آهي پر مسئلو هي آهي ته عورت معاشي ۽ نفسياتي طرح مرد جي محتاج آهي. ماهواري ۽ حمل هن کي وقت بوقت بيڪار ڪري سندس ڪمائڻ جي صلاحيت کي گهٽائي ڇڏيندا آهن. جيستائين هوءَ گهر نه ناهي ۽ انهن خطرن کان هميشه لاءِ پاڻ کي محفوظ نه ڪري تيستائين آزاديءَ جا سمورا فائدا مردن کي حاصل ٿا ٿين. اڄڪلهه جيتوڻيڪ

اهو احساس گهٽبو تو وجي پر اهو پنهنجيءَ جاءِ تي موجود آهي تہ عورت پنهنجو پاڻ کي مرد جي حوالي ڪري سندس نظرن ۾ پنهنجي اهميت گهٽائي ڇڏيندي آهي. مرد هڪ جنگجو حيوان آهي، جي نہ بہ آهي تہ پاڻ کي هو اهڙوئي سمجهندو آهي. هو ان ڳالهہ کي پسند نہ ڪندو آهي تہ سندس ڳالهہ نہ مڃي وڃي. جيڪڏهن ڪو هٺرادو نموني سندس مدافعت ڪندو آهي تہ اها بہ هن کي نہ وڻندي آهي. هو جڏهن پوريءَ طرح فتح ڪري وٺندو آهي تہ نئين فتح لاءِ نئون ميدان ڳولهيندو آهي. هن جي خواهش هوندي آهي تہ هن جي زال پهريان ڪنهن مرد سان تعلق ۾ نہ رهي هجي. هو سمجهندو آهي تہ تجربيڪار عورت شاديءَ جي شروعاتي جذباتي جوش کان پوءِ وري نواڻ جي شوق جو شڪار ٿي ويندي، پر هو پنهنجو تجزيو نہ ڪندو آهي. هن جا احساس شاديءَ جي ان پراڻي رسم تي ٻڌل آهن جڏهن عورت پئسن سان خريد ڪئي ويندي هئي ۽ مرد جي ملڪيت ٿي ويندي هئي.

اهي حالتون بدلبيون ۽ شايد تہ جڏهن عورت جي خوداختياري مڪمل ٿي ويندي ۽ حمل روڪ جا اوزار جنسي لاڳاپن کي اولاد کان الڳ ڪري ڇڏيندا، تڏهن مرد بہ عورت کي ان معيار تي پرکيندو جنهن تي هو پاڻ کي ٿو پرکي. اهڙيءَ طرح اسان جو پراڻو اخلاقي نظام پوريءَ طرح ختم ٿي ويندو، پر ان جي خاتمي کان اڳ مرد جي انانيت ۽ غيرذميواريءَ جي ڪري عورت کي تڪليفون سهڻيون پونديون. آزاد محبت رڳو مرد کي آزادي تي ڏئي پر ڪنهن ڏينهن عورت پنهنجي زندگيءَ جون واڳون پنهنجي هٿن ۾ وٺندي ۽ مامتا ڪيس ڪنهن نواڻ پسند مرد جو محتاج نہ ڪندي. ڪنهن ڏورانهين آئيندي ۾ اسان ڪنهن ڏينهن شايد عورت کي مرد جو محتاج بڻائڻ ڪانسواءِ ٻارن جي نيپاج جي ڪا واٽ ڳولهي ڪڍنداسين. ان وقت آزاد محبت سڀني لاءِ نعمت هوندي پر تيستائين اسان کي قانون جو پابند رهڻ گهرجي. عورت جي ذهن ۾ آزاد محبت ۽ رفاقت واري شاديءَ جا تصور منجهي پيا آهن. رفاقت واري شاديءَ جي قانوني تشريح اها آهي تہ اهڙي قانوني شادي

جنهن ۾ ويم روڪ جي قانوني اجازت هجي ۽ ٻنان اولاد وارن جوڙن کي هڪ ٻئي جي رضا خوشيءَ سان طلاق جو حق حاصل هجي ۽ گهٽ ڪري ان خرچ پکي ڪانسواءِ هجي جيڪو مڙس طلاق واري زال کي ڏيندو آهي. ان ۾ رڳو "خرچ پکي" واري ڳالهہ ڪانسواءِ ڪابہ خوفناڪ ڳالهہ ڪانهي ۽ اها ان عام شاديءَ کان گهٽ الڳ بہ نہ آهي. هڪ ٻئي جي رضامنديءَ سان ٻنان اولاد واري جوڙي جي طلاق، جهيڙي يا هڪ ٻئي سان بيوفائي جي نتيجي ۾ طلاق کان بهتر آهي ماڻهن کي رڳو اهو انديشو آهي تہ اهو تصور مرد ۽ عورت جي برابريءَ کي مڪمل ڪري ٿو ڇڏي، تمام جلد امير گهراڻن جي عيش پسند عورتن جي ڪري هيءَ نازڪ جنس ٽڪل مرد جي انتقام جو مرڪز بڻجڻ واري آهي. شاديءَ جو نمونو بدلجي پيو. هاڻي شادي بيڪار عورتن کي برداشت نہ ڪندي جن جي ڪيترن گهرن ۾ رڳو خوفناڪ نماءَ واري حيثيت آهي. مرد پنهنجن زالن کي دعوت پيا ڏين تہ هو پاڻ ڪمائن ۽ پنهنجو خرچ پورو ڪن. رفاقت واري شاديءَ ۾ ٻار پيدا ڪرڻ تائين عورت کي پاڻ ڪمائڻو آهي عورت جي آزادي تڏهن مڪمل ٿي سگهي ٿي جڏهن هوءَ پنهنجي روزي پاڻ ڪمائي ۽ اها ئي صنعتي انقلاب جي بيرحم منطقي حد آهي، عورت ڪارخاني ۾ مرد سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي ڪم ڪندي، هوءَ محنت ۽ اجوري، فرضن ۽ حقن ۾ مرد جي معزز شريڪ هوندي، ان جو نالو آزادي آهي.

اهو ماڻهو تعريف جي لائق آهي جنهن پراڻن عقيدن سان مقابلو ڪري جديد شاديءَ جي آزارن جو اهو علاج پيش ڪيو آهي. پر اهو نهايت سخت علاج آهي. ان کي ڪوبہ ماڻهو تيستائين صحيح نہ سمجهندو جيستائين عورت جي معاشي خودمختياري مڪمل نہ ٿي ويندي جيئن اسان ڏسي آيا آهيون تہ مرد فطري طور هوس ناڪ ۽ نواڻ پسند آهي. هن کي اهڙي شادي گهرجي جنهن ۾ جيئن ئي سندس ساٿيءَ مان نواڻ واري ڪشش ختم ٿئي تہ نئين ڪشش ۽ نوان قلعا فتح ڪرڻ لاءِ هن جي بيتابي شروع ٿئي. جلد ئي هو الوداع چئي. رفاقت واري شاديءَ ۾ ڌرين جي مرضيءَ سان

تيل طلاق واري ڳالهہ کي ڪا ايتري اهميت ڪانهي. نئين دور جي عورت ترت طلاق جي درخواست منظور ڪري ڇڏيندي. هاڻي هوءَ پاڻ ڇا ڪندي. هوءَ پاڻ هڪ دفعو وري آزاد صنعت جي تي ويندي، صنعت جي جهنم ۾ پاڻ کي اُجلائيندي ۽ هن جي وقعت مرد کان تمام گهڻو گهٽجي ويندي.

هي عام مشڪلاتون آهن جن کي تجربو گهٽائي ۽ وڌائي سگهي ٿو. هن علاج ۾ سڀ کان تعميري جزو هي آهي تہ هن ۾ نوجواني ۾ شادي ڪرڻ جي ڳالهہ ڪيل آهي، اهوئي اسان جي اخلاقي مسئلي جي جان آهي. اسان جيڪڏهن ڪنهن نموني شاديءَ جي فطري عمر کي بحال ڪري سگهون تہ جسم فروشي، لڪل مرضن، غير صحتمند پاڪيزگي ۽ جنسي بي راهہ رويءَ ۾ فوراً گهٽتائي اچي ويندي.

وري ٿورو غور ڪيو تہ ڪيترا ماڻهو انهن شخصيتن سان شادي ڪري سگهن ٿا جن کي هو سڀ کان وڌيڪ چاهين ٿا، جوانيءَ جا جذبا اسان جي مالي خوداختياريءَ کان اڳ ئي جاڳن ٿا، اسان شاديءَ جي عظيم تجربي کان تنائيندا آهيون ۽ محبت کي ختم ڪري ڇڏيندا آهيون، جوانيءَ جي شروعات واري محبت تازي ۽ اونهي هوندي آهي. ٽيهن سالن جي عمر کانپوءِ ڪوبہ مرد جوانيءَ جي جوش ۽ پاڻ ارپڻ واري جذبي سان محبت نٿو ڪري سگهي. پهرين محبت روح ۾ جيڪا پاڻ ارپڻ واري ڪيفيت پيدا ڪندي آهي اها هڪ سال جي ميلاپ ۽ آزمائش سان ختم نہ ٿيندي آهي. ڇوڪري جي معصوم هوس ۽ ڇوڪريءَ جو بي ڊپائتو اعتماد زندگيءَ کي هميشہ خوش رکندو ۽ ساري زندگي هنن کي انهن ڏينهن جي يادگيريءَ جي خوشبوءِ ايندي رهندي. پهرين محبت جي شاديءَ جو تصور ڪيو، نئين جوڙي رهڻ لاءِ ڪو سوڙهو ۽ اونداهو ڪمرو نہ ورتو آهي پر اهڙي هنڌ گهر ورتو آهي جتي قدرت جي معصوميت گهٽي ياڳي اجا قائم آهي، گهر کي سينگارڻ لاءِ ڪيترا بحث ٿيندا آهن. ڇا ڇا ونجي ۽ ڪٿي ڪٿي رکجي. زال مڙس گهر جي باغيچي ۾ گل لڳائيندا آهن ۽ انهن سان گڏ پاڻ بہ

ٽڙندا آهن، گهر کي رنگن، نغمن، ڪتابن ۽ دوستن سان وسائيندا آهن، ۽ بازار جي رونق کان وڌيڪ پرڪشش بڻائيندا آهن ۽ نيٺ هڪ ٻار جي ارڏائين ۽ مسرتن سان گهر جي تڪميل ٿي ويندي آهي. اسان سدائين شاديءَ جي پابندين جو مذاق اڏائيندا آهيون پر اسان جي دلين ۾ انهن ڏينهن جي ياد هميشه ڪندي وانگر چڀندي آهي جن ڏينهن ۾ محبت جوان هئي.

نئين جواني جي شاديءَ لاءِ ڪيترا اعتراض ٿي سگهن ٿا. نصيحتون ڪرڻ اجايو آهي، نوجوانن جي مالي احتياط کي اسين اخلاقي نصيحتن سان ختم ڪري نٿا سگهون، پر نوجوان پاڻ نه، هنن جا ماءُ پيءُ کين دير سان شادي ڪرڻ جون نصيحتون ڪندا آهن ۽ مٿن مالي پابنديون وجهي ان کي ممڪن بڻائيندا آهن. ان کان وڌيڪ اسان جوشيلي جوانيءَ کان ڇا ٿا گهري سگهون. اسان کي پيءُ ماءُ کي اهو سمجهائڻ گهرجي ته هو پنهنجي اولاد جي شاديءَ کي ملتوي ڪري انهن ۾ جنسي بي راهه روي پيدا ٿا ڪن. سياڻپ ان ۾ آهي ته تندرست نوجوان جي شاديءَ ۾ رنڊڪون نه وڌيون وڃن، هنن کي پوري پوري مالي امداد ڏني وڃي ته جيئن هنن ۾ مالي مضبوطي اچي ۽ هنن ۾ زندگيءَ جي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جي طاقت وڌي. اها امداد عزت وارو قرض هوندي، جيڪا سندن اولاد کين ادا ڪري ڇڏيندي. ان ۾ ڪنهن کي نقصان ڪونهي. هر شخص فائدي ۾ رهندو، ڪو زمانو اهڙو به هو جو ماءُ پيءُ اهڙي فراخدلي ڏيکاريندا هئا.

اهڙيءَ امداد سان هڪ محتاط نوجوان به محبت جو سڏ سٽي وٺندو ۽ نوجوان به جيڪو شادي ڪرڻ لاءِ تيار هجي اهو هن چوڻيءَ جي سچ کي سمجهي ويندو ته ”خدا تنهنجي حفاظت ڪندو“ غيرت هن ۾ جرائت پيدا ڪندي، هن جي ٻانهن کي ٻَلُ ڏيندي ۽ هن کي همت ۽ ارادي جي مضبوطي عطا ڪندي، ذميداري جون مجبوريون هن جي شخصيت ۾ گهرائي پيدا ڪنديون ۽ شادي هن کي مرد بڻائي ڇڏيندي. جيڪڏهن ڪا بي واٽ نه هجي ته پوءِ شاديءَ کان اڳ ڇوڪريءَ کي ڪو ڪم ڪرڻ گهرجي، ڇوڪريءَ لاءِ ڪم

ڪرڻ گهر جي سينگار جو نازڪ سامان ٺجڻ کان بهتر آهي. شاديءَ ۾ دير ڪرائڻ کان چڱو آهي ته نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون شادي ڪري ٻار ڄڻڻ ۾ دير ڪن. اسان لاءِ ضروري آهي ته اسين شادي ۽ ٻار ڄڻڻ جي عمل کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪيون ته جيئن اسان شاديءَ کي جنسي عمل کان ڌار ڪرڻ کي روڪي سگهون. جيڪڏهن ڪو مرد ان ذميواريءَ کانپوءِ به سستيءَ کان ڪم وٺي ته اهڙي مرد جو علاج اهوئي آهي ته هن کي پيءُ بڻجڻ گهرجي. ٻار هن ۾ مردانگيءَ واري غيرت پيدا ڪندو، پر ڏسڻو آهي ته هن ۾ مردانگي آهي يا نه.

ٻي ڏکيائي اها آهي ته نوجوان گهڻو ڪري دنيا جي حالتن کان اڻ واقف هوندا آهن. تنشي چيو هو ته ”جڏهن ڪو مرد محبت ۾ ورتل هجي ته هن کي پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ فيصلو ڪرڻ ۽ ان جنون جي ڪري سماج ۾ پنهنجي لاءِ ڪو ڪردار مقرر ڪرڻ جي اجازت نه هئڻ گهرجي. اسان کي وڏي واڪي عاشق ۽ معشوق جي هڪ ٻئي سان واعدن کي غلط چوڻ گهرجي ۽ ڪين شاديءَ جي اجازت ڏيڻ نه گهرجي.“ اها ڳالهه صحيح آهي ته جواني انڌي هوندي آهي انڪري ڪو عقل وارو فيصلو ڪري نه سگهندي آهي. پر محبت پوڙهائپ ۾ نه ٿيندي آهي. شايد ته اسان کي ڪنهن به وقت ڪنهن آخري فيصلي ڪرڻ جي اجازت نه هئڻ گهرجي، اها ڳالهه به حتمي نه آهي ته مرد ويهن سالن جي عمر کان ٽيهن سالن جي عمر ۾ سٺي زال جي چونڊ ڪري سگهندو آهي ۽ چاڪاڻ ته سڀ مڙس ۽ زالون بنيادي طرح هڪجهڙا هوندا آهن انڪري ان ڳالهه سان ڪو گهڻو فرق نٿو پوي. جيڪڏهن ڪو مڙس پنهنجي زال سان مطابقت پيدا ڪري نٿو سگهي ته گهڻو ڪري ان جو سبب هن جي پنهنجي ڪردار يا رويي جي خامي هوندو آهي. جيڪڏهن هو ڪنهن ٻي عورت سان شادي ڪندو ته به سندس انجام اهو ئي ٿيندو. طلاق هڪ سفر آهي. جيڪڏهن اسان پاڻ کي نٿا بدلائي سگهون ته اهو سفر بيڪار آهي. اها بهرحال حقيقت آهي ته نوجوان اٽڃاڻ هوندا آهن. پر اها به حقيقت آهي ته انهن معاملن

۾ هرڪو اٽڃاڻ هوندو آهي. اسان مان ڪهڙو مرد عورتن کي سمجهي ٿو ۽ انهن سان صحيح ورتاءُ ڪري سگهي ٿو، اٽڃاٽائيءَ کي گهٽائڻ لاءِ بهتر آهي تہ شاديءَ کان ڇهہ مهينا اڳ مڱڻي جي پراڻي رسم کي بحال ڪيو وڃي. ان عرصي ۾ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري ذهني طرح سان هڪ ٻئي کي سمجهي سگهندا. شايد ان عرصي ۾ هو هڪ ٻئي سان زال ۽ مڙس وانگر وڙهڻ بہ شروع ڪن، اهڙيءَ طرح شاديءَ کان اڳ ئي ڪين الڳ ٿيڻ جو موقعو ملي ويندو. ڇهن مهينن جو اهو عرصو اسان جي شاديءَ کي اهو حسن ۽ اخلاقي قوت عطا ڪندو جنهن جي ان کي سخت ضرورت آهي.

آخري ۽ سڀ کان ڏکي ڳالهہ اها آهي تہ تجربي جي پڪي ٿيڻ کان پهرين ئي نوجوانن کي اهو ذهن نشين ڪرايو وڃي تہ هو هڪ اهڙي گهر ۾ داخل ٿي رهيو آهي جيڪو سندس لاءِ ساري زندگيءَ جو قيدخانو ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ننڍي عمر جي شاديءَ کي ڪامياب بڻائڻو آهي تہ پوءِ ان گهر ۾ داخل ٿيڻ سان گڏ ان مان نڪرڻ جو رستو بہ هئڻ گهرجي ۽ ڏرين جي رضامنديءَ سان طلاق ٿيڻ گهرجي. پر ائين چوڻ تہ طلاق هڪ نهايت ڏکوئيندڙ حقيقت آهي ۽ شادي مرد ۽ عورت جي خوشيءَ لاءِ نہ پر ٻارن جي نيپاج لاءِ ڪئي ٿي وڃي، انڪري طلاق نہ ٿيڻ گهرجي، غلط آهي. اهو ڪير ٿو چئي تہ ڏرين جي رضامنديءَ سان طلاق جي ڪري طلاق جو انگ وڌي ويندو يا ٻارن جي نيپاج ۽ تربيت لاءِ اهي ماءُ پيءُ سٺا آهن جيڪي نہ هڪ ٻئي سان محبت ٿا ڪن ۽ نہ هڪ ٻئي تي اعتماد ٿا ڪن پر پوءِ بہ ٻارن جي مجبوري جي ڪري گڏ ٿا رهن يا اهي جيڪي هڪ ٻئي جي مرضيءَ سان جدا ٿا ٿين، اسان جيڪڏهن مرد ۽ عورت جي مرضيءَ سان طلاق کي رد ڪري ڇڏيون تہ پوءِ جدا ٿيڻ لاءِ هنن ۾ ٽڪراءُ ٿيندو جنهن مان خبر پوندي تہ اسان جي سندن مرضيءَ سان طلاق کي رد ڪرڻ واري ڳالهہ ڪيتري نہ غلط هئي، طلاق کان اڳ مرد ۽ عورت کي آزمائشي طور ڪجهہ عرصي لاءِ هڪ ٻئي کان الڳ رهڻ گهرجي تہ متان ان عرصي ۾ هو عقل کان ڪم وٺن، متان مرد ۽ عورت اڪيلائيءَ کي پاڻ ۾

جهيڙي ڪان وڌيڪ خراب سمجهن ۽ هڪ ٻئي ڪان پري رهڻ سان هنن تي هڪ ٻئي جون اهي چڱايون ظاهر ٿين جيڪي ويجهي رهڻ جي ڪري لڪل هيون.

آمريڪي ڪانگريس جي هڪ ميمبر ۽ سندس زال گڏجي طلاق جي درخواست ڏني جيڪا ان بنياد تي رد ٿي وئي ته هنن ڪنهن به خدائي قانون جي ايڏي ڀڃڪڙي نه ڪئي هئي ۽ نه ئي ڪو انساني قانون ٽوڙيو هو جو هنن لاءِ طلاق ضرور ٿئي ۽ طلاق لاءِ هنن گڏجي پنهنجي جيڪا مرضي ڏيکاري هئي ان تي طلاق ٿي نٿي سگهي، هنن کي ساري زندگيءَ لاءِ هڪ ٻئي سان جڪڙيو ويو. اهڙيون حالتون زنا جي ترغيب ڏين ٿيون. ڪيترن سالن کان جپان ۾ ٻنهي ڌرين جي مرضيءَ سان طلاق ٿي ويندي آهي پر پوءِ به اتي طلاق جو سراسري انگ آمريڪا ۾ طلاق جي انگ کان گهٽو گهٽ اهي. روس ۾ 1907ع کان اهڙي قسم جو قانون نافذ آهي. روم ۾ اهڙو قانون هو جنهن کي پوءِ بوناپارٽ پنهنجي آئين ۾ شامل ڪيو هو پر بوربون خاندان جي جاهل فردن ان کي رد ڪري ڇڏيو هو. اسان جي ملڪ ۾ جيڪڏهن ٿي سگهي ته اهڙي ترميم ڪئي وڃي ته شايد ان سان طلاق جي انگ ۾ ڪو اضافو نه ٿئي، پر ان ترميم سان اسان جو ۽ اسان جي عدالتن جو اخلاق گهڻو بهتر ٿي ويندو. اسان کي خبر نه آهي ته اسان جي انهن تجربن جو نتيجو ڇا نڪرندو. شايد جيڪو نتيجو نڪرندو سو اسان جي خواهشن مطابق نه هوندو. اسان هڪ انقلاب جي لهرن ۾ تا لڙهون ۽ پڪ سان اهڙن هنڌن ڏانهن وهندا تا وڃون جن جو اسان جي خواهشن سان ڪو واسطو ڪونهي. رسمن رواجن ۽ ادارن جي ان بي بنياد تبديليءَ سان الائجي ڪهڙيون حالتون پيدا ٿين. اسان جي شهرن ۾ جتي گهرن جي اهميت ختم ٿيندي ٿي وڃي اتي هڪ شاديءَ جو رواج به گهٽبو ٿو وڃي. جيئن جيئن ٻار ڄڻڻ لاءِ شاديءَ جو ارادو گهٽبو ويندو تيئن تيئن رفاقت واري شادي جو رواج وڌندو ويندو ۽ آزاديءَ سان گڏ رهڻ جي اجازت هوندي يا نه هوندي پر ان جو رواج وڌي ويندو ۽ جيتوڻيڪ آزادي سان گڏ رهڻ مرد لاءِ

فائدي وارو هوندو پر عورت ان کي شادي کان الڳ واري بيڪار اڪيلائي کان وڌيڪ سنو سمجهندي. مرد ۽ عورت لاءِ اخلاق جو ٻئو معيار ختم ٿيندو ۽ ٻنهي لاءِ هڪ جهڙو معيار هوندو ۽ عورت ان ڳالهه ۾ مرد جي اهل ڪندي تہ شاديءَ کان پهريان جنسي تجربا حاصل ڪري. طلاق جو انگ وڌي ويندو ۽ ٿئل ۽ پگهل رفاقتن جا هر شهر ۾ ٽڪرا وڪريل هوندا. شاديءَ جو ادارو هڪ نئين صورت وٺندو عورت جڏهن پوريءَ طرح صنعت جو شڪار ٿي ويندي تہ پوءِ هر طبقو ڄمر روڪ اختيار ڪندو، ٻار ڄڻڻ عورت جي زندگيءَ جو هڪ حادثو ٿي ويندو ۽ ٻارن جي پرورش گهرن جي بدران سرڪاري ادارن ۾ ٿيندي.

## 4- ٻار پيدا ڪرڻ:

هڪ شادي رفاقت جو بهترين قسم آهي، شاديءَ جو معراج اهو آهي تہ مرد ۽ عورت مرڻ گهڙيءَ تائين گڏ رهن. اهوئي مقصد هوندو آهي جنهن لاءِ هڪ سچو عاشق شاديءَ جو واعدو ڪندو آهي، طلاق ميدانِ جنگ مان ڀڄڻ واري بزدلي لڳندي آهي. جيڪو ماڻهو نون نون محبوبائن جو شوقين هوندو آهي ان جي شخصيت مٿاڇري ۽ ڦرندڙ گهرندڙ هوندي آهي. مضبوط شخصيت وارا مرد ۽ عورتون فرار اختيار ڪرڻ جي بدران ان خيال کان پنهنجن مشڪلاتن کي منهن ڏيندا آهن جو هو سمجهندا آهن تہ هر ميدان ۾ ڪين اهڙين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو. جڏهن لاڳاپن ۽ گڏيل سهڪار سان اهو ڏکيو دور ختم ٿيندو تہ انهن جو ڪين اجر ملندو، هنن جي دل ۾ هڪ سدائين لاءِ رهندڙ محبت جو جهنڊو هوندو، جنهن جو اظهار ٻارن جي تربيت جي گڏيل ذميواري جي صورت ۾ ٿيندو رهندو ۽ زندگيءَ جي هزارين لاهن چاڙهن ۾ جسماني خواهش جي وقتي جوش جي جاءِ والاريندو ۽ ٻہ دليون ۽ دماغ هڪ ٿي ويندا. جڏهن روح جي اها آزمائش پوري ٿيندي تڏهن ڪين محبت جي ڪمال جو شعور ٿيندو پر اهو ڪمال ٻارن کانسواءِ حاصل ٿي نٿو سگهي. ٻارن لاءِ ئي شاديءَ جو رواج پيو هو ان جو

مقصد مرد ۽ عورت جو جسماني ميلاپ بہ هو پر ان کان وڌيڪ ان جو مقصد عورت ۽ مرد کي اولاد سان وفا ۽ پيار جي ناتي ۾ ٻڌي نسل کي قائم ۽ جاري رکڻ هو. اسان ڪيترا بہ آزاد خيال تي وڃون، ماضيءَ جي تعصبن کان متاهان تي وڃون پر تڏهن بہ اها عورت جيڪا ٻارڻ واٽي ٻار نتي ڄڻي اها اسان ۾ اڻ وڻندڙ ۽ مريضاڻو تاثر پيدا ڪندي آهي. معروضي حسن داخلي مسرت وانگر فطري مقصدن جي پورائيءَ سان پيدا ٿيندو آهي انڪري اهي عورتون جيڪي ٻار پيدا نہ ٿيون ڪن عجيب ڪل جهڙيون لڳنديون آهن، اهي ڪڏهن بہ اسان کي يقين ڏياري نہ ٿيون سگهن تہ ڪين دل جو آرام ۽ اطمينان نصيب آهي. جيڪڏهن ڪنهن عورت پنهنجي قوت مامتا جي بدران ڪنهن ٻئي طريقي سان صرف ڪئي تہ فطرت ان کي برداشت ڪندي پر جيڪڏهن هوءَ غير مطمئن تي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ، هڪ مرد وٽان ٻئي وٽ، هڪڙي شغل کان پوءِ ٻيو شغل ڳولهيندي رهندي ۽ ڪٿي بہ ڪيس پنهنجي دلچسپين جو مرڪز نہ ملندو تہ پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ هن محبت جي فطري مقصد کي وساري ڇڏيو آهي. نتشي چيو هو "عورت هڪ مامرو آهي جنهن جو حل ٻار آهي."

نئين دور جي عورت اهڙن پراڻن خيالن تي کلندي ۽ چوندي تہ اهو زمانو گذري ويو جڏهن ڪيس ٻار ڄڻڻ جي مشين سمجهيو ويندو هو. ڪوبہ شخص جنهن کي تاريخي شعور آهي. ڪنهن عورت کي چئي نٿو سگهي تہ هوءَ ڪنهن ڳوناٽي عورت وانگر هڪ وڏي ڪٽنب جو بنياد رکي. جيڪو شخص اهو چاهي ٿو (سوائي انهن ڳوناڻن کان جيڪي اڃان تائين اسان جي قانون جوڙيندڙ ادارن تي حاوي آهن) تہ مشينن جي گهٽائي ۽ موت جي انگ ۾ گهٽتائيءَ وڏي انگ ۾ ٻار پيدا ڪرڻ جي ضرورت کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن اسان سمجهون ٿا تہ سماج جي ڀلائي ۽ ترقي وڏي آدم شماريءَ ۾ آهي تہ اهو انڪري ٿا سمجهون جو اسان تعداد کي وڏي اهميت ڏيئي پنهنجو پاڻ کي فريب ۾ ٿا رکون. يا وري اسان فوجي طاقت حاصل ڪرڻ ۽ بيئنڪي راڄ قائم

ڪرڻ ٿا گھرون، يا اسان جي ذهن ۾ آباديءَ جي لحاظ کان زرخيز چين جو تصور آهي. جنهن جو وهڪرو مغرب ڏانهن آهي. پر تعداد سان ڪڏهن به جنگ نه کٽبي آهي. جنگ هميشه ذهن ۽ هٿيارن سان کٽبي آهي. پر جڏهن چيني مشينن جي معاملن ۾ اسان جي برابري ڪرڻ شروع ڪندا تڏهن اهي به آباديءَ تي پابندي لڳائڻ جا اهي ئي ذريعا استعمال ڪندا جيڪي اسين ڪندا رهيا آهيون. وڏن ڪٽنبن جي اڄ نه قوم کي ضرورت آهي ۽ نه اخلاق کي ۽ جڏهن اسين چئون ٿا ته عورت کي هڪ خاص حد تائين مامتا جو فرض پورو ڪرڻ گھرجي ته رڳو انڪري جو ان سان سماج جي نه پر هن جي پنهنجي تڪميل ۽ مسرت جا امڪان پيدا ٿين ٿا.

پار نه هجن ته شاديءَ جو گل ڪومائجي ويندو آهي ۽ ٻارن سان اهو گل ٽڙي پوندو آهي. ان ڪان اڳ شادي هڪ واپاري معاهدي وانگر هئي جنهن جو مقصد جسماني ضرورتن جي پورائي هو. هاڻي شادي پنهنجو فطري مقصد پورو ڪندي آهي. ننڍين ننڍين شخصيتن کي هڪ وسيع ڪُل ۾ ڳنڍيندي آهي ۽ اهو اتحاد هڪ شاداب ٻوٽي وانگر اسرندو آهي. عورت کي انهن ڏکيائين مان عجيب سڪون ملندو آهي جنهن ۾ هڪ خاموش مزو لڪل هوندو آهي. هوءَ پنهنجي بيڪاري ۽ عيش ۾ ايڏي خوش نه هئي. جيتري انهن فرضن ۽ پابندين ۾ خوش آهي جن سان هن جي تڪميل ٿيندي آهي. ظاهريءَ طرح هوءَ پنهنجي سک ۽ آرام کي نسل جي لاءِ قربان ڪندي آهي ۽ مرد هن کي ڏسي هن سان بيهر محبت ڪرڻ شروع ڪندو آهي. هيءَ هڪ نئين عورت آهي. نئين صلاحيتن سان پريل، ان صبر ۽ نرم دليءَ واري خاصيتن سان معمور آهي جيڪي پهرين محبت جي شدت ۾ نظر نه ايندي هيون. هاڻي هن جو منهن پيلو آهي ۽ هن جي شڪل ۾ بدمعاش اکين لاءِ ڪشش ڪانهي. هن جي مڙس کي لڳندو آهي ته هوءَ موت جي وات مان هن لاءِ هڪ اهڙو وڏو قيمتي تحفو ڪٽي آئي آهي جنهن جو عيوضو هو ڏيئي نه سگھندو. اڻ وڻندڙ ڪم هاڻي وڻندا آهن ۽ اهو گھر جيڪو اڳ رڳو چارديواري ۽ بسترو هو هاڻي نئين

زندگيءَ جي خوشين سان پريل ٿو نظر اچي ۽ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو مرد پاڻ کي مڪمل محسوس ٿو ڪري.

ٻار پيدا ڪرڻ سان مرد رڳو سماج ۽ نسل جي فرد هجڻ جا فرض ادا نہ ڪندو آهي پر پنهنجي تڪميل بہ ڪندو آهي. هو انهن ذميوارين کي قبول ڪندو آهي جيڪي بالغ ٿيڻ سان هن تي پونديون آهن هو پيءُ ٿيڻ واري پنهنجي جبلت جي تسڪين ڪندو آهي ۽ ٻارن کي پنهنجي پوڙهائپ جي خوشيءَ جو ضامن سمجهندو آهي ۽ گهڻي ڀاڱي موت جي صياد کان بچي ويندو آهي. موت اسان جو گوشت ۽ رت ڪٽي ويندو آهي ۽ جوانن لاءِ جاءِ پيدا ڪندو آهي. پر اهي جوان اسان جو رت، اسان جي زندگي ۽ اسان جو روح آهن. اسان موت کي پنهنجي زندگيءَ جو رڳو هڪ حصو ڏيندا آهيون ۽ اسان جي زندگيءَ جو بچيل حصو، اسان کان نيپاج وٺي. زندگيءَ جي وهڪري مان نئون جسم ونندو اهي. اسان جا ٻار اسان کي ڏک ڏيندا آهن پر اهي اسان کي تمام گهڻي خوشي بہ ڏيندا آهن جيڪا محبت جي نشي کان بہ وڌيڪ مستي ڏيندڙ هوندي آهي. مرد کي تڪميل حاصل ڪرڻ گهرجي پر هڪ الڳ شخصيت وانگر نہ جيڪو مقابلي جي چنبي ۾ قاتل آهي، پر هڪ وسيع شخصيت جي جُزَ جي حيثيت ۾، هڪ عاشق جي حيثيت ۾ جيڪو وڻ کان وڌيڪ ڏيندو آهي، هڪ پيءُ جي حيثيت ۾ جيڪو نسل جي بقاءَ لاءِ خوشيءَ سان زندگيءَ جي تسلسل ۽ بقا ۾ شريڪ ٿيندو آهي ڇاڪاڻ تہ جُزَ جي ڪل سان سهڪار ئي اخلاق جي جان، زندگيءَ جو راز ۽ خوشيءَ جو سرچشمو آهي.

ظلم ۽ رحم، سمجھ ۾ اچڻ واري سور سان، هڪ نهايت پياري بار کي دنيا ۾ تو آڻي.

ان مان ظاهر آهي تہ ان معاملي ۾ مان تعصب کان ڪم پيو ونان ۽ اهو بہ ناممڪن آهي تہ مان والدين جي مسئلي بابت، اڻ ڏريو تي سچائيءَ جي عالمي اصولن مطابق ڳالهائي سگهان. هي ڪو اصولي بحث نہ هوندو پر اعتراف هوندو، هي ٻارن جي تربيت جي باري ۾ ڪو درسي ڪتاب ڪونهي پر پنهنجي عمل جو بيان آهي جيڪو تي سگهي ٿو تہ قابل قبول نہ هجي. هن مسئلي جي باري ۾ منهنجو يقين ايترو ئي گهٽ آهي جيترو مابعدالطبعيات جي مسئلن جي باري ۾ آهي. پر تنهن هوندي بہ مان دل ۾ سوچيان ٿو تہ منهنجا خيال وڏا فلاسفاڻا ۽ اونها آهن ۽ روشن نسلن جي وجود جي چاٻي آهن ۽ مان اميد ٿو ڪيان تہ شايد ٻيا ماڻهو منهنجن انهن اعترافن مان پنهنجن ڪهرن ۽ پنهنجي اولاد لاءِ ڪا ٿوري روشني حاصل ڪن.

## 1۔ جسماني:

منهنجو خيال آهي تہ اسان شروع کان وني ايٽل کي روح ۽ جسم جو ميلاپ سمجهندا رهيا آهيون، بدن پهريان پيدا ٿيو ۽ روح تڏهن جڏهن ايٽل پهريون دفعو مسڪرائي. تڏهن کان اسان کي احساس ٿيڻ لڳو تہ هي اچو ۽ ڳاڙهو جسم، هي ماسيريون ٻانهون ۽ ڄنگهون، نيريون اکيون، ڳاڙها چپ، سنهري وار، جيتوڻيڪ پنهنجي ليکي ڏاڍا وڻندڙ آهن پر اصل ۾ اهي هڪ غير مرئي زندگي جي اظهار جو انداز آهن. اها زندگي جيڪا تمام جلد نفرت ۽ محبت جي جذبن سان ٽمٽار هوندي. خواهشون ڪندي، خواب ڏسندي، حيرت ۾ پوندي، وڌندي، هڪ نئين شخصيت ٿيندي ۽ هڪ اهڙو مرڪز بڻبي جنهن جي چوڌاري ساري دنيا گهمندي. ان زندگيءَ جو مدار ان بدن تي هوندو. اسان سوچيو تہ جيڪڏهن هي بدن طاقتور ۽ مضبوط ٿي وڃي تہ ان ۾ زندگيءَ جو شعلو وڌيڪ روشن ٿيندو. اسان پڪو ارادو ڪيو تہ جيستائين ايٽل ڏهن ورهين

جي نه ٿئي تيستائين هن جي بدن جي حفاظت کي اسان پنهنجو سڀ کان پهريون فرض سمجهنداسين. اسان کي فطرت تي پورو يقين هو ته اها هڪ مڪمل جسم مان رحمدلي ۽ ذهانت کي پيدا ڪندي. اسان جو خيال هو ته ڪنهن جسماني مرض جي ڪري خراب ڪردار ۽ مٺو ذهن پيدا ٿيندو آهي ۽ اسان ايٿل جو نفسياتي تجزيو ڪرڻ ۽ ڪيس اخلاقي تعليم ڏيڻ جي بدران هن کي تازي هوا ۽ سٺي خوراڪ ڏياريون.

پهرين ٽن مهينن ۾ اسان هڪ خوفناڪ غلطي ڪئي. اسان هڪ نئين قسم جي کير جي آزمائش لاءِ پنهنجي ٻارڙيءَ کي هڪ تجربيگاه بنايو. هي اسان جو اهو ڏوهه هو جنهن جي ياد ڪيترن سالن واري پراڻي شفقت ۽ مامتا به اسان جي دلين مان مٽائي نه سگهي. اسان بين فرينڪلن جي ان ڳالهه سان متفق آهيون ته انساني نسل کي نون ڊاڪٽرن ۽ حجامن کان بچائڻ گهرجي. خوش قسمتيءَ سان اسان جي غلطي جو هن تي ڪو اثر نه ٿيو. غلط غذا جي باوجود ايٿل تندرست رهي ۽ ڏينهون ڏينهن سندس صحت سٺي ٿيندي وئي. اسان کي جڏهن غلطيءَ جو احساس ٿيو ته اسان پنهنجي خوش نصيبيءَ جو سبب ان تازي هوا کي ڄاتو جيڪا ايٿل کي پهرين ٽن مهينن ۾ نصيب ٿي هئي. هڪ مانيٽي ڳوٺ جي هوا جتي ساهه کڻڻ ڪُل ٻڌڻ آهي. ان وقت کان اهو اسان جو پهريون اصول ٿي ويو آهي ته هوا پهرين نمبر تي آهي، قادر مطلق جي معجزي يعني کير کان به وڌيڪ آهي. ڪابه موسم هجي هر رات کليل دريون هوا کي سڏينديون آهن ته اها اچي ايٿل جي ڳلن کي گُلن ۽ شعلن ۾ بدلائي.

ڪيترا دفعا ايٿل نرم لفظن جي خوشامد ۽ ٻچيءَ ۾ نرم ٻانهون وجهي اسان کان اجازت گهرندي آهي ته اسين ڪيس مقرر وقت کان وڌيڪ جاڳڻ جي اجازت ڏيون، پر ان معاملي ۾ اسان پنهنجي اصول تان هٽڻ وارا نه آهيون. اسان سندس ان ڳالهه تي بحث ڪرڻ جي بدران ان کي هڪ مجرماڻو خيال سمجهي رد ڪري ڪيس مقرر وقت تي سمهاري ڇڏيندا آهيون. هاڻي جڏهن هوءَ

ڏهن ورهين جي آهي تڏهن بہ هوءَ روز پوري انين لڳي سمهڻ لاءِ هلي ويندي آهي ۽ ڊاڪٽر تان اسان کي خدا حافظ ۽ شب بخير چوندي آهي. سادي انين لڳي هوءَ بستري تي ليٽيل هوندي آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن اهو قانون ٽوڙيو بہ ويندو آهي، مثال جڏهن ڪو موسيقي جو ڪو ماهر اسان جي گهر پيانو وڄائڻ آيو هجي پر گهڻي ڀاڱي اسان ان قانون کي مقدس قانون سمجهي ان جي پيروي ڪندا آهيون هي اسان جي زندگيءَ ۾ هڪ نهايت اهم اصول جي حيثيت ٿو رکي.

هوا کان پوءِ خوراڪ، اسان ڏنو تہ ايٽل کي ڀاڄيون، کير ۽ ڪڻڪ جي ڊبل روٽي ڀانءِ تي پئي. هوءَ مضبوط، ڏکهي ۽ تندرست ٿيندي وئي. اسان محسوس ڪيو تہ ڪيس پنهنجي مڪمل اوسر لاءِ سڀ شيون ملن ٿيون. جيڪي ضروري آهن. ڀاڄيون کائڻ وارن کي اها ڳالهہ نہ وڻندي تہ اسان هفتي ۾ بہ دفعا ڪيس ڪڪڙ جو گوشت بہ کارائڻ شروع ڪيو. اسان پيار مان ڪيس "ڪُڪڙ، ڀاڄي خور" چوندا آهيون ان عجيب غير اصولي خوراڪ تي هي ننڍو گهراڻو وڌندو رهيو. ايٽل جي صحت هميشہ سٺي ڪانہ رهي. ننڍپڻ ۾ ڪيس ننڍي مائي نڪتي پر هفتي اندر هن ڪلندي ڪيڏندي ان کي ختم ڪيو، ڇئن ورهين جي عمر ۾ هن کي هڪ ساهيڙيءَ کان ڪاري ڪنگهہ لڳي پر اها بہ جلدئي ختم ٿي وئي، انن ورهين جي ٿي تہ هن کي ڳليون ٿيون پر آپريشن سان نيڪ ٿي ويون. هن جي صحت جي رڪارڊ تي اهي بہ چار داغ آهن. هونئن ايٽل جو ڊاڪٽرن ۽ بيمارين سان ڪو گهڻو واسطو ڪونہ پيو. هوءَ گهڻو ڪري پڇندي آهي تہ پيٽ ۾ سور ڪيئن ٿيندو آهي.

خوراڪ کان پوءِ راند جيڪا حواسن ۽ عضون ۾ مطابقت پيدا ڪندي آهي، ڦڙتي ۽ هڪجهڙو عمل سيکاريندي آهي. عقلمند ماءُ پيءُ کي خبر هوندي آهي تہ ڪهڙا رانديڪا جدا جدا عضون جي صلاحيتن کي وڌائڻ ۽ انهن جي تربيت لاءِ مناسب آهن. ان لاءِ پهريون اصول اهو آهي تہ رانديڪا اهي هجن جيڪي صحيح مشاهدي، هٿن جي تيزي ۽ کليل هوا ۾ چرپر جي قوتن کي ڪم ۾

آٽين. رولر سيڪٽس اسڪوٽرز، تيرڪمان، چڪر ٽپڻ جي رسي، بيس بال ۽ ٽينس جو سامان ۽ جيڪڏهن اوهان گهٽين کان ٻاهر ڳوٺ ۾ ٽا رهو ته سائيڪليون، اهي رانديڪا فطرت جي مدد ڪندا آهن جيڪي اسان ۾ راند ڪيڏڻ جو شوق پيدا ڪندي آهي ته جيئن اسان جون صلاحيتون ڪمال تي پهچن. انهن مان سڀ کان سنيون رانديون آهن ترڻ ۽ اسڪيٽنگ ڪرڻ. گرم اونهاري ۽ سياري جون مندون انهن ئي راندين لاءِ آهن. هر عضوو هم آهنگي سان ڪم ڪندو آهي. ساهه اونهو ۽ تيز ڪڄندو آهي، رت جو دورو وڌندو آهي ۽ دل ۾ خوشيءَ جي لهر اُڀرندي آهي. مان افسوس سان اها ڳالهه مڃان ٿو ته مان اسڪيٽنگ ڪري نه ڄاڻان. پر مان واعدو ٿو ڪيان ته اينڊڙ سياري جڏهن ايتل اسڪيٽنگ ڪرڻ سکندي ته مان ڏڪ ڪائي به سکندس. تصور ۾ مان چوڪرن ۽ چوڪرين کي ٻانهن ۾ ٻانهون وجهي يا چيلهن ۾ هٿ وجهي، مرڪندڙ اکين ۽ چمڪندڙ ڳلن سان سياري جي آسمان هيٺ مڪمل چرپر جا گيت ڳائيندي برف تي ترندو ٿو ڏسان. اسان ٻئي اها راند ڪيڏڻ ويندا سين. هڪ پوڙهو ليڪڪ به اها راند ڪيڏي سگهي ٿو. جڏهن برف جا گولا آسمان ۾ اُڏامندا ته اسان ٽيئي ڪيڏو نه مزو وٺنداسين.

## 3۔ اخلاقي:

جسم کي پهريون درجو حاصل آهي ۽ ان جي پرورش ۽ اوسر جو حسن خوشيءَ جو سرچشمو آهي. جڏهن ان جا بنياد پڪا ٿي وڃن. تندرست هاضمو اهڙي نموني باقاعدي ڪم ڪري جو ان جي باري ۾ سوچڻ جي ضرورت ئي نه ٿئي، تڏهن ڪردار جي تربيت جي مسئلن تي سوچڻ شروع ڪبو آهي. جيڪڏهن ٻار ڪائڻ ۾ هبچي، رانديڪن جي معاملن ۾ ڪنجوس، راند ۾ جهيڙاڪ، مغرور، گهٽو ڳالهائڻ ۽ ڦرندڙ گهرندڙ طبيعت وارو، اڪيلائپ پسند ۽ صفائيءَ کان پجڻ وارو آهي ته اهڙي حالت ۾ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي.

پهرين ڳالهه ته ٻار تي ڪابه پابندي نه وجهو. جيڪڏهن ڪو ٻار اڻ وڻندڙ حرڪت ڪري ته ان لاءِ اوهان کي معافي وٺڻ گهرجي

چاڪاڻ تہ يا تہ اوهان ڪيس غلط خوراڪ ڪارائي آهي يا ساڻس خراب رويو رکيو آهي. پابنديون ضروري آهن پر اهي تمام گهٽ هئڻ گهرجن. والدين لاءِ اهو چڱو ٿيندو تہ هو پهرين جنوريءَ تي پويون پابنديون ختم ڪري پابندين جي نئين لسٽ تيار ڪري، جيئن شراب جي عاديءَ جو علاج ڪرڻ وارا ڊاڪٽر ڪندا آهن، يا عام طور تي مريضن لاءِ ڊاڪٽر ڪندا آهن. گهڻا ماءُ پيءُ جيڪي دولت يا محبت حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيندا آهن ٻار تي پابنديون وجهي زندگيءَ کان انتقام وٺندا آهن. ٻار سان حڪم هلائڻ واري انداز ۾ ڳالهائڻ ڪمزوريءَ جي نشاني آهي. حڪم هلائڻ بيوقوفن جو ڪم آهي، شاديءَ ۾ جيڪي ڪين تلخيون نصيب ٿينديون آهن انهن لاءِ ڳالهہ ڳالهہ تي اعتراض ڪري پاڻ کي تسڪين ڏيندا آهن، ٻار کي خوش رهڻ ڏيو ۽ پنهنجو پاڻ کي دوکو نہ ڏيو تہ اوهان مستقبل لاءِ حال جي تمام وڏي قرباني پيا ڏيو. اسان پاڻ سان واعدو ڪيو آهي تہ جيستائين ايٿل جي شادي نہ ٿيندي، اسان ڪيس خوش رکنداسين، ان کان پوءِ هن جو خدا حافظ آهي.

ٻار سان حاڪماڻو سلوڪ هن ۾ بغاوت پيدا ڪندو آهي. اهو اصول نيوٽن جي حرڪت وارن قانونن وانگر يقيني آهي ۽ شايد آئن اسٽائن کان پوءِ بہ اهو اصول يقيناً صحيح رهندو. اسان جڏهن حڪم ڏيندا آهيون تڏهن ٻار جي خودداريءَ جي لڪل صلاحيتن کي اُڀاريندا آهيون. هر فرمان سان اسان مدافعت جي فوجن کي دعوت ڏيندا آهيون. گهُرو تہ اهو اوهان کي ملي ويندو، حڪم ڏيندؤ تہ توهان کي مايوس ٿيڻو پوندو. ٻار سان سنو سلوڪ ڪيو، هن جي محبت ۽ هن جو اعتماد حاصل ڪيو، اوهان جون درخواستون ۽ نصيحتون اوهان جي حڪمن کان وڌيڪ اثرائتيون ٿينديون. ايٿل جا پيءُ ماءُ اشارن سان هن کان گهڻو ڪم وٺي ويندا آهن. اسان ايٿل کي سندس اسڪول تائين پهچائڻ ويندا آهيون، هن جي شاگرديءَ واري سني زندگيءَ تي رشڪ ڪندا آهيون، اسان سوچيندا آهيون تہ جڏهن هو ڏسندي آهي تہ اسان هن جي شاگرديءَ واري زماني جو قدر تا ڪيون تڏهن ڇا هوءَ پنهنجي ننڍپڻ جي

خوشين کي وڏيڪ جوش مان محسوس نہ ڪندي هوندي. منجهند جي مانيءَ مهل اسان هن کان سندس تعليم بابت سوال ڪندا آهيون تہ هوءَ خوش ٿيندي آهي تہ اسان هن جي تعليم ۾ ايڏي دلچسپي ٿا وٺون. اسان تاريخ، جاگرافي ايستائين جو حساب ۾ دلچسپي وٺندا آهيون ۽ اسان جي دلچسپي جي ڪري هوءَ بہ انهن سبجيڪٽس ۾ دلچسپي وٺڻ لڳي آهي، هوءَ محسوس ڪندي آهي تہ اهو ضروري نہ آهي تہ انهن سبجيڪٽس جو مطالعو بي مزي هجي. اهي هڪ جنگ، هڪ سفر، هڪ محبت نامي يا هڪ انڪم ٽيڪس رپورٽ وانگر دلچسپ ٿي سگهن ٿا.

اهو ساڳيو حال پيانو جو آهي، هي آمريڪا جي هر گهر جو مسئلو آهي. "وجو ۽ رياض ڪيو" هي هڪ اجايو جملو آهي ڇاڪاڻ جو ان مان ظاهر ٿو ٿئي تہ پيانو وڄائڻ هڪ بوريت وارو ڪم اهي، ۽ رياض ايذاءُ وارو ۽ اسان حڪم ڏيندا اهيون تہ وجو ۽ ان ايذاءَ کي برداشت ڪيو. تون ان سزا جو حقدار آهين. اسان ايٽل سان هڪ ٻيو طريقو اختيار ڪيو. اسان هن کي رڳو ايترو چيو تہ جيڪڏهن تون پيانو سکڻ گهرين تہ سک. اسان اهو فيصلو هن تي ڇڏيو. پر اهو طريقو استعمال ڪرڻ کان اڳ اسان هن سان موسيقي جي شان ۽ ان کي تخليق ڪرڻ جي عظمت جون ڳالهيون ڪيون، ان کان پوءِ اسان اهڙو استاد ڳولهڻ شروع ڪيو جيڪو ٻي جان ميزان سيکارڻ جي بدران هن کي اهڙا وڻندڙ سُر سيکاري جن سان سارو گهر گونجڻ لڳي. اسان کي اهڙو استاد ملي ويو ۽ جلدئي اسان جو گهر اهڙن نغمن سان پرجي ويو جيڪي ننڍڙن پر تندرست هٿن جو ڪرشمون هئا. اسان وڏا بہ هن سان ملي اهو گيت ڳائڻ لڳاسين. هوءَ اسان جي خوشيءَ کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي ۽ پنهنجو پاڻ کي فنڪار سمجهڻ لڳي. شروع کان ئي پيانو هن لاءِ گوڙ شور ۽ تڪليفن جي نہ پر موسيقيءَ جي علامت ٿي ويو.

ٿوري وقت کان پوءِ هن جي پيانو سکڻ جي رفتار هڪ هنڌ بيهي رهي، هوءَ وڏيڪ رياض ڪرڻ کان نتائڻ لڳي ۽ اسان کي جذبات ۽ رسمن وارن دشمنن سان مقابلو ڪرڻو پيو جن اسان کي

هن تي جبر ڪرڻ لاءِ مجبور تي ڪيو، مان پاڻ پيانو جي سامهون ويهي رياض ڪندو هيس. پوءِ مان ايتل کي چوندو هيس تہ هوءَ مون سان ملي پيانو وڄائي، هوءَ مون سان پيانو وڄائڻ ۾ شامل نہ ٿيندي هئي تہ مان اڪيلو ئي وڄائيندو هيس. هن جي استاد اسان کي اهڙو ڳانو سيکاريو هو جيڪو اسان گڏجي ڳائيندا هئاسين. (هينئر ايتل مون کي سڏ ڪيو آهي تہ بابا، اچ مون سان گڏ رياض ڪر) هن جو ذوق جلدئي اُڀري آيو ۽ ٿوري عرصي ۾ هوءَ بيٿوون، موزارٽ، شومان، شوبرٽ، هينڊل ۽ باخ جا نغما وڄائڻ لڳي. اسان وڏي شوق سان اهي گيت ڳائڻ لڳاسين. اسان هن جو ٿورو مڃيو تہ هن اسان جي دلين کي نغمن جي نور سان روشن ڪري ڇڏيو آهي. هن کي احساس ٿيڻ لڳو تہ موسيقي هڪ نعمت آهي جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ تڪليفون سهڻ اجايو نہ آهي. پيانو تي خيرباد وارو نغمو وڄائي هن چيو ”هاڻي مون کي خبر پئي اهي تہ اوهان بيٿون تي ايترا فدا ڇو آهيو.“

پنهنجي ڳالهہ سمجهائڻ لاءِ هاڻي مان ترڻ جي ڳالهہ ڪندس. جيتوڻيڪ موسيقي کان پوءِ ترڻ جي ڳالهہ مناسب نہ ٿي لڳي، ڇا اوهان ڪڏهن ڏٺو آهي تہ والدين ٻارن کي ترڻ ڪيئن سيکاريندا آهن. پهريان هو ٻار کي ترڻ واري حالت ۾ پاڻيءَ تي ليٽائيندا آهن، پوءِ هن کي ڇنڊيندا آهن ۽ پوءِ زوريءَ کيس پاڻيءَ ۾ ڏڪي ڇڏيندا آهن، ٿوري وقت لاءِ اهو طريقو ڪامياب ٿيندو آهي پر ان سان ٻار جي دل ۾ پاڻيءَ جي دهشت پيدا ٿي ويندي آهي ايستائين جو ڪڏهن ڪڏهن هن جي ترڻ تان دل ئي کڄي ويندي آهي. ان سلسلي ۾ ڪو ننڍو مثال ڏيئي سمجهائڻ جبر کان هزار دفعا وڌيڪ ڪامياب ٿيندو آهي. ايتل هر ٻار وانگر پاڻيءَ کان ڊڄندي آهي. هن جو ڊپ قدرتي هو جيڪو پوئين نسلن جي خطرناڪ تجربن تي ٻڌل هو. اسان هن کي ترڻ جو لباس پارايو ۽ هن کي واريءَ تي کيڏڻ لاءِ ڇڏي ڏنو ۽ پاڻ هن جي سامهون ترندا رهياسين تورن ڏينهن کان پوءِ هن اسان جي ترڻ ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي ۽ هوءَ پاڻيءَ سان کيڏڻ لڳي. اسان هن کي بچاءَ وارو

پٽو وني ڏنو. اهو پٽو اسان هن جي چيلهه ۾ ٻڌو ۽ کيس ٻڌايو تہ ان پٽي جي مدد سان هوءَ پنهنجا وار پسائڻ کانسواءِ اونهي پاڻيءَ ۾ تري سگهي ٿي. هن ٻين ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ڏٺو ۽ انهن جي اهل کندي هر پاسي ترڻ لڳي. اسان هن جو پٽو لاهي ڇڏيو ۽ هن کي وڏي حيرت ٿي تہ هوءَ پوءِ بہ تري سگهي ٿي. ٻئي سال هن هڪ دوست جي مدد سان ترڻ جا ٻيا طريقا بہ سکي ورتا. هاڻي هوءَ پنهنجي پيءُ کي ترڻ سيڪاريندي آهي ۽ پنهنجي ترڻ جي مهارت ۽ نوان طريقا ڏيکاري کيس شرمسار کندي آهي. انهيءَ ڪري ڇنجي ٿو تہ جيڪڏهن مثال سنو آهي تہ ڏاڍو اثرائتو ثابت ٿيندو آهي ۽ ٻي ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت ڪانہ پوندي آهي. سڀ کان سنو گهر ۽ اسڪول اهو آهي جتي جبر ۽ حڪم تمام گهٽ هجي. هيءَ ڏاڍي عجيب ڳالهہ آهي تہ سزا ۽ حڪم کانسواءِ ٻار جو اخلاق ڪيترو سڌري ٿو وڃي. ازاد تعليم جو طريقو انڪري ناڪام ٿيندو آهي جو اسان انهن اصولن جي خلاف ڪم ڪندا آهيون جن جي اسان پنهنجن ٻارن کي تعليم ڏيندا آهيون. اسان ٻارن کي گهٽ ڪائڻ جي سکيا ڏيندا آهيون ۽ پاڻ ڏٽي ڪائيندا آهيون، اسان دوستيءَ وڌائڻ جي تعليم ڏيندا آهيون ۽ پاڻ سيني جي اڳيان وڙهندا آهيون. اسان منائين ۽ فلمن جي مخالفت ڪندا آهيون ۽ پاڻ لڪي ان مان مزا وٺندا آهيون ۽ هڪ ڏينهن ٻار اسان جي چوري جهلي وٺندو آهي اسان وڏي سختيءَ سان نرمي پيدا ڪرڻ جي گهر ڪندا آهيون ۽ سختيءَ سان حليم ٿيڻ جو حڪم جاري ڪندا آهيون. اسان انڪساريءَ جي نصيحت ڪندا آهيون ۽ پاڻ ديوتا ٻڻجي ويندا آهيون. ٻار اسان جي نصيحتن سان نہ پر اسان جي مثال مان اثر وٺندا آهن. جيڪي ٻار والدين کي تڪليف ڏيندا آهن سي ٿي سگهي ٿو تہ اسان جي ماضيءَ کي ورجائيندا هجن. اوهان مون کي پنهنجن ٻارن سان ملايو تہ مان اوهان کي ٻڌايان تہ اوهين ڇا آهيو.

جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا تہ اوهان جا ٻار حليم ٿين تہ پهرين پاڻ حليم ٿيو. جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا تہ اوهان جا ٻار صفائي پسند ٿين تہ پهريان پاڻ صفائي پسند ٿيو. ان کانسواءِ ٻي

ڪنهن شيءِ جي ضرورت ڪانهي. ٻار سان سختيءَ سان ڳالهائڻ هن جي دل ۾ سخت گفتگوءَ جو نقش ويهارڻ آهي جنهن جي هو پاڻ اهل ڪري سگهي ٿو. سنيون خاصيتون رڳو سدائين سني مثال سان ئي پيدا ٿي سگهن ٿيون. اهو ڏکيو ڪم آهي، ان لاءِ اسان جي شخصيتن کي نئين سر تعليم ۽ تربيت جي ضرورت آهي، اهڙيءَ طرح ٻار اسان جي تربيت ڪندا آهن. ڪيترا دفعا هن مصنف انهن اعليٰ اصولن کي ٽوڙيو آهي ۽ عقل وڃائي ڪاوڙ ۾ جبر ۽ حڪم کان ڪم ورتو آهي، مون اهي سارا معياري اصول انڪري قائم ڪيا آهن جو مان پنهنجي تهذيب ڪري سگهان ۽ پنهنجي قول ۽ فعل کي هڪ جهڙو بڻائي سگهان.

اسان ايٿل جي شخصيت ۽ هر جبلت کي ڪنهن سني مقصد تي مرڪوز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پهرين هوءَ ننڍڙي حيوان وانگر حريص هئي ۽ پنهنجن رانديڪن ۾ ڪنهن ٻئي کي حصيدار ٿيڻ نه ڏيندي هئي، پر هوءَ اسان جي ان ڳالهه کان متاثر ٿي آهي ته اسين هن کي هر شيءِ ۾ حصيدار بڻائيندا هئاسين جنهن سان هن ۾ خوداعتمادي پيدا ٿي ۽ هوءَ ٻين سان وڏيءَ دل وارو ۽ دوستانو ورتاءُ ڪرڻ لڳي. ڪجهه عرصي تائين هوءَ پئسن جي شوق ۾ هئي، اسان هن جي ماهاني خرچي مقرر ڪئي پر شرط وڌا ته هوءَ پنهنجو ڪمرو صاف رکندي، پنهنجو بسترو پاڻ ناهيندي، صبح جو سوير اُٿندي، وقت تي اسڪول پهچندي ۽ پنهنجو سبق چڱيءَ طرح ياد ڪندي. منهنجي دوستن مون کي جهليو ته مان ايٿل جي ماهاڻي خرچي مقرر نه ڪريان. ائين هن جي عادت خراب ٿيندي مون کي پاڻ به پنهنجي ان ڳالهه جي درست هجڻ تي شڪ ٿيڻ لڳو. مان چئي نٿو سگهان ته منهنجا دوست غلط تا چون يا صحيح. پر منهنجو خيال آهي ته هنن جي ڳالهه صحيح نه آهي. خرچيءَ سان ايٿل جو حرص وڌيو نه آهي پر گهٽيو آهي. ان خرچيءَ مان هوءَ رانديڪا وٺندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اسان لاءِ به ڪا سوکڙي وٺي ايندي آهي. ايندڙ سال سالگره لاءِ مون کي سوکڙي ڏيڻ لاءِ هن پنهنجي خرچيءَ مان ٿورا پئسا گڏ ڪرڻ شروع

ڪيا آهن. هاڻي هن اسان کي راضي ڪيو آهي ته اسين ڪيس هڪ اسڪاٽليند جو ڏکي نڪ ۾ ٻج وارو ڪتو وٺي ڏيون، اسان جڏهن سندس ڳالهه مڃي ته هن چيو ته ان جي قيمت مان پنهنجي خرچي مان پرينڊس، پر هن دفعي هن جي خرچي پوري نه پوندي.

ساڳيو حال خودداريءَ جو آهي، خودداري هڪ مصيبت بڻجي سگهي ٿي يا وري اها شخصيت جي اوسر ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. مان نٿو چاهيان ته ڪو ٻار نهايت نوڙت وارو ۽ حقير ٿئي ۽ ايتل جڏهن ارڏائي ڏيکاريندي آهي ته مان اهو سوچي مطمئن ٿي ويندو آهيان ته جڏهن هوءَ وڏي ٿيندي ۽ ڪو ماڻهو هن مان ناجائز فائدو وٺڻ گهرندو ته هوءَ سندس زندگي حرام ڪري ڇڏيندي. ٿوري طبيعت جي تيزي ۽ مدافعت جو جذبو، شخصيت جي جوڙجڪ لاءِ ضروري آهي، خودداري عزت جي ماءُ آهي ۽ همٿ ۽ جرائت جا جذبا پيدا ڪندي اهي اها اخر تائين ڪنهن سٺي مقصد لاءِ استعمال ٿي سگهي ٿي. اسان ايتل کي چوندا آهيون ته هوءَ ايتري خوددار آهي جو هوءَ ڪڏهن به برداشت ڪري نه سگهندي ته ڪو هن کي گندو يا ميرو ڏسي. هن جي خودداري هن کي پنهنجي حق ڪان وڏيڪ وٺڻ، سوڪڙين جي پنيان پڇڻ ۽ ڪم ۾ ٻئي کي پاڻ کان اڳتي وڌڻ نه ٿي ڏئي. (اسانکي اميد آهي ته هن تي اسان جا اهي راز ظاهر نه ٿيندا) خودداري سزا جو سٺو نعم البدل آهي. اها هڪ هاڪاري محرڪ آهي ناڪاري نه آهي، اها بهادري ۽ مستقل مزاجي پيدا ڪندي آهي ۽ بزدلي کي چيپاٽي ڇڏيندي آهي. ٽنشي پڇيو هو ته نيڪي ڇا آهي؟ ۽ پاڻ ئي جواب ڏنو هو ته "بهادري". پر خودداريءَ کانسواءِ ڪو ڪيئن بهادر ٿي سگهي ٿو.

اسان ٻار جي شخصيت جي تعمير ۾ چنيڻ جي بدران تعريف کي رکي سگهون ٿا. چنيڻ ۽ ننڍڻ سان روح ڪومائجي ويندو آهي ۽ ڪنهن خاميءَ کي هميشه لاءِ نفرت جي قابل بڻائي ڇڏيندو آهي. تعريف هر جيوگهرڙي کي وڌائيندي ۽ هر عضوي کي قوت بخشيندي آهي. ۽ ڪنهن به ڏکئي ڪم کي مقابلي ۾ فتح ۾ بدلائي ڇڏيندي آهي. انانيت سان اسان دنيا کي متحرڪ ڪري

سگھون ٿا. ڪنهن ڪم جي خامين کي نندڻ جي بدران اسان کي گهرجي تہ اسين جيترو ڪم ٺيڪ آهي ان تي نظر رکون ۽ ان جي تعريف ڪريون. اسان جا تعريفي لفظ دماغ ۾ محفوظ رهندا ۽ ڪم ڪرڻ وارن کي چڱيءَ طرح ڪم پورو ڪرڻ لاءِ هرڪائيندا. جيڪڏهن ايٿل اسان کي ٻڌائي ها تہ هوءَ حساب چڱيءَ طرح ڪري نہ سگهي آهي. (حساب هن لاءِ مسئلو آهي) تہ اسان افسوس جو اظهار ڪيون ها ۽ هن کي ڌڙڪا ڏيڻ يا نندڻ نہ چاهيون ها. ڏٺي نہ ڪري تہ ڪيس ان راز جي خبر پوي تہ هن جون مارڪون اسان جي مارڪن کان سٺيون آهن جيڪي اسان شاگرديءَ جي زماني ۾ کڻندا هئاسين. جڏهن هو گهر اچي وڏيڪ مارڪون کڻڻ جي خوشخبري ٻڌائيندي آهي تہ اسان خوشيءَ ۾ جهومندا آهيون ۽ هن جي ڪاميابيءَ جو هر جشن نت نون طريقن سان ملهائيندا آهيون. هوءَ جڏهن ڪو ڪارنامو ڪندي اهي تہ اسان هن جي کاتي ۾ هڪ ڊالر جمع ڪري ڇڏيندا آهيون (جيتوڻيڪ منهنجا دوست اهو ٻڌي سخت ناراض ٿيندا آهن). جيڪڏهن نندڻ ۽ سزا جي بدران تعريف جو طريقو ناڪام ٿيو تہ پوءِ؟ اسان پهرين طريقي جي ڪاميابيءَ تي ٻئي درجي جي ناڪاميءَ کي ترجيح ڏينداسين. اسان هر ان منصوبي جي پنيرائي ڪنداسين جيڪو ايٿل جي خوشيءَ ۾ اضافو ڪري. جيڪڏهن اسان کي چونڊ ڪرڻي پئي تہ اسان گهٽي محبت سان هن جون عادتون خراب ڪرڻ کي تڪليفن سان ڪيس سخت بنائڻ کان وڌيڪ سٺو سمجهنداسين. ڏکين مرحلن ۾ سختي نہ پر محبت اسان جي مدد ڪندي. خدا کي خبر تہ اها رحمت آهي يا زحمت، جو قسمت اسان کي رڳو هڪ ٻار ڏنو آهي. جيڪڏهن اسان جا ٻيا ٻار بہ هجن ها تہ اسان ايٿل ڏانهن ايڏو ڌيان ڏيئي نہ سگهون ها. مون ٻن ڇئن ٻارن وارا گهر ڏٺا آهن، هنن جو گوڙ مون کي نہ وڻندو آهي. مان پنهنجو ڪم گهر ۾ ئي ڪندو آهيان ۽ ايٿل مون سان گڏ هوندي آهي، پر جيڪڏهن هن جون ڀينرون ۽ ڀائر بہ هجن ها تہ شايد مان گهر کان هڪ ميل پري ڪمرو وٺي رهان ها. هاڻي ايٿل جي ويجهڙائي منهنجي ڪم ۾ رنڊڪ نہ ٿيندي آهي، ٻين

ڪمرن ۾ هن جو آواز يا ڪڏهن ڪڏهن منهنجي ڪمري تي هن جو حملو مون کي تازو توانو ڪري ڇڏيندو آهي. مان پاڻ کي خوش قسمت سمجهندو آهيان تہ مان پنهنجو ڪم شهر جي گوڙ ۾ نہ پر هڪ شخصيت جي وٽندڙ نيپاج جي ساٿ ۾ ڪري رهيو آهيان.

اڪيلو ٻار هجڻ نعمت آهي پر ان سان گڏ کي تڪليفون بہ هونديون آهن، اسان انهن کي ائين منهن ڏيندا آهيون جو سندس ساهيڙن کي گهرائيندا آهيون يا وري ڪڏهن ايتل کي انهن ڏانهن موڪلي ڏيندا آهيون. پنهنجي هڪ پاٽيجي کي موڪلن ۾ پاڻ وٽ رهائي ڇڏيندا آهيون. ڪڏهن ڪڏهن هن جا ٻين جي گهرن ۾ چنچر ۽ آچر گذرندا آهن. سڀ کان اهم ڳالهہ تہ اسان پاڻ ٻار ٿي ويندا آهيون ۽ ايتل جي پڙهائي ۽ راندين ۾ هن سان شريڪ ٿيندا آهيون. هوءَ فرانسيسي ٻوليءَ جا سبق پئي وٺي. اسان سارو هفتو هن جي ڪم ۾ شامل ٿيندا سين، ۽ انهن سبقن کي مقابلي جي راند بڻائي ڪيڏنداسين، ۽ هرهڪ اکر کي ان جي هم معنيٰ اکر سان ملائي ۽ ڪنهن مشڪريءَ واري جملي ۾ استعمال ڪري هن جي ذهن ۾ وجهنداسين. يا وري حساب ۾ هن کي ڏکيو ڪم ملندو آهي تہ اسين ڪاڏي جي ميز تي ويهي واڌو، ڪاٽو، ۽ ضربيان ڪندا آهيون. ڇا والدين لاءِ ائين ڪرڻ وقت ضايع ڪرڻ نہ آهي. پر اوهان ڪيئن ٿا پنهنجو وقت وجايو؟ اسان پنهنجو واندڪائيءَ جو وقت ٻيو ڪهڙي سني نموني سان گذاري سگهون ٿا. والدين ٿيڻ جو راز ان ۾ آهي تہ اسان وري ٻار ٿيون، پنهنجو رتبو وساري ٻار جي برابر تي ساٿس ڪيڏون. شايد اهڙيءَ طرح اسان ٻار جي محبت ۽ اعتماد حاصل ڪري سگهون، جيڪي تعليم جو روح آهن پر سوال آهي تہ ڇا اسان ديانتداريءَ سان ٻار جي فطري اخلاق جو سرچشمو آهيون؟ اسان ايتل کي ٻڌائيندا آهيون تہ سندس هر خيال هن جي چهري مان ظاهر ٿيندو آهي. اڳتي هلي شخصيت جو هر جزو چهري تي لکجي ويندو آهي، جنهن کي هر ڪو پڙهي سگهندو آهي.، پر اهڙن ڪمزور عقلي اصولن سان اسان مطمئن نہ ٿيندا آهيون. اسان جيڪڏهن ڪيس سچ ڳالهائڻ وارو بنائڻ ٿا گهرون تہ اسان کي پاڻ

کي بہ سچ ڳالهائڻ وارو ٽيڙو پوندو، پوءِ ڪٽي ان سان بين کي تڪليف ٿي چو نہ رسي. اسان کي ڪيس ڪا سزا ڏيڻ نہ گهرجي، صرف ايترو سمجهائڻ گهرجي تہ سندس غلطيءَ سان سيني کي ڏاڍو ڏک رسيو آهي، اسان کي يقين آهي تہ مثال ۾ محبت سان هوءَ اسان سان ديانتداريءَ سان هلندي. وڏن جو ڪوڙ ڪڏهن ڪڏهن جائز هوندو آهي چاڪاڻ جو هو سچ سان ناراض ٿيندا آهن. پر ٻارن لاءِ ڪوڙ شايد تہ ڪڏهن بہ مفيد ثابت نہ ٿيندو آهي، چاڪاڻ جو هو علم جا اُڃيا هوندا آهن. پر اخلاق جا ماهر حقيقت کان تنائيندا آهن. خاص ڪري تڏهن جڏهن ٻار حقيقت ڄاڻڻ گهرندا آهن. ايتل بين ڪيترن معاملن وانگر هن معاملي ۾ بہ معيار تي پوري نہ لهندي آهي. ان جو سبب اهو آهي جو هن جي پيءُ هميشہ هن سان هميشہ ديانتدار نہ رهيو آهي. ديانتدار ٿيڻ جي اسين وري ڪوشش ڪنداسين.

## 4ـ جنسي:

ديانتداريءَ جو سڀ کان ڏکيو امتحان ٻار جي جنسي تعليم وقت سامهون ايندو آهي. اسان هن جي جوشيلي تجسس جو چو بچاءُ ڪندا آهيون، جيڪو سائنس ۽ تعليم جو بنياد آهي. منهنجو خيال آهي تہ آمريڪا ۾ پروٽيسٽنٽ ورثي، اسان کي محبت جي جسماني پاسي کان ڊيجاري ڇڏيو آهي. تاريخي لحاظ کان ان جو سبب اهو آهي تہ حيوان بہ پاسيرو ٿي لڳ ڪندا آهن تہ جيئن ٻاهرين خطري کان محفوظ رهن. انساني لحاظ کان جيئن تہ اسان شاديءَ جي عمر وڌائي ڇڏي آهي ۽ شادي جوانيءَ کان پري ٿي وئي آهي انڪري اسان پنهنجي ان بنيادي جبلت جي هر غير ضروري تحرڪ کان بچڻ شروع ڪيو آهي، هي هڪ ڏکيو سوال آهي ۽ اسان فيصلو ڪيو آهي تہ اسان حقيقت جو ساٿ ڏينداسين. اسان آخري گهڙيءَ تائين ايتل جي ذهن کان ان سوال کي پري رکنداسين. نئين دور جي هڻ وٺ جي زندگيءَ ۾ اهي سوال جلد پيدا ٿي ويندا ۽ ان کان اڳ جو ٻيا ڇوڪرا پنهنجي تصور مان

انهن سوالن جا ڪيس جواب ڏين اسان پاڻ انهن جا جواب ڏيڻ ٿا گهرون، اسان انهن جا جواب به ٻين سوالن وانگر ڏينداسين. ان معاملي ۾ تقدس ڪي وچ ۾ آڻڻ شرارت ۽ اڻ ڄاڻائيءَ ڪي وچ ۾ آڻڻ آهي، اسان ڪي هاضمي ۽ ساهه وانگر هڪ سائنسدان واري معروضيت سان ان جو ذڪر ڪرڻ گهرجي. حقيقت پنهنجي ليکي ايتري صحتمند آهي جو ان ڪي تقدس جي چادر ڍڪائڻ جي ضرورت ڪانهي. علم ۽ صحت ئي بهترين ماهرِ نفسيات آهن. جتي جسم مضبوط ۽ ذهن صاف هجي ته ذهني مرض پيدا نه ٿيندا ڊڄرو چيو آهي ته سڀ ڪان پهرين هو پنهنجي ڌيءَ کي علم بدن جي تجزيي جو علم سيکاريندو، ان سلسلي ۾ مان تکڙ نه ڪندس، ان معاملي ۾ جوانن جون پريشانيون اسان لاءِ تڪليفن جو سبب ٿيڻ نه گهرجن. اسان ڪي گهرجي ته فطرت کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏيون ۽ خطبي ڏيڻ ۽ ڪوڙ ڪان پاسو ڪيون. اسان ٻار کي سيني راندين جو سامان ڏينداسين ۽ هن کي واڪي فضا ۾ وٺي ايندااسين. جڏهن کو چوکرو وڏي ڏيان ۽ جوش سان بيس بال کيڏي ته مون لاءِ هن جو اخلاق بلڪل نيڪ آهي.

سچ سان ڏوپچڻ ڪانپوءِ ٻار جي محبت سندس آسي پاسي جي ٻين شين جهڙي ئي هوندي آهي، حسين ۽ خوشي ڏيندڙ، مثال طور ايٽل اسڪول مان اچي ٿي ۽ پنهنجون ٻانهون منهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي چوي ٿي، ”بابا، مون کي محبت ٿي وئي آهي“ اهڙي حالت ۾ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ هن کي هن جي ان خطرناڪ رومار تي چنيڻ گهرجي؟ مان ائين نٿو ڪري سگهان. مان هن جي ڳالهه ٻڌي ڪلان تو ۽ ڪانئس ساري تفصيل تو پڇان. مان هن روشن روح کي اخلاق سان ڇو اونداهو بڻايان؟

پر جڏهن هوءَ بالغ ٿئي تڏهن اسين ڇا ڪيون، ان جي پهرين نشانيءَ تي اسان ايٽل کي علم سان پري ڇڏينداسين. اسان ڪوشش ڪنداسين ته هن تي اها حساسيت، اهو پنهنجو پاڻ ۾ گم رهڻ ۽ اهو شرميل پڻو طاري نه ٿئي جيڪو گهڻو ڪري زندگيءَ جي ان منزل کي المناڪ بنائي ڇڏيندو آهي. جوانيءَ جي دور ڪي

ڏک ۽ غم جو دور نہ ٿيڻ گھرجي، پر روح جي بهار، ارپڻ ۽ ٻين مقصدن ۽ شاعريءَ جي موسم هئڻ گھرجي. ان زماني ۾ نئين ذهانت ڦٽندي آهي. ان منزل کان جسم جي اهميت گھٽجي ويندي آهي، شخصيت جي تعمير پوري ٿيندي آهي ۽ تعليم جي ماهر جو ڪم اهو هوندو آهي تہ هو هاڻي ذهن جي مسئلن تي غور ڪري.

## 5۔ ذهني:

مون کي خبر نہ آهي تہ ايٽل جي ”ذهن“ جي شروعات ڪڏهن ٿي. پر جيستائين هن ائين نہ چيو تہ مان ڇهن ورهين جي ٿي وئي آهيان تيستائين اسان ان بابت سوچيو ئي ڪونہ، هوءَ ڪڏهن بہ اهو نہ چاهيندي تہ ڪنهن بہ طرح مان اهو چوڻ ٿو چاهيان تہ ان کان اڳ هن جو ذهن هوئي ڪونہ جا هن انگريزي زبان جا هر ڪلاڪ کان پوءِ، اڻ وٽندڙ بي قاعدگيءَ سان، سبق وٺڻ شروع نہ ڪيا هئا؟ ان معاملي ۾ بہ حڪمن کان وڌيڪ مثال اثرائتو ٿيو، انڪري اسان کي مڃڻو پيو تہ جيڪڏهن ايٽل کي صحيح انگريزي ڳالهائڻي آهي تہ پوءِ اسان بہ صحيح انگريزي ڳالهايون. جيڪڏهن اسان ايٽل جي ٻوليءَ ۾ خراب اکر شامل ڪرائڻ نٿا گھرون تہ اسان جي زبان تي بہ اهي اکر نہ اچڻ گھرجن. اسان روز استعمال ٿيندڙ محاورن کي ترڪ نہ ڪيون چاڪاڻ تہ انهن مان ڪيترا محاورا زبان کي رنگين بڻائيندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن هڪ لفظ ۾ ئي مطلب ادا ٿي ويندو آهي جنهن کي ڊاڪٽر جانسن جي ٻوليءَ ۾ ادا ڪرڻ لاءِ هڪ پيراگراف جي ضرورت پوي. پر اسان هن کي ڍلي زبان سيکارڻ جي بدران صحيح زبان سيکاري ۽ هن کي سندس عمر مطابق بهترين ادب پڙهڻ لاءِ ڏنو.

پوءِ اسان کي اسڪول چونڊڻو پيو. سوال پيدا ٿيو تہ اسان ايٽل کي پاڙي جي عام اسڪول ۾ موڪليون يا هڪ خاص مشهور اسڪول ۾ جيڪو گھر کان چڱو پري آهي. اسان ٻئي اسڪول ڏسڻ وياسين. انوقت جي ڀيٽ ۾ هاڻي اسڪولن جي ترقي ڏسي حيران ٿي وياسين، مان جڏهن هفتي جا ڏهہ ڊالر وٺي

پڙهائيندو هيس ان جي پيٽ ۾ روشن ڪمرا ننڍا ڪلاس، هر شاگرد لاءِ جدا ڊيسڪ، پنهنجي سبجيڪٽ جا ماهر ۽ زنده دل استاد، هر مادي ۽ علمي سهولت، اسان کي پنهنجي اکين تي اعتبار نه ٿي آيو. مون انهن اسڪولن جي خلاف گهڻو ڪي پڙهو هو ۽ لکيو هو ته اهي اسڪول قيد خانا آهن، جن ۾ ٻار معصوم ديوتائن وانگر ايندا آهن ۽ تباهه حال ديوتا بڻجي نڪرندا آهن، ٿي سگهي ٿو ته مون رڳو لفظن جو مداري پٽو ڏيکاريو هجي.

اسان ايٿل کي عام اسڪول ۾ داخل ڪرايو ۽ اهو هن لاءِ فائديمند ثابت ٿيو، اسڪول ۾ وطن پرستيءَ جي حد کان وڌيڪ سکيا ڏني ويندي هئي. اسان کي ان لاءِ ڪو اعتراض ڪونه هو ته ايٿل پنهنجي وطن سان محبت ڪرڻ سکي. پر ساڳئي وقت هن کي ٻين قومن جي عزت ڪرڻ به سکڻ گهرجي. ايٿل چئن اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪري چڪي اهي. اهي چارئي اسڪول انسانيت ۽ مهارت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. ڪي وري اسڪول جي حيثيت سان نه پر روايتن ۽ لاڳاپن جي لحاظ کان اعليٰ هئا. ايٿل جڏهن هڪ اسڪول مان ٻئي اسڪول ۾ ويندي هئي ته هن جي عادتن ۾ فرق اچي ويندو هو. هاڻي هوءَ هڪ تمام سٺي اسڪول ۾ آهي ۽ ڏاڍي خوش ۽ مطمئن آهي.

ان تجربي جي بنياد تي مان اسڪولن جي باري ۾ ڪو رايو قائم نه ڪندس پر ڪن علائقن ۾ عام اسڪولن جي حالت صحيح نه آهي. لاڳاپا ۽ روايتون اسڪول جو هڪ اهم جزو آهن. ايمرسن چيو هو ته پنهنجي ٻار کي اسڪول موڪليو، اسڪول جا ڇوڪرا هن جي تربيت ڪندا. هن جي ان ڳالهه کان متاثر ٿي اسان نيويارڪ جي هڪ وڏي اعليٰ اسڪول جو تجربو ڪيو. اسان کي جلد ئي احساس ٿيو ته ايٿل کي اهو اسڪول پسند نه آهي. هن کي اهو گوڙ ۽ ٻوڙ ڪونه ٿي وڻيو، جنهن کي اسڪول جي پرنسيپال آزادي ٿي سمجهيو. جيتوڻيڪ هن اُتي ڪي هنر سکيا ۽ کليل فضا ۾ رانديون ڪيڏيون پر هوءَ اسان کان پڇندي رهندي هئي ته اسڪول وارا نيٺ ڪڏهن مون کي پڙهائڻ شروع ڪندا. سال کان

پوءِ اسان هن کي هڪ عام اسڪول ۾ داخل ڪرايو ۽ اسان ڏٺو تہ اعليٰ ذهانت جي باوجود هوءَ ڪلاس ۾ سڀ کان پنتي هئي. اسان هن کي پڙهائڻ شروع ڪيو ۽ هن جون اونهاري جون موڪلون خراب ڪيون.

سنو ۽ صحيح اسڪول ڳولهڻ ڪانپوءِ اهو ضروري آهي تہ ان اسڪول سان سهڪار ڪجي، والدين جو ڪم آهي تہ هو ڏسن تہ ٻار اسڪول کان گسائي تہ نتو، دير سان نہ ٿو پڇي، ائين ڪرڻ سان اسان نہ رڳو اسڪول سان سهڪار ٿا ڪيون پر ٻار جي مدد بہ ٿا ڪيون. هڪ لائقيءَ واري باقاعدگي شخصيت لاءِ رحمت آهي. جڏهن اسان جهنگن ۽ ٻنين ۾ گهمڻ ويندا آهيون تہ اسان ڳالهين جو رخ تاريخ، جاگرافي يا ادب ڏانهن ڦيري ڇڏيندا آهيون ۽ اسان لاءِ وڏن ماڻهن جون وڻندڙ ڪهاڻيون پرين جي ڪهاڻين ۽ افسانن کان وڌيڪ وڻندڙ هونديون اهن.

چون ٿا تہ جاگرافي هڪ بي مزو سبجيڪٽ آهي اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ جهاز بندرگاهہ تي بيٺو هجي يا ان سڙهہ کوليا هجن ۽ وچ سِير ڏانهن روانو هجي ۽ پوءِ بہ اهو هڪ محرڪ رومان نہ لڳي. هر ٻار ٻيا ملڪ ڏسڻ گهرندو آهي. انڪري جاگرافي پڙهائڻ جو رڳو هڪڙو طريقو آهي ۽ اهو آهي حقيقي يا مصنوعي سفر! استاد شاگردن کي شنگهائي يا سنگاپور وٺي ويندو آهي. ۽ ايشيا جا سارا عجائبات هنن جو خير مقدم ڪندا آهن يا هو نيل درياهہ جي ڪناري سان سڪندريہ کان حبشہ جو سفر ڪندا آهن ۽ هزارين نون قبيلن کي ڏسندا، هو جوهنسبرگ يا ڪيپ ٽائون پهچي ويندا آهن ۽ آفريقا رڳو هڪ نالي جي بدران حقيقت بڻجي ويندو آهي. هر اسڪول وٽ هومز ۽ نيومين جا فلمي سفرناما هئڻ گهرجن، جيڪي عام واهيات فلمن کان هزارين دفعا وڌيڪ وڻندڙ هوندا آهن ۽ تاريخ کي ڪارلائل جي چواڻي ”وڏن ماڻهن جون آتم ڪهاڻيون“ هئڻ گهرجي. ٻار جي دل ۾ هڪ دفعو عظيم انسانن جو احترام ويهارجي تہ عمر سان ٻيون شيون ڪٽي ذهن تان ميسارجي وينديون آهن پر اهو احترام ختم نہ ٿيندو آهي.

ذهن جي ان ملڪ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ يادن ۾ زنده شخصيتون هاڻي بہ موجود آهن ۽ سگهيا ٿيون ڏين، رڳو پڙهڻ ۽ ڏسڻ ضروري آهي. بنان تڪڙ جي اهي بت ڏسڻ جن جي وجود يا چهري تي فنڪارن پنهنجي زندگيءَ جي فلاسافي تحرير ڪري ڇڏي آهي. پارٿينن جي عظمت يا چار ٽريس جي حسن ۽ نزاڪت جو دل جي سڪون سان مشاهدو ڪرڻ يا دل جي سڪون سان اهي ڪتاب پڙهڻ جن کي وقت هر دور جي علمي ڪک پن کان جدا ڪري اسان تائين پهچايو آهي، اصل تعليم آهي. ايتل جڏهن اسان کي رافيل ۽ ريمبرانٽ، ليونارڊ ۽ مائيڪل اينجلو، رينالڊز ۽ گينزبرو، ريوينز ۽ وان ڊائيڪ جا افسانا ٻڌائيندي آهي (جيڪي هن جا اسڪول ۾ ٻڌل هوندا آهن) تڏهن اسان کي ڏاڍو مزو ايندو آهي. هن جي عمر ۾ مون کي انهن اعليٰ شخصيتن جي ٿوري بہ خبر ڪانہ هئي. ان کان وڌيڪ دلچسپ ڳالهہ هن کي ادب جي دنيا کان واقف ڪرائڻ ۽ ڪيس شڪسپيئر ۽ شيلي، ملٽن ۽ بائرن، گوئٽي ۽ هيوگو، وٽمين ۽ پو جا افسانا ٻڌائڻ آهي. هوءَ تازو ان ادب جي مطالعي مان واندي ٿي رهي آهي جيڪو خاص ڪري هن جي عمر جي ٻارن لاءِ لکيو ويو آهي. ان ادب جا پراڻا شاهڪار مثال ”ايلس ان ونڊرلينڊ“ ۽ لئز جو نان سينس بڪ تعريف لائق آهن پر ان کانپوءِ وارا ڪتاب گهٽو ڪري ٻار جي ذهانت کي گهٽ سمجهي لکيا ويا آهن. ۽ اهڙي طرح ٻارن جي ذهانت جي توهين ڪئي وئي آهي. انهن سان ٻارن ۾ ڪو تحرڪ پيدا نٿو ٿئي، هنن ۾ متحرڪ مطالعو نٿو پيدا ٿئي. انهن سان ٻارن ۾ ذهني سستي ٿي پيدا ٿئي. ٻار پنهنجي ذهني چستي وڃائي ٿا سگهن. ڪيترا ڪتاب جيڪي ظاهريءَ طرح بالغن لاءِ لکيا ويا آهن اهي نون ڏهن سالن جي ٻارن لاءِ ونڊر پيدا ڪري سگهن ٿا، جيئن ”دي ٿري مسڪيٽيئرز“، ”دي ٽليسمن“ ۽ ”ليس مزرابل“ ٻار ان ڪتاب کي وڌيڪ پسند ڪندو آهي. جنهن لاءِ ڪيس ٻڌايل هجي تہ اهو وڏن لاءِ لکيل آهي. ٻارن لاءِ دنيا جو ڪوبہ ڪتاب ”رابسن ڪروس“ ۽ ”گليور جي سفر“ کان وڌيڪ فائدي وارو نہ آهي ۽ اهي ڪتاب ٻارن لاءِ نہ لکيا ويا آهن

پويون ڪتاب ته اجا تائين ڪيترن بالغن کي به سمجهه ۾ نه آيو آهي.

هر اهڙي گهر ۾ جتي ڪتابن جو قدر ٿيندو هجي هفتي جي گهٽ ۾ گهٽ هڪ شام وڏي آواز ۾ ڪتاب پڙهڻ لاءِ مقرر ٿيڻ گهرجي، ننڍا وڏا واري سان ڪتاب پڙهي سگهن ٿا، غلطين جي درستگي مطالعي ڪان پوءِ اڪيلائيءَ ۾ ٿي سگهي ٿي، مون کي ياد آهي ته ايٿل ۽ هن جي ڪارين اکين وارو سوٽ، لوئي ۽ اسان ٽن بزرگن گڏجي ايلوخ آردن پڙهيو هو ۽ بارن هڪ هڪ جملي ۾ دلچسپي ڏيکاري هئي. ڪتاب ختم ٿيو ته اسان سڀ ماٺ ٿي وياسين، ۽ ايٿل پنهنجي ماءُ جي ٻانهن ۾ لڪي روئڻ لڳي. هاڻي اسان ”وينس جي واپاري“ جون گهٽيون ڪاپيون وٺنداسين ۽ ڊرامي جا ڪردار ورهائي ٻرندڙ باهه جي ڀرسان پنهنجي سٺي آواز جا جوهر ڏيکارينداسين.

منهنجو خيال آهي ته اعليٰ تعليم اسان اسڪولن ۽ ڪاليجن مان نه پر ”آزاد تعليم“ سان حاصل ڪندا آهيون. مسٽر ايوريٽ ڊين مارٽن آزاد تعليم جي محاوري جي سٺي وضاحت ڪئي آهي ۽ مان وڏي پرزور انداز ۾ هن جو ڪتاب انهن ماڻهن کي پڙهڻ جي صلاح ٿو ڏيان جيڪي ڄاڻڻ ٿا گهرن ته بالغ ٿيڻ ڇا آهي، اڄ اسان ان ماڻهوءَ کي پڙهيل ٿا چئون جيڪو صبح منجهند يا شام جو اخبار پڙهي ۽ اسان جا ڪاليج جيتوڻيڪ اسٽينڊرڊ موٽرڪارن وانگر هر سال گريجوئيٽ پيدا ڪندا آهن پر ان هوندي به اسان جي زندگيءَ ۾ صحيح تهذيب جي گهٽتائي آهي. اسان اها قوم آهيون جنهن وٽ لکين اسڪول آهن پر به چار درجا پڙهيل ماڻهو مس آهن، اها ڪا حيرت جي ڳالهه ڪانهي، مسٽر ويلز ۽ بين ليڪڪن ڪاليج جي تعليم جي فائدي جي باري ۾ شڪ ڏيکاريو آهي. اها وڏي مايوسي آهي جيڪا هنن ليڪڪن پنهنجي ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڏيکاريو آهي پر تنهن هوندي به چڱو ٿيندو ته اسان مان ڪو ڏسي ته ڇا اسڪولن ۽ ڪاليجن جي وڌندڙ انگ اسان کي وڌيڪ ذهين بڻايو آهي. اسان جي اسڪولن ۽ ڪاليجن کي

اسپينسر جي ان خيال سان سخت نقصان رسيو آهي تہ تعليم فرد ۽ ماحول سان مطابقت پيدا ڪرڻ سيڪاريندي آهي تعليم جي اها تشريح هڪ بي جان ۽ ميڪانڪي هئي جيڪا ميڪانڪي فلاسافيءَ مان ورتي وئي هئي ۽ جيڪا هر تخليقي روح لاءِ اڻ وڻندڙ هئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو ميڪانڪي ۽ نظرياتي سائنس اسان جي اسڪولن تي قبضو ڪري ورتو آهي ۽ ”بنا فائدي وارن“ سبجيڪٽس يعني ادب، تاريخ فلاسافي ۽ آرٽ کي وڏي حد تائين نظرانداز ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح اسان سنا پٽيوالا، سنا ڪلارڪ ۽ سنا ڪاريگر تہ پيدا ڪندا آهيون ۽ جڏهن ڪم مان تڪجي پوندا آهيون تہ پنهنجي واندڪائيءَ جي گهڙين کي عام اخبارن جي مطالعي ۾ وڃائيندا آهيون ۽ انهن ٿيٽرن ۾ گڏ ٿيندا آهيون جيڪي اسان کي هڪ ئي محبت جا لڳاتار منظر ڏيکاريندا رهندا اهن.

اها ميڪانڪي ۽ عملي تعليم مڪمل شخصيتن جي جاءِ تي اڌوريون شخصيتون پيدا ڪندي آهي، اها تهذيب کي صنعت جي، علم بدن کي طبعيات جي ۽ ذوق ۽ اخلاق کي دولت جي تابع ڪندي آهي. تعليم کي شخصيت جي تڪميل ڪرڻ گهرجي، انسان جي هر تخليقي صلاحيت کي اُڀارڻ گهرجي، ۽ سندس ذهن کي دنيا جي هرهڪ دلچسپ ۽ سڪيا ڏيندڙ رُخ کان واقف ڪرائڻ گهرجي. اهو ماڻهو جيڪو ڪروڙن جو مالڪ آهي پر جنهن لاءِ بيٿون، ڪوروٽ هارڊي يا سج لهڻ مهل خزان جي جهنگن جي روشني اجايون شيون آهن، اهو انسان نہ پر انسانيت جو خام مواد آهي ۽ اڌ دنيا هن جي روح جي ڪوهيڙي چانيل جهروڪن لاءِ بند آهي. اها تعليم جيڪا نج سائنٽيفڪ آهي ماڻهن کي سندن ايجاد جو رڳو اوزار بنائيندي آهي. اها هن کي حسن کان بي خبر ڪري ڪيس اها طاقت ڏيندي آهي جيڪا ڏاهپ کان عاري هوندي آهي، جيڪڏهن اسپينسر تعليم بابت ڪجهہ نہ لکي ها تہ جيڪر دنيا لاءِ ڏاڍو چڱو ٿئي ها.

اهو چڱو ٿيو آهي جو هاڻي اسان جي ڪاليجن ۾ لاطيني ۽ يوناني زبانون پهرين وانگر جوش سان نہ ٿيون پڙهايون وڃن، ڇاڪاڻ جو انهن تي انهن جي اهميت کان وڌيڪ محنت جي ضرورت هوندي آهي. هينيَ Heine چيو هو تہ ”رومين کي جيڪڏهن پهريان لاطيني زبان پڙهڻي پوي ها تہ هنن وٽ ساري دنيا کي فتح ڪرڻ لاءِ وقت ئي نہ هجي ها.“ جيتوڻيڪ يونان ۽ روم جون زبانون سکڻ زبانن جي ماهرن لاءِ لازمي آهي. پر انهن قومن جو ادب تعليم لاءِ لازمي آهي، ڇا ڪو شخص ورجل، هوريس، ليوڪريٽس، سسِرو، ٽرسيٽس ۽ مارڪس اوريليئس نظرانداز ڪري ذهني بلوغت حاصل ڪري سگهي ٿو. پر تعليم جي سيني امڪاني ذريعن جن جي مون کي ڄاڻ آهي. ڪوبہ ذريعو يوناني زندگيءَ جي مطالع کان وڌيڪ جامع ۽ حسين نہ آهي، يوناني زندگي پنهنجي جمهوريت ۽ استعماريت، پنهنجي خطابت ۽ ڊرامي، شاعري ۽ تاريخ، تعمير ۽ بت تراشي، سائنس ۽ فلاسافي جي جدا جدا رخن سان تعليم جو بهترين ذريعو آهي. جيڪڏهن ڪو شاگرد پيريڪلين ۽ نشاة الثانيہ جي دور جي ادب مان واقفيت حاصل ڪري تہ هو اهڙي تعليم حاصل ڪري وٺندو جيڪا ڪوبہ ڪاليج ڏيئي نٿو سگهي. تعليم جو مطلب اهو نہ آهي تہ اسان واپار، ڪاٽن، نباتات جي علم، صحافت يا فلاسافيءَ جي علم ۾ مهارت حاصل ڪريون پر اهو آهي تہ اسان پنهنجي نسل جي اخلاقي، ذهني ۽ جمالياتي ورثي کي جذب ڪري پنهنجو پاڻ تي ۽ خارجي دنيا تي حاوي ٿي سگهون، روح ۽ بدن لاءِ بهترين ساٿي چونڊيون ۽ تهذيب ۾ خوش اخلاقي، علم ۾ ڏاهپ ۽ شعور ۾ درگذر جو واڌارو ڪرڻ سکون. اسان جا ڪاليج ڪڏهن اهڙا انسان پيدا ڪندا؟

## 6۔ وجد جهڙو سرور:

شام جو ايٽل باهہ جي پرسان وينل ڪيڏي نہ سٺي لڳندي آهي، هن جون مضبوط ڳاڙهيون جنگهون ڪرسيءَ کان اڳتي وڌيل، هن جون ماسيريون ٻانهون، هن جي بلاؤز تي چمڪندڙ ڳاڙهي ربن، هن جا ڪتاب تي ڪرندڙ وار، هن جو دلچسپي ۽

شوق سان چمڪندڙ چهرو، هن جو روح ڏورانهن هنڌن جو سفر ڪندو آهي. هو پنهنجو سرحدون وڌائيندي آهي ۽ هوءَ پنهنجو پاڻ ڪي روز عظيم شخصيتن جي سنگت جي قابل بڻائيندي آهي. آهستي آهستي هوءَ سيفو ڪان ڊيوز، ايمپيڊوڪليس ڪان ٽنشي، ٻڌ ڪان دستوفسڪي، لاؤتزي ڪان اناطول فرانس تائين گفتگو ڪندي آهي. اسان هن ڪي وڏندو ۽ سقراط ڪان ڏاهپ، ليونارڊ ڪان پاڻ ارپڻ، مسيح ڪان دل جي نرمي سکندي ڏسون ٿا، هوءَ اسان ڪي خوابن ۾ هڪ عظيم الشان شخصيت بڻجندي نظر ايندي آهي.

اسان ڪي اميد آهي تہ هوءَ اهڙي عالم ٻہ نہ ٿيندي جو زندگيءَ سان محبت ڪري نہ سگهي، ۽ ڪڏهن ٻہ ڪتابن ڪي دوستي، فطرت ۽ مامتا ڪان وڌيڪ سنو نہ سمجهندي. جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن هن هڪ بار ڪي ڪٽي پنهنجي قد ڪان وڌو نہ ڪيو (جيئن اسان ٿا هن ڪي ڪٽون) تہ اسان هن ڪي مڪمل نہ سمجهنداسين. پر هوءَ آزاد هوندي، ايستائين جو اسان ڪي نااميد ڪرڻ ۾ ٻہ آزاد هوندي. ڪوبہ ماڻهو ٻئي لاءِ پنهنجي زندگيءَ جو نظام ناهي نٿو سگهي. هوءَ پنهنجي واٽ پاڻ ڳولهيندي ۽ پنهنجو نيڪيءَ جو تصور پاڻ قائم ڪندي. اسان لاءِ ايترو ڪافي آهي تہ هوءَ اسان جي ڌيءَ آهي ۽ اسان جي هِن زندگيءَ ۾ جنهن جي اصليت قابلِ اعتراض ۽ جنهن جي قسمت مبهم آهي ان ۾ هوءَ پنهنجي خوش طبعي ۽ ٿهڪن سان خوشيءَ جو چشمو بڻجي آئي آهي.

## باب ٻارهون

# شخصيتن جي نئين سر تعمير

## 1. شخصيت جا جزا

ٻارن جي ذهني ۽ اخلاقي تربيت جو ذڪر تي چڪو، هاڻي وڏن جي ڳالهه ڪيون، ڇا اسان وڏن وٽ ڪو اهڙو طريقو آهي جنهن سان اسان پنهنجي شخصيتن کي بهتر بڻائي سگهون.

هن زور آور ۽ ڳتيل دور ۾ هڪ ذهين دماغ لاءِ هي نادر موقعو آهي تہ هو سائنس جي پيداش تي نظر رکي، تجربيگاهن ۾ جيڪو شور متل آهي ان مان ظاهر آهي تہ فلاسافي، جيڪا ناشڪرگذار سائنس جي ماءُ آهي، هڪ ٻئي بار کي جنم پئي ڏئي ۽ ذهن جو مطالعو مابعدالطبعيات جي اونداهيءَ کک مان آهستي آهستي مشاهدي ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ ايندو ٿو وڃي. اجا تائين جمڻ جو عمل پورو نہ ٿيو آهي ايستائين جو فرائڊ وٽ بہ هي ٻار اجا تائين پنهنجي ماءُ سان لاڳاپيل آهي ۽ نظريي ۽ ڏندڪٿا جي وچ ۾ هن جو ساهہ ٿو ٻوسائجي.

اڄ نفسيات جو مقام اهوئي آهي جيڪو ٽي سؤ سال اڳ طبعيات جو هو جڏهن فرانسس بيڪن ”ايڊوانسمينٽ آف لرننگ“ لکيو هو ۽ ايڏي جرائت سان لکيو هئائين جو هن نشاة الثانيہ جي جرائت کي بہ حيران ڪري ڇڏيو هو. بيڪن سائنس لاءِ هڪ منشور تيار ڪيو هو ۽ ابهن اهم مسئلن ڏانهن اشارو ڪيو هو جنهن کي حل ڪرڻ جي ضرورت هئي ۽ انهن ڪاميابين جي اڳڪٿي ڪئي هئي جيڪي ان علم سان اسان کي حاصل ٿي سگهيون ٿي. اڄ اهي حقيقت بڻجي چڪيون آهن ۽ بيڪن جي تصور کان بہ اڳتي وڌي ويون آهن، طبعيات ۽ ڪيميا، حساب ۽ مڪينڪس دنيا جي شڪل ائين بدلائي آهي جو دنيا ماڻهوءَ جي مرضيءَ جي محتاج ٿي پئي آهي. رڳو ماڻهوءَ ۽ سندس عزم ۽ سندس شخصيت ۾ ڪو تفاوت ڪونہ آيو آهي.

تي سگهي ٿو تہ نفسيات بہ اهڙيون ڪاميابيون ماڻي واري هجي، جيڪڏهن ڪو بيو بيڪن ان جي مسئلن جي وضاحت ڪري ۽ ان جي ڪامياببن جي اڳڪٿي ڪري تہ ڇا دنيا ان تي يقين ڪندي؟ اسان هڪ عظيم ۽ نئين سمنڊ جي ڪناري تي بينا آهيون، جيڪو اجا تائين وهمن ۽ ڏندڪٿائن جي اونده ۾ وڪوڙيل آهي. اسان ان جي فاصلن ۽ رستن کان واقف نہ آهيون ۽ اسان کي خبر ڪانهي تہ ڪيترا خوشين سان ڀريل جزيرا ان جي هن پار آهن. پر هيءَ نئين سائنس وڏندي ۽ آزمائشون ڪندي تعصب ۽ جهالت جي بادلن ۾ پاڻ پنهنجو رستو ٺاهيندي تي رهي. سو ورهين کان پوءِ نفسيات اُتي هوندي جتي اڄ طبعيات آهي يعني روڊان جي ڪنهن بت وانگر اڻ پوري پر ڳولاؤ، سائنس جو هٿ هن جي ”ذهن“، ”دل“ يا ”روح“ تي هوندو ۽ اسان جي وکريل ارادن جي ڪچي مال کي نئون علم هڪ اعليٰ نسل جي طاقت ۽ رحمدليءَ ۾ بدلائي ڇڏيندو.

اسان بنيادي طرح پنهنجو پاڻ ۾ دلچسپي وٺندا آهيون ۽ نفسيات جيڪا رڳو مجرد خيالن تي ٻڌل نہ آهي. ان جو اسان سان واسطو آهي. اها هڪ وٽندڙ ناٽڪ جهڙي آهي جنهن جا هيرو اسان پاڻ آهيون، اسان نيٺ ڇا آهيون؟ باندر يا ديوتا؟ يا اهڙا باندر جيڪي ديوتا ٿيڻ وارا آهن؟ آخر ”انساني فطرت“ ڇا آهي جيڪا انسان کي اڪثر الميي ڏانهن وٺي ويندي آهي. شخصيت ۽ عمل جا جزا ڪهڙا آهن؟ ڇا اهي ايترا وسيع ۽ گهرا آهن جو شخصيت ڪڏهن بہ بدلجي نٿي سگهي. ڇا اسان ٻيرن منشاؤزن وانگر پنهنجون پاڻ کي، پنهنجن بوٽن جي تسمن جيئان پنهنجي ورثي جي وهڪري مان ٻاهر ڪڍي سگهون ٿا؟ هن وقت اسان کي بيو سڀ وساري شخصيت جي نوعيت تي غور ڪرڻ گهرجي. اسان ان کي سمجهڻ ۽ ان جي مشاهدي لاءِ ان جا ٽڪرا ڪنداسين ۽ ٿي سگهيو تہ انهن ٽڪرن کي پوءِ پاڻ ۾ ڳنڍينداسين.

پراڻي نفسيات انساني ڪردار تي غور ڪندي ماڻهن جي شخصيتن کي دموي، سوداوي، صفراوي، ۽ بلغمي سيائن ۾

ورهايو هو. اهي لفظ هوندئن تہ عجيب تا لڳن پر انهن جو مطلب اهوئي آهي تہ ماڻهو خوش طبع، غمگين، جوشيلا يا انگريزن وانگر بردبار سياءَ وارا هوندا آهن. تي سگهي ٿو تہ انساني سيائن جي اها ورچ صحيح هجي پر اهي لفظ رڳو وصفن ڏانهن اشارو ٿا ڪن. اهي انساني ڪردار جي وضاحت نٿا ڪن، جنهن جو تعين خانداني ورثي سان ٿيندو آهي. اهڙي ورچ ڪرڻ وارن لاءِ اسان ايترو اندازو لڳائي ٿا سگهون تہ انساني شخصيت جي باري ۾ هنن جو هڪ دلچسپ نظريو بدني نظريو هو جنهن جو تعين رت يا سودا، صفرا يا بلغم سان ٿيندو هو. ”بين“ Baine شخصيتن کي عقلي، جذباتي يا ارادي واري شخصيتن ۾ ورهايو جيڪي عقل، جذبات يا ارادي جي حاوی هجڻ سان نهنديون آهن، پر جيئن تہ ارادی واری شخصيت جذباتي بہ ٿي سگهي ٿي (جيئن الزابيٿ يا سڪندر جي هئي) يا عقلي بہ ٿي سگهي ٿي (جيئن نيپولين ۽ سيزر جي) ۽ عقلي شخصيت جذباتي ٿي سگهي ٿي (جيئن افلاطون، ايپي لارڊ، والٽيئر يا ٽنشي) اسان جنهن دروازي مان داخل ٿيا هئاسين ان مان ئي ٻاهر ٿا نڪرون. جيئن اسان ڏسي چڪا آهيون تہ انسان جو مطالعي ڪرڻ جا ٻہ طريقا آهن، هڪ طريقو ماحول کان شروع ٿو ٿئي ۽ ماڻهوءَ کي ماحول سان مطابقت پيدا ڪرڻ واري مشين ٿو سمجهي، اهو فڪر کي شين ۾ ۽ ذهن کي مادي ۾ ٿو بدلائي، ۽ اسپينسر جيماديت ۽ واٽسن جي ڪردار جي نظريي جو ويس ٿو پارائي. هي اهڙو نظريو آهي جنهن جا نمائندا وڏا وڏا مفڪر آهن جيئن ڊيموڪريٽس، ايپي ڪيورس، ليوڪريٽس، هابز ۽ نرم طبيعت وارو اسپونزا. حياتيات ۾ ان اسان کي ڊارون ۽ ”قدرت جي چونڊ“ جو نظريو ڏنو. اجتماعيت ۾ بڪل، اسپينسر ۽ مارڪس ڏنا ۽ اقتصادي اثرن ۽ غير شخصي ۽ غير ارادي وارن واقعن جي تصور سان تاريخ جي تشريح ڪئي.

ٻيو طريقو داخلي ڪيفيتن سان شروعات ٿو ڪري، هي انسان کي حاجتن، محرڪات ۽ خواهشن جو نظام ٿو سمجهي ۽ ڪيس ماحول جي مطالعي، استعمال ۽ ان تي حاوي ٿيڻ تي مجبور ٿو ڪري. هي شين کي فڪر ۽ مادي کي ذهن ۾ ٿو تحليل ڪري. هي نظريو ارسطوءَ جي روح مان شروع ٿو ٿئي ۽ برگسان ۽ ولئم جيمز جي اراديت ۾ ڪمال تي ٿو پڄي، انهن ٽن مفڪرن ڪانسواءِ افلاطون، ڊي ڪارٽ، لينٽز، ڪانٽ ۽ شوپنهار به ان نظريي جا حامي آهن. حياتيات ۾ ان نظريي اسان کي ليمارڪ ۽ ارتقا جي نظريي جي تشريح ڏني ته ارتقا خواهشن جي لڳاتار ڪوشش سان عمل ۾ ايندي آهي. اجتماعيت ۾ ان اسان کي گوئٽي، ڪارلائل ۽ نتشي، ڏنا ۽ تاريخ جي، تشريح ان نفسياتي، اثر، ايجاد ڪرڻ واري ذهانت ۽ مضبوط ارادن جي تصورن جي ذريعي ڪئي. شخصيت جو اهو تجزيو جيڪو اسان پيش ڪرڻ وارا آهيون اهو هي ٻيو نظريو اختيار ٿو ڪري جيتوڻيڪ اسان انهن مشڪلاتن کان آگاهه آهيون جيڪي ان جي رستي ۾ اسان کي پيش ايندیون. اهو طريقو انسان تي ماحول جو ايترو اثر ٿيندو نٿو ڏسي جيترو انسان کي ماحول کي بدلائيندو ٿو ڏسي. روڊ جي ڪناري وارو باغ ۽ آسمان ۾ اڏامندڙ جهاز ان ڳالهه جي علامت آهن ته ماڻهو ڪيترو عمل ڪرڻ وارو آهي. ان نقطئه نگاهه کان ماڻهوءَ جي شخصيت سندس جبلتي خواهشن جو مرڪب آهي. هي انهن جبلتن جو نظام آهي جيڪي ماحول، پيشي ۽ تجربي کان متاثر ٿينديون رهنديون آهن، هتي اسان انساني شخصيت جي بنيادي محرڪات جي فهرست ٿا ڏيون جيڪي انسان جي بنيادي صفتن ۽ حاصل ڪيل صفتن ۾ فرق ٿيون ٻڌائن.

## شخصيتن جي خاصيتن جو نقشو

| جبلتون: هاڪاري | جبلتون: ناڪاري | عادتون: هاڪاري | عادتون: ناڪاري | احساس: هاڪاري | احساس: ناڪاري |
|---|---|---|---|---|---|
| خوراڪ ڳولڻ | تنائڻ | شڪار | صفائي | بک | دل پرچي وڃڻ |
| | | چيرڦاڙ گڏ ڪرڻ حرص | | ظلم طمع | |
| وڙهڻ | ڀڄڻ | ويجهو وڃڻ | پنتي هٽڻ | ڪاوڙ | ڊپ |
| | | تجسس | فيصلو نه ڪري سگهڻ | حيرت | شڪ |
| | | عمل حاوي ٿيڻ | سوچ ارپڻ | غرور | نوڙت |
| عمل | سمهڻ ڳالهائڻ | ڪيڏڻ اڪيلائي پسندي | آرام مخمل پسندي | خوشي | |
| | اثروئڻ اهل ڪرڻ مقبوليت جي خواهش | | | غرور | شرم |
| هم بستري | انڪار | مخالف جنس جو قرب | ڳاڙهو ٿي وڃڻ | جنسي خواهش | انڪساري |
| والدين جي پرگهور | | | | والدين سان محبت | |

اهي جبلتون، عادتون ۽ احساس انساني شخصيت جا اهڙا جزا آهن جيڪي سيني ۾ آهن، هر مرد ۽ عورت ۾ آهن. اسان جون شخصيتون هڪ ٻئي کان انڪري جدا آهن جو اهي جزا ٻن شخصن

۾ ساڳئي مقدار ۾ ظاهر نٿا ٿين. اسان جو نسل ۽ اسان جو قبيلو اسان ۾ جبلتون پيدا ڪندو آهي، ماحول ان ڳالهه جو تعين ڪندو آهي ته اسان ڪهڙين شين جي ڳولها ڪيون ۽ ڪهڙيون عادتون اختيار ڪيون. خطري کان خالي ماحول اسان جي ڪاوڙ جي جذبي کي رعب ۾ بدلائي ڇڏيندو آهي. خطرو وڌيڪ هوندو ته ڪاوڙ ۽ غضب چالاڪي ۽ مڪاريءَ ۾ بدلجي ويندا. جبلت ساڳي هوندي آهي پر ان جو اظهار ٻيو ٿي ويندو آهي. معمولي زخم فرار کي عقلمنديءَ ۾ بدلائيندو آهي. هڪ وڏو زخم بزدل بڻائيندو آهي، ائين ماڻهوءَ جو سمورو تجربو سندس جبلتن کي اُڀارڻ ۽ دٻائڻ جو عمل بنجي ويندو آهي. روز ڪو لاڙو ڪاميابيءَ جي ڪري پڪو ٿيندو آهي، ۽ ڪو ناڪامي يا ٻي عملي جي ڪري ڪمزور ٿي ويندو آهي. اسان سيني ۾ ستل صلاحيتون آهن جن مان ماحول ڪنهن هڪ کي چڪي ان کي مضبوط بڻائيندو اهي. جيئن مقناطيس لوهه جي ٽڪرن کي ڪانيءَ مان چڪيندو آهي، انڪري شخصيت کي بدلائڻ جو پهريون اصول اهو آهي ته ماحول کي بدلائجي، پنهنجي شخصيت جي ساز جي استعمال نه ٿيندڙ تارن کي نئين طاقتن جي اثر ۾ آڻي انهن مان سٺي موسيقي پيدا ڪجي.

انهن عناصر کي وڌيڪ چٽو ڪرڻ لاءِ انهن جي باري ۾ اسان کي ٻه چار ٻيون ڳالهيون به ڌيان ۾ رکڻ گهرجن. اسان کي ڏسڻ گهرجي ته هر جبلت هڪ بدني نظام جو نفسياتي اظهار آهي. بک خالي ۽ پريشان جيوگهرڙن جو نتيجو آهي. وڙهڻ ۽ ڀڄڻ ٻانهن ۽ ڄنگهن جي ڪري آهي (”لنڪن چيو ته جيڪڏهن خدا هڪ انسان کي ڪمزور ٽنگون ڏنيون آهن“، ”ته پوءِ هو ڀڄڻ لاءِ مجبور آهي“) عمل جو جبلتون (رڙهڻ، هلڻ، ڊوڙڻ، ٽپڻ، اُڇلائڻ وغيره) جسم جي سيني عضون جي شاعراڻي هم آهنگي جو اظهار آهن، جنسي عمل گهٽيل عناصر جو نتيجو آهي ۽ اجتماعي ربط جيڪو ڪٽنب کان شروع ٿو ٿئي جنس جو نتيجو آهي. هر جبلت اسان جي طبعي

نظام ۾ پاڙ هٽندي آهي ۽ شخصيت جي هر تبديلي جيڪا جبلت کي مسخ ڪري ٿي ڪري، بدن ۽ روح ٻنهي کي مجروح ڪندي آهي.

اهو به ڏسو ته هر جبلت سان هڪ جذبو لاڳاپيل هوندو آهي، اهو جذبو جبلت وانگر فطري ۽ گهرو هوندو آهي، بک خوراڪ جي ڳولها سان لاڳاپيل آهي، ڪراهت جو جذبو پاسو ڪرڻ سان، اهڙيءَ طرح جهيڙي واري جبلت سان ڪاوڙ جو جذبو ۽ ڀڄڻ واري جبلت سان ڊپ جو جذبو، تجسس سان حيرت ۽ هٻڪڻ سان شڪ، حاوي ٿيڻ سان غرور، ۽ پيش پوڻ سان انڪساري، عمل سان خوشي ۽ آرام سان ٿڪ، محفل مچائڻ سان گڏيل تسڪين ۽ ڪڏهن ڪڏهن اڪيلائيءَ سان هڪ بي نانءُ سڪون، هم بستري سان خواهش ۽ پوئتي هٽڻ سان شرم، ٻارن جي پرگهور سان مامتا. هر جبلت اسان ۾ داخل آهي ۽ اسان جي احساسن جي باهه سان اسان جي فطرت سان ڳنڍيل اهي.

آخر ۾ ڏسو ته هر شخص ۾ ڪنهن حد تائين هر جبلت جو تضاد موجود آهي، ايمپڊوڪليس چيو هو ته هر شيءِ جو هاڪاري ۽ ناڪاري پاسو هوندو آهي. جبلتن جي باري ۾ به اهو قول صحيح آهي، اسان ۾ خوراڪ جي ڳولها ۽ صحت لاءِ نقصانڪار شين کان پاسو ڪرڻ واريون جبلتون آهن، وڙهڻ، ڀڄڻ، حاوي ۽ مطيع ٿيڻ، تجسس سان اڳتي وڌڻ ۽ شڪ سان بيهي رهڻ. حرڪت ڪرڻ ۽ شين کي انهن جي اصلي حالت مان بدلائڻ، ويهڻ، آرام ڪرڻ ۽ سمهڻ، محبوب سان پيار لاءِ اڳتي وڌڻ ۽ پاسو ڪرڻ، نمائش ڪرڻ ۽ شرم ۾ ڳاڙهو ٿيڻ، اڳواٽي ڪرڻ ۽ پنيان لڳڻ، ڪنهن ڳالهه جي شروعات ڪرڻ ۽ اهل ڪرڻ، محفلون مچائڻ ۽ اڪيلائي پسنديءَ جون جبلتون اسان ۾ هڪ ئي وقت موجود آهن. گهٽي ياگي اسين فطري طور (۽ پنهنجي ذاتي ڪردار ۾) ڪنهن محرڪ، ڪنهن مسئلي ۽ ڪنهن صورتحال کي منهن ڏيڻ ۽ ساڳئي وقت ان کان نتائڻ لاءِ تيار هوندا آهيون.

شخصيت جي انهن عناصر جي تضادن سان اسان کي انساني شخصيتن جي بنيادي فرق جو پتو پوي ٿو. اسان جيڪڏهن

ماڻهن کي خوش ۽ اداس رهڻ وارن يا نيڪ ۽ خراب ۾ ورهائيندا آهيون ته اسان تاريخي واقعن کي سمجهڻ يا پنهنجي پاڙيسرين سان لاڳاپا قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهنداسين. قدرت ۽ تاريخ آڏو شخصيتن جو رڳو هڪ فرق قبول پوي ٿو ۽ اهو آهي هاڪاري ۽ ناڪاري، ڪمزور ۽ مضبوط هجڻ جو فرق. اسان نيڪي ۽ بديءَ جي فرق جي مدد سان هزارين تصوراتي منصوبا ٺاهيندا آهيون، پر حقيقت، طاقت جي حوالي سان، انهن کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي. ظاهر آهي ته ڪي شخصيتون اهڙيون هونديون آهن جن ۾ هاڪاري اهڃاڻ (جيئن ويڙهه وڙهڻ، ڳولها، مغلوب ڪرڻ ۽ قابض ٿيڻ جي صلاحيت) وڌيڪ هوندا آهن. انهن کي اسان هاڪاري شخصيتون سڏينداسين. ڪن ماڻهن ۾ ناڪاري اهڃاڻ وڌيڪ هوندا آهن. (جيئن فيصلو نه ڪري سگهڻ، پٺي وڃڻ، ڪنڌ ائتو ٿي وڃڻ ۽ نيازمندي). ڪوبه مرد يا عورت مڪمل طرح سان هاڪاري يا ناڪاري نه هوندو آهي، سيني ۾ ٻئي لاڙا ۽ اهڃاڻ هوندا آهن، جيڪڏهن اسان انهن لاڙن ۽ اهڃاڻن کي مڪمل طور تصور ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪريون ته اسان کي انهن حدن جي ڄاڻ ٿيندي جن ۾ انساني ڪردار هيڏانهن هوڏانهن ٿيندو رهندو آهي.

## 2۔ ناڪاري شخصيت:

ناڪاري شخصيت واري ماڻهوءَ جو قد گهڻو ڪري ننڍو هوندو آهي، ۽ جيتوڻيڪ هو پنهنجي ڇهري، هڏ ڪاٺ ۽ ذهن جي هر ٻيءَ ڪي ساراهيندو آهي، پر اصل ۾ هن کي پنهنجي جسم جي گهٽتائيءَ جو احساس هوندو آهي ۽ قدآور ۽ طاقتور مزور يا ڪم ڪندڙ ماڻهن کي حسرت سان ڏسندو آهي، ناڪاري شخصيت ۾ جسم جي مضبوطي ۽ طاقت جو فقدان هوندو آهي. هن کي کاڌو کائيندو ڏسو. هن ۾ اشتها بلڪل نه آهي ۽ کاڌي جي باري ۾ حساس آهي، جلدئي بي مزي کاڌن کان بيزار ٿي ويندو آهي، هو ڪوس گهر جي تصور کانسواءِ گوشت کائي نه سگهندو آهي ۽ مڇي جي شڪار کي وحشي پڻو سمجهندو آهي، هو شوق

سان ماني ڪائڻ جي بدران ڪاڏي ڪي ان پڪيءَ وانگر چڳندو آهي جنهن ڪڏهن به ڪو جيت ڇهنب ۾ نه جهليو هجي. وڏي ڏيان سان آڱريون صاف ڪندو آهي ۽ ڪاڏي ڪانپوءِ هميشه سوچيندو آهي ته ڪتي مون بيري کي گهٽ ٽپ ته ڪانه ڏني. هوٽل مان نڪرڻ مهل سوچيندو آهي ته ڪوبه ڪيس نه ڏسندو پر ساڳئي وقت کيس محسوس ٿيندو آهي ته سڀ ماڻهو کيس ڏسن ٿا.

هو ٻين کي اهڙي نموني ڏسندو آهي ته جيئن ٻيا کيس نه ڏسن ته هو کين ڏسي پيو. هو جنهن کي ڏسندو آهي ان جي اکين ۾ نهارڻ جي بدران سندس پورو جائزو وٺندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح سندس طاقت ۽ نيت جو اندازو لڳائيندو آهي. جيڪڏهن هن کي بيعزتيءَ جو يا ڪو ٻيو خطرو محسوس ٿيندو آهي ته سارو ڏڪندو آهي. هن کي اهڙي ڪاوڙ نه ايندي جنهن جي ڪري هو ڪو قدم کڻي. پنهنجي ڪاوڙ ۾ پيو پچرندو اهي، اهڙي ماڻهوءَ تي ڪاوڙ ڏيکاريندو آهي جنهن لاءِ هن کي پڪ هوندي آهي، ته اهو سندس پيش پوندو. هو ذميواري ۽ آزمائش کان گهبرائيندو آهي ۽ گهر ۾ حفاظت ۽ آرام سان رهڻ پسند ڪندو آهي، هو خطرن، ڪارنامن ۽ عزم جا افسانا ۽ طاقت جي فلاسافي پڙهڻ پسند ڪندو آهي. هو آمريڪا جي ڪاؤبواءِ ۽ سپرمين کي هيرو سمجهندو آهي ۽ سوچيندو آهي ته جيڪڏهن دنيا وارا ٿورا به عقلمند هجن ته کيس پنهنجو ليڊر تسليم ڪن. ڪنهن ڪم ۾ ڪامياب ٿيندو آهي ته ان جو ذميوار پاڻ کي سمجهندو آهي ۽ جيڪڏهن ناڪام ٿيندو آهي ته ان جو ڏوهه ٻين تي مڙهيندو آهي، اهو ماحول (يعني ٻين ماڻهن) حڪومت يا قسمت جو ڏوهه هو جو هو ناڪام ٿيو. هو دنيا جي باري ۾ مايوسي ۽ پنهنجي باري ۾ اميد ڏيکاريندو آهي. جسماني ڪمزورين جي ڪري هو تصور پرست هوندو آهي ۽ اهو تصور پرستي ئي ڪڏهن ڪڏهن کيس ڪاميابي ڏيندي آهي. هن جو تصور ڪنهن عمل يا مشاهدي ڪانسواءِ مابعدالطبعيات ۽ شاعريءَ جي دنيا ۾ آزاد گهمندو آهي. هو جيڪڏهن ٿوري وقت لاءِ تصور جي انهن اڻ ڏٺل دنيائن کي ڇڏي ۽ محنت ڪري ته مثالي حسن ۽

مثالي فلاسافي تخليق ڪري سگهندو آهي، ادب ۽ فن ۾ نيون هيئتون روشناس ڪرائيندو آهي، اهڙو ماڻهو پنهنجي ڪمال ۾ هڪ عظيم فنڪار تي سگهي ٿو ۽ زوال ۾ هو سوچڻ وارو مفڪر نه پر اهڙو شخص ٿي سگهي ٿو جنهن جي عادت رڳو سوچڻ هجي. هاڻي جيئن جيئن تهذيب ترقي تي ڪري ۽ زندگي ڳتيل ٿيندي ٿي وڃي ۽ زندگيءَ جي بقا لاءِ جسماني طاقت لازمي نه آهي رهي تيئن تيئن شهر ۾ اهڙن ڦرندڙ گهرندڙ ۽ پنهنجو پاڻ کي ڳارڻ وارن روحن جي گهٽائي ٿيندي ٿي وڃي. اهڙي قسم جي ماڻهوءَ ۾ عمل جا لاڙا گهٽ ۽ ڪمزور هوندا آهن، هو راندين جو شوقين نه هوندو آهي ۽ رڳو سوچ ۽ زبان جا ڪيڏ ڪيڏندو آهي. هو لفظن سان ڪيڏندو آهي هو راند ڏسندو آهي پر ان ۾ حصو نه وٺندو آهي راند ڏسڻ راند ڪيڏڻ کان سولو آهي. آرام جي خواهش هن تي حاوي هوندي اهي، هن کي گهوڙي جي سواري ملي ته پيدل نه هلندو ۽ ويهي سگهندو ته اُٿي نه بيهندو. سمهندو ته جاڳڻ نه چاهيندو جو هو چڱيءَ طرح ننڊ ڪري نه سگهندو آهي. هو ايترو جاڳيل نه هوندو آهي جو ڪيس ننڊ اچي. هن جون تنتون ته ٽڪيون آهن پر عضوا ناهن ٽڪبا چاڪاڻ ته عمل سان هن جي قوت استعمال ۾ نه ايندي آهي ۽ هن جي جذبن جو اظهار جسماني عمل سان نه ٿيندو آهي، انڪري هو هميشه بي چين رهندو آهي ۽ ڪيس ڪڏهن به آرام نه ملندو آهي.

پسپائي ۽ بي عملي هن جو اصل سياءُ آهي. هو ڪڙين حقيقتن کان پاسو ڪري خوابن جي دنيا ۾ پناهه تو وٺي جتي هو ڪيتريون ڪاميابيون تو ماڻي، هن جو شرميلو هجڻ هڪ لڪل گوشه نشيني تي ويندو آهي. اها هڪ قسم جي چالاڪي ۽ رياڪاري آهي جيڪا گهٽو ڪري ڪمزور ماڻهن ۾ هوندي آهي. هو محفل پسند به هوندو آهي، اڪيلائيءَ کان گهبرائجي ڪڏهن ڪڏهن ڪن دوستن جي محفل ۾ شريڪ ٿيندو آهي، جيڪڏهن ڪيس ڪو سندس ڳالهه ٻڌڻ وارو ملي وڃي ته هو پاڻ کي جنت ۾ سمجهندو آهي. اهڙا ماڻهو گهٽو ڪري هوٽلن ۾ گڏ ٿيندا آهن.

شهرت جا بکيا هوندا آهن همٿ نہ هئڻ جي ڪري بزدليءَ سان رسمن رواجن جي پابندي ڪندا آهن. جيئن تہ هن جو عزت جو تصور رئيسن وارو نہ هوندو آهي. انڪري هو وڏيءَ حد تائين جمهوري ضمير جو مالڪ هوندو آهي، جيڪو وفاداريءَ سان اجتماعي اخلاق جي نمائندگي ڪندو آهي. هو گهٽو ڪري نرم دل، شفيق، ٿورائتو، وفادار ۽ احترام ڪرڻ وارو هوندو آهي. هن جي سياءَ ۾ سختي نہ هوندي آهي ۽ هو ظلم نہ ڪندو آهي. هن ۾ جنسي بي راهہ رويءَ جو لاڙو هوندو آهي ۽ هو ننڍا ننڍا ڏوهہ ڪندو آهي.

اهي آهن هن جا لاڙا. هو ان ڪري ڪمزور هوندو آهي جو هن جا لاڙا ڪنهن مقصد ۾ هڪ تي نہ سگهندا آهن. هو هميشہ بي قرار هوندو آهي ۽ قرار ڳولهيندو آهي. پنهنجي بيقراريءَ ڪي هڪ ڪان ٻئي منصوبي ۽ هڪ جاءِ تان ٻي جاءِ تي بدلائيندو اهي، مال سان ڀريل اهڙي جهاز وانگر هوندو آهي جيڪو ڪنهن هڪ ڪناري تي لنگر نہ هٽي ۽ جنهن جو مال سڙندو رهي، هن ۾ باقاعدگي ۽ محنت جي اهليت نہ هوندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن هو مصروف نظر ايندو آهي، پر ڪنهن خاص مقصد لاءِ ڄمي ڪم نہ ڪندو آهي، هن جا ارادا جوشيلا هوندا آهن پر عمل ۾ سست هوندو آهي، هو ڪڏهن ڪڏهن سخت جذباتيت جو اظهار ڪندو آهي جنهن مان اها غلط فهمي ٿيندي آهي تہ هن ۾ وڏي توانائي آهي، پر اها جذباتيت جلدئي ختم ٿي ويندي آهي، هن جون هزارين خواهشون هونديون آهن، پر هن ۾ انهن ڪي پورو ڪرڻ جو غرور نہ هوندو آهي.

محبت ۾ هو محبت ڪندو نہ آهي پر چاهيندو آهي تہ هن سان محبت ڪئي وڃي. ظاهري طرح هو محبوبہ جي ويجهو ويندو آهي ۽ هن جي دل جيتندو آهي پر اصل ۾ هن جي محبوبہ هڪ سياستدان واري حرفت سان هن ڪي پنهنجي قبضي ۾ آڻيندي آهي، حقيقت ۾ هو محبت ۾ جيت لاءِ شرمسار هوندو آهي، هو سوچيندو آهي تہ شايد هو پنهنجي تصوراتي محبت سان وڏيڪ

محفوظ هجي ها. پر هو تقدير جي اڳيان ڪنڌ جهڪائيندو آهي ۽ هڪ وفادار ۽ محنتي مڙس ٿي ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٻارن جو پيءُ ٿيندو آهي ۽ پنهنجن ٻارن لاءِ سخت محنت ڪندو آهي. ان احساس سان ته هن پاڻ کي ضايع ڪري ڇڏيو هن جي زندگي اونداهي ٿي ويندي آهي، ۽ هو سوچيندو آهي ته جيڪڏهن هو پيدا نه ٿئي ها ته چڱو هو. ان احساس سان هو وقت کان اڳ مري ويندو آهي.

## هاڪاري شخصيت:

هن ماڻهوءَ جي شخصيت هاڪاري آهي، هن وٽ صحت، توانائي ۽ رت گهڻو آهي، هو دنيا جي اڪين ۾ اکيون وجهي نراڙ تي ٽوپي رکي سگهي ٿو. هو اوهان کي ڏسي ٿو ته اکين ۾ اکيون وجهي ٿو ڏسي، پر اصل ۾ هو اوهان کي نٿو ڏسي هو پنهنجي ڪم ۾ مصروف ۽ پنهنجي مقصد ۾ پورو آهي. هو ماڻهن ۾ نه پر مقصدن ۾ دلچسپي وٺندو آهي.

هن جا سيئي لاڙا طاقتور آهن، هو وڏي شوق سان ڪاڏو ڪائيندو آهي، هن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ٿن سڱن واري ديومالائي جانور کي قربان ڪري سگهجي ٿو. زمين مان پيدا ٿيندڙ ڪاڌ خوراڪ تي قبضو ڪرڻ جو سندس فطري لاڙو ملڪيت حاصل ڪرڻ جو جنون بہ ٿي سگهي ٿو. حاصل ڪرڻ ۽ قابض ٿيڻ هن جي زندگيءَ جو اصول هوندو آهي. جيئن ته هو ناڪاري شخصيت واري ماڻهوءَ کان وڌيڪ ڪامياب آهي انڪري هو چاهيندو آهي ته هر جديد قوم سندس جهڙي ٿئي. يعني هوس ناڪ ٿئي (يا شايد ته هن جي زال اجايو خرچ ڪرڻ واري آهي).

گذريل زماني ۾ اهڙو ماڻهو آفيسر، واپاري، ٽريڊ يونين ليڊر يا انجنيئر ٿيڻ جي بدران سپاهي ٿيڻ کي ترجيح ڏئي ها. هن جي اها جنگ جوئي واري صفت هن ۾ اڃا موجود آهي. سندس اها صفت اڄڪلهه گهٽجي وئي آهي، ۽ لڪل آهي پر اوتري ئي طاقتور آهي جيتري هن جي ننڍپڻ ۾ هئي، جنگ جوئيءَ جي صفت

هن جي مقصدن کي طاقتور بڻائيندي آهي، هن جون خواهشون بزدلن واريون سَڌون نہ پر مضبوط قوتون هونديون آهن، هو پنهنجي خواهشن لاءِ ذميواريون ۽ خطرا کڻندو آهي ۽ سخت محنت ڪندو آهي. هن ۾ نيڪي گهٽ ۽ جرائت زياده، ضمير گهٽ ۽ خودداري زياده هوندي آهي، هن جا مقصد عظيم الشان هوندا آهن، هو پابندين کي نفرت سان ۽ انڪساريءَ کي شڪ سان ڏسندو آهي، جيڪڏهن هن جو اهڙي ماڻهوءَ سان واسطو پوي جيڪو هن کان وڌيڪ مضبوط ۽ وڌيڪ پڪي ارادي وارو هجي تہ بہ اُن جي آڏو جهڪندو نہ آهي، پر رشڪ ۽ رقابت سان هن جي عزت ڪندو آهي. هو آڻ مڃيندو آهي تہ وڏي جنگ ڪانپوءِ مڃيندو آهي. هو هميشہ ڳولها ۾ هوندو آهي، هرهڪ شيءِ هن کي دلڪش لڳندي آهي ۽ هن جو جاڳندڙ ذهن عجيب غريب شين سان کيڏندو آهي. هن جو نظرين سان واسطو نہ هوندو آهي، هن جي سوچ جو واسطو سڌوسنئون پنهنجي ڪم ۽ مقصد سان هوندو آهي. هن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي آهي تہ ڪو ماڻهو اعليٰ حساب، شاعري، مصوري يا فلاسفيءَ جي تعريف ڇو ٿو ڪري، جيڪڏهن هو مفڪر آهي تہ فڪر سان گڏ عمل سان بہ هن جو اهڙوئي تعلق هوندو آهي، هو ارسطو نہ سينيڪا آهي، برڪلي نہ بيڪن آهي، ڪانٽ نہ والٽيئر آهي.

هن جو رڳو سوچ تي نہ پر عمل تي يقين هوندو آهي ۽ سيزر وانگر سمجهندو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن ڪم جو ٿورو حصو بہ رهجي وڃي تہ ان ڪم کي پورو نہ چئبو، هن کي گوڙ واري زندگي وڻندي آهي. هو ڳوٺ جي سادي زندگي ۽ امن کي پسند نہ ڪندو آهي، هن جي خيال ۾ امن پوڙهائپ لاءِ آهي ۽ مرد کي ان کان پاسو ڪرڻ گهرجي. هو رعب ۽ دبدبي سان زندگي گذاريندو آهي. هن کي ان احساس سان خوشي ٿيندي آهي تہ ٻيا ماڻهو سِرُن وانگر آهن جن کي هو هڪ اُستي وانگر جيئن وڻيس تيئن استعمال ڪري، هو ايترو تہ پاڻ تي ڀاڙڻ وارو ۽ خوش طبع آهي جو گهڻا ماڻهو هن جي اڳواٽيءَ کي مڃڻ ۾ هڪ لڪل خوشي

محسوس ڪندا آهن، لڳاتار عمل ڪرڻ سان هن جي صحت سٺي رهندي آهي، ۽ پريشان ٿيڻ لاءِ ڪيس واندڪائي ئي ڪانه ملندي آهي، هو زندگي جو مزو ماڻيندو آهي ۽ ماضي ۽ مستقبل جي باري ۾ گهٽ نه سوچيندو آهي، هو ڌرتيءَ جي جنت واري تصور کي بي اعتماديءَ سان ڏسندو آهي ۽ هيءَ خبر هن لاءِ وڏي خوشيءَ واري ٿئي جي هو ٻڌي ته سياڻي سيني انقلاب پسندن کي ڦاهي ڏني ويندي. هن کي سيني خيال پرستن کان نفرت آهي يعني انهن ماڻهن کان جيڪي تقريرون ڪندا آهن، مضمون لکندا آهن ۽ پنهنجن وڏن مرتبن جي بلنديءَ تان عالمي مسئلا حل ڪندا آهن.

پر ڪن حالتن ۾ هي شخص مفڪر ٿي سگهي ٿو، شاعر يا مصور نه، فلاسفر يا سائنسدان نه جيڪو پنهنجن ڪلن ۽ پرزن يا پراڻن ڪتابن ۾ وجايل رهندو آهي پر نيون ايجادون ڪرڻ وارو هڪ معمار جنهن ۾ نيون ڊيزائنون ناهڻ جي صلاحيت هوندي اهي. هڪ انجنيئر جيڪو لوهه کي شاعريءَ واري شڪل ڏيئي، درياهن جي ڪنارن کي ٻنديندو آهي، هڪ سنگتراش جيڪو سنگ مرمر ۾ زندگي ڦوڪيندو آهي، هڪ سائنسدان جيڪو پنهنجي سوچ جي بچاءَ لاءِ ساري دنيا کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار هوندو آهي، پوءِ به جتي هو سوچ جي هڪ زندگي گذاريندو آهي، اُتي هو عمل جون سوين زندگيون گذاريندو آهي.

گهٽ ڪري هو ملنسار هوندو آهي، هو انهن ماڻهن کانسواءِ جن جا خيال عام ماڻهن جهڙا نه هوندا آهن، سيني سان سٺي نموني ملندو آهي، هو شام جو اڪيلو رهڻ پسند ڪندو آهي پر هن جي اها اڪيلائي پاڻ لاءِ نه گهر لاءِ هوندي آهي. هو پنهنجي اندر ۾ ليئو پائي ڏسڻ جو قائل نه هوندو آهي. هن کي به ڪي نفسياتي مونجهارا هوندا آهن پر هو نفسيات جي ڳالهه نه ڪندو آهي. هن جي زال هن کي پريشان ڪندي آهي ته هو ڪلب ويندو آهي ۽ ڪلب مان بيزار ٿيندو آهي ته ڪم ۾ مصروف ٿي ويندو آهي. هن جي عمل واري زندگيءَ جون پابنديون هن ۾ ذهني انتشار پيدا ٿيڻ نه ڏينديون آهن. هو وڏي عزم وارو انسان آهي، هن جا

ارادا وڪريل نہ آهن پر هڪ عزم ۾ پوتل آهن، خواهشن جو انتشار نہ آهي، جنهن جي ڪري خواهشون پاڻ ۾ ٽڪرائجي هڪ ٻئي کي ختم ڪري ڇڏين، پر هن جون خواهشون هڪ مقصد ۾ ڳنڊيل آهن. مقصدن جو هڪ پوري طرح ڳنڊيل نظام آهي. جيڪو هن جي شخصيت ۾ ڪنهن غالب ۽ مستقل تصور سان پيدا ٿيو آهي. هن جو عزم هڪ منظم عزم آهي. هو امڪانن جون حدون مقرر ڪري مسقتل مزاجيءَ سان مقصدن ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ وارن وسيلن تي حاوي ٿيندو آهي. هو سڀ ڪم مڪمل ڪندو آهي. ڪو ڪم اڌ ۾ نہ ڇڏيندو آهي. هو پنهنجي ڪم ۾ ايترو تہ رُڌل هوندو آهي جو هو سوچيندو ئي نہ آهي تہ ماڻهو هن جي ڪم تي ڪهڙو تبصرو ڪندا. هو مانيٺو آهي، گهٽو نتو ڳالهائي، هو ڪم يا گفتگو جي جوش ۽ شدت ۾ پنهنجي طاقت نتو وڃائي. هن جا جذبا سچا هوندا اهن. جيڪي وڪريل نہ هوندا اهن جو انهن جو نتيجو انتشار ٿئي پر هن جا جذبا پاڻ ۾ ڳنڍجي هڪ جذبو ٿي ويندا آهن، نفس کي پنهنجي وس ۾ ڪرڻ ۾ جيڪو مزو آهي، اُن جي هن کي ڄاڻ هوندي آهي. هو خواهشن کي اُڀارڻ وارن محرڪات تي حاوي ٿي سگهندو آهي. ائين پنهنجي تڪميل ڪندو آهي. هن جي شخصيت جي تعمير، صحت ۽ ذهانت جي ميلاپ سان ٿيندي آهي.

هو محبت ۾ پاڻ اڳڀري وڌندو آهي ۽ سچائي ۽ ثابت قدمي جي ڪري عورتن ۾ مقبول هوندو آهي. هو محبت ۾ ڪامياب ٿيندو آهي، هو جلدي شادي ڪندو آهي ڇاڪاڻ جو هو جلدي فيصلو ڪري سگهندو آهي. هو تجسس سان اڳڀري وڌڻ کي احتياط سان واپس ورڻ تي ترجيح ڏيندو آهي. هو ٻارن ۽ زال جي ذميوارين کي ۽ اڪيلائيءَ کي پيشہ ور چوڪرين کان سٺو سمجهندو آهي. ڪتنب جون ذميواريون ڪيس مضبوط بڻائينديون آهن. هن کي خبر هوندي آهي تہ طبيعت جي نرمي ۽ شرافت کي طاقت سان ڪيئن ملائجي، هن جا ٻار هن سان رڳو محبت نہ ڪندا آهن پر سندس عزت بہ ڪندا آهن. پڪي وهيءَ ۾ آرام جو هنر سکندو آهي ۽ پوڙهائپ ۾ پوٽن ۽ ڏوهٽن جي موجودگيءَ مان نئين زندگي

حاصل ڪندو آهي، هو مرڻ گهڙيءَ تائين ان ڳالهه تي ٿورو به شڪ نه ڪندو آهي ته زندگي نعمت آهي. هن ڪي رڳو ان ڳالهه تي افسوس ٿيندو آهي ته زندگيءَ جي راند هن کي هاڻي نون رانديگرن جي حوالي ڪرڻي پوندي.

## 4. شخصيت جي ٻيهر تعمير:

اسان شخصيتن جا ٻه مثالي نمونا پيش ڪيا آهن ۽ انسان جي شخصيت کي مضبوط ۽ ڪمزور ۾ ورهايو آهي. شخصيتن جي ان تفاوت کي آخري سمجهيو وڃي ته پوءِ اسان جا نمونا بيڪار آهن. پر جيڪڏهن ٻنهي نمونن کي هڪ ٻئي جي برابر رکون ته اسان لاءِ اهو سولو ٿيندو ته اسين پنهنجو تجزيو ڪيون ۽ شايد پنهنجو پاڻ کي، سڃاڻون. ڇا اسان پنهنجو پاڻ کي، معموليءَ طرح به ناڪاري شخصيت جي خامين کان آجو ڪري پنهنجو پاڻ ۾ هاڪاري شخصيت واري اها مضبوطي پيدا ڪري سگهون ٿا جيڪا اسان جي اندر جي خواهش آهي؟ ڇا اسان سمجهداريءَ سان پنهنجو قد وڌائي سگهون ٿا.

گهڻا ماڻهو ان سوال جو جواب مايوسيءَ واري ناڪار ۾ ڏيندا آهن. اسان کي ٻڌايو ويندو آهي ته اسان جي شخصيت اسانجي قسمت ٿاهي آهي ۽ جهڙا اسان پيدائش وقت هوندا آهيون اهڙا اسان مرڻ گهڙيءَ تائين رهندا آهيون، ڪڏهن وري شخصيت جون صفتون جسماني حالت، صحت ۽ طاقت، بدني جوڙجڪ ۽ عضون جي ڪم ڪري سگهڻ واري اهليت تي مدار رکنديون آهن. انهن کي ڪيئن بدلائي سگهجي ٿو؟

پر ڪيترا مثال آهن جن سان ماڻهوءَ جي قسمت واري عقيدي تي شڪ ٿو پيدا ٿئي. اسان جي پنهنجي زماني جي تاريخ ۾ ناڪاري شخصيت جي هاڪاري شخصيت ۾ بدلجڻ جا عجيب مثال موجود آهن. پنجاهه سال اڳ عورتن کي مردن جي ڀيٽ ۾ ناڪاري سمجهيو ويندو هو ۽ هنن ۾ اهي سڀ اوڻايون ٻڌايون وينديون هيون، جيڪي اسان ڪمزور شخصيتن لاءِ ٻڌائي آيا

آهيون. هنن جي جسماني ڪمزوري سندن احساس ڪمتريءَ جو بنياد بڻجي وئي هئي، جنهن جي ڪري عورتن کي به ان ڳالهه جو افسوس هوندو هو ته هو مرد ڇو نه ٿيون. اهو افسوس هنن جي ذهنن ۾ باهه وانگر ٻرندو رهندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سندن زبان باهه اوڳاڇيندي آهي. هنن جي اها فطرت هئي ته هو پنهنجي عمل ۾ نرميءَ کان ڪم وٺنديون هيون ۽ جيڪڏهن هو زبان درازي ڪنديون هيون ته اها رڳو سندن جسماني گهٽتائيءَ جو ردِعمل هوندو هو. بنيادي طرح ”صنفِ نازڪ“ ئي هيون.

عورت جي حياءُ ۽ نوڙت جو سبب هن جي جسم جي ڪري هو. مرد وانگر هوءَ پنهنجن ڪارنامن لاءِ ايڏو پرجوش نه ٿيندي هئي. هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين هن جي تقدير ماءُ بڻجڻ هو. هوءَ پنهنجي آقا جي اڳيان ڪنڌ جهڪائيندي ۽ وڏي محبت سان هن جي مارڪُٽ برداشت ڪندي هئي. پنهنجو بدن، پنهنجو نانءُ ۽ پنهنجي جائداد هن جي حوالي ڪندي هئي ۽ هن جي رضا تي راضي رهندي هئي. انڪري هن لاءِ زندگي ايذاءُ ۽ بي مزي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن هوءَ شعر ۽ افساني ۾ ٻڌي پنهنجي لاءِ هڪ خيالي روشن دنيا تخليق ڪندي هئي.

۽ پوءِ هن کي صنعت پنهنجي شڪنجي ۾ جڪڙي ورتو. هن جي زندگيءَ ۾ نواڻ جي ٻوڏ اچي وئي. هن کي شخصي ذميواري ۽ اقتصادي خودمختياري ملي، هن کي پنهنجي محنت جي ڪمائي حاصل ٿي ۽ هن پنهنجي اخلاق جي پاڻ تربيت ڪئي، هن مرد جي برتريءَ تي شڪ ڪرڻ شروع ڪيو. هن شروع کان ئي ڏٺو هو ته مرد کي سولائيءَ سان هٿ ڪري سگهجي ٿو. هاڻي هن تي انڪشاف ٿيو ۽ مرد تي پڻ ٿيو ته جديد دور ۾ تيز رفتاري سان گوءِ نٿي کٽي سگهجي. جنگ ۾ طاقتور نٿو کٽي ۽ چوندي هاڻي جسماني طاقت سان نه پر ذهانت ۽ چالاڪيءَ سان ٿي ٿئي. هن کي اهو ڄاڻي خوشي ٿي ته جسماني گهٽتائي ڪاميابيءَ جي رستي ۾ اهڙي رنڊڪ نه آهي جيڪا هٽائي نه سگهجي. ڪيترا جينيئس جسمانيءَ طرح ڪمزور هئا. هن کي اها به خبر پئي ته هوءَ پنهنجي

سوڙهي لباس ۽ ساهه بوساڻ وارن روايتن کان پوءِ به قيادت ۽ طاقت حاصل ڪري پنهنجي روح جي مالڪياڻي ٿي سگهي ٿي. انڪري جيئن ئي صنعتي انقلاب آيو ته هن پنهنجن ناڪاري خاصيتن کي ڇڏي پاڻ ۾ هاڪاري صفتون پيدا ڪيون، هاڻي هوءَ هڪ شخصيت ٿي وئي. جيڪا قدم کڻڻ، انتظام رکڻ ۽ معروضي سوچ جي اهل هئي. هن پنهنجو پاڻ ۾ ملڪيت جو حرص پيدا ڪيو ۽ دولت حاصل ڪرڻ جا هزارين طريقا ڳولهيا. هن بازارن جي رونقن لاءِ گهر جي خاموشيءَ کي ترڪ ڪيو ۽ پاڻيءَ بدران پاؤڊر استعمال ڪيو، هن پنهنجي لباس کي ڪترڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجو گلو اگهاڙو ڪيو. عبادت مان دلچسپي گهٽائي هن راند ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي، پنهنجي نئين آزاديءَ جي وڏندڙ هوا کي پنهنجو پاڻ ۾ جذب ڪرڻ شروع ڪيو ۽ روحانيءَ طرح طاقتور ۽ بهادر ٿي وئي. اٽڪل هڪ ئي نسل ۾ هن غير معمولي تيزيءَ سان پنهنجو پاڻ ۾ هاڪاري وصفون پيدا ڪيون.

مرد حيران ٿي ويو ۽ هن جديد عورت جي باري ۾ اخلاقي شڪايت شروع ڪئي. پر اهو انقلاب هن جي مرضي ۽ تدبير ڪانسواءِ آيو ۽ هن جي اجازت ڪانسواءِ جاري رهيو. هن عورت کي صنعت، تجارت، تعليم ۽ بين ڪاتن ۾ پنهنجي مقابلي ۾ ڏٺو. اهي ڪاتا ازل کان هن جي ملڪيت هئا. هو ڪم ۽ ارادي ۾ عورت جي خوداختياريءَ جي شڪايت ڪرڻ لڳو. هن جي دل پراڻي زماني جي حيا وارين دوشيزائن، انگور جي ولين ۽ ٻارن سان گهريلو قسم جي مزن لاءِ تڙپڻ لڳي. هن بهادري ۽ حيرانيءَ سان ان حملي جو مقابلو ڪيو.

هو ناڪام ٿيو، آمريڪا ۾ عورت ناڪاري اطاعت کان هاڪاري غلبي تائين واري سفر جو عبوري دور پورو ڪري ورتو هو. ڪنواري هجڻ وارو حياءُ ۽ نڪاح سان وفاداريءَ واريون پراڻيون چڱايون ختم ٿي ويون. هاڻي مرد حجاب کان اکيون هيٺ ڪندو آهي ۽ جديد جوان ڇوڪريءَ جي پنبڻين، پيڏن، گوڏن ۽ بين ڪشش وارن هنڌن کي حياءُ واري حيرت سان ڏسندو آهي. محبت،

اطاعت ۽ وفا جا اکر هاڻي شاديءَ جي رسم مان خارج ٿي ويا آهن. جلدئي اهي لفظ وري استعمال ٿيڻ شروع ٿيندا، پر هاڻي اهي لفظ مرد استعمال ڪندا، هاڻي اهي اکر بي معنيٰ ٿي چڪا آهن.

ان تيز آيل انقلاب سان شخصيت جي بدلجڻ جي امڪانن جو اندازو لڳايو. ظاهر آهي ته اهي صفتون جن کي اسان هاڪاري ۽ ناڪاري ٿا چئون، هميشه لاءِ بدن سان ڇهتيل نه ٿيون رهن، ها انهن جو مدار بدن جي طاقت ۽ ڪمزوريءَ تي آهي، پر اهي ڪنهن به حد کان سواءِ بدلجي سگهن ٿيون، لکين عورتن پنهنجو پاڻ ۾ گهٽ همت کي جرائت ۾ ۽ اطاعت کي حاوي ٿيڻ ۾ بدلايو آهي. ان مان ظاهر آهي ته جيڪڏهن اسان ارادو ڪيون ته شخصيت کي بدلائي سگهون ٿا.

پر ان سلسلي ۾ اسان کي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو. اسان مان ڪي ماڻهو پنهنجي شخصيت کي بدلائڻ ئي نٿا گهرن. اسان پنهنجو پاڻ کي ايترو ته مڪمل ۽ پنهنجن خامين کي ايڏو ته سٺو سمجهندا آهيون جو انهن کي ٿورو به بدلائڻ اسان کي نه وڻندو آهي. ان سان هڪ اخلاقي مسئلو به لاڳاپيل آهي. اهو ضروري نه آهي ته هاڪاري شخصيت نيڪ به هجي. ڪابه قوم جنهن ۾ رڳو هاڪاري شخصيت جا اعليٰ عزم وارا انسان هجن اها پاڳل خانو ٿي پوي. اسان کي اهو مڃڻ گهرجي ته اسان هت نيڪيءَ جي تلقين نٿا ڪيون ۽ اسان جا نسخا ڪي قدر غير اخلاقي هوندا. جيڪڏهن اسان وقتي طور نيڪي نه پر طاقت پيدا ڪرڻ تي زور ٿا ڏيون ته اهو انڪري جو شخصيت جي مضبوطي هڪ اعليٰ سٺائي آهي. حالتن جي سختي لکين شخصيتن کي پيچي پوري ۽ لکين ڪنڌن کي جهڪائي ڇڏيندي. اسان کي جيڪڏهن پنهنجو پاڻ کي مضبوط بڻائڻو آهي ته سڀ کان پهرين اسان کي عزم جو مطلب سمجهڻ گهرجي. عزم ڪا سمجهه کان مٿاهين حقيقت نه آهي، جنهن جي حيثيت اهڙي مٿاهين هجي جهڙي شخصيت جي عناصر ۾ آرڪيسٽرا ۾ ڪنڊنڪٽر جي هوندي آهي جيڪو ڪڏهن هڪ طرف ته ڪڏهن ٻئي طرف جهڪندو آهي، پر عزم انسان جي

سيني محرڪات ۽ لاڙن جي مجموعي جو نالو آهي، اهي محرڪات جن سان شخصيت جو تاڃي پيٽو تيار ٿيندو آهي. انهن جو پاڻ کان ٻاهر ڪو اهڙو اڳواڻ نہ هوندو آهي، جنهن جي پيروي ڪن. انهن لاڙن مان ئي ڪي طاقتور لاڙا ٻين لاڙن تي غلبو حاصل ڪندا آهن ۽ انهن ڪي پاڻ ۾ ٻڌيندا آهن. اهائي عزم جي قوت آهي، يعني هڪ حاوي ٿيل خواهش ٻين سيني خواهشن ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي ۽ سڀ خواهشون ۽ لاڙا هڪ ئي مقصد ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا آهن. جيڪڏهن اسان جي آڏو اهڙو خواهشن ۽ لاڙن ڪي پاڻ ۾ ٻڌي هڪ ڪرڻ وارو مقصد ڪونهي جنهن لاءِ اسان ٻيون خواهشون قربان ڪري سگهون تہ پوءِ اسان ۾ عزم پيدا ٿي نٿو سگهي، ۽ اسان جي حيثيت ٻئي جي گهر جي پت ۾ لڙگل سِرَ کان وڌيڪ نہ هوندي. انڪري اهي ڪتاب پڙهڻ اجايا آهن جيڪي شخصيت جي تعمير جا سولا طريقا ٻڌائيندا اهن ڇاڪاڻ تہ شخصيت جي تعمير جي واٽ ڏکي بہ آهي ۽ ڏگهي بہ.

اها واٽ زندگيءَ جي واٽ آهي، عزم خواهشن جي ٻڌجڻ جو نالو آهي ۽ جيئن شوپنهار چيو هو تہ عزم وڌندڙ زندگيءَ جو اهڃاڻ آهي ۽ ان جي طاقت ۽ مقام ان صورت ۾ وڌي سگهي ٿو جڏهن زندگي نون ڪمن ۽ نئين فتحن سان دوچار ٿئي. اسان جيڪڏهن مضبوط ٿيڻ ٿا گهرون تہ اسان ڪي پنهنجي ان مقصد ڪي حاصل ڪرڻ جا وسيلا مقرر ڪرڻ گهرجن ۽ مشڪلات هوندي بہ ان مقصد سان سچا رهون. چڱو آهي تہ سڀ کان پهرين اسان اهو ڪم ڪيون جنهن لاءِ اسان ڪي پڪ هجي تہ اسين اهو ڪم ڪري سگهنداسين، ڇاڪاڻ تہ هر ناڪامي اسان ڪي ڪمزور ۽ هر ڪاميابي اسان ڪي طاقتور ڪندي آهي. هڪ ڪاميابيءَ مان ٻيون ڪاميابيون پيدا ٿينديون آهن. ننڍيون فتحن مان اسان ڪي وڏين فتحن جي طاقت ۽ اعتماد حاصل ٿيندو آهي. مشق ڪرڻ سان عزم نهندو آهي پر اسان ضرورت کان وڌيڪ احتياط بہ ڪري سگهون ٿا. وڏن وڏن ڏکين ڪمن جي دعوت ڪي ٺاري پاڻ ڪي هميشہ لاءِ هڪ معمولي مقام تي رکي سگهون ٿا. ان ڳالهہ جو خيال ڪيون تہ

نندين فتحن سان اسان مطمئن نہ ٿي وجون هڪ ڏينهن پنهنجي فتح جي خوشي ملهائي بئي ڏينهن ڪنهن اعليٰ ۽ سني ڪم لاءِ تيار ٿيون. خطري جو مقابلو ڪيون ۽ ذميواريءَ جو بار کڻون. اهو صحيح آهي تہ ان ۾ اوهان کي شڪست ٿي سگهي ٿي ۽ اوهان تباهہ بہ ٿي سگهو ٿا. پر موت جي تاريخ جنهن تي ماڻهوءَ کي مرڻو آهي ان جو انديشو اوهان جي نقطئہ نظر تي اثر انداز ٿيڻ نہ گهرجي. جيڪڏهن خطرا ۽ ذميواريون اوهان کي ختم نہ ٿيون ڪن تہ اُهي اوهان کي مضبوط بڻائي ڇڏينديون ۽ اوهان کي عظمت ڏانهن وڌائينديون. پاڻ کي ناهيو يا ڊهي پئو!

نفسياتي تجزيي تي اعتبار نہ ڪرڻ جو هي دور اسان لاءِ انساني شخصيت ۽ تقدير جي لچڪ جو هڪ ٻيو مثال پيش ٿو ڪري. ايڊلر جي روشن نظريي مطابق جينيئس ۽ ذهني مرض جو بنياد ڪو جسماني نقص هوندو اهي. جسم جو اهڙو نقص جيڪو هميشہ لاءِ هجڻ جي ڪري روح کي مجروح ڪندو آهي ۽ ماڻهوءَ کي مجبور ڪندو آهي تہ هو ان خاميءَ کي ختم ڪري. فرانسس بيڪن چيو هو تہ جنهن جي شخصيت ۾ ڪو مستقل ڏڪار جهڙو عيب هجي ان ۾ هر وقت اها خواهش هوندي آهي تہ هو پنهنجو پاڻ کي ان ٺٺوليءَ کان بچائي. انڪري ئي بائرن جنهن جو پير ڦريل هو وڏي مهارت سان ناچ ڪرڻ سکيو ۽ ايترا گناهہ ڪيائين جو سماج ۾ شينهن مڙس مڃجڻ لڳو. ٻہڪڻ وارو ڊيموٿينس تمام وڏو مقرر ٿيو ۽ بيٿوون ٻڌڻ جي قوت وڃائي بيمثال موسيقي پيدا ڪئي. عورت پنهنجي جسماني ڪمزوري ۽ محڪوميءَ خلاف ”مرداڻي احتجاج“ ۾ جلندي، روايتن ۽ مشڪلاتن جا زنجير ٽوڙي ڇڏيا. ايڊلر ٽوچئي تہ ”ماڻهوءَ جو گهٽتائيءَ جو احساس هن ۾ ترقي ڪرڻ جي خواهش پيدا ڪندو آهي.“ جيڪي پٺتي رهجي ويل هئا ڪوشش ڪري اڳيان آيا ۽ ڊوڙ ۾ ٻين جي اڳواڻي ڪيائون. مزورن جي طبقي ۾ ايجادون ڪرڻ وارا پيدا ٿيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن بيمار جسمن اعليٰ روحن کي پناهہ ڏني آهي ۽ انهن ۾ تحرڪ پيدا ڪيو آهي.

## 5ـ نسخا:

پر هي سڀ ڳالهيون عام ۽ اڻ ڇنڀيون آهن. اسان کي پنهنجي سوال جو وڌيڪ گهرائيءَ سان مطالعو ڪرڻ گهرجي. سوال آهي تہ ذهني ۽ اخلاقي طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

سڀ کان پهريان تندرست رهڻ گهرجي، ٻيون چڱايون پنهنجو پاڻ پيدا ٿي وينديون يا انهن جي ڪمي ۽ انهن جو قدر محسوس نہ ٿيندو. جيئن نتشي چيو هو تہ ”هڪ شريف ماڻهوءَ جو پهريون فرض آهي تہ هو پورو حيوان ٿئي.“ صحتمند هجڻ لاءِ لازمي آهي تہ اسان کي مناسب بزرگن جي چونڊ ڪرڻ گهرجي، پر اهو جيئن تہ اسان جي وس ۾ نہ آهي، انڪري اسان گهٽ ۾ گهٽ سٺي خوراڪ ۽ سٺي عادتن جي چونڊ ڪري سگهون ٿا. مولشاٽ چيو هو تہ ماڻهو وڏيءَ حد تائين اهوئي آهي جيڪي هو کائي ٿو. خوراڪ جي باري ۾ ڪوبہ عالمگير اصول قائم ڪري نٿو سگهجي. هر ماڻهوءَ کي اهڙين غذائن کان پاسو ڪرڻ گهرجي جيڪي نقصان ڪار هجن. جيڪي شيون هاضمو خراب ڪن انهن تي ليڪو پايو ۽ انهن جي ويجهو نہ وڃو. جيڪا غذا اوهان جي معدي کي پاڻ پئي ان کي ڪاڏي ۾ شامل ڪيو ۽ جيڪڏهن اوهان دوا کانسواءِ پيٽئون نہ ويهو تہ پاڻ کان پڇو تہ اهو ڪهڙو خطرناڪ مادو آهي جيڪو اوهان کي ڪمزور ٿو ڪري، اهو اڇو اٽو آهي يا ڪيڪ ۽ مٺايون آهن يا ڪاڏو جنهن ۾ ڀاڄيون ۽ ميوو شامل نہ آهي. پنهنجي معدي کي ڪليل ۽ وات کي بند رکو، اها ڏاهپ جي ڪنجي آهي.

جيڪڏهن اسان کي پنهنجو پاڻ کي نئين سر تعمير ڪرڻو آهي تہ اسان کي پنهنجي معدي کان شروعات ڪرڻ گهرجي، ائين ڪرڻ سان بدن جي هر حصي کي وڌڻ جو وارو ملندو، قدرت اسان کي عام، ڪلارڪ، صحافي ۽ فلاسافر بڻجڻ لاءِ پيدا نہ ڪيو هو. پر اسان کي ان لاءِ پيدا ڪيو هو تہ اسين عمل ڪيون، ڳرو وزن

ڪٿون، پڇون، ڏُکون ۽ ٽپا ڏيون. فطرت اسان جي ٽنگن ۽ ٻانهن کي اهڙو ٺاهيو آهي تہ جيئن اسان انهن سان زندگي گذاريون، بهترين زندگي اها آهي جيڪا جسماني ۽ ذهني بئي هجي، ولئم قيصر کي ڪانيون وڍڻ جي عادت هئي هن جي ان عادت ۾ ضرور ڪا ڏاهپ هوندي پر هيءَ هڪ اهڙي عياشي آهي جيڪا هرڪو ڪري نٿو سگهي. زندگي ايتري ڳُتيل ۽ چٽاپيٽيءَ واري آهي جو اسان کي ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۽ هڪ ئي مقصد لاءِ طاقت ۽ وقت بئي لڳائڻا پوندا آهن. پر اسان کي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي باغيچن جو گاهہ پاڻ ڪٽڻ گهرجي. وڻن جون شاخون پاڻ ڇانگڻ گهرجن ۽ اسان کي گهر سان لڳ هڪ باغيچو لڳائڻ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. شايد ڪنهن ڏينهن اسان کي هڪ پوري باغ کي ٺيڪ ڪرڻ جي واندڪائي ملي سگهي. صحت شهرت کان وڌيڪ چڱي اهي ڇاڪاڻ تہ جينيئس جيستائين جيئرو هوندو اهي تڪليفون سهندو آهي، ۽ مرڻ کان پوءِ ئي مشهور ٿيندو آهي.

صحت ۽ طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي هڪ نئين ماحول جي ضرورت آهي ۽ اها ڳالهہ اسان جي خوشيءَ جو باعث ٿيڻ گهرجي تہ جيڪي اسان کي ابن ڏاڏن کان مليو آهي اسين ان کي بدلائي نٿا سگهون تہ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجن حالتن کي تہ بدلائي سگهون ٿا. اٺويهين صديءَ جي جبر جي فلسفي مطابق انسان ورثي ۽ ماحول جو مرڪب آهي. پر انسان جو اهو تصور غلط آهي. ڇاڪاڻ تہ انسان اباڻي ورثي، ماحول ۽ ان عجيب ترقي پسند طاقت جو مرڪب آهي جنهن کي زندگي تو چئجي. اها ڳالهہ ايتري تہ صحيح آهي (۽ اسان کي اها ڳالهہ دل تي لکي ڇڏڻ گهرجي) تہ جيستائين اسان انهن خارجي محرڪات کي نٿا بدليون جيڪي هر وقت اسان تي اثر ڪندا ٿا رهن تيستائين اسان پنهنجو پاڻ کي بنيادي طرح بدلائي نٿا سگهون. ڇاڪاڻ جو اهي محرڪات اسان کي پنهنجي مرضيءَ جهڙو بڻائي ٿا ڇڏين. ڇا اسان صاف نہ رهڻ وارن ماڻهن ۾ زندگي ٿا گذاريون يا وري اهڙن اڻ پڙهيلن ۾ جن کي رڳو مادي شين ۽ کاڌي پيتي سان دلچسپي آهي. هر حالت

۾ اسان کي اهڙن ماڻهن کان پاسو ڪري ڪا چڱي صحبت ڳولڻ گهرجي. ڇا اسان جي پسگردائي ۾ ڪو چڱي روح، چڱي ذهن يا مضبوط شخصيت وارو ماڻهو آهي؟ اسان ان کي ڳولهيون ۽ ڪجهه وقت ان جي صحبت ۾ رهون ته جيئن هن جي هلت کي پاڻ لاءِ نمونو بڻائي سگهون. ان کان پوءِ وڌيڪ سٺي شخصيت کي ڳولهيون، عظيم شخصيتن جون ڳالهيون ٻڌڻ ۽ ان مان پرائڻ بيوقوفن تي حڪومت ڪرڻ کان هزار دفعا سٺو آهي. سيزر جو قول هو ته روم ۾ ٻئي نمبر تي هجڻ کان چڱو آهي ته اسين وحشين جي سرداري ڪيون.

جيڪڏهن (جيئن اوهان جو خيال آهي) اوهان جي سجاڻپ وارن ماڻهن ۾ اوهان کان وڌيڪ ڪو چڱو ماڻهو ڪونهي ته پوءِ ماضيءَ جي عظيم شخصيتن سان صحبت قائم ڪيو، تمام ٿورا پئسا خرچ ڪري اوهان هن جي خيالن مان پرائي سگهو ٿا. هنن جي تقرير ٻڌي سگهو ٿا ۽ ان صاف شفاف فضا ۾ پاڻ کي داخل ڪري سگهو ٿا جيڪا انهن شخصيتن جي چوڌاري هوندي آهي. اهو سوچڻ غلط آهي ته ڪتاب پڙهڻ سان اثر نه ٿيندو آهي. اهو اثر آهستي آهستي ٿيندو آهي جيئن پاڻي سِمندو آهي. هر سال ان جو اثر وڌندو ويندو آهي ۽ ڪوبه انهن عظيم شخصيتن جي صحبت مان ڪجهه پرائڻ کانسواءِ نه آهي اُٿندو. نيپوليئن جي صحبت ۾ رهڻ، والٽ وٽمين سان گڏجي سير ڪرڻ ۽ فريڊرڪ ۽ والٽيئر سان اڌ رات جو گڏ هجڻ جي موقعن کانپوءِ به معمولي انسان تي رهڻ جو ڪو سبب ڪونهي. اهو ته ٿيو ٻاهريون ماحول، اندر جي ماحول جو معاملو وڌيڪ ڏکيو آهي، ڪيتريون نه ويرانيون آهن اسان جي اندر ۾، خواهشن جي ڪنڊن جو جهنگ! اسان کي ڪهڙي خبر ته ڪهڙن ٻوٽن کي پاڻي ڏيڻو آهي. ۽ ڪهڙن ٻوٽن کي پاڙون پٽڻو آهي ته اهي سڪي وڃن.

شخصيت جو پهريون اصول آهي اِڪي. اهائي ڳالهه گوئٽي هنن لفظن ۾ چئي آهي ته "ڪُل ٿيو يا ڪُل ۾ شامل ٿيو" ۽ ٻيو اصول ڳولها جو آهي، ڳولها ڪيو ۽ پنتي نه هٽو. اها آهي اوسر

جي راهه جنهن تان ڪو بہ عقلمند ماڻهو نہ هٽندو ۽ جي هٽندو تہ ان ڪي اصول نہ بڻائيندو. جبلتن جي پهرين گروهہ ۾ صفائيءَ جو خيال رکڻ گهرجي. اها وصف بيزاري (غلاظت کان) واري ناڪاري جبلت مان تي ڦٽي. نتشي چيو آهي تہ ”بار ۾ نندي لاءِ ئي صفائيءَ جو جذبو پيدا ڪرڻ گهرجي ان کان پوءِ هو پاڻ ۾ پنهنجو پاڻ بيون چڱايون پيدا ڪندو.“ صفائي جو جذبو خدائي ڪانپوءِ واري درجي تي آهي، پر جيڪڏهن خدائن جو وجود نہ هجي تہ پوءِ؟ پر اسان راهب ٿيڻ تہ ڪونہ ٿا گهرون، اسان ان ديندار سياستدان کي هميشہ رشڪ سان ڏسنداسين جيڪو دينداريءَ کي پنهنجي اشتها کي پورو ڪرڻ ۾ رنڊڪ بڻجڻ نہ ڏئي.

جنگ جوئي ۽ خودداريءَ جي جبلت بابت بہ اسان جو رويو اهو هئڻ گهرجي. اهي خرابيون نہ آهن، چڱايون آهن، انهن کي بہ ”چانڪڻ“ جي ضرورت اهي تہ جيئن انهن جي اوسر ٿئي. نہ جهيڙاگري ۽ نہ مغروري. مغروري مستقبل ۾ جيڪي فتحون ٿينديون انهن جو تصور آهي ۽ خودداري وري ماضيءَ جي فتحن جي يادگيري آهي. جهيڙاگري ڪمزور ماڻهوءَ جي جنگ جوئي آهي. وڙهڻ جو مطلب اهو نہ آهي تہ گوڙ ڪجي ۽ حملو ڪجي. ان جو مطلب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ماٺ ۾ پڪي ارادي سان هڪ مقصد کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي، وڏا ارادا رکڻ جو مطلب اهو نہ آهي تہ ماڻهو ظالم ۽ هٻڇي ٿئي. مضبوط ماڻهو کي ڏيڻ ۾ بہ اهڙوئي مزو ايندو آهي جهڙو وٺڻ ۾، هو ملڪيت حاصل ڪرڻ کان وڌيڪ تعمير ڪرڻ ۾ خوش ٿيندو آهي. هو گهرَ ٺاهيندو آهي تہ جيئن ٻيا ان ۾ رهن ۽ پئسا ڪمائيندو آهي تہ جيئن ٻيا خرچ ڪن. ماڻهوءَ جي شخصيت پاڻ تي گهڻو خرچ ڪرڻ سان نہ نهندي آهي، پر تعمير ۽ تخليق سان نکرندي آهي ۽ عمل سان وڌندي آهي. اسان اهڙن پيشن کان پاسو ڪيون جن ۾ رڳو عقل ۽ فهم جو ڪم هجي ۽ ڪجهہ ڪرڻ جو موقعو نہ ملي. چڱو آهي تہ وايا ٿيون ۽ سج جي روشنيءَ ۾ خوشبودار ڪاٺي وڍيون ۽ هٿوڙي جي ڌڪن سان شين کي نهندو ڏسون، اهو ان کان چڱو آهي جو اوهان نفعي

نقصان جو حساب ڪندا رهو يا اڪيلائي ۾ ٻاهرين دنيا جي حقيقت لاءِ دليل جوڙيندا رهو. سَوَ گيت ٻڌڻ ڪان سٺو آهي ته اوهين پاڻ هڪ گيت ڳايو، اڇو ته ڪيڏون ۽ ڪلون ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن زندگي هڪ ڪڙو مذاق لڳي ته ان جي ڪڙاڻ ڪي وساري مذاق کي ياد رکون.

شادي ڪيو جيئن مقدس ڪتاب ۾ لکيل آهي "اندر ئي اندر پچرڻ ڪان شادي بهتر آهي. شادي انڪري به سٺي آهي جو شادي اسان کي پنهنجو پاڻ ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي جي باري ۾ سوچڻ جي قابل بڻائيندي آهي." تنشي جهڙي ذهني مريض لاءِ پيڻ زال کان سٺي هئي. پر هڪ صحتمند ماڻهوءَ لاءِ پيڻ جو قرب ڪافي نه هوندو آهي. هڪ وار اهو بنيادي مسئلو حل ٿي وڃي ته پوءِ اسان دنيا جي هر عورت جي هر ادا کان متاثر ٿيڻ ڪانسواءِ پنهنجي ڪم ڪار ۾ لڳا پيا هونداسين. شاديءَ کان پوءِ اسان کي خبر پئجي ويندي آهي ته عورتن جا لباس بيشڪ ته هڪ ٻئي کان جدا هوندا آهن، پر هو پاڻ بنيادي طرح هڪ جهڙيون هونديون آهن. فلاسافيءَ جي ٻوليءَ ۾ اسان چئي سگهون ٿا ته جدا جدا مجازي صورتن جي پنيان حقيقت هڪ ئي هوندي آهي. اهڙيءَ طرح جو احساس ٿيڻ کانپوءِ اسان گهٽي قدر مطمئن ٿي ويندا آهيون ۽ پنهنجن زالن سان محبت ڪرڻ شروع ڪندا آهيون، شايد اها ڳالهه صحيح هجي ته هڪ پرڙهيل مرد پئسن لاءِ سڀ ڪجهه ڪندو آهي، پر پرڙهيل مرد ئي اهڙين نئين نئين دلچسپين جي قابل ٿي سگهندو آهي.

دوست ناهيو، جيڪڏهن دوست ناهي نٿا سگهو ته پاڻ کي اهڙو بڻائڻ جي ڪوشش ڪريو جو دوست ناهي سگهو. اڪيلائي هڪ دوا آهي، صحت لاءِ هڪ روزو آهي، پر غذا نه آهي. گوئٽي سچ چيو هو ته شخصيت دنيا جي وهڪري ۾ وهڻ سان ئي نهندي آهي. اسان جيڪڏهن رڳو پنهنجو جائزو وٺندا رهنداسين ته ڪٿان جا نه رهنداسين پوءِ پل ڪٽي اسان جو پيشو نفسيات ئي ڇو نه هجي. هر وقت پنهنجي اندر نهارڻ اِئين ئي خطرناڪ آهي جيئن ٽينس جي رانديگر لاءِ ڪيڏڻ وقت، فاصلي، رفتار، ڪُنڊ ۽ ڏڪ بابت

سوچيندو رهڻ، يا پيانو وڄائڻ واري لاءِ پيانو وڄائڻ وقت آڱرين جي چرپر تي غور ڪرڻ. دوست ان لاءِ فائدي وارا آهن جو هو اسان جون ڳالهيون ٻڌندا آهن، اسان تي کلندا آهن. هنن جي ذريعي اسان کي ڪنهن حدتائين معروضيت، انڪساري ۽ خوش خلقيءَ جو سبق ملندو آهي، اسان زندگيءَ جي راند جا قاعدا سکندا آهيون ۽ ان راند جا بهترين رانديگر ٿي ويندا آهيون. جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا ته ماڻهو اوهان سان پيار ڪن ته انڪساري پيدا ڪيو. جيڪڏهن تعريف ڪرائڻ ٿا گهرو ته خودداري کان ڪم وٺو. جيڪڏهن اوهان ماڻهن وٽان محبت ۽ تعريف ٻئي چاهيو ٿا ته ٻاهر جي انڪساريءَ سان گڏ اندر جي خودداري پيدا ڪيو. پر خودداري ٻه انڪساري ٿي سگهي ٿي. خودداري تڏهن انڪساري ٿي سگهي ٿي جڏهن اها ڏيکاءُ ۽ تشهير لاءِ نه هجي. گهڻو چالاڪ ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪيو. چينڊڙ ۽ ٽڪا جملا خراب اهن، اهو اسان جو اصول هئڻ گهرجي ته ڪنهن کي ٻه اسان غلط ثابت نه ڪيون. ائين ڪرڻ سان ٻيو هميشه دل ۾ بغض رکندو. ”ڪجهه نه“. دنيا جو وڏو فائدي وارو اصول آهي، دنيا جي ڪابه شيءِ وڏي فائدي واري نه آهي، ڪڏهن ڪڏهن ڪم نه ڪرڻ سنو هوندو آهي پر چوڻ سدائين سنو هوندو آهي. سچ چوڻ لاءِ گهڻو پريشان نه رهو. اوهان سوسائٽيءَ جي رواجن کي مڃو ته جيئن ڪڏهن ڪڏهن اوهان سوسائٽيءَ جي رواجن کي ٽوڙي سگهو، سوسائٽي اوهان کي پنهنجن رواجن جي خلاف ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏيئي سگهي ٿي پر شرط اهو آهي ته اهو ڪم اوهان سني نموني ڪيو ۽ ان جي مشهوري نه ڪيو، ماٺ ۾ اڳتي وڌو ۽ اجائي دشمني نه پرايو. اڳتي وڌو، تجربي جو آڌريا ڪيو. زندگيءَ کي هرڪايو ته جيئن اها هميشه اوهان کي ٽمٽار رکي ان کان اڳ جو اوهان زندگيءَ کي الوداع چئو ۽ زندگيءَ جي شعلي کي پنهنجي ٻارن جي حفاظت ۾ ڏيئي وڃو.

پر ان سموري بيان ۾ ذهانت ڪٿي آهي؟ ڇا شخصيت رڳو جبلتن جي راند آهي جنهن ۾ عقل ۽ تصور شامل نٿا ٿي سگهن،

جيڪر ائين ٿي سگهي، ائين هجي ته پوءِ شخصيت جو مسئلو حل ٿي وڃي ۽ رڳو مضبوط جذبن سان ئي مضبوط انسان بڻجي وڃن.

پر ائين نه آهي، هڪ ڪامل روح ۾ تخيل ائين جلوه گر ٿيندو آهي جيئن باهه ۾ روشني، اسان تصورن ۾ گُم ٿي سگهون ٿا پر دورانديشيءَ سان وڏيون فتحون به ڪري سگهون ٿا. ايمرسن چيو آهي ته ڪا جنگ وڙهڻ کان اڳ نيپوليئن اهو گهڻ سوچيندو هو ته فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ هو ڇا ڪندو. ان کان وڌيڪ هو اهو سوچيندو هو ته شڪست کانپوءِ هو ڇا ڪندو. مان جڏهن ڪنهن جنگ جو منصوبو ناهيندو آهيان ته مان هر ممڪن خطري ۽ مصيبت کي تمام گهڻو وڌائي تصور ۾ آڻيندو آهيان. تصور اسان کي برباد ڪري سگهي ٿو جيئن ان 1812ع ۾ نيپوليئن کي برباد ڪيو هو. عمل کان پهريون گهڻن امڪانن جو جائزو وٺڻ سان اسين ڪيترين بربادين کان بچي سگهون ٿا.

عقل جو فرض آهي ته اهو عمل کي راهه ڏيکاري، عقل جڏهن پنهنجي ليکي ڪم ڪري ته پوءِ عقل هيمليٽ ۽ منطقي پيدا ڪندو آهي. رسه ڪشيءَ جو ڪو فيصلو نه ٿيندو آهي ۽ عضوا ۽ شخصيت ڳرندا ۽ سڙندا آهن، ۽ جڏهن عقل هڪ خواهش جي ٻي خواهش سان راند، هڪ جبلت جي ٻي جبلت تي تنقيد ۽ هڪ جذبي جو ٻئي جذبي جو احتساب بڻبو آهي تڏهن انسان ان مقام تي رسندو آهي جتي هن جا سڀ منتشر عناصر هڪ اِڪي ۽ هڪ ڳانڊاپي ۾ هڪ ٿي، هڪ ڳنڍيل نقطهٔ نظر ۽ هڪ جامع طرزِ عمل ۾ ظاهر ٿيندا آهن.

اسان جون جبلتون اسان جي بادبانن لاءِ هوا جو ڪم ڪنديون آهن، پر جيڪڏهن اهي بنان ڪنهن پابنديءَ جي جدا جدا ڪم ڪن ته پوءِ اهي اسان کي غلامن وانگر پنهنجي پنيان گهليندي وينديون. ڪنهن به اهڙو انسان ڏٺو آهي جيڪو رڳو حرص، رڳو جنس، رڳو جنگ، رڳو سني گفتگو يا رڳو راند هجي؟ هر جبلت جي مڪمل آزادي شخصيت کي ختم ڪري ڇڏيندي، جهڙيءَ طرح ان سائرس جي پٽن کي تباهه ڪيو هو جن کي عورتن

پاليو ۽ سندن هر خواهش پوري ڪئي ۽ اهڙيءَ طرح هو ڪمزور انسان ٿي پيا. انڪري خواهش تي ان علم جي اثر ۾، جيڪو ڏاهپ جي جان آهي، شخصيت جي تنظيم جو سامان موجود آهي، اسان کي انهن ٻن واٽن مان هڪ جي چونڊ ڪرڻي آهي. دنيا اسان جي تربيت ڪري يا اسان پاڻ پنهنجي تربيت ڪيون، شخصيت، جيئن مل چيو آهي، هڪ مڪمل طرح منظم عمل جو نالو آهي.

ترڪيب تجزيي کان سدائين ڏکي هوندي آهي. نفسيات اڃا تائين انسان جي وڪريل فطرت کي اِڪيءَ ۾ اُٿي نہ سگهي آهي. انسان جيئن آهي تيئن سندس تشريح ڪرڻ سولي آهي، پر اهو ٻڌائڻ تہ هن کي ڇا ٿيڻ گهرجي يا هو ڪيئن پاڻ بدلائي سگهي ٿو ڏکيو آهي. اسان هڪ تمام وڏي موضوع جي رڳو هڪ پاسي تي بحث ڪيو آهي. جيڪو اسان جي دور جي گهٽن روشن ذهنن جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندو. اسان وٽ علم اهي هاڻي اسان کي فن جي ضرورت آهي تہ جيئن اسان پاڻ کي نئين سر ناهيون. جيئن اسان ڪندن ۽ سمنڊن کي نئين سر ناهيو آهي، پر علم طاقت آهي ۽ هر سائنس نيٺ فن ٿي وڃي ٿي تہ جيئن ان جا نتيجا انساني سلطنت کي وسيع ڪن. ايندڙ نسل ۾ ماڻهو اهڙيءَ طرح دل ۽ دماغ جي تعمير ڪندا جهڙيءَ طرح هو جهاز ۽ هوائي جهاز جي تعمير ڪن ٿا. انساني جبلتون جيڪي هن بدلجندڙ دنيا ۾ جامد ٿي ويون آهن. ايجادن جي هن تيز رفتار ڪائنات ۾ شعوري طرح نئين صورت اختيار ڪنديون، هاڻي بہ انسان جي ذهني طاقت وڏي وئي آهي، ايستائين جو اڄ جو هڪ اعليٰ دماغ بنيادي طرح هاريءَ جي سادي دماغ کان ٻيو ٿو لڳي. ڪنهن ڏينهن اسان جا ذهنَ اسان جي اوزارن جي، اسان جي ڏاهپ اسان جي علم جي ۽ اسان جا مقصد اسان جي صلاحيتن جي مطابق ٿي ويندا. ان وقت اسان آخرڪار انسانن وانگر عمل ڪنداسين.

باب تيرهون

# حسن ڇا آهي؟

## 1- فلاسفرن جو حسن لاءِ تصور:

اناطول فرانس چيو "مان نٿو مڃان تہ اسان ڪڏهن بہ پوريءَ طرح ڄاڻي سگهنداسين تہ ڪا شيءِ حسين ڇو آهي"، هن عظيم فنڪار ۽ عالم جو هي خيال شايد اسان کي جماليات جي مسئلي تان هٿ کڻائي ڇڏي، پر پوءِ بہ اسان ان مسئلي تي ان خيال کان سوچينداسين تہ فلاسافيءَ ۾ مطلق رايا تہ هوندا آهن ۽ ڪا بہ ڳالهہ يقيني نہ هوندي آهي، اها عجيب ڳالهہ آهي تہ فلاسافيءَ ۽ نفسيات ان مسئلي تي گهڻو ڌيان نہ ڏنو آهي. هر ڪارل حسن جو سڌ ٻڌندي آهي پر حسن جي تشريح بہ چار ماڻهو ئي ڪندا آهن. وحشي ماڻهن کي ٽلهن چپن ۽ ٻت تي نڪتل نيرن ڪارن ليڪن ۾ حسن نظر ايندو آهي. يونانين کي حسن جواني ۽ توازن ۾ نظر ايندو هو ۽ رومين لاءِ تناسب، عظمت ۽ طاقت جو نالو حسن هو. نشاة الثانيہ حسن کي رنگ ۾ ڏٺو ۽ جديد روح کي موسيقي ۽ ناچ ۾ حسن نظر آيو. هر جاءِ تي ۽ هر زماني ۾ ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن نموني حسن کان متاثر ٿيندا رهيا آهن، ۽ ان کي حاصل ڪرڻ ۾ هنن زندگيون ڏيئي ڇڏيون آهن، رڳو فلاسفرن ان جي فطرت ۽ طاقت جو راز معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

اصل ۾ هي مسئلو نفسيات جو آهي پر نفسيات جي ماهرن ان کي فلاسافيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي، ۽ هرڪا سائنس پنهنجن مسئلن کي حل ڪري نہ سگهندي آهي تہ اهي فلاسافيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيندي آهي (انڪري وڏا اهم مسئلا فلاسافيءَ جي دائري ۾ آهن ۽ انهن جو بي مزي هجڻ جو سبب آهي) جديد سائنس جي ماديت تي زور، ان جي تجربيگاهن ۽ تجربن جي جوش، هرهڪ شيءِ لاءِ حساسي ۽ مقدار فارمولا ڳولڻ جي

لاڙي ان کي حسن جهڙي غير مادي حقيقتن جي باري ۾ بيوس ڪري ڇڏيو آهي. جيستائين نفسيات حياتياتي نظريي کي قبول نہ ٿي ڪري تيستائين جماليات جي مسئلي جي صحيح مقام جو تعين ٿي نہ سگهندو. في الحال فلاسافيءَ کي اهو حق آهي تہ اها انهن معاملن ۾ دخل ڏي جن ۾ سائنس دخل ڏيڻ کان نٽائي ٿي، ۽ جڏهن حسن وقتي طور سچ ۽ ڏاهپ وٽ قبوليت ٿو ڳولهي تہ مابعدالطبعيات جون سڪل هڏيون ڪنبڻ ٿيون لڳن.

بهرحال فلاسفرن هن هرڪائيندڙ سبجيڪٽ ڏانهن ڌيان نہ ڏنو ۽ ان کي گمناميءَ ۾ ڇڏي ڏنو هن ۾ اوائلي دور جي فطرت پرستن جا ڪي عنصر موجود هئا جيڪي مذهبي ماڻهن کي پسند نہ آيا، هن ۾ عقل کان ماورا بہ ڪي عنصر هئا جنهن جي ڪري شڪ ڪرڻ وارا دانشور ان کان متاثر نہ ٿيا. باؤم گارٽن پهريون مفڪر هو جنهن حسن کي الڳ موضوع سمجهيو ۽ ان کي جماليات جو نالو ڏنو ۽ اهڙي عام موضوع کي فلاسافيءَ جي ايوانن ۾ داخل ڪرڻ لاءِ هلڪي معافي جو اظهار ڪرڻ لاءِ معذرت ڪئي، هن کي ان ڳالهہ جو انديشو هو تہ ان موضوع کي هڪ علمي نالو ڏيڻ کان پوءِ بہ فلسفو پڙهڻ وارن جي ذهن ۾ بتن ۽ حسين عورتن جو تصور ايندو. ان اديشي جي ڪري هن کي ٿوري شرمساري بہ هئي.

جيتوڻيڪ قديم يونان ۾ حسن تمام گهڻو تخليق ٿيندو هو ۽ ان کي قابلِ احترام بہ سمجهيو ويندو هو پر پوءِ بہ فلاسافر ان جي سحر کي سمجهي نہ سگهيا. پيٿاگورس جماليات جي راند ائين کيڏي جو موسيقيءَ کي علم رياضيءَ جي قائدن ۾ آندو ۽ ڪائنات جي دائرن ۾ توازن ۽ هم آهنگيءَ جي ڳالهہ ڪئي، سقراط کان اڳ جا يوناني، ڊارون کان اڳ جي سائنسدانن وانگر، حسن کي طبعيات ۽ علم رياضيءَ جي دائري ۾ آڻي ان جي مڪان ۽ مقدار جي ٻوليءَ ۾ تشريح ڪندا هئا. هنن لاءِ موسيقي آوازن جي ترتيب ۽ مادي حسن نسبتن جي ترتيب هو.

افلاطون، جيڪو بنيادي طرح اخلاق جو ماهر هو (جنهن پنهنجن هم وطنن کي زوال کان روڪڻ تي گهريو) بي حد تي پهتو ۽

هن حسن کي نيڪي سڏيو. هن جي خيال ۾ فن اخلاقيات جو حصو هو. موسقيءَ جا تعليمي فائدا هئا ۽ هن جي زميني تصوراتي جنت ۾ موسيقي کان سواءِ ٻئي ڪنهن به فن جي اجازت نه هئي. ارسطوءَ وٽان اسان کي اسان جي سوال جو خاص يوناني جواب ملي ٿو ته حسن توازن، تناسب ۽ مربوط ڪُلَ ۾ ان جي جزن جي فطري ترتيب جو نالو آهي. هي اهو تصور آهي جيڪو جُز ۽ ڪُلَ جي ان تصور سان نهايت وڏندڙ انداز ۾ مطابقت ٿو رکي. جنهن بابت اسان پوئين بابن ۾ ڳالهه ڪري آيا آهيون. هتي اسان ترتيب ۽ اصول ناهڻ جي خواهش کي روڪي نٿا سگهون. سوال آهي ته توازن ۽ تناسب، نظم ۽ وحدت روح کي سرور ڇو ٿا ڏين؟ اهو سوال اسان کي اسان جي فارمولن کان اڳتي وني ٿو وڃي. ونڪلمئن ۽ ليسنگ به ان سلسلي ۾ ڪي خاص جواب ڏيئي نه سگهيا. هنن به اکيون ٻوٽي يونانين جي پيروي ڪئي. حسن ۽ جمال جو مسئلو جوڙجڪ ۽ هيئت، تراشيل سنگ مرمر ۽ پهاڙن تي نهيل مندرن جو مسئلو رهيو جيڪو پارٿينن ۽ سندن آرائشن لاءِ مخصوص ٿي ويو. اها حقيقت ته ڪوبه بت ڪنهن گرم ۽ زنده حسن جو نقل آهي ۽ حسن جو راز نقل کان وڌيڪ اصل ۾ لڪل آهي انهن سخت ۽ علمي ذهنن لاءِ مجڻ جهڙو نه هو.

ڪانٽ ۽ شوپنهار هڪ نئين ڳالهه ٿا ڪن، چون ٿا ته حسن اها صفت آهي جنهن جي ڪري ڪابه شيءِ ان جي فائدن ڪانسواءِ اسان کي وڻي ٿي ۽ اسان ۾ بنان ارادي واري سوچ ۽ هڪ بنان غرض وارو سرور ٿي جاڳائي. ان معروضي ۽ غيرجانبدار مشاهدي ۾ شوپنهار لاءِ جمالياتي ۽ فني ڪمال جا اسرار لڪل آهن. ٿوري دير لاءِ ذهن خواهش کان آزاد ٿي ٿو وڃي ۽ انهن ازلي هيئتن يا افلاطون وارن تصورن جو شعور ٿو حاصل ڪري، جيڪي شوپنهار جي ڪائناتي ارادي جا ٻاهريان پاسا آهن. پر هيگل وري اسان کي يونانين ڏانهن موٽائي وني ٿو هلي. حسن هڪ دفعو وري ڪثرت ۾ وحدت، هيئت جي مادي تي فتح ۽ ڪنهن مابعدالطبعيات آدرش جو حسياتي اظهار آهي. اها عجب جي ڳالهه نه آهي ته دنيا ۾ سڀ کان خشڪ ڪتاب حسن جي باري ۾ لکيل آهن.

## 2. جانورن ۾ حسن جو احساس:

تي سگهي ٿو ته متيون نظريو غلط هجي، ڪهڙي خبر ته حسن زندگيءَ تي مدار رکندو هجي ۽ نه ڪ مادي ۽ هيئت تي، جتي علم رياضي ۽ طبعيات ناڪام ٿيا آهن اُتي حياتيات اسان جي مدد ڪري.

اچو ته حيوانن جو مطالعو ڪيون ۽ حسن جي احساس جي بنياد تائين پهچون. اسان جو هي خيال غلط آهي ته حسن جو احساس رڳو انسان کي عطا ٿيو آهي. ڪيترا ئي حيوان آهن جيڪي هن پرن ڪانسواءِ ۽ ٻن ٽنگن تي هلڻ واري جاندار کان وڌيڪ سهڻا آهن ۽ جيڪو عارضي طور ڌرتيءَ تي حڪومت ٿو ڪري، جانور حسن کي اسان کان وڌيڪ محسوس ڪندا هجن ۽ اسان کي جيئن اسان محسوس ڪيو آهي، حقارت سان ڏسندا هجن، اسان سمجهندا آهيون ته حسن جو احساس رڳو اسان ۾ آهي ڇاڪاڻ جو اسان حسن کي نظر ايندڙ شين سان ڳنڍيندا آهيون. حيوانن ۾ جمالياتي لهرون سنگهڻ سان پئدا ٿينديون آهن. موسيوبرجر جو ڪتو چئي ٿو ته ڪتي جي بوءِ ڏاڍي مزي واري هوندي آهي. هن لاءِ انسانن جي بوءِ پڪ اڻ وڻندڙ هوندي.

جانورن ۾ ٻڌڻ واري حس ۾ ٻه حسن هوندو، ڪن چوپاين جي وڏن ۾ موسيقيءَ جو خاص احساس هو. هيولاڪ ايلس لکي ٿو "چڙيا گهر ۾ جدا جدا حيوانن تي جيڪي تجربا ٿيا آهن انهن مان خبر پئي ته لڏڙي ڪانسواءِ ڪوبه جانور موسيقي جي احساس کان خالي نه هو ۽ سيني جانورن خراب آواز کي پسند نه ٿي ڪيو، چيتي کي وائلن ٻڌڻ سان سڪون ٿي محسوس ٿيو، پر جڏهن پڪولو ٻڌائين ته غضبناڪ ٿي ويو. ڪيترن جانورن کي وائلن ۽ ٻئنسري پسندا هئا، ايلس جو ڪتو شوپان جي هڪ خواب ڏيندڙ نغمي تي پوڪندو رهيو پر جڏهن شاديءَ جو نغمو وڳو ته سمهي پيو. ڊين سُوفٽ ٿو چئي ته ڇا ايليئن اسان کي اهو نٿو ٻڌائي ته لبيا جون گهوڙيون موسيقي ٻڌي ٻگين ۾ ڊڪڇڻ لاءِ تيار ٿي

ويندیون هیون. (شريف عورتن کي ان واقعي مان اوپيرا ۾ گهڻو وچڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي).

حيوانن جي اکين ۾ حسن جو احساس هوندو آهي، ڊارون جو چوڻ آهي تہ ڪي پکي پنهنجن آکيرن کي رنگين پنن ۽ ڪوڏين، پٿرن، پرن ۽ ڪپڙي جي انهن ٽڪرن سان سجائيندا آهن جيڪي انسانن جي گهرن ۾ هوندا آهن. شاهي ڪڪڙ پنهنجي ماديءَ لاءِ آکيرو ٺاهيندو آهي جيڪو گهاٽين ٽارين سان ڍڪيل هوندو آهي، فرش تي گاهہ وڇائيندو آهي ويجهي تلاءَ مان پٿر چوندي انهن کي فنڪاراڻي نموني سان ٻنهي پاسن ۾ رکندو آهي، ديوارن کي چمڪندڙ پرن، ڳاڙهن ٻيرن ۽ ٻين سهڻي شين سان سجائيندو آهي. آخر ۾ هو دروازي کي سِپن ۽ چمڪندڙ پٿرين سان سجائي ان کي حسن ۽ وقار بخشيندو آهي، بوش جو چوڻ آهي تہ رڳو هڪ دفعو ان ”محل“ کي ڏسڻ سان يقين تي ويندو آهي تہ حسن مان مزو وٺڻ ان پکيءَ جي فطرت ۾ شامل آهي. ڪجهہ پکي پاڻ کي آئيني ۾ ڏسندا آهن، آئيني کي سج جي روشنيءَ سان چمڪايو تہ ڪيترا چڪور گڏ تي ويندا، هنن تي گوليون وسنديون تہ بہ هو انڌ ۾ آئيني ڏانهن وڌندا، مينا، ٽاڪرو ڪانءُ ۽ ٻيا پکي، چمڪندڙ شيون، چاندي ۽ جواهر چورائيندا آهن، خبر نہ آهي تہ اها خودپسندي آهي، هوس آهي يا تجسس آهي، ڇا آهي جيڪو هنن کي ائين ڪرڻ تي مجبور ڪندو آهي. بي جان شين ۾ رڳو جانور حسن ڏسندا آهن ۽ هنن جو جمالياتي شعور معمولي ۽ ٻئي درجي جو هوندو آهي. پکي لڳ جي موسم ۾ ماديءَ آڏو پاڻ ڏيکاريندو آهي، ڊارون جو چوڻ آهي تہ گهڻن حيوانن ۾ حسن جو احساس رڳو مخالف جنس جي ڪشش تائين محدود هوندو آهي. اسان جي مطالعي لاءِ هن نهنجي سائنسدان جو هي سادو قول وڏو فائدي وارو آهي تہ سهڻي شيءِ اها آهي جنهن کي اسان جنسي طرح پسند تا ڪيون، ۽ جيڪڏهن ٻيون شيون اسان کي سنيون ٽيون لڳن تہ رڳو ثانوي طور تي سنيون ٽيون لڳن، ۽ جمالياتي احساس جي ان سرچشمي سان لاڳاپيل هجڻ جي ڪري سنيون ٽيون لڳن، شوپنهار

جڏهن پنهنجي مضمون ”حسن جي مابعدالطبعيات“ ۾ پنهنجي خاص انداز سان چئي ٿو تہ حسين شيءِ مان مزو وٺڻ ارادي ڪانسواءِ ڪيئن ممڪن آهي؟ ان سوال جو جواب آهي تہ اهو ممڪن نہ آهي، حسين شيءِ اندرونيءَ طرح اسان جي ارادي سان لاڳاپيل آهي ۽ شوپنهار جي پنهنجي مفروضي مطابق فرد ۾ بنيادي ارادو نسلي واڌ جو ارادو آهي.

## 3۔ بنيادي حسن ماڻهن جو:

سڀ ڪان پهرين ڪابہ شيءِ ان لاءِ حسين آهي جو اسان ان جي خواهش ڪندا آهيون، پر اسپنوزا جي چواڻي اسان ڪنهن شيءِ جي ان لاءِ خواهش نہ ڪندا آهيون جو اها حسين هوندي آهي پر ان کي انڪري حسين سمجهندا آهيون جو اها اسان جي خواهش جو مقصد هوندي آهي.

ڪا شيءِ جيڪا اسان جي فطرت جي ڪنهن بنيادي ضرورت کي پورو ڪري ان ۾ جمالياتي مزو ڏيڻ جا امڪان موجود هوندا آهن، بکئي ماڻهوءَ لاءِ ڪاڌي جي پليٽ ايتري ئي حسين آهي جيتري حسين هڪ صحتمند شاگرد لاءِ بالغ عورت. ان شاگرد کي بکيو رکو تہ حسين ڪان حسين عورت ۾ بہ هن کي ڪشش محسوس نہ ٿيندي. ان کي رڳو کائڻ جي شيءِ سمجهندو. اها بنيادي بک هميشہ اسان جي محبت ۾ موجود رهندي آهي هڪ اهڙو ليکڪ جنهن کي سالن کان پنهنجي ڪتاب جي ڇپجڻ جي خواهش هجي، نيٺ هن جي خواهش پوري ٿئي تہ هن کي پنهنجي ڪتاب جو پهريون ڇپيل صفحو دنيا جي هر شيءِ کان وڌيڪ حسين لڳندو، اهڙو حسين جنهن کي ڪابہ قوم ضايع ٿيڻ نہ ڏيندي. پر هڪ هاري يا پورهيت لاءِ جنهن جون ڪتاب لکڻ کان وڌيڪ صحتمند خواهشون هونديون آهن، ان لاءِ ان ساڳئي صفحي جي اهڙي ردي ڪاغذ کان وڌيڪ ڪا حيثيت نہ هوندي جنهن سان هو ڏاڙهي ڪوڙڻ کانپوءِ پنهنجي پاڪي صاف ڪندو آهي، حسين شيءِ اها آهي جيڪا پنهنجي هيناهين سطح تي ان شيءِ جو

حسياتي رُخ آهي جيڪا اسان جي ڪنهن وڏي خواهش کي پورو ٿي ڪري، اصل ۾ اها مفيد شيءِ کان رڳو ضرورت جي شدت جي ڪري جدا آهي.

ننشي چيو هو تہ حسين ۽ بدصورت حياتياتي تصور آهن، جيڪا شيءِ نسل لاءِ نقصان ڪار آهي اها بدصورت آهي، اسان ڪنهن ان لاءِ نہ ڪائيندا آهيون تہ اها مني آهي پر ان لاءِ تہ ان مان اسان کي توري طاقت ٿي ملي. سڀ فائديمند شيون توري وقت کان پوءِ حسين ٿي وينديون آهن، اوپر ايشيا جي ماڻهن کي ڳريل مڇي وڻندي آهي، انڪري جو اها واحد غذا آهي. جنهن مان هنن کي نائٽروجن حاصل ٿيندي آهي، سولينڊ جو چوڻ آهي تہ آسمان انڪري نيرو نہ آهي تہ جيئن اسان جي اکين کي سهٽو لڳي پر انڪري نيرو آهي جو اسان جون اکيون آسمان جي نيراڻ سان هري ويون آهن ۽ ان کي پسند ڪنديون آهن. سڀ هيئتون ۽ رنگ اسان کي ايترو وڻندا آهن جيترو هو اسان جي نسل جي تجربي ۾ عام ٿي چڪا هوندا آهن. سائو گاهہ ۽ نيرو آسمان حسين آهي پر عادت هڪ سائي آسمان ۽ نيري گاهہ کي بہ اسان لاءِ وڻندڙ بڻائي سگهي ٿي.

ظاهر آهي تہ فائدي ڪانسواءِ وارو حسن سڪون جي شدت سان لاڳاپيل آهي جيڪا خواهش جي شدت کي ٿي ظاهر ڪري، ڪنجوس لاءِ مال ۽ زر فائدي وارو نہ آهي پر حسين آهي، هر اها شيءِ حسين آهي جيڪا شخصيت ۾ تحرڪ پئدا ڪري ماڻهوءَ کي توانو بڻائي. انڪري ئي روشني، منو آواز ۽ نرم ڇهاءُ حسين آهن. بدصورتي اسان جي توانائيءَ کي گهٽائيندي ۽ اسان جي هاضمي ۽ تنتن کي خراب ڪندي آهي ڪراهيت پئدا ڪندي آهي، ڏند ڪٽا ڪندي آهي يا شاعرن کي انقلاب جي دعوت ڏيندي آهي، ستيانا چوي ٿو تہ حسن معروضي مزو آهي يا جيئن اسٽينڌال غير شعوري طور هابز جي پيروي ڪندي چيو هو ”حسن مزي جو امڪان آهي.“

جيئن قومن ۾ فن تڏهن تخليق ٿيندو آهي جڏهن انهن ۾ دولت جي گهٽائي ۽ بيڪار طبقو پئدا ٿيندو آهي، ائين ماڻهوءَ ۾ بہ فن تڏهن پئدا ٿيندو آهي جڏهن بک هن کي تنگ نہ ڪندي آهي ۽ سندس جنسي خواهش وڌي ويندي آهي، ان جو جوش حسن جي احساس ۾ بہ ظاهر ٿيندو آهي، حسن جو احساس اسان جي جنسي قوت جي گهٽجڻ ۽ وڌڻ سان گهٽندو ۽ وڌندو آهي، محبت ايترو حسن کي تخليق ڪندي آهي جيترو حسن محبت کي تخليق ڪندو آهي. هر عاشق پنهنجي محبوبہ کي سڀ کان سهڻي عورت سمجهندو آهي، ڊي گورمنٽ ٺو چئي ٿو تہ هڪ بڇڙي ڏيڏر کان پڇو تہ حسن ڇا آهي تہ جواب ڏيندو: ”منهنجي مادي، جنهن جون بہ گول اکيون هن جي نندي متي مان نڪتل هونديون آهن، جنهن جو منهن ڦتل، پيٽ هيڊو ۽ پٺي پوري آهي.“

حسن ايترو تہ محبت سان لاڳاپيل آهي جو ان جو مدار انساني جسم جي انهن حصن تي آهي جن جي حيثيت جنسي لحاظ کان ٻئي نمبر جي آهي. مثال ڇاتيون، وار، ٻنڊڻ، ٻت جا ونگ ۽ نرم آواز. هيناهين نسل جون عورتون هترادو طور جسم جي انهن حصن کي وڌائينديون آهن ۽ جڏهن تہ مٿاهين نسل جا ماڻهو ڪجھ وقت لاءِ انهن حصن کي لڪائيندا آهن ڇاڪاڻ تہ لڪائڻ مبالغي وانگر اثرائتو هوندو آهي، لباس (حياءَ وانگر) حسن ۾ واڌارو ڪندو آهي ڇاڪاڻ تہ اهو روڪڻ جو هڪ انداز آهي ۽ روڪڻ خواهش کي وڌائيندو آهي، ستيانا چئي ٿو ”ديويون پنهنجو لباس لاهي نہ سگهنديون آهن ڇاڪاڻ جو هنن جون وصفون هو پاڻ هونديون آهن.“ شايد تہ ستيانا محتاط انداز ۾ هيءَ ڳالھ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ اڄوڪي مهذب ۽ تخليقي زماني ۾ لباس حسن لاءِ لازمي آهي.

اسان جي نسل لاءِ عورت جو حسن، حسن جي سڀ کان اعليٰ صورت آهي ان مان ئي حسن جون ٻيون صورتون جنم ٿيون وٺن. اهوئي حسن جو معيار آهي. مشهور ڊرامي ٿائيس ۾ پاپنوچي جو تصور هن کي چئي ٿو ”مان عورت جو حسن آهيان. بيوقوف،

تون مونکان پڇي ڪيڏانهن ويندين. تون منهنجي هڪ جهڙائي گلن جي چمڪ، ڪجيءَ جي وڻن جي حسن، ڪبوترن جي اُڏام، هرڻن جي چالن ۾، ندين جي لهرن ۽ چنڊ جي نرم روشنيءَ ۾ ڏسندين ۽ جيڪڏهن تون اکيون بند ڪندين ته مون کي پنهنجي اندر ۾ ڏسندين.“

جيڪڏهن حسن جو معيار يوناني رهي ها ته اسان جي جمالياتي شعور تي مرد جو حسن حاوي هجي ها. يونان ۾ دوستي محبت تي حاوي هئي. اسپارٽا ۽ ايٿنز ۾ حسن جو آدرش خوبصورت ۽ بهادر جوان هو، انڪري يوناني آرٽ ۾ هڪ مڪمل مرد ۽ راندين جي ميدان جو عڪس نظر ايندو، پر اسان جي حسن جو احساس اسان جي دلين ۽ زندگين تي عورت جي حاوي هجڻ جي عڪاسي ڪري ٿو، ۽ جيڪڏهن هن زماني ۾ اسان کي ڪڏهن ڪنهن مرد جو حسن متاثر ڪيو آهي ته اهو انڪري ته جيئن دوستيءَ واري محبت مضبوط ٿئي.

عورت حسن جو سرچشمو ۽ معيار انڪري ٿي بڻجي جو عورت لاءِ مرد جي محبت، عورت جي مرد لاءِ محبت جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مضبوط ۽ گهري هوندي آهي، ۽ مرد جي طلب جو جوش عورت جي حسن کي تخليق ڪندو آهي، عورت مرد جي ان تصور کي قبول ڪندي آهي. ته هوءَ مرد کان وڌيڪ حسين آهي ۽ چاڪاڻ ته هن ۾ ملڪيت حاصل ڪرڻ جي خواهش کان وڌيڪ محبوب بڻجڻ جي خواهش هوندي آهي، انڪري هوءَ پاڻ ۾ انهن هرڪائڻ وارن صفتن کي اُپاريندي آهي جيڪي خواهش کي وڌائيينديون آهن. پيو هي ته عورت مرد ۾ حسن نه ڳولهيندي آهي ۽ نه ئي پنهنجي محبوب ۾ حسن جو تصور ڪندي آهي. هوءَ مرد ۾ طاقت ۽ ٻارن جي حفاظت ڪري سگهڻ جي صلاحيت کي ڳولهيندي آهي. هوءَ اهو به ڏسندي آهي. هن کان جيترو پڇندو هو دنيا جا خزانا هن جي قدمن ۾ آڻي رکندو.

حسن جو خواهش سان لاڳاپيل هجڻ جو وڏو مثال هي آهي ته جڏهن محبوب شيءِ حاصل ٿي ٿئي ته ان جي حسن جو احساس

گهتجي ٿو وڃي. تمام ٿورا مرد ان فلاسافي صفت وارا هوندا آهن، جو ان شيءِ کي به چاهيندا آهن جيڪا هنن وٽ موجود هوندي آهي، ۽ اهڙن ماڻهن کان به گهٽ اهي ماڻهو آهن جيڪي اهڙي شيءِ ۾ به حسن ڏسندا آهن، جيڪا خواهش کي نه جاڳائيندي آهي، ها جيڪڏهن موت اسان کان اسان جي زندگيءَ جي ساٿيءَ کي کسي وٺي يا وري کو ٻيرو جوان اسان جي ملڪيت تي قاصباڻي نظر وجهي ته خواهش وري جاڳي پوندي آهي ۽ حسن ۾ وري ڪشش پئدا ڪندي آهي، اها ڪيڏي نه عجيب ڳالھ آهي ته اهو چهرو جيڪو هاڻي عام تي ويو آهي اهو ساڳيو چهرو انهن اکين لاءِ جيڪي سدائين کيس ڏسنديون رهيون آهن، هڪ دفعو وري رومان ۽ شاعريءَ جو مجسمو بڻجي سگهي ٿو. خدا اسان کي توفيق ڏي ته اسان پنهنجي زندگيءَ جي ساٿيءَ کي انهن نظرن سان ڏسي سگهون جن نظرن سان ٻيا هن کي ڏسندا آهن.

## 4- ثانوي سونهن- فطرت:

محبت حسن جي ماءُ آهي ان جو ٻار نه آهي، اها شين جي حسن جي نه پر انساني حسن جو بنياد آهي پر اسين انهن لکين شين جي حسن جي ڪهڙي تشريح ڪري سگهون ٿا، جيڪي اسان کي سهڻيون لڳنديون آهن، پر انهن جو محبت سان ڪو تعلق نه هوندو آهي. اسان پنهنجي چوڌاري پکڙيل حسن جي ڪيئن وضاحت ڪري سگهون ٿا.

جيئن لغتن ۾ ڪن لفظن جي معنيٰ هڪ بنيادي ۽ ٻي ثانوي هوندي آهي، اهڙيءَ طرح هر جبلت جا مقصد ۽ مزا بنيادي ۽ ثانوي هوندا آهن، خوراڪ حاصل ڪرڻ جي جبلت ملڪيت جي عام جبلت بڻجي ويندي آهي، جيڪا هر قيمتي شيءِ کي حاصل ڪرڻ گهرندي. خوراڪ يا محبوب لاءِ وڙهڻ جي جبلت وڙهڻ جي عام جبلت تي ويندي آهي ۽ اهڙو وڙهڻ جو مقصد وڙهڻ ڪانسواءِ ٻيو نه هوندو آهي. اهڙيءَ طرح جمالياتي جذبو به محبوب، هن سان واسطو رکندڙ شين، هن جي عادتن، هن جي قول ۽ فعل جي انداز

هن جي شين ۽ انهن جهڙن ٻين شين تائين پکڙجي ويندو آهي ۽ ساري دنيا محبوب جي حسن ۾ شريڪ ٿيڻ لڳندي آهي.

انهن شين تي غور ڪيو جيڪي اسان کي ڇهڻ سان سهڻيون لڳنديون آهن، گول شيون، نرم شيون، وريل شيون، اهي اسان کي ڇو مزو ڏينديون آهن، رڳو انڪري ته اهي گول، نرم ۽ وريل آهن. ڪاٻه چوڪندي شيءِ ڪنهن ذهنن لاءِ سهڻي ٿي سگهي ٿي جيئن ارسطوءَ لاءِ چوڪندو انصاف جي علامت هو. ڇا اسين گول، نرم ۽ وريل شين کي انڪري پسند ڪندا آهيون جو اهي اسان کي محبوب جو جسم ياد ڏياريندڻيون آهن.

هاڻي ٿورو سنگهڻ جي احساس تي غور ڪيو. اسان ڌوتل جسمن جي پاڪائي، گلن جي خوشبو جي اتل مان ڇو مزو وٺندا آهيون. ڇا ان لاءِ جو اوائلي دور ۾ جنس لاءِ سنگهي چونڊ ڪئي ويندي هئي. گل، ٻوٽن جي نسلي جزن کي محفوظ ڪندا آهن. ۽ اسان جون محبوب خوشبوئون (ڪيميا واري خوشبوئن کان پهرين) ڪن جانورن جي جنسي عضوي مان نهنديون هيون ۽ عورت دِلين کي ڏُتارڻ وارين خوشبوئن جي ماهر هوندي آهي.

ٿورو ٻڌڻ واري خوبصورتيءَ جي احساس تي غور ڪيو، آواز جي حسن جو تصور اصل ۾ گفتگو يا ڳاني مان پئدا ٿيو آهي، عورت جو نرم آواز هڪ نهايت حسين شيءِ آهي هن جي ديدار ڪان وڌيڪ وٹندڙ ٿي سگهي ٿو. ڪنهن کهري آواز جي ڪري سم جي ڪشش اڌ ٿي ويندي آهي. مانئي گازا جو چوڻ آهي ته ڪن عورتن جو آواز تڪليف ڏيندڙ هوندو آهي. ايلس ٿو چئي ته مرد جي پيٽ ۾ عورت ڳري آواز کي پسند ڪندي آهي. ڇاڪاڻ ته گهٽو ڪري هوءَ حسن کان وڌيڪ طاقت کي پسند ڪندي آهي ۽ مرد جو رعبدار آواز جيڪو طاقت جي جنسي چونڊ مان پئدا ٿيو آهي، سو جڻ ته تحفظ ۽ خوشحاليءَ جو واعدو آهي.

ٿي سگهي ٿو ته شروع ۾ آواز جنس جو سڏ هجي، هڪ سرلو ڪن ڏيڏرن جي آواز ۽ پکين جي لاتين ۾ هومر جي شاعري

جون قسمين قسمين موجون ۽ شيڪسپيئر جي تصور جا سمنڊ ٻڌي سگهي ٿو. آواز مان نغمو پيدا ٿيو جيڪو لازمي طرح محبت سان لاڳاپيل آهي. (جيتوڻيڪ مذهب ۽ جنگ ان کي ڪي قدر چورايو آهي) نغمي مان ناچ پيدا ٿيو جيڪو محبت جي هڪ رسم آهي ۽ نغمي ۽ ناچ موسيقيءَ مان جنم ورتو. ان عشق واري ابتدا جي ڪري موسيقي تمام پري تائين پهتي ۽ موسيقيءَ، جنهن عشق مان جنم ورتو آهي اها ان سان اجا تائين لاڳاپيل آهي ۽ ڪابہ ڇوڪري ان ڪانسواءِ محبت ڪري نٿي سگهي. اها ڇوڪري جيڪا موسيقيءَ جي ذريعي محبت جو اظهار ڪندي آهي شاديءَ ڪانپوءِ بہ ٽي سال پيانو جي ويجهو نہ ويندي آهي، جڏهن هڪ حيوان قبضي ۾ اچي چڪو هجي تہ ان کي وڌيڪ مسحور ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ مرد پنهنجي محبوبہ آڏو وڏي آواز ۾ گيت ڳائيندو هو. شاديءَ جي سخت ذميوارين جي بار هيٺان دٻجي هو موسيقيءَ جون صلاحيتون وڃائي ڇڏيندو آهي، ۽ رڳو مجبوريءَ جي ڪري استراونسڪي، شوئن برگ ۽ رچرڊ اسٽراؤس جي سنگت ۾ ويهندو آهي.

پر رڳو محبت ٻڌڻ واري حسن جي انهن پاسن جي تشريح ڪري نٿي سگهي. مني آواز جو مزو هڪ خودمختيار جزو آهي. ساهہ جو اچڻ وڃڻ، دل جو دهڪو، ايستائين جو جسم جو بہ طرفو توازن اسان کي آواز جي ترنم جي هيٺاهين مٿاهين ڏانهن ڇڪي ٿو ۽ رڳو محبت جو جذبو ئي نہ پر سمورو روح ان مان تسڪين حاصل ڪري ٿو. اسان گهڙيءَ جي ٽڪ ٽڪ ۽ قدمن جي باقاعدي آواز ۾ ترنم ڳولهي لهندا آهيون، اسان جهولڻ، شعر، ناچ ۾ اُبتي چڪر، تضادن ۽ انتهائن کي پسند ڪندا آهيون.

موسيقي پنهنجي ترنم سان اسان کي آٿت ڏيندي آهي ۽ پنهنجي لورين سان اسان کي انهن دنيائن ۾ وٺي ويندي آهي جيڪي هن دنيا کان گهٽ ظالم آهن. موسيقي ڏک ختم ڪري سگهي ٿي. هاضمي کي بهتر ڪري سگهي ٿي، محبت لاءِ تحرڪ پيدا ڪري سگهي ٿي ۽ ٻڍي ويل چرين کي جهلڻ ۾ مدد ڏيئي

سگهي ٿي. موسيقيءَ وسيلي پيراگوئي جي عيسائين انڊين غلامن ۾ ڪم وڌارو ۽ ڪم جي تڪليف کي گھٽايو. هن جي ذريعي هڪ سپاهي سريلي تسڪين سان موت جي منهن ۾ وڃي سگهي ٿو. هائيڊين ڪنهن جرنيل کان وڌيڪ هيلپس برگ خاندان جي خدمت ڪئي ۽ ان جي ڪنهن کي خبر ڪانهي ته روس جي زار جي فوجن جي همت روس جي عظيم قومي تراني ڪيئن وڌائي. ٿورو جو خيال هو ته موسيقي کان وڌيڪ انقلاب پئدا ڪرڻ واري ڪا شيءِ ڪانهي. هو حيران هو ته اسان جا پيا ادارا ان کان اثرانداز ڇو نٿا ٿين، ٿورو هڪ انقلابي هو. موسيقي اسان کي بي عملي ۾ آڻي سگهي ٿي ته اسان ۾ عمل جو جذبو به پئدا ڪري سگهي ٿي. ٽالسٽاءِ گورڪيءَ کي چيو هو. تون جتي غلام رکڻ چاهين اُتي توکي وڌ کان وڌ موسيقي پهچائڻ گهرجي چاڪاڻ جو موسيقي ذهن کي مڏو ڪري ڇڏيندي آهي. هي پوڙهو روسي پيوريٽن، افلاطون سان اتفاق ڪري ها، جنهن جي زميني تصوراتي جنت ۾ ڪوبه شخص سورهن ورهين جي عمر کان پوءِ موسيقيءَ مان مزو وٺي نه ٿي سگهيو.

آخر ۾ ٿورو نظر جي حسن تي به غور ڪيو. ماڻهو جڏهن ٻن ٽنگن تي سڌو ٿي بيٺو ته هن جي سنگھڻ واري طاقت ۽ ان جي اوليت ۽ اڳواڻي ختم ٿي ۽ نظر جلدئي جمالياتي احساس تي حاوي ٿي وئي. نظر جو حسن به ٻڌڻ جي حسن وانگر اسان کي هڪ محبوب عورت جي حسن کان پري ڪري ڇڏيو. ۽ اسان وري جماليات جي مسئلي جي وچ ۾ پهچي ويا آهيون. بدن جا ور وڪڙ، توازن ۽ تناسب ۽ ڪثرت ۾ وحدت شخصي حسن جا سبب آهن يا نتيجو؟ انهن جي حيثيت بنيادي آهي يا ٻئي درجي جي. ڇا اسان عورت سان انڪري محبت ٿا ڪيون جو هوءَ توازن، وحدت ۽ پاڻ ڏانهن ڇڪيندڙ رنگ جو مجسمو هوندي آهي يا اهي خاصيتون جتي به اسين ڏسون ٿا ته اهي انڪري اسان کي متاثر ٿيون ڪن جو اهي اسان کي هڪ مڪمل عورت ياد ٿيون ڏيارين. اسان چوندا آهيون ته هن عورت جي ڳچي بدڪ جي ڳچيءَ جهڙي آهي اهڙيءَ

طرح اسان بدڪ کي حسن جو معيار ٺاهيندا آهيون، شايد شروع ۾ اسان محسوس ڪندا هئاسين تہ بدڪ جي ڳچي هڪ حسين عورت جي ڳچيءَ جهڙي آهي. حسين شيءِ اها آهي جنهن سان محبت ڪئي وڃي، شايد فن جو سرچشمو حيوان يا انسان جي اها صلاحيت آهي تہ اهو انهن رنگن کي نقل ڪندا آهن جيڪو قدرت لڳ جي مند ۾ پکين ۽ جانورن ۾ پيدا ڪندي آهي ۽ جيڪي محبوب جي نظرن جي سامهون چلڪندا چمڪندا آهن جيئن اسان ڏسي آيا آهيون تہ پکي پنهنجي آکيري کي چمڪندڙ شين سان سجائيندو آهي جيڪي خواهش کي اُڀاريندڙيون آهن، پوءِ جڏهن ماڻهو لباس پائڻ شروع ڪيو تہ رنگ جسم مان لباس ۾ اچي ويا انهن جو مقصد اهوئي هو تہ اهي نظرن کي پاڻ ڏانهن ڇڪن ۽ سيني رنگن ۾ ڳاڙهو رنگ اهڙو هو جنهن سيني کان وڌيڪ رت ۾ جوش ٿي پيدا ڪيو. اهڙيءَ طرح نغمو ۽ ناچ، موسيقي ۽ بت تراشي جا قسم محبت مان پيدا ٿيندا آهن. عمارت سازي هڪ اهڙو فن آهي جيڪو خودمختيار ٿو لڳي. ان لاءِ جو ان جي ڪشش حسن ۾ نہ پر ان جي عظمت ۾ آهي. عظمت جو حسن سان اهڙوئي تعلق آهي جهڙو نر جو ماديءَ سان. پر لذت عورت جي محبوب جمال مان نہ مرد جي تعريف جهڙي توانائيءَ مان ٿي پيدا ٿئي. عورت شايد تہ عظمت کان وڌيڪ متاثر ٿي ٿئي ۽ مرد حسن کان وڌيڪ متاثر ٿو ٿئي. مرد حسن جي استعمال ۾ وڌيڪ اڳرو، ان جي خواهش ۾ وڌيڪ پرجوش ۽ هن جي تخليق ڪرڻ ۾ وڌيڪ مستقل مزاج هوندو آهي. جيئن اسان کي برڪ ٻڌايو آهي تہ عظمت محفوظ ماڻهوءَ لاءِ وڌيڪ خطرناڪ ۽ طاقتور ٿيندي آهي. هني بال ۽ سيزر ايلپس جي بلنديءَ تي ڪو تبصرو نہ ڪيو آهي. هنن لاءِ ان جي حيثيت حسن جي نظاري واري نہ پر سموري دهشت واري هئي. هنن جي ان مرداڻي بي نيازيءَ جي پيٺ روسوي يوناني احساس سان ڪئي جنهن جديد انسان جي روح لاءِ ايلپس کي ڳولهي لڌو. روسو محفوظ هو هن کي انهن ويران بلندين تي فوجون نہ چاڙهڻيون هيون. شايد (جيئن سُرجي ٿو چئي) يونانين فطرت جي

مصوري ان لاءِ نہ ڪئي جو فطرت هنن لاءِ خطرو هئي جنهن ڪي هو بي نياز ٿي ڏسي نہ ٿي سگهيا.

فطرت جي نظارن جي تعريف ۾ حسن محبت واري سرچشمي ڪان گهٽو پري ٿي ويندو آهي. قدرت جي نظارن کي ڏسي اسان کي جيڪا خوشي ٿيندي آهي اها مرداڻي عظمت جي ڪري آهي پر ان مان گهٽي خوشي ان آرام واري حسد مان پئدا ٿيندي آهي جيڪو حسن ڪنهن سهڻي عورت جي سيني تي مٿو رکڻ جهڙو هوندو آهي. ٿورو ڪورو ڪي ڏسو، لڏندڙ سايون ٻنيون، چانو ڪندڙ شاهہ بلوط ۽ اهي واهڙ جيڪي جهڪيل شاخن جي هينان وهن پيا، ان قدرتي حسن ۾ عورت جو حسن ڪٿي لڪل آهي؟

اسان کي ڪنهن اهڙي اصول جي ڳولها ڪرڻ نہ گهرجي جيڪا ساري دنيا سان لاڳو هجي. فطرت کي انهن اصولن ڪان نفرت آهي جيڪي هن جي لامحدود قسمن کي نظرانداز ڪندا آهن. فطرت اسان جي مقرر ڪيل عالمگير اصولن جي پچڪڙين جا ڪيترا مثال اسان جي آڏو آڻي سگهي ٿي. اسان کي رڳو ان ڳالهہ تي مطمئن ٿي وڃڻ گهرجي تہ ڪو احساس جيڪو اصل ۾ جنسي آهي، انهن شين تي ڦهلجي سگهي ٿو جن جو محبت سان ڪو تعلق ڪونهي. جنس جي وڌندڙ قوت جي شدت نظاري جي ديدار ۾ استعمال ٿي سگهي ٿي. جهڙيءَ طرح اها قوت مذهب، دوستي، اجتماعي تصور پرستيءَ ۽ فن جي آبياري ڪري سگهي ٿي.

هتي بہ اسان کي نازڪ رشتا ملندا، هڪ ٻار زمين ۽ آسمان جي حسن ڪان متاثر نہ ٿيندو آهي، پر تعليم ذريعي ۽ ٻين جي اهل ڪندي انهن مان مزو وٺندو آهي، پر جڏهن محبت روح ۾ گرمي پئدا ڪندي آهي تڏهن هر قدرتي شيءِ سهڻي لڳندي آهي، عاشق ندين، وڻن، روشن محبت ۾ پنهنجي محبت اوتيندو آهي، گل سيني سهڻن شين ڪان وڌيڪ سهڻا آهن. اهي ئي گل تناسل جا ذريعا ۽ اهڃاڻ ۽ مردن ۾ نرمي ۽ پاڻ ارپڻ جون نشانيون آهن. جڏهن وقت جو ورجاءُ ساڳيو ٿو رهي ۽ زندگيءَ ۾ ڪا نواڻ نٿي

رهي ۽ محبت جو جذبو مري ٿو وڃي تہ پوءِ فطرت جي حسن جو مزو بہ ختم ٿو ٿي وڃي ۽ وڏيڪ پوڙها ماڻهو ننڍي عمر وارن وانگر جهنگ جي رنگت ۽ خوشبوئن، ستارن جي دل کي ڏتاريندڙ عظمت، سمنڊ جي بي ڊپائتي لهرن کان متاثر نہ ٿيندا آهن. زمين ۽ آسمان جي هر حسن تي جنس جي ديوتا جا پيرا نظر اچن ٿا.

## 5۔ ٽيون حسن، فن:

پيار جي اُتل جيڪا شخصن مان شين تائين پکڙجي ٿي ۽ اسان جي زمين کي سونهن بخشي ٿي، سا نيٺ تخليقي جذبي جي شڪل ۾ ظاهر ٿي ٿئي. مرد حسن سان روشناس ٿي ان جي تصور کي ذهن ۾ رکندو آهي ۽ ڪيترين حسين شين جي تصورن کي ملائي هڪ آدرشي حسن تخليق ڪندو آهي جنهن ۾ ٻين حسين شين جو حسن ڳنڍجي هڪ ٿي ويندو آهي.

حياتياتي نقطئہ نگاهہ کان فن حيوانن جي لِڱ جي مُندَ ۾ ناچ ۽ راڳ مان پئدا ٿئي ٿو. فن پاري ۾ ۽ انهن جي رنگن ۽ هيئتن جي گهٽائيءَ مان جنم ٿو وٺي جن سان قدرت لِڱ جي مند کي سينگاريندي آهي. جڏهن پکيءَ پنهنجي محبوبہ لاءِ آکيرو ناهيو تڏهن فن پئدا ٿيو. تاريخي لحاظ کان فن بت تراشي، لباس ۽ اڻ سڌريل ماڻهن جي بت تي ڪارا ڳاڙها ليڪا ڪڍڻ جي رسم سان شروع ٿيو. گروس ٿو چئي تہ آسٽريليا جا جهنگلي جتي ويندا آهن تہ پاڻ سان ٻوريءَ ۾ اڇو، ڳاڙهو ۽ هيڊو رنگ کڻي ويندا آهن. عام ڏينهن ۾ هو ڳلن تي هلڪا رنگ لڳائيندا آهن ۽ جنگ جي ڏينهن ۾ بدن تي قسمين قسمين رنگ ملي عجيب غريب شڪليون ناهيندا آهن تہ جيئن دشمن ڊڄي وڃي. ڏِڻن ۽ محبت جي موقعن تي هو ساري جسم تي رنگ مليندا آهن تہ جيئن ڇوڪرين جو ڌيان ڇڪائي سگهن. جنگ ۽ محبت جي موقعن لاءِ ڳاڙهو رنگ دل پسند رنگ آهي. ڪي قبيلا ڳاڙهو رنگ ايترو تہ پسند ڪندا آهن جو ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ سفر جو سختيون سهندا آهن.

مرد عورتن کان وڌيڪ بت تي رنگ مليندا آهن ۽ ڪن علائقن ۾ ڪنواري عورتن کي ڪنڌ تي رنگ ملڻ جي اجازت نہ آهي.

پر رنگ ڏوپجي تا وجن انکري اڻ سڌريل ماڻهن يونانين وانگر (جيڪي رنگ جي ڏوپجي وجڻ جي ڪري مصوريءَ کي گهٽ نظر سان ڏسندا هئا) ڪنهن پائيدار فن کي ڳولهڻ شروع ڪندا آهن. هو پنهنجي جسم ۾ سوئيءَ سان رنگ تو پري، ڪڏهن ڪڏهن هو گل کي ڪٽي زخم ۾ متي پري ان کي پڪيڙي تو چڏي، تورز استريش ۾ مرد پنهنجن ڪلهن کي زخمي ڪندا آهن، انهن مان سڀ کان ڏکيو فن ڪنن ۽ هينين چپ کي توپڻ وارو آهي. بوتوڪيوڊو قبيلي جو نالو تبوڪ مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي سيخ، جيڪا جوانيءَ جي شروعات ۾ ڪنن ۽ هينين چپ کي توپڻ لاءِ استعمال ٿيندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهي سيخون چگيون ٿلهيون هونديون آهن، ايستائين جو انهن سان ڪيل تنگ چار انچ قطر جو بہ هوندو آهي. شهري عورتن کي جڏهن انهن جون ڳالهيون ٻڌائبيون آهن تہ ڊپ مان پنهنجي ڪنن جا ايرينگ لوڏائڻ شروع ڪنديون آهن.

لباس جو پهريون ڪم فائدو ڏيڻ نہ هو پر جمالياتي هو، ڊارون جڏهن فيوجي جي هڪ سيءَ ۾ ٺرڪندڙ رهاڪوءَ تي ترس کائي ڪيس بت کي ڍڪڻ لاءِ ڳاڙهو ڪپڙو ڏنو تہ هن وڏي خوشيءَ سان قيمتي ڪپڙي جا ڪيترا ٽڪرا ڪيا ۽ اهي پنهنجن دوستن ۾ ورهايا ۽ هن جي دوستن سينگار لاءِ انهن ٽڪرن کي بت تي ٻڌي ڇڏيو. لباس جو حسن لاءِ افاديت کي قربان ڪرڻ جو مثال اڄ جي دور جي نوجوان ڇوڪري آهي، جيڪا اونهاري ۾ گرم مفلر ڳلي ۾ ويڙهندي آهي ۽ سياري ۾ ڳلو اگهاڙو ڪندي آهي.

پنهنجي جسم کي سينگارڻ ڪانپوءِ اوائلي دور جي انسان شين کي سينگارڻ شروع ڪيو. دشمن کي ڊيڄارڻ لاءِ هن ايڪيليز جي ڍال وانگر پنهنجن هٿيارن کي رڱيو. پٿر جي اوزارن تي چٽسالي ڪئي جيڪي اڄ بہ موجود آهن، غارن جي ديوارن تي

انهن جانورن جون تصويرون ناهيون جن جو هن شڪار ڪرڻ تي گهريو يا جن جي هو پوڄا ڪندو هو.

مذهب جيتوڻيڪ حسن جو سرچشمو نہ آهي، پر محبت ڪانپوءِ مذهب فنن جي ترقيءَ ۾ سڀ کان وڏڪ حصو ورتو. اسان جي ڄاڻ مطابق بت تراشي قبرن جي منارن جي تعمير سان شروع ٿي جيڪي قبرن جي سڃاڻ لاءِ ناهيا ويندا هئا. فن وڌي ترقي ڪئي تہ مناري جي مٿين حصي کي انساني شڪل وانگر ۽ پوءِ پوري مناري کي انسان جهڙو ناهيو ويو ۽ پوءِ ماڻهوءَ ۾ صبر وڌيو تہ هنن وڌي تحمل ۽ استقلال سان بتن کي وڌيڪ سهڻو بنائڻ شروع ڪيو ۽ انهن کي غير فاني بڻائڻ لاءِ انهن ۾ ديوتائن جا وصف اُياريا، رڳو اعليٰ درجي واري بت تراشي ئي محبت سان ڪئي ويندي آهي. تعمير جو فن قبرن جي تعمير سان شروع ٿيو. دنيا ۾ سڀ کان پراڻيون عمارتون مصر جا احرام آهن جيڪي قبرون آهن. شروع ۾ گرجائون، مقبرا هئا جتي مئل بزرگن جي عبادت ٿيندي هئي. آهستي آهستي مُردن کي عمارت سان لڳ واري ميدان ۾ دفن ڪرڻ شروع ڪيائون، اڄ بہ ويسٽ منسترايبي ۾ پراڻن بزرگن جون قبرون گرجا جي عمارت جي اندر آهن. اهڙيءَ شروعات سان اهي عظيم الشان مندر وجود ۾ آيا جيڪي يونانين پيلازائين ۽ ٻين ديوتائن جي مان ۾ ناهيا هئا ۽ اهڙي شروعات سان انسان جون اهي تخليقون يعني گاٿا گرجائون، جيڪي مقدس بزرگن جا مقبرا هيا، ناٽڪ جو سرچشمو، بہ مذهبي رسمون ۽ ڏڻَ هئا. شڪ ڪرڻ واري يوريڊيز جي وقت تائين ناٽڪ کي ايٿنز ۾ مقدس سمجهيو ويندو هو ۽ اڄڪلهہ جو ناٽڪ جيڪو جديد فنن ۾ سڀ کان وڌيڪ غيرمذهبي آهي اهو بہ انهن عبادتن ۽ پاڪ رسمن مان پئدا ٿيو جيڪي وچين دور ۾ حضرت عيسيٰؑ جي زندگي ۽ موت جي منظرن جي عڪاسي ڪنديون هيون. گرجائن جي سجاوٽ ۾ بت تراشيءَ هڪ نئون شان ۽ نئين بلندي حاصل ڪئي ۽ مصوري عيسائيت جي اثر هيٺ اوج تي پهتي.

پر مذهب جي خدمت ڪندي بہ فن محبت سان پنهنجي تعلق جو اظهار ڪندو رهيو. نشاة الثانيہ جي مقدس تصويرن ۾ حسين جسم جي پوڄا جو عنصر بہ شامل آهي. نشاة الثانيہ جڏهن روم کان وينس پهتو ۽ شين جو رُخ ڪيو تہ فطرت پرستي حاوي رهي ۽ مقدس محبت جي جاءِ غيرمقدس محبت ورتي.

جهڙيءَ طرح مذهبي جنس جي ديوتا کان طاقت ٿو حائل ڪري. اهڙيءَ طرح حسن جي تخليق جو هر عنصر جنس جي ديوتا جو محتاج آهي. سُر محبت سان واسطو ڳنڍي راڳ، ناچ ۽ شاعريءَ کي تخليق ٿو ڪري نقالي، سنگ تراشي ۽ مصوري جي اوسر ۾ مدد تي ڏي. پر اها محبت ئي آهي جيڪا ان شيءِ جي چونڊ ٿي ڪري جنهن جي اسان نقالي تا ڪيون. سُر ۽ نقاليءَ کي محبت جي جذبي سان ملايو تہ اوهان کي گهٽي قدر ادب جي وجود ۾ اچڻ جو سبب ملي ويندو. ايستائين جو ڊانتي جو خدائي نغمو، جيڪو ظاهريءَ طرح انساني زندگيءَ جي تمثيل آهي، حقيقت ۾ محبت جو نغمو آهي.

جنسي قوت جو هي اندرئي اندر چوليون هڻندڙ درياهہ فنڪار جي تخليقي جذبي جي آبياري ٿو ڪري، ڪن فنڪارن ۾ جنس ۽ فن جي هڪ ئي وقت اوسر ٿيندي آهي. اهڙي ميلاپ سان روماني نوع جا جينيئس پئدا ٿيندا آهن. سيفو، سڪندر، ليوڪريٽس، بائرن، شبلي، ڪيٽس، سون برن، هيوگو، روسو، پيٽرارڪ، برونو، گيورجيئن، شلر، هائيني، پو، شؤمن، شوبرٽ، شوپين،اسٽرينڊ برگ، آرزي بيشيف ۽ چئيو ڪوئسڪي، اهي اهڙا جينيئس آهن جن جي لکڻين ۾ تخيل عقل تي حاوي هوندو آهي ۽ جن ۾ جنس ۽ فن هڪ ئي سرچشمي مان توانائي حاصل ڪري، فنڪار کي ختم ڪري ڪيس جوانيءَ جي پڄاڻيءَ کان اڳ ئي جسماني ۽ روحاني طرح مئل بڻائي ڇڏيندا آهن. جيئن تہ خواهش هنن ۾ مستقل غم جي صورت اختيار ڪندي آهي انڪري هو حساس، جذباتي، غم جا عادي ۽ حد کان وڌيڪ تخيل پرست هوندا آهن، عجيب غريب ۽ نادر شين ۾ هنن لاءِ وڏي ڪشش هوندي

آهي. اهڙا ماڻهو محبت جي شاعري، مصوري، موسيقي ۽ فلاسافي پئدا ڪندا آهن ۽ هر عاشق هنن جي تخليقات کي پسند ڪندو آهي.

پر ٻين فنڪارن ۾ جنس جي اُٿل سراسر تخليق جي راهه اختيار ڪندي آهي، محبت جو زور گهٽبو آهي، جذبات وس ۾ ٿي ويندا آهن، عقل ۽ ذهن هر شيءِ تي ڇانئجي ويندو آهي. ان عظيم بلنديءَ مان ڪلاسيڪيءَ جينيئس پئدا ٿيندو آهي. جيئن سقراط، سفوڪلس، ارسطو، آرشميدس، سيزر، گيليليو، گيوٽو، لونارڊو، ٽئيئن، بيڪن، ملٽن، نيوٽن، هابز، باخ، ڪانٽ، گوئٽي، هيگل، ترگنيف، فلابيئر، رنبان، اناطول فرانس. اهي ٽڏي دماغ وارا ماڻهو آهن جن خواهش تي حاوي ٿي پنهنجي ذهني انتشار کي بلندي تي پهچائي ان کي نچندڙ ستاري ۾ بدلائي ڇڏيو. اهي ماڻهو وڏي صبر ۽ استقلال سان آهستي آهستي ڪم ڪندا آهن. الهام ۽ وجدان جا منتظر نہ هوندا آهن. هنن جي قول ۽ فعل ۾ توازن ۽ ضابطو هوندو آهي. هو آهستي آهستي وڌندا آهن ۽ ٿيهن ورهين جي عمصر کان پوءِ هو اعليٰ تخليق ڪندا آهن، ڪين سني شهرت ملندي آهي ۽ گهڻو ڪري ڊگهي عمر ماڻيندا آهن. هنن ۾ روماني نوع جي فنڪار کان وڌيڪ اعليٰ قوت نہ هوندي آهي. جيڪا سموري عظمت جو سرچشمو ۽ ٻين کان الڳ ۽ اعليٰ هجڻ جي نشاني هوندي آهي. پر ان سرچشمي مان هو جنس لاءِ گهٽ ۽ فن لاءِ وڌيڪ طاقت حاصل ڪندا آهن، مائيڪل اينجيلو، بيٿون ۽ نيپوليئن کي ان لاءِ عظمت حاصل هئي جو هنن ۾ جينيئس جا ٻئي قسم انسان کان مثاهين مقام تي، پاڻ ۾ هڪ ٿي ويا هئا.

نتشي چيو آهي تہ "ماڻهوءَ جي ذهانت هڪ خوفناڪ چمڙي جهڙي هوندي آهي." اها پنهنجي شعلي ۾ ڪيس ساڙي ڇڏيندي آهي. محبت جو بہ اهو ئي طريقو آهي ۽ جيڪڏهن ٻئي هڪ ئي وقت ڪنهن ماڻهوءَ تي حاوي ٿي وڃن تہ پوءِ اهو ماڻهو اعليٰ تخليق تہ ڪندو، پر سندس آواز جلدئي بند ٿي ويندو. حسن ۽ فن وانگر جينيئس بہ پنهنجي طاقت ان تخليقي سرچشمي مان حاصل ڪندو آهي جيڪو هميشہ نسل کي تازو ڪندو رهندو آهي، ۽ زندگيءَ کي غيرفاني بڻائيندو آهي.

## 6. معروضي حسن:

اسان کي جن سوالن جو جواب ملي نہ سگھيو آهي انهن مان هڪ سوال خاص ڪري وڏي اهميت وارو آهي تہ ڇا حسن جي ڪا معروضي حيثيت آهي يا اهو هڪ ذاتي ۽ داخلي ڪيفيت آهي. ايلس جنهن جو رايو بيشڪ تہ احترام لائق آهي (ڇاڪاڻ جو اهو سندس علمي تجربي تي ٻڌل آهن) تنهن جو چوڻ آهي تہ حسن ڏسڻ واري جو محتاج نہ آهي پر خودمختيار آهي، پنهنجي ان راءِ جي حمايت ۾ هن چيو آهي تہ دنيا جي گهٽي ڀاڱي نسلن جا جمالياتي لاڙا بنياديءَ طرح هڪجهڙا آهن. پر جڏهن اسان چيني موسيقي ۽ زولو قبيلي جي وَڏَ ڪُٺَ کي ڏسون ٿا تہ اهو خيال ايترو صحيح نٿو لڳي. حسن بہ اخلاق وانگر جاگرافيائي حالتن سان بدلجي ٿو، ڊارون ٻڌائي ٿو تہ ناهيٽي ۽ جهنگلي ماڻهو بيني نڪ کي پسند ڪندا آهن ۽ ٻارن کي سهڻو بنائڻ لاءِ سندن نڪُ ۽ نراڙ کي دٻائيندا آهن. مايا قبيلي جا ماڻهو زيورن سان پنهنجن ٻارن جا نڪ ۽ ڪن ٽوپيندا آهن، سندن ڏندن کي گسي انهن تي ڪو فريم چاڙهيندا آهن، سندن مٿا تختي هيٺان دٻائيندا آهن ۽ ڪين ٽيڏو ٽيڻ سيکاريندا آهن جوان ۾ ئي هنن کي حسن نظر ايندو آهي، منگوپارڪ اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ ڪارن حبشين سندس اڇي رنگ جو مذاق ٿي اڏايو. اوپر آفريقا جي ڪناري تي جڏهن حبشي ٻارن رچرڊ برٽن کي ڏٺو تہ دانهون ڪرڻ لڳا تہ ”هن اڇي ماڻهوءَ کي ڏسو، هي اڇي باندر جهڙو نٿو لڳي؟“ ۽ اسان وري ائين چئي سگهون ٿا تہ زولو شيدي هڪ ڪاري گوريلي وانگر آهي. شايد اسان ٻئي صحيح نٿا چئون.

يا وري ڪن آفريقي حسينائن جي بت تي چربي چاڙهڻ جي شوق تي غور ڪريو. ڊارون ٿو چئي تہ ڪيترن ماڻهن کي اها ڄاڻ آهي تہ هاٽن ٽوٽ عورتن جا ٻنڊڻ تمام گهڻو ٻاهر نڪتل هوندا آهن ۽ سر ايندريو سمٿ کي پڪ آهي تہ هنن جي مردن کي سندن اها خاصيت وڻندي آهي، هڪ دفعي هن هڪ عورت کي ڏٺو جيڪا قبيلن ۾ پنهنجي حسن جي ڪري مشهور هئي هن جا ٻنڊڻ ايترا تہ

وڏيل هئا جو جڏهن هوءَ سڌي زمين تي ويهندي هئي تہ اتي نہ سگهندي هئي ۽ رڙهندي رڙهندي لاهيءَ تي پڄندي هئي ۽ پوءِ اُٿي سگهندي هئي. جدا جدا قبيلن جي ڪن عورتن ۾ اهائي صفت هئي ۽ برٽن ٿو چئي تہ سومال قبيلي جي مردن لاءِ چيو ٿو وڃي تہ هو عورتن کي هڪ قطار ۾ بيهاريندا آهن ۽ جنهن جا ٻنڊڻ وڏيڪ ماسيرا هوندا آهن انهن کي پنهنجي زال بڻائيندا آهن، هڪ حبشيءَ لاءِ سنهن ٻنڊڻن کان وڏيڪ ڏڪار جهڙي ڪا شيءِ ڪانهي.

يورپ ۾ حسن جو معيار زمان ۽ مقام مطابق رهيو آهي. ڪڏهن مضبوط ۽ ماسيري هجڻ جي رسم هئي، روبين ۽ مرمبران جي ٿلهن ڇوڪرين ڏانهن ڏسو، ايستائين جو ريفيل جون عورتون بہ ٿلهيون آهن، پر وري رينالڊز، گينزبرو ۽ رومني جون حسينائون بت ۾ گهٽ آهن ۽ وسلر جون عورتون ڪمزور ۽ نفيس آهن. اسان جي پنهنجي زماني ۾ عورتن جي حسن جو معيار ٿولهہ مان نزاڪت ۾ بدلجي ويو آهي، جسمن جو فيشن بہ لباس جي فيشن وانگر بدلجي ٿو.

ان مان ظاهر ٿو ٿئي تہ جمالياتي احساس ۾ هڪ داخلي، نسلي ۽ شخصي جُز آهي. رڳو هڪڙو جُز معروضي آهي ۽ اهو هي تہ ذري گهٽ دنيا جا سڀ تندرست مرد انهن عورتن کي ترجيح ڏيندا آهن جن جي شڪل صورت مان خبر پوندي آهي تہ هي سنيون مائرون ٿي سگهنديون. بنيادي طرح فطرت جي عمل جي ڪماليت جو اظهار تندرستيءَ کي پسند ڪرڻ جي صورت ۾ ٿئي ٿو. پهرين اهو اظهار عورت ۾ ۽ پوءِ اسان ڪنهن ٻئي شيءِ ۾ پسند ٿا ڪيون، مثال جيئن ڪو سنو ڪم جيڪو سليقي سان ڪيو ويو هجي، ڪا زندگي جيڪا سني نموني گذري هجي، ڪو ڪٽنب جنهن جي تمام سني پرورش ٿي هجي، ڪو اوزار جيڪو تمام سني نموني ڪم ڪندو هجي، انهن شين کي اسين سنو چوڻ لاءِ مجبور ٿيندا آهيون، اسان جو دماغ جيڪڏهن بلڪل صحيح آهي تہ اسان ڪنهن تندرست عورت کي جيڪا هڪ تندرست ٻار جي پرورش ڪري رهي هجي، دنيا جي سموري حسن

جو معراج سمجهنداسين، ان معاملي ۾ وچين دور ۾ نشاة الثانيہ وارا پنهنجن "مريمن ۽ ٻارن" جي "ذوقِ حسن" ۾ اسان کان وڌيڪ سنا هئا. هڪڙي زوال پذير فن جي ذريعي اسان گمراهہ ٿي ڪمزور ۽ سنهي عورت جي پنيان ڊوڙندا آهيون، جيڪي ٻار پئدا ڪرڻ نہ ڄاڻنديون آهن پر چيلاڻي وانگر ڏنگ هڻڻ ۾ ماهر هونديون آهن.

جيڪڏهن اسان جون جبلتون ناهہ ٿوهہ سان دوکو نہ کائن يا مال ۽ دولت سان گمراهہ نہ ٿي وڃن تہ اسان جي حسن جو احساس حياتياتي طور تي صحيح هوندو ۽ محبت بهترين اولاد جو وسيلو. حسن وري بہ فطرت جي مرضيءَ وانگر تندرستيءَ جو گُل ۽ پيغامي هوندو ۽ تندرست ۽ اعليٰ اولاد جو ضامن هوندو ۽ هڪ وار وري نسل کي ڪمزور نہ پر مضبوط بڻائيندو، اخلاقيات ۽ جماليات پاڻ ۾ ملي ويندا ۽ افلاطون وانگر اسان ان نتيجي تي پهچنداسين تہ نيڪيءَ جو اصول حسن جي قانون ۾ سموئجي ويندو آهي."

افلاطون ان معاملي ۾ هٻڪندو رهيو، هن کي خبر نہ هئي تہ هو ڪنهن جو پاسو کڻي، ايٿنز جي سخت ڏاهپ جو يا افروڊائٽي جي مرڪنڊڙ سونهن جو. شايد پاسو کڻڻ لاءِ هن عقل کان ڪم ٿي ورتو، جو پاسو کڻڻ لاءِ هٻڪيو ٿي. اهو حسن جيئن اسان وٽ موجود آهي. ان جو هڪ مڪمل رياست جو بنياد بڻجڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو. پر ان ڏاهپ مان ڪهڙو فائدو جيڪا اسان کي حسن سان محبت ڪرڻ ۽ فطرت جي حسن کان وڌيڪ حسن تخليق ڪرڻ نہ سيکاري. ڏاهپ هڪ وسيلو آهي، جسم ۽ روح جو حسن هڪ مقصد آهي، فن سائنس کانسواءِ ناداري آهي پر سائنس فن کان سواءِ بربريت آهي. ايسٽائين جو آسماني فلاسافي بہ هڪ وسيلو آهي پر جيڪڏهن اسان ان جي اُڏام کي هڪ پرپور زندگيءَ جي لاڳاپيل قدرن تي ڦهلائي ڇڏيون تہ پوءِ اها مقصد بڻجي ٿي وڃي. جيڪا بہ فلاسافي حسن ۽ جمال کان متاثر نہ ٿئي اها انسان جي قابل نہ آهي.

مصر جو سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو سواءِ انهن عاليشان عمارتن جي جيڪي هن صحرا ۾ اڏيون، يونان جو بہ سڀ ڪجهہ

ختم ٿي ويو سواءِ هن جي ڏاهپ ۽ فن جي. زنده حسن بهترين آهي پر عمر ۽ وقت سان گڏ اهو ڪومائجي ٿو وڃي، رڳو فنڪار ئي عارضي حسن کي گرفت ۾ آڻي سگهي ٿو ۽ ان کي غير فاني صورت ڏيئي سگهي ٿو، ٿورو گوئٽي کي پڙهو:

سڀ شيون فاني آهن، فن جي عظمت ئي بقا کان واقف ٿي سگهي ٿي.

سنگ مرمر جو بت رياست جي فنا ٿيڻ کان پوءِ به باقي هوندو آهي.

۽ هڪ پُر عظمت ٻلو جنهن کي ڪو مزور زمين مان کوٽي ڪڍي ٿو، شهنشاه جي ياد کي جيئرو رکندو آهي.

ديوتا مري ويندا پر شاعري جي ملڪ لازوال آهي، اها موت کان به طاقتور آهي.

باب چوڏهون

# تاريخ جي فلاسافي

## يومانوڪ ۾ شروعات:

اسان يومانوڪ جي ماٿري ۾ ٿي گهمياسين ۽ ڪروچي جي ان ڳالهه وڏي اُتساهه مان بحث ٿي ڪيوسين تہ تاريخ رڳو فلاسفرن ڪي ۽ فلسفو تاريخدانن کي لکڻ گهرجي. اسان جي حواسن تي زمين جي تازگي، گهاٽن وڻن جي ٿڌي ڇانوَ، ڍنڍ جي جرڪندڙ پاڻي ۽ لهندڙ سج جي سنهري فضا مان عجيب احسانمنديءَ جي احساس سان مزو ٿي ماڻيو پر اسان جي خيالن ۾ اهي ڪتاب هئا ”جيڪي اونهاري جي ٽيهريءَ ۾ اسان پڙهيا ٿي“ مون کي خوشي آهي تہ هاڻي اسين تاريخ جو مطالعو پيا ڪيون. ايريئل چيو ”مان تنهنجي منطق، علم جي فلسفي ۽ مابعدالطبيعات مان بيزار ٿي پئي هيس. انهن مون کي ڪي نوان سچ سيکارڻ جي بدران مون کان منهنجا پراڻا سچ بہ کسي ورتا.“

”گهڻا سچ ڄاڻڻ بہ ڪا چڱي ڳالهہ نہ آهي.“ فلپ کيس جواب ڏنو.

”شايد تون ٺيڪ پيو چئين“ مون چيو ”پر اهي بي چسا ۽ خشڪ علم جيڪڏهن اسان جي ذهن جي فلسفياڻي تربيت ڪرڻ کانسواءِ بيو ڪجهہ نہ ڪن تہ بہ انهن جي اهميت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي. اهي علمَ اسان کي هڪ وسيع ڪُلَ کي سمجهڻ ۽ زندگيءَ جي ننڍين ننڍين ايڪائين کي ڪُلَ جي زاويہ نظر سان ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي سکيا ٿا ڏين.“

”لڳي ٿو توکي ڪُلَ جي زاويہ نظر واري ترڪيب ڏاڍي وڻي وئي آهي“ ايريئل دوستاڻي مرڪ سان چيو.

”ها، مان پس منظر جو پرستار ۽ ربط جو شوقين آهيان. مان شين کي انهن جي ڪُلَ جي پسمنظر ۾ ڏسڻ گهرندو آهيان.“

”واه، سچ ٿو چئين“ فلپ جوش مان چيو ”اها ئي ڳالهہ آهي جنهن جي تاريخ نويس پرواه نٿا ڪن. هو رڳو ڪنهن مذهبي عقيدي کي صحيح ٿا ثابت ڪن. پنهنجي جماعت جي نعري کي مٿاهون ڪري ٿا پيش ڪن ۽ پنهنجي قومپرستي جي خود فريبي جي تبليغ ٿا ڪن. هنن

۾ پنهنجي جماعت ۽ پنهنجي عقيدي کي ڪُل جي پس منظر ۾ ڏسڻ جي جرائت ڪانهي. هن وقت تائين جيڪا به تاريخ لکي وئي آهي ان جو اسي سيڪڙو مصر جي تصويري لکت وانگر آهي جنهن جو مقصد پنهنجي مذهبي اڳواڻن ۽ بادشاهن جي مقدس قرلٽ کي اعليٰ ڪري پيش ڪرڻ آهي."

"پاڻ وارو پيارو تاريخ نويس گبن به بادشاهن جو تمام گهڻو ذڪر ته ڪري، ڇا خيال آهي،" ايريئل پڇيو.

"هن جو ڪينواس مائيڪل اينجلو جي ڪينواس جيترو وڏو آهي ۽ هو باخ Bach جي موسيقيءَ جهڙي موسيقي تخليق ته ڪري، مان هن جي خلاف هڪ اکر به ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهيان. ووڊرو ولسن تاريخ جي جيڪا تشريح ڪئي ته ان تي سوچ، چئي ته. تاريخ ماضيءَ جي سياست آهي. ڪيڏي نه غلط ڳالهه آهي. سياست ۾ نيٺ اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي جو ماڻهو ان کي ياد رکن."

"ان ڳالهه ۾ چيني حڪومت وڌيڪ ديانتدار هئي. پنجن ڇهن سالن کان اڳ چوويهه سوالن تائين چيني حڪومت تاريخ نويس مقرر ڪندي هئي ته هو بادشاهن جا ڳڻ ڳائن، هنن جي فتحن جي باري ۾ لکن ۽ هنن جي ڪمن کي ڪارناما ڪري پيش ڪن."

فلپ چيو: "اهڙي تاريخ قومپرستيءَ وارن تعليمي ڪاتن لاءِ بهترين تاريخ آهي. ڏنو وڃي ته جديد يورپ جي پيٽ ۾ قديم چين جون حالتون ايڏيون خراب نه هيون، وچولي نشاة الثانيه ۽ عقل پرستيءَ وارن دورن ۾ تاريخ نويسن سموري دنيا جون تاريخون لکيون. پر اڻويهين صديءَ ۾ قومپرستي جو تصور اُپريو ۽ ان صديءَ جا سڀ تاريخدان ٽرائشڪي Treitschke فان سائيبل von sybel مشلي Michele. مارٽن Martin ميڪالي Macaulay گرين Green بينڪرافٽ Bencraft ۽ فسڪ Fisk اهي سڀ پهرين وطن پرست ۽ پوءِ تاريخ نويس هئا. هنن جو ملڪ ته خدا جي سرزمين هو ۽ باقي سڄو جهان وحشين ۽ بدمعاشن سان ڀريل هو. گوئٽي، Goethe چوپن Chpon ۽ ليونارڊو Leonardo اسپنوزا Spinoza جهڙن عظيم انسانن جي ملڪن جا ماڻهو به غير مهذب هئا. انهن تاريخ نويسن ۽ انهن سياستدانن ۾ ڪو گهڻو فرق نه آهي جيڪي ٻين ملڪن جي

ماڻهن کي حقارت وارن نالن سان ياد ڪندا آهن. انهن جي حيثيت سياستدان جي اخباري نمائندن يا بري ۽ بحري فوجن لاءِ رنگروٽ ڀرتي ڪري ڏيڻ وارن آفيسرن جهڙي آهي."

"اها ڳالهه الائي ڪنهن چئي هئي ته بين الاقوامي امن جي شاهراهه معاهدن ۽ واپار واري نه پر تاريخ کي منسوخ ڪرڻ واري آهي." ايرئيل چيو:

"ويهين صدي اٺويهن صديءَ کان وڌيڪ چڱي نه آهي." مون چيو " مونکي اڄڪلهه جي تاريخ نوسين جي اها ڳالهه صفا ڪانه وڻندي آهي ته هو سيني وڏن ماڻهن کي ننڍا ماڻهو ثابت ڪرڻ گهرندا آهن. ڪين هنن جي شخصيتن ۾ اهڙيون ڳالهيون نظر ايندبون آهن ته هو گاريون ڪيندا، ڪوڙ ڳالهائيندا، شراب پيئندا ۽ وڏي پيماني تي محبتون ڪندا هئا. مان ويلز welles کي ان ڳالهه لاءِ ڪڏهن به معاف ڪري نٿو سگهان. جو هن نيپوليئن ۽ سيزر کي پنهنجي برابر آڻي بيهاريو. مان عظيم شخصيتن جي پرستاري واري مَتَ تي قائم آهيان."

"مان اوهان سان اتفاق نٿو ڪيان "فلپ چيو" اهي سوانح نگار جيڪي عظيم شخصيتن جي حياتين جي اونداهن رخن کي بي نقاب ڪندا آهن يا ڪنهن ادبي شاهڪار جي تهه ۾ جنسي مونجهارا ڳولهيندا آهن اهي به اصل ۾ اهڙي ئي جانبداري ڏيکاريندا آهن جهڙي شخصيتن کي ڌوئي پوئي اُجرو ڪرڻ وارا سوانح نگار ڏيکاريندا آهن. انهن کان وڌيڪ ،خوفناڪ يونيورسٽيءَ جا اُهي مستند تاريخ نويس آهن جيڪي پنهنجي ساري زندگي اُن مقصد لاءِ وقف ڪري ڇڏيندا آهن ته هو نهايت معمولي شين کي غير معمولي ڪري پيش ڪن، هنن جا مونوگراف اهڙائي ٻاراڻا ۽ اجايا هوندا آهن جهڙا فلاسفيءَ جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ سندن طويل تحقيقاتي مقالا، هنن کي ڪڏهن لئبريرن ۾ ڪم ڪندي ته ڏسو ۽ پنهنجو پاڻ کي اجاين تفصيلن ۾ وڃائي، ڪئلين واري پڪي ارادي سان حقيقت کي بنان ڪنهن خاص مقصد جي، گڏ ڪرڻ ۾ لڳا پيا هوندا آهن. دستاويزن ۽ انگن اکرن ۾ گم ٿي، پنهنجي سموري قوت ۽ پگهر جي پورهي سان غير اهم ڳالهين کي حقيقت ثابت ڪندا آهن. هو وٽن کي ڏسندا آهن پر جهنگ جو ناهن سوچيندا.

اها ڳالهہ ڪانئن وسري ويندي آهي تہ ماضي مري چڪو آهي ۽ ماضيءَ جي ان ڪانسواءِ ڪا اهميت ڪانهي تہ ماضي زنده ماڻهن جي ڪردار ۽ مقصد کي متاثر ڪري، تاريخ جي بہ ان ڪانسواءِ ڪا اهميت ڪانهي تہ تاريخ حال جي راهن کي روشن ۽ آئيندي جي رُخ کي چٽو ڪري اهي ماڻهو تاريخ جا دانشور ۽ علم فلسفي Epistemology جا اهڙا ماهر آهن جن کان ڪراهيت ايندي آهي ۽ هو حياتيات جي انهن ماهرن وانگر آهن جيڪو ڪنهن جيت کي ماري، انکي الڪوهل ۾ وجهي، واندڪائيءَ بہ ۾ ان جي چيرڦاڙ ڪندا آهن ۽ سمجهندا آهن تہ زندگيءَ جو مطالعو پيا ڪن. يا وري اهڙن جانورن وانگر آهن جيڪي تجرباتي نفسيات جي تجربيگاهن ۾ ٻر ڻاهيندا آهن ۽ تڪائيندڙ انگن اکرن، گرافن ۽ چارٽن سان انساني ڪردار متعلق اهي ڳالهين ڪندا آهن جن جي هر شخص کي صدين کان ڄاڻ آهي.

**ايرئيل**: هن کي اهڙي جوش ۽ جذبي سان ڳالهائيندو ڏسي مرڪي ۽ نعري واري انداز ۾ چيائين ”اهڙا تاريخ نويس مرده باد!“

”اصل ۾“ مون چيو ”تاريخ نويسن کي ٿوري فلسفي جي ضرورت هوندي آهي جيڪو هنن کي ڪُل جو تصور ڏيئي سگهي.“

ايريئل چيو ” مان تاريخ کي، تو جيڪا ربط جي ڳالهہ ڪئي، ان ربط ۾ ڏسڻ تي گهران، مان ڄاڻڻ تي گهران تہ ڇا تاريخ جا ڪي قانون يا گهٽ ۾ گهٽ ڪي سبق آهن يا نہ؟ ڇا مستقبل ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ماضي اسان جي ڪا مدد ڪري سگهي ٿو يا نہ؟ ڪٿي ترقي اسان جي دور جو وڏندڙ فريب تہ نہ آهي؟ مان نيپوليئن جو اهو قول وساري نہ سگهندس جيڪو سندس آخري قولن مان هڪ آهي تہ خدا ڪري منهنجو پٽ تاريخ جو مطالعو ڪري ڇاڪاڻ تہ تاريخ ئي صحيح فلسفو آهي. مون کي پڪ آهي تہ جيڪڏهن تاريخ چڱي طرح لکي وڃي تہ تاريخ مان اسين نفسيات ۽ فلسفي کان وڌيڪ انسان جي اصل فطرت جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري سگهنداسين. مان ماڻهو کي ائين سمجهڻ تي گهران جيئن وڏا سياسي مدبر ڪيس سمجهي سگهندا آهن، بنان ڪنهن خوشفهميءَ ۽ بنان ڪنهن ملامت جي !

واه واه، واه جو جو چيو اٿيئي.“ مون چيو؟

فلپ چيو اسان چو نہ ڪروچي Croce جي ڳالھہ مجون ۽ فلسفي ۽ تاريخ کي هڪ ڪيون. تاريخ جي فلسفي جي هاڻي اها عزت ناهي جيڪا اڳ هئي. هاڻي ان کي گهڻو گهٽ نظر سان ڏٺو ٿو وڃي. جهڙيءَ طرح اسان جي سياست ۾ ڊگهن مُدن وارن منصوبن جي کوٽ آهي. اهڙيءَ طرح تاريخ ۾ گبن ۽ والٽيئر جي فلسفياڻي گرفت جي کوٽ آهي. اصل ۾ ربط جو هاڻي رواج نہ رهيو آهي."

"هڪ لحاظ کان" مون چيو "ان جو سبب عقلمندي وارو احتياط آهي. فلسفي جي تاريخ ڏکن جو شڪار آهي. هر ڏکي کي وڏي سولائيءَ سان قاعدو ناهيو ٿو وڃي. هر خيال کي وڏي وڏاءَ سان پيش ڪيو ٿو وڃي ۽ سموري ماضيءَ کي ڪنهن هڪ تصور يا هڪ ترڪيب ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي." فلپ پنهنجي ڳالھہ تي قائم رهيو. چوڻ لڳو فلسفي کانسواءِ تاريخ رڳو واقعن جي فهرست ۽ ماضيءَ سان شوق وارو تعلق قائم رکڻ آهي. تاريخ کانسواءِ فلسفو بہ هوائي آهي جنهن جو انسان جي تخليقي قوتن سان ڪو تعلق نٿو رهي." هن پنهنجو هٿ شفق ڏانهن اُبو ڪندي چيو "تاريخ بنياد آهي.جنهن تي فلسفي کي بيهي، انسان ذات جي ڀلائي ۾ روشن ضميريءَ لاءِ سيني علمن کي پاڻ ۾ اُٽڻو آهي."

"زنده باد!" ايريئل چيو

**ايريئل:** جيئن ئي نعرو هنيو تہ ان مهل آسمان ۾ سانجهيءَ جو ستارو اُڀريو، چنڊ چمڪندڙ خنجر.وانگر آسمان کي چيھ ڏنو. اسين هڪڙي ننڍي ٽڪري تي چڙهي آيا هئاسين ۽ ٿوري دير لاءِ حيرت ۾ ٻڏي وياسين، چنڊ کي ڪڏهن بہ اسان ايڏو روشن ۽ آسمان کي ايڏو نيرونہ ڏٺو هو. اسان کي لڳو تہ اسان جي ويجهو ڪان جهيٽا آواز ٿا اچن. سانجهيءَ جي شفق واري روشنيءَ ۾ اسان کي هڪڙو ويڪرو ۽ سادگي سان سينگاريل باغ نظر آيو. باغ جي وچواري واهيءَ مان پاڻي جهونگاريندو ٿي وهيو. سامهون چمڪندڙ چشمي جي چوڌاري گاه تي ساديون ڪرسيون رکيون هيون جن تي ڪجھہ عظيم انسان وينا هئا. هنن کي پراڻي زمانن جا لباس پاتل هئا. هنن مان ڪي ڏاڍا سجاتل تي

لڳا جن سان اسان جي جڏهن کان اسان شعور ماڻيو هو تڏهن کان واقفيت هئي.

**ايريئل:** جهيڻي آواز ۾ چيو "هو پڪ اسان جو پيارو والٽيئر آهي."

"ها پڪ ئي پڪ." فلپ خوشيءَ سان چيو.

"۽ هو سندس پوٽو اناطول فرانس آهي" مون چيو "هن جو قد منهنجي اندازي کان ننڍو آهي. سندس منهن ڪيڏو نه ڀڪي پيو. زماني جي اڌ ڄاڻ ۽ سموري ڀاڄھ سندس اکين مان پئي بکي."

اسان هر هڪ کي غور سان ڏٺو ۽ انهن مان ڪيترن کي سڃاڻي ورتو. هنن ۾ هڪڙو ماسيرو پادري هو، ڪيس پادرين وارو چوغو پاتل هو. پئي هٿ هنج ۾ رکي سوچ ۾ وينو هو. مون اندازو لڳايو ته هو پڪ بوسي Bosset آهي، لوئي چوڏهين جو محبوب ۽ بهادر و اعظم ۽ استاد. والٽيئر سان گڏ جاگيرداراڻي دور جي لباس ۾ هڪڙو فرانسي رئيس وينو هو. مون غلطيءَ سان هن کي مونيٽن Mantaigne سمجهيو. هڪ ٻيو چاليهن ورهين جو تڪل اعصابن وارو لڳڙو شخص نظر آيو. هو پنهنجن خيالن ۾ گم هو. هن جي شڪل تهذيبن جي تاريخ لکندڙ بڪل جي تصويرن سان ٺي ملي جيڪي مون ڏٺيون هيون. فلپ تعجب مان چيو "هو منهنجو عظيم استاد اسڪاٽ لسٽر وارڊ Lester werd آهي." هڪڙي بدشڪل ۽ حد کان وڌيڪ ماڻيٽي جرمن کي ڏسي مون کي هيگل ياد پيو. هن سان گڏ خوفناڪ مڇن ۽ نرم اکين وارو ٽنشي وينو هو. هڪ ڪنڊ ۾ ٿامس ڪار لائل نظر آيو. اڪيلو، اداس ۽ جبل جهڙو عظيم، هن جا پرون سخت ۽ اکيون اهڙي ويڙهاڪ سپاهي جهڙيون هيون جيڪو وڙهندي نيٺ گرفتار ٿي، بي وس ٻڌجي ويو هجي. ٽنشي جي ويجهو هڪ ٻيو ڏکهو ۽ سهڻو ماڻهو وينو هو. هن کي ڏسڻ سان سمجهي ويس ته هو وليم جيمز هو ڪنهن آمريڪي وانگر پرجوش ۽ فرانسي وانگر زنده دل. هن جي سامهون ننڍي قد وارو سانورو ۽ بردبار ڪارل مارڪس هو. جوشيلي بحث ۾ سندن ڏاڙهيون ويجهو اچي ٿي ويون. جرمنيءَ جو هڪ قد آور عالم، آمريڪا جو هڪ وڪيلن جهڙو شخص ۽ هڪ فرانسي مئجسٽريٽ ۽ فرانسي امير به موجود هئا. مان انهن کي سڃاڻي نه سگهيس. اناطول

فرانس پادرين واري انداز ۾ موسيو برجرٽ Besgert واري زنده دليءَ سان ڪجهه چيو ٿي اوچتو اوندهه پکڙجي وئي، اسان سيني جي نظرن کان پاڻ بچائي اهڙي هنڌ گاهه تي ويناسين جتان اسان هنن جون ڳالهيون ٻڌي ٿي سگهياسين.

**تاريخ جي مذهبي تشريح:**

**اناطول فرانس:** پيارا اروِيٽ Arovet تنهنجو قومن جي اخلاق، ڪردار ۽ شارليمين سيزر ڏهين تائين وارن اهم واقعن بابت مقالو عظيم ترين تصنيف آهي. تو پنهنجي مقالي جو جيڪو عنوان رکيو آهي اهو تنهنجي ان عظيم ڪارنامي سان نهڪي ٿو اچي. تو تاريخ نويسي ۾ وڏو انقلاب آڻي ڇڏيو.

**والٽيئر:** اهو ڪم ڪرڻ وارو مان پهريون ماڻهو ناهيان، مون کان پهرين بشپ بوسي عالمگير تاريخ لکي مون لاءِ رستو ناهيو هو. هن جي تاريخ کان اڳ تاريخ رڳو واقعن جي فهرست هوندي هئي. اها اسان جي وڏي عزت افزائي ٿيندي جيڪڏهن بشپ بوسي اسان کي لوئي چوڏهين جي دربار ۾ وينل سمجهي تاريخ جي باري ۾ واعظ ڏي.

**بوسي:** اوهان مان گهڻا مذهب جي سچائين تي شڪ ڪرڻ وارا آهيو ۽ مون کي ڏپ آهي ته اوهين هڪ اهڙي پوڙهي تي ٺٺولي ڪندا جنهن جو خدا ۾ پڪو ايمان آهي ۽ جيڪو تاريخ کي رب جي رضا جو اظهار ٿو سمجهي. مون Dauphin کي تاريخ جي معنيٰ سمجهائڻ تي گهري. ان مقصد سان مون اهڙو ڪتاب لکيو جنهن جي حيثيت سيني قومن ۽ زمانن لاءِ اهڙي هجي جهڙي دنيا جي نقشي لاءِ ڪنڊن، سمنڊن ۽ ملڪن جي هوندي آهي. مون ننڍي ۾ ننڍي حصي کي ڪُلَ جي حوالي سان سمجهائڻ تي گهريو.

اناطول فرانس: اهو واقعي نهايت اعليٰ مقصد هو جيڪڏهن اهو پورو ٿئي ها ته تاريخ اڄ مڪمل فلاسافي هجي ها.

بوسي: منهنجي لاءِ تاريخ رب جي مقدس رضا جو ڊرامو هئي جنهن جو هر هڪ واقعو رب پاران بندي لاءِ سبق هو. مون لوئي پنڌرهين کي خبردار ڪيو هو ته خدا انقلاب انڪري آڻيندو آهي ته جيئن بادشاهن کي انڪساريءَ جو سبق ملي.

**اناطول فرانس:** منهنجا سائين، گستاخي معاف ٿئي ته هڪڙو عرض ڪيان، اوهان جي ڳالھ ٻڌي مون کي برناڊين سينٽ پيري جي ڳالھ ياد آئي. هن هنداڻي لاءِ چيو هو ته هنداڻي جو ٻاهريون حصو انڪري ڦاڪن ۾ ورهايل هوندو آهي جو قدرت ان کي پوري ڪٽنب جي لاءِ پئدا ڪيو آهي. مان اوهان کي يقين سان ٿو ٻڌايان ته اوهان جو شاگرد بيڪار ۽ بدمعاش ثابت ٿيو. هو سريتون رکندو هو. غريبن سان ظالماڻي هلت هلندو هو ۽ تمام وڏي عمر ماڻيائين. جڏهن ته هن جي پيٽ ۾ هن جو جانشين لوئي سورهون نهنو، نيڪ ۽ پرهيزگار حڪمران هو. هن پنهنجي ملڪ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي. ملڪ مان ناداري ۽ ڏاڍائي جي پاڙ پٽڻ لاءِ وڏي ڪوشش ڪئي پر 1792ع ۾ ڪات سان سندس ڪنڌ ڌڙ کان ڌار ڪيو ويو.

**بوسي:** رب جي رضا اسان جي سمجھ کان ٻاهر آهي ۽ اسان کي خدا ۾ ايمان رکڻ گهرجي.

**اناطول فرانس:** تنهن هوندي به مون کي اوهان جي ڪتاب جو اهو حصو ڏاڍو پسند آيو جنهن ۾ اوهان وڏي اعتماد سان ڪن رازن جي تشريح ڪئي آهي. جيئن حوا جي تخليق ۽ خدا دوست ماڻهن جا ڏنجھ ڏولاوا، مون کي اهو ڏسي ڏک ٿو ٿئي ته دنيا مان اهڙي چاڻ ۽ يقين ختم ٿي ويا آهن ۽ اڳ جيڪي شيون اڻ ڇتيون هيون هاڻي ڇتيون ٿي پيون آهن. اڳ جهڙي چاڻ هاڻي اسان کي ڪڏهن به حاصل ٿي نه سگهندي.

**بڪل:** مان پادري صاحب جي واقعن جي ترتيب کان ڏاڍو متاثر هوس، مون کي سندس تاريخ مان هابيل جي قتل، نوح جي ٻوڏ ۽ ابراهيم جي پيغمبريءَ جي تاريخن جي خبر پئي. مون پنهنجي لئبريري جي سمورن ڪتابن مان انهن تاريخن جي تصديق ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪنهن به ڪتاب مان تصديق ٿي نه سگهي.

**ڪارلائل:** ٿي سگهي ٿو، بلڪل ٿي سگهي ٿو.

**اناطول فرانس:** پوءِ به سائين اوهان اسان تي وڏو ٿورو ڪيو آهي. اسين اوهان جا مقروض آهيون. اوهان تاريخ کي رب جي رضا ٻڌايو پر اوهان پنهنجن شاگردن کي اها تعليم به ڏني ته رب جي رضا فطري ۽

ثانوي سببن سان عمل ڪندي آهي. اوهان چيو تہ تاريخ نوسين کي اهي ثانوي سبب معلوم ڪرڻ گهرجن جن جي ڪري تهذيبن ۽ رياستن جو عروج ۽ زوال ٿو ٿئي. اهڙيءَ طرح اوهان فلسفياڻي تاريخ جي مسئلي جي وضاحت ڪري وڏو ڪم ڪيو. اوهان جي ئي واٽ تي هلندي والٽيئر اوهان جو دشمن ٿيو.

**والٽيئر**: اوهان وري وڏي وڏاءَ سان منهنجي عزت افزائي پيا ڪيو. اسان گواني باٽسٽاءِ وِڪو Giovanni Battiste جي خدمتن کي وساريون پيا. مون کي ان ڳالهہ جو ڏک آهي تہ جوانيءَ ۾ مان اٽليءَ وڃي اهڙي عالم سان خيالن جي ڏي وٺ ڪري نہ سگهيس. موسيو بڪل شايد اسان کي هن جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌائي.

**بڪل**: وقت ۽ نظريي جي لحاظ کان هو تنهنجي ۽ بشپ جي وچواري دور ۾ بينو آهي. هن جو هڪ خدا ۽ ان جي رضا ۾ ايمان هو. تبليغ واري مقدس ڪاتي آڏو ان عقيدي جو اظهار ڪرڻ ڪانپوءِ هن پنهنجي نئين سائنس جا بنياد ڌرتيءَ ۾ وڌا. سوال ڪيائين تہ جيئن ٻين موضوعن جي سائنس آهي تيئن تاريخ جي سائنس ڇو نہ آهي. جيئن نيوٽن جا قانون قدرت جي عجائب جي وضاحت ڪن ٿا ڪن ائين قومن جي ظاهري طرح لاقانونيت واري عروج ۽ زوال جا بہ شايد ڪي قانون هجن.

**اناطول فرانس**: پيارا نيوٽن! مون کي گهرجي تہ مان هنن کي آئن اِسٽائن جي باري ۾ ٻڌايان.... ها سائين، اوهان ڳالهہ ٿي ڪئي.

**بڪل**: وِڪو لاءِ تاريخ ڪن قانونن جي تابع آهي. سڀ تهذيبون ٽن منزلن سان لنگهنديون آهن.

**هيگل**: ٽن منزلن مان! وڏو هشيار ماڻهو هو جو هن منهنجي فلسفي جي باري ۾ اڳ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيو هو.

**بڪل**: پهرين منزل وحشي پڻي واري هئي جنهن ۾ سوچ ڪانہ هئي، رڳا جذبا هئا. ٻي منزل بربريت واري هئي جنهن ۾ تصوراتي ڄاڻ هومر ۽ ڊانٽي پئدا ڪيا ۽ سوُرهن جي دور جي شروعات ڪئي ٽين منزل تي ڄاڻ تصوراتي سائنس، قانون ۽ رياست کي جنم ڏيندي آهي. وِڪو جو خيال هو تہ رومي رياست عظيم تهذيب تخليق ڪئي هئي. ان

تهذيب جي حساسيت هنن کي نرم بڻائي ڇڏيو هو ۽ سندن انگ به گهٽ هو انڪري وڏي انگ ۾ وحشياڻي قوت وارن وحشين هنن کي ختم ڪري ڇڏيو. ائين مستقبل ۾ به جڏهن تهذيب فلاسفي ۽ شاعري واري منزل تي پهچندي تڏهن اڻ سڌريل ماڻهو، جن ۾ سوچ ۽ حساسيت اجا پيدا نه ٿي هوندي. ان کي ختم ڪري ڇڏيندا. سياست ۾ به هن کي اهڙو سلسلو نظر آيو. بربريت سردار پيدا ڪندي آهي جيڪي پوءِ رئيس طبقي جي صورت ۾ منظم ٿيندا آهن، ماڻهن کان پري رهڻ ۽ سندن ڏاڍاين جي ڪري انقلاب ايندو آهي ۽ جمهوريت جنم وٺندي آهي ۽ ڪنهن ليڊر جي نه هجڻ جي ڪري جمهوريت جڏهن منتشر ٿيندي آهي تڏهن وحشي پڻي وارو دور موٽي ايندو آهي.

**اناطول فرانس:** سڀ فلاسفر اداس هوندا آهن، مان سدائين چوندو آهيان ته سوچ ماڻهن جي وڏي بدنصيبي آهي، پراڻي زماني جا ماڻهو مستقبل تي نظر رکڻ واري صلاحيت کي خطرناڪ سمجهندا هئا. اوهان پاڻ به مسٽر ارويٽ!(والٽيئر) پنهنجي عظيم تاريخ جي آخر ۾ جيڪي نتيجا ڪڍيا انهن مان ايڏا خوش نه هئا.

**والٽيئر:** مون هڪ وحشي دور جو ذڪر ٿي ڪيو. مان انهن انقلابن جي منظرن مان لنگهيو هيس جيڪي شارليمن جي زماني کان ايندا ٿي رهيا. انهن انقلابن جو نتيجو ڇا نڪتو، تباهي ۽ لکين ماڻهن جو انت، هر عظيم واقعو تباهي هو. منهنجي اهڙي سوچ جو سبب شايد ته اهو مواد هو جنهن جي آڌار تي مون ڪتاب لکيو. ان مواد جي ڪا هڪڙي لڪٽي به اهڙي نه هئي جنهن ۾ امن، سلامتي جي زمانن جو ڪو ذڪر هجي انهن ۾ رڳو تباهين ۽ بربادين جا داستان بيان ڪيل هئا. انڪري منهنجي لاءِ به تاريخ ڏوهن ۽ ڏولاون جي تصوير هئي. اجايا وهم، ڇڙ ڏياريندڙ عادتون ۽ انڌي طاقت جي اوچتي يلغار. منهنجي لاءِ اهي ئي تاريخ جون قوتون هيون. مون کي ورلي ڪنهن واقعي ۾ انساني عقل ڪم ڪندو نظر آيو. نهايت معمولي سببن جي ڪري تمام وڏا المناڪ نتيجا نڪتا ۽ رب جي رضا جيڪا تاريخ ۾ مون کي نظر آئي اها اتفاق يا حادثو هئي.

**بڪل:** اوهان جو شاگرد ٽرگو ايڏو مايوس نہ هو. اوهان کي ياد هوندو تہ 1750ع ۾ هن سوربون Sorbonne ۾ جيڪي ليڪچر ڏنا انهن ۾ هن تهذيب جي تاريخ بيان ڪئي هئي ۽ يقين ڏياريو هو تہ انسان ضرور ترقي ڪندو.

**والٽيئر:** مون کي خوشي ٿي ٿئي تہ اوهان منهنجي شاگرد جي تعريف ٿا ڪيو. مان هن کي ڏاڍو پائيندو هيس. منهنجي دل ان وقت ٽٽي پئي هئي جڏهن بادشاهہ هن کي خزاني جي وزير واري عهدي تان هٽائي ڇڏيو هو. مون کي ائين لڳو هو جڻ سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو هو. اسان جي زماني ۾ ترقي کي ڏاڍو اهم سمجهيو ويندو هو. ترقي ڪرڻ جي تصور منهنجي نوجوان دوست موسيو ڪوندورسي کي ان وقت بہ ڏاڍو اُتساهيو جڏهن تہ فرانس جي تهذيب کي تباهہ ڪيو ٿي ويو. ٽرگو سچ چيو هو تہ تاريخ کي تڏهن برداشت ڪري سگهجي ٿو جڏهن اها تهذيب جي عروج ۽ زوال جي تاريخ هجي. تاريخ رڳو فلاسفرن کي لکڻ گهرجي جو فلاسفر اهم ۽ غير اهم مواد ۾ تفاوت ڪري ڄاڻن، هو اجائي ديگهہ کي ڇڏي ڏيندا. تاريخ لاءِ اجائي پٽار ائين آهي جيئن فوج لاءِ اجايو سامان. هُو شين کي وسيع نظر سان ڏسندا، ذهن جي روشني، مادي ترقي ۽ اخلاقي بلندي، اهي نہ رڳو ڪنهن قوم جي تاريخ جون خاصيتون آهن پر اهي ئي ان قوم جي تاريخ هونديون آهن، ٻيون سڀ شيون اجايون هونديون آهن، انهن جي تاريخي اهميت اها هوندي آهي تہ اهي قوم جي ذهني ۽ اخلاقي ترقي تي روشني وجهنديون آهن. مون پنهنجو ڪتاب Essai Sur Les maeurs ذهن جي تاريخ ڳولهي لهڻ لاءِ لکيو هو. مون اهي مرحلا ڄاڻڻ ٿي گهريا جن مان لنگهي ماڻهو وحشي پڻي کان تهذيب تائين پهتو آهي.

**اناطول فرانس:** استاد، اوهان آدرشي تاريخ جي تصور کي واهہ جو بيان ڪيو آهي. مان ان نسل جي تخليقي قوتن تي حيران آهيان. جنهن اوهان جي لکڻين ، موسو موشڪو جو "قانون جو روح" ۽ موسيو گبن جي ضخيم تاريخ تخليق ڪئي. اوهان سيني تاريخ کي مذهب کان آزاد ڪرائي فلسفي ۽ سائنس جي حوالي ڪيو. مان جڏهن مابعد اللبعيات جي باندرن جي هاٺوڪي نسل لاءِ سوچيندو آهيان جيڪو چار دفعا ڄاڻ

۽ شهريت جون منزلون ٽپي آيو آهي. جڏهن مان سقراط جي دور، هوريس جي دور ۽ ريبلز جي دور ۽ اوهان جي دور جنهن کي اوهان جي نالي سان ياد ڪرڻ گهرجي، جو تصور ڪندو آهيان تڏهن مون کي تاريخ جو جنگيون ۽ جنگين جا دور، مصيبتون ۽ ناانصافيون ايتريون خوفناڪ نہ لڳنديون آهن. انساني تاريخ جو جواز ان جون عظيم شخصيتون آهن.

## تاريخ جي جاگرافيائي تشريح:

**بڪل:** مون کي خوشي ٿي جو اوهان موسوِ مرشڪو M. de Montesquieu جو ذڪر ڪيو. هن مهل تائين اسان رڳو تاريخ لکڻ جي طريقي جي ڳالهہ ڪئي. انهن سببن جي نہ ڪئي جيڪي قومن جي عروج ۽ زوال جو سبب ٿيندا آهن. تاريخ جي مرڪز کي آسمان مان زمين تي، بادشاهن کان انسانيت وٽ جنگ کان تهذيب ڏانهن آڻڻ کانپوءِ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ تاريخ جا اُهي سبب ڪهڙا آهن جن سان قومن جي تقدير جو فيصلو ٿيندو آهي. اوهان اشارو ڪيو تہ عظيم شخصيتن جي دانش ۽ علم جي طاقت فيصلو ڪندڙ سبب آهن، يا ڪي ٻيا سبب بہ آهن جهڙوڪ سائنسدانن جون ايجادون، اعليٰ نسل جو رت، اقتصادي پيداوار ۽ انهنجي ورڇ جو نظام، آب و هوا، زمين ۽ جاگرافيائي حالتن جون خاصيتون، موسوِ موشڪو کي اهو فخر حاصل آهي تہ هو پهريون شخص هو جنهن قومن جي عظمت ۽ زوال جا خاص سبب معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

**موشڪو:** اوهان جو وڏو ٿورو جو اوهان منهنجو ذڪر پيا ڪيو. مسٽر بڪل، مون کي پنهنجي هم وطنن کان وڌيڪ اوهان جي هم وطنن ياد رکيو آهي. ايستائين جو والٽيئر صاحب جيڪو هونئن تہ وڏو فراخدل ۽ فياض آهي پر هن منهنجن ڪتابن کي ڏيان ڏيڻ جهڙو ئي نہ سمجهيو.

**والٽيئر:** مان اڄ تائين اوهان جو مشهور لکڻين Lesprit des lois ۽ Lettres Persanes جي علميت ۽ ذهانت جي ڪري اوهان کي معاف ڪري نہ سگهيو آهيان.

**موشڪو:** مون کي خبر آهي تہ عظيم شخصيتون هڪ ٻئي سان معمولي ماڻهن جهڙي هلت هلنديون آهن. منهنجي هر عصرن منهنجن پهرين ٻن ڪتابن "ايراني خط" ۽ "روم جو عروج ۽ زوال" جي سببن جي باري ۾ چيو هو تہ اصل ۾ اهي موشڪو جي عروج ۽ زوال جا سبب آهن. هنن کي فلسفي کان وڏيڪ ٽوڪ زني تي وٺي. مون پنهنجن عالم دوستن فونٽينل Fontenelle ۽ هيلويٽس Helvitius ۽ ٻين کي لاٻرپڊ (جتي مان رهندو هيس) سڏايو هو تہ جيئن هو منهنجي ان ڪتاب "قانون جو روح" جا ڪي باب ٻڌن جن جي لکڻ لاءِ مون ويهہ سال محنت ڪئي هئي. ڪتاب جا باب ٻڌي سڀني يڪراءِ تي چيو تہ مون کي اهو ڪتاب ڇپائڻ نہ گهرجي. تڏهن تہ چوان ٿو تہ انگلينڊ ۾ مون کي وڏيڪ ميچتا ملي.

**بڪل:** مان "قانون جي روح" کي ارڙهين صديءَ جي فرانسي ادب جو سڀ کان وڏو ڪارنامو ٿو سمجهان. اوهان پهريان ماڻهو هئا. جنهن ٻڌايو تہ تاريخ ۾ شخصيت جي ڪا اهميت نہ هوندي آهي ايسٽائين جو phillippe يا Actium جهڙين جنگن جا واقعا بہ قومن جي عروج ۽ زوال جو سبب نہ ٿيا ٿين. اوهان اسان کي ٻڌايو تہ عظيم شخصيتون ۽ عظيم واقعا هڪ وڏي ۽ لڳاتار عمل مان جنم وٺندا آهن. انهن ۾ ڪي قوتون غير شخصي هونديون آهن جيئن زمين جي بيهڪ، هوا، گرمي ۽ سردي.

**موسٽڪو:** چار سو سال قبل مسيح بقراط Hippocrates "هوا، پاڻي ۽ جاءِ" جي عنوان سان هڪڙو ڪتاب لکيو هو جنهن ۾ هن ڄاڻايو هو تہ جاگرافيائي ماحول جو ماڻهن جي جسماني بيهڪ ۽ ملڪ جي آئيني نظام تي ڪهڙو اثر پئجي سگهي ٿو. ارسطو يونانين جي ڪاميابي ۽ هنن جي ذهني برتريءَ جو سبب يونان جي وچولي آب و هوا ٻڌايو هو، جيتوڻيڪ ايٿنز جي آب و هوا کي وچولي چئي نٿو سگجهي.

**اناطول فرانس:** ان ڏس ۾ اوهان جو هڪڙو ٻيو پيشرو بودين Boedin هو جنهن سورهين صديءَ ۾ جاگرافيائي حالتن جو انسان جي همت، ذهانت، اُتي ويني ۽ اخلاق سان تعلق جي وضاحت ڪئي هئي.

هن جو چوڻ هو تہ ويڪرائي ۽ ڏگهائي ڦاڪن جو ڪنوارين جي ڪنوارپ تي بہ اثر پوندو آهي.

**موسنڪو:** ائين نہ سمجهو تہ مون تاريخ کي جاگرافي بڻائي ڇڏيو. جدا جدا قومن جي عروج ۽ زوال جا جدا جدا سبب هوندا آهن. ڪن لاءِ قانون، ڪن لاءِ مذهب، ڪن لاءِ رسمون ۽ اخلاق ۽ ڪن لاءِ طبعي حالتون ۽ آب و هوا سبب ٿيندا آهن. طبعي حالتون ۽ آب وهوا وحشين لاءِ وڏيڪ اثرائتا سبب ثابت ٿيا آهن. چينين تي رسمون، جپانين تي قانون، سپارٽا تي اخلاق ، رومين جي ڪيترن ئي نسلن جي ڪردار جي جوڙجڪ تي حڪومت جا اصول ۽ اُتي ويني جي پراڻي سادگي اثر انداز ٿيندي رهي.

**بڪل:** مون کي اوهان جي ڪتاب جو اهو ڀاڱو وڏيڪ سٺو لڳو جنهن ۾ اوهان آب وهوا ۽ تاريخ جي تعلق تي بحث ڪيو آهي.

**موسنڪو:** مون کي بہ ان موضوع سان دلچسپي آهي. منهنجي خيال ۾ ڪردار ۽ سياءَ جو فرق، جيڪو گهٽي ڀاڱي قومن جي تقدير جو فيصلو ڪندو آهي،آب و هوا سان پئدا ٿئي ٿو. ٿڌن علائقن جا ماڻهو گهڻو ڪري چُست هوندا آهن جڏهن تہ گرم علائقن جا ماڻهو سست ۽ آرام پسند هوندا آهن. هونئن اها معمولي ڳالهہ آهي پر ان جا نتيجا ڏاڍا اهم آهن. هندو سمجهن ٿا تہ سڪون ۽ نابود سيني شين جو بنياد آهن ۽ سڪون نابود ئي سيني شين جو انت آهي. هنن لاءِ بي عملي تمام وڏي نعمت جهڙي حالت آهي. ان جي پيٽ ۾ گرمي دوزخ آهي. پراڻي زماني کان اهڙي سوچ جي ڪري بي عمليءَ کي سماج ۾ سٺو سمجهيو ٿو وڃي ۽ جيڪي ماڻهو ڪم نٿا ڪن اُهي پاڻ کي ڪم ڪرڻ وارن جو آقا ٿا سمجهن. ڪيترن هنڌن تي ماڻهو پنهنجا نهن انڪري نہ ڪتريندا آهن تہ جيئن ماڻهن کي خبر پوي تہ هو ڪم ڪرڻ وارن مان ناهن.

**اناطول فرانس:** فرانس ۾ وڏين ڪڙين جون جُتيون پائڻ جو مقصد بہ اهو ئي هو ۽ پوءِ ماڻهن جي خود پسنديءَ ان کي ساري دنيا جو رواج بڻائي ڇڏيو.

**موسنڪو:** ائين ڇو آهي جو ڏکڻ جي قومن جو اهو ڇڻ تہ مقدر تي ويو آهي تہ هو اُتر جي قومن هٿان هڪ ٻئي پنيان يڪيون شڪستون کائيندون رهن، شايد انڪري جو اُتر جي آبهوا ۾ ماڻهو چست هوندو آهي ۽ ڏکڻ جي آبهوا هن کي سست ۽ هيٺو ڪري ڇڏيندي آهي. غلام سدائين ڏکڻ ۽ آقا سدائين اُتر مان آيا. يارنهن دفعا ايشيا اُتر جي وحشين کان شڪست کاڌي آهي.

**والٽيئر:** سائين اوهان کي شايد خبر هوندي تہ انگريزي جو لفظ Slave (غلام) Slove لفظ مان نهيو آهي. هي ان زماني جي ڳالهہ آهي جڏهن اسان جي مقدس ماءُ ڪليسا جهلي ڇڏيو هو تہ عيسائين کي غلام نہ بڻايو وڃي. سلاوَ لوڪن ان مهل تائين اجا ايمان نہ آندو هو انڪري هنن کي ضمير جي ملامت کانسواءِ جهلي وڪڻي سگهيو ٿي ويو. اهڙي طرح اهو لفظ جنهن جو مفهوم وڏي شان شوڪت وارو هو. ان جي معنيٰ غلام تي وئي. اهي اُتر جا رهاڪو هئا ۽ غلام ٿيا، پر ان مثال سان اوهان جو اصول غلط ثابت نٿو ٿئي.

**موسنڪو:** مهرباني جو اوهان سمجهي اصلاح ڪئي. مسٽربڪل، منهنجو خيال آهي تہ اوهان بہ آبهوا ۽ تاريخ جي تعلق جو چڱو گهرو مطالعو ڪيو آهي.

**بڪل:** نہ سائين، مان ان موضوع تي گهٽو ڪم ڪري نہ سگهيو آهيان. مان پئدا ٿيس تہ ذري گهٽ اڌ مئو هيس. مان ننڍپڻ ۾ ايڏو تہ ڪمزور هيس جو پاڻ جيترن ڇوڪرن سان راند ڪيڏي نہ سگهندو هيس. پنهنجي چاليهن سالن جي حياتيءَ ۾ مون کي ڪو هڪ ڏينهن بہ ياد ڪونهي جيڪو مون بنان سور ۽ بيماري جي گذاريو هجي. منهنجي ماءُ زماني جي پرواه ڪرڻ کانسواءِ مون کي پڙهڻ جي بدران اُٺڻ جو هُنر سيکارايو. منهنجي اها حالت هئي جو اٺن سالن جي عمر تائين مون کي الف ب ڪانہ ايندي هئي.

**ڪارلائل:** سائين اها ڳالهہ نہ ڪيو. سيني کي خبر آهي تہ چاليهن ورهين جي ڄمار ۾ اوهان انگلستان جا وڏا عالم فاضل مڃيا ويندا هئا. هڪسلي مون کي ٻڌايو هو تہ علم جي بار جي ڪري اوهان پنهنجو ڪنڌ سڌو جهلي نہ سگهندا هئا. اوهان فرانسي، جرمني، ڊينش، اسپيني،

بورچوگيزي، ڊچ، والون، فليمش، سويڊش، آئرليندي فريزڪ، موريش، روسي، عبراني، ليٽن ۽ يوناني زبانون ڄاڻندا هئا ۽ اوهان انگريزي لکي سگهندا هئا. مون ڊارون کي هڪ پارٽيءَ ۾ چوندي ٻڌو ته اوهان جهڙو لکڻ جو اعليٰ انداز هن ڪنهن وٽ ڪونه ڏٺو. اوهان جا تشريحي نوٽ ڏاڍا سٺا هوندا هئا. منهنجو خواب هو ته مان انگلستان جي تهذيب جي مڪمل تاريخ لکان پر ان تي ويهه ورهيه ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ مان ان جو رڳو تعارف لکي سگهيس جيڪو چئن جلدن ۾ هو. پوءِ منهنجي ماءُ فوت ٿي وئي ۽ مان وڌيڪ لکي نه سگهيس. منهنجي صحت سٺي هجي ها ته شايد مان ڪو يادگار ڪم ڪري سگهان ها.

**موسٽڪو:** مهرباني ڪري ٻڌايو ته پنهنجي مطالعي مان اوهان ڪهڙا نتيجا ڪڍيا.

**بڪل:** اوهان کي خبر هئڻ گهرجي ته بيلجيئم جي اقتصاديات جي ماهر ڪيوٽيليٽ Quetelet ماڻهوءَ جي سندس مرضيءَ وارن عملن جهڙوڪ شادي ۽ ائڊريس لکڻ ڪانسواءِ خط دٻي ۾ وجهي ڇڏڻ جهڙن ظاهريءَ طرح معمولي واقعن جا انگ اکر گڏ ڪيا هئا. اهڙن ظاهري طرح معمولي واقعن ۽ انهن جهڙين معمولي ڳالهين جي بنياد تي مون نتيجو ڪڍيو ته جڏهن اسين حالتن جو تفصيلي جائزو وٺون ٿا ته سمجهون ٿا ته ماڻهو پنهنجي هلت ۾ آزاد آهي. پر هن جي اصل خبر تڏهن ٿي پوي جڏهن اسين هن کي ضرورت وقت ڏسون ٿا ته ڪيئن ٻاهريون قوتون هن جي ارادي تي اثرانداز ٿيون ٿين. ماڻهن جي اجتماعي معاملن ۾ فرد جي انفرادي خاصيتن جي ڪا اهميت ڪانهي ۽ تاريخ نويس کي ان ڏانهن ڌيان ڏيڻ نه گهرجي. ترقي عظيم شخصيتن جي ڪري نه پر علم جي وڌڻ ۽ پکڙجڻ جي ڪري ٿي آهي. مون کي هڪ دور کان ٻئي دور تائين ماڻهوءَ جي اخلاق، جذبن ۽ احساسن ۾ ڪا ترقي نظر نه آئي آهي، مون کي رڳو سائنس ۾ ترقي نظر آئي آهي جيڪا آهستي آهستي دنيا کي بدلائي پئي.

**موسٽڪو:** اوهان صحيح نتيجا ڪڍيا آهن. مون جهونڙي فانٽينل Fontenelle کان به ساڳي ڳالهه ٻڌي.

**بڪل:** سائين مون کي به اوهان وانگر تاريخ تي جاگرافيءَ جي اثرن جي موضوع سان ڏاڍي دلچسپي آهي. زمين، آب و هوا، خوراڪ، وغيره هر نسل جي زندگيءَ جي داستان کي متاثر ڪيو آهي. هندستان جي عظيم قدرتي نظارن هندن جي ذهن ۽ سندن همت کي پسپا ڪري ڇڏيو ۽ هنن ۾ وهمن ۽ فطرت پرستيءَ جو لاڙو پئدا ٿيو. يورپ جي سادن نظارن اتان جي ماڻهن جي همت کي گهٽ ٿيڻ نه ڏنو ۽ هنن ۾ فطرت جي پوڄا جي بدران فطرت تي حاوي ٿيڻ جو لاڙو پيدا ٿيو.

**اناطول فرانس:** ان ڳالهه جي سيني کي خبر آهي ته اوهان ڪڏهن به اٽلانٽڪ سمنڊ جي هن پار نه ويا. اهي وحشي جيڪي هاڻي اُتر آمريڪا ۾ رهن ٿا انهن ۾ قدرتي سائنس وڏي ترقي ڪئي هئي پر پوءِ به هنن ۾ مذهبي جنون هو. اوهان هنن کي ڏسو ها ته هنن ۾ وڏيڪ دلچسپي ونو ها.

**بڪل:** هڪ ته مون کي واندڪائي ڪانه هئي بيو ته هنن جي باري ۾ مسٽر ڊڪنز جون رپورٽون به همتائيندڙ نه هيون. پر مون آمريڪا جي تاريخ ڏاڍي غور سان پڙهي آهي. مون اولاهين گول وارن علائقن جي جاگرافيائي حالتن ۾ عجيب هڪ جهڙائي ڏٺي، ميڪسيڪو جي ڏکڻ ۾، اولاهين ڪناري تي بنان گهم واري گرمي آهي ۽ اوڀارئين ڪناري تي گرمي نه آهي پر گهم آهي انڪري ڪولمبس کان اڳ آمريڪي تهذيب ميڪسيڪو ۽ وچ آمريڪا تائين محدود هئي جو رڳو ان علائقي جي آب وهوا گهميل به هئي ته گرم به، جنهن جي ڪري ٻوٽن، ميون ۽ انسانن لاءِ موافق هئي. ان ڪانپوءِ يورپي لوڪن جو اچڻ وڌيو. ايجادن زور ورتو ۽ ماڻهو قدرتي حالتن جو محتاج نه رهيو.

**موسٽڪو:** چئبو ته اوهان جي تاريخ جي جاگرافيائي تشريح ماڻهوءَ جي تاريخ جي شروعاتي دور جي آهي.

**بڪل:** جيئن جيئن ماڻهو ماحول تي حاوي ٿيندو ٿو وڃي تيئن تيئن واقعن جي سلسلي ۾ معروضي ۽ مادي حالتن جي اهميت گهٽبي تي وڃي.

**وليئم جيمز:** اوهان جي ڳالهه ٻڌي خوشي ٿي. مون کي ڊپ هو ته ڪٿي اوهان اسان سيني کي ويڪرائي ڦاڪ ۽ ڊگهائي ڦاڪ تائين

محدود نہ ڪري ڇڏيو. اوهان ڪي ٻڌي خوشي ٿيندي تہ هر فريڊرڪ رٽزل Herr Friedrich Ratzel جنهن ماٺ ڪري واهنا جون ڳالهيون ٿي ٻڌيون تنهن تاريخ جي جاگرافيائي تشريح تي وڏو ڪم ڪيو آهي.

**بڪل:** مان ان باري ۾ نيون ڳالهيون ٻڌڻ ٿو گهران.

**رٽزل:** سائين، آمريڪا جو هي عظيم فلاسفر منهنجي باري ۾ وڏو وڏائُ پيو ڪري. منهنجي زماني ۾ جاگرافي تي جيڪو ڪم ٿيو هو منهنجو ڪم اُن جو هڪ ننڍو حصو آهي. ان ڏس ۾ رٽر ڪوهل، پِشل ريڪلس وڏا نانءُ هئا. ڊاڪٽر جيمز اوهان جي ملڪ ۾ پروفيسر هنٽنگٽن بہ وڏو ڪم ڪيو آهي.

**بڪل:** اوهان پنهنجا نتيجا اسان کي ٻڌايو

**ريٽزل:** موسو موشڪو اوهان آب وهوا جي باري ۾ جيڪي نتيجا ڪڍيا مان انهن ۾ توري ڦير گهير آڻڻ گهران ٿو. گرم علائقن ۾ گرميءَ جي ڪري زندگي ايڏي ڏکي ڪانہ هوندي آهي پر ڌرتي ڌٻڻ، وبا، طوفان، جانورن ۽ جيتن جي ڪري ڏکي هوندي آهي. ان جي ڀيٽ ۾ توري گهٽ گرمي وڏي رحمت ثابت ٿيندي آهي. ماڻهو گهڻو ڪري گهر کان ٻاهر رهندا آهن ۽ ماڻهن سان اٿڻ ويهڻ، ڪچهرين ۽ جنسي معاملن ۾ وڌيڪ دلچسپي جي ڪري ماڻهن جو فن ۽ ثقافت ڏانهن لاڙو وڌندو آهي. ٿڌي اُتر ۾ ڪارخانن جي سلسلي ۾ پيچ ڊُڪ، واپار جي مصروفيتن، مٿاهين طبقي ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ حاصل ڪرڻ جي شوق جي ڪري فن جي بدران سائنس ترقي ڪندي آهي ۽ واندڪائي جي بدران دولت کي اهميت هوندي آهي. گهريلو زندگي ماڻهو کي اڪيلو ڪري ڇڏيندي آهي جڏهن تہ بي آرام مقابلو ماڻهن ۾ سخت انفراديت پيدا ڪندو آهي.

**مارڪس:** مان اوهان کي پوءِ ٻڌائيندس تہ جيڪي اوهان آب و هوا جا ٻڌايا آهن سي اصل ۾ اقتصادي حالتن جا نتيجا آهن.

**بڪل:** پروفيسر صاحب، اوهان پنهنجي ڳالهہ جاري رکو.

**ريٽزل:** ماڻهن جي قد ۽ چهرن جي خاص نمونن جو سبب بہ آب وهوا آهي. ڪيترن عالمن جو خيال آهي تہ آمريڪي ماڻهن جو رنگ ريڊ انڊين وانگر پيتل جهڙو ٿيندو ٿو وڃي. پروفيسر بوسُ ٻڌايو آهي تہ

آمريڪا ۾ آب و هوا جي ڪري، هڪ ٻئي مان شاديون ڪرڻ ڪانسواءِ، ڏڪهي قد وارن جي اولاد جا قد ننڍا ۽ ننڍي قد وارن مهاجرن جي اولاد جا قد ڏگها ٿيندا ٿا وڃن ۽ جدا جدا نسلن جي ماڻهن جي متن جي گولائي بہ هڪ جيتري ٿيندي ٿي وڃي ۽ پروفيسر هنٽنگٽن شهزادي ڪروپٽيڪن جي پيروي ٿو ڪري.

**اناطول فرانس:** ڪروپٽيڪن وڏو انارڪسٽ صوفي هو، منهنجي هن سان چڱي واقفيت هئي.

**رينڊزل:** پروفيسر هنٽنگٽن ثابت ڪيو آهي تہ جو مقامي مينهن جو مقدار ڪنهن بہ قوم جي تقدير جو فيصلو ڪري سگهي ٿو. سڪل ڏينن جا ٿهہ هزارين هجرتن جا داستان ٻڌائيندا آهن. ايشيا ۾ مينهن نہ پوڻ ڪري وقت بوقت تهذيبون تباهہ ٿينديون رهيون آهن.

**وليم جيمز:** اها ڳالهہ ڏاڍي دلچسپ آهي تہ سياٽي عالم تاريخي هجرتن، فتحن ۽ وڏين وڏين سلطنتن جي قائم ٿيڻ جا سبب، سج جي داغن ۾ ٿيندڙ ڦيرگهير ۾ ڳولهيندا.

**رينڊزل:** سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو. ٿورو درياهن جي اثرن تي غور ڪيو. نيل ۽ گنگا، هوانگ هو ۽ ينگ سي، دجلہ ۽ فرات، ٽائيبر ۽ پو، ڊينوب، ايلبي، سين ۽ ٿيمز، هڊسن ۽ سينٽ لارنيس،اوهيو ۽ مسيسپي، انهن جي زرخيز ڪنارن تي ڏري گهٽ سيني تهذيبن جا بنياد رکيا ويا ۽ ڊينوب.... سائين جيڪڏهن نيرو ڊينوب ڳالهائي سگهي تہ الائجي ڪيترين جدا جدا قومن جا داستان ٻڌائي جيڪي ويرانن ڪي ڇڏي گهٽ آبادي واري يورپ ڏانهن لڏي آيون. جيڪڏهن روس جا درياه ڏکڻ جي بدران اُتر طرف وهن ها تہ اوهين سمجهو ٿا تہ روس قسطنطنيہ کي هٿ ڪرڻ لاءِ وڏيون جنگيون ڪري ها. روس جا درياه جيئن تہ ڪاري سمنڊ ۽ ڪيسپين سمنڊ ۾ چوڙ ٿا ڪن انڪري ڊينيپر روس کي بازطيني ۽ وولگا ان کي ايشيائي بنائي ڇڏيو. جيستائين پيٽر، سينٽ پيٽرز برگ نہ ٺاهيو هو ۽ نيوا Neva جاري نہ ٿيو هو تيستائين روس يورپ جو حصو ٿيڻ لاءِ اولهہ ڏانهن ڪڏهن اک بہ نہ کڻي هئي.

**بڪل:** پروفيسر صاحب، ڏاڍي سني ڳالهہ ٿا ٻڌايو. پوءِ؟

**ريٽزل**: تاريخ ۾ ساموندي ڪنارن جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي. ان تي غور ڪرڻ گهرجي. ميڊيٽيرئن سمنڊ ڊزن ڪن تهذيبن کي پاڻ ۾ ڳنڍي ڇڏيو. اهو پوءِ پئسفڪ سمنڊ يورپ کي آمريڪا سان ملايو ۽ واپار جون ڏارائون بدلجي ويون.

**هيگل**: مون "تاريخ جي فلاسافي" جنهن جو هتي ڪو ذڪر ئي نٿو ڪري، ۾ چيو هو ته ميڊيٽيرئن سمنڊ ڪانسواءِ پراڻي زماني جي تاريخ جو ڪو تصور به ڪري نٿو سگهي. جيئن روم ۽ ايٿنز جو تصور انهن چبوترن ڪانسواءِ ممڪن ناهي جتي بحث لاءِ سڄي شهر جا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا.

**ريٽزل**: مون کي اوهان جي ڪتاب جو اهو ڀاڱو چڱي طرح ياد آهي جنهن ۾ اوهان لکيو آهي ته سنڌ ساموندي ڪنارن ۽ چوڏاري هزارين ميلن جي ڪري يونان ايران ۽ اوپر تائين پڄي سگهيو ۽ ميڊيٽيرئن سمنڊ ڪيس واپار جو مرڪز ناهي ڇڏيو. ساموندي ڪنارن جي ايراضي گهٽ هجڻ جي ڪري ايشيا ۾ دولت وڌي نه سگهي. ساڳيو حال اڄڪلهه آفريقا جو آهي. آمريڪا ۾ به هڪ بندر کان ٻئي بندر تائين وڏو فاصلو آهي. اُتي ايتري ترقي ٿي نه سگهي ها جيڪڏهن ريل گاڏي جدا جدا علائقن کي هڪ ٻئي سان نه ڳنڍي ها.

**اناطول فرانس**: عالمي جنگ روس بالٽڪ جي هڪ بندر گاهه لاءِ، جرمن رائين Rhine جي منهن لاءِ، فرانس سموري Rhine لاءِ، آسٽريا ٽري اسٽ Trieste آ ۽ فيوم Fiume لاءِ، انگلينڊ ساري دنيا لاءِ، آمريڪا جمهوريت لاءِ، وڙهيو پوءِ منهنجا سائين، مان سمجهان ٿو ته اوهين جاگرافيائي اثر کي گهٽي اهميت پيا ڏيو. اوهان ڇا ڪيو آهي جو ماضي جي ڪن واقعن کي جن جو تعلق جاگرافي سان آهي. هڪ هنڌ گڏ ڪيو آهي. پر ٻيا به ڪيترائي رُخ آهن جيڪي ڪنهن به طرح گهٽ اهميت وارا نه آهن، منهنجو خيال آهي ته قومن جي زندگي ۽ مقدر اوهان جي جاگرافي واري اصول مان ترڪي نڪري ويا آهن. دنيا جي هر حصي ۾ عظيم قومن جنم ورتو آهي. هنن جي آبهوا جدا جدا هئي پر سندن عروج ۽ زوال هڪ جهڙو ٿيو آهي.

**رينزل:** سائين، منهنجي ڳالهہ کي غلط نہ سمجهو، مان جاگرافي جي حوالي سان تاريخ جي تشريح نہ پيو ڪيان. مون رڳو ڪن لفظن جي وضاحت ڪئي آهي.

**وليئم جيمز:** سائين اوهان انڪساري پيا ڏيکاريو. آمريڪا جي هڪ بزرگ استاد چيو آهي تہ اجڪلهہ تاريخ تي جاگرافيائي اثرن جي اهميت کي گهٽائي پيش ڪرڻ جي تحريڪ پئي هلي. جاگرافيائي حالتون حد بندي ڪنديون آهن پر اهي آخري قوتون نہ هونديون آهن. هڪڙو وڏو گول آهي جنهن ۾ جاگرافيائي قوتن سان گڏ ٻيون بہ ڪيتريون قوتون ڪم ڪنديون آهن جيڪي قومن کي عروج ڏانهن وٺي وينديون آهن ۽ زوال ڏانهن ڌڪينديون آهن. نار جي وهڪري جي بدلجڻ سان انگليند تباهہ ٿي سگهي ٿو پر انگليند جيڪا عظمت ماڻي آهي سا نار جي وهڪري جي ڪري نہ ماڻي آهي. سيني اعليٰ تهذيبن جي عروج ۽ زوال جا آخري ۽ اصلي سبب اقتصادي ۽ ذهني هوندا آهن.

**والٽير:** اوهان عقلمندي وارا نتيجا ڪڍيا آهن، مان سدائين چوندو آهيان تہ انگريز عقلمند آهن، ان هڪ نقطي تي مان ۽ ايم ڊي موسٽڪو متفق آهيون.

**ٽشي:** شايد اوهين ٻئي غلط آهيو.

## تاريخ جي نسلي تشريح

اناطول فرانس: مسٽر بَڪل اوهان چوڻ گهريو هو تہ قومن جي تهذيب جو فيصلو ڪندڙ سبب اقتصادي، ذهني يا نسلي ٿي سگهن ٿا. منهنجي زماني ۾ ڪيترا شاگرد قومن جي عروج ۽ زوال جو سبب نسلي ٻڌائيندا هئا. اهڙي سوچ جي ڪري سائنسدان سائنسدان بہ رهيا تہ ساڳئي وقت قومپرست بہ ٿي ويا. رڳو ڪائونٽ گوبينو جي اهڙي سوچ نہ هئي. هو نہ پروفيسر هو ۽ نہ وري قومپرست.

**گوبينو:** اوهان جي ڄمار اجا ڏهہ سال هوندي جو منهنجو ڪتاب "انساني نسلن جو تفاوت" شايع ٿيو هو جنهن ۾ مون ٻڌايو هو تہ انسان جي هر تخليقي شعبي، سائنس، فن، تهذيب، مطلب تہ دنيا جي عظيم، بلند ۽ فائدي واري هر شي جو سرچشمو هڪ آهي ۽ سيني جي پاڙ هڪ آهي. اهو آهي ٽيوٽن، نسل انساني ڪٽنب جي هن شاخ ۾ ٻج

شايد تہ ڪاري ۽ پيلي نسلن کان جدا هو. هي سيني کان الڳ هڪ خاص نسل هو جنهن جون مختلف شاخون هيون جيڪي دنيا جي هر سَتريل حصي تي حاوي ٿي ويون. نسل مان ئي تاريخ جي تشريح ٿئي ٿي. منهنجي نوجوان دوست تنشي سچ چيو آهي تہ اڳواٽي لاءِ ذهن کان وڌيڪ سنو رت ضروري آهي.

**نشٽي:** ڪائونٽ گوبينو، مان اوهان جو مداح آهيان پر نسل جي ان خود فريبي واري تصور سان منهنجو ڪو واسطو ڪونهي مون هر هڪ نسل جي ماڻهن ۾ سني رت جون علامتون ڏٺيون آهن. وينس جي ميربحرن جو رت شايد جرمن نوجوانن جي رت کان سنو آهي.

**اناطول فرانس:** پيارا ڪائونٽ، اوهان جي اهڙي تصور سان انگريز ۽ جرمن ناخوش ناهن ٿيا. پروفيسر فري مين اڻ وٽندڙ جلدائيءَ سان اوهان جي ان نظريي کي قبول ڪري ورتو. پروفيسر ٽرائي اشڪي بہ ان کي خوشي سان قبوليو. ڊاڪٽر برنارڊي مڃيو تہ تاريخ ۾ جرمن قوم سڀ کان وڌيڪ مهذب آهي. موسيو چيمبرلين جيڪو انگستان مان لڏي جرمني ۾ وڃي رهيو هو تنهن ”اڻويهين صديءَ جا بنياد“ جي عنوان سان زبردست ڪتاب لکيو. ان ڪتاب ۾ هن ثابت ڪيو تہ اصل تاريخ تڏهن کان شروع ٿي جڏهن جرمن قوم ماضيءَ جو ورثو پنهنجن مضبوط هٿن ۾ ورتو. منهنجو خيال آهي تہ جن ان ورثي جي تخليق ڪئي انهن تاريخ نہ ٺاهي هئي. مسٽر چيمبرلين جو خيال هو تہ جيڪو بہ ماڻهو اعليٰ ذهانت ڏيکاري، سمجهو تہ هن ۾ ٽيوٽن رت آهي. هن کي ڊانٽي جي شڪل جرمنن جهڙي لڳي. ولي پال جي ”گليٽن نالي خط“ جو لهجو جرمنن وارو لڳو ۽ جيتوڻيڪ هن کي پڪ ڪانہ هئي تہ مسيح جرمن هو پر هن وڏي يقين سان چيو تہ جيڪو ماڻهو مسيح کي يهودي ٿو چوي اهو يا تہ جاهل آهي يا بدديانت، رچرڊ ويگنر ان تصور کي موسيقيءَ سان لاڳو ڪيو. پنجاهہ سال غريبي ۾ گذارڻ ڪانپوءِ هن وحشي کي احساس ٿيو تہ تاريخ جي ٽيوٽني تصور کي قبولڻ ۽ پنهنجي ننڍپڻ جي پاڪبازيءَ جي اظهار ڪرڻ سان شايد هو دولت مند طبقي کي پنهنجي موسيقي ڏانهن مائل ڪري سگهندو.

**ٽنشي:** مون هن کي ڏاڍو ڀانئيو پر اوهان سچ ٿا چئو تہ هو وڏو ناٽڪي هو.

**اناطول فرانس:** هر عظيم شخص اهڙو ئي هوندو آهي. اهڙي نموني جي ناٽڪ بازي نہ ڪري ها تہ بک مري ها، اهڙي ناٽڪ بازي جمهوري ملڪن ۾ تمام ضروري هوندي آهي.

**وليم جيمز:** اسان جي دور جو مزاج نسل واري تصور وارو هو. گيلٽن اعليٰ عقلمندي کي ورثو ٻڌائي ڇڏيو. ”نسل واري علم“ وارن ڪئين رئيسن جي اولاد جي حمايت واري مهم شروع ڪئي. مئڪس ملر لسانيات جي تشريح ائين ڪئي جو ڄيائين تہ آريا قوم هندستان مان يورپ آئي ۽ سموري يورپ تي حاوي ٿي وئي. وائزمن ثابت ٿي ڪيو (سائنس ۾ گهٽيون ڳالهيون ثابت ٿينديون آهن پر رڳو هڪ ڏينهن لاءِ) تہ حياتيءَ جو مادو جسم جي بدنام حصن ۾ لڪل ۽ ماحول جي اثرن کان بي نياز هوندو آهي. حياتيات جي ماڻهن وراثت تي ۽ تاريخ نويسن نسل تي زور ٿي ڏنو.

**اناطول فرانس:** شايد اوهان صاحبن کي خبر نہ آهي تہ موسيو ميڊيسن گرانٽ جيڪو تازو نيويارڪ مان آيو آهي ان موضوع جو ماهر آهي مون وڏي عمر ۾ هن جو ڪتاب ”هڪ عظيم نسل جو انت“ ڏٺو. مون هن جو ڪتاب ڪنيو ۽ سمجهيم تہ مصنف فرانسي قوم جي ڳالهہ تہ ڪري پر پوءِ جڏهن ڏٺم تہ هن انگريز ۽ جرمن قوم جي ڳالهہ ڪئي آهي تہ ڪتاب پڙهڻ اجايو سمجهيم. جو مون کي خبر هئي تہ جيڪي هن لکيو هو سو غلط هو.

**والٽيئر:** موسيوگرانٽ. اوهان پنهنجن خيالن کان واقف ڪيو. جيڪڏهن موسيو فرانس اوهان جون ڳالهيون نہ مڃي تہ دل ۾ نہ ڪجو. ٿي سگهي تہ اسين فرانسي غلطي تي هجون ۽ ٻي دنيا صحيح هجي.

**گرانٽ:** منهنجو نظريو مسٽر چيمبرلين ۽ مسٽر گوبينو جي نظرين کان الڳ آهي. مان ٽيوٽني نسل جي تصور کي غلط ٿو سمجهان جو منهنجي خيال ۾ اهو نسل ڪيترن نسلن جو ميلاپ آهي جيڪي پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي نہ سگهيا آهن. مان پنهنجي ’گفتگو رڳو ان نسل تائين محدود رکندس، جنهن کي مان نارڊڪ نسل ٿو چوان.

اسانجي ڏينهن ۾ اهو نسل بالٽڪ سان واسطو رکندڙ جرمنيءَ جي ماڻهن ۾ نظر اچي ٿو يا وري انهن انگريزن ۽ آمريڪين ۾ نظر اچي ٿو جيڪي اينگلو سيڪسن نسل جا آهن. هن نسل جي اها سڃاڻ هاٺوڪي آهي جڏهن تہ هي نسل تاريخ وانگر قديم آهي. نارڊڪ نسل سڀ کان پهرين اسان کي ساسي Sacee قبيلي جي صورت ۾ نظر اچي ٿو جنهن هندستان ۾ سنسڪرت زبان کي متعارف ڪرايو. هنن جي چمڙي اڇي هئي ۽ هو اُتر مان حملہ آور ٿي آيا هئا. هندستان ۾ هنن ذاتين جو فرق قائم ڪيو تہ جيئن ٻين نسلن مان شاديون ڪرڻ کي روڪي پنهنجو نسلي تحفظ ڪري سگهن. ذات معنيٰ رنگ جنهن جو مقصد معاشي نہ پر حياتياتي هو. ذاتيون ناهي هنن مالي وسيلن تي قبضو ڪرڻ نٿي گهريو پر پنهنجي رت جي حفاظت ڪرڻ ٿي گهري. ان کانپوءِ اسان سميرين قوم کي ڪوه قاف مان ايران ايندو ڏسون ٿا. آچيئن Achaeans فرجئينز Phrygians ۽ ڊوريئنز Dorians جي نالن سان هنن ننڍي ايشيا ۽ يونان کي فتح ڪيو. امبرئينز ۽ اوسڪن oscans قومن اٽلي تي فتح حاصل ڪئي. هو جتي بہ ويا اُتي ويڙهاڪ، ڏکي ۾ ڏکيا ڪم ڪندڙ ميربحر، وائيڪنگ حاڪم ۽ اعليٰ انتظام رکندڙ ثابت ٿيا. يورپي نسل جي ٻين ماڻهن جهڙوڪ مانيٽا ۽ رضا تي راضي رهڻ وارا۽ ايلپي، جوشيلا ۽ ڦرندڙ گهرندڙ طبيعتن وارا يونچ سمنڊ جي علائقن جا ماڻهو. انهن جي پيٽ ۾ هنن ۾ اهي خصلتون وڌيڪ هيون. اهو فرق اٽلي ۾ وڌيڪ نظر ٿو اچي. ڏکڻ اٽليءَ جا ماڻهو يونچ سمنڊ جي علائقي جي ماڻهن جهڙا آهن جيڪي گهٽي پاڳي سيني نسلن جي گمنام غلامن جو اولاد آهن، خاص ڪري اوپر ۽ ڏکڻ جي غلامن جا جن کي رومي سلطنت جاگيرن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ گهرايو هو. ڏکڻ اٽليءَ جا ماڻهو وڌيڪ سٽريل آهن جو انهن مان گهٽا انهن جرمن حملہ آورن جا پوئينر آهن جيڪي سيزر کان شارليمن جي دور تائين اٽلي تي حملا ڪندا رهيا. اهي ئي ماڻهو هئا جن فلورنس ۾ نشاة الثانيہ جي تحريڪ شروع ڪئي ۽ پوءِ ان کي پاڻ سان گڏ روم کڻي ويا. ڊانتي، رافيل ٽٽيئن، مائيڪل اينجلو، ليو نارڊ ڊا ونچي، اهي سڀ نارڊڪ نسل جي ماڻهن جهڙا هئا. يونان ۾ آخين نارڊڪن مفتوح قومن سان شاديون

شروع ڪيون ۽ پيريڪلز جي زماني واري اٿينز جا ذهين ۽ هشيار ماڻهو پئدا ڪيا.

اناطول فرانس: هنن وڏي غير ذميواري ڏيکاري جو ٻين قومن سان شاديون ڪيائون.

**والٽيئر**: اوهان موسيو فرانس جي ڳالهين تي ڪن نه ڏيو ۽ پنهنجي ڳالهه جاري رکو. اوهان ڏاڍيون سٺيون ڳالهيون پيا ڪيو.

**گرانٽ**: ڊوريئين نسل وارن ٻين مان شاديون نه ڪيون ۽ سپارٽا جي جنگجو قوم تي اُبريا ۽ روم جي غلامن تي حڪمراني ڪيائون، يونان جا اعليٰ طبقي جا ماڻهو اڇي چمڙيءَ وارا هئا ۽ هيٺين طبقي وارا ڪارا، اولمپس جي ديوتائن کي به سدائين اڇي چمڙيءَ وارو ڪري ڏيکاريو ويو آهي. اهو سوچڻ ئي محال آهي ته ڪو يوناني فنڪار ڪٽڪ رنگ واري وينس ناهيندو. اڄ ڪليسا ۾ سڀ فرشتا اڇي رنگ جا ڏيکاريا ويندا آهن، پراڻي زماني جي در پڙدن تي جيڪي نقش چٽيل هوندا آهن، انهن ۾ اڇي رنگ جو ڪو نواب گهوڙي تي سوار نظر ايندو آهي ۽ گهوڙي جون واڳون ڪارن وارن واري ڪنهن ڳوناٺي جي هٿن ۾ هونديون آهن. صليب جون تصويرون چٽڻ مهل فنڪار مسيح کي اڇي چمڙيءَ وارو ۽ ساڻس صليب تي لٽڪيل ٻن چورن کي ڪٽڪ رنگو ڏيکارڻ کان ڪونه هٻڪندا آهن. اها رڳو رسم نه آهي پر مسيحي روايتن مان خبر پويئي ته مسيح نارڊڪ اجا به شايد يوناني نسل وارن جي جسماني ۽ اخلاقي وصفن وارو هو.

**اناطون فرانس**: وڏو ماڻهو ٿيڻ به وڏي مصيبت آهي. ماڻهو ساري عمر ٻڪون ڪاتي ۽ جڏهن مري ته ماڻهو ڪيس سندس اصلي روپ ۾ پيش ڪرڻ جي بدران ٻئي هر روپ ۾ پيش ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا اوهان ڳالهه جاري رکو. نارڊڪ پل مسيح کي ڪٽي وجن، يهودين کي مسيح جي ضرورت ڪانهي.

**گرانٽ**: يونان مقدونيه کان شڪست کاڌي چاڪاڻ ته يونانين جو رت گڏيل شادين جي ڪري خراب ٿي چڪو هو. مقدونيه جا ماڻهو نارڊڪ هئا. هن ايران کي شڪست ڏني جو ايراني به گڏيل شادين جي ڪري ڪمزور ٿي ويا هئا. عظيم حملن واري دور تائين اسان کي

نادرڪ نظر نٿا اچن. اهي بالٽڪ تائين پهچي چڪا هئا، اسڪيڊنيويا کي آباد ٿي ڪيو. اتان هو چوڏاري پکڙجي ويا ۽ يورپ جو شايد ئي ڪو ملڪ هو جتي هو ڦر جو مال هٿ ڪرڻ لاءِ نہ پهتا. پهرين روم فتح ڪيائون نشاة الثانيہ واري زماني جا نواب نادرڪ هئا. پوءِ پوءِ هنن فرانس کي فتح ڪيو. فرانس جا فرينڪ نادرڪ ٽيوٽن هئا ۽ هنن فرانس کي جرمن جو نالو ڏنو شارليمن جرمن شهنشاھ هو. هن جي گاديءَ جو هنڌ ۽ سندس درباري ٻولي جرمن هئي. ٽيهن سالن واري جنگ تائين يورپ تي جرمن حاوي هئا. دلاوري، سرداري، طبقاتي برتري نسلن تي ناز، شخصي ۽ خانداني غرور ۽ تراربازي نادرڪن جون خصلتون هيون. ٻين تي حاوي ٿيڻ واري ان خصلت جي ڪري هنن فرانس، سِسِلي ۽ انگليند کي فتح ڪيو. روس کي فتح ڪرڻ کانپوءِ هن 1911ع تائين ان کي پنهنجي قبضي ۾ رکيو. آمريڪا، آسٽريليا ۽ نيوزيليند ۾ بينڪون قائم ڪيون. يورپ جي واپارين لاءِ هندستان ۽ چين جا دروازا کولي، ايشيا جي هر بندرگاھ تي پنهنجا سپاهي ٻيهاريائون، اهي ساڳيا ماڻهو آهن جيڪي اوچن جبلن کي لتاڙيندا، ايلپس جبل کي راند جو ميدان ۽ Poles جي ڳولها لاءِ بنان لاپ وارا سفر ڪندا آهن. مون کي وڏي ڏک سان چوڻو ٿو پوي تہ هي اعلىٰ نسل ختم ٿيندو پيو وڃي. ڪيمبلي ڊيمولن ماڻهن کي چوندو هو تہ 1789ع ۾ فرانس مان هن جا پير پٽجي ويا. فرانس وارو انقلاب اصل ۾ فرانس جي اصلوڪي ماڻهن (جن کي اسين الپائن فرانسي چئون) انهن ٽيوٽن سردارن جي خلاف بغاوت هو جن هزار سالن تائين فرانس کي زيردست رکيو، نارڊڪ قوم جي صليبي جنگين ۾ فوجداري خودڪشيءَ جي برابر هئي. ٽيهن سالن جي جنگ نيپولين جي جنگين ۽ عالمي جنگ نارڊڪ نسل جو رت چوسي ڇڏيو. انگلستان ۽ جرمني ۾ نارڊڪ نسل جا ماڻهو ٿورا ٻار ڄڻڻ جي ڪري ختم ٿيندا ٿي ويا. روس ۾ هنن انهن وحشين کان شڪست کاڌي جن جي اڳواڻي هڪ منگول ۽ ٻئي يهوديءَ ٿي ڪئي. آمريڪا ۾ هو اقتدار کان محروم ٿيندا ٿا وڃن جنهن سبب ڏکڻ يورپ مان لڏي آيلن جو وڌندڙ انگ ۽ جمهوري سرشتي ۾ اڪثريت جي طاقت کين بي وس ڪري ڇڏيو آهي.

**اناطول فرانس:** واه جي ڳالهه ڪئي اٿو

**گرانٽ:** ان جو نتيجو تهذيب جو زوال آهي، انگلستان ۽ آمريڪا ۾ ماڻهن جو ذوق ۽ معيار خراب ٿي ويو آهي. راڳ، موسيقي رقص، ناٽڪ ۽ سياست تي اهي ماڻهو ڇانيل آهن جيڪي عام ماڻهن مان آهن. ٻه ٽي سال اڳ تائين منهنجو خيال هو تہ لڏي اچڻ ۽ نارڊڪ ۽ غير نارڊڪ قومن جي هڪ ٻئي مان شادين کي روڪڻ سان آمريڪا ۾ ان عظيم قوم کي بچائي سگهجي ٿو. پر هاڻي گهڻي دير ٿي وئي آهي. گهٽ ٻار پئدا ڪرڻ سان جيڪو عمل شروع ٿيو آهي اهو هڪ ٻئي مان شادين ۽ هجرت سان مڪمل ٿي ويندو. 2000ع تائين نارڊڪ قوم هر هنڌ اقتدار کان محروم ٿي ويندي ۽ ان سان گڏ يورپ ۽ آمريڪا جي تهذيب هڪ نئين وحشي پٽي جو شڪار ٿي ويندي.

**اناطول فرانس:** توهان ڏاڍي خوفناڪ تصوير چٽي آهي. اسين پاڻ کي ايئن آٿت ڏيئي سگهون ٿا تہ ان حالت ۾ ٻه ايلپي" فرانسي، اٽلي وارا، آسٽروي ۽ روسي پوءِ ٻه موجود هوندا. ان ڳالهه مان ظاهر آهي تہ روسي پاڻ کي جمهوريت سان تباهہ ٿيڻ نہ ڏيندا. ان نارڊڪ نسل جي ماڻهن يعني انگريزن هڪ نئين شرارت ڪئي ۽ اڪثريت واري حڪومت ايجاد ڪيائون، پر سائين، اوهان اهو تہ ٻڌايو تہ ڇا واقعي اوهين سمجهو ٿا تہ نارڊڪ نسل جا ماڻهو اعليٰ آهن. منهنجي خيال ۾ تہ هو وڏا ويڙهاڪ، ڌاڙيل ۽ ڦورو هئا. ڇا اها ئي تهذيب آهي؟

**گرانٽ:** هنن جديد يورپ جي ملڪن کي منظم ڪيو ۽ اسان جي تهذيب کي ممڪن بڻايو.

**نٽشي:** جديد يورپ جي ملڪن کي منظر ڪري ڪو چڱو ڪم تہ ڪونہ ڪيائون، جيڪڏهن جديد رياستون قائم نہ ٿين ها تہ ساري متحد يورپ تي پورپ حڪومت هلائي ها ۽ تحفظ حاصل ٿيڻ سان ڪليسا نرم ٿي. اٽلي جي نشاة الثانيہ وانگر فن ۽ آزاديءَ جي پرورش ڪري ها ۽ پڙهيل طبقو ائين آزاد هجي ها. جيئن اڄڪلهہ پئرس يا ويانا ۾ آهي. يا جيئن ليو ڏهين جي ڏينهن ۾ روم ۾ هو ۽ عوام مذهبي رسمن سان خوش ٿي وڃي ها.

**گرانٽ:** لڳي ٿو اوهين فطرت پرست آهيو.

**تنشي:** سچ تا چئو، يوناني زبان ڄاڻڻ جي ڪري مان ان ڪانسواءِ ٻيو تي ٻه ڇا تي سگهيس.

**اناطول فرانس:** ڪجهه ڏينهن جي ڳالهه آهي ته اسان دوستن گڏجي ڪنهن سياسي پارٽي جي اعليٰ قيادت جي ميٽنگ ۽ ان ميٽنگ ۾ ووٽ ڏيڻ جو سانگ ڪيو ۽ ووٽ وڏا جيئن آفريڪي حياتيات جي سائنس لاءِ ووٽ وجهندا آهن. اسان ان ڳالهه لاءِ ووٽ وڏا ته اسان ۾ اهي ڪهڙا عظيم انسان هئا جن اسان جي زندگي ڪي وقتي طور وڏايو. منهنجو خيال آهي ته جن اميدوارن ڪي اسان ووٽ ڏنا انهن جا نالا مون ڪي ياد آهن. پهرين نمبر تي شسڪپيئر هو جنهن جو رتبو گهٽائڻ جي ڪو به جرائت نتو ڪري سگهي سواءِ برناردشا جي، جيڪو ڪنهن ڏينهن شڪسپيئر جي پيٽ ۾ بامباشا فيوري اوسر نالي واري ڪنهن موالي جي باري ۾ اسان ڪي آگاهي ڏيندو. ان ڪانپوءِ مستانو بيٿوون ۽ مائيڪل اينجلو جو موسيٰ ۽ مسيح، جنهن ڪي سمجهڻ سان خبر تي پوي ته هو ڏاڍو پيارو نوجوان هو. افلاطون فلاسفرن ۽ ليونارڊو فنڪارن جا نمائندا هئا. مون والٽيئر جو نالو شامل ڪرڻ تي زور پريو، تنشي نيپولئين جي سفارش ڪئي ۽ براندين چيو ته سيزر ڪي به شامل ڪيو. مون ريبليز ڪي ڏهين نمبر تي شامل ڪرڻ لاءِ چيو پر چونڊ ڪرڻ وارن اسيمبلي جي ميمبرن واري بيوقوفي جي چونڊ ڪئي ۽ ڊارون جو نالو شامل ڪيائون. ان فهرست جي باري ۾ اوهان جو ڇا خيال آهي موسيوگرانٽ؟

**گرانٽ:** تمام سني لسٽ آهي.

**اناطول فرانس:** جواب ڏيڻ کان اڳ اوهان ڪي سوچڻ گهربو هو ته اها فهرست اوهان جي ناردڪ نسل جي خلاف آهي. انهن ڏهن مان رڳو ٽي ناردڪ نسل جا آهن. باقي يهودي، يوناني ۽ اٽلي جا آهن. مان سمجهان ٿو ته ناردڪ فن، فلسفي، مذهب، دل ۽ نگاهه جي معاملن ۾ ايترا عظيم نه آهن جيترا هو هڪ ٻئي ڪي ذبح ڪرڻ جي سائنس، پاڙيسرن ڪي تباهه ڪرڻ ۽ ٽيڪس لڳائڻ ۾ هوشيار آهن.

**گرانٽ:** اوهان مون ڪي منجهائي ڇڏيو بروسون جي اچڻ تي مان اوهان سان پلٽ ڪندس.

اناطون فرانس: مان هن کي موٽ جي ٽڪيٽ وٺي ڏيندس.

گرانٽ: اوهين ڪنهن حد تائين صحيح ٿي سگهو ٿا. نارڊڪ ۽ ايلپي نسل جا ماڻهو يونچ سمنڊ جي ماڻهن کان جسماني طرح وڌيڪ ٿي سگهن ٿا پر ذهني حاصلات ۾ هو شايد نہ ٻنهي کان مٿانهان آهن، فن جي معاملي ۾ هنن جي برتري کان ڪو بہ انڪار ڪري نٿو سگهي. جيستائين جديد يورپ جو تعلق آهي اتي تهذيب اتر کان نہ پر ڏکڻ کان آئي. روم جا پراڻا رهاڪو ان نسل جا هئا. مصر جي ڊگهي عرصي تائين قائم رهندڙ تهذيب، Crete ڪريٽ جي شاندار مِنون Minoon سلطنت ايٽريوري جي پراسرار سلطنت (جيڪا رومي سلطنت جي پيشرو ۽ رهنما هئي) يونچ ۽ ڪاري سمنڊ جي چوڌاري واريون يوناني رياستون ۽ بئنڪون، فنيشيا جي بحري ۽ تجارتي طاقت ۽ ان جي عظيم بئنڪ ڪارٿيج، اهي سڀ يونچ سمنڊ جي نسل وارن جي تخليق هيون. هنن کي ئي يورپ ۾ ڪلاسيڪي تهذيب پکيڙڻ جو فخر حاصل آهي.

اناطون فرانس: اوهان تہ وڏي فراخدلي سان ڳالهيون مڃيندا پيا وڃو. مان ان نقطي تي زور نہ ڏيندس تہ ايٿنز جا ماڻهو جيڪي نارڊڪ ۽ رومي نسلن جي ماڻهن جي هڪ ٻئي سان شادين جي پئداوار هئا. جنگ ڪانسواءِ ٻئي هر معاملي ۾ سپارٽا جي ماڻهن کان مٿاهان هئا، جيڪي اوهان جي چوڻ مطابق خالص نارڊڪ هئا، مان عرض ڪندس تہ ٿورو اسڪينڊي نيويا ڏانهن بہ نهاريو جنهن عظيم اِبسن ۽ نوبل پرائيز کي جنم ڏنو (هنن جي مون سان ڏاڍي سٺي هلت هئي) ٿورو اوهان انهن خالص نارڊڪ ماڻهن جي آرٽ، ادب، سائنس ۽ فلاسفي جي ڀيٽ نشاة الثانيہ جي اٽلي وارن جي فن، ادب، سائنس ۽ فلسفي سان ڪيو جن کي اوهين نارڊڪ ۽ غير نارڊڪ نسلن جي ميلاپ جي پئداوار ٿا چئو، ڇا اوهان کي مڃڻو نہ پوندو تہ نارڊڪ ۽ غير نارڊڪ نسل جي ميلاپ جا ڏاڍا سٺا نتيجا نڪتا.

گرانٽ: ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿئي ٿو.

نشٽي: نسل ڇا آهي؟

**گرانٽ:** نسل جي تشريح ائين ڏکي آهي جيئن ڪنهن به ظاهر شيءِ جي تشريح ڏکي هوندي آهي. ايترو چئي سگهجي ٿو ته ڪنهن به نسل جو بڻ بنياد هڪ هوندو آهي. هنن جون جسماني خصلتون جيئن رنگ، وارن جو نمونو، مٿي ۽ نڪ جو نمونو.

**اناطول فرانس:** مان انگليند ۾ هيس ته مون کي موسيو هليئري بيلاڪ Hillire Belloc ٻڌايو هو ته ڪنهن ماڻهو کي خبر پئي ته هو نارڊڪ نسل مان آهي پر هن جو مٿو، قد، رنگ ۽ وار، ايلپي نسل جي ماڻهن جهڙا هئا. هن اهو به ٻڌايو ته هڪ عورت کي پنجَ ٻار آهن جنهن مان به يونچ سمنڊ وارن، هڪ ايلپي، هڪ نارڊڪ ۽ هڪ انهن ٽنهي نسلن جي ميلاپ وارو آهي. ٿي سگهيو ته اهي سڀ نسل انگلستان ۾ هجن. پر موسيو بيلاڪ جو خيال هو ته اها عورت پڪ گشتي هوندي.

**گرانٽ:** مان مڃان ٿو ته ڪو به نسل خالص نه آهي ۽ هر ماڻهوءَ جو رت گڏيل آهي. پر اها ڳالهه پڪ سان چئي سگهجي ٿي ته انگلستان جي رئيس طبقي جو رت انهن آمريڪين کان وڌيڪ خالص آهي جيڪي جديد آمريڪا جي رت جي انتشار مان پئدا ٿيا آهن.

**بڪل:** منهنجو خيال آهي ته انگريز قوم ڪيلٽ، رومي اينگل، سيڪسن، جيوٽ، ڊين ۽ نارمن نسلن جي ميلاپ جي پئداوار آهي.

**گرانٽ:** اهي گهڻي ڀاڱي نارڊڪ نسل جون شاخون آهن ۽ اصل ۾ سڀ هڪ ئي نسل جا آهن.

**رينزل:** دوستو، ڇا مان وچ ۾ ڳالهائي سگهان ٿو. مون ان ڳالهه تي گهڻو سوچيو آهي ۽ ان نتيجي تي پهتو آهيان ته يورپ جا اهي ٽي نسل اصل ۾ هڪ ئي نسل جون شاخون آهن. اهو نسل اوپر کان اپريو ۽ ايلپن وانگر اڻ سڌريل هو. هو اتر ۽ ڏکڻ ۾ پکڙجي ويو ۽ جدا جدا جاگرافيائي ۽ اقتصادي حالتن جي اثر هيٺ نارڊڪ ۽ يونچ سمنڊ وارن نسلن ۾ ورهائجي ويو. نسلي فرق ماحول جي فرق سان پئدا ٿيندو آهي. ان ڪري چئي نٿو سگهجي ته نسل تاريخ جو فيصلو ڪُن سبب آهي. اتر جا ماڻهو ڪجهه وقت گرم ملڪن ۾ رهن ته هنن ۾ ڏکڻ جي ماڻهن واريون خاصيتون پئدا ٿي وينديون. ساري دنيا ۾ جبل اورانگهڻ

وارا ماڻهو قد آور هوندا آهن پوءِ پل سندن تعلق ڪنهن به نسل سان هجي. مون ڏنو آهي ته جيڪي جرمن ڏکڻ برازيل ڏانهن لڏي ويا، اهي آهستي آهستي نارڊڪ نسل واري توانائي وڃائي وينا. ڏکڻ آفريڪا جي انگريزن وانگر وڻن جي هينان ويهندا آهن. ڪاري رنگ جو نوڪر سندن ٿهل ٽڪور پيو ڪندو آهي... نسلي خصلتون جاگرافيائي حالتن مان پئدا ٿينديون آهن.

## تاريخ جي معاشي تشريح

**مارڪس:** ٿورو ترسو، ريٽزل صاحب، رڳو جاگرافيائي حالتن جي ڳالهه چو ٿا ڪيو. ڇا ماڻهن جا قد، آب و هوا سان گڏ خوراڪ جي ڪري به ننڍا وڏا ٿي نٿا سگهن؟ حيرت جي ڳالهه آهي جو هيتري وقت کان هي بحث پيو هلي، پر اڃا تائين ڪنهن تاريخ جي معاشي تشريح جي ڳالهه نه ڪئي آهي.

**والٽيئر:** (اناطول فرانس کي مخاطب ٿيندي) هي ڏاڙهيءَ وارو مانيٽو ۽ ديوتائن جهڙو ماڻهو ڪير آهي؟

**اناطول فرانس:** هي جنگي محاذ جو سقراط ڪارل مارڪس آهي. هن زبردست ڪتاب لکيو آهي جنهن ۾ ثابت ڪيو اٿئين ته دنيا ۾ طاقتور هيٺين جو استحصال ڪندو آهي.

**والٽيئر:** اها ته نئين ڪوجنا آهي پلا اهو ٻڌايو اٿئين ته ان استحصال کي ڪيئن ختم ڪجي.

**اناطول فرانس:** چوي ٿو هيٺان اُتن ۽ ڏاڍن جو انت آڻين.

**والٽيئر:** (مارڪس کي مخاطب ٿيندي) مهرباني ڪري پنهنجو نظريو ته ٻڌايو.

**مارڪس:** منهنجو نظريو ڏاڍو سولو آهي. هر زماني ۾ تاريخ جو بنيادي جز معاشي رهيو آهي. پئداوار ۽ ان جي ورهاست جو طريقو، دولت جي ورڇ ۽ ان جي استعمال جو طريقو، نوڪر ۽ مالڪ جو تعلق، امير ۽ غريب جي طبقاتي جنگ، اهي اڳتي هلي انساني زندگيءَ جي سيني رخن يعني مذهب، اخلاق، فلسفي، سائنس، ادب ۽ فن جو تعين ڪندا آهن. پئداواري رشتن سان سوسائٽي جو اقتصادي نظام جڙندو آهي. اهو ئي بنياد آهي جنهن تي سوسائٽي جي قانون واري عمارت

اڏيل هوندي آهي ۽ ان سان ئي مطابقت رکندڙ اجتماعي شعور جڙندو آهي.

والٽيئر: اوهان جو ڳالهيون ٿوريون منجهائيندڙ آهن ۽ مٿي ۾ سور ٿيون وجهن، پر شايد مثالن سان ڳالهه سمجهه ۾ اچي وڃي.

مارڪس: چڱو سائين، مان پنهنجي نظريي جي روشنيءَ ۾ انسان جي سموري تاريخ جو جائزو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو. مان تاريخ کي قديم، وچولي ۽ جديد دورن ۾ ورهائڻ جي ڳالهه نٿو ڪيان، تاريخ جي اهڙي ورڇ وچين دور جي ڏاهن ڪئي. منهنجي آڏو تاريخ جا ٽي دور آهن. هڪ شڪاري ۽ چراگاهي، ٻيو زرعي ۽ هٿ جي هنر جو دور ۽ ٽيون صنعتي ۽ مشيني دور. تاريخ جا وڏا واقعا سياسي نه پر معاشي آهن، مان ميراٿن Maratham جي جنگ، سيزر جي قتل ۽ فرانس جي انقلاب کي وڏا واقعا نٿو مڃان پر زرعي انقلاب ۽ صنعتي انقلاب کي وڏا واقعا ٿو سمجهان. ڇاڪاڻ جو انهن مان هڪ زندگيءَ جي نظام کي شڪاريءَ مان زرعي بڻايو ۽ ٻئي گهريلو هنرن جي جاءِ تي ڪارخانن ۽ صنعت کي رائج ڪيو.

والٽيئر: ان جي معنيٰ ته اميري ۽ غريبي جا نمونا ڦرندا رهن ٿا.

مارڪس: نه رڳو ڦرندا ٿا رهن پر مالي حالتون بادشاهتن جي عروج ۽ زوال جو سبب به ٿين ٿيون. سياسي، اخلاقي ۽ سماجي حالتن جو قومن جي عروج ۽ زوال سان ڪو واسطو نه هوندو آهي. بداخلاقي، عيش پرستي، نفاست پسندي، اهي سبب نه پر نتيجا آهن. زمين جي حالت کي ڏسي فيصلو ڪبو آهي ته اها پوک لاءِ ڀلي آهي. ان ۾ رڳو گاهه پوکي سگهجي ٿو يا ان ۾ ڪي ڌاتو پوريل آهن. مصر لوهن جي ڪري، پراڻو انگلستان ٽين جي ڪري ۽ نئون انگلستان لوهه ۽ ڪوئلي جي ڪري مشهور ٿيا. اٿينز جون چانديءَ جون کاڻيون ختم ٿيون ته اٿينز جي طاقت ختم ٿي وئي. مقدونيہ جي سونَ فلپ ۽ سڪندر جا هٿ مضبوط ڪيا. رومَ اسپين جي کاڻين لاءِ ڪارٿيج سان جنگ ڪئي ۽ جڏهن اتان جي زمين ڪلراٺي ٿي ته مٿس زوال آيو.

**اناطون فرانس:** مون کي تاريخ جي باري ۾ ڪا گهڻي خبر ڪانهي. منهنجو علم ادب ۽ فلسفي جي اجاين تفصيلن تائين محدود آهي. پر سائين مان پنهنجي زماني جي جنگين جو جائزو وٺي چئي سگهان ٿو ته اوهين صحيح ٿا چئو. اهي سڀ جنگيون پئداوار جي قدرتي ذريعي يا ڪنهن ڏاري ملڪ ۾ واپار جا موقعا حاصل ڪرڻ لاءِ ٿيون هيون.

**مارڪس:** چڱو ٿيو جو اوهان واپار جي موقعن جي ڳالهه ڪئي، اهي به تاريخ ۾ وڏو اهم حصو وٺندا آهن. يوناني ٽروجن جي جنگ ڇو وڙهيا. ڇا اها جنگ هڪ آواره عورت جي حسن لاءِ وڙهي وئي هئي، جيڪڏهن هيلن جو واقعي ڪو وجود هو ته پوءِ ائين سمجهيو ته هيلن کي هنن پنهنجن معاشي مقصدن کي لڪائڻ لاءِ استعمال ڪيو هو. يونانين پنهنجن انهن ڪاروباري حريفن ۽ سندن مددگار کي ان شهر مان ڪڍڻ ٿي گهريو جيڪي ساموندي رستن تي قابض هئا.

**وليم جيمز:** چئبو ته هيلن جي سونهن جي ڪري هزارين جهازن جا سڙهه هوا ۾ ڪون لهرايا هئا.

**مارڪس:** منهنجي خيال ۾ اوهان کي خبر هوندي ته ٿيمس ٽوڪلس Themistocales ايران جي بادشاهه يزد جرد جي خلاف جيڪو پهرين ٻيڙو ناهيو هو اهو مسيح کان پنج سال اڳ، ايٿنز جي واپار جي طاقت جو بنياد هو ۽ ساموندي پٽيءَ وارين رياستن جي دولت سان ايٿنز پنهنجا شاندار بت خانا ناهيا هئا. فن جا اهي شاهڪار چورايل سون سان تخليق ٿيا هئا. فن جا سنهري دور گهڻي دولت ميڙڻ کانپوءِ وجود ۾ آيا آهن. ايٿنز کي خوراڪ ٻاهران گهرائڻي پوندي هئي ۽ سپارٽا جڏهن ايٿنز جو گهيرو ڪيو ته ايٿنز جا ماڻهو بک مرڻ لڳا ۽ پيش پوڻ لاءِ مجبور ٿيا. ان کانپوءِ هي شهر وري پاڻ سنڀالي نه سگهيو. ٿورو ان ڳالهه تي به غور ڪيو ته يونان ۾ مزورن کي غلام بڻائڻ جي ڪري اتي صنعتي ترقي بيهي رهي، عورتن جي غلاميءَ جي ڪري سچي محبت جي اوسر ختم ٿي وئي، هم جنس پرستيءَ جنم ورتو جنهن يوناني بت تراشي تي وڏو اثر ڪيو. مادي شين جي پئداوار جا طريقا

سماجي، سياسي ۽ روحاني عمل جو تعين ڪندا آهن. ماڻهن جو شعور سندن زندگين جو تعين نہ ڪندو آهي پر هنن جو سماجي وجود سندن شعور جو تعين ڪندو آهي. ماڻهو سمجهندو آهي تہ هن جا خيال، فلسفي، اخلاق، مذهبي عقيدا، هن جا پارٽيءَ جا تعصب ۽ هنن جو فني شعور... انهن جي اوسر سندس بنان تعصب وارن منطقي دليلن سان ٿي آهي. پر ڪيس خبر ڪا نہ هوندي آهي تہ سندس زندگيءَ جي مالي حالتن سندس فڪر کي ڪيترو متاثر ڪيو آهي.

**موشڪو:** اوهان پنهنجي نظريي کي روم جي تاريخ سان ڪيئن لاڳو ڪندا.

**مارڪس:** روم جي حڪومت غلامن سان ظلم ڪندي هئي. ان ڪان اڳ غلامن جا آقا ايڏا سخت ۽ بڌاخلاق نہ هئا. ان جو نتيجو ڇا نڪتو. هاري مسڪين ٿيندا ويا. اميرن سندن زمينون خريد ڪرڻ شروع ڪيون ۽ هنن کي پنهنجن زمينن تي هَر هلائڻ لاءِ ٻاهران غلام گهرائڻا پيا. غلامن بي خيالي ۽ سستي سان پوک ڪئي جنهن جي ڪري زمين تباهہ ٿيڻ لڳي ۽ روم کي پنهنجي خوراڪ لاءِ ٻين ملڪن جو محتاج ٿيڻو پيو. غلامن جي بغاوت ملڪ کي ٽوڙي ڇڏيو. ساڳئي وقت ائين بہ ٿيو تہ يورپ ۽ روم جي رستي کان جيڪو واپار ٿي هليو سو باسفورس Bosphorus جي رستي کان ٿيڻ لڳو جنهن جي ڪري قسطنطنيہ وڏيو ۽ روم جو زوال ٿيو.

**بوسي:** اوهان ان ڳالهہ کان انڪار ڪري نٿا سگهو تہ وچين دور ۾ ماڻهن جي زندگين تي مالي معاملا نہ پر مذهب حاوي هو.

**مارڪس:** مٿاڇري نظر سان شايد ائين نظر اچي، ڪليسا جي طاقت جو مدار ماڻهن جي ناداري ۽ غلاميءَ تي هو. ماڻهن کي روحاني آٿت، اميد ۽ دلاسي جي ضرورت هئي بک ۽ جهالت مان پئدا ٿيندڙ وهم رستي ۽ ماڻهن جي شهرن مان ٻهراڙين ڏانهن ڏڪجڻ جي ڪري ڪليسا وڏيڪ طاقتور ٿيندي وئي ايستائين جو ڪليسا قرلٿ، ڏن، نذرانن ۽ ٻين طريقن سان يورپ جي ٽي ڀاڱي چار زمين خريد ڪري ورتي. اهو آهي سائين، ڪليسا جي طاقت جو معاشي بنياد! اهو ساڳيو حال وچولي دور جي ٻين معاملن جو بہ هو جن جا سبب بہ معاشي هئا.

صليبي جنگيون ڪافرن ڪان واپار جا رستا ڪسڻ لاءِ وڙهيون ويون. نشاة الثانيہ جو سبب بہ سون جي گهٽائي هو جيڪو اٽلي جي بندر گاهن جي ذريعي يورپ ۽ ايشيا ۾ هلندڙ واپار جي ڪري اٽليءَ کي حاصل ٿيو هو.. مذهب ۾ سڌارا آڻڻ وارو زمانو تڏهن آيو جڏهن جرمنيءَ جي نوابن فيصلو ڪيو تہ عوام جا پئسا ڪليسا جي بدران سندن کيسن ۾ پوڻ گهرجن .

**بوسي:** اوهان غلطيءَ تي آهيو سائين.

**مارڪس:** فرانس جي انقلاب جو سبب بوربن خاندان جي بداخلاقي يا والتيئر صاحب! اوهان جون ٺوڪ زنيءَ واريون لڪٽيون نہ هيون. ان جو سبب اهو هو تہ ٽن سو سالن تائين هڪ نئون مالي طبقو يعني واپاري طبقو، جاگيردارن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيهڻ لاءِ ڪوشش ۾ لڳو پيو هو. هنن انهن بيڪار نوابن ڪان وڌيڪ مال گڏ ڪري ورتو هو جيڪي بادشاهہ لوئي سورنهن جا درباري هئا. اقتصادي طاقت ملي وجي تہ پوءِ ڪڏهن نہ ڪڏهن سياسي طاقت بہ حاصل ٿي ويندي آهي. انقلاب اقتصادي فتحن تي مُهر هڻندا آهن. هيرنگٽن چيو هو تہ ڪنهن بہ ملڪ جي حڪومتي نظام جو مدار زمين جي مالڪي تي هوندو آهي. جيڪڏهن هڪڙي ماڻهوءَ وٽ گهڻي زمين هوندي تہ حڪومتي نظام بادشاهت وارو هوندو. جيڪڏهن ٿورن ماڻهن وٽ هوندي تہ رئيسن وارو هوندو ۽ جيڪڏهن عوام جي هٿ ۾ هوندي تہ جمهوريت، وارو نظام هوندو.

**گرانٽ:** اوهان جون ڳالهيون ڪنهن حد تائين صحيح آهن. شايد آمريڪا ۾ زميندارن جو انگ (بي زمين شهرين جي ڀيٽ ۾) گهٽ هجڻ جي ڪري اتي جمهوريت ختم ٿي وئي آهي.

**مارڪس:** آمريڪا کي ڳولهي لهڻ جو سبب ڇا هو. ڇا ان جو سبب اتي عيسائيت پکيڙڻ هو، نہ سائين، سون لاءِ آمريڪا ڳولي هئائون. انگريزن پوءِ ان کي اسپين، هالينڊ ۽ فرانس جي حاڪمن ڪان کيئن کيس ورتو. انگريزن وٽ سنا ٻيڙا ٺاهڻ لاءِ دولت هئي. بينڪن انگلينڊ جي خلاف بغاوت ڇو ڪئي. ڇاڪاڻ جو هو ايڏا ڳرا محصول ڏيڻ نہ پيا گهرن ۽ هنن انگلينڊ جي انهن رئيسن جو ظلم ختم ڪرڻ

جو پکو پهه ڪري ورتو هو جن کي شاهي بخشش طور زمينون مليون هيون. هنن بنان ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي شراب ۽ غلامن جو ڪاروبار ڪرڻ تي گهريو ۽ پنهنجا قرض گهٽ ملهه واري سڪي سان لاهڻ تي گهريا.

**وليم جيمز:** ڇا مطلب:

**مارڪس:** سائين اوهان کي خبر هوندي ته اوهان جي هڪ هم وطن پروفيسر بيئرڊ Beerd پنهنجي تحقيق ۾ آمريڪي آئين ۽ جيفرسن جي جمهوريت واري تصور جا سبب اقتصادي ٻڌايا آهن. ڪڏهن اوهان ڊينيل ويسٽر Daniel Westar کي پڙهيو آهي. اوهان جي ان مقرر چيو آهي ته اسان جا نئين انگلينڊ وارا وڏا، جائيداد جي معاملي ۾، هڪ جهڙي حيثيت وارا هئا. هنن جي حالتن جي اها گهر هئي ته هو زمين ورهائن. اسين چئي سگهون ٿا ته هنن جي ان لازمي قدم سان ملڪ جي مستقبل جي حڪومتي نظام جو فيصلو ٿي ويو. هنن جائداد جي باري ۾ جيڪي قانون ناهيا انهن قانونن جي ڪري سندن سياسي ادارن جي تنظيم ٿي، ڪا به حڪومت ڪٽي ڪيتري به آزادي ڏيڻ واري هجي پر جيڪڏهن ان حڪومت جا قانون اهڙا هوندا جو ملڪيت رکو ڪن ٿورن ماڻهن جي هٿ ۾ هوندي ۽ ٻيا ماڻهو محتاج ۽ نادار هوندا ته اها حڪومت ماڻهن ۾ مقبول ٿي نه سگهندي، اهڙي صورتحال ۾ عوامي طاقت جائيداد جي حقن وارن قانونن کي ٽوڙي ڇڏيندي آهي يا وري عوام جي طاقت محدود ٿي ويندي آهي. جنهن معاشري ۾ ملڪيت غير برابري سان ورهايل هوندي ان ۾ هر هڪ کي ووٽ ڏيڻ وارو حق، گهڻي وقت تائين قائم رهي نه سگهندو.

**والٽيئر:** اوهان ٻنهي جي تقرير ڏاڍي اثرائتي آهي. ان مقرر جي حوالي سان مارڪس جي ڳالهه ۾ هڪڙي ڪوٽ محسوس ٿئي ٿي ته هن اها ڳالهه مڃي ته قانون سان جائيداد جي ورهاست ۾ تبديلي آڻي سگهجي ٿي. جيڪڏهن اوهين اهو مڃيو ٿا ته پوءِ اوهان جو نظريو صحيح نه آهي. اوهان سمجهو ٿا ته سياسي ادارا اقتصادي حالتن سان نهندا آهن ۽ انقلاب تڏهن ڪامياب ٿيندا آهن جڏهن مالي لحاظ کان ڪا

مظبوط ڌر انهن جي پنيرائي ڪندي آهي. ڇا روسي انقلاب اوهان جي نظريي کي غلط ثابت نٿو ڪري.

**مارڪس:** بلڪل نہ، مان اهڙي انقلاب کي رد ڪندس، سياسي نظام کي اقتصادي حقيقتن آڏو بدلجڻ يا پڇي پوڻ گهرجي. هارين جي ملڪ ۾ پرولتاري انقلاب ڏيک ۾ پرولتاري هوندو پر اصل ۾ حڪومت انهن ماڻهن جي مفاد جي نمائندگي ڪندي جيڪي زمين جا مالڪ هوندا.

**اناطول فرانس:** منهنجي خيال ۾ بهادر بالشويڪ سدا مارڪسي ناهن.

**مارڪس:** مان هميشہ چوندو رهيو آهيان تہ مان مارڪسٽ ناهيان.

**والٽيئر:** سائين مارڪس، ڇا اهو صحيح ناهي تہ ڪڏهن ڪا فوجي آمريت ڪنهن خاص اقتصادي طاقت ڪانسواءِ مضبوطي سان قائم ٿي سگهي جيئن، جيئن پريٽورين گارڊ Preetorin Guard جي زماني ۾ ٿي هئي.

**مارڪس:** سائين، ٿي سگهي ٿي، پر رڳو ٿوري وقت لاءِ

**اناطول فرانس:** سائين، جنهن کي اڄڪلهہ برٿ ڪنٽرول چيو ٿو وڃي ان ڪان الائجي اوهين واقف آهيو يا نہ، منهنجو خيال آهي تہ اوهان ان تي عمل نہ ڪيو هوندو. ڪيٿولڪ ڪليسا پنهنجي جهوني جڳ واري ڏاهپ ڪان ڪم ورتو ۽ پنهنجن پوئلڳن کي برٿ ڪنٽرول ڪان جهلي ڇڏيو ۽ ماٺ ڪري پنهنجي ان پاليسيءَ جا نتيجا پئي ڏسي. پروٽيسٽنٽ جي ڏاهن ماڻهن ۾ بار گهٽ پئدا ٿيڻ جي ڪري جرمني ۽ پوءِ آمريڪا ۾ ڪيٿولڪ وڌندا ويا. جيڪڏهن ڪليسا جي اها پاليسي ڪامياب ٿي (ڪليسا جي ان خاموش دور انديشيءَ ڪيترين ئي ڪاميابيون حاصل ڪيون) جڏهن تہ برٿ ڪنٽرول سان مذهب جي سڌاري ۽ نشاة الثانيہ جهڙيون تحريڪون ختم ٿي ويون.... تہ ڇا اوهان جي خيال ۾ تہ اسان کي تاريخ جي حياتياتي تشريح جي ضرورت آهي.

**مارڪس:** اوهان غلط ٿا چؤ گهٽ ٻار پئدا ڪرڻ جا سبب ڪهڙا آهن. ان جا سبب اقتصادي آهن. زندگيءَ جو معيار وڌي ويو آهي. شهرن

۾ ماڻهن جو انگ تمام گهٽو تي ويو آهي. ورهاست وارا قانون جيڪي اوهان جي ملڪ ۾ لاڳو آهن، انهن سان ماءُ پيءُ مجبور هوندا آهن تہ هو پنهنجن پٽن کي هڪ جيتري ملڪيت ورهائي ڏين.

**گرانٽ:** اوهان کي اها ڳالهہ مڃڻي پوندي تہ ڪڏهن ڪڏهن نسلي سبب اقتصادي سببن کان وڌيڪ اهم هوندا آهن.

**مارڪس:** هرگز نہ.

گرانٽ تہ پوءِ اوهان ايشيا تي يورپ جي نارڊڪن جي فتح جو ڪهڙو سبب ٻڌائيندا.

**مارڪس:** ان جو سبب اهو اتفاق آهي تہ يورپ ۾ صنعتي انقلاب پهرين آيو. اوهان ڏسندا جڏهن چين ۾ صنعتي انقلاب آيو تہ پوءِ اوهان جا نارڊڪ ڪئين تا ايشيا مان پڄن.

**گرانٽ:** پر مون گهٽو ڪري (مثال طور آمريڪا ۾ هٽ تالن ۽ صدارتي چونڊن وقت عوام کي اقتصادي سببن جي ڪري نہ پر نسلي سببن جي ڪري) گروهن ۾ ورهايل ڏٺو آهي.

**مارڪس:** فرد ۽ جماعتون گهٽو ڪري اهڙن غير اقتصادي سببن، جهڙوڪ: نسلي، مذهبي، وطني ۽ جنسي، کان متاثر ٿيندا آهن پر جڏهن انهن فردن ۽ جماعتن جا عمل تاريخي لحاظ کان اهم ٿيا آهن تڏهن هو انهن شخصيتن جي اثر هيٺ ايندا آهن جن کي اقتصادي قانون جو پورو شعور هوندو آهي. اهي سياستدان جيڪي جوشيلي تقريرن ۽ اتساهہ پئدا ڪندڙ موسيقي سان سپاهين کي جنگ جي ميدان ۾ موڪليندا آهن ٿا انهن کي اقتصادي سببن جي ڄاڻ نہ هوندي آهي. چوندا آهن تہ ڪولمبس هندي ٻيٽ Indies ان ڪري ڳولهيا جو هن اتي عيسائيت پکيڙي پوپ کي خوش ڪرڻ تي گهريو. ٿي سگهي ٿو تہ ائين هجي، پر اها ڳالهہ پڪ سان چئي نٿي سگهجي تہ ان پوڙهي جي دماغ ۾ ڪهڙا خيال هئا. پر ٿا اوهان اها ڳالهہ مڃي سگهو ٿا تہ فرڊيلنڊ ۽ ازبيلا بہ انهن سببن جي ڪري هن جي مدد ڪئي. فردن جو عمل غير اقتصادي بہ ٿي سگهي ٿو. ٿي سگهيو تہ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي، پنهنجن ٻارن کي ۽ پنهنجن هم وطنن کي پنهنجن ديوتائن تي قربان

ڪري ڇڏين. پر اهڙا چريائپ وارا ڪم قومن جي عروج ۽ زوال جو سبب نہ ٿيندا آهن. مان فردن تي اقتصادي جبريت لاڳو نٿو ڪيان.

**وليم جيمز:** اوهان جي ڳالھہ ٻڌي خوشي ٿي، مان سمجهندو هيس تہ اخلاقي قوتون بہ تاريخ تي اثر انداز ٿينديون آهن. جيئن وِلبر فورس ۽ گيريسن جي غلاميءَ خلاف پئدا ڪيل نفرت، پر اوهان منهنجي اصلاح ڪري سگهو ٿا.

**مارڪس:** تاريخ ۾ اخلاقي قوتن ۽ قدرن جي ڪا حيثيت ڪانهي. هر عظيم واقعي جي پنيان اقتصادي قوتون ڪم ڪنديون آهن. گيريسن رڳو پنهنجن اخلاقي واعظن سان غلامي خلاف ڪاميابي حاصل نہ ڪئي. لنڪن جڏهن غلامن کي آزاد ڪيو تہ اهو هن جو ڏکڻ جي رياستن کي ڪمزور ڪرڻ وارو جنگي قدم هو. هن چٽن اکرن ۾ چيو هو تہ جيڪڏهن غلامن جي غلام رهڻ سان امن قائم ٿئي ها تہ هو غلامن کي آزاد نہ ڪري ها. ڏکڻ جي رياستن اتر جي رياستن کان ڏار ٿيڻ تي گهريو ڇاڪاڻ جو هنن تي ڳرا ٽيڪس مڙهيل هئا ۽ هنن کي پڪ ٿي وئي هئي تہ هو ڪانگريس تي پنهنجو اثر قائم رکي نہ سگهندا. جڏهن تہ اتر جي رياستن ڏکڻ جي رياستن کي پنهنجي مال جي منڊي ۽ خوراڪ ۽ ڪچي مال جو وڏو ذريعو ٿي سمجهيو ان ڪري هنن انهن رياستن کي پاڻ سان گڏ رکڻ تي گهريو. اعليٰ مقصد ۽ آدرش رڳو ڍڪ هوندا آهن. هر حال ۾ مقصد ڪانہ ڪا مادي ضرورت هوندو آهي جنهن کي سهڻن لفظن سان سينگاري اخلاقي آدرش جو نالو ڏنو ويندو آهي.

**اناطول فرانس:** اها ڳالھہ اوهان اشتراڪيت جي مقصدن سان بہ لاڳو ڪندا.

**مارڪس:** بلڪل!

**اناطول فرانس:** افسوس!

## تاريخ جي نفسياتي تشريح

**هيگل:** سائين، اوهان جا خيال ڏاڍا خوفناڪ آهن. تاريخ جا جيڪي بہ نظريا پيش ٿيا آهن انهن ۾ انسان جي ذهن کانسوءِ زندگيءَ

جي بين سيني رُخن جو ذڪر ٿيو آهي. اوهان جون ڳالهيون ٻڌي سوچان ٿو تہ دنيا ۾ عقل ۽ جرائت بيڪار آهن ۽ ڇاڪاڻ تہ هڪ ئي نموني جون جاگرافيائي اقتصادي ۽ نسلي حالتون ماڻهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن قومن تي، هڪ ئي نموني سان اثر ڪنديون آهن ان ڪري احمق ۽ سياڻي ۾ ڪو فرق ڪونهي. شهرين جو عالم يا جاهل هجڻ ساڳي ڳالهہ آهي. اوهان جي ڊرامي ۾ ڪو هيرو آهي ئي ڪونہ،

**مارڪس:** واقعي هيرو ڪونهن. خيال خواهشن مان اپرندا آهن ۽ قومن ۽ گروهن جي خواهشن جو بنياد سدائين معاشي هوندو آهي. جيئن بسمارڪ Bismark چيو هو تہ قومن جي لاڳاپن ۾ اخلاق جي ضرورت ڪانہ هوندي آهي. هيرو رڳو وسيلو هوندو آهي، عظيم شخصيتون عوامي تحريڪن يا غير شخصي قوتن جو اظهار هونديون آهن. جيڪڏهن ڪا عظيم شخصيت ائين نہ آهي تہ پوءِ سمجهو تہ اها ذهني طور ٽڙيل آهي. جنهن ڏانهن ڌيان ڏيڻ ڪان سواءِ تاريخ ڪيس اورانگي ويندي آهي. نظرين جو تاريخ سان اهڙو ئي لاڳاپو آهي جهڙو خيال جو ماڻهو جي عمل سان بنهي حالتن ۾ نتيجي جو سبب خيال نہ پر خواهش هوندي آهي ضروري نہ آهي تہ ماڻهن کي ان ڳالهہ جي ڄاڻ هجي، اصل ۾ ڪنهن خاص زماني جي خاص ثقافت جو اقتصادي زندگيءَ سان اهڙو واسطو هوندو آهي جهڙو خيال جو جسم سان. هي اندروني طرح عمل ڪندڙ قوت جي تشريح ۽ اظهار آهي.

**هيگل:** حيرت آهي تہ هڪڙو جرمن اهڙيون ڳالهيون پيو ڪري لڳي ٿو تہ ڪانٽ، ليسنگ، هرڊر، گوئٽي، شِلر، بيٿون ۽ مون واري روشن دور ڪان پوءِ، جرمنيءَ پنهنجو روح صنعت ۾ وڃائي ڇڏيو آهي. هاڻي جرمن ماهر ڪيمياگر ۽ ڪاريگر تي پئدا ڪري فلاسفر ۽ فنڪار پئدا نٿي ڪري، ان ڪري ئي جرمن ماڻهو تاريخ جي تعبير ڪلن سان پيو ڪري، دل تي چوي تہ گوئٽي اوهان جي اڳيان اچي پنهنجن نظرين جي وضاحت ڪري، يا هرڊر جنهن 1787ع ۾ ”انسان تاريخ جي فلسفي متعلق خيال“ ڪتاب لکي ماڻهن کي ڌوڏي ڇڏيو هو اهو اوهان جي سامهون پنهنجن خيالن جي وضاحت ڪري، اهو ساڳيو هرڊر جنهن آڏو سموري تاريخ ماڻهو لاءِ سکيا آهي.

**اناطول فرانس**: تاريخ جي باري ۾ اوهان اسان کي پنهنجو نظريو ٻڌايو، مان ننڍو هيس تہ اسان جي ملڪ ۾ توهان جو وڏو نالو هو ۽ ڪزن ڳالهہ ڳالهہ تي اوهان جو نالو ڪڍندو هو. پر سچ پڇو تہ اسان مان ڪو بہ اوهان جو فلسفو سمجهي نہ سگهيو. تي سگهي ٿو تہ جنت جي هنن ماڻرن ۾ اوهان سان ڳالهائيندي اوهان جو فلسفو سمجهي سگهون.

**هيگل**: سائين، مون چاڙي واڙي منجهائي ڳالهہ ڪئي تہ جيئن منهنجو فلسفو احمقن جي هٿ نہ چڙهي وڃي. مون لاءِ پنهنجي نسل وارن کي اها ڳالهہ سمجهائڻ ڏاڍي ڏکي هئي تہ ڪائنات ۾ اوتري ئي ذهانت آهي جيتري اسين هتي استعمال ڪندا آهيون. ٻي ڳالهہ تہ خدا تخليق جي پهرين سبب کان وٺي آخري سبب آهي. اهڙيون ڳالهيون مون کي اهڙي نموني چوڻيون پيون جيئن ڪو مون کي جهلي نہ سگهي.

**والٽيئر**: سائين، مان سمجهي سگهان ٿو، فريڊرڪ ڪانپوءِ جرمني ۾ سوچڻ ڏوهہ هو.

**هيگل**: پر اصل ۾ منهنجو فلسفو ڏاڍو سادو هو. خدا حقيقت مطلق آهي. ڪائنات جي انهن شين جو مظهر آهي جيڪي ارتقا ٿيون ڪن. خدا عقل آهي ۽ عقل فطرت جي ان قانون جي تاجي پيٽو آهي جنهن تحت زندگي ۽ روح چرپر ۽ ارتقا تا ڪن. خدا روح آهي ۽ روح حياتي آهي. تاريخ روح جي ارتقا آهي يعني حياتيءَ جي اوسر ۽ ترقي آهي. پنهنجي شروع واري حالت ۾ حياتي اڻ چٽي قوت آهي جنهن کي پنهنجي شعور ڪونهي. تاريخ جو عمل حياتي يا روح جو خود شعوري ۽ آزاديءَ واري حالت ۾ اچڻ آهي. آزادي حياتيءَ جو جوهر آهي. جيئن ڪشش پاڻيءَ جو جوهر آهي. تاريخ آزادي، جي ترقي آهي. تاريخ جو مقصد آهي تہ روح پوريءَ طرح ۽ شعوريءَ طرح آزاد ٿئي.

**والٽيئر**: هيگل صاحب، اوهان تہ انقلاب جي ٻولي پيا ڳالهايو.

**هيگل**: منهنجو مقصد بہ اهو ئي هو. مون تاريخ کي ٽن واضح دورن ۾ ورهايو. مشرقي دور جنهن ۾ ماڻهو رڳو آزاد آهي. يونان ۽ روم وارو دور جنهن ۾ رڳو ڪي ٿورا ماڻهو آزاد آهن ۽ جديد دور

جنهن ۾ روح، پنهنجي آزاديءَ جو شعور ماڻي ٿو، آزاديءَ کي رياست ۾ منظم ڪري ٿو ته جيئن هر شخص آزادي ماڻي.

**مارڪس:** اسان نوجوان جيڪي جرمني تنظيم جا ميمبر هئاسين اوهان جو اهو ڏوهه ڪڏهن معاف نه ڪنداسين ته اوهان يورپ جي سڀ کان رجعت پرست رياست Prussia جي تعريف ڪئي آهي. پر اسان اوهان جي مابعدالطبعيات جون لڪل معناوَن سمجهي ويا هئاسين ۽ اوهان جي جدليات جو وڏو قدر ڪندا هئاسين. منهنجي ڪنن ۾ اڄ به ”ڳالهه، ان جي ابتڙ ڳالهه، ٻنهي جو ميلاپ وارا جدليات جا اکر ٻرندا آهن. ڪراؤسي Kruse اوهان جي ان جدليات جي وضاحت ڪندي اسان کي سمجهايو ته پراڻو زمانو ڳالهه آهي. نئون زمانو ان جي ابتڙ ڳالهه آهي ۽ پولي نيشيا Polinesia ٻنهي جو ميلاپ آهي. اسان شاگرد وري ان جو مثال هيئن ڏيندا هئاسين ته اُڄ ڳالهه آهي بيئر ان جي ابتڙ ڳالهه آهي ۽ ميز هينيان بيهوش ٿي ڪرڻ ٻنهي جو ميلاپ آهي.

**هيگل:** منهنجا ڪاٻي ڌُر جا ٻارؤ. مون ٿي ڪلي ونو، پر ان ڳالهه تي ضرور سوچجو ۽ ڏسو ته منهنجي جدليات جي روشني سان مابعدالطبعيات وانگر تاريخ به ڪيئن روشن ٿي ٿي وڃي. هر دور ۾ تضاد موجود هوندو آهي جيئن اوهان جي سرمائيداري ۾ آهي. ترقي سان اهو تضاد وڌندو ۽ تيز ٿيندو آهي ۽ نيٺ ڏقيڙ، جنگ، انقلاب ۽ زوال شروع ٿي ويندو آهي. هڪ ٻئي جا مخالف عناصر نئين نموني سان هڪ ٻئي سان جڙندا آهن ۽ نيون شڪليون ٺهنديون آهن ۽ نئين دور جي شروعات ٿيندي آهي. ان اصول تحت اوهان مستقبل جي پوري ڄاڻ حاصل ڪري سگهو ٿا. هڪ منزل مان ان جي متضاد منزل پئدا نه ٿيندي آهي پر ٻن تضادن جي ميلاپ سان هڪ نئين صورتحال ٺهندي آهي. ائين جڏهن سرمائيداري اشتراڪيت سان ٽڪرائيندي آهي ته ان جو نتيجو اشتراڪيت نه پر رياستي سرمائيداريءَ جي صورت ۾ نڪرندو آهي. انقلاب پسند سرمائيدار ٿي ويندا آهن ۽ پاڻ کي رياست سڏيندا آهن. اهڙي عمل سان گهٽن ماڻهن کي تڪليف پڄندي آهي پر اهڙي عمل سان اسين تاريخ جي اعليٰ منزل تائين پڄي ويندا آهيون.

**مارڪس:** جي اها ڳالهه آهي ته پوءِ اوهان پنهنجي وقت جي باغين کي آئيندي جا پيغمبر سمجهي سندن آجيان چو نه ڪئي. اوهان ڄاڻي واڻي اها غلط ڳالهه چو ڪئي ته پراڻي دور جي يونان جي پيٽ ۾ پروشيا ۾ وڏيڪ آزادي هئي. اوهان جو چوڻ هو ته پروشيا تاريخ جي عظيم تهذيب جي نمائندگي تي ڪئي چاڪاڻ ته پروشيا ۾ بادشاهت هئي. جنهن جا اوهين علمبردار هئا. ان ڪري اوهان تاريخ کي اٽلائي پٽلائي ثابت ڪيو ته ادنيٰ منزل ۾ فقط هڪ شخص آزاد هوندو آهي. ٻي اسٽيج تي جتي رڳو ٿورا ماڻهو آزاد هوندا آهن اتي شاهوڪاريت يا جمهوريت هوندي آهي ۽ آخري اسٽيج تي جتي سڀ آزاد هوندا اتي بادشاهت هوندي آهي... الا بادشاهت! اوهان قومن جي ائين ورڇ ڪئي ۽ انهن کي ائين ٺاهي رکيو جيئن ٻار پوسٽ جون ٽڪليون ٺاهي رکندو آهي ۽ اوهان اهو اصول ٻڌايو ته تهذيب جي ترقيءَ جو عمل مغرب ڏانهن ڏڪيندو ٿو وڃي ۽ ڪا به تهذيب جيتري وڏيڪ مغربي هوندي اوتري ئي وڏيڪ ترقي ڪيل هوندي نتيجي طور اوهان شام جي تهذيب کي چين جي تهذيب کان متاهون ڏيکاريو. ان اصول کي آڏو رکندي اوهان کي گهربو هو ته اوهان آمريڪا کي جرمني کان متاهون ڏيکاريو پر اِتي اوهان وطن پرستي ڏيکاري.

**هيگل:** حالتون ئي اهڙيون هيون.

**مارڪس:** ائين نه آهي، اوهان ڪٿي به هجو، حقيقت ساڳي هوندي آهي.

**اناطول فرانس:** اوهان ائين پيا ڳالهايو جڻ اوهان حقيقت جي ته تائين پڄي ويا آهيو، ايڏي يقين سان ڳالهه نه ڪيو، شايد ته حقيقت جو ڪو وجود ئي ڪونهي.

**ڪارلائل:** هن پوڙهي کي به به اکر ڳالهائڻ ڏيو. جيئن ته اوهان غير معمولي انسان کي تاريخ مان ڪڍي ڇڏيو آهي، ان ڪري بحث ۾ اوهان ڪنهن نتيجي تي ڪونه پهتا آهيو. منهنجو خيال آهي ته عالمگير تاريخ يعني هن دنيا ۾ انسان جي حاصلات جي تاريخ انهن عظيم انسانن جي تاريخ آهي جن وڏا ڪم ڪيا. اهي عوام جا اڳواڻ هئا. نمونا ۽ آدرش هئا ۽ وسيع مفهوم ۾ هو هر ان شيءِ جا خالق هئا جيڪا

انسان خلقي يا حاصل ڪئي آهي. دنيا ۾ جيڪا بہ شيءِ اسان کي مڪمل حالت ۾ نظر اچي ٿي اها هن دنيا ۾ موڪليل عظيم انسانن جي انهن خيالن جي تجسيم ۽ مادي صورت آهي جيڪي سندن دماغن ۾ پئدا ٿيندا رهيا. ڏٺو وڃي تہ ساري دنيا جي تاريخ جو روح انهن عظيم انسانن جي تاريخ آهي. جيڪڏهن اسان هي چڱي طرح سمجهي سگهون تہ پوءِ سمجهو تہ اسان دنيا جي تاريخ جي روح کي سمجهي ورتو.

**وليم جيمز:** واه سائين واه، اوهان وڏي ڪم جي ڳالهہ ڪئي آهي.

**ڪار لائل:** وقت اچي ويو آهي تہ اسين انهن خيالن جي تهہ تائين پهچون جن تاريخ ۾ چرپر پئدا ڪئي.

**هيگل:** مهرباني ڪري ماٺ ڪيو، خيال ئي هر دور جو روح هوندا آهن. يعني تہ هر دور جو روح ان دور جي سوچ ۽ احساس هوندا آهن. جنهن دور جي تاريخ ۾ جيڪي بہ موجود آهي اهو ان دور جو روح آهي (مون کي خبر پئي آهي تہ Herr lamprecht هن دور ۾ اها مون واري ٿي ڳالهہ ٿو ڪري ۽ پنهنجي چوري کي لڪائڻ لاءِ جنهن کي مون Zeitgeist يعني دور جو روح چيو ان کي هو "سماجي نفسيات" ٿو چئي) جيڪڏهن ڪا غير معمولي شخصيت پنهنجي دور جي روح سان هڪ ٿي نہ سگهندي آهي تہ اها ختم ٿي ويندي آهي. اهي عظيم شخصيتون جن کي آئيندي جا نسل بزرگ ۽ اعليٰ مڃيندا آهن اهي ضروري نہ آهي تہ پاڻ کان اڳ وارين شخصيتن کان اعليٰ هجن. هنن کان اڳ وارن تهذيب هنن جي تعمير ڪئي پر هنن کان پوءِ اچڻ وارن جي اها خوش قسمتي هوندي آهي تہ هو عظمت جي اوساري ۾ آخري سِرَ رکندا آهن. هنن کي ان ڳالهہ جي خبر ڪا نہ هوندي آهي تہ هو پنهنجي دور جي عام شعور جو اظهار پيا ڪن. پر هنن کي پنهنجي دور جي گهرجن جي خبر هوندي آهي. هنن کي خبر هوندي آهي تہ ترقي لاءِ ڪهڙي شي ضروري آهي. عظيم شخصيتون تخليق کان وڌيڪ دائيءَ وارو ڪم ڪنديون آهن ۽ جيڪي زماني جي ڪک ۾ هوندو آهي ان کي ٻاهر اچڻ ۾ مدد ڪنديون آهن.

**ڪار لائل**: هيگل سائين، مون کي اوهان جي دائين جي باري ۾ ڪا گهڻي ڄاڻ ڪانهي پر مون کي اها خبر آهي تہ ڪراموبل نہ هجي ها تہ تاريخ اها نہ هجي ها جيڪا هاڻي آهي. ساڳي ڳالهہ نيپولين ۽ فريڊرڪ لاءِ بہ چئي سگهجي ٿي. جيڪڏهن نيپوليئن جو وجود نہ هجي ها تہ انسانيت ڪڏهن بہ فرانس جي انقلاب کي معاف نہ ڪري ها. عظيم شخصيتن کي نہ مڃڻ جو انجام دهريت آهي.

**تنشي**: (پنهنجي ليکي) عظيم انسانن جي پرستش ديوتائن جي پرستش جو يادگار آهي. پر اڄڪلهہ ڪو بہ عظمت جي تعظيم ۽ احترام ڪرڻ نٿو ڄاڻي. ديوتا سڀ مري ويا آهن. هاڻي اسين ڪنهن عظيم انسان جا منتظر آهيون.

**والٽيئر**: هي همراهہ چرياڻ آهي ڇا؟

**اناطول فرانس**: هي مجذوب آهي.

**وليم جيمز**: تاريخ جي عظيم شخصيتن واري ڳالهہ مون کي وڻي ٿي. اهي ڪهڙا سبب هوندا آهن جن جي ڪري هڪ نسل جا ماڻهو ٻئي نسل جي ماڻهن کان مختلف هوندا آهن جن سببن جي ڪري راڻي اين جو انگلستان راڻي ايلزابيٿ جي انگلستان کان گهڻي قدر مختلف آهي. مارڪس صاحب ٿو چئي تہ تبديليون فردن ۽ سندن اثرن کان بي نياز هونديون آهن. مان اها ڳالهہ نٿو مڃان، جدا جدا دورن ۾ جيڪي فرق هوندا آهن اهي فردن جي مجموعي اثر، سندن قائم ڪيل مثالن ۽ سندن پيشقدمين ۽ سندن فيصلن جي ڪري پيدا ٿيندا آهن. مارڪس صاحب، فرد تاريخ تي پنهنجا اثر وجهندا آهن ۽ ماڻهو سندن اڳواڻي قبول ڪندا آهن. جرمني جيڪا الاهيات ۾ غرق هئي تنهن کي بسمارڪ فوجي ۽ سامراجي ملڪ بڻائي ڇڏيو. فرانس ٽڪل، ويگاڻو، رضا تي راضي رهڻ وارو ملڪ هو. نيپولين ان کي پنهنجي شخصيت جي جادو ذهانت ۽ عمل سان عظمت پسند بڻائي ڇڏيو. ٿيوڊور روزيلٽ بہ آمريڪا کي گهڻي ڀاڳي نئين زندگي ڏني. مان ايمرسن جو هم خيال آهيان جنهن چيو هو تہ مان چيني مينيڪس Menicus جو اهو قول مڃان ٿو تہ وليءَ جي شخصيت هڪ سو زمانن جي استاد هوندي آهي. Loo جون جڏهن ڳالهيون ٿيون ٻڌجن تہ بي عقل ماڻهو، عقلمند ۽ ٻڏتر ۾

پيل ماڻهو ارادي جو پکو ٿيو وڃي. منهنجو رايو آهي ۽ موسيوٽارڊ مون سان هم راءِ ٿيندو تہ تاريخ جي باري ۾ منهنجو تصور اڻ پورو رهجي ويندو جيڪڏهن مون تاريخ ۾ عظيم ماڻهن جي اهل ڪرڻ وارو نظريو شامل نہ ڪيو.

**ٽارڊ:** منهنجا هم عمر دوست، مان اوهان سان هم خيال آهيان. دنيا ۾ وڏا ۽ ننڍا ٻئي ماڻهو آهن. اهي وڏا ماڻهو هوندا آهن جيڪي تبديليون آڻيندا آهن. اوهان ڪن ٻہ جاگرافيائي، نسلي ۽ معاشي حالتن کي سامهون رکو. انهن حالتن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن کي ڪنهن تبديلي يا واقعي لاءِ پهريون قدم کڻڻو پوندو. ننڍو ماڻهو ڊپ وچان ڪڏهن ٻہ پهريون قدم نہ کڻندو. شايد تہ هن جي دماغ ۾ اهڙي قدم کڻڻ جو خيال ئي نہ ايندو ۽ نہ ئي ڪيس ضرورت محسوس ٿيندي. هن لاءِ پنهنجون رسمون ۽ رواج ڪافي هوندا آهن پر وڏو ماڻهو تبديليءَ جي ضرورت کي محسوس ڪندو آهي. سوچيندو آهي تہ تبديلي اچي ويندي آهي. ڪڏهن هو ناڪام ٿيندو آهي پر جڏهن ڪامياب ٿيندو آهي تہ هن کان هيٺاهين مٿاڇري وارا ماڻهو سندس پيروي ڪندا آهن ۽ پوءِ سندس پيروي ڪرڻ جو رواج ساري سوسائٽي ۾ پکڙجي ويندو آهي. جپان ۾ هڪڙي واپاريءَ مغرب وارن جي اهل ڪئي. ڏهن ماڻهن وري هن جي پيروي ڪئي. پوءِ سوين ماڻهن ڪئي ۽ نيٺ ساري جپان ۾ تبديلي اچي وئي. مان ڪيٿولڪ چو ٿيس، پيروي ڪرڻ سان، مان فرانسي چو آهيان، هيگل صاحب، مان اوهان کان رڳو نسل ۽ رت جي ڪري نہ پر اٿي ويهڻي، عادتن، ٻولي، رواج ۽ احساسن ۽ سوچ جي انداز جي ڪري ٻہ مختلف آهيان. اهل ۽ پيروي جي ڪري. اهل ۽ پيروي جي تاريخ اصل ۾ تاريخ جي جان آهي، مالي ۽ جاگرافيائي حالتن جي پنيان حياتياتي قوتون ۽ فطرت جو اهو اصول ڪم پيو ڪندو آهي تہ فطرت ڪارائتي شين جي چونڊ ڪندي آهي. عظيم انسان پاڻ تبديلي هوندو آهي ۽ سندس خيال انقلاب هوندا آهن. ڪنهن ٻہ دور جو روح ۽ جاگرافيائي حالتون اهڙو ماحول هوندو آهي جنهن ۾ تبديليون ممڪن ٿي سگهنديون آهن. تاريخ معمولي ۽ غير معمولي انسان جي وچ ۾ جنگ جو نالو آهي.

**ڪار لائل:** اوهان جي وڏي مهرباني، ڏٺي ٿو ڄاڻي ته اوهان واه جي ڳالهه ڪئي آهي.

**لسٽر وارڊ:** ان ساري بحث ۾ هڪڙيءَ ڳالهه جو واڌارو ڪرڻ ضروري آهي. تاريخ وڏين وڏين ايجادن جي تاريخ آهي. معاشي تبديلين جي پٺيان پاڻ مرادو ٿيندڙ تبديليون هونديون آهن. انهن جي پٺيان فطري سائنس جي ترقي هوندي آهي ۽ ان جي پٺيان غير معمولي انسان جي اڪيلي سوچ هوندي آهي. ٿي سگهيو ته تاريخ جي عظيم واقعن جهڙوڪ چوندون، لڏپلاڻ جو سبب غير معمولي انسان نه هجن، پر ايجادون ڪرڻ ۽ نيون ڳالهيون ڳولهي ڪڍڻ وارا عظيم انسان ٿي هوندا آهن جيڪي دنيا کي نئين شڪل ڏيندا آهن ۽ نئين نسل کي ان کان اڳ واري نسل کان مختلف ڪندا آهن. علم جو واڌارو تاريخ جو روح آهي

**بڪل:** اوهان سچ ٿا چئو، ڪنهن به سياسي تاريخ جي تشريح ان جي ذهني ترقيءَ جي تاريخ سان ڪري سگهجي ٿي.

**وارڊ:** والٽيئر صاحب، اوهان ڄاڻڻ ٿي گهريو ته ڪيئن ماڻهو بربريت مان لنگهي تهذيب تائين پهتو. مان ٿو اوهان کي ٻڌايان، ان جو سبب ايجادون آهن، آمريڪا جي تاريخ جا اهم انسان اتان جا صدرَ يا سياستدان نه آهن پر ايجادون ڪرڻ وارا آهن. فلٽن، وٽني، مورس، ميڪ ڪارمڪ، رائٽ ڀائر ۽ ايڊيسن آهن. انهن جي ڪارنامن جا اثر تڏهن به قائم رهندا جڏهن دنيا آمريڪي سياستدانن کي وساري چڪي هوندي. ٻاڦ جي انجڻ اٺويهين صديءَ جي تعمير ڪئي. بجلي، ڪيميا ۽ هوائي جهاز ويهين صديءَ جي تعمير پيا ڪن.

**مارڪس:** مان مڃان ٿو ته اقتصادي تبديلين جي پٺيان نيون ايجادون هونديون آهن، پر انهن ايجادن ۽ سائنسي تحقيقن جي پٺيان اقتصادي ضرورتون ڪم ڪنديون آهن. هڪ ٽيڪنيڪل ضرورت ڏهن يونيورسٽين کان وڌيڪ سائنسي عمل کي وڌائيندي آهي. ايجاد هڪ ڊگهي تحقيق جو نتيجو هوندي آهي جيڪا ڪڏهن معمولي ۽ ڪڏهن محسوس نه ٿيندڙ انداز سان وڌندي آهي ۽ ان جو سبب اقتصادي هوندو آهي.

**اناطول فرانس:** ايجادون زندگيءَ جي ضرورتن مان پئدا ٿينديون آهن ۽ اقتصادي ضرورت انهن مان هڪ آهي. ڪجهہ ايجادون ۽ تاريخ جو ڪيترو حصو انسان جي محبت جي ضرورت پئدا ڪيو، جنهن جو ڪو بہ اقتصادي بنياد نہ هو. محبت جڏهن اقتصاديات کي ڇهندي آهي تڏهن مرڻ شروع ڪندي آهي. اوهان واري اقتصادي نظريي جي حوالي سان پڇي سگهجي ٿو تہ پلا ماڻهو موسيقي ڇو ٿو تخليق ڪري.

**مارڪس:** مان ان کي حادثو ٿو سمجهان، اهي شيون بنيادي نہ آهن. زندگيءَ ۾ انهن جي اهميت اهڙي ئي آهي جهڙي ڏامر يا صابڻ جي.

**نشٽي:** موسيقيءَ کانسواءِ زندگي غلطي آهي.

**اناطول فرانس:** هاڻي بحث کي ڇڏيون ٿا، سائين موشڪو-سائين بڪل، سائين رٽيل! اسين زمين تي ٿا رهون ان ڪري اسان کي هميشہ زمين جي قانونن جي پابندي ڪرڻي پوندي. اسان زمين جي حد مان نڪري ويندا سين ۽ ڪڏهن ائين بہ ٿيندو تہ هماليہ تي اڏامنداسين. گرانٽ صاحب، ائين بہ ٿي سگهيو تہ ڪي نسل گهڻو وقت ڪنهن سازگار ماحول ۾ رهڻ جي ڪري جسماني، رت ۽ ذهني صلاحيتن جي لحاظ کان ڪن ٻين نسلن کان مٿاهان هجن، پر اهي اعليٰ نسل وارا رڳو هزار سالن لاءِ ادنيٰ نسل وارن سان پنهنجو ماحول مٽائن، پوءِ ڏسو تہ ڇا ٿو ٿئي. مارڪس صاحب کي مان ڇئي نٿو سگهان تہ هو پنهنجي سوچ مٽائي ۽ سمجهي تہ اوهان بہ صحيح آهيو. مون کي خبر آهي تہ منهنجي ڳالهہ ڪيس مطمئن نہ ڪندي. هيگل سائين، اوهان ۽ عظيم شخصيتن واري نظريي جي آدرش کي مڃيندڙ جيڪڏهن جيمس صاحب، نارڊ صاحب ۽ ڪارلائل صاحب، اوهانجي"دور جي روح" واري نظريي کي اهڙو ذهني ماحول سمجهي قبول ڪن جيڪو عظيم شخصيتن جي چونڊ ڪندو آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي سوچ لاءِ دلين ۾ ٿورو بہ شڪ آڻيون تہ هوند اسان هڪ ٻئي جا هم خيال ٿي وڃون... مان پنهنجي لاءِ ڇئي سگهان ٿو تہ مان ان ڳالهہ کانسواءِ تہ عظيم شخصيتون تاريخ جو سبب هونديون آهن يا نہ مان عظيم شخصيتن کي

ميجيندو رهندس. مان فرانس جي ڏهن ماڻهن کي سڄي فرانس تي فوقيت ڏيان ٿو. اها ڳالهه ياد رکڻ جهڙي آهي تہ تاريخ لکڻ مهل تاريخ جا عظيم واقعا جن جو سبب کهڙو بہ هجي. عظيم ماڻهن جي واتان بيان ٿيندا آهن. مان سچ ٿو چوان تہ اوهان جي انگن اکرن مان ماضي منهنجي آڏو ايڏو واضح نہ ٿيندو آهي جيترو عظيم انسانن جي نظرن سان واضح ٿيندو آهي مون کي ائين لڳندو آهي جڻ اهي ڏاڍا جن سان ماضي اٽيل آهي سي سڀ اسان جي رهنمائي لاءِ عظيم انسانن جي صورت ۾ هڪ ٿي ويا آهن. اسان گوئٽي کانسواءِ ڪيئن جرمني کي سمجهي ۽ معاف ڪري سگهون ٿا. شڪسپيئر کانسواءِ انگلستان کي، والٽيئر کانسواءِ فرانس کي سمجهي نٿو سگهجي.

والٽيئر: گهڻي دير ٿي وئي آهي. هاڻي تہ غيرفاني انسانن جي بہ ننڊ جو وقت ٿي ويو آهي.

## تاريخ جو مرڪب

اسان پهاڙيءَ کان پنهنجي گهر ڏانهن ٿي وياسين تہ فلپ چيو: هن پوڙهي سچ ٿي چيو، انهن سيني نظرين کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪري ڏٺو وڃي تہ اهي بي معنيٰ لڳندا. پر جيڪڏهن انهن کي ملائي ڏٺو وڃي تہ اهي بامعنيٰ ٿي ويندا. مان ڇيد ڪرڻ کان بيزار ٿي ويو آهيان ۽ ترڪيب جو خواهشمند آهيان. مون چيو تہ اڄ رات سڀ کان وڏيڪ عقل جي ڳالهہ والٽيئر ڪئي جيڪا اصل ۾ ڪروچي جي چيل آهي تہ تاريخ رڳو فلاسفرن کي لکڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ فلاسفر واقعن کي ڪُل ۾ ڏسندا آهن. ساري ڳالهہ ان جملي ۾ چيل آهي.

ايريئل چيو: تون اها ڳالهہ وسارين ٿو تہ تاريخ تمام وڏي ۽ گهڻ رخي هوندي آهي. ماڻهو جيڪڏهن رڳو پاڇين تي گذارو ڪري تڏهن بہ هو ايترو جيئرو نٿو رهي سگهي جو تاريخ جي رخن جو احاطو ڪري سگهي.

”سچ ٿي چئين“ مون چيو ”اسان کي اهڙا ماهر گهرجن جيڪي فلاسفرن کي سائنسي مواد وانگر تاريخ جو مواد مهيا ڪن. پر جيڪڏهن انهن علمن ۾ هم آهنگي ۽ ربط نہ هوندو تہ پوءِ ڳالهہ ڏاڍي

نقصانڪار تي پوندي. فلسفي جو سائنس سان اهڙو ئي تعلق هئڻ گهرجي جهڙو تاريخ سان.... انهن ۾ مڪمل هم آهنگي هئڻ گهرجي.

اسان ٿوري دير لاءِ ستارن ۽ ديوتائن مان مدهوشي ماڻيندا ماٺ ڪري هلندا رهياسين ۽ پوءِ فلپ چيو "اوهان کي خبر آهي ته اسان جي تاريخ جي هن بحث سان تاريخ لکڻ جو هڪ نئون انداز سامهون آيو آهي، گهڻو ڪري جڏهن به ڪو ماڻهو تاريخ لکندو آهي. مثال ڪو ماڻهو يونان جي تاريخ ٿو لکي ته هو گهڻو ڪري يونان جي سياسي يا وڌ ۾ وڌ اقتصادي زندگيءَ جي باري ۾ لکندو. يا وري يونان جي صنعت ۽ تجارت جو جائزو پيش ڪندو. ڪو يونان جي منهب جي تاريخ مرتب ڪندو. ڪو ادب، يونان جي سماجي زندگي ۽ يونان جي آرٽ جي تاريخ لکندو ۽ پوءِ اسان شاگردن مان اميد ڪئي ويندي ته اسان تاريخ جي انهن جدا جدا حصن کي پاڻ ۾ ڳنڍي يونان جي گهڻ رخي ۽ ڳوڙهي زندگيءَ جو هڪ مربوط تصور قائم ڪيون يعني ته اسان اهو ڪم ڪيون جيڪو وڏا وڏا عالم تاريخ نويس ڪري نه سگهيا. ماڻهن جي زندگيءَ کي جدا جدا حصن ۾ ورهايو ويندو آهي. هر حصي کي ٻئي حصي کان هترادو نموني سان ڌار ڪيو ويندو آهي ۽ اسين ان جو هڪ رخو مطالعو ڪندا آهيون. وقت ۽ تسلسل جي نقطہ نگاهہ کان ڏسندا آهيون ۽ انهن حصن ۾ جيڪو اندريون لاڳاپو هوندو آهي، جنهن جي ڪري اهي هڪ ٻئي تي پنهنجو پنهنجو اثر ڇڏيندا آهن ۽ اُنهن ۾ روشني بخشڻ وارو تڪراءُ هوندو آهي ۽ ساڳئي وقت هو هڪ ٻئي جي ٽيڪ به هوندا آهن اسان انهن شين کي نظر ۾ نٿا رکون. ماضي کي بيان ڪرڻ جو اهو ڪهڙو نه عجيب انداز آهي.

"اڄڪلهہ جي فلاسفرن ۾ جرات ڪانهي" مون چئي ته ميار ڏيندي چيو. "هو ننڍين ننڍين ڳالهين تي بحث تا ڪن، مثال ته افلاطون جو مطلب الف هو يا ب هو. سچ آسمان ۾ آهي يا اسان جي دماغ ۾ ۽ چا موسميءَ جو رنگ اوندهہ ۾ به هيڏو ئي هوندو آهي يا نه، منهنجي خيال ۾ ڪليسا جڏهن کان ماڻهن کي اهو ٻڌائڻ ڇڏي ڏنو آهي ته هو ڇا سوچن تڏهن کان ماڻهو ڪائنات کان ڊڄي ويا آهن.

فلپ چيو منهنجي دماغ ۾ هڪڙو خيال آيو آهي تہ تاريخ انڪري هڪ رخي لکي ٿي وجي جو تاريخ نويس رڳ هڪڙو موضوع تا ڪٽن جيئن سياست، فلاسافي يا سائنس ۾ گهٽي وقت ڪان ٿيندڙ ان جي جوڙجڪ ۽ اوسر جي باري ۾ تا لکن. اهڙي تاريخ کي ايريئل بي ربط تاريخ ٿي چئي. انهن موضوعن جو الڳ الڳ مطالعو بيشڪ تہ ڏاڍو اهم آهي پر چو نہ انهن سڀني موضوعن جي ڳنڍيل تاريخ لکجي. ماڻهو ڪو هڪڙو دور ڪڻي جيئن پريڪلس يا والٽيئر جو دور ۽ رڳو هڪڙي صدي يا هڪڙي نسل جي جدا جدا رخن جيئن اقتصادي، سياسي، فوجي، سائنسي، فڪري، مذهبي، اخلاقي، ادبي، ڊرامائي، فني تاريخ لکي ۽ اهڙي طرح تاريخ کي هڪڙي سانچي ۾ آڻجي. اسان جو مسئلو هي آهي تہ اسان ارتقا جي تصور جي وڏي اثر ۾ آهيون ۽ هر هڪ شيءِ کي تسلسل جي نظر سان ڏسندا آهيون. مثال اسان جو خيال آهي تہ افلاطون جي فلسفي جو سبب سقراط جو فلسفو هو. ارسطوءَ جي فلسفي جو افلاطون ۽ اسپنوزا جي فلسفي جو سبب ڊي ڪارٽ جو فلسفو هو. پر ائين نہ آهي، هڪ واقعن جا سبب رڳو انهن کان اڳ ان ساڳي ميدان ۾ پيش آيل واقعا نہ هوندا آهن، پر پرپاسي ۾ بين ميدانن جون حالتون بہ انهن واقعن تي پنهنجو اثر ڇڏينديون آهن. ٿي سگهيو تہ افلاطون جي فلاسافيءَ ارسطو کي ايترو متاثر نہ ڪيو هجي پر هن جي دور جي سياسي ۽ ثقافتي حالتن وڌيڪ اثر ڪيو هجي. مثال انهن تقريرن جو جيڪي هن ٻڌيون يا ٿيٽر جا اهي ڊراما جيڪي هن ڏٺا يا انهن بتن کي جيڪي هن عبادتگاهن ۽ چوواٽن تي ڏٺا. ائين ئي ارسطو جي خيالن تي بہ ميسيڊون جي دوستن جي مدرسي ۾ پنهنجي استاد کان وڌيڪ اثر پيو هجي ”واه واه! واه جون ڳالهيون پيو ڪرين“ ايرئيل چيو.

”مون تي ڪل نہ ايريئل، مان سنجيده آهيان، مان هڪ مڪمل لکيل تاريخ ڏسڻ ٿو گهران. مان ڪنهن هڪ دور جي عورتن ۽ مردن جي ڪمن کي هڪ اڪيءَ ۾ ڏسڻ ٿو گهران، جيڪي پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل بہ هجن تہ هڪ ٻئي کان ڌار بہ، پر ساڳئي وقت هڪ ٻئي تي اثر انداز بہ ٿيندا هجن. مان ماضيءَ کي جيئن اهو حقيقت ۾ هو تيئن پيش

تيل ڏسڻ تو گهران، پوريءَ طرح ڳنڍيل! نيپولين جي دور کي وٺو، ڏسو ته سياسي حالتن جو معاشي حالتن تي ڪيترو نه دارو مدار هو. انگلستان جي سون ڪيئن نيپولين جي جنگين جو فيصلو ڪيو. ويلنگٽن جي پنيان روٿس چائيلڊ هو. ڏسو ته ڪيئن ان زماني جي ادب هنن جي مذهبي ۽ ان زماني جي ادب، مذهب ۽ سياسي مسئلن جي عڪاسي تي ڪئي. مثال: شيلي، بائرن ۽ شاتيوبراند جي شاعري.... هنن جي فن ڪيئن روم جي انقلابي نقاليءَ تي چٽر تي ڪئي. ٽالما روزڪس جي اهل ڪندي اسٽيج تي آڪڙجي تي گهميو، موسيقيءَ جو انداز ڪيئن رومانوي ۽ مجاهداڻو تي ويو ۽ ڪنهن وقت بيٿوون شعوريءَ طرح انقلابي جذبن ۽ نيپولين جي عظمت جي عڪاسي تو ڪري. هي سمورو دور هڪ هو ۽ نه رڳو فرانس، اولهه روس ۽ سارو يورپ هڪ هو. مون کي ان دور جي اهڙي تاريخ گهرجي جيڪا مون کي ماضيءَ کي هر رُخ کان ائين ڳنڍيل ڏيکاري جيئن اُهو ان وقت هو.

”تون تمام گهٽي اميد تو ڪرين جيڪا پوري ٿيندي نظر نٿي اچي. ايريئل چيو.

مون چيو ” تي سگهي تو ته ڪنهن هڪ دور ۾ سيني موضوعن جو ائين مطالعو ڪري سگهجي جيئن سيني دورن جو ڪنهن هڪ موضوع ۾ مطالعو ڪجي. والٽيئر جي دور جي تاريخ لکڻ ائين ممڪن هئڻ گهرجي جيئن گبن جي ”روم جي سلطنت جو عروج ۽ زوال“، يا قانون جي تاريخ يا وري گروٽ جي ”يونان جي تاريخ“ اصل ۾ فلپ Symonds نشاة الثانيہ جي تاريخ جا ست جُلد لکي تنهنجي ڳالهہ پوري ڪئي.

”سچ تو چيئن، اها واقعي اعليٰ درجي جي تاريخ آهي. مان چاهيان تو ته هر دور جي اهڙي تاريخ لکجي. تورو سوچ ته سهي ته اسان جو تاريخ ۽ انساني زندگيءَ جي باري ۾ تصور ڪيڏو چڱو تي وڃي جيڪڏهن اهڙا لکيل ڪتاب ملن، اسان جو تصور اجا بہ چڱو ٿئي ۽ اسان وڏيڪ بهتر انسان تي وجون جيڪڏهن اسان ائين مڪمل ۽ مربوط تاريخ پڙهون، ڪتي آهن گوئٽي، ليوناردو ۽ ارسطو جيڪي مربوط نظرين جا ديوتا هئا.“

”تون پاڻ اهڙي تاريخ چو نہ ٿو لکين فلپ “ايريئل چيو” ائين ڪري ڏيکار ۽ مثال قائم ڪر.“

”مان بہ چاهيان ٿو تہ اٺويهين صدي جي تاريخ اهڙي انداز سان لکان ٿو گهران. پر پاڻ ۾ ايڏي لياقت نہ سمجهندي ان کي يورپ تائين محدود رکڻ ٿو گهران، پر اهو ڪم بہ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي وس جو نہ آهي. شايد اسان سڀئي گڏجي اهو ڪم ڪري سگهون. توهان مون سان شريڪ ٿيندا، ڏسو تہ ويهين صدي پاڻ پنهنجي جاءِ تي ڪيڏو وڏو ڊرامو آهي. انقلاب ، فوجي انقلاب، ادب ۽ فن جو عظيم شخصيتون! ان ڊرامي جي ترتيب هن ريت هوندي.

**پهريون ايڪٽ:** نيپولين،

**ٻيو ايڪٽ:** روماني دور

**ٽيون ايڪٽ:** حقيقت پسندي جو دور

**چوٿون ايڪٽ:** استعماري دور

پوري صدي کي هڪڙي دور ۾ ماپائي ڇڏڻ ڪيترو وڻندڙ ڪم آهي. اٺويهين صدي جي يورپ جي وڪريل ڳتيل ۽ شاندار زندگيءَ کي ڳنڍي هڪ ڪرڻ شاندار ڪارنامو ٿيندو.“

اڇو تہ ٿيئي گڏجي ڪم شروع ڪيون “ايريئل چيو” مان عورتن جو مطالعو ڪندس. اهو ڪم ڪڏهن شرع ڪيون؟“

”سياڻي ڪان“ فلپ چيو.

”پر هڪڙي ڳالهہ آهي جنهن جي ڪري مان انهن غيرفاني هستين کان غير مطمئن آهيان. هنن اسان کي اهو نہ ٻڌايو آهي تہ تاريخ ترقي ڪري پئي يا نہ يا اسان مستقبل جي باري ۾ ڪا اڳڪٿي ڪري سگهون ٿا يا نہ؟

## باب پندرهون

# چا ترقي سراب آهي

### ترقي جي جواني:

يونانين ۽ اسان جي وچ ۾ جيئن تہ گهڻو وقت گذري چڪو آهي انڪري اسان وقت جي فاصلي جي ڪري سمجهون ٿا تہ تاريخ ۾ ٻين قومن جي ڀيٽ ۾ يونانين جلد ترقي ڪئي. پر هنن پنهنجي ان ترقيءَ جي باري ۾ پنهنجي ادب ۾ ڪجهہ ڪونہ ٻڌايو آهي. ايسڪيلس Aeschylus جي ڊرامي ۾ پراميٿس Prometheus ٻڌائي ٿو تہ هن انسانيت کي باهہ کان واقف ڪرايو ۽ انسان ڪيڏي نہ تهذيبي ترقي ڪئي. پنجاهہ سٽن ۾ هو ثقافتي اوسر جي منزلن جو ائين ذڪر ٿو ڪري جو آمريڪا جي ڪن رياستن ۾ هن جي ان ذڪر کي غير اخلاقي حد تائين جديد سمجهيو ٿو وڃي.

يوريپيڊس Euripides وٽ بہ اسان کي ترقي بابت ڪي اشارا ملن ٿا. پر اهڙو ذڪر نہ زينوفن Xenophon جي "سقراط" ۾ ٿو ملي ۽ نہ افلاطون وٽ ارسطو تہ پنهنجي بي نيازيءَ واري رجعت پسنديءَ جي ڪري ان ڳالهہ کي ڌيان لائق ئي نٿو سمجهي. يوناني گهڻو ڪري تاريخ کي خرابيءَ وارو چڪر سمجهندا هئا. اسٽيگريٽ Stagyrite جو خيال آهي تہ سيئي فن ۽ علم ايجاد ٿيندا ۽ فنا ٿيندا رهيا آهن. ٿيلس Thales کان وٺي مارڪس آريلس تائين يوناني ذهن جي اها سوچ رهي آهي، رواقين اسٽاڪس ماڻهن کي صلاح ڏني تہ آئيندي ۾ ڪا اميد نہ رکن. ايسٽائين جو ايپيڪيورئين بہ خوشي کي اداسي سان قبول ڪندا هئا ۽ مسٽر بريڊلي Mr. Bradley جي چوڻيءَ سمجهندا هئا تہ ممڪن دنيائن مان هيءَ دنيا بهترين آهي ۽ هتان جي هر شيءِ لازمي بدي آهي. هيگيسيئس Hegesias جنهن لذت پرستي جي تعليم ڏني، زندگيءَ کي اجائي ۽ بيڪار شيءِ سمجهندو هو ۽ خودڪشيءَ جي صلاح ڏني هئائين پر هن پاڻ شوپنهار جيڏي ڊگهي عمر ماڻي. آزادي کسجڻ کانپوءِ ايٿنس وارن ۾ مايوسي لازمي هئي پر روم جي تاريخ جي هر

مرحلي تي اسان کي مايوسي ڏسڻ ۾ تي اچي. ليوڪريٽيئس Lucretias انسان لاءِ چئي ٿو تہ هو آهستي آهستي ترقي ٿو ڪري. پر هو اسان جي ان سوال جو جواب تہ ڇا ترقي سراب آهي. ڏاڍو مختصر ٿو جواب ڏي ۽ اها ئي ڳالهہ ٿو ڪري تہ سڀ شيون ساڳيون آهن، اڄ جيڪڏهن اهو عظيم شاعر ۽ فلاسفر اسان ۾ هجي تہ ڇا هاڻي بہ هو اهو ئي جواب ڏيندو. هو پڪ سان اسان جي مشينن ۽ اوزارن جي رعب ۾ اچي وڃي جيڪي اسان جون سڀ خواهشون پوريون ڪنديون ٿيون رهن. پر شايد تہ هو پنهنجي اُداس انداز ۾ پڇي تہ ڇا اهي عورتون ۽ مرد جيڪي وڏيون وڏيون مشينون ٿا استعمال ڪن، اخلاقي، ذهني ۽ جسمانيءَ طرح پنهنجن ابن ڏاڏن کان بهتر آهن. هو اها خبر ڏاڍي ڏيان سان پڙهي تہ هڪ نوجوان زال دريءَ جي چوڪٺ سان پنهنجي مڙس کي ٻڌي ماري ڇڏيو ۽ کيس خبر پوي تہ ڪيترين نہ صدين کانپوءِ ماڻهو کي دريءَ جي چوڪٺ جي فائديمند استعمال جي خبر پئي آهي. هو پڪ سان چئي ها تہ ان معاملي ۾ مقصد ساڳيو آهي پر اوزار جو فرق آهي ڇاڪاڻ تہ مڙس کي مارڻ پراڻو ڪاروبار آهي. زندگي ۾ جيتريون گهٽيون تبديليون اچن ٿيون اوتريون ئي شيون پنهنجي اصلي حالت ۾ قائم رهن ٿيون. شايد تہ اسان جي ترقي مقصدن جي نہ پر طريقن جي ترقي آهي.

رومي تہ ليوڪريٽس کان بہ ويل آهن. هو نہ رڳو مستقبل کي سنڪ جي نگاهہ سان ٿا ڏسن پر ماضي جي تعريف بہ ٿا ڪن، هورس Horace ماضي جا قصيدا ٿو پڙهي. ٽيسيٽس Tacitus ۽ جووينال Juvenal پنهنجي دور جي زوال جو افسوس ٿا ڪن. ورجل پنهنجي سهڻي تخيل سان نغما ڳائيندي ڳائيندي اوچتو ”ازلي ورجاءُ واري المناڪ تصور ۾ گم ٿو ٿي وڃي.

”پوءِ هو قديم پيغمبر Tiplys پئدا ٿيندو ۽ Argo هڪ ٻيو جنم وٺندو.

۽ اسان جي محبوب مجاهدن کي وٺي ويندو.

وري جنگيون ٽينديون ۽ عظيم رُتبي واري اڪيليس کي ٽرائي ڏانهن موڪليو ويندو.

واريءَ واري گهڙيال کي اُبتو رکيو ويندو ۽ ماضي جيئن جو تيئن حال ۾ موٽي ايندو.

دنيا ۾ ڪا شيءِ نئين نہ آهي.

سڀ نظر جو فريب ۽ هوا جي پنيان ڊوڙڻ آهي.“

مارڪس آريليس Marcus Aurelius انساني وجود جو ڪمال حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجو پاڻ ۾ سياست ۽ فلسفي کي سهڻي نموني ملائڻ ڪانپوءِ لکي ٿو:

”عقل وارو روح ساري دنيا جو سفر ٿو ڪري، پولار ۾ چڪر ٿو هڻي ۽ لافانيت ڏانهن نهاري ٿو. ڪائنات جي تباهي ۽ نئين تعمير جي دورن تي ويچاري ٿو ۽ سوچي ٿو تہ اسان ڪانپوءِ وارا نسل ڪا بہ نئين شيءِ نہ ڏسندا ۽ اسان جي ابن ڏاڏن اسان کان وڌيڪ ڪي بہ نيون شيون نہ ڏٺيون هيون، ڪنهن بہ وچولي درجي جي ذهانت واري چاليهن ورهين جي عمر جي ماڻهوءَ لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ هو ماضي ۽ مستقبل جا واقعا ڏسي ٿو وٺي. دنيا ۾ ايڏي هڪجهڙائي آهي.“

ترقيءَ جي تصور سان يونانين جي بيزاري يا دشمني جا سبب ڪهڙا هئا. ڇا ان جو سبب اهو هو تہ هنن کي تاريخ جو ڪو گهڻو تجربو نہ ٿيو هو. هنن جي تهذيب وڏي تيزيءَ سان عروج تي پهتي ۽ ان کي زوال بہ اچي ويو. يا هنن وٽ تاريخي داستانن جي اٽاٽ هئي جنهن جي ڪري هنن ۾ اها نظر پيدا ٿي نہ سگهي جيڪا ڪين سندن ترقيءَ جي معيار کان آگاهہ ڪري. هنن وٽ بہ وچولو دور آيو ۽ هڪ هزار سالن جي عرصي ۾ هو بربريت جي منزل کان فلسفي جي منزل تائين پهچي ويا. ان عرصي ڪانپوءِ هنن ادب جي تخليق شروع ڪئي. يا ان وقت ڪاغذ ايڏو مهانگو هو جو ان کي تاريخ لکڻ لاءِ ضايع ڪرڻ نٿي گهريائون، يا وري ترقي ۾ هنن جو ويساهہ انڪري نہ هو جو يوناني صنعت گهڻي ترقي ڪري نہ سگهي هئي ۽ هو Crete جي صنعت کان اڳتي وڌي نہ سگهيا هئا. يا هو مادي آسائش وارو ايڏو

سامان پئدا ڪري نہ سگھيا هئا. جيڪو جديد دور جي ترقيءَ جي ايمان جو بنياد آهي.

وچين دور ۾ آسائشن جي سامان جي گھٽتائيءَ ترقيءَ جي تصور کي اُڀرڻ جو موقعو نہ ڏنو. اڳيئن جهان ۾ جنت حاصل ٿيڻ جي اميد زندگيءَ جو محور هئي. موت ڪانپوءِ واري حياتيءَ ۾ ماڻهن جو ايمان هنن جي انفرادي ۽ اجتماعي مالي حالتن سان بدلجندو رهيو آهي. جڏهن دولت وڌندي آهي تہ جنت ماڻڻ جي خواهش گهٽبي آهي. جنت ۾ آسائشون ماڻڻ جو تصور هزارن سالن تائين ماڻهن جي ذهنن تي ڇانيل رهيو.

مغربي يورپ ۾ علم جي واڌاري ۽ صنعتي انقلاب سان دولت آئي. دولت جي واڌاري سان ترقيءَ لاءِ اُتساهہ وڌيو ۽ واپار جي اميد گهٽي. جديد تاريخ جو اهم واقعو اهو آهي تہ Copernican انڪشاف ڪيو تہ ڪائنات جي سيارن ۾ زمين جي ڪا حيثيت نہ آهي. ان انڪشاف ڪيترن نازڪ مزاج ماڻهن کي ناخوش ڪري ڇڏيو ۽ جنت آسمان ۾ بدلجي وئي ۽ پنهنجو پاڻ کي حالتن سان هم آهنگ ڪندڙ انساني روح ۾ جنت جي آسائشن واري تصور ٽٽڻ سان هڪ زميني جنت ۾ ايمان پئدا ٿيو. ڪيمپ نيلا Campanella مور More ۽ بيڪن Bacon زميني جنت تي ڪتاب لکيا ۽ عالمگير مسرت جي ابدي هجڻ جو اعلان ڪيو. يورپ آسائشون ۽ لذتون ٻاهران گهرايون ۽ صوفين ۽ ساڌن کي ٻاهر موڪلي ڇڏيو. واپار شهر ٺاهيا، شهرن يونيورسٽيون ٺاهيون، يونيورسٽين سائنس کي ترقي ڏني، سائنس صنعت جو بنياد وڌو ۽ صنعت ترقيءَ جا امڪان پئدا ڪيا. گير گينٽوا Gargantua پينٽاگو ويل Pentagruel کي لکي ٿو "ساري دنيا عالمن فاضلن، مدرسن ۽ وڏن وڏن ڪتاب گهرن سان ڀريل آهي." پير دي لا رمي Pierre de la Ramee 1450-1550ع واري دور جي باري ۾ لکيو.

هڪ صديءَ ۾ اسان انسانن ۽ علمي ڪارنامن ۾ ايتري ترقي ڪئي آهي جيڪا اسان جا ابا ڏاڏا گذريل چوڏهن صدينءَ ۾ بہ ڪري نہ سگهيا هئا."

اهي لفظ پوري دور جو آواز آهن. ڪهڙي صديءَ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن نہ ڪنهن ڪارنامي سان ياد نہ ڪيو آهي. پر هيءَ خود اعتمادي نشاةالثانيہ جي جان هئي. ان خود اعتماديءَ جي جهلڪ اسان کي فرانسس بئڪن جي هڪ هڪ سٽ ۾ نظر اچي ٿي ۽ اها خود اعتمادي ايشيا جي پيٽ ۾ يورپ جي برتريءَ جي علامت آهي. ظاهر آهي تہ ان ترقيءَ جو تصور صنعتي ۽ گرجا جي حاڪميت کان آجي تهذيب وارو هو ۽ اهو تصور وچين دور جي سياست جي جنت جي خواهش جهڙو هو. اهو جديد ذهن جو سڀ کان من پسند تصور هو جيڪو اسان جي سماجي فلسفي جو ٿنُ آهي. ترقي ۽ جمهوريت وارو تصور آهي. جيڪڏهن انهن بنهي تصورن کي ڇڏيو وڃي تہ پوءِ ذهني طور اسين اگهاڙا ۽ ڪل جهڙا ٿي پونداسين ۽ اسان جي تاريخ ۾ وري اُسرڻ جي ڪا اميد ڪانہ رهندي.

## ترقيءَ جو عروج

ترقي ۾ پر اُميديءَ جو اظهار ارڙهين صديءَ ۾ ٿيو، روسيو پنهنجي زماني جي لحاظ کان نرالو ماڻهو هو. پئرس جي ظالمن هن جي اعصابي سرشتي کي لوڏي ڇڏيو هو. انهن کان هن آمريڪي ريڊ انڊئنز، جن کي هن ڏٺو بہ نہ هو. وڏيڪ مٿيرو ٿي سمجهيو. هن جو خيال هو تہ سوچ ماڻهوءَ جي زوال جو سبب ٿي بڻجي. هو ماضيءَ جي عاليشان دور جي واڪاڻ ڪندو هو، جيڪو جنت وانگر هو ۽ جڏهن آدم جو زوال اجان ڪونہ ٿيو هو. پر جڏهن اسان جي نظر اتساهيندڙ ۽ وڏي همت واري والٽيئر تي ٿي پوي تہ اسان کي روشن دور جي وڻندڙ فضا ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ذهانت جي هن مالڪ کي ريڊ انڊئنز جي باري ۾ ڪا غلط فهمي ڪانہ هئي. هن کي خبر هئي تہ ماڻهو وحشت جي دور کان تهذيب جي هن دور ۾ وڏيڪ سني زندگي ٿو گذاري. هو وحشي انسان جي آهستي آهستي مهذب ٿيڻ واري عمل کي عزت جي نگاهہ سان ڏسندو ۽ پئرس کي جنت کان وڏيڪ سمجهندو هو. هن جي پوئلڳن ٽرگو Turgot ۽ ڪنڊورسي Condorcat ترقيءَ کي جديد دور جو روح بڻايو. 1793 ۾ هڪڙو رئيس زادو ڪنڊورسي ڪنڊڪپڻ واري ڪات جي ڊپ کان پيجي پئرس کان ڪنهن ڏرانهين هنڌ وڃي لڪو هو.

روبس پيير Robespierre هن کي دعوت ڏني هئي ته هو موت کي اچي قبول ڪري ڇاڪاڻ ته هن ٿامر پين Tom paine وانگر بادشاهه جي قتل جي خلاف ووٽ ڏنو هو. هو ٻهراڙيءَ ۾ اڪيلي ڪمري ۾ رهيل هو جتي هن وٽ نه ڪتاب هئا ۽ نه ڪو دوست هو. اهڙي حالت ۾ جيڪر وڏا وڏا بهادر به مايوسي ۽ نااميديءَ جي ور چڙهي وڃن پر ڪنڊورسي اهڙي حالت ۾ به هڪڙو وڏو اميد ڏياريندڙ ڪتاب لکيو جنهن کي انساني ترقيءَ بابت هڪ نهايت اهم ڪتاب مڃيو وڃي ٿو. انسان جي شاندار آئيندي جي اڳ ڪٿي ڪري هو پئرس مان ڀڳو ۽ ٻهراڙيءَ ۾ وڃي لڪو. هو هڪڙي مسافر خاني ۾ رهيل هو ۽ پنهنجو پاڻ کي محفوظ ٿي سمجهيائين. هو بستري تي ليٽيو ته ننڊ ڪٽي ويس ۽ جڏهن ننڊ مان جاڳ ٿيس ته هو سپاهين جي گهيري ۾ هو. سپاهين هن کي آڻي جيل ۾ وڌو ۽ ٻئي ڏينهن هو جيل ۾ مئل پيو هو. ڪنڌ ڪپڻ واري ڪات سان موت کان بچڻ لاءِ هو پاڻ سان زهر جي شيشي ڪٽي ويو هو.

هن جو ڪتاب پڙهي خبر پوي ٿي ته اسان ڪيڏي نه زوال واري ۽ بي ويساهي نسل مان آهيون. پر اوهين ان ماڻهوءَ کي ڏسو جيڪو ظاهري طرح سڀ ڪجهه وڃائي وينو هو جنهن پنهنجي دولت ۽ سماجي رتبو انقلاب لاءِ قربان ڪري ڇڏيا هئا. جنهن جي انقلاب ڪانپوءِ اقتدار ۾ اچڻ وارن وحشين ڳولها ٿي ڪئي. جنهن انقلاب کي آئيندي جي روشني ٿي سمجهيو ان انقلاب کي هن پيچ ڏاهه ۽ افراتفري واري حالت ۾ ڏنو پر تنهن هوندي به هن جو ڪتاب ماڻهن کي اميد ڏيارڻ جو شاهڪار هو. هن کان اڳ ڪنهن جو به انسانيت ۾ ايڏو ويساهه نه ٿيو ۽ شايد هن ڪانپوءِ به نه ٿيندو. ڏسو ته ڇپائيءَ جي باري ۾ هو ڪيڏي نه روانيءَ سان ٿو پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري. هن کي پڪ آهي ته پريس ماڻهو کي آزادي ڏياريندي. هن کي اندازو نه هو ته پريس کي سنسني خيزيءَ لاءِ به استعمال ڪيو ويندو. هو لکي ٿو ته فطرت علم جي واڌاري کي آزادي، نيڪي ۽ انساني حقن جي احترام سان ڳنڍي ڇڏيو آهي. خوشحالي ماڻهوءَ ۾ ماڻهپي، فراخدلي ۽ عدل ڏانهن لاڙو پئدا ڪندي آهي. ان ڪانپوءِ هو روشن دور جي سڀ کان اهم عقيدي جو

ذڪر ٿو ڪري. چئي ٿو تہ انسان جي صلاحيت جي ترقي جون ڪي حدون نہ آهن. انسان انتها ڪمال حاصل ڪري سگھي ٿو. ڪمال حاصل ڪرڻ واري ترقي ان جي راھ ۾ رڪاوٽ بڻجڻ واري طاقت ڪان متاهين آهي. جيستائين هيءَ دنيا جنهن ۾ اسان کي پئدا ڪيو ويو آهي قائم آهي تيستائين ترقي ٿيندي رهندي. آخر ۾ هو انسان جي آئيندي يعني اسان جي دور جي ڏاڍي سهڻي تصوير ٿو پيش ڪري. لکي ٿو تہ علم جي واڌاري سان طبقن ۽ قومن جي غلامي ختم ٿي ويندي ۽ وقت ايندو جو سج ڌرتيءَ تي رڳو آزاد قومون ڏسندو جيڪي رڳو عقل کي پنهنجو آقا مڃينديون. ان وقت ظالم ۽ مظلوم، پادري ۽ هنن جا پوئلڳ رڳو تاريخ جي ورقن يا اسٽيج تي پيش ٿيندڙ ڊرامن ۾ نظر ايندا. سائنس زندگيءَ جي معيار کي وڌائي ٻيڻو ٽيڻو ڪري ڇڏيندي. عورت مرد جي، مزدور سرمائيدار جي ۽ غلام بادشاھ جي پابندين کان آزاد ٿي ويندا، شايد تہ انسانيت جنگ کي وساري ڇڏي. اها ڳالھ ڪرڻ ڪانپوءِ هو وري وڏي اتساھ سان ڳالھ ٿو ڪري تہ:

هيءَ سوچ اهڙي فلاسفر کي ڪيڏو نہ آٿت ڏيندي آهي جيڪو دنيا جي غلط ڪاري، نااانصافي ۽ ڏوھ پسنديءَ تي افسوس ڪندو ٿو رهي. هو آئيندي جي امڪان تي غور ٿو ڪري ۽ هن کي اهڙي سوچ سان جڻ تہ عقل ۽ علم جي ترقي لاءِ ڪيل سندس ڪوشش جو اُجورو ملي ٿو وڃي. هو انهن سيني ڪوشش کي انسانيت جي تقدير جي سلسلي جون ڪڙيون ٿو سمجهي ۽ ان تصور سان هن کي نيڪي جي صحيح خوشيءَ ۾ هڪ قائم رهندڙ خدمت ڪرڻ جو سُرور ٿو حاصل ٿئي ۽ ان کي زماني جا انقلاب متائي نٿا سگهن. اهو جذبو هن جي اهڙي پناھ گاھ آهي جتي هن سان ظلم ڪرڻ وارن جي ياد بہ سندس پيڇو ڪندي پڄي نٿي سگھي. پنهنجي تصور ۾ هو پاڻ کي ان انسان سان ڳنڍي ٿو جيڪو پنهنجا حق حاصل ڪري چڪو آهي، جيڪو ظلم کان نجات ماڻي چڪو آهي ۽ جيڪو تڪين وکن سان خوشيءَ جي راھ تي هلندو ٿو وڃي. هو پنهنجا ڏک وساري ٿو ڇڏي ۽ تڪليفن، ڪيني ۽ تهمتن کان آجو ٿو ٿي وڃي ۽ هو اهڙن ڏاهن ۽ خوش نصيبن جي محفل ۾ ٿو

ويهي جن جون اهي ريس ڪرڻ جهڙيون حالتون پئدا ڪرڻ ۾ ڪوششون شامل هيون.

اها ڪيڏي نہ فراخدليءَ واري اميد پرستي آهي. ڪيڏي نہ جرائتمندي ۽ خواب پرستي ۽ انسانيت لاءِ ڪيڏو نہ اعليٰ جذبو. ڇا اسان ڪندورسي جي ان معصوم اتساهہ کي کل جهڙو چئي رد ڪري ڇڏيون يا پنهنجي دور جي بي همتيءَ کي ننديون جنهن جي ڪري ڪي ٿورا خواب پورا ٿي سگهيا آهن، پر پنهنجن بين خوابن کي پورو ڪرڻ جي هن دور ۾ جرائت ڪانهي.

ان روشن فلسفي جو سبب تجارتي ۽ صنعتي انقلاب هو. مشينن جي ايجاد جا نوان نوان معجزا ٿي ٿيا. مشينن تمام گهٽي انگ ۾ ۽ تمام گهٽي تيزي سان زندگيءَ جو ضرورتون ۽ آسائشون ٿي پئدا ڪيون. مفلسيءَ کي ختم ڪرڻ ۽ ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ تمام ٿورو وقت گهربو هو. بينٿم Bentham ۽ وڏي مل Elder Milll(1830ع) سمجهيو ٿي تہ هاڻي انگلينڊ ملڪ جي سيني ماڻهن لاءِ تعليم جون سهولتون مهيا ڪري سگهندو ۽ وڏي پيماني تي تعليم سان ان صدي جي آخر تائين مسئلا حل ٿي ويندا. ڪامٽي Comete تاريخ کي ٽن مرحلن ۾ ورهايو. گرجا جي برتري، مابعد الطعيات، ۽ سائنس. بڪل پنهنجي ڪتاب تهذيب جي تاريخ (1857ع) سان اها اميد پئدا ڪئي تہ علم جي واڌاري سان سڀ خرابيون ختم ٿي ونديون. ٻن سالن کانپوءِ ڊارون پنهنجو ارتقا جو نظريو پيش ڪيو. نئون ذهن نئين دنيا جي اثر ۾ آيو. ڊانتي جي جنت ۽ روسيو جي ماضيءَ جي سنهري دور جي تصور جي جاءِ دنيا جي جنت ورتي. اسپينسر Spencer ترقيءَ کي ارتقا سان ڳنڍيو ۽ چيو تہ ترقي زماني جو لازمي ۽ اڻ ٽر مقدر آهي. ان سان گڏ هر طرف کان نئين ايجادن جو مارو شروع ٿي ويو. دولت وڌڻ لڳي. گرجا جي گرفت کان آزاد ٿيل سائنس سڀ ڳالهہ کي ممڪن بڻائي ڇڏيو. سيارن جي پيمائش ٿيڻ لڳي ۽ ماڻهو وڏي جرأت ۽ اڳڀرائي ۾ پڪين جو مقابلو ڪرڻ لڳو. 1914- 1918ع واري مهاڀاري لڙائي کان اڳ انسان جي صلاحيتن جي باري ۾ هر نوع وارو عقيدو جائز هو.

## ترقيءَ جي خلاف ڪي ڳالهيون

دولت، طاقت ۽ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ تيز رفتاريءَ، جيڪي مغربي دنيا جي خاص سڃاڻ تي ويون هيون، انهن هوندي به ترقيءَ جي حقيقت ۽ ضرورت جي باري ۾ ڪي آواز اُٿاريا ويا. ميڪاؤلي Mechiavelle نشاة الثانيه جي عروج جي زماني ۾ چيو:

هر زماني ۾ دنيا هڪ جهڙي رهي آهي. ملڪ هڪ ٻئي کان مختلف آهن پر سڀ جو نقشو ساڳيو آهي. ڪي قومون ترقي ڪنديون ۽ ڪي پنتي رهنديون ويندون آهن.“

فونٽينل پنهنجي ڪتاب ”مُردن جي گفتگو(1683ع)“. سقراط ۽ مونٽين Montaigne کي دوزخ ۾ ڏيکاريو آهي جيڪا سندس خيال ۾، فلاسفرن جي جاءِ آهي. هو ترقي جي مسئلي تي گفتگو ٿا ڪن. سقراط پنهنجي موت کانپوءِ، ماڻهن جيڪا ترقي ڪئي آهي ان بابت پڇي ٿو ۽ اهو ٻڌي سخت ڏکوئجي ٿو ته ماڻهو اڄا وحشي آهن. مونٽين هن کي پڪ ٿو ڏياري ته دنيا زوال ڏانهن پئي وڃي. هاڻي دنيا ۾ پيريڪلس Pericles آرسٽيڊس Aristides ۽ سقراط جهڙيون مضبوط شخصيتون ڪونهن ۽ پوڙهو فلسفي ڪلها لوڏي چئي ٿو:

اسان پنهنجي زماني ۾ پنهنجن ابن ڏاڏن جو ان کان وڌيڪ احترام ڪندا هئاسين جيترو هنن لهڻو ٿي. هاڻي اسان جو نئون نسل ان کان وڌيڪ اسان جو احترام ٿو ڪري جيترو اسين لهڻون. اسان جي ابن ڏاڏن ۾، اسان ۾ ۽ اسان جي اولاد ۾، ڪو فرق ڪونهي.

۽ فونٽيلين Fontellene ان سموري بحث جو تَتُ هنئين ٿو پيش ڪري:

”ماڻهوءَ جي دل سدائين هڪ جهڙي ٿي رهي پر عقل پنهنجي تڪميل لاءِ ڪوشان ٿو رهي. جذبا، نيڪيون ۽ بديون اڄ به ساڳيون آهن پر علم وڌندو ٿو وڃي.“

ايڪرمن Eckermann چيو: انسان جي ترقي هزار سالن جي ڳالهه آهي.

گوئٽي Goethe چيو: ”ڪهڙي خبر ته لکين سالن جي ڳالهه هجي. انسانيت جيترو وقت قائم رهندي ان کي ترقيءَ لاءِ رستي جون

رڪاوٽون ڏسٽيون پونديون. ماڻهو وڏيڪ هشيار ۽ چالاڪ ته ٿيندا ويندا پر هو رڳو محدود عرصي لاءِ وڏيڪ سنا، وڏيڪ خوش ۽ پنهنجي عمل ۾ وڏيڪ چالاڪ نه هوندا. مان اهو وقت ڏسان پيو جڏهن خدا انسان کان بيزار ٿيندو ۽ هڪ نئون نسل تخليق ڪندو. شوپنهار چيو هو ته: ”تاريخ جو اصل اصول آهي هڪ موضوع ۽ پر تفصيلن جو اختلاف“

نتشي چيو: ”انسانيت ترقي نه پئي ڪري، انسانيت جو ڪو وجود ڪونهي. دنيا هڪ وڏي جسماني تجربيگاهه آهي جنهن ۾ بيرحم فطرت پنهنجا تجربا پئي ڪري ۽ جنهن ۾ ڪي تجربا ڪامياب ٿا ٿين پر گهڻي ڀاڱي ناڪام ٿا ٿين.“ ان جرمن رومانوي ڏاهي بحث کي ائين ختم ڪيو.

ڊزرائلي Disreali انهن ماڻهن مان هو جن سڀ کان پهرين مادي ۽ اخلاقي ترقي، طاقت ۾ واڌاري ۽ اخلاق ۾ بهتريءَ ۾ فرق ڪيو يورپ ترقي جي انڪري ڳالهه ٿو ڪري جو هن ڪن سائنسي انڪشافن جي مدد سان هڪ اهڙي سماج جو بنياد وڌو جنهن ۾ سائنس جي آسائشن کي تهذيب سمجهيو ٿو وڃي. ”مهذب يورپ خوش نه آهي. هن جو وجود بخار ۾ ورتل آهي ۽ ان کي هو ترقي ٿو چئي. پر سوال آهي ته ڪهڙي مقصد لاءِ ترقي. رسڪن Ruskin ترقي جي معنيٰ دولت سمجهڻ واري ڳالهه کان انڪار ڪيو ۽ سوال ڪيو ته ڇا هي آسودا دڪاندار ۽ واپاري جانسن، شڪسپيئر يا چاسر جي دور جي انگريزن کان وڏيڪ سنا انسان آهن.“ ڪار لائل ۽ ٽالسٽاءِ اها ڳالهه مڃي ته انسان کي پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ وسيلا ايجاد ڪرڻ گهرجن پر ان ايڏي طاقت مان ڪهڙو فائدو جو اها طاقت جيئن پهرين متضاد بيوقوفي ۽ خودڪشي وارن مقصدن لاءِ استعمال ٿيندي هئي. هاڻي به ٿيندي رهي.

1890ع ۾ ارٿر بالفر Arthur Belfour پنهنجي حڪيماڻي ۽ زوردار انداز ۾ چيو ته انساني ڪردار ۽ اجتماعي تنظيم فڪر (جيڪو ترقي ڪندو ٿو رهي) تي بدل نه آهي پر احساس ۽ جبلت تي بدل آهي جيڪي

هزارن سالن ۾ بہ نٽا بدلجن. هن جو خيال آهي تہ ان ناڪاميءَ جو سبب اهو آهي جو اسين پنهنجي وڌندڙ علم کي وڌيڪ خوشي ۽ دائمي امن حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري نہ سگهيا آهيون. ٿي سگهي ٿو تہ اهو وڌندڙ علم ئي اسان جي دور جي مايوسي جو سبب هجي Ecclesiastes (اهلِ مدرسہ) چيو هو تہ علم ۾ واڌارو ڏک ۾ واڌاري برابر آهي. هنن جو جديد دور جو هم خيال اوتار اناطول فرانس ٿو چئي.

”ساري ڪائنات ۾ سڀ کان غمگين مخلوق انسان آهي. انسان کي اشرف المخلوقات چوندا آهن. پر منهنجا دوست! ڇا انسان اشرف الخلوؤات آهي؟“

جديد صنعت تي اشتراڪن جي تنقيد اسان جي ترقي ۾ ايمان کي ڪنهن حد تائين لوڏي ڇڏيو. ماڻهن کي اسان جي زماني جي ناانصافين جو احساس ڏيارڻ لاءِ اشتراڪن ماضيءَ جي امن ۽ سڪون کي ساراهڻ شروع ڪيو. رسڪن، ڪارلائل، مورس ۽ ڪروپٽڪن وچولي دور جو اهڙو نقشو چٽيو جو هر ڪو ماڻهو حسرت سان سوچڻ لڳو تہ جيڪر هو ان دور ۾ هاري هجي ها، بني ڪيڙي ها ۽ فصل جو مقرر حصو زميندار کان وٺي ها ۾ ان سان گڏ هنن جديد سياست تي تنقيد ڪري آفيسن ۾ بداخلاقي ۽ نااهليت کي بي نقاب ڪري، ان جمهوريت تي شڪ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو جنهن کي اسان صديءَ کان ديوي بڻايو وينا هئاسين. پريس ۽ عوامي اخبارن جي ايجاد گهٽ ذهنن کي بلند ڪرڻ بدران بلند فطرتن کي هيٺ آڻي ڇڏيو. سياست، مذهب، ادب، ايستائين جو سائنس تي بہ پوري پني اهليت وارا ماڻهو ڇانئجي ويا. نارڊڪ ”علم الانسان ۽ يقين ڪرڻ جي ارادي وارو فلسفو“ عام ماڻهن جي سطح جي علم ”نسل جي اصلاح جو علم“ ۽ ويانا جي نفسيات سان مقابلو ڪرڻ لڳو. صحافت ادب جي جاءِ ورتي. فلم جي ايجاد ڊرامي جي فن کي پنتي ڌڪي ڇڏيو. فوٽوگرافيءَ مصوريءَ جي فن کي ڇيهو رسايو ۽ ان کي حقيقت پرستي، مستقبل پرستي، ڪيوبزم ۽ Pointillism ۽ بيون خوفناڪ شڪليون اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيو. Rodin ۾ بت، تراش، چلڻ ۽ گهڙڻ کي ڇڏي مصوري شروع ڪئي. ويهين صديءَ ۾ موسيقي چيني جي ٿانون جي رقيب بڻجي وئي.

فن جي زوال ۽ جنگ ان صديءَ جي ايمان کي لوڏي ڇڏيو. صنعتن جي واڌاري ۽ رئيست (Aristocracy) جي زوال گڏجي فني هئيتن کي تباهه ڪيو. مشينن جڏهن ڪاريگريءَ جي جاءِ ورتي تہ ڪاريگري ختم ٿي وئي. ۽ جڏهن مشين وڏن مارڪيٽن جي ڳولها لاءِ مجبور ٿي ۽ پنهنجي پئداوار کي عام ماڻهن جي ضرورتن مطابق بڻايو ۽ مال جي گهٽائيءَ جي ڪري هڪ جهڙائيءَ ۽ بد ذوقي حسن ۽ هئيت جي جاءِ ورتي. جيڪڏهن رئسيت بچي وجي ها ۽ اها عوام جي ذوق جي پرورش جو وسيلو هجي ها تہ ٿي سگهيو ٿي تہ صنعت ۽ فن ٻئي ترقي ڪن ها. پر جمهوريت ۾ سياست ۽ فن، ٻنهي ۾ عوام جي پسند ۽ قبوليت کي معيار بنائڻو پئجي ويو. وچولي درجي جي لاتعداد انسانن جو ذوق ڊراما نگار، فلمي منظر نگار، ناول نويس، مصور، بت تراش ۽ معمار جو رهبر ٿي ويو. شين جي قيمت ۽ سائيز انهن جي قدر جو معيار ٿي وئي. حسن ۽ هنرمندي جيڪي فن جا مقصد هئا، انهن جي جاءِ عجيب غريب نواڻ ورتي. رئيسيت جي ذوق جي پرورش مهذب صدين ڪئي هئي هاڻي فنڪار ان جي رهنمائيءَ کان محروم ٿي ويو ۽ هر هڪ فن ڪمال کي ڇڏي ڇرڪائيندڙ تاثر پئدا ڪرڻ لڳو. جيڪو بيشڪ تہ نواڻ ۽ انفراديت آهي. مصوري ذهني مرض جي علامت ٿي وئي. معمار صدين لاءِ نہ پر محدود عرصي لاءِ عمارتون ٺاهڻ لڳا، ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي فن جي ترقي جون راهون بند ڪري ڇڏيائون، موسيقيءَ عام ماڻهن جي علائقن ۽ ڪارخانن ۾ پڄي، ڪاسائن ۽ نوڪرياڻين جي اعصابي سرشتي مطابق، نوان نوان انداز اختيار ڪرڻ شروع ڪيا. بت تراشي لباس جي غير مقبوليت جي باوجود زوال جو شڪار ٿيندي وئي. موٽرن ۽ ميڪ اپ جي سامان ڪان سواءِ ويهين صديءَ ۾ فن ڇڻ تہ بلڪل ختم ٿي ويو آهي.

پوءِ عظيم جنون جو دور آيو تہ ماڻهن کي خبر پئي تہ هنن جي تهذيب جو ٿهُ ڪيترو نہ سنهون ۽ نازڪ آهي. هنن جو تحفظ ڪيترو عارضي ۽ هنن جي آزادي ڪيتري ڪمزور آهي. جنگيون لڳڻ بيشڪ تہ گهٽجي ويون آهن. پر انهن جي شدت وڌي آهي. سائنس جيڪا اڳ ترقيءَ جي ضامن هئي هاڻي موت جو فرشتو ٿي پئي آهي. ان سان

ايڏي تہ تيزيءَ سان خونريزي ٿي جو وچولي دور جون جنگيون ڪاليج جون رانديون ٿيون لڳن. بهادر هوا بازن، عورتن ۽ ٻارن تي بم ٽي اڇلايا ۽ ڪيميا جي ماهرن زهريلي گئس جون خوبيون ٿي بيان ڪيون. هڪ صدي جي ترجمان ادب، سائنسدان جي تعاون سان ۽ تجارتي تعلقات ۽ مالي ضرورتن جي ڪري، جيڪا بين الاقوامي دوستي پيدا ڪئي هئي اها تباهہ ٿي وئي ۽ يورپ جدا جدا قومن ۾ وراهجي ويو جيڪي هڪ ٻئي جي رت جون اُڃيون هيون. جنگ ختم ٿي تہ خبر پئي تہ فاتح ۽ مفتوح ٻنهي اهي شيون وڃايون جن لاءِ وڙهيا ٿي ۽ هڪ حريص بينڪيت پوٽسڊم Potsdam مان پئرس منتقل ٿي ۽ منظم آئيني حڪومت جي جاءِ جنگجُو آمريت ورتي. جمهوريت هوندئن تہ وڌندي پئي وئي پر اصل ۾ مري چڪي هئي. اميد بہ مري وئي هئي ۽ جنهن نسل جنگ ڏٺي هئي ان جو هاڻي ڪنهن شيءِ ۾ ويساهہ نہ رهيو هو. بيزاري ۽ مايوسيءَ گهڻ تجربي وارن روحن ڪانسواءِ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي چنبي ۾ روتو. هاڻي ترقيءَ جو تصور ڪوڪلو فريب ٿي لڳو جنهن ماڻهوءَ جي ايذائن تي اهڙي ننولي ٿي ڪئي جهڙي پهريان ڪڏهن ڪانہ ٿي هئي يا وري ڪيس تمام اجائي ۽ بي معنيٰ خواب پرستيءَ ۾ ڏڪي ٿي چڏيو.

## ڪي اڻ لاڳاپيل ڳالهيون:

والٽيئر چيو هو تہ جيڪڏهن ”تون مون سان ڳالهيون ڪرڻ ٿو گهرين تہ پهرين پنهنجن اکرن کي چٽو ڪر.“ ترقيءَ سان اسان جو مطلب ڇا آهي، موضوعي وضاحتن سان ڪم نہ هلندو. ترقيءَ جي تصور کي اسان ڪنهن هڪ مذهب يا ڪنهن هڪ اخلاقي نظام جي نقطہ نگاهہ کان پرکي نٿا سگهون. مثال اخلاقي نقطہ نظر کان ائين چوڻ تہ ماڻهوءَ کي وڌيڪ رحمدل ٿيڻ گهرجي نتشي جي پوئلڳن کي نہ وڻندو. ائين ئي ترقيءَ کي خوشيءَ جو واڌارو بہ چئي نٿا سگهون ڇاڪاڻ جو دنيا ۾ عقلمند کان وڌيڪ بيوقوف خوش آهن ۽ جن شخصيتن جو اسين احترام ڪيون ٿا انهن لاءِ خوشيءَ کان وڌيڪ انساني عظمت اهم آهي. ڇا ترقيءَ جي ڪا اهڙي معروضي تشريح ٿي

سگهي ٿي جيڪا هر فرد، هر جماعت ۽ هر جنس لاءِ قابلِ قبول هجي؟ في الحال اسان ترقيءَ جي هيءَ معنيٰ ٿا ڪيون تہ ترقي انساني ماحول تي زندگيءَ جو وڌندڙ غلبو آهي ۽ ماحول انهن حالتن جو نالو آهي جيڪي اسان جي خواهشن جي پورائيءَ ۾ اسان جي مدد ٿيون ڪن. انتشار تي ذهن ۽ مقصد جو، ۽ مادي تي هيئت ۽ عزم جو غلبو اصل ترقي آهي.

ترقي لاءِ ضروري نہ آهي تہ اها لڳاتار هجي. ترقيءَ ۾ اوندها ۽ مايوسيءَ وارا دور بہ اچي سگهن ٿا. پر جي آخري منزل بلند آهي تہ پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ اسان ترقي ڪئي آهي. ترقيءَ جي حوالي سان قومن ۽ دورن جي ڪٿ ڪرڻ لاءِ اسان کي پنهنجي سوچ صحيح رکڻي پوندي. صحيح ڪٿ ڪرڻ لاءِ اسان کي ٻن اهڙن قومن جي ڀيٽ ناهي ڪرڻي جن مان، هڪ جوانيءَ مان لنگهندي هجي ۽ ٻي ثقافتيءَ طرح پڪي وهيءَ ۾ هجي. هڪ دور جي اوٽائين کي ٻئي دور جي چڱائين سان بہ ڀيٽڻو نہ آهي. جيڪڏهن اسين ڏسون ٿا تہ آسٽريليا ۽ آمريڪا جهڙين ننڍي عمر واري قومن ۾ ذهني لاڙو تنظيمي، سياحتي ۽ سياسي معاملن ڏانهن آهي ۽ مصوري، شاعري، ۽ بت تراشيءَ ڏانهن نہ آهي تہ اسان کي سمجهڻ گهرجي تہ هر دور کي هڪ خاص ذهن جي ضرورت هوندي آهي ۽ ثقافتي نوع جا ذهن تڏهن پيدا ٿيندا آهن جڏهن عملي نوع جا ذهن هنن لاءِ رستو صاف ڪري چڪا هوندا آهن. جڏهن اسان سمجهون تہ تهذيب جا دور ايندا ۽ گذري ويندا آهن ۽ انسان جي هر عمل جو انجام فنا آهي تہ پوءِ اسان کي گهرجي تہ اسين موت کي برحق سمجهون ۽ پاڻ کي تسلي ڏيون تہ قومن پنهنجي پنهنجي محدود زندگيءَ ۾، ٿوري کي گهڻي ترقي ڪئي آهي ۽ پهريان ڪان ڪي قدر بهتر آهن... اسان ڏسون تہ اسان جي دور جا ڏاها، سقراط ۽ افلاطون جهڙا نہ آهن ۽ اسان جا بت تراش، ڊوناٽيلو Donatello يا اينجلو Angalo جو درجو حاصل نہ ڪري سگهيا آهن. اسان جا مصور مرتبي ۾ ويلاسيڪوز Velaseqez کان گهٽ آهن، اسان جا شاعر شيلي ۽ باخ Bach جهڙيون بلنديون حاصل ڪري نہ سگهيا آهن تہ اسان کي مايوس ٿيڻ نہ

گهرجي ۽ سمجهڻ گهرجي تہ سڀ ستارا هڪ ئي وقت ۾ نہ آهن چمڪندا.... ڏسڻو رڳو اهو آهي تہ ڇا انسان جي سمورين يا وچولي صلاحيتن ۾ پهريان جي ڀيٽ ۾ واڌارو ٿيو آهي يا نہ. ۽ ڇا اهي پوري بلنديءَ تي پهتيون آهن يا نہ.

اسين جڏهن زندگيءَ کي اجتماعي نقطہ نگاهہ کان ڏسون ٿا ۽ پنهنجي خطرن ۽ انتشار واري زندگيءَ جي وحشي دور جي ماڻهن جي جهالت، حيوانيت، آدم خوري ۽ بيمارين سان ڀريل زندگيءَ سان ڀيٽ ڪيون ٿا تہ اسان کي وڏو آٿت ٿو ملي، اسان جي نسل جا هيناهين سطح تي جيئڻ وارا انسان وحشين کان شايد ئي مٿيرا هجن، پر انهن کان مٿاهين سطح تي جيئڻ وارن اهڙي ذهني ۽ اخلاقي سربلندي حاصل ڪئي آهي. جنهن لاءِ وحشي ماڻهو سوچي بہ نٿي سگهيا. اسان شهر جي ڳتيل زندگي گهاريندي ڪڏهن ڪڏهن وحشي دور جي مانيٽيءَ سادي زندگي جي وٽندڙ تصور ۾ پناه وٺندا آهيون پر زندگيءَ جي غير روماني گهڙين ۾ اسان کي خبر هوندي آهي تہ اهو زندگيءَ جي فرضن کان فرار آهي ۽ ماضيءَ جي وحشي پٽي ۽ بربريت سان ريس ڪرڻ اسان جي شخصيت جي نا پختگي جي علامت آهي. هنن جي زندگي جي مطالعي مان خبر ٿي پئي تہ هنن جي ٻارن جو موت گهڻو ٿيندو هو ۽ زندگيءَ جو معيار گهٽ هوندو هو. هنن جي رفتار گهٽ، هنن ۾ سهپ گهٽ، هنن جو عزم ڪمزور ۽ هنن ۾ پکڙجندڙ بيماريون تمام گهڻيون هيون. دوستاڻو ۽ روانيءَ وارو وحشي بيشڪ تہ فطرت جهڙو آهي پر هو ماڻهن لاءِ نہ، ڪيڙن ۽ غلاظت لاءِ دلپسند آهي.

اهو وحشي اسان جي انهن دليلن جو رُخ اسان ڏانهن ڦيري اسان کان پڇي سگهي ٿو تہ اوهان پنهنجي سياست ۽ جنگين جي باري ۾ ڇا ٿا چئو؟ ڇا اوهين ماضيءَ جي انهن وحشين کان وڌيڪ خوش آهيو جن جي قبيلن جا نالا اوهان علم الانسان ۾ پڙهندا آهيو. اسان ترقيءَ جي ڳالهہ ڪرڻ وارن کي مڃڻو پوندو تہ اسان جنگ جي هنر ۾ وڏي ترقي ڪئي آهي ۽ اسان جا سياستدان (ڪن ٿورن کان سواءِ) ميلو Milo ڪلاڊيئس Clodius جي زماني جي رومي سياستدانن لاءِ فخر جو باعث هجن ها ۽ مسٽر ڪولج Mr: Colidge روم جي بادشاهہ نيرو جي وڌيڪ

سڏريل صورت هو. جيستائين خوشيءَ جو تعلق آهي تہ چئي نٿو سگهجي تہ اها ڇا آهي. شايد تہ مشاهدي ۾ نہ اچڻ واري فرشتي جهڙي آهي جنهن کي مشاهدي ۾ آڻبو تہ غائب ٿي ويندو. خوشيءَ جي ڪٿ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. خوشي جو گهڻو دارومدار صحت تي آهي. پوءِ محبت تي ۽ پوءِ دولت تي.... دولت اسان ائين ٿا حاصل ڪيون جو اها دانشور طبقي جي ضمير تي بار ٿي ٿئي. اسان جي محبت ۾ گهرائي کانہ هوندي آهي ۽ اسان پنهنجي محبت جي گهرائيءَ جي ڪمي ۽ گهٽتائيءَ کي نواڻ سان ٿا پورو ڪريون. خوراڪ ۽ دوائن جي گهڻي استعمال جي ڪري اسان سمجهون ٿا تہ ماضيءَ جي .... وحشين جي پيٽ ۾ اسان وڌيڪ مرضن ۾ مبتلا آهيون. پر ائين نہ آهي. اسان ۾ ماضيءَ جي ماڻهن کان بيماريون وڌيڪ نہ آهن. اسان، اهو انڪري ٿا سمجهون جو اسان جي خيال ۾ جتي ڊاڪٽر گهٽا هوندا آهن اُتي مرض بہ گهٽا هوندا آهن پر حقيقت هي: اُهي تہ اسان وٽ اڳي کان مرض بلڪل نہ وڌيا آهن. اسان وٽ دولت ايتري وڌي آهي جو ان سان اسين انهن بيمارين جو علاج ڪرائي ٿا سگهون جن ۾ مبتلا ٿي ماضيءَ جا ماڻهو، انهن جا يوناني نالا ڄاڻڻ کان سواءِ، مري ويندا هئا.

ماضي ۽ حال ۾ صحت ۽ خوشيءَ جي حالت کي جاچڻ لاءِ اسان وٽ هڪڙو معروضي ۽ اعتبار جوڳو پيمانو آهي ۽ اهو آهي ويمي ڪمپنين جا. موت بابت انگ اکر- ڪن حالتن ۾ انهن انگن اکرن سان اسين گذريل صدين جي جاچ بہ لهي سگهون ٿا. مثال جينوا ۾ 1600ع ۾ ماڻهن جي سراسري عمر ويهہ ورهيہ ۽ 1900ع ۾ چاليهہ ورهيہ هئي. 1902ع ۾ آمريڪا ۾ سفيد ماڻهن جي سراسري عمر ٽيونجاهہ سال هئي ۽ 1926ع ۾ ڇاونجاهہ سال ٿي.

اهڙا انگ اکر اسان کي جرمنيءَ مان بہ مليا آهن جن مطابق اتي 1920ع ۾ ماڻهوءَ جي سراسر عمر ويهہ سال هئي. 1750ع ۾ ٽيهہ سال. 1870ع ۾ چاليهہ سال. 1910ع ۾ پنجاهہ سال ۽ 1920ع ۾ سٺ سال ٿي. جيڪڏهن اهي انگ اکر صحيح آهن تہ پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ زندگي نعمت آهي، اسان ان نعمت ۾ واڌارو ڪيو آهي ۽ اسان کي اميد آهي تہ اسين واڌاري جي ان رفتار کي قائم رکنداسين. تازو قبرون کوٽڻ

وارن پنهنجي ساليانيِ اجلاس ۾ انديشو ڏيکاريو آهي ته عمر ۾ سراسري واڌ جي ڪري سندن پيشي کي خطرو ٿي پيو آهي.... جيڪڏهن قبرون کوٽڻ وارا پريشان آهن ته پوءِ اسان جي ترقيءَ ۾ ٿورو به شڪ ڪري نٿو سگهجي.

**تاريخ جو تَتُ:**

تاريخ جي موضوع بابت هاڻي تائين جيڪي اعتراض ۽ ترميمون سامهون آيون آهن. انهن جي روشنيءَ ۾ ترقيءَ جي مسئلي کي وڏي پسمنظر ۾ ڏسڻ گهرجي. رياسيت پرستن جي نقطهء نظر کي رد ڪرڻ نه گهرجي پر هنن جي سچ کي به پنهنجي سچ ۾ شامل ڪرڻ گهرجي. اسين جڏهن تاريخ کي وڏي پسمنظر ۾ تا ڏسون ته تاريخ اسان کي قومن جي عروج ۽ زوال جو نقشو ٿي نظر اچي جنهن ۾ ڪي گهڙيون انسان جي عروج واريون آهن جيڪي ترقيءَ جا ڪڏهن به فنا نه ٿيندڙ مرحلا آهن. انسان آهستي آهستي اهي مرحلا لنگهندو سائنس جي منزل تي پهتو آهي. هن جي ترقيءَ جي مرحلن جو تفصيل هن ريت آهي.

**پهرين منزل: ٻولي:**

ٻولي اوچتو پيدا نه ٿي آهي ۽ نه ديوتائن وٽان مليل سوکڙي آهي. پر اظهار جو هي وسيلو صدين جي ڪوششن کان پوءِ حاصل ٿيو آهي. ان جي شروعات مرد جي پنهنجي ماديءَ کي سڏڻ وارن آوازن سان ٿي ۽ انهن آوازن ارتقا جون منزلون لنگهي، شاعريءَ جي شڪل اختيار ڪئي. لفظن يا شين جي نالن کان سواءِ جن سان ذهن ۾ خاص تصور تا اچن، شين جا اجتماعي تصور قائم ٿي نه سگهن ها. ۽ عقل ڪڏهن به وحشي پڻي جي منزل کان اڳتي وڌي نه سگهي ها. لفظن کان سواءِ فلسفو، شاعري، تاريخ ۽ نثر سڀ ناممڪن هئا. لفظن کان سواءِ ڪڏهن به آئن اسٽائن ۽ اناطول فرانس جي ذهنن جون باريڪيون حاصل ٿي نه سگهن ها. لفظن کان سواءِ نه مرد مرد هجي ها ۽ نه عورت عورت.

**ٻي منزل: باهه:**

باهه ماڻهوءَ کي آب و هوا جي محتاجيءَ کان آجو ڪيو ۽ کيس دنيا تي ڇانئجڻ جي اهليت ڏني. باهه سان ئي ماڻهوءَ جا اوزار مضبوط ٿيا ۽ اهڙيون شيون جيڪي اڳ هو کائي نٿي سگهيو سندس خوراڪ

جو حصو ٿيون. سڀ کان اهم ڳالهه اها ٿي تہ باهه ماڻهوءَ کي رات جو مالڪ بڻايو ۽ هن جي شامن ۽ صبحن کي روشن ڪيو. ٿوري دير لاءِ ان زماني جو تصور ڪيو جڏهن ماڻهو اونده تي غالب نہ ٿيو هو. اڄا تائين اسان جي روايتن ۾ شايد تہ اسان جي رت ۾ ان دور جو روپ موجود آهي. ڪو وقت هو جو اونده ماڻهوءَ لاءِ عذاب هئي ۽ اونده کان ڊڄي هو پنهنجي غار ۾ هليو ويندو هو. هاڻي اسين صبح کان اڳ غارن ۾ نٿا وڃون. صبح جو سڄ ايرڻ جي نظاري کان محروم ٿيڻ وڏي بيوقوفي آهي پر اونده جي ڊپ کان آزاد ٿيڻ بہ وڏي نعمت آهي. ماڻهوءَ جڏهن پنهنجن هٿن سان روشن ڪيل ستارن سان رات کي روشن ڪيو تہ هن جو روح روشن ٿي ويو ۽ زندگيءَ جي چرپر ۽ خوشي ماڻڻ جا امڪان وڌي ويا. اسان شايد ڪڏهن بہ هترادو روشنيءَ جي ايجاد جا ٿورا لاهي نہ سگهنداسين.

**ٽين منزل: جانورن کي قبضي ۾ ڪرڻ:**

اسان جي يادگيري ڪمزور آهي ۽ اسان جو تصور بہ ڪمزور آهي. ان ڪري اسان اندازو لڳائي نٿا سگهون تہ جديد حالتن ۾ اسان خونخوار حيوانن کان ڪيترا محفوظ آهيون. حيوان هاڻي اسان جي وندر ۽ خوراڪ جو حصو آهن. پر ڪو زمانو هو جو انسان شڪاري بہ هو تہ شڪار بہ هو. ۽ هن لاءِ غار يا جهڳيءَ کان پير ٻاهر رکڻ خطري کان خالي نہ هو ۽ نہ ئي هن لاءِ زمين تي پکڙجڻ ممڪن هو. انسان جي هن ڌرتيءَ تي حاوي ٿيڻ جي جنگ انساني تاريخ جي تمام وڏي جنگ هئي. ان جنگ کانسواءِ ٻيون سڀ جنگيون چڻ تہ معمولي گهرو لڙائيون هيون. جسماني طاقت ۽ ذهني قوت جي هيءَ جنگ تمام گهڻو عرصو هلي ۽ نيٺ جڏهن انسان جي ذهني قوت جي فتح ٿي تہ انسان دنيا ۾ محفوظ ٿي ويو ۽ هاڻي اها حفاظت هڪ نسل کان ٻئي نسل کي ميراث ۾ ٿي ملي ۽ جمڻ جي وقت کان ماڻهوءَ جي ملڪيت آهي. اهڙيءَ جنگ ۽ اهڙيءَ فتح ۾ وقتي پنتي هڻڻ ڪا وڏي ڳالهه نہ آهي.

**چوٿين منزل: اجتماعي تنظيم:**

بہ ماڻهو پاڻ ۾ وڙهن ٿا، هڪ ٻئي کي ڪيرائي ڪيس قتل ٿو ڪري ۽ چئي ٿو تہ جيڪو جيئرو آهي اهو صحيح آهي ۽ جيڪو قتل

ٿيو اهو غلطيءَ تي هو. اهو اڄ به بين الاقوامي جهيڙا نبيرڻ جو اهوئي طريقو آهي. هنن جي پيٽ ۾ به ماڻهو ڀيا ڏسو. هي به وڙهن ٿا. هڪ ٻئي کي چئي ٿو ته جهيڙو ڇڏيون جو متان جهيڙي ۾ مارجي نه وڃون، ان ڪري هل ته ڪنهن چڱي مڙس وٽ هلي نبيرو ڪرايون. جنهن وقت هن هڪ ٻئي کي ائين تي چيو اهو وقت انسان جي تاريخ جو سڀ کان اهم وقت هو. انهن مان هڪ ڇٽي جي به ناڪار سان وحشي پڻو جاري رهي ها. پر هنن جي هاڪار سان تهذيب هڪ ٻيو مرحلو طي ڪري ورتو. اهو مرحلو انتشار جي جاءِ تي تنظيم، وحشي پڻي جي جاءِ تي تدبر ۽ ڏاڍائيءَ جي جاءِ تي قانون جو احترام هو اجتماعي تنظيم فطرت کان مليل سوکڙي آهي جنهن جي پناهه ۾ رهڻ جي ڪري اسان ان جي اهميت کي نٿا سمجهون. ان جي اهميت جي خبر تڏهن ٿي پئي جڏهن اسان دنيا جي اهڙن حصن ۾ سفر ٿا ڪيون جتي اڃا تائين انتشار ۽ بدنظمي آهي. اسان جون اسمبليون سچ پچ ته اهڙيون ايجادون آهن جن تي اعتبار ڪري نٿو سگهجي ۽ جيڪي وچولي ذهن جي نمائندگي ٿيون ڪن. پر ان هوندي به اسان کي زندگي ۽ جائداد جو تحفظ حاصل آهي ۽ ان جو قدر اسان تڏهن ٿا ڪيون جڏهن ڪو انقلاب يا ڪا گهرو لڙائي ان کي وحشي پڻي ۽ بربريت ۾ بدلائي ٿي ڇڏي. اڄ جي دور جي سفر جي وچولي دور واري يورپ ۾ سفر سان ڀيٽ ڪيو جڏهن هرطرف رهزن هئا. تاريخ جي ڪنهن به دور ۾ اهڙو انتظام ۽ اهڙي آزادي نظر نٿي اچي جيڪا اڄڪلهه جي انگلستان ۾ نظر ٿي اچي. آمريڪا ۾ به جيڪڏهن اتان جي ميونسپالٽين ۾ قابل ماڻهن کي جاءِ ملي ته اتي به اهڙا امڪان پئدا ٿي وڃن. اسان کي بهرحال سياسي خرابين ۽ جمهوري بدنظميءَ کان ايڏو پريشان ٿيڻ نه گهرجي. سياست زندگي نه آهي زندگيءَ جو رڳو هڪڙو رُخ آهي..... انهن جي خرابين جي تهه هيٺ سماج ۾ روايتي نظام قائم آهي جيڪو ڪٽنبن، اسڪولن ۽ ٻين هزارين ادارن جي صورت ۾ اسان جي تخريب پرست فطرت کي تعاون ۽ نيڪيءَ ۾ بدلائي ٿو. اسان کي ان ڳالهه جو خيال نٿو رهي ته اسين هڪ اهڙي سماجي نظام جو جزو آهيون جيڪو

سوين نسلن جي ڪوشش ۽ ناڪامين، صدين جي علم ۽ دولت جو ڦل آهي.

**پنجين منزل: اخلاق:**

هاڻي اسان مسئلي جي نبض تي هٿ رکيو آهي. ڇا اسان اخلاقي طرح وحشين کان چڱا آهيون؟ ذهانت جيئن ته اخلاق جو حصو آهي انڪري اسان چئي ٿا سگهون ته اسان اخلاقيءَ طرح انهن کان بهتر آهيون، اسان ذهنيءَ طور ترقي ڪئي آهي ۽ سنجيده ذهنن جو انگ هاڻي وڌيڪ آهي جيستائين ڪردار جو تعلق آهي ته اسان شايد ته تنزل ڏانهن وڌيا آهيون. سوچ ۾ بي ساختگي وڌي آهي پر روح جي مضبوطي گهٽي آهي. اسان جيڪي هنن کان وڌيڪ ذهين آهيون، پنهنجن ابن ڏاڏن جي آڏو محسوس ٿا ڪيون. ته جيتوڻيڪ سوچ ۾ اسان هنن کان وڏ آهيون، اسان پاڻ کي انهن وهمن کان آزاد ڪيو آهي جيڪي هنن جو سهارو هئا پر اسان همت، عمل، مقصدن جي سچائي ۽ شخصيت جي پختائي ۾ هنن کان گهٽ پوئتي آهيون. پر جي اخلاق جي معنيٰ اهي عمل آهن جن کي حضرت عيسيٰ چڱو چيو آهي ته پوءِ اسان پنهنجن ڪاٽين ۽ ڪچي آبادين جي خراب حالت، جمهوري خرابين ۽ جنسي بي راهه روين جي باوجود، ٿوري گهڻي ترقي ڪئي آهي. پنهنجن وڏن جي ڀيٽ ۾ اسان وڌيڪ نرم دل آهيون. غير ملڪين ۽ پنهنجن تازن دشمنن سان جن کي اسان ڏنو به نه آهي، رحمدلي ۽ سخاوت سان پيش اچڻ جي اسان ۾ وڌيڪ صلاحيت آهي. هڪ سال (1928ع) ۾ اسان جي ملڪ جي ماڻهن سخاوت ۾ 08 ڪرب ڊالر (جيڪا آمريڪا جي سڪي جي اڌ جيتري رقم آهي) خرچ ڪيا. اسان هاڻي به قاتلن کي ڦاهيءَ جي سزا ڏيون ٿا پر اسان خون جو بدلو خون واري انصاف کي چڱو نٿا سمجهون ۽ اهڙا ڏوهه گهٽيا آهن جن ۾ اهڙي سزا ڏني ٿي وڃي. به سو سال اڳ انگلستان ۾ هڪ شلنگ چورائڻ جي سزا ڦاسي ٿي سگهي ٿي. هاڻي به جيڪڏهن ڪو وڏي چوري ڪري ته ڪيس سزا ملي ٿي. هڪ سو چاليهه ورهه ٿيا جو اسڪاٽ لينڊ جي ڪاٽين ۾ ڪم ڪرڻ وارا غلام هئا. فرانس ۾ ڏوهاري کي ايذاءِ ڏيئي ماريو ويندو هو. انگلستان ۾ مقروض ماڻهن کي ساري ڄمار جيل ڪاٽڻو

پوندو هو ۽ معزز ماڻهو غلام ڦاسائڻ لاءِ آفريڪا جي ڪنارن تي حملا ڪندا هئا. پنجاهه سال اڳ تائين اسان جي جيلن ۾ غلاظتن جا ڍير هئا ۽ جتي ننڍا وڏا ڏوهاري، ڏوهاري ٿيڻ جي سکيا وٺندا هئا. هاڻي اسان جا جيل ٽڪل قاتلن جون سيرگاهون آهن. هاڻي به اسان مزورن جي مزوريءَ مان ناجائز فائدو تا وٺون. پر اسان ”اصلاحي ڪم“ ڪري پنهنجن ضميرن کي مطمئن ڪندا آهيون. انساني نسل جي سڌاري جي علم، فطري چونڊ جي ان طريقي ۾ جيڪو ڪمزور ۽ هيٺي کي متائي ڇڏيندو هو، رحمدلي ۽ انسانيت کي شامل ڪيو آهي. ۽ اهڙيءَ طرح هترادو چونڊ جي ذريعي ان ۾ توازن پئدا ڪيو آهي.

اسان سمجهون تا تہ دنيا ۾ پهريان ڪان تشدد وڌيو آهي پر حقيقت هيءَ آهي تہ تشدد ناهي وڌيو اخبارن وڌيون آهن. وڏا ۽ اثر وارا ادارا، دنيا جي ڪُنڊَ ڪڙڇ مان ڏوهن ۽ جنس سان لاڳاپيل خبرون گڏ ڪندا آهن تہ جيئن آفيسن جي ڪَمَ ۽ هڪ زال ڪان بيزار ٿيل پڙهڻ وارن کي ٿوري وندر ڏيئي سگهن. اسان جي ناشتي کي وٽندڙ بنائڻ لاءِ پنهنجن ٿي ڪندن جي بدعنوانين ۽ سياست جون خبرون هڪ صفحي تي گڏ ڪندا آهن جنهن مان لڳندو آهي تہ دنيا جو اڌ حصو ٻئي اڌ حصي کي تباهہ پيو ڪري ۽ جيڪي ان تباهيءَ مان بچي تا وڃن اهي خودڪشي تا ڪن پر اسان کي ڪٿي بہ، گهرن، ادارن يا آمدرفت جي وسيلن ۾ قاتل ۽ خودڪشي ڪرڻ وارا نظر نہ ايندا آهن هر هنڌ رڳو جمهوري ۽ بنان ڏيکاءَ واري خوش اخلاقي نظر ايندي آهي جيڪا ان وقت جي اخلاق ڪان سوين درجا بهتر آهي جڏهن مڙد نماءُ واري مهمان نوازي ڏيکاريندا هئا ۽ جڏهن بيت المقدس ۾ وڙهڻ ويندا هئا تہ پنهنجن زالن جي عصمت جي حفاظت لاءِ کين زنجيرن ۾ جڪڙي ويندا هئا.

اسان جو شاديءَ وارو ادارو جيتوڻيڪ زوال جو شڪار ٿيو آهي پر پوءِ بہ ان دور جي طريقي ڪان گهڻو بهتر آهي جڏهن عورت تي قبضو ڪيو يا کين خريد ڪيو ويندو هو. اڄ ماءُ پيءُ ۽ اولاد، استاد ۽ شاگرد جي وچ ۾ بربريت، تاريخ جي ڪنهن بہ دور ڪان گهڻو گهٽ آهي. عورت جي آزادي ۽ مڙد تي سندس فوقيت ان ڳالهہ جي علامت آهي تہ ان مڙد جي جذبن ۾ نفاست پئدا ٿي آهي جيڪو اڳ ان معاملي ۾ رت

وهائيندو هو. محبت، جنهن کان وحشي انسان اڻ ڄاڻ هو ۽ محبت کي رڳو جسم جي بک سمجهندو هو، اها اڄ گيتن ۽ احساسن جو هڪ سهڻو گلدستو ٿي وئي آهي جنهن ۾ مرد جي عورت لاءِ گهرج جو بنياد جيتوڻيڪ اڄ بہ جسماني هوس آهي پر اها گهرج هاڻي شاعريءَ ۾ خوشبو بڻجي وئي آهي. نوجوان جن جا ننڍا ننڍا گناه سندن پوڙهن بزرگن کي پريشان ڪن، انهن جو ڪفارو هو اتساه ۽ اخلاقي جرائت سان ادا ڪن. ان جو قدر اسان کي تڏهن پوندو جڏهن تعليم عام ٿيندي ۽ اسان جي سماجي زندگيءَ کي ڌوئي پاڪ ڪندي.

**ڇهين منزل: اوزار:**

روماني ماڻهو مشينن جا دشمن ماضي (جيڪو ڌوڙ، هرقار، نانگ بلاؤن، ڪوريئڙا ۽ منگهڻ آهي) ڏانهن موٽ ڪائڻ جي صلاح ڏين پر اسان هنن جي سامهون انسانن کي غلام بنائيندڙ پر ساڳئي وقت کين آزادي عطا ڪندڙ اوزارن، انجڻن ۽ مشينن جا گيت ڳايون، اسان کي پنهنجي خوشحاليءَ تي شرمسار ٿيڻو ناهي. اها تمام سٺي ڳالھ آهي تہ جيڪي آسائشون ۽ موقعا اڳ رڳو نوابن ۽ جاگيردارن کي ملي سگهندا هئا. هاڻي ڪوشش ڪرڻ سان سڀ کي ملي سگهن ٿا. واندڪائي ماڻهن لاءِ ضروري هئي. پهريان ان کي غلط استعمال ڪيو ويو پر ان سان ثقافت کي وسعت ملي. اسان جون وڌندڙ ايجادون ماحول تي حاوي ٿيڻ ۾ اسان جي مدد ٿيون ڪن ۽ اسان لاءِ ضروري نہ آهي تہ جانورن وانگر اسان انهن کي پنهنجو پاڻ سان چنبڙائي ڇڏيون. اسان انهن کي ايجاد ڪندا آهيون ۽ جيستائين انهن جي ٻيهر ضرورت نہ پئي انهن کي پاسيرو رکي ڇڏيندا آهيون. اسان تمام وڏيون ٻانهون ناهيون جيڪو مهيني اندر اهرام ناهي ٿيون ڇڏين جيڪي اڳ لکين مزور ناهيندا هئا، اسان اهي عظيم اکيون ٺا ناهيون جيڪي آسمان جي ستارن جون خبرون ٿيون آڻين ۽ اهڙيون ننڍيون اکيون ناهيون ٿا جيڪي حياتيءَ جي نظر نہ ايندڙ جزن کي ڳولهي ٿيون لهن. اسان جي مرضي پوي تہ اسين ڪندن ۽ سمنڊن جي هن پار خاموش آوازن سان گفتگو ڪري سگهون ٿا. اسان زمين تي ۽ هوائن ۾ غير فاني ديوتائن وانگر سير ڪري سگهون ٿا. مڃون ٿا تہ رڳو رفتار بي معنيٰ آهي پر

اسان کي هوائي جهاز ان ڪري ته وڻي ٿو جو اهو اسان جي جرائت ۽ عزم جي علامت آهي. اسان پراميٿيئس وانگر زمانن تائين ڌرتي سان جڪڙيل رهياسين هاڻي اسان آزاد ٿيا آهيون ۽ باز سان اکيون ملائي سگهون ٿا. اوزار اسان کي غلام نٿا بڻائن. مشينن کان شڪست وقتي ۽ غلاميءَ کان آزاديءَ ڏانهن سفر ۾ ساهه کڻڻ لاءِ وِٺي آهي. اهو پورهيو جيڪو اڳ آقا ۽ غلام بنهي لاءِ ذلت هو اهو اسان هاڻي ماڻهن جي ڪلهن تان لاهي لوه جي ڪڍهن نه ٿڪجندڙ عضون تي رکيو آهي. جلد ئي آبشار ۽ هواؤن پنهنجي فائديمند طاقت گهرن ۽ ڪارخانن ۾ اُوتيندو ۽ ماڻهوءَ کي ذهني ڪم ڪرڻ جي واندڪائي ملندي. غلام انقلابن سان نه پر ايجادن سان آزادي حاصل ڪندا.

**ستين منزل: سائنس:**

بڪل Buckle سچ چيو هو ته اسين رڳو علم ۾ ترقي تا ڪيون ۽ هي بيون برڪتون آهستي آهستي ذهن جي روشنيءَ کي وڌائن ٿيون: تحقيق بنان نالي وارن شرافت آهي، تجربيگاهن ۾ هلندڙ تحقيق اهڙو داستان آهي. جيڪو سياست جي بدعنوانين ۽ جنگ جي اجائي رتوڇاڻ جو ڪفارو آهي. تجربيگاهن ۾ ڪم ڪندڙ انسان واقعي اعليٰ مخلوق لڳندو آهي. هو تاريڪي ۽ ظلم کي چيريندو ثابت قدميءَ سان نور ڏانهن وڌندو ٿو وڃي. هن کي ڌرتيءَ جي گولي تي بيٺل ڏسو. ڏسو ته ڪيئن ته آسمان جي ستارن ۽ نظر نه ايندڙ سيارن جي ڪٿ، تور ۽ تجزيو ٿو ڪري. اوهان هن حساب جي ماهر کي ڏسو، ڪيئن نه منجهيل واٽن مان واٽ پيو ڪڍي. انهن ۾ اڻ ڳڻيل ايجادن لاءِ رستو ٿو صاف ڪري جيڪي اسان جي نسل جي طاقت ۾ واڌارو ڪنديون. هو ڏس، ڪيئن فولادي چادرن تي لکين ٽن لوه پيو لڙڪي ۽ هڪ ڪناري کي ٻئي ڪناري سان ٿو ملائي جنهن تان ڪروڙين انسان ٿا لنگهن، هيءَ به شاعري آهي جنهن جهڙي شاعري شيڪسپيئر به ڪري نه سگهيو. هن شهر جي هن عمارت ڏانهن ڏسو جيڪا بنان رنڊڪ جي آسمان ڏانهن اُسرندي ٿي وڃي ۽ جنهن تي اسان جي حساب واري علم جي ڪري ڪوبه بار نٿو پوي ۽ جيڪا رات ۾ ائين ٿي جرڪي جڻ ان تي هيرا جڙيل هجن. سائنس جي طبعيات واري شاخ ۾ نوان رخ، نوان عناصر، نوان ائٽم ۽ نيون قوتون پيون اُجاگر ٿين. هتي پهاڙن تي زندگيءَ جي آتم ڪٿا لکيل

آهي. هتي تجربيگاهن ۾ سائنس جي بائيولاجيءَ واري برانچ حياتيءَ کي ائين ئي بدلائي جيئن طبعيات مادي کي ئي بدلائي. هر هنڌ اوهان کي نهنا ۽ گمنام ماڻهو مطالعي ۽ مشاهدي ۾ مصروف نظر ايندا جن لاءِ سمجهي نٿو سگهجي ته هنن کي ائين پاڻ ارپڻ لاءِ اتساهيندڙ قوت ڪهڙي آهي. هنن کي خبر آهي ته جيستائين هنن جو پوکيل وڻ ڦر ڏيندو تيستائين هو مري چڪا هوندا پر پوءِ به هو ڪم ڪندا ٿا رهن.

اها ڳالهه صحيح آهي ته جيئن انسان مادي کي قبضي ۾ ڪيو آهي ائين هو پنهنجو پاڻ کي قبضي ۾ ڪري نه سگهيو آهي. اتي اسان جا ترقيءَ لاءِ ڏنل سڀ دليل بي معنيٰ ٿي وڃن ٿا. نفسيات جي سائنس ماڻهوءَ جي عمل کي بدلائڻ ته ڇا ماڻهوءَ کي پوريءَ طرح سمجهيو به نه آهي. نفسيات کي اڃا تائين پراسراريت وارن عقيدن، مابعد الطبعيات، تجزيہ نفسي، ڪردار جي نظريي جي ڏند ڪٿائن ۽ ڪچي وهيءَ جي ٻين مرضن سان ڳنڍيو ٿو وڃي. نفسيات جا رڳو اهي ماهر خيال سان بيان ڏيندا آهن جن جي نالي جي به اسان کي خبر نه هوندي آهي. اسان وٽ وڏا وڏا بيان ڏيڻ جمهوري جنون آهي جنهن هر سائنس کي فيشن بڻائي ڇڏيو آهي. نيٺ نفسيات انهن بيمارين مان جان ڇڏائيندي، ٻين سائنس وانگر ذميواري کڻندي ۽ عروج حاصل ڪندي. ان سائنس ۾ جيڪڏهن ڪو ٻيو بيڪن پيدا ٿيو ته اهو ان سائنس جو دائرو مقرر ڪندو، ان کي چٽو ڪندو ۽ انهن مسئلن کي چٽو ڪندو جيڪي هن سائنس سان حل ٿي سگهن ٿا. اسان مان ڪير آهي جيڪو تاريخ جي حيرتن ۽ انسان جي عزم مان واقف آهي جيڪو انسان جي انهن حاصلات جي حدبندي ڪري سگهندو جيڪي هن جي ترقي ڪندڙ ذهني قوتن سان ڪيس پلئہ پونديون، هاڻي ئي ماڻهوءَ پنهنجي نئين سر ناهيل ماحول تان نظرون هٽائي پنهنجي سر تعمير شروع ڪئي آهي.

**اٺين منزل: تعليم:**

اسان ماضي جي تجربن کي گهٽي ڪان گهٽي انگ ۾ پنهنجي نئين نسل ڏانهن منتقل ٿا ڪيون. هيءَ اسان جي زماني جي ڳالهه آهي جو اسڪول جي سامان ۽ پڙهائيءَ تي شايد ته ٻين سيني اسمن ڪان وڌيڪ خرچ ٿو ڪيو وڃي. ڪنهن زماني ۾ تعليم عياشي هئي ڪاليج

جي تعليم رڳو امير گهراڻن جا ڇوڪرا حاصل ڪندا هئا. هاڻي ايڊيون يونيورسٽيون آهن جو ڪوبہ پي ايچ ڊي ڪري تو سگهي. اسان بيشڪ پراڻي زماني جي اعليٰ دماغن کان وڌيڪ تي نہ سگهيا آهيون پر سراسري طور اسان علم کي وڌايو آهي ۽ اهڙو مثال تاريخ جي ڪنهن بہ دور ۾ نٿو ملي. افلاطون ۽ ارسطوءَ جي ڳالهہ ڇڏيو. ايٿنز جي بيوقوفن، وحشن ۽ هيناهين درجي جي اسيمبليءَ جو تصور ڪيو، ووٽ جي حق کان محروم ماڻهو، جادوءَ واريون مذهبي رسمون، مجبور ۽ ڏاڍ جو شڪار عورتون، انهن جي باري ۾ سوچيو... ان دور جي ان ايٿنز ۾ رڳو طوائفون تعليم پرائي تي سگهون.

ڪوبہ اهو ٻاراڻو سوال ڪري تو سگهي تہ گڏيل تعليم وارا اسڪول ۽ يونيورسٽيون دنيا ۾ ڪهڙي تبديلي آڻي سگهيون آهن. ان جو جواب آهي تہ تاريخ جي پسمنظر ۾ تعليم جو تجربو اجا هاڻي شروع ٿيو آهي. تعليم کي اجا پنهنجي اهميت ثابت ڪرڻ جو وقت نہ مليو آهي. ڏهہ هزار سالن جي جهالت ۽ وهم پرستيءَ کي هڪ نسل جي عمر واري عرصي ۾ ختم ڪري نٿو سگهجي. پر ٿي سگهيؤ تہ وڌندڙ جهالت ۽ ڇوندن ذريعي بنياد پرستي وڌي ۽ تعليم تي حاوي ٿي وڃي. تعليم جيڪا ترقيءَ جي رڳو هڪ وِک آهي تنهن لاءِ چئي نٿو سگهجي تہ اها انسان جو مستقل ڪارنامو ثابت ٿيندي تعليم جا ڪي چڱا نتيجا هاڻي ظاهر ٿيا آهن. ان جو ڪهڙو سبب آهي تہ ذهني سهپ ۽ آزادي آمريڪا جي اُتر ۾ وڌيڪ ۽ ڏکڻ ۾ گهٽ آهي. ان جو سبب رڳو اهو آهي تہ ڏکڻ ۾ ايتري دولت ڪانهي جو اتي گهڻا اسڪول کلي سگهن. شايد اسان جي سياسي عهدن لاءِ وچين درجي وارين صلاحيتن وارن ماڻهن جي مقبوليت انڪري آهي جو اهي ماڻهو انهن علائقن مان ٿا ڇوندجن ۽ ڪين مالي ضرورتن ۽ سياسي مصروفيتن جي ڪري ذهنن جي تربيت لاءِ وقت نٿو ملي. ان وقت اسان جي تعليم جا نيتجا ڪهڙا نڪرندا جڏهن اسان مان هر شخص ويهن ورهن جي عمر تائين تعليم پرائي چڪو هوندو ۽ ان کان پوءِ انسانيت جا ذهني خزانا هنن لاءِ کليل هوندا. اوهان ٿورو مامتا جي جبلت تي غور ڪيو. هر هڪ صحت مند پيءُ ماءُ جي دل ڇوندي آهي تہ هنن جو اولاد هنن کان سنو ٿئي. اها آهي انساني ترقيءَ پنيان وڏي قوت جنهن تي قانون

سازي يا ڪنهن به اخلاقي تعليم ڪان وڌيڪ ويساهه ڪري سگهجي ٿو انڪري جو ان جون پاڙون انساني فطرت ۾ آهن. جوانيءَ جو زمانو ڏکو هوندو آهي. اسان شروعات بي وسيءَ سان ڪئي پر آهستي آهستي اسان ان اعليٰ انسان ڏانهن ترقي پيا ڪيون جيڪو اسان جي تاريڪ روحن مان پئدا ٿيندو. اسان تهذيب جو خام مال آهيون.

اسان جو تعليم ڏانهن گهٽو لاڙو نه آهي ان ڪري جو جوانيءَ ۾ اسان ڪي تعليم جي اهميت نه ٻڌائي وئي. تعليم واقعن ۽ تاريخن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ واري وڏي تحقيق جو نالو نه آهي. تعليم عظيم شخصيت جي جاڻ حاصل ڪرڻ جو نالو آهي. تعليم کي روزي ڪمائڻ جو وسيلو نه پر فرد جي صلاحيتن کي اُڀارڻ جو ذريعو سمجهڻ گهرجي. تعليم سان دنيا کي سمجهڻ، ان تي حاوي ٿيڻ جي صلاحيت ٿي پئدا ٿئي. اجا به تعليم کي ٽيڪنالوجي، ذهني، اخلاقي ۽ فني ورثي کي گهٽي مان گهٽي انداز ۾ بين تائين پهچائڻ جو طريقو سمجهڻ گهرجي جنهن سان قوم فرد جي شخصيت جي تعمير ڪري ڪيس صحيح انسان بڻائي سگهي. اسين پئدا ٿيڻ سان انسان نه هوندا آهيون. جمڻ وقت اسان ڪِل جهڙا ۽ بدبودار هوندا آهيون ۽ اسان کي انسان ٺاهيو ويندو آهي. اسان تي انهن سوين طريقن مان انسانيت مڙهي ويندي آهي جن مان ماضيءَ اسان جي ذهني ۽ ثقافتي ميراث کي حال جي شڪل ڏني. اها ميراث اسان جن احمقن ۽ جاهلن جي باوجود هر گذريل دور تي اسان کي فوقيت ڏيندي آهي.

نائين ۽ آخري منزل، لڪائي ڇپائي:

ان لاءِ به اسان جو تصور ڪمزور آهي ۽ اسين ماضيءَ جي صورتحال جو اندازو لڳائي نٿا سگهون. ان جهالت ۽ بي طاقتيءَ وارن زمانن کي پوريءَ طرح سمجهي نٿا سگهون جيڪي لڪائيءَ جي ايجاد کان اڳ گذريا. ان زماني ۾ ماڻهو رڳو ڳالهين جي ذريعي پنهنجو علم اولاد ڏانهن منتقل ڪندو هو. جيڪڏهن ڪو نسل بُدل علم وساري ويهندو هو يا ان کي غلط سمجهندو هو ته وري نيئن سر علم حاصل ڪيو ويندو هو. لڪائيءَ ذهني ڪارنامن کي پائيدار بڻايو ۽ وهم پرستيءَ جي زماني ۾ ڏاهپ، ڊرامي ۽ شاعريءَ جي حسن کي محفوظ ڪيو ۽

جدا جدا نسلن کي گڏيل ميراث جي ذريعي متحد ڪيو ۽ ذهن جي اهڙي دنيا تخليق ڪئي جنهن ۾ عظيم شخصيت جو موت تي نتي سگهيو.

جيئن لکائيءَ نسلن کي ملايو ائين ڇپائيءَ هزارين خامين هوندي بہ تهذيب کي هم آهنگ ڪري سگهي ٿي. هاڻي هن دنيا جي فنا ٿيڻ کان اڳ اسان جي تهذيب فنا ٿي نہ سگهندي. تهذيب پنهنجي جاءِ مٽائيندي آهي. ڪنهن هڪ ملڪ ۾ زمين آباديءَ لائق نہ رهندي آهي تہ ٻيون آباديءَ لائق زمينون ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪينديون آهن. پر تهذيب مادي شيءِ نہ آهي جيڪا ڪنهن هڪ ٽُڪر سان ائين لاڳاپيل هجي جيئن هاري ٻنيءَ جي ٽُڪر سان لاڳاپيل هوندو آهي. تهذيب سائنسي، علمي ۽ ثقافتي تخليق جو مجموعو ڪنهن ٻي وڌيڪ خوشحال سر زمين ڏانهن منتقل ٿي سگهي تہ پوءِ تهذيب مادي شيءِ نہ آهي جيڪا ڪنهن هڪ ٽُڪر سان ائين لاڳاپيل هجي جيئن هاري ٻنيءَ جي ٽُڪر سان لاڳاپيل هوندو آهي. تهذيب مري نہ سگهندي آهي رڳو پنهنجو گهر مٽائيندي آهي. دنيا ۾ رڳو دانش ۽ حسن ئي بقا جا مستحق آهن. دانشور لاءِ ضروري ناهي تہ هن جو گهر قائم رهي. هو ان ڳالهہ تي خوش ٿيندو آهي تہ هن جي شهر جا علمي ڪارناما انسانيت جي پائيدار ميراث تي وڃن.

اسان کي مستقبل جي باري ۾ مايوس ٿيڻ نہ گهرجي. اسان جنگين کان بيزار ٿي ويا آهيون ۽ پنهنجي ذهني ٿڪاوٽ ۾ اسپنگلر جي ان اڳ ڪٿيءَ تي ويساهہ ٿا ڪيون تہ مغربي تهذيب ختم ٿيڻ واري آهي. پر هن تهذيب جي عروج ۽ زوال جو عالمي نقشو ضرورت کان وڌيڪ مختصر ڇٽيو آهي. اسان کي پڪ آهي تہ اسان جو مستقبل ان حساب ڪتاب تي ڪِلندو. پهرين بہ جنگيون ٿيون آهن جيڪي اسان جي عالمي جنگ کان وڌيڪ خوفناڪ هيون. پر انسان ۽ سندس تهذيب بچي زنده آهن. واٽرلو کان پوءِ فرانس ايترا دانشور پيدا ڪيا جو پئرس انهن سان پرجي ويو. اسان جي تهذيب ۽ تمدن جي ميراث ڪڏهن بہ هاڻي جيتري محفوظ نہ هئي ۽ نہ هاڻي جهڙي شاهوڪار هئي. اسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ اسان ان ۾ اضافو ڪيون ۽ ان کي ايندڙ نسلن ڏانهن منتقل ڪيون ۽ اهو يقين رکون تہ وقت ان جي خرابين کي ختم ڪندو ۽ ان جي اعليٰ چڱاين کي گهڻن نسلن جي ضمير کي روشن ڪرڻ لاءِ قائم رکندو.

## باب سورنهون

# تهذيب جي تقدير

1818ع ۾ شوپنهار Schopenhauer ”دنيا، ارادو ۽ خيال“ جي عنوان سان ڪتاب لکيو ۽ انسان جي پنهنجي ترقي ۽ تهذيب جي باري ۾ يقين تي زبردست حملو ڪيو جنهن جهڙو حملو اڳ ڪڏهن ڪونہ ٿيو هو. ڪيٽس، سلهہ ۽ مايوسيءَ ۾ مرڻ کان اڳ مڪمل شاعري ڪئي جنهن ۾ خزان جي ڪوماٽيل مکڙين جي خوشبو ۽ خوش فهمين جي ٽٽڻ جو درد سمايل هو. 1823ع ۾ شيلي ٻڏي مري ويو. شايد تہ هن پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي. سيزر جي چواڻي: ”هو گهڻو ئي زنده رهيو هو“ ۽ يورپ ۾ آزاد خياليءَ جي پوري طرح شڪست کان پوءِ هن کان زنده رهڻ برداشت نہ ٿي ٿيو. 1834ع ۾ بائرن مرگهيءَ جي مرض ۾ مري ويو. هن پنهنجي نظم ”ڊان زان“ Don Juan ۾ جنهن دنيا جو نقشو ٺڪيءَ طنز سان چٽيو هو ان دنيا کي هن اندر جي اطمينان سان الوداع چيو، 1835ع ۾ ڊي موسي De.Mursset هڪ صديءَ جي ”ٻار جا اقرار“ ڪتاب شايع ڪيو ۽ تباه حال دنيا ۽ نا اُميد ماڻهن جي ڳالهہ ڪئي. 1837ع ۾ پشڪن روس ۾ ۽ ليوپارڊي Leopardi اٽلي ۾ مئو. مرڻ کان اڳ ٻنهي مايوسيءَ واري اهڙي شاعري ڪئي جنهن جو مثال دنيا جي شاعريءَ ۾ ورلي ملندو. مطلب تہ اهو مايوس نسل هو.

1850ع ۾ يورپ جي قوت وري پاڻ مڃائڻ شروع ڪيو ۽ زندگي ۽ ادب ٻيهر اُسرڻ لڳا. ايجادن صنعت جي ڪاميابين جو بنياد وڌو. مشينن جي ڪري ماڻهن کي واندڪائي ملي، ريل گاڏين ۾ دُخاني جهازن ثقافتن ۽ قومن کي پاڻي ۾ ڳنڍڻ شروع ڪيو خيالن جي ڏي وٺ ٿيڻ لڳي. اهوئي ڏهاڪو هو جنهن ۾ ڊرامي انقلابي ڪاميابيون حاصل ڪيون. 1830ع ۾ هيوگو هرناني ڊرامو لکيو. 1828ع ۾ ابسن پيدا ٿيو. انهن ڏينهن ۾ بالزاڪ Balzac ۽ اسٽينڊ هال Stand hall ناول کي ڪمال تي ٿي پهچايو. هيني Heine ۽ هيوگو شاعريءَ کي ڪمال بخشيو. سينٽ بيويو Sainta-Beuve ۽ ٽين taine تنقيد کي وڌائڻ ۾

مصروف هئا. ٽينيسن ۽ براؤننگ پنهنجو پهريون ديوان شايع ڪيو. ڏڪنز ۽ ٿيڪري جي رقابت جي شروعات ٿي، ترگنيف، دستوفسڪي ۽ ٽالسٽاءِ روسي ادب کي ٿي عروج بخشيو. ڏيلا ڪروا Delacroix مصوري جي قدامت پرستيءَ جي خلاف جنگيون ٿي جوٽيون ۽ ٽرنر Turner به انگلستان کي سج جي شعاعن سان روشن ڪيو. ڊارون جديد سائنس جي هڪ نهايت اهم انڪشاف جي تحقيق جو مواد گڏ ڪيو. اسپينسر هڪ نئون فلسفو جوڙڻ ۾ مصروف هو ۽ رينان Renan ”سائنس جو مستقبل“ ڪتاب لکيو جيڪو هڪ روشن مستقبل جي اڳ ڪٿي هو. مطلب ته هر طرف نئين دور جو جنم ٿي ٿيو.

موت، تخريب ۽ تعمير جي ان پسمنظر ۾ اسان کي جنگ کان پوءِ واري مايوسي کي سمجهڻ ۽ ان کي معاف ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته اصل ڳالهه پسمنظر جي هوندي آهي.

اسان جي فلاسافائيءَ ۾ مايوسيءَ جو سبب رڳو جنگ آهي. جنگ رڳو انهن خيالن ۽ احساسن کي اپارڻ ۽ چٽو ڪرڻ شروع ڪيو جيڪي ان صديءَ جي شروع ۾ اُپرڻ شروع ٿيا هئا. اسپنگلر 1914ع ۾ يعني پهرين جنگ عظيم کان اڳ ئي پنهنجي ڪتاب ”مغرب جو زوال“ جو خاڪو تيار ڪري ورتو هو. پر شڪست کائڻ کانپوءِ ان ڪتاب کي تشي واري فلسفياڻي فڪر جو بنياد رکڻ وارو سڀ کان اهم ڪتاب مڃڻ شروع ڪيو ويو. مسٽر مينڪن Mr. Mencken ڪڏهن به پنهنجي دور سان ايڏي دلچسپي ڪانه ڏيکاري ۽ نه ئي هن مستقبل جي باري ۾ ڪي خوش فهميون پئدا ڪيون. پر جنگ جي وحشي پٽي ۽ امن جي نااُميدي کان پوءِ آمريڪا جي هزارين نوجوانن هن کي پنهنجي طرز فڪر ۽ زوال پذير تهذيب کان بيزاريءَ جو بهترين ترجمان مڃيو. جنگ کان پوءِ پوري ڪيسرلنگ keyserling جي فلسفي کي مهاتما ٻڌ ۽ ڪنفيوشس جي ترجماني سمجهي ڏيان سان ٻڌو ۽ هن جڏهن اسان کي يقين ڏياريو ته پراڻي تهذيب ختم ٿي ٿي ته ان کي اسان هلڪي احتجاج سان ٻڌو. ڊين انج Dean inge ۽ هيلئر بيلڪ Hilaire Belloc رڳو ان ڳالهه تي متفق آهن ته تهذيب جلد ختم ٿي ٿي.

مغرب ۾ غير روايتي انڪساري جي لاڙي جا گهٽائي سبب آهن.
هينري ايڊمز Henry Adams قوت جي گهٽتائي ۽ ان جي ناقابل مزاحمت هجڻ واري تصور تي ياسيت جو بنياد رکيو. ميڊسن گرانٽ Medison Grant جو چوڻ هو تہ نارڊڪ نسل جو انگ گهٽيو ٿو وڃي، ٻين نسل وارن سان شاديون ڪرڻ جي ڪري ڪمزور ٿيندو ٿو وڃي. رومي نسل کان هيٺو ۽ ايشيا جي بغاوت ۽ جمهوريت سان هن جي ڏکهي قيادت ختم ٿيندي ٿي وڃي. لوٿروپ اسٽاڊرڊ انهن خيالن کي وڌي لياقت پر بي احتياطيءَ سان عام ڪيو. پروفيسر ميڪڊوگل Mc Dougall پنهنجي دور جي ان عام ڏک ۾ شامل ٿي ويو. ان ساڳي زماني ۾ ”مصريات جي عظيم ماهر پروفيسر فلنڊر پيٽري Flinder Petrie اعلان ڪيو تہ هڪ نئين تهذيب جي تخليق لاءِ جدا جدا نسلن جو ميلاپ ضروري آهي پر هن اهو بہ محسوس ڪيو تہ نسلن جي اهڙي ميلاپ سان مغربي تهذيب ختم پئي ٿئي. هن جو خيال هو تہ 1800 ۾ تهذيب اوج تي هئي ۽ فرانس جي انقلاب سان ان ۾ زوال آيو. چئن پنجن صدين ۾ نسلن جي ميلاپ سان هڪ نئون نسل پئدا ٿيندو جيڪو هڪ نئين تهذيب جو بنياد وجهندو. اسپنگلر بہ ماضيءَ جو ذڪر رومانيت واري ڏک ڀري انداز ۾ ٿو ڪري چاڪاڻ تہ هن روسو وانگر پنهنجي پنيءَ تي جاگيرداراڻي...... نظام جا زخم نہ ڪاڏا هئا. هن جو چوڻ هو:

”مغربي تهذيب جي وجود لاءِ 1800ع جي ويجهو وارو زمانو وڏي اهميت وارو هو. هڪ پاسي زندگي ڀرپور ۽ پُراعتماد هئي ۽ پنهنجن اندر جي لاڙن سان گوٿڪ ٻالپڻي کان بنان ڪنهن رنڊڪ جي اُسرندي گوئٽي ۽ نيپوليئن تائين پهتي. ٻئي پاسي شهرن جي عمل واري مصنوعي ۽ بي جان زندگي آهي. اڄ اسان جا سڀ ڪم انتخاب کي قائم رکڻ ۽ بهتر بنائڻ لاءِ آهن. ڪنهن عظيم جاندار تخليق جي بدران سڪندر جي دور جي حساب جي علم جي زوال واري دور جي اجاين ڳالهين ۾ مصروف آهيون. جيڪو ماڻهو اهو نٿو سمجهي تہ انهن نتيجن ۾ ڪا تبديلي اچي نٿي سگهي. ان کي تاريخ جو ادارڪ حاصل ڪرڻ جي خواهش ڪرڻ نہ گهرجي.“

اسين ختم ٿي چڪا آهيون يا اُن ضدي جرمن جي چواڻي تہ مابعد الطبعياتي ضرورتن اسان کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. اسپنگلر عملي ماڻهو نہ آهي. هن کي خبر ڪانهي تہ زندگيءَ وٽ ڪي اهڙا دليل بہ ٿي سگهن ٿا جيڪي منطق سمجهي نٿو سگهي.

**قومن جي فنا:**

اسپنگلر جي ڳالهہ ۾ وڏو وزن آهي. سندس ڳالهہ مابعد الطبعيات واري نہ آهي. مابعد الطبعيات جي ڳالهہ کي سولائيءَ سان رد ڪري سگهجي ٿو، پر هن جي ڳالهہ تاريخ جي آهي ۽ جيڪڏهن تاريخ ڪوڙ کان ڪم نہ وٺي تہ ان جي ڳالهہ کي رد ڪري نٿو سگهجي. تاريخ جنهن جي پيشانيءَ تي فنا لکيل آهي. تاريخ جنهن ۾ سڀ کان اهم قانون اهو آهي تہ جيڪا شيءِ اُڀرندي اها نيٺ ڪرندي. اڻويهين صديءَ جي تحقيق وڏي تفصيل سان قومن، نسلن ۽ رياستن جي زوال جا داستان بيان ڪيا آهن. ان کان اڳ تاريخ ۾ شايد ئي ڪنهن قوم ماضيءَ کي اهڙيءَ طرح چنڊيو چاڻيو هوندو جيئن گذريل سو سالن ۾ چنڊيو چاڻيو ويو آهي. دفن ٿي ويل تهذيبن جي کوٽائي ٿي آهي. وسريل دانش کي ظاهر ڪيو ويو آهي ۽ اربين انساني ڪوپڙين کي ڏنو ويو آهي. ترقي ۽ تاريخ نويسن جي صديءَ هوائي جهاز، ريڊيو ۽ زهريلي گيس واري صديءَ لاءِ زوال ۽ مايوسيءَ جي ميراث ڇڏي آهي. تاريخ ڪيئن ٿي تقدير آڏو انساني مجبوريءَ کي بي نقاب ڪري ان جو اندازو لڳائڻ لاءِ اوهان ٿورو تڪبر ڪرڻ واري مصر ڏانهن نهاريو جنهن واريءَ تي عظيم سلطنت قائم ڪئي. يورپ کان وڏي جلال وارا بت خانا ناهيا... ساموندي علائقن جي سيني رهاڪن تي حڪومت ڪئي، ڪروڙين غلامن جي پنيءَ تي قتڪا هنيان ۽ پنهنجن بادشاهن ۽ مذهبي اڳواڻن کي "غيرفاني جاءِ" ۾ جاءِ ڏني. پر انهن جو ڇا بچيو، پُرندڙ هڏين تي اچا وار، اهرام بہ فنا جو پيغام ٿا بڌائن. انهن وهمن جي ٽيڙن جي چوڌاري واريءَ جا واچوڙا ٿا چڪر ڪائن. هر سال حڪومت انهن جي صفائيءَ تي وڏي رقم خرچ ڪندي آهي ۽ جڏهن ڪو سياح انهن کي ڏسڻ کان پوءِ موٽندو آهي تہ منهن تي جميل واري صاف ڪندي سوچيندو آهي تہ جيڪڏهن حڪومت هڪ بہ صديون انهن اهرامن جي

صفائي نہ ڪرائي تہ انهن جي حالت الائجي ڪهڙي تي وڃي. انهن تي واريءَ جا تهہ جمي وڃن ايستائين جو سڀ کان اوچو اهرام بہ ڍڪجي وڃي ۽ مصر جي عظمت ۽ بربريت ۾ جو نشان بہ نہ بچي.

يونان جو مثال وٺو، هن پهاڙيءَ تي چڙهو. جيڪا پارٿينون ڏانهن ٿي وڃي، اتي بيهي ٿورو ياد ڪيو تہ ڪيئن نون سالن تائين اڪلينس Iclinus ۽ ميسڪليس Mnesicles هن سادي پر مڪمل بت خاني جي تعمير لاءِ رهنمائي ڪئي، جيڪو توازن ۽ اسٽائيل جو مثال آهي ۽ بت جو هر رنگ ائين آهي جو بت مان انساني جسم جي گرمي ۽ نرمي ٿي ظاهر ٿئي.... غور ڪيو تہ ڪيئن فيدياس Pheidias ۽ سندس شاگردن نون سالن تائين مرمر جي پٿر مان بت گهڙيا، اهڙا سهڻا بت جو انهن کي ڏسي ڏسڻ واري جي ذهن ۽ شخصيت ۾ وسعت پيدا ٿي وڃي. ديوتائن جا اهڙا حشمت وارا ۽ گنڀير بت جن کي ڏسي يقين ئي نہ اچي تہ ڪو ديوتاؤن عياشي ۽ رتوچاڻ بہ ڪندا هئا. ڪيترن صدين تائين اهو مندر پهاڙ تي بيٺو رهيو ۽ سج جي روشنيءَ ۾ چمڪندو رهيو. ڪيترائي نسل ان کي ڏسي روحاني سربلندي حاصل ڪندا رهيا. هتي بن گهڙين لاءِ انسان ديوتا ٿي ويندا هئا.

پر پوءِ 1687ع ۾ جنگ لڳي. ترڪن ايٿنز کي فتح ڪري پارٿينون کي پنهنجو بارود خانو بڻايو. وينس وارن پيرئيس Piraeus ۾ پنهنجا جنگي ٻيڙا موڪليا جن پارٿينون تي توپون هلائي ان کي تباهہ ڪيو. اوهان جڏهن ان عبادتگاهہ جهڙي ٽڪريءَ تي حسن ۽ عقل جي ان پراڻي چمڪندڙ عقيدت واريءَ جاءِ تي پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪرڻ ويندا تہ اُتي اوهان کي پارٿينون نظر نہ ايندو، رڳو ان جا ڪي آثار نظر ايندا جيڪي زلزلي جي هڪ ٻن ڌوڏن جو انتظار ٿا ڪن ۽ پارٿينون، پٿر جي لڪين چمڪندڙ ذرن جي شڪل ۾ اوهان جي پيرن هيٺان هوندو ۽ موٽندا تہ اهوئي سوچيندا تہ ڇا تاريخ جو اهوئي سبق آهي تہ هزارين سالن تائين انسان سخت پورهئي سان جيڪا تعمير ڪري تہ بي احساس ۽ بي رحم زمانو ان کي مٽائي ڇڏي. زمانو قائم آهي ۽ انساني فن فاني ۽ جيڪي شيون گهٽيون سهٽيون هونديون آهن اهي جلد تباهہ ٿينديون آهن.

پارٿيون ختم ٿيو، روم آيو ۽ ايترو جلد دنيا تي ڇانئجي ويو جو ڪو سوچي به ٿي سگھيو ته اهو فنا ٿيندو، پر آبادي ۽ زمين جي پئداواريءَ سگھه ختم ٿيڻ جي ڪري هاڻي ان جو نشان به ڪونهي. رڳو ماڻهن کي ان جو عروج ياد آهي ۽ اڄ جا آمر ان دور جي حاڪمن جي اهل ڪندا آهن. ڪريٽ crete ختم ٿيو، جوڊيا judia، فونيشيا phoenicia، ڪارٿيج carthage، ..... اسپريا Asperia، بابل ۽ ايران انهن ديوتائن وانگر آهن جن جا پوڄاري ختم ٿي ويا هجن. اهي بت خانا موجود آهن جتي زيارت لاءِ ته ماڻهو ايندا آهن پر ڪو به دعا لاءِ هٿ نه کڻندو آهي.... انهن سڀني تي موت ڇانيل آهي.

يورپ آيو- اٽلي، اسپين، فرانس، انگلستان، جرمني؛ ۽ اهڙي تهذيب پئدا ٿي جنهن جو مثال ڪٿي ڪونه ٿو ملي. پارٿينون جهڙا گرجا نهيا، يونانين کان وڌيڪ سائنس تي ڪم ٿيا، اهڙي موسيقي تخليق ٿي جنهن لاءِ پراڻي زماني جا ماڻهو سوچي به نه ٿي سگھيا، علم هڪ هنڌ گڏ ٿيو ۽ ان کي گھٽڻ کان گھڻن ماڻهن تائين پهچايو ويو، اهو ڪم پهريان ڪڏهن به ٿي نٿي سگھيو. پر اسپنگلر اُٿيو ۽ جنگ کان ڊنل يورپ کي مخاطب ٿي چيائين:

”تون مري چڪو آهين. مان تو ۾ زوال جون سڀ نشانيون ڏسان ٿو. تنهنجا ادارا، تنهنجي جمهوريت، تنهنجون بدعنوانيون، تنهنجا وڏا شهر، تنهنجي سائنس، تنهنجو فن، تنهنجي اشتراڪيت ۽ دهريت، تنهنجو فلسفو، تنهنجو حسابن جو علم، اهي سڀ اهي اهڃاڻ آهن جيڪي پراڻي دور جي رياستن ۾ زوال کان اڳ واري دور ۾ ظاهر ٿيندا هئا. هڪ ٻي صديءَ کي گذرڻ ڏي. تهذيب توکان گھڻو پري وڃي ديرو ڄمائيندي. هي تنهنجو سڪندري دور آهي.“

آمريڪا اچي ٿو ۽ وسيع بنيادن تي تهذيب ٿو تعمير ڪري جنهن جهڙي تهذيب ان کان اڳ شايد ئي پئدا ٿي هجي ۽ شايد ته هي تهذيب اڳ وارين سڀني تهذبين کان وڌيڪ عروج ماڻيندي، پر جي تاريخ ۾ ڪا سچائي آهي ۽ جي ماضي مستقبل تي ڪا روشني وجهي ٿو ته پوءِ اسان کي سمجهڻ گھرجي ته وڏي محنت ۽ سچائيءَ سان تخليق ڪيل

اها تهذيب بہ فنا ٿي ويندي ۽ جتي اسان اڄ محنت ۾ مصروف آهيون اتي هزارين سالن کان پوءِ وحشي پيا رُلندا.

هي آهي مستقبل ۽ ماضيءَ جي تصوير جيڪا تاريخدانن کي نظر ٿي اچي ۽ هو اهو نتيجو ٿا ڪڍن تہ تاريخ ۾ رڳو هڪ ڳالهہ جي پڪ آهي تہ زوال اڻ ٽر آهي جيئن زندگيءَ ۾ هڪ ڳالهہ جي پڪ آهي تہ موت اڻ ٽر آهي.

**اقتصاديات ۽ تهذيب:**

هيءَ ڏاڍي اُداسي واري تصوير آهي، اچو تہ ڏسون تہ ان ۾ ڪيترو سچ آهي.

تهذيب ڇا آهي؟ تهذيب تحفظ ۽ ثقافت، تنظيم ۽ آزادي جو ميلاپ آهي. اخلاق ۽ قانون ذريعي تحفظ حاصل ٿئي ٿو. پئدا وار ۽ ان جي ڏيتي ليتي سان مالي تحفظ ملي ٿو. علم هلت چلت ۾ سڌاري ۽ فن جي واڌاري جي تشهير جي وسيلن سان ثقافت جي تخليق ٿئي ٿي. انهن کي گڏي تهذيب چئجي ٿو. هاڻي اسان انهن اسمن مان هر هڪ جو جدا جدا مطالعو ٿا ڪيون. انهن سان ڪو هڪ اسم بہ تهذيب جي واڌاري يا زوال جو سبب ٿي سگهي ٿو.

انهن مان معاشيات بنيادي اسم آهي. ماڻهوءَ کان اڳ ماحول موجود هوندو آهي ۽ جيتوڻيڪ ماڻهو ماحول کي ايترو ئي بدلائيندو آهي جيترو ماحول هن کي بدلائيندو آهي پر ماحول جي اهميت ان ڪري آهي جو اهو پهريان موجود هوندو آهي. آبهوا زمين جي زرخيزيءَ کي گهٽائيندي ۽ وڌائيندي آهي. مينهن گهٽ پوي تہ تهذيب آهستي آهستي ختم ٿي ويندي آهي جيئن شام ۽ بابل يا انهن کان اڳ جي تهذيبن سان ٿيو. مينهن جي کوٽ جي ڪري تباهہ ٿيندڙ اهڙين تهذيبن جا آثار اينڊريوز Andrews منگوليان ۾ کوٽي ڪڍيا.....

سٺي آبهوا کان پوءِ زمين جي زرخيزي اهم آهي، پر اها ايڏي اهم ڪانهي ڇاڪاڻ تہ يونان ۽ روم جا ڪيترا حصا پهاڙن، ڍُٻن ۽ واريءَ تي اڏيل هئا پر پوءِ بہ روم جي زميندارن يونان کي فتح ڪيو ۽ زمين جي غيرآباديءَ وري روم کي فتح ڪيو. دلالن هٿان هارين جو

استحصال، زميندارن جي زمين تان غير حاضري، جنهن جي ڪري زمين جي پئداوار گھٽي، انهن سيني ڳالهين جو روم تي اثر ٿيو ۽ هاڻي آمريڪا تي اثر پيو پوي. ان جي پيٽ ۾ چين جي زمينن جي ڪڍهن ختم نہ ٿيندڙ زرخيزي، ان پراڻي پر ساڳئي وقت نوجوان ملڪ جي تهذيب جي ترقيءَ جو سبب آهي. تهذيب جو رستو مغرب ڏانهن نٿو وڃي پر آباد زمينن ڏانهن ٿو وڃي. ماڻهو جڏهن گرم علائقن مان نڪرندو هو تہ هن ڪي سلطنت قائم ڪرڻ جا امڪان اتر ۽ ڏکڻ ۾ نظر ايندا هئا. پر هاڻي هو انهن کان بي نياز ٿي. انهن تي ڪلي، اوير ڏانهن موٽي سگهي ٿو. اها ڳالهہ اڄ بہ صحيح آهي تہ زمين جي حالت تهذيب جي روح تي اثر ڪندي آهي.

زمين خوراڪ کانسواءِ معدنيات بہ پئدا ڪندي آهي. ڪن حالتن ۾ تہ قومن جي بقا لاءِ سون، چاندي، لوهہ ۽ ڪوئلو، ڪٽڪ ۽ جوَن کان وڌيڪ اهم ثابت ٿيندا آهن، جنهن جو مثال انگلينڊ آهي. لارئيم Lauriam جون چانديءَ جون کاڻيون ختم ٿيون تہ يونان مفلس ۽ ڪمزور ٿي ويو. اسپين ۾ چانديءَ جي کاڻن ۾ انتشار جي ڪري روم ڪمزور ٿيو. انگلستان جو موت تڏهن ٿيندو جڏهن نيوڪاسل New castle باهران ڪوئلو گهرائيندو ۽ چين مان جڏهن معدنيات حاصل ٿينديون تہ پوءِ چين شايد تهذيب ۾ ساري دنيا جي اڳواڻي ڪندو. بروڪس ايڊمز Brooks Adams جو چوڻ آهي تہ السيس لورين Alsace Lorraine جي فتح کان پوءِ جرمنيءَ انگلستان کان صنعتي اڳواڻي کسي ورتي هئي ۽ 1897ع ۾ پينسيلوينيا Penncylvania ۾ ڪوئلي جي کاڻن جي شروعات سان صنعتي ميدان ۾ آمريڪا سڀ کان اڳتي نڪري ويو. انَ وقت يورپ چين جي ڪوئلي کي پاڻ ۾ ورهائڻ لاءِ اڳتي وڌيو. آمريڪا واپار لاءِ رستو ڳولهڻ لاءِ فلپائن تي قبضو ڪيو. ڪوئلو بادشاهہ آهي، تيل ولي عهد ۽ بجلي تاج ۽ تخت جي ڪوڙي دعويدار!

تهذيب جي واڌاري ۾ اقتصادي سببن وانگر تجارت جي بہ وڏي اهميت آهي. ڪنهن بہ قوم کي واپار جي شاهراهہ سان ڳنڍيل هئڻ گهرجي تہ جيئن سندس مال جي ڏيتي ليتي ۽ بين قومن سان ثقافتي

لهه وچڙ تي سگهي. ان سان ماڻهن ۾ تحرڪ ۽ اتساه پيدا ٿيندو. يونان ٽرائي Troy جي فتح ۽ ايجيئن Aegean تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ اُڀريو. روم ڪارٿيج جي شڪست ۽ يونچ سمنڊ تي قبضي کان پوءِ عروج حاصل ڪيو. اسپين ۾ ڪيرواتنس carvantes ۽ ويلاسڪويز velasquez ان لاءِ پيدا ٿيا جو اهي نئين دنيا جي شاهراهه تي هئا. اٽليءَ ۾ نشاة الثانيه انڪري ٿي جو اٽلي يورپ ۽ اوپر جي وچ ۾ واپار جو وسيلو هو. روس حڪمت عملي يا جنگ سان انهن سمندن تي قبضو ڪري نه سگهيو جن ۾ سندس درياهن چوڙ ٿي ڪيو. جڏهن ڪونسٽينٽائين Constentine قسطنطينسCanstentinople کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بڻايو ۽ پراڻو بازنطين Byzentium، روس، جرمني ۽ آسٽريا کان ليوانٽ Levant تائين واري شاهراهه جو وچ بڻجي ويو ته روم جو زوال شروع ٿيو. پوءِ جڏهن ڪولمبس آمريڪا ڳولهي لڌو ۽ واپار جا رستا يونچ سمنڊ کان اوقيانوس ڏانهن مڙيا ته اٽليءَ جي زوال جا ڏينهن آيا. هاڻي جڏهن هوائي جهازن رستي واپار وڌندو ته تهذيب پنهنجو گهر هوائي رستن جي اڏن تي ٺاهيندي. برلن کان بغداد تائين رستو شايد هاڻي خواب نه رهندو ۽ جڏهن چين مغرب جو طاقتور رقيب ۽ خريدار ٿي ويندو ته ٿي سگهي ٿو ته روس جا بيابان آسماني آمد و رفت سان آباد ٿي وڃن.

تهذيب جي واڌاري جو آخري سبب صنعت آهي پر ان جي تاريخ ايڏي پراڻي نه آهي انڪري ان جي اثرن جو اندازو لڳائڻ ايترو سولو نه آهي. صنعت دولت وڌائي ٿي ۽ ٽيڪس ڏيڻ وارن کي هڪ هنڌ گڏ ٿي ڪري، بئنڪي اگرائيءَ جي مالي مدد ٿي ڪري ۽ سياسي استحصال جو سبب ٿي ٿئي. پر ڇا صنعت تهذيب جي پرورش به ڪري ٿي؟ صنعت مقدار کي اهميت ٿي ڏي ۽ فنڪاري ۽ خوبيءَ کي نظر انداز ٿي ڪري. اڳي هر صنعت فن هئي، هاڻي هر فن صنعت آهي، اڳي ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ وارا هنرمند هئا هاڻي اهي مزور آهن. ڇا مشين اسان کي به مشينن جا پرزا ۽ ڪلون ٺاهي ڇڏيندي ۽ انساني روح پنهنجي روحاني رفعت ۽ اوسر کان محروم ٿي ويندو. صنعتي انگلستان ۾ ايلزابيٿ جي دور وارو ادب، نيوٽن جي زماني جهڙي سائنس يا اها مصوري جيڪا رينالڊز Reynolds جي روشن گهراڻي سان

شروع ٿي ۽ ٽرنر Turner وٽ ختم ٿي، هاڻي انهن مان ڪا شيءِ ڪانهي. جرمني جو عظيم زمانو فريڊرڪ، ڪانٽ، گوئٽي ۽ بيٿوون سان شروع ٿيو ۽ بسمارڪ ۽ فان مولٽڪي Von Moltkeيعني رت، لوهه ۽ ڪوئلي تي ختم ٿيو. جرمني ۽ انگلستان جي پيٽ ۾ فرانس وٽ گهٽ صنعت ۽ وڏيڪ تهذيب هئي ۽ جيتوڻيڪ فرانس ۾ هلت چلت ۽ اُٿي ويهڻيءَ ۾ والٽيئر جي زماني واري زنده دلي ڪانہ رهي هئي پر فرانس جو ذهن موليئر Moliere ڪانپوءِ ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندو رهيو آهي. هاڻي جڏهن فرانس وٽ ايلسيس لورين Alsace Lorraine وارو ڪوئلو آهي تہ هاڻي شايد فرانس بہ آرٽ کي صنعت تي قربان ڪندو.

يورپ ۾ سوچ کي اُپارڻ ۾ عظيم ثقافتي دورن جو سبب صنعت نہ پر واپار هو. صنعت اجا جوان آهي ۽ ماضي مستقبل جو انڪشاف نہ ڪندو آهي. ٿي سگهيو تہ صنعت اسان کي ايتري دولت ڏي جو اسان کي سوچڻ جي واندڪائي ملي ۽ اسان زندگيءَ جي فن کي وري جيئاري سگهون.

## حياتيات ۽ تهذيب:

تهذيب جي واڌاري لاءِ صحيح ماحول پئدا ٿئي تہ پوءِ گهڻن ماڻهن جي ڪنهن اهڙي برجستي آباديءَ جي ضرورت هوندي آهي جيڪا ماحول کي پنهنجن مقصدن مطابق بڻائي سگهي. پروفيسر پيٽري Petrie جو نظريو آهي تہ جڏهن گهڻا ماڻهو گڏجي ماحول کي پنهنجن مقصدن مطابق بڻائن ٿا تہ هنن جي نسلي ميلاپ سان هڪ نئين تهذيب جنم ٿي وٺي. پيٽري جو خيال آهي تہ اٽڪل انن صدين جي نسلي ميلاپ کان پوءِ اعليٰ قابليت جو دور ايندو آهي، جيڪو چئن پنجن سالن تائين قائم رهندو آهي. مثال ڪلووِز Clovis ۽ شارليمن Cherlemagne جي دور ۾ گالز ۽ فرينڪس Gauls and Franks ۽ ٻين قبيلن جي نسلي ميلاپ جي اٺ سؤ سالن کان پوءِ فرانس ۾ رابيلس Rabelais ۽ مونٽين جو سونهرو دور آيو. ساڳيءَ طرح اينگلز Angles، سڪيسنsaxon، جوٽسjutes ۽ ٻين جي نسلي ميلاپ کان اٺ سو سالن کان پوءِ شيڪسپيئر ۽ بيڪن جي انگلستان جنم ورتو. ٻين ملڪن جي

تاريخ شايد ائين نہ هجي پر تہ بہ چئي سگهجي ٿو تہ نسلن جو ميلاپ وقتي طور تهذيب جي لحاظ کان فائدي وارو هوندو آهي. جدا جدا قبيلن جي نسلي ميلاپ سان وقتي طور شخصي ۽ قبائلي انفراديت ختم ٿي ويندي آهي پر ذهن ۽ جسم جون بنيادي ۽ اوائلي خاصيتون پختيون ٿينديون آهن ۽ اهو عمل نئين ماحول ۾ تيزيءَ سان وڌندو آهي جو نئين ماحول ۾ لڏي آيل ماڻهو ظاهريءَ طرح نادار پر اصل ۾ وڏا شاهوڪار هوندا آهن. هنن وٽ ثقافت گهٽ هوندي آهي. پر هنن ۾ قوت تمام گهڻي هوندي آهي. آمريڪا ان مان سبق حاصل ڪيو ۽ نسلي ميلاپ سان پئدا ٿيندڙ "رت جو انتشار" هڪ نئين قوم، روح جي هڪ نيئن پختگي ۽ تهذيب جو پيش خيمو ٿي.

ان جي ابتڙ نظريو رکڻ وارن جيئن گوبينو Gobineau، نتشي Nietzsche ۽ چيمبرلين chamberlain ۽ گرانٽ Grant لاءِ اسان وٽ کهڙو جواب آهي جن جو چوڻ آهي تہ نسلن جي ميلاپ سان شخصيتن ۽ تهذيبن جو زوال ٿيندو آهي. انهن لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ انهن، ڳالهہ کي ابتو سمجهيو آهي. تاريخ ان ڳالهہ جي شاهد آهي تہ زوال کان پوءِ نسلي ميلاپ عمل ۾ آيو. روم جو زوال وحشين جي حملي کان گهڻو اڳ شروع ٿي ويو هو ۽ ان جي شروعات پهرين عيش پرستي ۽ پوءِ رومي نسل جي خاتمي سان ٿي. جرمنن سان نسلي ميلاپ ان زوال جو سبب نہ پر نتيجو هو.

پينٽري جي نظريي جو اڻ وڻندڙ رُخ اهو آهي جو هو چئي ٿو تہ فرد وانگر ڪنهن نسل ۾ بہ جسماني قوت خاص مقدار واري هوندي آهي ۽ نسل کي بہ ننڍپڻ ، پڪي وهي ۽ پوڙهائپ جي مرحلن مان لنگهڻو پوندو آهي. پروفيسر صاحب جي هن خيال کي گهڻي ياڳي سيني عالمن چڱو چيو آهي تہ دنيا جي سيني نسلن جي زندگي ۽ موت جو چڪر ذري گهٽ هڪ جيترو هوندو آهي. پر زندگي ڪنهن بہ آفاقي اصول کان متاهين آهي. هر هلائڻ واريون قومون صنعتي قومن جي پيٽ ۾ دگهي زندگي ماڻينديون آهن.

رومي نسل جي ماڻهن جي زوال جو سبب شايد اهو هو تہ هنن زمين سان تعلق ٽوڙي ڇڏيو جنهن جي ڪري هنن جي تندرستي خراب ٿي ۽ هنن مڙدانگيءَ واري جنگجوئيءَ لاءِ بداخلاقيءَ ۽ بيڪار مزورن وارو شهر آباد ڪيو. تهذيب لاءِ شهري زندگي ضروري آهي پر شهري زندگيءَ ۾ نسلي زوال جا جيوڙا هوندا آهن. دماغي ڪم، دونهين سان پريل گهر ۽ گهٽيون ماڻهن سان پريل بازاريون، سهڻا لباس، روغني کاڌا، انهن سان تندرستي خراب ٿيندي آهي جڏهن تہ گندگيءَ جي نيڪاس جي نظام، پئسي ۽ دوائن جي ڪري ٻارن جي موت جو انگ گهٽو گهٽجي ويو آهي، ۽ عمريون وڏيون آهن. اينٽيونينس Antonines جي دور ۾ وبائن جي ڪري روم جي اڌ آبادي لڏڻ تي مجبور ٿي ۽ جرمن قوم جي ماڻهن جي وڌندڙ انگ جي اڳيان رومي بي وس ٿي پيا. ڪاري وبا انگلستان کي ائين تباهہ ڪيو جو اُتي جاگيرداري نظام ختم ٿي ويو. ٿي سگهي ٿو تہ جراثيم اسان تي حملو ڪن ۽ اسان کي ختم ڪري ڇڏن. انسان جي ان سڀ کان وڏي دشمن کي رڳو خوردبينيءَ سان ڏسي سگهجي ٿو.

پر انهن سببن کان وڌو ۽ اهم سبب شهري زندگي آهي جنهن ۾ انساني نسل تي وڌو اثر ٿو پوي. اهو اثر هي آهي تہ شهري ماڻهو ڄم کي روڪن ٿا. شهر وڌا ۽ ڪٽنب ننڍا ٿا ٿيندا وڃن. شهرن جي آبادي ڄم سان نئي وڏي پر ٻهراڙين ۽ ٻين ملڪن مان لڏي اچڻ وارن سان ٿي وڏي، پراڻو نسل ختم ٿو ٿئي ۽ نئون نسل ان جي جاءِ ٿو وٺي. ائين رومي نسل ختم ٿيندو ويو. رومين جرمن سپاهين کان نہ پر جرمن مائن کان شڪست کاڌي. اها ڳالهہ ڏاڍي عجيب ٿي لڳي تہ سيزر رومن جي نسل کي بچائڻ لاءِ سندن وڏن ڪٽنبن کي انعام ڏيندو هو. سنڌ عورتن کي زيور پائڻ کان جهليندو هو. آگسٽس شادي نہ ڪرڻ تي پابندي وڌي. ٻارن جي مائن کي معاوضو ڏيندو هو. ۽ ڪانٽيسٽائن انهن مائن کي سرڪاري الاؤنس ڏيندو هو جيڪي ٻار پالي نہ سگهنديون هيون. پر انهن اپائن جو ڪو نتيجو نہ نڪتو. جتي ٿورن ٻارن وارا ڪٽنب، گهڻن ٻارن وارن ڪٽنبن کان وڌيڪ خوشحال هوندا آهن اتي ڄم جو انگ گهٽبو آهي. اهي ڳالهيون فلسفي سان سمجهہ ۾ نہ

ايندیون. سوال آهي تہ ڇا ڄمر ۾ گھٽتائيءَ سان اسان جي تهذيب جو زوال ٿيندو. هر ڪنهن کي خبر آهي تہ آمريڪا جي پڙهيل طبقي ۾ ڄمر جو انگ گهٽ آهي. حياتيات جي ماهرن کي ڄاڻ آهي تہ طب ۽ سخاوت ”فطرت جي چونڊ“ واري اصول کي بدلائي ڇڏيو آهي. ان ڳالهہ جي بہ سڀ کي ڄاڻ آهي تہ هيناهين طبقي ۾ آدم وڌي ٿو جيڪو مٿاهين طبقي ۾ ايندو ٿو وڃي ۽ اهڙيءَ طرح نااهل طبقي جو نسل ٿو وڌي ۽ ذهين ماڻهن ۾ ڄمُ گهٽ هجڻ جي ڪري تعليم کي تمام وڏو ڌڪ ٿو لڳي.

هتي هڪ بي حقيقت بہ بيان ڪندا هلون جيڪا حياتياتي نہ آهي. اها هيءَ تہ اڄڪلهہ جي استادن لاءِ ٻارن کي پڙهائڻ مسئلو ٿي پيو آهي. هنن کي سياڻي جي شاگردن کي پڙهائڻو آهي جن کي ڪالهہ جا احمق ماستر ٿا پڙهائن جنهن جي ڪري تعصب، علائقو پرستي ۽ رجعت پسنديءَ کي هٿي ٿي ملي. علمي ڪارناما ميراث ۾ نہ ملندا آهن. پي ايڇ ڊي جي ڊگري بہ پڙهي حاصل ڪرڻي پوندي آهي، اهي بہ تعصب ۽ وهم پرستيءَ جي دورن مان لنگهندا آهن. اهو بہ چئي نٿو سگهجي تہ غريب ۽ نادار ماڻهن جي ٻارن ۾ جيڪي زندگيءَ ۾ ڊنل ۽ محروم هوندا آهن، ڪيترين صلاحيتن لڪل هونديون آهن. حياتياتي لحاظ کان جسماني طاقت علمي ميراث جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اهم آهي پر اجتماعي نقطہ نگاہ کان شخصيت جي پختگي ۽ علم، جسماني طاقت جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اهم آهن. پر اها بہ حقيقت آهي تہ فلاسفرن مان ڪي سٺا نسل پئدا نہ ٿيندا آهن. نتشي جو خيال هو تہ جرمنيءَ جو بهترين رت اتان جي هارين جي رڳن ۾ ٿو ڊوڙي. اسان جو بہ اهوئي حال آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اها حالت هاڻي سڌري. هيٺان واري طبقي مان ايندڙ ٻارن ۾ وڌيڪ طاقت ۽ توانائي آهي ۽ تعليم سان هنن مان جهالت ختم ٿي سگهندي. هن مسئلي جو حل اميرن ۾ ڄمر جو انگ وڌائڻ نہ آهي پر مفلسن ۾ ان انگ کي گهٽائڻو آهي. اسان کي ڄمر کي روڪڻ وارين دوائن کي قانوني حيثيت ڏيڻ گهرجي. جن ماڻهن ۾ جسماني يا ذهني نقص هجي انهن کي ٻار پئدا ڪرڻ نہ ڏجن. عشق ۾ انڌو ٿي وڃڻ واري غلط تصور کي ختم ڪري ماڻهن ۾ صحت جو نئون

شعور پيدا ڪرڻ گهرجي. ذهين طبقي ۾ جم جي انگ جي گهٽجڻ واري حقيقت کي تسليم ڪري تهذيب جي ترقيءَ لاءِ نسل کان وڌيڪ تهذيب تي اعتماد ڪرڻ گهرجي. نسل جي واڌاري لاءِ وراثت تمام ننڍو سبب آهي. هاڻي ارتقا حياتياتي نه پر سماجي آهي. اسان کي تندرست نسل ڏيو ۽ تهذيب کي ترقي ڏيارڻ جو ڪم سنا اسڪول پاڻ ڪندا.

## تهذيب ۽ سماجيات:

ترقيءَ جو مدار چونڊ جي حياتياتي قانون کان وڌيڪ ادارن جي ڪردار تي آهي. يعني ته تهذيب جو مدار ڏاڍي هٿان هيٺي کي ختم ڪرڻ واري حياتياتي قانون کان وڌيڪ تعليم ۽ حڪومت تي آهي ۽ مستقبل جي باري ۾ اسان جي دلين ۾ جيڪي شڪ شبها آهن اهي وڏن وڏن خاندانن جي شجرن سان نه پر انهن ادارن جي هاڻوڪي حالت کي ڏسي ختم ٿي يا وڌي سگهن ٿا. انهن ادارن ڪيترين صدين کان انسان جي ترقيءَ کي وڌايو ۽ منظم ڪيو آهي. گرجا، خاندان، مدرسا، رياست انهن ادارن تهذيب کي ڪيترو اڳتي وڌايو آهي؟ اسان سيني کي خبر آهي ته گرجا کي يورپ ۾ جيڪا طاقت حاصل هئي سا هاڻي گهٽي گهٽجي وئي آهي. گرجا ورهائجي وڃڻ کان پوءِ به تعليم ۽ اخلاق جي خيال کان نهايت اهم ۽ رياست جو حريف ادارو هئي پر ان اداري جي ڪمزور ٿيڻ کان پوءِ اسان وٽ مذهبي مصلح ڪونه رهيا آهن ۽ ڪوبه شخص جيڪو پاڻ کي قومي ضمير جو آواز بنائڻ چاهي ته هو رياست جي صدر يا بادشاهه جيترا اختيار حاصل ڪري نٿو سگهي. مارٽن لوٿر، جرمن نوابن جي مدد سان مذهب جي اصلاح واري تحريڪ کي ڪامياب بنايو ان کان پوءِ رياست آهستي آهستي گرجا جي جائيداد تي قبضو ڪندي وئي جنهن سان پادرين جي اخلاقيءَ طرح رهبري ڪرڻ واري حيثيت به ختم ٿيندي وئي.

تاريخ جي شاگردن لاءِ حال کي سمجهڻ ۽ مستقبل جي باري ۾ اڳڪٿي ڪرڻ لاءِ مذهب جي اثر جي گهٽجڻ ۽ مذهب جي پنيرائيءَ جي ڪري اخلاق کي جيڪو وزن هو ان جي ختم ٿيڻ واري حقيقت کي سمجهڻ نهايت ضروري آهي. ماضيءَ ۾ مذهبي عقيدو ڪڏهن به اهڙو

ڪمزور نہ ٿيو ۽ ان ۾ ڪڏهن بہ ايڏا نشيب و فراز نہ آيا جيڪي هاڻي آيا آهن. سوال آهي تہ ڇا رياست گرجا کان سواءِ اجتماعي نظام کي قائم رکي سگهي ٿي. ڇا اڳ اخلاق کي مذهب جي جيڪا پنيرائي هئي ان جي ختم ٿيڻ کان پوءِ رڳو تعليم جي زور تي اخلاق کي طاقتور بڻائي سگهجي ٿو. ڇا اهي تعليمي ادارا ڏاهپ کان سواءِ سائنس، ذهانت کان سواءِ علم ۽ ضمير کان سواءِ چالاڪي نٿا سيکارن. ڇا اهي حالتن سان اهڙي هم آهنگي ڪرڻ نٿا سيکارن جنهن ۾ جمالياتي شعور ۽ تخليقي مقصد جي کوٽ هوندي آهي. مذهب جو مطالعو پوءِ ٿا ڪيون اڇو تہ پهريان خاندان جو مطالعو ڪيون، جنهن کي اسان اکين سان زوال ڏانهن ويندو ڏسي رهيا آهيون. تاريخ ۾ سيني تهذيبن جو بنياد خاندان رهيو آهي. خاندان سوسائٽي: جو مالي ۽ پئداواري يونٽ رهيو آهي. ماڻهو گڏجي هر هلائيندا هئا. اهو سوسائٽيءَ جو سياسي يونٽ هو جنهن ۾ پيءُ کي سيني تي اختيار هئا ۽ جنهن کي رياست ننڍي پيماني تي ٽيڪ ٿي ڏني. اهو ثقافتي يونٽ هو جنهن علم ادب ۽ آرٽ کي ٿي وڌايو. ٻارن کي ٿي پڙهايو ۽ نپايو ۽ ٻارن کي اخلاق جي تعليم ٿي ڏني ۽ سندن سياءَ کي اخلاق جي سانچي ۾ ٿي وڌو جنهن سان نفسياتي طرح سماج جا بنياد مضبوط ٿي ٿيا... خاندان رياست کان وڌيڪ اهم هو. حڪومتون ختم ٿي وينديون هيون پر جي خاندان قائم هوندا هئا تہ نظام قائم رهندو هو. سوشل سائنسدانن جو چوڻ آهي تہ خاندان مٽجي ويندو تہ تهذيب ختم ٿي ويندي.

هاڻي جڏهن رياست ڏينهون ڏينهن وڌيڪ مضبوط ٿيندي ٿي وڃي تڏهن خاندان گهرن ۾ بدلبا ٿا وڃن. ٻارن جي جاءِ ڪتا پيا وٺن. مڙد ۽ عورت هاڻي بہ ميلاپ ڪن ٿا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٻار بہ ڄڻن ٿا پر اهو ميلاپ شاديءَ جي صورت اختيار نٿو ڪري. شاديءَ جو مقصد پيءُ ماءُ بڻجڻ نہ هوندو آهي ۽ پيءُ ماءُ بڻجڻ جو مقصد تعليم وڌائڻ نہ هوندو آهي. آزاد محبت ۽ طلاق شاديءَ جي اهميت کي گهٽائي ڇڏيو آهي اسڪول ٻار کي ماءُ کان کسيو آهي ۽ رياست پيءُ کان اختيار کسيو آهي. اسڪولي ماستر ۽ سپاهي اها تنظيم پئدا ٿا ڪن جيڪا اڳ ننڍي وهيءَ ۾ 'گهر' ماڻهوءَ ۾ پئدا ڪندو هو. وڏي ڳالهہ تہ صنعت

زراعت جي جاءِ پئي ونئي. اڳ سڀ گڏجي ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندا هئا، هاٽي هڪڙو هڪڙو ماڻهو جدا جدا ڪارخاني ۾ مزوري تو ڪري. ووٽ ڏيڻ واري هاٽي پنچائت جهڙي اجتماعي اداري جي جاءِ ورتي آهي جنهن ۾ بزرگ گڏ ٿيندا هئا. انهن پراڻن ادارن جو يادگار هاٽي اهي گهر بچيا آهن جن ۾ اڄ ٻه ٻه چار ماڻهو گڏ رهن ٿا. يا اهي ويساهه نه ڪرڻ جهڙا احساس جيڪي عورت ڪي مڙد سان ۽ پٽن ۽ ڌيئن ڪي پيءُ ماءُ سان ڳنڍين ٿا. اجتماعي نظام ۾ مرڪزيت .... پئدا ٿي وئي آهي ۽ سڀ ذميواريون رياست سنڀالي ورتيون آهن.

پر ڇا رياست مالي ۽ اخلاقي بنيادن تي ايترو مضبوط ادارو آهي جو اهو علم ۽ اخلاق جي ورثي ڪي قائم رکي، وڌائي ۽ ان جي تشهير ڪرڻ جي ذميواري اڪيلي سر پاڻ تي کڻي. يا ڇا موجوده سياسي سرشتي جي ڪري اها ذميواري انهن جاهل ماڻهن ڏانهن منتقل تي ويندي جن ڪي علم ۽ فن سان ڪو چاهه ڪونهي. آخر ان جو ڪهڙو سبب آهي جو آمريڪا جي ڪيترين رياستن ۾ گهٽ درجي جي ماڻهن جي حڪومت آهي. ڪهڙو سبب آهي جو اعليٰ عهدن جو وطن پرستي، تدبر ۽ ضمير سان واسطو نه آهي. ڪهڙو سبب آهي جو بداخلاقي ۽ سياسي ويساهه گهاتي عام آهي پر ماڻهو ان جي خلاف ڪاوڙ نٿا ڏيکارن ۽ هنن ۾ انهن جي خلاف عملي قدم کڻڻ جو جذبو ڪونهي. ڪهڙو سبب آهي جو حڪومتن جو وڏي ۾ وڏو فرض ڏوهن جي پردهه پوشي ڪرڻ ۽ امن جا معاهده ڪري جنگ ڪرڻ تي ويو آهي. ڇا رياست ۽ خاندان تهذيب جي اڳواٽي اهڙي اداري ڪي سونپي ڇڏين.

اڇو ته اها ڳالهه وري ورجايون ته ڪنهن به قوم لاءِ گهڻي دولت جيڪڏهن فائدي واري آهي ته خطرناڪ به آهي. جيئن ته ماڻهن جي صلاحيتن ۾ فرق آهي انڪري دولت جي ورڇ به غير برابريءَ واري آهي. ساڳئي وقت ايجادون ۽ مشينون صلاحيتن وارن ماڻهن جي صلاحيتن ڪي وڌائيندڙيون ٿيون رهن. ان سان طبقن ۾ ويڇا وڌن ٿا ۽ سياسي نظام ۾ ڇڪتاڻ پئدا ٿئي ٿي. وڌندڙ دولت سان عيش پرستي وڌي ٿي جنهن سان جسماني ۽ ذهني قوت ختم تي ٿئي. ماڻهو پنهنجي تڪميل، ڪم ۾ نه پر جسماني لذتن ۾ ٿا ڳولهن. تخليق مان حاصل

ٿيندڙ مزي جي جاءِ لذت وٺندي آهي. مڙداڻپ قوت گهٽبي آهي ۽ دماغي بيماريون وڌنديون آهن، شخصيت ڪمزور ٿيندي آهي ۽ ڪهڙي خبر ته جيڪڏهن قوم تي ڪا مصيبت جي گهڙي اچي ته قوم ان کي منهن ڏيئي نه سگهي.

هڪ نوجوان اديب گهڻا سال اڳ چيو هو:

تاريخ بربريت جي موٽڻ جي اچڻ جي عمل جو نالو آهي، سخت پورهئي جي ڪري ماڻهو سخت جان ٿي ويندا آهن ۽ وڌندڙ ضرورتن جي ڪري پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي پاڻ کان گهٽ طاقتور ماڻهن ڏانهن وڌندا آهن. انهن کي فتح ڪندا آهن، ٻي گهر ڪندا آهن يا پنهنجو پاڻ ۾ ملائي ڇڏيندا آهن. سخت پورهئي وارين حالتن ۾ محنت هنن ۾ جيڪا قوت پيدا ڪندي آهي ان قوت جي ڪري هنن جي پئداوار وڌندي آهي وڌيڪ پئداوار جي ڪري عيش پرست طبقو پئدا ٿيندو آهي جيڪو جسماني پورهي کان حقارت ڪندو آهي ۽ عياشيءَ جا نوان نوان طريقا ايجاد ڪندو آهي. واندڪائيءَ سان سوچ پيدا ٿيندي آهي، ۽ سوچ عقيدن ۽ رسمن کي ختم ڪندي آهي. عزم ۽ عمل جي جاءِ تي مشاهدي جي نزاڪت پئدا ڪندي آهي، ماڻهن جي سوچ تجزين جي ڪاڪ ۾ سوسائٽيءَ جي پويان لڪل فرد کي ڳولهي لهندي آهي ۽ فرد پنهنجا عام ڪم ڪار وساري پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي پنهنجو پاڻ کي ڳولهي لهندو آهي، گڏيل مفادن جو احساس گهٽجي ويندو آهي ۽ ماڻهو شهري نه پر فرد ٿي ويندا آهن.

وري ڏورانهن هنڌان کي ٻيا ماڻهو، مخالف حالتن سان مقابلو ڪندي صاف ڪيل جهنگ، سڌا سنوان رستا، سايون ۽ ضرورتن کان وڌيڪ فصل ڏيندڙ ٻنيون ۽ آرام جي عياشي ڏسندا آهن ته هو به خواب ڏسڻ لڳندا آهن، خواهش ڪندا آهن، متحد ٿيندا آهن، حملو ڪندا آهن ۽ پوءِ ساڳيو چڪر شروع ٿي ويندو آهي.

## تهذيب جو تسلسل:

اهي آهن ان ڳُتيل مسئلي جا جدا جدا حصا ۽ اسان جي پنهنجي تهذيب جي باري ۾ شڪ شبها، هاڻي سوال آهي ته اسان تاريخ جي بنيادي مسئلي کي ڪيئن منهن ڏيون.

سپ کان پهرين اچو ته پنهنجي مسئلي جي دائري کي گهٽايون... اسان اهو ڄاڻن نٿا گهرون ته هي ڌرتي فنا ٿي ويندي يا نه... ٿي سگهي ٿو ته فنا ٿي وڃي. اسان اهو به نٿا پڇون ته ڇا ڪا خاص قوم يا نسل هميشه لاءِ قائم رهندو يا نه. اسان اهو ٿا پڇون ته ڇا ڪا خاص تهذيب لامحدود وقت تائين قائم رهي سگهندي يا تهذيب جي تقدير ئي اها آهي ته اها واري واري سان تباهه ٿيندي رهي، تهذيب ڪا مادي شيءِ ته ڪانهي جيڪا ڌرتيءَ جي ڪنهن هڪ ٽڪري سان هميشه لاءِ ڳنڍيل رهي. تهذيب ته ڪن فني خاصيتن ۽ ثقافتي تخليقن جو غير مادي مجموعو هوندي آهي ۽ جيڪڏهن اهي خاصيتون ۽ تخليقون مادي قوت جي ڪنهن ٻئي مرڪز ۾ وڃي گڏ ٿين ته پوءِ تهذيب قائم رهندي آهي ۽ رياست، سياستدان، فوج ۽ پوليس ختم ٿي وينداآهن، پر تهذيب ختم نه ٿيندي آهي. انڪري ائين سمجهڻ غلط آهي ته تهذيبون تباهه ٿينديون ۽ قومون مرنديون آهن. يونان جي تهذيب مئي نه آهي پر رڳو يونان جي ڌرتيءَ هومر ۽ سڪندر جهڙيون شخصيتون پيدا ڪرڻ ڇڏي ڏنيون آهن. اڄ يوناني تهذيب نظر نٿي اچي پر اها هڪ ٻئي جهان، انسان جي يادگيريءَ جي سلطنت ۾ اڄ به زنده آهي. هومر اڄ به ايڪيلز Acilles جي ڏمر کي ٿو ڳائي ۽ سڪندر گنگا جي ڪنارن ڏانهن پيو وڌي. هيسائڊ Hesoid هاڻي به ٻهراڙيءَ جا نغما پيو جهونگاري ۽ پندار Pindar شاعري وسيلي رانديگرن جي ڪارنامن جي تعريف ٿو ڪري، Solon قانون ٿو ناهي ۽ تعليم ٿو پرائي ۽ ڪلائسٿينس جمهوريت کي واضح پيو ڪري. پيريڪلس Pericles انيگزاگونس Anxagonese جون ڳالهيون ٿو ٻڌي ۽ سقراط سان ايسپيئيا Aspesia جي حاضري ۾ ٿو ويهي، ايسڪيلس Aeschylues، پروميٿس جي ابدي للڪار پيو آسمان ڏانهن اُماڻي. يوريپيڊس ٽروجن جي جنگ ۾ جيڪي مفتوح مئا هئا انهن لاءِ فاتحن کي پيو روئاري. افلاطون پنهنجي وسيع مدرسي ۾ خاموشيءَ سان پيو پسار ڪري جتي اڄ به لکين شاگرد هن کان درس وٺڻ ٿا اچن. ڊايوجينس اڄ به هٿ بتي کڻي صبر سان پيو گهمي، ارسطو ڪائنات جي درجي بندي پيو ڪري، زينو صدين جي فاصلي تان اوريليئس سان پيو ڳالهائي ۽ ايپي ڪيورس Epicurees،

ليوڪرٽيس Lucratiees سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي پيو هلي. سيفو Sappho لاسباس Losbos مان اينڪرئين Anacreon سان گڏجي شعر تي چئي ۽ اسڪندريہ جو اقليدس Euclid ارشميدس کي ساريڪس Cyracuse جي محاصري ۾ جاميٽري جا نشان ناهيندو پيو ڏسي، هي موت ناهي، هي نسل جي زندگي ۽ روح آهي. يادگيري موت تي حاوي ٿي ويندي آهي ۽ ماڻهوءَ جي يادگيري اڳ کان وڌيڪ تيز ٿي آهي، لکت سان ڪنهن بہ نسل جي يادگيري وڏي پيماني تي ٻين تائين پهچائي نہ سگهبي هئي پر ڇپائيءَ سان گهڻن ماڻهن تائين پهچائي سگهجي ٿي. تعليمي ادارن تہ انهن يادگيرين کي ماڻهن تائين پهچائڻ سولو ڪري ڇڏيو آهي. روز ڪا نئين ايجاد ان ۾ مددگار ٿي ٿئي ۽ قبر مان ڪنهن آواز کي جيئرو ٿي ڪري جيڪو صدين تائين راڳ ٿو ڳائي. هڪ هنڌان نظارن، لفظن ۽ ٻين ڳالهين کي ڪٽي ٻين علائقن ۾ ٿي پهچائي تہ جيئن ماڻهن جي يادگيرين جو خزانو وڌي.

بيشڪ تہ قومون مرن ٿيون، پراڻا علائقا ويران ٿا ٿين ۽ ماڻهو پنهنجا اوزار ڪٽي ڪنهن ٻئي علائقي ڏانهن هليو ٿو وڃي پر هو يادگيرين کي قائم رکندو ٿو رهي. جيڪڏهن تعليم جي يادگيريءَ ۾ گهرائي ۽ وسعت ٿي پيدا ڪري تہ پوءِ تهذيب بہ هن سان گڏ ٿي منتقل ٿئي. تهذيب رڳو جاءِ متائيندي آهي، ضروري نہ هوندو آهي تہ تهذيب ان نئين سرزمين تي وري نئين سر بنياد وجهي يا ٻين جي تعاون ۽ دوستيءَ ڪانسواءِ زندگي گذاري، نئين سرزمين تي آمد و رفت ۽ بيان ۽ اظهار جا وسيلا هن کي پنهنجي ڄمر واري زمين سان ڳنڍيل رکندا آهن ۽ مادرِ وطن جي امداد جيڪا نوآبادين کي ميسر ٿيندي آهي اها ماءُ پيءُ جي شفقت جهڙي هوندي آهي، جيڪي نيپاج ڪندا آهن، حفاظت ڪندا آهن، تعليم ڏيندا آهن، ۽ اخلاق، ڏاهپ ۽ فن کي نون نسلن ڏانهن منتقل ڪندا آهن. تهذيبون نسلن جي روحن جي تخليق هونديون آهن. اسين جڏهن لکندا آهيون، پڙهندا آهيون، اشاعت ۽ واپار ۾ مصروف هوندا آهيون تڏهن تارن ۽ بجليءَ جون لهرون قومن ۽ ثقافتن کي پاڻ ۾ ملائينديون آهن ۽ ساري دنيا کي وحدت جي رشتي ۾ ڳنڍينديون آهن.

تهذيب لاءِ موت ضروري نہ آهي، تي سگهي ٿو تہ اها انسان کان پوءِ بہ زندھ رهي ۽ ڪنهن وڏيڪ اعليٰ مخلوق جي ميراث ٿئي.

**آمريڪا جو آئيندو:**

ان سلسلي ۾ وڌيڪ گفتگو ڪرڻ لاءِ لازمي آهي تہ اسين يورپ، ايشيا ۽ آمريڪا جي باري ۾ جدا جدا گفتگو ڪيون ڇاڪاڻ جو اسان يورپ تي نظر وجهنداسين تہ يورپ جي جدا جدا ملڪن ۾ اسان کي گهڻو فرق نظر ايندو. قدرت انگلستان ۽ يورپ جي ٻين ملڪن جيئن روس ۽ ٻين مغربي ملڪن کي جدا جدا نموني نوازيو آهي، ترڪيءَ تي ان جي ٻي جوانيءَ ۽ اٽلي تي سندس نئين دور ۽ اتساهيندڙ غرور جي صورت ۾ نوازشون ٿيون آهن، ان نئين دور ۾ تي سگهي ٿو تہ اٽلي ايپي نائنز Apennines جي تيز وهڪرن تي بند وجهي بجلي پئدا ڪري ۽ دولت سان ايڏي مالامال ٿئي جو نندي پيماني تي هڪ ٻي نشاة الثانيہ جو خرچ پري سگهي.

ساڳئي نموني ۾ روس جيڪڏهن پنهنجن ڪيترن هارين کي صعنتي سکيا ڏيئي انهن کي زمين مان معدني خزانا ڪڍڻ جي ڪم تي لڳائي ۽ اهڙيءَ طرح هڪ مستحڪم نظام قائم ڪري تہ جيڪر هو دنيا جي وڏي طاقت سمجهيو وڃي ۽ جرمني جي انفرادي ۽ اجتماعي صحت هن کي ان قابل بنائي جو هو هڪ وار وري دنيا جي قيادت سنڀالي ۽ انگلستان جي ٻي مثال سياستدانن جيڪڏهن اقتصادي قانونن جو ڪو چڪر هلائي بچاءَ جو رستو نہ ڳولهيو تہ پوءِ آهستي آهستي انگلستان جو پرڏيهي واپار ختم ٿي ويندو جنهن جي ڪري هن کي اندروني ناداري ۽ غربت کي منهن ڏيڻو پوندو ۽ فرقيواريت جي جهيڙن ۾ پنهنجي قوت وڃائي ويهندو ۽ طاقتور ٿيندڙ مشرق کيس برداشت تہ ڪندو پر هن کي اهميت حاصل نہ هوندي.

سيني قومن جي تقدير بابت پڪ سان ڳالهائڻ ڏکيو آهي، ڪيترن ئي قومن جو آئيندو ڪيتريون ئي صورتون اختيار ڪندو، پر جيڪڏهن اسان کي ملڪن جي تقديرن تي ڳالهائڻو آهي تہ پوءِ اسان چئي ٿا سگهون تہ انگلستان ۽ فرانس نقصان ۽ جرمني ۽ روس فائدي واري صورتحال ڏانهن پيا وڃن. يورپ پنتي پيو هٽي، ايشيا اڳيان پيو وڌي

۽ آمريڪا بالغ ٿيو ٿئي، اها تبديلي آهستي آهستي پئي اچي. هن صديءَ جي ختم ٿيڻ تائين چين يورپ جي ڪنهن بہ ملڪ جي برابر صنعتي ترقي ڪري چڪو هوندو ۽ آمريڪا واپار مان ثقافت، دولتمندي مان ادب ۽ آرٽ ۽ سياستدانيءَ کان سياسي تدبر ڏانهن وڌي چڪو هوندو.

اسپينگلر جو اهو چوڻ صحيح نہ آهي تہ ڪاروباري دور زوال جي شروعات هوندو آهي. ڪاروباري دور زراعت سان واسطو رکندڙ رئيسيت جو زوال آڻيندو آهي ۽ ان جي جاءِ سرمائيداريت وٺندي آهي: ڪاروبار ڀهراڙين جي هڪ هنڌ ٻيئل ثقافت جي تبديليءَ جو عبوري دور هوندو آهي ۽ ان کي پيريڪلين Periclean جي ايٿنز، آگسٽس Augustus جي روم ۽ ميڊيسي Medicean جي فلارنس جي متحرڪ ثقافت ۾ مٽائيندو آهي، انهن شهرن ۾ ڪاروبار جي گرم بازاري هئي ۽ اهي جاگيردارن جي اثر کان آزاد ٿي چڪا هئا، انفرادي ڪوشش، تجارت ۽ ثقافت، اهي هڪ وڌندڙ تهذيب جا مرحلا آهن ۽ هر مرحلو لازمي آهي، ان کان اڳ جو ماڻهو شاعري ڪن، بت گهڙين ۽ موسيقي ۽ فلسفو تخليق ڪن، لازمي آهي تہ هو هر هلائي ميدان کي تيار ڪن، پوکي ڪن، معدنيات کڍن، گهر ناهن، رستا تعمير ڪن، مشينون هلائن تہ جيئن دولت وڌي ۽ تخليقي ڪم لاءِ واندڪائي ملي سگهي، زندگيءَ کي بهرحال اوليت حاصل آهي!

اها اسان لاءِ چڱي ڳالهہ ٿيندي جيڪڏهن اسين اهڙي دولتمنديءَ تي شرمسار ٿيون جنهن ۾ ادب ۽ آرٽ نہ هجي، اهڙي شرمساري اسان ۾ چپندڙ اُتساهہ پئدا ڪندي جيڪو ٿي سگهي تہ اسان کي دولت سان تهذيب جي تعمير لاءِ تيار ڪري، پر ثقافتي ڪمتريءَ جو احساس ڪٿي اسان لاءِ بيماري نہ بڻجي پوي. اها چڱي ڳالهہ آهي تہ اسان يورپ جي ڪليسائن ۽ عجائب گهرن جي تعريف ڪندا آهيون ۽ اسان ان جي ظلم ستم، ان جي مذهبي تعصب، انجي فوج ۽ فوج ۾ زوري ڀرتيءَ کي نہ ڏسندا آهيون، اها بہ سٺي ڳالهہ آهي تہ اسان جي نظر رڳو آمريڪا جي دولت تي نہ آهي جنهن تي يورپ جي هر شهريءَ جي نظر هوندي آهي، (۽ هر اديب ان مان ڪجهہ حصو حاصل ڪرڻ جو خواهشمند

هوندو آهي) پر هن جي دولتمندن جي تعليمي سخاوت، هن جي شهرين جي بيمثال تجسس ۽ سندن علم ۽ ادب جي شوق تي بہ نظر آهي.

اسپينگلر ڪڏهن بہ آمريڪا نہ آيو، هن هڪ اهڙي ڪنڊ جي پسمنظر ۾ ويهي لکيو جيڪو جنگ جي بخار ۾ مبتلا هو ۽ جنهن شايد تہ جنگ جا زخم سڀ ڪان وڌيڪ کاڌا هئا. هو ڏسي نہ سگهيو، تہ آمريڪا ۾ زوال جي نشانين ڪان وڌيڪ جوانيءَ جون علامتون ۽ خاميون آهن. هرڪو ڄاڻي ٿو تہ تاريخ جي ڪنهن بہ مثال مطابق اسان ڪچي وهيءَ ۾ آهيون، اٽڪل ٽي سو ورهيہ ٿيا جو زيارتي هتي آيا هئا ۽ اٽڪل ڏيڍ سو سال ٿيا جو هتي پهرين حڪومت قائم ٿي هئي، هڪ ڪچي وهي واري ملڪ ڪان فن يا اعليٰ ذوق جي اميد رکڻ ائين آهي جيئن نوجوانن ڪان مابعدالطبعيات يا سياسي ساڃاهہ جي اميد رکڻ. جوانيءَ جي اوسر ۾ خاميون بہ هونديون آهن ۽ گناهن جي فخريہ نمائش بہ ڪئي ويندي آهي.

آمريڪا ڪان اڳ تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن تهذيب کي ايڏو وسيع اقتصادي بنياد نصيب نہ ٿيو آهي، اُتساهيندڙ آب و هوا جيڪا هر هڪ مند ۾ تبديل ٿيندي ٿي رهي، آباد زمينون جيڪي پوکيءَ جي جديد طريقن سان سؤڻ ٽي وڌيڪ فصل ڏيئي ٿيون سگهن، زمين جي تهن ۾ لڪل معدنيات ۽ تيل، ريل گاڏيون جن جي تيز رفتاري دنيا ۾ مثالي آهي، بحري رستا جيڪي ريل گاڏيءَ جي ڪري ايتري ترقي ڪري نہ سگهيا آهن ۽ جن جي ترقيءَ جا تمام گهڻا امڪان آهن، جديد ڪلن وارا ڪارخانا، بيمثال سيڙپڪار، سياح ۽ هواباز جيڪي هوائن ۾ شاعري پيا تحرير ڪن، اهڙي حڪومت جيڪا سائنس جي حمايتي آهي ۽ سياسي تدبر تي حاصل ڪري، سوال آهي تہ اسان ان اعليٰ خوشحاليءَ کي ڇا ڪنداسين؟

ٿي سگهي ٿو تہ اسان ان خوشحاليءَ سان تباهہ ٿي وڃو ان ڪري اسان کي پنهنجن روحن جي ڀلائيءَ خاطر پاڻ کي هر هر اهو باور ڪرائڻ گهرجي تہ رڳو دولت جي ڪري ڪا قوم اعليٰ نہ بڻبي آهي. خوشحالي گهر کي ناهڻ جي بدران خاندان کي تباهہ بہ ڪندي آهي، فن جي سرپرستي ڪرڻ جي بدران حڪومت بداخلاقي بہ سکندي آهي،

ڏاهپ جي بدران طاقت، خوش اخلاقيءَ بدران بد تهذيبي، خوش ذوقيءَ جي بدران عياشي، خوشحالي اسان کي تخليق ڪرڻ واري يونان جي بدران زوال وارو روم بڻائي سگهي ٿي. انهن بنهي مان آمريڪا کي ڇا ٿيڻو آهي؟ اسان جي هن جدا جدا نسلن سان آباد ٿيل گهر جو ڇا ٿيندو؟

ميڊيسن گرانٽ سچ چيو هو ته يورپ جي حڪومتن پنهنجن جيلن ۽ پاڳل پاخنن ۾ رهڻ وارن کي هن بي پرواهه، شاهوڪار ۽ مهمان نواز ملڪ جي حوالي ڪري ڇڏيو... اهڙين ڳالهين ۾ اڌ سچ هوندو آهي... هتي لڏي آيل ڪي شاهوڪار ته ڪي مجرم هئا، ٻئي طبقا اهم هئا ۽ ٿي سگهي ٿو ته بنهي هڪ ٻئي جو پيشو اختيار ڪيو هجي. ماحول ۽ آب و هوا نسلي ورثي تي تمام گهڻو اثر انداز ٿيندا آهن، انڪري اهو چوڻ ڏکيو آهي ته انهن شاهوڪارن ۽ ڏوهارين مان ڪنهن پنهنجي پنيان سنو نسل ڇڏيو آهي يا ڪنهن جي نسل اسان جي ترقيءَ لاءِ وڏيڪ ڪوشش ڪئي آهي.

اينگلو سيڪسن نسل هاڻي هار پيو کائي، ميونسپل جي چونڊن ۾، شهري اخلاقيات ۾، ادبي فيشن ۾ هن جي اڳوڻي برتري ختم ٿي ٿئي. هن پنهنجن رفيقن جي پيٽ ۾ گهڻ ٻارپئدا ڪيا ۽ سمجهيائون ته سندن نسلي چڱايون سندن برتري کي قائم رکڻ لاءِ ڪافي آهن. پر وقت هنن کي شڪست ڏني. هنن جي نسل جي نچ هجڻ جي ڪري اسان جي ثقافتي تاريخ ۾ جيڪو نيو انگلينڊ وارو دور آيو هو اهو ختم ٿي ويو. هاڻي شايد ته ڪيترن سالن تائين هتي لڏي اچڻ وارا ايمرسن جهڙو انداز يا نيو انگلينڊ وارن گهراڻن جي تهذيب ۽ وقار حاصل ڪري نه سگهندا جيستائين ڪو نئون نسل تهذيب جي پڪي وهيءَ تي پڄي تنهن کان اڳ غير مهذب انداز ۽ جنڪي ٻولين وارو دور ايندو آهي، تنهن کان پوءِ نئون نسل پئدا ٿيندو آهي ۽ شايد ته اسان وٽ نئين نسل جي پئدا ٿيڻ سان ڪا نئين زبان ۽ ڪو نئون ادب پئدا ٿئي. پونچ سمنڊ وارو جذباتي ۽ فنڪاراڻو سياءُ جڏهن غير شڪاراڻي ۽ خشڪ سياءَ سان ملندو ته ان سان اسان اهو ڪي حاصل ڪري سگهنداسين جنهن جي اسان کي ضرورت آهي، ۽ تهذيب جي ان وهڪري ۾ ٻين نسلن ۽ قومن جي ماڻهن جو ڀاڱي به پوندو، اسان وٽ

اهڙو نسل پئدا ٿيندو جيڪو اسان جي سرزمين وانگر وسيلن ۾ شاهوڪار هوندو، جنهن جي نسلي ڪثرت ۾ وحدت هوندي. اها ان قوم لاءِ ضروري آهي جيڪا دنيا جي تهذيب جو ورثو ماڻڻ ۽ ان کي قائم رکڻ تي گهري، جيئن يورپ ۾ جنگ ۽ انقلاب سان بربريت موٽي آئي آهي، ائين آمريڪا لڏپلاڻ ۽ جمهوريت جي ڪري وحشي ٿي پيو آهي. پر اسان وٽ هن نئين نسل ۽ نئين ثقافت جي جنم جو عمل شروع ٿي ويو آهي. اسان جي تقدير جيئن مارڪسي ٿا مڃن، رڳو اقتصادي حالتن جي هٿن ۾ نه آهي پر اسان جي صنعت، حڪومت ۽ سوچ جي اڳواڻن جي هٿن ۾ به آهي، انهن کي چونڊ ڪرڻي آهي.

سٺي قانون سازي اسان کي سوچ ۽ اظهار جي آزادي ڏيئي سگهي ٿي جنهن سان اسان پڪ ڪري سگهون ٿا ته روم واري وحشت پٺي واري دور جو ورجاءُ نه ٿيندو. عقلمند قيادت کي گهرجي ته ڪارخانن سان پئدا ٿيندڙ خرابين کان بچاءُ جا اُپاءَ وٺي، پورهئي جا ڪلاڪ گهٽائي، ڪوئلي ۽ غلاظت جي بدران بجلي استعمال ٿئي، ڪارخانن کي شهرن مان ڪڍي ٻاهر ميدانن ۾ ڪٺي وجي ۽ عمارتن جي ظاهري حسن سان گڏ انهن جي اندرين روشني ۽ دوستاڻي ماحول جو به خيال رکي. گهرجي اخلاقي معيار ۽ ماڻهن جي ذهنن ۽ جسمن جي صحت بحال ڪري جيڪي شهر جي ڪري مريض ٿي چڪا آهن، عقلمندي واري فراخدليءَ سان قوم جي ثقافت کي بلندي بخشي ۽ انجي تشهير ڪري، اسان جي تعليمي ادارن جون ضرورتون پوريون ٿيڻ گهرجن ۽ ننڍي مان ننڍي ۽ وڏي مان وڏي اداري ۾ پڙهائڻ وارن جو پگهار وڌڻ گهرجي. تعليمي تجربن ۾ ڪا به رنڊڪ نه هجي، هزارين مقابلن ۽ انعامن ۽ لکين وظيفن سان شاگردن ۾ مقابلي، مطالعي ۽ تعليم لاءِ اتساهه پئدا ڪرڻ گهرجي. تحقيق ۽ سائنس کي پوري آزادي هجي پر سائنس جي فوجي ۽ صنعتي استعمال تي پابندي هئڻ گهرجي. اسان جي تجارتي ادارن پاران عمارت سازن کي اسان جون تجارتي گرجائون ۽ واپار جي مرڪزن جا مندر پنهنجي اعليٰ فنڪاريءَ سان ناهڻ جي آزادي هجي ته جيئن اسان جي دور جي عمارت سازيءَ کي پنهنجي شناخت ملي، اسان جي عظيم محسنن کي گهرجي ته هو ماڻهن

ڪي تعليم ڏين ۽ روز شام جو مهذب بٹائيندڙ موسيقي هوا ۾ وکيرن. مان هي لفظ پيو لکان ۽ هينئين منزل مان موسيقيءَ جون لهرون پيون اُٿن، اها بيٿوون جي موسيقي آهي جنهن جهڙي موسيقي آسمان وري تخليق ٿيندي نہ ڏٺي. اهو ڪيڏو نہ وڏو معجزو آهي تہ هڪ اهڙي شخص جي دل جو آواز جنهن ڪي مُئي گهڻا سال ٿي ويا آهن، زمان ۽ مڪان کي اورانگهي ماڻهن کي صحت ۽ زندگي ٿو بخشي. اها عظيم الشان موسيقي آهي جنهن ۾ هڪڙي دور جو سمورو درد، تمنائون ۽ نرمي سمايل آهي.

موسيقي پوري ٿي ۽ ٽيليفون جي گهنٽي ٿي وڄي، هڪڙو دوست ان روحاني حسن جي باري ۾ ڳالهائڻ ٿو چاهي جيڪو آسمان مان هن جي گهر تي نازل ٿيو آهي، ۽ هڪ اهڙي مري ويل شخص جي رات جي اونداهي واري پراسرار سفر جي باري ۾ ڳالهائڻ ٿو گهري، جنهن ۾ هن هزارين بي نور اکين کي روشني بخشي ۽ هاڻي ڪمرو تاڙين جي آواز سان پيو گونجي جن سان ماڻهو ان عظيم فنڪار کي خراج عقيدت پيا پيش ڪن.

اچو تہ اسان بہ پنهنجن دلين کي شڪراني جي ان احساس ۽ تجسس جي جذبي جي ان گونج ۾ شامل ڪيون.

باب سترهون

# سياست جو فلسفو

## آزاديءَ جي ساراهه ۾

### شراب ۽ آزادي

تمام گهڻ ماڻهن ان عجيب ڳالهه کي محسوس ڪيو آهي ته دنيا جي سياست ۽ اقتصاديات ۾ قدامت پرستي وڌي آهي پر مذهب، اخلاق، سائنس، فلسفي، ادب ۽ فن ۾ آزادي تمام گهٽي وڌي آهي جڻ ته ٻئي هڪٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن، اسان پنهنجي لاءِ اهڙن حاڪمن جي چونڊ ڪئي آهي جيڪي صنعت جي ديوتائن جا نمائندا آهن، ۽ اسان وقتي طور مالڪ ۽ مزور جي لاڳاپن جي نئين تجربي جي امڪان کي وساري ڇڏيو آهي ۽ اسان انهن سرڪاري ڪامورن کي الوهين واري مجتا ڏني آهي جن ۾ سڀ کان وڏي خوبي بزدلي آهي. اسان باغين ۽ مصلحن کي ايڏي حقارت سان تا ڏسون جو انهن کي هاڻي ظلم جي لائق به نٿا سمجهون، دنيا جي ملڪن جا گاديءَ جا هنڌ ۽ حڪومتون احتياط جي آڌو بي وس ٿي ويا آهن ۽ اتي جيڪڏهن ڪا تبديلي اچي ٿي ته رات جي اونداهيءَ ۾ اوچتي ٿي اچي. پر حيرت جي ڳالهه آهي ته سرڪار وٽ نواڻ کي ڪا غيراخلاقي شيءِ سمجهي نظرانداز ڪيو تو وجي جڏهن ته شهرن ۾ اخلاق ۽ ادب ۾ نواڻ تمام گهٽي آهي. پراڻي عقيدي ۽ اخلاقي قدرن کي ائين رد ڪيو تو وجي جو پراڻي جڳ جي ماڻهن تي اخلاقي ڪنبٽي طاري ٿي ٿي وجي ۽ ڪا پوڙهي آگر اشارو ٿي ڪري ته سماج بادشاهي روم وارو ٿي ويو آهي.

سائنس سمجهي ٿي ته اُن قدامت تي فتح حاصل ڪئي آهي ۽ سرشاريءَ ۾ ان مشيني عقيبدي ڏانهن پئي وڌي جيڪو زندگيءَ ڪانسواءِ هر شيءِ سان انصاف ڪري سگهي ٿو. نوجواني گهوڙي تي سوار آهي، اها دولت سان نوازيل آهي، ۽ ڪيس موقعا ميسر آهن، هن جي هٿ ۾ قلم آهي جنهن سان هوءَ اخبارن جو پيٽ ٿي ڀري، ادب هر

مجيل اصول ۽ پهرين قائم ٿيل مثال کي ٽوڙي ٿو. جرائت واري ادبي تجربي جي وڏي ۾ وڏو نقاد تعريف ٿو ڪري ۽ ڪوبہ شخص ڪلاسيڪي ادب جي تعريف ڪري نٿو سگهي، شاعري ۽ مصوريءَ ۾ انقلابي تبديليءَ جو رواج آهي، جيئن سياست ۾ رجعت پسندي ۽ رواجي صلاحيتن جي قدردانيءَ جو رواج آهي، اسٽيج ماڻهوءَ جي جسم جو آسماني حسن ڳولهي لڌو آهي. ڪپڙا جمالياتي لحاظ کان فنڪاراڻي اوگهڙ جا مظهر آهن. ۽ شراب جيڪو ڪڏهن رسوائيءَ جو سبب هو هاڻي هر گفتگو جي محفل ۾ موجود آهي ۽ هر گهراڻي لاءِ فخر جو باعث آهي، اهو رياست جي با اختياريت ۽ فرد جي آزاديءَ جو عجيب ميلاپ آهي.

اسان ان ڪِل جهڙي صورتحال جي ڪيئن وضاحت ڪيون، ان صورتحال جو ڪنهن حد تائين هڪ سبب دولت آهي، جيڪا اسان کي سياست ۾ بزدلاڻي قدامت پرستي ۽ اخلاق ۾ انقلابي بي ڊپائي تي عطا ڪري، جڏهن ڪيسا دولت سان پريل هجن تہ پوءِ تياڳ ايڏوئي ڏکيو هوندو آهي، جيڏو انقلابي تيڻ ڏکيو هوندو آهي، پارسائي زهر سان ڪانہ مئي آهي سون ۽ چانديءَ سان مئي آهي. اها حالت گهڻي قدر اسان جي دلين جي متضاد ڪيفيتن مان پئدا ٿي آهي، اسان جو روح آزاديءَ جي سرشاري بہ گهري ٿو تہ ساڳئي وقت مضبوط نظام بہ جنهن ۾ هو تحفظ حاصل ڪري سگهي، هڪ ئي وقت طاقت جي تحفظ ۽ ڊپ ۾ رهندي پنهنجي آزاديءَ تي فخر بہ ڪندو آهي، تہ پوليس تي اعتماد بہ ڪندو آهي، ڪڏهن اسين انارڪسٽ ٿي ويندا آهيون ۽ ڪڏهن آمرن جا ڳڻ ڳائيندا آهيون. آمريڪا ۾، جيڪا آزادي ۽ سورهين جي سرزمين آهي، اسان آزاديءَ کان ٿورا ڊنل هوندا آهيون، اسان جا وڏا اخلاقي معاملن ۾ روايت پرست هئا پر سياست ۾ آزاد خيال هئا. اخلاق جو احترام ڪندا هئا پر رياست سان جهيڙيندا هئا. اسان رياست کي خدا ٿا سمجهون پر اخلاق کي ڪا اهميت نٿا ڏيون. اخلاق جي معاملي ۾ اسان لذت پرست آهيون پر رياست جي لکين قانونن جي تابع بہ آهيون، اسان سياست ۾ غلام آهيون ۽ شراب نوشيءَ ۾ آزاد آهيون.

هيءَ ڳالهه سچ پچ تہ انڪشاف آهي تہ جڏهن ڪو آمريڪي آزاديءَ جي ڳالهه ڪندو آهي تہ سندس اشارو ذهن ڏانهن نہ پر پيٽ ڏانهن هوندو آهي، ڪيترا ورهيہ اڳ آمريڪا جي فيڊريشن آف ليبر انقلاب جو ڏڙڪو ڏنو هو. ان جو سبب آزاد واپار نہ هو پر شراب تي پابندي هو. اڄ آمريڪي شهريءَ جو آزاديءَ جو تصور اهو آهي تہ هر شريف ماڻهوءَ کي شراب پيئڻ جي آزادي هئڻ گهرجي ۽ هر عورت پوريءَ طرح آزاد خيال هجي. هن کي ان ڳالهه سان واسطو ڪونهي تہ هڪڙي پولش مهاجر کي ميسا چيوسيٽيس Massachu Settes جي عدالت ان ڳالهه تي ذري گهٽ ڦاسي تي ڏني جو هن پراڻي عقيدي تي شڪ ڏيکاريو هو يا پينسپسلونيئا Panneslvania ۾ پُر امن جلوس کي فوجي رستي روڪي ڇڏيو هو، يا ان ڳالهه سان تہ پوڙها جيڪي قدامت پرستيءَ جا نمائندا آهن ۽ جيڪي ڪراڙپ جي احساس ۽ ڊپ کي باراڻي دينداريءَ سان ختم ڪرڻ گهرندا آهن. اهو قانون منظور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ حياتيات جي سائنس تي قانوني پابندي وڌي وڃي ۽ ڊارون کي قانون سازيءَ سان ڪوڙو ثابت ڪيو وڃي. هنن لاءِ جي شراب پيئڻ جي آزادي هجي ۽ سوچ جي آزادي نہ هجي تہ ان سان ڪو فرق نٿو پوي. شراب نوشي پهريان ۽ فلسفو پوءِ آهي.

قانون اسان ڪان اسان جي آزادي نٿو ڪسي، ذهني سستي تي ڪسي، تعليم جي مقرر ڪيل معيارن، ماڻهن جا هجوم ۽ اجتماعي تحريڪون اسان کي شخصيت، ڪردار ۽ انفرادي سوچ ڪان ٽيون محروم ڪن. جيئن گروهہ وڌندا ٿا وڃن تيئن فرد مِنبا ٿا وڃن، اظهار جي وڌندڙ وسيلن نقل ۽ پيرويءَ کي سولو بڻائي ڇڏيو آهي ۽ اسين سڀ وڏي تيزيءَ سان هڪ جهڙا ٿيندا ٿا وڃون. اسان کي، نباس، اٿڻ ويهڻ، اخلاق، گهر جي اندروني سجاوت، اسان جي هوٽلن ۽ اسان جي ذهنن جي يڪسانيت سان، مزو ملندو آهي. ڪهڙي خبر تہ اسان جي اخلاقي آزادي نقالي نہ هجي ۽ شراب بہ سوزاڪ وانگر شايد انڪري پسند ڪيو ٿووڃي جو ان ڪانسواءِ مڙد کي مڙد نٿو سمجهيو وڃي.

ٿوري گهٽي بغاوت جمود ڪان بهرحال بهتر آهي، تي سگهي ٿو تہ آزاديءَ جو اهو نشو اسان جي ذهن ۾ داخل ٿئي ۽ اسان سوچڻ شروع

ڪيون، اها سٺي ڳالهہ آهي تہ اسان قانون جي زور تي اخلاق کي مڙهڻ جي مخالفت تا ڪيون. ماڻهوءَ کي اُتساهيندڙ ۽ سڪون بخشيندڙ شراب کان رڳو انڪري جهلڻ، جو شراب جي نشي ۾ ڪي ماڻهو غلط سلت هلندا آهن، حڪومت جي نا بلوغت جي نشاني آهي. حڪومت ٻن چئن بيوقوفن کي جهلي نٿي سگهي ۽ سڀني کي بيوقوف ٿي بنائي. تهذيب شراب کان سواءِ ناممڪن آهي، تهذيب پاڻ تي ضابطو رکڻ کانسواءِ ناممڪن آهي، ۽ جتي آزادي نہ آهي اتي پاڻ تي ضابطو رکڻ ممڪن نہ آهي. موشڪو چيو هو تہ اهي شيون جن کان خودداري اسان کي جهلي ٿي انهن کان جيڪڏهن قانون نہ جهلي تہ ماڻهو انهن کان جهل ۾ اچي وڃي. اسان جيڪڏهن شراب گهٽ پيئڻ جي تشهير ۽ تلقين تي انهن پئسن جي اڌ جيترا پئسا خرچ ڪيون ها جيڪي اسان شراب تي پابندي وجهڻ تي خرچ ڪيا تہ هن مهل تائين اسان ساري قوم کي، نشي کان نفرت ڪرڻ واري قوم بنائي ڇڏيون ها.

هاڻي اچو تہ ٿوريءَ دير لاءِ انهن جون ڳالهيون بہ ٻڌون جيڪي هر قسم جي آزادي جا دعويدار آهن، شايد هنن جي ڳالهين سان اسان ۾ اتساهہ ۽ همت پيدا ٿئي ۽ اسان پنهنجا ڳٽپ کان ٻاهر قانون وساري آزادي جي انهن پرستارن سان گڏ گهمي سگهون.

اڄ جنهن سماجي نظام ۾ ماڻهو رهن ٿا اهو گهڻي ڀاڱي قانون جو نتيجو نہ آهي پر ان جو سرچشمون سماج جا اصول ۽ انساني فطرت آهي. اهو نظام حڪومت جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ بہ هو ۽ جيڪڏهن حڪومت ختم ٿي وئي تہ بہ رهندو. هڪ ماڻهوءَ جو ٻئي تي ڀاڙڻ، هڪ جو ٻئي ۾ مفاد، انساني تعلق جي زنجير ٿو ناهي. اهو سڀ معاشرو پاڻ لاءِ ٿو ڪري پر ان کي حڪومت سان منسوب ڪيو ٿو وڃي. اهو ڪير آهي جنهن ههڙي بيمثال جرائت ۽ سادگيءَ سان اهڙيون ڳالهيون لکيون آهن. اهي ڳالهيون ٽام پين Tompaine نالي جرات مند انسان لکيون آهن جيڪو ٻن انقلابن جو مبلغ ۽ ٻن ڪنڊن ۾ معمار هو. آمريڪا جو والٽيئر جنهن انگريزي زبان ۾ هن صديءَ جي ترجماني تي ڪئي جيڪا روشن خياليءَ جي صدي آهي. عقل جي دور ۾ جڏهن اقتصادي طاقت بيڪار رئيسن جي هٿن مان نڪري وچولي طبقي جي

هٿن ۾ آئي تہ هر پراڻي روايت ڀڄي پري پئي. هر پراڻي رسم ٽٽي پئي ۽ ماڻهوءَ جو ذهن جيڪو وهمن ۾ جڪڙيل هو آزاد ٿي ويو ۽ ماڻهوءَ پهريون دفعو پنهنجو پاڻ کي محسوس ڪيو. پراڻي زماني کان حڪومت ڪندڙ بوربن گهراڻي جي حڪومت، رڳو نالي ماتر هئي. سماج ۾ هر معاملي ۾ شڪ ڪيو ٿي ويو ۽ پادري بہ فيشن طور عقلمنديءَ جون ڳالهيون ڪندا هئا. گرجا شهرن ۾ پنهنجو اثر وڃائي چڪي هئي رڳو ٻهراڙين ۾ سندس اثر هو. هر مڃيل اصول تي تنقيد ٿي ٿي. قانون جي گرفت ڍلي ٿي وئي هئي. فن ۽ معيار کي بنان ڪنهن دٻ داءُ جي رد ڪيو ٿي ويو. هي اهو زمانو هو جنهن ۾ روسيو، رياست کي خرابي چيو ۽ جيفرسن اعلان ڪيو تہ اها حڪومت سڀ کان سٺي آهي جيڪا گهٽ ۾ گهٽ حڪومت ٿي هلائي. هي دور فرد جو دور هو.

انساني تاريخ جي شروعات کان وٺي انسان اجتماعي پابندي جي خلاف پاڻ پتوڙيو آهي. انسان جي فطري بربريت هر قانون کي پنهنجو دشمن سمجهيو آهي. روسيو چيو هو: "قانون انهن لاءِ فائديمند آهي جن وٽ ملڪيت آهي ۽ انهن لاءِ نقصانڪار آهي جن وٽ ڪجهہ ناهي. قانونن ڪمزورن تي نئون بار وڌو ۽ طاقتور کي وڌيڪ طاقت ڏني ۽ انسان کان فطري آزادي هميشہ لاءِ کسي ورتي. جائداد ۽ اڻ برابريءَ واري ورڇ کي ازلي ۽ ابدي بنايو. مال ڦٻائڻ واري چالاڪ عمل کي ڦٻائڻ وارن جو حق بڻايو ۽ سموري نسل جي ڳچيءَ ۾ مصيبت ۽ مزوريءَ جي غلاميءَ جي پاڃاري وڌي. سڀ انسان آزاد پئدا ٿيا هئا پر هاڻي هو هر هنڌ زنجيرن ۾ آهن.

غور ڪرڻ جهڙي ڳالهہ هيءَ آهي تہ انقلاب جي ان صديءَ ۾ آزاديءَ لاءِ جيڪا ٻڪ ۽ اُڃ جاڳي هئي تنهن ان صديءَ ۾ وڌندڙ وچولي طبقي جي سوچ تي جيڪو اثر ڪيو، ان جو اظهار انارڪزم جي صورت ۾ ٿيو. ايڊم سمٿ Adam smith جيڪو هڪ عزت دار انگريز هو تنهن جي بقول "قومن جي دولت" جو مدار فرد جي آزاديءَ تي آهي. ميرابيو Mirabeau ۽ ٻين مفڪرن جو خيال هو تہ فطرت کي ڇڏي ڏجي تہ اها صنعت ۽ واپار جو انتظام هلائي. هربرٽ اسپينسر Herbert spencer،

بينٿم Bentham ۽ اسٽوئرٽ مل Stuert Mill وارن آزاد روايت جي پيروي ڪندي، رياست کي گهٽائيندي گهٽائيندي هڪ ٻڙيءَ تي پهچائي ڇڏيو ۽ چيو تہ حڪومت رڳو ماڻهن جي ملڪيت جي چوڪيدار آهي.

سياست جي نظريہ سازن وچولي طبقي جي آزاديءَ جي طلب کي انڌي منطق سان اڳتي وڌايو. ان طبقي هاڻي جاگيردارن جي محصولن، خانداني بادشاهن ۽ اميراڻي خودپسنديءَ مان جان ڇڏائڻ تي گهري. جيڪڏهن صنعت ۽ واپار لاءِ آزادي فائدي واري هئي تہ پوءِ سياست ۽ اخلاق ۾ بہ آزاديءَ ضروري هئي. گوڊِون Godwin کي يقين هو تہ انساني فطرت قانون کان سواءِ ملڪ جو انتظام هلائي سگهي ٿي. سڀ قانون منسوخ ڪري ڇڏجن تہ انسان پنهنجي فطرت ۽ ذهانت ۾ اها ترقي ڪندو جيڪا هن پهريان ڪڏهن نہ ڪئي هئي. هن جي انهن خيالن کي شيلي ان وقت شاعريءَ ۾ آندو جڏهن هو پاڻ انهن خيالن کي رد ڪري چڪو هو ۽ شيلي سندس ڌيءَ سان انهن خيالن تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اهو بہ نہ سوچيائين تہ فلاسفر جو اهو حق آهي تہ وڏيءَ عمر ۾ هو پنهنجي سوچ تان دستبردار ٿئي. حب الوطن فڪتي فرد جي انفرادي ارادي کي ڪائنات جو بنياد ۽ بلندي چيو ۽ هر حقيقت کي هڪ اهڙي ذهن جي ايجاد سڏيو جنهن جو خارجي شين سان ڪو تعلق نہ هوندو آهي. اسٽرنر جنهن کي ڇوڪرين جي اسڪول ۾ پڙهائڻ جي ڏڻ تہ سزا مليل هئي تنهن پنهنجو پاڻ کي اهڙي ڪامل انسان جي تصور سان آڏت تي ڏنو جيڪو رياست جي جبر کان آزاد هوندو. هن چيو فرد جي آزاديءَ تي پابنديون وجهڻ، هن کي مطيع ڪرڻ ۽ هن کي عام ماڻهوءَ جي سطح تي رکڻ کان سواءِ رياست جو ٻيو ڪو مقصد ڪونهي. رياست ان صورت ۾ قائم رهندي آهي جڏهن فرد بي اختيار هوندو آهي. نٽشي جنهن دعويٰ ڪئي هئي. تہ هن ڪڏهن بہ اسٽرنر کي نہ پڙهيو آهي، اسٽرنر جي ڳالهہ کي ورجائيندي چيو:

”دنيا ۾ ڪٿي نہ ڪٿي (زرتشت چوي ٿو) اڃا انسان موجود آهن پر اسان وٽ رڳو رياستون آهن، دنيا ۾ جيتريون بہ بلاؤن آهن انهن ۾ رياست سڀ کان وڌيڪ بي حس بلا آهي. هوءَ بي حسيءَ سان ڪوڙ ڳالهائيندي آهي. ڪوڙ هر وقت هن جي وات مان نڪرندو رهندو آهي.

مان جيڪا رياست آهيان عوام آهيان. اهو نسورو ڪوڙ آهي. خالق اهي هئا جن عوام جي تخليق ڪئي ۽ انهن کي هڪ عقيدي ۽ محبت جي رشتي ۾ ڳنڍيو، اهي خالق زندگيءَ جا خدمتگار هئا. پر اهي ماڻهو تخريب جا باني آهن جيڪي ماڻهن لاءِ ڄار وڇائيندا آهن ۽ ان ڄار کي رياست جو نالو ڏيندا آهن. پر نيڪي ۽ بديءَ جي هر ٻوليءَ ۾ رياست ڪوڙي آهي. جيڪي هوءَ چئي ٿي اهو ڪوڙ آهي، جيڪي هن وٽ آهي اهو قبايل آهي. جتي رياست ختم ٿي ٿئي اتان ان انسان جي شروعات ٿي ٿئي جيڪو اجايو ماڻهو نہ آهي. جتي رياست ختم ٿي ٿئي اُتي ٿوري نظر وجهو، ڇا اُتي اوهان کي ڪامل انسان جي انڌلٺ جي پل نظر نٿي اچي."

اهڙي مطلق آزاديءَ جي خواهش عالمگير آهي ۽ ان ۾ ڪٿي بہ رخنو پوندو نظر نہ ٿو اچي. سقراط جي شاگردن ۾ جيڪي بد مزاج هئا فطري زندگيءَ کي قانون تي ترجيح ڏيندا هئا. آرسٽيپس Aristippus وانگر سندن مڃڻ هو تہ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جا آقا يا غلام نہ ٿيون ۽ راهبن وٽ مال ملڪيت تہ ڪونہ هوندو هو پر انساني ناتن ۾ سندن ويساهہ هو اهي ڌرتيءَ تي جنت ڏسڻ جا خواهشمند هئا، جنهن ۾ شين جي گڏيل مالڪي هئي ۽ جتي ڪنهن بہ قسم جون قانوني پابنديون نہ هيون. شروع وارن عيسائين ۾ ڪنهن بہ معاملي ۾ طاقت جي استعمال کان جهل هوندي هئي ۽ جيستائين دولت جو دور نہ آيو هو سڀ دوستيءَ جي ڳانڍاپي ۾ ٻڌل هئا. مذهب جي اصلاح واري دور ۾ عيسائي آزاديءَ جا علمبردار هئا ۽ شاديءَ کي ختم ڪرڻ کي جنت حاصل ڪرڻ لاءِ پهريون قدم سمجهندا هئا. فرانس واري انقلاب ۾ مرات Morat ۽ ببوف آزاديءَ جي صبح ۽ رياست جي شام جو اعلان ڪيو هو. پروڌون Proudhon لکيو آهي تہ انسان جي انسان تي ڪهڙي بہ حڪومت، غلامي آهي. سماج جو ڪمال، انتظام ۽ انارڪيءَ جي ميلاپ سان حاصل ٿي سگهي ٿو. ڪنهن سماج ۾ انسان جو انسان تي اختيار ايترو ئي گهٽ يا وڌ ٿيندو جيتريون هن ذهني ارتقا جون منزلون طي ڪيون هونديون."

انقلابي روس ۾ ٽالسٽاءِ حڪومت جي تشريح ڪئي هئي ته حڪومت، جائداد جي مالڪن جو ٽولو آهي جيڪو پنهنجي جائداد بچائڻ لاءِ وجود ۾ آيو آهي ته جيئن انهن ماڻهن کان جائداد کي بچائي سگهن جيڪي ان جا ضرورتمند هوندا آهن. بيڪونين Bakunin جيڪو پنهنجي دولت، پنهنجو اميراڻو رتبو ڇڏي Nihilisl تنظيم ۾ شامل ٿيو تنهن چيو ته 1900ع تائين تعليم ايتري عام ٿي ويندي جو رياست جي ضرورت ڪانه رهندي ۽ ماڻهو رڳو فطرت جي قانونن جي پابندي ڪندا. ڪروپوٽڪن Kropotkin شهزادو، جيڪو عزت دار ۽ انارڪسٽ هو، تنهن اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته آزاديءَ واري تصوراتي جنت ۾ مردن ۽ عورتن کي ساري ڏينهن ۾ رڳو هڪ ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت پوندي ۽ ڪنهن حد تائين ثابت ڪري ڏيکاريائين ته انسان جو انسان سان فطري تعاون هر مضبوط سماجي تنظيم جو بنياد آهي، جيڪو هر سياسي مجبوريءَ کان وڌيڪ صحتمند ۽ مؤثر آهي. انگلستان ۾ وليئم مورس William Morris حڪومت جي تشريح ڪئي ته اها هڪ وڏنڊڙ عدم آهي، جتي پارليامينٽ جي ايوانن کي بهشت جو پاڻ گڏ ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. ”موجوده صورتحال واري آمريڪا ۾ ايمرسن سرحدي ماڻهوءَ جي خوداعتماديءَ جي تشهير ڪندي چيو: ”منهنجي لاءِ پنهنجي فطرت جي قانون کان سواءِ ڪو قانون مقدس نه آهي ۽ منهنجي نظرن ۾ رڳو اهو حق محترم آهي جيڪو مون کي فطرت عطا ڪيو آهي.“ وِٽمين Whitman چيو آهي، ”حڪومت ان وقت جي تياريءَ جو نالو آهي جڏهن ماڻهو پاڻ تي پاڻ حڪومت ڪندا. ٿوريو Thoreau پنهنجي سهڻي پينسل گهڙيندي خوشيءَ مان چيو: ”مان خوشيءَ سان ان اصول کي قبول ڪيان ته اها حڪومت بهترين آهي جيڪا حڪومت نٿي ڪري. ماڻهو جڏهن اهڙي حڪومت لاءِ تيار ٿيندا تڏهن هنن کي اها حڪومت ملي ويندي.“

## انارڪزم:

اسان آزاديءَ جي دليريءَ واري ان مسلڪ لاءِ ڇا چئون. اجتماعي نظام ڪيتريقدر فطري آهي ۽ قانون جي ٽيڪ کان سواءِ ڪيترو هلي سگهي ٿو. ماڻهوءَ کي ڪيتريءَ حد تائين آزادي ملي سگهي ٿي.

انساني معاملن ۾ مصنوعي شيءِ جي اصليت فطري هوندي آهي ۽ هر فطري شيءِ جي اوسر مصنوعي هوندي آهي. اظهار فطري آهي پر ٻولي مصنوعي آهي، مذهب فطري آهي پر گرجا مصنوعي آهي. سماج فطري آهي پر رياست مصنوعي آهي. قانون جي پابندي انساني جبلتن مان پيدا نہ ٿيندي آهي. پر زبان ۽ ديني رسمن وانگر سماج ۽ تعليم مان حاصل ٿيندي آهي. ماڻهوءَ جي اندر ۾ قانون ۽ خواهشن جي وچ ۾ هميشہ ڇڪتاڻ رهندي آهي. انڪري ڪنهن مصنوعي ۽ تڪليف ڏيندڙ پابنديءَ کي جڏهن ڪو سماج جي مرضيءَ سان ٽوڙيندو آهي تہ ڪيس خاص مزو حاصل ٿيندو آهي. اسان فطريءَ طرح بدانتظاميءَ کي پسند ڪندا آهيون پر تعليم اسان کي انتظام ۾ رهڻ سيکاريندي آهي.

بيشڪ تہ اسين پنهنجن روحن جي درگاهن ۾ قانون کي نہ مڃيندڙ وحشي آهيون پر فطريءَ طرح اسان انتظام هيٺ رهڻ ۽ فضيلت سان جيئڻ جي خلاف نہ آهيون. سماج ماڻهوءَ ۽ حيوانن کان بہ اڳ ۾ آهي. هيناهين سطح جا ساهہ وارا بہ گڏجي رهندا آهن. هنن ۾ پاڻ ۾ ڪم جي ورڇ جو بہ رواج آهي. ڪئلين ۽ ماکيءَ جي مکين جي زندگي فطرت جي ڪم جي ورڇ جو وڏو مثال آهي. انهن ۾ ڪم جي ورڇ جي اصول جي ڪري فطرت سندن جسماني جوڙجڪ ۾ فرق پيدا ڪندي آهي پر ضرورت مطابق ڪن جانورن سان اهو اصول لاڳو نہ بہ ٿيندو آهي. جيئن ڪتو، جيڪو گوشت خور جانورن مان آهي پر پوءِ بہ رلڻو ملڻو ۽ نرم طبعيت جو جانور آهي. جنهن جي ڪري سڀ ڪيس پسند ڪندا آهن. ٻارون ٿو چئي تہ همادرياس باندرَ ڪيئان ڳولهڻ لاءِ پٿر اٿلائيندا پٿلائيندا آهن ۽ جڏهن ڪين ڪو وڏو ڪيئون نظر ايندو آهي تہ سڀ ان جي چوڌاري مڙي ان کي کائيندا آهن. خطري جي وقت ڍڳا ڳئن ۽ ڳابن جي ڌڻ کي وچ ۾ بيهاري انهن اڳيان بيهي سندن بچاءُ ڪندا آهن. گهوڙا بہ خطري جي وقت مٿا پاڻ ۾ ملائي، ڄنگهون ٻاهر ڪري دائرو ناهيندا آهن. ڳال قوم وارا بہ جنگ مهل عورتن کي وچ ۾ رکندا هئا (نيپوليئن جي ذهن ۾ بہ شايد ڪمزورن جي بچاءَ واري ڳالهہ هئي جو مصر جي اهرامن جي جنگ ۾ هن حڪم ڏنو هو تہ گڏهن ۽ پروفيسرن کي وچ ۾ رکيو وڃي) شايد تہ بچاءَ لاءِ ٻڌيءَ سان ئي

حيوانن ۾ گڏ رهڻ ۽ حيوانن مان ئي ماڻهن ۾ سماجي جبلت پئدا ٿي. ائين پنهنجو پاڻ پئدا ٿيل، گڏ رهڻ جي جبلت مان جيڪڏهن خانداني سهڪار کي شامل ڪجي ته پوءِ گڏيل نظام ۾ رهڻ جي ڳالهه وڏيڪ واضح ٿي ويندي. ڊارون ٿو چئي ته ماڻهوءَ ۾ سماجيت واري جبلت، ٻار ۾ ان وقت ٿي پئدا ٿئي جڏهن هو ماءُ پيءُ جي نيپاج ۾ ٿو رهي. انسان جي برادري تاريخ جيتري پراڻي آهي. ان هزارين لڪل تنظيمن ۽ گروهن ۾ اجتماعيت ۽ ياٽپيءَ جو احساس پئدا ڪندي آهي. دنيا ۾ شايد ئي ڪو اهڙو مئل روح وارو وحشي هجي جنهن ماڻهن سان تعلق ۽ ڳانڍاپي جي ضرورت محسوس نه ڪئي هجي. فطري ياٽپيءَ سان گڏ ماءُ پيءُ جي پرگهور اسان کي هڪٻئي سان سهڪار لاءِ اُتساهيندي آهي جيڪو همدردي ۽ محبت وانگر فطري ۽ ماءُ پيءُ جي تحفظ وانگر عالمگير آهي. ڪانٽ ان ڳالهه تي حيران هو ته دنيا ۾ جيتري رحمدلي آهي ايتري ئي انصاف جي گهٽتائي آهي. اهو شايد ان ڪري آهي ته رحمدلي فطري رحمدلي آهي جڏهن ته انصاف جو تعلق شعور ۽ عقل سان پئدا ٿيندو آهي اهوئي سبب آهي جو عورتون مردن جي ڀيٽ ۾ گهٽ انصاف پسند پر وڏيڪ رحمدل هونديون آهن.

سماجيت انهن فطري ۽ اقتصادي بنيادن تي اُسري فرد ۾ اجتماعي عادتون پئدا ڪندي آهي جيڪي آخرڪار ماڻهوءَ جي ٻي فطرت بڻجي ويندي آهي ۽ اها فطرت ڪنهن به قانون کان وڌيڪ ماڻهوءَ کي انتظام جي پابندي ڪرائيندي آهي. اسان جيترو وڌيڪ جيئرا رهون ٿا اوترو وڌيڪ ماڻهن سان رلڻ ملڻ پسند ڪيون ٿا ۽ پاڙيسرن جو وڌيڪ خيال رکون ٿا. ٻين جي وڌيڪ اهل ڪيون ٿا، عزت دار وڌيڪ ٿيون ٿا. رسمن رواجن جي وڌيڪ پابندي ڪيون ٿا. خواهشن تي مڙهيل سماجي پابندين جو وڌيڪ احترام ڪيون ٿا جيڪي اسان جي.عادت بڻجن ٿيون ۽ جن تي تهذيب طاقت کان وڌيڪ ياڙي ٿي.

ڪابه منظم نفسياتي قوت، فرد کي اجتماعي رشتن ۾ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. شروع ۾ گرجا ماڻهن کي ايتريون نصيحتون ڪيون جو انهن جو ٿورو ڪي گهڻو اثر اڄ گرجا جي طاقت گهٽجڻ کان پوءِ به قائم آهي. جيئن جيئن ماءُ پيءُ ۽ گرجا جا اختيار گهٽبا ويا

اسڪول جو اثر وڌندو ويو. ظاهريءَ طرح ته اسڪول فرد کي اقتصادي ۽ فني ڪاميابين لاءِ تيار ڪندو رهيو. پر اندر خاني اسڪول فرد جي فطرت کي به بدلائيندو رهيو ته جيئن هو ارسطوءَ جي چواڻي ان حڪومت لاءِ ڪارائتو ثابت ٿئي جنهن ۾ هو رهي ٿو. اسڪول فرد ۾ سوسائٽيءَ جون ڪي خاص عادتون داخل ڪندو آهي ۽ تاريخ جون اڳهاڙيون حقيقتون لڪائيندو آهي، هن کي ماضي اعليٰ ۽ عظيم نظر ايندو اهي ۽ هو پنهنجي ماضيءَ جي عظمت ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ قربانيون ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. پر جي اسڪول اهو ڪم نه ڪري يا ماڻهو لڏپلاڻ جي ڪري اسڪول کان اهو اثر وٺي نه سگهي. ته پوءِ پريس اهو ڪم ڪندي آهي. مشيني ايجادون شهرين تائين خبرون پهچائينديون ۽ خبرن ۾ لڪل ڳالهيون سندن ذهنن ۾ داخل ڪنديون آهن.

اسان جڏهن انسان جي فطرت کي بدلائيندڙ انهن قوتن جو جائزو ٿا وٺون ته خبر ٿي پوي ته اهي قوتون ماڻهوءَ جي ڪردار کي سڌارڻ ۾ ايڏو وڏو ڪم ٿيون ڪن جو انهن جي هوندي اخلاق کي سڌارڻ وارن قانونن جي ضرورت ئي ڪانه ٿي رهي. جيڪڏهن ان معاملي کي وسيع پسمنظر ۾ ڏسنداسين ته خبر پوندي ته فرد جو وجود ته آهي ئي ڪونه رڳو سماج جو وجود آهي. گمپلووڪز Gumplowicz چيو آهي ته ماڻهو پاڻ نه سوچيندو آهي پر هن جي اندر ۾ اها سوسائٽي سوچيندي آهي جنهن جو هو حصو هوندو آهي، فرد جو ضمير سوسائٽيءَ جو آواز هوندو آهي. اعليٰ ماهر نفسيات نيپوليئن چيو هو ته ماڻهو اخلاقي ۽ مادي حالتن جي پئداوار آهي. حياتياتي ورثي جي ڪري اسان پنهنجي حيواني ماضيءَ سان ڳنڍيل آهيون ۽ سماجي ورثي جي ڪري اسان سوسائٽيءَ جي اخلاقي روايتن کي پنهنجو پاڻ ۾ داخل ڪيون ٿا ۽ اهڙيءَ طرح اسان پنهنجي انساني ماضي سان ڳنڍيل آهيون. سماج کي قائم رکڻ جون قوتون اسان ۾ ايتريون ته رچيل آهن جو اسان کي رياست جي مصنوعي اخلاق جي ضرورت ئي ڪانهي.

اهي قوتون جيئن ته ڪچي وهيءَ ۾ اسان تي اثر ڪنديون آهن انڪري ڪوبه صحيح دماغ وارو ماڻهو انهن کان پاڻ بچائي نه سگهندو

آهي. اسان جڏهن پنهنجي دور ۾ پنهنجي ملڪ جي اخلاقي اصولن کان ڇڄي ڌار ٿيندا آهيون تہ اسان جي حالت ملڪ بدر ٿيل ماڻهوءَ جهڙي دردناڪ هوندي آهي ۽ پوءِ جڏهن ٿانيڪا ٿيندا آهيون تہ اها ئي واٽ وٺندا آهيون جيڪا ماضيءَ جي ڏيکاريل هوندي آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجي سوسائٽيءَ جي طور طريقن ۽ اصولن کي اختيار ڪندا آهن ۽ اجتماعي زندگيءَ ۾ پوريءَ طرح رلي ملي ويندا آهن اهي ڏاڍا خوش رهندا آهن ۽ ان مان کين محبت کان بہ وڌيڪ سرور ملندو آهي. اجتماعي زندگي وسيع ۽ عظيم هوندي آهي. اها فرد کي مجبور ڪندي آهي. تہ هو ڪنهن معمولي معاملي لاءِ پنهنجي انفراديت کان دستبردار ٿئي. ڪنهن نئين ڳالهہ ۾ بہ هن کي نواڻ نظر نہ ايندي آهي ۽ اها نئين ڳالهہ بہ ڪيس ڪنهن پراڻي ڳالهہ جو نئون ورجاءُ لڳندي آهي ۽ پوءِ نيٺ هن لاءِ ماڻهن جو هجوم هڪ وجود ٿي ويندو آهي. اهڙي فرد جو سياءُ نرم ۽ اخلاق اعليٰ ٿي ويندو آهي ۽ قانون جون پابنديون ۽ سزائون بي معنيٰ ٿي وينديون آهن ۽ اهڙي طرح اسين وقتي طور انهن خوفناڪ انارڪسٽن جا هم خيالي ٿي ويندا آهيون جن کي اسان جلاوطن ڪندا آهيون، جيل ۾ وجهندا آهيون ۽ ڦاهي ڏيندا آهيون.

### آزاديءَ جون مشڪلاتون:

اسان کي اها ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ آزاديءَ جي ان فلسفي ۾ گهٽيون اوڻائيون آهن. پهرين تہ اهو فلسفو ڏاڍي جي ان ڏاڍائيءَ جو اندازو لڳائي نٿو سگهي، جيڪا ڏاڍائي، رياست کي جنم ٿي ڏي. جيڪڏهن رياست نہ هجي تہ ڏاڍائي، بنان هبڪ جي علي الاعلان جبر ۽ افراتفريءَ واري حڪومت قائم ڪري ڇڏي. ان ۾ تورو بہ شڪ ناهي تہ تهذيب ڪنهن حد تائين ظالم جي ظلم تي پابندي وجهي ماڻهن ۾ نظم ۽ ضبط پئدا ٿي ڪري، بين الاقوامي قانونن جي بيوسيءَ مان ظاهر ٿو ٿئي تہ طاقتور ملڪ ڏاڍائي ڏيکاريندا آهن ۽ ننڍا ملڪ اشراف هوندا آهن. سقراط آرسٽيپس کي چيو هو تہ ”جيڪڏهن ماڻهن ۾ رهين ۽ سوچين تہ اها چڱي ڳالهہ آهي تہ ماڻهن ۾ حاڪم ۽ محڪوم نہ هجن تہ تون ڏسندين تہ ڪيئن ٿا طاقتور ڪمزورن کي غلامن وانگر هلائن.“ هر نئين ايجاد طاقتور جا هٿ مضبوط ڪندي آهي ۽ بي اصول

سياڻا ماڻهو ان يجاد سان پاڻ کان گهٽ عقل وارن نيڪ ماڻهن کي پنهنجي تابع ڪندا آهن. زندگيءَ جي ڪُتيل ڪاروبار ۾ ترقي ظالم ۽ مظلوم جي وچ ۾ فاصلو وڌائي ٿي. اها هڪ ڪڙي حقيقت آهي ته سماج اعليٰ آدرشن جي بنيادن تي ناهي اُسريو. ان جو بنياد انساني فطرت آهي ۽ ماڻهن جا آدرش پنهنجي فطرت کي پنهنجو پاڻ کان ۽ دنيا کان لڪائڻ جي ڪوشش آهي ۽ وري سماجي سياءُ جنهن تي فطري نظام بيٺل آهي، انسان جي دولت ۽ غلبو حاصل ڪرڻ ۽ جنگ جي انهن جبلتن کان ڪمزور آهي، جن جي زور تي اسان جو اقتصادي نظام هلي ٿو. ايستائين جو آزاديءَ لاءِ دانهن به ان دل مان نڪرندي آهي جيڪا اصل ۾ طاقت جي بکي هوندي آهي. انسان جيڪو شڪاري حيوان آهي ان جي اِن فطرت جي ڪري ئي آزاديءَ تي پابنديون پيون آهن. جيڪي ماڻهو ڪمزور آهن اهي گهٽي حدٰ تائين اڪثريت جي سوچ جي اثر هيٺ، فرد جي آزاديءَ کي گهٽائڻ گهرندا آهن ته جيئن ظالم ۽ مظلوم جي ڇڪتاڻ انقلاب جي صورت اختيار نه ڪري. آزاديءَ جو پهريون شرط پابندي آهي. زندگي مخالف قوتن جي وچ ۾ توازن آهي. ماڻهو پنهنجن صلاحيتن جي لحاظ کان هڪ ٻئي کان ايترا ته مختلف آهن جو پابندين کان سواءِ هنن جا اهي فطري اختلاف ڪين ڪڏهن به نه بدلجندڙ طبقن ۾ ورهائي ڇڏن. فرانس جا ماڻهو نيپوليئن کي انڪري پسند ڪندا هئا جو هو آپي شاهه هو پر ان هوندي به جنهن ماڻهوءَ ۾ ڪا صلاحيت ڏسندو هو ته ان کي اڳتي وڌڻ جو موقعو ڏيندو هو ۽ هن ماڻهن ۾ هڪ بيمثال خوشحالي آندي ۽ هنن ۾ اهڙي برابري پئدا ڪئي جنهن کي ڪمزور ماڻهو آزاديءَ کان وڌيڪ سٺو سمجهندا آهن.

آزاديءَ جا دور وقتي هوندا آهن. روايتن جي پابندين ۽ نظم ۽ ضبط جي دورن ۾ آزاديءَ جو دور هڪ ڏکهي ساهي هوندو آهي. اها ساهي تيستائين قائم رهندي آهي جيستائين هڪٻئي جي اُبتڙ بن سرشتن ۾ ڇڪتاڻ شروع نه ٿيندي آهي. ان ڇڪتاڻ ۾ جڏهن هڪ سرشتو ڪامياب ٿيندو آهي ته آزاديءَ جي دور واري اها ساهي ختم ٿي ويندي آهي. آزاديءَ لاءِ ڪابه شيءِ انقلاب کان وڌيڪ هاجيڪار نه آهي. ڪنهن

بہ آدرش جو زوال تڏهن ٿيندو آهي جڏهن اهو عملي صورت اختيار ڪندو آهي.

آخر ائين ڇو ٿيو آهي تہ، جڏهن بہ تاريخ ۾ ماڻهن جو فطري اجتماعي نظام پاڻمرادو اپريو آهي جيئن ڪيليفورنيا ۽ الاسڪا ۾، تڏهن ٿوري وقت کان پوءِ اهو رياست جي جبر واري ۽ مصنوعي صورت اختيار ڪري ويو آهي. ان سوال جو جواب هڪ ٿي نٿو سگهي. پر ان جو اهو جواب تہ پڪ ٿي سگهيو تہ اڳ خاندان سماج جي پئداواري ايڪائي هو پر پوءِ ان جي جاءِ فرد ورتي. ظاهريءَ طرح تہ خاندان ٻار جي نيپاج جي فرض کان بہ آجو ٿي ويو. خاندان جي بزرگن جي ادب ۽ پائپيءَ واري وفاداريءَ بدران نئين دور جي انسان وطن پرستيءَ کي پنهنجو ديوتا ڪري مڃيو. پنهنجن جوابدارين جي ختم ٿيڻ جي ڪري خاندان ختم ٿيندو تہ وڃي. هاڻي رڳو خودپرست فرد بچيا آهن جيڪي هڪ گڏيل غلاميءَ ۾ خودمختيار آهن. غلامي ان وقت آزاديءَ لڳندي آهي جڏهن آقا ڏسڻ ۾ نہ ايندو آهي. ان سان گڏ شهرن ۾ وڌندڙ آدم جي ڪري پاڙيسرين جي هڪٻئي سان سٺي هلت واري روايت ختم ٿيندي ٿي وڃي. اها پاڻمرادو قائم ٿيندڙ اجتماعيت جو سبب هئي ۽ هاڻي فرد جي خود غرض بي نالي واري ميڙ ۾ ظاهر نٿي ٿئي. جتي فطري نظم ڪمزور هوندو آهي اُتي قانون سازي گهڻي ٿيندي آهي. رياست فطري نظام جي جاءِ پئي وٺي. جيئن وڏيون ڪمپنيون ننڍن واپارين جي ۽ ريل گاڏيون، ٽانگن جي جاءِ پيون وٺن. زندگيءَ جي وڌندڙ مونجهارن اسان کي هڪ وڏي منجهيل ڪُل جو جُزُ بڻائي ڇڏيو آهي ۽ اسان کان جُزَ واري اها خودمختياري بہ کسي ورتي آهي جيڪا اسان کي ان وقت حاصل هئي، جڏهن خاندان هڪ خودمختيار معاشي ايڪائي هو. سياسي ۽ صنعتي آزادي ختم ٿيندي ۽ اخلاقي افراتفري وڌندي ٿي وڃي. خاندان ۽ مذهب هاڻي سماجي نظام جو بنياد نہ رهيا آهن، انڪري انسان ۾ فطري نظم ۽ ضبط جي پڄڪڙي ڏينهون ڏينهن وڌندي ٿي وڃي جيڪا رڳو قانون جي مدد سان ختم ڪري سگهجي ٿي. صنعت ۽ رياست جي آزادي ختم ٿي وئي آهي ۽ هاڻي رڳو جنسي غدودن جي آزادي بچي آهي.

جيڪڏهن پئداوار جا اوزار اهي هجن ها جيڪي اسان جي بربريت جي سادگيءَ واري دور ۾ هئا، يعني بيلچو ۽ زمين جو ٽڪرو. ته رياست اهڙي خوفناڪ نه بڻجي ها جهڙي هاڻي آهي جو ماڻهن جون زندگيون تي ڳڙڪائي. هر ڪنهن شخص وٽ اوزار هجن ها ۽ هر ڪنهن زميني زندگيءَ جي حالتن تي قبضو هجي ها. هن جي آزادي هن جون معاشي ضرورتون پوريون ڪري ها ۽ هاڻي وانگر سندس سياسي آزادي سياسي مساوات وانگر بي معنيٰ نه هجي ها. ايجادون آزاديءَ کي وڏيڪ پيچيدو ۽ وڏيڪ قيمتي بنائي ڇڏيو. انسان جو قدر مشينون استعمال ڪرڻ ۽ انهن کي حاصل ڪري سگهڻ واري جي حيثيت ۾ ٿيڻ لڳو ۽ آخرڪار فطري عمل سان اوزارن جا مالڪ کي تورا ماڻهو وجي ٿيا. پاڻ تي ڀاڙڻ واري ڳالهه ختم تي وئي ۽ آزادي سياستدانن جو اهڙو قول تي وئي جنهن کي ماضيءَ جي نشاني سمجهي ان جي قبر تي ٻين قبرن وانگر گل چاڙهيندا آهيون.

اسان هر پاسي کان ترقيءَ جي وهڪري ۾ آهيون جيڪو اڳوڻي زماني واري آزاديءَ کي وهائي ڪٽي ويو آهي. اسان جا صنعتي لاڳاپا ايترا اهم آهن جو انهن کي انفرادي مالڪيءَ ۾ ڏيئي نٿو سگهجي. رياست جا ڪي وسيلا جيئن آمدورفت، ناڻو ۽ اظهار جا وسيلا، ايترا طاقتور آهن جو انهن تي قانوني پابنديون نه وڌيون وجن ته اهي شڪاري جانور وانگر ساري صنعت کي تباهه ڪري ڇڏين. ان حقيقت جي باوجود ته اسان جي دور ۾ هر ڪا رياست جانبدار ۽ ڪرپٽ آهي اهي وسيلا رياست جي قبضي ۾ هئڻ گهرجن. مال پئدا ڪندڙ ۽ خريدار جي وچ وارو تعلق غير ذميوار ماڻهن جي قبضي ۾ نه هئڻ گهرجي.

جڏهن مال جي ورڇ وارا ذريعا هر هڪ خريدار جي برابريءَ جي بنياد تي آجيان ڪندا ته پوءِ پئداوار ۽ ان جي استعمال جو تعلق ايترو آزاد هوندو جيترو انساني هوس برداشت ڪري سگهندي. معاشي بيمارين کا ڇُٽڻ ۽ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ وچ وارن انهن دلالن کان آجو ٿيڻ کان پوءِ جيڪي ڏيتي ليتي جي وسيلن کي محدود ڪندا تا رهن ۽ اسان جي صنعتي ترقيءَ لاءِ خطرو تا پئدا ڪن، اسان جي صنعت ترقي

ڪندي، انفراديءَ طرح ماڻهو آزاديءَ سان ڪوششون ڪندا. گڏيل سهڪار سان ورهاست جي وسيلن تي مالڪي ڄمائي ويهڻ وارن ڪان پنهنجو پاڻ ڪي محفوظ سمجهڻ لڳندا. انهن مرحلن ڪان پوءِ حاصل ٿيل آزادي وڌيڪ گهري ۽ پائيدار هوندي.

**جيفرسن جو آزاديءَ جو تصور:**

رياست جي حمايت ۾ اسان جيڪي به چيو ان ۾ ٿوري رعايت به شامل آهي ڇاڪاڻ ته جيفرسن جي حڪومت جي باري ۾ ان تصور ۾ ته مثالي حڪومت اها آهي جيڪا گهٽ ۾ گهٽ حڪومت ڪري. هڪ عجيب سادگيءَ واري ڪشش آهي جيڪا دل ۾ ائين لهي ٿي وڃي جو هر نئون قانون روح جي خودمختياريءَ جي توهين ٿو لڳي. نظم ۽ ضبط آزاديءَ جو وسيلو آهي. مقصد نه آهي، آزاديءَ جو پورو قدر ڪري نٿو سگهجي جو آزادي ترقيءَ جو هڪ اهم وسيلو آهي ۽ اسان ان جي اهميت جو اندازو لڳائي نٿا سگهون. گوئٽي چيو هو ته ”آخر ۾ شخصيت جي اهميت ئي سڀ ڪان وڌيڪ آهي.“ رياست ماڻهوءَ لاءِ آهي ماڻهو رياست لاءِ نه آهي. نسلي ورثي جو مقصد ماڻهن جي وچ ۾ جيڪو فطري تعاون آهي ان جي حفاظت ڪرڻ هو ۽ هر رواج ان ڪان اڳ واريٰ رواج جي ختم ٿيڻ جو نتيجو هوندو آهي، ارتقا اختلاف ۽ انقلاب سان ٿيندي آهي. اجتماعي ارتقا لاءِ ضابطي ۽ قانون سان گڏ ايجاد ۽ تجربو ضروري آهي تاريخ اعليٰ ذهن، ايجادن، غير شخصي قوتن ۽ سوچڻ جي صلاحيت ڪان محروم گروهن سان گڏ اڳتي وڌي ٿي.

جيڪڏهن اسان پنهنجي معاشي زندگيءَ جي حد بندي ڪرڻ تا گهرون ته پوءِ اسان ڪي ذهن جي آزاديءَ جي ان ڪان سؤڻ تي وڌيڪ حفاظت ڪرڻ گهرجي. اسان ڪي پنهنجي ذهني آزادي گهٽ ۾ گهٽ ايتري پياري هئڻ گهرجي جيتري حيوان ڪي پنهنجي جسماني آزادي پياري هوندي آهي. جانور ڪي قيد ڪجي ته هو آزاديءَ لاءِ پيو ڦٿڪندو آهي آزاديءَ لاءِ رستا ڳولهڻ لاءِ پڃري ۾ اچ وڃ پيو ڪندو آهي ۽ انهن رحم جوڳن ٻانڌي جانورن جي اکين ۾ آزاديءَ جي خواهش مايوسيءَ جي صورت ۾ نظر ايندي آهي پر اسين انهن لاءِ ڪابه همدردي

محسوس نہ ڪندا آهيون، شايد اسان جي ان بي رحميءَ جي ئي سزا آهي جو قدرت اسان ڪان اسان جي بزرگن واري آزادي ڦري ورتي آهي. اسان جا وڏا، حيوانن جو شڪار تہ ڪندا هئا پر انهن کي باندي بڻائي ان مان مزو نہ وٺندا هئا پر جيئن تہ اسان پاڻ قيدي آهيون ۽ پنهنجي قيدي هجڻ جي ڪا شڪايت نٿا ڪيون ان ڪري اسان ڪيئن ٿا انهن جانورن جي آزاديءَ لاءِ سندن ڏک جو اندازو لڳائي سگهون.

ان سلسلي ۾ چيني ٻوليءَ ۾ چوڻي آهي تہ ”جڏهن ڪا قوم گهڻا قانون ناهڻ شروع ڪري تہ سمجهون تہ اها قوم پوڙهي پئي ٿئي“، پراڻي زماني جا ٿيورين THURIANS ڪوبہ ناڪام قانون رٿڻ واري کي ڦاهي ڏيندا هئا جو هو آزاديءَ تي پابنديون وجهندو هو. ٻڌو آهي تہ آمريڪا ۾ قانون ناهڻ وارا سال ۾ اٽڪل سورنهن هزار قانون ناهيندا آهن. جي اها ڳالهہ صحيح آهي تہ پوءِ اسان چورن جي قوم آهيون ۽ اسان کي قانون جي نہ پر تعليم جي ضرورت آهي. ڪانگريس جا اجلاس امير توڙي غريب لاءِ ڏپ جو سبب هوندا آهن. اسان جي دلين ۾ آمريڪي صدر ڪُولج لاءِ جيڪو خاموش احترام آهي ان جو سبب اهو آهي تہ هو انگلستان جي بادشاهہ وانگر ڪجهہ نہ ڪندو هو ۽ رڳو پگهار وٺندو هو. هو جڏهن ڪنهن قانون کي ختم ڪندو هو تہ ماڻهو خوش ٿيندا هئا. تي سگهي ٿو تہ جيڪي قانون هو ختم ڪندو هو اهي سٺا هوندا هجن. پر قانون بهرحال قانون آهي ۽ قانون جي موت تي ڪوبہ ماتم نہ ڪندو آهي.

جيڪڏهن ان مان ظاهر ٿئي تہ اسان جي اڄڪلهہ جي اخلاقي غير قانونيت ۾ ڪا ايڏي خرابي ڪانهي جيڏي اهي ماڻهو ٿا سمجهن جيڪي ٻين کي نصيحت ڪري پنهنجي ضمير کي مطمئن ڪندا آهن، تہ پوءِ اها ڳالهہ صحيح آهي تہ اسان جي گهڻي ڀاڱي بداخلاقي ديانت جي شڪل اختيار ڪندي آهي. اسان پوڙها بہ پنهنجي نادار جوانيءَ ۾ عيبن وارا ڪم ڪندا هئاسين. اڪيلائيءَ ۾ گناهہ ڪندا هئاسين ۽ محفلن ۾ نيڪ ۽ پارسا ماڻهوءَ واري شڪل ناهي ويهندا هئاسين. اڄ جا نوجوان لِڪَ ڪرڻ جا ايڏا ماهر نہ آهن ۽ پاڻ هو پنهنجا گناهہ وڌائي ٻڌائيندا آهن. جيڪي سطحي هوندا آهن ۽ وقت گذرڻ سان ڏوپجي ويندا. تجربو

ماڻھوءَ کي پختو بڻائيندو ۽ کيس احتياط ۽ حياءُ ڪرڻ سيکاريندو آهي. اسان ماڻھن کي شراب پيئڻ کان جهلي نٿا سگھون. هنن کي رڳو ائين جهلي سگھجي ٿو تہ کين نہ جهلجي. جيڪڏهن اڄ اسان جي دور کان وڌيڪ اوگھڙ ٿي نظر اچي ۽ جنسي جذبي کي اُپارڻ واري ڳالھہ جنسي خيالن ۽ خوابن جي جاءِ ورتي آهي تہ پوءِ ڇا ٿي پيو. آهستي آهستي ماڻھن کي ان جي عادت ٿي ويندي ۽ يڪسانيت جي ڪري ان مزور نہ رهندو ۽ ماڻھن کي پنھنجن خواهشن کي اُپارڻ لاءِ وري اوگھڙ کي ڏڪڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي.

نوجوانن جي ان عاليشان بغاوت جي پيٽ ۾ پوڙها رڳو قانونن جي باري ۾ سوچي ٿا سگھن. هرڪو بزدل ۽ حاسد آواز آمريڪا جي قانون ناهڻ وارن کي وڏي واڪي ٿو چئي تہ اخلاق جي حفاظت ڪئي وڃي جو ڪن هوس پرستن خدا جي هنرمنديءَ جي شاهڪار کي ناپاڪ ڪري ڇڏيو آهي. تڪل ماڻھو مطالبو ٿا ڪن تہ پوليس کي اختيار ڏنا وڃن تہ هو هر فلم ۽ هر ڊرامي جي نمائش کان اڳ ان تي نظر وجهي پر اسان جي خيال ۾ تہ پوليس کي اڳ ۾ ئي اهي اختيار آهن تہ اها ناپاڪيءَ کي ختم ڪرڻ جي خدمت پوري ڪري جيڪا هوءَ پوري پئي ڪري ۽ نئين پابندين جي ڪا ضرورت ڪانهي، ان لاءِ ماڻھن جو عام رايو ئي ڪافي آهي، پر اهو ان صورت ۾ جو اُن کي قانون سازيءَ سان ڪمزور نہ ڪيو ويو آهي. عوام جو رايو ڪنهن بہ قانون کان وڌيڪ اثرائتو ٿي سگھي ٿو. هاڻي عين ان وقت جڏهن آمريڪا حقيقي معنيٰ ۾ پنھنجو ادب، پنھنجو فن ۽ پنھنجو ڊرامو پئدا ڪرڻ شروع ڪيو آهي تڏهن اسان کي پارسائيءَ جي لباس جي ضرورت محسوس ٿي آهي ۽ اهڙيءَ طرح اسان پنھنجي نالي تي هميشہ لاءِ باراڻي بيوقوفي ۽ تعصب جا داغ پيا هڻون. ياد رکڻ گھرجي تہ اسان لاءِ چارلس بيو ڪراموبل کان بهتر ثابت ٿيندو.

خوش قسمتيءَ سان انهن معاملن ۾ زندگي جوانن جو ۽ جواني زندگيءَ جو ساٿ پئي ڏي. ٿي سگھي ٿو تہ اسان جو اولاد خودڪشيءَ کي چڱو سمجھي. راندين کي فلسفي کان وڌيڪ اهميت ڏي ۽ شراب پيئڻ جا آداب پورا نہ ڪري، پر اسان کي انهن ڳالھين جو خيال ڪرڻ

جي بدران پنهنجي دور جي نوجوانن جي تندرستي ۽ سندن سٺي ذوق لاءِ سوچڻ گهرجي. جيڪڏهن وقتي طور ماڻهوءَ جو اخلاق خراب به ٿي پوي ته علم ۽ ڏاهپ ۾ واڌاري سان اهو سڌري سگهي ٿو. سقراط چيو هو ته اسان کي گهرجي ته اسان روڪيون نه پر سکيا ڏيون. اسان جيڪڏهن ٻين جو اخلاق سڌارڻ ٿا گهرون ته پهرين اسان کي پنهنجو اخلاق سڌارڻ گهرجي. مثال قائم ڪرڻ نصيحت کان وڌيڪ سٺو آهي. مثال جي آواز جي سامهون نصيحت جو آواز ٻڌڻ ۾ ئي نه ايندو آهي. اسان سماج لاءِ اهو سٺو ڪم ڪري سگهون ٿا ته اسين سماج کي زنجيرون وجهڻ جي بدران پنهنجن زندگين کي سهپ، تحمل ۽ خودداريءَ سان سينگاريون. هڪ شريف ماڻهو اخلاق جي معاملي ۾ رڳو پنهنجي دل تي هلندو آهي. اهو وقت ضرور ايندو جڏهن ماڻهو سمجهندا ته حڪومت جو سڀ کان وڏو فرض قانون ٺاهڻ نه پر تعليم ڏيڻ ۽ اسڪول ٺاهڻ آهي. هڪ عظيم سياستدان هڪ رهبر وانگر ڄاڻ وسيلي رهبري ڪندو آهي، روڪڻ ۽ فرمان جاري ڪرڻ سان ماڻهن کي انهن جي ٻيجڪڙي ڪرڻ لاءِ آماده نه ڪندو آهي. هن جو اصول هوندو آهي ته تعليم لاءِ ڪروڙين رپيا خرچ ڪبا پر زور زبردستيءَ لاءِ دمڙي به خرچ نه ڪبي.

رياست جيڪا امن پسند هارين تي ظالم ڌنارن جي حملن ۽ محصولن سان وجود ۾ آئي هئي اها حڪومت هاڻي وري شايد هڪ سربلند قوم جي عظيم رهبريءَ جو ذمو پاڻ تي کڻي جيئن اينٽونائينس ANTONINES جي دور ۾ ٿيو هو. اسان کي پنهنجي قوم کان ان ڳالهه لاءِ مايوس ٿيڻ نه گهرجي ته حڪومت هميشه سياستدانن جي هٿن ۾ رهندي. علم ۾ وڏو اضافو پيو ٿئي، ثقافتي سرمايو پيو وڌي ۽ انسانن ۾ پکڙجي. جلد ئي ماڻهو علم جي ڪوڙن دعويدارن کي برداشت نه ڪندا جن کي اسان ايتري عرصي کان برداشت ڪندا آيا آهيون. اسان جا ٻار اسان جي هنجن ۾ پلجي اسان کان وڌيڪ سٺي نموني ۾ پنهنجن حاڪمن جي چونڊ ڪندا. هو قانون ٺاهڻ وارن جي نه پر سٺن استادن جي ڳولها ڪندا. انتظام نه پر علم طلبيندا ۽ امن ۽ نظم زور زبردستيءَ سان نه پر ذهانت کي وسيع ۽ عام ڪرڻ سان قائم ڪندا.

## باب ارڙهون

# ڇا جمهوريت ناڪام ٿي آهي

جمهوريت، جنهن لاءِ مونٽسڪو MONTESQUIEU چيو هو ته ان جو اصول نيڪي آهي تنهن توپن ۽ بندوقن سان جاگيرداري نظام کي ٽڪرا ڪيو. جاگيردار شهسوارن کي پيادي فوج هٿان ماريو، جنگ ۾ آقا ۽ غلام کي برابريءَ جو درجو ڏنو ۽ پيٽاگورس کان پوءِ پهريون دفعو انگن کي اهميت ڏني. سِڪَن ۽ قرض سان واپار سولو بڻايو. تجارتي شاهراهن تي وڏا شهر آباد ڪيا ۽ بندرگاهن تي اهڙيون آباديون قائم ڪيون جن سان غلام هارين کي غلاميءَ جو گِٽُ لاهڻ ممڪن ٿيو. هڪ بيڪار رئيسيت جي پيٽ ۾ هڪ برجستو قومي تجارتي طبقو پيدا ڪيو جيڪو پنهنجي اقتصادي قوت مطابق سياسي اقتدار حاصل ڪرڻ جو خواهشمند هو.

والٽيئر ۽ روسيو هڪ وڏي تبديليءَ جا نقيب هئا. هنن جي آزادي، برابري ۽ ڀائيچاريءَ جي نعري جي لئي تي وچون طبقو پنهنجي سياسي برتريءَ لاءِ وکون وڌائڻ لڳو. هنن جنهن آزاديءَ جي ڳالهه ٿي ڪئي. ان جو مقصد جاگيرداري جبر ۽ بيگر کان نجات حاصل ڪرڻ هو. برابريءَ جو مقصد رئيسن ۽ پادرين جي لُٽ ۾ تجارتي طبقي جو ڀائيوار ٿيڻ هو ۽ اندازو آهي ته ان وقت ڀائيچاريءَ جو مقصد اهو هوندو ته سرمائيدار واپاري، ڪاسائي، نانوائي، مشعلون ناهڻ وارا، رئيسن ۽ پادرين جي محلن تائين پهچي سگهن. ان آزاديءَ جي دعويدارن ڪڏهن سوچيو به نه هو ته ان آزاديءَ ۾ عام ماڻهو ۽ عورتون به شامل هونديون. جمهوري نظريي جي خالق روسيو جو خيال هو ته عورتن ۽ جائداد نه رکڻ وارن ماڻهن کي سياسي اقتدار ۾ حصو نه ملڻ گهرجي. هن جي خيال ۾ اهي ٻئي طبقا عوام ۾ شامل نه هئا. فرانس جي انقلاب کان پوءِ جيڪا اسيمبلي ٺهي تنهن جيڪو آئين ناهيو ان ۾ ملڪ جي رڳو ٽي ڀاڱي چار مَرد آدمشماريءَ کي ووٽ ڏيڻ جو حق هو، پهريان آمريڪا جي ڪن

رياستن ۾ بہ ووٽ ڏيڻ لاءِ ٿوري کي گهٽي ملڪيت هجڻ لازمي هو. پر پوءِ اينڊريو جيڪسن ANDEREW JACKSON جي ڏينهن ۾ حالتون بدليون، جمهوريت جو مقصد شروع کان وٺي وچولي طبقي يعني ٻئي نمبر وارن بهترين ماڻهن جي حڪومت آهي.

جمهوريت جي ترقيءَ ۾ معاشي سببن سان گڏ کي ٻيا سبب بہ هئا جيئن پروٽيسٽن جي مذهبي اصلاح جي تحريڪ، اِن تحريڪ اُن باغياڻي انفراديت لاءِ رستو صفا ڪيو جيڪا انساني پاڻپيءَ جي جمهوري تصور ۾ پوشيده آهي. COPERNICUS وٺي ڊارون تائين سائنسدانن ۽ مفڪرن تعصب ۽ وهمن تي جيڪي حملا ڪيا انهن جي وڏي پئماني تي تشهير هنن مان جنت جو انڌو ويساه گهٽائي ڇڏيو ۽ هنن ڌرتيءَ جي جنت تي ويساه ڪرڻ شروع ڪيو جنهن ۾ داناءَ توڙي بيوقوف هڪ جيتري طاقت ۽ خوشي ماڻي ٿي سگهيا. صنعتي انقلاب ماڻهن جي حسب نسب جي بدران سندن حقيقي قوتن جو قدر ڪرڻ سيکاريو. حڪومتي خرچن بادشاهن کي مجبور ڪيو تہ هو واپارين سان چڱي هلت هلن ۽ اسيمبليءَ کي وڏيڪ طاقتور بڻائن. هڪٻئي جي مخالف طاقتور گروهن اقليتي گروهن کي ووٽ جو حق ڏياريو تہ جيئن سندن برتري وڌي. آقا پنتي هتيا تہ عوام اڳتي آيو. مڙد پنتي هتيا تہ عورتون اڳتي آيون هاڻي اها حالت آهي جو اسان سڀ ڌُبڻ ۾ قاتل آهيون ۽ سوال آهي تہ جنهن صورت ۾ اسان سڀ ان ڌبڻ ۾ قاتل آهيون تہ پوءِ اسان کي ان مان ٻاهر ڪير ڪڍندو.

يورپ ۾ جڏهن اهي سبب پئدا ٿيا هئا جن جي ڪري انگلستان، فرانس ۽ جرمني ۾ 1688- 1789ع ۽ 1918ع ۾ انقلاب آيا ۽ 1917ع ۾ روس جي انقلاب ۾ پهريون دور شروع ٿيو تڏهن آمريڪا جي جمهوري اوسر انهن انقلابن کي هٿي ڏني هئي. اسان جو 1776ع وارو انقلاب، جيڪو هاڻي ايڏو تہ پري آهي جوان جي پوريءَ طرح تشريح ڪري نٿي سگهجي، اها رڳو انگلستان جي بُينڪ جي جنگ نہ هئي پر اهو شايد تہ ٻاهران آيل رئيسيت جي خلاف وچولي طبقي جي جنگ هئي. اهو انقلاب ان سياسي زلزلي جو حصو هو جنهن اولهہ جي دنيا

جي سماجي سطح کي ڏوڏي ڇڏيو ۽ جاگيرداراڻي رئيسيت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري عوامي حڪومت جو بنياد وڌو.

جيئن يورپ ۾ هارين جي بغاوتن سرمائيدار طبقي کي جاگيردار نوابن تي برتريءَ کي سولو بنائي ڇڏيو، ائين اسان جي ملڪ ۾ واندي پيل زمين جي گهڻائيءَ وچولي طبقي جي اوسر کي آسان ڪري ڇڏيو ۽ آمريڪا لاءِ جمهوري نظام فطري ٿي پيو ۽ آمريڪا شروعات ئي هڪ جهڙائي ۽ آزاديءَ سان ڪئي. اشتراڪيت وانگر جمهوريت به شروعاتي مرحلن ۾ سولي لڳندي آهي پر پوءِ آرام وارين منزلن ۾ ڏاڍي ڏکي ٿي پوندي آهي. 1830ع ۾ ڊي ٽوڪيوِل DE TOCQUVILLE هتان جي اقتصادي مساوات ڏسي حيران ٿي ويو هو. انهن ڏينهن ۾ ڪانگريس کان زمين گهربي هئي ته سولائي سان ملي ويندي هئي پر هاڻي رڳو ڪارپوريشنز کي ٿي ملي، تڏهن هتي حقيقي جمهوريت هئي جو سياسي برابري ڪيتري قدر زمين جي مالڪيءَ جي برابريءَ تي ٻڌل هئي. اهي ماڻهو پنهنجي زمين تي پير کوڙي بيٺا هئا. هنن جي جمهوريت رڳو ووٽ تائين محدود نه هئي پر هو اهي ماڻهو هئا جن جيفرسن کي پنهنجو صدر بڻايو جيڪو ٿامر پين وانگر ڪٽر ۽ ان ماڻهوءَ جهڙو قدامت پسند هو جيڪو هر اڻويهن سالن کان پوءِ انقلاب گهرندو آهي. هي اُهي ماڻهو هئا جن ايمرسن جي خود اعتماد انفراديت ۽ وِٽمين جي عام ماڻهوءَ کي سربلندي بخشڻ جا بنياد فراهم ڪيا. هي ئي اُهي ماڻهو هئا جن يورپ ۾ آمريڪي شهريءَ جو اهو تصور قائم ڪرايو ته آمريڪي شهري، هوشيار، منفرد ۽ خودمختيار هوندو آهي. اڄڪلهه جي حالتن ۾ آمريڪي شهريءَ جو اهو تصور اهڙو ئي ناممڪن آهي جهڙو جيفرسن جو صدر چونڊجڻ.

انهن ڪانسواءِ ٻيا به سبب آهن، اسان جي ملڪ جي جمهوريت جي شروعاتي ڏينهن جي ڇٽا پيٽيءَ اسان جي شخصيت جي آزادي ۽ خود اختياريءَ کي وڏي هٿي ڏني، لڳي ٿو ته ان زماني ۾ هنرمند مزور اڄڪلهه کان وڌيڪ هئا. اڄڪلهه ته يورپ مان بي هنر هاري آمريڪا جي شهرن جي بي وس ۽ بي هنر هارين جي انگ ۾ واڌارو ٿا ڪندا وڃن. ان زماني ۾ ماڻهو رڳو مزور نه هئا پر ڪنهن هنر جا ڄاڻو به هئا جنهن

جي ڪري هنن کي پنهنجي الڳ پُراعتماد ۽ خودمختيار شخصيت هئي جيڪا اڄڪلهه اسان کي معياري تعليم ۽ اخبارن وسيلي حاصل ٿي ٿئي. ان زماني ۾ ٻهراڙين ۾ رهڻ وارن کي الڳ رهڻ جي ڪري انفرادي آزادي وڌيڪ حاصل هئي جنهن جي ڪري کين جمهوريت مان فائدو وٺڻ جو وڌيڪ موقعو مليو، بلڪل ائين جيئن هڪ قوم جي حيثيت ۾ عظيم سمنڊن جي حفاظت ۾ رهندي اسان کي آزاديءَ ۾ تحفظ حاصل آهي... اهي ۽ ٻيا سوين سبب هئا جن گڏجي آمريڪي جمهوريت کي حقيقي بڻايو.

**جمهوريت جو زوال:**

پر هاڻي اهي حالتون نہ رهيون آهن. واپار، هڪ جاءِ تان ٻي جاءِ تي مال ڍوئڻ جي وڌندڙ وسيلن، تباهي آڻيندڙ مشينن جي ايجاد، جن سان ٻين ملڪن تي حملو ڪرڻ سولو ٿي پيو آهي، جي ڪري اسان جي قومي علحدگي ختم ٿي وئي آهي ۽ جيئن تہ مال پئدا ڪندڙ، مال ورهائيندڙ ۽ مال استعمال ڪندڙ ٿيئي هڪٻئي جي ضرورت تي پيا آهن انڪري فرد جي شخصي آزادي ختم ٿي وئي آهي. هاڻي جڏهن ڪلون ٿيون ڪلن کي هلائن تڏهن هنرمند ماڻهو ورلي ٿا نظر اچن ۽ سائنسي انداز جي انتظام جي ڪري هنر جي حيثيت روزاني جي معمول واري ٿي پئي آهي. چناپيتي ختم ٿيندي ٿي وڃي ۽ هاڻي شايد اها رڳو موٽرن جي ڪاروبار ۾ رهندي، چناپيتي هڪ هٽيءَ ۾ بدلجندي ٿي وڃي. دڪاندار خود مختيار هو پر هاڻي مال ورهائڻ واري جي قبضي ۾ آهي. هاڻي هڪ مالڪ جو دڪانن جا سلسلا آهن، هڪڙي مالڪ جو هوٽلن جو سلسلو آهي تہ ٻئي جو جنرل اسٽورن جو، ايسٽائين جو ڪو ايڊيٽر جيڪو اخبار جو مالڪ بہ هوندو آهي ۽ ڪوڙ کي پنهنجي انداز سان پيش ڪرڻ گهرندو آهي، هاڻي اهو بہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. چاڪاڻ تہ هاڻي هرهنڌ هزارين اخبارون هڪ ئي ڪوڙ کي وڌيڪ سٺي نموني سان شايع ڪن ٿيون. ڪاروبار جي مئنيجرن سان گڏ بئنڪون ۽ ڊائريڪٽرن جو انگ گهٽبو ٿو وڃي. پر ماڻهن جي زندگين ۾ پورهي تي سندن اختيار وڌندو ٿو وڃي. جاگيردارن کان بغاوت ڪندڙ وچولي طبقي ۾ هڪ نيئن رئيسيت پئدا ٿي آهي،

برابري، آزادي ۽ پائپي هاٽي واپاري طبقي جا آدرش نہ آهن. وچولي طبقي ۾ بہ هر سال اقتصادي آزادي گھٽبي ٿي وڃي. جڏهن آزاد چٽا پيٺي. برابري ۽ اجتماعي پائپي ختم ٿيڻ شروع ٿئي تڏهن سياسي آزادي نظر جو فريب ۽ جمهوريت رڳو خواب بڻجي ويندي آهي.

هيءَ جيڪا تبديلي آئي آهي اها ماڻهن جي غلط ڪمن جي ڪري ناهي آئي (جيئن اسان جواني ۾ سمجهندا هئاسين) پر اقتصادي اوسر جي غير شخصي قوتن جي ڪري آئي آهي ماڻهو تڏهن آزاد ٿي سگهن ٿا. جڏهن هو طاقت ۽ صلاحيت ۾ برابر هجن پر ان صورت ۾ بہ هنن جي آزادي سندن برابريءَ کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي. نسلي ورثي جي ڪري ماڻهن جي طاقت ۽ صلاحيت ۾ جيڪو فرق هوندو آهي. ان سان سماجي ۽ مصنوعي فرق پئدا ٿيندو آهي ۽ هر نئين کوجنا ايجاد سان طاقت وڌيڪ مضبوط ۽ هيٺائپ وڌيڪ هيٺي ٿيندي آهي. برابريءَ ۾ هڪ غير برابريءَ وارو تعلق آهي جيئن تارازيءَ جي ٻن پڙن ۾ هوندو آهي جن کي مصنوعيءَ طرح برابري بڻايو ويندو آهي. جيئن تنظيم ۽ پيچيدگيون وڌنديون آهن تيئن برابري گھٽبي آهي. سماجي ارتقا لاءِ برابريءَ جو نہ هجڻ ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ ارتقا جو اهو عمل جدا جدا ڪم کي جدا جدا ماڻهن ۾ ورهائيندو آهي. صلاحيت ۽ اهليتن جي فرق کي ظاهر ڪندو آهي ۽ ماڻهن ۾ صلاحيتن جي فرق کي سوسائٽيءَ لاءِ ڪارائتو بڻائيندو آهي "برابري ٻن نظامن جي وچ ۾ عبوري دور جي هڪ منزل آهي جيئن آزادي ٻن بندوبستن جي وچ ۾ هڪ رستو آهي" ڏسو تہ آمريڪا جي اوائلي دور واري برابري ڪيئن هزارين اقتصادي ۽ سياسي فرقن جي هينان دبجي وئي آهي ۽ اجڪلهہ امير ۽ غريب جي وچ ۾ فرق ايڏو وڏي ويو آهي جيڏو روم جي تهذيب کان پوءِ، تاريخ جي ڪنهن بہ دور ۾ نظر نٿو اچي. ووٽ جي برابريءَ مان ڪهڙو فائدو جڏهن طاقت غير برابريءَ سان وراهجي ۽ سياسي فيصلا ماڻهن جي گھڻائيءَ جي بدران ڏالرن جي گھڻائيءَ سان ٿين.

اقتصادي غير برابري ۽ آزاديءَ جي ختم ٿيڻ سان ئي سياسي منافقت ۽ زوال جي شروعات ٿي. پر انهن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترا سبب هئا ۽ جيستائين اسين اهي سبب نہ سمجهنداسين تيستائين زوال جي

مسئلن کي پوريءَ طرح سمجهي نہ سگهنداسين. انکري ضروري آهي تہ انهن سببن جو مختصر جائزو وٺون. ان جو هڪ سبب سياست جي دائري جو وڌو ٿيڻ ۽ آمريڪا جي بينڪي راڄ جو وڌڻ آهي. جيتري رياست وڏي هوندي اوترو ئي شخصيت ۽ جمهوريت کي قائم رکڻ ڏکيو هوندو. چوندا آهن تہ پنجن ميلن تي جمهوريت مري ويندي آهي. جمهوريت شهرن لاءِ هئي جتي ماڻهو پاڻ وچي ووٽ ڏيئي سگهندا هئا. وڏين آبادين تي حڪومت ڪرڻ سولو آهي. چاڪاڻ تہ هنن کي جيڪي شڪايتون هونديون آهن. انهن لاءِ يڪراءِ ٿيڻ، قدم کڻڻ ۽ متحد ٿيڻ ڏکيو هوندو آهي. پيريڪلس PERICLES ۽ ڪيلئون CLEON جو جيتوڻيڪ بين ڳالهين ۾ هڪٻئي سان اختلاف هو پر هو ٻئي ان ڳالهہ تي متفق هئا تہ وڏن رياستن ۾ جمهوريت جو هلڻ ڏکيو آهي. وري ٿورو حڪومتن جي انتظامي ۽ معاشي طرح پيچيدي ٿيندڙ جوڙجڪ تي غور ڪيون. ڪو وقت هو جو حڪومت بادشاهہ، سندس درٻارن ۽ حرم تي ٻڌل هئي پر اڄڪلهہ هزارين اهڙن گروهن جي پاڻ ۾ ڳنڍ رهڻ جو سرشتو آهي، جيڪي پاڻ ۾ نهيل نہ هوندا آهن. ان سرشتي ۾ جن جو ڪردار گهٽو نہ هوندو آهي انهن کي بہ پورو وقت ڏيٽو پوندو آهي. اڄ جڄن جي عارضي ۽ واري وٽيءَ سان مقرري ۽ اڻ ڄاڻ ماڻهن جي اسيمبلين ۾ اُٻاهرن فيصلن جي ڪري بہ جديد رياست تي حڪومت هلائڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. انهن سببن جي ڪري ايٿنز جي ماڻهن کي خود اختياري ملي پر پوءِ ترت ئي جمهوريت کي قبر داخل ٿيڻو پيو. ساري دنيا ۾ فطري طريقو اهو آهي تہ هر جماعت، هر اداري ۽ پارليامينٽ ۾ مشين جون ڪلون پئدا ٿينديون آهن. جمهوريت ان گروهہ بندي لاءِ بنياد مهيا ڪندي آهي. ووٽ ڏيڻ وارا جيڪي اصل حاڪم هوندا آهن اٿي ۽ لٿي جي چڪر ۾ ڦاٿل هوندا آهن. هو انهن هزارين قسم جي مسئلن بابت ڪيئن باخبر رهي تا سگهن. جيڪي سندن جماعت، تنظيم يا اداري کي درپيش هوندا آهن. هو پنهنجي جماعت جي باري ۾ سوالن جا جواب ڏيئي نہ سگهندا آهن جو هنن کي خبر ئي ڪانہ هوندي آهي. جمهوريت بي خبر ماڻهن جي حڪومت جو نالو آهي.

جنگ ۾ جمهوريت سڀ کان پهرين مجروح ٿيندي آهي. ڊي ٽوڪيوِل DE TOCQUVILLE اڳڪٿي ڪئي هئي ته ان وقت آمريڪا کي جمهوريت تان هٿ کڻڻو پوندو. جڏهن هو پنهنجو پاڻ کي يورپ جي سياست ۽ جنگين ۾ ڦاسائيندو. ميڪالي چيو هو ته فوج خراب سالار جي ڪمان ۾ ته ترقي ڪري سگهي ٿي. پر بحث ڪندڙ سماج ترقي ڪري نٿو سگهي. مزور انجمنن جو گهڻو لاڙو به ٿورن ماڻهن جي حڪومت ڏانهن هوندو آهي جو اهي به هڪ نوع جون فوجي تنظيمون هونديون آهن، جن جو ڪم بچاءُ ۽ حملو ڪرڻ هوندو آهي. رجعت پرستن کي ان ڳالهه جي خبر هوندي آهي. ان ڪري هو ملڪ مان آدم گهٽائڻ لاءِ يا وري قومي اتحاد لاءِ جنگ شروع ڪندا آهن. جمهوريت جنگ جو علاج نه آهي پر جنگ جمهوريت جو علاج آهي. شايد اسان جا اڳواڻ جڏهن عالمي جنگ شروع ڪندا ته اهو علاج مستقل ٿيندو.

جمهوريت جي ناڪاميءَ جو آخري سبب جهالت آهي. ايمرسن چيو هو ته ”عوام جي ناداني هميشه طاقت کي بي ڊپو بڻائيندي آهي. جن ماڻهن ويهن سالن جي چونڊن جو معائنو ڪيو انهن جي راءِ صحيح ثابت ٿي آهي. جمهوريت جي نظريي وارن اها پڪ ڪري ورتي هئي ته انسان هڪ باشعور حيوان آهي. اها ڳالهه هنن پڪ منطق جي ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهي هوندي. انسان بنياديءَ طرح جذباتي حيوان آهي جيڪو ڪڏهن ڪڏهن سمجهدار به ٿي ويندو آهي ۽ پنهنجي جذبات جي ڪري هو وڏي آرام سان هزارين فريب به کائيندو آهي. ٿي سگهي ٿو ته لنڪن جو هي قول صحيح هجي ته اوهان سيني ماڻهن کي هر وقت بيوقوف بڻائي نٿا سگهو. پر اوهان هڪ وڏي اڪثريت کي بيوقوف بڻائي هڪ وڏي ملڪ تي حڪومت ڪري سگهو ٿا. هڪ اندازي مطابق هڪ منٽ ۾ ڌرتيءَ تي هڪ سؤ نوان احمق ٿا پئدا ٿين جيڪو جمهوريت لاءِ خراب سوڻ آهي. ان مان ظاهر آهي ته رڳو جمهوريت ناڪام نه ٿي آهي پر اسان پاڻ به ناڪام ٿيا آهيون. اسان جڏهن طاقت حاصل ڪئي. تڏهن اسان پاڻ کي ذهين بنائڻ وساري ڇڏيو. اسان سمجهيو ته وڏي انگ ۾ طاقت آهي پر وڏي انگ مان اسان کي سطحي ذهانت ملي. ووٽ ڏيڻ وارن جو جيترو وڏو انگ هوندو. اوترو ئي ووٽ ونڻ وارو معمولي

ماڻهو هوندو يا معمولي صلاحيتن وارو هوندو جن کان متاثر ٿي ووٽ ڏيڻ وارا کيس ووٽ ڏيندا. اسان پنهنجن چونڊيل حڪمرانن کان عظمت ۽ دور انديشيءَ جي گهر نٿا ڪيون. رڳو ايتري گهر ٿا ڪيون ته هو سٺي تقرير ڪري سگهن ۽ اسان کي بک نه مارن. بيڪن چيو هو ته پراڻي زماني ۾ سياستدان جمهوريتن لاءِ چوندا هئا ته ماڻهو سمنڊ وانگر آهن ۽ تقرير ڪرڻ وارو هوا وانگر هوندو آهي. اصل ۾ اسان کي ان ڳالهه جو احساس ئي نه هوندو آهي ته اسان تي ڪير ٿو حڪومت ڪري يا اسان تي حڪومت ڪئي پئي وڃي. جيئن اڳئين زماني ۾ جاگيردارن جي ذريعي محصول ڏيندا هئاسين ته اسان کي محسوس ئي نه ٿيندو هو ته محصول ٿا ڏيون.

والٽيئر بادشاهت کي جمهوريت کان وڌيڪ چڱو سمجهندو هو. هن جو خيال هو ته بادشاهت ۾ رڳو هڪ ماڻهوءَ کي تعليم ڏيڻ جي ضرورت هوندي آهي. جڏهن ته جمهوريت ۾ لکين ماڻهن کي تعليم ڏيڻي پوندي آهي جن مان اجا رڳو ڏهه سيڪڙو ماڻهو مس تعليم پرائي سگهندا آهن ته اجل جو ڪين سڏ اچي ويندو آهي. اسان کي اندازو ئي نه آهي ته جم جو انگ اسان جي نظرين ۽ دليلن تي ڪيتري قدر اثر انداز ٿيندو آهي. جيڪي ٿورائي ۾ آهن. انهن جا خاندان ننڍا آهن ۽ اهي تعليم پرائيندا آهن. جيڪي گهڻائيءَ ۾ آهن انهن جا خاندان وڏا آهن ۽ انهن وٽ تعليم پرائڻ لاءِ وقت ڪونهي. هر نسل جا گهڻي ڀاڱي ماڻهو غريب گهراڻن ۾ پئدا ٿين ٿا. جيڪي علم حاصل ڪرڻ جي عياشي ڪري نٿا سگهن. ان ڪري سياسي سوچ جي آزادي اجائي ٿي ثابت ٿئي. جنهن تيزيءَ سان جهالت ٿي وڌي ان کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته ذهانت وڌائڻ لاءِ زور ڀرڻ اجايو آهي. پروٽيسٽنٽ، مذهب جي اهائي وڏي ڪمزوري آهي. مذهب کي قومن وانگر جنگ ڪري بچائي نٿو سگهجي. مذهب کي چڱو نسل پئدا ڪري بچائي سگهجي ٿو.

ان ڪري جمهوريت قدامت پرست هوندي آهي، اناطول فرانس ان ڳالهه تي سخت افسوس ڪندو هو ته گروهه نئن شين کان ڊڄندا آهن. بسمارڪ جي خيال ۾ عام ماڻهن کي ووٽ جو حق ملڻ سان بادشاهي پاليسين جي حمايت حاصل ٿيندي آهي. شين جو اونداهو رُخ ڏسڻ

واري ان پوڙهي چيو هو تہ ”منهنجي خيال ۾ ڪنهن بہ قدامت پرستيءَ واري قدم کي تحفظ ڏيڻ لاءِ سڌي سنئين چونڊ جو طريقو ۽ عام ماڻهن کي ووٽ ڏيڻ جو حق اسيمبليءَ جي نااهل قانون کان وڌيڪ ڪارائتا آهن.“ عورتن ان ڪري سولائيءَ سان ووٽ جو حق حاصل ڪري ورتو جو جدا جدا جماعتن جي اڳواڻن جي خيال هو تہ عورتون قدامت پرستيءَ جي حمايت ڪنديون. سئزرلينڊ ۾ فرد جي خودمختياري جي حمايت ڪرڻ وارن کي سڌارا ڪيا جن ۾ هرهڪ ماڻهوءَ کي ووٽ ڏيڻ جي حق وارو سڌارو بہ شامل هو. قدامت پرستن اهي سڌارا ووٽ لاءِ عوام آڏو پيش ڪيا ۽ عوام هرهڪ ماڻهوءَ کي ووٽ ڏيڻ جي حق سوڌو سڀ سڌارا رد ڪري ڇڏيا. 1918ع ۾ انگلستان ۾ هرهڪ ماڻهوءَ کي ووٽ جو حق مليو تہ اڌ صديءَ اندر هڪ رجعت پسند حڪومت قائم ٿي وئي. آسٽريليا ۾ زوري ووٽ ڏيڻ جي قانون جي ڪري اهڙن ماڻهن جو انگ، جيڪي ووٽ ڏيئي ٿي سگهيا، 1912ع ۾ سٺ سيڪڙو هو 1925ع ۾ نوي سيڪڙو ٿي ويو. نتيجو اهو نڪتو جو قدامت پرستن وڏي انگ ۾ حڪومت حاصل ڪري ورتي. آمريڪا ۾ ووٽ جو حق وڌيڪ ماڻهن کي ڏيڻ جي باري ۾ سرهينري مين اڳ ڪتي ڪئي هئي تہ اها ڳالهہ اجائي آهي تہ ووٽ جو حق وڌيڪ ماڻهن کي ملڻ سان ترقيءَ ۾ واڌارو ٿيندو. نئين سوچ، نوان انڪشاف، نيون ايجادون، ڪوجناؤن ۽ زندگيءَ جا نوان فنَ وڌندا پر ان ڳالهہ جو انديشو آهي تہ ان سان هڪ قسم جي هاجيڪار قدامت پرستي پڪڙبي. اسان کي ان تعصبي انگريز سان اتفاق ڪرڻو پوندو تہ جمهوريت عظيم دماغن جي دشمن آهي ۽ فن سان ان جو ڪو تعلق ڪونهي. جمهوريت انهن شين جو قدر ڪندي آهي جيڪي وچولي ذهن جي ماڻهن کي سمجهہ ۾ اينديون آهن. هوءَ اهڙا محلات ناهيندي آهي جيڪي فلمن ۾ نظر ايندا آهن ۽ سمجهندي آهي نہ هن پارٿينون ناهيو آهي. جيڪڏهن ايٿنز اسيمبليءَ جي ڳالهہ مڃي ها تہ پارٿينون ڪڏهن نهي نہ سگهي ها.

جمهوريت ۾ اڪثريت جو ذهنن تي جبر ايڏو ئي ٿي سگهي ٿو جيڏو بادشاهت ۾ سياسي جبر هوندو آهي. ڪن آمريڪي رياستن ۾ ٿوري علم کان ٿورو وڌيڪ علم هجي تہ اهو خطرناڪ سمجهيو ويندو

آهي. انفراديت لاءِ اهڙي نوع جي بدگمانيءَ جو سبب برابريءَ وارو نظريو آهي.

جمهوريت ۾ جيئن تہ سڀ ماڻهو برابر هوندا آهن ان ڪري اڪثريت جي ووٽ سان ڪابہ حقيقت ثابت ڪري سگهجي ٿي ۽ ڪنهن بہ رسم کي مقدس بڻائي سگهجي ٿو. جمهوريت رڳو مشيني دور جو نتيجو نہ آهي ۽ نہ ئي جمهوريت مشينن ذريعي حڪومت هلائيندي آهي پر خود جمهوريت ۾ خطرناڪ مشين واري طاقت هوندي آهي. اها طاقت جاهلاڻي جبر جو اهو وزن هوندو آهي جيڪو اختلافن کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. اعليٰ ذهنن کي چيپاٽيندو آهي ۽ غير معمولي صلاحيتن کي اُسرڻ نہ ڏيندو آهي، دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ تعليم تي ايتري فياضيءَ سان خرچ نٿو ٿئي جيترو آمريڪا ۾ ٿو ٿئي. پر ساڳئي وقت ڪنهن بہ ملڪ ۾ تعليم جو ايترو گهٽ احترام ۽ ان جو ايترو گهٽ استعمال نٿو ڪيو وڃي جيترو آمريڪا ۾ ٿو ڪيو وڃي. اسان وڏي فياضيءَ سان اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون ٺاهيون آهن ۽ هاڻي جڏهن اهي سڀ ادارا ٺهي ويا آهن ۽ سڀ پريل تا نظر اچن تڏهن اسان تعليم کي انتظامي عهدن لاءِ نااهليت جو معيار بڻائي ڇڏيو آهي.

**جمهوريت جي عمل جا طريقا:**

ڪنهن بہ قوم ۾ جيڪي ٿورا ماڻهو واقعي حڪومت ڪندا آهن انهن کي عوامي راءِ حاصل ڪرڻ جو ڏيک ڪرڻو پوندو آهي. اهڙيءَ طرح هڪ خاص طبقو پيدا ٿيندو آهي. جنهن جو ڪم حڪومت هلائڻ نہ پر ان حڪمران طبقي جي منصوبن لاءِ عوام کان منظوري وٺڻ هوندو آهي، جيڪو طبقو جمهوري رياست جي دل هوندو آهي. ان طبقي کي اسين سياستدانن جو طبقو ٿا چئون، چڱو ٿيندو تہ ان طبقي جي باري ۾ وڌيڪ گفتگو نہ ڪيون.

سياستدان جماعتن ۾ وراهيل هوندا آهن ۽ ماڻهن کي هڪٻئي جي مخالف گروهن ۾ ورهائيندا اهن. ماڻهوءَ جي اها فطرت آهي تہ هو ٻين سان گڏجي رهندو آهي ۽ هن جي ان فطري لاڙي جي ڪري سياسي جماعتون ٺاهڻ سولو هوندو آهي. جماعتون ٺاهڻ ان دور جون نشانيون

آهن جڏهن ماڻهن جون قبائلي جنگين ۾ پنهنجي پنهنجي قبيلي سان وفاداريون هونديون هيون. آسٽريليا جا وحشي پنهنجي قبائلي نشان واري قبيلي جي جنگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هيڏي وڏي ڪنڌ جي هڪ ڪنڌ مان ٻي ڪنڌ ۾ ويندا هئا. ان زماني ۾ قبائلي نشان (ٽوٽم) اڄ به تنظيم سازيءَ ۾ وڏو مددگار ٿيو آهي ۽ اڄ به اهي جماعتون جيڪي پنهنجو چونڊ نشان هاٿي گڏه چونڊبينديون آهن، انهن ماڻهن کان وڌيڪ ماڻهن جون وفاداريون حاصل ڪري سگهنديون آهن جيڪي، سادگيءَ وچان پنهنجو چونڊ نشان بيٽري وغيره رکنديون آهن.

اڄڪلهه تنظيم يا جماعت هلائڻ لاءِ پئسن جي ضرورت هوندي آهي، ۽ ان لاءِ وري فرشتن جي ضرورت پوندي آهي. جيڪي ”حقيقت پسند تصور پرست “ هوندا آهن ۽ جيڪي ڪلبن، سير سفر ۽ چونڊ مهم هلائڻ جا خرچ پريندا آهن جنهن جي بدلي ۾ هو پنهنجي پسند جا نمائيندا چونڊائيندا آهن، ڪي عهدا ۽ ٺيڪا حاصل ڪندا آهن، تڪليف ڏيندڙ قانونن کان پاڻ بچائيندا آهن ۽ قانون سازيءَ جهڙي ڏکي ڪم ۾ خاموشيءَ سان دست اندازي ڪري خوش ٿيندا آهن. ڪروزيئر CROZIER چيو آهي ته جيڪي عيوضي مقرر ڪندا آهن اصل ۾ اهي ئي حڪومت ڪندا آهن. عوام جيئن ته بدنظمي ۽ جهالت ۾ قاتل هوندي آهي انڪري هر ڪنهن کي نامزد ڪري نه سگهندو آهي. ماڻهن تي ايترو اعتماد ڪري سگهجي ٿو ته هو نوازشون ڪرڻ مهل انصاف کان ڪم وٺندا. هڪ ننڍي ۽ منظم اقليت سڀ ووٽ هڪ پاسي وجهي ڪنهن معاهدي، اهم مسئلي ۽ چونڊ ۾ فيصلو ڪرڻ واري طاقت حاصل ڪري سگهي ٿي. اها مشين انڪري ڪامياب ٿيندي آهي جو اها هڪ ورهايل اڪثريت جي پيٺ ۾ منظم اقليت هوندي آهي. ڪارلائل جو اشارو شايد ته ان ڳالهه ڏانهن هو جڏهن هن چيو هو ته ”جمهوريت جي اها فطرت آهي ته اها پاڻ پنهنجو پاڻ کي رد ڪندي آهي ۽ آخر ۾ ان جو نتيجو ٻڙي نڪرندو آهي“ روسيو، جيڪو جوشيلو جمهوريت پرست هو جو چوڻ آهي ته: حقيقي جمهوريت ڪڏهن به وجود ۾ نه آئي آهي ۽ نه ئي ڪڏهن اچي سگهندي ڇاڪاڻ ته اهو فطري نظام جي خلاف آهي ته اڪثريت اقليت تي حڪومت ڪري. ساري سياست منظم

اقليتن جي پاڻ ۾ رقابت تي ٻڌل آهي. ووٽ ڏيڻ وارا رڳو تماشو ڏسندا آهن. کٽڻ واري جي همت افزائي ۽ هارڻ واري تي ٺٺولي ڪندا آهن. جماعتن جي جنگ ۾ هنن جو ڪو حصو نہ هوندو آهي.“

انهن حالتن ۾ ووٽ جي ڪا معنيٰ ڪانہ هوندي آهي پر ووٽ ان ڪري ضروري سمجهيو ويندو آهي تہ جيئن ماڻهن جي ذهن ۾ اها ڳالهہ ويهارجي تہ هوئي قانون ناهڻ وارا آهن. مونتيسڪو چيو آهي تہ جمهوري ملڪ ۾ ٻين ملڪن کان وڌيڪ ٽيڪسون هونديون تہ بہ ماڻهو احتجاج نہ ڪندا جو سمجهندا تہ هو پنهنجو پاڻ کي پيا ٽيڪس ڏين. جمهوريت ۾ هر شهري پاڻ رياست هوندو آهي ۽ ملڪ جو صدر سندس سيني نوڪرن جي مٿان وڏو نوڪر! اوهان ماڻهوءَ کي توري ٽيڳر ڏيو ۽ هو سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو.

رومي حڪمران ناچ ڳاني جون سرڪسون ڪرائي ماڻهن تي حڪومت ڪندا هئا. اسان جي حڪمرانن کي ناچ ڳاني جي سرڪس ڪرائڻي آهي، اسين ان لاءِ پيسا ڏينداسين ۽ پنهنجو پيٽ پاڻ پاليندا سين.

انهن حالتن ۾ رڳو هڪڙو فائدو ٿيو آهي تہ چوندن ماڻهن جو ڌيان تعليم ڏانهن ڇڪايو آهي. ان سان تعليم جا موقعا وڌندا آهن. پر اصل مسئلن کي چالاڪيءَ سان لڪائڻ سان تعليم جا اهي موقعا بہ ختم ٿي ويندا آهن. اهو سياستدان ئي نہ آهي جيڪو اصل مسئلن تان ماڻهن جو ڌيان هٽائڻ ۾ ڪامياب نٿو ٿئي. 1917ع ۾ ڪئنادا جي چوندن ۾ زوري ڀرتيءَ جي مسئلي کي ائين ڇپي لڪايو ويو هو تہ جيڪڏهن زوري ڀرتيءَ واري رٿ منظور نہ ٿي تہ ڪئنادا ۾ فرانسي ٻولي ڳالهائڻ وارن جي سرسي ٿيندي. آن ڪري انگريز طبقو پنهنجو اثر وڌائڻ لاءِ اُٿيو ۽ زوري ڀرتيءَ واري رٿ ڪامياب ٿي وئي. ظاهري ڏيک سان ڪنهن بہ واهيات ڳالهہ کي قابل قبول بڻائي سگهجي ٿو. چوندون رياڪاري ۽ ڪوڙ جو مقابلو بڻجي وينديون آهن. پر جيئن تہ مضبوط دليلن سان گهٽ ڪوڙ ٿيندو آهي. ان ڪري سچ چوندن جي وڳوڙ ۾ گم ٿي ويندو آهي. ان کان سواءِ چوندن جي سلسلي ۾ اهي ڳالهيون بہ ذهن ۾ رکو تہ سڀ ضلعا چاهيندا آهن تہ اختيارَ ٻهراڙين جي قدامت پرستن وٽ

هجن، لڏپلاڻ ۾ رهڻ وارا ٻهراڙي جا ماڻهو ووٽ جو حق استعمال ڪري نہ سگھندا. بدديانتي ۽ طاقت کان ڪم ورتو ويندو.... اهو آهي جمهوريت جو نقشو! انهن حالتن ۾ ووٽ جو قدر ايترو هوندو جيترو ان ٽرين جي ٽڪيٽ جو جنهن جي ريلوي لائين هميشہ لاءِ خراب ٿيل هجي. پلا اها ڪا تعجب جي ڳالهہ آهي تہ 1885ع ۾ اسي سيڪڙو ووٽرن ووٽ ڏنا جڏهن تہ 1924ع ۾ رڳو پنجاهہ سيڪڙو ووٽرن ووٽ ڏنا. يا وري سوچيو تہ هڪ ذهني ڪم ڪندڙ ماڻهو هڪ ڪلاڪ ووٽ داخل ڪرائڻ ۽، "هڪ ڪلاڪ ووٽ ڏيڻ ۾ ڪيئن وڃائيندو. اهو بہ ان حالت ۾ جو هن کي خبر هوندي تہ ٻن الف ۽ ب اميدوارن مان هن کي هڪ جي چونڊ ڪرڻي آهي جڏهن تہ ٻئي پ جا ماڻهو آهن.

پر پوءِ بہ سمجهو تہ اسان ووٽ ڏنا، چونڊون ختم ٿيون، چونڊيل ماڻهو واشنگٽن پهتا تہ جيئن هو اسان جي ڪانگريس ۽ پارليامنٽ ٺاهين. اتي پهچي هنن کي بيچين ڪرڻ واريون حيرتون ٿينديون آهن. ان ڪري نہ تہ اسيمبليءَ ۾ پهچڻ سان هنن جا ڪن وڏيڪ سرلا تي ويندا آهن. پر انڪري جو هنن کي هنن جي آمريڪي معيار وارين صلاحيتن مطابق چونڊيو ويندو آهي. يعني تہ هن ۾ پنهنجو پاڻ کي اميدوار مقرر ڪرائڻ، پنهنجي تشهير ڪرائڻ، پنهنجي لاءِ، نعرا لڳرائڻ ۽ پاڻ کي چونڊائڻ جون صلاحيتون هئڻ گهرجن ۽ انهن چونڊيل ميمبرن ۾ اهي صلاحيتون اعليٰ پيماني تي موجود هونديون آهن. عام طور هو ٻين جي اثر ۾ رهڻ ۽ ڍلي ضمير وارا ۽ خطري واري ذهانت کان وانجهيل هوندا آهن. يعني تہ هنن ۾ ڪابہ اهڙي ڳالهہ ڪانہ هوندي آهي جنهن جي ڪري هو نااهل ٿيڻ جا اهل هجن. هاڻي اها ڳالهہ واضع ٿيڻ گهرجي تہ جنهن ماڻهوءَ جي مشهوري هوندي تہ هو معمولي ذهن ۽ معمولي صلاحيت وارو آهي تہ ان ماڻهوءَ جي اعليٰ عهدي تي پهچڻ جا امڪان وڌيڪ هوندا.

اسان جي نمائندي جو واسطو اوچتو اهڙن مسئلن سان پوندو آهي جيڪي هن لاءِ بنهہ نوان هوندا آهن. اگ هن کي اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ پنهنجي تڪ، علائقي ۽ ضلعي جي بااختيار ماڻهن سان وفاداري، لڪي اثر وجهڻ ۽ لڪل معاهدو ڪري سگهڻ جي صلاحيت جي ضرورت هئي. هن کي تقريرون ڪرڻ، الزام هڻڻ ۽ ٻين جي الزامن

جي ترديد ڪرڻ ۽ پاڻ ڏيکارڻ ۾ ماهر هجڻ جي ضرورت هئي. پاڻ مرادو چندا ملڻ، ۽ قانون کان بچائي، اهي خرچ ڪرڻ، بااختيار ماڻهن تي مهربانيون ڪرڻ ۽ هر هڪ سان واعدو ڪرڻ ۾ مهارت جي ضرورت هئي. پر هاڻي جن مسئلن سان واشنگٽن ۾ هن جو واسطو تو پوي اهي اقتصادي آهن جهڙوڪ: زمين جي مالڪي، خام مواد، ڪوئلي جي کاڻن، تيل جي کوهن. پاڻي سان بجلي حاصل ڪرڻ پئداوار، چٽاڀيٽي، مال برداري، جهاز راني، هوابازي، پئنچائت، مال جي ورچ، وڪرو ۽ مالي مسئلا. انهن مسئلن جي تفصيل جي ڄاڻ رڳو ماهرن کي هوندي آهي ۽ اهي مسئلا انهن ماڻهن لاءِ مسئلو تي پوندا آهن جن کي رڳو پيچ ڏاهه ۾ مهارت هوندي آهي. اسان جو نمائندو ميمبر اخبارن جي پنيان لڪندو آهي ۽ جيئن ڪيس چيو ويندو آهي تيئن ووٽ ڏيندو آهي.

جيئن جيئن حڪومتي سرشتو وڌيڪ پيچيدو ٿيندو ٿو وڃي تيئن تيئن چونديل نمائندا گهٽ ۽ ماهر هنرمند وڌيڪ اهم ٿيندا ٿا وڃن. انتظاميه قانون سازي ڪرڻ وارن جي معاملن ۾ دست اندازي ڪندي آهي ڇاڪاڻ جو انتظاميه کي ماهرن جي ڪميٽن جي ٽيڪ هوندي آهي. جيئن فيڊرل رزرو بورڊس. فيڊرل ٽريڊنگ ڪميشنس، ليبربورڊس، انٽراسٽيٽ ڪامرس، ڪميشنس، ڊيٽ ڪميشنس، آمريڪي صدر هارڊنگ جي زماني ۾ ڪانگريس جي ميمبرن کي اهو ڏسي صدمو ٿيو هو تہ هڪ پيريڊ ۾ هنن کي ماهرن جي پنيان ڪرسيون ڏنيون ويون هيون. ان لاءِ سينيٽ احتجاج ڪيو هو پر هارڊنگ سياڻپ سان ڪين مطمئن ڪري ڇڏيو هو. اهڙي سياڻپ جي ڪري ئي هو صدر ٿيو هو. پر ان مان هڪڙي ڳالهہ تہ ظاهر ٿي تہ حالتون بدلجي ويون آهن. نمائنده حڪومت ختم ٿي وئي آهي ۽ جمهوريت اعليٰ عهدن لاءِ ذهين ماڻهن کي چونڊائڻ جو ڪو طريقو ڳولهي نہ سگهي آهي. ذهين ماڻهو ان وقت عهدن تي مقرر ٿيل هئا. جڏهن جمهوريت اخبارون تي پڙهيون ۽ تقريرون تي ڪيون. ڪٿي اهو سبب تہ نہ آهي جو اسين دشمن ملڪ کي جمهوري سرشتو اختيار ڪرڻ جون صلاحون ڏيندا آهيون. تنشي اهڙي رجحان جي ڳالهہ ٿو ڪري جنهن تحت ماڻهو دشمن ملڪ کي

جمهوريت اختيار ڪرڻ جي صلاح ڏيندا آهن جو اهو حڪومتي سرشتو ان ملڪ کي ڪمزور ڪندو آهي ۽ ڪيس بين معاملن ۾ اٽڪائي ڪائنس جنگ ڪرڻ جي اهليت کسي وٺندو آهي. جمهوريت حڪومت نااهل، بداخلاق ۽ بيوقوف جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيندي آهي؛ شايد انڪري ئي اٽلي، اسپين، يونان، روس پولينڊ ۽ پورچوگيز ۾ گهٽو ڪري جمهوريت آمريت ۾ بدلي آهي ۽ شايد ته فرانس ۾ به ائين ٿئي پيو. جيستائين اسان جو تعلق آهي. ڏسو ته اسان وٽ ڇا ٿيو آهي. سياسي سڌارن جي قوت هار کاڌي آهي ۽ جتي ان کي ڪاميابي ٿي آهي اها حڪومت جي پنيرائيءَ جي ڪري ٿي آهي. سياست تي هاڻي پوريءَ طرح حڪمرانن جو قبضو ٿي چڪو آهي جيئن اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ ٿيو هو. پيشه ور سياستدان پهرين کان وڌيڪ آقا بڻجي چڪا آهن. پنجاهه سالن جي جدوجهد کان پوءِ هنن نيٺ پنهنجي دشمن کي مات ڪيو آهي ۽ هنن جو اهو دشمن آهي سڌارا ڪرڻ وارو! وچولو ذهن ڪامياب ٿي چڪو آهي ۽ هر هنڌ ذهانت جمهوريت کان پناهه ٿي گهري جيئن چؤطرف چڙهندڙ سامونڊي وير کان پناهه گهربي آهي.

مجون ٿا ته اهو جانبداراڻو تجزيو آهي، الزام هڻڻ واري جو نقطه نگاهه آهي ۽ مڪمل تجزيو نه آهي. جمهوريت جي چڱاين جي ايتري ته واڪاڻ ٿي چڪي آهي جو هتي ان جي وڌيڪ واکاڻ جي ضرورت ڪانهي. اهو صحيح آهي ته اقليت جي اڪثريت تي جبر کان اڪثريت جو اقليت تي جبر چڱو آهي. اهو به صحيح آهي ته جمهوريت ۾ پڙهيل ماڻهن جي بي وسي قابليت جي ان غلاميءَ کان چڱي آهي جيڪا رئيسيت جي خانداني اقتدار جي تشدد جي ڪري هئي. اهو صحيح آهي ته جمهوريت عام ماڻهوءَ جي خودداريءَ کي وڌايو آهي جيئن هن غير معمولي ذهن کي چٽيو آهي. اڄ ووٽ ڏيڻ واري کي وڏي آزادي آهي ۽ هن ۾ وڏي جرات ۽ انفراديت پئدا ٿي آهي. اهو به صحيح آهي ته اسان ۾ هاڻي بانهپ ڪانهي (يا ان جو احساس ڪونهي) هر شخص سمجهي ٿو ته هو ملڪ جو صدر ٿي سگهي ٿو. برائس BRYCE وڏي صبر کان ڪم وٺي چيو هو ته حڪومت جا ڪيترا سرشتا آهن جيڪي جمهوريت کان وڌيڪ خراب آهن.

جيئن تا جمهوريت جو وڏيڪ تجزيو ڪيون تيئن تا ان جي نااهليت ۽ خلوص جي گهٽتائيءَ کي ڏسي پريشان ٿيون ۽ جيئن اقتصادي ۽ فوجي طاقت جي پنيرائيءَ کان سواءِ سياسي طاقت اجائي آهي تيئن هرهڪ شهريءَ کي ووٽ جو حق ملڻ واري ڳالهه به هڪ قيمتي ڏيکاءُ آهي. آمريت جي اها خاصيت آهي ته اها وڏيڪ ديانتدار هوندي آهي. نيپوليئن چيو هو: ”مڪمل طاقت کي ڪوڙ ڳالهائڻ جي ضرورت ئي ڪانه پوندي آهي، اُها ڪم ڪندي ۽ زبان بند رکندي آهي“. تعليم کان سواءِ جمهوريت معنيٰ بيحد منافقت، معنيٰ تدبر جو هينين درجي تي ڪري سياستدان بڻجڻ، معنيٰ حڪمراني ڪرڻ وارن سان گڏ، وڏي خرچ سان سياستدانن جي طبقي کي پالڻ جيڪو حاڪمن جي خدمت ڪري ۽ جن تي حڪومت ڪئي ٿي وڃي انهن سان ڪوڙ ڳالهائي.

جمهوريت جي آخري خرابي اها آهي ته ان ۾ بدمعاشن جو راڄ هوندو آهي. اسان جي وڏن شهرن ۾ بدمعاشن جو راڄ آهي، اهي آرام سان تا رهن ڇاڪاڻ جو کين قانون جو پورو تحفظ ۽ تعاون حاصل آهي. جيڪڏهن هنن جو ڪنهن طاقتور تنظيم سان واسطو هوندو آهي يا ان ۾ سندن ڪو دوست هوندو آهي ته پوءِ کين يقين ڏياريل هوندو آهي ته هو ڏوهه ڪندا ته گرفتار نه ٿيندا، گرفتار ٿيا ته ڪورٽ کين سزا نه ڏيندي. سزا ملندن ته جيل نه ويندا. جيل ويا ته جيل پيچڻ جي کين سهولت ملندي، ڏوهه ڪندي جي مارجي ويا ته وڏي شان شوڪت سان کين دفنايو ويندو ۽ سندن نالي تي يادگار قائم ڪيا ويندا. اسان جيڪڏهن خواهشن مان جنم وٺندڙ ان بديءَ کي برداشت ڪندا رهياسين ته پوءِ اسين اول درجي جا بزدل هونداسين. جيڪڏهن اسان جمهوريت ۾ ڪا اهڙي تبديلي آڻي نٿا سگهون جنهن سان ان جون خاميون ختم ٿي وڃي ته پوءِ اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجو آئين ڪنهن ننڍي قوم جي حوالي ڪيون ۽ ٻاهران ڪو بادشاهه گهرائي وٺون.

## هڪ متبادل نسخو

سوال آهي ته نيٺ اسان ڇا ڪيون؟

ڪنهن به سڌارا آڻڻ واري کي خبر هئڻ گهرجي ته رڳو ٿورا ڪي سڌارا آڻي سگهجن ٿا. اهي به جلدي آڻي نٿا سگهجن. سڌارن لاءِ اعليٰ

منصوبو جوڙڻو پوندو جنهن تي سرڪاري توڙي غيرسرڪاري وسيلن مان وڏو خرچ ايندو، اُهو هي هوندو تہ تعليم، ايجاد ۽ سائنسي کوجنا سان ذهن جي پرورش ٿئي، پنهنجو انگ گهٽايون، جسم مشينن وانگر مضبوط ٿئي. غربت ختم ٿئي ۽ انسانن کي هڪ عظيم سماج کي اڏڻ لاءِ آزاد ڪيو وڃي. تعليم کان سواءِ انهن مسئلن جو ڪو حل ڪونهي. جيستائين ماڻهو ذهانت کان ڪم نہ وٺندا شهرن مان خرابيون ختم نہ ٿينديون. پر جنهن صورت ۾ دنيا اهو سڀ ڪي افلاطون لاءِ نہ ڪيو تہ اسان لاءِ ڪيئن ڪندي. اسين ڏسي چڪا آهيون تہ جم جو انگ تعليم سان کهڙو ڪيڏ پيو ڪيڏي. پيو طريقو اهو آهي تہ ذهين ۽ پڙهيل ماڻهن کي گڏ ڪجي جيڪي جدا جدا پيشي مان چونديا وڃن. هو گڏجي اسان جي آئين ۾ نئون روح ڦوڪن ڪانگريس ۽ رياستن ۾ ترميمون آڻڻ جون رٿون ڏين ۽ پنهنجي پيشي جي وقار ۽ دولت مندن جي دولت سان انهن جي پنيرائي ڪن، دولتمند سڌارڪ ان ڪم لاءِ دولت خرچڻ لاءِ تيار هوندا، تين بهترين رٿ هيٺ ڏجي ٿي.

جديد جمهوريت جي خرابين جو سبب سياستدان ۽ چونڊ لاءِ پارٽيءَ پاران سندن نامزدگي آهي، اچو تہ سياستدان ۽ سندن نامزدگيءَ کي ختم ڪيون. ڪو زمانو هو جو هر ماڻهو پنهنجو طبيب پاڻ هو ۽ هر گهر ۾ ضرورت جون دوائون هونديون هيون پر جيئن جيئن طب جو علم وڌيو ماڻهن لاءِ دوائن جا نالا ياد رکڻ ڏکيو ٿي پيو. ماڻهن جي هڪڙي طبقي طب جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ وقت ڪڍيو ۽ ماڻهن نيم حڪيمن ۽ انهن پاڙيسرين کان پاڻ بچائڻ شروع ڪيو جن ۾ نئون تجربو ڪرڻ لاءِ شاگرد وارو اُتساه هوندو آهي ۽ طب جي ماهرن کي سَندون ڏنيون ويون ۽ پوءِ ڳالهہ ايستائين پهتي جو جيستائين ڪنهن وٽ طب جي سند نہ هئي تيستائين هو قانوني طرح طبابت ڪري نٿي سگهيو. هاڻي اسان نيم حڪيمن کي اجازت نٿا ڏيون تہ هو اسان جي بيمارين جو علاج ڪن ۽ اسان جي زندگيءَ کي خطري ۾ وجهن، اسان اميد ڪندا آهيون تہ اسان جي بيماريءَ جو علاج ڪرڻ يا اسان جو ڏند ڪڍڻ کان اڳ طبيب پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو طب جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ وقف ڪيو هوندو، پر جيڪي اسان جي اجتماعي مرضن جو علاج ٿا ڪن ۽ ڪروڙين ماڻهن

کي جنگ جي خطري ۾ تا وجهن ۽ جن جي اختيار ۾ اسان جي ملڪيت ۽ آزادي آهي انهن کي مهارت ۽ مطالعي جي ضرورت ڪانهي. انهن لاءِ ايترو ڪافي آهي ته هو صدر جا دوست هجن پارٽيءَ جا وفادار هجن، شڪل ۽ اخلاق جا سنا هجن، گرمجوشيءَ سان هٿ ملائيندا هجن. ڪلهن تي هٿ هڻن، ٻارن کي چمي ڏين، خوشيءَ سان حڪم جي بجا آوري ڪن ۽ موسمن کي ماپڻ واري اوزار وانگر آئيندي لاءِ خوش ڪندڙ واعدن سان پُريل هجن. باقي هو ڪٺي چا به هجن، ڪاسائي، حجم، ٻهراڙيءَ جا وڪيل ۽ صحافي، سوئر جو گوشت دٻڻ ۾ بند ڪرڻ وارا، شراب وڪڻڻ وارا، ڪير به هجن ان سان اسان جو واسطو نه آهي.

اچو ته تصور ۾ اسان هڪڙو سهڻو نقشو ٺاهيون. سمجهو ته اسان جون وڏيون يونيورسٽيون جيڪي اسان جي ملڪ کي چوٽڪارو ڏيارڻ وارن جا ٻيجارا آهن، اهي سياسي انتظام جو شعبو ٽيون ڪولن جيڪو رڳو نظرين تائين محدود نه آهي پر عملي سياست ۽ عملي تفصيلن سان به لاڳاپيل آهي. جنهن ۾ سياست جي تاريخ يا رياست جو فلسفو نٿو پڙهايو وڃي. بادشاهت، رئيسيت، جمهوريت، اشتراڪيت، انفراديت ۽ انارڪزم تي بحث ۽ انهن جي ڀيٽ نه تي ڪئي وڃي پر اهو شعبو پنهنجي شاگردن سان ميونسپالٽيءَ جي نظام جو عملي مشاهدو ٿو ڪري، جيڪو شهري مسئلن کي هڪ سياسي مقرر يا وفادار هاٿي ۽ گڏهه وانگر نه ڏسي پر هڪ سياستدان يا ان ناظم وانگر ڏسي جيڪو پنهنجي تربيت ۽ اهليت جي ڪري انتظام کي فن سمجهندو آهي. جيڪڏهن اهڙي قسم جو نصاب طبي ادارن جي نصاب وانگر مڪمل ۽ باقاعدي ناهيو وڃي ته پوءِ پڪ سنجيدا ماڻهو ان طرف ڇڪبا. ۽ اهو طريقو انهن ماڻهن کي ميدان مان ٻجائي ڪڍندو جيڪي هاٽي رڳو ڏيکاءَ ۽ تقرير بازي ذريعي اقتدار حاصل ڪندا رهن ٿا. شروع ۾ ان نصاب لاءِ رڳو ٿورا ماڻهو هوندا، چاڪاڻ جو هنن کي ان نصاب جي تربيت مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڪو سياسي عهدو حاصل ڪرڻ جو يقين نه هوندو پر شهر جي تنظيمن جي منصوبي جي وڌڻ سان سندن لاءِ نوان رستا نڪرندا ۽ اهڙا شعبا ايئن وڌندا جيئن ميڊيڪل ڪاليج وڌيا آهن

۽ اهڙن شعبن ۾ استادن جي مٿان انهن ماڻهن کي مقرر ڪيو ويندو جيڪي شهري انتظام هلائڻ جا ماهر هوندا.

اهو سڀ ٿي سگهي ٿو. هاڻي به اسان جي وڏن يونيورسٽين ۾ اهڙا نصاب آهن جن کي بنياد بڻائي انتظامي اسڪول قائم ڪري سگهجن ٿا. جمهوريت ۾ اسان جي ان تبديليءَ جي سلسلي ۾ ٻيو قدم کڻڻ لاءِ وڏيڪ سوچ جي ضرورت آهي. سمجهو ته جتي اهي انتظامي اسڪول ماڻهن کي انتظامي تربيت ڏيئي کين حڪومت هلائڻ لاءِ تيار ٿا ڪن، اُتي ٻين ادارن کي گهرجي ته هو تحرير ۽ تقرير سان ماڻهن کي سمجهائن ته پنهنجن نمائندن کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ چون. ساڳئي وقت هنن کي پڳهارون به ڏيڻ گهرجن. ٿي سگهي ٿو ته ڪي ماڻهو ان ڳالهه تي يڪراءِ ٿين ته ڪابه سياسي جماعت ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي نامزد نه ڪندي جنهن کي انتظام هلائڻ جي تربيت مليل نه هوندي. اهو ته ٿي سگهي ٿو ته نامزدگيءَ کي بنهه ختم ڪيو وڃي ۽ رڳو تربيت حاصل ڪيل ماڻهو ميدان ۾ لهن ۽ چونڊڻ وارن جي مرضي به اهڙين تربيت ورتل ماڻهن تائين محدود هئڻ گهرجي ۽ اهڙن ماڻهن مان ڪنهن کي چونڊڻ جو اختيار کين اڄ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ حاصل هوندو. جڏهن اهڙن ماڻهن مان چونڊ ڪئي ويندي ته پوءِ چونڊيل ماڻهو پڪ اهل هوندا ۽ اها صحيح معنيٰ ۾ جمهوريت هوندي، اهڙي جمهوريت ئي هن حقيقت پسند دنيا ۾ قائم رهي سگهي ٿي.

سوال آهي ته جمهوريت ۾ جيڪڏهن اهڙي تبديلي آندي وئي ته ڇا ان سان جمهوريت جو روح ختم ٿي ويندو؟ نه ائين نه ٿيندو. جمهوريت لاءِ ضروري آهي ته هر بالغ ماڻهو پنهنجن نمائندن جي چونڊ ۾ حصو وٺي، پر اهو ضروري ناهي ته هر بالغ ماڻهو سياسي عهدن جو خواهشمند به هجي ته اهل به هجي. چونڊ لاءِ پئدائش، عمر ۽ رهائش جا شرط ته اڳ ۾ ئي آهن انهن ۾ رڳو خاص تعليم جي شرط وڌائڻ هاڻوڪي پيچيدي حڪومتي سرشتي لاءِ ضروري آهي. هيءَ رٿ نمائندن جي انگ ۾ واڌارو ڪري جمهوريت کي وسيع ڪندي ۽ اميدوارن لاءِ ڪي خاص شرط رکڻ سان جمهوريت محدود نه ٿيندي. ان جي ڀيٽ ۾ اسان جو هاڻوڪو نظام غير جمهوري آهي جو ان ۾ رڳو ٻن اميدوارن مان هڪ

جي چوند ڪئي ويندي آهي ۽ اها جمهوريت ماڻهن کي تعليم ۽ معاشيات ۾ برابريءَ وارا موقعا نٿي مهيا ڪري. جيڪڏهن هر ڪنهن شخص کي جيڪو تعليم جي اعليٰ معيار تي پورو لهي، اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ پڙهڻ لاءِ رياست وٽان خرچ ملي ته پوءِ هر شخص لاءِ اعليٰ عهدو ماڻڻ سولو ٿي پوندو. موقعن جي مساوات جمهوريت جي جان آهي. اسان جمهوريت جو پوسو ڪنيو آهي ۽ اناج ڇڏي ڏنو آهي. اچو ته جتي به ڪو جوهر وارو ماڻهو هجي ان کي موقعا ڏيون، باقي اسان کي حڪومتي سرشتن بابت مٿو کپائڻ نه گهرجي.

مجون ٿا ته اسان جي هن رٿ ۾ خاميون آهن. پر اسان کي انهن خامين جي پيٽ ڍرتيءَ جي خيالي جنت جي بدران هاڻوڪي صورتحال سان ڪرڻ گهرجي. هوٽلن ۽ شراب خانن جي بدران يونيورسٽن مان اميدوار مقرر ڪرڻ جي رٿ ڏيئي اسان اهو ڪونه وساريو آهي ته يونيورسٽن ۾ به خرابيون آهن. گريجوئيشن کي به خريد ڪري سگهجي ٿو. ڳالهه جدا جدا درجي جي آهي. اسان جي خيال ۾ سائنسي تربيت حاصل ڪيل شخص يا اهڙو شخص جنهن پاڻ لاءِ چونڊيل نصاب لاءِ ڊگهي عرصي تائين سخت محنت ڪئي هجي اهو پنهنجي خودداري ۽ ديانتداريءَ جو وڌيڪ خيال رکندو، سياستدانن جي پيٽ ۾ سائنسدانن جو اخلاق وڌيڪ سنو هوندو آهي ۽ جيتوڻيڪ طب جي شعبي ۾ به چور ۽ عطائي هوندا آهن پر طب جو پيشو انهن تورن پيشن مان آهي جن ۾ ديانت سان آمدني وڌندي آهي.

جيستائين يونيورسٽيءَ جو تعلق آهي سوال اهو نه آهي ته اُتي جدت پسندي يا قدامت پرستيءَ جي تعليم ڏني ٿي وڃي يا نه، چاڪاڻ ته انتظام واري سائنس جو اهڙن اعليٰ پر اجاين ڳالهين سان واسطو نه هوندو آهي. اها حقيقت آهي ته اسان واري ان رٿ تي عمل ڪرڻ کان پوءِ طاقت جي ئي حڪومت رهندي پر ان حڪومت جي ڪارڪردگي وڌيڪ سني هوندي ۽ ان ۾ بيوقوفي، بدمعاشي ۽ بي حرمتي نه هوندي. اسان هتي ڪنهن اهڙي اجتماعي مسئلي جو حل پيش نٿا ڪيون جنهن سان هيٺا زور آورن تي حڪومت ڪري سگهن. شايد ته هميشه ائين ئي ٿيندو ته هڪ هشيار اقليت ڪائنس گهٽ هوشياريءَ

واري اڪثريت تي حڪومت ڪندي رهندي. اسان وٽ ڪو اهڙو پراسرار نسخو ناهي جنهن سان جمهوريت قدرت جي ان غير اخلاقي فرمان جي پيڪڙي ڪرڻ شروع ڪري. اسان جو مقصد اهو نہ آهي تہ هن رٽ سان "چشمن ۾ شراب وهڻ شروع ٿيندو ۽ هوائن ۾ نغما گونجندا" پر اسان جو مقصد اهو آهي تہ جيڪا بہ حڪومت هجي ان کي انساني حدن ۾ رهندي سنو ۽ قابليت وارو بڻائجي. اهو ئي سياست جو مسئلو آهي ۽ اسان جو واسطو سياست جي مسئلي سان آهي.

اڄڪلهہ سمجهيو ٿو وڃي تہ بداخلاقي ۽ جهالت چونڊيل نمائندن جو ڄڻ تہ فطري حق آهي ۽ حب الوطنيءَ واري ان روايت کي بدلائڻ واري هرهڪ رٿ کي اسين ڪل جهڙو سمجهندا آهيون. پر اها حقيقت آهي تہ حڪومت سدائين نااهل ناهي هوندي. اها ڳالهہ مڃي ٿي وڃي تہ انگريز اڄ بہ پنهنجن سياستدانن کي تربيت ڏيندا ۽ جڃن ۾ وقار پيدا ڪندا آهن ۽ جرمنيءَ جي شهري حڪمرانن پنهنجن شهرن کي بهترين بڻايو آهي جن ۾ بهترين انتظام پيو هلي. ڪا شيءِ ناممڪن نہ آهي رڳو اسان جي سوچ ان کي ناممڪن ٿي بڻائي.

اسان جيڪا رٿ ڏني آهي اها ڪا نئين ڪانهي اها رٿ سقراط، افلاطون، بيڪن، ڪار لائل، والتيئر ۽ رينا جو خواب آهي پر اهو خواب ساپيان تي سگهي ٿو يا وري جڏهن اسان خواب تي ويندا سين تڏهن اهو ساپيان ٿيندو. بيشڪ تہ گهڻي وقت تائين اهو خواب خواب ئي رهندو ۽ تعليم ۽ تربيت جي ڪيترن زمانن ڪان پوءِ ماڻهن جي سوچ بدلبي. پر جيستائين اسان قابل ماڻهن کي سياسي عهدن تي مقرر نہ ڪنداسين. جمهوريت جي علم دشمنيءَ ڏانهن ڌيان نہ ڏينداسين، جيستائين اسان اعليٰ صلاحيتن کي ڪتب نہ آڻينداسين جيڪي هينئر ذاتي مفاد جي ڪري خانگي واپاري شعبي ۾ پيون ڪتب اچن، پنهنجن آفيسن، سياسي عهدن، قانون ساز اسيمبلن ۾ اهڙا ماڻهو مقرر نہ ڪنداسين جن انتظامي معاملن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ايتري تعليم ۽ تربيت حاصل ڪئي هجي جيتري بين پيشن ۾ حاصل ڪئي ويندي آهي تيستائين جمهوريت ڪامياب نہ ٿيندي ۽ اهو بهتر ٿئي ها جيڪڏهن آمريڪا ماڻهن کي جمهوريت لاءِ نہ هرڪائي ها ۽ نہ ڪا اميد ڏياري ها.

## بابُ اٺيهون

# رئيسيت

### رئيسيت جون ڪي چڱايون:

1776ع کان 1789ع جي وچ ۾ رئيسيت جي باري ۾ عام فيصلي ۾ جيڪي اکر چيا ويا اهي آخري هئا. ان عرصي ۾ جارج ٽئين ذهني توازن وڃايو ۽ لوئي XVI پنهنجو ڪنڌ ڪپايو ۽ هاڻي انگلستان جي رئيسن جي ڪوڙن وارن وارا، ڪن ٽوپن، ڏگهن چوغن ۽ جنگجو خاندانن جي نشانين سان رئيسيت لاءِ احترام پيدا ڪري نٿو سگهجي. هي جمهوريت جو دور آهي.

جمهوريت جي ان دور ۾ رئيسيت جي نئين سر سوچڻ جي ڳالهه ڪرڻ اجايو آهي. اسان جي ڳالهه موجوده دور جي خلاف ويندي. ان هوندي به جيڪڏهن اسان ان موضوع تي ڳالهائينداسين ته اها اميد ڪانه رکنداسين ته اسان جون ڳالهيون حالتن تي اثرانداز ٿينديون پر اسان جو مقصد هوندو ته ذهن جي جهان ۾ اڻ ڏٺل دوستن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪيون ۽ آمريڪا جيڪا دنيا جي ٻين ملڪن کان گهڻو وڌيڪ جهموريت مان واقف آهي ۽ جمهوريت جو فطري گهر آهي ان ۾ پنهنجي حياتيءَ ڪي خطري ۾ وجهڻ کان سواءِ ڪي اهڙا مفروضا قائم ڪيون جن سان معروضي سوچ لاءِ رستو صاف ٿئي انهن مفروضن جو اختصار هيئنئن بيان ڪري سگهجي ٿو ته: جمهوريت گهٽ ۾ گهٽ آمريڪا ۾ ختم ٿي وئي آهي يعني ته جمهوريت نه اسان کي عوامي حڪومت ۽ نه وري بهترين ماڻهن جي حڪومت ڏني آهي. جيڪڏهن هي صفحا پڙهڻ وارو ڪو سادو ماڻهو سمجهي ٿو ته آمريڪي عوام ملڪ تي حڪمراني ٿو ڪري، حڪومتي پاليسي، ٽيڪس هڻڻ ۽ ماڻهن کي اعليٰ عهدن تي مقرر ڪرڻ جا فيصلا ٿو ڪري ته اهڙي ماڻهوءَ کي گهرجي ته هو هي صفحا نه پڙهي ۽ جيڪي سمجهن ٿا ته جمهوريت اسان کي اڪابرن جي حڪومت ڏني آهي ته اهي به هي صفحا نه پڙهن.

اسان جڏهن چئون ٿا ته جمهوريت ناڪام ٿي آهي ته ان جو مطلب اهو هرگز نه آهي ته اسان جمهوريت کي خراب ٿا سمجهون ۽ اسان جي خيال ۾ جمهوريت ناڪام ۽ بيڪار سرشتو آهي، جنهن ۾ تورو به سڌارو اچي نٿو سگهي. جمهوريت ۾ بلاشڪ ته وڏيون چڱايون ۽ صلاحيتون آهن. اڪثريت جي حاڪميت انهن سرشتن کان گهٽو گهٽ نقصان ڏنو آهي جن جي جاءِ جمهوريت والاري آهي. وچولي صلاحيتن وارن ماڻهن جي حڪومت بادشاهن جي حڪومت کان بهرحال گهٽو بهتر آهي. شايد جمهوريت جي ناڪامي اهڙي نه آهي جنهن کان جمهوريت کي بچائي نه سگهجي. شايد جمهوريت جي ناڪاميءَ جو سبب اهو آهي جو اسان ان جي روح ڏانهن گهٽ ۽ ان جي ٻاهرين ڏيک ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏنو. ان ۾ رئيسيت جون ڪي چڱيون ڳالهيون به شامل ڪيون وڃن ها ته پوءِ شايد جمهوريت جي ان سرشتي کان گهٽو سنو سرشتو جڙي پوي ها جنهن ۾ اسان رهون ٿا ۽ احمقن وانگر ان کي برداشت ڪيون ٿا. اسان کي اهڙو امڪان ضرور ڳولهڻ گهرجي. رئيست ۾ آخر اهو ڇا هو جو ان اهڙا اعليٰ سياسي مدبر پئدا ڪيا. فن ۽ اهڙن ماڻهن جي پرورش ڪئي جن کي زندگيءَ کان وڌيڪ عزت پياري هئي. ڇا ان ۾ ڪي اهڙا چڱا ڳڻ هئا جيڪي سياڻن ماڻهن کي وڌيڪ ٿي آئڙيا. ڇا ان جي چڱاين کي جمهوريت سان ملائي، ٻنهي جون خاميون ختم ڪري، چڱا نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا. ڇا ماڻهن جي عام راءِ سان حڪومت جي اعليٰ عهدن تي ماڻهو مقرر ڪرڻ جي بدران ڪو اهڙو طريقو اختيار ڪري سگهجي ٿو جو بهترين ۽ سنا ماڻهو انهن عهدن تي مقرر ڪري سگهجن.

## حڪومتن جا سرشتا

اها ڳالهه مڃڻ گهرجي ته پنهنجي زوال جي زماني ۾ به رئيسيت فلاسفرن ۾ مقبول رهي آهي. سقراط ، افلاطون، ارسطو، سِسِرو، موسٽڪو ٽين، رينان، اناطول فرانس، گوئٽي، ٽنشي، برڪ، ميڪالي، ڪارلائل، ايمرسن ۽ سنٽيانا. اهي سڀ ايٿنز، روم واشنگٽن ۽ پيرس ۾

جهموريت کان واقف هئا پر سيئي (اسپونزا کان پوءِ) هڪ آواز تي خدا کان دعا گهرندا هئا تہ اسان کي بهترين ماڻهن جي حڪومت عطا ڪر آخر رئيسيت ۾ ڇا آهي جو اهي سڀ ان کي پسند ڪن.

سيني فلاسفرن مان حقيقت پسند فلاسافر بوناپارٽ چيو آهي تہ ”قومن ۽ انقلابن ۾ رئيسيت هميشہ رهندي آهي، اوهان ان کي جاگيردارن ۽ نوابن مان ختم ڪندا تہ اها وچولي طبقي جي اميرن وٽ ايندي ان کي اتان بہ مِٽائيندا تہ مزورن ۽ عوامي ليڊرن ۾ ايندي. فٽزجيمس اسٽيفن چيو آهي: ”توهين ڪهڙا بہ قانون ناهيو. جن کي ڪڏهن توڙي نہ سگهجي ۽ مناسب سمجهو تہ هر هڪ بالغ کي ووٽ جو حق ڏياريو پر تنهن هوندي بہ اوهان مساوات کان ايترو ئي پري هوندا جيترو اڳ هئا. سياسي طاقت رڳو شڪل بدلائيندي آهي فطرت نہ آهي بدلائيندي. طاقت کي ٽُڪرن ۾ ورهائڻ جي معنيٰ آهي تہ جيڪو وڏيڪ ٽڪرا ميڙي اهوئي حڪومت ڪري. حڪومت هميشہ طاقتور جي هٿ ۾ رهندي. جي حڪومت فوجي آهي تہ هڪ فوجي حاڪم ٿيندو. بادشاهت آهي تہ اُهي ڳڻ جيڪي بادشاهہ پنهنجن مشيرن، سپهہ سالارن ۽ منتظمين ۾ پسند ڪندا هئا، بادشاهت جي طاقت جو وسيلو ٿيندا، خالص جمهوريت ۾ سازشي ماڻهو ۽ سندن ساٿي حڪومت ڪندا آهن.“ هي هڪ مختصر جائزو آهي جنهن ۾ تفصيل کي نظرانداز ڪيو ويو آهي پر ان جي حيثيت بنيادي بيان واري آهي.

عام طور حڪومت رڳو ٽن قسمن جي هوندي آهي. هڪڙي ماڻهوءَ جي حڪومت يا ٿورن چئن ماڻهن جي حڪومت، اڪثريت جي حڪومت وچ ۾ ايندي آهي جيڪا جڻ تہ هڪ فائديمند فريب هوندي آهي، اها انفراديت کي اُڀاريندي ۽ حڪومت جي قيمتي کي تيل ڏيڻ جو ڪم ڪندي آهي. اقليتون پنهنجو پاڻ کي منظم ڪري سگهنديون آهن پر اڪثريتون پاڻ کي منظم ڪري نہ سگهنديون آهن. حڪومت يا تہ رئيست واري هوندي آهي يا بادشاهن واري، ٻي ڪا ڪانہ هوندي آهي.

نظرياتي طرح بادشاهت جي حمايت ۾ گهڻو ڪجهہ چئي سگهجي ٿو ڇاڪاڻ تہ بادشاهہ نيپولين جهڙا انتظام هلائڻ جي اعليٰ اهليت وارا ٿين ٿا جن جي مرڪزيت واري انتظام هيٺ هر شيءِ (آزاديءَ کانسواءِ)

ترقي ڪري ٿي. پر جديد دور جي تاريخ ۾ بادشاهت ورلي ٿي نظر اچي. ايوان، پيٽر، فريڊرڪ، لوئي چوڏهون ۽ بوناپارٽ صحيح معنيٰ ۾ بادشاهہ هئا. پر هاڻي گهڻو ڪري بادشاهہ ۽ راڻيون ڏيکاءُ آهن ۽ انهن جي پٺيان ڪو حڪمران طبقو حڪومت هلائيندو آهي. مثال آخري زار ۽ قيصر رڳو امير طبقي جا نمائندا هئا. انگلستان جي بادشاهہ جي محل جي سامهون، جنهن ۾ انگريزن پنهنجي بادشاهہ کي قيد ڪيو آهي، ڪنڌ آڪڙائي اچ وڃ ڪندڙ سپاهين کان سواءِ ڪل جهڙي (آمريڪي چوندن کان سواءِ) ٻي شيءِ ڪانہ هوندي.

اسان جي ڳالهہ کي ان جواز سان ٺاري نٿو سگهجي تہ بادشاهت جي ڪري انگلستان جي سلطنت جا ڏورانهان ملڪ پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. مجون ٿا تہ ماڻهن کي بادشاهن سان محبت آهي پر بينڪن کي متحد رکڻ جو سبب عوام جي بادشاهت سان محبت نہ آهي پر تحفظ ۽ تجارتي ضرورتون آهي. بادشاهت رڳو روايت آهي ۽ روايتن تي هلڻ سان ماڻهن کي خوشي ٿي ملي. فرانس ٿامپسن چيو آهي تہ يورپ جي ٻن ملڪن کان سواءِ ٻين سڀني ملڪن ۾ بادشاهت رڳو ماضيءَ جي نشاني آهي. حاڪميت جي ڏکي ڪوٽ تي ٽاڪيل مدي خارج ٻٽڻ وانگر جن جو ڪو فائدو ڪونہ هوندو آهي. اسان کي مڃڻ گهرجي تہ هرهڪ حڪومت جي پٺيان هڪ طاقتور طبقو هوندو آهي. اهو طاقتور طبقو فوجي، تجارتي يا رئيسن وارو ٿي سگهي ٿو. يعني حاڪم سپاهين جو ننڍو طبقو ٿي سگهي ٿو جيڪو سپہ سالار کي تخت تي ويهاريندو آهي يا امير تجارتي طبقو جيڪو صدرن ۽ بادشاهن جي معرفت حڪومت ڪندو آهي. يا پراڻن خاندانن جا ماڻهو جيڪي زمينن جا مالڪ هوندا آهن. جنهن جي ڪري هنن وٽ قيادت ۽ طاقت هوندي آهي. ان ڪري رئيست لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ اها انڌي طاقت ۽ دولت جي جاءِ والاري سگهي ٿي. روم ۾ رئيسيت جي زوال سان جنگجو بادشاهہ اقتدار ۾ اچي ويا. فرانس ۽ انگلستان ۾ رئيسيت جي وڪرڻ سان پائونڊ، ڊالر ۽ فرينڪ جي حاڪميت قائم ٿي. جمهوريت فوجي حڪومت کان بچاءُ ڪري سگهي ٿي پر اجا تائين چوندن جو ڪو اهڙو نظام نهي نہ سگهيو آهي جيڪو دولت کي اقتدار تي قبضي ڪرڻ کان

روڪي سگهي. فوجي حڪومت ڪي ائين روڪي سگهجي ٿو ته حڪومت رڳو اهي خاندان هلائن جن ۾ حڪومت هلائڻ جي روايت ۽ اهليت هجي ۽ رڳو رئيسيت ئي نئين دولتمند طبقي جي اقتدار جو توڙ آهي. رڳو اهو ئي طبقو آهي جيڪو ڪنهن به قوم جي اخلاقي ۽ ثقافتي زندگيءَ کي، سٽي بازي، منڊي ۽ ڪارخانن جي معيارن ۽ آدرشن جي محڪوم ٿيڻ کان بچائي سگهي ٿي.

**سياسي تدبر:**

انهن ڳالهين تي اعتراض ته ڪري سگهجي ٿو پر انهن کي رد ڪري نٿو سگهجي. اسين جيڪڏهن رئيسيت جي باري ۾ اُتڻ سان چونداسين ته اهو موروثي حڪومتي سرشتو آهي ته اسان جي ڳالهه ۾ وزن نه رهندو، پر اڃو ته رئيسيت جي باري ۾ ڪنهن رئيس جو رايو ٻڌون، هن جي ڳالهه اڌ ۾ نه ڪٽيون، سندس جانبداريءَ کي نظر انداز ڪيون ۽ ساڻس اختلاف ڪندي به ڪانئس ڪجهه سکون.

هن جي خيال ۾ حڪومتي عهدو سنڀالڻ لاءِ ماڻهوءَ ۾ موروثي اهليت جو هجڻ ضروري آهي. هن جي خيال ۾ ڪو به ماڻهو تيستائين سياسي مدبر ٿي نٿو سگهي جيستائين هو اهڙي جاءِ ۽ ماحول ۾ نه رهيو هجي جنهن ۾ سندس وڏن جوابداريءَ وارا عهدا سنڀاليا هجن. نتشي جي چواڻي: ”هن کي نه رڳو ذهن جي پر رت جي به ضرورت آهي.“ اها شيءِ نيپولئن ۾ ڪانه هئي. هن جي ڏي انگهن جي باري ۾ تبصري (ته منهنجو رت ڪڏ جو پاڻي نه آهي) جي باوجود هو هڪ ڳوناٺي جرنل جو پٽ هو ۽ ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ به هن ۾ خانداني رئيس وارو تدبر ۽ توازن پيدا ٿي نه سگهيو.

اسان وري نتشي جي ڳالهه تا ڪيون. هن جي خيال ۾ قيادت لاءِ اعليٰ رئيس خاندان ضروري آهن جن ۾ انتظام هلائڻ جون روايتون هجن. پراڻا خاندان جن ۾ انتظام هلائڻ جو عزم ۽ جبلت پيدا ٿي هجي. ان ڪري اهو رئيس حادثاتي پيدائش جي ڳالهه تي احتجاج ٿو ڪري، پيدائش حادثو نه آهي، نتيجو آهي، صدين جي ترقيءَ جو نتيجو، جيڪو قابليت ۽ ذهانت جي ضمانت آهي. اسان جانورن جي نسل جي باري ۾ وڏو احتياط ڪندا آهيون، انهن جي نه رڳو پيءُ ماءُ پر ڪيترن نسلن

جو پتو لڳائيندا آهيون. رئيسيت جو حامي ائين ئي انسانن جي نسل جو پتو لڳائيندو آهي. هو وراثت کي ائين اهم سمجهندو آهي جيئن جمهوريت پسند موقعن کي ۽ اشتراڪي ماحول کي اهم سمجهندو آهي. ان ڪري هو پاڻ کي گهٽ رتبي وارن مان شادي ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي، ٻئي نسل وارن کان ائين پري ڀڄندو آهي جيئن هڪ جنس وارو جانور ٻي جنس واري جانور کان پري ڀڄندو آهي. هن کي قدرتي طور يا جماعتي روايتن جي اثر جي ڪري خبر هوندي آهي ته نسلن جي ميلاپ سان شخصيت ڪمزور ٿيندي آهي پوءِ ڀل ميلاپ اڳتي هلي هڪ سني نسل جو سبب بڻجي. اعليٰ عهدن لاءِ وراثت ۾ مليل اهليت سنا حاڪم پئدا ڪرڻ لاءِ لازمي آهي. ڪجهه ماڻهن کي پئدا ٿيڻ سان ئي الگ ڪري ڇڏڻ گهرجي ته جيئن سندن ذهن ۽ شخصيت جي اوسر لاءِ کين سنا موقعا ملن. دولت ۽ تهذيب حاصل ڪرڻ لاءِ زندگي تمام ٿوري آهي ۽ زندگيءَ ۾ انهن ٻنهي مان ڪا هڪ شيءِ ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي. انسانيت جي ڀلائي ان ۾ آهي ته ڪن ماڻهن کي انفرادي اقتصادي هڻ وٺ کان آجو ڪري ڇڏجي. محنت کان سواءِ زندگي گذارڻ جو امڪان ذهني ترقيءَ لاءِ ضروري آهي. ٽين ڇيو آهي: سياستدانن جي تربيت لاءِ رئيسيت بهترين درسگاهه آهي جنهن ۾ قوم پنهنجا سياسي مدبر پئدا ڪندي آهي.

جمهوريت پرست اها ڳالهه نٿا سمجهن ته ڪنهن معمولي هنرمند جي پيٽ ۾ ڪنهن سياستدان کي تيار ڪرڻ ۾ وڏو وقت ٿو لڳي. هاڻوڪي جمهوريت واري اثر ۾ اچڻ کان اڳ انگلستان جا ليڊر پهريان گهرن ۾، پوءِ ايٽن ۽ هيرو ۾، پوءِ آڪسفورڊ يا ڪئمبرج ۾ ۽ پوءِ معمولي عهدن تي سخت محنت ڪري تربيت حاصل ڪندا هئا. انگريزي تهذيب جي وڏي چڱائي ان جو آزاديءَ جو جذبو آهي، تنهن کان پوءِ ٻي وڏي چڱائي اها آهي ته ان جون يونيورسٽيون، معاش ۽ واپار جي فن، تجارت ۽ ڪامرس جي تعليم ڏيڻ جي بدران، ملڪ جا حڪمران پئدا ڪرڻ ۾ مصروف آهن. هو بيرحم حاڪم هئا پر ماڻهن سمجهيو نٿي ته هنن جي بيرحمي سندن حڪومت لاءِ ڪيتري ضروري

هئي. هي اهي ماڻهو هئا جن هڪ ننڍي انگلستان کي دنيا کان بلند بڻائي ڇڏيو.

جمهوريت ۾ ماڻهن جو پاڻ کي سياست لاءِ تيار ڪرڻ اجايو آهي. هنن کي ان ڳالھ جي پڪ ڪانہ ٿي رهي تہ هو رواج ۽ چونڊ جي امتحان ۾ ڪامياب ٿيندا. هنن جي سٺي تربيت ڪين اهڙا شريف مفڪر بڻائي ڇڏيندي جيڪي چونڊن جي گوڙ کان پاسو ڪندا آهن سنيٽ بيوو اڳ ئي اندازو لڳائي ورتو هو تہ جمهوريت قابليت کي ڪنڌائتو ٿي ويهڻ تي مجبوري ڪندي. رينان اڳ ئي چئي ڇڏيو هو تہ انگن جي حاڪميت، اقتدار بيوقوفن ۽ عطائي ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏيندي. 1830ع ۾ دي ٽوڪ وِل آمريڪا جو ٻيو دفعو سفر ڪرڻ کان پوءِ لکيو هو تہ ”اڄ آمريڪا ۾ سڀ کان قابل ماڻهن کي وڏا عهدا نٿا ملن ۽ اها ڳالھ مڃٽي پوندي تہ اهو جمهوريت جي ترقيءَ جو نتيجو آهي ۽ آمريڪي سياستدانن جو نسل پوين پنجاھ سالن ۾ گهڻو ڪمزور ٿيو آهي“. خدا جو شڪر آهي تہ دي ٽوڪ ول مري ويو آهي. ۽ اسان کي نٿو ڏسي.

**قدامت پسندي:**

ڪنهن بہ رئيس لاءِ انتظام هلائڻ ڏاهپ جي شروعات آهي ۽ تبديلي وڏي بيوقوفي آهي. آزادي بيشڪ تہ قيمتي آهي پر انتظام کان سواءِ آزاديءَ ڪيئن قائم رهي سگهي ٿي؟ رئيست جيتوڻيڪ آزاديءَ جون کي حدون مقرر ڪندي آهي پر ڪير چئي سگهندو تہ جمهوريت ۾ اڪثريت جي انفراديت ۽ سوچ تي جنوني دباءَ کان هي ڏيک خراب آهي. انتظام سان ئي ڪابہ قوم باقاعدي پاليسيءَ تي قائم رهي سگهندي آهي.

رئيسيت ۾ سياسي مدبرن کي چونڊ جي جُوئا نہ کيڏڻي پوندي آهي انڪري ئي اهڙن ڪمن ڌانهن ڌيان ڏيئي سگهبو آهي جن جي پوري ٿيڻ ۾ ڪيترا نسل لڳي ويندا آهن. رئيسيت جي حڪومتي اداري کي روم جي سينيٽ يا ايلزبيٿ جي دور جي پارليامنٽ جهڙي رئيس اداري کي اجتماعي تسلسل، اجا بہ اجتماعي بقا حاصل هوندي آهي. ان جا

مقصد فردن جي موت يا سياسي مهمن جي بدنظمي ۽ منافقت سان ختم نہ ٿيندا آهن. ڊي ٽوڪ ول جو چوڻ آهي تہ ”گهٽو ڪري سيني قومن، جن وڏا منصوبا تيار ڪيا ۽ انهن کي عمل ۾ آندو ۽ انهن جي عمل ۾ اچڻ سان. دنيا جي تقدير تي وڏو اثر پيو. انهن سيني قومن اهي ڪم رئيسيت جي دور ۾ ڪيا.

اها ڳالھ صحيح آهي تہ اهڙي حڪومت تجربي يا تبديليءَ ۾ رنڊڪ هوندي آهي پر ان کان وڌيڪ قوت ڏيندڙ ٻي ڪا حڪومت نہ آهي. هڪ آزاد خيال سياستدان بہ جيڪڏهن ماضيءَ کان آگاھ آهي تہ ڄاڻي ٿو تہ ڏهن نون خيالن مان نوَ ضرور غلط ثابت ٿيندا آهن. تاريخ جو سڀ کان ڪڙو مذاق هي آهي تہ گهٽو ڪري اهي عقيدا جن لاءِ ماڻهو جانيون ڏيندا آهن. اڳتي هلي ڪل جهڙا ثابت ٿيندا آهن. تبديليءَ کي روڪڻ خراب آهي پر ساڳئي وقت اها روڪ ڪار جي بريڪن وانگر ضروري آهي.

اسان سائنس ۽ ادب جو مثال سامهون رکي دوکي ۾ اچي ويندا آهيون، جو تجربو انهن جي جان آهي ۽ سمجهندا آهيون تہ بهترين حڪومت اها آهي جنهن ۾ تبديليءَ جون راهون کليل هجن. پر نہ سماج تجربيگاھ آهي ۽ نہ انسان (جنگ جي ميدان کان سواءِ) پاڻ کي چيرڦاڙ لاءِ پيش ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي ايستائين جو سائنس ۾ بہ اسان بي وس جانورن ۽ ٻي جان شين تي تجربا ڪندا آهيون. پر جڏهن سائنس جي انڪشافن کي انسانن سان لاڳو ڪرڻ جو معاملو هوندو آهي تہ پوءِ اسان قدامت پسندن وانگر محتاط ٿي ويندا آهيون. اسان سياست ۾ نہ پر کاڌ خوراڪ ۽ دوائن جي معاملي بہ تبديليءَ کي روڪيندا آهيون. خيالن سان کيڏڻ ۽ زندگين سان تجربا ڪرڻ برابر نہ آهي. جت ڪروڙين زندگين جو سوال هجي اتي چاڙهيءَ تي چڙهڻ مهل بہ چئن ڦيٿن جا بريڪ ضروري آهن. ڳرن جسمن جي چرپر هوريان هئڻ گهرجي. انهن ۾ انتظام قائم رکڻ کان انتشار پئدا ڪرڻ سولو آهي.

طب وانگر سياست ۾ بہ هڪ مرض جو علاج هڪ ٻيو غير متوقع مرض پئدا ڪندو آهي. سماج جو تاجي پيٽو اسان جي جسمن ۽ ذهنن

ڪان وڏيڪ ڳتيل آهي ڇاڪاڻ تہ سماج ڪروڙين واسطن ۽ رابطن تي ٻڌل آهي. انهن ڪي جيڪڏهن ڇڏي ڏجي تہ اهي ڳتيل واسطا ۽ رابطا پنهنجي ليکي ڪا چڱي صورت اختيار ڪندا آهن. پر جيڪڏهن قوم جي چونڊيل ڏاهپ يا گڏيل وچولي اهليت انهن کي قانون جي هٽرادو قاعدن ۾ جڪڙڻ جي ڪوشش ڪندي آهي تہ نتيجو اهڙو نڪرندو آهي جهڙو جنگهن تي هلندي جنگهن جي جوڙجڪ جو تجزيو ڪرڻ سان نڪرندو.

سماج جو نظام بہ جيڪڏهن حساب، انجنيئري يا ڪنهن ٻئي علم جهڙو منطقي هجي ها جنهن جو زندگيءَ سان تعلق نہ هوندو آهي تہ پوءِ صورتحال ٻنہ ٻي هجي ها، پر سماج رڳو ڪو اصول يا اندازي سان نتيجو ڪڍڻ وارو منطق نہ آهي، اسان جي شخصيت وانگر اوسر جو هڪ سلسلو آهي. ٿين جو چوڻ آهي تہ سماج کي ڪنهن قانون ساز دانشور ڪنهن مضبوط اصول مطابق نہ ناهيو آهي، پر سماج کي هڪ ٻئي پٺيان ايندڙ ڪيترن نسلن، زماني جي گهڻ پاسائن ضرورتن مطابق ناهيو آهي، سماج کي منطق نہ پر تاريخ تخليق ڪيو آهي ۽ نئين دور جو دانشور جڏهن سماج جي عمارت ڏانهن ڏسي ٿو، ان جا پنهنجو پاڻ وڏل بنياد، ان جي منجهيل اڏاوت ۽ ڪيترا دفعا مرمت ٿيڻ جا ظاهري نشان ڏسي ٿو تہ حيران ٿو ٿئي. هر ڀار کي ڄاڻ آهي تہ برڪ روسيو کي کهڙو جواب ڏنو هو: "سماج همعصرن جي پاڻ ۾ معاهدي سان ڪونہ جڙيو آهي پر هي هڪ غير شعوري اوسر وارو عمل آهي ۽ ان لاءِ جيڪڏهن ڪو معاهدو ڪيل آهي تہ اهو ماضي، حال، مستقبل جو پاڻ ۾ معاهدو آهي." ماضيءَ سان يڪدم تعلق ٽوڙڻ سان تسلسل ٽٽندو آهي جنهن سان چريائپ پئدا ٿيندي آهي ۽ اهڙي سماجي ويسر جيڪا صدين جي صدمن ۽ حادثن سان پئدا ٿيندي آهي. فرد جي ذهني صحت هن جي يادگيريءَ سان ۽ سماج جي ذهني صحت ان جي روايتن سان قائم هوندي آهي. ٻنهي حالتن ۾ تسلسل جو ٽٽڻ ذهني بيماريءَ جو ڪارڻ ٿيندو آهي جيڪو زندگيءَ لاءِ خطرناڪ ثابت ٿيندو آهي. پيٽر جڏهن روس کي هڪ ئي نسل ۾ مغرب جهڙو بنائڻ گهريو تہ اهو

نتيجو نڪتو ۽ لينن جڏهن هڪ ئي نسل ۾ روس کي اشتراڪي بنائڻ گهربو تہ بہ اهوئي نتيجو نڪتو.

## حڪومت ۽ تهذيب:

اخلاق ۽ تهذيب تي غور ڪيو. جمهوريت ماڻهن جي روحن ۾ ڊپ پيدا ڪيو آهي جنهن ڪي ضمير جو نالو ڏنو تو وڃي. پر ڇا جمهوريت اها اعليٰ ريس ۽ خواهش پيدا ڪري سگهي آهي. جيڪا اميرن ۾ خودداري آڻيندي آهي. ڇا ڪوبہ ماڻهو، جنهن جو تعلق کهڙي بہ مذهب سان هجي، ماڻهن کي حڪم ڏيندو تہ هو ڇا پيئن ۽ ڇا نہ پيئن. ڇا رئيسيت ”جاز“ ۽ ”ڪيبري“ ناچ تخليق ڪندي. ڇا هوءَ منافق تي سگهي ٿي يا ايترو هيٺ ڪري سگهي ٿي جو عوام ۾ مقبول ٿيڻ لاءِ انهن جي خوشامد ڪري. ڇا جمهوري گروهن جي کهٽي ۽ ڪرٽيءَ ۾ واهياتپڻو نہ آهي جيڪو رئيسيت جي ڇانوَ ۾ اسري نہ سگهندو آهي. پروفيسر راس ROSS چئي ٿو تہ آمريڪن ۾ واپاري قدرَ زمين جي مالڪن جي اثر ۾ نہ آهن. پراڻي دنيا ۾ متاهون سماجي طبقو واپارن جي نقط نظر سان نفرت ٿو ڪري ۽ ان ڳالهہ ۾ فخر ٿو ڪري٭تہ هو شين کي مزو وٺڻ واري نظرن سان ڏسندو آهي. جيئن تہ پئسا ڪمائڻ کان وڌيڪ زندگيءَ کي اهميت ڏيڻ وارو رئيساڻو رويو عوام تائين پهچي ويندو آهي ان ڪري يورپ ۾ نفعو ڪمائڻ وارو رويو رڳو واپاري طبقي تائين محدود آهي. شايد تہ واپاري ذهنيت رڳو آمريڪا ۾ نہ آهي. يورپ بہ جمهوريت جي چنبي ۾ ڦاسي ويو آهي ۽ هو بہ پنهنجي اٺٽي ويهڻيءَ جا طريقا هيناهين طبقي وارا اختيار ٿو ڪري پر آمريڪا ۾ پراڻن واپاري اڳواڻن ۾ رئيسيت واريون پروقار روايتون وڌيون آهن جيڪي رئيسيت جو منو ڦل آهن.

جمهوريت پرست جي دل ۾ بہ رئيسيت جي ڪن ڳالهين لاءِ ريس پيدا ٿيندي آهي. جن کي رئيسيت جو روح چيو ٿو وڃي جيئن هنن جي هلڻي چلڻيءَ ۾ ڦڙتي ۽ وقار، نفيس ذوق، ڪل پوڳ ۽ اظهار ۾ احتياط، فطري خودداري، هو هرهڪ اعليٰ انسان جي اخلاق کان متاثر ٿيندو آهي. انڪري ئي هر انگريز نوابن سان محبت ڪندو آهي ۽

اناطول فرانس جي چواڻي: "جمهوريت پرست اعليٰ خاندان کان وڌيڪ ڪنهن شيءِ جو احترام نہ ڪندو آهي" جمهوريت ۾ سماجي ڪاميابيءِ جي هڪ ئي واٽ آهي ۽ اها آهي رئيسيت وارو انداز آمريڪا ۾ هڪ ڪامياب مقرر ٿيڻ لاءِ لازمي آهي تہ ماڻهو انگريزن وارو گفتگو جو انداز اختيار ڪري.

اها ڳالهہ فطري ۽ معاف ڪرڻ جهڙي آهي، اسين ڪٿي ڪجهہ بہ چئون، پر اسان کي خبر آهي تہ هڪ خانداني ماڻهوءَ جي تعمير ۾ ڪيترائي نسل لڳي ويندا آهن. هڪ مفلس ماڻهو جيڪو نندپڻ کان ئي معاشي جنگ جي غلاظتن ۾ قاتل رهيو هوندو اهو شايد ئي ذهن ۽ جسم جي اها پاڪيزگي ۽ نفاست، نوڙت واري خودداري ۽ تحمل حاصل ڪري سگهي جيڪو ان ماڻهوءَ ۾ هوندو آهي جنهن کي شروع کان وٺي زندگيءَ جون آسائشون حاصل هونديون آهن، جن ۾ اهڙي سوچ پئدا ڪئي ويندي آهي ۽ سندن آڏو اعليٰ مثال هوندا آهن. هاڻي دنيا کي فيصلو ڪرڻو آهي تہ هو انهن ٻن مان ڪنهن جي چونڊ ٿي ڪري ۽ ڪنهن کي اختيار ٿي ڪري. خاندانيت کي يا هيٺان کان رڙهندي رڙهندي مٿي چڙهڻ وارن کي. طبيعت جي نفاست کي جيڪا مٿان واري طبقي کان درجي بدر جي هيٺاهين طبقي ڏانهن ويندي آهي يا ان عامپڻي کي جيڪو هيٺان کان مٿي ايرندو آهي. انهن ٻن سيائن جو تفاوت ان ادب مان ظاهر ٿو ٿئي جيڪو انهن ٻن قسمن جي حڪومتن ۾ زندگي گذارڻ جي طريقن مان پئدا ٿيندو آهي زندگيءَ جي هر قانون ۾ ڪي ڳالهيون ان کان مٿاهيون هونديون آهن. انهن کان هٿي ڏسبو تہ خبر پوندي تہ رئيسيت جو ادب ڪلاسيڪي صورت اختيار ڪندو آهي ۽ جمهوريت جو ادب روماني هوندو آهي. اشتراڪيت ۽ سائنس جي اثرن هيٺ اسان کي وقتي طور حقيقت پسنديءَ جو دور مليو جنهن ۾ ادب طبعيات جي معروضيت جي اهل ڪئي ۽ باغياڻي انداز سان زندگيءَ جي ڏانديائن ۽ ناانصافين کي ظاهر ڪيو. پر ادب ۾ بنياديءَ طرح ڪلاسيڪي ذهن ۽ روماني تصور ۾ رقابت هوندي آهي جيئن سياست ۾ حاصل ڪيل دولت ۽ ورثي ۾ مليل دولت ۾ رقابت هوندي آهي. جمهوري دور پنهنجي صنعتي ۽

تجارتي زندگيءَ جي بوريت کي روماني ادب سان ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پنهنجي دڪانن ۽ ڪارخانن واري بي مزي زندگيءَ کان پاڻ کي مٿاهون ڪري محبت جي جذباتيت وارن افسانن مان مزو وٺندو آهي. رئيسيت پنهنجي جذبات کي قبضي ۾ رکندي آهي ۽ جيڪڏهن سندس زبان بي لغام ٿي وڃي ته ڪيس شرمندگي ٿيندي آهي. هن جو تصور هميشه سندس عقل جي تابع هوندو آهي. احتياط هن جي زندگيءَ جو بنيادي اصول هوندو آهي. ادب ۽ زندگيءَ ۾ هو وڏاءُ ڪرڻ جي بدران محتاط گفتگو ڪندو آهي. هو ماڻ ۾ ڳالهائيندو آهي ته جيئن ماڻهو ڪيس چڱيءَ طرح ٻڌي سگهن (اها ڳالهه ڪنهن جي باري ۾ فلابيئر FLAUBERT سلامبو SALAMMBO جي واتان چورائي آهي). رئيسيت ۾ ماڻتن MONTAIGNE جا مضمون ٺا لکيا وڃن. پر ايملي EMILE ۽ لي مزرابل LE MISERABLES نٺا لکيا وڃن. پر ان کان انڪار ڪري نٿو سگهجي ته هر نموني جي ڪتابن ۾ انسانن سان ادب يا زندگيءَ جي تخليق ٿيندي آهي.

گهڻو ڪري رئيسيت فن ۾ عمل ۾ غير معمولي ماڻهن جي وڏي فراخدليءَ سان سرپرستي ڪندي آهي. ٽارڊ TORDE چوي ٿو ته رئيسيت نون خيالن کي قبول ڪندي آهي. تخليق جتي به پئدا ٿيندي آهي ته ڪن ٿورن پڙهيل ماڻهن ۾ پناهه وٺندي آهي. ۽ انهن جي وسيلي ادنيٰ ماڻهن تائين پڄندي آهي. سنياتا چئي ٿو ته ”تهذيب اعليٰ ماڻهن جي مرڪزن جي روايتن جو عام ماڻهن ۾ پکڙجڻ جو نالو آهي.“ رينان RENAN جو چوڻ آهي ته ”سموري تهذيب کي رئيسيت تخليق ڪيو آهي“ هن کي انديشو هو ته ”سائنس جو ان وقت زوال ٿيندو جڏهن عام ماڻهو ان جي معنيٰ سمجهڻ شروع ڪندا.“ سُمر SUMMER ٿو چئي ته ”طبقا نواڻ پئدا ڪندا آهن ۽ عام ماڻهو انهن کي اڳتي وڌائيندا آهن. لي بان LE BON جو چوڻ آهي ته ”تاريخ مان خبر ٿي پوي ته اسان پنهنجي ترقيءَ لاءِ ڪن ٿورن ماڻهن جا احسان مند آهيون. نيون ايجادون ڪرڻ وارا ذهين ماڻهو تهذيب جي رفتار کي تکو ڪندا آهن جڏهن ته خود فريبي ۾ چريائپ ۾ قاتل ماڻهو تاريخ تخليق ڪندا آهن.“ اها حقيقت آهي.

**جمهوريت ۽ افراتفري:**

آخري ڳالهہ تہ عوام پاڻ بہ رئيسيت کي پسند ڪري ٿو. عوام سياست ۽ سوچ ۾ قدامت پرست هوندو آهي. جيڪا حڪومت آهستي آهستي پنهنجا بادشاهي مقصد پورا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ان کي عوام پسند ڪندو آهي. جڏهن عوام کي گهٽو دٻايو ويندو آهي تڏهن هو انقلاب آڻيندو آهي. ائين ٿو لڳي تہ اڻ چونڊيل حڪومت سان عوام جو جهڙوڪر هميشہ وارو پيار هوندو آهي. روم جا ماڻهو پنهنجن آمرن جا نالا وڏي فخر سان ڪٽندا هئا، خاص ڪري انهن جا جن جي حڪومت ۾ هو پاڻ نہ رهيا هئا. هنن کي اها ڳالهہ خراب نہ لڳندي هئي تہ انهن جمهوريت جا سيئي اصول ٽوڙيا هئا. انگليند ۾ عام ماڻهو انهن اخبارن کي پسند ڪندا آهن جيڪي رئيسيت جي خبرن سان ڀريل هونديون آهن. بازار ۾ هر ٻيو دڪان شاهي نشان جي نمائش ڪندو آهي يا وري وڏي فخر سان چوندو آهي تہ بادشاهہ سلامت هن دڪان تان شيون خريد ڪندو آهي. هڪ مثال ڪان سواءِ 1927ع ۾ آمريڪي اخبارن جو سڀ ڪان مقبول مڙد هڪ انگريز شهزادو هو ۽ سڀ ڪان مقبول عورت بلقان جي ملڪہ هئي.

بيشڪ تہ اڄ جا ماڻهو پهرين ڪان وڌيڪ خوش آهن. ايجادن هنن جي آسائشن ۽ طاقت کي وڌايو آهي. دولت سان سندن سفر ۽ وندر جو دائرو وڌيو آهي. پر زندگيءَ جي ايڏي سرگرميءَ سان روح جي بيچيني وڌي آهي. لڳي ٿو تہ هر ماڻهو چاهي ٿو تہ جيئاپو هڪ ظالماڻو مقابلو ۽ ارادن جي جنگ آهي. لباس، ڪار ۽ گهر لاءِ وڏي چٽا پيٽي آهي، اناطول فرانس چيو آهي: ”نئون سماج هر ڪا اميد پئدا ڪندو آهي انسان جي سيني قوتن کي اُڀاريندو آهي ۽ جيئاپي جي جنگ کي پهريان ڪان وڌيڪ تيز ڪندو آهي. ڪاميابي وڌيڪ چٽڻ واري ۽ شڪست وڌيڪ بيرحم آهي.“

رئيسيت جي انتظامي خاصيت سان گڏ دلين مان سڪون بہ ختم ٿي ويو آهي. فرانس جي انقلاب ڪان اڳ سماج هڪ ڇت واري گهر وانگر هو جنهن کي ڏاڪا نہ هئا. هاري پوک ڪندا هئا پر مٿي چڙهڻ جي خواهش نہ ڪندا هئا ۽ رئيسيت انهن جي ڊپ ڪان سواءِ وڌندي

ويجهندي هئي. ٽيليرينڊ TALLEYRAND چيو آهي: ”جيڪي ماڻهو 1789ع کان اڳ زنده نہ هئا انهن زندگيءَ جا مزا ڪونہ ماڻيا.“ پر اڄڪلهہ هر ڪو ماڻهو تيز بخار ۾ تہ ٻري جنهن جي ڪري دولت ۽ بيماريون پئدا ٿين ٿيون. اسان وٽ آزاديءَ جو مطلب اهو سمجهيو ويندو آهي تہ هر ڪو ماڻهو ملڪ جو صدر ٿي سگهي ٿو، جنهن جو نتيجو بي چيني ۽ لڳاتار جدوجهد نڪتو آهي جيڪا ان کان اڳ تاريخ ۾ نظر نٿي اچي. امن اڻ برابريءَ وارن ماڻهن ۾ قائم ٿي سگهندو آهي. ڏيکاءُ واري برابري جنگ جو سبب ٿيندي آهي، جمهوريت، سياست، اقتصاديات جي ڪشمڪش ۽ روح ۾ چڪتاڻ پئدا ڪئي آهي. هرهڪ ڇهري تي پريشانيءَ جا نشان آهن ۽ هر گهر پريشانين ۾ ورتل آهي. سماج جڏهن انسانن جي ارادي ۽ ذهانت جي قدرتي فرق کي مڃيندو ۽ منافقيءَ واري برابريءَ تي ٻينل ادارن کي ڊاهيندو تڏهن ماڻهن کي امن نصيب ٿيندو. ان وقت سماج چڱا ڀيٽيءَ کان سني هلت، شين جي تعداد کان وڌيڪ انهن جي سنائي، تصور کان ذهانت ۽ دولت کان فن ڏانهن ترقي ڪندو.

## رئيسيت جون خاميون:

هي آهن رئيسيت جي حمايت ۾ دليل جن کي جيئن جو تيئن پيش ڪيو ويو آهي. اچو تہ پهرين انهن نڪتن ڏانهن ڌيان ڏيون جن سان اسان قائل نہ ٿي سگهيا آهيون ۽ ان کان پوءِ ٻين نڪتن کي پنهنجي فلسفي ۾ جاءِ ڏيڻ جي ڪوشش ڪيون. رئيسيت جي حياتيءَ ان جي حمايتيءَ ۽ ان جي حمايت ۾ وڏي جانبداريءَ وارا دليل ڏنا آهن ۽ ڪيترن نڪتن جي وضاحت نہ ڪئي آهي. اچو تہ ٿوريءَ دير لاءِ مڃون تہ رئيسيت هوشيار سياستدان ۽ دور انديش ماڻهو پئدا ڪندي آهي. پر ان ڳالهہ جي ڪير پڪ ڏيندو تہ هنن جي هوشياري عوام جي ڀلي لاءِ ڪم ايندي. رئيسيت ورلي عوام سان اهڙو تعلق پئدا ڪندي آهي، جهڙو تعلق جسم ۽ ذهن جو پاڻ ۾ هوندو آهي. اهي هوشيار سياستدان گهڻو وقت پنهنجن حريفن کي هيٺ ڪرڻ ۽ پنهنجي اقتدار کي قائم رکڻ ۾ خرچ ڪندا آهن ۽ عام ماڻهن ڏانهن بلڪل ڌيان نہ ڏيندا آهن.

ٿورو رئيسيتِ جي جنگ بنديءَ تي بہ غور ڪيو. جنگ شڪار وانگر هنن جي وندر هئي. دشمن شڪار هو ۽ جنگ ڪرڻ وارا شڪاري ڪتا هئا. اهو سچ آهي تہ جنگ ۾ هو وڏي دليريءَ سان جان ڏيندا هئا ۽ هنن جي جرائت ۽ همت تي بہ شڪ نٿو ڪري سگهجي. اهو بہ سچ آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن هو وچولي طبقي ڪان گهڻ ظالم هئا ۽ هنن جي پيٽ ۾ گهڻ ڪينو رکڻ وارا هئا. لائيڊ جارج جو چوڻ هو تہ قيصر ڪي روشنيءَ جي ٽنيي سان ٻڌي ڦاهي ڏني وڃي، جڏهن تہ لينسڊاؤن جي صلاح هئي تہ احتياط ڪان ڪم ورتو وڃي. فرانس جي جمهوريت پرستن ان ڳالهہ تي زور تي ڏنو تہ هنن جو آخري ٻار بہ قومي مفاد لاءِ قربان ٿئي، پر بادشاهہ چارلس نيازمنديءَ سان امن جي درخواست ڪئي هئي، اسان کي ”گلابن جي جنگ“ ياد آهي. لوئي سورهين جا اڳرائيءَ وارا حملا بہ ياد آهن. فريڊرڪ جي بيرحم هوس ۽ ڏاڙيلن وانگر پولينڊ جي ورهاست بہ ياد آهي ۽ فرانس جي تخت تي بوربين خاندان کي قائم رکڻ لاءِ ويهن ورهن تائين واري لڳاتار جنگ بہ ياد آهي.

طاقت جيتري غير ذميوار هوندي آهي اوترو ماڻهن کي خراب ڪندي آهي. رئيسيت گهڻو ڪري ظالم هوندي آهي. جيئن سپارٽا جا ماڻهو پنهنجن غلامن سان، روم جا نواب پنهنجن قرضدارن سان، انگريز نواب پنهنجن آرستان جي هارين سان ظالم هوندا هئا. اهڙي رئيسي ثقافت جي عظمت کي ڇا ڪبو جيڪا بربريت تي لهي اچي. اهڙي بربريت واري هلت روم جا حڪمران اسپارٽيڪس جي پوئلڳن سان، ڪلائيو ۽ هيسٽنگس هندوستان جي ماڻهن سان هلندا هئا. اهو اصول شايد تہ هاڻوڪي دور ۾ صحيح نہ بہ هجي پر ان اصول تي اڄ بہ عمل ڪرڻ گهرجي تہ ”ڪوبہ شخص ان لائق نہ آهي تہ ٻئي جي مرضيءَ ڪان سواءِ ان تي حڪومت ڪري“ جمهوريت جو آدرش جيتوڻيڪ رڳو آدرش ئي آهي پر ان ۾ وڏا امڪان آهن. اهو آدرش هرهڪ ماڻهوءَ ۾ جرائت پئدا ٿو ڪري تہ هو پنهنجي ذميواري پنهنجن ڪلهن تي کڻي. اهو ڪرنگهي جي هڏي کي مضبوط ٿو ڪري، نگاهہ کي بلند ٿو ڪري. افراتفريءَ ۾ قاتل ماڻهن جو ملڪ جيڪو انتظام جي سڌاري

واري راهه تي آهي غلامن جي ان قوم کان بهتر آهي جنهن جي پناهه گاهه فقط انقلاب آهي.

ها ثقافت اقليت جي عياشي آهي ۽ اجا گهڻو وقت رهندي. ڄاڻو ماڻهو ڪڏهن به رئيسيت کي فن ۽ سائنس سان نه ڳنڍيندا آهن. ترقي ڪن ٿورن ماڻهن جي ڪري ٿيندي آهي پر انهن ٿورن ماڻهن کي ترقي ڏيارڻ جي اها صلاحيت ورثي ۾ ڪانه ملندي آهي. جديد سائنس جي اوسر، صنعت ۽ اڄ وچ جي وسيلن سان ڳنڍيل آهي جن ۾ رئيس ڪڏهن به دلچسپي نه وٺندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ڪاؤنٽ رمفورڊ COUNT RUMFORD جهڙا ڪي رئيس سائنس سان پاڻ وندرائيندا آهن. پر جڏهن اسان ان فهرست مان انهن ماڻهن جا نالا ڪڍي ڇڏيون جن پنهنجن ڪارنامن جي ڪري نوابيءَ جا خطاب حاصل ڪيا ته پوءِ خبر پوندي ته سائنس رڳو وچولي طبقي جو ڪم آهي.

اهو ساڳيو حال فن جو آهي. رئيسيت فن جي تخليق نه پر ان جي سر پرستي ڪندي آهي. فن جي تاريخ ۾ جيڪي عظيم دور گذريا آهن اهي رئيسيت جا دور نه آهن. اهي نه اگامينن جا دور آهن ۽ نه يورپ ۽ مصر جا جاگيرداري دور آهن. هي اُهي دور آهن جيڪي هڪ نئين وچولي طبقي جي عروج جي ڪري سجاتا وڃن ٿا ۽ انهن جو شان محلن جي ڪري نه پر آزاد شهرن ۾ تجارتي مرڪزن جي ڪري آهي. يوناني ڊرامو يونان جي واپارين پئدا ڪيو هو ۽ سيني کي خبر آهي ته سوفوڪلس ۽ يورپيڊس جا ڊراما خوشحال ماڻهن ان ڪري اسٽيج ڪيا هئا جو هنن پنهنجي رياست جو مان وڌائڻ ۽ دولت ڪمائڻ تي گهري. گوٿڪ ڪليسا ڪنهن نواب نه پر واپارين جي انجمنن تعمير ڪئي هئي. اهي نازڪ طبع نواب نه، پر دينادار سرمائيدار هئا جن يوڪريٽس هوريس ۽ ورجل جي امداد ڪئي هئي. گوٿڪ ڪلسيا ڪنهن نواب نه پر واپارين جي انجمنن ۽ فخر ڪندڙ آزاد شهرن نهرائي هئي. اهو صحيح آهي ته انگريز رئيسن شيڪسپيئر جي تيستائين امداد ڪئي هئي جيستائين هن دولت حاصل نه ڪئي هئي (ڪاسائيءَ جو هي عياش پٽ وڏي ڪاروباري ذهنيت وارو هو) پر نشاة الثانيه جو سارو خرچ ميڊيسي جي واپاري خاندان پريو هو. رئيسيت جانسن،

برنس، چيسٽرٽن کي مدد ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو ۽ پنهنجي بائرن ۽ شيلي کي جلاوطن ڪيو هو. پر وڏنڊڙ واپار ۽ صنعت جي دولت اٺويهين صديءَ جي انگلستان ۽ فرانس جي طاقتور ادب جي پرورش ڪئي. رڳو جرمني ۾ فريڊيڪ اعظم، وائيمر جي ڊيوڪ، ڪارل آگسٽ ۽ بويريا جي بادشاهه لڊوِگ (LUDWIG) وارن مثالن تي رئيست فخر ڪري سگهي ٿو. حقيقت ۾ رئيسيت فنڪارن کي مصر جي رئيسيت وانگر مزورن جو درجو ڏيندا آهن. رئيس زندگيءَ جي فن کي، فن جي زندگيءَ کان وڌيڪ اهم سمجهندو آهي. اعليٰ ذهن کي فنڪاراڻي جانفشانيءَ جي صورت ۾ جيڪا قيمت ڏيڻي پوندي آهي ان لاءِ رئيس ڪڏهن به تيار نه هوندو آهي. هو گهٽو ڪري ادب تخليق نه ڪندو آهي جو هن کي خبر هوندي آهي ته ڇپائڻ لاءِ لکڻ ڏيکاءُ آهي. ڪوبه رئيس پنهنجي لکڻين ۾ رابيلس RABELAIS وانگر ڇپائيءَ ۾ آزاديءَ سان خوش مزاجي جو اظهار ۽ ميڪاولي وانگر سياسي راز بيان ڪري نه ٿو سگهي. روسيو وانگر وڙهي نٿو سگهي. يا شيڪسپيئر جهڙا زبردست الميه ڊراما ۽ تمثيلون تخليق ڪري نٿو سگهي يا گهٽ ۾ گهٽ اناطول فرانس وانگر رئيساڻا مضمون ۽ افسانا به لکي نه ٿو سگهي ڇاڪاڻ ته اناطول فرانس (جنهن جو پيءُ ڪتاب وڪڻندو هو) جي خوبي هن جي نزاڪت واري مايوسي آهي ۽ رئيس جو ڪڏهن به مايوسيءَ سان واسطو نه پوندو آهي، هن جي پرورش اهڙي ٿيل هوندي آهي جو هو اڳيئن جهان کي ايڏي اهميت نه ڏيندو آهي ڇاڪاڻ ته هو هن جهان جو مالڪ هوندو آهي. ان جو نتيجو بي خياليءَ واري ۽ متاچري لذت پسنديءَ جي هيراڪ رئيسيت آهي. هڪ مڪمل افراتفري، جنهن ۾ اعليٰ درجي جا حق ته پورا حاصل هوندا آهن پر ذميواريون پوريون نه ڪيون وينديون آهن. وراثت جي تنگ نظريي ۽ شاديءَ کي رڳو ڪن ٿورن خاندانن تائين محدود ڪرڻ جي ڪري جي زوال شروع ٿيندو آهي. نسل جسماني طرح هيٺو ۽ اخلاقي طرح ڪمزور ٿيندو ويندو آهي ۽ هڪ صديءَ ۾ اعليٰ ذهن وچولي درجي جو ٿي ويندو آهي. پيٽرِاعظم ۽ نڪولا پهريون جي وليم اورينج ۽ جارج ٽئين جي وچ ۾ رڳو ٿورن نسلن جو فرق هو پر ان عرصي ۾ اسٽورٽ ۽ بوربن هيپسبرگ ۽

هوهيزولرن ۽ روموف خاندانن کي زوال اچي ويو. ان لاءِ وڏيڪ ڪو نظريو پيش ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي.

نتيجو اهو ٿو ٿئي تہ وراثت وارا وليم بہ هوندا آهن تہ فريڊرڪ بہ پر ان جا فائدا گهٽ ۽ نقصان گهڻا آهن. اعليٰ ذهن ڪنهن بہ طبقي ۾ پئدا ٿي سگهي ٿو پر ان جي وڌڻ جا امڪان اتي گهٽا هوندا آهن جتي ماڻهوءَ کي سولائي سان ماني ملندي آهي جڏهن تہ سخت پورهي جي ڪري اعليٰ ذهنيت جو ٻج ڦٽي نہ سگهندو آهي ۽ سڙي ويندو آهي. وراثت واري رئيسيت عوام جي صبر ۽ شڪر، قناعت ۽ گهٽ همت جي ڪري گهڻي وقت تائين قائم رهي آهي. پر پاپائيت جي پيٽ ۾ هيپسبرگ خاندان جو عرصو ڪجهہ نہ آهي. يورپ جا سڀ کان وڏا حاڪم پوپ هئا ۽ سڀ کان وڌو حڪومتي ادارو گرجا هو. پر گرجا ۾ وراثت کي ڪا اهميت نہ هئي. ڪو هاري بہ پوپ ٿي سگهيو ٿي. تاريخ ۾ سڀ کان مضبوط حڪومت رئيسيت واري جمهوريت هئي ۽ ٿي سگهيو تہ ڪنهن ڏينهن اسان بہ اهڙي سياٽپ واري حڪومت قائم ڪري سگهنداسين.

**هڪ بيو نسخو:**

انساني حڪومت جي ڳتيل مسئلي جي ظاهري ڳالهہ هيءَ آهي تہ سياسي وراثت جو اصول انتشار جو اصول آهي جيڪو نااهليت جي حفاظت ٿو ڪري ۽ ان کي وڌائي ٿو ۽ ورثي ۾ مليل ناقابليت سان سٽي نموني ۾ انتظام هلائڻ جا رستا بند ٿو ڪري ۽ فرد جي صلاحيت کي اسرڻ کان روڪي ٿو ۽ مضبوط رياست جي پهرين بنيادي ضرورت کي ختم ٿو ڪري، اها ضرورت آهي تہ رياست جي هرهڪ باصلاحيت ماڻهو تہ جنهن جو تعلق يل ڪنهن سان بہ هجي، جي صلاحيتن کي پوريءَ طرح اُپاريو وڃي ۽ کيس موقعو ڏنو وڃي تہ هو پنهنجي صلاحيتن کي رياست جي خدمت لاءِ ڪتب آڻي. اهو جمهوريت جو بنيادي اصول آهي تہ جيتوڻيڪ سڀ فرد برابر نہ آهن پر سڀني کي برابر موقعا ملن ٿا. فرد جا حق رڳو عهدو ماڻڻ ۽ اختيار حاصل ڪرڻ نہ آهن پر سندس حق اهي بہ آهن تہ هن جا اڳتي وڌڻ جا سڀ رستا ڪليل

هجن ۽ هن جي عهدي ۽ اختيار حاصل ڪرڻ جي اهليت جي آزمائش ۽ پرورش ٿي سگهي.

رئيسيت بيشڪ ته بهترين ماڻهن جي حڪومت آهي پر ضروري نه آهي ته اها حڪومت خانداني هجي. اسان رئيسيت لاءِ مرون ٿا پر ان جي اهليت جي معنيٰ اها نه آهي ته اسان نوابن جي حڪومت ٿا چاهيون. زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اسان وڏا وڏا ڪم ڪرڻ وارن لائق ماڻهن سان ملندا آهيون پر سياست لاءِ هنن جا رستا بند هوندا آهن. جمهوريت کي اهي رستا کولي ڇڏڻ گهرجن. مسئلي جو حل سولو نه آهي ڇاڪاڻ ته اسان جي زوال اسان ۾ مايوسي پئدا ڪري ڇڏي آهي. اسان ڪنهن به چڱيءَ رت تي مايوسيءَ سان مرڪي پوندا آهيون ۽ حالتن سان سرچاءُ ڪرڻ لاءِ ائين سمجهندا آهيون ته دنيا هميشه ائين رهي آهي ۽ هميشه ائين رهندي ۽ اهڙيءَ طرح اسين حالتن سان سرچاءُ ڪري سگهندا آهيون. ۽ هاڻي اسان ايترا هوشيار ٿي ويا آهيون جو بگهڙ ۽ بيوقوف ٿا اسان تي حڪومت ڪن. شايد ته والٽيئر سچ چيو هو ته سياڻو ماڻهو دنيا کي بلڪل اهڙي حالت ۾ ڇڏڻ چاهيندو آهي. جهڙي حالت ۾ هن دنيا کي پئدا ٿيڻ وقت ڏٺو هو. پر ڌرتيءَ تي جنت اڏڻ جو سحر اسان جي رت ۾ شامل آهي ۽ اسان کي سک سان ويهڻ نٿو ڏي. رئيسيت ۾ ڪي چڱايون آهن. انهن چڱائين کي ڳولهي انهن کي جمهوريت جي ڏيکاءَ سان ڳنڍڻو آهي. آمريڪا ۾ 1959ع واري ميئر جي چونڊ جو تصور ڪيو، اها چونڊ اجا تائين هڪ جمهوري چونڊ آهي. هر ڪو مرد ۽ عورت ووٽ وجهي متن حڪومت ڪرڻ وارن کي چونڊيندا آهن. اسان هاڻي تائين جيڪي به چونڊون ڏٺيون آهن انهن ۾ اها چونڊ بيشڪ ته وڏيڪ جمهوري آهي ڇاڪاڻ جو اڄڪلهه چونڊن ۾ اسان کي ٻن يا ٽن اميدوارن مان هڪ کي چونڊڻو هوندو آهي، جيڪي ڪن خاص طبقن جا نمائندا هوندا آهن، جن تي اسان جو اختيار نه هوندو آهي ۽ اسان جي خودمختياري ان ڳالهه تائين محدود هوندي آهي ته اسين اهو لباس پايون جيڪو اسان جا صاحب پائن. اسان جي خودمختياري رڳو ايتري آزاديءَ جا مزا ماڻيندي آهي.

اهي سَو نمائندا نيٺ ڪيئن نامزد ٿيا، ڇا انهن کي سندن سَو آقائن نامزد ڪيو؟ ڇا اهي ڪن سازشن، يا ڪنهن پارٽيءَ سان وفاداريءَ جي ڪري، يا حڪم تي ڪنهن کي ٻه ووٽ ڏيڻ واري فرمانبرداريءَ جي ڪري، اقتدار جي در تائين پهتا آهن. نه، اهي انهن مان ڪنهن به رستي ڪان ڪونه آيا آهن. هنن کي ڪنهن به نامزد نه ڪيو آهي. هنن رڳو پنهنجي اميدوار هجڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ پنهنجا مقصد ظاهر ڪيا آهن، ٻيو ڪجهه نه ڪيو آهي. ڇا پارٽيءَ جي نامزدگيءَ کان سواءِ چونڊون ٿيون. ڇا پارٽيءَ پاران اميدوار نامزد ڪرڻ وارو قانون ختم ٿي ويو؟ ڇا هر ڪو ماڻهو پنهنجي ليکي ميئر گورنر ۽ صدر ٻڻجڻ لاءِ پاڻ آڇي سگهي ٿو؟ نه، ٻئي ڪنهن به ماڻهوءَ يا ماڻهن ان اميدوار کي نامزد نه ڪيو آهي پر هن جي قابليت، هن جو تجربو ۽ تربيت ڪيس نامزدن تا ڪن. چونڊن جو ميدان ڪٽي ڪيڏو به وڏو هجي پر ان طريقي سان ڪوبه نااهل شخص چونڊ جي نٿو سگهي.

انهن اميدوارن مان هرهڪ پنهنجي زندگيءَ کي اهو عهدو ماڻڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي. هن ڪاليج مان اعليٰ تعليم پرائي، سياسي ٽريننگ واري يونيورسٽيءَ مان ڇئن ورهن تائين وڏي محنت سان تربيت حاصل ڪئي. هن لاءِ حڪومت به طب انجنيئري ۽ قانون جهڙو علم ۽ فن آهي. اهو رڳو هڪ عهدو نه آهي جيڪو هن کي هر طريقي سان حاصل ڪرڻو آهي. ان لاءِ هن علم، صحيح سوچ ۽ ڪوشش سان پاڻ کي ڏوئي اُجرو ڪيو آهي. نااهل ۽ ڇَسا ماڻهو ميدان ۾ پٺتي رهجي ويا آهن. هاڻي هو ٻين ڪيترن اميدوارن وانگر آزاد آهي ته هو ميئر ٿيڻ لاءِ چونڊ وڙهي. جيڪڏهن هو ڪنهن ننڍي شهر جو ٻه دفعا ميئر ٿئي ته پوءِ هو ڪنهن ٻئي درجي واري وڏي شهر جو ميئر ٿيڻ جو حقدار ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ان وڏي شهر جو هو ٻه دفعا ميئر ٿيو هجي ته پوءِ هو گورنر جي چونڊ لاءِ بيهي سگهي ٿو. جيڪڏهن هو هڪ ئي رياست جو ٻه دفعا گورنر ٿئي ته پوءِ هو ملڪ جي صدر ٿيڻ جو اميدوار ٿي سگهي ٿو. تربيت هن کي نامزد ڪندي آهي ۽ اسان جون يونيورسٽيون جيڪي آمريڪي زندگيءَ جو مٺو ثمر آهن. اسان جي تنظيمن جون درسگاهون ثابت ٿينديون. نوڪر شاهي ائين ئي

رهندي جيئن رهندي آئي آهي. هڪ طبقي جو اقتدار ائين ئي قائم رهندو جيئن اڳ رهندو آيو آهي. پر اها هڪ سڪيا ورتل نوڪر شاهي هوندي ۽ هڪ طبقي جو اقتدار آئيني ۾ محدود هوندو. چوندبن سان جمهوريت قائم ٿي رهي ته وري اعليٰ عهدن کي ڪن خاص ماڻهن تائين محدود ڪرڻ سان رئيسيت قائم ٿي رهي. پر اها جمهوريت نااهليت ۽ ڪرپشن کان سواءِ هوندي ۽ اها رئيسيت به خانداني ورثي ۽ حقداريءَ واري نه هوندي.

هيءَ رٿ عملي نه پر تصور پرستيءَ واري ٿي لڳي ۽ ظاهريءَ طرح ديوانگيءَ واري به. پر سوال آهي ته اها ڪهڙي رٿ آهي جا اهڙي نه آهي؟ ڇا اليزبيٿ جي دور ۾ ڪو منشي واشنگٽن ۽ ميرابو جي باري ۾ اڳ ڪٿي ڪري ٿي سگهيو؟ يا جارج واشنگٽن جي زماني ۾ عورتن جي ووٽ جي حق جي ڳالهه، ۽ گرانٽ جي زماني ۾ شراب کان روڪڻ جي ڳالهه ڪري ٿي سگهيو؟ ڪابه ڳالهه جيستائين پوري نه ٿئي تيستائين نه ٿي سگهڻ جهڙي نظر ايندي آهي. آڪسفورڊ ۽ ڪيمبرج يونيورسٽن سياسي مدبرن کي تعليم ڏني. ڇا اسان جون يونيورسٽيون ائين ڪري نه ٿيون سگهن. چين ۾ ڪيترن صدين تائين عهدا رڳو انهن ماڻهن کي ڏنا ويندا هئا جن جي تعليم ۽ تربيت هر قدم تي آزمائيل هوندي هئي. پرپوءِ 1911ع ۾ جڏهن ماڻهن ۾ جمهوريت جي باري ۾ سوچ پڪڙي ته اهو طريقو ختم ڪيو ويو. جرمني جي شهرن م هڪ صديءَ تائين ايترو سٺو انتظام ۽ صفائي هئي جو ان جو مثال تاريخ ۾ نٿو ملي. ان جو سبب اهو هو جو انتظام اهڙن ماڻهن جي هٿن ۾ هو جن انتظامي تربيت حاصل ڪئي هئي.

پر اسان کي مايوس ٿيڻ نه گهرجي. اسان جي يونيورسٽن ۾ حڪومتي انتظام هلائڻ جي سکيا جا اسڪول آهن يا اهڙا نصاب آهن جيڪي سيني اسڪولن جو جڙ ته مرڪز آهن. ماهرن جي مخالفت گهٽ پئي ٿئي ۽ سنسناٽي CINCINNATI وانگر هر هڪ شهر خاص تربيت ورتل ماڻهن کي انتظام لاءِ مقرر پيو ڪري. آمريڪا جي هرهڪ ماڻهوءَ کي خبر آهي ته اسان جون چوندبون ڪل جهڙيون آهن ۽ ان ڪل جهڙي راند جا اڳواڻ ان ڳالهه تي پريشان آهن ته ووٽرن جو وڏو انگ

چوندين ۾ ووٽ چو نتو وجهي. هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ اسين ان بدنيتي جي حقيقت کي ڏسون ۽ بي ڊپائيءَ سان چئون تہ اسين تيستائين ووٽن ۾ وقت نہ وڃائينداسين جيستائين ائين نہ ٿيندو جو اسين لائق ماڻهن کي ووٽ ڏيون. اها اسان جي بزدلي آهي جو عام ماڻهو حالتن کان اڻ ڄاڻ ٿا رهن ۽ اهو ڄاڻڻ کان پوءِ بہ تہ جمهوريت ناڪام ٿي آهي ماٺ ٿا رهن! اچو تہ اسان پنهنجن زبانن کي ڳالهائڻ جي طاقت ڏيون.

هڪ ليکڪ رڳو ايتري ڳالهہ ڪري سگهيو. پر سوچيو تہ جن وٽ اختيار آهن اهي هن ڏس ۾ ڇا ٿا ڪري سگهن. جيڪڏهن رڳو هڪ سو رسالا ماڻهن تائين صحيح معلومات پهچائين ۽ هڪ سو مقرر ووٽ ڏيڻ لاءِ اميدوار جي تعليم ۽ تربيت تي زور ڏيندا رهن تہ پوءِ ڏسو تہ سڄاڻ ماڻهن جي راءِ ڪيئن ٿي عام ماڻهن تائين پهچي. ان سان اکيون کلن ٿيون، تعصب گهٽجن ٿا ۽ نيٺ ماڻهو ڪٿي نہ ڪٿي ان لاءِ راضي ٿا ٿين تہ سياسي عهدا رڳو تعليم يافتہ ماڻهن لاءِ هئڻ گهرجن. پوءِ ڏسو تہ ڪيئن ٿو هڪ شهر ٻئي شهر جي اهل ڪري، تان جو سڀ پاڪ ۽ صاف ٿي ويندا ۽ چور ۽ ناپاڪ عهدن ۽ بازارن مان غائب ٿي ويندا.

اسان پوڙها هاڻي اميد جي آسري رهي نٿا سگهون. اسان جا روح ايترا تہ مجروح ٿيا آهن جو اسان جوش ۽ اُتساهہ تي مرڪون ٿا ۽ سڏارا آڻڻ جي جذبي تي کلون ٿا. پر اسان جي ڪاليجن ۾ هڪ نئون نسل تيار پيو ٿئي جيڪو اسان کان گهٽ روماني ۽ وڌيڪ بهادر ۽ وڌيڪ ڄاڻ رکڻ وارو نسل آهي. انهن جو انگ جڏهن لکن ۾ ٿيندو تڏهن هو ايترا تہ مضبوط هوندا جو اسان جي اجتماعي زندگيءَ جون تڪليفون ختم ڪري ڇڏيندا.

## باب ويهون

# اسان ڌرتيءَ تي جنت ڪيئن ناهي

### ڌرتيءَ جي جنت جا فائدا:

آسڪر وائلڊ چيو آهي: ”دنيا جو ڪوبہ نقشو جنهن ۾ ڌرتيءَ جي جنت ڏيکاريل نہ آهي ان لائق نہ آهي تہ ان ڏانهن نهارجي. اهڙي نقشي ۾ ان سرزمين کي نظرانداز ڪيو ٿو وڃي جتي انسانيت هميشہ لنگر انداز ٿيندي رهندي آهي. جڏهن انسانيت اُتي پڄندي آهي تہ اڳتي ڏسڻ شروع ڪندي آهي ۽ ڪا وڌيڪ سٺي سرزمين ڏسي جهاز جو رخ اوڏانهن ڦيريندي آهي. ترقي جنت الارض کي حاصل ڪرڻ جو ٻيو نالو آهي.“

ڇا اهو سچ آهي؟ ڇا ڌرتيءَ جون جنتون ڪڏهن حاصل ٿي سگهيون آهن؟ ان باري ۾ پڪي عمر وارن جو ٻيو خيال آهي. شڪي ڏاهو چئي ٿو: ”تاريخ دائرا آهي.“ جيڪا شيءِ، خاص ڪري تهذيب عروج حاصل ڪندي آهي تہ ان جو زوال بہ ٿيندو آهي. اسان جي ترقي رڳو سمنڊ جي متاڇري جو وڳوڙ آهي. سمنڊ جو تري ۾ هميشہ مانار هوندي آهي. ڌرتيءَ جي جنت رڳو اسان جي تصور جي اُڏام آهي ۽ موت ۽ حياتي جڏهن حساس روحن جي آپريشن ڪندا آهن تڏهن هو اهڙي تصور کي ننڊ ڏيندڙ دوا طور استعمال ڪندا آهن. پر هڪ همت ڀريو انسان ان سور کي بيهوشيءَ جي دوا کان سواءِ برداشت ڪندو آهي ۽ جي ان کي وسارڻ گهرندو آهي تہ پنهنجو پاڻ کي اڄ جي معاملن ۽ تفصيلن ۾ مصروف ڪري ڇڏيندو آهي ۽ انسانيت جي سڀاڻ جو فڪر نہ ڪندو آهي. جيڪي ڀهريان ٿيندو رهيو اهو هاڻي بہ ٿيندو رهندو. رڳو انداز ٻيو هوندو.

اسان ناشڪرا وحشي آهيون ۽ هاڻي جڏهن ايجادن اسان تي آسائشن جي بارش ڪئي آهي تڏهن اسان دولت جي ڍيرن تي ويهي هڪ رومان پسند ڪنواريءَ وانگر ڪن ڏورانهن خزانن جي خواهش ٿا ڪيون، جيڪي رڳو ان ڪري اسان کي سٺا ٿا لڳن جو اهي اسان جي پهچ کان

ٻاهر آهن. اسان جي ڏاهن، عالمي اسڪولن جا خواب ڏٺا هئا. اسان اهي خواب پورا ڪيا آهن ۽ هاڻي اسان عالمي يونيورسٽن جا خواب ٿا ڏسون. ڪو وقت هو جو ماڻهو اگهاڙا هئا ۽ هاڻي ان ڳالهه جو ايذاءُ ٿا سهن تہ ٻيا هنن کان وڌيڪ سنا ڪپڙا ٿا پائين. اڳ هو ٻکيا هئا پر هاڻي ترقي ڪيل ملڪن ۾ ڪاڏي جي ڪري لکين ماڻهو ٿا مرن. پر اسان ڪڏهن بہ انهن آسائشن جو تورو نہ مجيو آهي جن جي گهٽائيءَ جي ڪري اسان کي مرڻ جو مان ٿو ملي. شيڪپيئر جي زماني ۾ بہ وڏا شهر اوندهہ ۾ ويڙهيل هوندا هئا ۽ بازارون محفوظ نہ هيون. (اڄ بازارون تہ اڃا محفوظ نہ آهن) رات جا خطرا گهٽجي ويا آهن ۽ هر طرف بجليءَ جي روشني پکڙيل آهي پر پوءِ بہ ماڻهو ڪنڌ ورائي گذريل سنهري دور ڏانهن ٿا نهارين. ڪو وقت هو جو ڇهن سالن جا ٻار ۽ مائرون چوڏهن ڪلاڪ روز پورهيو ڪندا هئا ۽ رات بہ مشين جي پرسان سمهي گذاريندا هئا. اڄ ٻارن کي اسڪول موڪليو ٿو وڃي تہ جيئن وڏا ٿي حڪمراني ڪن ۽ لکين عورتون اهڙي نزاڪت واري بيڪاريءَ جي زندگي ٿيون گذارن جيڪا هنن جي وڏڙين کي گناهن واري خيالي دنيا جهڙي ٿي لڳي. اهي بيڪار عورتون اڃا بہ وڌيڪ خوش ٿين. جيڪڏهن هنن کي يورپ جي سفر جو موقعو ملي ۽ سمنڊ جي ڪناري تي سندن گهر هجي. مزورن کي سندن تنظيم ۽ همت جي ڪري سنو اُجورو ٿو ملي ۽ ڪين مان بہ ڏنو ٿو وڃي ۽ هاڻي هو وڌيڪ محفوظ آهن. پر افسوس جو هو اڃا تائين آمريت حاصل ڪري نہ سگهيا آهن. ڪنهن زماني ۾ اسان جا سپهہ سالار عالمي جنگ جو انتظار ڪندا هئا. پر هاڻي هنن جنگين جو مزو چکيو آهي ۽ هاڻي هو سيارن ڏانهن تا ڏسن تہ جيئن مشتريءَ جي رهواسين کي هٿيار ڏيئي سگهن. اڄڪلهہ اديب ايترا گهٽا ٿي ويا آهن جيترا تاريخ ۾ ڪڏهن ڪونہ ٿيا. ايجادن ۽ اچ وڃ جي وسيلن ۽ اشتهارن، وڪرو ۽ قدر وڌائي ڇڏيو آهي، اهڙي صورتحال بائرن ۽ ميڪالي نہ ڏٺي. اناطول فرانس بهترين نثر لکڻ جي ڪري ڪروڙ پتي ٿو ٿي وڃي پر انهن اعليٰ ذهنن وارن جي دلين ۾ ڪيترو درد آهي، اهو اناطول فرانس جي هن لکڻيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو: "توهين جيڪڏهن منهنجي دل جي اندر ڏسي سگهو

تہ حيران ٿي وڃو. دنيا ۾ ڪوبہ ساهہ وارو مون کان وڌيڪ ڏکويل نہ هوندو.“ اِي ريس ڪرڻ جهڙي سهڻي ٻوليءَ جا آقا! تو زمانن ۽ سرزمينن جا سوين فن پاڻ وٽ گڏ ڪيا. تو سياسي مدبرن ۽ انقلابين جي دلين کي جيتيو، تو پنهنجي زماني ۾ ريبلس، مونٽين، والٽئير ۽ فرانس جي بين ادب جي بادشاهن جو هر سر مجيو وئين، تو وٽ دولت ۽ واندڪائي هئي ۽ تو ڪنهن جي بہ پر مار نہ ڪئي. پر جيڪڏهن توکي بہ خوشي حاصل نہ هئي تہ پوءِ خوشيءَ ڪٿي ملي سگهي ٿي ۽ اسان جيڪي توکان گهٽو گهٽ آهيون خوشي کي ڪٿي ڳولهيون؟

ڪهڙو سبب آهي جو اسان جي دولت اسان کي مايوسي ڏني آهي. فطرت کي فتح ڪرڻ کان پوءِ اسان سلامبو SLAMMBO وانگر ناخوش آهيون. ڌرتيءَ تي جيڪي جنتون نهيون آهن اهي رڳو ٻاهرين دنيا ۾ آهن. اسان جي ڪهڙي حالت ٿئي جيڪڏهن ڪنهن فلاسفر جي هيءَ ڳالهہ صحيح هجي تہ ٻاهرين دنيا جو ڪو وجود ڪونهي. اسان جي اندر جي دنيا مَٽي آهي پر ڏاڍي هوريان مَٽي آهي. اسان لاءِ زمين جي مٿاڇري کي مَٽائڻ، ڪندن کي بري، بحري ۽ هوائي رستن سان ڳنڍڻ ۽ ڪوئلي ۽ لوهہ کي هزارين قسم جي آسائشن ۾ بدلائڻ سولو آهي پر پنهنجو پاڻ مان حرص، وڙهڻ ۽ ظلم جي جبلتن جي پاڙ پٽڻ سولو نہ آهي ڇاڪاڻ تہ انهن جون پاڙون ڪيترن نسلن جي جيئڻ لاءِ جدوجهد ۽ مفلسيءَ جي حملن جي ڪري اسان جي اندر ۾ ڪتيون آهن. اسان اهي نہ آهيون جيڪو مجبورين جي ڪري اسان کي ٽيٽو پيو آهي. اسان اهڙا ٽيڻ جي سببن جي ختم ٽيڻ کان پوءِ بہ اهڙائي رهنداسين. ان ڪري اسان جي پريشاني جائز آهي. پر اها ڳالهہ جائز نہ آهي تہ اسين ان سائنس جا ٿورا نہ مڃيون جنهن جي ڪري اسان لاءِ اڌ ڌرتي جنت ٿي وئي آهي ۽ باقي اڌ ڌرتيءَ جي جنت بڻجڻ جو دارومدار بہ ان اڌ ڌرتيءَ واري جنت تي آهي. سائنس جا اهي انعام اسان جي روحاني اطمينان جو بنياد آهن. اسان کي خبر آهي تہ ”عدن جي ان باغ“ ۾ اسان حيوانن وانگر آهيون. اسان ان حسن جا مستحق نہ آهيون جيڪو اسان جون اکيون پسن ٿيون. اسان ان حسن کي ڪارخانن سان تباهہ ڪرڻ لاءِ سنڌرو ٻڌو آهي. اسان جتي بہ رهون ٿا اُتي پنهنجي لاءِ رهڻ محال بڻائي

ٿا ڇڏيون. جيئن اسان حسن کي خراب ٿا ڪيون ائين علم کي بہ غلط استعمال ٿا ڪيون. اسان پنهنجي قوت کي سئوڻ تي وڌايو آهي پر اسان جا ارادا اهڙا ئي ننڍڙا آهن جهڙا جهالت ۽ ناواريءَ جي زماني ۾ هئا. اسان وڏن هڏائن پڃرن ۾ ننڍڙا روح آهيون ۽ ڌرتيءَ جي جنت اسان جي روح ڪان سواءِ هر هنڌ موجود آهي.

ان ڪري هاڻي اسان ڌرتي تي جيڪا جنت ناهيندا سين ان لاءِ اسان فطرت کي نہ بدلائيندا سين ۽ نہ انسان جي سلطنت کي وڌائيندا سين (ڇاڪاڻ جو بيڪن واري اها جنت اسان حاصل ڪري چڪا آهيون) پر نئين سر پنهنجي تخليق ڪندا سين. پنهنجن ذهنن ۽ ارادن جي نئين سر تعمير ڪندا سين تہ جيئن اسان وڏيڪ سٺي دنيا ۾ رهڻ جهڙا ٿيون. اها تعمير اسان جي علم جهڙي چٽي ۽ اسان جي قوت جهڙي مضبوط هئڻ گهرجي. جيئن تہ انساني فطرت ۽ جهالت ڌرتيءَ جي جنت جي هر تصور کي تباهہ ڪيو آهي ان ڪري اسان کي گهرجي تہ سڀ ڪان پهرين اسين پنهنجي دلين ۽ ذهنن کي ڌوئي صاف ڪيون ان ڪان پوءِ بيون حالتون پنهنجو پاڻ نيڪ ٿي وينديون.

اڇو تہ اسان هن گهاٽي وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهون، ٻار باغ ۾ راند ڪيڏن ۽ اسان پنهنجو پاڻ کي تصورن جي حوالي ڪري ڇڏيون.

## ميئر جاڳي ٿو:

ميئر وقت ڪان اڳ جاڳي پيو جو سج جي روشني سندس منهن تي پئي. آهستي آهستي هو هوش ۾ آيو. وائيٽ هاؤس اڄ چٽو ٿيندو ويو ۽ وڌندڙ روشنيءَ هن کي پوريءَ طرح جاڳائي ڇڏيو. هن وري سمهڻ جي ڪوشش ڪئي پر سمهي نہ سگهيو. هن کي جيئن تہ ٻي ڪا چڱي مصروفيت ڪانہ هئي ان ڪري هن سوچڻ شروع ڪيو. الا! مان ميئر آهيان! پر مان ميئر ڪيئن ٿيس؟ مان ڪيڏو نہ خوش نصيب آهيان. ڪيئن نہ حادثاتي طرح هتي پهتو آهيان. جيڪڏهن مان ٽامي برڪ TOMMY BURKE کي نہ سڃاڻان ها تہ ڪيئن ميئر ٿيان ها. اها هن جي وڏي نوازش هئي جو هن مون کي نامزد ڪيو. پر ڏهہ سال اڳ مون کي خبر ڇو نہ هئي تہ مان هڪ وڏي شهر جو ميئر ٿيندس. خبر هجيم ها تہ ان لاءِ پاڻ کي تيار ڪيان ها. هي ڪيڏو نہ ڏکيو ڪم آهي. ريلوي

اسٽيشن جو انتظام هلائڻ ۾ ڪٽنب پالڻ کان به وڌيڪ ڏکيو ڪم آهي. مون ان جي ڪا تربيت حاصل نه ڪئي آهي. زندگيءَ ۾ شايد ئي ڪو ڪتابُ پڙهيو هجيم. پر هاڻي مان لکين ماڻهن جو حاڪم آهيان. سندن زندگين جو ذميوار آهيان. مان جيڪي ڪيان ٿو اهو ماڻهن کي برباد به ڪري سگهي ٿو ته آباد به ڪري سگهي ٿو. منهنجو عمل انهن ماڻهن تي به اثر ڇڏيندو جن جا وڏا به اجا پئدا نه ٿيا آهن. سندن مسئلن مون کي وائڙو ڪري ڇڏيو آهي. اچ وچ جا وسيلا، بي ايماني، مالي وسيلا، بي ايماني، مارڪيٽ، بي ايماني، عمارت سازي، بي ايماني، صفائي بي ايماني، عام ماڻهن جي صحت، بي ايماني، تعليم، بي ايماني، هي ڪم مون لاءِ تمام وڏو آهي. هي سوين ماڻهن جو ڪم آهي ۽ مان اڪيلو اهو ڪم ڪيئن ڪري سگهندس.

ڏينهن چڙهي آيو. ميئر اوباسي ڏيئي اٿي وينو ۽ جنگهن تي هٿ ڦيرڻ لڳو. اوچتو هن جو منهن ٻهڪي پيو. ”مون کي خبر آهي ته مان ڇا ڪرڻ وارو آهيان. مان سياستدانن کي حيران ڪري ڇڏيندس. مان اهو ڪم ڪندس جيڪو پهريان نه ٿيو آهي. مان يونيورسٽن مان بهترين سائنسدانن، بئنڪن مان سيڙپ ڪرڻ وارن، اسڪولن مان بهترين استادن، ڪلبن مان بهترين عورتن، تجربيگاهن مان نوان تجربا ڪرڻ وارن، گاف ڪلبن مان بهترين انتظام هلائڻ وارن، سير شڪار جي جاين تان مزور ليبرن... انهن سڀني کي شهر جي وڏي هال ۾ سڏائيندس ۽ هنن کي عرض ڪندس ته هو منهنجي مدد ڪن.

او خدا، مان سياستدانن کان بيزار ٿي پيو آهيان. هو بنان ڪو ڪم ڪرڻ جي سڀ ڪجهه حاصل ڪرڻ ٿا گهرن، بنان ڪم ڪار جي پگهار وٺڻ ٿا گهرن. هڪ عهدي لاءِ هنن مان ڏهه ڄڻا پاڻ ٿا آڇن ۽ جنهن عهدي لاءِ هو پاڻ ٿا آڇن ان عهدي واري ڪم جي هنن کي ترَ جيتري به خبر ڪانهي. مان سچ پچ ته هنن مان بيزار آهيان.

ميئر بستري مان اُٿيو ۽ دريءَ وٽ بيهي هوا ۾ ڊگها ساهه ڪڍندي پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو:

”اسان جي شهر ۾ وڏا وڏا ماڻهو ٿا رهن. ٻڌو آهي ته هن ٽڪريءَ تي ڪي سائنسدان رهندا آهن جيڪي ساري دنيا ۾ مشهور آهن. دنيا جي

وڏن ڪاروباري ادارن جا ڊائريڪٽر بہ رهندا آهن. شهر ۾ هڪڙو ٻوڏو مدبر بہ ٿو رهي. اسين هنن جي قابليت مان فائدو ڇو نہ وٺون. انهن اعليٰ انسان کي مان نوڪريءَ لاءِ راضي ڪري نہ سگهيس. پگهارون ايتريون ٿوريون آهن جو مان هنن کي نوڪريءَ جي آڇ ئي نہ ڪئي. پر مان هنن کي چئي سگهان ٿو: ”سائين، مون کي اوهان جي مدد جي ضرورت آهي. اوهان سڀ گڏجي منهنجي رهنمائيءَ لاءِ هڪ صلاحڪار ڪاميٽي جو نہ ٿا ناهيو.“ منهنجي خيال ۾ تہ هو هن شهر جي ڀلائيءَ لاءِ پنهنجو ڪجهہ وقت ڪيندا. مون کي اختيار آهي تہ ميونسپل جي نئين جوڙجڪ لاءِ هنن جي ڪاميٽي ناهيان.

## وڏي صلاحڪار ڪاميٽي:

ميئر جيڪا وڏي صلاحڪار ڪاميٽي ناهي ان جي خبر بيس بال راند جي اسڪور وانگر سڄي شهر ۾ پکڙجي وئي. جن وٽ عهدا هئا اهي پريشان ٿي ويا ۽ سوچڻ لڳا تہ الائجي گهٽي وقت تائين هو پنهنجن عهدن تي قائم رهي سگهندا. جڏهن تہ عام ماڻهو ڏاڍا خوش ٿيا. ايسٽائين جو سياسي حلقن بہ ظاهريءَ طرح جوش جو اظهار ڪيو پر اندرخاني ميئر کي چوائي موڪليائون تہ جيڪڏهن تنهنجي اها ڪوشش پارٽيءَ جي معاملن ۾ دست اندازي نہ ڪندي تہ هنن کي ان لاءِ ڪوبہ اعتراف نہ هوندو.

ڪاميٽيءَ جو اجلاس يونيورسٽيءَ جي هال ۾ ٿيو. اخباري نمائندن وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيا. پر عوام کي عرض ڪيو ويو تہ اهي شريڪ نہ ٿين جو عوام کي ڏسي ڪاميٽيءَ جا ميمبر تقريرون شروع ڪري ڏيندا. ميمبرن جو انگ پنجاهہ هو پر هرهڪ جو واسطو زندگيءَ جي جدا جدا شعبي سان هو ۽ هرهڪ پنهنجي پيشي ۾ اعليٰ ڪارڪردگي ڏيکاري هئي. انهن ۾ رڳو واپاري، جائداد وڪڻڻ وارا، سياستدان، اديب ۽ فلاسافر شامل نہ هئا. ميئر وڏي نياز منديءَ سان عورت ۽ مرد ميمبرن کي مخاطب ٿيندي چيو: ”اوهان کي هتي گڏجڻ جي تڪليف ان ڪري ڏني اٿم جو اسان جو شهر ايڏو وڏو ٿي ويو آهي جو ان جو انتظام ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي هلائڻ جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. ايترقدر جو اهي سياستدان بہ شهر جو انتظام هلائي نٿا سگهن، جن

ڪي سندن انتظامي اهليت ۽ معاشيات ۾ مهارت جي ڪري نہ پر سندن سياسي حيثيت جي ڪري چونڊيو وڃي ٿو، هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ اسان هن شهر جي حدن ۾ رهڻ وارن ماهرن جي مهارتن مان فائدو حاصل ڪيون.“

”اسان کي اوهان جي رهبريءَ جي ضرورت آهي. اسان جي مسئلن جو غور سان مطالعو ڪيو، تجويزن تي سخت تنقيد ڪيو ۽ اهي انساني فطرت ۽ اسان جي مالي وسيلن کي آڏو رکي پوءِ منظور ڪيو. مان اوهان سان واعدو ٿو ڪيان تہ جنهن بہ تجويز کي اوهان منظور ڪندا ۽ ان کي عوام جي حمايت حاصل هوندي تہ مان ان تي عمل ڪري ان کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. منهنجي خيال ۾ اوهان کي ڪنهن بہ مخالفت سان منهن ڏيڻو نہ پوندو. سڌاري جو مسئلو سياسي نہ آهي ۽ نہ ئي هي مسئلو ڪنهن طبقي پاران قانون سازيءَ سان حل ٿي سگهندو. اسان سڀ انتشار واري حالت ۾ گڏ بيٺا آهيون. اسان کي عقلمنديءَ ڏانهن وڌڻو آهي. هاڻي هي شهر اوهان جو آهي. اوهين ان کي نئين سر ناهيو.

ان موقعي تي اخبارن ان ڪميٽيءَ کي تمام گهڻو ساراهيو. ان جرائت منداڻي قدم تي ننولي بہ ٿي سگهي ٿي. گهڻ همت وارن سائنسدانن جو مذاق بہ اُڏائي سگهيو ٿي ويو. اهڙي اڳڪٿي بہ ٿِي ٿي سگهي تہ هڪ ٻئي جي مخالف سوچ وارن جو سڌاري جي رٿن تي متفق ٿيڻ ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو. ائين بہ چئي ٿي سگهيو ويو نہ اهي پنهنجي پر ۾ پاڻ کي نيڪ سمجهڻ وارا آرام پسند ماڻهن تي پنهنجا اخلاقي قدر مڙهندا. پر ميئر شهر جي سيني اخبارن جي ايڊيٽرن کي بہ ڪاميٽيءَ ۾ شامل ڪيو هو. ائين ڪرڻ سان هنن جي عزت افزائي ٿي ۽ اخبارن پنهنجو اهو فرض پورو ڪيو. جنهن جي عوام کي سدائين ڪانئن اميد هوندي هتي يعني تہ هو عوام جي تربيت ڪندا. هنن پنهنجن بهترين نمائندن کي ان ڪاميٽي جي رپورٽ تيار ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ۽ پنهنجن ايڊيٽوريئلز ۾ دل کولي ان جي حمايت ڪئي.

انهيءَ وچ ۾ سياستدان هلڪي آواز ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. ٺيڪيدارن ڪاميٽيءَ ۾ جيڪي اميدون رکيون هيون اهي پوريون

ٿينديون نه ڏسي ان جي باري ۾ پنهنجي سوچ مڃائي. ڪيمونسٽن پنهنجي مخالف سوچ وارن جا ڪارٽون ٺاهيا ۽ عوام به ان خاص ماڻهن تي جڙيل ڪاميٽيءَ ڏانهن ڌيان نه ڏنو، پر جڏهن هفتي جي سوچ ويچار ڪان پوءِ ڪميٽيءَ تجويزون پيش ڪيون ته ماڻهو پريشان ٿي ويا. ڪاميٽيءَ ۾ حياتيات جي جيڪي ماهر شامل هئا انهن رٿ ڏني ته ٻار ڄڻڻ تي پابنديون لڳايون وڃن، رڳو انهن جوڙن کي ٻار ڄڻڻ جي اجازت ڏني وڃي جيڪي ذهني ۽ جسمانيءَ طرح صحت مند هجن. ان تجويز جي خلاف سموري شهر ۾ احتجاج ٿيو ته اهي اشتراڪي سرمائيدار ۽ دانشور ماهر ڪير ٿيندا آهن جيڪي خودمختيار عوام کي ٻار ڄڻڻ کان ٽا جهلن. ٻار ڄڻڻ هر ماڻهوءَ جو حق آهي، رڳو ڪنهن خاص طبقي ۾ پئدا ٿيڻ وارن جو حق نه آهي. جيڪڏهن اخبار وارا ان ڪاميٽيءَ جي حمايت نه ڪن ها ته وڏو گوڙ ٿئي ها. ان رٿ جا اکر هي هئا.

”ڪاميٽي هن نتيجي تي پهتي آهي ته نئين سر تعمير جي شروعات نسل جي جسماني صلاحيتن کي سڌارڻ سان ٿيڻ گهرجي. جيستائين اسان صحت مند ماڻهن کي ٻار پئدا ڪرڻ لاءِ نه اُتساهينداسين ۽ غير صحتمند ماڻهن کي ان ڳالهه کان نه جهلينداسين ته هو ٻار پئدا نه ڪن ۽ پنهنجي غير صحتمنديءَ کي ٻين نسلن ڏانهن منتقل نه ڪن تيستائين اسان ترقي ڪري نه سگهنداسين. پر ان لاءِ ڪنهن قانون سازيءَ جي ضرورت نه آهي. اسان عقلمند عورتن ۽ مردن جي اڳيان هيءَ رٿ ٽا پيش ڪيون ۽ قانوني پابندي وجهڻ جي بدران سندن نيڪ نيتي تي اعتماد ٽا ڪريون ۽ پنهنجو پاڻ تي پابندي ٽا وجهون ته اسان جيڪي هن ڪاميٽيءَ جا ميمبر آهيون پاڻ ۽ پنهنجن ٻارن پاران (سندن مرضيءَ سان) واعدو ٽا ڪيون ته اسان آمريڪي ميڊيڪل ايسوسي ايشن طرفان مقرر ڪيل ڊاڪٽرن جي اجازت کان سواءِ ٻار پئدا نه ڪنداسين. اسان فردن ۽ جماعتن کي دعوت ٽا ڏيون ته هو ان اصول کي عوام آڏو پيش ڪن. اسان کي پڪ آهي ته سڀ کان پهرين عقلمند ماڻهو اسان جي ان رٿ کي قبول ڪندا ۽ اسان کي اها به پڪ آهي ته هو جيڪو مثال قائم ڪندا ان جو ماڻهن تي وڏو اثر پوندو. اسان رٿ ٽا ڏيون ته غير

صحتمند ماڻهن کي شاديءَ جي اجازت هئڻ گهرجي پر هنن کي اهڙا طريقا اختيار ڪرڻ گهرجن جن سان ڪين ٻار نہ ٿين.

اسان اها بہ رٿ ٿا ڏيون تہ جڏهن عام ماڻهو ان اصول کي قبول ڪري وٺن تہ ان تي عمل ڪرڻ وارن جو حادثن، بيماري، بيروزگاري، پوڙهائپ ۽ موت جي خلاف ويمو ڪرايو وڃي ۽ سيني مائرن کي ٻار ڄڻن ۽ انهن جي نيپاج جو خرچ ڏنو وڃي، اسان برائيءَ کي روڪڻ جي بدران چڱائيءَ جي همت افزائي ڪرڻ ٿا گهرون.

آخر ۾ اسان اخبارن، اسڪولن ۽ يونيورسٽن جو ان ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ٿا گهرون تہ ان باري ۾ هو ماڻهن کي ڄاڻ ڏين ۽ هر شخص کي ٻڌائين تہ نسل جي ذهني ۽ جسماني صحت تي اسان جي ترقيءَ جو دارومدار آهي. اسان کي گهرجي تہ اسان هر شخص جي وطن پرستي* جي جذبي کي جاڳايون تہ هو نفس تي ضابطو ڪري. سندن ائين ڪرڻ شهر جي ترقيءَ جي راهہ ۾ پهريون قدم ٿيندو.

انهن رٿن جي آخر ۾ هڪڙي ميمبر کان سواءِ ٻين سيني ميمبرن جون صحيحون هيون.

ان اعلان سان نڪتہ چيني ڪرڻ وارن شڪي طبعيت جي ماڻهن نڪتہ چيني شروع ڪئي. ڪن ان معصوم اميد پرستيءَ جو مذاق اُڏايو تہ علم ۽ ڄاڻ سان شهر جي نئين سر تعمير تي سگهي ٿي. هڪڙي وري فريڊرڪ اعظم جي اها ڳالهہ ورجائي جيڪا هن پنهنجي تعليم جي وزير سان ڪئي هئي. سندس وزير ڪيس راءِ ڏني هئي تہ تعليم عام ڪرڻ سان انسانيت کي سڌاري سگهجي ٿو ۽ فريڊرڪ کيس جواب ڏنو هو تہ "منهنجا پيارا زولنرZOLLNER، تون هن گهٽيا نسل کي ايترو نٿو سڃاڻين جيترو مان تو سڃاڻان." پر گهڻا ماڻهو حڪومت جي ان نئين تصور سان خوش ٿيا. جابراڻي حڪومت جي جاءِ هاڻي تعليم وٺندي ۽ بديءَ کي ننڊڻ جي بدران صحت منديءَ جي قدم سان انسانيت جي ترقيءَ تي زور ڏنو ويوهو.

پوءِ ان رٿ کي منظور ڪرڻ جا واعدا اچڻ شروع ٿيا. شهر جي ڊاڪٽرن هڪ خاص اجلاس سڏايو ۽ يڪراءِ ان رٿ کي منظور ڪيو. يونيورسٽيءَ جي پروفيسرن ۽ اسڪولي ماسترن جي تنظيم، اخبار ۾

ڪم ڪرڻ وارن، صنعتي ڪيميا جي ماهرن ۽ موسيقارن ان رٿ کي منظور ڪيو. آخر ۾ اسڪولن ۽ ڪاليجن مان تعليم پوري ڪري سند وٺڻ وقت ڪين رضا خوشيءَ سان ان رٿ تي عمل ڪرڻ جي رٿ ڏنل هئي ۽ جڏهن اها رٿ منظور ٿي ته پوءِ خاموشيءَ وارو واعدي کي جنهن جي پنيان عوام جي راءِ جو زور هو، شهريت جي پڙنامي جو حصو بڻايو ويو. پهرين مهم ڪامياب ٿي هئي.

## تعليم وسيلي حڪومت:

هڪ هفتي کان پوءِ ڪاميٽيءَ جي تعليم واري شعبي ٻي رٿ پيش ڪئي جيڪا اخبارن ۾ شايع ٿي:

اسان سفارش ٿا ڪيون ته عوام جي صحت جو خيال رکڻ ۽ ٻارن ۽ بالغن کي تعليم ڏيڻ حڪومت جو بنيادي فرض آهي. اسان رٿ ٿا ڏيون ته ميونسپل جون اسپتالون قائم ٿيڻ گهرجن جن ۾ هرهڪ مريض جو پورو پورو مفت علاج ٿيڻ گهرجي. اسان سفارش ٿا ڪيون ته اسڪولن ۾ جسماني صحت جو به ايترو ئي خيال رکيو وڃي جيترو ذهني ترقيءَ جو. اسان جو پڪو يقين آهي ته قومن جي صحت سندن دولت کان وڌيڪ اهم آهي ۽ خوشيءَ جو راز صحت ۾ آهي. اسان اميد ٿا ڪيون ته صحت وڌائڻ واري راند جي تربيت ڏني ويندي ۽ صفائيءَ جي همت افزائي ڪئي ويندي. اسان سفارش ٿا ڪيون ته ماٺ ڪري راند ڏسڻ جي رجحان کي ختم ڪيو وڃي ۽ هر هڪ فرد کي راندين ۾ ڀهرو وٺڻ لاءِ سهولتون ڏنيون وڃن.

اسان سفارش ٿا ڪيون ته تعليم تي وڏو خرچ ڪرڻ اسان جي شهر لاءِ فخر جي ڳالهه هئڻ گهرجي. اسان ان ڳالهه تي زور ٿا ڏيون ته ماسترن جو پگهار درجي بدرجي وڌايو وڃي ته جيئن هڪ وار وري ماسترن جو رتبو اعليٰ ٿئي جنهن جي ڪري بهتر ماڻهو ان پيشي ۾ اچن. اسان سفارش ٿا ڪيون ته اهڙن سيني شاگردن کي ميونسپل پاران وظيفو ملڻ گهرجي جيڪي غربت جي ڪري اعليٰ تعليم حاصل ڪري نٿا سگهن ته جيئن انهن جي صلاحيتن مان فائدو وٺي سگهجي. اسان صلاح ٿا ڏيون ته سائنسي کوجنا لاءِ مالي امداد ڏني وڃي ته جيئن

وڏيڪ ايجادون ٿين. ميڪانڪي قوت وڏي ۽ ٻيو تہ انساني غلاميءَ جو خاتمو ٿيڻ گهرجي.

اسان سفارش ٿا ڪيون تہ درسي ڪتابن مان جنگ جي تعريف واريون سڀ ڳالهيون ڪڍي ڇڏڻ گهرجن. ماڻهن کي اُتساهيو وڃي تہ هو پنهنجي امن جي فطري لاڙي کي اپارن ۽ بچاءُ جي سيني لازمي اقدامن جي حمايت ۽ سرپرستي ڪن.

اسان سفارش ٿا ڪيون تہ خانگي اسڪولن جي همت افزائي ٿئي، تعليم جي تجربن ۾ دلچسپي وڌي، اسان صلاح ٿا ڏيون تہ قومي ڪردار کي مضبوط بڻائڻ لاءِ اظهار، اخبار، گڏجاڻي ۽ عبادت جي آزادي ضروري آهي. شهر جي اعليٰ انتظام سان گڏ اسان کي ذهن جي پوري آزادي حاصل هئڻ گهرجي.

اسان سفارش ٿا ڪيون تہ اسڪولن کي اجتماعي ذهني مرڪز بڻايو وڃي. اسڪول سارو ڏينهن کليل هجن ۽ انهن ۾ ماڻهن لاءِ جسماني ۽ ذهني فائدو حاصل ڪرڻ جون سهولتون هجن. اسان جو خيال آهي تہ اسڪولن کي اخلاق جي تعمير جي ذميواري کڻڻ گهرجي تہ جيئن اخلاقي قوتن جي زوال سان جيڪو خال پئدا ٿيو آهي ان کي پري سگهجي. ٻيو تہ ڪابہ تعليم تيستائين مڪمل نہ سمجهي وڃي جيستائين اها فرد جي شخصي خواهشن ۽ سماج جي گڏيل ذميوارين ۾ مطابقت نہ پئدا ڪري ۽ هن ۾ اهو لاڙو نہ پئدا ڪري تہ هو پنهنجي ڪردار کي اجتماعي ڀلائيءَ مطابق بڻائي.

اسان اخبارن جي مالڪن ۽ ايڊيٽرن تي زور ٿا ڀريون تہ هو اخبارن کي تعليم جو اثرائتو ذريعو بڻائن. اسان امير طبقي جي سخي ماڻهن کان اميد ٿا ڪيون تہ هو مالي امداد ڏيئي اخبارن وسيلي سائنس، تاريخ، ادب ۽ فن جي تعليم کي عام ڪن.

آخر ۾ اسان رٿ ٿا ڏيون تہ هر شعبي ۾ بالغن جي تعليم کي عام ڪيو وڃي. ٻي اها رٿ ٿا ڏيون تہ اسڪولن ۽ ڪاليجن مان پڙهائي پوري ڪري نڪرڻ وارن کي سمجهڻ گهرجي تہ هنن جون سندون شخصيت جي اوسر جو رڳو هڪ سنگ ميل آهن. سندن تعليم رڳو

هڪ فرض ۽ تياري نہ آهي پر انسانيت جي ثقافتي ميراث سان سندن هڪ اعليٰ نوع جي دلپسند ڄاڻ حاصل ڪرڻ آهي.

انهن رٿائن تي ٻن ميمبرن ڪان سواءِ سڀني صحيحون ڪيون.

انهن رٿائن جي ٽيڪس ڏيڻ وارن ڪانسواءِ ٻين سڀني حمايت ڪئي. ڊاڪٽر خوش ٿيا تہ ڪاميٽيءَ صحت جي اهميت تي زور ڏنو آهي، عام ماڻهن سک جو ساهہ کنيون تہ هاڻي اسپتالون غريبن جي چيرڦاڙ جون تجربيگاهون نہ هونديون. ماستر پگهار وڌڻ جي ڳالهہ تي خوش ٿيا ۽ هرهڪ ماستر جي گهروارن آمدني وڌڻ جو ٻڌي خرچ وڌائي ڇڏيا. انهن شاگردن تمام وڏي انگ ۾ خوشيءَ جو اظهار ڪيو جن لاءِ غربت سندن ترقيءَ جي راه ۾ رنڊڪ هئي. هاڻي هنن کي سرڪار طرفان وظيفا ملندا. اخبارن پنهنجي اعليٰ رتبي تي خوشي جو اظهار ڪيو. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ان ڳالهہ تي خوش ٿيا تہ ڌرتيءَ جي ان جنت ۾ ترڻ وارا تلاءَ هوندا.

پر جائيداد جي مالڪن جي تنظيم جي صدر ٿيوڊر بليڪ انهن رٿن جي خلاف احتجاج شايع ڪيو جنهن جي هر جائيداد واري حمايت ڪئي. هن لکيو:

اها ڳالهہ ثابت ٿي آهي تہ ميئر جي سڌارن واري ڪاميٽي پنهنجي مقصد تان هٽي وئي آهي ۽ ان جي پهرين رپورٽ مان ظاهر ٿو ٿئي تہ اها ڪاميٽي نہ رڳو شهر کي پر سموري انسانيت کي نئين سر تعمير ڪرڻ تي گهري. ان رپورٽ مان اها ڳالهہ بہ ظاهر ٿي ٿئي تہ ڪاميٽي انهن ميمبرن جي وَر چڙهي وئي آهي جيڪي سڀ تصور پرست آهن يا تقرير ڪرڻ جا ماهر آهن. اسان اُميد ٿي ڪئي تہ ڪاميٽي اهڙيون رٿون ڏيندي جيڪي عقل ۽ سمجهہ جي دائري ۾ هونديون ۽ جيڪي عمل ڪرڻ جهڙيون هونديون پر اسين ڏسون پيا تہ هي سڀ هڪ ڌرتيءَ جي جنت تعمير ڪرڻ جون ڪوششون آهن.

ڪاميٽيءَ جي اها سفارش تہ مزدورن کي پي. ايڇ. ڊي بنايو وڃي ڪنهن فلاسفر جي ڏنل ٿي لڳي. هرڪو سمجهو ماڻهو ڄاڻي ٿو تہ اسان جي اقتصادي دنيا ۾ رڳو ڪي ٿورا اهڙا عهدا آهن جن لاءِ اعليٰ تعليم جي ضرورت هوندي آهي. اسان جا ڪاليج اڳ ۾ ئي نوڪرين

جي ضرورت کان وڌيڪ گريجوئيٽ تا پئدا ڪن. ملڪ ۾ بي. اي. پاس گهڻا ٿي ويا آهن. جنهن جو نتيجو اهو آهي جو هنن جي لاطيني ۽ يوناني زبانن جي ڄاڻ جي لياقت جي ڪري ڪين نوڪريون نہ ٿيون ملن جنهن جي ڪري هنن ۾ بيچيني ٿي پئدا ٿئي ۽ هنن جي اها بيچيني انقلابي اضطراب ۾ بدلجي سگهي ٿي. ڪوبہ عقل وارو اها رٿ نہ ڏيندو تہ هنن جو انگ وڌايو وڃي ۽ هرڪو استاد هنن جو انگ گهٽائڻ جا طريقا سوچيندو.

ان ڪاميٽيءَ جون رٿون جديد دور جي پاليسيءَ جي عين مطابق آهن تہ نوجوانن کي خوش رکيو وڃي. اڄڪلهہ هرڪو ماڻهو نوجوانن جي گناهن جي تعريف ٿو ڪري ۽ هنن جي خود پرستي، انقلاب پرستي، فضول خرچي ۽ بداخلاقيءَ کي نظرانداز ڪندو ٿو رهي. ماءُ پيءُ پاڻ کي تڪليفون ڏيئي اولاد لاءِ ملڪيت ڇڏي تا وڃن ۽ سندن اولاد اها ملڪيت عياشيءَ ۾ وڃائي ٿو ڇڏي. جن ڪاليجن ۾ اسان اولاد کي پڙهڻ لاءِ موڪليون تا اهي ورزش جا آکاڙا ۽ ايمان وڃائڻ جا اڏا آهن. اها رٿ ڪل جهڙي آهي تہ اسان نوجوان دهرين کي مفت اعليٰ تعليم ڏيون ۽ هنن لاءِ ترڻ جا تلاءَ ۽ لئبربيريون تعمير ڪرايون. ڇا ڪو ٻڌائي سگهندو تہ ان جو خرچ ڪير پريندو. پهريان ئي ميونسپل جي اسڪولن ۽ ڪاليجن جا خرچ ملڪيت وارن لاءِ ڳرا آهن ۽ جي انهن رٿن تي عمل ٿيو تہ محصول وڌي ويندا. جن شهرين تي انهن رٿن جو اثر پوندو انهن کي حساب ڪرڻ گهرجي تہ انهن رٿائن تي ڪيترو خرچ ٿو اچي ۽ هنن کي ڏسڻ گهرجي تہ قومي حڪومت جڏهن هنن جي ڪمائيءَ جو وڏو حصو ڪٽي ويندي تہ پوءِ هنن وٽ ڇا بچندو. شهري حڪومت هنن کي هنن جي ڪمائيءَ جي وڏي حصي کان انڪري محروم ٿي ڪري تہ جيئن باغين جو وڏو فصل تيار ٿي سگهي.

اسان ميئر کي عرض ٿا ڪيون تہ هو هن ڪل جهڙي ناٽڪ کي ختم ڪري ۽ ڪاميٽيءَ جون سفارشون ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کي موٽائي ڏي تہ هو پنهنجي خرچ سان اهي رٿون مڪمل ڪن.

اوهان جو مخلص

**ٿيوڊر بليڪ**

**لکپتين جي اشتراڪيت:**

ان خط سان شهرين ۾ اختلاف پئدا ٿي پيو جيڪو ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو ۽ جڏهن ڪاميٽيءَ نڪتہ چينيءَ جو جواب ڏيڻ کان سواءِ رپورٽ پيش ڪئي تہ ان تي تمام گهٽي نڪتہ چيني ٿي ۽ افواهہ پکڙيو تہ ان رپورٽ جي ڪري ذري گهٽ ڪاميٽي ورهائجي وئي آهي ۽ ڏنو ويو تہ پنجاهہ ميمبرن مان ستن صحيحون ڪرڻ کان انڪار ڪيو. رپورٽ هيءَ هئي:

اسان سفارش ٿا ڪيون تہ شهر ۾ ايندڙ خوراڪ جي سامان جي چڪاس ٿئي. اخبارن جي سهڪار سان هر هفتي شين جي مقرر ڪيل اگهن جي فهرست شايع ٿئي، ضرورت جي هڪ ئي شيءِ جا ٻہ براند ناهيا وڃن.

اسان سفارش ٿا ڪيون تہ استعمال جون سڀ شيون حڪومت حاصل ڪري ۽ پاڻ انهن جي روهاست ڪري. هائيڊرواليڪٽرڪ جا پنهنجا ڪارخانا ناهي يا وري ملڪ جيڪي ڪارخانا هٽي ان ۾ پائيوار ٿئي. ائين ڪرڻ سان بجلي بنان نفعي جي وڪامي سگهندي ۽ شهر دونهين کان پاڪ رهي سگهندو. اهڙي طرح ساري صنعت صاف ۽ صحت مند ٿي ويندي.

اسان سفارش ٿا ڪيون تہ وڏين ڪمپنين جي همت افزائي ٿيڻ گهرجي پر انهن جي ڪم ڪرڻ جي طريقن جي نگراني ڪئي وڃي ۽ انهن جي نفعي ڪمائڻ جي حد مقرر ٿيڻ گهرجي تہ جيئن شهرين لاءِ گهٽ مسواڙ وارا گهر نهن ۽ گهرن جي خوشحالي ۽ والدين جي خوشي وڌي ۽ هڪ وار وري گهريلو زندگي اخلاقي ۽ اجتماعي نظام جو سر چشمو بنجي سگهي.

اسان انهن سخي اميرن جا ٿورائتا آهيون جن وڏا عجائب گهر ناهيا ۽ موسيقي جا ساز حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. اسان اميد ٿا ڪيو تہ هر ماڻهو ان نعمت مان مستفيد ٿيندو. فنون جي ترقيءَ لاءِ جيڪو ڪم پيو ٿئي ان کي وڌايو وڃي تہ جيئن ماڻهن ۾ فن جو شعور پئدا ٿئي. اعليٰ ذوق ذهني عظمت جو سبب بڻجي ۽ حسن جو احساس شهر کي سر بلندي عطا ڪري.

ان تين تجويز ڏانهن ماڻهن کو گهڻو ڌيان نہ ڏنو. ڪن تعريف ۽ ڪن ننولي ڪئي. جيئن تہ اهي رٿون سموري شهر لاءِ فائديمند هيون ۽ ڪنهن خاص جماعت لاءِ نہ هيون جيڪا ان جا ڳڻ ڳائي ۽ ان کي مشهوري ڏي. ان ڪري ان جي گهٽي واڪاڻ ڪانہ ٿي ۽ ماڻهن جيترو پهرين غير معمولي رٿن ڏانهن ڌيان ڏنو هو. هن رٿ ڏانهن نہ ڏنو. ماڻهن آمد و رفت ۽ گيس جي رٿن جي باري ۾ جوش جو اظهار ڪيو ۽ جيئن ڪنهن گهر کي باهہ لڳندي آهي تہ ان ڏانهن ماڻهو گهڻو ڌيان ڏيندا آهن پر نئين نهندڙ گهر ڏانهن گهٽ ڌيان ڏيندا آهن، ائين ڪاميٽيءَ جڏهن وڏيڪ تفصيل سان رٿن جي وضاحت ڪئي تہ ماڻهن جي دلچسپي گهٽجي وئي ۽ جتي شهر جي خرابين جي باري ۾ سيني جي هڪ راءِ هئي، اُتي هاڻي انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيترائي رايا هئا ۽ انهن مان ڪنهن راءِ لاءِ بہ ماڻهو متفق نہ ٿي ٿيا.

اهي ٻڌا واپاري جن شهر جي ريزڪي واپارين وٽ شيون ٿي وڪيون انهن شين کي سمنڊ ۾ ڪونہ اڇلايو هو. هنن ڪاميٽيءَ جي ميمبرن تي زور وجهڻ شروع ڪيو تہ هو ڪاميٽيءَ کي ڇڏي ڏين. گيس ۽ بجليءَ جي ڪمپنين گوڙ ۾ گهڻ حصو ورتو جو هنن جا ڪارناما بين ڪان گهٽ سياه هئا. هنن رڳو ايترو چيو تہ هنن کي جيڪڏهن قيمتون مقرر ڪرڻ جي اجازت هوندي تہ هو خوشيءَ سان گيس ۽ بجلي شهر جي ميونسپل کي وڪڻندا ڪن مال ڍوئيندڙ ڪمپنين ڪاميٽيءَ جي سفارش مان کي ٽڪرا چوندي ڪيا ۽ انهن مان پنهنجي معنيٰ ڪڍي تہ ڪاميٽيءَ ياڙا وڏائڻ چاهي ٿي. ڪيترن ماڻهن اها ڳالهہ پڙهي تہ ڪاميٽيءَ جي خلاف ٿي ويا. سرمائيدارن مخالفت ڪئي تہ ڪاميٽي نفعو ڪمائڻ تي پابندي ٿي وجهي. ڪنوارن مڙدن ڇم تي پابندي وجهڻ واري ڳالهہ تي ننولي ڪئي... ان ساري بحث جو حاصل مقصد اهو هو تہ انهن خوابن جي تڪميل لاءِ سرمايو ڪٿان ايندو؟

### ڌرتيءَ جي جنت لاءِ سرمايو:

ان وڏي ڪاميٽيءَ پنهنجي پهرين اجلاس جي هڪ مهيني ڪان پوءِ چوٿين رپورٽ پيش ڪئي ۽ پوءِ ان جو اجلاس ختم ٿي ويو. شهر جا

ماڻهو حيران هئا جو ان رپورٽ تي پهرين رپورٽ وانگر هڪ ميمبر کان سواءِ ٻين سڀني ميمبرن جون صحيحون هيون رپورٽ هيءَ هئي:

اسان سفارش ٿا ڪيون ته جمهوريت کي وڌايو به وڃي پر ساڳئي وقت ان کي محدود به ڪيو وڃي ته جيئن هر ڪنهن کي موقعو ملي ته هو پنهنجو پاڻ کي اعليٰ عهدي جي لائق بڻائي ۽ اعليٰ عهدا رڳو انهن لاءِ رکيا وڃن جن پنهنجو پاڻ کي انهن جو اهل بڻايو آهي. اسان زور ٿا ڀريو ته اسان جي يونيورسٽن ۾ سياسي انتظام جا اسڪول قائم ڪيا وڃن ۽ ڪوبه ماڻهو اهو گريجوئيٽ هجي يا نه، ان کي اسڪولن ۾ داخلا جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ داخلا ملڻ گهرجي. انهن اسڪولن ۾ تعليم ايتري مڪمل ۽ عمل ڪرڻ جهڙي هجي جهڙي ڊاڪٽريءَ جي ڪاليجن ۾ هوندي آهي. اسان سفارش ٿا ڪيون ته اسان جون سياسي پارٽيون انهن اسڪولن مان تعليم مڪمل ڪرڻ وارن کي پنهنجا نمائندا چونڊن. جن مڙد يا عورتن انهن اسڪولن مان گريجويشن ڪئي هجي انهن کي هو اميدوار نامزد ڪن ۽ اهو به ڏسن ته انهن گهٽ ۾ گهٽ به سال ڪنهن ننڍي عهدي تي ڪم ڪيو آهي.

اسان ميونسپل جي ڪوجنا واري شعبي لاءِ امداد ٿا گهرون. اهو شعبو جدا جدا هنڌن تي ميونسپل جي ڪمن جي جديد طريقن جي مطالعي جو بندوبست ڪري. ساڳئي وقت هر عهديدار جي ڪارڪردگيءَ جو به جائزو ورتو وڃي.

هن ۽ هن کان اڳ وارين رپورٽن جي تجويزن کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ سرمائي جي ضرورت آهي جنهن لاءِ اسان رٿ ٿا ڏيون ته: استعمال ۾ نه ايندڙ زمين، عيش جي سامان ۽ هڪ خاص قيمت کان وڌيڪ قيمت وارا تحفا ۽ تفريح جو سامان، جيڪو عوام جي جسماني ۽ ذهني اوسر لاءِ نه آهي، ان تي ٽيڪس لڳايو وڃي. ٻيو ميونسپل کي ڊگهي مدي وارا اقرارناما جاري ڪرڻ گهرجن، ته جيئن اهي نسل جيڪي انهن سهولتن مان فائدو وٺن ۽ اهي ان فائدي جي ٿوري قيمت به ڀرين.

اسين مڃون ٿا ته سرمايو حاصل ڪرڻ جو هي وسيلو ڪافي نه آهي. ان ڪري اسان رٿ ٿا ڏيون ته اهي شهري جن جي مالي حيثيت سني

آهي اهي تعميري فنڊ ۾ چندو ڏين. ان تعميراتي فنڊ جو انتظام غير سياسي بورڊ جي هٿ ۾ هوندو، ان بورڊ جا ميمبر چندو ڏيڻ وارا ۽ ميونسپل جا ميمبر هوندا. ان سلسلي ۾ اسان اخبارن جي مدد تا گهرون ته اهي سرمائيدارن کي ايترو فنڊ جمع ڪرائڻ لاءِ اُتساهن جيترو فنڊ ميونسپل وٽ موجود آهي. اسان قابل ۽ دولتمند جي حب الوطني ۽ دُور انديشيءَ مان اميد ٿا ڪيون ته هو اسان سان تعاون ڪندا. هنن جي امداد کان سواءِ تعمير بيهي ڪانه رهندي پر ان جي رفتار گهٽجي ويندي. هنن جي امداد سان تعمير جو ڪم هڪ ئي نسل جي دور ۾ پورو ٿي سگهي ٿو جنهن سان اسان جي شهر کي اها عظمت ملي سگهي ٿي. جيڪا ايٿنز، فلورنس ۽ روم جي عظمت جي برابر هوندي.

هن ڪاميٽيءَ جا ميمبر واعدو ٿا ڪيون ته هن ڪم لاءِ اسان پنجن سالن تائين پنهنجي ڪُل آمدني جو پنجون حصو ان فنڊ ۾ ڏيندا رهنداسين.

**پر حقيقت ۾:**

ان آخري جملي جي اثر کان ڪير ٿي بچي سگهيو؟ هڪ ئي جملي سان ڪاميٽيءَ ماڻهن جو ڌيان ڇڪايو ۽ حمايت حاصل ڪري ورتي. جيئن ته پوڪ هيٺ آيل زمين شهر ۾ ٿوري هئي ان ڪري ٿيوڊر بليڪ به مُرڪي آرام سان ٿي وينو. ”اسان جي آمدنيءَ جو پنجون حصو.!“ اها ڪيڏي نه سخاوت واري آڇ هئي. ڪاميٽيءَ جا ڪي ميمبر وڏا امير هئا ۽ اشتراڪي ميمبر به ڪي گهٽ امير نه هئا. هاڻي مثالي رياست قائم ٿيڻ شروع ٿي وئي هئي.

جيئن ته هاڻي حالتون همت ڏيارينڊڙ هيون ان ڪري جيڪي ماڻهو شروع کان ڪاميٽيءَ جا خيرخواه هئا اهي هاڻي وڌيڪ بي ڊپائيءَ سان ڪاميٽيءَ جي حمايت ڪرڻ لڳا. ڇيائون ته ڪاميٽيءَ جو تجويزون محتاط ۽ مناسب آهن ۽ هڪ ٻن ميمبرن کان سواءِ سيني رجعت پرستن توڙي ترقي پسندن انهن تي صحيحون ڪيون آهن. اخبارن چارئي رپورٽون گڏ شايع ڪيون ته جيئن ماڻهو سمجهي سگهن ته ڪاميٽي ڪهڙي قسم جو نئو سماج قائم ڪرڻ ٿي گهري. اها ڳالهه به چٽيءَ طرح چئي وئي ته اهڙي سماج قائم ڪرڻ جو مقصد آسائشون ۽

آرام مهيا ڪرڻ نہ هو پر عوام جي جسماني، ذهني ۽ اخلاقي صلاحيتن کي اڀارڻ هو. اهڙا قدم کڻڻ سان جيڪو نسل پيدا ٿيندو اهو پاڻ پنهنجي لاءِ ڌرتيءَ جي جنت ٺاهيندو. ان نسل ۾ اهڙي صلاحيت هوندي جو هو مشينن کي استعمال تہ ڪندو پر مشينن جو غلام نہ هوندو.

۽ پوءِ اخبارن جي مدد سان تعميري فنڊ تيزيءَ سان وڌڻ لڳو. ڪيترن ماڻهن ۽ گهراڻن ان شرط تي پنهنجي آمدنيءَ جو پنجون حصو ڏيڻ قبوليو تہ ميونسپل انهن تجويزن کي منظور ڪندي. هڪڙي ميمبر ماٺ ۾ پنج ڪروڙ ڊالر فنڊ ۾ ڏيئي ڇڏيا. جيڪي هن هڪ تعليمي فنڊ لاءِ گڏ ڪيا هئا. عورتن پنهنجا زيور ڏنا ۽ مرڻ وارن پنهنجي ڇڏيل ملڪيت ڏني ۽ جدا جدا ادارن پنهنجن ميمبرن جي چندي سان چڱي رقم گڏ ڪري ورتي.

ماڻهن جون نظرون هاڻي ميونسپل جي ميمبرن تي هيون. جنهن ڏينهن ڪاميٽيءَ جون رپورٽون ميئر کي پيش ٿيون ان ڏينهن هال ۾ گئلريءَ جون سڀ سيٽون پريل هيون. ماڻهن جا منهن خوشيءَ ۾ ٽي ٻهڪيا. سڀني ائين ٿي سمجهيو تہ اسان سون واري دور کان سنهري دور تائين پڄڻ واري مهم جي پهرين ڊرامائي منزل جو نظارو پيا ڪيون. ميئر سڀ رپورٽون پڙهي ٻڌايون ۽ وضاحت ڪئي تہ اهي الڳ الڳ پيش ڪيون وينديون. هن تجويزن کي منظور ڪرڻ لاءِ زوردار اپيل ڪئي. هن اميد ڏيکاري تہ جيڪڏهن اهي تجويزون منظور ٿيون ۽ انهن تي سندس ميئر هجڻ واري مدي جي ختم ٿيڻ کان اڳ ڪم شروع ٿيو تہ پوءِ هن وقت جي انتظاميہ کي مستقبل ۾ هميشہ ياد ڪيو ويندو.“

هن تقرير پوري ڪئي تہ هڪڙو بزرگ اُٿيو ۽ هن انهن تجويزن جي خلاف تقرير شروع ڪئي. هن چيو:

”سائين منهنجا، مان انهن تجويزن کي ننديان ٿو ۽ انهن کي اشتراڪيت آڏو هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي برابر ٿو سمجهان. ان ڪاميٽيءَ ۾ شامل ڪارخانن جي مالڪن کي ڇا ٿي ويو آهي جو هنن اشتراڪيت جا خواب ڏسڻ وارن جي انهن ٻاراڻين تجويزن جو هر اکر مڃيو آهي.

انهن تجويزن جي پنيان مان ماسڪو جا ڳاڙها هٿ ۽ ٽرڊ انٽرنيشنل جو اثر ٿو ڏسان. جيتوڻيڪ انهن مان ڪي تجويزون چڱيون به آهن پر مان انهن جي به مخالفت ٿو ڪيان جو مون کي پنهنجي وطن سان پيار آهي ۽ مان پنهنجي وطن تي ڪنهن ڌارئي جي غلبي کي ڪنهن به حالت ۾ منظور ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيان".

گئلري ۾ ماڻهو ڪليا پر بزرگن هن جو ڳالهيون غور سان ٻڌيون. انهن مان هڪڙو اُٿيو ۽ ان ڳالهه جو مذاق اڏائڻ لڳو ته اهي تجويزون اشتراڪيت واريون آهن، پر ٽئين مقرر زوردار تقرير سان بحث جو انداز بدلائي ڇڏيو. هو هڪ خوفناڪ شڪل وارو پوڙهو رازو هو ۽ مزدور يونيئن جي جدا جدا عهدن تان ٿيندو ميونسپل تائين پهتو هو. هن وڏي جذباتي انداز ۾ گجندي چيو:

"منهنجا سائين، هي تجويزون رڳو روس جي آڌو پيش پوڻ برابر نه آهن پر انهن وڏن سرمائيدارن جي مفادن جي آڌو پيش پوڻ برابر به آهن جن هميشه اسان کي پنهنجي زير ڪرڻ گهريو آهي. هيءَ نام نهاد ڪاميٽي چا آهي. هيءَ اميرن جي ڪلب آهي. هنن پنهنجي ڪمائيءَ جو پنجون حصو فنڊ ۾ ڏيڻ جي آچ ڪري اسان کي ڦاسائڻ ۽ شهر تي قبضو ڪرڻ گهريو آهي. ان فنڊ مان هنن جو مقصد اهو آهي ته هو اسان کي شامل ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي مرضيءَ سان شهر کي بدلائڻ ۽ آمدورفت جا وسيلا خريد ڪرڻ جو مقصد به رڳو پاڙا وڌائڻ آهي".

اوهان اهو به ڏسو ته ڪاميٽيءَ وطن دوستيءَ جي خلاف جنگ کي ننديو آهي. اها وڏي گستاخي آهي. هنن جي مرضي آهي ته اسان پنهنجن انهن بهادر فرزندن ۽ عظيم الشان جرنيلن جي تعريف ۾ هڪ اکر به نه چئون جن اسان لاءِ آزاديءَ جون جنگيون وڙهيون، ملڪ جي حفاظت ڪئي ۽ دنيا کي جمهوريت لاءِ محفوظ بڻايو.

انهن تجويزن ۾ مذهب جي باري ۾ هڪ اکر به نه آهي، اشاري سان ڳالهه ڪيل آهي ته مذهب جو اخلاقي اثر ختم ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي اسڪول جون ماسترياڻيون اخلاق کي مذهب جي جاءِ ڏينديون. اخلاقيات! اوهان ڏٺو، اخلاقيات! اخلاقيات نيٺ آهي ڇا؟ مون کي خبر آهي ته هي سڀ ڇا آهي. اهو مذهب کي ختم ڪرڻ جو طريقو آهي. هن

ڪاميٽيءَ جا اڌ ميمبر دهريا آهن يا وحدانيت جا قائل آهن يا وري يهودي آهن جيڪا تمام خراب ڳالهه آهي. مون شروع ۾ ئي محسوس ڪيو هو ته ڪاميٽي ۾ يهودي گهٽا آهن.

منهنجا سائين، هي ڪيئن اوهان کي بيوقوف بڻائي سگهيا آهن. اوهان اسان وانگر گهٽين ۾ پلجي ان عهدي تائين پهتا آهيو ۽ اوهان کي منهن تي ٿا چون ته سيني ميئرن وٽ يونيورسٽن جي ڊگري هئڻ گهرجي. هي اسڪول ماستر اسان کي سيکارڻ آيا آهن ته شهر جو انتظام ڪيئن هلائجي. هي ماڻهو ان جمهوريت جون پاڙون پٽڻ آيا آهن. جنهن لاءِ اسان جا وڏا جانيون ڏيڻ کان به نه هٻڪيا ۽ جنهن کي اسان جي پائرن فرانس جي ميدان ۾ دشمن جي حملن کان بچايو. هي ماڻهو ديانتدار مزورن کان اعليٰ عهدن تائين پهچڻ جا حق ٿا کسن. هنن کي شرم اچڻ گهرجي. انهن تجويزن مان جيڪڏهن هڪ تجويز به منظور ٿي ته اها اسان جي حڪومت کي برباد ڪندي ۽ اسان جي هن سهڻي شهر جي عزت گهٽائيندي.“

تجويزن تي بحث ٿيندو رهيو. ميئر هڪ هڪ تجويز جي وڏي صبر سان حمايت ڪئي. ۽ گهٽن ميمبرن ميئر جي حمايت ڪئي بڻڻ وارن انهن تجويزن لاءِ هر تقرير ۽ هر ووٽ تي دل کولي تاڙيون وڄايون. هڪ هفتي اندر معاملو طئه ٿي ويو. هر تجويز لاءِ ووٽ پيا ۽ ماڻهو گهرن ڏانهن هليا ويا. انهن مان هڪ تجويز به منظور نه ٿي.

ان هوندي به وڻ جي چانورَ سڪون ڏيندڙ ۽ ٻارن جي کل دل کي وڻندڙ آهي:

حصو اٺون:

## مذهب.........هڪ مطالعو

مڪالمي ۾ حصو وٺڻ وارا
اينڊريو- هڪ دهريو
ايريئل- ميزبان
ڪليرنس- بي عقيدي وارو
ايسٽ- هڪ يهودي عورت
سر جيمز- انسان جي باري ۾ علم جو ماهر
ڪنگ- هڪ چيني
ميٿيو: هڪ ڪيٿولڪ
پال: هڪ پروٽيسٽنٽ
فلپ: تاريخ نويس
سڌا: هڪ هندو
ٿيوڊور: هڪ يوناني
وليئم: هڪ نفسيات جو ماهر.

مڪالموٽن حصن ۾ آهي
پهريون حصو باغ ۾
ٻيو ڪمري ۾
۽ ٽيون لئبريري ۾

## باب اڪويهون

# مذهب جو وجود ۾ اچڻ

## مادي شين ۾ روح جو تصور:

ايرئيل: اچو تہ ڳلن جي هن ٻاري جي ڇوڏاري تي ويهون، اسان ”گول باغ جا سالار“ آهيون، اسان قسم کنيون آهي تہ عقيدي جو بچاءُ ۽ ان جي مخالفت ڪنداسين. اچ ميٿيو، تون گرپل جو پوئلڳ آهين. تون بہ اچ اينڊريو. تون دهريو آهين. مون سان هي بينچون ڪڻايو. اسان مان جن کي لهندڙ سج جو نظارو وڻي ٿو اهي هتي ان عظيم ديوتا ڏانهن منهن ڪري ويهن. ها، بلڪل ائين ڪارروائي شروع ڪيون؟

**پال**: پهرين اهو ٻڌاءِ تہ تون اسان کان ڇا ٿي چاهين؟

**ايرئيل**: مون اوهان سڀني کي مذهب جي باري ۾ گفتگو ڪرڻ لاءِ سڏايو آهي. مون کي ان موضوع سان دلچسپي بہ آهي تہ ساڳئي وقت مان ان معاملي ۾ منجهيل بہ آهيان. شايد مون وانگر ٻين جو بہ اهو ئي حال هجي. اوهان ٻڌايو تہ مذهب جي شروعات ڪيئن ٿي. مذهب جي جدا جدا صورتن جي اهميت ۽ معنيٰ ڪهڙي آهي. هن زماني ۾ ان جي ڪهڙي حيثيت آهي ۽ آمريڪا ۾ ان جو مستقبل ڇا آهي؟ اوهان اهو بہ ٻڌايو تہ منهنجو روح غيرفاني آهي يا نہ ۽ ڇا خدا جو وجود آهي؟

**ڪليرنس**: اسان يڪراءِ ٿيون تہ بحث مختصر ٿي سگهي ٿو.

**ايرئيل**: منهنجي دلچسپي رڳو انهن ڳالهين ۾ آهي جن لاءِ اوهان يڪراءِ نہ آهيو. مون اوهان کي دعوت ئي ان ڪري ڏني آهي جو ڪيترين ڳالهين ۾ اوهان جا پاڻ ۾ اختلاف آهن. اوهان مان هر ڪو سمجهي ٿو تہ ٻيو غلط آهي پر پوءِ بہ مان اميد ٿي ڪيان تہ اوهان هڪ ٻئي جي راءِ جو احترام ڪندا. منهنجي خيال ۾ بحث جي شروعات ٿيڻ گهرجي.

**اينڊريو**: سڀ کان پهرين خاص معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن کي چٽو ڪيون. پهريان ٻڌايو تہ مذهب ڇا آهي؟

**ايريئل**: تشريحون ٽڪائي ڇڏينديون آهن.

**فلپ**: هڪ دفعي مون مذهب جون جدا جدا تشريحون گڏ ڪيون هيون. انهن مان ڪي مون کي ياد آهن. شلائيرماخر مذهب کي مڪمل طرح ڀاڙڻ جو احساس ٿو چئي. هيولاڪ ايلس مذهب کي ”دنيا سان هم آهنگيءَ جو وجدان چيو آهي. گلبرٽ مري چيو آهي ته ”مذهب ڪائنات سان اسان جو تعلق ٿو پئدا ڪري“. اسپنگلر چيو آهي ته هيءَ اها مابعد الطبعيات آهي جنهن کي اسان محسوس ٿا ڪيون يعني سمجهه ڪان متاهين حقيقت جيڪا يقيني آهي. فطرت کان متاهين طاقت جيڪا حقيقي آهي. غير حقيقي پر اصل ۾ حقيقي دنيا، جنهن ۾ زندگي وجود جي حالت ۾ آهي.“ پروفيسر شاٽ ويل چئي ٿو ”مذهب ڪنهن پُراسرار حقيقت جي اڳيان پيش پوڻ آهي. ايورٽ ڊين مارٽن مذهب جي تشريح ڪندي چئي ٿو ته ”هي پراسرار وجود جي علامتي جاڻ آهي. جنهن ۾ انسان جون پنهنجي انا جي حوالي سان دلچسپيون آهن.“ رائناخ جو چوڻ آهي ته ”هي انهن اصولن جو مجموعو آهي جيڪو اسان جي صلاحيتن جي آزاد استعمال ۾ رنڊڪ ٿو وجهي.“

**ميٿيو**:- ان کان وڌيڪ اجائي ۽ جانبداراڻي تشريح مون اڄ تائين نه ٻڌي آهي.

**وليئم**: هي سڀ تشريحون مونجهارو پئدا ڪرڻ جو بهترين مثال آهن.

**فلپ**:- ٽائلر جي تشريح اوهان کي وڻندي. هن چيو آهي ته ”مذهب روحاني شخصيتن ۾ ايمان جو نالو آهي“

**سرجيمز**: پر ڪن ديوتائن جو مادي تصور به آهي. مذهب ۾ ايمان ڪافي نه آهي. پرستش کي به شامل ڪيو.

**فلپ**: اوهان مذهب جي ڪيئن ٿا تشريح ڪيو.

**سرجيمز**: ماڻهو پاران انهن متاهن قوتن کي راضي ڪرڻ ۽ سرچاڻ جي ڪوشش، جن لاءِ ماڻهن جو ايمان آهي ته قدرت ۽ انساني زندگي انهن جي وَس ۾ آهي.

**ايريئل**: اوهان جو مطلب آهي ته مذهب فطرت کان متاهين هستين جي پرتش جو نالو آهي.

**سرجيمز:** اوهان ڳالهہ کي مختصر ڪري بيان ڪيو ان لاءِ مهرباني.

**ايريئل:** پهلا مذهب جي شروعات ڪيئن ٿي؟

**اينڊريو:** ان سوال جو ليؤ ڪريٽس کان وڌيڪ سنو جواب ڪنهن نہ ڏنو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ ڏپ دنيا ۾ ديوتائن جي تخليق ڪئي، وحشت پٽي واري زندگيءَ کي هزارين خطرا هئا. وحشي ماڻهو ورلي فطري موت مرندا هئا. ڏاڍ ۽ بيماري ماڻهوءَ کي پڪيءَ عمر تائين پهچڻ ئي نہ ڏيندا هئا. وحشي ماڻهو مظاهر کي سمجهي نہ سگهيو تہ هن انهن کي انساني شڪل ڏني ۽ پنهنجي جسم مان اندازو لڳايو تہ هر مادي شيءِ ۾ روح آهي جيڪو ان جي اعمالن جو ذميوار آهي. ڇا اوهان ڪڏهن ڪنهن ساهوار جي اکين ۾ ان وقت ڏپ ۽ حيرت ڏٺي آهي جڏهن ڪاغذ هوا ۾ اڏامندو آهي ۽ هو هوا کي ڏسي نہ سگهندو آهي. مون کي يقين آهي تہ هن کي ڪاغذ ۾ روح نظر ايندو آهي جيڪو ڪاغذ کي اُڏائيندو آهي. ان ساهدار لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ اهو مذهبي آهي اجا بہ هو هڪ وحشي فطرت پرست آهي. ائين مذهب جي شروعات ٿي،

**ايرئيل:** سرجيمز، ڇا اسان هن جون ڳالهيون مڃون؟

**سرجيمز:** اوهان جي مرضي، جنهن کي اينڊريو پهرين منزل ٿو چئي اها شايد تہ ٻي منزل آهي جنهن ۾ حيرانيءَ وارو ڪم ڪندڙ قوت جنهن کي "ميلان" وارا "مانا" ۽ آمريڪي ريڊ انڊين ميني تاؤ چئي پوڄيندا هئا ان جي باري ۾ اهو تصور هو تہ اهو ڪيترن روحن ۾ ورهايل آهي جيڪي هر شيءِ ۾ رهن ٿا.

**سڏا:** اهو شروعاتي عقيدو وڏو اونهو هو. اهو جديد سائنس جي ان نظريي جهڙو هو تہ سمورو مادو قوت آهي.

**سرجيمز:** اهو پراڻو عقيدو اڄ بہ اسان وٽ مروج آهي. ڪنهن زماني ۾ جبل، درياہ، ٽڪريون، وڻ، ستارا ۽ آسمان روحن جون ظاهري شڪليون سمجهيون وينديون هيون. اڄ بہ اسان انهن کي شخصي شڪليون ٿا ڏيون. يوناني سمجهندا هئا تہ آسمان يورا نوس ديوتا جو جسم آهي.

چنڊ سائليني ديويءَ جو، زمين گائيا ديويءَ جو ۽ سمنڊ پوسيڊون ديويءَ جو جسم آهي.

**ٿيوڊور:** ها، پر سائين، پڙهيل يونانيءَ لاءِ هي سڀ ڳالهيون شاعري هيون.

**سرجيمز:** هڪ عام يونانيءَ لاءِ اهي حقيقت هيون. ان لاءِ سيني ماڻهن جي سوچ هڪ جهڙي آهي. اوائلي زماني ۾ جرمني ۽ اسڪينڊنيويا جا ماڻهو جهنگن کي جنن، ڄامڙن، ديوتائن ۽ اهڙي غير مادي مخلوق سان ڀريل سمجهندا هئا. آئرستان جا ڳوناڻا اڃا تائين پرين کي مڃيندا آهن ۽ انهن کان ڊڄندا آهن. آئرستان ۾ ادب جي جيڪا نئين سر تخليق پئي ٿئي ان مان جيڪڏهن پرين کي ڪڍي ڇڏيو ته باقي ڦڪو نثر بچندو، آمريڪي ريڊانڊين پنهنجي تباهيءَ جو سبب اهو سمجهندا آهن ته اڄن ماڻهن اهي وڻ وڍيا جن جا روح سندن حفاظت ڪندا هئا. مولوُڪا ٻيٽن وارا ڦوٽهڙي وارن وڻن جو ائين خيال رکندا آهن جيئن ڳورهاري عورت جو خيال رکندا آهن. وڻن جي ويجهو گوڙ يا فساد ٿيڻ نه ڏيندا آهن ته ڪٿي ڳورهاري عورت وانگر وڻ به ڇرڪي پنهنجا ميوا نه ڇٽي ڇڏن. ايموئنو ۾ جڏهن سارين جون ٻنيون سايون ٿينديون هيون ته انهن جي ويجهو واڪا ڪرڻ کان جهليندا هئا ته واڪن سان عورت وانگر هنن جو به ٻار نه ڪري پوي. گال GAUL ۾ مقدس وڻن وارا جهنگ هوندا هئا. انگلينڊ ۾ ڊروئيڊس DRAUIDS پنهنجن مذهبي رسمن لاءِ شاه بلوط جي امربيل گڏ ڪندا آهن.

**ايريئل:** امربيل سان اڄ به ڪيترين رسمون لاڳاپيل آهن. اسان کي هاڻي ڪي ٻيون ڳالهيون ٻڌايو.

**سرجيمز:** روح جي مظاهر جو اهو نظريو ستارن سان به لاڳاپيل آهي. انهن مان هر هڪ ستاري ۾ سڌي واٽ ڏيڪارڻ وارو روح رهندو آهي. بابل جي رهواسين جي خيال ۾ سيارن ۾ خدائي خصلتون هيون. انهن سيارن جا نالا هنن هفتي جي ڏينهن تي رکيا جيئن سنڊي، منڊي ۽ يسترڊي. اسان اڄ به اڻ ڄاڻائيءَ ۾ انهن جو احترام ڪندا آهيون. ٿيوزڊي، وينس ڊي ۽ فراءِ ڊي وري اسڪينڊ ينيوپا جي ديوتائن ٽائيو، وودن، ٿور ۽ فرائگا جي نالن پٺيان سڏجن ٿا. فرانس وارن وري روم

جي ديوتائن مارس، مرڪيوري، جوو ۽ وينس جي نالن پنيان هفتي جي ڏينهن جا نالا رکيا. بابل ۾ ئي نجوم جي علم جنم ورتو. هو سمجهندا هئا تہ سيارا انسان جي تقدير تي حاوي آهن. اڄ بہ اسان جون اخبارون هر هفتي نجوم جا زائچا شايع ڪنديون آهن. ۽ عام گفتگو ۾ بہ اسان نجوم جي علم وارا لفظ استعمال ڪندا آهيون LUNATIC چريو، MARTIAL جنگي، JOVIAL خوش طبع. ڪيترن قبيلن ۾ چنڊ گرهڻ وقت ماڻهو خوفناڪ رڙيون ڪندا آهن تہ جيئن جن بلائن چنڊ تي حملو ڪيو آهي اهي پٺي وڃن. ايٿنز جي رهواسين اناڪزا گورس کي جلاوطن ڪيو هو جو هو چوندو هو تہ سج ديوتا نہ آهي پر باهہ جو گولو آهي. عيسائيت انهن روحن کي فرشتا سڏيو. ڪيپلر سمجهندو هو تہ هر سياري سان هڪ روح آهي جيڪو ان جي گردش ۾ ان جي رهنمائي ڪندو آهي. اوليائن جي تصويرن جي چوڌاري روشني جو جيڪو گولو هوندو آهي اهو بہ شايد تہ سج جي پوڄا جو نشان آهي. ميڪاڊو کي اڄ بہ جپاني ديوتا سمجهندا آهن. ان ڪري مان سمجهان ٿو تہ مظاهر ۾ روح کي ڏسڻ جو نظريو مذهب جو بنياد بڻيو. ان نظريي جو مطلب آهي تہ هرهڪ شيءِ ۾ روح هوندو آهي.

**فلپ**: ان شروعاتي مظاهر پرستيءَ جو هڪڙو مثال عضو پرستي آهي. اوهان جو ڇا خيال آهي؟

**سرجيمز**: صحيح ٿا چئو، وحشي ماڻهن کي پئدائش ڪرڻ وارن عضون جي اندروني جوڙجڪ جي خبر ڪانہ هئي. هنن کي رڳو ظاهري عضون جي خبر هئي، انڪري هنن ان کي ديوتا ٿي سمجهيو ۽ ان جي پوڄا ٿي ڪئي.

**سڏا**: منهنجي خيال ۾ اهو ڏرم عقلمندي وارو آهي. انهن عضون ۾ ئي پيدائش ۽ وڌڻ ويجهڻ جو معجزو ٿو نظر اچي. اهي عضوا تخليقي قوت جا مظهر آهن. پئدائش جي انهن مرداڻي ۽ زناني عضون جي اڄ بہ پوڄا ٿئي ٿي. اسان جي ملڪ ۾ اڃا تائين انهن جي پوڄا ٿيندي آهي ۽ انهن کي تحفظ جي علامت سمجهيو ويندو آهي.

**فلپ**: مصر جي پراڻن دستاويزن مان خبر ٿي پوي تہ اُتي مڙداڻي عضوي جي پوڄا سڀ کان پراڻو ادارو هو. روم جا ماڻهو انهن جي

علامتن جا تعويذ ناهي استعمال كندا هئا ته جيئن هنن جي پئداواري طاقت ۾ واڌارو ٿئي. هو پنهنجن ميلن ملاڪڙن ۾ پئدائش جي پراسراريت جو جشن ملهائيندا هئا. لوشين افراڊتي جي مندر سامهون بيٺل به سو ڏگهن ٿنين کي به اهي علامتون ٿو چئي.

**اينڊريو:** منهنجي خيال ۾ ته هر ڪا عبادت خاص ڪري عورتن ۾، محبت جي جذبي سان لاڳاپيل آهي. سينٽ ٽيريسا St:Theresa جا تصور به جنسي احساسن ۽ جذبن سان لاڳاپيل هئا. اسان جيڪڏهن ڪرافٽ-ايبنگ Kraft- Abing ۽ هيولاڪ ايلس Havelock Eles جي ڳالهه مڃون ته پوءِ اسان کي مڃڻو پوندو ته هر مقدس شخصيت سان گهڻو ڪري اهڙائي تصور لاڳاپيل هوندا آهن. منهنجو تجربو رڳو ان هڪ جذبي تائين محدود آهي، ان ڪري مان ان موضوع تي وڌيڪ بحث ڪري نٿو سگهان.

**سرجيمز:** شايد نه اوائلي مذهبي احساس ۾ جنس کي شامل ڪرڻ ۾ وڌاءُ کان ڪم ورتو ويو آهي. وڻن جي پوڄا، چوڪنڊن منارن ۽ يورپ ۾ بهار جي آڌرياءُ لاءِ جيڪي جهنڊا کوڙيا ويندا آهن، انهن جي تشريح جنسي اصطلاحن ۾ ڪرڻ ۽ اسان جون جيڪي رسمون ظُهر سان لاڳاپيل آهن انهن جي اهڙي تشريح ڪرڻ مناسب نه آهي.

**ٽيوبور:** اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته پئدائش سان لاڳاپيل اهي اوائلي رسمون جنسي نه آهن پر مذهبي آهن. آهستي آهستي ماڻهن انهن کي عياشيءَ سان ڳنڍي ڇڏيو پر شروع ۾ پئدائش جي قوت کي تقديس جو رنگ ڏنو ويو. منهنجي خيال ۾ ان کي غليظ سمجهڻ کان چڱو آهي ته ان کي مقدس سمجهون.

**اينڊريو:** انهن کي غليظ سمجهڻ اجايو آهي.

**ايرئيل:** هاڻي اڳتي هلون سرجيمز! مظاهر ۾ روح ڏسڻ مذهب جي جُڙڻ جو پهريون عنصر آهي.

## جادو:

**سرجيمز:** ٻيو عنصر جادو آهي. پهريان ته ماڻهوءَ دنيا کي روحن سان ڀري ڇڏيو ۽ پوءِ جڏهن انهن کي قبضي ۾ ڪري نه سگهيو، جيئن

سائنس تي ڪوشش ڪري، تہ پوءِ اوائلي دور جي انسان انهن ڪي پنهنجو مددگار بڻائڻ جو ارادو ڪيو. ”جادو“ رائناخ Rainach چيو آهي. ”مظاهر ۾ هر روح ڪي مجڻ جو طريقو آهي. اهو جادو گهڻو ڪري دوستاڻو ۽ خيالي تصويرن تي بدل هو. اوائلي دور ۾ مينهن نہ وسندو هو تہ عبادت ڪرڻ وارو پاڻ يا پنهنجي جادوگر جي مدد سان، گهڻو ڪري ڪنهن وڻ تان زمين تي پاڻي هاريندو هو. اڄ بہ Balkans ۽ جرمنيءَ جي ڪن حصن ۾ مينهن نہ وسندو آهي تہ ڪنهن جوان ڇوڪريءَ کي اگهاڙو ڪري مٿس پاڻي هاريندا ۽ جادوءَ جا منتر پڙهندا آهن. ڪافر وري پنهنجي مذهبي اڳواڻ کي چوندا هئا تہ هو ڇٽي هٿ ۾ جهلي بنيءَ ۾ گهمي، سماترا ۾ سنڌ عورت ٻار جو ڪانيءَ وارو پتلو ناهي هنج ۾ رکندي آهي تہ جيئن کيس ٻار ٿئي. بابربيٽن Babar Archipelago سنڍ عورت ڳاڙهي ڪپڙي جي گُڏي ناهي ان کي کير پياريندي ۽ جادوءَ جو منتر پڙهندي آهي. ماڻهن ۾ افواهہ پکيڙيو ويندو آهي تہ کيس ٻار ٿيو آهي ۽ ماڻهو هن کي مبارڪ ڏيڻ ايندا آهن، بورنيو جي ڊياڪ قبيلي ۾ عورت کي سور ٿيندا آهن تہ جادوگر پاڻ هن جي سورن جي اهل ڪندو آهي ڄڻ کيس ٻار پيو ٿئي. ائين ڪرڻ سان سمجهيو ويندو آهي تہ سورَ گهٽ ٿيندا آهن ۽ ٻار جلدي پيدا ٿيندو آهي، ٿوري دير تائين ائين ڪرڻ کان پوءِ جادوگر پنهنجي چيلهہ مان پٿر ڪيرائيندو آهي ۽ اهڙا منتر پڙهندو آهي جن جو مطلب هوندو آهي تہ ٻار پٿر وانگر ٻاهر نڪري اچي. تاريخ ۾ جادوءَ جا اهڙا گهڻي ئي مشهور علاج ٿيا آهن. اوهان جي ملڪ جي عالم ڊاڪٽر جيمس- جي والش پنهنجي ڪتاب ۾ ڏاڍي وڻندڙ نموني سان جادوءَ جا قصا بيان ڪيا آهن. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪو ڦٽ ٿيو آهي تہ هن کي ٽٽندڙ ستاري جي انتظار ڪرڻ گهرجي. جيئن ئي ستارو ٽٽي تہ هن کي يڪدم منهن صاف ڪرڻ گهرجي، ائين ڪرڻ سان سندس سڀ ڦٽ ڇٽي ويندا، جي ائين ڪرڻ سان ڦٽ نہ ڇٽن تہ پوءِ پڪ سمجهو تہ هن قدرتيءَ کان ڪم نہ ورتو آهي. التميرا Altamira جي غارن جي ڀتين تي حيوانن جون جيڪي تصويرون نهيل آهن انهن تي تير وسائڻ جو سبب

شايد تہ جادوءَ جي اثر سان جانورن کي مارڻ هو. وچئين دور ۾ ماڻهو دشمن جي ميڻ مان نهيل بوتن ۾ سيون ٽنبيندا هئا. اڄ بہ اسان ماڻهن جا بوتا ناهي ساڙيندا آهيون. پيرو جا ماڻهو ان کي دشمنن جي روحن کي ساڙڻ چوندا آهن.

اينڊريو، سرجيمز، منهنجو خيال آهي تہ جادوءَ مان مذهب جي پيدا ٿيڻ وارو نظريو اوهان جو پسنديده نظريو آهي.

**سرجيمز:** مظاهر ۾ روح ڏسڻ واري نظريي مان شاعري پيدا ٿيندي آهي. جادوءَ مان ڊرامو ۽ روحن کي قبضي ۾ آڻڻ جي خواهش مان سائنس پيدا ٿيندي آهي. جڏهن جادوءَ جي هڪ ڳالهہ ناڪام ٿيندي آهي تہ جادوگر جي نالي کي وڏو ڌڪ لڳندو آهي. جيتوڻيڪ جو ماڻهو جادوگر جي هڪ ڪاميابيءَ کي ياد رکندا آهن ۽ سندس ڪيترين ناڪامين کي وساري ڇڏيندا آهن. جادوگر جو بچاءُ ان ۾ هو تہ هو سببن ۽ نتيجن جو مطالعو ڪري ۽ پنهنجو جادوءَ وارو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ انهن کي پنهنجي جادوءَ واري طريقي سان ڳنڍي. ائين ڪرڻ سان ڪيس ڪاميابي ٿيندي ۽ نالو پيدا ڪري سگهندو تہ هو ديوتائن کي قبضي ۾ آڻي سگهي ٿو.

معجزا ڏيکارڻ وارن اوائلي جادوگرن ۽ پروهتن مان، طبيب، نجومي ۽ فلڪيات جو علم ڄاڻڻ وارا ۽ ڪيميا جا ماهر پيدا ٿيا.

سائنس جي هر شعبي ۾ اسان جا سائنسدان پراڻن جادوگرن جا وارث آهن. ان هڪ چشمي مان مذهب، سائنس، مابعد الطبعيات ۽ طب نڪتا آهن، يعني تہ انسان جي تاريخ ۾ بہ مختلف ڌارا ساڻ ساڻ وهڻ لڳا.

ڪن هنڌن تي جادوگر ۽ سندن منتر ايترا مشهور ٿيا جو جيڪڏهن سندن جادوءَ جو زور نہ هليو ۽ سندن ڳالهہ ديوتائن پوري نہ ڪئي تہ ان کي جادوگر جي ناڪاميءَ جي بدران ديوتائن جي ارڏائي سمجهيو ويو. يونان ۾ جيڪڏهن ڪو جوان مڙس شڪار ۾ ناڪام ٿيندو هو تہ پان Pan ديوتا جي پٽ کي ڪٽيندو هو. اٽليءَ جا مير بحر دعائن ڪان پوءِ بہ گهٽي مڇي ڦاسائي نہ سگهندا آهن تہ بيبي مريم جي پٽ کي درياه ۾ اڇلائيندا آهن. چيني ماڻهن جون دعائون قبول نہ

ٿينديون آهن تہ هو ديوتا جي بت کي بازارن ۾ گهليندا ۽ ان کي گاريون ڏيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ ”اي ذليل، اسان توکي رهڻ لاءِ عاليشان مندر ڏنو، سينگاريو سنواريو، اعليٰ طعام ڏنا، قربانيون ڏنيون ۽ پوءِ بہ تون ناشڪرو آهين. اها عجيب رسم اوائلي ماڻهن جي تقدير پرستيءَ جو عڪس هئي جو هو سمجهندا هئا تہ تقدير انسانن ۽ ديوتائن کان مٿاهين آهي ۽ اها تقدير پرستي يوناني تهذيب جي سڃاڻ آهي. اهو نظريو هڪ طرف خدا جي وحدانيت ۽ ٻئي طرف سائنس ڏانهن وني ٿو وڃي.

**ايريئل**: خبر نٿي پئي تہ انهن سڀني ڳالهين جو حاصل مقصد ڇا آهي. پر شايد اهو سڀ ضروري آهي.

**سر جيمز**: اوهان حاصل مقصد لاءِ ايڏي جلدي نہ ڏيکاريو. تاريخ يا سائنس جو مطالعو ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسان سڀني حقيقتن کان واقف ٿيون. جيڪڏهن اوهان جلد ڪن نتيجن تي پهچڻ گهرندا تہ پوءِ ڪي حقيقتون تہ سامهون ايندين پر ڪيتريون رهجي وينديون.

**ايريئل**: سچ ٿا چئو اوهان جي تنقيد صحيح آهي. اوهان ڳالهہ جاري رکو.

**سر جيمز**: جادوءَ مان رڳو ڊرامو ۽ سائنس پٽرا نہ ٿيا پر دعا جون رسمون بہ پيدا ٿيون. ڪيتريون دعائون اڄ بہ ماڻهن لاءِ جادوءَ جي منترن وانگر آهن، جن کي ماڻهو ورجائيندا آهن جو انهن جي ورجاءَ ۾ سندن ايمان هوندو آهي. تعويذ، بددعا ۽ خير جي دعا، جادوءَ جي يادگار آهي. پر سڀ کان اهم رسمون جيڪي ماڻهن ۾ عام ٿيون ۽ جن مان اوائلي مذهب وجود ۾ آيا اهي زراعت سان لاڳاپيل رسمون هيون. اوائلي ماڻهو پيداواري قوت کي نر ۽ ماديءَ ۾ ورهائيندا هئا. انگريزي لفظ Matter (مادو) جو بہ بنياد شايد تہ Mater معني ماءُ آهي. شين جو مشاهدو ڪرڻ ۽ انهن جي باري ۾ سوچڻ جو شخصي طريقو غير شخصي طريقي کان اڳ شروع ٿيو. جيئن مظاهر ۾ روح ڏسڻ جو طريقو مابعد الطبيعات کان اڳ شروع ٿيو. هڪ بار جو خدا جو تصور، اسپونزا جي خدا جي تصور کان گهٽو چٽو ۽ حقيقي آهي. فلسفي ۾ هڪ نقصان اهو آهي تہ فلسفو اسان کي نوس موجودات جي بدران

عمومي اصول ڏيندو آهي. ۽ اسان جي جوانيءَ واري خدا جي زنده تصور جي جاءِ تي هڪ غير مادي مطلق هستيءَ کي اڳيان آڻيندو آهي. جنهن جو انساني پيڪر ۾ تصور ڪري نٿو سگهجي.

هر نسل ۾ هر سال سٺو فصل حاصل ڪرڻ وڏو مسئلو هوندو اهي. اوائلي ماڻهو ان مسئلي کي سائنسي انداز ۾ حل ڪري نٿي سگهيو ان ڪري هن جادوءَ جي مدد ورتي. هو ڌرتي ماتا جي منٿ ڪندو هو ته هن دفعي اسان کي سٺو فصل ڏجانءِ. ان لاءِ پوکي جي وقت ان دور جا ماڻهو زرخيزيءَ جو جشن ملهائيندا هئا. جنهن سان زمين زرخيز به ٿيندي هئي ته وقتي طور هو بداخلاقيءَ جا مزا به ماڻيندا هئا. ڪن ملڪن ۾ ان جشن جي موقعي تي ماڻهو بادشاهه ۽ راڻي يا گهوٽ ڪنوار چونڊيندا هئا، شاديءَ جي رسم ادا ڪندا هئا ته جيئن زمين ۾ زرخيزي اچي. ڪيترا دفعا ته گهوٽ ۽ ڪنوار کي همبستري به ڪرڻي پوندي هئي ته جيئن فطرت (انگريزي ۾ فطرت کي Nature چئبو آهي جنهن جي معنيٰ آهي "جيڪا پيدا ڪري")کي خبر پوي ته هو ڪانئس ڇا ٿا گهرن.

اوهان شايد سوچيندا هوندا ته انهن ڳالهين جو موضوع سان ڪهڙو تعلق آهي. ٿورو صبر ڪيو. اوهان جڏهن مذهبن ۾ تقابلي مطالعو ڪندا. تڏهن اوهان ڪيترن مذهب ۾ داخل ٿيل ڪيترين غلط ڳالهين کي سمجهي ويندا...اوائلي انسان اسان ڪان وڌيڪ سٺي فصل تي ٿي ڀاڙيو. هن وٽ ڏڪار ۽ سوڪهڙي جو ڪو علاج نه هو. هو سٺو فصل حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هو. هن کي خيال آيو ته هو ڌرتي ماتا کي قرباني ڏي. پهرين هن انساني قرباني ڏني پر پوءِ جڏهن هن ۾ همدردي پيدا ٿي ته هن جانور جي قرباني ڏيڻ شروع ڪئي. هن جو خيال هو ته ان قربانيءَ جو رت زمين جي تهن ۾ لهي ڌرتي ماتا کي خوش ۽ زرخيز ڪندو. ايڪيوڊور Ecudore جا ريڊ انڊين انساني رت ۽ دل جي قرباني ڏيندا هئا، پاني Pawnee جا ريڊ انڊين به ائين ڪندا هئا ۽ بنگال جي قبيلن ۾ اها رسم نهايت ئي ظالماڻي انداز سان پوري ڪئي ويندي هئي. ان رسم ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڏوهارين کي قربان ڪيو ويندو هو. ايٿنز وارا ته ڪجهه ڏوهارين کي سدائين تيار

رکندا هئا تہ جيئن ديوتائن کي خوش کرڻ جي ضرورت وقت انهن کي قربان ڪري سگهجي. جڏهن ڪا وبا پکڙبي هئي يا ڏڪار پوندو هو تہ ٻن ڏوهارين کي ذبح ڪندا هئا. هڪ قبيلي جي مردن جي پاران ۽ ٻيو عورتن جي پاران ذبح ٿيندا هئا. اهو آهي ڪفاري جي غلط ۽ ناقص نظريي جو اصل سبب.

**ايريئل:** هيءَ اوهان ڪهڙي ڳالهہ ڪئي؟ اوهان سمجهو ٿا تہ عيسائيت جو بنيادي عنصر اهي خوني رسمون آهن؟

**سر جيمز:** ائين لڳي ٿو، پر مان انهن کي عيسائيت جو بينادي عنصر نٿو سمجهان. مون کي ان وقت حيرت ٿي جڏهن مون ڏٺو تہ آمريڪا ۾ جيڪو فرقو ٻئي درجي وارين غير ضروري رسمن کي انڪري اهميت ڏيندو آهي جو انهن سان سندن فرقو ٻئي کان الڳ حيثيت ۾ سڃاتو وڃي تہ ان فرقي کي بنياد پرست چوندا آهن. مان اوهان جو مهمان آهيان ۽ مون کي چوڻ نہ جڳائي پر تہ بہ مان ان کي "سطحيت رستي" چوندس. چا مان پنهنجي ڳالهہ جاري رکان.

**ايريئل:** ڳالهہ کي اڳتي وڌايو.

**سرجيمز:** اهو ئي صحيح علمي جذبو آهي. هر سال ٿارگيلئا Thargalia جي ميلي ۾ ايٿنز وارا ٻن ٻڪرن کي سنگسار ڪري پنهنجن گناهن جو ڪفارو ادا ڪندا هئا. گهڻو ڪري قربانيءَ جو جانور هڪ سال اڳ چونڊيندا هئا. ٻارنهن مهينا ان جي بادشاهہ ۽ ديوتائن وانگر پوڄا ڪندا هئا، بهار جي موسم ۾ ان کي ڪهندا هئا ۽ ان کي ايذاءُ ڏيئي بہ ماريندا هئا، اهڙيءَ طرح هنن جي ساهدارن کي ايذاءَ ڏيئي خوشي ماڻڻ واري خواهش پوري ٿيندي هئي ۽ ان پاڪ رسم جي ادائگيءَ کان ڪوبہ ڪين جهلي نہ سگهندو هو، ان ڪانپوءِ وارين رسمن ۾ قربانيءَ لاءِ چونڊيل جانور کي گذريل سال قربانيءَ لاءِ ڪٺل جانور جي روح جو ٻيو جنم سمجهندا هئا. جيئن بهار کي هو ذرتي ديوي جي مرڻ کان پوءِ وري جيئرو ٿيڻ تصور ڪندا هئا. ديوتا جو انساني روپ ۾ مرڻ ۽ وري جيئرو ٿيڻ جون ڏند ڪٿائون اولهہ ايشيا ۽ اتر اوڀر آفريقا جي مذهبن جو لازمي حصو ٿي ويون.

ديوتا کي مارڻ واريءَ رسم ۾ پوءِ سڌارو آيو ۽ ديوتا کي مارڻ

ڪان پوءِ ان ڪي ڪائڻ جي رسم شروع ٿي. ان تبديليءَ جو سبب اهو هو جو هنن سمجهيو ٿي ته ماڻهو جيڪا شيءِ ڪائي ٿو ان جي طاقت هن ۾ اچي ٿي وڃي. پهرين ماڻهو جانور کي ماري ان جو رت پيئندا ۽ گوشت ڪائيندا هئا. پوءِ تهذيب جي ترقيءَ سان اتي جا بوتا ناهي اهي ڪائڻ لڳا. ميڪسيڪو ۾ چڻن، ٻجن ۽ ٻاڄين مان ديوتا جا بت ناهيندا هئا ۽ انهن ڇوڪرن جي رت ۾ ڳوهيندا هئا جن کي ان خاص مقصد لاءِ قربان ڪيو ويندو هو ۽ روزي ڪولڻ مهل ان بت کي مذهبي عقيدت سان ڪائيندا هئا. پروهت انهن تي منتر پڙهندا هئا ۽ ائين ديوتا کي ڪائڻ جي رسم پوري ٿيندي هئي.

**ميٿيو:** اسان کي پڪ آهي ته ان مان اوهان اهو نتيجو نه ڪڍندا ته عيسائيت جي ڪفاري ۽ رباني دعوت وارو تصور غلط آهي. ڇاڪاڻ جو انهن جي اُنهن وحشي رسمن سان هڪ جهڙائي آهي.

**سر جيمز:** نه بلڪل نه، انهن تصورن کي صحيح سمجهي سگهجي ٿو. مان انهن بابت غلط ڳالهه نه ڪندس... اُهي رسمون آهستي آهستي مهذب ٿينديون ويون. اصل ۾ اهي آدمخور سماج جون رسمون هيون. ماڻهن سمجهيو ٿي ته سندن ديوتائن جو ذوق سندن قبائلي سردار جي ذوق جهڙو آهي. پوءِ جڏهن آدم خوريءَ جو دور ختم ٿيو ته انسانن جي جاءِ حيوانن جي قربانيءَ ورتي. شايد ته حضرت ابراهيمؑ حضرت اسماعيل ۽ ان دنبي واري ڳالهه ان تبديليءَ جي تمثيل آهي. هنن جي مذهبي اڳواڻن کي سندن ديوتائن وانگر گوشت وڻندو هو ان ڪري هنن قربانيءَ جي جانورن جا لذيذ حصا پنهنجي لاءِ جدا ڪري رکڻ جو طريقو ڳولهي ڪڍيو ۽ هڏيون چربيءَ ۾ ويڙهي ديوتائن کي پيش ڪرڻ لڳا.

**اينڊريو:** ان دور تائين اڃا ديوتائن کي حاضر ۽ ناظر نه سمجهيو ويندو هو.

## III. خانداني نشان (Totem) ۽ شين جو حرام ٿيڻ (Taboo)

**سر جيمز:** انهيءَ وچ ۾ انسان جي حيوانن تي پاڙڻ سان ۽ وڏن خوفناڪ جانورن کان ڊڄڻ سان مذهب ۾ ٽيون عنصر پيدا ٿيو. اهو ٽوٽم پرستي هو. ٽوٽم ريڊ انڊين ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ

علامت آهي. اُتر آمريڪا جا ريڊ انڊين هڪ بت ناهيندا هئا ۽ سمجهندا هئا تہ اهو بت ان جانور يا ٻوٽي جي علامت آهي جنهن ۾ سندن قبيلي جو روح هوندو هو، ٽوٽم پرستي گهڻو ڪري شڪاري دور ۾ رائج هئي پر زراعتي دور ۾ بہ ان جا آثار ملن ٿا. اهڙيءَ ريت پاڪ ڳيرو، مڇي ۽ رِڍَ، يهوديت ۽ عيسائيت ۾ شامل ٿيا.

**ڪليرنس**: اسان سڀ ٽوٽم پرست آهيون. اسان مان ڪي سانبر ۽ ڪي هرڻ کي ووٽ ڏيندا آهن. ڪي هاٿي، ڪي جمهوريت جي بهترين نشان گڏهہ کي ووٽ ڏيندا آهن. ڪي شينهن ۽ عقاب لاءِ جنگ ڪندا آهن. اسان کي پنهنجن اعليٰ احساسن جي اظهار لاءِ جانورن جي ضرورت آهي.

**فلپ**: 1927 ۾ جپان جي حڪومت حڪم جاري ڪري لومڙين، نانگن ۽ ٻين ديوتائن جا سيئي مندر ۽ درگاهون ڍهرائي ڇڏيون.

**وليئم**: يهوداه ۽ ان جا هم عصر ديوتا غضبناڪ هئا، غضبناڪ ديوتا جانورن جي پوڄا جو يادگار آهن. عبوري دور ۾ ماڻهن ديوتائن جو تصور اهو بيهاريو تہ هن جو منهن انسان جو ۽ هيٺيون ڌڙ حيوان جو هو. مصر جو اهو عظيم بت ان جو مثال آهي. ماڻهن جي جنگ جڏهن حيوانن جي بدران ماڻهن سان شروع ٿي تہ هنن خدا جو هڪ جنگي سالار وارو تصور قائم ڪيو. هاڻي هو حيوان نہ پر فوجن جو ڪمانڊر هو پر پوءِ بہ هو غضبناڪ هو. ٽارڊ Tord اسان کي ٻڌائي ٿو تہ جيترو ديوتا وڏيڪ خوفناڪ هوندو اوترو ماڻهو سندس وڏيڪ احترام ڪندا. هو ڇڻ تہ ڪٽنب جو وڏو هو.

**ايريئل**: اوهان مردن وٽ تمام گهڻو علم هوندو آهي. اسان عورتن کي پنهنجن ٻارن ۽ هار سينگار مان ايتري واندڪائي ئي ڪانہ ملندي آهي جو اوهان جيڏي ڄاڻ حاصل ڪري سگهون. سر جيمز اوهان مذهب جا ٽي بنياد ٻڌيا آهن. هڪ مظاهر ۾ روح ڏسڻ، ٻيو جادو ۽ ٽيون ٽوٽم پرستي، ڇا مذهب جا ڪي ٻيا بنياد بہ آهن.

**سر جيمز**: بہ بنياد ٻيا بہ آهن. هڪ ٽوٽم يعني احترام ۽ ٻيو پنهنجن بزرگن جي پرتش، جنهن صندوق ۾ توريت جون الهامي ڦرهيون رکندا هئا اُن کي مقدس سمجهندا هئا ۽ ان کي رڳو مذهبي

اگواڻ چھي سگھندا ھئا. حضرت دائود جڏھن ان کي ڏڀي گاڏيءَ تي يروشلم ڪٺائي ٿي ويو تڏھن رستي تي ڏڳن ٿيڙ کاڌو ۽ صندوق ڪرڻ لڳي ۽ اُزا Uzzah نالي ھڪ شخص اُن کي جھلي ورتو.تنھن تي خدا ان کي اُتي جو اُتي ماري ڇڏيو جو ھن ٽيبو جي پيجڪڙي ڪئي ھئي. جھل وارا اھي حڪم اخلاقي رسمن وارا ھوندا ھئا جيڪي قبيلي جي بقا لاءِ لازمي سمجھيا ويندا ھئا ان ڪري انھن کي مذھبي تقدس ڏيئي انھن لاءِ ماڻھن ۾ خوف ۽ عزت پيدا ڪئي وئي ھئي. ان جو مثال ڏھ فرمان آھن. زرتشتي ٻڌائن ٿا، ھڪ ڏينھن زرتشت پھاڙ تي عبادت ٿي ڪئي ته خدا ڪنوڻ ۽ گاج جي صورت ۾ ظاھر ٿيو ۽ ھن کي قانونن جو ڪتاب عطا ڪيائين. ڪريت جي ديومالا مطابق مائنوس بادشاھ ڊڪتا پھاڙ تي خدا کان قانون حاصل ڪيا. يوناني روايت موجب ڊائيونيسيس کي قانون ساز جو لقب مليو، ھن جي تصوير ۾ سندس ھٿن ۾ ٻه ڦرھيون ھونديون آھن جن تي قانون اُڪريل ھوندا آھن. اھو حاڪمن جي حاڪميت کي مضبوط ڪرڻ جو بھترين طريقو ھو. شايد ته بادشاھن جي ان سوچ جو ته ڪين بادشاھي ڪرڻ جو حق خدا ڏنو آھي. سبب اھوئي ھو.

**ڪليئرنس:** اھو ڏاڍو ڪارائتو طريقو آھي ۽ اڄڪلھ به ڪم اچي سگھي ٿو. مون کي قانون سازي ڪرڻ وارن پاڻ ٻڌايو ته ارڙھين ترميم خدا پاڻ تيار ڪئي ھئي.

**بزرگن جي پرتش:**

**ايريئل:** حيرت آھي ته اوھان مذھب جي تاريخ ته بيان ڪئي پر خدا جو ذڪر نه ڪيو.

**سر جيمز:** خدا مذھب جي آخري منزل آھي. اوھان ٻارن وانگر خدا بابت ٿا پڇو. ڏسڻو اھو آھي ته خدا جو تصور، ديوتائن جي اٿاھ سمنڊ، جھنگن، آسماني ديوتائن مان ڪيئن ابريو. اوھان اھي پراڻيون آکاڻيون ياد ڪيو جن ۾ ديوتا انسانن ۽ حيوانن واري شڪل جا ھوندا ھئا. اصل ڳالھ ھيءَ آھي ته فصلن ۽ چوپائي مال وارا ديوتا اڏ انساني شڪلين وارا ٿي ويا. اسان جڏھن زيوئس ديوتا کي ھنج جي روپ ۾ ڏسون ٿا يا ڇٻري جي اکين واري اٿين ۽ ڳابي جي اکين واري ھيرا

جي آڪاٽي پڙهون ٿا تہ اسان کي محسوس ٿو ٿئي تہ يوناني قبيلا پنهنجن ديوتائن کي ٽوٽم پرستيءَ وارن ديوتائن جي تصورن سان ٿا ملائن. ولئم مصر جي پٿر جي بت جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن جو ڌڙ پٿر جو ۽ منهن عورت جو آهي. اهو اهڙن ديوتائن جو مثال آهي جيڪي اڌ انسان ۽ اڌ حيوان هئا. ولئم کي مثال ڏيڻ لاءِ ايترو پري وڃڻ جي ضرورت نہ هئي، اوهان جي پنهنجي عجائب گهر ۾ اڌ انسان ۽ اڌ حيوان بت موجود آهن، جيڪي اڌ ڍڳا اڌ انسان، اڌ گهوڙا ۽ اڌ انسان، اڌ پکي ۽ اڌ عورت ۽ اڌ مڇي ۽ اڌ عورت جا بت آهن. اهو اڌ انسان ۽ اڌ حيوان وارو تصور خدا جي انسان جهڙي تصور جي شروعات هئي ۽ بزرگ پرستيءَ ان تبديليءَ کي مڪمل ڪري ڇڏيو.

بزرگ پرستي شايد تہ خاندان جي مري ويل بزرگن کي خواب ۾ ڏسڻ سان شروع ٿي. ماڻهو هنن کي خواب ۾ ڏسي ڊنا ۽ هنن جي پوڄا شروع ڪيائون. جيڪي ماڻهو زندگيءَ ۾ طاقتور هئا انهن کان ماڻهو مرڻ ڪانپوءِ بہ ڊڄن لڳا ۽ مُردن جو اهو ڊپ اوائلي مذهب جو وڏو عنصر ثابت ٿيو. مظاهر ۾ روح ڏسڻ واري نظريي مان جادوءَ جنم ورتو ۽ بزرگ پرستيءَ مان جيڪو مت پيدا ٿيو. ان کي اوائلي مذهب چئي سگهجي ٿو. ان بزرگ پرستي واري مت ۾ خدا لاءِ جيڪو اکر استعمال ٿيندو هو. ان جي معنيٰ هئي ”مئل ماڻهو“. اهو خدا پڪ سان ڪو مري ويل طاقتور سردار هوندو جنهن کي هنن خدا ڪري مڃيو. يهوداه جي معنيٰ طاقتوار آهي، اهو بہ پڪ ڪو طاقتور سردار هوندو. مصر، روم، ميڪسيڪو، پيرو ۾ ماڻهو بادشاهہ کي خدا مڃي ان جي پوڄا ڪندا هئا. سڪندر پاڻ کي خدا نہ سڏائي ها تہ ماڻهو هن کي بادشاهہ نہ مڃن ها. هنن کي طاقتور ماڻهن جي روحن کي بہ راضي رکڻ جي ضرورت هئي. هنن جي ڪفن دفن لاءِ جيڪي رسمون ادا ڪيون ويندڙيون هيون. اهي پوءِ هن جي ياد ۽ احترام جون مذهبي رسمون ٿي ويون. دنياوي سردارن وارا درباري آداب يعني جهڪڻ، سجدو ڪرڻ سندس قصيده خواني وغيره انهن ديوتائن لاءِ بہ ادا ٿيڻ لڳا. اڄ تائين ڪوبہ ڪيٿولڪ محراب هنن جي فوت ٿي ويل اوليائن جي بتن کان سواءِ مڪمل نہ هوندو آهي. ان حوالي سان بزرگ پرستي رڳو چين ۽

جپان تائين محدود نہ رهي پر ساري دنيا ۾ پکڙجي وئي.

يوناني ۽ ٻيون اوائلي قومون ضرورت وقت پنهنجن مئل بزرگن جي روحن کي ائين سڏينديون هيون جيئن عيسائي پنهنجن اوليائن کي سڏيندا آهن. هنن لاءِ روحن جي دنيا ايتري تہ حقيقي آهي جو ڪيترن علائقن ۾ ماڻهو وڏي قيمت ڀري مردن تائين پيغام پهچرائيندا آهن. هڪ سردار پنهنجي غلام کي سڏائي ان جي اڳيان پيغام پڙهندو آهي ۽ پوءِ سندس ڪنڌ ڪپيندو آهي تہ جيئن مرڻ کان پوءِ اهو غلام مري ويلن جي روحن تائين پيغام پهچائي ۽ جيڪڏهن سردار کان ڪا ڳالهہ وسري ويندي آهي تہ هو ٻئي غلام کي سڏيندو آهي ۽ هن جو ڪنڌ ڪپيندو آهي تہ جيئن اهو وسريل پيغام پهچائي، مئل ماڻهن جي روحن لاءِ سمجهيو ويندو آهي تہ انهن ۾ فطرت کان مٿاهين قوت آهي جنهن کي "مانا" چوندا آهن. اها قوت پوءِ سيني ديوتائن کي حاصل ٿي وئي جنهن جي ڪري ڪين راضي رکڻ لاءِ وڏو خيال رکڻو پوندو هو. Religio جو مادو religere نہ آهي، پر ان جو مادو relegarete نہ آهي جنهن جي معنيٰ آهي پاڻ ۾ ڳنڍڻ. پر ان جو مادو relegee آهي جنهن جي معنيٰ آهي خيال رکڻ، جيڪو neglegere جي ابتڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي نظرانداز ڪرڻ، ان ۾ محبت جو مفهوم تو ظاهر ٿئي جنهن مان خبر ٿي پئي تہ مئل ماڻهوءَ جو ڊپ هاڻي محبت ۾ بدلجي ويو، هاڻي جيڪڏهن ڪو غضبناڪ ماڻهو بہ ٿي مئو تہ ان سان بہ محبت ٿي ڪئي وئي.

ان کان پوءِ وارو قدم خدا جو اهو تصور هو جنهن ۾ هن جي حيثيت پيءُ واري هئي. جيڪي جديد مذهب خدا کي پيءُ تا سمجهن. انهن جو خدا سان رشتو نازڪ ۽ روحاني آهي. اهي خدا لاءِ اهو نٿا سوچن تہ خدا جسماني طرح ٻار پيدا ڪري سگهي ٿو. پر يونانين ۽ ٻين اوائلي قومن ۾ خدا جي پيءُ هجڻ جو تصور جسماني هو. انساني نسل جدا جدا خدائن جو اولاد هو ۽ هر ڪنهن جي شجري جي اڳيان ڪنهن ديوتا جو نالو هوندو هو ۽ اهو تصور (جيڪو يونان ۽ يهودين ۾ موجود هو) تہ خدا انسان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي پوءِ جو ٿو ڏسجي.

ائين آهستي آهستي انسان نيٺ خدا جو انساني خصلتن وارو

تصور قائم ڪيو. ان تصور تائين پهچڻ لاءِ ارتقا جون منزلون وڏي عرصي ۾ پوريون ٿيون. خدا جي ان تصور کان اڳ ڪيترين صدين تائين روحن جو وڏو لشڪر هو. پهاڙن، وڻن ۽ سيارن جا روح هئا، پيدائش ۽ زرخيزيءَ جا روح هئا، جانور ديوتا هئا ۽ پوءِ بزرگن، بادشاهن کي ديوتا جو رتبو ڏيڻ سان انساني وصفن واري خدا جو تصور قائم ٿيو، اسپينسر جو خيال هو ته مذهب بزرگ پرستيءَ مان پيدا ٿيو، اهو نظريو ڪو نئون نه آهي. حضرت عيسيٰ کان ٽي صديون اڳ يوهيميرس Euhemerus به اهائي ڳالهه ڪئي هئي. بزرگ پرستي بهرحال مذهب جي شروعاتي منزل نه آهي. ان کان اڳ اهي دور هئا جن ۾ خدا انسانن جهڙو نه هو پر پوءِ بزرگ پرستيءَ جي وڌڻ سان مذهب ۾ هڪ وڏو ڦيرو آيو، ان مذهب کي ماڻهوءَ جي سطح تي آندو، خدا جي تصور کي پهرين هڪ قوت ۽ پوءِ نيڪ انسان واري تصور ۾ آندو ۽ يهوديه، يونان ۽ روم جي عظيم مذهبن لاءِ رستو صاف ڪيو. هاڻي اوهان مان ڪو بيو ان داستان کي اڳتي و ڏائي.

**مظاهر پرستي:**

**ايرئيل:** سرجيمز، اوهان مون کي دماغ کي ڌونڌاڻيندڙ حقيقتن جي ڄاڻ ڏني آهي. مان ڏسان پئي ته بال ۽ ميٽيو وڏي صبر سان اوهان جون ڳالهيون ته ٻڌيون. هاڻي هو ٻڌائن ته اوهان جون ڪهڙيون ڳالهيون هنن کي سمجهه ۾ نه آيون. چڱو آهي ته هاڻي ٿيوڊور اسان کي يونانين جي مذهب بابت ڪجهه ٻڌائي. مظاهر پرستي وارو مذهب به ڏاڍو دلچسپ هوندو.

**ٿيوڊور:** محترم، مان يوناني سڏائڻ جو حقدار نه آهيان اڄڪلهه جا يوناني اصل ۾ سلاؤ Slavs آهن. هنن جو نسل ايڏو پراڻو نه آهي، هنن کي چينين وانگر تهذيب ورثي ۾ ڪانه ملي آهي. هو آمريڪين وانگر هڪ نئين قوم آهن، جيڪي هڪ نئين ثقافت پيدا پيا ڪن. پر مون پنهنجي پراڻي مذهب جو وڏي شوق سان مطالعو ڪيو آهي ۽ مان وڏي خوشيءَ سان ان جي باري ۾ اوهان کي ٻڌائيندس. مون پهريان ئي ٿي سمجهيو ته اوهان مون کان يونانين جي مذهب جي باري ۾ ضرور پڇندا، ان ڪري مان سر گلبرٽ جو مقالو ڪٺي آيو آهيان.

سر جيمز: مان هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻان. امن جي ڏينهن ۾ هو ڏاڍو چڱو هوندو آهي.

ڊيو ڊور: هن منهنجي ملڪ لاءِ ڏاڍو سنو لکيو آهي ته مذهب يا ٻي ڪنهن به ڳالهه ۾ يونان بلڪل هيڻاهيڻ ڪان چڙهڻ شروع ڪيو ۽ لڳاتار ڪوشش سان چوٽيءَ تي پهچي ويو. دنيا ۾ ورلي ڪو اهڙو خوفناڪ وهم هوندو جنهن جا نشان اسان کي يوناني مذهب ۾ نظر نه ايندا. روحاني معراج جي شايد ڪا اهڙي منزل هجي جنهن جو عڪس يا نمونو اسان کي ٿيليس کان ولي پال Paul تائينءَ واري ادب ۾ ڏسڻ ۾ نه اچي. شايد مان اوهان کي ان عظيم الشان ترقيءَ جو ٿوري جهلڪ ڏيکاري سگهان ۽ ڪوشش ڪيان ته سر جيمز مذهب جي جيڪا شاندار اوسر ڏيکاري آهي ان جا يونان مان مثال ڏيان.

اوائل ۾ يوناني به وڻن، ستارن، حيوانن ۽ ٻوٽن ۾ روحن کي پوڄيندا هئا. شايد ته هنن جو پهريون ديوتا آسمان هو جنهن کي هو زيوئس چوندا هئا. جنهن جي معنيٰ آسمان هئي. لاطيني ٻوليءَ ۾ ان کي ڊيوس Deus سنسڪرت ۾ ڊي Di چوندا هئا. آمريڪا ۾ اڄ به اوهان چوندا آهيو ته ”آسمان اسان جي حفاظت ڪري“ ۽ ”مان آسمان کي عرض ٿو ڪريان.“ جڻ آسمان ۽ خدا ٻئي هڪ آهن. ”اڄ به گهڻا ماڻهو سمجهندا آهن ته خدا بادلن جي مٿان آهي. ٽين صدي قبل مسيح ۾ راهب فلاسافر ڪرائسپس. Chrysippus ان دور جي خدائن جا هن ريت نالا ڏنا آهن. سج، چنڊ، ستارا، قانون ۽ اهي انسان جيڪي ديوتا ٿي ويا هئا. سڀ کان اوائلي رسمون جن جي اسان کي ڄاڻ آهي زراعت جي باري ۾ هيون جن جو مقصد زمين کي زرخيز بڻائڻ هو. اوهان ڊانئي Danae شهزاديءَ جي ڪهاڻي ته ٻڌي هوندي جيڪا هڪڙي مناري ۾ قيد هئي ۽ زيوئس ديوتا سنهري بارش جي روپ ۾ (ڊانئي ديوي زمين جي ديوي هئي) آسماني ديوتا ٻڌجي هن تائين پهتو هو، عالم هن ڪهاڻيءَ جي تشريح ڪندي چون ٿا ته هيءَ ڪهاڻي انهن اوائلي رسمن جي آهي ان مطابق زمين آسماني مينهن سان شاداب ٿيندي هئي، جنهن سان سون حاصل ٿيندو هو. ڊميٽر Demetre ۽ پرسيفون Persephone جي ڏند ڪٿا به اوهان ٻڌي هوندي ۽ اوهان انگلينڊ جي عجائب گهر ۾

ڊميٽر جو شاندار بت بہ ڏنو هوندو جيڪو فئڊيئاس Pheidias يا پراڪزيٽبليس جي بتن ڪان بہ وڌيڪ آهي. مڪئيءَ جي ديوي هئي. رومي هن کي ڪيرس Ceras چوندا هئا ۽ آمريڪي ان کي ڪيريلز چوندا آهن. هن جي ڌيءَ پرسيفينيءَ کي ڪو ديوتا اڌائي برزخ ۾ ڪٽي ويو. ڊميٽر ڌيءَ لاءِ ايترو تہ رُني جو سندس ڌيءَ کي اجازت ملي تہ هوءَ لاباري جي ڏينهن ۾ دنيا ۾ اچي ۽ سياري ۾ برزخ ڏانهن موٽي وڃي.

**اينڊريو:** اسان کي جيڪڏهن جهنم ۾ ئي وڃڻو پوي تہ اسان اُتي رڳو سيارو گذاريون.

**ٽيوڊور:** هيءَ ڏند ڪٿا اصل ۾ زمين جي زرخيزيءَ جي تمثيل آهي. ذري گهٽ سڀ ڏند ڪٿائون ان لاءِ ناهيون ويون آهن تہ جيئن زراعتي رسمن جي تشهير ڪري سگهجي. حسين افروڊائي جنهن کي يونانين بابل جي ديوي اِشتر جو يوناني روپ ڏنو. اوائلي دور جي اناج جي ديوين مان هڪ هئي ۽ هن جو ميلو بهار جي آمد جي خوشي ۾ ملهايو ويندو هو. اوهان کي اها بہ خبر هوندي تہ عيسائين جو ايسٽر جو ڏڻ اصل ۾ بهار ۽ اِشتر ديويءَ جي ميلي جو ڏڻ هو.

**ميٿيو:** گرجا پنهنجي آسماني سجاڳپ سان فطرت پرستن جي ڏِڻن کي اختيار ڪيو ۽ انهن ماڻهن جي رسمن رواجِن کي عيسائيت جي سانچي ۾ وڌو.

**ٽيوڊور:** افراڊٽي فطرت ۽ انسان جي زرخيزيءَ جي هڪ سهڻي علامت هئي. اڳوڻي زماني جا ماڻهو پارسائيءَ جو ايڏو قدر نہ ڪندا هئا. جيڏو نئين زماني ۾ ڪيو ٿو وڃي.

**ڪليرنس:** ٽيوڊور، لڳي ٿو تہ اوهان نئين زماني جي ماڻهن مان گهڻا واقف نہ آهيو.

**ٽيوڊور:** تہ پوءِ وضاحت ڪندي چوندس تہ وچولي دور جا عيسائي ۽ پيوريٽن عورت جي پارسائيءَ کان وڌيڪ سندس ٻار ڄڻڻ واري قوت جو قدر ڪندا هئا. محبت جي پرستش ڪندا هئا. جيڪا انڌي جسماني محبت هوندي هئي. هو افراڊٽي يا اِشتر يا وينس جي عظمت، طاقت ۽ حقن جو اعتراف ڪندا هئا. جيڪو اسان جي عظيم استاد يوروپيڊس جي عظيم هيپالائيٽس Hippolytus ۾ نظر اچي ٿو هو

سمجهندا هئا تہ اهي ماڻهو وڏا بدبخت آهن، جيڪي ديويءَ کي. خدا وٽان عطا ٿيل محبت جي چريائپ واري سوڪڙي نٿا آڇن. ننڍي ايشيا جي ڪن حصن ۾ عورت جو اهو مذهبي فرض هوندو هو تہ هوءَ مندر جي دروازي تي ويهي ۽ جيڪو بہ اوپرو ماڻهو سندس ٻانهن جهلي ان کي پاڻ آڇي ۽ ان مقدس پيشي جي ڪمائي ديويءَ کي نذراني طور ڏئي.

سر جيمز: بلڪل صحيح ٿا چئو. اها مقدس عبادتگاهہ عورتن سان ڀريل هوندي هئي. هو اوپرن ماڻهن جي انتظار ۾ ويهنديون هيون ۽ انهن مان ڪن کي ڪيترا سال انتظار ڪرڻو پوندو هو.

ٽيوبور: يونانين ايڊونس Adonis بابل جي ديوتائن کان ورتو هو. يهودي هن کي تمز Tammuz ۽ ڪڏهن ايڊون Adon چوندا هئا. جنهن جي معنيٰ آقا يا خدا آهي. يونانين سمجهيو تہ ايڊون خدا جو لقب نہ پر نالو آهي ۽ هن کي ان نالي سان سڏڻ لڳا. بابل ۽ يونان جي ڏند ڪٿا موجب هڪ جهنگلي سوئر ايڊونس کي قتل ڪيو. شايد اهو سوئر اوائلي يهودين جي حيواني خدائن مان ڪنهن هڪ جو انساني روپ هو. سال ۾ هڪ دفعو ماڻهو سوئر کي ذبح ڪندا هئا ۽ ان کي اجتماعي دعوت ۾ کائيندا هئا. پر نيڪ ماڻهو ايڊونس جو ماتم ڪندا هئا ۽ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ سندس وري جيئري ٿيڻ جي خوشي ملهائيندا هئا.

سر جيمز: هن جي مرڻ ۽ وري جيئڻ جي روايت انهن رسمن مان ورتل آهي. جن ۾ زمين جي مرڻ ۽ وري جيئڻ کي علامتي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو هو. مذهب ۾ هر جاءِ تي هڪ غير شخصي قوت کي شخصيت جي روپ ۾ پيش ڪبو هو ۽ ان مان ڏند ڪٿا جنم وٺندي هئي.

ٽيوبور: ساڳي ڳالهہ ڊائيونيسس جي آهي. مڪئيءَ جي ديوي ڊميٽر ۽ ٻين زرعي ديوتائن وانگر هو انگور جي ولين جو ديوتا هو. هو بہ ايئن انگور جي ولين جو ديوتا هو جيئن ڊميٽر مڪئي جي ديوي هئي. ٻين زرعي ديوتائن وانگر هو مرڻ کان پوءِ وري جيئرو ٿيندو هو. جيئن زمين خزان ۾ سڪي وڃڻ کان پوءِ بهار ۾ وري تازي ٿيندي

آهي. هن جي مرڻ ۽ وري جيئڻ جو ڏڻ ملهائيندا هئا. ان رسم مان ڊائيونيس جي ٿيٽر جنم ورتو ۽ ايسڪيلس Eschylus، سوفوڪليس Sophocles ۽ يوريپيڊس Euripides جهڙا ڊراما نويس پيدا ٿيا. هنن جا ڊراما ڊائيونيس جي عبادت جو حصو هئا ۽ انهن جو موضوع سدائين مذهبي هوندو هو عجيب ڳالھ آهي تہ طربيہ ڊرامي بہ انهن ڏڻن مان جنم ورتو. جلوس جي آڏو ماڻهو مڙداڻي عضوي جون علامتون کڻي هلندا هئا. ان جشن کي Comus چوندا هئا. جنهن ۾ ناچ، يوڳ ۽ گانا (Oidos) هوندا هئا. ان رسم مان ئي پوءِ طربيہ Com-edy اُسريو. ان ڪري اوهان کي گهرجي تہ اوهان ارسٽوفينس Aristophenes جي بي لغام مشڪريءَ کي درگذر ڪرڻ واري نظر سان ڏسو ڪابہ عزتدار عورت هن جا ڊراما نہ ڏسندي هئي.

**سر جيمز:** اهي ڊراما رڳو مردن لاءِ هوندا هئا ۽ ٻَڪَرَ ديوتا جي شان ۾ پيش ڪيا ويندا هئا. ٻَڪر ديوتا جي جاءِ انسان ديوتا ڊائيونسس ورتي جيئن ٻين حيوان ديوتائن جي جاءِ انساني شڪل وارن ديوتائن ورتي. ماڻهو ڊائيونسس ديوتا جي اصليت وساري نٿي سگهيا، انڪري هو سندس بارگاھ ۾ ٻَڪر قربان ڪندا هئا ۽ هن جي ٻڪر جهڙي شڪل ڏاهيندا هئا. هن جو هڪڙو نالو "ٻار" بہ هو. ان جلوس جي اڳيان هلڻ وارا ٻڪري جو نقاب پائيندا هئا، جنهن مان Trag-oidos (لفظي معنيٰ ٻڪر راڳ) يعني ٽريجڊي ڊرامو اُسريو. اهو نقاب ٽوٽم پرستيءَ جو يادگار آهي. انسانن جي وچ ۾ اهڙو فرق نہ هو جيڪو ختم ٿي نہ سگهي. عظيم انسان ديوتا ۽ ديوتا انسان ٿِي ٿي سگهيا. خدائن ۾ رڳو هڪڙي اهڙي خصلت هئي جيڪا انسانن ۾ نہ هئي تہ هو غير فاني هئا. پنهنجن بزرگن جي پرتش ڪرڻ وارا گروھ جڏهن هڪ هنڌ گڏ ٿيندا هئا تہ انهن جا خدا هڪ خاندان جا ٿي ويندا هئا ۽ پوءِ آخر شاعرن انهن پراڻين روايتن کي شاعريءَ ۾ وڏي شان سان پيش ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح اولمپس جا ديوتا وجود ۾ آيا.

**اينبريو:** ٿيوڊور، اوهان ڪڏهن سوچيو آهي تہ اولپس جا ديوتا پنهنجي حڪومت جي جوڙجڪ آمريڪا جي صدر ۽ سندس وزارت جي نموني تي ڪندا هئا. منرو يا پبلس اٿيني سيڪريٽري آف اسٽيٽ

هو. پوزيڊون يا نيپٽيون Neptune نيويءَ جو وزير، ڊيميٽر Demeter يا ڪيرس زراعت جو وزير. هرمز Hermis يا مرڪيوري پوسٽ آفيسن جو ڊائريڪٽر، ارس يا مارس دفاع جو وزير، هيرا Hera يا جونو، گهرو معاملن جي وزير جنهن جو ڪم هو ته هُو صدر زيوس Zeus يا جيوپيٽر جي گهٽيون شاديون ڪرڻ واري لاڙي جو خيال رکي.

ٽيوڊور: بيشڪ، پر هنن جا بيا به ڪيترا ديوتا هئا. يوناني هر شيءِ جو ديوتا ناهيندا هئا. ايستائين جو موقعي جو به ديوتا ناهيو هئائون. جنهن کي ٺاچي چوندا هئا. سيني اوائلي قومن جو خيال هوندو هو ته زندگيءَ جي هر رخ جو پنهنجو خدا هئڻ گهرجي. رومين يونانين کان ديوتا ورتا ۽ هنن جي ديوتائن جو انگ بيٽو ٿي ويو جنهن جي ڪري سارو وايو منڊل ديوتائن ۽ جنن سان ڀرجي ويو، ايبي اونا گهر کان ٻاهر ويل ٻارن جي حفاظت ڪندي هئي. ڊومي ڊوڪا ٻارن کي واپس وني ايندي هئي. انٽر ڊيوڪا انهن ٻن حالتن جي وچواري حالت ۾ هنن جي حفاظت ڪندي هئي. ڪيوبا Cuba ننڊ ۾ ٻارن جو خيال رکندي هئي. ايڊوڪا Educa هنن کي کاڌو کائڻ جي سکيا ڏيندي هئي. فيبولينس هنن کي ڳالهائڻ ۽ اسٽيٽينيس هنن کي ويهڻ جي سکيا ڏيندي هئي. مطلب ته اهڙا ڪيترائي ديوتا هئا. هني بال Hannibal ڪنائي کي فتح ڪرڻ کان پوءِ روم ڏانهن روانو ٿيو. ويجهو پهتو ته خواب ڏٺائين ته ڪو هن کي واپس وڃڻ لاءِ پيو چوي ۽ هو يڪدم واپس هليو ويو. رومين ان آواز جا وڏا ٿورا مڃيا ۽ ان جاءِ تي ان آواز جي ديوتا جي درگاهه ناهيائون جنهن جو نالو هنن رڊيڪيولس Ridiculus رکيو جنهن جي معنيٰ هئي "اهو خدا جيڪو واپس موڪلي". هن وٽ هر بنيءَ، هر گهر ۽ هر واٽ جو خدا هو.

اينڊريو: ڇا عيسائيت جا نگهباني ۽ حفاظت ڪرڻ وارا ۽ مقامي اوليائن جي پرستش، رومين جي انهن ديوتائن وارو ورثو آهي؟

ٽيوڊور: ٿي سگهي ٿو.

اينڊريو: اها چڱي بيزار ڪندڙ ڳالهه هوندي جو هر ڪلاڪ کان پوءِ ماڻهوءَ کي ڪنهن نه ڪنهن ديوتا جي عبادت ڪرڻي پوندي هوندي، اهو ايئن آهي جيئن ماڻهوءَ کي ساري زندگي راتوڪي لباس

۾ گذارڻي پوي. اناطول فرانس بروسن کي چيو هو تہ هن کي گهڻا خدا وڏيڪ پسند آهن ۽ هن سيني ديوتائن، سيني ديوين جي ۽ سيني عبادتگاهن جي پوڄا ڪرڻ تي گهري. اهو هن انڪري تي چيو جو هن کي ايڏن ديوتائن جي پوڄا ڪرڻي ڪانہ پئي هئي. جڏهن تہ يونانين ۽ رومين کي انهن سيني جي پوڄا ڪرڻي پوندي هئي.

**ٽيوبور:** اوهان سچ ٿا چئو. سر جيمز بہ سچ ٿو چئي. عام يوناني ديوتائن کان ڏڄندو هو ۽ انهن کي خوش ڪرڻ ۾ وڏو وقت وڃائيندو هو. مظاهر پرستي سَولي ڪانہ هئي. پر ان ۾ حسن بہ هو تہ عقلمندي بہ هئي. اها چڱي ڳالهہ هئي. تہ قدرت جي قوتن کي انساني شڪل ڏيئي ان جي عزت ڪئي تي وئي. گهڻا ديوتا فطرت جي جدا جدا ۽ هڪ ٻئي جي مخالف قوتن کي ظاهر ڪندا هئا. ان عقيدي مان فن جون جدا جدا شڪليون اُڀريون. دفنائڻ مان بت تراشي ۽ عمارت سازي. مذهبي جلسن مان ڊرامو. مذهبي گيتن مان شاعري ۽ موسقي جنم ورتو. ۽ پوءِ هنن مذهب کي سينگارڻ شروع ڪيو ۽ پراڻن ديوتائن کي شان ۽ دٻدٻو ڏنو، هومر ۽ هيسائيڊ اولپس جي ديوتائن مان هر هڪ کي هڪ خاص شخصيت ڏني ۽ فيڊائس انهن کي عظمت ۽ تقدس ڏنو. اوهين چئي سگهو ٿا تہ جڏهن فيڊائس جي ديوتائن جنم ورتو تہ هومر جا ديوتا مري ويا. عوامي سطح تي خوفناڪ ۽ شهوت پرست ديوتائن جنم ورتو هو. فنڪارن انهن ۾ بهترين انساني صفتن وارا رنگ ڀريا ۽ انهن کي يوناني تهذيب جي ترقي جون علامتون بنايو. هيسائيڊ جي آڪاٽين واري خوني زيوئس ۽ ايسڪيليس جي مرداڻي تخيل جي تخليق ڪيل دنيا جي عظيم پيءُ واري زيوئس ۾ وڏو فرق آهي. سوفوڪليس جي گنڀير ڏاهپ هن کي اعليٰ صفتن جو وڳو پهرايو. مون گهڻن ئي ڪتابن ۾ پڙهيو آهي تہ فن مذهب جو ٿورائتو آهي. پر اها ڳالهہ ڪير نٿو چئي تہ مذهب فن جو ٿورائتو آهي.

اها ڳالهہ يونان جي قدامت پرستن لاءِ خراب ثابت ٿي جو ڊرامو ڊائيونيسس جي رسمن مان پيدا ٿيو. اڳتي هلي ڊرامو ادب ٿي ويو ۽ ادب وري فلسفي جي شڪل اختيار ڪئي ۽ فلسفي قدامت پرستيءَ جا بخيا اُڌيڙي ڇڏيا. سوفوڪليس جي وحدانيت واري ايمان کان پوءِ ٻيو

قدم يوريپيڊس جو شڪ وارو نظريو هو. هن جي دوست پروٽيگوراس جو قول ان شڪ واري صورتحال جو اظهار ٿو ڪري ته ”چئي نٿو سگهجي ته خدائون آهن يا نه“... پيارا ڪليرنس! رڳو تون ئي نه آهين. جيڪو خدا ۾ آئيندي جي زندگيءَ لاءِ پڪ نه ڏيکاريندو هجي.

**ڪليرنس:** منهنجو به اهوئي خيال آهي.

**ٿيوڊور:** اصل ۾ درامي مان هڪ خيال پيدا ٿيو جنهن پراڻن ديوتائن کي ختم ڪري ڇڏيو. اهو خيال تقدير جو هو. تقدير انسانن ۽ ديوتائن جي زندگين تي حاوي هئي. ان مان اهو تصور اُڀريو ته فطري قانون عالمگير آهي. اهو تصور فلاسافرن ڏنو. علم جي ترقيءَ سان ماڻهن پهريان عام واقعن، ان کان پوءِ فطرت کان مٿانهن معاملن ۽ ان کان پوءِ وري ڪائنات لاءِ فطري سبب ڳولهڻ شروع ڪيا. سقراط کان اڳ وارن فلاسافرن خدائن جي جاءِ تي هوا، پاڻي ۽ باهه کي آڻي بيهاريو. سوفسطائي فلاسافرن ماڻهن کي شڪ ڪرڻ جو فن سيکاريو ۽ فطري سبب جي اصول کي آخري اصول مڃيو. نتيجو اهو نڪتو جو نئين دور جو هر هڪ ماڻهو دهريو ٿي ويو. افلاطون جي زماني ۾ يونان جو اوائلي مذهب ختم ٿي چڪو هو. افلاطون ”قانونَ“ ۾ چئي ٿو ”ڪيترن ماڻهن جو خدا ۾ ايمان ڪونهي، ان ڪري عدالتن ۾ ماڻهن کان قسم ڪڻائڻ اجايو آهي، عدالتن کي هاڻي رڳو هاڪار يا ناهڪار تي ڀاڙڻ گهرجي.“

**ڪليرنس:** آمريڪا ۾ به اسان تمام جلد ان مقام تي پهچڻ وارا آهيون پر پوءِ به ڪي سارا ماڻهو آمريڪا جي ترقيءَ جي ڳالهه ڪندا تا رهن.

**پال:** ٿيوڊور! اوهان اهو نه ٻڌايو ته سقراط، جنهن کي ايراسمس ولي سڏيو آهي. تنهن جو هڪ خدا ۾ ايمان هو ۽ عدالت اڳيان صفائي پيش ڪرڻ مهل هن پنهنجي ان ايمان جو اعلان ڪيو هو.

**ٿيوڊور:** ها، افلاطون جي لکڻين ۾ مذهب جو گهرو عنصر نظر اچي ٿو. پر سقراط جو خدا رڳو هڪ ناڪاري ديوتا آهي ۽ ارسطوءَ جو خدا هڪ بي نياز تڪميل، جيڪا پنهنجي تعريف ۾ ٻڌل آهي.

**ڪليرنس:** هڪ انومان جيڪو پنهنجو پاڻ ۾ گم آهي.

**ٽيوبور:** ۽ ايپيڪيورس جا خدا بي عمل بادشاهه هئا جن کي انسانن جي معاملن ۽ مامرن سان ڪا دلچسپي ڪانه هئي.

**ايريئل:** اهي خدا هڪ ڪڏهن نه ختم ٿيڻ واري محفل وانگر هئا.

**ٽيوبور:** اوهان ڪيڏي نه سٺي نموني پيا مون کي چئو ته مان هاڻي پنهنجي ڳالهه پوري ڪيان. رڳو ٻه ڳالهيون ڪندس، پائرهو Pyrrho ۽ شڪ ڪرڻ وارن ذاهن جي زماني تائين يوناني ديوتا مري چڪا هئا. اهي رڳو هينين طبقي جي ماڻهن لاءِ جيئرا هئا. يونان جي ان دور واري ثقافت شڪ واري ثقافت هئي. جنهن سچ جي ڳولها کي ڇڏي ڏنو ۽ رضا تي راضي رهڻ جي سکيا ڏني. هنن فن جي مزن ۽ مزن جي فن جو اپياس ۽ فنا ٿيندڙ ڪائنات جي خزان واري حسن ۾ مشاهدو ڪيو. هڪ لحاظ کان هي يونان جي پختگيءَ جو زمانو هو. جنهن مان سيني مهذب انسانن حصو حاصل ڪيو جيئن ٿامس هارڊي جارج ميئرڊٿ جارج ڪلمنبسو ۽ اناطول فرانس جهڙا مهذب انسان.

**پال:** فلاسافر ڪامياب ٿيا پر هو هڪ ڳالهه وساري وينا ۽ ان تي غور نه ڪيائون ته جيڪڏهن اخلاقي سرشتي کي ان جي فطرت کان مٿاهين بنياد کان محروم ڪري ڇڏجي ته پوءِ اهو ماڻهوءَ کي پنهنجي نفس تي ضابطو ڪيئن ڪرائي سگهندو. جيڪو استحڪام ۽ طاقت جي بيهڪ لاءِ ضروري آهي. ان جو انجام اهو ٿي ٿيو جيڪو شايد ته اسان جي تهذيب جو به ٿيڻ وارو آهي يعني اخلاق جو زوال نفسا نفسي، ڏوهه، خودڪشي ۽ بدڪاري.

**ٽيوبور:** پر مذهب وري عوام ۾ زنده ٿيو. ڊيلفي ۽ ڊيلوس جا استخارا ۽ ايلوا جون ڳجهيون رسمون پوريون ٿيڻ لڳيون ۽ سڪندر جي فوجن جي واپسيءَ سان مشرقي مذهب داخل ٿيا. جن هڪ هارايل قوم کي سڪون ڏنو. جنهن لاءِ هو آتا هئا. آرفڪ Orphic مت مشهور ٿيو. جنهن هيڊاس جي نظرئي جي نئين تشريح ڪئي، اونداها پاچا سيني کي ڳڙڪائي نه سگهندا. نيڪ ماڻهو جنت ۾ ويندا، خراب ماڻهو به جنت ۾ وڃي سگهن ٿا پر جي انهن جا پونئير پادرين جا کيسا گرم ڪن. افلاطون چئي ٿو ته "پينو درويش اميرن جي درن تي ويندا هئا ۽

ڪين ويساهه ڏياريندا هئا ته هنن کي ايتري طاقت مليل آهي جو هو پنهنجن جادو ٽوڻن سان هنن جا ۽ هنن جي عزيزن جا گناهه بخش ڪرائي سگهن ٿا. هنن Musaeus ۽ Orphius جا لکيل ڪتاب عام ڪيا جن مطابق هو اهڙيون رسمون ادا ڪري ٿي سگهيا، جن سان زندهه توڙي مري ويل انسانن جي گناهن جو ازالو ٿِي ٿي سگهيو. ان کي اسراريت ٿي چيائون. هنن نه رڳو فردن جو پر وڏن شهرن جي ماڻهن جو پاڻ ۾ ويساهه پيدا ڪيو ته هنن جي پيرويءَ سان جهنم جي عذاب مان نجات ملندي، ٻي صورت ۾ چئي نٿو سگهجي ته ماڻهن کي ڪهڙا ڪهڙا گناهه ملندا. آرفڪ مت جي سکيا هئي ته انساني ايذاءُ ٽِنينس Tatans جي ان پراڻي گناهه جي ڪري پيدا ٿيا جو هن خاص نافرماني ڪئي هئي. ان پهرين گناهه جي ڪري روح جسم ۾ قيد ٿيو ۽ روح کي ان قيد مان راهبن جهڙي زندگي گذارڻ ۽ لڳاتار عبادت سان نجات ڏياري سگهجي ٿي. مفلس ۽ نادارن کي اهو مذهب پسند آيو ۽ ان سان اجتماعي مذهب جو انت ٿيو ۽ ماڻهو انفرادي نجات جا ڳڻ ڳائڻ لڳا ۽ دنيا جي خرابين، ڏکن ڏولاون جي اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ جو مت اختيار ڪيو. پاڇولن جي دنيا، زمين جي شڪست ۽ وجايل عظمت جي منظر نامي کان وڌيڪ حقيقي ٿي وئي. خدا ترسي ۽ اميد جي ان منظر ۾ عيسائيت داخل ٿي. يونان جي روح کي مشرق جي روح فتح ڪري ورتو.

**ايريئل:** اوهان جي مهرباني ٿيوڊور. سر جيمز اسان کي مذهب جي شروعات جي باري ۾ ٻڌايو ۽ اوهان وري مذهب جي ختم ٿي وڃڻ ۽ وري شروع ٿيڻ بابت ٻڌايو. اڄو ته ماني کائون. مانيءَ مهل اسان خدائن جي تقدير جي باري ۾ ڳالهائينداسين.

## ڪاڏي جي ميز تي

ڪنفيوشس کان (حضرت) عيسيٰ تائين

**ڪنگ:** ٿيوڊور، منهنجا پيارا دوست! اوهان جنهن نتيجي تي پهتا آهيو، اهو منهنجي ملڪ لاءِ ڇڻ ته ملامت آهي. اوهان دل ۾ نه ڪجو، جي مان چوان ته مشرق لاءِ اوهان مغرب وارن جي سوچ حد کان

وڏيڪ خارجي آهي. اوهان کي ان ڳالهه جو اندازو ئي نہ آهي تہ ايشيا ڪيڏو وڏو کنڊ آهي ۽ يورپ هن تي پاڙي تو ۽ ايشيا نہ رڳوا وهان جي مذهبن، اوهان جي زبانن پر اوهان جي نسلن جو بہ سر چشمو آهي. جيڪڏهن اوهان کي احساس تي وڃي تہ ايشيا ڪيڏو وڏو آهي تہ پوءِ شايد اوهان ان جي باري ۾ ايڏي سولائيءَ سان اصول نہ ناهيو، جيڏي سولائيءَ سان اوهان ناهيا آهن. هڪ عظيم کنڊ لاءِ اوهان اهڙو ترت فيصلا ڪري نٿا سگهو.

**ايريئل:** واهہ جو ڳالهہ ڪئي اٿئي، ڪنگ! اسان کي ڪجهہ وڌيڪ ٻڌايو.

**ڪنگ:** ايشيا جا چار حصا آهن. هڪ ويجهي مشرق وارو جنگجو ايشيا آهي. اتي ڪيترا نسل آباد آهن. عثماني ترڪ، يهودي نسل جا عرب ۽ يهودي (اهي پائر بہ هڪ ٻئي کان گهڻو مختلف آهن) ايراني ۽ افغان، قفقازي ۽ آرمينئن. ٻيو تصوف پسند ايشيا پاڪ- هند آهي جيڪو ننڍو کنڊ آهي. جنهن بابت سڏا اسان کي گهڻو ڪجهہ ٻڌائيندو. ٽين ايشيا ۾ منگول، روسي، ڪوريا ۽ جپان جا ماڻهو شامل آهن. جيڪي هڪ ٻئي کان ايترا تہ مختلف آهن. جو انهن جي باري ۾ ڪو هڪ اصول قائم ڪري نٿو سگهجي ۽ چوٿون ايشيا چين آهي. جتي دنيا جي سڀ کان پراڻي ۽ سڀ کان نئين قوم آباد آهي. اسان آمريڪا کي ايتري اهميت ڪيئن ٿا ڏيئي سگهون جڏهن تہ ان جي تهذيب سو سال ۽ اسان جي تهذيب پنج هزار سال پراڻي آهي. اولهہ جي ترقي پسندي ۽ مشرق جي جمود کي ڏسي مون کي مزو ايندو آهي. چين کي تهذيبن جي مختلف دورن ۾ ترقيءَ جي ڳالهہ سدائين بيچين ڪيو آهي. چين سڀ مَتُ آزمايا آهن ۽ سيني مان بيزار ٿي چڪو آهي. هو پروٽيگورس Protagoras وانگر آهي. جنهن پنهنجي دور جا سڀ رسمي تصور آزمايا ۽ سيني بدعتن کي آزمائڻ کان پوءِ هو ان نتيجي تي پهتو تہ هڪ خيال ۽ ٻئي خيال ۽ هڪ مذهب ۽ ٻئي مذهب ۾ ٿورو فرق آهي. ان ڪري انهن مان رڳو ڪنهن هڪڙي مذهب لاءِ جذبات ۾ اوبرُ آڻڻ اجايو آهي. جيستائين اوهان اسان کي صنعت، جمهوريت ۽

دولت لاءِ هرکايو نہ هو اسان پنهنجن رسمن، رواجن ۽ بي مزي امن ۾ خوش هئاسين. جيڪڏهن ترقي رڳو مثاچري تبديلي آهي تہ پوءِ چين جي سوچ صحيح آهي تہ هر رسم پنهنجي ليکي سني آهي، ۽ هَرُ هلائڻ واري زندگي ايتري ئي سني آهي. جيتري صنعت ۽ واپار جي پريشان زندگي. اهو هاري جيڪو هر ٿو کيڙي ۽ وڏڙن جي قبرن جي مجاوري ڪرڻ کي مذهبي فرض ٿو سمجهي، ايترو ئي خوش ۽ مطمئن آهي جيترو انسانن سان سَٽيل هن ڌرتيءَ جي ڪنهن بہ ٻئي حصي جو انسان!

**ايريئل**: ڪنگ، اسان کي چيني مذهب بابت ڪجهہ ٻڌايو.

**ڪنگ**: چين ۾ ڪو هڪ مذهب نہ آهي. پر چيني مذهب آهن. چيني ٻڌ مت آهي، چيني اسلام آهي، ڪي ماڻهو روحن ۽ ٻتن جي پوڄا ڪندا آهن، ڪي مقدس جانورن جي، مان انهن جو ذڪر نہ ڪندس جو دنيا ۾ هر هنڌ وهم پرستي هارين جي زندگيءَ جو حصو آهي. قومپرستن کان سواءِ هر مذهب ۾ بزرگن جي پرستش جو عنصر موجود آهي. جنهن سان مري ويل ماڻهو جيئرن جي زندگيءَ تي حاوي هوندو آهي. هتي لاؤ جو مذهب، تاؤ يا رستو بہ آهي جيڪو گهڻي ڀاڱي ٻڌمت ۾ جذب ٿي چڪو آهي. پر هاڻي بہ ان مذهب ۾ نفس کي مارڻ وارا تياڳي پيدا ٿيندا آهن. هتي ڪنفيوشس جو مذهب آهي. جيڪو ڪيترن سون سالن کان چين جي پڙهيل طبقي جو مذهب رهيو آهي. مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ مان انهن مذهبن لاءِ ڪهڙو اکر استعمال ڪيان. مان انهن کي چيني مذهب چئي سگهان ٿو. انهن کي مشرقي چوڻ بہ ڌکيو ٿيندو ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اهي مشرقي آهن تہ پوءِ مسيح ۽ سقراط بہ مشرقي هئا. لاؤزي جو مذهب بنيادي اصولن ۾ مسيح جي مذهب سان گهڻو ملي ٿو ۽ ڪنفيوشس جي مذهب جي گهڻي ڀاڱي سقراط جي فلسفي سان هڪ جهڙائي آهي. مان واهان کي لاؤزي جا بہ ٿي قول ٻڌايان؟

ڏاڍائي جو بدلو رحمدليءَ سان ڏيو. چڱن ماڻهن سان مان چڱو هلندس پر خراب ماڻهن سان بہ چڱو هلندس تہ جيئن هو چڱا ٿين. وفادارن سان وفا ڪندس بي وفائن سان بہ وفا ڪندس تہ جيئن هو

وفادار ٿين. جنهن کي ٻين تي اعتماد نہ آهي ان کي ٻين مان اعتماد نہ ملندو. پنيان ره تہ جيئن اڳيان پهچين، جيڪو نهنائي اختيار ٿو ڪري اهو محفوظ رهندو، جيڪو جهڪندو ان جو ڪنڌ مٿي ٿيندو. اعلىٰ انسان نهنائيءَ کي بنياد بڻائيندو آهي. جنهن کي پنهنجي طاقت جي ڄاڻ هوندي آهي پر ڪمزوري ۾ خوش هوندو آهي اهو انسانيت جو مثال آهي. ڄاڻ هوندي بہ پاڻ کي اڻ ڄاڻ ظاهر ڪرڻ دانائيءَ جو ڪمال آهي. داناءُ کي خبر هوندي آهي تہ هن جي اندر ۾ ڇا آهي پر هو ان جو نماءُ نہ ڪندو آهي. هو پنهنجي عزت ڪندو آهي پر ٻين کان احترام نہ طلبيندو آهي.... فطرت جي هر شيءِ ماٺ ۾ پنهنجو ڪم ٿي ڪري. اها وجود ۾ اچي ٿي پر ڪنهن شيءِ تي قبضو نٿي ڪري. پنهنجو ڪم پورو ٿي ڪري پر ڪا دعوىٰ نٿي ڪري. سڀ شيون پنهنجو ڪم پورو ڪنديون آهن ۽ ختم ٿي وينديون آهن. جڏهن شيون پنهنجي ڪمال تي پڄنديون آهن تہ پوءِ پنهنجي اصليت ڏانهن موٽي وينديون آهن. پنهنجي اصليت ڏانهن موٽڻ معنىٰ آرام يا تقدير جي تڪميل آهي. اصليت ڏانهن موٽ هڪ دائمي قانون آهي، ان قانون جي ڄاڻ دانائي آهي. پنهنجي مرضيءَ سان ڪجهہ نہ ڪيو پر لامحدود جي مرضيءَ تي هلو تہ پوءِ سڀ سٺائي ٿيندي.

**ميٿيو:** واه، پر هن بيان ۾ مذهب تمام گهٽ آهي.

**ڪنگ:** ڪنفوشس ۾ تہ اڃا بہ گهٽ آهي. هن ڪابہ فطرت کان مٿاهين اصطلاح استعمال نہ ڪئي آهي ۽ هن کي موت کان پوءِ واري زندگيءَ ۾ ڪا دلچسپي ڪانہ هئي. هڪڙي شاگرد پڇيس تہ روحن جي باري ۾ ماڻهوءَ جا ڪهڙا فرض آهن. جواب ڏنائين تہ جيئرن جا فرض پورا ڪرڻ کان اڳ مئلن جي روحن جا فرض ڪيئن ٿا پورا ڪري سگهون ۽ جڏهن ان شاگرد موت جي باري ۾ پڇيو تہ چيائين تہ زندگيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان اڳ اسان موت جي ڄاڻ ڪيئن ٿا حاصل ڪري سگهون. انساني فرض سنجيدگيءَ سان پورا ڪرڻ ۽ ٻين جو احترام ڪرڻ دانائيءَ جو تَتُ آهي. ڪنفيوشس جو مذهب وحدة الوجودي هو جيڪو اسپنوزا جي فلسفي سان گهڻو ملي ٿو هن جي هنن قولن تي غور ڪيو ۽ ڏسو تہ ڇا اهي اسپنوزا جي اخلاقيات جا

اقتباس ڏنا ليکن.

سچ، خدا جو قانون آهي. سچ جو مطلب پنهنجي وجود جو حق ادا ڪرڻ آهي ۽ اخلاقي قانون اسان جي وجود جو قانون آهي. سچ اهو آهي جنهن جي وسيلي اسان کان ٻاهر واريون شيون وجود ۾ اچن ٿيون. اهو سچ مطلق غيرفاني آهي. غيرفاني هجڻ جي ڪري ابدي آهي. ابدي هجڻ جي ڪري پنهنجي وجود جو سبب پاڻ آهي، ان ڪري لامحدود آهي هي ادراڪ کان مٿاهون، ذهين پر شعور کان سواءِ آهي. هن جو ڪو انت نه آهي ۽ هي دائمي آهي ان ڪري سڀني وجودن ۾ سمايل آهي.

ڪنفيوشس دنيا کي ڪو دين نه ڏنو، ڪو مسلڪ نه ڏنو پر هڪ اعليٰ اميراڻو اخلاقي نظام ڏنو ۽ هن جا ڪي قول حضرت عيسيٰ جي قولن سان ملن ٿا. حضرت عيسيٰ کان پنج سو ورهيه اڳ هن چيو: 'جنهن سلوڪ جي اميد اوهان ٻين کان نٿا ڪيو اهو ٻين سان نه ڪيو'. هن جا نظريا سقراط، ارسطو ۽ گوئٽي سان گهڻو ٿا ملن. هو اخلاق کي ذهانت جي برابر ٿو سمجهي ۽ نهٺائي ۽ نرم سڀاءُ جي نه پر شخصيت جي اوسر جي تلقين ٿو ڪري. مان چين ۾ پڙهندو هيس ته مون کي هن جا قول ياد ڪرڻا پوندا هئا ۽ مان ڪلاڪن جا ڪلاڪ اهي اوهان کي ٻڌائي سگهان ٿو.

اعليٰ انسان ڇا آهي؟ جيڪو احترام سان پنهنجي شخصيت جي تربيت ڪري. اعليٰ انسان جانبدار نه پر ڪليءَ دل وارو هوندو آهي، عام ماڻهو ڪليءَ دل وارو نه پر جانبدار هوندو آهي. اعليٰ انسان سوچي سمجهي لفظ استعمال ڪندو آهي ڇاڪاڻ ته ڪيترا ماڻهو پنهنجن لفظن جي ڪري تباهه ٿيندا آهن. هو جيڪي ڳالهائيندو آهي ان تي پهريان پاڻ عمل ڪندو آهي. هن جي قول ۽ فعل ۾ فرق نه هوندو آهي، هو بحث نه ڪندو آهي، وچٽرو هلندو آهي. ماڻهوءَ کي گهڻيون ئي شيون وڻنديون آهن. جيڪڏهن هنن جي پسند ۽ ناپسند ڪنهن اصول مطابق نه هوندي ته پوءِ هن جي فطرت ٻاهرين شين مطابق ٿي ويندي اعليٰ انسان سڀ ڪجهه پنهنجي اندر ۾ ڳولهيندو آهي ۽ معمولي انسان هر شيءِ ٻين کان طلبيندو آهي، اعليٰ انسان ان ڳالهه لاءِ پريشان

هوندو آهي تہ هو سچ تائين ڪيئن پهچي ۽ ان ڪري پريشان نہ هوندو آهي تہ ڪٿي هو مفلس نہ ٿي وڃي. هو پنهنجو پاڻ ۾ اهليت جي گهٽتائيءَ ڪي ڏسي پريشان ٿيندو آهي ۽ ان ڪري پريشان نہ ٿيندو آهي تہ ماڻهو هن جو قدر نٿا ڪن. اعليٰ انسان جي اها صفت جنهن ۾ ڪو ٻيو هن جي برابري ڪري نہ سگهندو آهي، هن جو اهو ڪم آهي جيڪو ٻين ڪي نظر نہ ايندو آهي.

## 2- باطنيت

**سڏا:** ڪنگ پيارا! پر هي سڀ مذهب تہ نہ آهي. رڳو اخلاق آهي اهو بہ اعليٰ طبقي جي ماڻهن يعني فطري اشرافن لاءِ جن ڪي شايد تہ اخلاق جي ضرورت ئي ڪانہ هوندي آهي. مذهب اخلاق ڪان سواءِ بہ گهٽو ڪجهہ آهي. مذهب ڪان سواءِ اخلاق پري ٻرندڙ باھ وانگر آهي جنهن جو سيڪ اوهان تائين پهچي نہ سگهندو هجي. مذهب رڳو مَتُ نہ آهي ۽ نہ ئي رڳو عقلي معاملو آهي. مذهب هڪ احساس آهي. جنهن ۾ ڪُل جو احساس اوچتو روح ڪي پنهنجي قبضي ۾ وٺندو آهي. خود غرضي پاڻ ارپڻ ۾ ۽ الڳ هجڻ جو احساس وفاداريءَ ۾ بدلجي ويندو آهي. چئي نٿو سگهان تہ اولهہ جي ماڻهن ڪي بہ ڪڏهن اهڙو احساس ٿيو آهي يا نہ؟

**فلپ:** جيڪب بوهم ۽ سينٽ فرانس ڪي اهڙو احساس ٿيو هو.

**اينڊريو:** پال بلڊ Paul Blood چيو تہ اهڙو احساس ايٿر Ether استعمال ڪرڻ سان ماورائيت واري بيهوشي ۾ حاصل ٿي سگهي ٿو.

**فلپ:** اولهہ ۾ اهڙا ماڻهو ورلي آهن. اهڙن ماڻهن جي گهٽ هجڻ مان لڳي ٿو تہ يورپ ۽ آمريڪا ۾ مذهب جو اثر گهٽ آهي. هندوستان ۾ جُز ۽ ڪل جو باطني اتحاد مذهب جو روح سمجهيو ويندو آهي. ڪنهن بہ ماڻهوءَ ڪي ڪنهن هڪ مت ڪي مڃڻ يا ڪي رسمون پوريون ڪرڻ ڪري مذهبي چئي نٿو سگهجي. اسان جا ڌرمي اڳواڻ اسان جي ديوتا برهم جي ڪري برهمڻ سڏبا آهن پر ان لفظ جي معنيٰ ڪا هڪ شخصيت نہ آهي. اهو لفظ مڪمل حقيقت لاءِ استعمال ٿيندو آهي. اها ڳالهہ اسان ڪي وري اسپنوزا تي ياد ڏياري. برهمڻن جي نظريي

مطابق رڳو برهم هڪ مڪمل حقيقت آهي ان کان سواءِ ٻين شين ۽ انسانن جا الڳ الڳ وجود، مايا يعني نظر جو فريب آهن. جڏهن اوهان سمجهو ته اوهان جي شخصيت پگهرندي ٿي وڃي ۽ اوهان وجود جي سمنڊ ۾ وڏي آرام سان جذب ٿيندا ٿا وڃو ۽ ان ميلاپ کان سواءِ ٻي هر شيءِ ادنيٰ ٿي وئي آهي تڏهن اوهان کي خبر پوندي ته مذهب ڇا آهي ۽ خدا ڇا آهي ۽ اوهان پاڻ خدا جو جُز ٿي ويندا.

**ايريئل:** مون کي ٿور Thorue جو هڪ جملو ٿو ياد اچي: "گرم ڏينهن جو نديءَ جي آهستي وهندڙ پاڻيءَ ۾ وهندي مون کي ائين لڳو ڄڻ مان پنهنجو وجود وڃائي هڪ نئين وجود ۾ پيو اچان" ۽ پوءِ پکين جا آواز ٻڌندي هو پاڻ کي هڪ عظيم مخلوق جو حصو سمجهڻ لڳو.

**سڏا:** مون کي اهي قول ياد آهن. هن جا قول ڏاڍا سٺا آهن اوهان کي خبر آهي ته هن کي هندو فلاسفر وڻندا هئا ۽ چوندو هو ته ڇاڪاڻ ته مان هندو فلسفي کي پسند ٿو ڪيان ان ڪري مون کي ڇانور ڪائڻ گهرجن.

**ڪليرنس:** جذباتي پسمنظر ۽ بنياد جي باوجود به ضروري نه آهي ته ڪُل جو اهو احساس مذهبي هجي. هڪ دفعي هڪ معمولي ريل ۾ سفر ڪندي مون نيري آسمان جي اڇن ڪنارن تي ڳاڙها بادل ڏٺا. انهن کي ڏسي منهنجو ساهه ڄڻ ته رُڪجي ويو ۽ هن گنبد جي حسن مون کي جڪڙي ڇڏيو. مون محسوس ڪيو ته مان ڪل جو هڪ معمولي جزُ آهيان. پر يقين ڪيو ته مان مذهبي نه آهيان.

**اينبريو:** ڪُل سان هڪ ٿيڻ جي احساس سان جيڪو سرور ملي ٿو اهو سرور ئي رڳو هندو مذهب نه آهي. ان کان سواءِ جنس جي پوڄا ۽ تثليث ان جا خاص عنصر آهن. منهنجي خيال ۾ ڪرشن مهاراج جيڪو ان تثليث ۾ ٻئي نمبر تي آهي. انساني روپ ۾ ظاهر ٿيو ۽ دنيا کي نجات ڏيارڻائين. هندو مذهب ديوين ۽ ديوتائن سان ڀريل آهي. ريناخ چيو آهي ته "هندو ديو مالا هڪ گهاٽي جهنگ وانگر آهي." ماڻهو ڪُل جي احساس کان وڌيڪ هڪ سٺو وڻندڙ افسانو ٻڌڻ گهرندا آهن. ويدانتيءَ جي سرور کان وڌيڪ هنن کي اهو افسانو وڻندو آهي ته ديوتا سمنڊ جو سارو پاڻي پي ويو. ٻئي ديوتا هڪ رات ۾ ڏهه

هزار ڪنوارين ڇوڪرين سان محبت ڪئي. اهڙن افسانن کان پوءِ هنن ڪي ڌرمي رسمون پوريون ڪرڻ جو شوق آهي. گنگا ۾ هٿ ڌوئڻ (جڻ گنگا هرهڪ شيءِ کي پاڪ ڪري ٿي سگهي) منتر پڙهڻ ۽ لنگ جي تعويزن ۾ فطرت کان مٿاهين طاقت سمجهي انهن ۾ اعتماد رکڻ. سچ ٻڌاءِ سڊا، ائين آهي يا نه؟

سڊا: نه ائين نه آهي. اوهان مذهب جو ڦوڪ ۽ ان جي سَتُ کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيو آهي، جيئن اڄڪلهه اوهان جا فلاسفر انسان جي پيجري کي سندس روح ٿا سمجهن. عام ماڻهو، جن جي مذهبي رسمن جي اوهان ڳالهه ڪئي، ڪڏهن ڪڏهن مرڻ گهڙيءَ تائين وارو ڏکهو وَرتُ رکندا آهن. مان نٿو سمجهان ته بک ڪاٽڻ ۾ ڪو مزو آهي. ان سان ماڻهو خوديءَ جي احساس کان آجو ٿي ڪائنات ۽ ابديت ۾ جذب ٿي ويندو آهي. مون اهڙا تياڳي ڏٺا آهن جيڪي پنهنجون مُنيون ايڏي ڏگهي عرصي تائين پڪوڙي ڇڏيندا آهن جو سندن ننهن وڌي ترِيءَ جي ٻئي پاسي کان نڪري ايندا آهن. هو پاڻ کي پوريءَ طرح وساري ڇڏيندا آهن. يا ٻڌ جو مثال وٺو. هن حضرت عيسيٰ وانگر ڌرم کي پوڄارين ۽ ٻاون وارين خرابين کان صاف ڪري ان کي ان جي اصلي حالت ۾ آڻڻ ٿي گهريو. هن چنبنڌڙ جهنگلي جيتن کي مارڻ کان انڪار ڪيو ۽ اُن شينهن کي به پيار ٿي ڪيو جنهن هندستان ۾ اسان مان ڪيترن کي ڪاڌو هو. هن فرد ۽ روح ڪُل جي وچ وارين سڀني رنڊڪن کي ختم ڪرڻ ٿي گهريو. نرواڻ جي معنيٰ اها ئي آهي. اوهان خوديءَ جي احساس کان آجا ٿيو ۽ اوهان جو روح دائمي حقيقت ۾ سمائجي ويندو.

اينبريو: منهنجو خيال آهي ته اسان سڀني کي نرواڻ ملي ويندو. مون کي ٻڌ جي دهريت سان دلچسپي آهي. منهنجي خيال ۾ هن اهڙو طاقتور مذهب ڏنو جنهن ۾ خدا جو تصور نه هو. ائين نه؟

سڊا: جيڪڏهن تنهنجو مطلب شخصي خدا سان آهي ته ها پرجي روح ڪائنات سان آهي ته نه:

اينبريو: مون ٻڌو آهي ته ”اوپر جي روايتن“ ۾ ٻڌايل آهي ته مهاتما ٻڌ ڪنواري عورت مان پيدا ٿيو هو. ائين ٿو لڳي ته هر ديوتا لاءِ ضروري آهي ته هو پيدا ٿي ماءُ جي فطري ڄمر واري مامتا جي توهين

ڪري؟ جيڪا ڪڏهن هر ديوتا ۽ ديويءَ جي وجود جي علامت ۽ سرچشمو هئي.

سڏا: اوهان ڪي انهن ڏند ڪٿائن کي متاچري نظر سان نہ ڏسڻ گهرجي. ائين ڪندا تہ انهن جي اصلي معنائن ڪان محروم ٿي ويندا. مان هڪ دفعو وري عرض ڪندس تہ اهي ڳالهيون مذهب نہ آهن.

اينڊريو: اوهان جو مطلب آهي اهي ڳالهيون مذهب تي ڇچڙن وانگر آهن.

سڏا: توهان چئي سگهو ٿا. شايد ڏهن ويهن سالن ۾ اولهہ جا ماڻهو مذهب جي معنيٰ سمجهڻ شروع ڪندا. هينئر اوهين مذهب جي معنيٰ سمجهي نٿا سگهو جو اوهان مشينن هينان پوريل آهيو ۽ اوهان جا خيال رڳو مال ۽ زر تائين محدود آهن پر جنگ اوهان جي مشينن کي تباهہ ڪري ڇڏيندي ۽ اوهان ڏکن جي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويندا. ان وقت شخصي فخر ۽ انفرادي دولت ختم ٿي ويندا. ڏک ۽ رنج جي ان بخار ۾ ماڻهو وري خدا جو شعور حاصل ڪندا. ان هستيءَ جو جيڪا بي نانءُ روح ۽ زندگي آهي ۽ جنهن کي هڪ هندو فلاسفر هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي تہ "اها نانهن آهي جيڪا وڻ جا سڀ حصا جدا ڪري ڇڏڻ ڪانپوءِ باقي بچندي آهي"، هينئر بہ جڏهن اوهين جسماني لذتن ۽ مادي شين ڪان بيزار ٿيندا آهيو تڏهن اوهان اوپر ڏانهن ايندا آهيو. مسيحي سائنس اوهان ۾ ايتري تيزي سان پئي وڌي جيتري تيزي سان مسيحيت بہ نہ وڌي هئي. اوهان وٽ لکن جي انگ ۾ ماڻهن ۾ ٿيوسوف عقيدو وڌندو ٿو وڃي. هڪ ڏينهن اوهان هندوستان ۽ مذهب کي سمجهي سگهندا.

ٿيون ڊور: شايد اوهان سچ ٿا چئو. مذهب جي تاريخ يونان جي روح ۽ اوپر جي روح جي جنگ جو داستان آهي.

3_ يهوديت:

ايسٽر: مان سڏا وانگر سمجهان ٿي تہ اسان مذهب جي ڪن عناصرن کي وساريو آهي، اسان خدا جي واسطي چوندا آهيون پر اسان لاءِ اهي رڳو ٿي لفظ آهن، اهي لفظ مذهب جو تَتُ آهن، مذهب چئي ٿو

تہ اسان جيڪي بہ ڪيون اهو خدا جي واسطي ڪيون، غير سماجي خوشيون ماڻهن کان پاسو ڪيون. خدا جي واسطي اهنج ۽ ايذاءُ سهون، منهنجي خيال ۾ اهو مذهب جو اهم جزو آهي ۽ ان ڪانسواءِ اخلاق اجايو آهي ۽ اهو يهودي مذهب جو بنياد آهي.

**ايريئل:** افسوس آهي تہ اسان مذهب جي باري ۾ ايتريون ڳالهيون ڪيون پر دنيا جي سڀ کان وڏيڪ مذهبي قوم جو ذڪر نہ ڪيو. ايسٽر! تون اسان کي يهودي مذهب جي اصولن بابت ٻڌاءِ.

**ايسٽر:** هي سارو قصو ڪو ايڏو وڻندڙ نہ آهي، هن هڪ نهايت سنجيده مذهب جي شروعاتي نظريو مظاهر پرستي ۽ وهمن ۾ ڊبيل آهي جيڪي سرجيمز بيان ڪيا آهن، اوائلي دور جا يهودي پهاڙن، رڍن، ٻڪرين ۽ غارن ۽ کوهن جي روحن کي پوڄيندا هئا، هو رومين جي ”لاريس“ وانگر علامتن جي پرتش ڪندا هئا ۽ هنن ۾ هڪ اوائلي جادوءَ جو رواج هو. ايستائين جو هڪ پيٽيءَ ۾ ڊارا اُڇلائي خدا جي مرضي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

**اينبريو:** اسان اڄ بہ ائين ڪندا آهيون.

**ايسٽر:** ان مذهب ۾ لِنگ جي علامتن کي پوڄڻ جو رواج بہ هو، نانگ ۽ ڍڳو لِنگ جون علامتون هئا. بال ديوتا نر هو جيڪو مادي زمين کي زرخيز ڪندو هو. گهڻو ڪري سيئي يهودي ڏِڻَ، زراعتي رسمن مان پئدا ٿيا آهن. مزاتِ جَوَن جي لاباري جو ڏڻ هو ۽ شهاوت ڪڻڪ جي لاباري کان پوءِ وارو ڏڻ هو. اسڪوٽ انگور لاهڻ جي خوشيءَ لاءِ ملهايو ويندو هو پيساچ رڍن ۽ ٻڪرين جي پهرين ڦر جو ڏڻ هو. هڪ رِڍَ ذبح ڪندا هئا ۽ ان جي گوشت جي وڏي دعوت ٿيندي هئي. ۽ ان جو رَتُ دروازن تي ڇڙڪائيندا هئا تہ جيئن خدا جو پيٽ ڀرجي. پوءِ وري ان رسم جو مطلب ڪڍيو ويو تہ خدا مصرين جي ٻارن کي قتل ڪرايو پر يهودين جي ٻارن کي محفوظ رکيو ۽ يهودين جي گهرن جي دروازن تي رڳو رت ڇڙڪائي ڇڏيو. پر اها ڳالهہ مذهبي اڳواڻن جي گهڙيل آهي، اها ڪنعانن جي رسم هئي تہ هو رڍ جي ڦر کي ديوتائن تي قربان ڪندا هئا جيڪا پوءِ يهودين اختيار ڪئي. هن مذهب ۾ بين ٽوٽمن جا آثار بہ نظر اچن ٿا. يهوده کي گهڻو ڪري ڍڳي

جي صورت ۾ ڏيکاريو ويندو آهي ۽ سوئر جو گوشت يهودين لاءِ انڪري حرام هو جو سوئر اوائلي يهودين جو ٽوٽم هو.

اينبريو: ڇا چيئہ؟ مان سمجهندو هيس تہ صحت جي خيال کان سوئر حرام آهي، ساري ويجهي اوڀر ۾ سوئر انڪري حرام آهي جو ان کي ڪائڻ سان خراب مرض پئدا ٿيندا آهن،

ايسٽر: رابرٽ سن سمٿ ۽ ريناخ هونئن تہ هڪ ٻئي جا گهڻ هم خيال آهن پر ان روايتي سبب کي هو يڪ زبان ٿي رد ٿا ڪن. انجيل ۾ ڪٿي بہ ڪنهن مرض جو سبب غليظ جانورن جو گوشت نہ ٻڌايو ويو آهي. بيمارين جو سبب روحن جي ڪاوڙ هو ۽ ان جو صحيح علاج بدروح جو جسم مان نڪرڻ هو. صحت جي حفاظت يونان جو تصور آهي. اينبريو توکي ٻڌي عجب لڳندو تہ ريناخ سوئر جي گوشت کي صحت جي اصولن جي ڪري خراب سمجهڻ واريءَ ڳالھ کي جهالت ٿو سمجهي.

اينبريو: اهو سبب مون رينان جي لڪٿين ۾ بہ پڙهيو هو.

ايسٽرو: ريناخ رينان جو مذاق اڏايو آهي.

اينبريو: هڪ ڏينهن علم انسان جا عالم، ريناخ جو مذاق اُڏائيندا، مان تنهنجن انهن مستند ماهرن کان متاثر نہ آهيان، يهودين جي اخلاقي نظام ۾ ڪيتريون ڳالهيون صحت جي حفاظت بابت آهن انڪري خنزير جي احترام جو سبب صحت جي حفاظت سمجهڻ بہ ڪا وڏي ڳالھ نہ آهي. ايسٽرا، اوهان پنهنجي ڳالھ جاري رکو، ٿي سگهي ٿو تہ مان غلط هجان.

ايسٽر: موسوي نظام جا ڏھ حڪم صحت جي اصولن کان مٿاهان ۽ اعليٰ آهن ۽ ساڳئي وقت اهي اوائلي ۽ محدود بہ آهن. اهي قانون قبيلن لاءِ آهن سمورن انسانن لاءِ نہ آهن جن کي پيغمبرن جو انتظار ڪرڻو هو. "اوهان قتل نہ ڪندا" وارو حڪم جنگ کان روڪڻ لاءِ نہ هو، يهوداه تہ قتلِ عام جي اجازت ۽ حڪم ڏنو آهي.

ڪليرنس: ها ۽ هنن مديانين سان جنگ ڪئي جنهن لاءِ خداوند هنن کي حڪم ڏنو هو. هنن مردن کي قتل ڪيو، موسيٰ[41] هنن کان پڇيو: ڇا اوهان عورتن کي جيئرو ڇڏيو آهي؟ انڪري هاڻي ٻارن ۾

جيڪي بہ ڇوڪرا آهن انهن کي ماري ڇڏيو ۽ جن عورتن بہ مردن جا منهن ڏٺا آهن انهن کي قتل ڪيو.

ايستر: ها، پر ان بربريت مان ئي انسان جي ڪن بهترين اخلاقي آدرشن جنم ورتو. موسوي قانون جو نظام انساني ترقيءَ جو هڪ نهايت اهم مرحلو هو. ان يهودين جي ڪردار کي مضبوط ڪيو. زندگيءَ ۾ باقاعدگي ۽ فلسفياڻي سخت گيريءَ يهودين ۾ اها سهپ پئدا ڪئي جو انهن سان هنن انهن مصيبتن جو بهادريءَ سان مقابلو ڪيو جيڪي پوءِ عيسائيت هنن تي نازل ڪيون. هي پهريون قانوني نظام هو جنهن پارسائيءَ ڪانپوءِ صفائيءَ کي اهميت ڏني ۽ ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ انساني جسم کي عبادتگاهہ جهڙو سمجهو ۽ جيئن روح جو مذهبي جذبي سان احترام ڪبو آهي ائين جسم جو بہ احترام ڪيو. ڪيترن ماڻهن جو خيال آهي تہ هي نظام همورابيءَ جي نظام کان وڌيڪ چڱو آهي، پر هي پهريون نظام هو جنهن غلامن سان نرميءَ واري هلت تي زور ڏنو. هن جي ”سون جي جشن“ واري اداري ۾ تہ اشتراڪيت جي جهلڪ ئي نظر اچي، ”زمين مالڪاڻي حقن تي وڪرو نہ ٿيندي جو زمين منهنجي آهي، اوهان پنجاهين سال کي مقدس سمجهندؤ ۽ سيني لاءِ آزاديءَ جو اعلان ڪندؤ. اهو اعلان اوهان لاءِ هڪ ڏڻ هوندو ۽ اوهان هر ماڻهو کي هن جي ملڪيت موٽائي ڏيندؤ ۽ هر ماڻهوءَ کي هن جي ڪٽنب ۾ آباد ڪندؤ“. اهي ڳالهيون يهودين لاءِ عمل ڪرڻ واريون نہ هيون پر آدرشي هيون، ٻيون قومون تہ ان آدرش کان بہ محروم هيون.

اوهان قاتل خداوند جي ڳالهہ ڪئي، اهو جنگ جو ديوتا ۽ اوائلي يهودين جو قبائلي خدا هو، جيرمياه چيو ”او يهوداه، توهان جي شهرن جيترا توهان جا ديوتا آهن ۽ جڏهن نعومي رٿ کي چيو: ”تنهنجي ڀيڻ پنهنجي ماڻهن ۽ تنهنجي خدائن وٽ واپس وئي آهي“ تہ رٿ جواب ڏنو: ”تنهنجا ماڻهو منهنجا ماڻهو ۽ تنهنجا خدا منهنجا خدا آهن.“ قبيلو مناڻ معنيٰ ديوتا مناڻ هو. گهڻن خدائن وارو اهو تصور تيستائين قائم رهيو جيستائين پيناٽوڪ لکيو ويو انڪري جو ڪائنات جي تخليق جي ڪهاڻي ائين بيان ڪيل آهي تہ هيءَ دنيا

يهوداه تخليق ڪئي. پوءِ وري دنيا جي تخليق ايلوهيم (جنهن جي معنيٰ گهڻا خدا آهي). ڏانهن منسوب ڪئي وئي. ٽيمپل جي پادرين ڇهن ستين صدي قبل مسيح تخليق ۽ جنت جي ڪهاڻيءَ کي پنهنجي مقدس ڪتاب ۾ داخل ڪيو ته ان کان گهڻو اڳ اها ڪهاڻي اتان جي جدا جدا قومن ۾ عام هئي. اها ڪهاڻي ايرانين، فونيقين، ڪلدانين ۽ بابل جي مذهبي روايتن ۾ موجود هئي. 800 ق.م ۾ هيسائيډ ان ڪهاڻيءَ جي يوناني روايت جو ذڪر ڪيو آهي ته نيڪ ماڻهن جي پيڻن ۾ هڪ وڻ پئدا ٿيو جنهن ۾ سونا صوف لڳا ۽ جن کي کائڻ سان ماڻهن کي غيرفاني زندگي ملندي هئي.

**سڌا**: اسان وٽ به اها روايت آهي. ويدن ۾ آهي ته شو ديوتا آسمان مان انجير جو وڻ اڇلايو ۽ عورت کي چيو ته هو مرد کي اهو چئي ان وڻ جو ميوو کائڻ لاءِ هرڪائي ته ان کي کائڻ سان غيرفاني زندگي حاصل ٿيندي ۽ اهڙيءَ طرح هن کي آزمائي، مرد ميوو کاڌو، شِوَ هن تي لعنت وڌي ۽ هن جي قسمت اهنجن ايذائن واري ڪري ڇڏي.

**ڪنگ**: اوائلي چين جي هڪ مقدس ڪتاب ۾ لکيل آهي ته پهريان سڀ شيون مردن جي هٿن ۾ هيون پر عورت ڄاڻ جي حرص جي ڪري اسان کي هڪ غلاميءَ ۾ آڻي ڇڏيو. اسان جا ڏک ڏولاوا آسمان مان نتا نازل ٿين پر عورت کان ٿا ملن، عورت ئي انساني نسل تي تباهي آندي، ”اي بدنصيب عورت! تو اها باهه ٻاري جيڪا اسان کي ساڙي رک پئي ڪري ۽ ڏينهون ڏينهن وڌندي ٿي وڃي.“

**فلپ**: انهن سيني روايتن جي پنيان هڪڙو تصور آهي ته ڄاڻ ۽ جنس بديءَ جو بنياد ۽ معصوميت ۽ خوشيءَ جا ڄاڙا دشمن آهن، اهو موضوع انجيل ۾ شروع کان آخر تائين موجود آهي ۽ هي جملو به موجود آهي ته جيڪو ماڻهو علم ۾ واڌارو ڪندو اهو پنهنجي ڏک ۾ واڌارو ڪندو. مسيح به جنسي محبت کي ننديو ۽ ٻاراڻي ڏاهپ کي سارِاهيو آهي.

**ڪليرنس:** بيشڪ تہ انهن ڳالهين ۾ وڏي صداقت آهي، ڇا اسان ڇاڻ ۾ ايڏا خوش آهيون جيڏا اڻ ڄاڻائيءَ ۾ خوش هئاسين؟ اسان کي ننڍن ٻارن جا معصوم چهرا ڇو وڻندا آهن، شايد انڪري جو هو جنس ۽ ڄاڻ کان آجا هوندا آهن ۽ انڪري اسان هنن سان ريس ڪندا آهيون، پر ايسٽر اسان کي اوهان جي ڳالھ کي وچ ۾ ڪٽڻ نہ گهرجي.

**ايسٽر:** مون کي رڳو ٻہ ٻيون ڳالهيون ڪرڻيون آهن، يهوداه دنيا کي خدا جي وحدانيت جو تصور ۽ سماجي انصاف جو الهامي ڪتاب ڏنو. اوائلي ديوتائن جي حيثيت اصل ۾ قبائلي هئي ۽ قبيلي جي اقتصادي خودمختياري ۽ عليحدگيءَ تي ٻڌل هئي. قبائلي زندگيءَ ۾ جڏهن واپار وڌيو ۽ معاشي طرح ماڻهو هڪ ٻئي جا محتاج ٿيا تہ قبيلا پاڻ ۾ ملي ويا ۽ جدا جدا ديوتائن جو خصلتون بہ هڪ ٻئي ۾ ملي ويون ۽ قبائلي سوچ کان اڳتي جي سوچ پئدا ٿي. سڀ کان پهرين سعياه عظيم خدا جو ذڪر ڪيو. عظيم خدا کي ڏسو جنهن سموري پاڻيءَ کي پنهنجي هٿ جي تريءَ تي جهليو آهي. جنهن آسمانن جي گردش کي مقرر ڪيو، جنهن ڌرتيءَ جي مٽيءَ کي پنهنجيءَ مُٺ ۾ جهليو آهي، ٽڪرن ۽ ٽڪرين کي ترازيءَ جي پڙن ۾ توريندو آهي"، ان کان پوءِ حضرت ايوبؑ خدا جو اهو تصور ڏنو تہ خدا ڪائنات جو نظام آهي ۽ اهڙي طرح يهودين جو مذهب جيڪو جادو ٽوڻن سان شروع ٿيو هو. اسپينوزا جي بلند نظريي جي ويجهو وڃي پهتو ۽ جديد سائنس جا بنياد وڌا. پر خدا جي وحدانيت جي تصور کان وڌيڪ اهم انسانن جي اتحاد، جنگ کي ترڪ ڪرڻ ۽ سماجي انصاف جا تصور هئا.

**ڪليرنس:** جنگ کي ترڪ ڪرڻ بابت تہ اسان اڃا سوچيو ئي نہ آهي، ان باري ۾ غور ڪيون يا نہ؟

**ايسٽر:** عاموس يروشلم ۾ آيو، هو در وٽ اچي بيٺو ۽ انسانن لاءِ مذهب جو اعلان ڪرڻ لڳو، اوهان (امير ماڻهو) تراشيل پٿرن جا گهر ٺاهيا آهن پر اوهان انهن ۾ رهي نہ سگهندا، اوهان انگور جو فصل تيار ڪيو پر ان جو شراب پي نہ سگهندا، ڇاڪاڻ جو اوهان غريبن تي ظلم ڪندا آهيو ۽ هنن کان ڪٽڪ ڏڻ ۾ وٺندا آهيو. انهن تي لعنت آهي جيڪي هٿي آرام سان ٿا رهن، جيڪي ريشمي بسترن تي ٿا ليٽن

۽ صوفن تي ٿا آهلن. بارگاهن ۾ قربانيون ڏيڻ مان ڪجهه ڪونه ورندو. خدا هنن کي چوندو تہ مان اوهان جي ڏٽن کي ڏڪار سان ٿو ڏسان، اوهان مون لاءِ لذيذ طعامن جون سوکڙيون ٿا آڻيو پر مان اهي قبول نہ ڪندس. مان اوهان جي گانن جي گوڙ کان بيزار آهيان، پنهنجا ساز ڪٽي وجو ۽ انصاف ۽ نيڪيءَ جو رستو صاف ڪيو.

يا ڏسو تہ سعياه ڇا ٿو چئي:

خدا عوام جي بادشاهن ۽ حاڪمن کان پڇاڻو ڪندو ڇاڪاڻ جو هنن انگور جو سارو فصل ڦٻايو. اوهان مفلسن جا حق ڪسي پنهنجا گهر ڀريا، اوهان ڇو ٿا ماڻهن کي ماريو ۽ نادارن کي مٽيءَ ۾ لتاڙيو، انهن تي لعنت آهي جيڪي ڪيترن گهرن کي گهرن سان ۽ ٻنين کي ٻنين سان ملائي انهن جا مالڪ ٿي وينا آهن. اوهان حساب ڪتاب ۽ اڪيلائي ۽ بربادي‌ءَ جا ڏينهن ياد ڪندا جيڪي اوهان کي ڏسڻا آهن. ان وقت اوهان ڪنهن کي مدد لاءِ سڏيندا ۽ اوهان جو اهو شان اوهان جي ڪهڙي ڪم ايندو؟ خدا چيو:

اوهان جون گهڻيون قربانيون اوهان کي ڪهڙو فائدو رسائينديون. مان اوهان جي رڍن، ٻڪرين جي قربانين مان بيزار ٿي چڪو آهيان. منهنجو روح اوهان جي قربانين کان بيزار ٿي چڪو آهي. اوهان جڏهن پنهنجا هٿ ڊگهيريندا تڏهن مان اکيون بند ڪري ڇڏيندس. اوهان جڏهن مون کان دعا گهرندا تہ مان نہ ٻڌندس. اوهان جا هٿ رت ۾ رڱيل آهن. پاڻ کي ڌوئيو تہ جيئن پاڪ ٿيو، پنهنجا بداعمال منهنجي اکين کان پري ڪيو. بد ڪم ڪرڻ بند ڪيو. نيڪي ڪرڻ سکو، انصاف ڪرڻ سکو، مظلومن جي مدد ڪيو، يتيمن تي رحم ڪيو. بيواهن جو پاسو ڪٽو.“

**اينڊربو:** واهہ، ڇا تہ زبان آهي، ڇا تہ ٻولي آهي ۽ ڇا تہ ٻوليءَ ۾ اثر آهي.

**ايسٽر:** مذهب ۽ ادب جي تاريخ ۾ ان کان وڌيڪ سهڻي لکٽي ڪانهي. رينان چيو هو تہ يونان ذهنن کي آزادي ڏني پر يهودين ماڻهن کي ڀائپي ڏني، يونانين وٽ ثقافت هئي پر دل نہ هئي ايسٽائين جو

هنن جي فلاسفرن غلاميءَ جي حمايت ڪئي، يونانين فن ۽ سائنس جي تخليق ڪئي پر يهودين دنيا کي سماجي انصاف ۽ انساني حقن جا تصور ڏنا. اڄ اهي مغربي قومون جن ڪين فتح ڪيو هو ۽ مٿن ظلم ڪيا هئا، روحاني طرح هنن جي آڏو ڪنڌ ٺيون جهڪائن ۽ انهن آدرشن جون خواهشن ٿيون ڪن جيڪي هنن دنيا کي ڏنا.

**اينڊريو:** سعياه کان ٽراٽسڪي تائين!

**ايسٽر:** مسيحت جي خاتمي کان پوءِ اشتراڪيت دنيا جو مذهب هوندي!

**مسيحيت:**

**ايريئل:** ايسٽر! تون ڏاڍي سٺي آهين، تو منهنجي دل ۾ منهنجي پنهنجي مذهب لاءِ فخر پيدا ڪيو. هاڻي اوهان مان ڪو اسان کي مسيحيت جي باري ۾ ڪجهه ٻڌائي. اينڊريو! تون ڏنگو آهين، انڪري تون نه ٻڌاءِ جو تون ان ۾ اوٽائيون ڳولهيندي ۽ نه ئي ميٿيو، تون جو توکي مسيحيت سان تمام گهڻي محبت آهي. اسان کي فلپ ڪجهه ٻڌائي جو فلپ ڪوشش ڪرڻ سان غيرجانبدار ٿي ويندو آهي. تون اسان کي مسيحيت جو تاريخي پسمنظر ٻڌاءِ ته پوءِ اسان جهيڙو شروع ڪيون.

**ميٿيو:** مون سڀ ڳالهيون وڏي صبر سان ٻڌيون ۽ اڃا ٻڌي سگهان ٿو، مان ان نتيجي تي پهتو آهيان ته هر مذهب جي انفراديت کي مذهبن جي تقابلي مطالعي جي قربانگاهه تي قربان ڪيو ويندو آهي. فلپ سدائين غلط پر معافيءَ لائق هوندو آهي.

**فلپ:** ميٿيو، تون هڪ سچي عيسائيءَ جهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين، پر جلدئي تون پنهنجي نيڪ دليءَ تي شرمسار ٿيندين، خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته ايريئل عيسائيت کي ان جي سموري پسمنظر ۾ ڏسڻ ٿي گهري. ڪنهن سچ چيو آهي ته پسمنظر ئي اهم هوندو آهي. مسيحيت تاريخ جي ٻن لاڙن مان پيدا ٿي. هڪ يروشلم، اسڪندريه، انطاڪيه، ايٿنز ۽ روم ۾ هڪ بيوس ۽ نااميد پورهيت طبقي جو صنعتي ۽ تجارتي استحصال، ٻيو يهودين جي اخلاقي قدرن جو يونانين جي فلسفي ۽ دينيات سان ملي وڃڻ. (حضرت) سليمان جي

زماني کان يروشلم انهن تجارتي شاهراهن جو مرڪز بڻجي چڪو هو جيڪي ايراني نار کي فينيشيا ۽ بحيره روم جي قومن کي ايران ۽ بابل سان ٿي ملايو. انهن سهولتن جي ڪري هتان جي يهودين پنهنجي تجارت کي ترقي ڏني ۽ دولت وڌي ته امير ۽ غريب جو فرق وڌيو. جيڪي يهودي بابل مان موٽيا هئا اهي مفلس هئا، يونان ۽ روم جون حملا ڪندڙ فوجون هتان جي هزارين غريب نوجوانن کي غلام بڻائي وٺنديون هيون. مسيح جي نندپڻ ۾ روم وارن ناصرد جي ويجهو وارن ڪيترن شهرن جي آباديءَ کي غلام بڻائي وڪيو. بحره روم جي وڏين بندرگاهن ۾ هرهنڌ هڪ مفلس ۽ نادار طبقو پئدا ٿيو. جنهن ۾ هڪ اهڙي مذهب جنم ورتو جيڪو آقائن جي خلاف هو. امير ماڻهو لڪل نموني ۾ ته آزاد خيال هئا پر هنن بنياد پرستيءَ ۽ مذهبي رسمن جي حمايت ٿي ڪئي. مفلسن هڪ اهڙو اخلاقي نظام ڳولهيو جنهن ۾ بدنصيبي ۽ ناداري، نيڪي هئي ۽ مفلس جي جاءِ جنت ۾ ۽ امير جي جاءِ دوزخ ۾ هئي. اهڙي عقيدي جي ڪري ئي نتشي مسيحيت کي ننديو ۽ چيائين ته مسيحيت طاقتور تي ڪمزور جي فتح جي علامت آهي. پورهيت طبقو اهڙي مذهب لاءِ تيار هو جيڪو مظلوم جي حمايت ڪري. نرم دلي ۽ نيازمنديءَ جي سکيا ڏي ۽ اهڙي جنت جي ڳالهه ڪري جنهن ۾ هن دنيا جي بدنصيبن کي هميشه واري خوشي ملي. جديد مسيحيت لاءِ اهو وڏو مسئلو آهي ته ان جو سارو دارومدار اميرن تي آهي، جڏهن ته ان جي فطري محبت نادارن سان آهي انهن ٻن متضاد لاڙن کي هوءَ ڪيئن ملائي؟

مان مسيح جي اخلاقيات ۽ اشتراڪيت کي ناانصافي ۽ ناداريءَ جي ان پسمنظر ۾ ٿو ڏسان، بلاشڪ ته مسيح هڪ اشتراڪي هو، هن جو ايمان هو ته زندگيءَ جي بنيادي ضرورت جون سڀ شيون سيني جي گڏيل ملڪيت آهن، اميرن کي گهرجي ته پنهنجي دولت ۾ غريبن کي شريڪ ڪن، نتشي چيو هو ته مسيح زنده هجي ها ته کيس سائبيريا موڪلي ڇڏن ها. امير يا غريب جيڪو به هن جو سادو داستان پڙهي ٿو اهو هن ڏانهن ڇڪجڻ کان پاڻ کي جهلي نٿو سگهي. هو بلاشڪ ته تاريخ تي تمام وڏو اثر ڇڏيندڙ شخصيت آهي، اها وڏي ڏک

جي ڳالھ آهي پر اها ان وقت جي ضرورت هئي جو هن عظيم شخصيت کي هڪ دين ۽ گرجا سان ڳنڍيو ويو. چاڪاڻ جو جڏهن ان دين ۽ گرجا جو اثر ختم ٿيندو تڏهن گهٽ ۾ گهٽ ماڻهو انسانيت جي ان عظيم معلم کي وساري چڪا هوندا.

هن جو اخلاقي سرشتو، اصليت جي لحاظ کان يهودين جي بهترين انسانن جي اخلاقي سرشتي جي نمائندگي ٿو ڪري، ڪلاسنر Klausner ٻڌائي ٿو تہ ڪيئن مسيح پنهنجي دور جي روح جو حصو هو ۽ ڪيئن هن کي اسرائيل جي پيغمبرن ۽ اخلاق جي استادن جو ورثو مليو هو. هليل Hillel جيڪو گماليئل جو پرڏاڏو هو ۽ جنهن ولي پال کي تعليم ڏني هئي. اهو ڪٿي ڪٿي مسيح واريون ڳالهيون ڪندو ٿو نظر اچي، هن مسيح کان هڪ نسل اڳ چيو هو: ”پنهنجو پاڻ کي پاڙيسريءَ جي جاءِ تي رکي پوءِ هن لاءِ رايو قائم ڪر.“ ”منهنجي نوڙت منهنجي وڏائي ۽ منهنجي وڏائي منهنجي نوڙت آهي.“ ”ٻين سان اهڙي هلت هل جهڙي تون چاهين تہ ٻيا توسان هلن. اهوئي اصل قانون آهي ٻي ساري ان جي تفسير آهي.“ ويل هائوسن چيو: ”مسيح عيسائي نہ هو، يهودي هو.“ رينان چيو: ”مسيحيت يهوديت جو ڪارنامو آهي“، هيني جو هي جملو مشهور آهي تہ ”مسيحيت يهوديت جي بدعت آهي.“

بهرحال مسيحيت يهوديت ۾ هڪ نئين عقيدي جو واڌارو ڪيو جيڪو مسيح جي شخصيت ۽ سندس ديومالائي ڪردار جي ڪري ڏاڍو مقبول ٿيو. پنهنجي تبليغ جي شروعات ۾ مسيح آخرت جو تمام گهٽ ذڪر ڪيو. هن خدا جي بادشاهت جو ذڪر ڪيو جڻ اها هن زمين جي بادشاهت هئي يا جيڪا روح جي ٻي غرض پاڪائي هئي. بقا جو تصور يهودي مذهب ۾ تاريخي نہ آهي، پنهنجي اقتدار جي زماني ۾ يهودين بقا جي تصور کي لازمي نٿي سمجهيو. هنن جو چوڻ آهي تہ فرد کي اجتماع ۾ ملي وڃڻ گهرجي ۽ شخصي نجات جي بدران رياست جي ڀلائيءَ جو اونو ڪرڻ گهرجي. حضرت ايوبؑ پنهنجي نسل جو پهريون شخص هو جنهن شخصي بقا جي تصور تي سوچيو، هن جو خيال هو تہ جيستائين مان ائين نہ سمجهان تہ هن دنيا ۾ هڪ نيڪ انسان جي بدنصيبيءَ جو اجر خدا هن کي اڳئين جهان ۾ ڏيندو

تسيتائين مان هڪ نيڪ خدا تي ايمان آڻي نٿو سگهان. يهودي جڏهن دنياوي فتح کان مايوس ٿيا تڏهن هنن جي مذهبي ڪتابن ۾ اهڙي جنت جو ذڪر اچڻ شروع ٿيو جنهن ۾ عملن جي سزا ۽ جزا ملندي. مسيح به ائين ڪيو. هو جڏهن دنيا ۾ خدا جي بادشاهت قائم ڪرڻ کان مايوس ٿيو تڏهن هن بادشاهت جي ان تصور کي جنت جي تصور ۾ بدلايو هن حشر جي ڏينهن جو ائين ذڪر ڪيو ته ان ڏينهن انساني نسل جو اڌ، (جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي دنيا جون حسين عورتون هونديون) هڪ اهڙي ابدي جهنم ۾ داخل ڪيو ويندو جنهن جي باهه ڪڏهن نه وسامندي ۽ نه وري ان ۾ داخل ڪيل انسان مرندو.

**ميٿيو**: تو جيڪا تصوير چٽي آهي اُن ۾ خدا جو نرم دل پٽ ته مون کي ڪٿي به نظر نٿو اچي.

**فلپ**: اسان ٻنهي جون چٽيل تصويرون غلط آهن، فلسفي جو حسن ئي اهو آهي ته ان ۾ ڪابه ڳالهه يقيني ۽ آخري نه هوندي آهي. انڪري ئي فلاسفر نه هڪ ٻئي کي قتل ڪندا آهن ۽ نه ماڻهن کي جنگ جي باهه ۾ اُڇلائيندا آهن مون کي مسيح جي آخري زماني واري تعليم ۾ انڪري هڪ عجيب قسم جي ڪراڙ تي محسوس ٿئي جو مان ان کي هن جي اخلاقي نظرين جي پسمنظر ۾ ٿو ڏسان ۽ هن هڪ ناممڪن تڪميل جو جيڪو تصور ڏنو، جنهن تصور جي هو تبليغ ڪندو رهيو. ان تي ٿو پرکيان. هن جي اها اخلاقي تصور پرستي منهنجي خيال ۾ مسيحيت جو روح آهي جنهن ماڻهن کي مهذب بنائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. مان هن جي اخلاقي تعليم تي حيران ٿيندو آهيان ته باندر ۽ جهنگ مان ڪيئن اهڙو انسان پئدا ٿيو جنهن ۾ ساري ڪائنات جي باري ۾ سوچڻ،ان سان محبت ڪرڻ ۽ ان لاءِ ڏک سهڻ جي صلاحيت هئي.

**ميٿيو**: فلپ! ڇا تون ائين نٿو سمجهين ته ڪو ديوتا ئي ايذا ايذاءُ سهي ۽ ايڏي محبت ڪري سگهي ٿو.

**فلپ**: ان باري ۾ به اسان يڪراءِ نه آهيون، مسيح جي اخلاقي نظريي تي به اعتراض ڪري سگهجن ٿا. اسان مان ڪن ٿورن ماڻهن ۾ ايتري اخلاقي جرئت آهي جو هو وڏي واڪي چئي سگهن ته مجموعي

طور مسيح جي اخلاقي تعليم عمل نہ ڪري سگهڻ واري آهي. اسان لاءِ اهو ناممڪن آهي تہ اسان پنهنجو ۽ پنهنجي ڪاڏي پيتي جو خيال نہ ڪيون، اسان هوا ۾ اڏامندڙ پکين ۽ باغ جي گلن وانگر زندگي گذاري نٿا سگهون. پاڙيسرين سان ائين محبت ڪرڻ جيئن اسين پاڻ سان ڪيون ڏکيو آهي ۽ دشمن سان محبت ڪرڻ تہ ناممڪن آهي، فطرت جي چونڊ ۽ جيئڻ لاءِ جدوجهد جي اصولن تي جيئڻ وارن انسانن جي دنيا ۾ عدم تشدد جارحاڻي ظلم ۽ غلاميءَ کي دعوت ڏيڻ برابر آهي، جيڪا قوم دشمن سان محبت ڪندي ان جونالو نشان مٽجي ويندو، لاؤزي سکيا ڏني آهي تہ پنهنجي دشمن سان محبت ڪيو پر ڪنفيوشس چيو تہ پوءِ رحمدليءَ جو عيوضو ڇا ڏجي. نيڪيءَ جي بدلي ۾ نيڪي پر بديءَ جي بدلي ۾ انصاف ڪيو.

**پال**: اسان کي ياد رکڻ گهرجي تہ جيتوڻيڪ مسيح جا اخلاقي نظريا ايترا تہ مڪمل آهن جو انهن تي عمل ڪرڻ ڏکيو آهي پر بربريت ۽ وحشت ۾ ورتل دنيا لاءِ اهي ضروري هئا، مسيحيت اهڙي تعليم سان اسان جي نسل جي بربريت ۽ وحشت واري فطرت ۾ اعتدال پسندي پئدا ڪرڻ تي گهري ۽ اهڙي تعليم جي هزار سالن تائين تبليغ ماڻهن تي وڏو اثر ڪيو. منهنجو خيال آهي تہ اڄ اسان يونانين ۽ رومين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ رحمدل، وڌيڪ سخي ۽ وڌيڪ امن پسند آهيون، اسان غريبن جي استحصال کي گهٽايو آهي، بربريت کي نرميءَ ۾ بدلايو آهي ۽ انسان جي ڪردار کي اعليٰ بڻايو آهي.

**فلپ**: ڪڏهن ڪڏهن مان سوچيندو آهيان تہ مسيح جڏهن اهڙي اخلاق جي وات تي ڏسي تڏهن هن جي ذهن ۾ پنهنجا مريد ۽ پوئلڳ هئا. هن ڪين اهڙي راهباڻي تعليم ڏيڻ تي گهري جو هنن جي شخصيت دنياوي حرص ۽ لالچ جي خلاف فولادي بڻجي، افلاطون پنهنجي فلاسافر بادشاهن کي راهباڻي اشتراڪيت سان انساني خامين کان محفوظ ڪرڻ تي گهريو. مسيح پنهنجن پوئلڳن کي نصيحت ڪئي تہ شادي نہ ڪيو ۽ شين جا مالڪ نہ ٿيو. هن جي ذهن ۾ پنهنجن پوئلڳن جو راهباڻو تصور هو. هن کي خبر هئي تہ ماڻهو شادي ۽ جائداد جي اجاين ٻنڌڻن کان آجا نہ ٿيندا. اها غلط سوچ هئي تہ هن جي اهڙي تعليم

عام ماڻهن لاءِ به هئي. اهڙي غلط سوچ مسيحيت کي هڪ وڏنڊڙ مفاهمت بڻائي ڇڏيو جنهن جو دنيا تي عملي طور اثر نه ٿيو.

**اينبريو:** مون کي ان احترام جي قابل استاد جي اها ڳالهه ڏکي ٿي لڳي ته هو جسم جي خلاف ۽ انساني جبلتن جي عام للتن کان بيزار هو منهنجي خيال ۾ هو يهودي پيورٽين هو.

**ميٿيو:** تون غلط ٿو سمجهين، ڪينا Cana ۾ هو پاڻيءَ کي شراب ۾ بدلائڻ کان نه هٻڪيو. هن جي دور جا احمق چوندا هئا ته هو شرابين ۽ گنهگار عورتن سان نرميءَ واري هلت ٿو هلي. هن هڪ ماءُ وانگر جسماني گناهه کي برداشت ڪيو. ڇا تون ان عورت جي ڳالهه وساري ڇڏي جيڪا زنا ڪندي جهلي هئي.

**فلپ:** ميٿيو، اها عورت واري ڪهاڻي مشڪوڪ آهي، پر ان ڪهاڻيءَ مان خبر ٿي پئي ته مسيح جي شخصيت ۾ عورت لاءِ وڏي نرمي هئي. اميرن کي ننڊڻ ۽ نادارن سان بي انتها محبت هن کي هڪ بن صدين تائين مذهبي ڪهاڻين جومرڪزي ڪردار بڻائي ڇڏيو. ان مان ظاهر ٿو ٿئي ته انسان اهڙين روايتن جو هميشه کان بکيو رهيو آهي. اهڙين پراڻي روايتن، مسيحي مذهب جي جوڙجڪ ڪئي. خدا جو پٽ هجڻ جو تصور، اهڙو نجات ڏياريندڙ جيڪو ڪُنواريءَ جي ڪُک مان پئدا ٿيندو. انسانن جي گناهن جي ڪفاري لاءِ پنهنجي جان ڏيندو. پوءِ قبر مان اُٿندو. اهڙيون روايتون مسيحيت کان اڳ ڪيترن مذهبن ۾ موجود آهن. هندوستان ۾ گهڻو ڪري اهي سڀ خاصيتون ڪرشن ۾ آهن مصر ۾ هورس Horus ۽ ميڪسيڪو ۾ ڪيوٽسالڪوٽل Quetzlacoatl ۾ ملن ٿيون.

**ٿيون ڊور:** عام يونانين جي روايت مطابق آرفيئس ديوتا قتل ٿيو، دوزخ ۾ پيو ۽ وري جيئرو ٿيو، اها ساڳي روايت پراميٿيئس، ايڊونس ۽ هيراڪلس لاءِ به مشهور آهي.

**سرجيمز:** خدائن جي انسان بڻجڻ واري روايت پراڻن مذهبن ۾ عام آهي. چين جي علائقي پيڪن ۾ نوآباديات واري ڪاٽي جي رجسٽر ۾ انهن خدائن جا نالا داخل ٿيل آهن جن انساني شڪل اختيار ڪئي ۽ هڪ سؤ سٺ خدائن دنيا ۾ زنده رهڻ جو لائيسن حاصل ڪيو هو.

ڪنهن زماني ۾ ماڻهو هڪ ٻڪر قربان ڪندا هئا ۽ سمجهندا هئا تہ ائين ڪرڻ سان سندن گناهن جو ڪفارو ادا ٿيندو، ديوتا خوش ٿيندا ۽ زمين تي ڪٽڪ جو فصل وري پئدا ٿيندو. ان مان مسيح جي ڪفاري ادا ڪرڻ وارو تصور اڀريو. قربانيءَ سان ڪفاري وارو تصور گهٽي ياڳي هر قوم ۾ آهي.

**ايسٽر:** سترهين صديءَ ۾ زباتي زيوي Zabbatai Zevi مسيح هجڻ جي دعويٰ ڪئي ۽ چيائين تہ يهودين جي هدايت لاءِ خدا هن کي موڪليو آهي.

**سر جيمز:** هن کان پوءِ اهڙو هڪ ٻيو مسيح بہ آيو. 1830ع ۾ ڪينٽڪي ۾ هڪ شخص اعلان ڪيو تہ هو خدا جو پٽ ۽ انسانيت کي نجات ڏيارڻ وارو آهي. هزارين ماڻهن هن تي ايمان آندو ۽ هن جو پيغام پکيڙيو ويو. هڪ دفعي هن جي هڪ پوئلڳ هن کي عرض ڪيو تہ هو ان علائقي جي جرمن قوم جي ماڻهن کي جرمني زبان ۾ پيغام ڏي جو هنن کي انگريزي نٿي اچي ۽ اها وڏي ڏک جي ڳالهہ ٿيندي، جو انگريزي نہ اچڻ جي ڪري ڪين دوزخ ۾ وڃڻو پوندو. مسيح چيو تہ هن کي جرمن زبان نٿي اچي. اهو ٻڌي هن جي پوئلڳ کان دانهن نڪري وئي تہ تون خدا جو پٽ آهين ۽ توکي جرمن زبان نٿي اچي ۽ ائين هن جي مڃتا ختم ٿي.

**فلپ:** مسيح کي خدا بڻائڻ کان پوءِ سندس اوائلي پوئلڳن کي بہ ڪم ڪرڻا پيا. هڪ تہ 3 جي مقدس انگ کي منطقي شڪل ڏيڻي پئي ۽ ٻيو تہ خدا جي وحدانيت واري عقيدي کي قائم رکڻ لاءِ ڪي دينياتي تصور گهڙڻا پيا. يهودين جو خدا جنگ ۽ طاقت جو خدا هو جڏهن تہ نادارن کي جن کي مسيحيت پسند پئي هئي بخشش، رحم ۽ محبت ڪرڻ واري خدا جي ضرورت هئي ان ڪري يهوداه خدا فوت ٿيو ۽ اسان جي پيءُ خدا جنم ورتو. خدا جي اهڙي وسيع تصور سان شر جي مطابقت پئدا ڪرڻ لاءِ لازمي ٿي پيو تہ ايرانين جي اهل ڪندي شر جو بہ هڪ ديوتا شيطان يا ليوسيفر تخليق ڪيو وڃي ان ڪانسواءِ نئين مذهب کي بحره روم جي قوم جي ان عقيدي سان مطابقت پئدا ڪرڻي هئي تہ خدا ٽي هوندا آهن. هندن، مصرين، فينيشين ۽ رومين ٽن خدائن

جي عبادت جو اصول ناهيو هو پر يهودين جي خدا وحدانيت واري تصور جي ڪري هنن ٽن خدائن جي تصور کي تثليث جي شڪل ڏني ۽ اسڪندريه جي فلاسفرن ان کي يوناني فلسفي ۽ روايت جي سانچي ۾ وڌو. مسيحي عالمن مذهب جي تعمير خدا جي وحدانيت واري تصور مطابق ڪئي پر عوام ان کي گهڻن خدائن واري عوامي تصور جي تصديق سمجهيو. مريم وري وينس، افروڊٽي، اِستر، آسيس ۽ عظيم ماءُ واري تصورن جي جاءِ ورتي، مريخ ميخائيل ۽ مرڪري گيبرئيل ٿي ويا ۽ ان ڪانپوءِ عام فطرت پرستيءَ وارن ديوتائن جي جاءِ ولين ۽ رسولن ورتي هر قوم، هر شهر، هر وسندي جو هڪ رسول هو ۽ اهڙيءَ طرح گهڻن ديوتائن جي پوڄا ڪرڻ واري انسان جي فطري لاڙي کي وحدانيت پرستيءَ ۾ جاءِ ملي.

ساڳئي نموني پراڻي زماني جا مذهبي ڏڻ به برقرار رکيا ويا ۽ نوان ڏڻ ق.م وارن مقدس ڏڻن تي مقرر ڪيا ويا. ايسٽر جي ڏڻ، يهودين جي پاس اووَر، بابل جي اشتر جي رسم ۽ يونان جي ايڊونس جي وري جمڻ واري ڏڻ جي جاءِ ورتي. ڪرسمس اصل ۾ مصرين جو سج جي جمڻ جو جشن هو. هو هڪ ٻار جو بت ناهيندا هئا جيڪو نئين چاول سج جي علامت هوندو هو. پوڄاري ان بت کي بازار ۾ گهمائي عقيدتمندن کي ديدار ڪرائيندا هئا. ائين پراڻين رسمن کي نئين گهرجن مطابق ٺاهيو ويو. مذهبي غسل (بپتسا) واري رسم ٻار جي بالغ ٿيڻ واري رسم هئي، ان جي اوائلي شڪل هي هئي ته ٻار کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙيندا هئا ۽ پوءِ ان کي بچائڻ جو ناٽڪ ڪندا هئا جنهن جي معنيٰ هئي ته ٻار ٻيو جنم ورتو آهي.

ٿيوڊور: ڊائيونيسس جي مذهب ۾ نئين بالغ ٿيل کي به دفعا چاول ٻار چوندا هئا.

**فلپ**: سرجيمز اسان کي ٻڌائي چڪو آهي ته خدائي دعوت ديوتائن کي کائڻ جي رسم هئي، مسيحن جون ڪي رسمون به يهودين جي رسمن جي بدليل صورت آهن، شروع ۾ گرجائون يهودين جي عبادتگاهن جهڙيون هونديون هيون. آهستي آهستي اهي پراڻيون رسمون نئين شڪل ۾ ڳتيل ٿينديون ويون ۽ عقيدا به وڌيڪ منجهيل

ٿيندا ويا. پادرين جي طاقت وڌندي وئي، پنهنجي خاص علم جي ڪري هو گنهگار انسانن ۽ خدا جي وچ ۾ وسيلو بنجي ويا. هو ڪي رسمون پوريون ڪندا هئا تہ خدا جي رضا حاصل ٿيندي هئي. ارڙهين صديءَ ۾ ماڻهن ۾ اهو شعور جاڳيو تہ پادرين مذهب ناهيا آهن، والٽيئر سوال ڪيو تہ اهو ڪير هو جنهن مذهب جو بنياد وڌو؟ ۽ پاڻ ئي جواب ڏنائين تہ هو اهو بدمعاش هو جنهن جو پهرين احمق سان واسطو پيو. اصل حقيقت هيءَ آهي تہ پادرين مذهب کي جنم نہ ڏنو پر مذهب پادرين کي جنم ڏنو ۽ ماڻهن جي اميد پرستيءَ مذهب جي اوسر ڪئي ۽ هميشہ ڪندي رهندي، پادرين گرجا جي اوسر ڪئي ۽ پاڻ کي هڪ مستقل نظام ۾ مضبوط ڪيو. ان لاءِ پئسا عوام ڏيندو هو ۽ انتظام پادري هلائيندا هئا هنن ڪانسٽينٽائن کي مسيحيت ۾ آندو، اميرن جا چندا قبول ڪيا ۽ گرجا جيڪا ڪڏهن غريب ماڻهن جي عبادتگاهہ هئي سا سڀ کان امير ۽ سڀ کان سگهارو ادارو بڻجي وئي. مذهب جي اصلاح کان اڳ ڪليسا يورپ جي آباديءَ لائق زمين جي ٽي ڀاڱي هڪ حصي جي مالڪ هئي ۽ هن جو خزانو پرپيل هو. اهوئي سبب آهي جو پادري پنهنجي رهبر جي پيغام کان اڻڄاڻ ۽ هر قسم جي دنياداريءَ جو شڪار ٿي ويا. يورپ جو مسيحيت ڏانهن لاڙو ٿي چڪو هو. مسيحيت جي مشرقي مسلڪ، جنهن ۾ شدت جو عنصر شامل هو، ختم ٿيو ۽ فطرت پرستيءَ واري مسلڪ جي نرمي شامل ٿي، مذهب نادارن ۾ پيدا ٿيندو آهي ۽ اميرن ۾ مقبول ٿيڻ ڪانپوءِ مري ويندو آهي.

مذهب جي اصلاح واري تحريڪ مسيحيت جي اوائلي سادگي ۽ رهبانيت کي نئين سر جيئارڻ جي ڪوشش ڪئي. اها تحريڪ ڪامياب ٿي ۽ ان اُتساهيندڙ انفراديت جي رجحان کي عام ڪيو. ان ڪانسواءِ نفس کي ضابطي ۾ رکڻ ۽ شخصيت کي مضبوط بنائڻ جو اهڙو اخلاقي نظام جوڙيو جنهن جو مقابلو دنيا جو ڪوبہ نظام ڪري نٿي سگهيو. جديد سياسي ۽ اقتصادي تاريخ جون سڀ عظيم شخصيتون پروٽيسٽنٽ آهن، پر هنن کي اها عظمت ماڻڻ لاءِ قدرن جي قرباني ڏيڻي پئي. پروٽيسٽنٽ تحريڪ هڪ مڪمل ڪليسا جي جاءِ هڪ مڪمل ڪتاب کي ڏني جيئن تہ گرجا وچ ۾ نہ هئي انڪري هر

ماڻهوءَ کي اجازت ملي ته هو پنهنجي سمجهه آهر الهامي ڪتاب جي تشريح ڪري. نتيجو اهو نڪتو جو هرهڪ پروٽيسٽنٽ هڪ نئو فرقو ٺاهيو ۽ اهو مسلڪ هزارين حصن ۾ ورهائجي ويو. اوائلي مسيحيت کي نئين سر جيئارڻ جي ڪوشش سان هنن مسيحيت ۾ يهوديت جي روح کي بحال ڪري ڇڏيو ۽ اخلاقيات ۾ شدت پسنديءَ واري پارسائيءَ کي شامل ڪيو جنهن ٻن سو سالن تائين فن کي تباهه ڪيو. ڪيٿولڪ مذهب اسان کي حسن ڏنو پر اهو حق کان پري هو. پروٽيسٽنٽ مذهب اسان کي حق ڏنو جيڪو حسن کان خالي هو، منهنجي خيال ۾ ته فتح نيٺ حسن جي ٿيندي.

## ڪيٿولڪ ۽ پروٽيسٽنٽ مسلڪ:

ميٿيو: ”حسن ۽ حق“، فلپ! تو ڪڏهن سوچيو آهي ته حق حسن کان وڌيڪ معروضي ناهي. خدا جي باري ۾ به ايتروئي اختلاف آهي جيترو......

اينڊريو: جيترو ديوين جي باري ۾.

ميٿيو: ائين نٿي سمجهه، بي ايمان اينڊريو! تون مذهب کي محسوس ڪري نٿو سگهين ڇاڪاڻ جو تون حسن کي خواهش کان ڌار ڪري محسوس نٿو ڪرين يعني تون ان بيپناهه حسن کي محسوس نٿو ڪرين جيڪو زمين خزان جي مند ۾ ظاهر ڪندي آهي. يا وري سياري جي سجري صبح جو هرهڪ وڻ کي برف جا زيور پاتل هوندا آهن ۽ گهرن جون ڇتيون برف جي اڇاڻ سان جرڪنديون آهن، ان حسن جي آڏو حق ڦڪو لڳندو آهي. پر اي شڪي سياءَ وارا انسان! تون ڪيئن ٿو چئي سگهين ته تو حسن کي حاصل ڪيو آهي. تنهنجي سائنس روز ٿي پاڻ مٽائي. پنجاهه سال اڳ سائنس مادي بابت جيڪو ڄاتو ٿي اڄ ان کان گهڻو گهٽ ٿي ڄاڻي. تنهنجو حياتيات وارو علم هر ٽيهن ورهين کان پوءِ هڪ يقين کي رد ڪري ٻيو يقين اختيار ٿو ڪري. هڪ نسل ماحول کي سڀ ڪجهه ٿو سمجهي. ٻيو نسل ورثي کي ٿو سمجهي، ٽيون نسل وري ڪن ٻين نتيجن تي ٿو پهچي. هڪ نسل ۾ باندر اسان جو ڏاڏو آهي، ٻئي نسل ۾ سوٽ آهي ته ٽين نسل

۾ اسان جو ڪجھ نہ لڳي، ائين سائنسي نظريا ۽ تصور بدلجندا رهن ٿا. منهنجي نفسيات تہ اجا اهو بہ سمجهي نہ سگهي آهي تہ شعور جو وجود آهي حساب جو علم پڪ سان ٻڌائي نٿو سگهي تہ ٻن ٻڙين جي وچ ۾ سڌي ليڪ جو فاصلو سڀ کان گهٽ فاصلو آهي. ۽ تنهنجي مرضي آهي تہ انهن فاني حقيقتن تي مان ان حسن کي قربان ڪيان جيڪو مسيحيت مون کي ڏنو آهي. ڇا تون اها ڳالھ نٿو سمجهين تہ اسان پاڻ کي نهايت اهم سمجهڻ وارا ذرڙا آهيون ۽ سمجهون ٿا تہ اسان زندگيءَ جي هڪ رُخ يعني انساني عقل جي ذريعي ساري ڪائنات کي سمجهي سگهون ٿا. اوهان جو عقل حواسن ۽ منطق تي ياڙڻ ڪانسواءِ ٻيو ڇا آهي. اهي حواس جيڪي شين جي حقيقت کي مسخ ڪندا آهن ۽ اهو منطق جيڪو هر تعصب کي نئين شڪل ڏيئي سگهندو آهي.

منهنجي خيال ۾ تہ دنيا جي نظرين مان ڪنهن هڪ سچي نظريي جي چونڊ ڪرڻ ڏکيو آهي. انڪري مان ان نظريي مان خوش آهيان جيڪو مون کي حسن جي ساڄھ تو ڏي ۽ دل ۾ اميد تو پئدا ڪري. جڏهن سڀ عقلي نظريا اهميت وڃائي ويهندا تڏهن عقيدو انسانن جي دلين ۾ اتساھ پئدا ڪندو. شايد اوهان جا پوٽا ۽ ڏوهٽا اوهان جي ان شڪ واري نظريي کان جيڪو اوهان هنن کي ورثي ۾ ڏيئي ويندا، بيزار ٿي عقيدي ڏانهن لاڙو ڪن. اولھ جي دنيا ڏينهون ڏينهن مذهب جي اصلاح واري غلطيءَ مان نڪرندي پئي وڃي. ڪيترا پروٽيسٽنٽ فرقا هڪ ٻئي جي جهيڙن کان بيزار ٿي وري پراڻي عقيدي ڏانهن موٽندا ۽ باقي بچيل فرقا جدت پرستي ۽ جم روڪ سان ختم ٿي ويندا. فرديت جي اُڌوهي انهن گرجائن کي کائيندي ٿي وڃي جن رومي ڪليسا جي خلاف بغاوت ڪئي. جڏهن هرهڪ ماڻهو پاڻ کي فلسفي ۽ دينيات جو ماهر سمجهڻ شروع ڪري تہ پوءِ مذهب ۾ بہ جمهوريت وانگر وڳوڙ ۽ انتشار پئدا ٿي ويندو آهي. جڏهن فرد ڪٽنب جي ۽ لذت پرستي شاديءَ جي جاءِ والاري تہ پوءِ نسل جو زوال ٿيندو آهي. خدا جو شڪر آهي جو ڪيتولڪ فرقي جا مرد ۽ زالون آخر تائين

هڪ ٻئي سان وفادار ٿا رهن ۽ ٻارن جي فطري اوسر تي ٽئي ۽ هو پنهنجي مرضيءَ واري راند روند سان گهر کي رونق ٿا بخشن.

**پال:** ميٿيو! تون سچ ٿو چئين تہ اسان پروٽيسٽنٽ فرقي پرستي ۽ ڄمر روڪ سان پاڻ کي ختم پيا ڪيون. آمريڪا ۾ پنجن مسيحن مان ٻن جو واسطو گرجا سان آهي جيڪڏهن اهو لاڙو رهيو تہ 2000 عيسوي تائين هي سمورو ملڪ اوهان جو ٿي ويندو. شايد تہ اها سٺي تبديلي هوندي. مان مڃان ٿو تہ اوهان جو فرقو خوشي ڏيڻ وارو ۽ حسين آهي. مان اهو بہ مڃان ٿو تہ اوهان جو پيغام وارو نظريو عقل تي ٻڌل آهي. گرجا جي نظام ۾ عظمت آهي، پادرين ۾ سخاوت ۽ شرافت آهي، راهبائن ۾ وڏي درويشاڻي صفت آهي، شايد زندگي پنهنجن مايوسين ۽ سورن جي ڪري ان شاعريءَ کانسواءِ ناقابلِ برداشت ٿي وڃي جيڪا پراڻو ايمان اسان جي بي مزي زندگي ۾ پيدا ڪندو ٿو رهي. پر سچ پڇين تہ مون کي تنهنجي فرقي کان ڊپ ٿيندو آهي. مان وساري نٿو سگهان تہ ڪنهن زماني ۾ توهان جي گرجا ظلم ۽ تشدد جي حمايت ڪئي هئي. ڪوپرينيڪس کي جلاوطن ڪيو هو. گيليلو کي زوريءَ ماٺ ڪرايو هو ۽ برونو کي جيئري باهہ ۾ ساڙايو هو. گرجا علم جي ترقي ۽ انساني ذهن جي آزاديءَ جي واٽ ۾ وقت بوقت رنڊڪون وجهندي رهي هئي، مون کي اهو سوچي ڏک ٿيندو آهي تہ جيستائين ڄمر جي انگ ۾ ڪا وڏي تبديلي نٿي اچي تيستائين تہ ائين ٿو لڳي تہ هن صديءَ ۾ ئي اوهان جو فرقو آمريڪا تي ڇانئجي ويندو آمريڪا ۾ اهو فرقو اڳ ۾ ئي هڪ منظم اقليت آهي، بوسٽن ۽ فلاڊيلفا اسان جي فرقي جا گهر هئا هاڻي ڪيٿولڪ فرقي جا شهر آهن. نيويارڪ ڊچ ۽ انگريز پروٽيسٽن جو گهر هو هاڻي ڪيٿولڪن جو شهر آهي.

**ميٿيو:** تنهنجي مرضي آهي تہ اسان جو وارو نہ اچي؟ اوهان جي جاهلن هٿان ظلم سهڻ کان پوءِ اسان کي بہ عزت آبرو سان جيئڻ جو حق آهي يا نہ؟ اها ڳالهہ بہ صحيح نہ آهي تہ گرجا هميشہ علم جي ترقيءَ جي مخالفت ڪئي آهي. پنهنجي مقبوليت جي زماني ۾ انهن غلط تصورن جي مخالفت ڪئي جيڪي پنهنجي دور جا فيشن هئا ۽

ڪوشش ڪئي تہ پنهنجن ڪارڪنن کي انهن علمي مونجهارن ۾ ڦاسڻ کان بچائي. اهو صحيح آهي تہ ڪڏهن گرجا پراڻي دور جي غلط ڳالهہ جي حمايت ڪئي آهي پر اوهان انسان مان نيٺ ڪهڙي توقع ٿا ڪري سگهو، ڇا اوهان جي ان سياسي جماعت ڪڏهن ڪا غلطي نہ ڪئي جنهن جي اوهان گذريل چوندن ۾ حمايت ڪئي هئي. هيءَ حقيقت آهي تہ گذريل ٻن هزار سالن ۾ گرجا هڪ عظيم اخلاقي، فني ۽ ذهني قوت جي حيثيت ۾ تاريخ تي اثرانداز ٿيندي رهي آهي."اسپين جي عدالت جي جاچ" مذهب جي اصلاح واري تحريڪ جو نتيجو هئي. اها رڳو ڏپ ۽ هراس جي وقتي علامت هئي. ڪير هو جنهن آمريڪا ۾ سڀ کان پهرين عبادت جي آزاديءَ جي روايت وڌي، نيوانگليند جي انهن مهاجرن نہ وڌي جن Quakers کي گرم سيخن جا ڏنڀ ڏيئي ڪين سڌارڻ تي گهريو. اهي ميري ليند جا ڪيٿولڪ هئا. اسان مان جهالت جي حمايت ڪرڻ ۽ سائنس جي دشمنيءَ جو ڏوهاري ڪير آهي؟ ڪيٿولڪ فرقو آهي. ان فرقي کي آسٽريا، بيويريا ۽ فرانس ۾ وڏي مقبوليت جي عروج واري زماني ۾ بہ ان فرقي ڪڏهن سوچ جي آزادي ۽ علم جي ترقيءَ جي مخالفت نہ ڪئي. جڏهن تہ آمريڪا جي بنياد پرست پروٽيسٽنٽ جن ڀهراڙيءَ جي اسيمبلين يا سادن هارين کي اختيار ڏنو آهي تہ هو جديد حياتيات لاءِ فيصلو ڪن تہ ان سائنس جو ڇا سچ آهي. ۽ ڇا ڪوڙ آهي؟ ڇا اهي ڪڏهن غلطي نہ ڪرڻ واريون اسيمبليون ۽ هاري، غلطيون ڪرڻ واري گرجا کان بهتر آهن.

**پال:** ميٿيو، تو هنڌائتو ڏڪ هنيو آهي. مان هنن جي حمايت ۾ ڪجهہ نہ چوندس. هو جهالت جي آخري مورچي ۾ وينا آهن، اسان جا اسڪول ۽ يونيورسٽيون هنن جي اثر کان آجا ٿي ويندا. منهنجو پروٽيسٽنٽ عقيدو ان وهم پرستيءَ کان بچاءُ جي پناهہ گاهہ آهي. اسان جيڪڏهن انهن ماڻهن جي اڳيان آمريت جو اعلان ڪنداسين جن جي دنل ۾ هراسيل زندگين ۾ خدا هڪ وڏي حقيقت آهي ۽ موت کان پوءِ وري غيرفاني حياتيءَ جو تصور وڏو آٿت آهي تہ پوءِ اسان هنن ۾ اڳرائيءَ واري اڻ سهپ ۽ پنهنجي دلي سڪون جي بچاءَ خاطر ڪين تشدد تي لهي اچڻ لاءِ مجبور ڪنداسين. هڪ ٻئي کان ڊپ ۽ نفرت جي

اهڙي ماحول ۾ منهنجو جديد عقيدو اسري نٿو سگهي. خطري ۾ عقل وسري ويندو آهي. پر فتح نيٺ اسان جي ٿيندي، وچولو طبقو وڌندو، تعليم وڌندي ته اسان جي عقيدي کي هٿي ملندي ۽ شايد ڪيٿولڪ مسلڪ جي فتح سيني آزاد خيال ماڻهن کي هڪ اهڙي سهپ واري مسيحيت ۾ متحد ڪندي جيڪا پنهنجن پوئلڳن کان خدائي ايمان ۽ مسيحي اخلاق تي عمل ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهه نه طلبيندي.

ڪليرنس: پال، تو وارو فرقو ختم ٿيندو پيو وڃي، هن جي زوال کي ڏس. اهو هزار فرقن ۾ ورهائجي چڪو آهي ۽ هر فرقو پنهنجي عقيدي کي آخري سچ ٿو مڃي ۽ ٻين نو هزار نو سو نوانوي فرقن سان نفرت ٿو ڪري.

پال: هاڻي گهٽي ٿي، ڪليرنس مڃان ٿو ته پروٽيسٽنٽ فرقو ورهائي ٿو، ڳنڍي نٿو. اسان جو طريقو اهو آهي ته فرد کي ڇڏي ڏيندا آهيون ته هو پنهنجي ضمير مطابق جيڪي ٿيڻ چاهي ٿئي، هي فرقو ان سخت نظام کان بهرحال بهتر آهي جيڪو انفراديت ۽ اختلاف راءِ کي چيپاٽي ٿو ڇڏي.

ميٿيو: مرڪزي نظام جو متبادل انتشار آهي.

ڪليرنس: پروٽيسٽنٽ فرقو مرڪزيت نه هجڻ جي ڪري تباهه ٿي ويندو. هي فرقو رومانيت ۽ علم جو امتزاج آهي. والٽيئر جيڪا عوام لاءِ ڳالهه ڪئي هئي سا مذهب سان ٻه لاڳو ٿئي ٿي ته مذهب جڏهن دليل ڏيڻ شروع ٿو ڪري تڏهن ختم ٿو ٿي وڃي، پروٽيسٽنٽ فرقي جو، مذهب جي اصلاح واري دور کان زوال شروع ٿيو. پال چيو هو ته علم مذهب جو مددگار آهي جڏهن ته علم جو واڌارو مذهب جو دشمن آهي. سائنس جي ترقيءَ سان ڪيٿولڪ مسلڪ تي ڪو اثر نٿو پوي. ڇاڪاڻ ته ڪيٿولڪ مسلڪ دليلن تي نٿو پاڙي. هو عمل جي بدران دل ۽ نظر ۾ تحرڪ پئدا ٿو ڪري ۽ جڏهن دل ۽ نظر مطمئن ٿينديون آهن ته ذهن کي سڪون ملي ويندو آهي اهوئي ڪيٿولڪ فرقي جي ڪاميابيءَ جو راز آهي. پر پروٽيسٽنٽ فرقو دل ۽ نظر کي نه، عقل کي تحرڪ ڏيندو آهي. ان جي وڏي غلطي اها آهي ته هن دليلن کي مذهب جو بنياد بڻايو هن جي گرجائن جو انگ گهٽبو ويندو ۽

ڪيٿولڪ فرقو صدين تائين مضبوط رهندو، پروٽيسٽنٽ فرقو ذهن ۽ تخيل جي چڪتاڻ ۾ چيپاٽجي ويندو، آمريڪا ۾ ان جو آئيندو فرانس جهڙو ٿيندو. حد کان وڌيڪ شڪ جي شڪار اقليت ۽ حد کان وڌيڪ پارسا اڪثريت ۽ آزاد خيال ماڻهو وهمن جي ٻرندڙ جبل تي ويٺل هوندا ۽ نه رڳو ڪيٿولڪ مسلڪ ماڻهن کي مسحور ڪندو پر جيڪڏهن معاشي چٽاپيٽي يا جنگ جي خوفناڪ نتيجن جي ڪري پراڻيون ديومالائون وري ماڻهن جي ذهنن ۾ جنم وٺنديون. سيني ملڪن جا هاري ناري اڄ به پراڻين ڏندڪٿائن ۾ ويساهه ٿا رکن. ماڻهن جو اڄاتائين هر هنڌ روحن ۽ فطرت کان مٿاهين هستين ۾ ويساهه آهي، اليگزينڊر برڪ مين چيو آهي ته هن سينٽ پيٽرسبرگ...

اينڊريو: پيٽروگارڊ.

ايسٽر: لينن گراڊ.

ڪليرنس: ان جي پٺ تي لڪيل هو ته ماڻهوءَ لاءِ مذهب آفيم آهي جڏهن ته پر واري گرجا ۾ ماڻهن عبادت تي ڪئي ۽ گرجا ماڻهن سان پريل هئي. پٺ تي اها ڳالهه لکڻ واري وساري ڇڏيو ته اهو آفيم مشرق توڙي مغرب ٻنهي هنڌن تي ماڻهن کي ڏاڍو ٿو وڻي. اسان مشرق وارن کان ڪو گهٽو سنا ڪونه آهيون. ڪن ٿورن ماڻهن ۾ روشن خيالي تي پئدا ٿئي پر ٻئي طرف وري پراڻي مذهب جي غيرآباد ۽ ٻُرٺ زمين مان هزارين نون فرقن جا نوان سلا ٿا اُسرن. هي مناسب وقت آهي ته نئون مذهب ترتيب ڏنو وڃي، مسيحي سائنس ماڻهن ۾ مشهور ٿئي ٿئي چاڪاڻ جو ماڻهو مسيحيت توڙي سائنس کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن ٿياسافي ناڪام ڪلارڪن ۽ دڪاندارن کي هندو فقير پ ي ناهي، هڪ تازي اخبار ۾ هڪ سو ٿيونجاه مذهبي اعلان ڇپيل هئا. انهن مان ٿيونجاهه اعلان باطني فرقي وارن جا هئا، هڪڙي ماڻهوءَ اعلان ڪيو هو ته هو ان موضوع تي تقرير ڪندو ته ڇا شيطان جي ڪا شخصيت آهي، ڇا هو هزار سالن تائين هڪ بنان تري واري کڏ ۾ قيد رهندو. هڪ ڳاڻتي ٿيٽر ۾ آزاديءَ سان پڇيل سوالن جا جواب ڏنا ويا. هڪ پراڻي ڏندڪٿا آهي ته جڏهن ديوتا دئيتن جي هٿان تباهه تي ويا ته پوءِ هڪ نئين ڪائنات وجود ۾ آئي ۽ ديوتا وري زنده تي پيا.

اهائي دنيا جي تاريخ آهي، ديوتا هميشہ موتي ايندا آهن ۽ هميشہ مشرق مان ايندا آهن اوير مان نون نون متن جي أتل پئي تئي، جيئن حضرت عيسيٰ ؑ کان ٿي سؤ سال اڳ روم ۽ يونان تي ٿي هئي، يا جيئن آفريقا ۽ اسپين تي مسلمانن جي ٿي هئي. ماڻهن کي سدائين اهڙي مذهب جي ضرورت رهندي جنهن ۾ فطرت کان مٿاهان تصور هجن ۽ جيڪو روحانيت سان سينگاريل هجي. ماڻهن کي سائنس نہ گهرجي ڇاڪاڻ جو سائنس اهو بہ ٿي ٻڌائي تہ زندگي زندگيءَ کي کائي ٿي ۽ اهو تہ زندگي موت جو شڪار ٿيندي، ماڻهو تيستائين سائنس کي قبول نہ ڪندا جيستائين دنيا جنت نہ ٿي بنجي. جيستائين مفلسي آهي تستائين ديوتا هوندا.

## ڪتاب گهر ۾:

# خدا ۽ بقا

**ايريئل:** اسان هن ڪتاب گهر جي مانيٽي ماحول ۾ آرام سان ڳالهيون ڪري سگهنداسين ۽ جيڪڏهن اسان مان ڪو بحث مان بيزار ٿيو تہ ڪتابن سان پاڻ وندرائي سگهندو. مون کي اميد آهي تہ اوهان جيستائين مون کي روح جي بقا ۽ خدا جي هستيءَ جي باري ۾ ڪجهہ نہ ٻڌائيندا، هتان نہ ويندا.

**پال:** ڪليئرنس لاءِ روح لافاني نہ آهي ۽ هن جي خيال ۾ اسين سڀ ڪتن وانگر مري ويندا سين.

**ڪليئرنس:** سچ ٿو چئين ڳالهہ سڌي آهي تہ جيڪڏهن مان لافاني آهيان تہ منهنجو ڪتو بہ مون وانگر لافاني هئڻ گهرجي. مان يهوداه وانگر پنهنجي ڪتي سان خراب هلندو آهيان، مان وڏو خودغرض آهيان. هن کي جيڪو ڪاڏو ڪارائيندو آهيان اهو پاڻ ڪائڻ پسند نہ ڪندو آهيان. جڏهن بہ منهنجي دل چوي تڏهن مان هن کي ڇڏي سگهان ٿو پر هو مون کي نٿو ڇڏي. اسان ٻنهي مان چڱو مسيحي، هُو آهي.

**سرجيمز:** پال! تنهنجو روح انهن روحن مان پئدا ٿيو جيڪي اوائلي ماڻهن کي خوابن ۾ نظر ايندا هئا. اوائلي ماڻهن جڏهن خوابن ۾ مئل ماڻهن جي روحن کي سندن جسمن کان ڌار ڏٺو ته سمجهيائون ته هنن جي اندر ۾ به اهڙوئي روح آهي جيڪو هنن جي جسمن کان ڌار ٿي سگهي ٿو. انگريزي جي اکر Sprite جي هڪ معني ڀوت Ghost به آهي جرمن ٻوليءَ جي لفظ Geist جي معنيٰ روح ۽ ڀوت ٻئي آهن. باسوُٽو قبيلي جا ماڻهو ڪنهن واهه جي ڪَڙَ سان نه لنگهندا آهن ته ڪٿي مانگر مڇ پاڻيءَ ۾ پوندڙ سندن پاڇولي کي ڪائي نه ڇڏي. اوائلي ماڻهوءَ خواب ۾ پنهنجو پاڻ کي شڪار ڪندي گهمندي ڦرندي، ڊوڙندي ٽپندي ڏٺو ۽ جڏهن جاڳيو ته ڏٺائين ته بستري تي سُتل آهي ۽ پنهنجيءَ جاءِ تان چريو به نه آهي ته سمجهيائين ته هن ۾ روح آهي. ساڳيءَ طرح مستي ۽ بيهوشيءَ جي حالت هن لاءِ روح جو جسم کان وقتي طور آزاد ٿيڻ جي علامت هو. اوپر آفريقا جا شيدي اڄ به سمجهندا آهن ته مٿي جي سور جو سبب اهو هوندو آهي ته ماڻهوءَ جو روح وڃائجي ويندو آهي. حڪيمن کي موڪليندا آهن ته جهنگن مان هن جي روح کي ڳولهي اچن. حڪيم هن جي روح کي دٻي ۾ بند ڪري آڻيندو آهي. دٻي کي مريض جي ڪَن وٽ کوليندو آهي. ۽ مريض جو سور ختم ٿي ويندو آهي.

**ڪليئرنس:** اناطول فرانس جي هڪ ڪهاڻيءَ ۾ پولينيا چئي ٿو: ”روح هوا جو جهوٽو آهي. مون کي جڏهن اندازو ٿيو ته مان مرڻ وارو آهيان تڏهن مون پنهنجو نڪ بند ڪري ڇڏيو ته جيئن روح نڪري نه سگهي پر مون نڪ چڱيءَ طرح بند نه ڪيو انڪري مري ويس.“

**سرجيمز:** سيليس ۾ ماڻهو مريض جي نڪ، چپن ۽ پيرن ۾ مڇي جهلڻ واريون ڪُنڍيون هڻندا هئا ته جيئن هن جو روح جسم مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته ڦاسي پوي. ڇڪُ ڏيڻ کي خطرناڪ سمجهندا آهن، هنن جي خيال ۾ زور سان ڇڪ ڏيڻ سان روح نڪري ويندو، انڪري جڏهن ڪو ماڻهو هنن جي اڳيان ڇڪُ ڏيندو آهي ته هو

سندس لاءِ رحم جي دعا گهرندا آهن. هندن جي اڳيان کو اوباسي ڏي ته هو سندس وات جي اڳيان چپٽي وڄائيندا آهن ۽ سمجهندا آهن ته ائين ڪرڻ سان روح ٻاهر نه نڪرندو. ڪيترا اوائلي ماڻهو فوٽو نه ڪڍرائيندا آهن ته متان سندن روح نڪري فوٽوءَ ۾ نه اچي وڃي جي ائين ٿيو ته فوٽو گرافر هنن کي ماري سگهي ٿو.

ايسٽر: ويجهڙائيءَ ۾ هتي نيويارڪ ۾ ”ڊائي بڪ“ جي نالي سان ڊرامو اسٽيج ٿيو، ان ڊرامي ۾ روح جي الڳ وجود جي باري ۾ مطالعو پيش ڪيو ويو هو.

سرجيمز: روح جي غير فاني هجڻ وارو نظريو ان تصور مان اُڀريو. ”تسڪارورا“ جي ريڊ انڊين جو چوڻ آهي ته مرڻ کان پوءِ سيني نيڪ ريڊ انڊين (معنيٰ ته مرڻ مهل سڀ ريڊ انڊين نيڪ نه هوندا آهن). جا روح ستارن کان گهٽو اڳتي واري روحاني دنيا ۾ ويندا آهن جتي کين اهڙيون سهڻيون عورتون ملنديون آهن جيڪي نه پوڙهيون ٿينديون آهن ۽ نه ئي ٿلهيون ٿينديون آهن، وڏن شڪار گاهن ۾ اڻ ڳڻيا هرڻ آهن جيڪي شڪار ڪرڻ سان ڪٽندا نه آهن، گناهگار ريڊ انڊين جا روح وري اُتي موڪليا ويندا آهن جتي ڪاڌ خوراڪ جي وڏي اڻاٺ آهي ۽ ڪائڻ لاءِ نانگ ملندا آهن، مصرين لاءِ روح جو تصور جسم کان وڌيڪ هو، هو جيئري ماڻهوءَ لاءِ ته جهڳيون اڏيندا آهن پر مرڻ کان پوءِ روحن لاءِ شاندار گهر ٺاهيندا هئا. هندن جو آواگون جو نظريو به روح جي غيرفاني هجڻ واري تصور جو اظهار آهي. اٽليءَ ۾ پيٿاگورس اسان کي ائين چوندو ٿو نظر اچي ته هن ڪتي کي نه ماريو، هن جي آواز ۾ مون کي منهنجي دوست جو آواز ٿو ٻڌڻ ۾ اچي.“

اسان جي دور ۾ تنشي جو لڳاتار وجود ۾ ايندو رهڻ وارو نظريو آواگون جي ئي بدليل صورت آهي. جهنم جو تصور سيني قومن ۾ ملي ٿو پر اهو تصور جدا جدا قومن ۾ جدا جدا انداز جي تڪليفن سهڻ جي ڪري بدلجندو رهيو آهي. هنن جي اها دلي خواهش هوندي آهي ته هنن جيڪي تڪليفون سنيون آهن اهي سندن دشمن به سهن. اسان کي جهنم جو تصور يهودين وٽان مليو آهي جيڪي ريگستان جي

جلائيندڙ اُس جا سڙيل هئا. هنن جي پيٽ ۾ اسڪيمو ائين سمجهندا آهن تہ جهنم اهڙي جاءِ آهي جنهن ۾ سدائين ٿڌ رهندي.

**پال:** لڳي ٿو تہ روح جي غيرفاني هجڻ واري تصور کي پراڻو ثابت ڪري اوهان ان کي رد ڪرڻ ٿا گهرو، پر مان ان تصور کي ان ڪري ٿو مڃان جو ان کي اوائلي دور جي انسان مڃيو، مان پنهنجي اندر ۾ نهاريان ٿو تہ ڪنهن اهڙي شيءِ کي موجود ٿو محسوس ڪيان جنهن جي عام دنياوي ٻوليءَ ۾ وضاحت ڪري نٿي سگهجي. منهنجي جسم جي موت سان منهنجو حقيقي پاڻ آزاد ٿي ويندو.

**ولئم:** پال! روح جيڪڏهن غير مادي نہ بہ آهي تہ بہ وقت جي قيد کان آزاد نہ آهي. ذهن جسم سان ڳنڍيل آهي. ٻئي گڏ وڌندا رهن ٿا. ٻنهي تي اثر ٿيندو رهي ٿو ۽ ٻئي مرن ٿا. وليئم جيمز چيو هو تہ دماغ رڳو ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏيندو آهي. پر هن جي اها ڳالهہ هڪ يانڪيءَ جي ڪنهن مسئلي کي ٽارڻ جي ڪوشش آهي. جيڪو ماڻهو فرانس جي وضاحت سان چٽي ڳالهہ ڪرڻ واري روايت ۾ سکيا ورتل هوندو اهو اهڙي اڻ چٽي ڳالهہ نہ ڪندو. غدودن جو علم جيڪو اڄڪلهہ عام ماڻهن جي هٿن ۾ اچي ويو آهي پر تنهن هوندي بہ ان تي ڀاڙي سگهجي ٿو تنهن ٻڌايو آهي تہ جسم جو ذهن سان تعلق رڳو اجازت وارو نہ آهي پر ذهن جسم کي هلائي چلائي ٿو. ٿائراڊ غدود مان نڪرندڙ رس سيني اجاين انومانن ۽ بيوقوفين کي ختم ڪريو ڇڏيو.

منهنجو "مان" منهنجي خانداني لاڙن ۽ منهنجن عادتن ۽ يادگيرين تي ٻڌل آهي جيڪي منهنجي اعصابي سرشتي سان ڳنڍيل آهن. مان ائين نٿو چوان تہ ذهن جسم آهي پر چوان ٿو تہ ذهن اعصابي سرشتي سان ڳنڍيل آهي. ان جو محتاج آهي انڪري ان کان پوءِ زندهہ رهي نٿو سگهي. منهنجي يادگيري ڪنهن اثر يا ڪن ڪيميائي مرڪبات جي ڪري وقتي طور يا هميشہ لاءِ ختم ٿي سگهي ٿي. پوڙهائپ ۾ يادگيريءَ وارا ڪجهہ حصا ڪمزور ٿي ويندا آهن ۽ ماڻهوءَ جي شخصيت محدود ٿي ويندي آهي. منهنجا اعصاب جڏهن قبر ۾ ڳري ويندا، منهنجي ٻين کان الڳ انا بہ ختم ٿي ويندي انڪري جو منهنجي انا منهنجي ورثي ۽ منهنجي تجربن جو ميلاپ آهي ۽ اهي ٻئي

منهنجي ماس سان لاڳاپيل آهن. منهنجي شخصيت جو سدائين هڪ جهڙو رهڻ جيڪو روح جي بقا لاءِ ضروري آهي، شڪ واري ڳالهہ آهي. منهنجي شخصيت بدلجندي رهندي آهي ۽ ڏهن سالن ۾ مان هڪ جدا شخصيت وارو ٿي ويندو آهيان. منهنجي هاڻوڪي شخصيت ۽ منهنجي ڏهن سالن واري ٻار واري شخصيت ۾ وڏو فرق آهي. سوال آهي تہ انهن وقتي شخصيتن مان ڪهڙو مان آهيان. ان ڪانسواءِ هڪ جسم ۾ ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ شخصيتون بہ ٿي سگهن ٿيون. انا رڳو تجربن جو مجموعو آهي ۽ ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ تجربن جو اهو مجموعو ڪنهن مرض يا صدمي جي ڪري ٻن حصن ۾ ورهائجي وڃي، جيڪل ۽ هائيڊ مان ڪير غيرفاني هو، پر جيڪڏهن مڃون بہ ڪٿي تہ روح جسم کانسواءِ زندهہ رهندو تہ ان جو ڪهڙو فائدو. ڇا اوهان جسم کانسواءِ ڪنهن بہ وجود جو تصور ڪري سگهو ٿا ۽ ڇا اهڙي وجود جي تصور سان سڪون ملي سگهندو. ڇا اوهان جسم کانسواءِ ڪابہ لذت يا محبت جي آنتماند کي محسوس ڪري سگهو ٿا؟

ميٿيو: پال! جيڪڏهن اوهان روح جي بقا تي ايمان ٿا آڻيو تہ پوءِ منطقيءَ طور اوهان کي جسم جي وري جيئري ٿيڻ تي بہ ايمان آڻڻو پوندو.

پال: اها ڳالهہ مڃڻ ڏکي آهي تہ جڏهن جسم کي ڪيئان کائي چڪا هوندا ۽ هڏن ۽ وارن کانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ بچندو تڏهن جسم جا ڪروڙين حصا گڏ ٿيندا ۽ جسم جيئرو ٿي پوندو. جيڪڏهن اسان جسم کانسواءِ روح جو تصور ڪري نٿا سگهون تہ پوءِ پڪ سمجهو تہ روح جي بقا وارو تصور غلط نہ آهي پر اسان جي سمجهہ ۾ قير آهي. طبعيات ۾ سوين اهڙيون شيون آهن جيئن بجلي ۽ جن جو تصور ڪري نٿو سگهجي. روحاني تحقيق ثابت ڪيو آهي تہ روح جسم کانسواءِ بہ باقي رهي ٿو ۽ ان لاءِ ڪيترين ئي پڪين شهادتون موجود آهن. ڪيترن اعتبار وارن ماڻهن ان تي اهڙي تہ ايمانداريءَ واري تحقيق ڪئي آهي جو Hyslop, Lombroso, Alfred Russel wallace جهڙا ماڻهو جيڪي اڳ ڪونہ مڃيندا هئا. هاڻي مڃن ٿا، ايسٽائين جو Scientific Amrican جي ايڊيٽرن بہ مڃيو آهي تہ Margery Crandon اهڙي

روحاني حالت پئدا ڪئي جو پنهنجي گهڻو اڳ مري ويل ياءُ سان تعلق پئدا ڪري سگهيو.

**وليئم:** "سائينٽيفڪ آمريڪن" مسز ڪرينڊن جو جيڪو امتحان ورتو ان جا جدا جدا نتيجا سامهون آيا، برڊ ۽ ڪيرنگٽن هن جي حق ۾ بيوڊني ۽ ميگڊوگل هن جي خلاف رايا ڏنا. هارورڊ جي پروفيسرن جي پوءِ واري امتحان جا نتيجا هن جي خلاف هئا. بيوڊني دعويٰ ڪئي ته هو هٿ جي صفائي ڏيکاري اهي سمورا روحاني معجزا ڏيکاري سگهي ٿو. هن جدا جدا شهرن جا دورا ڪيا ۽ اسٽيج تي بيهي سوين معمولن جا نالا ۽ ايڊريسون ٻڌائيندي چيو ته هنن جيڪي روحاني معجزا ڏيکاريا هئا اهي هنن جي هٿ جي صفائي ۽ دوکيبازي هئا هن ائين به چيو ته جيڪڏهن مان هنن جي باري ۾ ڪوڙ ٿو چوان ته مون تي بيعزتيءَ جو ڪيس ڪري سگهن ٿا، هن روحن سان رابطو ڪري ڏيکارڻ لاءِ ڏهه هزار ڊالر به آڇيا پر ڪوبه سامهون نه آيو؟ ڪنهن به پنهنجي بچاءَ ۾ ڪا ثابتي پيش نه ڪئي. مسز پائيپر دعويٰ ڪئي ته هوءَ فوت ٿي ويل ڊاڪٽر فنيوٽ سان ڳالهائي سگهي ٿي. ولئم جيمز، سر آلورلاج ۽ مسز سجوڪ جيڪي روحاني تحقيق جا حامي هئا تن مسز پائيپر جو امتحان ورتو ۽ هن جي خلاف رپورٽ ڏني. اوهان ڊنگلس هوم جي ڳالهه ٻڌي آهي. براؤننگ هن کي جهڙوڪر وقتي غيرفاني بڻائي ڇڏيو. يوسيپيا بالاڊينو يورپ جو دورو ڪيو ۽ روحاني طاقت جي دعويٰ ڪئي. پيرس جي نفسياتي اداري برگسان، موسيلو ۽ مادام ڪيوري ۽ ٻين کي هن جو امتحان وٺڻ لاءِ مقرر ڪيو. امتحان وٺندي هنن ڏٺو ته جنهن وقت روشني ميز تي ٿي پئي ته ميز هوا ۾ مٿي ٿِي ٿي وئي ۽ ميز کي ڪا ٽيڪ به ڏسڻ ۾ نٿي آئي. هنن کي ان عمل ۾ ڪو فريب نظر نه آيو پر هنن چيو ته اهڙو عمل ڪو جادوگر به ڪري سگهي ٿو. 1909ع ۾ مادام بالاڊينو آمريڪا آئي ۽ هارورڊ ۾ مسٽر برگ هن کان امتحان ورتو. مادام جڏهن ميز کڻڻ لاءِ پير لوڏيا ته هڪڙي شاگرد هن جا پير جهلي ورتا ۽ خبر پئي ته شاگرد استادن کان وڌيڪ هوشيار ٿا ٿين، ڪولمبيا يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر لارڊ هن

جوامتحان ورتو ۽ شاگردن هن جي چالاڪي جهلي ورتي. هو پاڻ سان ڪيميرا کڻي آيا هئا جنهن جي مادام کي خبر نہ هئي ۽ تصوير ۾ نظر اچي ويو تہ هوءَ هٿن سان ميز تي کڻي ۽ هوءَ مايوس ٿي اٿليءَ موٽي وئي.

**پال:** ان معاملي ۾ بيشڪ تہ هزارين فريب ڏنا ويا آهن پر جيڪڏهن سَوَن يا لکن ڪوڙن معمولن مان ڪو هڪ بہ سچو آهي ۽ هن واقعي مري ويل ماڻهن سان ڳالهايو آهي تہ پوءِ انهن فريبن جي ڪا اهميت ڪانهي ۽ روح جي بقا حقيقت آهي. اوهان ڪڏهن بہ سر اولوَر لاج کي ڪوڙو نہ چوندا. اوهان روح جي بقا جي موضوع تي لکيل ڪتاب پڙهو ان جي ثابتيءَ لاءِ جيڪي واقعا گڏ ڪيا ويا آهن اهي ڏاڍا حيران ڪندڙ آهن ۽ جي پوءِ بہ اوهان ان کي نٿا مڄو تہ پوءِ اوهان ڊارون جي مخالفن وانگر رجعت پرست آهيو. منهنجي خيال ۾ تہ سائنس کي اوهان ۾ اهو احساس پيدا ڪرڻ گهرجي تہ هن معجزاتي ڪائنات ۾ سڀ ڪجھ ٿي سگهي ٿو. ياد رکو تہ ذهن جي باري ۾ اسان جو علم اڃا شروعاتي آهي.

**اينڊريو:** پوءِ بہ اسان ذهن جي باري ۾ گهٽو ڪي ڄاڻون ٿا. اسان کي خبر آهي تہ اسان جي سوچڻ جي صلاحيت ارتقا جو هڪ حصو آهي. جيئن اسان جي چرڻ پرڻ، هاضمي ۽ محسوس ڪرڻ جي صلاحيت ارتقا جو حصو آهي. اسان جي ذهن بہ اسان جي جسم وانگر ترقي ڪئي آهي ۽ اها ترقي هرهڪ انسان ۾ پنهنجو پاڻ کي ورجائي ٿي. ڏسڻو آهي تہ ارتقا جي ان عمل ۾ بقا جو عنصر ڪڏهن ۽ ڪيئن شامل ٿو ٿئي. جيڪڏهن ماڻهو لافاني آهي تہ پوءِ باندر بہ لافاني آهي. هن جي پُڇَ جو چچڙ بہ لافاني آهي ۽ جيڪو چچڙ کي ڪائي ٿو اهو بہ لافاني آهي. اها اسان لاءِ وڏي تڪليف جي ڳالھ آهي. تہ اُهي سڀ منگهڻ، جيڪي موڪلن جي ڏينهن ۾ اسان کي پريشان ڪندا آهن، جنت ۾ اسان سان گڏ هوندا. اهو بہ ڏسو تہ دنيا جون اهي سڀ قومون ۽ نسل جيڪي اسان کي نٿا وڻن اهي جنت جي مشڪ جي خوشبوئن سان ڀريل هوا ۾ پنهنجي بدبو ڀريندا، ۽ جنت مخلوق سان ڀرجي ويندي جيڪڏهن اسين هن نسل جا ماڻهو غير فاني آهيون تہ پوءِ اسان ڪان

اڳ واري نسل جا ماڻهو بہ غيرفاني هوندا. هر سال لکين ماڻهو تا مرن ۽ جيئن تہ انساني نسل لکين سالن کان وجود ۾ آهي تہ پوءِ جنت ۾ ايڏو تہ آدم هوندو جو اُتي جو ڏيک برابوي تي ٻنپهرن واري ڏيک جهڙو هوندو.

وليئم: اسان جو بحث اجايو آهي ڇاڪاڻ جو اسان جو بقا ۾ يقين اسان جي جبلتن ۾ رچيل آهي جيڪو دليلن جي دائري ۾ نٿو اچي. اهو يقين ماڻهوءَ جي وجود جي بقا جو حصو آهي. زندگي ٿوري آهي ۽ بقا جو تصور دلفريب آهي ان ڪري اسين ڇو مڃون تہ اسين ختم ٿي ويندا‌سين.... روح جي بقا جو تصور گرم ملڪن ۾ پئدا ٿيو جتي زندگي جلدي بالغ ٿيندي ۽ ختم ٿي ويندي آهي. انڪري اهڙي زندگيءَ لاءِ روح جي بقا جو تصور لازمي ٿي ويو آهي. سري لنڪا ۾ ڏهن سالن جي عمر ۾ ڇوڪريءَ جي شادي ٿيندي آهي. اٺاويهين سالن جي عمر ۾ هوءَ پوڙهي ٿي ويندي آهي ۽ چاليهن سالن جي عمر ۾ مري ويندي آهي. اتي انسان جي زندگي سمنڊ ۾ هڪ ٽيپي جهڙي حقير آهي. اسان وٽ عمر جو معيار هنن کان بيٺو آهي پر اسان ان معياد کان خوش نہ آهيون. اسان موت جي حقيقت جي خلاف بغاوت ڪندا آهيون. اسان هڪ ٻي جواني ۽ محبت ڀريل هڪ ٻي عمر جي اميد ۾ جيئندا آهيون. ڪنهن زماني ۾ مذهب جو بنياد ڊپ هو هاڻي اميد آهي.

اينڊريو: اڄ بہ مذهب جو بنياد ڊپ آهي. اسان ان لاءِ بقا نٿا گهرون جو اسان کي زندگيءَ سان محبت آهي پر ان لاءِ ٿا گهرون جو موت کان ٿا ڊڄون. ڪڏهن ڪڏهن زندگيءَ جي اهنجن ايذائن کان بيزار ٿي سيزر وانگر محسوس ڪندا آهيون تہ اسان تمام گهڻو زنده رهي چڪاسين. حيوان موت کان نٿا ڊڄن ڇاڪاڻ جو هو ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن جانور کي مرندو ڏسندا آهن ۽ موت کي تڏهن ڏسندا آهن جڏهن اهو اوچتو هنن جي مٿان اچي ڪڙڪندو آهي. اهڙي وقت هو بقا جو نظريو گهڙي نٿا سگهن. حيوان جڏهن انسان ٿيا ۽ هنن ۾ ياد رکڻ جي صلاحيت پئدا ٿي تہ هنن ياد رکڻ واري پنهنجي ان صلاحيت کي مستقبل سان ڳنڍيي موت کي ڳولهي لڌو ۽ پنهنجي سکون لاءِ روح جي بقا جو تصور گهڙي ورتو. وڪٽر هيوگو جي چواڻي تہ پئدا ٿيڻ سان ئي اسان کي

موت جي سزا ملي تي وڃي. ۽ زندگي معافيءَ جي اميد ۾ سزا پوڳڻ آهي. موت جو ڊپ مذهب جي شروعات آهي.

**فلپ**: مون کي پنهنجي غيرفاني هجڻ جو احساس ان وقت ٿيندو آهي جڏهن مان پاڻ کي زندگيءَ جو حصو سمجهندو آهيان. اسين هڪ ڪُلَ جا حصا آهيون ۽ اسان جيڪي بہ ان ڪُلَ جي بقا لاءِ ڪيون ٿا اها ئي اسان جي بقا آهي. افلاطون غيرفاني آهي جو هو اڄ بہ اسان جي ذهن ۾ زنده آهي ۽ انهن ڪتابن ۾ زنده آهي جيڪي هر ڪلاڪ ۾ هن جي اُن وقت جي شاگردن کان هزارين دفعا وڌيڪ شاگردن کي سکيا ڏين ٿا. اسان پنهنجي اولاد ۽ پنهنجن چڱن ڪمن ۾ زنده رهندا آهيون. فرد لاءِ اهڙي بقا سندس مرڻ کان پوءِ اهم نہ آهي پر اجتماع لاءِ اهم آهي. چاڪاڻ تہ تهذيب مثل ماڻهن جي ڪارنامن کي محفوظ ڪرڻ سان وڌندي ۽ قائم رهندي آهي. اسان کي گهرجي تہ اسين بہ يونانين ۽ اوائلي دور جي يهودين وانگر پنهنجي بقا کي انفرادي بقا سان نہ پر نسل جي اجتماعي بقا سان ڳنڍيون.

**ڪليئرنس**: اها عجيب ڳالهہ نہ آهي تہ جنهن مسئلي تي اسان اڄ بحث پيا ڪيون ان کي بہ هزار سال اڳ ليوڪريٽس حل ڪري ڇڏيو هو. اڃو تہ ليوڪريٽس کي ٻڌون.

چاهيءَ ڪائنات وري عدم ۾ هلي ويندي؟
ٻي تاريخ دنيا جي ڌوڙ ۾ لٽجي ويندي؟
هي ڪالهوڪو ڪمزور شعلو ڏور اڪيلو ٻرندو رهندو،
غيرفاني ۽ اڪيلو!

چا قدرت ان کي ان لاءِ رات جي هنج ۾ نپايو هو،
قدرت جنهن جي بي پرواهہ قوت،
ڪنهن تباه ٿيل ٻيڙي جي خلاصيءَ وانگر،
ٻار کي ڪٽي روشنيءَ جي ڪنارن تي اُڇلايو.

اُتي چا آهي؟ رڳو هڪ دانهن آهي!

هن کي اها بہ خبر نہ آهي تہ هن جا عضوا پنهنجا آهن يا نہ،
سياڻي ان ٻار جي حيثيت دانهن کان بہ گهٽ هوندي

تشوءَ واري حالت مان روحَ تائين هو وڌي ٿو،
جيئن هڪ هڪ پنکڙي ڦٽندي ۽ پوءِ گل ٿيندي آهي.
تِشو ڳري ويندا آهن ۽ سچ جي تپش سان
ٻاڻيءَ جو ڦوٽو ڦاٽي پوندو آهي.

ٻاڻيءَ جي جهڳ ختم ٿي ٿئي،
جسم جو روح بہ ائين پکهري ٿو وڃي،
سڀ ذرا ٽڪجي سمهي ٿا پون
اميد ۽ خوف رک ٿي ويندا آهن

ميٽيو: منهنجي خيال ۾ هن جي ان ڪلام کي ترتيب ڏيڻ وارو ڪو ڪيٿولڪ هوندو. اوهان ڏٺو تہ اوهان جا دليل ڪيترا پراڻا آهن.

ڪليئرنس: مون سمجهو ٿي تہ ٻال احتجاج ڪندو ۽ چوندو تہ ڪنهن عقيدي جو پراڻو هجڻ خراب نہ آهي. منهنجي خيال ۾ تہ سڀ سچ پراڻا هوندا آهن، رڳو شاعر، ڪوڙا ماڻهو ۽ بيوقوف ئي نيون ڳالهيون ناهيندا آهن. اناطول فرانس ايپي ڪيورس جو آخري شاگرد هو. مون کي هن جي ڳالهہ ٿي ياد اچي، هن چيو هو اسان جو سج اسان سيني کي هرڪيولس ستارن جي ميڙ ڏانهن وٺيو ٿو وڃي جتي اسان ڪروڙ صدين تائين پهچي ويندا سين. سج رستي ۾ ختم ٿي ويندو ۽ ان سان گڏ ڌرتي بہ تباه ٿي ويندي. جيڪڏهن انساني نسل تيستائين قائم رهيو تہ اهو بہ تباه ٿي ويندو. ٻال! ڇا اها ڪل جهڙي ڳالهہ نہ آهي تہ هڪ فاني سياري جي مخلوق بقا جي دعويٰ ٿي ڪري. پر اسان اوهان کي اوهان جي دلفريب عقيدي کان محروم ڇو ڪيون؟ مون کي خبر آهي تہ منهنجو نظريو مايوسيءَ وارو آهي ۽ هڪ بڪايل روح اهڙي ناڪاري نظريي جو احسانمند ٿي نٿو سگهي.

پال: فڪر نہ ڪيو. اوهان مونکي ايڏو پريشان ڪونہ ڪيو آهي. هڪ گهڙيءَ لاءِ پنهنجي اندر ۾ ٻيهي هٽڻ سان سڀ دليل رد ٿي وڃن ٿا. مان پنهنجي اندر ڪي محسوس ٿو ڪيان ۽ محسوس ٿو ڪري سگهان تہ منهنجو ذهن منهنجي جسم کان مٿاهون آهي. منهنجو جسم منهنجي روح جي وقتي هٿيار آهي. مان ٻئي جهان بابت نٿو ڄاڻان. مان رڳو اميد ڏياريندڙ نظريي جو حامي آهيان. مون کي يقين آهي تہ مان جيڪي محسوس ڪيان ٿو جيتوڻيڪ مان ان کي سمجهي نٿو سگهان ۽ ان جي ماديت وارن لفظن ۾ تشريح ڪري نٿو سگهان پر مان سمجهان ٿو اهو صحيح آهي. جيڪڏهن اوهان جو ڪو عزيز مري پوي تہ ڪو نئون فلسفو اوهان کي آٿت ڏيندو. پنهنجي عزيز جي قبر جي ويجهو اوهان سمجهي نہ سگهندا تہ قدرت ايڏي ظالم بہ ٿي سگهي ٿي جو اوهان کان اوهان جو جگر جو ٽڪر کسي ورتائين ۽ هاڻي اوهين پنهنجي جگر جي ان ٽڪري کي وري ڪڏهن بہ ڏسي نہ سگهندا. پر مون کي يقين آهي تہ مان پنهنجن مري ويل عزيزن کي ضرور ٻيهر ڏسندس. منهنجو اهو يقين مون کي خوشي ٿو ڏي ۽ مون ۾ مصيبت کي سهڻ جي قوت ٿو پئدا ڪري. اها خوشي ۽ اها سهپ اوهان جي خالي دلين کي ملي نٿي سگهي. اوهان کي ڪو صدمو رسندو تہ اوهان جي حالت تي رڳو افسوس ڪري سگهبو.

سڊا: منهنجي خيال ۾ اوهين نيڪ ٿا چئو پال!

ميٿيو: اوهين يقينن نيڪ ٿا چئو پال!

ڪليئرنس: خدا ڪري تہ اوهين نيڪ چوندا هجو پال!

## خدا جو بدلجندڙ تصور

ايسٽر: هي سڀ مايوسي واريون ڳالهيون آهن. هاڻي اوهان خدا بابت ڪي چڱيون ڳالهيون ٻڌايو.

سرجيمز: اسان جيڪڏهن اوهان جي آڏو خدا جو اهو نقشو پيش ڪري نہ سگهون جنهن جي اوهان ننڍپڻ ۾ عبادت ڪندا هئا تہ اوهين پريشان ٿي ويندا. خدا جي باري ۾ انسان جو تصور هميشہ مٿبو رهيو

آهي ۽ ڏنو وڃي ته انسان جي تاريخ خدا جي باري ۾ سندس بدلجندڙ تصور جي تاريخ آهي. خدا جو پراڻو تصور ان ڪري بدلبو رهيو آهي جو خدا جي پراڻي تصورن جي جاءِ تي اهڙو تصور ونندو رهيو آهي. جيڪو اخلاقيءَ طرح ترقي ڪندڙ انساني نسل جي نمائندگي ڪري سگهي. خدا جي انهن جدا جدا تصور جي فهرست ڏسي اوهان حيران ٿي ويندا. ان فهرست ۾ اسان کي سوين وڏا ۽ ڪروڙين ننڍا خدا نظر تا اچن جن کي ڪنهن زماني ۾ لازوال سمجهيو ويو هو. اڄ جيڪڏهن پوين نسلن جا ماڻهو موٽي اچن ته اهو ڏسي حيران ٿي وڃن ته هنن جا قادر مطلق ديوتا جن کي هو سجدا ڪندا هئا هاڻي رڳو انساني علم بابت ڪتابن ۾ نظر تا اچن. هر دور ۾ ماڻهو پنهنجي انداز سان خدا کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ۽ پنهنجي خدا جي ان وقتي تصور جي بچاءَ لاءِ جانيون ڏيڻ ۽ ٻين جون جانيون وٺڻ لاءِ تيار هوندا هئا. مورخ اهڙي قتلام با شهادت کان متاثرن ٿيندو آهي. هن کي خبر هوندي آهي ته ماڻهن رڳو بدلجندڙ تصورن لاءِ جانيون ڏنيون آهن. هو اها ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار آهي ته جيئن ماضيءَ ۾ خدا جو تصور بدلجندو رهيو آهي ائين حال ۽ مستقبل ۾ به بدلجندو رهندو. هو خدا جي انهن نون تصورن سان پريشان نٿو ٿئي. هو ان ڳالهه کي سٺو ٿو سمجهي ته خدا جي تصور کي وڌندڙ علم سان هم آهنگ ڪيو ٿو وڃي. ماڻهن جو هميشه خدا ۾ يقين رهندو جو ان يقين ۾ طاقت ۽ ڪماليت ٻئي هڪ هنڌ گڏ تا ٿين، ۽ ان سان روح ۾ اميد ۽ اُتساه ٿو پئدا ٿئي. عظيم طاقت جي دوستي ماڻهوءَ کي سٺي لڳندي آهي.

اسان جي بزرگن جي خدا يهواه جو آخري دور آيو. ڪڏهن ڪڏهن مان سمجهندو آهيان، جيتوڻيڪ ائين سمجهڻ لاءِ مون کي ڪا لساني شاهدي نٿي ملي، ته يهواه، اووِس Lovis وانگر، ڪٿي هندن جي دايوس پتر جي بدليل شڪل ته نه آهي. هندن جو آسمان جو اهو ديوتا ڪٿي اولپس جو وڏو ديوتا زيوئس پيٽر Zeus Petar جو ترجمو ته نه آهي. اهو ان ديوتا جي نالي جو مقامي اُچار هجي، فرائڊ وارن خدا جي تصورن ۾ پيءُ جي حصي واري ڳالهه کي گهڻو وڌائي پيش ڪيو آهي. ان ۾ ڪوشڪ ڪونهي ته نابالغ ذهن دنيا کي هڪ ڪٽنب ۽ خدا کي ان

ڪتنب جو پيءُ وانگر مالڪ سمجھندو رهيو آهي. پر حقيقت ۾ خدا جي پيءُ واري تصور جو بنياد اهو عقيدو آهي تہ جدا جدا قبيلا ديوتائن جو اولاد آهن. ان عقيدي جي ڪري بزرگن جي عبادت ڪئي ويندي هئي. خدا کي مڙد جي روپ ۾ پيش ڪرڻ عورت جي آخري توهين آهي جنهن ۾ هو ضرور بدلو وٺندي.

خدا کي انساني صفت سان تصور ڪرڻ Anthropomorphic جو سبب بہ بزرگن جي پرتش آهي. خدا جو روپ ماڻهوءَ وارو هو. هو رڳو عام ماڻهوءَ کان تمام وڏو ۽ تمام گهڻو طاقتور هو. زينوفن مسيح کان ڇهہ سو سال اڳ چيو هو تہ ماڻهو سمجهن ٿا تہ ديوتا پئدا ٿيندا آهن. ماڻهن وانگر ڪپڙا پائيندا آهن، ڪين ماڻهن وانگر جسم بہ آهي ۽ هو ڳالهائيندا بہ آهن. حبش جا ديوتا ڪارا هوندا آهن ۽ هنن جا نڪ ويٺل هوندا آهن. ٿريشيا جي ديوتائن جا وار گهٽ ڪارا ۽ سندن اکيون نيريون هونديون آهن. هومر ۽ هيسائيڊ ديوتائن سان اهي سموريون خاصيتون ڳنڍي ڇڏيون جيڪي انسانن ۾ خراب سمجهون ونديون هيون جيئن چوري، زنا، فريب ۽ ٻيا غيراخلاقي ڪم، جيڪڏهن شينهن ۽ گهوڙن کي خدا جون تصويرون ناهڻ وارا هٿ هجن ها تہ هو پنهنجي شڪلين جهڙا ديوتا ناهين ها، انهن جا جسم بہ هنن جهڙا هجن ها.

اولمپس جي ديوتائن بابت سندن غيرفاني هجڻ واري شڪايت مان خبر ٿي پوي تہ ديوتا مرن بہ ٿا. انسانيت جي اخلاقي اوسر ۾ هو گهڻو پٺتي رهجي ويا. هو پنهنجي خدائي جمود جي ڪري فنا ٿي ويا. اهي زاني، حورَ ۽ ڪوڙ ڳالهيندڙ هئا ۽ انهن ماڻهن جا خلقيل هئا جن اهڙن ڪمن کي عيب نٿي سمجهيو. اهو دور قزاقي، زوري زنا ۽ جنگ جو دور هو ان ڪري اهڙي دور ۾ خدائن جو تصور پئدا ٿيو. جيڪي انهن ڪمن ۾ ماهر هئا. پر پوءِ اخلاقي شعور جي وڌڻ سان اُهي افلاطون ۽ زينوفن لاءِ ڌڪار لائق ٿي پيا. ساڳئي حالت ٻين ديوتائن جي آهي. شروع ۾ هنن جو جيڪو تصور قائم ٿيو هو ان کي پوءِ وارن ماڻهن پسند نہ ڪيو. اها تهذيب جي بدقسمتي آهي جو ان وحشي دور جا ديوتا ورثي ۾ ملندا رهيا آهن. اسان جيڪڏهن پنهنجي موروثي خدا

يهواه جي موت بابت ڄاڻ گهرون ٿا ته اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته اسان جو اهو ديوتا جنگ جو ديوتا هو 1914ع واري جنگ جي دوران هر هڪ قوم پنهنجي پنهنجي فوج کي پنهنجي پنهنجي جنگ جو خدا ڏنو هو. جيئن جهنم جو تصور انسانن ۽ وحشي قبائلي سردارن جي ڏاڍ ۽ ظلم جي عڪاسي ٿو ڪري ائين ان دور جو خدا وارو تصور قبائلي زندگيءَ جي خطرن ۾ غير محفوظ هجڻ جي احساس جي عڪاسي ٿو ڪري. اجتماعي نظام جي ترقيءَ سان زندگي وڌيڪ محفوظ ٿي ۽ جنگيون گهٽيون ته بالغ ذهن وارن اهڙن ظالم ديوتائن جي تصور جي خلاف بغاوت ڪئي، جن ڪروڙن انسانن کي جهنم ۾ ٿي اُڇلايو. اجتماعي نظام جي اها گهرج هئي ته ماڻهوءَ ۾ اجتماعي سهڪار جون عادتون پئدا ٿين. آهستي آهستي ان مهذب انسان جو تصور ان قديم خدا جي تصور کان پري ٿيندو ويو. اوهان کي ياد هوندو ته جان اسٽوارٽ مل چيو هو ته وچولي دور جي ماڻهن جو خدا جو جيڪو تصور هو جيڪڏهن خدا واقعي اهڙو هجي ته مان ان کي خدا نه پر ابليس مڃا ها ۽ جيڪڏهن هنن جو اهو خدا مون کي ان ڪري جهنم ۾ وجهندو جو مان کيس ابليس ٿو چوان ته مان جهنم ۾ وڃڻ لاءِ تيار آهيان. انساني ترقي خدا جي اهڙي تصور کان گهڻو اڳتي وڌي چڪي هئي.

انساني فطرت جي اها تهذيب هڪ معاشي ضرورتن جي پورائي ۽ ٻيو سياسي استحڪام جي ڪري ۽ ٽيون مسيحي اخلاق جي اٺويهن سو سالن جي تاريخ جي ڪري ٿي. مسيح يهواه جو انت آندو. اها مسيحت هئي جنهن عيسائيت جي ان فرضي خدا کي ختم ڪيو. مان نٿو مڃان ته اسان پنهنجي جنگ پسندي ۽ سياسي انتشار جي باوجود ٻن هزار سالن جي اخلاقي تربيت کان متاثر نه ٿيا آهيون. اسان اڄڪلهه جيڪي حالتون ٿا ڏسون انهن جو مطلب اهو نه آهي ته مسيحت ختم ٿي ويئي آهي پر اهو قدير خدا ختم ٿي ويو آهي جنهن کي نتشي ”ڏاڙهيءَ وارو سنجيدو خدا“ سڏيو آهي، جيڪو ڪنهن طرح پنهنجي اخلاقي نظام سان مسيحت ۾ داخل ٿيو جنهن ۾ اشرافت ۽ امن پسنديءَ کي اعليٰ مقام مليل هو ۽ جيڪو يهواه جي تعليم جي

بلڪل ابتڙ هو ۽ آخرڪار ايترو طاقتور هو جو يهواه کي ختم ڪري ڇڏيائين. انسان جو ذهن ايترو آزاد ٿي ويو آهي. جو هاڻي هو خدا جو بهتر تصور قائم ڪري سگهي ٿو.

اينبريو: ڪنهن به مذهب جي اها عظمت مڃي ويندي جيڪڏهن اهو مذهب پنهنجي ئي اخلاقي نظام جي ڪري ختم ٿي وڃي. پر ان جا اوهان جيڪي سبب ۽ نتيجا ٻڌايا ڳالهه انهن کان گهڻو مٿي آهي. ڪوپرنيڪس Copernicus جڏهن اعلان ڪيو ته هيءَ زمين بين اڻ ڳڻين دنيائن ۾ هڪ ذري جي حيثيت رکي ٿي. تڏهن ئي پراڻو ايمان ختم ٿي ويو. هاڻي نه ڪو مرڪز هو ۽ نه ڪا هيٺاهين ۽ مٿاهين هئي. زمين پنهنجو سمورو وقار وڃائي ڇڏيو ۽ اها ڳالهه مڃڻ محال ٿي پئي ته هن ڪائنات کي جنهن جي ڪٿ ڪري نٿي سگهجي. هلائڻ واري قوت هن ننڍڙي زمين تي آئي، ان قوت ماڻهوءَ جي صورت اختيار ڪئي ته جيئن اها هن ڪين جهڙي سياري جي ڪين جهڙي مخلوق جي معمولي گناهن لاءِ ايذاءِ سهي مري وڃي. اناطول فرانس فلڪيات جي ان انقلاب لاءِ چيو هو ”ته انسان جي دانش جي سموري تاريخ ۾ هي هڪ تمام وڏو واقعو اهي.“ دنيا اڃا تائين انهن سائنسي نتيجن جو اندازو لڳائي نه سگهي آهي ته اڳ جت جنت هئي اُتي هاڻي پولار آهي ۽ دنيا ۽ انسان جي حيثيت هڪ گهڙيءَ کان وڌيڪ نه آهي. برونو Bruno کي اندازو هو ۽ هن جڏهن ان کان ماڻهن کي آگاهه ڪيو ته کيس جيئرو جلايو ويو. پر مذهب جي اصلاح جي تحريڪ ائين جاري رهي ڇڻ ڪوپرنيڪس ۽ گيليلو ڪڏهن پئدا ئي ڪو نه ٿيا هئا.

ڊارون ان تخريبي مهم کي مڪمل ڪيو. فلڪيات جي ماهرن هن ڌرتيءَ کي ڪائنات جي لامحدود خال ۾ اڇلايو ته وري حياتيات جي عالمن انسان کي زمان ۾ اڇلائي کيس جانورن جي بدلجندڙ حالت جي هڪ ڏگهي سلسلي ۾ شامل ڪري ڇڏيو، ڪوپرنيڪس کان پوءِ ماڻهوءَ جي تخليق ۾ ڪنهن مقصد کي تصور ڪري سگهجي پيو پر ڊارون کان پوءِ اهڙو تصور به ناممڪن ٿي پيو. قسمت جي جاءِ فطرت جي چونڊ جي قانون ۽ غيرفاني محبت جي جاءِ جيئڻ لاءِ غيرفاني ڪوشش ورتي. جنگ هڪ دفعو وري سيني شين جي خالق ٿي پئي.

پالي Palely جي ڏينهن ۾ سڀ عضوا هڪ خاص مقصد لاءِ ائين هڪٻئي سان جوڙيا ويا هئا تہ جيئن هو اهو مقصد پورو ڪندا رهن. جيستائين ماڻهن رڳو پاڄيون ڪائڻ شروع نہ ڪيون هيون. تيستائين سمجهيو ويندو هو تہ سڀ حيوان انسانن لاءِ پئدا ڪيا ويا آهن. پوءِ ڊارون نہ رڳو ان ساري تصور کي ختم ڪيو ۽ ٻڌايو تہ انسان جي زندگي ۾ هيءَ ڪائنات بنان ڪنهن مقصد جي ڪم پيا ڪن، انسان جو پاڻ جهڙي انسان کي پئدا ڪرڻ واري عمل ڪان وڌيڪ ڪل جهڙو ڪو عمل ڪونهي. پيدائش ۽ موت کي ڏسي ڪيترن ماڻهن خدا جي وجود ڪان انڪار ڪيو آهي. ڪيترا ڊاڪٽر ۽ فوجي جرنل خدا کي نٽا مڃن. ڇا ڪو عقلمند خالق اهڙي دنيا خلقي سگهي ٿو جنهن جا قانون ساهدار مخلوق لاءِ بي رحم آهن. جنهن ۾ ڪين جيئڻ لاءِ جنگ ڪرڻي ٿي پوي ۽ جنهن ۾ جابر، مڪار ۽ بي رحم جي فتح ٿي ٿئي. جيئڻ لاءِ جنگ واري قانون تحت هرهنڌ جنگ لڳي پئي آهي. انسان جي انسان سان، قبيلي جي قبيلي سان، بادشاهتن جي بادشاهتن سان، جنس جي جنس سان ٿي سگهي ٿو تہ اسان ايتري ترقي ڪري وڃون ۽ اهڙو وقت بہ اچي جو سَياري جي سَياري سان جنگ شروع ٿي وڃي. ائين ٿو لڳي تہ ستارن جي تباهيءَ مان مزو وٺڻ واري ڪا شيطاني قوت آهي جنهن جي ڪري ستارا بہ هڪٻئي سان جنگ لاءِ تيار ٿا نظر اچن. اسان ان سَياري تي زندگي ٿا گذاريون جيڪو خدا جي پسند وارو سَيارو آهي، ۽ جنهن سَياري تي هن جو پيارو مسيح پئدا ٿيو. اسان جي وڌنڌڙ دماغي طاقت سان ٿي ڊڙ هرهڪ ايجاد سان اسان جي تڪليفن ۾ واڌارو ٿو ٿئي ۽ هر مشين اسان جي غلاميءَ جي زنجيرن کي مضبوط ٿي ڪري، اسان رڳو ان لاءِ هوائن ۾ اُڏامڻ سکيا آهيون تہ جيئن ايندڙ جنگ ۾ وڌيڪ سولائيءَ سان ڪروڙين اهڙن ماڻهن کي ماري سگهون. جيڪي جنگ ۾ شريڪ نہ هوندا. بيٿوون کي ڪنن جي سڀ ڪان وڌيڪ ضرورت هئي پر هو ٻوڙو ٿي پيو. ٽنشي کي اکيون گهربيون هيون پر هو انڌو ٿي پيو. ڊاڪٽر جانسن جي عظمت جو راز هن جي گفتگو ۾ هو ۽ هو گونگو ٿي پيو. عظيم مصور رينالڊز Renalds جو هٿ بيڪار ٿي ويو. ڪجھ ڏينهن اڳ مون هڪ عورت ڏٺي جنهن کي اڌ رنگ هو. ويھ

ورهيه اڳ هوءَ جوان ۽ سهڻي هئي، ٽينس کيڏڻ کان پوءِ هوءَ وهنجڻ لاءِ تلاءَ ۾ لٿي ته وري ماڻهن وجهي کيس تلاءَ مان ڪڍيو جو ان کي اڌ رنگ ٿي پيو هو. ڪو اڻ ڄاتل زهر هن جي سنڌن ۾ داخل ٿي ويو هو، هاڻي هوءَ چري پري به نٿي سگهي، هن جو منهن سڄي ويو آهي ۽ دماغ کان سواءِ هن جو سارو وجود پڃي پُري پيو آهي. هن جو دماغ ڀريان کان وڌيڪ سجاڳ آهي ته جيئن هوءَ پنهنجي ايذاءَ کي وڌيڪ محسوس ڪري سگهي. هينري آڊمز چيو آهي ته هن دنيا ۾ اهنج ايذاءِ، موت، ڪالرا، وبا، ڏڪار، ٻوڏيون، سوڪهڙو، ڪوهيڙا، آفتون، شهر جي ڪنڊن ڪڙڇن ۾ ٿيندڙ حادثا، ظلم، بي راهه روي، بي عقلي، پاڳل پڻو، نيڪيءَ جو بدلو بدي، بدي جيڪا نيڪيءَ لاءِ ڪئي پئي وڃي. اهڙي مسرت جنهن جو شعور نه هجي. بي نتيجي واري خود غرضي، بنان سبب تڪليفون، سمجهه ۾ نه ايندڙ ڏڀ، خوف ۽ موت جيڪو انهن سڀني جو اڻ ڏريو اُجورو آهي. خدا جي رحمت جو ذڪر ماڻهوءَ جي ايذائن جي توهين آهي.“

ميٿيو: اينڊريو! اوهان بديءَ جي ڳالهه ايڏي جوش سان ٿا ڪيو جو مون کي لڳي ٿو ته ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن اوهان کي ايمان جي دولت حاصل ٿي ويندي. گرجا هميشه بديءَ جي ڪڙي حقيقت کي مڃيو آهي. پوپ انوسينٽ II ”انسان جا ايذاءَ“ جي نالي سان ڪتاب لکيو هو ۽ اسان جي دينيات جو هر عقيدو مڃي ٿو ته هيءَ دنيا ايذائن جو گهر آهي ان ڪري اسان لاءِ ايمان وڌيڪ لازمي آهي. اسان هن زندگيءَ کي تڏهن برداشت ڪري سگهنداسين جڏهن اسان کي اميد هوندي ته اڳئين جهان ۾ اسان کي سک ۽ آرام جي صورت ۾ انهن جو عيوضو ملندو. شايد اوهان والٽيئر جي هن ڳالهه مان سبق نه ورتو آهي ته ”جيڪڏهن خدا جو وجود ڪونهي تڏهن به اسان کي خدا ايجاد ڪرڻو پوندو.“

اينڊريو: ميٿيو! اوهان شريف ماڻهو آهيو. اوهان وڏي تحمل سان اسان جي ڪفر ۽ شرڪ کي برداشت ٿا ڪيو ان ڪري دل ٿي چوي ته اوهان جي هر ڳالهه مڃان. مان خودپسنديءَ جي ڪري اوهان جي مخالفت نٿو ڪيان. هي ان ماڻهوءَ جو ڪفر آهي جيڪو دل و جان سان مڃي ٿو ته هن جا مخالف سچ ٿا چون. پر ڳالهه ڇا آهي ته اوهان جي

سموري دينيات آدم جي زوال ۽ ان يقين تي بيٺل آهي تہ مسيح ماڻهن کي آدم جي نافرمانيءَ واري گناھ مان ڇوٽڪارو ڏياريو. پر ارتقا جي نظريي انهن عقيدن کي غلط ثابت ڪيو. تاريخ جڏهن پنهنجن داستانن مان حضرت آدم جو داستان خارج ڪيو تہ اوهان جي دينيات جا بنياد لڏي ويا. حياتيات وانگر تاريخ دينيات جي دشمن آهي. قومن جو عروج ۽ زوال، جنگ جي ڪري فن جي تباهي، ڇرين ۽ قاتلن جي مسلسل فتح ۽ ڪامرانيءَ مان اهوئي نتيجو ڪڍي ٿو سگهجي جيڪو اناطول فرانس ڪيو هو تہ "دنيا هڪ الميو آهي جيڪو ڪنهن عظيم شاعر لکيو آهي." يا وري هي هڪ ڪاميڊي آهي. جنهن کي ارسٽو فينس جنت ۾ لکيو آهي.

**ڪليرنس:** مان اهو ڏسڻ تي چاهيان تہ ميٽيو تي اوهان جي جوشيلي تقرير جو ڪهڙو اثر ٿيو آهي. شڪ، ايمان ۽ شَڪُ ٻئي پئدا ڪندو آهي. فوجي سپاهيءَ جو تيستائين خدا ۾ ايمان هوندو آهي. جيستائين سندس ترقي نہ ٿيندي آهي. هر جرنيل دهريو هوندو آهي. انساني ڏک ڏولاوا جن کي اوهان خدا جي خلاف ثابتي ٿا سمجهو، ثابت ٿا ڪن تہ ماڻهوءَ جي روح کي ڪونہ ڪو آٿت گهرجي. جيستائين دنيا ۾ مفلسي ۽ موت هوندا تيستائين ديوتا بہ هوندا. دولت جي گهڻائي مذهب جو زوال ٿي آڻي، دولت رهبانيت جو انت ٿي آڻي. دولت اسان جي شهرن کي عيش ۽ بداخلاقيءَ جي سامان سان پري ڇڏيندي آهي ۽ جڏهن مذهب ان بداخلاقيءَ کي نندينڌو آهي تڏهن ان ماڻهوءَ کان سواءِ جنهن ۾ بداخلاقيءَ واري صلاحيت نہ هوندي آهي ٻيا سڀ ماڻهو مذهب جي خلاف ٿي ويندا آهن.

**پال:** اصل ۾ دولت کان وڌيڪ مشين بي دينيءَ کي وڌايو آهي. صنعتي انقلاب مشين جي مدد سان معجزا ڪري ڏيکاريا ۽ جديد ذهن انهن معجزن کان ايترو متاثر ٿيو آهي جو هو سمجهي ٿو تہ مشين ئي سڀ ڪجھ آهي. وچين دور جي ماڻهن فطرت ۾ خدا جو جلوو ڏٺو ۽ فطرت جي عبادت ڪئي ۽ فن سان فطرت جهڙو حسن تخليق ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر جديد ذهن فطرت کي ڪارائتيون شيون ناهڻ لاءِ خام مواد سمجهيو. نئون ماڻهو ڪٽيندو آهي تہ جيئن ان مان ڪاغذ

ناهي، هوا ۽ پاڻيءَ ۾ ڪيميائيءَ زهر ملائيندو آهي. هڪ مانيٽي ڳوٺ کي ڳوڙ ۽ شور واري شهر ۾ بدلائي ڇڏيندو آهي. نوان اوزار ناهيندو آهي ته جيئن جيترو جلد ٿي سگهي زمين تي قبضو ڪري وٺي. ايمان جي ختم ٿيڻ جو هڪ سبب هي آهي ته انسان وڌيڪ انا پرست ٿي ويو آهي. هو پنهنجن اوزارن سان سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو ان ڪري هو خدا جي ضرورت محسوس نٿو ڪري. ماڻهو جڏهن رڳو پوک ڪندا هئا تڏهن نهنا هئا ۽ شايد وڌيڪ مخلص هئا. هو زمين مان ڦٽندڙ ۽ اسرندڙ زندگيءَ جي مشاهدي مان زندگيءَ جي اسرار جو اندازو لڳائيندا هئا ۽ ڪڏهن به پنهنجن ٻارن کي مشين نه سمجهندا هئا.

ڪليرنس: اسپينسر جا خيال به ڪي قدر اوهان جهڙا هئا. هن جو خيال هو ته صنعتي دور کان اڳ وارن جنگجو گروهن ۾ فطرت کان متاهين هستين ۾ پڪو ايمان هو انڪري جو ان زماني ۾ ماڻهن ۾ اطاعت پئدا ڪرڻ ضروري هو، پر صنعت، جيڪا عقل وڌائيندي آهي ان سان ايمان ڪمزور ٿي پيو. منهنجي خيال ۾ صنعت مذهب لاءِ انڪري به هاجيڪار آهي جو اها جدا جدا مذهبن جي پوئلڳن کي وڏن شهرن ۾ گڏ ڪندي آهي، هو هڪ ٻئي سان لهه وچڙ ۾ ايندا آهن، جنهن سان آهستي آهستي مذهب جو اثر گهٽبو آهي. صنعت مان جمهوريت جنم وٺندي آهي ان ڪري آمريت واري تصور واري خدا جو تصور ڪمزور ٿي ويو ۽ هن جي جاءِ هڪ آئين پسند خدا ورتي ۽ پوءِ انگن جي اهميت سان انسان- دوستيءَ وارو مذهب وجود ۾ آيو.

اينبريو: اوهان اسان جي ڪفر جا سبب ڄاڻائيندي تعليم کي نه وسارجو. اڄ جي شاگرد کي ڪيميائي ۽ طبعياتي تجربيگاهن ۾ اڇلايو ٿو وڃي. جتي هو خدا جي حوالي ڪان سواءِ دنيا کي ختم ٿيندو ۽ وري نهندو ٿو ڏسي. هو حياتيات پڙهندو آهي ۽ جيڪڏهن خوش قسمتي يا بدقسمتي سان هو ڪنهن اهڙي رياست جو شهري نه آهي جتي سائنسي مسئلا ووٽ يا آئين سازيءَ سان حل ڪيا ويندا آهن ته پوءِ هن کي خبر پوندي آهي ته تخليق جو مقصد هڪ ڪارائتو ارتقائي حادثو آهي. هو جڏهن انسان بابت علم ۽ تقابلي مذهب مان پرائيندو آهي، سرجيمز

جون لکٽيون پڙهندو آهي ۽ پنهنجي ايمان ۽ رسم رواج کي هڪ وسيع منظرنامي ۾ جاچيندو آهي. تڏهن اُهي هن کي پراڻي دور واري جهالت جا يادگار لڳندا آهن. ان ڪري اسان جا پوڙها بزرگ اسان جي ڪاليجن کي دهريت جا بيجارا سڏيندا آهن. هي پراڻي دور جا ماڻهو آهن ۽ مجبور آهن.

**وليئم:** اوهان سيني اها ڳالهه وساري ڇڏي ته لادينيت جو هڪ سبب جنگ به آهي. جنگ سان نادارن جو طبقو مذهب جي وڏيڪ ويجهو اچي ويو پر خوشحال ماڻهن ۾ مذهب بابت شڪ وڌيو. ان وقت اها ڳالهه مڃڻ ۾ نٿي آئي ته دنيا جيڪا پنهنجو انت پئي آڻي سا ڪنهن سڀ‍ڳوري قادر جي تخليق آهي.

**فلپ:** سبب ڪهڙا به هجن پر مڃڻو پوندو ته مذهب اولهه جي دنيا ۾ پنهنجو اثر وڃائي چڪو آهي ۽ لادينيت جي لهر زندگيءَ جي انهن سيني رخن کي وڪوڙيندي ٿي وڃي جيڪي ڪڏهن مذهب جي اثر هيٺ هئا، هي ڪاليج جن جو اوهان ذڪر ڪيو ڪڏهن مذهبي فرقن جي نمائندگي ڪندا هئا. پر صنعتي دور ۾ اندازو ٿيو ته اسان جا ڪاليج، فلاسافر، شاعر، خطيب، دينيات جا ماهر ٿا پئدا ڪن جڏهن ته صنعت کي انجنيئرن، اڪاؤنٽنٽن ۽ ڪلارڪن جي ضرورت هئي جيڪي اُهي پئدا نٿا ڪن. صنعت شڪايت ڪئي ۽ جڏهن ڪاليجن ڏٺو ته شڪايت ڪرڻ وارو مالدار آهي ته انهن پادرين کي ڪڍي سرمائيدارن کي پنهنجو سرپرست بڻايو، فرقي واري آئين کي ختم ڪيو، پينشن جا اصول ناهيا ۽ ادب ۽ فلسفي جي جاءِ طبعيات ۽ ڪيميا ورتي. سائنس مذهب کان يونيورسٽيون کسي ڇڏيون آهن.

اسان جي لامذهبيت جو سرچشمو اهو آهي. ان چشمي مان اهو واه به نڪتو جنهن اسان جي زندگيءَ جي هر رُخ کي ٻوڙي ڇڏيو، اڳ ڪن مقدس هستين جي ڏينهن تي موڪلون ٿينديون هيون جيڪي غم ۽ خوشي ٻنهي جا ڏِڻ هوندا هئا، اهي هستيون هاڻي وسري ويون آهن. زراعت لاءِ ڪڏهن دعائون ۽ ڪي مذهبي رسمون ضروري هيون. هاڻي زراعت ٽريڪٽرن ۽ ڪيميائي ڀاڻن جي محتاج آهي. قانون رب جي

رضا جو اظهار هو هاڻي ڪانگريس جي ليڊرن جي رضا جو اظهار آهي. رياست جي شناخت مذهب هو هاڻي اها هر اصول ڪان آجي آهي ۽ مذهب کي پڇاڙُو ڪرڻ واري حيثيت ڏيڻ لاءِ به تيار نه آهي. اسان جي حڪومت سال ۾ رڳو "شڪراني" واري ڏينهن مسيحي ٿيندي آهي ۽ پوءِ پورو سال ان ڏينهن جو ڪفارو ادا ڪندي آهي. ڪمال اتا ترڪ جمهوري رياست کي غير مذهبي بڻايو ته ترڪيءَ ۾ ڪن ٿورن اخبارن ان ڳالهه کي ذڪر لائق سمجهيو.

اها به حقيقت آهي ته ڪيترن گروهن ۽ روشن خيال ذهنن جي ڪُنڊن ۾ اڄ به اجايا وهم ۽ عقيدا موجود آهن. پر پراڻي دور جي خوني رسمن ۽ اجاين عقيدن جي پيٽ ۾ اهي گهٽي قدر چڱا آهن. اسان اولهه يورپ ۽ اوپر جي پيٽ ڪيون ته اسان کي پنهنجي لامذهبيت جو اندازو ٿي ويندو. گبن ٿو چئي ته اوائلي دور جا مسيحي سمجهندا هئا ته هر پاسي ڪان شيطان هنن تي حملا پيا ڪن ۽ گرجا جي رحم ۽ ڪرم جي ڪري ڪين بڪ، بيماري، ايستائين جو موت ڪان به ڇوٽڪارو ملي ٿو وڃي. اڄ انهن عقيدن مان ڪوبه نه بچيو آهي. تهذيب جي تاريخ اصل ۾ لامذهبيت جي تاريخ آهي. اڄ جيڪي خطبا اسين ٻڌون ٿا انهن ۾ شيطانن، مذهبي اڳ ڪتين ۽ جهنم جو ذڪر نه هوندو آهي. خوف، بيمارين ۽ خود موت جون ڳالهيون به نه هونديون آهن. هر شيءِ کي عقل جي روشني ۾ ڏٺو ٿو وڃي ۽ دينيات پنهنجو پراڻو اُتساهه ڇڏي فلسفي ۽ اخلاقيات جو ميلاپ ٿي پئي آهي. اخلاقيات ڪڏهن گرجا جي ملڪيت هئي هاڻي گرجا ۽ رياست ٻنهي ڪان اڳتي نڪري وئي آهي. اخلاقيات جا آسماني احڪامن وارا بنياد ڪمزور ٿي ويا آهن ۽ گناهه جو احساس ختم ٿيندو پيو وڃي. اسان جي نوجوان نسل جي اخلاقيات جو مدار نيڪيءَ تي نه پر احتياط تي آهي.

اينڊريو: مذهب بابت مون کي انگ اکر گڏ ڪيا آهن. چارلس بوٿ جي رپورٽ مطابق لنڊن جا 75 سيڪڙو ماڻهو گرجا جو اندريون حصو نٿا ڏسن. ٽيني ٿو چئي ته 1890ع واري دور ۾ به پئرس شهر ۾ جتي 10,00,000 ڪيٿولڪ آباد هئا انهن مان رڳو 1,00,000 ايسٽر جو

فرض ادا ڪندا هئا جيڪو سال جو هڪ مقدس فرض آهي. فرانس جي 3,20,00,000 ڪيٿولڪن جي آبادي مان رڳو 20,00,000 اعتراف لاءِ پادرين وٽ ويندا آهن. لاطيني آمريڪا جي ملڪن ۾ عورت لاءِ مذهب جنس کان ٻئي نمبر تي آهي. فرانس جي عاليشان عباتگاهن جو عبادت جي ڪري نہ پر سياحن جي ڪري خيال رکيو ويندو آهي...... لنڊن جي ڊيلي نيوز پڙهندڙن لاءِ هڪ سوالنامو جاري ڪيو جنهن سان انڪشاف ٿيو تہ جن ماڻهن وٽ اهو سوالنامو پهتو انهن مان ٿيهہ سيڪڙو دهريا هئا، چاليهہ سيڪڙو ماڻهن مسيح جي خدا وارين وصفن کان انڪار ڪيو. انجيل جي پئدائش واري نظريي کي نٿي مڃيو. اهو ساڳيو سوالنامو لنڊن جي ٻن اخبارن جي پڙهندڙن ڏانهن موڪليو ويو. انهن مان پنجاهہ سيڪڙو دانشور دهريا هئا ۽ 10088 جواب ڏيڻ وارن مان رڳو 88 سيڪڙو ماڻهن Pentateuch جي صداقت قبول ڪئي. نيويارڪ ورلڊ جي ڪرايل سروي مان ظاهر ٿيو تہ 7,500 ايمان وارا ۽ 2,924 دهريا هئا. 6,292 موت کان پوءِ واري حياتي تي اعتماد رکن پيا ۽ 3951 نہ پيا رکن. 6,327 جو عبادت ۾ ويساهہ هو ۽ 4063 جو نہ هو. 5,556 جو انجيل جي روحانيت ۾ ايمان هو ۽ 4614 جو نہ هو. 4951 عبادت لاءِ گرجا ۾ ويندا هئا ۽ 5388 نہ ويندا هئا. 2684 ماڻهو پنهنجي خاندان سان گهر ۾ عبادت ڪندا هئا ۽ 7320 نہ ڪندا هئا........

اهي انگ اکر رڳو نيويارڪ شهر جا آهن ۽ جيڪڏهن قومي سطح تي سروي ڪرائجي ها تہ پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل لامذهب وارن جو انگ ايمان وارن کان گهڻو وڌيڪ هجي ها.

**ڪليرنس:** تنهنجا آخري اکر وڌيڪ هاجيڪار آهن. مسيحيت لاءِ حالتون انهن انگن اکرن کان وڌيڪ خراب آهن. ان سروي ۾ جن هاڪاري جواب ڏاها انهن ۾ رڳو مسيحي نہ هئا پر ٿيو سو فسٽ ۽ انهن جهڙا عقيدا رکڻ وارا بہ هئا. آثار ٻڌائن ٿا تہ اڄ مسيحيت اهڙي ئي زوال جو شڪار آهي جهڙي زوال سافسٽس جي عروج ۽ روشن خياليءَ سان يوناني مذهب جو ٿيو هو. والٽيئر يونان جو پروٽيگورس،

ڊيڊيرو ڊيموڪريٽس، ڪانٽ افلاطون، اسپينسر ارسطو ۽ اناطول فرانس ايپي ڪيورس هو. اسان خدائن جي لهندڙ سج جي شفق ۾ زندگي پيا گذاريون.

## مذهب جو منصب

**پال:** ڪليرنس، اوهان جي ڳالهين مان اُداسي ٿي بکي. اوهان جو محسوس ڪرڻ جو انداز اسان جهڙو ئي مذهبي آهي، اوهان جو تجزيو ڪرڻ وارو ذهن، جنهن تي اوهان پاڙيو ٿا، اوهان کي ايمان کان پري ٿو رکي. ڇا اوهان کي يقين آهي ته اوهان جو منطق اوهان جي دل کان وڌيڪ اعتماد جوڳو آهي. ڇا هي فلڪيات، هي طبعيات هي حياتيات جا علم ايترا مستند آهن جو انهن جي ڪري اوهان ان اميد کي ختم ڪيو جيڪا عقيدي لکين ماڻهن ۾ پئدا ڪئي آهي.

**ڪليرنس:** مون کي خبر آهي ته ايمان سان دل کي ڪيڏو سڪون ٿو ملي. منهنجو هڪ پوڙهو چاچو جابلو علائقن ۾ رهندو آهي. هن ساري حياتي هر هلايو ۽ جڏهن سندس ٽنگون هلڻ کان لاچار ٿي پيون تڏهن باهه جي پر ۾ ويهي زندگيءَ جا ڏينهن گذارڻ لڳو. هو چوندو آهي. ”مان ايڏو خراب نه آهيان. زندگيءَ ۾ ٻه چار گناهه ڪيا اٿم پر خدا وڏو رحيم آهي هو مون کي ضرور معاف ڪندو.“ هن جي پوڙهي زال هن جي پر ۾ ويهي انجيل پڙهندي آهي ۽ مسيح جي هر لفظ کي وڏي خوشيءَ سان پنهنجي اندر ۾ جذب ڪندي آهي. مان هنن جي اميدن کي ٽوڙڻ نٿو گهران. هنن کان سندن سڪون ڇو کسجي؟ ويجهي ڳوٺ ۾ اڇي رنگ جي هڪ صاف گرجا آهي. لکن ماڻهن جا روح اُتان ايمان جي دولت حاصل ڪندا آهن. گرجا جي پٺيان هڪ قبرستان آهي. اتي هر قبر تي ڪنهن فرشتي جو مجسمو يا صليب جو نشان لڳل آهي ۽ هر قبر جي تختيءَ تي مڙدي کي مسيح جي شفقت جي هنج ۾ اچڻ لاءِ آجيان جا اکر لکيل آهن. مان سمجهان ٿو ته جيڪڏهن اهي ماڻهو سچ تي آهن ته پوءِ دنيا يقيناً زياده حسين آهي.

**اينبريو:** اوهان ڏاڍا جذباتي آهيو. ميٿيو جي ڳالهه ورجائيندي اوهان چيو ته جنت جي اميد زندگيءَ کي خوشگوا ٿي بڻائي پر اوهان

اهو نتا ٻڌايو ته ماڻهن کي سزا طور هميشه لاءِ جهنم جي باهه ۾ سڙڻ جو ڊپ ڏياري اوهان سندن زندگي کي جهنم بنائي ڇڏيو آهي. مقدس ڪتاب چوي ٿو ته گهٽي قدر ماڻهو دوزخ ۾ ويندا. اوهان ميٿيو کي چونه ٿا ٻڌايو نه مذهب ماڻهن جي زندگي کي عذاب بڻائي ڇڏيو آهي. عقيده پرستي ۽ معمولي مذهبي اختلافن جي ڪري ڪيترا خاندان وڇڙي ويا آهن. فرقي پرستيءَ لکين انسانن کي جنگين ۾ وچڙائي ڇڏيو آهي. ڪيترن مردن توڙي عورتن کي رڳو ان ڳالهه جي ڪري ماريو ويو ته ڪٿي هنن جو معمولي شرڪ مقدس ڪتاب تي داغ نه لڳائي ڇڏي. اوهان جي ڳالهين سان مون کي اسپينگلر جو قول ٿو ياد اچي ته دهريت صحيح مذهبيت جي خواهش سان مطابقت ٿي رکي، اها به هڪ نوع جي رومانيت آهي جيڪا ڪڏهن واپس نه موٽڻ واري ماضيءَ کي واپس ٿي موٽائي. اسان جي صديءَ جي اوائل ۾ اهڙا ڪيترا دهريا پيدا ٿيا جيئن اناطول فرانس، جارج مور، جارج سنٽايانا جن پنهنجي مئل ايمان تي ماتم ٿي ڪيو. هو هڪ عبوري دور جا ماڻهو هئا. هنن جو اولاد هنن وانگر محسوس نٿو ڪري ۽ شايد انهن جو اولاد ان مذهبي ڪيفيت کان بلڪل اڻ ڄاڻ هوندو. اسين جيڪڏهن ٻن ٽن نسلن تائين ماڻهن کي موت کان پوءِ واري حياتيءَ جي تصور کان پري رکون ته اها شاعراڻي اداسي ختم ٿي ويندي.

ولئم: منهنجي خيال ۾ ائين نه آهي اينڊريو! ايمان فطري آهي. اهو سڌو سنئون انسان جي جبلتن ۽ جذباتي گهرجن مان پيدا ٿو ٿئي، جان جي بچاءَ جي جبلت مان، اُجوري رفاقت ۽ تحفظ ۽ پيش پوڻ جي خواهش مان ٿو اُسري. ڪڏهن ڪڏهن خوش قسمتيءَ جو احساس اسان تي حاوي ٿي ويندو آهي ۽ اسان جي دل چوندي اهي ته روح ڪائنات اسان جي شڪراني کان آگاهه ٿئي نتشي ٿو چئي ته جنهن نموني بدنصيبي خوش قسمتيءَ ۾ بدلبي آهي ان سان ماڻهوءَ ۾ خدا ۾ ايمان جو لاڙو پيدا ٿيندو آهي. اوهان هڪ صديءَ لاءِ مذهب کي دٻائي ڇڏيو سال کان پوءِ ان کي آجو ڪندا ته مذهب وري اُڀري ايندو. ايمان شڪ کان وڌيڪ فطري آهي انڪري ايمان جو پيدا ٿيڻ سولو آهي. شڪ اسان جي شخصيت کي سُسائيندو آهي جڏهن ته ايمان ان کي وسعت

ڏيندو آهي. اسان جي هاضمي ۽ رت جي دوري کي بهتر ڪندو آهي. هر شڪ ڪرڻ واري جو هاضمو خراب هوندو آهي. ان ڪري پرأميدي مايوسيءَ کان وڌيڪ عام آهي. نيپولئن چيو هو تہ اميد پئدا ڪرڻ وارا ليڪڪ ماڻهن ۾ وڌيڪ مقبول هوندا آهن. شڪ ڪرڻ وارن کي ڪوشش ڪرڻي پوندي آهي ۽ ماڻهو فطريءَ طرح آرام طلب آهي. گهٽي پاڱي ماڻهو ٻين جي پورهي تي پلجڻ وارا هوندا آهن ۽ ڪي تورا ماڻهو محنت ڪندا آهن. رڳو مضبوط شخصيتون شڪ ڪري سگهنديون اهن. شڪ ڪرڻ جوکم جو ڪم آهي.

ميٿيو: اوهان مذهب جو هڪ ٻيو ماخذ وساري ڇڏيو. اهو ماڻهوءَ جي شخصيت جو شاعراڻو رخ آهي. مذهب نہ رڳو موت مان ڏنگ ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ زندگيءَ کي رسمن، تعميراتي فن، بت تراشي، مصوري ۽ موسيقي سان وڌيڪ حسين بڻايو آهي، جم کان وني شاديءَ کان پوءِ تائين جي واقعن کي اهڙو تقدس ڏنو آهي جو اهي عام موقعا انسان جي گهرن جذبن سان لاڳاپجي ويا آهن ۽ انهن فنن سان حسين ٿي پيا آهن ۽ ائين زندگيءَ جي الميي کي هڪ منزل ڏانهن شاعراڻي سفر ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. انهن کان سواءِ زندگي ائين ڦڪي آهي جيئن روح کان سواءِ جسم، ڪڏهن ڪڏهن مان سوچيندو آهيان تہ آچر جي رات جو جڏهن گرجا جون گهنٽيون وڄنديون آهن ان وقت دهريو ڇا محسوس ڪندو آهي. ڇا هن کي اڪيلي هجڻ جو احساس نہ ٿيندو اهي. ڇا اوهان لاءِ مقدس ڏينهن ٻين عام ڏينهن جهڙا هوندا آهن. منهنجي خيال ۾ تہ اوهان جا ناچ گانا آچر جي ڏينهن سينٽ پيٽر ۽ سينٽ ٿامس جي جاءِ ولاري نٿا سگهن.

اينڊريو: سچ ٻڌاءِ ميٿيو، ڇا اوهين گرجا ۾ بور نہ ٿيندا آهيو؟

ميٿيو: ڪڏهن ڪڏهن ٿوري دير لاءِ ٿيندو آهيان پر پوءِ جڏهن منهنجو ذهن روشن ٿيندو آهي تہ مون کي خبر پوندي آهي تہ گرجا ۾ هڪ ڪلاڪ گذارڻ سان مان پورو هفتو خوش گذاري سگهندو آهيان ۽ مون ۾ وڏو اتساهہ پئدا ٿيندو آهي. اسان جي پيٽ ۾ اوهان لاءِ ڪرسمس جو ڏينهن ڪيترو نہ بي مزي هوندو. مون کي ياد آهي تہ

ڪرسمس ڪان هڪ ڏينهن اڳ اسان خاندان جا سڀ ڀاتي دعا ڪندا هئاسين، ڪرسمس جي ڏينهن به عبادت ڪندا هئاسين. هرڪو ماڻهو خوش نظر ايندو هو. برف سان سارو ماحول اُجرو ٿي ويندو هو. گهنٽيون وڄنديون هيون. ڪرسمس جا وڻ جرڪندا هئا. ٻار سوکڙيون وٺي ۽ وڏا سوکڙيون ڏيئي خوش ٿيندا هئا. نئين سال جي ڏينهن اسان سڀ ٻار پيءُ اڳيان جهڪندا هئاسين. ڪانئس شفقت گهرندا هئاسين، انهن ڏينهن ۾ ڪٽنب اهڙا هوندا هئا. اڄ اهو تقدس ختم ٿي ويو آهي. ڏوهه وڌندا ٿا وڃن ۽ احترام ختم ٿيندو ٿو وڃي.

**ڪليرنس:** منهنجو هڪ عزيز دوست چوندو آهي ته مذهب کي سمجهڻ جون چار منزلون آهن. پهرين منزل جذباتي اعتماد آهي، ٻي منزل الاهياتي اعتقاد آهي. ٽين منزل مڪمل مايوسي آهي ۽ چوٿين منزل مذهب جو جمالياتي شعور آهي. ميٿيو مان اوهان سان چوٿين منزل تي هجڻ پسند ڪندس. پر ڏکي ڳالهه اها آهي ته اوهان ان کي سچ ٿا سمجهو.

**ميٿيو:** سچ نه سمجهون ته پوءِ سڀ مذاق لڳندو. ڪا شيءِ نه هوندي ته پوءِ حسين ڪيئن هوندي.

**پال:** اوهان مذهب جي رڳو هڪ رخ کي ظاهر ڪيو آهي ۽ رڳو ماڻهن لاءِ ان جي اهميت ٻڌائي آهي جڏهن ته سماج لاءِ به مذهب جي اهميت ايڏي ئي وڏي آهي. شاديءَ جون مذهبي رسمون رڳو مڙد ۽ عورت کي هڪ هنڌ گڏ نه ٿيون ڪن پر ان واقعي کي جذباتي جوش ۽ عقيدت به ٿيون بخشن. انهن مذهبي رسمن کان سواءِ شادي رڳو عورت مڙد جي گڏ رهڻ جي اجازت ٿي پوي. اهڙيءَ طرح خاندان ۽ رياست مضبوط رشتن ۾ ٻڌجي ويندا آهن. اسان ڏسندا آهيون ته انساني زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن انفرادي جبلتون اجتماعي جبلتن کان گهٽيون طاقتور هونديون آهن. ٻار پئدا ڪرڻ واري جبلت لاءِ ضروري نه آهي ته اها سماجي هجي ڇاڪاڻ جو اها جبلت انتشار به پکيڙي سگهي ٿي. مذهب جي عظيم سوکڙي اها آهي ته مذهب تقدس جي احساس، اخلاقي تعليم ۽ جنت جي واعدي سان........

**اينبريو:** ۽ جهنم جي ڊپ سان

**پال:** ماڻهو جيڪو هزارين صدين تائين جيئڻ جي جنگ ۾ مانيءَ لاءِ وڙهندو ۽ طاقت سان حڪمراني ڪندو هو ان ۾ خود غرضيءَ ۽ لالچ جي جيڪا جبلت پئدا ٿي هئي ان جي جاءِ تي اجتماعي جبلت کي مضبوط ڪيو. جهنم ۾ منهنجو ويساهه نه آهي پر جهنم جي تصور لکين ڪروڙين ماڻهن کي شر کان پري رکيو آهي. جيڪڏهن ڪو نوجوان سمجهي ٿو ته جهنم ڪونهي ته پوءِ شيطان جي قبضي ۾ اچي ٿو وڃي اخلاق فرد کان اجتماعيت ۽ حال کان مستقبل کي اهميت ٿو ڏي. ائين مذهب جي ڪري ٿو ٿئي. هاف ڊنگ چيو آهي ته مذهب قدرن جي تحفظ جو نالو آهي. مذهب کان سواءِ اخلاق رڳو حساب ڪتاب تي ويندو. فرض جو احساس مٽجي ٿو وڃي ۽ هر نوجوان پنهنجي سموري ذهانت ۽ تعليم کي اخلاقي حڪمن جي انحرافي ڪرڻ لاءِ استعمال ٿو ڪري.

**فلپ:** ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته تاريخ ۾ اسڪول قائم ٿيڻ کان اڳ مذهب ماڻهوءَ کي مهذب بنائڻ لاءِ وڏي قوت رهيو آهي. بنجامن ڪڊ جو خيال هو ته تهذيب مذهبي اخلاق جي بنيادن تي بيٺل آهي. نارڊ جو چوڻ آهي ته ڪن دهرين جي اعليٰ اخلاقي زندگيءَ جو سبب هنن جي مذهبي تهذيب، مذهبي تربيت آهي جنهن کي ڪارلائل مذهب جي ڇڏيل روشني ٿو چئي. ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪندي رينان چيو آهي ته اسان هڪ پاڇي جي پاڇي تي زندگي پيا گذاريون. اسان کان پوءِ ماڻهو ڇا تي زندگي گذاريندا؟ اها ڇڏيل روشني به نه رهندي ته پوءِ ماڻهو جي ڪوڙ ڳالهائڻ، چوري ڪرڻ، قتل ڪرڻ جي لاڙن کي ڪير روڪي سگهندو؟ رينان جي خيال ۾ مذهب هڪ لازمي خود فريبي آهي. دستوفسڪي اها ڳالهه سمجهائڻ لاءِ دنيا جا عظيم ناول لکيا ته جڏهن ماڻهو خدا کي ڇڏي ٿا ڏين ته پوءِ شيطان سندن دماغن تي قبضو ٿو ڪري. فرانس ۽ آمريڪا جي انقلابن کان اڳ رياست هميشه پاڻ کي مذهب سان لاڳاپيل رکيو ۽ مذهب جي اخلاقي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ ان کي مالي ۽ فوجي امداد ڏني. گرجا ۽ رياست ۾ ڇڪتاڻ جو سبب اهو آهي ته مسيحت هاڻي قومي مذهب نه آهي پر عالمي مذهب ٿي وئي

آهي. گرجا هاڻي خادم جي بدران آقا آهي ۽ هرڪا جديد رياست پنهنجي حاڪميت قائم ڪرڻ لاءِ گرجا جي طاقت خلاف وڙهڻ لاءِ مجبور ٿي پئي آهي. ٻنهي جو هڪٻئي کان جدا ٿيڻ نه ۽ ماديءَ جي جدا ٿيڻ جهڙو آهي جيڪا هڪ عجيب ڳالهه آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهو وقتي هجي.

پلوٽارڪ هڪ هنڌ چيو آهي ته علائقي کان سواءِ ڪو شهر ته قائم ٿي سگهي ٿو. پر ڪا رياست خدا تي ايمان کان سواءِ قائم ٿي نٿي سگهي. بيل جو چوڻ هونه خدا جي تصور کانسواءِ به رياست قائم ٿي سگهي ٿي تنهن تي والٽيئر چيو ته جيڪڏهن بيل کي ڇهه سؤ هارين تي حڪومت ڪرڻي پوي ته هو به انتظام هلائڻ لاءِ ڪين خدا جو ڊپ ڏيارڻ لاءِ مجبور ٿي پوندو. نيپولئين جو چوڻ آهي ته مسيحيت جو سڀ کان وڏو معجزو هي آهي ته هن مفلسن کي اميرن کي قتل ڪرڻ کان جهليو آهي. روم جي وڏي پادريءَ جو وجود نه هجي ها ته پوءِ مون کي روم جو وڏو پادري ايجاد ڪرڻو پوي ها، هڪ اجتماعي مذهب پنهنجن پوئلڳن ۾ اجتماعي ٻڌي ۽ اجتماعي اُتساه پئدا ڪندو آهي جنهن جي ڪري هو سر ڏيڻ لاءِ تيار هوندا آهن ان جو وڏو مثال مسلمان ۽ جپاني آهن.

اينبريو: حڪومت ۽ اخلاق لاءِ مذهب کي ضروري سمجهڻ اجايو آهي. ڊين سُوفٽ مذهب جو وڏو عالم هو. هن چيو آهي ته مذهب محبت کان وڌيڪ نفرت ٿو سيکاري. مذهب ماڻهن ۾ ويڇا به ٿو وجهي ته انهن کي ملائي به ٿو. ان لاءِ 1928ع وارين چونڊن کي ٿورو ياد ڪيو. هڪ آئرستانيءَ چيو آهي ته مذهب اسان لاءِ مصيبت آهي. اسان مان ڪو پروٽيشنٽ ۽ ڪو ڪيٿولڪ آهي. جيڪڏهن اسين سڀ دهريا هجون ته اسين سنن مسيحن وانگر گڏجي رهي سگهون. جنهن کي اوهان اتحاد ٿا چئو ان کي مان وڏو جمود ٿو چوان، اهو اتحاد جيڪو مذهب ڪنهن قوم کي ڏيندو آهي. جيستائين ان ڳالهه جو سوال آهي ته مذهب وحشي ماڻهوءَ کي مهذب ٿو بڻائي ان لاءِ اوهان پراڻن مذهبن ۾ انساني قربانيءَ لاءِ ڇا چوندا ۽ جديد گرجا غلاميءَ کي ۽ موجود کي جيئن جو تيئن قائم رکڻ جي جيڪا حمايت ڪندي رهي ان لاءِ اوهان ڇا ٿا چئو.

گهڻو وقت اڳ هيوم ان ڳالهه کي رد ڪيو ته مذهب اخلاق جو بنياد آهي. هن جي خيال ۾ مذهب اخلاق کان پوءِ جنم ورتو آهي ۽ جيڪڏهن مذهب ۽ اخلاق ۾ ڪو تعلق مجون ته اهو هي آهي ته اخلاق تعليم ۽ تحفظ جي ذريعي مذهب کي بهتر بنايو آهي. سمنر اها ساڳي ڳالهه وڌي جرات منديءَ سان ڪئي آهي ۽ چيو آهي ته گرجا ڪڏهن به پنهنجي دور جي اعليٰ قدرن جي حمايت نه ڪئي آهي. تحقيق سان ثابت ٿو ٿئي ته گرجا ڪڏهن به ڪنهن اعليٰ خيال جي پنيرائي نه ڪئي آهي. پر حقيقت هيءَ آهي ته روحاني قدرن کي حق جي انهن سپاهين اختيار ڪيو آهي جيڪي هميشه گرجا جي مخالفت ڪندا هئا.

ميٿيو: پر چا ان ڳالهه جي سيني کي خبر نه آهي ته مذهبي عقيدي جي ڪمزور ٿيڻ سان اخلاقي انتشار پئدا ٿيو آهي. ماڻهوءَ جي ذهني اٿل پٿل، جنسي بي راهه روي، فحش ادب ۽ نماءُ پسند ڊراما، اهي اوهان کي گرجا جي پوئلڳن ۾ نظر نه ايندا. ڊارون جي نظريي اسان ۾ قسمت پرستي، مايوسي ۽ هڪ اداسيءَ واري لذت پرستي پئدا ڪئي آهي. ٿامس هارڊي ان پراڻي اداسيءَ جي ڳالهه ٿو ڪري جيڪا مهذب ماڻهن جي ذهنن کي وڪوڙي وئي آهي، ڇاڪاڻ جو هو هڪ ٻاجهاري خدا جي ايمان کان محروم ٿي ويا آهن. اسان جو نسل هڪ اداس نسل آهي. جيڪو مسرت پرستي ۽ پيٽ پرائيءَ سان پنهنجي اندر جي خال کي وسارڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. اوهان کي اهو قول ياد آهي ته مذهب قوم جي عروج جي علامت ۽ فلسفو ان جي موت جي نشاني آهي.

**فلپ**: نيپولئين چيو هو ته هڪ سنو فلاسافر خراب شهري هوندو آهي.

ميٿيو: هڪ خراب شهري سنو فلاسافر ٿي نٿو سگهي. ڪوبه چڱو شهري اهو برداشت نه ڪندو ته هڪ سطحي ۽ وقتي سائنس ان مذهب کي ختم ڪري جنهن اسان جي تهذيب ۽ اخلاق جي تعمير ڪئي. بي دين يورپ ڪيستائين پنهنجي خود غرض طبقاتي مفاد ۽ انفرادي لالچ سان اهڙي اوپر جو مقابلو ڪري سگهندو جنهن وٽ صنعت به آهي ته مذهب به آهي. جيڪڏهن اوهان پنهنجي تعليم سان

ماڻهن کي اميد کان محروم ڪندا جيڪو هنن جو سڀ کان پيارو سرمايو آهي تہ پوءِ اوهان ڪيس مايوسيءَ کان ڪيئن بچائي سگهندا؟ ڊي موسي پنهنجي ڪتاب صديءَ جي هڪ بار جا اعتراف جي شروعات ۾ هڪڙو سوال پڇيو آهي جنهن جو اوهان وٽ جواب ڪونهي:

مسيح جي مخالفن مفلس کان پڇيو، تون وڏي صبر سان يومِ حساب جو انتظار ٿو ڪرين، جڏهن تہ يومِ حساب جو ڪو وجود ڪونهي. تون پنهنجن ڏکن ڏولا..ن جي بدلي لاءِ دائمي زندگيءَ جو انتظار ٿو ڪرين جڏهن تہ ان جو وجود ڪونهي. تون پنهنجن ۽ پنهنجن ٻارن ٻچن جي لڙڪن کي گڏ ٿو ڪرين. ٻارن جي روح راڙي ۽ آهن دانهن کي گڏ ٿو ڪرين تہ موت وقت تون اهي خدا آڏو پيش ڪرين جڏهن تہ خدا جو وجود ڪونهي.

مفلس انسان پنهنجا لڙڪ اُگهيا؟ زال کي سُڏڪا ڀرڻ کان جهليو ۽ ٻارن کي ساڻس گڏ ٻيهڻ لاءِ چيو. پوءِ هن پاڏي جهڙي طاقت سان زمين تي پير کوڙيا ۽ سرمائيدار کي چيائين: تو مون کي پيڙهيو آهي، تون بہ انسان آهين.“ هن پادريءَ کي چيو: ”تون مون کي دلاسا ڏنا. تون ڪوڙو هئين“. شايد تہ مسيح جا مخالف اهو ئي چاهن پيا. شايد هنن سمجهيو ٿي تہ هنن کي خوشي ڏيارڻ جو اهوئي طريقو آهي تہ هو آزاديءَ کي ڳولهي لهن. جيڪڏهن مفلس ماڻهوءَ کي يقين ٿي وڃي تہ پادري هن کي فريب ٿا ڏين ۽ سرمائيدار کين ڦرن ٿا ۽ سيني ماڻهن کي هڪ جهڙا حق حاصل آهن. دنيا جي خوشحالي ئي اصل نيڪي آهي، ناداري سڀ کان وڏو گناهہ آهي. تہ پوءِ هو پنهنجو پاڻ تي ۽ پنهنجن ٻانهن جي ٻل تي ڀروسو ڪندي ڪنهن ڏينهن چئي ڏيندو تہ اميرن سان وڙهڻو آهي. مون کي هن دنيا ۾ خوشيون گهرجن چاڪاڻ تہ موت کان پوءِ زندگي ڪانهي. مون کي ڌرتي گهرجي چاڪاڻ جو جنت رڳو خيال آهي. سڀ ماڻهو برابر آهن ۽ سيني کي ڌرتيءَ جي دولت ۾ هڪ جيترو حصو ملڻ گهرجي. اهڙي صورتحال ۾ اعليٰ دليل ڏيڻ وارن کي سمجهڻ گهرجي تہ ان مقام تي کين هنن پهچايو آهي. پرجي ان جنگ ۾ هن شڪست کاڌي تہ پوءِ؟

اوهان کي خبر نہ آهي تہ گرجا جو هڪڙو مقصد اهو رهيو آهي تہ اها ڪمزور کي طاقتور آڏو پيش پوڻ واري اڻ تر حقيقت کي ڪمزورن کان مجرائي. اوهان مفلس کي بغاوت لاءِ اُتساهيو ٿا پر اوهان نٿا سمجهو تہ اوهين مفلسن کي چالاڪ، طاقتور، ۽ بي اصول سرمائيدارن سان مقابلو ٿا ڪرايو جن کان هو شڪست کائيندا. اوهين هنن کان خدا کي کسي کين آزادي ٿا ڏيو. پر علم ۽ طاقت کان سواءِ آزادي ڪيئن حاصل ٿي سگهي ٿي؟ جي هنن شڪست کاڌي تہ پوءِ اوهين کين ڪهڙو جواب ڏيندا. جڏهن انقلاب ۾ گهٽين ۾ هنن جو رت وهندو ۽ جڏهن جيئاپي جي جنگ ۾ طاقتور ڪامياب ٿيندو ۽ پراڻن جابرن جي جاءِ نوان جا بر وِلاريندا.

**فلپ**: ٿي سگهي ٿو تہ الاهيائي عقيدن جي وڪرڻ سان اسان جو سماج پڄي پُري پوي. چاڪاڻ تہ اهي عقيدا ئي اسان جي اخلاقي نظام جو بنياد آهن. شايد سائنس انهن عقيدن جي متبادل ٿي نہ سگهي. اسان رڳو علم جي واڌاري تي ڀاڙي سگهون ٿا.

**ميٽيو**: پر ٿورو علم خطرناڪ ٿيندو آهي ۽ ماڻهو ٿورو علم ئي حاصل ڪري سگهي ٿو. تعليم رڳو هڪ مشين آهي جيڪا مڙدن ۽ عورتن کي موقعہ پرست بڻائيندي آهي.

**فلپ**: ها، اسان اڃا ٿوري علم واري منزل تي آهيون پر اسين اڳتي وڌنداسين. ڪنهن ڏينهن علم دانائي ٿي ويندو. گهٽ ۾ گهٽ اسان جي ليڊرن لاءِ تہ ضروري ٿيندو ۽ پوءِ ثابت ٿيندو تہ سقراط صحيح هو. مذهب ۽ عقيدي جي موت سان جيڪا اخلاقيات بچي سگهي ٿي اها ذهانت ۽ دانش جي اخلاقيات آهي. اهو اخلاق مستقل حيثيت رکي ٿو جيڪو علم جي بنيادن تي بيٺل آهي. جيڪڏهن اسان تعليم تي ڀروسو نٿا ڪيون تہ پوءِ ڪنهن بہ شيءِ تي ڪري نٿا سگهون.

**ميٽيو**: اوهان مان ڪي رواقين وانگر فطري اخلاق اختيار ڪندا. گهڻا ڪائيندا پيئندا ۽ طلاقون وٺندا. شايد ٻن نسلن کان پوءِ اوهان کي خبر پوندي تہ بي اعتمادي ماڻهوءَ کي ڪٿي تي پهچائي. پال! تنهنجا

خالي گرجا وري پرجي ويندا. اسان کي خبر هئڻ گهرجي تہ رڳو ڪجي ٿورا ماڻهو دهريت جي اثر هيٺ آهن. اسان جي چوڌاري ۽ هر هنڌ سادا ماڻهو آهن جيڪي اڄ بہ خدا جي عبادت ڪندا آهن. اوهان سڀ هليا ويندا پر پويان گرجا قائم هوندا. پهريان کان وڌيڪ مضبوط ۽ فائديمند هوندا. پنهنجي ٻارن کي رحمدلي ۽ وفاداريءَ جي سکيا پيا ڏيندا. تقديس جي مثالن سان سندن دلين کي متي پيا ڪندا ۽ ماڻهن کي زندگيءَ جي شر ۽ موت جي اڻ ٽر اونداهي حقيقت لاءِ تيار پيا ڪندا. دنيا توهان کي ائين وساري ڇڏيندي جيئن دنيا ڊيموڪريٽس ۽ لبوڪريٽس کي وساري ڇڏيو آهي ۽ دنيا مسيح ڏانهن موٽندي.

ڪليرنس: شايد ائين ٿئي.

## خدا جو نئون تصور

پال: ميٿيو! مان اوهان جون ڳالهيون ٿو ٻڌان تہ گرجا جو پوئلڳ ٿيڻ تي دل ٿي چوي، پر شايد مستقبل اوهان جو ساٿ نہ ڏي. جيئن جيئن تعليم وڌندي ماڻهو حسن ۽ حق ۾ فرق محسوس ڪندا. جيڪڏهن مسيحيت رڳو اڻ ڄاڻ ماڻهن جي دلين جي آٿت جو وسيلو ٿيڻ نٿي گهري تہ پوءِ هن کي ڪاپرنيڪس Capernicus ۽ ڊارون جي دنيا ۾ پنهنجون عبادتگاهون تعمير ڪرڻيون پونديون. شايد تہ مذهب لاءِ هي ڏکيا ڏينهن اصل ۾ چڱائيءَ جا ڏينهن آهن. هاڻي مذهب کي نئين حقيقت سان مطابقت پئدا ڪرڻي پوندي. ڊبيراٽ، جيڪو دهريو هو چيو هو تہ "خدا جي تصور کي وسعت ڏيڻي پوندي" هن سچ چيو هو. اسان کي واقعي خدا جي تصور کي وسيع ڪرڻو پوندو. لارڊ مورلي چيو تہ سائنس جو وڏو ڪم اهو آهي تہ اها انسانيت لاءِ هڪ نئون مذهب تخليق ڪري. مذهب ڪڏهن بہ فنا نہ ٿيندو. اسان سدائين پاڻ کان اعليٰ هستيءَ کي ڳولهيندا رهنداسين تہ جيئن ان جي عبادت ڪيون. ماڻهو ڪائنات جي هڪ مڪمل تشريح ڪندو ۽ اها فلاسافي هوندي. ان فلاسافيءَ ۾ هو جذبات جي گرمي پئدا ڪندو ۽ اها مذهب ٿي ويندي. ائين انسان مذهب ۽ سائنس کي هڪ روح ۾ گڏ ڪري سگهي ٿو جيئن اهي ٻئي ليونارڊو، اسپينوزا ۽ گوئٽي جي روحن ۾ گڏ ٿيا هئا.

**ايريئل:** اهو ڪيئن؟

**پال:** جنهن خدا ۾ منهنجو اعتقاد آهي اهو اوائلي دور جي انسان جي تصور وارو خدا آهي. جيڪو وحشي انسان لاءِ حياتيءَ جو سرچشمو آهي جنهن مان سڀ زنده شيون پئدا ٿين ٿيون ۽ سڪون ڏيندڙ خدا زندگي آهي. تخليقي قوت آهي. سينٽ ٿامس ان کي نج عمل سڏيو. جتي مون گهرائيءَ سان نهاريو آهي اُتي مون ان بيتاب، ڦٿندڙ قوت کي ڏٺو آهي. دنيا جي هميشه هميشه واري تخليقي بيتابي ۽ تڙپ. هيريڪليس کان وٺي هيولاڪ ايلس تائين هر سنجيده شخصيت بي جان شين ۾ به حياتيءَ جي لهر کي محسوس ڪيو آهي- ايلس چئي ٿو هيءَ دنيا لامحدود ۽ زندگيءَ سان ڀريل آهي. اهو انڪشاف ڪنهن ڪيو، هيگل صحيح ٿو چئي ته خدا اهو ارتقائي عمل آهي جيڪو هر مرحلي تي تضادن ۾ ورهائجي ٿو وڃي ته جيئن وڌيڪ ارتقا تي سگهي. برگسان صحيح چيو هو ته زندگي ۾ اهي چونڊ به راز آهن، برگسان غلط چيو هو، زندگي ۽ مادي ۾ سنو تضاد ڪونهي: پر ان ۾ داخلي قوت جو مظهر آهي.سائنس ڪيو!

جنهن لاءِ سمجهندا آهيون ته ان اسان کان حسن ۽ چڱائي کسي ورتي آهي. اهو انڪشاف ان ئي ڪيو آهي."

طبعيات ۽ حياتيات اسان کي خدا جو نئون تصور ڏيندي. طبعيات هرهڪ ذري ۾ تمام وڏي قوت ڳولهي آهي. حياتيات اسان کي ارتقا جي معجزي کان آگاهه ڪيو آهي. مذهب سچ چيو آهي ته دنيا جي سڀ کان اهم حقيقت تخليقي قوت آهي يعني اها زندگي جنهن کان سواءِ بقول اسپينوزا ڪابه شيءِ وجود ۾ اچي نٿي سگهي. اسپينوزا سچ چيو هو ته سڀ شيون ڪنهن نه ڪنهن انداز سان زنده آهن. شوپنهار ۽ تنشي صحيح هئا ته مادي جي پنيان عزم ٿو ڪم ڪري. هيگل صحيح چيو آهي ته سيني شين ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجن صلاحيتن جي تڪميل جو عزم لڪل آهي. ارسطو سچ ٿو چئي، ته ان جي ڪري ئي هر شيءِ پنهنجي پوري تڪميل حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندي آهي. برگسان صحيح چيو هو ته زندگي ۽ چونڊ اهي به زندگي جا راز آهن پريرگسان اهو غلط چوندو هو ته مادو ۽ زندگي به متضاد حقيقتون آهن.

مادو زندگيءَ جي شڪل آهي، مصيبت ۾ ان داخلي قوت جي زندگي هڪ آرزو آهي جيڪا ليمارڪ جي حياتياتيءَ واري فلاسافيءَ ۾ عضون پنيان عضوا تخليق ڪندي آهي.

منهنجو مذهب سائنس آهي. ارتقا جو نظريو منهنجي خدا جي وجود جو ثبوت آهي. اهو سڀ ڪجهه ڪيئن ٿي وجود ۾ اچي سگهيو. اهو سڀ ڪجهه انجيل جي ڪهاڻين، جيڪي علامتن ۽ شاعريءَ جي ڪري سچ ڪان به وڌيڪ سچيون ٿيون لڳن. انهن وانگر ناقابل يقين هجي ها. ارتقا ڪي ڊارون جي نظريي سان نه ڏسو ان ڪي ليمارڪ، شوپنهار ۽ نتشي جي نظر سان ڏسو ته حياتيءَ ڪي ماحول تشڪيل نٿو ڏئي پر حياتي ماحول تي اثرانداز ٿي ٿئي. جنهن جو روح ۽ بقول اسپينوزا هڪ ڪڏهن به پوري نه ٿيندڙ خواهش آهي. ڇا اوهان حقير نطفي ڪي بلندين ڏانهن اسرندو ۽ پوءِ آئن اسٽائن، اناطول فرانس ۽ ايڊسن جي صورت اختيار ڪندو ڏسي. هن جنسار ڪي خدا جو لباس چو نٽا سمجهو. اسين ڪيڏا عجيب جاندار آهيون. اسان پاڻيءَ تي قوتي جيئن پئدا ٿا ٿيون ۽ پوءِ ختم ٿا ٿي وڃون، دنيا جي اقتصادي ميدان ۾ وڙهون ٿا. قتل ٿا ڪيون، ڪڏهن موسيقي ۽ شاعريءَ جا شاهڪار ٿا تخليق ڪيون ته ڪڏهن پنهنجن ٻارن ۽ نسل لاءِ جان ٿا ڏيون. اسان جو بلندين ڏانهن سفر اجا هاڻي شروع ٿيو آهي. اسان پنهنجي ترقيءَ جي اجا بلوغت واري دور ۾ آهيون. هر شيءِ اسان جي چوڌاري ۽ اسان جي اندر ۾ مڪڙين وانگر نٽڙي پئي آهي. اسان هن مهل تائين جيڪي ڪيو آهي سو شاهد آهي ته اسين اڳتي ڇا ڪرڻ وارا آهيون. ڪنهن به نظريي اسان ڪي ٿڪايو نه آهي ۽ نه ئي اسان جي تشريح ڪري سگهيو آهي. اوهان ان ڪي شاعري ۽ جذباتيت چئي سگهو ٿا. پر مان جڏهن ڪنهن سائي ٻوٽي ڪي ڌرتيءَ مان ڦٽندو ڏسندو آهيان ته چوندو آهيان ته هي خدا آهي. ڪنهن ماءُ جي هنج ۾ ٻار ڪي ڏسندو آهيان ته چوندو آهيان ته هي خدا آهي. اها رڳو هڪ ماءُ نه هوندي آهي ۽ نه ئي ڪنهن عقيدي جي علامت هوندي آهي پر هوءَ ان تخليقي قوت جي علامت هوندي آهي جيڪا هر سرشتي جي پنيان لڪل آهي، جيڪا، جيئن ڊانتي چيو آهي: ”زمين ۽ ٻين سيارن ڪي حرڪت ۾ آڻي ٿي.“

**اينڊريو:** اوهان جو خدا جو جيڪو تصور آهي ان جي جنس جي باري ۾ چئي نٿو سگهجي. خدا کي زندگيءَ جهڙو سمجهڻ هن کي شخصيت کان محروم ڪرڻ آهي. خاص ڪري اوهان هن کي مامتا ۾ ٿا ڏسو. شايد برنارڊشا کان متاثر ٿي اوهان خدا کي ماءُ سمجهڻ لڳا آهيو.

**پال:** نر ۽ ماديءَ جو تفاوت پوءِ پيدا ٿيو، جيڪو مٿاڇرو آهي. شخصيت به پوءِ آئي ۽ اها به اجا وڌيڪ مٿاڇري آهي. خدا انهن کان مٿاهون ۽ انهن جي ويجهو آهي. خدا سان شخصيت کي منسوب ڪرڻ خدا کي انساني روپ ۾ آڻڻ واري خودپرستي آهي. ان لاءِ اسان کي وري زينوفينس کي پڙهڻ گهرجي جنهن جي خيال ۾ شخصيت جي معنيٰ الڳ وجود آهي جنهن کي پنهنجو ڪردار ۽ ارادي جي صلاحيت هجي ۽ خدا الڳ ۽ جزوي ٿي انا نٿو سگهي. خدا ڪائناتي قوت ۽ روح آهي. جنهن جا اسان جون ننڍيون ننڍيون اناؤن حصا آهن. خدا کي شخصيت ڏيڻ خدا کي محدود ڪرڻ آهي. اسين جڏهن سچ لاءِ مذڪر جو صيغو استعمال ٿا ڪيون ته پوءِ ان لاءِ مذڪر جو صيغو استعمال ڇو نه ڪيون جيڪو اسان جي خيال ۾ سڀني شخصيتن جو ماخذ آهي انڪري مان خدا لاءِ مذڪر جو صيغو استعمال ڪندس.

برنارڊشا صحيح چيو آهي ته نر تخليق جو هڪ حادثاتي واسطو آهي جڏهن ته مادي زندگيءَ جي تسلسل جي سڌي سنئين ذميوار آهي. هوءَ جسماني تخليق جو مجسمو آهي ۽ رڳو جينيئس ئي هن جي برابر ٿي سگهي ٿو جيڪو روحاني تخليق جو وسيلو ۽ نون قدرن ۽ علم جو خالق هوندو آهي. ماءُ ۽ جينيئس کان مٿاهون خدا آهي. ڪامٽي جو خيال غلط هو ته انسانيت خدا آهي. جيڪو انسانيت کي ڄاڻي ٿو اهو ڪڏهن به ان کي پرتش جي لائق سمجهي نٿو سگهي. اسان گهٽي ياڳي خام مواد آهيون. اهڙي عمارت جو سرون آهيون جنهن جي نقشي کي سمجهي نٿا سگهون. بلندين ڏانهن اسرڻ جي اذيتناڪ خواهش يا جينيئس جي تخليق جي درد وارين گهڙين ۾ اسان خدا کي محسوس ڪندا آهيون اها ڪيفيت به جوڻ مٿانئڻ ۽ صليب تي چڙهڻ جي برابر آهي. خدا کي هڪ خارجي حقيقت مڃڻ سان ارادي جي آزادي ۽

جينيئس رڳو نظر جو دوکو تو تي پئي ۽ جيڪڏهن اسان ڪائنات کي مشين سمجهون (ڪائنات کي مشين سمجهڻ ڪالونزم Calvinism کي صنعتي لباس پارائڻ برابر آهي)، تہ پوءِ ارادي جي تمام توري آزادي ۽ جينيئس ۾ تاثير پئدا ڪري سگهڻ جا امڪان پئدا تي تا پون. جيڪڏهن خدا اسان جي اندر ۾ ان مستقل زندگيءَ جي صورت ۾ موجود آهي جيڪا هڪ ذري مان فيدياس Pheidias جي فن، مسيح جي الهام جي تخليق جو سبب تي بڻجي، تہ پوءِ هي مادي شيءِ کي زندگيءَ جو لباس، ۽ اوائلي انسان وانگر هرهڪ وڻ، حيوان، محبت، پئدائش، ذهن ۽ روح جي هر عظمت. زوال ۽ موت ۾ خدا کي ڏسي تا سگهون. جز جي حيثيت ۾ ڪُل ۾ شامل تي زندگيءَ جي نشونما کي هٿي ڏيئي تا سگهون. جيڪڏهن اسان ائين ڪيو تہ اها خدا جي عبادت هوندي.

اينبريو: اوهان جون ڳالهيون شاعراڻيون ۽ حقيقت کان پري آهن، اهڙي زندگيءَ کي خدا سمجهڻ لاءِ هر سائنسدان اوهان تي کلندا جيڪا سنڌيانا جي چوڻ مطابق هڪ گولي جي حرارت جي گهٽجڻ، وڌڻ ۽ هوا ۾ آڪسيجن جي گهٽجڻ سان ختم تي وڃي تي، ۽ هر نيڪ ماڻهو ان ڳالهہ تي کلندو تہ اوهان خدا کي آسمان ۾ نہ پر گلن، ڪنڊن جانورن، تلهن مائن ۽ گدلن بارن ۽ موسيقي جي تاريخ جي عظيم عطائي موسيقار رچرڊ واگنر جي موسيقي ۾ تا ڏسو.

پال: واگنر کي وساريو ۽ مسيح کي ياد ڪيو. منهنجي مذهب ۾ بہ عنصر هوندا، زنده خدا ۽ بيو انسان مسيح، جيئن اوائلي مسيحيت علامتي طور مسيح کي خدا جو اوتارن مڃيو. زندگيءَ جي سڀ کان عظيم تخليق فڪر نہ پر محبت آهي. انساني جينيئس جو سڀ کان وڏو ڪارنامو شيڪسپيئر جا ڊراما، پارٿينن جا بت خانا نہ آهن پر مسيح جو اخلاق آهي. ماءُ پيءُ جيڪا پر گهور تو لهي ان کان پوءِ هي نيڪيءَ جي بهترين قوت آهي. مون کي خبر آهي فلپ! تہ اوهان مسيح جي اخلاق کي ناقابل عمل تا سمجهو. پر اوهان پاڻ اسپنوزا جي اخلاق جو آخري جملو بڌايو هو تہ ”سڀ سنا ڪم ڏکيا ۽ اڻ تيڻ جهڙا هوندا

آهن.“ ڪنهن ڪم کي ڏکيو چوڻ ان تي اعتراض نہ سمجهڻ گهرجي. اخلاق لاءِ ضروري آهي تہ اهو اسان کي جبلتن کان بلند ڪري، تهذيب ۽ گڏيل سهڪار کي ممڪن بڻائي. مسيح جو نظريو ڇا آهي؟ هن جو نظريو آهي تہ وچون رستو اختيار ڪيو. ڇا اعتدال ڏکيو ۽ ناقابل عمل آهي. اهو تہ اسان جي هڪٻئي سان تعلق جو بنياد آهي. مون ڏٺو آهي تہ جتي مان بچاءُ ٿو ڪيان اتي جهيڙو وڌي ٿو. جتي مان رحمدلي ٿو ڏيکاريان اتي ان جي بدلي ۾ مون کي هزارين نعمتون ٿيون ملن. جتي بہ مون محبت کان ڪم ورتو اتي مون کي ڪاميابي ٿي. منهنجي خيال ۾ دهريو اهو آهي جيڪو زندگيءَ جي اوسر جو منڪر آهي ۽ مسيحي اهو آهي جيڪو مسيح جي اخلاقي نظام تي سچيءَ دل سان عمل ٿو ڪري.

پال: ائين چو نہ ٿو تي سگهي تہ جيئن ڪن ڳالهين تي اسان اختلاف ٿا ڪيون تيئن ڪن ڳالهين تي اتفاق ڪيون. اسان جو رڳو اکرن تي اختلاف آهي. اسان کان اڳ واري نسل بہ اهي ئي ڳالهيون ٿي ڪيون جيڪي اسان ٿا ڪيون. هنن بين اکرن ۽ علامتن ۾ اسان واري ڳالهہ ڪئي هئي تہ زندگيءَ جو احترام ۽ ڪُل سان وفاداري ڪيو. هاڻي جڏهن اختلافن جي جنگ ختم ٿي آهي تڏهن خبر پئي آهي تہ اسان هڪ ٻئي جي ويجها هئاسين ۽ هاڻي بہ هڪ ٿي ويا آهيون. منهنجي تصور جي مثالي گرجا ۾ هرڪو ماڻهو جنهن جو اعتدال ۾ يقين آهي شامل ٿي سگهي ٿو. اوهان سڀ ان ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. فلپ بہ ٿي سگهي ٿو جيڪو مسيح جي تعليم کي ناقابل عمل ٿو سمجهي. اينڊريو بہ جيڪو پاڻ کي مشين ٿو سمجهي. ڪليرنس بہ جيڪو هر ڳالهہ تي شڪ ٿو ڪري پر هر شيءِ سان پيار ٿو ڪري. اها گرجا حسن ۽ حق ۾ چڱائيءَ جو احترام ڪندي. هر فن جي اشاعت ڪندي. سڀ گرجاؤن بالغن جي تعليم جا مرڪز هونديون. جي سائنس، تاريخ، ادب فلاسافي، موسيقي ۽ فن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري وڏي عمر جي

انهن ماڻهن کي پڙهايو ويندو جيڪي علم حاصل ڪرڻ لاءِ اجا پوريءَ عمر جا آهن. جتي پائپيءَ کان سواءِ علم بيڪار هوندو. هر قسم جي اختلاف جي اجازت هوندي رڳو ان هڪ ڳالهہ تي اختلاف نہ هوندو تہ پيار ئي سڀ کان وڏي دانش آهي.

ايريئل: هتي هي بحث ختم ٿا ڪيون. هن ڪتاب گهر ۾ جتي سوين سرزمينن جي عظيم دماغن جي دانش موجود آهي اسين اقرار ڪيون تہ اسين پائر آهيون. مذهب ۽ پائپي هڪ ئي سچ جا ٻہ نان ۀ آهن. ڪنفيوشس، ٻڌ، يسعياه ۽ مسيح، اسپينوزا ۽ وٽمين هڪ ئي مذهب جا پيغمبر هئا. هنن جي تعليم ۾ جيڪي هڪ جهڙيون ڳالهيون هيون جيڪڏهن اسان اُهي مڃون تہ اها اسان لاءِ تمام وڏي ڳالهہ ٿيندي.

## موت ۽ زندگي

ڇا اسان هڪ باب ۾ انساني زندگيءَ جي هيڏي وڏي منظرنامي ۾ سموئي سگهون ٿا؟ اهو ناممڪن آهي، زندگي اسرار آهي. اهڙو درياه آهي جنهن جي خبر ڪانهيءَ تہ ڪٿان ٿو نڪري. جيڪا اوچتو اسري ايتري تہ ڳتيل ۽ منجهيل ٿي ٿئي جو ان کي سمجهڻ ڏکيو ۽ بيان ڪرڻ ناممڪن آهي. پرپوءِ بہ ان سان لاڳاپيل رهڻ جي خواهش اسان کي اڳتي وڌڻ تي وجي. تجربي ۽ تاريخ جي هن صحرا جو نقشو چٽڻ، ماضيءَ جي ڪڏهن جهڪي ۽ ڪڏهن تيز روشني مستقبل تي وجهڻ، احساس ۽ خواهش جي انتشار کي اهميت ۽ مقصديت ڏيڻ. ان جي وهڪري جي رخ جو اندازو لڳائي ان کي قبضي ۾ آڻڻ، اها ڪڏهن تہ اجهامڻ واري مابعد الطبعياتي اڄ اسان جي قابل اعتراض نسل جي رخن جو هڪ اعليٰ رخ آهي، ان ڪري اسان هن باب ۾ ڪوشش ڪنداسين، پوءِ اها ڪٽي اجائي ئي ڇو نہ هجي، تہ اسان زندگيءَ کي تڏهن کان وٺي جڏهن کان اسان پڇڻ کان سواءِ اسان کي دنيا ۾ اڇلايو ويو هو ۽ تيستائين جيستائين زندگيءَ جو ڦيٿو بيهي رهندو، ان ساري پسمنظر ۾ ڏسون.

**نتيجو:**

والٽ وٽمين چئي ٿو ته "بحث کان پوءِ نندن ٻارن جو هڪ ٽولو داخل ٿيو. هنن جي ٻاراڻي انداز ۾ ڳالهين منهنجي ٿڪل اعصابن ۾ ٻرندڙ ٻُت تي پوندڙ ٿڌي پاڻيءَ جهڙيون لهرون پيدا ڪيون".

اسان ٻارن کي ان لاءِ پسند ڪندا آهيون جو هو اسان جا ۾ اسان جي شخصيت جو تسلسل هوندا آهن. هنن ۾ ڪي اهڙيون وڻندڙ خاصيتون هونديون آهن جيڪي اسان ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ بہ پنهنجو پاڻ ۾ پيدا ڪري نہ سگهندا آهيون. هنن جي سادگي ۾ سندن بي ساختہ حرڪتون اهڙيون خاصيتون آهن جيڪي فلاسافر وڏي ڪوشش ۾ پنهنجو پاڻ تي ضابطو رکڻ سان پاڻ ۾ ٻيهر پيدا ڪري سگهندا آهن. اسان هنن جي منافقت کان پاڪ گفتگو پسند ڪندا آهيون. جيڪڏهن اسين ڪين ڪونہ وڻندا آهيون تہ هو اسان ڏانهن ڪوڙي مرڪ سان بہ ڪونہ نهاريندا آهن. ٻار ۽ احمق هميشہ سچ ڳالهائيندا آهن ۽ اهڙي خلوص ۾ هنن کي راحت ملندي آهي. تازي چاول ٻار ڏانهن نهاريو، گدلو پر حيرت انگيز، ڪل جهڙو پر بيشمار امڪانن ۾ ان ازلي اسرار يعني زندگيءَ جي وڌڻ ۾ ويجهڻ جي صلاحيتن سان ڀريل، ڇا اوهان اهو تصور ڪري سگهو ٿا تہ آواز ۾ سور جي هي ڳنڙي ڪنهن وقت ۾ محبت، فڪر، دعا، سُور، تخليق ۾ موت جي رمزن سان آشنا ٿيندي؟ هو رئندو آهي جو هيتري وقت تائين هو ماءُ جي پيٽ ۾ آرام سان ستل هو هاڻي هن کي ساهہ کڻڻ لاءِ مجبور ڪيو ٿو وڃي ۾ ساهہ کڻڻ سان هن کي تڪليف ٿي ٿئي. هو روشني کي ڏسي ٿو جيڪا کيس تڪليف ٿي ڏئي، هو گوڙ ٻڌڻ لاءِ مجبور آهي جنهن سان هو بي چين ٿو ٿئي، هن کي سيءُ ٿو لڳي جنهن سان هن کي بي آرامي ٿي ٿئي. قدرت هن کي دنيا جي انهن حملن کان بچائڻ لاءِ کيس گهٽ حساس ناهيو آهي. هن کي روشني گهٽ نظر ايندي آهي، آواز گهٽ ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ائين جڻ پريان کان پيو اچي ۾ هن جو گهڻو وقت ننڊ ۾ گذرندو آهي.

هن جي ماءُ کيس پولڙو چوندي آهي. گهمڻ سکڻ کان اڳ هو پولڙي جهڙو هوندو آهي ۾ پوءِ ماڻهو ٿيندو آهي. ٿورو سوچيو تہ ڪيئن

هو شين کي جهلي ۽ ڇهي دنيا جي واقفيت حاصل ڪندو آهي. هن لاءِ دنيا ڳجهارت آهي ۽ اها ڳجهارت پڃڻ لاءِ قدرت هن ۾ علم حاصل ڪرڻ جي هوس پئدا ڪئي آهي ۽ هو هر شيءِ کي ڏسندو ۽ چکندو آهي.

هي ٻار اسان جي فلسفي جي شروعات ۽ انت تي سگهي ٿو. هن جي ڄاڻ لاءِ اورا ڪورا ۾ اسان جي مابعد الطبعيات جو راز لڪل آهي، هن کي پينگهي ۾ يا فرش تي ريڙهيون پائيندو ڏسون ٿا ته اسان لاءِ زندگي رڳو تصور نٿي رهي پر اهڙي رواني‌ءَ واري حقيقت ٿي ٿي پوي جيڪا اسان جي مقرر ڪيل درجي بندي ۽ اصولن کي غلط ثابت ڪري، هي وڏڻ جو عزم، هي لڳاتار ڪوشش ۽ تعمير، هي ٻي وسيءَ مان طاقت ۾ اچڻ، ڪچي وهيءَ مان بالغ ٿيڻ ۽ حيرت مان حڪمت تائين پڄڻ، اها ارتقا ئي فلاسفرن جي حقيقتِ مطلق آهي جنهن کي جدا جدا فلاسفرن جدا جدا نالا ڏنا آهن، هن کي ڏسي اسان مادي جي وزن ۽ مشين جي ڦيٽن جي بدران شين جي اصل حقيقت جي ويجهو پڄي ويندا آهيون. زندگي بي تابي آهي. جيڪا ڳولهي ۽ پاڻ پتوڙي ٿي ۽ جيڪا آخر تائين وڙهندي ٿي رهي.

**جواني:**

ننڍپڻ کي اسين راند جو زمانو چئي سگهون ٿا انکري ڪن ٻارن ۾ ننڍپڻ نه هوندو آهي ۽ کي جوان ڪڏهن به پوڙها نه ٿيندا آهن. جواني، راند کان عمر ڏانهن ۽ ڪٽنب جي محتاجيءَ کان پاڻ تي ڀاڙڻ طرف وڌڻ جو نالو آهي. ان عمر ۾ اچڻ سان ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ انتشار پئدا ٿيندو آهي ڇاڪاڻ ته دنيا ۾ هر خواهش پوري نه ٿيندي آهي. دنيا ۾ داخل ٿيندي ئي نوجوان آزاديءَ جي مستيءَ ۾ مست ٿي دنيا کي زير ڪرڻ ۽ ان کي پنهنجي مرضيءَ مطابق بنائڻ لاءِ ميدان ۾ لهندو آهي. ڊيموسٿينز چيو هو ته سٺي خطابت جا ٽي اصول آهن: عمل- عمل ۽ عمل، اها ڳالهه جوانيءَ سان به لاڳو ٿئي ٿي. جوان ماڻهوءَ ۾ ديوتا جهڙي خود اعتمادي هوندي آهي. هو ڪاڏي کان وڌيڪ خطري کي پسند ڪندو آهي، هو وڏاءَ وارن ڳالهين ۽ غير محدود فضائن جو شوقين هوندو آهي ۽ پنهنجي اڻ مئي قوت جي اظهار لاءِ نت نوان

وسيلا ڳولهيندو آهي. خطرو هن کي زندگيءَ جي هر شيءِ کان وڌيڪ پيارو هوندو آهي.

نوجوان پابندين کي مجبوريءَ سان قبول ڪندو آهي. شور ۽ گوڙ هن جي زندگي هوندو آهي پر ڪيس ماٺ رهڻ لاءِ چيو ويندو آهي. هو ڪجهه ڪرڻ گهرندو آهي پر هن کي آرام سان ويهڻ جي نصيحت ڪئي ويندي آهي. هن جو رت جو دورو هن کي سرمستيءَ لاءِ اُڀاريندو آهي پر ماڻهو هن کي بردباريءَ ۽ اعتدال لاءِ چوندا آهن. هي اُبتا پير کڻڻ جي عمر آهي ۽ هن جو اصول آهي تہ ابتا پير کڻڻ کان سواءِ ڪاميابي حاصل ٿي نٿي سگهي. نوجوان ڪڏهن بہ ٿڪبو نہ آهي. هو اڄ ۾ جيئندو آهي، ڪالهہ تي افسوس نہ ڪندو آهي ۽ سڀاڻ کان ڊڄندو نہ آهي. هو وڏي بي ڊپائيءَ سان اهڙي پهاڙ تي چڙهندو آهي جنهن جو پريون پاسو ڏسڻ ۾ نہ ايندو آهي. هيءَ حواسن سان حاصل ٿيندڙ تيز چهائڻ ۽ ڪڏهن بہ ٽڏيون نہ ٿيندڙ خواهشن جي عمر آهي. هن جي تجربن ۾ وري وري ورجائڻ ۽ مايوسين سان ڪڙاڻ پئدا ڪانہ ٿيندي آهي ۽ تجربو هڪ اعليٰ شيءِ هوندو آهي. هن عمر ۾ هر گهڙي پياري هوندي آهي. دنيا جو هڪ جمالياتي رخ آهي جنهن مان تمام گهٽو مزو ماڻي سگهجي ٿو جنهن لاءِ شاعري ڪري سگهجي ٿي ۽ پنهنجي قسمت تي ناز ڪري سگهجي ٿو.

خوشي جوانيءَ وانگر چڙواڳ جبلتن جي راند آهي. اسان مان گهٽا ماڻهو ان دور ۾ ئي جيئندا آهن. چاليهن ورهن ۾ هو ان دور جو يادگار ٿي ويندا آهن، هڪ شعلي جي وساٽيل رک! زندگي جو الميو هي آهي تہ زندگي اسان کي ان وقت سمجهہ ۾ ايندي آهي جڏهن جواني ڦري وئندي آهي.

صحت ڪم سان حاصل ٿيندي آهي ۽ جوانيءَ کي حسن بخشيندي آهي. مصروفيت سان اندر جو سڪون ملندو آهي. اسان کي خدا کان دولت گهرڻ جي بدران ڪم ڪري سگهڻ جي طاقت گهرڻ گهرجي. ٿورو چيو هو تہ ڌرتيءَ جي تصوراتي جنت ۾ هر ڪو پنهنجو گهر پاڻ ٺاهيندو ۽ دلين ۾ وري نغما ڦٽندا جيئن آکيرو ٺاهڻ واري پکيءَ جي دل ۾ نغما ڦٽندا آهن. اسان پنهنجو گهر پاڻ ٺاهي نٿا سگهون

تہ گهٽ ۾ گهٽ هلي ڦري ۽ ڊوڙي تہ سگهون ٿا. اسان کي ڪڏهن بہ ايترو پوڙهو ٿيڻ نہ گهرجي جو اسان پاڻ راند ڪيڏڻ جي بدران ٻين کي راند ڪيڏندو ڏسون. راند دعا وانگر ضروري آهي ۽ ان جا نتيجا لازمي نڪرن ٿا.

ان ڪري نوجوان جڏهن ڪلاس روم کان راند کي ۽ ويهہ سال کان فلسفي کي وڌيڪ سمجهندو آهي تہ عقلمندي ڏيکاريندو آهي. جڏهن هڪ اکين تي چشمو چاڙهيل چيني ٔ آمريڪي يونيورسٽن لاءِ چيو تہ هي ڪسرت جا آکاڙا آهن. اسان سمجهو هن اسان جي يونيورسٽين جي خلاف ڳالهہ نہ ڪئي هئي. پر هن اسان جي يونيورسٽن جي فائدي ۾ ڳالهہ ڪئي هئي. هر ڏاهي ماڻهوءَ کي افلاطون وانگر ڪسرتي هئڻ گهرجي. جي هو ڪسرتي نہ آهي تہ پوءِ هن جي فلاسفيءَ تي بہ شڪ ڪرڻ گهرجي. نٽشي چيو هو تہ شريف ماڻهوءَ لاءِ ضروري آهي تہ هو پورو حيوان هجي، ان بنياد تي ئي تعليم جي عمارت بيهارڻ گهرجي جسماني صحت جي سڪيا. دماغي صحبت جيتري ئي ضروري آهي.

انهيءَ وچ ۾ اسان جو نوجوان تعليم حاصل ڪرڻ شروع ٿو ڪري. هن کي خبر تي پئي تہ اها تعليم هو ڪيئن ۽ ڪٿان حاصل ڪري جنهن جي هن کي اڳتي هلي ضرورت پوندي، جيڪا ڪاليج جي سيني علمن مان اعليٰ آهي. ڪتابن مان حاصل ڪيل علم تيستائين اجايو آهي. جيستائين اهو زندگيءَ ۾ ڪم نٿو اچي ۽ اهڙو علم ئي ماڻهوءَ جي خواهشن ۽ اُٿي ويهڻيءَ تي اثرانداز ٿئي ٿو. اها زندگي آهي جيڪا سيکاري ٿي ۽ شايد تہ زندگيءَ ۾ محبت سڀ کان وڌيڪ سيکاري ٿي.

اوچتو بلوغت اچي ٿي وڃي. نوجوان جي لاپرواهيءَ واري عمل مان بي ساختگي ختم ٿي ٿي وڃي ۽ متس پريشانين جا پاچا پوڻ شروع ٿا ٿين، ڇوڪري پنهنجو گهڻو وقت ۽ پئسا پاڻ کي سينگارڻ سنوارڻ ۾ خرچ ٿي ڪري، ڇوڪرو منهن ڌوئڻ ۽ بوٽ کي پالش ڪرڻ ۾ پورو هوندو آهي. هن جي اڌ ڪمائي ڇوڪريءَ تي ۽ اڌ ڪمائي

درزيءَ تي خرچ ٿيندي آهن. ڇوڪري شرمائڻ جو انداز سکي ويندي آهي ۽ ڇوڪرو حسن جي ساٿ ۾ ائين گهمندو آهي. ”ڄڻ هن جون ڄنگهون هن جون پنهنجون نہ آهن. پر ورتل آهن.“

جنس جي وڌندڙ شعور سان ذهن ترقي ڪندو آهي. جبلتن جي جاءِ سوچ ۽ عمل جي جاءِ فڪر وٺندو آهي. نوجوان هر شيءِ جو معائنو ڪندو آهي ۽ ان جي وجود ۾ اچڻ ۽ ان جي مقصد تي ويچاريندو آهي. هن جي ذهن ۾ سُر، شين جي اصل حقيقت ۽ ارتقا، تقدير، روح ۽ خدا لاءِ سوال اُڀرندا آهن. ذهن ۾ ڦوڪٽا پيا ڦوڪبا آهن. هر لفظ ۽ سوچ جون ڪيتريون نئي معناؤن هونديون آهن. هو بالغ تي لفظن سان کيڏندو آهي ۽ ڇوڪري هروڀرو ٺهڪڙا ڏيندي آهي. جذبن سان ڀريل دل نغمن ۽ ناچ جي روپ ۾ ٿڙندي آهي. جمالياتي احساس جي پنيان خواهشون اُڀرنديون آهن ۽ اهڙيءَ طرح موسيقي ۽ ٻيا فن جنم وٺندا آهن.

دنيا ڪي ڳولهي لهڻ واري عمل ۾ هو شر کان واقف ٿيندو آهي ۽ ماڻهوءَ جي اصل فطرت ڏسي ڏڇي ويندو آهي. هن جو خاندان سهڪار ۽ محبت تي ٻيڻل هو. هيٺي جي مدد ڪئي ويندي هئي ۽ آمدني پاڻ ۾ وراهيي هئي پر هن کي خبر پوندي آهي تہ سوسائٽي ڇٽا پيٽي، جيئڻ جي جنگ، هيٺي جي خاتمي ۽ طاقتور جي زنده رهڻ واري اصول تي ٻيڻل آهي. هي سڀ ڏسي هو پريشان ٿيندو آهي ۽ بغاوت ڪندو آهي ۽ دانهون ڪندو آهي تہ اچو تہ هن دنيا کي هڪ خاندان بڻايون جيڪو هن کي گهر وارو تحفظ ۽ ڀائپيءَ وارو ماحول ڏي ۽ اهڙي طرح هن جي ذهن ۾ اشتراڪيت جنم وٺندي آهي. پر ٿوري وقت کان پوءِ ڇٽاپيٽيءَ جو نشو هن جي رت ۾ شامل ٿي ويندو آهي ۽ دولت جي هوس ۾ هو هٿ پير هڻڻ شروع ڪندو آهي. بغاوت ختم ٿيندي آهي ۽ ڇٽاپيٽي جاري رهندي آهي.

آخر ۾ هو محبت ڳولهي لهندو آهي. ان کي ”وَڃ واري محبت“ چوندا آهن جيڪا ننڍپڻ ۾ بہ معصوميت ۽ شدت سان محسوس ڪئي ويندي آهي پر هاڻي ان محبت ۾ روح ۽ جسم ٻنهي جي خواهش شديد ٿي ويندي آهي. هي ڇوڪرو ڇوڪري جن جي دلين ۾ محبت جنم ورتو آهي اوهان ٿورو انهن ڏانهن ڏسو، ڇوڪريءَ جي اندر ۾

زندگيءَ جي لهر پئدا ٿيندي آهي هن کي هن جي اندر جي تخليق جو شعور ٿيندو آهي تہ هوءَ يڪدم سنجيده ٿي ويندي آهي. جڏهن تہ ڇوڪرو بي چين ۽ بي تاب ٿي ويندو آهي ۽ وڏي صبر سان ڇوڪريءَ جي دل کي جيتڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. زندگيءَ جو هي حسن دنيا جي سيني خرابين تي حاوي آهي. اهوئي اسان جي تهذيب جو معراج آهي.

جيڪڏهن ڇوڪرو سمجهدار آهي تہ هو محبت کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏيندو، ڇوڪريءَ جي دل جيتڻ لاءِ محبت ۽ احتياط کان ڪم وٺندو ۽ دل جي نغمن سان شادي ڪندو. هو زندگيءَ جي هر رُخ کي محبت جي تابع ڪندو. عقلمندي جيڪڏهن جوان هوندي تہ اها محبت جي پرورش ڪندي، پاڻ ارپيندي ۽ قربانيءَ سان ان ۾ گهرائي پئدا ڪندي، ٻارن جي پئدائش سان ان کي مضبوط ڪندي ۽ سيني شين کي ان جي زير ڪندي تان جو زندگي پنهنجي انت کي پهچندي. محبت جيتوڻيڪ اسان کي ڳاري ۽ المناڪ نتيجن سان اسان کي تباهہ تي ڪري، هجر جي غم ۾ اسان کي جهوري ٿي. پر پوءِ بہ محبت جو مقام سڀ کان اعليٰ آهي.

**پڪي عمر:**

نوجوان جي شادي ٿيندي آهي ۽ جواني پڄاڻيءَ تي ايندي آهي.

مڙد ۽ عورت شاديءَ جي ٻئي ڏينهن تي پنهنجي عمر پنج سال وڌائي ڇڏيندا آهن. حياتياتي لحاظ کان پڪي عمر شاديءَ سان ئي شروع ٿي ويندي آهي. لاپرواهي ختم ٿيندي آهي ۽ محنت ۽ ذميواريءَ جو دور شروع ٿيندو آهي. جذباتيت جي جاءِ تي سماجي حد بندين ۽ شاعريءَ جي جاءِ نثر وٺندي آهي. پڪي وهي جدا جدا ملڪن ۾ جدا جدا عمرن ۾ شروع ٿيندي آهي ۽ محنت ۽ مقامي ريتن ۽ آب و هوا سان ايندي آهي. اڄڪلهہ جي شهرن ۾ شاديون دير سان ٿينديون آهن پر ڏکڻ ۽ اوير ۾ شادي جلدي ٿيندي آهي ۽ اسٽينلي هال چيو آهي تہ جيڪي نوجوان تيرهن ورهن ۾ شادي ڪندا آهن اهي ٽيهن سالن جي عمر ۾ پوڙها ٿي ويندا آهن. ۽ پوءِ .... طاقت جون دوائون کائيندا آهن. گرم ملڪن ۾ عورتون ٽيهن سالن ۾ پوڙهيون ٿي وينديون آهن. هيءَ ڳالهہ

گهٽي ياگي صحيح آهي تہ جيڪي ماڻهو دير سان بالغ ٿيندا آهن اهي دير سان پوڙها ٿيندا آهن، اسين جيڪڏهن جنسي بلوغت کي اقتصادي خود اختياري جي زماني تائين وڌايون تہ اسين جوانيءَ کي ۽ تعليم جي زماني کي ڏگهو ڪري ماضيءَ کان وڌيڪ سني تهذيب پيدا ڪري سگهون ٿا. زندگيءَ جي هر دور جون پنهنجون چڱايون ۽ منداثيون، فرض ۽ مزا هوندا آهن. ارسطوءَ اعتدال کي ڪمال ۽ وڏي عقلمندي چيو آهي، ائين اسان جواني، بلوغت جي خصلتن جي فهرست ٺاهي سگهون ٿا:

| جواني | پڪي عمر | پوڙهائپ |
|---|---|---|
| جبلت | اندازو | چوند |
| نواڻ | عادت | رسم |
| ايجاد | عمل | رڪاوٽ |
| راند | ڪم | آرام |
| فن | سائنس | مذهب |
| تصور | ذهن | يادگيري |
| مفروضو | علم | ڏاهپ |
| رجائيت | اميد | ياسيت |
| انقلاب پرستي | حريت پرستي | رجعت پرستي |
| مستقبل جي باري ۾ سوچ | حال جي باري ۾ سوچ | ماضيءَ جي باري ۾ سوچ |
| جرائت | شعور | احتياط |
| آزادي | تنظيم | اختيار |
| ڪچو ارادو | پڪو ارادو | هڪ هنڌ بيهي رهڻ |

اها فهرست تمام ڊگهي آهي. ان فهرست مان پڪيءَ عمر جي ماڻهوءَ کي ان ڳالهہ سان سڪون ملي سگهي ٿو تہ پڪي وهي وڏا ڪم ڪري سگهڻ جي عمر آهي. پنجٽيهن سالن جي عمر ۾ مڙد پنهنجي

عمر جي ڪمال تي هوندو آهي. هو پنهنجي تجربي ۽ سمجهه سان جذبات جي تيزيءَ کي تخليقي ڪمن لاءِ استعمال ڪري سگهندو آهي. شايد تہ ذهني ڪمال جنس جي پختگيءَ سان حاصل ٿيندو آهي. جيڪا ماڻهوءَ ۾ گهٽبو ڪري ٻنيهن سالن جي عمر ۾ ايندي آهي. ايلس ٿو چئي تہ انگلستان جون اعليٰ شخصيتون ان وقت پئدا ٿيون جڏهن سندن ماءُ پيءُ جي عمر ٻنيهن ۽ چوٽيهن سالن جي وچواري هئي.

اسان جڏهن مالي طرح محفوظ تي ويندا آهيون تڏهن جوانيءَ وارا باغياڻا جذبا دبجي ويندا آهن. اسان جا پير زمين تي هوندا تہ اسين زلزلن کي ضرور خراب چونداسين. اسان پنهنجي انقلاب پسنديءَ کي آزاد خياليءَ ۾ بدلائيندا آهيون. اسان جي انقلاب پسندي اسان جي بئنڪ اڪاؤنٽ جي وڌڻ سان گهٽجي ويندي آهي. جيئن جيئن اسان ماحول سان مطابقت پئدا ڪندا آهيون. تيئن تيئن اسان بنيادي تبديليءَ کان ڊڄندا آهيون جو اسان کي وري ان نئين تبديليءَ سان مطابقت پئدا ڪرڻي پوندي، چاليهن ورهن جي عمر کان پوءِ اسان جي دل چوندي آهي تہ دنيا ۾ زندگيءَ جو وهڪرو هڪ هنڌ بيهي رهي.

پڪي وهيءَ ۾ قدامت پسنديءَ جو هڪڙو سبب عقلمندي آهي. ان عمر ۾ اسان کي ادارن جي منجهيل ڪارڪردگي ۽ پنهنجن خواهشن جي خامين جي خبر پئجي ويندي آهي. ٻيو سبب اهو آهي تہ ماڻهوءَ جي طاقت گهٽبي آهي جيڪا تڪل ماڻهوءَ جي ٻي داغ اخلاقيات ۾ ظاهر ٿيندي آهي. پهريان اسين پنهنجي گهٽجندڙ قوت کي محسوس نہ ڪندا آهيون. پر پوءِ مايوس ٿي ان کي قبول ڪندا آهيون، شوپنهار واري ڳالهہ تہ پهرين اسين پنهنجي ڪمائيءَ تي پر هاڻيءَ پنهنجي موڙيءَ تي گذاريندا آهيون. پهرين اسين موت لاءِ ڪونہ سوچيندا هئاسين ۽ جي سوچيندا هئاسين تہ رڳو علمي نقطہ نگاهہ کان سوچيندا هئاسين پر هاڻي موت ويجهو ۽ اڻ ٽر لڳندو آهي، اسان ڪم ۽ لڳاتار ڪم ۽ نوجوانن جي سنگت ۾ ٿوريءَ دير لاءِ ان المناڪ حقيقت کي وساري ڇڏيندا آهيون.

پڪي وهي ڪم ۽ ٻارن جي پرگهور لهڻ ۾ سڪون حاصل ڪندي آهي. جوانيءَ جي پراميدي جڏهن وچين عمر جي تحمل ۽

احتياط ۾ بدلبي آهي تڏهن اها پنهنجن ڪيل ڪمن ڏانهن ڌيان ڏيندي آهي، دنيا کي فتح ڪرڻ جي خواهش کان لنوائيندي آهي.

جوانيءَ جو ڪم آهي تہ اها حالتن کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ نوان نوان خيال پيدا ڪري، پوڙهائپ جو ڪم آهي تہ اها اهو ڏسڻ لاءِ تہ انهن خيالن ۾ جان آهي يا نہ، انهن جي مخالفت ڪري ۽ پڪي وهيءَ جو ڪم آهي تہ اها انهن خيالن کي قابل عمل بنائڻ لاءِ انهن جي چنڊڇاڻ ڪري، جواني تجويز ڏيندي آهي. پوڙهائپ ان جي مخالفت ڪندي آهي ۽ پڪي وهي وچون فيصلو ڪندي آهي. جواني انقلاب جي دور تي، پوڙهائپ رسم ۽ رواج جي دور تي ۽ پڪي وهي تعميري دور تي حاوي هوندي آهي، تنشي چيو آهي تہ ”انسان جهنگ جي باهہ وانگر هوندا آهن، جڏهن هو وسامي ويندا آهن تڏهن فائديمند ٿي پوندا آهن، جڏهن هو پڙڪندا ۽ دونهون ڇڏيندا آهن تڏهن هو وٽندا تہ آهن پر گهڻو ڪري تڪليف ڏيندڙ هوندا آهن ۽ هنن مان ڪو فائدو ڪونہ ٿيندو آهي.“

# سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپرايل ڪجهه ڪتاب










